# نهج البلاغہ

سنڌي ترجمو

سيئي حق ۽ واسطا محفوظ آهن.

❖ ڪتاب جو نالو: نهج البلاغه (سنڌي ترجمو)

❖ ليکڪ: سيد محمد بن حسن "شريف رضي" رحمه الله.

❖ سنڌيڪار: عبدالله روحاني نجفي (دامت تاييداتہ).

❖ ڇاپو: پهريون.

❖ ڇپجڻ جو سال: ٢٠٢٥.

❖ تعداد:

❖ ناشر: مؤسسة الغدير شعبو نجف اشرف.

Foundationalghdeer@gmail.com

ملڻ جو هنڌ: مدرسة الغدير سيوهڻ، سنڌ، پاڪستان. +٩٢٣٠٠٧٠٧٤٤٧٩

مؤسسة الغدير النجف الأشرف

شعبو نجف اشرف

+٩٦٤٧٨٦٢٣٧٤١٥٣

بسم الله الرحمن الرحيم

# فهرست


سنڌيڪار جون سٽون ........................................ ۵۲

عرضِ ناشر ........................................ ۵۵

ليکڪ سيد شريف رضي رحمه الله جو ديباچو ........................................ ۵۷


## (خطبا)


١_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ آسمان ۽ زمين جي ابتدائي خلقت ........................................ ٦٩

ڪائنات جي پيدائش ........................................ ۷١

ملائڪن جي خلقت ........................................ ۷٣

آدم عليه السلام جي پيدائش جو بيان ........................................ ۷٣

نبين عليهم السلام جو انتخاب ........................................ ۷۵

پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله جو مبعوث ٿيڻ ........................................ ۷۷

قرآن ۽ شريعت جا احڪام ........................................ ۷۷

۽ انهي ۾ منجهان حصو حج جي بيان بابت ........................................ ۷٩

٢_ امام عليه السلام جو خطبو جيڪو جنگِ صفين کان واپسي تي امام عليه السلام ڏنو ........................................ ٨١

انهي ۾ منجهان آلِ نبي عليهم السلام جو بيان ........................................ ٨٣

انهي ۾ منجهان ٻي ۾ قوم جو بيان ........................................ ٨٣

٣_ امام عليه السلام جو خطبو جيڪو خطبہ شقشقيہ جي نالي سان معروف آهي ........................................ ٨٣

صبر ڪي اهميت ڏيڻ ........................................ ٨۵

حضرت علي عليه السلام جي بيعت ........................................ ٨۷

۴_ امام عليه السلام جو خطبو هي امام عليه السلام جي فصيح ڪلام منجهان آهي ........................................ ٨٩

۵_ امام عليه السلام جو خطبو ........................................ ٩١

فتني کان روڪڻ ........................ ٩١

امام عليه السلام جو اخلاق ۽ علم ........................ ٩١

٦_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام کي اهو مشورو ڏنو ويو تہ طلحہ ۽ زبير جو پيڇو نہ ڪريو ........ ٩١

٧_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ (عليه السلام) شيطان جي پيروڪارن جي مذمت ڪئي آهي ........ ٩٣

٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن کي پاڻ زبير لاءِ ان وقت فرمايو ........................ ٩٣

٩_ امام عليه السلام جو ڪلام، پنهنجي ۽ پنهنجي دشمن جي صفت جي بيان ۾ ........................ ٩٣

١٠_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ امام عليه السلام جي مراد شيطان آهي ........................ ٩٥

١١_ امام عليه السلام جو ڪلام، امام عليه السلام جمل واري ڏينهن ........................ ٩٥

١٢_ امام عليه السلام جو ڪلام جڏهن الله تعاليٰ امام عليه السلام کي جمل وارن تي ڪاميابي ڏني ........................ ٩٥

١٣_ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو جنگ جمل کان پوءِ بصري وارن جي مذمت ۾ ارشاد فرمايو ........ ٩٧

١٤_ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو مٿين ڪلام جيان آهي ........................ ٩٧

١٥_ امام عليه السلام جو ڪلام ........................ ٩٩

١٦_ امام عليه السلام جو ڪلام ........................ ٩٩

انهيءَ خطبي منجهان: جنهن ۾ امام عليه السلام ماڻهن کي ٽن قسمن ۾ تقسيم ڪيو آهي: ........ ١٠١

١٧_ امام عليه السلام جو ڪلام انهن ماڻهن جي وصف بابت جيڪي امت جي ماڻهن ۾ فيصلا ڪن ٿا ........ ١٠١

١٨_ امام عليه السلام جو ڪلام فتويٰ ۾ اختلاف ڪندڙ عالمن جي مذمت بابت ........................ ١٠٥

اهلِ راءِ جي مذمت ........................ ١٠٥

قرآن ڏانهن رجوع ڪرڻ جو حڪم ........................ ١٠٥

١٩_ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو اشعث بن قيس کي ان وقت مخاطب ٿي ڪري فرمايو ........ ١٠٧

٢٠_ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ غفلت کان اٿاريو ويو آهي ........................ ١٠٧

٢١_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو اهڙي ڪلام تي مشتمل آهي جيڪو نصيحت ۽ حڪمت کي سهيڙيندڙ آهي ........ ١٠٩

٢٢_ امام عليه السلام جو خطبو ........................ ١٠٩

بيعت ٽوڙيندڙن جي مذمت ........................ ١٠٩

عثمان جو خون ........ ١٠٩
٢٣_ امام عليه السلام جو خطبو جيڪو غريبن کي زهد جي سِکيا ڏيڻ ........ ١١١
غريبن کي سِکيا ڏيڻ ........ ١١١
اميرن کي مؤدب بڻائڻ ........ ١١٣
٢٤_ امام عليه السلام جو خطبو جيڪو هڪ جامع ڪلام تي مشتمل آهي ........ ١١٣
٢٥_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ١١٥
٢٦_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ١١٧
بعثت کان پهريائين عربن جي حالت ........ ١١٧
۽ انهي ۽ منجهان، بيعت کان پهريائين انهن جي حالت ........ ١١٧
٢٧_ امام عليه السلام جو خطبو، جڏهن امام عليه السلام کي خبر پئي تہ معاويي جي لشڪر ........ ١١٩
جهاد جي فضيلت ........ ١١٩
ماڻهن کي ايارڻ ........ ١١٩
ماڻهن تي ڏمرجڻ ........ ١٢١
٢٨_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ١٢٣
٢٩_ امام عليه السلام جو خطبو جيڪو تحڪيم جي واقعي کانپوءِ معاويي جي ساٿي ۽ ........ ١٢٧
٣٠_ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ عثمان ۽ ماڻهن جي ڪيل ڪم ........ ١٢٧
٣١_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ١٢٩
٣٢_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ پاڻ عليه السلام پنهنجي زماني جي ظلم سان اهڃاڻ ڪئي آهي ........ ١٢٩
ظالم زماني جي حقيقت ........ ١٢٩
بُرن ماڻهن جا قِسم ........ ١٢٩
الله ڏانهن رغبت رکندڙ ........ ١٣١
دنيا ۾ زهد اختيار ڪرڻ ........ ١٣١
٣٣_ امام عليه السلام جو خطبو بصري وارن سان جنگ لاءِ نڪرڻ وقت ........ ١٣٣
نبي صلى الله عليه وآله کي موڪلڻ جي حڪمت ........ ١٣٣

علي عليه السلام جي فضيلت ........ ١٣٣

خارجين جي مذمت ........ ١٣٣

٣٤_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ خارجين جي مسئلي مان فارغ ٿيڻ کانپوءِ ........ ١٣٥

سڌو رستو ........ ١٣٧

٣٥_ امام عليه السلام جو خطبو واقعي تحڪيم ۽ حَڪَمين جي ڳالھ پھچڻ کان پوءِ ........ ١٣٧

آزمائش تي ساراھ ........ ١٣٧

آزمائش جو سبب ........ ١٣٧

٣٦_ امام عليه السلام جو خطبو نهروان وارن کي ڊيڄارڻ لاءِ ڏنو هيو ........ ١٣٩

٣٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، امام عليه السلام جو هي ڪلام اڳين خطبي جيان آهي ........ ١٣٩

٣٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ شبهي کي شبهي جي نالي ڏيڻ جي وجہ بيان ڪئي آهي ........ ١٤١

٣٩_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ١٤١

٤٠_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام خارجين جو قول ”لا حڪم الا للّٰه“ ٻڌو تہ فرمايو ........ ١٤٣

٤١_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ امام عليه السلام ڌوکي کان روڪيو آهي ۽ ان کان ڊيڄاريو آهي ........ ١٤٣

٤٢_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ١٤٥

٤٣_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام جرير بن عبدالله بَجَلي کي معاويي ڏانهن موڪليو ........ ١٤٥

٤٤_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ١٤٧

٤٥_ امام عليه السلام جو خطبو، عيد الفطر جي ڏينهن امام عليه السلام هڪ ڊگهو خطبو ڏنو ........ ١٤٧

الله جي ساراھ ........ ١٤٧

دنيا جي مذمت ........ ١٤٧

٤٦_ امام عليه السلام جو ڪلام جڏهن پاڻ عليه السلام شام ڏانهن سفر ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو تہ فرمايو ........ ١٤٩

٤٧_ امام عليه السلام جو ڪلام ڪوفي جي باري ۾ ........ ١٤٩

٤٨_ امام عليه السلام جو خطبو جيڪو شام ڏانهن سفر ڪرڻ وقت ڏنو ........ ١٤٩

٤٩_ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ چند خدائي صفتن ۽ الهي علم کي بيان ڪيو آهي ........ ١٥١

٥٠_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ انهن فتنن جو ذڪر آهي جن سان دنيا برباد ٿئي ٿي ........ ١٥١
٥١_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ١٥٣
٥٢_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ١٥٣
دنيا ۾ زهد اختيار ڪرڻ ........ ١٥٣
زاهدن جو ثواب ........ ١٥٣
الله جون نعمتون ........ ١٥٥
٥٣_ امام عليه السلام جو خطبو عيد الاضحيٰ ۽ قرباني ۽ جي جانور جي وصفن بابت ........ ١٥٥
٥٤_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ١٥٥
٥٥_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ١٥٧
٥٦_ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي اصحاب جي وصف بيان ڪئي آهي ........ ١٥٧
٥٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، هڪ رزيل ماڻهوءَ جي صفت ۽ پوءِ پنهنجي فضيلت بيان ڪرڻ بابت آهي ........ ١٥٩
٥٨_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ١٥٩
٥٩_ ۽ امام عليه السلام فرمايو، جڏهن امام عليه السلام خارجين سان جنگ وڙهڻ جو اٽل ارادو ڪيو ........ ١٦١
٦٠_ ۽ امام عليه السلام فرمايو، جڏهن خارجين کي ماريو ويو ۽ مولا عليه السلام کي ٻڌايو ويو ........ ١٦١
٦١_ ۽ امام عليه السلام فرمايو ........ ١٦١
٦٢_ امام عليه السلام جو ڪلام جڏهن امام عليه السلام کي اوچتي قتل کان ڊيڄاريو ويو تہ فرمايائون ........ ١٦١
٦٣_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام دنيا جي فتني کان ڊيڄاريو آهي ........ ١٦٣
٦٤_ امام عليه السلام جو خطبو، نيڪ عملن ڏانهن جلدي ڪرڻ جي ترغيب ڏيارڻ ........ ١٦٣
٦٥_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ علمِ الٰهي جا لطيف بحث آهن ........ ١٦٥
٦٦_ امام عليه السلام جو ڪلام جنگ ۽ ويڙهہ جي سکيا جي باري ۾ ........ ١٦٧
٦٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، ماڻهن چيو جڏهن رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي وفات کان پوءِ ........ ١٦٧
٦٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام محمد بن ابوبڪر (رحمة الله) کي مصر جي حڪومت جي ذميداري ڏني ........ ١٦٩

٦٩_ امام عليه السلام جو ڪلام، پنهنجي ڪجهه اصحاب جي ملامت بابت ........ ١٦٩

٧٠_ امام عليه السلام ضربت واري ڏينهن اسُرُ جي وقت فرمايو ........ ١٦٩

٧١_ امام عليه السلام جو خطبو، عراقين جي مذمت جي باري ۾ ........ ١٧١

٧٢_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ پاڻ عليه السلام ماڻهن کي پاڻ سڳورن ﷺ تي صلوات پڙهڻ سيکاري آهي ........ ١٧١

الله جو صفتون ........ ١٧١

پاڻ سڳورن ﷺ جو صفتون ........ ١٧١

پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ دعا ........ ١٧٣

٧٣_ امام عليه السلام جو ڪلام، جيڪو پاڻ عليه السلام بصري ۾ مروان بن حڪم لاءِ فرمايو ........ ١٧٣

٧٤_ امام عليه السلام جو خطبو، جڏهن ماڻهن عثمان جي بيعت جو اٽل ارادو ڪيو ........ ١٧٥

٧٥_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام کي خبر پئي تہ بني اميہ مٿس عثمان جي خون ۾ شرڪت ڪرڻ جي تهمت مڙهين ٿا ١٧٥

٧٦_ امام عليه السلام جو خطبو، نيڪ عملن تي اڀارڻ جي باري ۾ ........ ١٧٥

٧٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، ۽ اهو ان وقت جڏهن سعيد بن عاص امام عليه السلام کي سندس حق کان روڪيو ........ ١٧٧

٧٨_ امام عليه السلام جي دعا، انهن ڪلمن سان امام عليه السلام دعا گهرندا هئا ........ ١٧٧

٧٩_ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو پنهنجي ڪجهه اصحاب کي فرمايو ........ ١٧٧

٨٠_ امام عليه السلام جو خطبو، جڏهن پاڻ عليه السلام جنگِ جمل کان فارغ ٿيا ........ ١٧٩

٨١_ امام عليه السلام جو ڪلام، زهد جي باري ۾ ........ ١٧٩

٨٢_ امام عليه السلام جو ڪلام، دنيا جي مذموم صفت جي باري ۾ ........ ١٨١

٨٣_ امام عليه السلام جو خطبو (غراء) ........ ١٨١

الله جل شانہ جون صفتون ........ ١٨١

پرهيزگاريءَ جي وصيت ........ ١٨٣

دنيا کان دوري ........ ١٨٣

مرڻ کانپوءِ اٿڻ ........ ١٨٣

مخلوق کي تنبيہ ........ ١٨٥

وڌيڪ نصيحت ........................ ١٨٥

مختلف نعمتن سان نصيحت پرائڻ، جن مان ڪجھ هي آهن ........................ ١٨٧

پُلِ صراط جي سختي کان بچڻ ........................ ١٨٩

تقويٰ جي وصيت ........................ ١٨٩

انهيءَ منجهان انساني خلقت جو بيان ........................ ١٩١

٨٤_ امام عليه السلام جو خطبو، عمرو بن عاص جي باري ۾ ........................ ١٩٣

٨٥_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ ربّ ذوالجلال جون اٺ صفتون بيان ٿيل آهن ........................ ١٩٥

۽ انهيءَ منجهان جنت جي صفت بابت ........................ ١٩٥

٨٦_ امام عليه السلام جو خطبو، هن خطبي ۾ امام عليه السلام الله جلّ جلاله جون وصفون بيان ڪيون آهن ........................ ١٩٥

ماڻهن کي نصيحت ........................ ١٩٥

٨٧_ امام عليه السلام جو خطبو، ۽ هي پرهيزگارن ۽ فاسقن جي صفتن جي بيان ۾ آهي ........................ ١٩٩

فاسقن جون صفتون ........................ ٢٠١

نبي (صلى الله عليه وآله) جي عترت ........................ ٢٠١

غلط گمان ........................ ٢٠٣

٨٨_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ انهن سببن جو بيان آهي جيڪي ماڻهن کي برباد ڪن ٿا ........................ ٢٠٣

٨٩_ امام عليه السلام جو خطبو ........................ ٢٠٥

٩٠_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو خالق جي قديم هجڻ ۽ مخلوق جي عظيم هجڻ تي مشتمل آهي ........................ ٢٠٧

٩١_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن کي خطبہ اشباح جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي ........................ ٢٠٩

الله تعاليٰ جي وصف ........................ ٢٠٩

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جون صفتون ........................ ٢١١

۽ انهيءَ منجهان آسمان جي وصف بابت ........................ ٢١٥

۽ انهيءَ منجهان ملائڪن جي وصف بابت ........................ ٢١٧

۽ انهيءَ منجهان، زمين جي وصف ۽ انکي پاڻي تي وڇائڻ بابت ........................ ٢٢١

دعا ........................ ٢٢٩

۹۲_ امام عليه السلام جو ڪلام عثمان جي قتل ڪانپوءِ ........................ ۲۲۹

۹۳_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ اميرالمؤمنين عليه السلام پنهنجي فضيلت ........................ ۲۳۱

۹۴_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ امام عليه السلام الله تعاليٰ جي وصف بيان ڪئي آهي ........................ ۲۳۳

الله تعاليٰ جي وصف ........................ ۲۳۳

۽ انهيءَ منجهان نبين جي وصف ........................ ۲۳۳

رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ۽ سندس اهل بيت عليهم السلام ........................ ۲۳۵

ماڻهن ڪي نصيحت ........................ ۲۳۵

۹۵_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ امام عليه السلام رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي فضيلت ڪي بيان ڪيو آهي ........................ ۲۳۵

۹۶_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو الله تعاليٰ ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي باري ۾ آهي ........................ ۲۳۷

الله تعاليٰ ........................ ۲۳۷

انهيءَ منجهان، رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي باري ۾ ........................ ۲۳۷

۹۷_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو پنهنجي ۽ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي اصحاب جي باري ۾ آهي ........................ ۲۳۷

امام عليه السلام جا اصحاب ........................ ۲۳۷

رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جا اصحاب ........................ ۲۴۱

۹۸_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ امام عليه السلام بني اميه جي ظلم ڏانهن اشارو ڪيو آهي ........................ ۲۴۱

۹۹_ امام عليه السلام جو خطبو، دنيا کان زهد اختيار ڪرڻ جي باري ۾ آهي ........................ ۲۴۳

۱۰۰_ امام عليه السلام جو خطبو، رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ۽ سندس اهل بيت عليهم السلام جي باري ۾ آهي ........................ ۲۴۵

۱۰۱_ امام عليه السلام جو خطبو، هي انهن خطبن مان هڪ آهي جيڪي زماني جي سخت واقعن جي بيان تي مشتمل آهن .. ۲۴۷

۱۰۲_ امام عليه السلام جو خطبو، امام عليه السلام جو هي خطبو به اڳين طريقي تي جاري آهي ........................ ۲۴۹

قيامت جو ڏينهن ........................ ۲۴۹

ماڻهن تي پيش ايندڙ حالات جي باري ۾ ........................ ۲۴۹

۱۰۳_ امام عليه السلام جو خطبو، دنيا کان زهد اختيار ڪرڻ جي باري ۾ آهي ........................ ۲۴۹

عالم جي صفت بابت ........................ ۲۵۱

آخري زماني جي باري ۾ ........................ ۲۵۱

١٠٤_ امام عليه السلام جو خطبو ........................................ ٢٥٣

١٠٥_ امام عليه السلام جو خطبو ........................................ ٢٥٣

پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله ........................................ ٢٥٣

بنو اميه ........................................ ٢٥٥

ماڻهن کي نصيحت ........................................ ٢٥٥

١٠٦_ امام عليه السلام جو خطبو ........................................ ٢٥٧

دين اسلام ........................................ ٢٥٧

انهيءَ منجهان، نبي ڪريم صلي الله عليه وآله جي ذڪر بابت ........................................ ٢٥٧

انهيءَ منجهان، پنهنجي اصحاب کي خطاب بابت ........................................ ٢٥٩

١٠٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، جيڪو صفين جي ڪجھ ڏينهن ۾ فرمايو ........................................ ٢٦١

١٠٨_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو زماني جي سخت حالات تي مشتمل آهي ........................................ ٢٦١

الله تعاليٰ ........................................ ٢٦١

۽ انهيءَ منجهان، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله بابت ........................................ ٢٦١

انهيءَ منجهان، بني اميه جي فتني بابت ........................................ ٢٦٣

١٠٩_ امام عليه السلام جو خطبو الله تعاليٰ جي قدرت جي بيان ........................................ ٢٦٥

الله تعاليٰ جي قدرت ........................................ ٢٦٥

معزز ملائڪ ........................................ ٢٦٧

مخلوق جي نافرماني ........................................ ٢٦٧

قيامت ........................................ ٢٧١

انهيءَ منجهان، پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله بابت ........................................ ٢٧٣

اهل بيت عليهم السلام ........................................ ٢٧٣

١١٠_ امام عليه السلام جو خطبو، دين جي رڪنن بابت ........................................ ٢٧٥

اسلام ........................................ ٢٧٥

قرآن جي فضيلت ........................................ ٢٧٥

١١١_ امام عليه السلام جو خطبو، دنيا جي مذمت بابت ........ ٢٧٧

١١٢_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام ملڪ الموت ۽ ان جي روح قبض ڪرڻ ڪي ........ ٢٨١

١١٣_ امام عليه السلام جو خطبو، دنيا جي مذمت بابت ........ ٢٨٣

١١٤_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ ماڻهن لاءِ نصيحتون آهن ........ ٢٨٥

١١٥_ امام عليه السلام جو خطبو، طلب باران بابت آهي ........ ٢٨٩

هن خطبي جي ڪجھ ڏکين لفظن جي وضاحت ........ ٢٩٣

١١٦_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام پنهنجي اصحابَ کي نصيحت ڪئي آهي ........ ٢٩٣

١١٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ مال ۽ جان ۾ ڪنجوسائپ ڪندڙ کي ڇنڊ ڪيڏي آهي ........ ٢٩٥

١١٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، پنهنجي نيڪ اصحابَ بابت ........ ٢٩٧

١١٩_ امام عليه السلام جو ڪلام، پاڻ عليه السلام ماڻهن کي گڏ ڪيو ۽ انهن کي جهاد لاءِ همتايو پوءِ اهي بلڪل خاموش رهيا ... ٢٩٧

١٢٠_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ پنهنجي فضيلت ۽ ماڻهن کي نصيحت ڪئي آهي ........ ٢٩٩

١٢١_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو ليلة الهرير ڪان پوءِ ڏنو ........ ٢٩٩

١٢٢_ امام عليه السلام جو ڪلام، جيڪو خوارج کي فرمايو ........ ٣٠٣

١٢٣_ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو پاڻ عليه السلام پنهنجي اصحاب کي جنگِ صفين جي ميدان تي فرمايو ........ ٣٠٥

١٢٤_ امام عليه السلام جو ڪلام، پنهنجي اصحاب کي جنگ تي اڀارڻ جي باري ۾ آهي ........ ٣٠٥

١٢٥_ امام عليه السلام جو ڪلام، تحڪيم بابت جيڪو حَڪَمَيَن واري ڳالھ ٻڌڻ ڪانپوءِ فرمايو ........ ٣٠٩

١٢٦_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن عطا ۾ برابري تي طعنو هنيو ويو تہ فرمايائون ........ ٣١١

١٢٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ امام عليه السلام دين جا ڪجھ احڪام بيان ڪيا آهن ........ ٣١١

١٢٨_ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ پاڻ عليه السلام بصره جي ڪجھ اهم حالات بابت خبر ڏني آهي ........ ٣١٥

انهيءَ منجهان، تُرڪن جي وصف بابت ........ ٣١٥

١٢٩_ امام عليه السلام جو خطبو، ماپ ۽ تور جي باري ۾ ........ ٣١٧

١٣٠_ امام عليه السلام جو ڪلام جڏهن حضرت ابوذر رحمه الله کي ربذه ڏانهن ڪيڏيو ويو تہ امام عليه السلام ڪيس فرمايو: ........ ٣١٩

١٣١_ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ امام عليه السلام پنهنجي لاءِ حڪومت گهرڻ جو سبب ........ ٣١٩

١٣٢_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ پاڻ عليه السلام نصيحت ڪئي آهي ........ ٣٢١

الله تعاليٰ جي ساراهه ........ ٣٢١

ماڻهن کي نصيحت ........ ٣٢٣

١٣٣_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ٣٢٣

الله تعاليٰ جي وڏائي ........ ٣٢٣

انهيءَ منجهان، قرآن جي باري ۾ ........ ٣٢٥

انهيءَ منجهان، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي باري ۾ ........ ٣٢٥

انهيءَ منجهان، دنيا جي باري ۾ ........ ٣٢٥

انهيءَ منجهان، ماڻهن کي نصيحت جي باري ۾ ........ ٣٢٥

١٣٤_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن عمر ابن خطاب رومين سان وڙهڻ لاءِ وڃڻ بابت امام عليه السلام سان مشورو ڪيو ........ ٣٢٧

١٣٥_ امام عليه السلام جو ڪلام، امام عليه السلام ۽ عثمان جي وچ ۾ جهڳڙو ٿي پيو ........ ٣٢٧

١٣٦_ امام عليه السلام جو ڪلام، بيعت جي باري ۾ ........ ٣٢٩

١٣٧_ امام عليه السلام جو ڪلام طلحه، زبير ۽ پنهنجي بيعت بابت ........ ٣٢٩

طلحه ۽ زبير ........ ٣٢٩

بيعت جي باري ۾ ........ ٣٣١

١٣٨_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ امام عليه السلام اهم حالتن ڏانهن اشارو ڪيو آهي ........ ٣٣١

١٣٩_ امام عليه السلام جو ڪلام، شوريٰ جي وقت ........ ٣٣٣

١٤٠_ امام عليه السلام جو ڪلام، ماڻهن جي غيبت ڪرڻ کان روڪڻ بابت ........ ٣٣٣

١٤١_ امام عليه السلام جو ڪلام، غيبت ٻُڌڻ کان روڪڻ، ۽ حق ۽ باطل جي درميان فرق جي باري ۾ ........ ٣٣٥

١٤٢_ امام عليه السلام جو ڪلام، نااهل سان چڱائي ڪرڻ جي باري ۾ ........ ٣٣٥

چڱائيءَ ڪرڻ جون جايون ........ ٣٣٥

١٤٣_ امام عليه السلام جو خطبو، برسات گهرڻ جي باري ۾ ........ ٣٣٧

١٤٤_ امام عليه السلام جو خطبو .......... ٣٣٩
رسولن کي موڪلڻ .......... ٣٣٩
اهل بيت عليهم السلام جي فضيلت .......... ٣٣٩
انهيءَ منجهان، گمراهن جي باري ۾ .......... ٣٤١
١٤٥_ امام عليه السلام جو خطبو، دنيا جي نابودي .......... ٣٤١
انهيءَ منجهان، بدعت جي مذمت بابت .......... ٣٤٣
١٤٦_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن عمر بن خطاب پاڻ سِر فارسين سان جنگ وڙهڻ بابت امام عليه السلام کان مشورو ورتو .......... ٣٤٣
١٤٧_ امام عليه السلام جو خطبو، بعثت جو مقصد .......... ٣٤٥
ايندڙ زمانو .......... ٣٤٥
ماڻهن کي نصيحت .......... ٣٤٧
١٤٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، بصري وارن جي باري ۾ .......... ٣٤٧
١٤٩_ امام عليه السلام جو ڪلام: سندس وفات کان پهريائين .......... ٣٤٩
١٥٠_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ اهم حالتن ڏانهن اشارو ڪيو آهي .......... ٣٥١
انهيءَ منجهان، گمراهيءَ بابت .......... ٣٥١
١٥١_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام فتنن کان ڊيڄاريو آهي .......... ٣٥٣
الله ۽ سندس رسول صلى الله عليه وآله وسلم .......... ٣٥٣
فتنن کان ڊيڄارڻ .......... ٣٥٣
١٥٢_ امام عليه السلام جو خطبو، الله تعالىٰ ۽ دين جي سرواڻن جي صفتن بابت .......... ٣٥٧
انهيءَ منجهان، دين جي سرواڻن بابت .......... ٣٥٧
١٥٣_ امام عليه السلام جو خطبو، گمراهه جي صفت .......... ٣٥٩
انهيءَ منجهان، غفلت ڪندڙن جي صفتن بابت .......... ٣٥٩
ماڻهن کي نصيحت .......... ٣٥٩
١٥٤_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام اهل بيت عليهم السلام جا فضائل ذڪر ڪيا آهن .......... ٣٦١
١٥٥_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام چمڙي جي عجيب خلقت کي ذڪر ڪيو آهي .......... ٣٦٥

الله جي ساراهہ ۽ سندس پاڪائي ........................................ ٣٦٥

چمڙي جي پيدائش ........................................ ٣٦٥

١٥٦_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام بصري وارن کي اهم حالتن کان باخبر ڪيو آهي ........ ٣٦٧

انهيءَ منجهان، ايمان جي وصف بابت ........................................ ٣٦٧

انهيءَ منجهان، قيامت ۾ قبرن وارن جو حال ........................................ ٣٦٩

١٥٧_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام ماڻهن کي پرهيزگاريءَ تي اڀاريو آهي ........ ٣٧١

١٥٨_ امام عليه السلام جو خطبو ........................................ ٣٧٣

نبي پاڪ صلى الله عليه وآله وسلم ۽ قرآن مجيد ........................................ ٣٧٣

انهيءَ منجهان، بني اميہ جي حڪومت ........................................ ٣٧٥

١٥٩_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام پنهنجي رعايا سان ڀلي ورتاءَ کي بيان ڪيو آهي ........ ٣٧٥

١٦٠_ امام عليه السلام جو خطبو ........................................ ٣٧٥

الله تعالىٰ جي عظمت ........................................ ٣٧٥

الله تعالىٰ جي ساراهہ ........................................ ٣٧٥

انهيءَ منجهان، اميد ڪيئن ٿيندي ........................................ ٣٧٧

رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم ........................................ ٣٧٩

موسىٰ عليه السلام ........................................ ٣٧٩

داؤد عليه السلام ........................................ ٣٧٩

عيسىٰ عليه السلام ........................................ ٣٧٩

عظمت وارو رسول صلى الله عليه وآله وسلم ........................................ ٣٨١

١٦١_ امام عليه السلام جو خطبو ........................................ ٣٨٣

رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم ، اهل بيت عليهم السلام ، ۽ سندس دين جا پيروڪار ........................................ ٣٨٣

تقوىٰ جون نصيحتون ........................................ ٣٨٥

١٦٢_ امام عليه السلام جو ڪلام، پنهنجي هڪ صحابي لاءِ ........................................ ٣٨٧

١٦٣_ امام عليه السلام جو خطبو ........................................ ٣٨٧

سڳورو ۽ بلند پالڻهار ........ ٣٨٧
مخلوق جي خلقت ........ ٣٨٩
١٦٤_ امام ؑ جو ڪلام، جڏهن ماڻهو امام ؑ وٽ گڏ ٿيا ۽ عثمان جي ڪيل ظلمن جي دانهن ڏني ........ ٣٩١
١٦٥_ امام ؑ جو خطبو، جنهن ۾ (امام ؑ) مور جي عجيب خلقت ڪي ذڪر ڪيو آهي ........ ٣٩٣
پکين جي خلقت ........ ٣٩٣
مور ........ ٣٩٥
ننيڙي مخلوق ........ ٣٩٩
انهيءَ منجهان، جنت جي صفت ........ ٣٩٩
هن خطبي ۾ موجود اجنبي لفظن جي وضاحت ........ ٤٠١
١٦٦_ امام ؑ جو خطبو ........ ٤٠١
هڪ ٻئي سان الفت ڪرڻ تي اڀارڻ ........ ٤٠١
انهيءَ منجهان، بني اميہ ........ ٤٠٣
آخري دؤر جا ماڻهو ........ ٤٠٣
١٦٧_ امام ؑ جو خطبو، خلافت جي ابتدائي ڏهاڙن ۾ ........ ٤٠٥
١٦٨_ امام ؑ جو ڪلام، سندس خلافت جي بيعت ڪرڻ کان پوءِ ........ ٤٠٥
١٦٩_ امام ؑ جو خطبو، جڏهن جمل وارا بصري ڏانهن روانا ٿيا ........ ٤٠٧
مسلمانن جا اجتماعي امور ........ ٤٠٧
پنهنجي دشمن کي پري ڪرڻ ........ ٤٠٧
١٧٠_ امام ؑ جو ڪلام، حجت جي قائم ٿيڻ وقت حق جي اتباع جي واجب هجڻ بابت، هڪ عرب سان سندس گفتگو ٤٠٩
١٧١_ امام ؑ جو ڪلام، جڏهن صفين ۾ شامين سان دوبدو ٿيڻ جو پڪو پهه ڪيو ........ ٤٠٩
دعا ........ ٤٠٩
ويڙهه جي دعوت ........ ٤١١
١٧٢_ امام ؑ جو خطبو ........ ٤١١
الله تعاليٰ جي ساراهه ........ ٤١١

انهيءَ منجهان، شوريٰ جو ڏينهن .......... ۴۱۱

قريش خلاف مدد گهرڻ .......... ۴۱۱

انهيءَ منجهان، جمل وارن جو ذڪر .......... ۴۱۱

۱۷۳_ امام عليه السلام جو خطبو .......... ۴۱۳

رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم .......... ۴۱۳

خلافت جو حقدار .......... ۴۱۳

دنيا جي پستي .......... ۴۱۵

۱۷۴_ امام عليه السلام جو ڪلام .......... ۴۱۵

۱۷۵_ امام عليه السلام جو خطبو، نصيحت ۽ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي رشتيدارن بابت آهي .......... ۴۱۷

۱۷۶_ امام عليه السلام جو خطبو .......... ۴۱۹

ماڻهن لاءِ نصيحت .......... ۴۱۹

قرآن مجيد جي فضيلت .......... ۴۱۹

عمل ڪرڻ لاءِ اپارڻ .......... ۴۲۱

ماڻهن کي نصيحتون .......... ۴۲۱

بدعت جي حرمت .......... ۴۲۳

قرآن .......... ۴۲۵

ظلم جا قسم .......... ۴۲۵

لازمي اطاعت .......... ۴۲۷

۱۷۷_ امام عليه السلام جو ڪلام، حڪمين جي باري ۾ .......... ۴۲۷

۱۷۸_ امام عليه السلام جو هي خطبو، شهادت ۽ پرهيزگاريءَ بابت آهي .......... ۴۲۷

الله ۽ سندس رسول صلي الله عليه وآله وسلم .......... ۴۲۷

۱۷۹_ امام عليه السلام جو ڪلام .......... ۴۲۹

۱۸۰_ امام عليه السلام جو خطبو، پنهنجي اصحاب منجهان نافرمانن جي مذمت بابت آهي .......... ۴۳۱

۱۸۱_ امام عليه السلام جو ڪلام .......... ۴۳۳

١٨٢_ امام عليه السلام جو خطبو ........................................ ٤٣٣
الله تعالىٰ جي ساراهہ ۽ کائنس مدد طلب ڪرڻ ........................................ ٤٣٣
اڪيلو الله ........................................ ٤٣٥
ٻيهر حمد ........................................ ٤٣٧
تقوىٰ جي وصيت ........................................ ٤٣٧
انهيءَ منجهان ........................................ ٤٣٩
١٨٣_ امام عليه السلام جو خطبو ........................................ ٤٤١
انهيءَ منجهان، قرآن جي فضيلت ........................................ ٤٤٣
تقوىٰ جي وصيت ........................................ ٤٤٣
١٨٤_ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو پاڻ عليه السلام برج بن مسهر طائيءَ کي چيائون ........................................ ٤٤٧
١٨٥_ امام عليه السلام جو خطبو ........................................ ٤٤٧
الله تعالىٰ جي ساراهہ ........................................ ٤٤٧
رسول اعظم صلی الله علیه و آله ........................................ ٤٤٩
انهيءَ منجهان، حيوانن جي قسمن جي پيدائش جي باري ۾ ........................................ ٤٤٩
آسمان ۽ ڪائنات جي خلقت جي باري ۾ ........................................ ٤٥١
ماڪڙ جي پيدائش ........................................ ٤٥٣
١٨٦_ امام عليه السلام جو خطبو، توحيد جي باري ۾ ........................................ ٤٥٥
١٨٧_ امام عليه السلام جو خطبو، سخت حالات جي باري ۾ آهي ........................................ ٤٦٣
١٨٨_ امام عليه السلام جو خطبو، چند شين جي وصيت جي باري ۾ آهي ........................................ ٤٦٣
تقوىٰ ........................................ ٤٦٣
موت ........................................ ٤٦٥
جلدي ختم ٿيڻ ........................................ ٤٦٥
١٨٩_ امام عليه السلام جو ڪلام، ايمان ۽ هجرت جي وجوب جي باري ۾ ........................................ ٤٦٥
ايمان جا قسم ........................................ ٤٦٥

هجرت جو وجوب ........ ۴٦٧

ايمان جي ڏکيائي ........ ۴٦٧

وصي جو علم ........ ۴٦٧

١٩٠_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ۴٦٧

الله جي ساراه ........ ۴٦٧

نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي ثنا ........ ۴٦٧

تقويٰ جي نصيحت ........ ۴٦٩

١٩١_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ۴٧١

رسول اعظم صلي الله عليه وآله وسلم ........ ۴٧٣

زهد ۽ تقويٰ جي وصيّت ........ ۴٧٣

١٩٢_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن کي قاصعه سڏيو ويندو آهي ........ ۴٧۵

نافرمانيءَ جو منڍ ........ ۴٧٧

الله تعاليٰ جي سندس مخلوق لاءِ آزمائش ........ ۴٧٧

عبرت جي گهُر ........ ۴٧٩

شيطان کان تنبيه ........ ۴٧٩

تڪبر ڪرڻ کان ديڄارڻ ........ ۴٨١

وڏيرن جي پيروي ڪرڻ کان ديڄارڻ ........ ۴٨٣

گذري ويلن مان عبرت ........ ۴٨۵

نبين جي انڪساري ........ ۴٨۵

ڪعبة الله ........ ۴٨٧

وري ديڄارڻ ........ ۴٩١

فرضن جا فضائل ........ ۴٩١

مال جي طرفداري ........ ۴٩٣

امتن مان عبرت پرائڻ ........ ۴٩۵

رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي ذريعي نعمت ........ ۴٩٧

ذوهارين تي ملامت ... ۴۹۷

وحي جي فضيلت ... ۴۹۹

۱۹۳_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام پرهيزگارن جون صفتون بيان ڪيون آهن ... ۵۰۵

۱۹۴_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ امام عليه السلام منافقن جون صفتون بيان ڪيون آهن ... ۵۱۳

۱۹۵_ امام عليه السلام جو خطبو ... ۵۱۵

الله تعالىٰ جي ساراهه ... ۵۱۵

ٻه گواهيون ... ۵۱۵

نصيحت ... ۵۱۵

۱۹۶_ امام عليه السلام جو خطبو ... ۵۱۷

پاڻ سڳورن ﷺ جي بعثت ... ۵۱۷

زهد بابت نصيحت ... ۵۱۷

۱۹۷_ امام عليه السلام جو ڪلام ... ۵۱۹

۱۹۸_ امام عليه السلام جو خطبو ... ۵۲۱

تقوىٰ بابت وصيت ... ۵۲۱

اسلام جي فضيلت ... ۵۲۳

عظمت وارو رسول (ﷺ) ... ۵۲۵

قرآن ڪريم ... ۵۲۵

۱۹۹_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ذريعي پنهنجي اصحاب کي وصيت ڪندا هئا ... ۵۲۷

نماز ... ۵۲۷

زڪوات ... ۵۲۹

امانت ... ۵۲۹

الله تعالىٰ جو علم ... ۵۳۱

۲۰۰_ امام عليه السلام جو ڪلام، معاويي جي باري ۾ ... ۵۳۱

۲۰۱_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام چٽي رستي تي هلڻ جي نصيحت ڪئي آهي ... ۵۳۱

٢٠٢_ امام عليه السلام جو ڪلام، (سائڻ فاطمه زهرا عليها السلام جي مصيبت ڪي بيان ڪندي) ........ ٥٣٣
٢٠٣_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ٥٣٣
٢٠٤_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ٥٣٥
٢٠٥_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ٥٣٥
٢٠٦_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ٥٣٧
٢٠٧_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ٥٣٧
٢٠٨_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ٥٣٩
٢٠٩_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ٥٣٩
٢١٠_ امام عليه السلام جو ڪلام ........ ٥٤١
منافق ........ ٥٤١
غلطي ڪندڙ ........ ٥٤١
شبهي ۾ پيل ........ ٥٤٣
ياد رکندڙ سچا ........ ٥٤٣
٢١١_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو ڪائنات جي عجيب خلقت بابت آهي ........ ٥٤٥
٢١٢_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ٥٤٧
٢١٣_ امام عليه السلام جو خطبو، الله تعاليٰ جي شرف ۽ عظمت ڪي بيان ڪرڻ بابت آهي ........ ٥٤٧
انهيءَ خطبي منجهان پاڪ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي ذڪر جي باري ۾ ........ ٥٤٧
٢١٤_ امام عليه السلام جو خطبو ........ ٥٤٩
عالمن جي وصف ........ ٥٤٩
تقويٰ جي نصيحت ........ ٥٤٩
٢١٥_ امام عليه السلام جي دعا، جيڪا گهڻو ڪري گهرندا هئا ........ ٥٥١
٢١٦_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو صفين ۾ فرمايائون ........ ٥٥٣
والي ۽ رعيت جو حق ........ ٥٥٣

٢١٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، قريش جي ظلم ۽ شڪايت جي باري ۾ .......... ٥٥٧
٢١٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، انهن جي بيان ۾ جيڪي ساڻس جنگ لاءِ بصره تي ڪاهه ڪري آيا .......... ٥٥٩
٢١٩_ امام عليه السلام جو ڪلام .......... ٥٥٩
٢٢٠_ امام عليه السلام جو ڪلام، الله تعالىٰ جي راهه جي راهي جي باري ۾ .......... ٥٥٩
٢٢١_ امام عليه السلام جو ڪلام .......... ٥٦١
٢٢٢_ امام عليه السلام جو ڪلام .......... ٥٦٧
٢٢٣_ امام عليه السلام جو ڪلام .......... ٥٦٩
٢٢٤_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ ظلم کان بيزاري ڪن ٿا. .......... ٥٧٣
٢٢٥_ امام عليه السلام جي دعا، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام الله تعالىٰ کان بي نيازي جي التجا ڪندا هئا .......... ٥٧٧
٢٢٦_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو دنيا کان نفرت ڏيارڻ جي باري ۾ آهي .......... ٥٧٧
٢٢٧_ امام عليه السلام جي دعا .......... ٥٧٩
٢٢٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن سان پنهنجي ڪجهه اصحاب جو ارادو ڪيو آهي .......... ٥٨١
٢٢٩_ امام عليه السلام جو ڪلام، پنهنجي خلافت جي بيعت بابت .......... ٥٨١
٢٣٠_ امام عليه السلام جو خطبو، ڪجهه ٻين مقصدن جي باري ۾ .......... ٥٨١
عمل جي فضيلت .......... ٥٨٣
سنجيدگي جي فضيلت .......... ٥٨٣
انهيءَ جو ٻيو حصو زاهدن جي صفتن .......... ٥٨٥
٢٣١_ امام عليه السلام جو خطبو .......... ٥٨٥
٢٣٢_ امام عليه السلام جو ڪلام .......... ٥٨٥
٢٣٣_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام انهن مان (جعده بن هبيره) کي ڳالهائڻ لاءِ اتاريو .......... ٥٨٧
زماني جي خرابي .......... ٥٨٧
٢٣٤_ امام عليه السلام جو ڪلام .......... ٥٨٧
٢٣٥_ امام عليه السلام جو ڪلام، جيڪو پاڻ عليه السلام رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي غسل ۽ ڪفن ڏيڻ وقت فرمايو .......... ٥٨٩

٢٣٦_ امام عليه السلام جو ڪلام ........................ ٥٨٩

٢٣٧_ امام عليه السلام جو خطبو. جيڪو عمل ڏانهن جلدي ڪرڻ بابت آهي ........................ ٥٩١

٢٣٨_ امام عليه السلام جو ڪلام. حڪمين جي باري ۾ ۽ شامين جي مذمت بابت. ........................ ٥٩١

٢٣٩_ امام عليه السلام جو خطبو. جنهن ۾ امام عليه السلام آل محمد عليهم السلام جو ذڪر ڪيو آهي ........................ ٥٩٣

٢٤٠_ امام عليه السلام جو ڪلام ........................ ٥٩٣

٢٤١_ امام عليه السلام جو ڪلام. جنهن جي ذريعي پنهنجي اصحاب کي جهاد تي اڀاريندا هئا ........................ ٥٩٣

## اميرالمؤمنين عليه السلام جا خط

١_ امام عليه السلام جو خط. مديني کان بصره ڏانهن سفر وقت ڪوفي وارن ڏانهن ........................ ٥٩٧

٢_ امام عليه السلام جو خط. بصري کي فتح ڪرڻ کانپوءِ ڪوفي وارن ڏانهن ........................ ٥٩٧

٣_ امام عليه السلام جو خط. جيڪو سندس قاضي، شريح بن حارث ڏانهن (لکيو ويو) ........................ ٥٩٩

٤_ امام عليه السلام جو خط. پنهنجي لشڪر جي ڪجهه سردارن ڏانهن ........................ ٦٠١

٥_ امام عليه السلام جو خط. آذربائجان جي عامل اشعث بن قيس ڏانهن ........................ ٦٠١

٦_ امام عليه السلام جو خط. معاويي ڏانهن ........................ ٦٠٣

٧_ امام عليه السلام جو خط. ان ڏانهن ئي ........................ ٦٠٣

خط جو ٻئي حصو ........................ ٦٠٣

٨_ امام عليه السلام جو خط. جرير بن عبدالله بجلي ڏانهن ........................ ٦٠٥

٩_ امام عليه السلام جو خط. معاويي ڏانهن ........................ ٦٠٥

١٠_ امام عليه السلام جو خط. معاويي ڏانهن ........................ ٦٠٧

١١_ امام عليه السلام جي وصيت ........................ ٦٠٩

١٢_ امام عليه السلام جي، وصيت جيڪا پاڻ معقل بن قيس رياحي کي ان وقت ڪئي ........................ ٦١١

١٣_ امام عليه السلام جو خط. پنهنجي لشڪر جي سردارن منجهان ٻن سردارن ڏانهن ........................ ٦١١

١٤_ امام عليه السلام جي وصيت ........................ ٦١٣

١٥_ امام عليه السلام جي دعا ........................................ ٦١٣

١٦_ پاڻ عليه السلام پنهنجي اصحاب کي جنگ جي وقت فرمائيندا هئا ........................ ٦١٥

١٧_ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن آيل ان طرفان وٽس آيل خط جي جواب ۾ ........................ ٦١٥

١٨_ امام عليه السلام جو خط، عبدالله بن عباس ڏانهن جڏهن هو بصري جو گورنر هيو ........................ ٦١٧

١٩_ امام عليه السلام جو خط، پنهنجي ڪجھ عملدارن ڏانهن ........................ ٦١٧

٢٠_ امام عليه السلام جو خط، زياد بن ابيه ڏانهن ........................ ٦١٧

٢١_ امام عليه السلام جو خط، زياد ڏانهن ئي ........................ ٦١٩

٢٢_ امام عليه السلام جو خط، عبدالله بن عباس رحمه الله ڏانهن ........................ ٦١٩

٢٣_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن ابن ملجم مٿس الله جي لعنت هجي امام عليه السلام کي ضرب هنئي ........................ ٦٢١

٢٤_ امام عليه السلام جي، وصيت سندس مال کي استعمال ڪرڻ بابت ........................ ٦٢١

٢٥_ امام عليه السلام جي وصيت ........................ ٦٢٣

٢٦_ امام عليه السلام جي وصيت، هڪ عامل ڏانهن جنهن کي زڪوات گڏ ڪرڻ لاءِ موڪليائين ........................ ٦٢٧

٢٧_ امام عليه السلام جي وصيت، محمد بن ابي بڪر رحمه الله ڏانهن ........................ ٦٢٩

انهي ئي ڪلام جو حصو: ........................ ٦٣١

٢٨_ امام عليه السلام جو جوابي خط، معاويه ڏانهن ........................ ٦٣٣

٢٩_ امام عليه السلام جو خط، بصري وارن ڏانهن ........................ ٦٣٩

٣٠_ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن ........................ ٦٣٩

٣١_ امام عليه السلام جي وصيت، امام حسن عليه السلام جي لاءِ ........................ ٦٤١

موت جو ذڪر ........................ ٦٥٧

دنيا طلبي ۾ نرمي ........................ ٦٥٧

مختلف وصيتون ........................ ٦٥٩

عورت جي باري ۾ راءِ ........................ ٦٦٥

دعا ........................ ٦٦٥

٣٢_ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن ........................ ٦٦٥

٣٣_ امام عليه السلام جو خط، مڪي جي گورنر قثم بن عباس ڏانهن خط ........................ ٦٦٧

٣٤_ امام عليه السلام جو خط، محمد بن ابوبڪر ڏانهن ........................ ٦٦٧

٣٥_ امام عليه السلام جو خط، عبدالله بن عباس ڏانهن محمد بن ابوبڪر جي قتل ٿيڻ کانپوءِ ........................ ٦٦٩

٣٦_ امام عليه السلام جو خط، پنهنجي ڀاءُ عقيل ابن ابي طالب ڏانهن ........................ ٦٦٩

٣٧_ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن ........................ ٦٧١

٣٨_ امام عليه السلام جو خط، مصر وارن ڏانهن، جڏهن مٿن مالڪِ اشتر کي والي مقرر ڪيو ........................ ٦٧٣

٣٩_ امام عليه السلام جو خط، عمرو بن عاص ڏانهن ........................ ٦٧٣

٤٠_ امام عليه السلام جو خط، پنهنجي ڪجھ عملدارن ڏانهن ........................ ٦٧٥

٤١_ امام عليه السلام جو خط، پنهنجي ڪجھ عملدارن ڏانهن ........................ ٦٧٥

٤٢_ امام عليه السلام جو خط، عمر بن ابوسلم مخزومي ڏانهن ........................ ٦٧٧

٤٣_ امام عليه السلام جو خط، مصقلہ بن هبيره شيباني ڏانهن ........................ ٦٧٩

٤٤_ امام عليه السلام جو خط، زياد بن ابيہ ڏانهن ........................ ٦٧٩

٤٥_ امام عليه السلام جو خط، بصري جي والي عثمان بن حنيف انصاري ڏانهن ........................ ٦٨١

٤٦_ امام عليه السلام جو خط، پنهنجي ڪجھ عملدارن ڏانهن. ........................ ٦٨٩

٤٧_ امام عليه السلام جي، وصيت ابن ملجم (لعنة الله عليہ) جي وارڪان پوءِ پنهنجي ٻچڙن حسن ۽ حسين عليهما السلام کي ........................ ٦٨٩

٤٨_ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن ........................ ٦٩١

٤٩_ امام عليه السلام جو خط، پڻ معاويي ڏانهن ........................ ٦٩٣

٥٠_ امام عليه السلام جو خط، پنهنجي لشڪر جي سردارن ڏانهن ........................ ٦٩٣

٥١_ امام عليه السلام جو خط، ڍل اڳاڙڻ وارن پنهنجي عملدارن ڏانهن ........................ ٦٩٥

٥٢_ امام عليه السلام جو خط، علائقن جي والين ڏانهن نماز جي باري ۾ ........................ ٦٩٧

٥٣_ امام عليه السلام جو خط، جيڪو پاڻ اشتر ڏانهن لکيو ........................ ٦٩٧

٥٤_ امام عليه السلام جو خط، جيڪو عمران بن حصين خزاعي سان طلحہ ۽ زبير ڏانهن موڪليو ........ ٧٢٩
٥٥_ امام عليه السلام جو خط، معاويہ ڏانهن ........ ٧٣١
٥٦_ امام عليه السلام جي وصيت ........ ٧٣٣
٥٧_ امام عليه السلام جو خط، ڪوفي وارن ڏانهن سندس مديني ڪان بصري ڏانهن رواني ٿيڻ وقت ........ ٧٣٣
٥٨_ امام عليه السلام جو خط، جنهن ڪي پاڻ عليه السلام مختلف شهرن جي ماڻهن ڏانهن لکيو ........ ٧٣٣
٥٩_ امام عليه السلام جو خط، حلوان لشڪر جي سردار اسود بن قطبہ ڏانهن ........ ٧٣٥
٦٠_ امام عليه السلام جو خط، انهن عملدارن ڏانهن جن جا علائقا لشڪر جي رستي ۾ پوندا هئا ........ ٧٣٧
٦١_ امام عليه السلام جو خط، ڪميل بن زياد نخعي ڏانهن ........ ٧٣٧
٦٢_ امام عليه السلام جو خط، مصر وارن ڏانهن مالڪ اشتر رحمه الله سان گڏ جڏهن ڪيس ان جو والي مقرر ڪيو ........ ٧٣٩
٦٣_ امام عليه السلام جو خط، ابو موسیٰ اشعري ڏانهن ........ ٧٤١
٦٤_ امام عليه السلام جو جوابي خط، معاويہ ڏانهن ........ ٧٤٣
٦٥_ امام عليه السلام جو هي خط، انهي (معاويہ) ڏانهن ئي آهي ........ ٧٤٧
٦٦_ امام عليه السلام جو خط، عبدالله بن عباس ڏانهن ........ ٧٤٩
٦٧_ امام عليه السلام جو خط، قثم بن عباس ڏانهن جڏهن تہ هو سندس طرفان مڪي تي والي هيو ........ ٧٤٩
٦٨_ امام عليه السلام جو خط، سلمان فارسي رحمه الله ڏانهن پنهنجي خلافت کان اڳ وارن ڏهاڙن ۾ ........ ٧٥١
٦٩_ امام عليه السلام جو خط، حارث همداني ڏانهن ........ ٧٥١
٧٠_ امام عليه السلام جو خط، سهل بن حنيف انصاري ڏانهن ........ ٧٥٥
٧١_ امام عليه السلام جو خط، منذر بن جارود عبدي ڏانهن ........ ٧٥٥
٧٢_ امام عليه السلام جو خط، عبدالله بن عباس ڏانهن ........ ٧٥٧
٧٣_ امام عليه السلام جو خط، معاويہ ڏانهن ........ ٧٥٧
٧٤_ امام عليه السلام جو ڪرايل معاهدو ........ ٧٥٩
٧٥_ امام عليه السلام جو خط معاويہ ڏانهن ........ ٧٥٩

٧٦_ امام عليه السلام جي وصيت عبدالله بن عباس کي ........................ ٧٦١

٧٧_ امام عليه السلام جي وصيت عبدالله بن عباس کي ........................ ٧٦١

٧٨_ امام عليه السلام جو خط ابو موسيٰ اشعري ڏانهن ........................ ٧٦١

٧٩_ امام عليه السلام جو خط لشڪر جي سردارن ڏانهن ........................ ٧٦٣

## اميرالمؤمنين عليه السلام جا اقوالِ زرين

١_ فتني کان عليحدگي ........................ ٧٦٧

٢_ لالچ، غربت، زبان ........................ ٧٦٧

٣_ ڪنجوسائپ، بزدليءَ، غربت ........................ ٧٦٧

۴_ خوبيون ........................ ٧٦٧

۵_ علم، ادب، سوچ ........................ ٧٦٧

٦_ عقلمند جو سينو، مُرڪندڙ مُنهن، بُردباري ........................ ٧٦٩

٧_ صدقو ........................ ٧٦٩

٨_ انساني بناوٽ ........................ ٧٦٩

٩_ دنيا ........................ ٧٦٩

١٠_ اٿڻ ويهڻ ........................ ٧٦٩

١١_ معاف ڪرڻ ........................ ٧٦٩

١٢_ عاجز انسان ........................ ٧٧١

١٣_ ناشڪري ........................ ٧٧١

١۴_ پنهنجا ۽ پراوا ........................ ٧٧١

١۵_ ڏوڪي ڪاڏل ........................ ٧٧١

١٦_ تقدير ........................ ٧٧١

١٧_ خضاب ........................ ٧٧١

۴۰_ عقلمند ۽ بيوقوف ........ ۷۸۱
۴۱_ عقلمند ۽ بيوقوف جي ٻيءَ تعريف ........ ۷۸۱
۴۲_ بيماري جو عوض ........ ۷۸۳
۴۳_ خباب بن ارت ........ ۷۸۳
۴۴_ خوش بخت انسان ........ ۷۸۳
۴۵_ مومن ۽ منافق ........ ۷۸۳
۴۶_ خودپسنديءَ ........ ۷۸۵
۴۷_ مرد جو مقام ........ ۷۸۵
۴۸_ ڪاميابي ........ ۷۸۵
۴۹_ بڪايل شريف ........ ۷۸۵
۵۰_ مردن جون دليون ........ ۷۸۵
۵۱_ پلو پاڳ ........ ۷۸۵
۵۲_ معافي ڏيڻ جو حقدار ........ ۷۸۵
۵۳_ سخاوت ........ ۷۸۵
۵۴_ عقل، جهالت، ادب ۽ مشورو ........ ۷۸۷
۵۵_ صبر ........ ۷۸۷
۵۶_ شاهوڪاري ۽ فقيري ........ ۷۸۷
۵۷_ قناعت ........ ۷۸۷
۵۸_ مال ........ ۷۸۷
۵۹_ ديڄارڻ وارو ........ ۷۸۷
٦۰_ زبان ........ ۷۸۷
٦۱_ عورت ........ ۷۸۷

٦٢_ سلام ۽ احسان ........ ٤٨٩
٦٣_ سفارش ........ ٤٨٩
٦٤_ دنيا وارا ........ ٤٨٩
٦٥_ پيارن جو وڇوڙو ........ ٤٨٩
٦٦_ نااهل کان گُهرڻ ........ ٤٨٩
٦٧_ تورو ڏيڻ ........ ٤٨٩
٦٨_ پاڪدامني ۽ شڪر ........ ٤٨٩
٦٩_ هر حال ۾ خوش رهڻ ........ ٤٨٩
٧٠_ جاهل ........ ٤٨٩
٧١_ ڪامل عقل ........ ٤٩١
٧٢_ زمانو ........ ٤٩١
٧٣_ اڳواڻ ........ ٤٩١
٧٤_ موت ........ ٤٩١
٧٥_ وڃڻي ۽ اچڻي شيءِ ........ ٤٩١
٧٦_ مشتبه امور ........ ٤٩١
٧٧_ ضرار بن حمزه ضبائي جو معاويه وٽ امام علي عليه السلام جي تعريف ........ ٤٩١
٧٨_ قضاء ۽ قدر ........ ٤٩٣
٧٩_ حڪمت ........ ٤٩٥
٨٠_ حڪمت ........ ٤٩٥
٨١_ انسان جي قيمت ........ ٤٩٥
٨٢_ امام عليه السلام جون پنج قيمتي نصيحتون ........ ٤٩٥
٨٣_ جڏهن هڪ شخص امام عليه السلام جي تعريف ڪئي ........ ٤٩٥

۸۴_ غازي ........................................ ۷۹۷
۸۵_ جهالت جو اقرار نہ ڪرڻ ........................................ ۷۹۷
۸۶_ پوڙهي جي راءِ ........................................ ۷۹۷
۸۷_ استغفار ........................................ ۷۹۷
۸۸_ استغفار جي اهميت ........................................ ۷۹۷
۸۹_ اخروي ڪمن جي اصلاح ........................................ ۷۹۹
۹۰_ ڪامل فقيہ ........................................ ۷۹۹
۹۱_ دلين جي ٿڪاوٽ ........................................ ۷۹۹
۹۲_ هيٺئين ۽ مٿئين درجي وارو علم ........................................ ۷۹۹
۹۳_ فتنن کان پناھ ........................................ ۷۹۹
۹۴_ ڀلائي جي تعريف ........................................ ۸۰۱
۹۵_ مقبول عمل ........................................ ۸۰۱
۹۶_ نبين جي وڌيڪ ويجهو ماڻهو ........................................ ۸۰۱
۹۷_ يقين جي ننڊ ........................................ ۸۰۱
۹۸_ روايت کي پروڙيو ........................................ ۸۰۱
۹۹_ انا للہ و انا اليہ راجعون جي وضاحت ........................................ ۸۰۳
۱۰۰_ مُنهن تي تعريف ڪرڻ وقت امام عليہ السلام فرمايو ........................................ ۸۰۳
۱۰۱_ حاجت روائي ........................................ ۸۰۳
۱۰۲_ ايندڙ زماني جي حالت ........................................ ۸۰۳
۱۰۳_ چتيون لڳل پراڻي چادر ........................................ ۸۰۳
۱۰۴_ امام عليہ السلام جو نوف بڪالي کي زاهدن جون وصفون ٻڌائڻ ........................................ ۸۰۵
۱۰۵_ فرضن جي پابندي ........................................ ۸۰۵

١٠٦_ دين کي معمولي سمجهڻ ........................ ٨٠٥
١٠٧_ بي فائده علم ........................ ٨٠٥
١٠٨_ دل ........................ ٨٠٧
١٠٩_ اهل بيت عليهم السلام جو مقام ........................ ٨٠٧
١١٠_ الله جو حڪم نافذ ڪندڙ ........................ ٨٠٧
١١١_ سهل بن حنيف انصاري رحمه الله جي وفات وقت فرمايو ........................ ٨٠٧
١١٢_ اهل بيت عليهم السلام سان محبت ڪندڙ ........................ ٨٠٩
١١٣_ انمول خوبيون ........................ ٨٠٩
١١٤_ بدظني ۽ حُسنِ ظن ........................ ٨٠٩
١١٥_ ڪنهن امام عليه السلام کان حال پڇيو ته فرمايائون ........................ ٨٠٩
١١٦_ احسان ۽ آزمائش جو عذاب ........................ ٨٠٩
١١٧_ ٻه ماڻهو برباد ٿي ويا ........................ ٨١١
١١٨_ موقعي کي وڃائڻ ........................ ٨١١
١١٩_ دنيا ........................ ٨١١
١٢٠_ قريش جا قبيلا ........................ ٨١١
١٢١_ ٻه عمل ........................ ٨١١
١٢٢_ جنازي ۾ کلڻ ........................ ٨١١
١٢٣_ خوش نصيب ماڻهو ........................ ٨١٣
١٢٤_ مرد ۽ عورت جي غيرت ........................ ٨١٣
١٢٥_ اسلام جي تعريف ........................ ٨١٣
١٢٦_ ڪنجوس، هٺيلي، الله ۾ شڪ ڪندڙ ۽ موت کي وساريندڙ ........................ ٨١٣
١٢٧_ عمل ۾ ڪوتاهي ڪندڙ ........................ ٨١٥

۱۲۸_ پهرين ۽ پوئين ٿڌ ........................................ ۸۱۵

۱۲۹_ خالق جي عظمت ........................................ ۸۱۵

۱۳۰_ امام عليه السلام جنگِ صفين کان واپس وريا تہ ڪوفي جي ٻاهران قبرن کي ڏسي فرمايائون ........................ ۸۱۵

۱۳۱_ دنيا جي مذمت ڪندڙ کي فرمايائون ........................................ ۸۱۷

۱۳۲_ هڪ ملائڪ جي ندا ........................................ ۸۱۹

۱۳۳_ دنيا ........................................ ۸۱۹

۱۳۴_ سچو دوست ........................................ ۸۱۹

۱۳۵_ دعا، توبہ، استغفار ۽ شڪر ........................................ ۸۱۹

۱۳۶_ فرض ........................................ ۸۲۱

۱۳۷_ صدقو ........................................ ۸۲۱

۱۳۸_ بدلي جو يقين ........................................ ۸۲۱

۱۳۹_ امداد ........................................ ۸۲۱

۱۴۰_ ڪفايت شعاري ........................................ ۸۲۱

۱۴۱_ ٿورو عيال ........................................ ۸۲۱

۱۴۲_ هڪ ٻئي سان الفت ........................................ ۸۲۱

۱۴۳_ ڳڻتي ........................................ ۸۲۱

۱۴۴_ صبر ........................................ ۸۲۱

۱۴۵_ روح کان خالي عمل ........................................ ۸۲۱

۱۴۶_ صدقو، زڪوات ۽ دعا ........................................ ۸۲۳

۱۴۷_ علم جي فضيلت ........................................ ۸۲۳

۱۴۸_ ماڻهو جي زبان ........................................ ۸۲۵

۱۴۹_ پاڻ کي ڄاڻ ........................................ ۸۲۵

١٥٠_ اعليٰ نصيحت ........ ٨٢٥

١٥١_ انجام ........ ٨٢٩

١٥٢_ فنا ٿيڻ ........ ٨٢٩

١٥٣_ صبر ........ ٨٢٩

١٥٤_ عمل تي رضامندي ........ ٨٢٩

١٥٥_ اهل ماڻهن کي ذميداريون ڏيڻ ........ ٨٢٩

١٥٦_ برحق رهبرڻ جي اطاعت ........ ٨٢٩

١٥٧_ نصيحت ........ ٨٣١

١٥٨_ احسان ۽ عطا ........ ٨٣١

١٥٩_ پاڻ کي بدنام ڪندڙ ........ ٨٣١

١٦٠_ جانبدار ........ ٨٣١

١٦١_ راءِ ۾ هٺڌرمي ........ ٨٣١

١٦٢_ راز کي لڪائڻ ........ ٨٣١

١٦٣_ غربت ........ ٨٣١

١٦٤_ نااهل جو حق ادا ڪرڻ ........ ٨٣١

١٦٥_ مخلوق جي فرمانبرداري ........ ٨٣١

١٦٦_ حق کان دستبرداري ........ ٨٣٣

١٦٧_ خودپسندي ........ ٨٣٣

١٦٨_ موت ........ ٨٣٣

١٦٩_ بصيرت ........ ٨٣٣

١٧٠_ گناهه کي ڇڏڻ ........ ٨٣٣

١٧١_ ڪاڏو ........ ٨٣٣

١٧٢_ جهالت ........................................ ٨٣٣

١٧٣_ معتبر رايا ........................................ ٨٣٣

١٧٤_ الله خاطر غضب ........................................ ٨٣٣

١٧٥_ خوف جو علاج ........................................ ٨٣٥

١٧٦_ حڪومت جي ذميداري ........................................ ٨٣٥

١٧٧_ انعام ........................................ ٨٣٥

١٧٨_ شر ........................................ ٨٣٥

١٧٩_ ضد ........................................ ٨٣٥

١٨٠_ لالچ ........................................ ٨٣٥

١٨١_ ڪوتاهي ........................................ ٨٣٥

١٨٢_ ڏاهپ واريءِ ڳالهه ........................................ ٨٣٥

١٨٣_ ٻه مختلف دعوتون ........................................ ٨٣٥

١٨٤_ يقين ........................................ ٨٣٧

١٨٥_ امام عليه السلام جو مقام ........................................ ٨٣٧

١٨٦_ ظلم ........................................ ٨٣٧

١٨٧_ لاڏاڻو ........................................ ٨٣٧

١٨٨_ حق جي مخالفت ........................................ ٨٣٧

١٨٩_ صبر ........................................ ٨٣٧

١٩٠_ خلافت جو معيار ........................................ ٨٣٧

١٩١: دنيا جي حالت ........................................ ٨٣٧

١٩٢_ وڏيڪ ڪمائڻ ........................................ ٨٣٩

١٩٣_ دلين جي حالت ........................................ ٨٣٩

۱۹۴_ معاف ڪرڻ ........................................ ۸۳۹

۱۹۵_ دنيا ........................................ ۸۳۹

۱۹۶_ مال ........................................ ۸۳۹

۱۹۷_ دلين جي ٿڪاوٽ ........................................ ۸۴۱

۱۹۸_ خارجين جو نعرو ........................................ ۸۴۱

۱۹۹_ بازاري ماڻهو ........................................ ۸۴۱

۲۰۰_ تماشي وارا ........................................ ۸۴۱

۲۰۱_ تقدير ........................................ ۸۴۱

۲۰۲_ طلحہ ۽ زبير ........................................ ۸۴۱

۲۰۳_ الله جي ذات ........................................ ۸۴۳

۲۰۴_ ڀلائي ........................................ ۸۴۳

۲۰۵_ علم جو ظرف ........................................ ۸۴۳

۲۰۶_ بردبار ........................................ ۸۴۳

۲۰۷_ بردباريءَ جو مظاهرو ڪرڻ ........................................ ۸۴۳

۲۰۸_ نفس جو محاسبو ........................................ ۸۴۳

۲۰۹_ دنيا ........................................ ۸۴۵

۲۱۰_ الله کان ڊڄو ........................................ ۸۴۵

۲۱۱_ سخاوت، بُردباري، معافي ........................................ ۸۴۵

۲۱۲_ خودپسندي ........................................ ۸۴۵

۲۱۳_ هميشہ خوش رهڻ ........................................ ۸۴۵

۲۱۴_ نرم مزاج ........................................ ۸۴۷

۲۱۵_ مخالفت ........................................ ۸۴۷

٢١٦_ مقام ماڻُ ........ ٨٤٧

٢١٧_ مَردن جو ڪمال ........ ٨٤٧

٢١٨_ ساڙ ........ ٨٤٧

٢١٩_ لالچ ........ ٨٤٧

٢٢٠_ گمان ........ ٨٤٧

٢٢١_ دشمني ........ ٨٤٧

٢٢٢_ شريف ماڻهوءَ ........ ٨٤٧

٢٢٣_ حياء ........ ٨٤٩

٢٢٤_ نصيحتون ........ ٨٤٩

٢٢٥_ حاسد ........ ٨٤٩

٢٢٦_ لالچي ........ ٨٤٩

٢٢٧_ ايمان ........ ٨٤٩

٢٢٨_ دنيا جي محبت ........ ٨٤٩

٢٢٩_ قناعت ........ ٨٥١

٢٣٠_ پائيواري ........ ٨٥١

٢٣١_ عدل ۽ احسان ........ ٨٥١

٢٣٢_ عطا ........ ٨٥١

٢٣٣_ للڪارڻ ........ ٨٥١

٢٣٤_ عورتن جون پلوڙ خصلتون ........ ٨٥٣

٢٣٥_ عاقل ۽ جاهل ........ ٨٥٣

٢٣٦_ دنيا ........ ٨٥٣

٢٣٧_ الله جي عبادت ........ ٨٥٣

۲۳۸_ عورت ........ ۸۵۳
۲۳۹_ سستي ........ ۸۵۳
۲۴۰_ غصب جو اثر ........ ۸۵۵
۲۴۱_ ظالم ۽ مظلوم ........ ۸۵۵
۲۴۲_ الله کان ڊڄڻ ........ ۸۵۵
۲۴۳_ صحيح جواب ........ ۸۵۵
۲۴۴_ نعمت ........ ۸۵۵
۲۴۵_ خواهش ........ ۸۵۵
۲۴۶_ نعمتن جو وڃڻ ........ ۸۵۵
۲۴۷_ سخاوت ........ ۸۵۵
۲۴۸_ ڀلائي جو گمان ........ ۸۵۷
۲۴۹_ ڀلو عمل ........ ۸۵۷
۲۵۰_ ارادن جو ٽُٽڻ ........ ۸۵۷
۲۵۱_ دنيا جي ڪوڙاڻ ۽ مِٺاڻ ........ ۸۵۷
۲۵۲_ واجبات جو فلسفو ........ ۸۵۷
۲۵۳_ ظالم کي قسم ڏيڻ جو طريقو ........ ۸۵۹
۲۵۴_ پنهنجو مال ........ ۸۵۹
۲۵۵_ ڪاوڙ ........ ۸۵۹
۲۵۶_ حسد ........ ۸۵۹
۲۵۷_ اخلاق ........ ۸۵۹
۲۵۸_ صدقو ........ ۸۵۹
۲۵۹_ وفاداري ........ ۸٦۱

٢٦٠_ احسان ........ ٨٦١
هن فصل ۾ اسان امام عليه السلام جي ان انوکي ڪلام کي ذکر ڪنداسين جيڪو تفسير جو محتاج آهي ........ ٨٦٣
١_ دين جو سردار ........ ٨٦٥
٢_ ڀلوڙ خطيب ........ ٨٦٥
٣_ جهڳڙو ........ ٨٦٥
٤_ پرڙو ........ ٨٦٥
٥_ ايمان ........ ٨٦٩
٦_ زڪوات ........ ٨٦٩
٧_ عورتن کان دوري ........ ٨٦٩
٨_ جوئاريءَ ........ ٨٧١
٩_ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي پناهه ........ ٨٧١
٢٦١_ انبارتي حملي جي خبر ٻڌي فرمايائون ........ ٨٧٣
٢٦٢_ جمل وارا ........ ٨٧٣
٢٦٣_ حڪمران جو ساٿي ........ ٨٧٣
٢٦٤_ ڀلائي ........ ٨٧٥
٢٦٥_ ذاهن جو ڪلام ........ ٨٧٥
٢٦٦_ ڪلام جي حفاظت ........ ٨٧٥
٢٦٧_ سياڻي جي ڳڻتيءَ ........ ٨٧٥
٢٦٨_ دوستيءَ دشمني جي حد ........ ٨٧٥
٢٦٩_ دنيا ۾ ڪم ڪندڙن جا قسم ........ ٨٧٥
٢٧٠_ ڪعبي جي سينگار جي سامان جو وڪرو ........ ٨٧٧
٢٧١_ بيت المال مان چوري جو فيصلو ........ ٨٧٧

٢٧٢_ تبديلي ........................................ ٨٧٧

٢٧٣_ تقدير ........................................ ٨٧٩

٢٧۴_ علم ۽ يقين ........................................ ٨٧٩

٢٧٥_ لالچ ........................................ ٨٧٩

٢٧٦_ ظاهر ۽ باطن ........................................ ٨٧٩

٢٧٧_ اهل بيت عليهم السلام تي مشڪل وقت ........................................ ٨٨١

٢٧٨_ فائديمند عمل ........................................ ٨٨١

٢٧٩_ فرضن جي اهميت ........................................ ٨٨١

٢٨٠_ آخرت ........................................ ٨٨١

٢٨١_ سوچ ويچار ........................................ ٨٨١

٢٨٢_ غفلت ........................................ ٨٨١

٢٨٣_ عالم ۽ جاهل ........................................ ٨٨١

٢٨۴_ علم ........................................ ٨٨١

٢٨٥_ موت جي مهلت ........................................ ٨٨١

٢٨٦_ نظرِبد ........................................ ٨٨٣

٢٨٧_ تقدير ........................................ ٨٨٣

٢٨٨_ علم کان محروم ........................................ ٨٨٣

٢٨٩_ هڪ ديني ياء ........................................ ٨٨٣

٢٩٠_ نعمتن جو شڪرانو ........................................ ٨٨٥

٢٩١_ عذرخواهيءَ ........................................ ٨٨٥

٢٩٢_ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم کي دفن ڪرڻ وقت فرمايو ........................................ ٨٨٥

٢٩٣_ نادان جي صحبت ........................................ ٨٨٥

٢٩٤_ اوير ۽ اولهه جو فاصلو ........................................ ٨٨٥
٢٩٥_ دوست ۽ دشمن ........................................ ٨٨٥
٢٩٦_ پاڻ کي نيزو هڻڻ ........................................ ٨٨٧
٢٩٧_ نصيحتون پرائڻ ........................................ ٨٨٧
٢٩٨_ جهڳڙو ........................................ ٨٨٧
٢٩٩_ توبہ ........................................ ٨٨٧
٣٠٠_ مخلوق جو حساب ........................................ ٨٨٧
٣٠١_ ايلچي ۽ خط ........................................ ٨٨٧
٣٠٢_ دعا ........................................ ٨٨٧
٣٠٣_ دنيا سان محبت ........................................ ٨٨٩
٣٠٤_ انفاق ........................................ ٨٨٩
٣٠٥_ زنا ........................................ ٨٨٩
٣٠٦_ موت ........................................ ٨٨٩
٣٠٧_ مال جو لُٽجڻ ........................................ ٨٨٩
٣٠٨_ قرابت ........................................ ٨٨٩
٣٠٩_ مومن جي بدگماني ........................................ ٨٨٩
٣١٠_ سچو ايمان ........................................ ٨٨٩
٣١١_ انس بن مالک کي پِٽ ........................................ ٨٩١
٣١٢_ دلين جي حالت ........................................ ٨٩١
٣١٣_ قرآن ........................................ ٨٩١
٣١٤_ شر کي ٽارڻ ........................................ ٨٩١
٣١٥_ سهٽيءَ لڪائي ........................................ ٨٩١

٣١٦_ مؤمنن جو سردار ........................ ٨٩١
٣١٧_ يهودين کي جواب ........................ ٨٩٣
٣١٨_ غلبي جو ڪارڻ ........................ ٨٩٣
٣١٩_ غربت ........................ ٨٩٣
٣٢٠_ اجايو سوال ........................ ٨٩٣
٣٢١_ مشورو ........................ ٨٩٣
٣٢٢_ مؤمن جي ذلت ........................ ٨٩٥
٣٢٣_ خارجين جا مقتول ........................ ٨٩٥
٣٢٤_ الله جي نافرماني ........................ ٨٩٥
٣٢٥_ محمد بن ابوبڪر جي شهادت ........................ ٨٩٥
٣٢٦_ عذر کي قبول ڪرڻ ........................ ٨٩٥
٣٢٧_ گناهه ........................ ٨٩٧
٣٢٨_ شاهوڪارن جو مال ........................ ٨٩٧
٣٢٩_ معذرت ........................ ٨٩٧
٣٣٠_ ناشڪري ........................ ٨٩٧
٣٣١_ اطاعت ........................ ٨٩٧
٣٣٢_ حڪمران ........................ ٨٩٧
٣٣٣_ مؤمن جون صفتون ........................ ٨٩٧
٣٣٤_ اجل ۽ انت ........................ ٨٩٩
٣٣٥_ مال ........................ ٨٩٩
٣٣٦_ واعدو ........................ ٨٩٩
٣٣٧_ بي عمل جي دعا ........................ ٨٩٩

۳۳۸_ علم ........ ۸۹۹

۳۳۹_ حڪومت ........ ۸۹۹

۳۴۰_ پاڪدامني ۽ شڪر ........ ۸۹۹

۳۴۱_ ظالم ........ ۸۹۹

۳۴۲_ وڏي شاهوڪاري ........ ۸۹۹

۳۴۳_ يلوڙ نصيحتون ........ ۹۰۱

۳۴۴_ ناياب نصيحتون ........ ۹۰۱

۳۴۵_ پاڪدامني ........ ۹۰۱

۳۴۶_ گُهرڻ ........ ۹۰۱

۳۴۷_ خوشامد ........ ۹۰۱

۳۴۸_ سخت گناهه ........ ۹۰۱

۳۴۹_ يلوڙ نصيحتون ........ ۹۰۳

۳۵۰_ ظالم جون نشانيون ........ ۹۰۳

۳۵۱_ آساني ........ ۹۰۳

۳۵۲_ اهل ۽ اولاد ........ ۹۰۳

۳۵۳_ وڏو عيب ........ ۹۰۵

۳۵۴_ پٽ جي ڄمڻ تي مبارڪباد ........ ۹۰۵

۳۵۵_ وڏو بنگلو ........ ۹۰۵

۳۵۶_ رزق ........ ۹۰۵

۳۵۷_ عذرخواهي ........ ۹۰۵

۳۵۸_ ڪشادگي ۽ تنگي ........ ۹۰۵

۳۵۹_ لالچ ۽ ادب ........ ۹۰۷

٣٦٠_ بروگمان ........................................ ٩٠٧
٣٦١_ الله سبحانہ کان حاجت گھرڻ جو انداز ........................ ٩٠٧
٣٦٢_ جهڳڙو ........................................ ٩٠٧
٣٦٣_ ناداني ........................................ ٩٠٧
٣٦٤_ اجايو سوال ........................................ ٩٠٧
٣٦٥_ باادب ٿيڻ لاءِ شرط ........................................ ٩٠٩
٣٦٦_ علم ۽ عمل ........................................ ٩٠٩
٣٦٧_ دنيا ........................................ ٩٠٩
٣٦٨_ ثواب ۽ عذاب ........................................ ٩٠٩
٣٦٩_ آخري زمانو ........................................ ٩١١
٣٧٠_ امام عليہ السلام جا تمهيدي جملا ........................................ ٩١١
٣٧١_ پلوڙ نصيحتون ........................................ ٩١١
٣٧٢_ دين ۽ دنيا جي مضبوطي ........................................ ٩١٣
٣٧٣_ ظلم ۽ برائي ........................................ ٩١٣
٣٧٤_ برائي ۽ ڀلائي ........................................ ٩١٥
٣٧٥_ جهاد ........................................ ٩١٥
٣٧٦_ حق ........................................ ٩١٥
٣٧٧_ رحمت کان مايوسي ........................................ ٩١٥
٣٧٨_ ڪنجوسائپ ........................................ ٩١٧
٣٧٩_ ٻہ رزق ........................................ ٩١٧
٣٨٠_ موت ........................................ ٩١٧
٣٨١_ زبان جي حفاظت ........................................ ٩١٧

٣٨٢_ پنهنجي زبان جي حفاظت ........................................ ٩١٩

٣٨٣_ ڪامل بندگي ........................................ ٩١٩

٣٨٤_ دنيا، ڪوتاهي ۽ ڀروسو ........................................ ٩١٩

٣٨٥_ دنيا جي پستي ........................................ ٩١٩

٣٨٦_ طلب تائين رسائي ........................................ ٩١٩

٣٨٧_ خير ۽ شر ........................................ ٩١٩

٣٨٨_ غربت ........................................ ٩٢١

٣٨٩_ عمل ........................................ ٩٢١

٣٩٠_ وقت جو صحيح استعمال ........................................ ٩٢١

٣٩١_ دنيا ۾ زهد ........................................ ٩٢١

٣٩٢_ زبان ........................................ ٩٢١

٣٩٣_ زندگي گذارڻ جو طريقو ........................................ ٩٢١

٣٩٤_ گفتي جو اثر ........................................ ٩٢٣

٣٩٥_ قناعت ........................................ ٩٢٣

٣٩٦_ انمول نصيحتون ........................................ ٩٢٣

٣٩٧_ مُشڪ جي خوشبؤ ........................................ ٩٢٣

٣٩٨_ فخر ........................................ ٩٢٣

٣٩٩_ پيءُ ۽ پٽ جا حق ........................................ ٩٢٣

٤٠٠_ نظر ۽ تعويذ ........................................ ٩٢٣

٤٠١_ دشمني کان امان ........................................ ٩٢٥

٤٠٢_ حيثيت مطابق رهڻ ........................................ ٩٢٥

٤٠٣_ الڳ الڳ چاهت ........................................ ٩٢٥

۴۰۴_ لا حول ولا قوة الا بالله جي معنیٰ ........................ ۹۲۵

۴۰۵_ دين ۾ ناسمجهي ........................ ۹۲۵

۴۰۶_ شاهوڪار ۽ غريب ........................ ۹۲۷

۴۰۷_ عقل ........................ ۹۲۷

۴۰۸_ حق غالب رهندو ........................ ۹۲۷

۴۰۹_ دل ........................ ۹۲۷

۴۱۰_ اخلاق جو سردار ........................ ۹۲۷

۴۱۱_ زبان جي تيزي ........................ ۹۲۷

۴۱۲_ نفس جو ادب ........................ ۹۲۷

۴۱۳_ صبر ........................ ۹۲۷

۴۱۴_ مانائتن ماڻهن جو صبر ........................ ۹۲۹

۴۱۵_ دنيا جي صفت ........................ ۹۲۹

۴۱۶_ امام حسن عليه السلام ڪي فرمايو ........................ ۹۲۹

۴۱۷_ استغفار ........................ ۹۳۱

۴۱۸_ بردباري ........................ ۹۳۱

۴۱۹_ ابنِ آدم جي بيوسي ........................ ۹۳۱

۴۲۰_ غلط نگاهه ........................ ۹۳۱

۴۲۱_ عقل ........................ ۹۳۳

۴۲۲_ ڀلائي ........................ ۹۳۳

۴۲۳_ اندر ڪي سڌارڻ ........................ ۹۳۳

۴۲۴_ بردباري ........................ ۹۳۳

۴۲۵_ الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ ........................ ۹۳۳

۴۲۶_ تندرستيءَ ۽ شاهوڪاريءَ ........ ۹۳۵

۴۲۷_ مؤمن ڪي دانهن ڏيڻ ........ ۹۳۵

۴۲۸_ عيد ........ ۹۳۵

۴۲۹_ حسرت ........ ۹۳۵

۴۳۰_ وڏي خساري وارو ماڻهو ........ ۹۳۵

۴۳۱_ رزق ........ ۹۳۷

۴۳۲_ الله جا ولي ........ ۹۳۷

۴۳۳_ موت جي ياد ........ ۹۳۷

۴۳۴_ آزمائش ........ ۹۳۷

۴۳۵_ شڪر، دعا ۽ توبہ ........ ۹۳۷

۴۳۶_ عزت واري جو معيار ........ ۹۳۹

۴۳۷_ عدالت ۽ سخاوت ........ ۹۳۹

۴۳۸_ جهالت ........ ۹۳۹

۴۳۹_ زهد ........ ۹۳۹

۴۴۰_ ننڊ ........ ۹۳۹

۴۴۱_ حڪومتون ........ ۹۳۹

۴۴۲_ يلو شهر ........ ۹۳۹

۴۴۳_ مالڪِ اشتر رحمه الله ........ ۹۴۱

۴۴۴_ ٿورو عمل ........ ۹۴۱

۴۴۵_ خوبي خوبي ڪي آڻي ٿي ........ ۹۴۱

۴۴۶_ غالب ابن صعصع جو جواب ........ ۹۴۱

۴۴۷_ واپار جا مسئلا ........ ۹۴۱

۴۴۸_ وڏي مصيبت ........ ۹۴۱
۴۴۹_ محترم نفس ........ ۹۴۱
۴۵۰_ مذاق ........ ۹۴۱
۴۵۱_ خودداري ........ ۹۴۳
۴۵۲_ اصل شاهوڪاري ۽ غربت ........ ۹۴۳
۴۵۳_ زبير ........ ۹۴۳
۴۵۴_ آدم جي اولاد جي حقيقت ........ ۹۴۳
۴۵۵_ وڏو شاعر ........ ۹۴۳
۴۵۶_ نفس جي قيمت ........ ۹۴۳
۴۵۷_ ٻه ٻڪايل ........ ۹۴۳
۴۵۸_ ايمان جي نشاني ........ ۹۴۵
۴۵۹_ تقدير ........ ۹۴۵
۴۶۰_ بردباري ۽ سمجهداري ........ ۹۴۵
۴۶۱_ غِيبت ........ ۹۴۵
۴۶۲_ فريب ڪاڏل ........ ۹۴۵
۴۶۳_ دنيا ........ ۹۴۵
۴۶۴_ بني اميه ........ ۹۴۵
۴۶۵_ انصار ........ ۹۴۷
۴۶۶_ عجيب استعارو ........ ۹۴۷
۴۶۷_ هڪ والي جي واڪاڻ ........ ۹۴۷
۴۶۸_ سخت زمانو ايندو ........ ۹۴۷
۴۶۹_ برباد ٿيندڙ ماڻهو ........ ۹۴۷

۴۷۰_ توحيد ۽ عدل ........................................ ۹۴۹
۴۷۱_ حڪمت واري ڳالهه ........................................ ۹۴۹
۴۷۲_ مينهن وسڻ جي دعا ........................................ ۹۴۹
۴۷۳_ پاڻ سڳورن ﷺ جو وچوڙو ........................................ ۹۴۹
۴۷۴_ پاڪدامني ........................................ ۹۴۹
۴۷۵_ قناعت ........................................ ۹۴۹
۴۷۶_ هڪ عامل کي نصيحت ........................................ ۹۵۱
۴۷۷_ سخت گناهه ........................................ ۹۵۱
۴۷۸_ عالم ........................................ ۹۵۱
۴۷۹_ بردباري ........................................ ۹۵۱
۴۸۰_ ديني ياءَ کي ڪاوڙائڻ ........................................ ۹۵۱

## سنڌيڪار جون سٽون

بسم الله الرحمن الرحيم اَلحَمدُ لِله رَبِّ العَالَمِينَ وَ صَلّی اللّٰهُ عَلی مُحَمَّد وَ آلِهِ الطَّيِّبِينَ الطَّاهِرِينَ الغُرِّ المَيَامِينَ سِيّمَا بَقِيَّة اللّٰهِ فِي الأَرَضِينَ وَاللَّعنَةُ الدَّائِمَةُ عَلی أَعدَائِهِم مَلعُونِينَ أَجمَعِينَ مِنَ الآنَ إلی قِيَامِ يَومِ الدّينَ أَمَّا بَعدُ:

اڻ ڪٿ ساراهہ ان ذات لاءِ جيڪو اهڙو اوّل آهي جنهن لاءِ ڪا ابتدا نہ آهي جو ڪا شيءِ ان کان پهريائين هجي، ۽ اهڙو آخر آهي جنهن لاءِ ڪا انتها نہ آهي جو ڪا شيءِ ان ڪانپوءِ هجي، جيڪو اکين جي ماڻڪين کي پاڻ تائين پهچڻ کان روڪيندڙ آهي.

۽ صلوات ۽ سلام ان سڳوري ﷺ تي جيڪو نبين جو سردار ۽ سلسلي نبوت جو آخري انمول موتي آهي، جنهن کي الله سائين ان وقت موڪليو جڏهن امتون اگهُور ننڊ ۾ ستل هيون، دين جي رسي ڪٽيل هئي، يقين جا ٿنيا لُڏيل هيا، ۽ اصول مختلف ۽ رستا ڌار ڌار هيا، نڪرڻ جو رستو سوڙهو، ۽ مرڪز اوجهل هيو، هدايت گمنام ۽ گمراهي عام هئي، فتنن جي باهہ ٻريل، ۽ پَٽ جي پٽَن ۾ ڦِڪاڻ ۽ ان جي ميوي کان مايوسي هئي. پر پاڻ سڳورن ﷺ اهڙو تہ ابدي انقلاب آندو جو روحن ۾ راحت اچي وئي ۽ شيطان جي چيلهہ چٻي ٿي وئي ۽ امت لاءِ قرآن ۽ اهل بيت عليهم السلام جهڙا هادي ڇڏي رحمٰن سان ملاقات لاءِ راهي ٿيا. بيشڪ قرآن مجيد اهڙو ڳالهائيندڙ آهي جو ان جي زبان نٿي ٿڪجي ۽ اهڙو گهر آهي جنهن جا ستون نٿا ڊهن ۽ اهڙو طاقتور آهي جنهن جا مددگار شڪست نٿا کائين.

۽ يقيناً اهل بيت عليهم السلام الله جي رازن جا رازدار، ۽ ان جي دين جي پناهہ، علمِ الٰهي جا خزانا ۽ سندس حڪمتن جا آستان آهن، ۽ اهي الله جي ڪتابن جا محافظ، ۽ سندس دين جا جبل آهن. هن انهن سان ئي دين جي چيلهہ کي مضبوط ۽ دين جي پٺيءَ جي پيچ کي سڌو ڪيو آهي ۽ سندن ذريعي ئي دين جي جزئن جي ڌڪڻي کي ختم ڪيو آهي. بس جيڪو ڪانئن اڳتي وڌيو تہ دين کان نڪري ويو ۽ جيڪو پوئتي رهيو تہ هلاڪ ٿي ويو ۽ جيڪو ساڻ رهيو تہ حق تي رهيو. ۽ وري ان اهل بيت عليهم السلام جا سرواڻ ان ذات کي ٻڌائي ويا جيڪو امت ۾ سڀ وڌيڪ علم رکندڙ، ۽ دين کي سمجهندڙ آهي جنهن پاڻ بابت آگاهي ڏيندي فرمايو: قسم آهي ان ذات جو جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، توهان مونکان پنهنجي ۽ قيامت جي درميان ڪنهن بہ شئ جي باري ۾ نہ پڇندؤ، ۽ نہ وري ان ٽولي بابت جيڪو سؤ کي هدايت ڏيندو ۽ سؤ کي گمراهہ ڪندو، مگر آءٌ توهان کي ان ٽولي جي

سڏيندڙ، ڇڪيندڙ، ۽ هڪليندڙ، ۽ سندس سُوارين جي ترسڻ ۽ سَوارن جي رهڻ جي جاءِ. ۽ انهن مان جن کي قتل ڪيو ويندو، ۽ جيڪي انهن مان پنهنجي موت مرندا تن جي خبر ڏيندس.

بس پوءِ سلام هجي انهن بابرڪت سڀاڳڙين گهڙين تي جن ۾ مهربان مالڪ جي انمول توفيق اچي اٿاريو، ۽ ڪجھ ساٿين سهارو ڏنو جو سخن جي سردار جي نهج البلاغہ ۾ سهيڙيل سموري ڪلام کي پنهنجيءَ منڙيءَ، موچاريءَ، ساھ ۾ سيباٽيل، اباڻيءَ ٻوليءَ يعني سونهاريءَ سنڌيءَ جي مالها ۾ مڙهڻ لاءِ ترجمي ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. انهيءَ پهرينءَ فرصت ۾ منهنجا حالياڻي ۽ سهارا، منهنجا مهربان ياڙ **مولانا منتظر مهدي نجفي**، **مولانا نفيس احمد مطهري نجفي**، **سيد محمد مصطفي نجفي قمي مورائي**، **مولانا ثمر علي نجفي پتافي** ۽ ڪجھ ٻيا مهربان ٻہ هئا جن گڏجي ترجمي جو سفر شروع ڪيو.

جيتوڻيڪ نهج البلاغہ جا چند ترجما سنڌي ٻولي ۾ ٿيل آهن (الله پاڪ سندن ڪاوشن کي قبول فرمائي) پر لسان الله، سخن جي سردار اميرالمؤمنين عليه السلام جي معجزي نما اکرن۔ معتزلي جي بقول ”دون کلام الخالق فوق کلام المخلوق“ جو اعزاز رکندڙ ڪلام۔ تي جيترو ويچارجي ۽ لفظن جي سينن ۾ سانديل معنىٰ کي پهچائڻ لاءِ ٻي ٻولي جي اجرڪ اوڙهجي تنهن باوجود بہ حق ادا نٿو ڪري سگهجي، وري بہ وس آهر اسان عربي متن ۾ ويچاريندي، ۽ اکرن جي اڳڻ ۾ اندر رهندي سولي سنڌي ۾ ترجمي ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي، ۽ ان ڏس ۾ اسان قرآن ڪريم جي ترجمي واري نهج تي هن ترجمي کي هلايو، جو پهريائين نوان لفظ ڳولهي انهن جو لغوي جائزو ورتو. ۽ ائين تقريبا هڪ سؤ پنجاسي خطبن جي نون لفظن جي ترجمي ڪرڻ ڪانپوءِ گهڻي ياڳين ساٿي لغوي روش کان آگاھ ٿي ويا جنهن سفر کي سولو ڪري ڇڏيو ۽ ٻيو تہ الله سبحانہ و تعالىٰ طرفان صحت تي ڪجھ آزمائشي عوارض بہ اچي لاحق ٿيا. جن جي ڪري انهن لفظن ۽ معنائن کي سهيڙي سانڍي رکڻ کان بيوس ٿي پيس ۽ وري ڪرونا جي وبا بہ اچي فراق جون ڦڪيون ڦڪائي وِڌيون ۽ ويچا وجهي بي قراريءَ جي فضا قائم ڪري باقي متن جي لغوي لکڻي کان ويهاريو ڇڏيو ۽ فقط ترجمي واري واٽ تي هلي پياسين.

البتہ ابتدائي اساطين مان ڪي ساٿي پنهنجي حالات جي ڪري ڇڏي ويا، ۽ ڪي وري حالات بهتر ٿيڻ تي وري آيا، ۽ ڪي نوان ساٿي پڻ شريڪ ٿيا منهنجا اهي مهربان ياڙ **مولانا عبد الرسول محسني نجفي**، **مولانا سليم رضا نجفي**، **مولانا سعيد رضا نجفي**، **مولانا سيد علي شاھ**

**نجفي، مولانا منظور علي مجيداڻو نجفي، مولانا عامر علي نجفي، مولانا محمد عظيم سولنگي نجفي، مولانا شاهنواز لنجواڻي نجفي، مولانا امتياز علي مير جت نجفي، مولانا ثابت علي سعيدي** جن هئا. اهڙيءَ طرح **مولانا دولت علي رند** توڙي جو انن پويان پر گهڻو ڪري شريڪ ٿيندو رهيو. موصوف مهربانن مان وس آهر هر هڪ پاڻ جيترو ٿي سگهيس ساٿ ڏنو. ليڪن آخر تائين جن ساٿين ساٿ ڏئي پاڻ ملهايو اهي مهربان پائر **مولانا عبد الرسول محسني نجفي، مولانا سيد عطا حسين شاه نجفي، مولانا امتياز علي مير جت نجفي، مولانا شاهنواز لنجواڻي نجفي** جن هئا انهن مان وري مولانا عبدالرسول محسني جون ڪاوشون تہ سيني کان نراليون آهن، چاڪاڻ تہ شروعات ۾ اهو طيءِ ٿيو هيو تہ هر ساٿي ايندڙ مباحثي لاءِ ترجمو لکي ايندو، انهن سيني ۾ بحث مباحثي ترميم ۽ ترديد کانپوءِ اتفاقي ماحصل کي، ترجمي طور اختيار ڪبو، ليڪن عملي طور اها سعادت ٿورن ساٿين کي نصيب ٿيندي هئي، پر مولانا عبدالرسول محسني جن جڏهن کان ترجمي جي مباحثي ۾ شرڪت ڪئي ۽ انهيءَ روش کان آگاهہ ٿيا، تہ حسب دستور لکڻ شروع ڪيو، ۽ آخري ڏينهن تائين لڳاتار لکي آڻيندا رهيا بلڪ ڪجھ عرصي گذرڻ کانپوءِ اهو اعزاز سندس عرفي ذميداري بڻجي ويو هو ۽ گهڻي عرصي کانپوءِ اهو چڻ سندس حق بڻجي چڪو هيو، ان سان گڏ روزانو ڪيل ترجمي کي ڪمپوزنگ ڪري نهج البلاغہ جي ترجمي واري گروپ تي رکندا آيا تہ جيئن ٿيل ترجمي تي نظر ثاني بہ ٿيندي هلي، بس سندس انهن ڪاوشن جي ڪري اهو چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ نهج البلاغہ جي هن سنڌي ترجمي جو سهرو مولانا عبدالرسول محسني جي سر جو تاج آهي.

اها ڳالھ واضح رهي تہ اسان ترجمي جي لاءِ "ڊاڪٽر صبحي بن ابراهيم صالح" جي تحقيق ڪيل نهج البلاغہ واري نسخي کي بطور متن رکيو آهي.

الله سبحانہ و تعالیٰ کان دعا آهي تہ هن ڪار خير ۾ جن جن ساٿين جيتريون جيتريون زحمتون برداشت ڪيون آهن تن کي پنهنجيءَ بارگاهہ ۾قبوليت جو درجو عنايت فرمائي. ۽ انکي ان ڏينهن لاءِ ذخيرو قرار ڏئي جنهن ڏينهن کمر ٽوڙ معاملو ڪيو ويندو ۽ هڪ ٻئي ٻيءَ ٻنيءَ سان وچڙندي.

**ابڙو عبدالله روحاني نجفي**

**حوزہ علميہ نجف اشرف**

**۱۴ ربيع الثاني ۱۴۴۵ھ**

۲۹/۱۰/۲۰۲۳

# عرضِ ناشر

جڏهن حوزه علميہ نجف اشرف تي سخت آزمائش وارو دؤر پورو ٿيو تہ دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ مان علم جي اجارن بابِ مدينة العلم جي طرف پنهنجيءَ علمي اُڃ کي اجهائڻ لاءِ ڊوڙڻ شروع ڪيو، جن ۾ وادي مهراڻ مان پهرين پهر ۾ ايندڙن منجهان فخرِ سنڌ **علامہ عبدالله روحاني صاحب** جن بہ هئا، جن حوزه علميہ نجف اشرف جي عظيم مراجع عظام **آية الله محمد اسحاق فياض** (دام ظلہ) ۽ **آية الله بشير حسين نجفي** (دام ظلہ) جن وٽ علم فقہ ۽ علم اصول جي درسِ خارج مان فيض پرائڻ شروع ڪيو، ۽ گڏوگڏ سنڌ جي سانگيئڙن لاءِ قرآن ۽ حديث جي صورت ۾ موجود علمي خزاني کي سنڌي ٻوليءَ جي صورت ڏيڻ لاءِ چند هيئتون ناهيون _ جن جي مجموعي کي بعد ۾ **مؤسسة الغدير نجف اشرف** جو نالو ڏنو ويو جيڪو **مدرسة الغدير سيوهڻ شريف** جي هڪ شاخ آهي _ ان مان هڪ هيئت سائين جن جي سربراهي ۾ سڀ کان پهريائين قرآن مجيد جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو، ۽ هڪ هيئت سخن جي سردار امام علي عليہ السلام جي خطبن، خطن ۽ اقوالِ زرين تي مشتمل انوکي ڪتاب نهج البلاغہ جو سنڌي ۾ ترجمو شروع ڪيو، ۽ ان کان علاوه بہ ٻين قيمتي ڪتابن ۽ موضوعن تي ڪم شروع ڪيو ويو، ۽ مؤسسة الغدير نجف اشرف کي هاڻي اهو اعزاز حاصل تي رهيو آهي جو هو هن عظيم ڪتاب "**نهج البلاغہ**" کي ڇپرائي رهيو آهي. جيڪو ڇپائي جي تسلسل ۾ چوٿون ڪتاب آهي.

الله سائينءَ کان دعا آهي تہ مؤسسي ۾ خدمت ڪندڙ سيني ساٿين جو هي علمي پورهيو پنهنجيءَ بارگاه ۾ قبول فرمائي ۽ وڌيڪ توفيق عطا فرمائي.

مؤسسة الغدير نجف اشرف

foundationalghadeer@gmail.com

## مقدمة السيد الشريف الرضي

بسم الله الرحمن الرحيم

أما بعد حمد الله الذي جعل الحمد ثمنا لنعمائه، ومعاذا من بلائه ووسيلا إلى جنانه، وسببا لزيادة إحسانه، والصلاة على رسوله نبي الرحمة، وإمام الأئمة وسراج الأمة، المنتخب من طينة الكرم، وسلالة المجد الأقدم ومغرس الفخار المعرق، وفرع العلاء المثمر المورق. وعلى أهل بيته مصابيح الظلم وعصم الأمم، ومنار الدين الواضحة ومثاقيل الفضل الراجحة، صلى الله عليهم أجمعين، صلاة تكون إزاء لفضلهم ومكافأة لعملهم، وكفاء لطيب فرعهم وأصلهم، ما أنار فجر ساطع وخوى نجم طالع.

فإني كنت في عنفوان السن وغضاضة الغصن، ابتدأت بتأليف كتاب في خصائص الأئمة عليهم السلام، يشتمل على محاسن أخبارهم وجواهر كلامهم، حداني عليه غرض ذكرته في صدر الكتاب، وجعلته أمام الكلام، وفرغت من الخصائص، التي تخص أمير المؤمنين عليا عليه السلام، وعاقت عن إتمام بقية الكتاب محاجزات الأيام، ومماطلات الزمان. وكنت قد بوبت ما خرج من ذلك أبوابا وفصلته فصولا، فجاء في آخرها فصل يتضمن محاسن ما نقل عنه عليه السلام، من الكلام القصير، في المواعظ والحكم والأمثال والآداب، دون الخطب الطويلة والكتب المبسوطة. فاستحسن جماعة من الأصدقاء، ما اشتمل عليه الفصل المقدم ذكره، معجبين ببدائعه ومتعجبين من نواصعه. وسألوني عند ذلك أن أبتدئ بتأليف كتاب، يحتوي على مختار كلام مولانا أمير المؤمنين عليه السلام، في جميع فنونه ومتشعبات غصونه، من خطب وكتب ومواعظ وأدب، علما أن ذلك يتضمن من عجائب البلاغة، وغرائب الفصاحة وجواهر العربية، وثواقب الكلم الدينية والدنيوية، ما لا يوجد مجتمعا في كلام ولا مجموع الأطراف في كتاب، إذ كان أمير المؤمنين عليه السلام مشرع الفصاحة وموردها، ومنشأ البلاغة ومولدها، ومنه عليه السلام ظهر مكنونها، وعنه أخذت قوانينها.

# ليکڪ سيد شريف رضي ﷫ جو ديباچو

بسم الله الرحمن الرحيم

ان الله جي ساراهہ جنھن (حمد) شڪر کي پنھنجي نعمتن جو ملھہ ۽ پنھنجي آزمائش کان بچاءَ ۽ پنھنجي جنتن لاءِ واٽ، ۽ پنھنجي پلائي جي گھٽائي جو ذريعو قرار ڏنو آھي. ۽ رحمت جي نبيءَ ۽ سندس رسول ﷺ تي صلوات ھجي، جيڪو سرواڻن جو سرواڻ ۽ امت جو ڏيئو آھي، جنھن کي شرافت جي خمير، قديمي بزرگيءَ جي ٽَڪ، فخر ۽ بُٽائتيءَ ڪيتيءَ، ۽ پَنن واريءَ ميويدار اچيءَ ٽاريءَ مان چونڊيو ويو آھي. ۽ سندس اھل بيت ﵈ تي درودُ ھجي، جيڪي اونداھين ۾ ڏيئا، امت لاءِ محافظ، دين جا چِٽا مينار، ۽ فضل ۽ ڪمال جا بلند نمونا آھن، الله تعالىٰ سڀني تي رحمت نازل فرمائي، اھڙي رحمت جيڪا انھن جي ڪمال مطابق، ۽ سندن ڪردار جي برابر، ۽ سندن ذاتي ۽ خانداني پاڪيزگيءَ جو مَٽ ھجي، جيستائين چمڪندڙ فجر روشن رھي ۽ اڀرندڙ تارو لھندو رھي. آءٌ جوانيءَ جي شروعات ۽ گونچ جي ڳيرائي ۾ ھيس تہ آئمہ معصومين ﵈ جي خوبين تي ڪتاب لکڻ شروع ڪيو ھو، جيڪو سندن پلين ڳالھين، ۽ ڪلام جي موتين تي مشتمل ھو، غرض تاليف ڪي مون ان ڪتاب جي مُنڍ ۾ ذڪر ڪيو آھي ۽ انڪي ڪلام جو امام قرار ڏنو آھي، ۽ آءٌ انھن خصوصيتن کان فارغ ٿيس جيڪي اميرالمؤمنين علي ؑ سان خاص ھيون، تہ زماني جي رڪاوٽن ۽ وقت جي مصروفيتن مونکي باقي ڪتاب جي پورائي کان روڪي ڇڏيو. جيڪو مون ان ڪتاب مان لکيو ان کي بابن ۽ فصلن ۾ تقسيم ڪيو، پوءِ ھن ڪتاب کي پاڳن ۾ ورھايو، ۽ آخر ۾ ھڪ اھڙو پاڳو شامل ڪيو، جيڪو حضرت علي ؑ جي جامع ۽ مختصر ڪلام تي مشتمل ھو، جھڙوڪ نصيحتون، حڪمتون، مثالَ ۽ اخلاقي ڳالھيون، پر ان ۾ ڊگھا خطبا ۽ وڏا خط نہ ھئا. ان پاڳي جي خوبين کي ڏسي، ڪيترائي دوست ان جي خوبصورتي ۽ فصاحت کان متاثر ٿي، ان جي عجيب ۽ نادِر ڳالھين کي ڏسي حيران ٿيا. تنھنڪري، انھن مون کان درخواست ڪئي تہ ھڪ اھڙو ڪتاب لکان، جيڪو حضرت اميرالمؤمنين علي ؑ جي سڄي ڪلام کي گڏ ڪري، جنھن ۾ خطبا، خط، نصيحتون، ۽ ادب ھجن. ڇو تہ سندن چوڻ موجب ان ۾ بلاغت جا عجائب، فصاحت جا نادر نمونا، عربي ٻوليءَ جا جوھر ۽ ديني ۽ دنياوي حڪمتون موجود آھن، جيڪي ٻئي ڪنھن ڪلام ۾ يا ڪتاب ۾ گڏيل صورت ۾ موجود نہ آھن. ڇو تہ حضرت علي ؑ فصاحت جا سرچشما ۽ بلاغت جا موجِد آھن. انھن کان ئي فصاحت ۽ بلاغت جو خزانو ظاھر ٿيو آھي ۽ ڪانئن ان جا قاعدا ۽ قانون ورتا ويا آھن.

وعلى أمثلته حذا كل قائل خطيب، وبكلامه استعان كل واعظ بليغ، ومع ذلك فقد سبق وقصروا وتقدم وتأخروا، لأن كلامه عليه السلام الكلام، الذي عليه مسحة من العلم الإلهي، وفيه عبقة من الكلام النبوي فأجبتهم إلى الابتداء بذلك، عالما بما فيه من عظيم النفع، ومنشور الذكر ومذخور الأجر، واعتمدت به أن أبين عن عظيم قدر أمير المؤمنين عليه السلام، في هذه الفضيلة، مضافة إلى المحاسن الدثرة والفضائل الجمة، وأنه عليه السلام انفرد ببلوغ غايتها عن جميع السلف الأولين، الذين إنما يؤثر عنهم منها القليل النادر، والشاذ الشارد، فأما كلامه فهو البحر الذي لا يساجل، والجم الذي لا يحافل. وأردت أن يسوغ لي التمثل في الافتخار به عليه السلام، بقول الفرزدق:

أولئك آبائي فجئني بمثلهم
إذا جمعتنا يا جرير المجامع

ورأيت كلامه عليه السلام يدور على أقطاب ثلاثة، أولها الخطب والأوامر، وثانيها الكتب والرسائل، وثالثها الحكم والمواعظ، فأجمعت بتوفيق الله تعالى على الابتداء، باختيار محاسن الخطب ثم محاسن الكتب، ثم محاسن الحكم والأدب، مفردا لكل صنف من ذلك بابا ومفصلا فيه أوراقا، لتكون مقدمة لاستدراك ما عساه، يشذ عني عاجلا ويقع إلي آجلا.

وإذا جاء شيء من كلامه عليه السلام الخارج في أثناء حوار، أو جواب سؤال، أو غرض آخر من الأغراض في غير الأنحاء التي ذكرتها، وقررت القاعدة عليها، نسبته إلى أليق الأبواب به وأشدها ملامحة لغرضه.



وربما جاء فيما أختاره من ذلك فصول غير متسقة، ومحاسن كلم غير منتظمة، لأني أورد النكت واللمع، ولا أقصد التتالي والنسق. ومن عجائبه عليه السلام التي انفرد بها، وأمن المشاركة فيها، أن كلامه الوارد في الزهد والمواعظ، والتذكير والزواجر.

سيني خطيبن انهن جي پيروي ڪئي آهي، ۽ هر واعظ سندس ڪلام کان مدد ورتي آهي، پر پوءِ به سندن ڪلام تائين پهچي نه سگهيا، ڇو ته سندن ڪلام تي الهي علم جو رنگ، ۽ منجهس نبوي ڪلام جي خوشبوءِ سمايل آهي. تنهنڪري، آءٌ ان درخواست کي قبول ڪري، ان ڪتاب کي لکڻ شروع ڪيو، ڇو ته آءٌ ان جي وڏي فائدي، هميشه قائم رهندڙ يادگيريءَ ۽ ذخيرو ٿيل اجر کي سمجهندو هيس. ۽ آءٌ هن جي ذريعي اميرالمؤمنين عليه السلام جي هن عظيم فضيلت ۾ سندس بلند مقام کي بيان ڪرڻ جو اعتماد ڪيو آهي، ٻين گهڻين خوبين ۽ ڳچ فضيلتن سان ملائيندي. ۽ اهو به ته سندس مرتبو انهي فضيلت جي انتها تي پهچڻ ۾ سيني اڳين گذريل بزرگن کان نرالو آهي، جن جو ڪلام ٿورو گهڻو غيرمنسجم نقل ٿيل آهي. جڏهن ته سندس ڪلام اهو سمنڊ آهي جيڪو مقابلي کان مٿانهون آهي، ۽ اهو خزانو آهي جيڪو گهٽائي نٿو سگهجي. ۽ آءٌ چاهيو ته فرزدق جي انهي شعر سان ساڻس نسبي افتخار ۾ تمثيل پيش ڪريان:

اهـــي منهنجـــا اباڻـــا آهـــن، انهـــن جهـــڙو ڪـــو مـــون وٽ آڻـــي ڏيڪـــار
اي جريـــــر جـــــڏهن محفلـــــون اســـــان کـــــي گـــــڏ ڪـــــن.

۽ مون ڏٺو ته سندس ڪلام ٽن قطبن ۾ گهمي ٿو: **پهريون**: خطبا ۽ حڪم. **ٻيو** : خط ۽ سنيها. ۽ **ٽيون** :حڪمتون ۽ نصيحتون.

پوءِ مون الله تعاليٰ جي توفيق سان پهريائين پلن خطبن، پوءِ پلن خطن، پوءِ پلين حڪمتن ۽ ادب جي نفيس ڳالهين کي گڏ ڪيو، ۽ انهن مان هر قسم لاءِ هڪ الڳ باب مقرر ڪيو، ۽ اُن ۾ ڪجھ پنا ڇڏيا، ته جيئن ان کي شامل ڪرڻ لاءِ مقدمو ٺئي جيڪو مون کان تڪڙ ۾ رهجي ويو هجي، ۽ بعد ۾ مون تائين پهچي . ۽ جيڪڏهن امام عليه السلام جو ڪو قول اهڙي گفتگوءَ دوران اچي، يا سوال جي جواب طور، يا ڪنهن ٻئي مقصد جي مناسبت سان، انهن مخصوص قسمن کان سواءِ جن جو آءٌ ذڪر ڪري چڪو آهيان ۽ جن لاءِ مون اصول مقرر ڪيو آهي، ته آءٌ اُن قول کي انهيءَ باب ڏانهن منسوب ڪندس جيڪو ان لاءِ وڌيڪ مناسب ۽ ان جي مقصد لاءِ وڌيڪ موزون هجي . ۽ ممڪن آهي ته آءٌ جيڪي چونديان تن ۾ ڪي اهڙا باب به اچي وڃن، جيڪي پاڻ ۾ گهڻو ترتيب وارا نه هجن، ۽ ڪي اهڙيون نفيس ڳالهيون به هجن جيڪي مربوط ترتيب ۾ نه هجن، ڇو ته آءٌ ته فقط نڪتن ۽ چمڪندڙ خيالن کي پيش ڪرڻ چاهيان ٿو، ترتيب جي تسلسل جو ارادو ڪونه اٿم. ۽ امام عليه السلام جي انهن انوکن ڪارنامن مان، جن ۾ ڪو به ٻيو ساڻس شريڪ نه آهي، اهو آهي ته سندس اهو ڪلام جيڪو زهد، نصيحت، يادگيري ۽ گناهن کان باز رکڻ بابت آهي.

إذا تأمله المتأمل وفكر فيه المتفكر، وخلع من قلبه أنه كلام مثله، ممن عظم قدره ونفذ أمره، وأحاط بالرقاب ملكه، لم يعترضه الشك، في أنه كلام من لا حظ له في غير الزهادة، ولا شغل له بغير العبادة.

قد قبع في كسر بيت أو انقطع إلى سفح جبل، لا يسمع إلا حسه ولا يرى إلا نفسه، ولا يكاد يوقن بأنه كلام من ينغمس في الحرب، مصلتا سيفه فيقط الرقاب ويجدل الأبطال، ويعود به ينطف دما ويقطر مهجا، وهو مع تلك الحال زاهد الزهاد وبدل الأبدال.

وهذه من فضائله العجيبة وخصائصه اللطيفة، التي جمع بها بين الأضداد وألف بين الأشتات، وكثيرا ما أذاكر الإخوان بها وأستخرج عجبهم منها، وهي موضع للعبرة بها والفكرة فيها وربما جاء في أثناء هذا الاختيار اللفظ المردد، والمعنى المكرر، والعذر في ذلك أن روايات كلامه تختلف، اختلافا شديدا.

فربما اتفق الكلام المختار في رواية فنقل على وجهه، ثم وجد بعد ذلك في رواية أخرى، موضوعا غير موضعه الأول، إما بزيادة مختارة أو بلفظ أحسن عبارة، فتقتضي الحال أن يعاد استظهارا للاختيار، وغيرة على عقائل الكلام، وربما بعد العهد أيضا بما اختير أولا، فأعيد بعضه سهوا أو نسيانا لا قصدا واعتمادا.

ولا أدعي مع ذلك أني أحيط بأقطار جميع كلامه عليه السلام، حتى لا يشذ عني منه شاذ ولا يند ناد، بل لا أبعد أن يكون القاصر عني فوق الواقع إلي، والحاصل في ربقتي دون الخارج من يدي.

جيڪڏهن ڪو غور ڪندڙ ان ۾ غور ڪري ۽ ويچار ڪندڙ ويچار ڪري، ۽ دل مان اهو خيال ڪڍي ڇڏي تہ هي ڪنهن اهڙي شخص جو ڪلام آهي، جنهن جو مرتبو بلند، ۽ حڪم نافذ ٿيندڙ، ۽ بادشاهي ماڻهن جي ڳچين تائين پهتل آهي، تہ ڪيس ڪو شڪ نہ رهندو تہ هي اهڙي شخص جو ڪلام آهي، جنهن وٽ زهد کان علاوه ڪجھ بہ نہ هو، ۽ عبادت کان علاوه ڪا مصروفيت نہ هئي، جيڪو ڪنهن گهر جي ڪنڊ ۾ ويهي رهيو هجي، يا ڪنهن جبل جي دامن ۾ خلوت اختيار ڪئي هجي، جتي پاڻ کان علاوه ڪنهن جي آهٽ نہ ٻڌي، ۽ پاڻ کان سواءِ ڪنهن کي نہ ڏسي. ۽ ڪو ان ڳالھ تي يقين نہ آڻيندو تہ هي انهيءَ شخص جو ڪلام آهي، جيڪو تلوار ڪڍي جنگ ۾ گهڙي پوندو هو، ۽ سِسيون وڍيندو هو، سورمن سان وڙهندو هو، ۽ تلوار سان ائين واپس ورندو هو جو اها ان کان رت ٽمندي هئي، ۽ خونِ دل جون بوندون وسنديون هيون، ۽ ان باوجود پاڻ زاهدن مان وڏو زاهد، ۽ ولين جو ولي هو.

۽ هي بہ سندس عجيب فضيلتن، ۽ سندس نفيس خصوصيتن مان آهي، جو جنهن ذريعي پاڻ متضاد صفتن کي گڏ ڪيو آهي، ۽ پکڙيل ڪمالات کي جوڙيو آهي،۽ اڪثر ڪري آءٌ پنهنجي ڀائرن سان انهن جو ذڪر ڪندو آهيان، ۽ ڪين حيرت ۾ وجهندو آهيان، ۽ اهي عبرت جون جايون، ۽ غور ۽ فڪر ڪرڻ جا ميدان آهن. ۽ شايد هن چونڊ جي دوران ڪڏهن تڪراري لفظ يا ساڳيءَ معنىٰ، اچي وئي هجي، تہ ان لاءِ عذر هيءُ آهي تہ حضرت علي عليه السلام جي ڪلام جي روايتن ۾ تمام گهڻو اختلاف موجود آهي، ڪڏهن ائين ٿيندو آهي تہ ڪو چونڊيل ڪلام ڪنهن روايت ۾ هڪ انداز سان نقل ٿيل هوندو، پوءِ ٻي روايت ۾ اهو ئي ڪلام ڪنهن ٻي جڳھ تي، ڪڏهن واڌ سان، ڪڏهن وڌيڪ چٽائي ۽ بهتر عبارت سان موجود هوندو آهي، تہ پوءِ اهڙي حالت ۾ ان کي ٻيهر آڻڻ ضروري ٿي پوندو آهي، تہ جيئن چونڊ وڌيڪ پختي ٿئي، ۽ ڪلام جي نفاست جي حفاظت ڪئي وڃي. ۽ ڪڏهن اڳ ۾ چونڊيل ڪلام سان وقت جو گهڻو وقفو ٿي ويندو آهي، تہ پوءِ ڪجھ حصو وسري يا يلجي ٻيهر پيش ٿي ويندو آهي، بنا ڪنهن قصد يا ارادي جي. ۽ ان جي باوجود آءٌ هي دعويٰ نٿو ڪريان تہ مون حضرت علي عليه السلام جي سڄي ڪلام تي ڪامل احاطو ڪيو آهي، اهڙي طرح جو ان مان ڪو بہ نڪتو مون کان ناهي رهيو ۽ نہ وري ڪو جملو رهجي ويو آهي، بلڪ آءٌ ان ڳالھ کي ناممڪن نٿو سمجهان تہ جيڪا شيءِ مون کان رهجي وئي آهي، سا ان کان بہ وڌيڪ هجي جيڪا مون تائين پهتي آهي، ۽ جيڪو مون حاصل ڪيو آهي ان کان بہ گهٽ هجي جيڪو منهنجي هٿن کان خارج آهي.

وما علي إلا بذل الجهد وبلاغة الوسع، وعلى الله سبحانه وتعالى نهج السبيل وإرشاد الدليل، إن شاء الله. ورأيت من بعد تسمية هذا الكتاب بنهج البلاغة.

إذ كان يفتح للناظر فيه أبوابها ويقرب عليه طلابها، فيه حاجة العالم والمتعلم وبغية البليغ والزاهد، ويمضي في أثنائه من عجيب الكلام في التوحيد والعدل، وتنزيه الله سبحانه وتعالى عن شبه الخلق.

ما هو بلال كل غلة وشفاء كل علة، وجلاء كل شبهة. ومن الله سبحانه أستمد التوفيق والعصمة، وأتنجز التسديد والمعونة، وأستعيذه من خطأ الجنان قبل خطأ اللسان، ومن زلة الكلم قبل زلة القدم ، وهو حسبي ونعم الوكيل.

۽ منهنجي ذميواري تہ رڳو جدوجهد ۽ ڪوشش ڪرڻ آهي. ۽ الله سبحانہ تي ئي رستي جي سجاڻپ، ۽ هدايت جي رهنمائي ڪرڻ آهي. ان شاء الله. ۽ پوءِ مون مناسب سمجهيو تہ هن ڪتاب جو نالو ”نَهجُ اَلبَلَاغَة“ رکان، ڇو تہ هي ڪتاب غور سان پڙهندڙ لاءِ فصاحت جا دروازا کوليندو.

۽ انجي طالب لاءِ انجي طلب کي ويجهو ڪندو، ۽ هن ۾ عالم ۽ طالبعلم ٻنهي جي ضرورت موجود آهي، ۽ فصيح خطيبن ۽ زاهدن جي خواهش بہ پوري ٿيندي، ۽ ان ۾ توحيد ۽ عدل جي عجيب بيانن کي پڻ پائيندو، ۽ الله سبحانہ کي مخلوق جي شبهن کان پاڪ ڪرڻ جا اهڃاڻ موجود آهن، جيڪا هر اُجايل جي اُڃ اُجهائيندڙ آهي، ۽ هر درد جي دوا آهي، ۽ هر شُبهي کي دور ڪندڙ روشني آهي.

۽ آءٌ الله سبحانہ کان ئي توفيق ۽ حفاظت جي مدد گهران ٿو، ۽ سندس طرفان سڏائي ۽ نصرت جو طالب آهيان، ۽ آءٌ ڪانئس پناهہ وٺان ٿو تہ دل ۾ ڪا غلطي ٿئي، ان کان اڳ جو زبان تي اچي، ۽ لفظن جي لغزش کان پناهہ وٺان ٿو، ان کان اڳ جو پير لغزش ڪائين، ۽ هو ئي منهنجي لاءِ ڪافي آهي، ۽ ڪيڏو نہ پلو ڪارساز آهي.

# باب المختار من خطب أمير المؤمنين عليه السلام و أوامره

و يدخل في ذلك المختار من كلامه الجاري مجرى الخطب في المقامات المحضورة و المواقف المذكورة و الخطوب الواردة.

(خطبا)

اميرالمؤمنين عليه السلام جي چوند خطبن ۽ حڪمن جو باب ۽ هن ۾ امام عليه السلام جو اهو چوند ڪلام بہ شامل آهي جيڪو خطبن وانگر آهي جيڪو خاص موقعن، ۽ اهم حالتن ۽ آزمائشي مقامن تي چيل آهي.

# خطب امير المؤمنين عليه السلام

من ١ الى ٢٤١

# اميرالمؤمنين عليه السلام جا خطبا

# ١ کان ٢٤١ تائين

# ١ـ و من خطبة له عليه السلام

*يذكر فيها ابتداء خلق السماء و الأرض، و خلق آدم، و فيها ذكر الحج*

*و تحتوي على حمد الله، و خلق العالم، و خلق الملائكة، و اختيار الأنبياء، و مبعث النبي، و القرآن، و الأحكام الشرعية.*

اَلْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي لَا يَبْلُغُ مِدْحَتَهُ الْقَائِلُونَ، وَ لَا يُحْصِي نَعْمَاءَهُ الْعَادُّونَ، وَ لَا يُؤَدِّي حَقَّهُ الْمُجْتَهِدُونَ، الَّذِي لَا يُدْرِكُهُ بُعْدُ الْهِمَمِ، وَ لَا يَنَالُهُ غَوْصُ الْفِطَنِ، الَّذِي لَيْسَ لِصِفَتِهِ حَدٌّ مَحْدُودٌ، وَ لَا نَعْتٌ مَوْجُودٌ، وَ لَا وَقْتٌ مَعْدُودٌ وَ لَا أَجَلٌ مَمْدُودٌ. فَطَرَ الْخَلَائِقَ بِقُدْرَتِهِ، وَ نَشَرَ الرِّيَاحَ بِرَحْمَتِهِ، وَ وَتَّدَ بِالصُّخُورِ مَيَدَانَ أَرْضِهِ.

أَوَّلُ الدِّينِ مَعْرِفَتُهُ وَ كَمَالُ مَعْرِفَتِهِ التَّصْدِيقُ بِهِ، وَ كَمَالُ التَّصْدِيقِ بِهِ تَوْحِيدُهُ وَ كَمَالُ تَوْحِيدِهِ الْإِخْلَاصُ لَهُ، وَ كَمَالُ الْإِخْلَاصِ لَهُ نَفْيُ الصِّفَاتِ عَنْهُ، لِشَهَادَةِ كُلِّ صِفَةٍ أَنَّهَا غَيْرُ الْمَوْصُوفِ وَ شَهَادَةِ كُلِّ مَوْصُوفٍ أَنَّهُ غَيْرُ الصِّفَةِ.

فَمَنْ وَصَفَ اللَّهَ سُبْحَانَهُ فَقَدْ قَرَنَهُ وَ مَنْ قَرَنَهُ فَقَدْ ثَنَّاهُ وَ مَنْ ثَنَّاهُ فَقَدْ جَزَّأَهُ، وَ مَنْ جَزَّأَهُ فَقَدْ جَهِلَهُ، وَ مَنْ جَهِلَهُ فَقَدْ أَشَارَ إِلَيْهِ، وَ مَنْ أَشَارَ إِلَيْهِ فَقَدْ حَدَّهُ، وَ مَنْ حَدَّهُ فَقَدْ عَدَّهُ.

وَ مَنْ قَالَ فِيمَ فَقَدْ ضَمَّنَهُ، وَ مَنْ قَالَ عَلَا مَ فَقَدْ أَخْلَى مِنْه، كَائِنٌ لَا عَنْ حَدَثٍ، مَوْجُودٌ لَا عَنْ عَدَمٍ، مَعَ كُلِّ شَيْءٍ لَا بِمُقَارَنَةٍ، وَ غَيْرُ كُلِّ شَيْءٍ لَا بِمُزَايَلَةٍ.

## ١_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ آسمان ۽ زمين جي ابتدائي خلقت

**۽ آدم عليه السلام جي پيدائش کي ذڪر ڪيو ويو آهي، ۽ ان ۾ حج جو به ذڪر آهي، ۽ هي خطبو الله تعاليٰ جي ساراهه، ڪائنات، ۽ ملائڪن جي خلقت، نبين جي چونڊ، پاڪ ڪريم ﷺ جي بعثت، قرآن ۽ شريعت جي احڪامن تي مشتمل آهي.**

سڀ ساراهون الله سائين لاءِ آهن جنهن جي ساراهه تائين ساراهه ڪرڻ وارا پهچي نٿا سگهن، ۽ جنهن جي نعمتن کي ڳڻڻ وارا ڳڻي نہ ٿا سگهن، ۽ جنهن جي حق کي ڪوشش ڪرڻ وارا، ادا نٿا ڪري سگهن. ۽ بلند همّتون جنهن کي سمجهي نٿيون سگهن، ۽ اونهيءَ سوچ ان تائين پهچي نٿي سگهي، ۽ جنهن جي صفت لاءِ نہ ڪا معين حد آهي، ۽ نہ وري ان کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪي ڪلمات آهن، ۽ ان لاءِ نہ ڪو معين وقت آهي، نہ مقرر مدت آهي. جنهن پنهنجي قدرت سان مخلوق کي پيدا ڪيو، ۽ پنهنجي رحمت سان هوائن کي هلايو، ۽ جنهن زمين جي لُڏڻ کي جبلن جون ميخون هڻي قابو ڪيو. دين جي شروعات سندس معرفت آهي، ۽ سندس معرفت جو ڪمال ان جي تصديق ڪرڻ آهي، ۽ ان جي تصديق جو ڪمال ڪيس اڪيلو ڪري مڃڻ آهي، ۽ ان جي توحيد جو ڪمال ڪيس عيبن کان اخلاص ڪرڻ آهي، ۽ ان جي اخلاص جو ڪمال ان کان هر صفت جي نفي ڪرڻ آهي، ڇا ڪاڻ تہ هر صفت گواهي ڏئي ٿي تہ هوءَ پنهنجي موصوف جو غير آهي ۽ هر موصوف گواهي ڏئي ٿو تہ هو پنهنجيءَ صفت جو غير آهي. بس جنهن الله پاڪ کي ڪا صفت ڏني تہ ان ڪيس ملائي ڇڏيو، ۽ جنهن ڪيس ملائي ڇڏيو تہ ان ڪيس ٻہ ڪري مڃيو، ۽ جنهن ان کي ٻہ ڪري مڃيو تہ، بتحقيق تنهن ڪيس جزء ڪري مڃيو، ۽ جنهن الله کي جزء ڪري مڃيو تنهن ان کي نہ ڄاتو، ۽ جنهن ان کي نہ ڄاتو تہ بيشڪ هن ان ڏانهن اشارو ڪيو، ۽ جنهن ان ڏانهن اشارو ڪيو ان ڪيس محدود ڪيو، ۽ جنهن ڪيس محدود ڪيو يقيناً هن ان کي شمار ڪيو. ۽ جنهن چيو هو ڇا ۾ آهي بيشڪ هن ان کي ڪنهن شيءِ منجهہ مڃيو، ۽ جنهن چيو الله ڇا تي آهي؟ تہ بيشڪ هن (باقي جڳهن کي) الله کان خالي سمجهيو، هو آهي ٿيو ناهي، هو موجود آهي پر عدم مان وجود ۾ نہ آيو آهي، هو هر شيءِ سان گڏ آهي پر شين جي گڏجڻ وانگر نہ، ۽ هر شيءِ کان جدا آهي پر شين جي جدا ٿيڻ وانگر نہ

فَاعِلٌ لَا بِمَعْنَى الْحَرَكَاتِ وَ الْآلَةِ، بَصِيرٌ إِذْ لَا مَنْظُورَ إِلَيْهِ مِنْ خَلْقِهِ، مُتَوَحِّدٌ إِذْ لَا سَكَنَ يَسْتَأْنِسُ بِهِ وَ لَا يَسْتَوْحِشُ لِفَقْدِه.

## خلق العالم

أَنْشَأَ الْخَلْقَ إِنْشَاءً، وَ ابْتَدَأَهُ ابْتِدَاءً بِلَا رَوِيَّةٍ أَجَالَهَا وَ لَا تَجْرِبَةٍ اسْتَفَادَهَا.

وَ لَا حَرَكَةٍ أَحْدَثَهَا وَ لَا هَمَامَةِ نَفْسٍ اضْطَرَبَ فِيهَا، أَحَالَ الْأَشْيَاءَ لِأَوْقَاتِهَا، وَلَأَمَ بَيْنَ مُخْتَلِفَاتِهَا وَ غَرَّزَ غَرَائِزَهَا، وَ أَلْزَمَهَا أَشْبَاحَهَا، عَالِماً بِهَا قَبْلَ ابْتِدَائِهَا، مُحِيطاً بِحُدُودِهَا وَ انْتِهَائِهَا عَارِفاً بِقَرَائِنِهَا وَ أَحْنَائِهَا.

ثُمَّ أَنْشَأَ سُبْحَانَهُ فَتْقَ الْأَجْوَاءِ وَ شَقَّ الْأَرْجَاءِ وَ سَكَائِكَ الْهَوَاءِ، فَأَجْرَى فِيهَا مَاءً مُتَلَاطِماً تَيَّارُهُ مُتَرَاكِماً زَخَّارُهُ، حَمَلَهُ عَلَى مَتْنِ الرِّيحِ الْعَاصِفَةِ وَ الزَّعْزَعِ الْقَاصِفَةِ، فَأَمَرَهَا بِرَدِّهِ وَ سَلَّطَهَا عَلَى شَدِّهِ، وَ قَرَنَهَا إِلَى حَدِّهِ الْهَوَاءُ مِنْ تَحْتِهَا فَتِيقٌ وَ الْمَاءُ مِنْ فَوْقِهَا دَفِيق.

ثُمَّ أَنْشَأَ سُبْحَانَهُ رِيحاً اعْتَقَمَ مَهَبَّهَا وَ أَدَامَ مُرَبَّهَا، وَ أَعْصَفَ مَجْرَاهَا وَ أَبْعَدَ مَنْشَأَهَا، فَأَمَرَهَا بِتَصْفِيقِ الْمَاءِ الزَّخَّارِ وَ إِثَارَةِ مَوْجِ الْبِحَارِ، فَمَخَضَتْهُ مَخْضَ السِّقَاءِ، وَ عَصَفَتْ بِهِ عَصْفَهَا بِالْفَضَاءِ، تَرُدُّ أَوَّلَهُ إِلَى آخِرِهِ وَ سَاجِيَهُ إِلَى مَائِرِهِ، حَتَّى عَبَّ عُبَابُهُ وَ رَمَى بِالزَّبَدِ رُكَامُهُ، فَرَفَعَهُ فِي هَوَاءٍ مُنْفَتِقٍ وَ جَوٍّ مُنْفَهِقٍ، فَسَوَّى مِنْهُ سَبْعَ سَمَوَاتٍ جَعَلَ سُفْلَاهُنَّ مَوْجاً مَكْفُوفاً وَ عُلْيَاهُنَّ سَقْفاً مَحْفُوظاً، وَ سَمْكاً مَرْفُوعاً بِغَيْرِ عَمَدٍ يَدْعَمُهَا وَ لَا دِسَارٍ يَنْظِمُهَا، ثُمَّ زَيَّنَهَا بِزِينَةِ الْكَوَاكِبِ وَ ضِيَاءِ الثَّوَاقِبِ، وَ أَجْرَى فِيهَا سِرَاجاً مُسْتَطِيراً وَ قَمَراً مُنِيراً فِي فَلَكٍ دَائِرٍ وَ سَقْفٍ سَائِرٍ وَ رَقِيمٍ مَائِرٍ.

هو پيدا ڪندڙ آهي پر چرپر ۽ اوزار جي معنيٰ ۾ نه، هو ڏسندڙ آهي جڏهن ته سندس مخلوق مان ڪو ڏسجڻ وارو نه هو، هو اڪيلو آهي ڇو جو ان جو ڪو اهڙو ساٿي ڪونهي جنهن سان مانوس هجي ۽ جنهن جي وڃڻ سان گهٻراهٽ محسوس ڪري.

## ڪائنات جي پيدائش

جنهن مخلوق کي ائين پيدا ڪيو جيئن پيدا ڪرڻ ڇئجي، ۽ ان جي خلقت جي شروعات ائين ڪيائين جيئن شروعات ڪرڻ ڇئجي بغير ڪنهن سوچ ۽ ويچار ڪرڻ جي ۽ بغير ڪنهن تجربي مان فائدي وٺڻ جي. ۽ بغير ڪنهن چُرپر ڪرڻ جي ۽ بغير لچڪدار ارادي جي، هن شين کي سندن وقتن جي حوالي ڪيو ۽ مختلف شين جو پاڻ ۾ جوڙ پيدا ڪيو. ۽ انهن کي پنهنجي پنهنجي طبيعت ڏنائين، ۽ انهن کي پنهنجن صورتن تي رکيائين جڏهن ته هنن جي پيدا ڪرڻ کان پهريائين انهن جو عالم هيو، ۽ انهن جي حقيقت ۽ انتها کان واقف ۽ انهن جي آس پاس کان آگاهه هيو. پوءِ سندس پاڪ ذات کليل فضا کي ۽ ان جي کليل ڪنارن ۽ آسماني هوائن کي پيدا ڪيو، پوءِ انهيءَ فضا ۾ اهڙي پاڻيءَ کي جاري ڪيو جنهن جون موجون متل ۽ ڇاڙهه ڇڙهيل هيو، انهيءَ کي تيز ۽ ڇوهيدار هواء جي پنيءَ تي رکيائين، ۽ پوءِ هوا کي پاڻيءَ جي پوئتي موٽائڻ جو حڪم ڏنائين ۽ ڪيس پاڻي کي سوگهي رکڻ جي سگهه ڏنائين، ۽ هوا کي پاڻي جي حدن سان ملايائين ۽ هوا هيٺيان پکڙيل هئي ۽ پاڻي مٿس ڇوليون هڻي رهيو هيو. پوءِ الله سائينءَ هوا کي پيدا ڪيو جنهن جي اٿڻ کي سَنڍ بڻايو ۽ ڪيس جڳهه سان لازم قرار ڏنائين، ۽ ان جي جُهوٽن کي تيز ڪيو ۽ هوا لڳڻ جي جڳهه کي پري رکيائين، پوءِ هوا کي انهيءَ ڇڙهيل پاڻي کي وڃائڻ جو ۽ درياء جي ڇولين کي اڀارڻ جو حڪم ڏنائين، بس پوءِ هوا پاڻي کي ائين ولوڙيو جيئن ماٽي ۾ ڏڌ ولوڙبو آهي، ۽ هوا پاڻي کي تيزي سان فضا ۾ ڌڪيندي رهي، هن جي اڳ کي پُٺتي ۽ بيٺل پاڻي کي هلندڙ ڏانهن موٽائيندي رهي، ايستائين جو ان جي سطح بلند ٿي وئي ۽ جهڳ جا ڍير ٿي ويا، پوءِ انهيءَ کي کليل هوا ۽ ويڪريءَ فضا ۾ بلند ڪيائين، پوءِ انهي مان ست آسمان پيدا ڪيائين ۽ هيٺين آسمان کي بيٺل موج قرار ڏنائين ۽ مٿين آسمان کي محفوظ ۽ بلند ڇت قرار ڏنائين، اهڙي نموني ٺاهيائين جونه بيهارڻ لاءِ ٿنين جي ۽ نه ئي جوڙڻ لاءِ ميخن جي ضرورت پئي، پوءِ آسمان کي ستارن جي سونهن سان ۽ چمڪندڙ تارن جي روشني سان سينگاريائين، ۽ ان ۾ روشن سج ۽ چمڪندڙ چنڊ کي هلايائين جيڪي ڦرندڙ فلڪ، هلندڙ ڇت ۽ گهمندڙ پٽي ۾ آهن.

## خلق الملائكة

ثُمَّ فَتَقَ مَا بَيْنَ السَّمَوَاتِ الْعُلَا فَمَلَأَهُنَّ أَطْوَاراً مِنْ مَلَائِكَتِهِ، مِنْهُمْ سُجُودٌ لَا يَرْكَعُونَ وَ رُكُوعٌ لَا يَنْتَصِبُونَ، وَ صَافُّونَ لَا يَتَزَايَلُونَ وَ مُسَبِّحُونَ لا يَسْأَمُونَ، لَا يَغْشَاهُمْ نَوْمُ الْعُيُونِ، وَ لَا سَهْوُ الْعُقُولِ وَ لَا فَتْرَةُ الْأَبْدَانِ وَ لَا غَفْلَةُ النِّسْيَانِ. وَ مِنْهُمْ أُمَنَاءُ عَلَى وَحْيِهِ وَ أَلْسِنَةٌ إِلَى رُسُلِهِ وَ مُخْتَلِفُونَ بِقَضَائِهِ وَ أَمْرِهِ. وَ مِنْهُمُ الْحَفَظَةُ لِعِبَادِهِ وَ السَّدَنَةُ لِأَبْوَابِ جِنَانِهِ وَ مِنْهُمُ الثَّابِتَةُ فِي الْأَرَضِينَ السُّفْلَى أَقْدَامُهُمْ وَ الْمَارِقَةُ مِنَ السَّمَاءِ الْعُلْيَا أَعْنَاقُهُمْ وَالْخَارِجَةُ مِنَ الْأَقْطَارِ أَرْكَانُهُمْ وَ الْمُنَاسِبَةُ لِقَوَائِمِ الْعَرْشِ أَكْتَافُهُمْ نَاكِسَةٌ دُونَهُ، أَبْصَارُهُمْ مُتَلَفِّعُونَ تَحْتَهُ بِأَجْنِحَتِهِمْ مَضْرُوبَةٌ بَيْنَهُمْ وَ بَيْنَ مَنْ دُونَهُمْ حُجُبُ الْعِزَّةِ وَ أَسْتَارُ الْقُدْرَةِ لَا يَتَوَهَّمُونَ رَبَّهُمْ بِالتَّصْوِيرِوَ لَا يُجْرُونَ عَلَيْهِ صِفَاتِ الْمَصْنُوعِينَ وَ لَا يَحُدُّونَهُ بِالْأَمَاكِنِ وَ لَا يُشِيرُونَ إِلَيْهِ بِالنَّظَائِرِ.

## صفة خلق آدم عليه السلام

ثم جَمَعَ سُبْحَانَهُ مِنْ حَزْنِ الْأَرْضِ وَ سَهْلِهَا وَ عَذْبِهَا وَ سَبَخِهَا تُرْبَةً سَنَّهَا بِالْمَاءِ حَتَّى خَلَصَتْ وَ لَاطَهَا بِالْبَلَّةِ حَتَّى لَزَبَتْ فَجَبَلَ مِنْهَا صُورَةً ذَاتَ أَحْنَاءٍ وَ وُصُولٍ وَ أَعْضَاءٍ وَ فُصُولٍ أَجْمَدَهَا حَتَّى اسْتَمْسَكَتْ وَ أَصْلَدَهَا حَتَّى صَلْصَلَتْ لِوَقْتٍ مَعْدُودٍ وَ أَمَدٍ مَعْلُومٍ ثُمَّ نَفَخَ فِيهَا مِنْ رُوحِهِ فَمَثُلَتْ إِنْسَاناً ذَا أَذْهَانٍ يُجِيلُهَا وَ فِكَرٍ يَتَصَرَّفُ بِهَا وَ جَوَارِحَ يَخْتَدِمُهَا وَ أَدَوَاتٍ يُقَلِّبُهَا وَ مَعْرِفَةٍ يَفْرُقُ بِهَا بَيْنَ الْحَقِّ وَ الْبَاطِلِ.

## ملائڪن جي خلقت

پوءِ الله جي پاڪ ذات مٿين آسمانن جي وچ کي کوليو ۽ انهن کي مختلف قسمن جي ملائڪن سان ڀري ڇڏيائين، انهن مان ڪي سجدي ڪرڻ وارا آهن سي رڪوع نٿا ڪن، ۽ ڪجهه رڪوع ڪرڻ وارا آهن سي قيام نه ٿا ڪن، ۽ جيڪي صفون ٻڌي بيٺا آهن سي اتان پري نه ٿا ٿين، ۽ ڪجهه تسبيح ڪرڻ وارا آهن جنهن کان ٿڪجن نه ٿا، ۽ انهن تي اکين جي ننڊ، عقل جي ڀُل، جسمن جي سستي ۽ ويساري جي غفلت غالب نٿي ٿئي. ۽ انهن مان ڪي سندس وحي جا امين آهن ۽ سندس رسولن ڏانهن پيغام رسائيندڙ آهن ۽ سندس اٽل فيصلي ۽ فرمانن کي آڻڻ ۽ نِيڻ وارا آهن. ۽ ڪجهه سندس ٻانهَن جي حفاظت لاءِ مقرر آهن ۽ ڪي جنت جي دروازن جا دربان آهن، ۽ انهن مان ڪجهه اهڙا آهن جن جا قدم هيٺينءَ زمين تي ڪتل آهن ۽ سندن ڳچيون مٿئين آسمان کان مٿي نڪتل آهن ۽ سندن پاسا اطراف کان ٻاهر نڪتل آهن ۽ سندن ڪلها عرش جي پاون سان برابر آهن. سندن نگاهون عرش هيٺان جهڪيل آهن ۽ عرش هيٺان پرن سان پاڻ کي ڍڪيون بيٺا آهن، هِنن ۽ ٻين جي وچ ۾ عزت جا حجاب ۽ قدرت جا پردا لڳل آهن جيڪي پنهنجي رب لاءِ صورت جو وهم به نه ٿا ڪن ۽ نه ئي مخلوقات جون صفتون هن کي ڏين ٿا ۽ نه وري ڪنهن جڳهه سان محدود ڪن ٿا نه وري شبيهه جي ذريعي هن ڏانهن اشارو ڪن ٿا.



## آدم عليه السلام جي پيدائش جو بيان

پوءِ الله جي پاڪ ذات سخت ۽ نرم زمين، مِٺي ۽ ڪلراٺي زمين منجهان ڪجهه مٽي گڏ ڪئي ۽ پاڻي ۾ ايترو ته پجاياڻينس جو خالص ٿي پئي ۽ آلاڻ سان ايترو ته ڳوٿائينس جو چِيڪي ٿي پئي، پوءِ انهيءَ منجهان پاسرين، ۽ جوڙن واري عضون ۽ سنڌن واري صورت ناهيائين، ۽ ان کي ايترو ته سڪايائين جو پڪي ٿي پئي ۽ ايترو ته پڪو ڪيائينس جو کڙڪڻ لڳي، پوءِ انهيءَ کي هڪ معين وقت ۽ مقرر مدت تائين ائين ئي رکيائينس، پوءِ انهيءَ ۾ پنهنجو روح ڦوڪيائنس ته پوءِ هڪ انسان ٿي پيو جيڪو مختلف ذهنن کي استعمال ڪرڻ وارو مختلف فڪرن کي ڪم آڻڻ وارو، عضون کان ڪم وٺڻ وارو، هٿن پيرن کي هلائڻ وارو، ۽ اهڙيءَ معرفت رکڻ وارو جنهن سان حق ۽ باطل ۾ فرق ڪري سگهي.

وَ الْأَذْوَاقِ وَ الْمَشَامِّ وَ الْأَلْوَانِ وَ الْأَجْنَاسِ مَعْجُوناً بِطِينَةِ الْأَلْوَانِ الْمُخْتَلِفَةِ وَ الْأَشْبَاهِ الْمُؤْتَلِفَةِ وَ الْأَضْدَادِ الْمُتَعَادِيَةِ وَ الْأَخْلَاطِ الْمُتَبَايِنَةِ مِنَ الْحَرِّ وَ الْبَرْدِ وَ الْبَلَّةِ وَ الْجُمُودِ. وَاسْتَأْدَى اللَّهُ سُبْحَانَهُ الْمَلَائِكَةَ وَدِيعَتَهُ لَدَيْهِمْ وَ عَهْدَ وَصِيَّتِهِ إِلَيْهِمْ فِي الْإِذْعَانِ بِالسُّجُودِ لَهُ وَ الْخُنُوعِ لِتَكْرِمَتِهِ فَقَالَ سُبْحَانَهُ "اسْجُدُوا لِآدَمَ فَسَجَدُوا إِلَّا إِبْلِيسَ" اعْتَرَتْهُ الْحَمِيَّةُ وَ غَلَبَتْ عَلَيْهِ الشِّقْوَةُ وَ تَعَزَّزَ بِخِلْقَةِ النَّارِ وَ اسْتَوْهَنَ خَلْقَ الصَّلْصَالِ فَأَعْطَاهُ اللَّهُ النَّظِرَةَ اسْتِحْقَاقاً لِلسُّخْطَةِ وَ اسْتِتْمَاماً لِلْبَلِيَّةِ وَ إِنْجَازاً لِلْعِدَةِ فَقَالَ ﴿إِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِينَ إِلى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُومِ[1]﴾.

ثُمَّ أَسْكَنَ سُبْحَانَهُ آدَمَ دَاراً أَرْغَدَ فِيهَا عَيْشَهُ وَ آمَنَ فِيهَا مَحَلَّتَهُ وَ حَذَّرَهُ إِبْلِيسَ وَ عَدَاوَتَهُ فَاغْتَرَّهُ عَدُوُّهُ نَفَاسَةً عَلَيْهِ بِدَارِ الْمُقَامِ وَ مُرَافَقَةِ الْأَبْرَارِ فَبَاعَ الْيَقِينَ بِشَكِّهِ وَ الْعَزِيمَةَ بِوَهْنِهِ وَ اسْتَبْدَلَ بِالْجَذَلِ وَجَلًا وَ بِالاغْتِرَارِ نَدَماً ثُمَّ بَسَطَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ لَهُ فِي تَوْبَتِهِ وَ لَقَّاهُ كَلِمَةَ رَحْمَتِهِ وَ وَعَدَهُ الْمَرَدَّ إِلَى جَنَّتِهِ وَ أَهْبَطَهُ إِلَى دَارِ الْبَلِيَّةِ وَ تَنَاسُلِ الذُّرِّيَّةِ.



## اختيار الأنبياء

وَ اصْطَفَى سُبْحَانَهُ مِنْ وَلَدِهِ أَنْبِيَاءَ أَخَذَ عَلَى الْوَحْيِ مِيثَاقَهُمْ وَ عَلَى تَبْلِيغِ الرِّسَالَةِ أَمَانَتَهُمْ لَمَّا بَدَّلَ أَكْثَرُ خَلْقِهِ عَهْدَ اللَّهِ إِلَيْهِمْ فَجَهِلُوا حَقَّهُ وَ اتَّخَذُوا الْأَنْدَادَ مَعَهُ وَ اجْتَالَتْهُمُ الشَّيَاطِينُ عَنْ مَعْرِفَتِهِ وَ اقْتَطَعَتْهُمْ عَنْ عِبَادَتِهِ فَبَعَثَ فِيهِمْ رُسُلَهُ وَ وَاتَرَ إِلَيْهِمْ أَنْبِيَاءَهُ لِيَسْتَأْدُوهُمْ مِيثَاقَ فِطْرَتِهِ وَ يُذَكِّرُوهُمْ مَنْسِيَّ نِعْمَتِهِ.

---

١: الحجر: ٣٧ _ ٣٨.

۽ فرق ڪري سگهي ذائقن، بوئن، رنگن ۽ جنسن ۾، جنهن جو خمير مختلف قسمن جي مٽي، ملندڙ جلندڙ شين، ضدن ۽ متباين شين مان ٺهيل آهي جيئن گرمي ۽ سردي، آلاڻ ۽ سُڪاڻ. ۽ الله جي پاڪ ذات ملائڪن کان پنهنجيءَ امانت جي ادا ڪرڻ، ۽ پنهنجي عهد کي پاڙڻ جي گُهر ڪئي، جيڪو ساڻن پنهنجي اطاعت ۽ حضرت آدم عليه السلام جي احترام خاطر ان جي سجدي ۽ جهڪڻ بابت هيو، ۽ الله جي پاڪ ذات فرمايو: ”(اي ملائڪو) آدم کي سجدو ڪريو پوءِ انهن سجدو ڪيو سواءِ ابليس جي“ جنهن کي وڏائيءَ اچي ورتو ۽ بدبختي هن کي وڪوڙي وئي، ۽ باهه جي پيدائش جي ڪري پاڻ کي وڏو سمجهائين ۽ مٽيءَ جي مخلوق کي معمولي سمجهيائين، پوءِ الله پاڪ هن کي مهلت ڏني تاڪ هو الله جي غضب جو پورو حقدار ٿئي ۽ (اولادِ آدم عليه السلام جي) آزمائش ۽ واعدو پورو ٿئي پوءِ الله تعالىٰ فرمايو: ”تون هڪ معلوم وقت تائين مهلت مليلن منجهان آهين“. پوءِ الله جي پاڪ ذات آدم (عليه السلام) کي هڪ اهڙي گهر ۾ رهايو جنهن ۾ هن جي زندگيءَ کي سکيو ڪيائين، ۽ هن جي جڳهه کي امن وارو بڻايائين، ۽ هن کي شيطان ۽ ان جي دشمنيءَ کان خبردار ڪيائين، پر سندس دشمن ڪيس ڏوکو ڏنو جنت ۾ رهڻ ۽ چڱن جي صحبت جي ساڙ ۾، پوءِ هن يقين جو سودو شڪ سان ۽ پڪ جو سودو ڪچ سان ڪيائين ۽ امن جي راحت کي خوف سان بدليائين ۽ ڏوکي ڪائڻ سان پشيماني ورتائين، پوءِ الله جي پاڪ ذات آدم (عليه السلام) جي توبه لاءِ سولائي ڪئي ۽ پنهنجي رحمت جا ڪلما سيکاريائينس ۽ پنهنجي جنت ڏانهن موٽائڻ جو واعدو ڪيائينس، پوءِ الله هن کي آزمائش واري گهر ۽ نسل وڌائڻ واريءَ جڳهه ڏانهن موڪليو.

### نبين عليهم السلام جوانتخاب

۽ سبحانه و تعالىٰ سندس اولاد منجهان نبي چونديا، انهن کان وحيءَ بابت واعدو ورتائين، ۽ پيغام پهچائڻ تي امين بڻايائين، جڏهن ته سندس مخلوق منجهان ڪيترائي الله سان ڪيل واعدي تان ڦري ويا ۽ الله جي حق کان جاهل ٿي ويا ۽ الله جا شريڪ بڻائڻ لڳا. ۽ جڏهن شيطان هنن کي الله جي معرفت کان موڙي ۽ ان جي عبادت کان پري ڪري ڇڏيو ته پوءِ الله هنن ۾ پنهنجا رسول ۽ لڳاتار نبي موڪليا تاڪ ماڻهن کان فطرت واري واعدي نڀائڻ جي گُهر ڪن ۽ کين هن جون وساريل نعمتون ياد ڏيارين

وَ يَحْتَجُّوا عَلَيْهِمْ بِالتَّبْلِيغِ وَ يُثِيرُوا لَهُمْ دَفَائِنَ الْعُقُولِ وَ يُرُوهُمْ آيَاتِ الْمَقْدِرَةِ مِنْ سَقْفٍ فَوْقَهُمْ مَرْفُوعٍ وَ مِهَادٍ تَحْتَهُمْ مَوْضُوعٍ وَ مَعَايِشَ تُحْيِيهِمْ وَ آجَالٍ تُفْنِيهِمْ وَ أَوْصَابٍ تُهْرِمُهُمْ وَ أَحْدَاثٍ تَتَابَعُ عَلَيْهِمْ وَ لَمْ يُخْلِ اللَّهُ سُبْحَانَهُ خَلْقَهُ مِنْ نَبِيٍّ مُرْسَلٍ أَوْ كِتَابٍ مُنْزَلٍ أَوْ حُجَّةٍ لَازِمَةٍ أَوْ مَحَجَّةٍ قَائِمَةٍ رُسُلٌ لَا تُقَصِّرُ بِهِمْ قِلَّةُ عَدَدِهِمْ وَ لَا كَثْرَةُ الْمُكَذِّبِينَ لَهُمْ مِنْ سَابِقٍ سُمِّيَ لَهُ مَنْ بَعْدَهُ أَوْ غَابِرٍ عَرَّفَهُ مَنْ قَبْلَهُ عَلَى ذَلِكَ نَسَلَتِ الْقُرُونُ وَ مَضَتِ الدُّهُورُ وَ سَلَفَتِ الْآبَاءُ وَ خَلَفَتِ الْأَبْنَاءُ.

## مبعث النبي صلى الله عليه وآله

إِلَى أَنْ بَعَثَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ مُحَمَّداً رَسُولَ اللَّهِ صلى الله عليه وآله لِإِنْجَازِ عِدَتِهِ وَ إِتْمَامِ نُبُوَّتِهِ مَأْخُوذاً عَلَى النَّبِيِّينَ مِيثَاقُهُ مَشْهُورَةً سِمَاتُهُ كَرِيماً مِيلَادُهُ وَ أَهْلُ الْأَرْضِ يَوْمَئِذٍ مِلَلٌ مُتَفَرِّقَةٌ وَ أَهْوَاءٌ مُنْتَشِرَةٌ وَ طَرَائِقُ مُتَشَتِّتَةٌ بَيْنَ مُشَبِّهٍ لِلَّهِ بِخَلْقِهِ أَوْ مُلْحِدٍ فِي اسْمِهِ أَوْ مُشِيرٍ إِلَى غَيْرِهِ فَهَدَاهُمْ بِهِ مِنَ الضَّلَالَةِ وَ أَنْقَذَهُمْ بِمَكَانِهِ مِنَ الْجَهَالَةِ.

ثُمَّ اخْتَارَ سُبْحَانَهُ لِمُحَمَّدٍ صلى الله عليه وآله لِقَاءَهُ وَ رَضِيَ لَهُ مَا عِنْدَهُ وَ أَكْرَمَهُ عَنْ دَارِ الدُّنْيَا وَ رَغِبَ بِهِ عَنْ مَقَامِ الْبَلْوَى فَقَبَضَهُ إِلَيْهِ كَرِيماً صلى الله عليه وآله وَ خَلَّفَ فِيكُمْ مَا خَلَّفَتِ الْأَنْبِيَاءُ فِي أُمَمِهَا إِذْ لَمْ يَتْرُكُوهُمْ هَمَلًا بِغَيْرِ طَرِيقٍ وَاضِحٍ وَ لَا عَلَمٍ قَائِمٍ.

## القرآن والاحكام الشريعة

كِتَابَ رَبِّكُمْ فِيكُمْ مُبَيِّناً حَلَالَهُ وَ حَرَامَهُ وَ فَرَائِضَهُ وَ فَضَائِلَهُ وَ نَاسِخَهُ وَ مَنْسُوخَهُ وَ رُخَصَهُ وَ عَزَائِمَهُ.

۽ تبليغ ذريعي هنن تي حجت پوري ڪن ۽ سندن عقل جي خزانن کي اڀارين ۽ کين قدرت جون ڪي نشانيون ڏيکارين، جهڙوڪ مٿان آسمان جي بلند ڇت ۽ هيٺان وڇايل زمين جو فرش ۽ هنن کي زنده رکڻ جوسامان ۽ فناء ڪرڻ وارو موت، پوڙهي ڪرڻ واريون مصيبتون ۽ لڳاتار ايندڙ واقعا. ۽ الله جي پاڪ ذات پنهنجيءَ مخلوق کي موڪليل نبي، آسماني ڪتاب، پڪي دليل ۽ روشن دڳ کان خالي نه ڇڏيو آهي. اهي اهڙا پيغمبر آهن جن کي پنهنجي ٿورائي ۽ انهن کي ڪوڙي پائڻ وارن جي گهٽائي هيٺو نٿي ڪري، ۽ هر اڳين کي پوءِ اچڻ واري جو نالو ٻڌايو ويو، ۽ هر پهرين پاڻ کان پوءِ اچڻ واري جو اعلان ڪيو ۽ انهيءَ ڳالھ تي پيڙهيون گذرنديون رهيون، زمانو هلندو رهيو ۽ ابن ڏاڏن جي جڳھ تي انهن جي اولاد ايندي رهي

## پاڻ سڳورن ﷺ جو مبعوث ٿيڻ

ايستائين جو الله جي پاڪ ذات پنهنجي عهد کي پوري ڪرڻ ۽ نبوّت کي تمام ڪرڻ لاءِ حضرت محمد (رسول اللهﷺ) کي موڪليو، جنهن بابت نبين کان اقرار ورتو هيائين جنهن جون نشانيون مشهور ۽ ڄمڻ جو هنڌ مبارڪ هيو. ۽ انهيءَ وقت زمين تي رهڻ وارن جا مذهب مختلف، نظريا جدا جدا ۽ راهون الڳ الڳ هيون. اهڙيءَ ريت جو ڪجھ الله کي مخلوق سان تشبيھ ڏيڻ وارا ته ڪي سندس نالن کي بگاڙڻ وارا ۽ ڪي وري غير خدا ڏانهن رجوع ڪرڻ وارا هيا. بس الله سائين هنن کي پاڻ سڳورنﷺ جي ذريعي گمراهيءَ مان ڪڍي هدايت ڏني ۽ پاڻ سڳورنﷺ جي صدقي جهالت کان بچايو. پوءِ الله جي پاڪ ذات محمد (مصطفیﷺ) کي پنهنجي ملاقات لاءِ اختيار ڪيو ۽ پاڻ سڳورنﷺ لاءِ پسند ڪيائين جيڪي وٽس هيو ۽ پاڻ سڳورنﷺ کي دنياوي زندگي کان مانَ وارو سمجهيائين ۽ آزمائش واري جڳھ مان ڪڍي عزت ۽ احترام سان پاڻ وٽ گهرايائين. ۽ پاڻ سڳوراﷺ توهان وٽ اهو ڇڏي ويا جيڪو اڳيان نبي پنهنجي امت ۾ ڇڏي ويندا هئا ڇا ڪاڻ ته هنن پنهنجي امت کي بغير ڇٽي رستي ٻڌائڻ ۽ واضح نشاني ڏيکارڻ جي ڇڙواڳ نه ڇڏيو هيو.

## قرآن ۽ شريعت جا احڪام

پاڻ سڳورنﷺ توهان وٽ توهان جي رب جو ڪتاب ڇڏيو آهي، اهڙيءَ ريت جو هن جي حلال ۽ حرام، فرضن ۽ فضيلتن، ناسخ ۽ منسوخ ۽ رخصت وارن ۽ حتمي امورن

وَ خَاصَّهُ وَ عَامَّهُ وَ عِبَرَهُ وَ أَمْثَالَهُ وَ مُرْسَلَهُ وَ مَحْدُودَهُ وَ مُحْكَمَهُ وَ مُتَشَابِهَهُ، مُفَسِّراً مُجْمَلَهُ وَ مُبَيِّناً غَوَامِضَهُ.

بَيْنَ مَأْخُوذٍ مِيثَاقُ عِلْمِهِ وَ مُوَسَّعٍ عَلَى الْعِبَادِ فِي جَهْلِهِ وَ بَيْنَ مُثْبَتٍ فِي الْكِتَابِ فَرْضُهُ وَ مَعْلُومٍ فِي السُّنَّةِ نَسْخُهُ وَ وَاجِبٍ فِي السُّنَّةِ أَخْذُهُ وَ مُرَخَّصٍ فِي الْكِتَابِ تَرْكُهُ وَ بَيْنَ وَاجِبٍ بِوَقْتِهِ وَ زَائِلٍ فِي مُسْتَقْبَلِهِ وَ مُبَايَنٌ بَيْنَ مَحَارِمِهِ مِنْ كَبِيرٍ أَوْعَدَ عَلَيْهِ نِيرَانَهُ أَوْ صَغِيرٍ أَرْصَدَ لَهُ غُفْرَانَهُ وَ بَيْنَ مَقْبُولٍ فِي أَدْنَاهُ مُوَسَّعٍ فِي أَقْصَاهُ.

## و منها في ذكر الحج

وَ فَرَضَ عَلَيْكُمْ حَجَّ بَيْتِهِ الْحَرَامِ الَّذِي جَعَلَهُ قِبْلَةً لِلْأَنَامِ يَرِدُونَهُ وُرُودَ الْأَنْعَامِ وَ يَأْلَهُونَ إِلَيْهِ وُلُوهَ الْحَمَامِ وَ جَعَلَهُ سُبْحَانَهُ عَلَامَةً لِتَوَاضُعِهِمْ لِعَظَمَتِهِ وَ إِذْعَانِهِمْ لِعِزَّتِهِ وَ اخْتَارَ مِنْ خَلْقِهِ سُمَّاعاً أَجَابُوا إِلَيْهِ دَعْوَتَهُ وَ صَدَّقُوا كَلِمَتَهُ وَ وَقَفُوا مَوَاقِفَ أَنْبِيَائِهِ وَ تَشَبَّهُوا بِمَلَائِكَتِهِ الْمُطِيفِينَ بِعَرْشِهِ.

يُحْرِزُونَ الْأَرْبَاحَ فِي مَتْجَرِ عِبَادَتِهِ وَ يَتَبَادَرُونَ عِنْدَهُ مَوْعِدَ مَغْفِرَتِهِ جَعَلَهُ سُبْحَانَهُ وَ تَعَالَى لِلْإِسْلَامِ عَلَماً وَ لِلْعَائِذِينَ حَرَماً فَرَضَ حَقَّهُ وَ أَوْجَبَ حَجَّهُ وَ كَتَبَ عَلَيْكُمْ وِفَادَتَهُ فَقَالَ سُبْحَانَهُ ﴿وَ لِلَّهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ إِلَيْهِ سَبِيلًا وَ مَنْ كَفَرَ فَإِنَّ اللَّهَ غَنِيٌّ عَنِ الْعَالَمِينَ[1]﴾.



١: آل عمران: ٩٧.

خاص ۽ عام، عبرتن ۽ مثالن، مطلق ۽ مقيد، محڪم ۽ متشابھ کي چٽي نموني بيان ڪيو اٿس. ۽ پڻ اهڙيءَ طرح جو هن جي اجمال جي تفسير ڪئي اٿس ۽ پيچيدگين کي کولي بيان ڪيو اٿس.

جن مان ڪجھ ڳالهين جي ڄاڻ جو عهد ورتو ويو آهي ۽ ڪجھ ۾ بندن کي نہ ڄاڻڻ جي ڇوٽ آهي ۽ انهن مان ڪن حُڪمن جو فرض هجڻ قرآن ۾ لکيل آهي پر سنت شريف ۾ ان جو نسخ هجڻ ٻڌايل آهي ۽ وري ڪن جو سنت ۾ ڪرڻ ضروري ٻڌايل آهي پر قرآن ۾ ان جي ڇڏڻ جي اجازت ڏنل آهي ۽ ڪي اهڙا واجب بہ آهن جيڪي پنهنجي وقت ۾ تہ واجب آهن پر مستقبل ۾ واجب نہ آهن ۽ هن جا حرام بہ هڪ ٻئي کان مختلف آهن ڪجھ وڏا گناهہ آهن جن تي الله دوزخ جا دڙڪا ڏنا آهن ۽ ڪجھ ننڍا گناهہ آهن جن لاءِ پنهنجي معافي جا موقعا ڏنا اٿئين ۽ ڪجھ نيڪ ڪم اهڙا بہ آهن جن جو ٿورو حصو بہ الله وٽ قبول آهي جنهن کي وڌائڻ جي گنجائش بہ آهي.

### ۽ انهيءَ منجهان حصو حج جي بيان بابت

۽ هن توهان تي سندس حرمت واري گهر جو حج فرض ڪيو آهي جنهن کي پنهنجي مخلوق لاءِ قبلو قرار ڏنو اٿس، جنهن ڏانهن ماڻهو ائين اچن ٿا جيئن جانور پاڻي جي گهيڙ ڏانهن ايندا آهن، ۽ اهڙي چاهہ سان اچن ٿا جيئن ڪبوتر پنهنجي آکيرن ڏانهن ايندا آهن. هن جي پاڪ ذات حج کي نشاني بڻايو آهي تاڪ بندا هن جي بزرگي خاطرنوڙت ڪن ۽ هن جي مانَ جو اقرار ڪن. هن پنهنجي مخلوق مان ڪجھ ٻڌڻ وارن کي چونڊيو جن سندس سڏ تي لبيڪ چيو ۽ سندس ڳالھ جي تصديق ڪئي ۽ سندس نبين جي جڳھ تي بيٺا ۽ عرش جو طواف ڪندڙ ملائڪن جهڙا ٿيا، جيڪي پنهنجي عبادت جي تجارت گاهہ ۾ نفعو ڪنو ڪن ٿا ۽ وٽس بخشش واري واعده گاهہ ڏانهن تڪڙا ٿين ٿا.

هن جي پاڪ ذات ڪعبي کي اسلام جو نشان ۽ پناهہ وٺندڙن لاءِ پناهہ گاهہ قرار ڏنو آهي ۽ جنهن جي حق ادا ڪرڻ کي فرض ۽ حج کي واجب قرار ڏنو آهي ۽ توهان مٿان هن جي زيارت لازم قرار ڏني آهي ۽ الله جي پاڪ ذات فرمايو آهي: ”۽ ماڻهن تي الله ڪارڻ بيت الله جو حج ڪرڻ واجب آهي، جيڪو ان تائين راهہ جو هوندو رکي. ۽ جنهن ڪفر ڪيو، تہ بيشڪ الله سيني جهانن کان بي پرواهہ آهي“.

## ٢ ـ و من خطبة له عليه السلام

*بعد انصرافه من صفين*

*و فيها حال الناس قبل البعثة و صفة آل النبي ثم صفة قوم آخرين*

أَحْمَدُهُ اسْتِتْمَاماً لِنِعْمَتِهِ وَ اسْتِسْلَاماً لِعِزَّتِهِ وَ اسْتِعْصَاماً مِنْ مَعْصِيَتِهِ وَ أَسْتَعِينُهُ فَاقَةً إِلَى كِفَايَتِهِ إِنَّهُ لَا يَضِلُّ مَنْ هَدَاهُ وَ لَا يَئِلُ مَنْ عَادَاهُ وَ لَا يَفْتَقِرُ مَنْ كَفَاهُ فَإِنَّهُ أَرْجَحُ مَا وُزِنَ وَ أَفْضَلُ مَا خُزِنَ وَ أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ شَهَادَةً مُمْتَحَناً إِخْلَاصُهَا مُعْتَقَداً مُصَاصُهَا نَتَمَسَّكُ بِهَا أَبَداً مَا أَبْقَانَا وَ نَدَّخِرُهَا لِأَهَاوِيلِ مَا يَلْقَانَا فَإِنَّهَا عَزِيمَةُ الْإِيمَانِ وَ فَاتِحَةُ الْإِحْسَانِ وَ مَرْضَاةُ الرَّحْمَنِ وَ مَدْحَرَةُ الشَّيْطَانِ.

وَ أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ أَرْسَلَهُ بِالدِّينِ الْمَشْهُورِ وَ الْعَلَمِ الْمَأْثُورِ وَ الْكِتَابِ الْمَسْطُورِ وَ النُّورِ السَّاطِعِ وَ الضِّيَاءِ اللَّامِعِ وَ الْأَمْرِ الصَّادِعِ إِزَاحَةً لِلشُّبُهَاتِ وَ احْتِجَاجاً بِالْبَيِّنَاتِ وَ تَحْذِيراً بِالْآيَاتِ وَ تَخْوِيفاً بِالْمَثُلَاتِ وَ النَّاسُ فِي فِتَنٍ انْجَذَمَ فِيهَا حَبْلُ الدِّينِ وَ تَزَعْزَعَتْ سَوَارِي الْيَقِينِ وَ اخْتَلَفَ النَّجْرُ وَ تَشَتَّتَ الْأَمْرُ وَ ضَاقَ الْمَخْرَجُ وَ عَمِيَ الْمَصْدَرُ فَالْهُدَى خَامِلٌ وَ الْعَمَى شَامِلٌ عُصِيَ الرَّحْمَنُ وَ نُصِرَ الشَّيْطَانُ وَ خُذِلَ الْإِيمَانُ فَانْهَارَتْ دَعَائِمُهُ وَ تَنَكَّرَتْ مَعَالِمُهُ وَ دَرَسَتْ سُبُلُهُ وَ عَفَتْ شُرُكُهُ أَطَاعُوا الشَّيْطَانَ فَسَلَكُوا مَسَالِكَهُ وَ وَرَدُوا مَنَاهِلَهُ بِهِمْ سَارَتْ أَعْلَامُهُ وَ قَامَ لِوَاؤُهُ فِي فِتَنٍ دَاسَتْهُمْ بِأَخْفَافِهَا وَ وَطِئَتْهُمْ بِأَظْلَافِهَا وَ قَامَتْ عَلَى سَنَابِكِهَا فَهُمْ فِيهَا تَائِهُونَ حَائِرُونَ جَاهِلُونَ مَفْتُونُونَ.

## ٢_ امام عليه السلام جو خطبو جيڪو جنگِ صفين کان واپسي تي امام عليه السلام ڏنو

### ۽ هن ۾ بعثت کان پهريائين ماڻهن جي حالت جو احوال، ۽ آلِ نبي (صلي الله عليه وآله) جا اوصاف ۽ ٻيءَ قوم جا اوگڻ بيان ٿيل آهن.

الله سائين جي ثناء ڪريان ٿو سندس نعمتن جي پورائي، ۽ سندس عزت آڏو فرمانبرداري ڪرڻ، ۽ سندس نافرماني کان بچڻ خاطر. ۽ هن کان مدد گهران ٿو سندس بي نيازي آڏو پنهنجي محتاجي ڪري. بيشڪ اهو ماڻهو گمراه نہ ٿيندو جنهن جي هو هدايت ڪري، ۽ اهو ڪٿي پناه نہ پائيندو جنهن ڪي هو دشمن رکي، ۽ اهو محتاج نہ ٿيندو جنهن کي هو غني ڪري. بيشڪ الله جي ثناء سيني وزني شين کان ڳري، ۽ هر سرمائي کان بهترين آهي. ۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، جيڪو اڪيلو آهي ان جو ڪوئي بہ شريڪ نہ آهي، اِها اهڙي گواهي آهي جنهن جو اخلاص آزمايل، ۽ جنهن تي خالص عقيدو رکيل آهي. جيستائين جيئرا آهيون ان سان هميشہ جڙيل رهنداسين، ۽ ان کي پاڻ ڏانهن ايندڙ خطرن لاءِ ذخيرو ڪري رکنداسين. بيشڪ اها گواهي ايمان جو اهم حصو ۽ سيني نيڪين جي ابتدا آهي ۽ رحمٰن جو راضپو ۽ شيطان لاءِ تڙي آهي. ۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ محمد (صلي الله عليه وآله) سندس ٻانهو ۽ رسول آهي، جنهن کي هن چٽو دين، ٻڌايل نشاني، لکيل ڪتاب، ٻرندڙ نور، چمڪندڙ روشني، ۽ چٽو حڪم ڏئي موڪليو شُبهن کي ختم ڪرڻ، واضح دليلن سان حجت تمام ڪرڻ، نشانين سان ڊيڄارڻ، ۽ سزا جي خوف ڏيارڻ لاءِ. جڏهن تہ ماڻهو اهڙن تہ فتنن ۾ هيا جتي دين جي رسي ڪٽيل هئي، ۽ يقين جا ٿنيا لُڏيل هيا، ۽ اصول مختلف ۽ رستا ڏار ڏار هيا، نڪرڻ جو رستو سوڙهو، ۽ مرڪز اوجهل هيو، هدايت گمنام ۽ گمراهي عام هئي، رحمٰن جي نافرماني ۽ شيطان جي مدد ڪئي ويندي هئي، ايمان کي ڇڏي ڏنو ويو. بس ان جا ٿنيا ڀُنا تي ويا هئا، ۽ ان جون نشانيون اوپريون ٿي چڪيون هيون، ۽ ان جا رستا تہ ڊهي ويا هئا، پر پيچرا بہ مِٽجي ويا. ماڻهو شيطان جا پيروڪار ٿي پيا هئا، ۽ ان جي رستي تي هلڻ لڳا، ۽ ان جي گهٽن تي لهي پيا. ۽ انهن ماڻهن جي ڪري شيطان جا جهنڊا عام ٿي ڦڙڪڻ لڳا. ماڻهو اهڙن تہ فتنن ۾ هئا جن ۾ اهي فتنا ڪين پنهنجي داڙهن سان داڙين پيا، ۽ سُنبن سان لتاڙين پيا، ۽ هر پاسي کان کَر ڪنيون بينا هئا. بس ماڻهو انهن فتنن ۾ ڀٽڪيل، حيران، نادان، ۽ ڌوڪو کاڌل ٿيا بينا هئا.

فِي خَيْرِ دَارٍ وَ شَرِّ جِيرَانٍ نَوْمُهُمْ سُهُودٌ وَ كُحْلُهُمْ دُمُوعٌ بِأَرْضٍ عَالِمُهَا مُلْجَمٌ وَ جَاهِلُهَا مُكْرَمٌ.

## و منها يعني آل النبي عليهم السلام

هُمْ مَوْضِعُ سِرِّهِ وَ لَجَأُ أَمْرِهِ وَ عَيْبَةُ عِلْمِهِ وَ مَوْئِلُ حُكْمِهِ وَ كُهُوفُ كُتُبِهِ وَ جِبَالُ دِينِهِ بِهِمْ أَقَامَ انْحِنَاءَ ظَهْرِهِ وَ أَذْهَبَ ارْتِعَادَ فَرَائِصِهِ.

## وَ مِنْهَا يَعْنِي قَوْماً آخَرِينَ

زَرَعُوا الْفُجُورَ وَ سَقَوْهُ الْغُرُورَ وَ حَصَدُوا الثُّبُورَ لَا يُقَاسُ بِآلِ مُحَمَّدٍ ص مِنْ هَذِهِ الْأُمَّةِ أَحَدٌ وَ لَا يُسَوَّى بِهِمْ مَنْ جَرَتْ نِعْمَتُهُمْ عَلَيْهِ أَبَداً هُمْ أَسَاسُ الدِّينِ وَ عِمَادُ الْيَقِينِ إِلَيْهِمْ يَفِيءُ الْغَالِي وَ بِهِمْ يُلْحَقُ التَّالِي وَ لَهُمْ خَصَائِصُ حَقِّ الْوِلَايَةِ وَ فِيهِمُ الْوَصِيَّةُ وَ الْوِرَاثَةُ الْآنَ إِذْ رَجَعَ الْحَقُّ إِلَى أَهْلِهِ وَ نُقِلَ إِلَى مُنْتَقَلِهِ.

## ٣ ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

### وَهِيَ المَعْرُوفَةُ بالشِّقْشِقِيَّة

*و تشتمل على الشكوى من امر الخلافة ثم ترجيح صبره عنها ثم مبايعة الناس له.*

أَمَا وَاللّهِ لَقَدْ تَقَمَّصَهَا فُلَانٌ وَإِنَّهُ لَيَعْلَمُ أَنَّ مَحَلِّي مِنْهَا مَحَلُّ الْقُطْبِ مِنَ الرَّحَى يَنْحَدِرُ عَنِّي السَّيْلُ وَلَا يَرْقَى إِلَيَّ الطَّيْرُ فَسَدَلْتُ دُونَهَا ثَوْباً وَطَوَيْتُ عَنْهَا كَشْحاً وَطَفِقْتُ أَرْتَئِي بَيْنَ أَنْ أَصُولَ بِيَدٍ جَذَّاءَ أَوْ أَصْبِرَ عَلَى طَخْيَةٍ عَمْيَاءَ يَهْرَمُ فِيهَا الْكَبِيرُ وَيَشِيبُ فِيهَا الصَّغِيرُ وَيَكْدَحُ فِيهَا مُؤْمِنٌ حَتَّى يَلْقَى رَبَّهُ.

۽ هڪ اهڙي گهر ۾ هئا جيڪو پاڻ ته پلو هو پر ان جا پاڙي وارا بڇڙا هيا، جنهن ۾ هنن جي ننڊ اوجاڳو ۽ اکين جو سرمو ڳوڙها هيا. ۽ اهو هڪ اهڙيءَ زمين تي هو جتي عالم کي لغام ڏنل هو، ۽ جاهل کي مانُ مليل هو.

## انهيءَ منجهان آلِ نبيﷺ جو بيان

اهل بيت ﷺ الله جي رازن جا رازدار، ۽ ان جي دين جي پناهه علمِ الهي جا خزانا ۽ سندس حڪمتن جا آستان آهن، ۽ اهي الله جي ڪتابن جا محافظ، ۽ سندس دين جا جبل آهن. هن انهن سان ئي دين جي چيلهه کي مضبوط ۽ دين جي پنيءَ جي پيچ کي سڌو ڪيو آهي ۽ انهن جي ذريعي ئي دين جي جزئن جي ڏڪڻي کي ختم ڪيو آهي.

## انهيءَ منجهان ٻيءَ قوم جو بيان

انهن ماڻهن (اهل بيت ﷺ جي دشمنن) بدڪاريءَ جي پوک پوکي، ۽ انکي تڪبر جو پاڻي ڏنائون، ۽ پوءِ تباهيءَ جو لاب لڻيائون. هن امت منجهان ڪنهن به ماڻهوءَ جو قياس آل محمد (ﷺ) سان نٿو ڪري سگهجي. ۽ جنهن تي آل محمد (ﷺ) جا هميشه احسان هجن اهو ماڻهو ساڻن برابر نٿو ٿي سگهي. اهل بيت (ﷺ) دين جو بنياد ۽ يقين جا ٿنيا آهن. اڳتي وڌندڙ انهن ڏانهن موٽندو، ۽ پوئتي رهجندڙ انهن سان اچي ملندو. حقِ ولايت جون خوبيون انهن ۾ ئي آهن، ۽ انهن جي حق ۾ ئي وصايت ۽ وراثت آهي. ها هاڻي اهو وقت آهي جنهن ۾ حق پنهنجي اهل ڏانهن موٽيو آهي ۽ پنهنجيءَ جڳهه تي پهتو آهي.

## ٣_ امام عليه السلام جو خطبو جيڪو خطبه شقشقيه جي نالي سان معروف آهي

**۽ هي خلافت جي مسئلي بابت ڏوراپي تي، پوءِ امام عليه السلام جو خلافت کان صبر ڪرڻ کي اهميت ڏيڻ تي، پوءِ ماڻهن جو امام عليه السلام جي بيعت ڪرڻ تي مشتمل آهي.**

آگاهه رهو ته خدا جي ذات جو قسم فلاڻي خلافت جي قميص زوريءَ پاتي آهي، جڏهن ته هو چڱيءَ طرح ڄاڻي پيو ته خلافت ۾ منهنجو مقام ائين آهي جيئن جنڊ ۾ ڪِير جو هوندو آهي. آءٌ اها هستي آهيان جنهن کان سيلاب هيٺ وهي وڃن ٿا، ۽ جنهن تائين ڪو پکي به پرواز نه ٿو ڪري سگهي، پوءِ به مون خلافت جي پاسي کان پردو ڏئي ڇڏيو، ۽ ان کان ڪنارو ڪيم ۽ سوچڻ لڳم ته وڏيل هٿن سان حملو ڪريان يا هن انڌير تي صبر ڪريان جنهن ۾ وڏيءَ عمر وارو جهور، ۽ ٻار پوڙهو ٿيندو آهي. ۽ جنهن ۾ مومن اڻٿڪ ڪوشش ڪندو آهي تان جو پنهنجي رب سان وڃي ملي.

## ترجيح الصبر

فَرَأَيْتُ أَنَّ الصَّبْرَ عَلَى هَاتَا أَحْجَى فَصَبَرْتُ وَفِي الْعَيْنِ قَذًى وَفِي الْحَلْقِ شَجًا أَرَى تُرَاثِي نَهْباً حَتَّى مَضَى الْأَوَّلُ لِسَبِيلِهِ فَأَدْلَى بِهَا إِلَى فُلَانٍ بَعْدَهُ. ثُمَّ تَمَثَّلَ بِقَوْلِ الْأَعْشَى:

شَتَّانَ مَا يَوْمِي عَلَى كُورِهَا

وَيَوْمُ حَيَّانَ أَخِي جَابِرِ

فَيَا عَجَباً بَيْنَا هُوَ يَسْتَقِيلُهَا فِي حَيَاتِهِ إِذْ عَقَدَهَا لِآخَرَ بَعْدَ وَفَاتِهِ لَشَدَّ مَا تَشَطَّرَا ضَرْعَيْهَا فَصَيَّرَهَا فِي حَوْزَةٍ خَشْنَاءَ يَغْلُظُ كَلْمُهَا وَيَخْشُنُ مَسُّهَا وَ يَكْثُرُ الْعِثَارُ فِيهَا وَ الِاعْتِذَارُ مِنْهَا.

فَصَاحِبُهَا كَرَاكِبِ الصَّعْبَةِ إِنْ أَشْنَقَ لَهَا خَرَمَ وَإِنْ أَسْلَسَ لَهَا تَقَحَّمَ فَمُنِيَ النَّاسُ لَعَمْرُ اللَّهِ بِخَبْطٍ وَشِمَاسٍ وَتَلَوُّنٍ وَاعْتِرَاضٍ فَصَبَرْتُ عَلَى طُولِ الْمُدَّةِ وَشِدَّةِ الْمِحْنَةِ حَتَّى إِذَا مَضَى لِسَبِيلِهِ جَعَلَهَا فِي جَمَاعَةٍ زَعَمَ أَنِّي أَحَدُهُمْ.

فَيَا لَلَّهِ وَ لِلشُّورَى مَتَى اعْتَرَضَ الرَّيْبُ فِيَّ مَعَ الْأَوَّلِ مِنْهُمْ حَتَّى صِرْتُ أُقْرَنُ إِلَى هَذِهِ النَّظَائِرِ لَكِنِّي أَسْفَفْتُ إِذْ أَسَفُّوا وَطِرْتُ إِذْ طَارُوا فَصَغَا رَجُلٌ مِنْهُمْ لِضِغْنِهِ وَمَالَ الْآخَرُ لِصِهْرِهِ مَعَ هَنٍ وَهَنٍ إِلَى أَنْ قَامَ ثَالِثُ الْقَوْمِ نَافِجاً حِضْنَيْهِ بَيْنَ نَثِيلِهِ وَمُعْتَلَفِهِ وَقَامَ مَعَهُ بَنُو أَبِيهِ يَخْضَمُونَ مَالَ اللَّهِ خِضْمَةَ الْإِبِلِ نِبْتَةَ الرَّبِيعِ إِلَى أَنِ انْتَكَثَ عَلَيْهِ فَتْلُهُ وَ أَجْهَزَ عَلَيْهِ عَمَلُهُ وَكَبَتْ بِهِ بِطْنَتُهُ.

## صبر ڪري اهميت ڏيڻ

بس مون ڏٺو تہ هن انڌير تي صبر ڪرڻ ئي ڀلو آهي، ۽ بس مون اهڙيءَ حالت ۾ صبر ڪيو جو منهنجي اک ۾ ڪنڊو ۽ حلق ۾ هڏو هيو، آءٌ پنهنجي ميراث کي لٽجندي ڏسي رهيو هيس، تان جو پهريون پنهنجي پنهنجي دڳ سان هليو ۽ پاڻ کان پوءِ خلافت کي فلاڻي جي حوالي ڪيائين.

پوءِ امام ؑ شاعر اعشيٰ جي هن قول سان مثال ڏنو:

ڪٿي هي ڏينهن جيڪي اٺ جي پاڪڙي تي گذرن ٿا
۽ ڪٿي اهي ڏينهن جيڪي جابر جي ڀاءُ حيان سان گذريا.

تعجب آهي جو هن پنهنجي حياتيءَ ۾ خلافت کي ڇڏڻ تي چاهيو پر مرڻ کانپوءِ خلافت کي ٻئي لاءِ پختو ڪري ويو. ڪيڏي نہ سخت چالاڪي واري ڳالهہ آهي جو هنن ٻنهي خلافت جي ٿڻن کي پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو. پوءِ هن خلافت کي هڪ کهُريءَ جڳهہ تي قرار ڏنو، جنهن جو زخم ڳِهرو ۽ ڇُهڻ کهُرو هيو، جنهن ۾ هر جگهہ تي ٿاٻڙجڻ ۽ انهيءَ تي وري بهانو ڪرڻ هيو. بس انهيءَ خلافت واري جو مثال ان ڪُڏٽيءَ ڏاچيءَ جي سوار وانگر آهي اگر هو مهار کي ڇڪي ٿو تہ ان جي ناس چيرجي ٿي، ۽ اگر ڍرو ڪريس ٿو تہ سوار پاڻ ڪِري ٿو. الله جي پاڪ ذات جو قسم بس انهن ڳالهين جي ڪري ماڻهو ڇڙواڳ، ضدي، مختلف مزاج ۽ عيب جُو ٿي ويا. پوءِ مون انهيءَ ڏکهي ۽ سخت عرصي تي صبر ڪيو تان جو اهو (ابن خطاب) بہ پنهنجي دڳ سان هليو، ۽ خلافت کي هڪ ٽوليءَ ۾ قرار ڏنائين ۽ هن جي خيال ۾ آءٌ بہ ان جماعت جو هڪ فرد آهيان.

اي خدا شوريٰ سان منهنجو ڪهڙو واسطو!؟ ڀلا انهن منجهان پهرين جي مقابلي ۾ منهنجي فضيلت ۾ ڪڏهن شڪ هيو جو هاڻي مونکي اهڙن ماڻهن سان ملايو ٿو وڃي، پر پوءِ بہ آءٌ هر لاهن ۽ چاڙهن ۾ ساڻن گڏ رهيس، پوءِ انهن مان هڪ پنهنجي بغض جي ڪري مونکان پاسيرو ٿي ويو ۽ ٻيو مائٽيءَ ۽ ڪجهہ نہ ٻڌائڻ جهڙين ڳالهين جي ڪري هوڏانهن جهڪي پيو تان جو ايتري ۾ انهن مان ٽيون شخص حيواني گوبر ۽ گاهہ جي وچ مان پيٽ ڦندائي آڪڙجي اٿي بيٺو ۽ سندس مائٽ بہ گڏ اٿي بيٺس جيڪي الله جي مال (بيت المال) کي ايئن ڀيا ڳڙڪائين جيئن بهار جي مُند ۾ اُٺ گاهہ کائيندو آهي، ايستائين جو سندس وٽيل رسيءَ جا وَرَ پاڻ تي کلي ويس ۽ سندس ئي ڪرتوتن ان جو ڪم پورو ڪيو ۽ پيٽ جي پوڄا انکي منهن ڀر ڪيرايو.

## مبايعة علي عليه السلام

فَمَا رَاعَنِي إِلَّا وَالنَّاسُ كَعُرْفِ الضَّبُعِ إِلَيَّ يَنْثَالُونَ عَلَيَّ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ حَتَّى لَقَدْ وُطِئَ الْحَسَنَانِ وَشُقَّ عِطْفَايَ مُجْتَمِعِينَ حَوْلِي كَرَبِيضَةِ الْغَنَمِ.

فَلَمَّا نَهَضْتُ بِالْأَمْرِ نَكَثَتْ طَائِفَةٌ وَمَرَقَتْ أُخْرَى وَقَسَطَ آخَرُونَ كَأَنَّهُمْ لَمْ يَسْمَعُوا اللَّهَ سُبْحَانَهُ يَقُولُ ﴿تِلْكَ الدَّارُ الْآخِرَةُ نَجْعَلُها لِلَّذِينَ لا يُرِيدُونَ عُلُوًّا فِي الْأَرْضِ وَلا فَساداً وَالْعاقِبَةُ لِلْمُتَّقِينَ[١]﴾ بَلَى وَاللَّهِ لَقَدْ سَمِعُوهَا وَوَعَوْهَا وَلَكِنَّهُمْ حَلِيَتِ الدُّنْيَا فِي أَعْيُنِهِمْ وَرَاقَهُمْ زِبْرِجُهَا أَمَا وَالَّذِي فَلَقَ الْحَبَّةَ وَبَرَأَ النَّسَمَةَ لَوْ لَا حُضُورُ الْحَاضِرِ وَ قِيَامُ الْحُجَّةِ بِوُجُودِ النَّاصِرِ وَمَا أَخَذَ اللَّهُ عَلَى الْعُلَمَاءِ أَلَّا يُقَارُّوا عَلَى كِظَّةِ ظَالِمٍ وَلَا سَغَبِ مَظْلُومٍ لَأَلْقَيْتُ حَبْلَهَا عَلَى غَارِبِهَا وَلَسَقَيْتُ آخِرَهَا بِكَأْسِ أَوَّلِهَا وَلَأَلْفَيْتُمْ دُنْيَاكُمْ هَذِهِ أَزْهَدَ عِنْدِي مِنْ عَفْطَةِ عَنْزٍ.

قَالُوا وَ قَامَ إِلَيْهِ رَجُلٌ مِنْ أَهْلِ السَّوَادِ عِنْدَ بُلُوغِهِ إِلَى هَذَا الْمَوْضِعِ مِنْ خُطْبَتِهِ فَنَاوَلَهُ كِتَاباً قِيلَ إِنَّ فِيهِ مَسَائِلَ كَانَ يُرِيدُ الْإِجَابَةَ عَنْهَا فَأَقْبَلَ يَنْظُرُ فِيهِ [فَلَمَّا فَرَغَ مِنْ قِرَاءَتِهِ] قَالَ لَهُ ابْنُ عَبَّاسٍ: يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ لَوِ اطَّرَدَتْ خُطْبَتُكَ مِنْ حَيْثُ أَفْضَيْتَ.

فَقَالَ: هَيْهَاتَ يَا ابْنَ عَبَّاسٍ تِلْكَ شِقْشِقَةٌ هَدَرَتْ ثُمَّ قَرَّتْ.

قَالَ ابْنُ عَبَّاسٍ: فَوَاللَّهِ مَا أَسَفْتُ عَلَى كَلَامٍ قَطُّ كَأَسَفِي عَلَى هَذَا الْكَلَامِ أَلَّا يَكُونَ أَمِيرُالْمُؤْمِنِينَ (عليه السلام) بَلَغَ مِنْهُ حَيْثُ أَرَادَ.



١: القصص: الآية: ٨٣.

## حضرت علي عليه السلام جي بيعت

جنهن شيءِ مونکي فڪرمند ڪيو اهو ڳُور پَٽ جي ڪنڌ جي وارن وانگر مون ڏانهن ماڻهن جي گهڻائي هئي جيڪي هر پاسي کان مون وٽ اچي ڪڙڪيا، ايستائين جو حسنين (عليهما السلام) ماڻهن جي پيهه ۾ اچي ويا ۽ منهنجي عبا جا پلؤ ٻه ڦاٽي پيا ۽ ماڻهو رڍن جي ڌڻ وانگر منهنجي چوڌاري اچي گڏ ٿيا.

پوءِ جڏهن آءٌ خلافت سنڀالي اٿيس ته هڪ ٽولي بيعت ٽوڙي ۽ ٻيو ٽولو دين کان خارج ٿي ويو ۽ ٽئين ٽولي وري ظلم کان ڪم ورتو ڄڻ ته انهن الله جو هي ڪلام ٻڌو ئي نه هيو جنهن ۾ رب پاڪ فرمائي ٿو: "اهو آخرت جو گهر آهي، جنهن کي اسان انهن لاءِ قرار ڏنو آهي، جيڪي زمين ۾ نه وڏائي چاهين ٿا ۽ نه وري فساد ۽ عاقبت پرهيزگارن لاءِ آهي". ها خدا جو قسم يقيناً انهن ماڻهن اهو ٻڌو به هو ۽ کين ياد به هيو پر دنيا انهن جي نظرن ۾ سنورجي وئي ۽ ان جي سونهن کين ڌوکي ۾ وجهي ڇڏيو. ليڪن خبردار! ان ذات جو قسم جنهن داڻي کي ڦُٽايو، ۽ هر ساهه واري شيءِ کي پيدا ڪيو، اگر اچڻ وارن جو (بيعت لاءِ) اچڻ ۽ مددگارن جي هجڻ سان حجت پوري نه ٿئي ها، ۽ الله عالمن کان ظالمن جي ڍاپُ ۽ مظلومن جي بُکايل تي سڪون سان نه ويهڻ جو عهد نه ورتي ها ته ضرور آءٌ خلافت جي واڳ کي سندس ڪُني مٿان اڇلائي ڇڏيان ها، ۽ خلافت جي آخري اجايل کي پهرين جي پيالَي سان سيراب ڪريان ها. ۽ توهان ڄاڻي ورتو ها ته توهان جي هيءَ دنيا منهنجي نظر ۾ ٻَڪِري جي نِڇَ کان به وڌيڪ پَست آهي.



بيان ڪن ٿا ته جڏهن امام عليه السلام خطبي جي هن جاءِ تي پهتا ته هڪ عراقي شخص مولا ڏانهن اڳتي وڌيو پوءِ هن امام عليه السلام کي هڪ لکت پيش ڪئي، چيو وڃي ٿو ته ان لکت ۾ ڪجهه سوال هئا جن جا جواب امام عليه السلام کان چاهي پيو، پوءِ مولا پنو وٺي پڙهڻ شروع ڪيو، (پوءِ جڏهن امام عليه السلام ان جي پڙهڻ کان فارغ ٿيا ته) ابن عباس مولا کي عرض ڪيو: اي اميرالمؤمنين عليه السلام جيڪر خطبو اتان جاري ٿئي ها جتان ڇڏيو هيو، پوءِ اميرالمؤمنين عليه السلام فرمايو: اي ابن عباس ڳالهه گذري وئي اهو هڪ اڌمو هيو جيڪو اڀريو ۽ ٺري ويو. ابن عباس چيو: الله جو قسم مونکي ڪنهن ڳالهه تي ايترو ڏک نه ٿيو جيترو هن ڳالهه تي ٿيو ته مولا هن جاءِ تي ڳالهه کي نه پهچايو جتي پهچائڻ گهرين پيا.

قال الشريف رضي الله عنه: قَوْلُهُ عليه السلام "كَرَاكِبِ الصَّعْبَةِ إِنْ أَشْنَقَ لَهَا خَرَمَ وَإِنْ أَسْلَسَ لَهَا تَقَحَّمَ" يُرِيدُ أَنَّهُ إِذَا شَدَّدَ عَلَيْهَا فِي جَذْبِ الزِّمَامِ وَهِيَ تُنَازِعُهُ رَأْسَهَا خَرَمَ أَنْفَهَا وَإِنْ أَرْخَى لَهَا شَيْئاً مَعَ صُعُوبَتِهَا تَقَحَّمَتْ بِهِ فَلَمْ يَمْلِكْهَا. يُقَالُ أَشْنَقَ النَّاقَةَ إِذَا جَذَبَ رَأْسَهَا بِالزِّمَامِ فَرَفَعَهُ وَشَنَقَهَا أَيْضاً، ذَكَرَ ذلِكَ ابْنُ السِّكِّيتِ فِي إِصْلاَحِ الْمَنْطِقِ. وَإِنَّمَا قَالَ أَشْنَقَ لَهَا وَلَمْ يَقُلْ أَشْنَقَهَا لأَنَّهُ جعلَهُ فِي مُقَابَلَةِ قَوْلِهِ أَسْلَسَ لَهَا فَكَأَنَّهُ (عليه السلام) قَالَ إِنْ رَفَعَ لَهَا رَأْسَهَا بِمَعْنَى أَمْسَكَهُ عَلَيْهَا بِالزِّمَامِ.

# ٤ ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*وهي من أفصح كلامه عليه السلام وفيها يعظ الناس ويهديهم من ضلالتهم ويقال: إنه خطبها بعد قتل طلحة والزبير*

بِنَا اهْتَدَيْتُمْ فِي الظَّلْمَاءِ وَ تَسَنَّمْتُمْ ذُروَةَ الْعَلْيَاءِ وَ بِنَا افجَرتُم عَنِ السِرارِ وُقِرَ سَمْعٌ لَمْ يَفْقَهِ الْوَاعِيَةَ وَ كَيْفَ يُرَاعِي النَّبْأَةَ مَنْ أَصَمَّتْهُ الصَّيْحَةُ رُبِط جَنَانٌ لَمْ يُفَارِقْهُ الْخَفَقَانُ مَا زِلْتُ أَنْتَظِرُ بِكُمْ عَوَاقِبَ الْغَدْرِ وَ أَتَوَسَّمُكُمْ بِحِلْيَةِ الْمُغْتَرِّينَ حَتّى سَتَرَنِي عَنْكُمْ جِلْبَابُ الدِّينِ وَ بَصَّرَنِيكُمْ صِدْقُ النِّيَّةِ.

أَقَمْتُ لَكُمْ عَلَى سَنَنِ الْحَقِّ فِي جَوَادِّ الْمَضَلَّةِ حَيْثُ تَلْتَقُونَ وَ لَا دَلِيلَ وَ تَحْتَفِرُونَ وَ لَا تُمِيهُونَ الْيَوْمَ أُنْطِقُ لَكُمُ الْعَجْمَاءَ ذَاتَ الْبَيَانِ عَزَبَ رَأْيُ امْرِئٍ تَخَلَّفَ عَنِّي مَا شَكَكْتُ فِي الْحَقِّ مُذْ أُرِيتُهُ لَمْ يُوجِسْ مُوسَى عليه السلام خِيفَةً عَلَى نَفْسِهِ بَلْ أَشْفَقَ مِنْ غَلَبَةِ الْجُهَّالِ وَ دُوَلِ الضَّلَالِ.

الْيَوْمَ تَوَاقَفنَا عَلَى سَبِيلِ الْحَقِّ وَ الْبَاطِلِ مَنْ وَثِقَ بِمَاءٍ لَمْ يَظْمَأْ.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام جي هن جملي ”كَرَاكِبِ الصَّعْبَةِ إِنْ أَشْنَقَ لَهَا خَرَمَ وَ إِنْ أَسْلَسَ لَهَا تَقَحَّمَ“ مان مراد هي آهي تہ سوار جڏهن واڳ ڇڪڻ ۾ ڍاڇي تي سختي ڪندو آهي تہ ان ڇڪتان ۾ ان جي ناس زخمي ٿي پوندي آهي، ۽ اگر ان جي ڏنگائي ڪري ٿوري بہ واڳ ڍري ڇڏيندو آهي تہ هؤ انکي ڪيرائي ڇڏيندي آهي، ۽ هو ان تي قابو نٿو رهي سگهي ۽ ”اشفق الناقة“ ان وقت چيو ويندو آهي جڏهن سوار واڳ کي ڇڪڻ ڪري ان جي سر کي مٿي طرف ڪري، اهڙي طرح ”شَنّقَها“ استعمال ٿيندو آهي. ابن سکيت ”اصلاح المنطق“ ۾ انکي ذڪر ڪيو آهي. ۽ امام عليه السلام ”اشنَقَ لَهَا“ چيو آهي ۽ ”اَشَنَّقَهَا“ نہ چيو آهي چو جو امام عليه السلام هي لفظ ”اسلس لها“ جي مقابلي ۾ استعمال ڪيو آهي، ڇڻ تہ امام عليه السلام ”اشنق لها“ کي ”ان رفع لها“ جي جاءِ تي استعمال ڪيو آهي، يعني سوار واڳ سان ان جي سر کي مٿي پڪڙي بيهي.

## ۴ـ امام عليه السلام جو خطبو هي امام عليه السلام جي فصيح ڪلام منجهان آهي

**جنهن ۾ امام عليه السلام ماڻهن کي نصيحت ڪئي آهي ۽ انهن کي گمراهيءَ کان هدايت ڪئي آهي، ۽ چيو وڃي ٿو تہ امام عليه السلام هي خطبو طلحہ ۽ زبير جي قتل ٿي وڃڻ کانپوءِ ڏنو آهي:**

اسان اهل بيت (عليهم السلام) جي ڪري توهان گمراهين مان هدايت پاتي آهي ۽ وڏو مانَ ۽ عزت ماڻي آهي ۽ اسان جي ئي سبب اوهان اونداهين راتين مان نڪري ڪري صبح جي روشني ۾ آيا آهيو. شال ٻوڙا ٿين اهي ڪن جيڪي نصيحت نٿا ٻڌن. اهي هلڪي آواز ڏانهن ڪيئن ڪن ڌريندا وڏي آواز جن کي ٻوڙو ڪري ڇڏيو هجي. مضبوط رهي اها دل جيڪا خوفِ خدا ۾ ڌڙڪي ٿي. آءٌ هميشہ کان توهان جي ڌوکن جي نتيجن جي انتظار ۾ آهيان. ۽ ڌوکي باز ماڻهن جي روپ ۾ ئي توهان کي سڃاڻان ٿو مگر دين جي چادر مونکي توهان کان لکايو آهي، پر منهنجي سچائيءَ مون کي اوهان کان آگاهہ ڪيو آهي.

گمراهيءَ وارن رستن ۾ آءٌ اوهان جي رهنمائي لاءِ حق جي رستن تي بيٺو رهيس جتي اوهان هڪ ٻئي سان ملندا هيؤ پر ڪنهن وٽ ڪو رهنمائي لاءِ دليل نہ هيو. اوهان کوهہ پئي کوٽيا مگر پاڻي تائين پهچي نہ سگهيؤ. قوتِ بيان واريءَ خاموش زبان کي اڄ مون اوهان لاءِ ڳالهرايو آهي، جيڪو مون کان منهن موڙي ان جي راءِ حق کان پري آهي، جڏهن کان حق مون کي ڏيکاريو ويو آهي مون ڪڏهن بہ ان ۾ شڪّ نہ ڪيو آهي. موسىٰ (عليه السلام) کي پنهنجو خوف نہ هيو بلڪ جاهلن ۽ گمراهہ حڪومتن جي حق تي غلبي جو ڊڄ هيو، اڄ اسان حق ۽ باطل جي واٽ تي آمهون سامهون بيٺا آهيون، جنهن کي پاڻيءَ جي پڪ هوندي اهو اڃايل نہ رهندو.

# ٥ ـ و من خطبة له عليه السلام

*لما قبض رسول الله صلى الله عليه و آله و خاطبه العباس و أبو سفيان بن حرب في أن يبايعا له بالخلافة، و ذلك بعد أن تمت البيعة لأبي بكر في السقيفة و فيها ينهى عن الفتنة و يبين عن خلقه و علمه.*

## النهي عن الفتنة

أَيُّهَا النَّاسُ شُقُّوا أَمْوَاجَ الْفِتَنِ بِسُفُنِ النَّجَاةِ وَ عَرِّجُوا عَنْ طَرِيقِ الْمُنَافَرَةِ. وَ ضَعُوا تِيجَانَ الْمُفَاخَرَةِ أَفْلَحَ مَنْ نَهَضَ بِجَنَاحٍ أَوِ اسْتَسْلَمَ فَأَرَاحَ هَذَا مَاءٌ آجِنٌ وَ لُقْمَةٌ يَغَصُّ بِهَا آكِلُهَا وَ مُجْتَنِي الثَّمَرَةِ لِغَيْرِ وَقْتِ إِينَاعِهَا كَالزَّارِعِ بِغَيْرِ أَرْضِهِ.

## خلقه و علمه

فَإِنْ أَقُلْ يَقُولُوا حَرَصَ عَلَى الْمُلْكِ وَ إِنْ أَسْكُتْ يَقُولُوا جَزِعَ مِنَ الْمَوْتِ هَيْهَاتَ بَعْدَ اللَّتَيَّا وَ الَّتِي وَ اللَّهِ لَابْنُ أَبِي طَالِبٍ آنَسُ بِالْمَوْتِ مِنَ الطِّفْلِ بِثَدْيِ أُمِّهِ بَلِ انْدَمَجْتُ عَلَى مَكْنُونِ عِلْمٍ لَوْ بُحْتُ بِهِ لَاضْطَرَبْتُمُ اضْطِرَابَ الْأَرْشِيَةِ فِي الطَّوِيِّ الْبَعِيدَةِ.



# ٦ ـ و من كلام له عليه السلام

*لما أشير عليه بألا يتبع طلحة و الزبير و لا يرصد لهما القتال*

*و فيه يبين عن صفته بأنه عليه السلام لا يخدع*

وَ اللَّهِ لَا أَكُونُ كَالضَّبُعِ تَنَامُ عَلَى طُولِ اللَّدْمِ حَتَّى يَصِلَ إِلَيْهَا طَالِبُهَا وَ يَخْتِلَهَا رَاصِدُهَا وَ لَكِنِّي أَضْرِبُ بِالْمُقْبِلِ إِلَى الْحَقِّ الْمُدْبِرَ عَنْهُ وَ بِالسَّامِعِ الْمُطِيعِ الْعَاصِيَ الْمُرِيبَ أَبَداً حَتَّى يَأْتِيَ عَلَيَّ يَوْمِي فَوَاللَّهِ مَا زِلْتُ مَدْفُوعاً عَنْ حَقِّي مُسْتَأْثَراً عَلَيَّ مُنْذُ قَبَضَ اللَّهُ نَبِيَّهُ صلى الله عليه و آله حَتَّى يَوْمِ النَّاسِ هَذَا.

## ٥_ امام عليه السلام جو خطبو

**جڏهن رسول الله ﷺ رحلت فرمائي ۽ عباس ۽ ابوسفيان بن حرب امام عليه السلام کي چيو ته اسان خلافت تي اوهان جي بيعت ڪريون ٿا، اهو ان وقت جڏهن سقيفه ۾ ابوبڪر جي بيعت ٿي چڪي هئي، ۽ انهي خطبي ۾ امام عليه السلام فتني کان روڪيو آهي، ۽ پنهنجي اخلاق ۽ علم کي بيان ڪيو آهي.**

### فتني کان روڪڻ

اي انسانؤ! فتني جي موجن کي نجات جي ٻيڙين سان چيريو، ۽ هڪ ٻئي سان جهڳڙي واري رستي کان پاسو ڪريو. ۽ هڪ ٻئي تي فخر ڪرڻ وارا تاج لاهي ڇڏيو، ڪامياب اهو آهي جيڪو طاقت سان اٿي يا امن چاهيندي (ماڻهن کي) راحت ڏئي، هيءَ (خلافت) هڪ ڦِتل پاڻي آهي، ۽ هڪ اهڙو گِره آهي جنهن کي کائڻ وارو(کائي) ڦاسي ٿو، ۽ ميون جي پچڻ کان پهريائين انهن کي پٽيندڙ جڻ پرائي زمين ۾ پوکيندڙ آهي.

### امام عليه السلام جو اخلاق ۽ علم

اگر چوان ٿو (خلافت منهنجو حق آهي) ته ماڻهو حڪومت جو لالچي چون ٿا، ۽ اگر چپ رهان ٿو ته ماڻهو چون ٿا موت کان ڊڄي ٿو. اهيو مون کان بعيد آهي انهن نندين وڏين مصيبتن کان پوءِ به، الله جو قسم ابو طالب (عليه السلام) جو پٽ موت سان وڌيڪ مانوس آهي ان ٻار کان جيڪو ماءُ جي ڇاتي سان انس رکي ٿو. پر مان اهڙي لڪيل علم جو پابند رهيس (جنهن مون کي مجبور ڪري ڇڏيو آهي) اگر مان ان علم کي ظاهر ڪريان ته توهان ائين ڏڪڻ لڳندؤ جيئن اونهي کوه ۾ رسي ڏڪندي آهي.



## ٦_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام کي اهو مشورو ڏنو ويو ته طلحه ۽ زبير جو پيڇو نه ڪريو ۽ ساڻن جنگ جو اٽل فيصلو نه ڪريو، ۽ هن ڪلام ۾ امام عليه السلام پنهنجي هي صفت بيان ڪئي ته ڪيس ڌوڪو نٿو ڏئي سگهجي.

الله جو قسم آءٌ ان ٻُورپٽ جانور وانگر نه ٿيندس جيڪو گهٽي گڙڪي جي باوجود به سُتل هوندو آهي تان جو سندس ڳولهيندڙ ان تائين اچي پهچندو آهي ۽ شڪاري اچي ان کي ڌوڪي سان قابو ڪندو آهي. مگر آءٌ حق وارن ۽ فرمانبردارن کي ساڻ ڪري حق کان منهن موڙيندڙ، نافرمان ۽ شڪي ماڻهن سان وڙهندو رهندس ايستائين جو موت سان ملاقات ڪريان، الله جو قسم جڏهن کان الله پاڪ پنهنجي نبي ﷺ کي پاڻ وٽ گهرايو آهي تڏهن کان اڄ تائين مون تي ٻين کي ترجيح ڏني وئي آهي.

## ٧ ـ و من خطبة له عليه السلام

*يذم فيها أتباع الشيطان*

اتَّخَذُوا الشَّيْطَانَ لِأَمْرِهِمْ مِلَاكاً وَ اتَّخَذَهُمْ لَهُ أَشْرَاكاً فَبَاضَ وَ فَرَّخَ فِي صُدُورِهِمْ وَ دَبَّ وَ دَرَجَ فِي حُجُورِهِمْ فَنَظَرَ بِأَعْيُنِهِمْ وَ نَطَقَ بِأَلْسِنَتِهِمْ فَرَكِبَ بِهِمُ الزَّلَلَ وَ زَيَّنَ لَهُمُ الْخَطَلَ فِعْلَ مَنْ قَدْ شَرِكَهُ الشَّيْطَانُ فِي سُلْطَانِهِ وَ نَطَقَ بِالْبَاطِلِ عَلَى لِسَانِهِ.

## ٨ ـ و من كلام له عليه السلام

*يعني به الزبير في حال اقتضت ذلك و يدعوه للدخول في البيعة ثانية*

يَزْعُمُ أَنَّهُ قَدْ بَايَعَ بِيَدِهِ وَ لَمْ يُبَايِعْ بِقَلْبِهِ فَقَدْ أَقَرَّ بِالْبَيْعَةِ وَ ادَّعَى الْوَلِيجَةَ فَلْيَأْتِ عَلَيْهَا بِأَمْرٍ يُعْرَفُ وَ إِلَّا فَلْيَدْخُلْ فِيمَا خَرَجَ مِنْهُ.



## ٩ ـ و من كلام له عليه السلام

*في صفته و صفة خصومه و يقال إنها في أصحاب الجمل*

وَ قَدْ أَرْعَدُوا وَ أَبْرَقُوا وَ مَعَ هَذَيْنِ الْأَمْرَيْنِ الْفَشَلُ وَ لَسْنَا نُرْعِدُ حَتَّى نُوقِعَ وَ لَا نُسِيلُ حَتَّى نُمْطِرَ.

### ٧_ امام عليہ السلام جو خطبو. جنھن ۾ پاڻ (عليہ السلام) شيطان جي پيروڪارن جي مذمت ڪئي آهي

انهن ماڻهن شيطان کي پنهنجن ڪمن جو محور قرار ڏئي ڇڏيو آهي، ۽ وري شيطان انهن کي پنهنجي لاءِ ڄار بڻايو آهي، پوءِ شيطان انهن ماڻهن جي سينن ۾ آنا لاهي ٻچا ڏنا آهن ۽ اهي ٻچا انهن ماڻهن جي جهولين ۾ پليا ۽ وڌيا. ۽ شيطان انهن ماڻهن جي اکين سان ڏٺو ۽ زبان سان ڳالهايو.

شيطان هنن کي گناهن جي راهہ تي هلايو ۽ انهن لاءِ بڇڙاين کي سينگاريو. اهڙي ماڻهوءَ جي ڪم جيان ڪم ڪيو جنهن کي شيطان پنهنجي حڪمراني ۾ شريڪ ڪيو هجي ۽ پنهنجيءَ ڪوڙيءَ ڳالهہ کي ان جي زبان تان بڪيو هجي.

### ٨_ امام عليہ السلام جو ڪلام. جنهن کي پاڻ زبير لاءِ ان وقت فرمايو

### جڏهن حالات ان جي تقاضا ڪئي، ۽ انکي ٻيهر بيعت ڪرڻ جو چيو:

هو سمجهي ٿو تہ هن بيعت رڳو هٿ سان ڪئي آهي ۽ دل سان نہ ڪئي آهي. حقيقت ۾ هن بيعت جو اقرار ڪيو آهي ۽ دل ۾ کوٽ جي دعوىٰ ڪئي آهي، تنهنڪري کيس گهرجي تہ واضح دليل آڻي نہ تہ پوءِ جنهن بيعت کان نڪتو آهي ان ۾ وري داخل ٿئي.

### ٩_ امام عليہ السلام جو ڪلام. پنهنجي ۽ پنهنجي دشمن جي صفت جي بيان ۾

### ۽ چيو وڃي ٿو تہ پاڻ عليہ السلام اهو جمل وارن لاءِ فرمايو آهي:

بيشڪ اهي گجيا ۽ چمڪيا ۽ انهن ڳالهين جي باوجود بہ هنن بزدلي ڏيکاري ۽ اسان گجگوڙ نہ ڪندا آهيون ايستائين جو ڪڙڪون ۽ اسان نار نہ وهائيندا آهيون ايستائين جو وسون.

## ١٠ ـ وَ مِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*يريد الشيطان أو يكني به عن قوم*

أَلَا وَ إِنَّ الشَّيْطَانَ قَدْ جَمَعَ حِزْبَهُ وَ اسْتَجْلَبَ خَيْلَهُ وَ رَجِلَهُ وَ إِنَّ مَعِي لَبَصِيرَتِي مَا لَبَّسْتُ عَلَى نَفْسِي وَ لَا لُبِّسَ عَلَيَّ وَ ايْمُ اللَّهِ لَأُفْرِطَنَ لَهُمْ حَوْضاً أَنَا مَاتِحُهُ لَا يَصْدُرُونَ عَنْهُ وَ لَا يَعُودُونَ إِلَيْهِ.

## ١١ ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

لابنه محمد ابن الحنفية لما أعطاه الراية يوم الجمل

تَزُولُ الْجِبَالُ وَ لَا تَزُلْ. عَضَّ عَلَى نَاجِذِكَ. أَعِرِ اللَّهَ جُمْجُمَتَكَ. تِدْ فِي الْأَرْضِ قَدَمَكَ. ارْمِ بِبَصَرِكَ أَقْصَى الْقَوْمِ. وَ غُضَّ بَصَرَكَ. وَ اعْلَمْ أَنَّ النَّصْرَ مِنْ عِنْدِ اللَّهِ سُبْحَانَهُ.

## ١٢ ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام



*لما أظفره الله بأصحاب الجمل، وَ قَدْ قَالَ لَهُ بَعْضُ أَصْحَابِهِ: وَدِدْتُ أَنَّ أَخِي فُلَاناً كَانَ شَاهِدَنَا لِيَرَى مَا نَصَرَكَ اللَّهُ بِهِ عَلَى أَعْدَائِكَ*

فَقَالَ لَهُ عليه السلام: أَ هَوَى أَخِيكَ مَعَنَا فَقَالَ نَعَمْ قَالَ فَقَدْ شَهِدَنَا وَ لَقَدْ شَهِدَنَا فِي عَسْكَرِنَا هَذَا أَقْوَامٌ فِي أَصْلَابِ الرِّجَالِ وَ أَرْحَامِ النِّسَاءِ سَيَرْعَفُ بِهِمُ الزَّمَانُ وَ يَقْوَى بِهِمُ الْإِيمَانُ.

## ١٠_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ امام عليه السلام جي مراد شيطان آهي يا ان ذريعي ٻيءَ قوم جو ڪنايو ڪيو آهي.

آگاهه رهو تہ بيشڪ شيطان پنهنجي گروهه کي گڏ ڪيو آهي ۽ سوارن ۽ پيادن کي وٺي آيو آهي. يقيناً منهنجي بصيرت مون سان گڏ آهي انهيءَ ڪري نہ خود مون پاڻ کي ڌوکو ڏنو آهي ۽ نہ وري مونکي ڌوکو ڏنو ويو آهي. الله جو قسم آءٌ انهن لاءِ اهڙو تہ حوض ڀريندس، جنهن جي پاڻي ڪڍڻ وارو آءٌ پاڻ هوندس، جنهن منجهان هو سيراب ٿي نہ نڪرندا ۽ نہ وري ان ڏانهن موٽي ايندا.

## ١١_ امام عليه السلام جو ڪلام، امام عليه السلام جمل واري ڏينهن

**جڏهن علَم پنهنجي پٽ محمد بن حنفيہ کي ڏنو تہ ڪيس هي ڪلام ارشاد فرمايو:**

جبل جاءِ ڇڏين پر تون پنهنجي جاءِ نہ ڇڏجائن. پنهنجن ڏندن کي ڀڪوڙجائن. پنهنجو سر الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏجائن. زمين ۾ پنهنجا قدم ڄمائجائن. لشڪر جي آخر تي پنهنجي نگاهه رکجائن. دشمن جي گهڻائيءَ کي نظر انداز ڪجائن. ۽ ڄاڻ تہ بيشڪ مدد الله سبحانہ وتعاليٰ وٽان هوندي آهي.

## ١٢_ امام عليه السلام جو ڪلام جڏهن الله تعاليٰ امام عليه السلام کي جمل وارن تي ڪاميابي ڏني تہ امام عليه السلام جي هڪ صحابيءَ کيس عرض ڪيو: جيڪر منهنجو ڀاءُ حاضر هجي ها ڏسي ها تہ الله تعاليٰ اوهان کي دشمن تي ڪيئن فتح ڏني آهي.

پوءِ امام عليه السلام فرمايس: ڇا تنهنجي ڀاءُ جي چاهت اسان سان هئي؟ هن شخص وراڻيو هاءُ. امام عليه السلام فرمايس تہ پوءِ بيشڪ هو اسان سان گڏ آهي، ۽ اسان جي لشڪر ۾ تہ اهڙا ماڻهو بہ حاضر آهن جيڪي اڃا مردن جي پشتن ۽ عورتن جي رحمَن ۾ آهن جن کي عنقريب زمانو ظاهر ڪندو ۽ انهن سان ايمان سگهارو ٿيندو.

## ١٣ ـ و من كلام له عليه السلام

*في ذم أهل البصرة بعد وقعة الجمل*

كُنْتُمْ جُنْدَ الْمَرْأَةِ وَ أَتْبَاعَ الْبَهِيمَةِ رَغَا فَأَجَبْتُمْ وَ عُقِرَ فَهَرَبْتُمْ أَخْلَاقُكُمْ دِقَاقٌ وَ عَهْدُكُمْ شِقَاقٌ وَ دِينُكُمْ نِفَاقٌ وَ مَاؤُكُمْ زُعَاقٌ وَ الْمُقِيمُ بَيْنَ أَظْهُرِكُمْ مُرْتَهَنٌ بِذَنْبِهِ وَ الشَّاخِصُ عَنْكُمْ مُتَدَارَكٌ بِرَحْمَةٍ مِنْ رَبِّهِ كَأَنِّي بِمَسْجِدِكُمْ كَجُؤْجُؤِ سَفِينَةٍ قَدْ بَعَثَ اللَّهُ عَلَيْهَا الْعَذَابَ مِنْ فَوْقِهَا وَ مِنْ تَحْتِهَا وَ غَرِقَ مَنْ فِي ضِمْنِهَا.

وَ فِي رِوَايَةٍ وَ ايْمُ اللَّهِ لَتَغْرَقَنَّ بَلْدَتُكُمْ حَتَّى كَأَنِّي أَنْظُرُ إِلَى مَسْجِدِهَا كَجُؤْجُؤِ سَفِينَةٍ أَوْ نَعَامَةٍ جَاثِمَةٍ.

وَ فِي رِوَايَةٍ كَجُؤْجُؤِ طَيْرٍ فِي لُجَّةِ بَحْرٍ.

وَ فِي رِوَايَةٍ أُخْرَى: بِلَادُكُمْ أَنْتَنُ بِلَادِ اللَّهِ تُرْبَةً أَقْرَبُهَا مِنَ الْمَاءِ وَ أَبْعَدُهَا مِنَ السَّمَاءِ وَ بِهَا تِسْعَةُ أَعْشَارِ الشَّرِّ الْمُحْتَبَسُ فِيهَا بِذَنْبِهِ وَ الْخَارِجُ بِعَفْوِ اللَّهِ كَأَنِّي أَنْظُرُ إِلَى قَرْيَتِكُمْ هَذِهِ قَدْ طَبَّقَهَا الْمَاءُ حَتَّى مَا يُرَى مِنْهَا إِلَّا شُرَفُ الْمَسْجِدِ كَأَنَّهُ جُؤْجُؤُ طَيْرٍ فِي لُجَّةِ بَحْرٍ.



## ١٤ ـ و من كلام له عليه السلام

*في مثل ذلك*

أَرْضُكُمْ قَرِيبَةٌ مِنَ الْمَاءِ بَعِيدَةٌ مِنَ السَّمَاءِ خَفَّتْ عُقُولُكُمْ وَ سَفِهَتْ حُلُومُكُمْ فَأَنْتُمْ غَرَضٌ لِنَابِلٍ وَ أُكْلَةٌ لِآكِلٍ وَ فَرِيسَةٌ لِصَائِلٍ.

## ١٣_ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو جنگ جمل کان پوءِ بصري وارن جي مذمت ۾ ارشاد فرمايو

توهان هڪ عورت جو لشڪر ۽ هڪ جانور جا پوئلڳ هيؤ. هو رڙيو ته توهان لبيڪ چئي ۽ جڏهن هو زخمي ٿيو ته توهان ڀڄي ويؤ. توهان جا اخلاق ڪريل ۽ واعدا ٽٽل آهن. توهان جو دين منافقت ۽ پاڻي کارو آهي. توهان سان رهڻ وارو گناهن ۾ ڳِروي آهي ۽ توهان کي ڇڏڻ وارو پنهنجي رب جي رحمت ۾ آهي.

(جيئن ته مان ان وقت کي ڏسان ٿو پيو) ته ڄڻ مان توهان جي مسجد ۾ آهيان، ڄڻ اها ٻيڙيءَ جي سيني وانگر آهي ۽ الله توهان جي شهر تي مٿان کان ۽ هيٺان کان عذاب موڪليو آهي ۽ ان ۾ رهڻ ورا ٻڏي ويا آهن.

ٻيءَ روايت ۾ آهي: الله جو قسم توهان جو شهر يقيناً غرق ٿيندو ايستائين جو مون کي توهان جي مسجد ٻيڙيءَ جي سيني وانگر يا زمين تي ويٺل اٺ پکي وانگر نظر اچي ٿي.

هڪ ٻيءَ روايت ۾ آهي: مونکي توهان جي مسجد ان پکي جي سيني وانگر جيڪو سمنڊ جي ڇولين ۾ هجي نظر اچي ٿي.

هڪ ٻيءَ روايت ۾ آهي: الله جي شهرن منجهان توهان جو شهر وڌيڪ بدبودار، مٽي وارو آهي جيڪو پاڻيءَ جي ويجهو ۽ آسمان کان پري آهي، جنهن جي ڏهن حصن منجهان نَوَ حصا برائي آهي، جنهن ۾ رهڻ وارو گناهن ۾ قاتل آهي، ۽ نڪرڻ وارو الله جي رحمت ۾ آهي.

جيئن ته مان ڏسان ٿو ته پاڻيءَ توهان جي هن شهر کي اهڙو ته ٻوڙي ڇڏيو آهي جو مسجد جي ڪنگرن کانسواءِ ڪجھ به ڏسڻ ۾ نٿو اچي، جيڪا ائين لڳي ٿي جيئن سمنڊ جي موجن ۾ پکي جو سينو هوندو آهي.

## ١۴_ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو مٿين ڪلام جيان آهي

توهان جي زمين پاڻي جي ويجهو ۽ آسمان کان پري آهي، توهان جا عقل هلڪا، ۽ توهان جي سياڻپ بيوقي آهي،

بس توهان تيرانداز لاءِ نشانو، ۽ کائيندڙ لاءِ گرھ ۽ شڪاري لاءِ شڪار آهيو.

# ١٥ ـ و من كلام له عليه السلام

*فيما رده على المسلمين من قطائع عثمان*

وَ اللَّهِ لَوْ وَجَدْتُهُ قَدْ تُزُوِّجَ بِهِ النِّسَاءُ وَ مُلِكَ بِهِ الْإِمَاءُ لَرَدَدْتُهُ فَإِنَّ فِي الْعَدْلِ سَعَةً وَ مَنْ ضَاقَ عَلَيْهِ الْعَدْلُ فَالْجَوْرُ عَلَيْهِ أَضْيَقُ.

# ١٦ ـ من كلام له عليه السلام

*لما بويع بالمدينة و فيها يخبر الناس بعلمه بما تؤول إليه أحوالهم*
*و فيها يقسمهم إلى أقسام*

ذِمَّتي بِمَا أَقُولُ رَهِينَةٌ وَ أَنَا بِهِ زَعِيمٌ إِنَّ مَنْ صَرَّحَتْ لَهُ العِبَرُ عَمَّا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ المَثُلاتِ حَجَزَهُ التَّقْوَى عَنْ تَقَحُّمِ الشُّبُهَاتِ أَلاَ وَ إِنَّ بَلِيَّتَكُمْ قَدْ عَادَتْ كَهَيْئَتِهَا يَوْمَ بَعَثَ اللهُ نَبِيَّهُ (صلى الله عليه وآله)، وَالَّذِي بَعَثَهُ بِالحَقِّ لَتُبَلْبَلُنَّ بَلْبَلَةً، وَ لَتُغَرْبَلُنَّ غَرْبَلَةً وَ لَتُسَاطُنَّ سَوْطَ القِدْرِ حَتَّى يَعُودَ أَسْفَلُكُمْ أَعْلاَكُمْ، وَ أَعْلاَكُمْ أَسْفَلَكُمْ.

وَ لَيَسْبِقَنَّ سَابِقُونَ كَانُوا قَصَّرُوا، وَ لَيُقَصِّرَنَّ سَبَّاقُونَ كَانُوا سَبَقُوا. وَاللهِ مَا كَتَمْتُ وَشْمَةً وَلا كَذَبْتُ كِذْبَةً، وَلَقَدْ نُبِّئْتُ بِهذا المَقَامِ وَهذَا اليَوْمِ. أَلاَ وَ إِنَّ الخَطَايَا خَيْلٌ شُمُسٌ حُمِلَ عَلَيْهَا أَهْلُها، وَ خُلِعَتْ لُجُمُهَا فَتَقَحَّمَتْ بِهِمْ فِي النَّارِ. أَلاَ وَ إِنَّ التَّقْوَى مَطَايَا ذُلُلٌ حُمِلَ عَلَيْهَا أَهْلُهَا، وَأُعْطُوا أَزِمَّتَها، فَأَوْرَدَتْهُمُ الجَنَّةَ. حَقٌّ وَ بَاطِلٌ، وَ لِكُلٍّ أَهْلٌ، فَلَئِنْ أَمِرَ البَاطِلُ لَقَدِيماً فَعَلَ، وَ لَئِنْ قَلَّ الحقُّ لَرُبَّما وَ لَعَلَّ، وَ لَقَلَّمَا أَدْبَرَ شَيءٌ فَأَقْبَلَ!

## ١٥_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جڏهن امام عليه السلام عثمان جون بخشيل زمينون مسلمانن کي موٽائي ڏنيون ته فرمايو:**
الله جو قسم اگر مان ان مال کي ڏسان جنهن سان عورتن کي پرڻايو ويو هجي ۽ ٻانهين کي خريد ڪيو ويو هجي ته ضرور انکي موٽايان ها، انڪري ته عدالت ۾ وسعت آهي ۽ جنهن کي عدالت تنگ لڳي ته ظلم انکي وڌيڪ تنگ لڳندو.

## ١٦_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جڏهن مديني ۾ امام عليه السلام جي بيعت ڪئي وئي ته هي ڪلام ارشاد فرمايو ۽ هن ۾ امام عليه السلام پنهنجي علم سان ماڻهن جا اصلي احوال ٻڌايا آهن، ۽ انهيءَ ۾ امام عليه السلام ماڻهن جا اقسام به بيان ڪيا آهن.**

جيڪو آءٌ چوان ٿو ان جو مان ذميدار آهيان ۽ چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو. بيشڪ اهو شخص جنهن لاءِ سندس اڳتي واقعات منجهان نصيحتون ظاهر ٿين ته تقويٰ ان کي شبهات ۾ پوڻ کان روڪيندي. آگاهه رهو ته اوهان لاءِ ساڳيءَ طرح آزمائشون موٽي آيون آهن جهڙيءَ طرح رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي بعثت وقت هيون. ان ذات جو قسم جنهن پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم کي حق سان موڪليو، پڪ سان توهان ناهوڪي طرح اٿلايا پُٿلا ويندؤ، ۽ ضرور توهان ڇاڻيءَ جي ڇاڻڻ وانگر ڇاڻيا ويندؤ، ۽ ضرور توهان ديڳڙي کي (چمچي سان) گهمائڻ وانگر گهمايا ويندؤ، تان جو توهان جو ادنيٰ توهان جو اعليٰ ٿي وڃي، ۽ توهان جو اعليٰ توهان جو ادنيٰ ٿي وڃي. ۽ ضرور سبقت ڪندڙ سبقت ڪندا جيڪي پوئتي هئا، ۽ ضرور اهي پوئتي ٿيندا جيڪي هميشه اڳتي هوندا هئا. الله جو قسم مان ڪا هڪ ڳالهه به ناهي لڪائي، ۽ نه وري ڪو ڪوڙ هنيو آهي. ۽ بيشڪ مونکي هن مقام ۽ هن ڏينهن جي خبر ڏني وئي هئي. آگاهه رهو ته بيشڪ ڏوهه سرڪش گهوڙن وانگر آهن جن تي سندن حقدارن کي ويهاريو ويو آهي ۽ سندن لغامن کي لاٿو ويو آهي، پوءِ انهن، سوارن کي جهنم ۾ وڃي اڇلايو. ۽ آگاهه رهو ته بيشڪ تقويٰ صدوريءَ سواري آهي، جنهن تي سندن حقدارن کي سوار ڪيو ويو آهي، ۽ انهن جون واڳون عطا ڪيون ويون آهن، پوءِ انهن، سوارن کي جنت ۾ داخل ڪيو. حق به آهي ۽ باطل به آهي، ۽ انهن مان هر هڪ جا حامي به آهن، بس اگر باطل گهڻو ٿي ويو آهي ته اهو قديم کان ٿيندو اچي ٿو، ۽ اگر حق گهٽ ٿي ويو آهي ته ڪڏهن ائين ٿيندو آهي پر گهٽي ٿيڻ جي اميد به آهي، البته اهو گهٽ ٿيندو آهي ته پوئتي ٿيل شيءِ اڳتي اچي.

و أقول: إنّ في هذا الكلام الادنى من مواقع الاحسان ما لا تبلغه مواقع الاستحسان، و إنّ حظ العجب منه أكثر من حظ العُجب به، وفيه ـ مع الحال التي وصفنا ـ زوائد من الفصاحة لا يقوم بها لسان، ولا يَطَّلع فَجها إنسان، ولا يعرف ما أقوله إلاّ من ضرب في هذه الصناعة بحق، وجرى فيها على عرق وَمَا يَعْقِلُهَا إلاّ العَالِمونَ.

## و من هذه الخطبة و فيها يقسّم الناس إلى ثلاثة أصناف

شُغِلَ مَنِ الجَنَّةُ وَالنَّارُ أَمَامَهُ! سَاع سَرِيعٌ نَجَا، وَطَالِبٌ بَطِيءٌ رَجَا، وَ مُقَصِّرٌ فِي النَّارِ هَوَى. اليَمِينُ وَالشِّمالُ مَضَلَّةٌ، وَالطَّرِيقُ الوُسْطى هِيَ الجَادَّةُ عَلَيْهَا بَاقي الكِتَابِ وَآثَارُ النُّبُوَّةِ، وَ مِنْهَا مَنْفَذُ السُّنَّةِ، وَإِلَيْهَا مَصِيرُ العَاقِبَةِ. هَلَكَ مَنِ ادَّعى، وَخَابَ مَنِ افْتَرَى، مَنْ أَبْدَى صَفْحَتَهُ لِلْحَقِّ هَلَكَ، وَكَفَى بِالْمَرْءِ جَهْلاً أَلاَّ يَعْرِفَ قَدْرَهُ، لاَيَهْلِكُ عَلَى التَّقْوَى سِنْخُ أَصْل، وَلاَ يَظْمَأُ عَلَيْهَا زَرْعُ قَوْم. فَاسْتَتِرُوا بِبُيُوتِكُمْ، وَأَصْلِحُوا ذَاتَ بَيْنِكُمْ، وَالتَّوْبَةُ مِنْ وَرَائِكُمْ، وَلاَ يَحْمَدْ حَامِدٌ إِلاَّ رَبَّهُ، وَلاَ يَلُمْ لاَئِمٌ إِلاَّ نَفْسَهُ.



## ١٧ ـ ومن كلام له عليه السلام

*في صفة من يتصدى للحكم بين الأمة و ليس لذلك بأهل*

*و فيها: أبغض الخلائق إلى الله صنفان*

الصنف الأول: إِنَّ أَبْغَضَ الْخَلاَئِقِ إِلَى اللهِ رَجُلاَنِ رَجُلٌ وَكَلَهُ اللهُ إِلَى نَفْسِهِ فَهُوَ جَائِرٌ عَنْ قَصْدِ السَّبِيلِ مَشْغُوفٌ بِكَلاَمِ بِدْعَةٍ وَدُعَاءِ ضَلاَلَةٍ فَهُوَ فِتْنَةٌ لِمَنِ افْتَتَنَ بِهِ ضَالٌّ عَنْ هَدْيِ مَنْ كَانَ قَبْلَهُ مُضِلٌّ لِمَنِ اقْتَدَى بِهِ فِي حَيَاتِهِ وَبَعْدَ وَفَاتِهِ حَمَّالٌ خَطَايَا غَيْرِهِ رَهْنٌ بِخَطِيئَتِهِ.

*سيد رضي* رحمه الله *فرمايو:* هن مختصر ڪلام ۾ خوبين جون ايتريون تہ جايون آهن جن تائين ڪو خوبين وارو ڪلام نٿو پهچي سگهي، ۽ هن ڪلام ۾ حيرت ڪرڻ جو ڀاڱو انڪي پسند ڪرڻ واري ڀاڱي کان وڌيڪ آهي، _ان حالت جي باوجود جنهن ڪي اسان بيان ڪيو _ هن ۾ فصاحت جا ايترا تہ پهلو آهن جن ڪي زبان بيان نٽي ڪري سگهي، ۽ نہ وري انسان ان جي گِهرائي ڪي ڄاڻي سگهي ٿو، جيڪو مان چوان ٿو انڪي ڪو بہ نٿو ڄاڻي سواءِ ان جي جنهن هن فن جو حق ادا ڪيو هجي، ۽ هن ۾ سخت محنت ڪئي هجي، ”۽ هن ڪي ڪو نہ سمجهندو سواءِ ڄاڻڻ وارن جي“.

**انهيءَ خطبي منجهان: جنهن ۾ امام** عليه السلام **ماڻهن ڪي ٽن قسمن ۾ تقسيم ڪيو آهي:**

اهو ماڻهوءَ مصروف ٿي ويو جنهن جي اڳيان جنت ۽ جهنم هجي!، (حق ڏانهن) تڪڙي ڪوشش ڪرڻ وارو ڪامياب ٿيو، ۽ سُست طلب ڪرڻ وارو بہ اميد رکي ٿو، ۽ ڪوتاهي ڪرڻ وارو جهنم ۾ ڪريو، ساڄي ۽ کاٻي گمراهي آهي، ۽ وچ وارو رستو اعتدال وارو آهي، انهيءَ تي ئي آخري ڪتاب ۽ نبوت جا آثار آهن، ۽ اتان ئي سنت لاڳو ٿيندي آهي. ۽ ان ڏانهن ئي پُڄاڻي جي موٽ آهي. جنهن (ناحق) دعوىٰ ڪئي اهو هلاڪ ٿيو، ۽ جنهن تهمت هنئي اهو ناڪام ٿيو، ۽ جنهن (ناحقي) پنهنجي ڇهري ڪي حق لاءِ ظاهر ڪيو اهو هلاڪ ٿيو. ماڻهو جي جهالت لاءِ اهو ئي ڪافي آهي تہ هو پنهنجو قدر نٿو ڄاڻي، جيڪو بنياد تقوىٰ تي هجي اهو برباد نہ ٿيندو، ۽ انهيءَ جي هوندي ڪنهن قوم جي پوک نہ سڪندي، بس توهان پنهنجي گهرن ۾ لِڪي وڃو، ۽ پنهنجي معاملن ڪي نيڪ ڪريو، ۽ توبہ توهان جي پُٺيان آهي. ۽ ساراهہ ڪندڙ ساراهہ نہ ڪندو سواءِ پنهنجي ربّ جي ۽ ملامت ڪندڙ ملامت نہ ڪندو سواءِ پنهنجي نفس جي.



## ١٧_ امام عليه السلام جو ڪلام انهن ماڻهن جي وصف بابت جيڪي امت جي ماڻهن ۾ فيصلا ڪن ٿا جڏهن تہ ان جا اهل نہ آهن، ۽ انهيءَ ۾ الله تعالىٰ وٽ سڀ کان وڌيڪ مبغوض ٻن قسمن جي ماڻهن جو بيان آهي.

**پهريون قسم:** مخلوقات ۾ ٻن قسمن جا ماڻهوءَ الله تعالىٰ جي نزديڪ وڌيڪ ناپسند آهن هڪ اهو ماڻهو جنهن ڪي الله تعالىٰ سندس نفس جي حوالي ڪيو هجي، پوءِ اهو سڌي رستي کان ڀٽڪيل آهي، بدعت جي ڳالهين ۾ دل لڳائي ۽ گمراهيءَ ڏانهن دعوت ڏيڻ جو شوقين آهي، جيڪي هن جي فتني ۾ اچن انهن لاءِ فتنو آهي، اڳين جي هدايت کان گمراهہ آهي، پنهنجي زندگيءَ ۾ ۽ مرڻ کان پوءِ مڃيندڙن ڪي گمراهہ ڪندڙ آهي، ٻين جي خطائن جو بار کڻندڙ ۽ پنهنجي گناهن ۾ گروي ٿيل آهي.

الصنف الثاني: وَ رَجُلٌ قَمَشَ جَهْلًا مُوضِعٌ فِي جُهَّالِ الْأُمَّةِ عَادٍ فِي أَغْبَاشِ الْفِتْنَةِ عَمٍ بِمَا فِي عَقْدِ الْهُدْنَةِ قَدْ سَمَّاهُ أَشْبَاهُ النَّاسِ عَالِماً وَلَيْسَ بِهِ بَكَّرَ فَاسْتَكْثَرَ مِنْ جَمْعٍ مَا قَلَّ مِنْهُ خَيْرٌ مِمَّا كَثُرَ حَتَّى إِذَا ارْتَوَى مِنْ مَاءٍ آجِنٍ وَاكْتَنَزَ مِنْ غَيْرِ طَائِلٍ جَلَسَ بَيْنَ النَّاسِ قَاضِياً ضَامِناً لِتَخْلِيصِ مَا الْتَبَسَ عَلَى غَيْرِهِ فَإِنْ نَزَلَتْ بِهِ إِحْدَى الْمُبْهَمَاتِ هَيَّأَ لَهَا حَشْواً رَثّاً مِنْ رَأْيِهِ ثُمَّ قَطَعَ بِهِ فَهُوَمِنْ لَبْسِ الشُّبُهَاتِ فِي مِثْلِ نَسْجِ الْعَنْكَبُوتِ لَا يَدْرِي أَصَابَ أَمْ أَخْطَأَ فَإِنْ أَصَابَ خَافَ أَنْ يَكُونَ قَدْ أَخْطَأَ وَ إِنْ أَخْطَأَ رَجَا أَنْ يَكُونَ قَدْ أَصَابَ جَاهِلٌ خَبَّاطُ جَهَالَاتٍ عَاشٍ رَكَّابُ عَشَوَاتٍ لَمْ يَعَضَّ عَلَى الْعِلْمِ بِضِرْسٍ قَاطِعٍ يَذْرُو الرِّوَايَاتِ ذَرْوَالرِّيحِ الْهَشِيمَ لَا مَلِيٌّ.

وَاللَّهِ بِإِصْدَارِ مَا وَرَدَ عَلَيْهِ وَلَا أَهْلٌ لِمَا قُرِّظَ بِهِ لَا يَحْسَبُ الْعِلْمَ فِي شَيْءٍ مِمَّا أَنْكَرَهُ وَلَا يَرَى أَنَّ مِنْ وَرَاءِ مَا بَلَغَ مَذْهَباً لِغَيْرِهِ وَإِنْ أَظْلَمَ عَلَيْهِ أَمْرٌ اكْتَتَمَ بِهِ لِمَا يَعْلَمُ مِنْ جَهْلِ نَفْسِهِ تَصْرُخُ مِنْ جَوْرِ قَضَائِهِ الدِّمَاءُ وَتَعَجُّ مِنْهُ الْمَوَارِيثُ إِلَى اللَّهِ أَشْكُو مِنْ مَعْشَرٍ يَعِيشُونَ جُهَّالًا وَيَمُوتُونَ ضُلَّالًا لَيْسَ فِيهِمْ سِلْعَةٌ أَبْوَرُ مِنَ الْكِتَابِ إِذَا تُلِيَ حَقَّ تِلَاوَتِهِ وَلَا سِلْعَةٌ أَنْفَقُ بَيْعاً وَلَا أَغْلَى ثَمَناً مِنَ الْكِتَابِ إِذَا حُرِّفَ عَنْ مَوَاضِعِهِ وَلَا عِنْدَهُمْ أَنْكَرُ مِنَ الْمَعْرُوفِ وَلَا أَعْرَفُ مِنَ الْمُنْكَرِ.

**ٻيو قسم:** ٻيو اهو ماڻهو آهي جنهن جهالت کي جمع ڪيو آهي، جنهن ڪارڻ امّت جي جاهلن ۾ ڀڄ ڊڪ ڪري ٿو، فتني جي اونداهين ڏانهن تکو وڌي ٿو، صلح ۽ سلامتيءَ کان انڌو آهي، انساني روپ وارن ڪيس عالم چيو آهي جڏهن ته هو عالم ڪونهي، ساجهر ئي اهڙين گهڻين شين کي گڏ ڪري ٿو جن جو ٿورو هئڻ گهڻي کان ڀلو آهي، ايستائين جو هو ڪِني پاڻي سان سيراب ٿئي ٿو، ۽ اجاين ڳالهين کي گڏ ڪري وٺي ٿو ته پوءِ ماڻهن ۾ قاضي ٿي ويهي ٿو، ٻين تي منجهيل ڳالهين جي حل جو ذمو کڻي ٿو، پوءِ اگر ڪو منجهيل مسئلو پيش ٿئيس ٿو ته ان لاءِ سَنديءَ سوچ مطابق پراڻي بنياد تي دليل آڻي ٿو، ۽ پوءِ انهن تي يقين رکي ٿو، هو شبهات منجهه پوڻ ۾ ڪوريئڙي جي ڄار ناهڻ وانگر آهي، هو نٿو ڄاڻي ته صحيح ٿو ڪري يا غلط، پوءِ اگر صحيح به ڪري ته غلط هجڻ جو ڊڄ هوندو اٿس، ۽ اگر غلط ڪري ته صحيح هجڻ جي اميد هوندي اٿس، هو جهالتن ۾ ڀٽڪندڙ جاهل، اونداهين جي سواري تي انڌو سوار آهي، هن علم کي تِکيءَ هوڙ سان ناهي چٻاڙيو، هو روايتن کي ائين اڏاري ٿو جيئن هوا پَنن کي اڏاري ٿي.

الله جو قسم هي اهل ئي ناهي انهن فيصلن جي ڪرڻ جو جيڪي ان کان ڪرايا وڃن ٿا، ۽ نه ئي انهن ڪمن جو اهل آهي جنهن تي سندس مدح ڪئي وڃي ٿي، جنهن شيءِ جو هو انڪار ٿو ڪري انکي ڄاڻڻ جي لائق به نٿو سمجهي، پنهنجي راءِ کان علاوه ٻين جي راءِ کي ڏسي ئي نٿو، ۽ اگر ڪو مسئلو انکي مُنجهائي ٿو ته انکي لڪِائي ٿو، ڇاڪاڻ ته سَندي جهالت جي ڄاڻ اٿس، ان جي ناحق فيصلن جي ڪري خون رڙن ٿا، ۽ ورثا دانهون ڪن ٿا، مان الله جي بارگاهه ۾ دانهين آهيان ان ٽولي بابت جيڪي جهالت سان جيئرا رهن ٿا ۽ گمراهيءَ سان مرن ٿا. انهن وٽ قرآن کان وڌيڪ ڪو سستو مال ڪونهي جڏهن ان جي حقيقي تلاوت ڪئي وڃي، ۽ وٽن قرآن کان وڌيڪ ڪو فائديمند ۽ قيمتي مال ڪونهي جڏهن ان ۾ ڦير ڦار ڪئي وڃي، انهن وٽ نيڪي سي کان وڌيڪ بدي آهي ۽ بدي سي کان وڌيڪ نيڪي آهي.

# ١٨- و من كلام له عليه السلام

*في ذم اختلاف العلماء في الفتيا*

*و فيه يذم أهل الرأي و يكل أمر الحكم في أمور الدين للقرآن*

## ذم أهل الرأي

تَرِدُ عَلَى أَحَدِهِمُ الْقَضِيَّةُ فِي حُكْمٍ مِنَ الْأَحْكَامِ فَيَحْكُمُ فِيهَا بِرَأْيِهِ ثُمَّ تَرِدُ تِلْكَ الْقَضِيَّةُ بِعَيْنِهَا عَلَى غَيْرِهِ فَيَحْكُمُ فِيهَا بِخِلَافِ قَوْلِهِ ثُمَّ يَجْتَمِعُ الْقُضَاةُ بِذَلِكَ عِنْدَ الْإِمَامِ الَّذِي اسْتَقْضَاهُمْ فَيُصَوِّبُ آرَاءَهُمْ جَمِيعاً وَإِلَهُهُمْ وَاحِدٌ وَنَبِيُّهُمْ وَاحِدٌ وَكِتَابُهُمْ وَاحِدٌ أَفَأَمَرَهُمُ اللَّهُ سُبْحَانَهُ بِالِاخْتِلَافِ فَأَطَاعُوهُ أَمْ نَهَاهُمْ عَنْهُ فَعَصَوْهُ.

## الحكم للقرآن

أَمْ أَنْزَلَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ دِيناً نَاقِصاً فَاسْتَعَانَ بِهِمْ عَلَى إِتْمَامِهِ أَمْ كَانُوا شُرَكَاءَ لَهُ فَلَهُمْ أَنْ يَقُولُوا وَ عَلَيْهِ أَنْ يَرْضَى أَمْ أَنْزَلَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ دِيناً تَامّاً فَقَصَّرَ الرَّسُولُ (صلى الله عليه وآله) عَنْ تَبْلِيغِهِ وَ أَدَائِهِ وَاللَّهُ سُبْحَانَهُ يَقُولُ ما فَرَّطْنا فِي الْكِتابِ مِنْ شَيْءٍ وَ فِيهِ تِبْيَانٌ لِكُلِّ شَيْءٍ.

وَ ذَكَرَ أَنَّ الْكِتَابَ يُصَدِّقُ بَعْضُهُ بَعْضاً وَأَنَّهُ لَا اخْتِلَافَ فِيهِ فَقَالَ سُبْحَانَهُ ﴿وَلَوْ كانَ مِنْ عِنْدِ غَيْرِ اللَّهِ لَوَجَدُوا فِيهِ اخْتِلافاً كَثِيراً[١]﴾ وَ إِنَّ الْقُرْآنَ ظَاهِرُهُ أَنِيقٌ وَ بَاطِنُهُ عَمِيقٌ لَا تَفْنَى عَجَائِبُهُ وَلَا تَنْقَضِي غَرَائِبُهُ وَلَا تُكْشَفُ الظُّلُمَاتُ إِلَّا بِهِ.

١: النساء: آية ٨٢.

## ١٨ _ امام عليه السلام جو ڪلام فتوىٰ ۾ اختلاف ڪندڙ عالمن جي مذمت بابت

## ۽ هن ۾ اهلِ راءِ جي مذمت ڪيل آهي، ۽ ديني امور ۾ قرآن جي فيصلي تي اعتماد ڪرڻ جو چيو ويو آهي.

### اهلِ راءِ جي مذمت

جڏهن انهن مان هڪ وٽ ڪنهن حڪم پڇڻ لاءِ ڪو مسئلو پيش ٿئي ٿو، ته اهو سَندي راءِ مطابق ان جو حڪم ٻڌائي ٿو، پوءِ وري ساڳيو ئي مسئلو ٻئي تي پيش ٿئي ٿو، ته اهو ان جي برخلاف حڪم ٻڌائي ٿو.

پوءِ ان مسئلي سان قاضي، جڏهن ان حاڪم وٽ گڏ ٿين ٿا جنهن انهن کي قاضي بڻايو هو، ته هو سڀني جي رائين کي صحيح قرار ڏئي ٿو، جڏهن ته انهن جو الله به هڪ آهي، نبي به هڪ آهي، ۽ ڪتاب به هڪ آهي.

پوءِ ڇا الله تعالىٰ انهن کي اختلاف جو حڪم ڪيو آهي جو انهن ان جي اطاعت ڪئي آهي؟ يا الله انهن کي اختلاف کان منع ڪئي آهي ۽ هنن نافرماني ڪئي آهي؟

### قرآن ڏانهن رجوع ڪرڻ جو حڪم

يا الله تعالىٰ دين کي اڌورو موڪليو آهي ۽ هنن کان ان جي پورائي لاءِ مدد گهري آهي، يا هي الله جا شريڪ آهن، پوءِ جيڪي چاهين سو چون ۽ الله کي گهرجي ته ان تي راضي رهي؟ يا الله تعالىٰ ته دين کي پورو موڪليو آهي، پر رسول اڪرم ﷺ ان جي پهچائڻ ۽ ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي، جڏهن ته الله تعالىٰ فرمائي ٿو: ”اسان ڪتاب ۾ ڪنهن شيءِ جي ڪمي ناهي ڇڏي“ ۽ هن ۾ هر شيءِ جو بيان آهي.

۽ فرمايو اٿس ته قرآن جون ڪجھ آيتون ٻين ڪجھ آيتن جي تصديق ڪن ٿيون، ۽ بيشڪ قرآن ۾ ڪو به اختلاف نہ آهي.

۽ الله تعالىٰ فرمايو آهي: ”جيڪڏهن اهو الله ڪانسواءِ ٻئي وٽان هجي ها، ته ان ۾ گهڻو اختلاف لهن ها“ ۽ بيشڪ قرآن جو ظاهر وڻندڙ ۽ ان جو باطن گهرو آهي، انجا عجائب ختم نہ ٿيڻ وارا، ۽ لطائف جدا نہ ٿيڻ وارا آهن، ۽ اونداهيون صرف قرآن سان ختم ٿينديون.

## ١٩ ـ ومن كلام له عليه السلام

*قاله للأشعث بن قيس و هو على منبر الكوفة يخطب، فمضى في بعض كلامه شيء اعترضه الأشعث فيه، فقال يا أمير المؤمنين، هذه عليك لا لك، فخفض عليه السلام إليه بصره ثم قال:*

مَا يُدْرِيكَ مَا عَلَيَّ مِمَّا لِي عَلَيْكَ لَعْنَةُ اللَّهِ وَلَعْنَةُ اللَّاعِنِينَ حَائِكٌ ابْنُ حَائِكٍ مُنَافِقٌ ابْنُ كَافِرٍ وَاللَّهِ لَقَدْ أَسَرَكَ الْكُفْرُ مَرَّةً وَالْإِسْلَامُ أُخْرَى فَمَا فَدَاكَ مِنْ وَاحِدَةٍ مِنْهُمَا مَالُكَ وَ لَا حَسَبُكَ وَ إِنَّ امْرَأً دَلَّ عَلَى قَوْمِهِ السَّيْفَ وَ سَاقَ إِلَيْهِمُ الْحَتْفَ لَحَرِيٌّ أَنْ يَمْقُتَهُ الْأَقْرَبُ وَلَا يَأْمَنَهُ الْأَبْعَدُ.

قال السيد الشريف: يريد (عليه السلام) أنه أسر في الكفر مرة و في الإسلام مرة. و أما قوله (عليه السلام) دل على قومه السيف فأراد به حديثا كان للأشعث مع خالد بن الوليد باليمامة غر فيه قومه و مكر بهم حتى أوقع بهم خالد و كان قومه بعد ذلك يسمونه عرف النار و هو اسم للغادر عندهم.



## ٢٠ ـ ومن كلام له عليه السلام

*وفيه ينفر من الغفلة وينبه إلى الفرار لله*

فَإِنَّكُمْ لَوْ قَدْ عَايَنْتُمْ مَا قَدْ عَايَنَ مَنْ مَاتَ مِنْكُمْ لَجَزِعْتُمْ وَوَهِلْتُمْ وَسَمِعْتُمْ وَأَطَعْتُمْ وَلَكِنْ مَحْجُوبٌ عَنْكُمْ مَا قَدْ عَايَنُوا وَ قَرِيبٌ مَا يُطْرَحُ الْحِجَابُ وَلَقَدْ بُصِّرْتُمْ إِنْ أَبْصَرْتُمْ وَأُسْمِعْتُمْ إِنْ سَمِعْتُمْ وَ هُدِيتُمْ إِنِ اهْتَدَيْتُمْ وَبِحَقٍّ أَقُولُ لَكُمْ لَقَدْ جَاهَرَتْكُمُ الْعِبَرُ وَ زُجِرْتُمْ بِمَا فِيهِ مُزْدَجَرٌ وَ مَا يُبَلِّغُ عَنِ اللَّهِ بَعْدَ رُسُلِ السَّمَاءِ إِلَّا الْبَشَرُ.

## ١٩_ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو اشعث بن قيس کي ان وقت مخاطب ٿي ڪري فرمايو

**جڏهن پاڻ عليه السلام منبرِ ڪوفه تي خطبو ڏئي رهيا هئا، دورانِ خطبه مولا عليه السلام جي ڪلام ۾ ڪا ڳالهه گذري ته ان ۾ اشعث اعتراض ڪري چيو، اي اميرالمؤمنين عليه السلام هيءَ ڳالهه ته توهان جي خلاف آهي نه ڪي توهان جي فائدي ۾. پوءِ پاڻ عليه السلام ان ڏانهن اکيون ڦيريائون ۽ فرمايائون:**

توکي ڪهڙي خبر ته منهنجي ڳالهين مان ڪهڙي ڳالهه منهنجي خلاف آهي. تو تي الله جي لعنت هجي ۽ لعنت ڪندڙن جي به لعنت هجي، ڪوري ڪوريءَ جا پٽ! ڪافر جا پٽ منافق، الله جو قسم هڪ ڀيري توکي ڪفر قيد ڪيو ۽ ٻئي ڀيري وري اسلام قيد ڪيو ۽ انهن ٻنهي مان ڪنهن به هڪ کان نه تنهنجو مال توکي بچائي سگهيو ۽ نه وري تنهنجو حسب. ۽ بيشڪ جيڪو ماڻهو پنهنجيءَ قوم تي تلوار هلرائي ۽ انهن ڏانهن موت کي آڻي، حق اهو آهي ته پنهنجا ان کان نفرت ڪن ۽ پراوا ان تي ڀروسو نه ڪن.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام جو اهو ارادو هو ته انکي هڪ ڀيري ڪفر جي زماني ۾ قيدي ڪيو ويو ۽ ٻئي ڀيري اسلام جي زماني ۾. ۽ امام عليه السلام جو ”دَلَّ عَلَىٰ قَوْمِهِ السَّيْفَ“ واري قول مان ان ڳالهه جو ارادو آهي جيڪا اشعث ۽ خالد بن وليد جي يمامه ۾ واقع ٿي. جو هن پنهنجيءَ قوم سان غداري ڪئي ۽ سيني کي خالد جي تلوار جي حوالي ڪري ڇڏيائين، انڪان پوءِ سندس قبيلي وارا هنکي ”عرف النار“ جي نالي سان سڏيندا هئا، جيڪو انهن وٽ غدار جو نالو هو.



## ٢٠_ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ غفلت کان اٿاريو ويو آهي

**۽ الله ڏانهن ڏُکي اچڻ بابت متوجه ڪيو ويو آهي:**

بيشڪ اگر اوهان اها حقيقت ڏسو ها جيڪا توهان منجهان مرندڙن ڏٺي ته يقيناً توهان پريشان ٿي وڃو ها ۽ ڊڄي وڃو ها، ۽ توهان ٻڌو ها ۽ اطاعت ڪريو ها. پر جيڪا حقيقت انهن ڏٺي اها توهان کان لڪايل آهي. ۽ جلد ئي پردو پري ڪيو ويندو. ۽ بيشڪ توهان کي اها حقيقت ڏيکاري وئي آهي اگر توهان ڏسو ته ۽ توهان کي ٻڌائي وئي آهي اگر توهان ٻڌو ته ۽ توهان جي رهنمائي ڪئي وئي آهي اگر توهان رهنمائي وٺو ته. آءٌ توهان کي سچ ٿي چوان ٿو ته نصيحتون توهان لاءِ آشڪار ٿي چڪيون آهن ۽ ڊيڄاريندڙ شين سان توهان کي ڊيڄاريو ويو آهي. ۽ آسماني ملائڪن کان پوءِ الله جو پيغام انسان ئي پهچائي ٿو.

## ٢١ ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*وهي كلمة جامعة للعظة و الحكمة*

فَإِنَّ الْغَايَةَ أَمَامَكُمْ وَإِنَّ وَرَاءَكُمُ السَّاعَةَ تَحْدُوكُمْ تَخَفَّفُوا تَلْحَقُوا فَإِنَّمَا يُنْتَظَرُ بِأَوَّلِكُمْ آخِرُكُمْ.

قال السيد الشريف: أقول إن هذا الكلام لو وزن بعد كلام الله سبحانه و بعد كلام رسول الله صلى‌الله‌عليه‌وآله بكل كلام لمال به راجحا و برز عليه سابقا. فأما قوله عليه‌السلام "تخففوا تلحقوا" فما سمع كلام أقل منه مسموعا و لا أكثر منه محصولا و ما أبعد غورها من كلمة و أنقع نطفتها من حكمة و قد نبهنا في كتاب "الخصائص" على عظم قدرها و شرف جوهرها.

## ٢٢ ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*حين بلغه خبر الناكثين ببيعته*

*و فيها يذم عملهم و يلزمهم دم عثمان و يتهددهم بالحرب*

### ذم الناكثين

أَلَا وَإِنَّ الشَّيْطَانَ قَدْ ذَمَّرَ حِزْبَهُ وَاسْتَجْلَبَ جَلَبَهُ لِيَعُودَ الْجَوْرُ إِلَى أَوْطَانِهِ وَيَرْجِعَ الْبَاطِلُ إِلَى نِصَابِهِ وَاللَّهِ مَا أَنْكَرُوا عَلَيَّ مُنْكَراً وَلَا جَعَلُوا بَيْنِي وَبَيْنَهُمْ نَصِفاً.

### دم عثمان

وَ إِنَّهُمْ لَيَطْلُبُونَ حَقّاً هُمْ تَرَكُوهُ وَدَماً هُمْ سَفَكُوهُ فَلَئِنْ كُنْتُ شَرِيكَهُمْ فِيهِ فَإِنَّ لَهُمْ لَنَصِيبَهُمْ مِنْهُ وَلَئِنْ كَانُوا وَلُوهُ دُونِي فَمَا التَّبِعَةُ إِلَّا عِنْدَهُمْ وَإِنَّ أَعْظَمَ حُجَّتِهِمْ لَعَلَى أَنْفُسِهِمْ يَرْتَضِعُونَ أُمّاً قَدْ فَطَمَتْ وَيُحْيُونَ بِدْعَةً قَدْ أُمِيتَتْ يَا خَيْبَةَ الدَّاعِي مَنْ دَعَا وَإِلَامَ أُجِيبَ وَإِنِّي لَرَاضٍ بِحُجَّةِ اللَّهِ عَلَيْهِمْ وَعِلْمِهِ فِيهِم.

## ٢١_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو اهڙي ڪلام تي مشتمل آهي جيڪو نصيحت ۽ حڪمت ڪي سهيڙيندڙ آهي

بيشڪ منزل توهان جي اڳيان آهي ۽ موت جي گهڙي توهان جي پٺيان آهي جيڪا توهان کي هڪلي رهي آهي (خواهشن) کان هلڪا ٿيو ته جيئن (ساٿين سان) ملو. بس توهان جي پهرين کي آخريءَ جو انتظار ڪرايو وڃي ٿو.

سيد رضي رحمة الله فرمايو: هي اهو ڪلام آهي جنهن جو اگر الله تعاليٰ ۽ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جي ڪلام کان پوءِ سيني ڪلامن جي بنسبت وزن ڪيو وڃي ته هي متن ترجيح ۽ سبقت رکندو. باقي امام عليه السلام جي هن ڪلام "هلڪا ٿيو ته جيئن (ساٿين سان) ملو" جهڙو ڪلام ناهي ٻڌو ويو جيڪو ٻڌڻ ۾ ٿورو ۽ فائدي ۾ گهڻو هجي، ۽ هن ڪلمي جي گهرائي ڪيڏي نه گهڻي آهي ۽ ان جي حڪمت جو چشمو ڪيڏو نه صاف آهي، ۽ اسان پنهنجي ڪتاب "الخصائص" ۾ هن ڪلام جي قدر، منزلت ۽ اصليت ڏانهن توجهه ڏياريو آهي.

## ٢٢_ امام عليه السلام جو خطبو

**جڏهن امام عليه السلام کي خبر پئي ته ڪجهه ماڻهن سندس بيعت ٽوڙي آهي ته هي خطبو ارشاد فرمايو ۽ جنهن ۾ سندن ان ڪم جي مذمت ڪئي، ۽ ڪين عثمان جي خون جو ذميدار قرار ڏنو، ۽ انهن کي جنگ جي ڌمڪي ڏني.**

### بيعت ٽوڙيندڙن جي مذمت

آگاهه رهو ته يقيناً شيطانَ پنهنجي ٽولي کي پڙڪايو آهي ۽ پنهنجي فوج گڏ ڪري چڪي آهي ته جيئن ظلم پنهنجيءَ جاءِ تي موٽي اچي ۽ باطل پنهنجي وٿاڻ تي واپس وري. الله جو قسم انهن نه مون تي ڪو الزام لڳايو ۽ نه وري منهنجي ۽ پنهنجي درميان ڪو منصف قرار ڏنو.

### عثمان جو خون

۽ اهي اهڙي حق جو مطالبو ڪن ٿا جنهن کي پاڻ ڇڏيائون ۽ اهڙي خون جو بدلو گهرن ٿا جنهن کي پاڻ وهايائون، جيڪڏهن آءٌ ان خون ۾ شريڪ آهيان ته يقيناً اهي به انهيءَ ۾ حصيدار آهن، جيڪڏهن مونکان سواءِ انهن ئي خون ڪيو آهي ته انجام به انهن وٽ ئي آهي. انهن جي وڏي حجت، انهن جي ئي مٿان آهي، جو هو ان ماءُ جو کير پيئڻ چاهين ٿا جنهن جو کير ختم ٿي چڪو آهي ۽ ان بدعت کي زنده ڪرڻ چاهين ٿا جيڪا مارجي چڪي آهي. اي نامراد سڏيندڙ جيڪو سڏي ٿو ڪير آهي؟ ۽ ڇا جي ڪري انکي جيءُ ڇيو ويو؟. ۽ بيشڪ آءٌ انهن مٿان الله تعاليٰ جي حجت پوري ٿيڻ تي ۽ انهن بابت الله جي علم تي راضي آهيان.

### التهديد بالحرب

فَإِنْ أَبَوْا أَعْطَيْتُهُمْ حَدَّ السَّيْفِ وَكَفَى بِهِ شَافِياً مِنَ الْبَاطِلِ وَنَاصِراً لِلْحَقِّ وَمِنَ الْعَجَبِ بَعْثُهُمْ إِلَيَّ أَنْ أَبْرُزَ لِلطِّعَانِ وَأَنْ أَصْبِرَ لِلْجِلَادِ هَبِلَتْهُمُ الْهَبُولُ لَقَدْ كُنْتُ وَمَا أُهَدَّدُ بِالْحَرْبِ وَلَا أُرْهَبُ بِالضَّرْبِ وَإِنِّي لَعَلَى يَقِينٍ مِنْ رَبِّي وَغَيْرِ شُبْهَةٍ مِنْ دِينِي.

## ٢٣ ـ ومن خطبة له عليه السلام

*وتشتمل على تهذيب الفقراء بالزهد وتأديب الأغنياء بالشفقة*

### تهذيب الفقراء

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّ الْأَمْرَ يَنْزِلُ مِنَ السَّمَاءِ إِلَى الْأَرْضِ كَقَطَرَاتِ الْمَطَرِ إِلَى كُلِّ نَفْسٍ بِمَا قُسِمَ لَهَا مِنْ زِيَادَةٍ أَوْ نُقْصَانٍ فَإِنْ رَأَى أَحَدُكُمْ لِأَخِيهِ غَفِيرَةً فِي أَهْلٍ أَوْ مَالٍ أَوْ نَفْسٍ فَلَا تَكُونَنَّ لَهُ فِتْنَةً فَإِنَّ الْمَرْءَ الْمُسْلِمَ مَا لَمْ يَغْشَ دَنَاءَةً تَظْهَرُ فَيَخْشَعُ لَهَا إِذَا ذُكِرَتْ وَيُغْرَى بِهَا لِئَامُ النَّاسِ كَانَ كَالْفَالِجِ الْيَاسِرِ الَّذِي يَنْتَظِرُ أَوَّلَ فَوْزَةٍ مِنْ قِدَاحِهِ تُوجِبُ لَهُ الْمَغْنَمَ وَيُرْفَعُ بِهَا عَنْهُ الْمَغْرَمُ وَكَذَلِكَ الْمَرْءُ الْمُسْلِمُ الْبَرِيءُ مِنَ الْخِيَانَةِ يَنْتَظِرُ مِنَ اللَّهِ إِحْدَى الْحُسْنَيَيْنِ إِمَّا دَاعِيَ اللَّهِ فَمَا عِنْدَ اللَّهِ خَيْرٌ لَهُ وَإِمَّا رِزْقَ اللَّهِ فَإِذَا هُوَ ذُو أَهْلٍ وَمَالٍ وَمَعَهُ دِينُهُ وَحَسَبُهُ وَإِنَّ الْمَالَ وَالْبَنِينَ حَرْثُ الدُّنْيَا وَالْعَمَلَ الصَّالِحَ حَرْثُ الْآخِرَةِ وَقَدْ يَجْمَعُهُمَا اللَّهُ تَعَالَى لِأَقْوَامٍ.

فَاحْذَرُوا مِنَ اللَّهِ مَا حَذَّرَكُمْ مِنْ نَفْسِهِ وَاخْشَوْهُ خَشْيَةً لَيْسَتْ بِتَعْذِيرٍ وَاعْمَلُوا فِي غَيْرِ رِيَاءٍ وَلَا سُمْعَةٍ فَإِنَّهُ مَنْ يَعْمَلْ لِغَيْرِ اللَّهِ يَكِلْهُ اللَّهُ لِمَنْ عَمِلَ لَهُ نَسْأَلُ اللَّهَ مَنَازِلَ الشُّهَدَاءِ وَمُعَايَشَةَ السُّعَدَاءِ وَمُرَافَقَةَ الْأَنْبِيَاءِ.

## جنگ جي ڌمڪي

پوءِ اگر انهن انڪار ڪيو تہ ڪين تلوار جي ڌار جو مزو چکائيندس ۽ اها باطل کان شافي ۽ حق جي مدد لاءِ ڪافي آهي. حيرت آهي جو اهي مون کي نيزي بازي لاءِ نڪرڻ ۽ جنگ ۾ ثابت قدم رهڻ لاءِ پيغام موڪلين ٿا. انهن جون مائريون سندن غم ۾ روئين. مونکي ڪڏهن بہ جنگ کان ڌمڪائي نٿو سگهجي ۽ نہ وري وڙهڻ کان ديڄاري سگهجي ٿو، بيشڪ آءٌ پنهنجي پالڻهار طرفان يقين تي آهيان ۽ پنهنجي دين جي باري ۾ شڪ شبهي ۾ ناهيان.

## ٢٣_ امام عليه السلام جو خطبو جيڪو غريبن کي زهد جي سِکيا ڏيڻ ۽ اميرن کي شفقت بابت مؤدب بڻائڻ تي مشتمل آهي:

### غريبن کي سِکيا ڏيڻ

اما بعد: بيشڪ هر انسان لاءِ ورهايل گهٽو يا ٿورو حصو آسمان مان زمين ڏانهن مينهن جي ڦڙن وانگر نازل ٿئي ٿو، پوءِ اگر توهان مان ڪو پنهنجي ڀاءُ لاءِ اهل يا مال يا نفس ۾ جهجهائي ڏسي تہ اها هرگز ان لاءِ فتنو ناهي. بيشڪ مسلمان ماڻهو جيستائين ظاهري پستيءَ جي چادر نہ پائي جنهن جي ذڪر ڪرڻ تي ڪنڌ جهڪائي ۽ ڪمينا ماڻهو جنهن سان ڌوڪا ڏين تہ اهو ان ڪامياب جوئاريءَ وانگر آهي جيڪو جئا جي تير مان تڪڙي ڪاميابيءَ جو انتظار ڪري ٿو جيڪا ان جي فائدي جو ڪارڻ ٿئي ٿي ۽ جنهن سان ان جو خسارو ختم ڪيو وڃي ٿو.



اهڙيءَ طرح اهو مسلمان ماڻهو آهي جيڪو خيانت کان پاڪ هجي. جيڪو الله تعالىٰ کان ٻن نيڪين مان هڪ نيڪي جو انتظار ڪندو آهي يا الله تعالىٰ جي سڏ جو پوءِ جيڪو الله تعالىٰ وٽ آهي اهو ان لاءِ ڀلو آهي، يا الله تعالىٰ جي رزق جو پوءِ هو اهل ۽ مال وارو ٿي ويندو ۽ دين ۽ عزت بہ ساڻ هوندس. بيشڪ مال ۽ اولاد دنيا جي پوک آهن ۽ سٺا ڪم آخرت جي پوک آهن. ۽ ڪڏهن الله تعالىٰ ٻنهي کي ڪجهہ قومن لاءِ گڏ بہ ڪندو آهي.

الله تعالىٰ کان ايترو ڊڄو جيترو هن توهان کي پاڻ کان ديڄاريو آهي ۽ ان کان اهڙو خوف ڪائو جو معذرت نہ ڪرڻي پوي. ڏيکاءُ ۽ واهہ واهہ کان بغير عمل انجام ڏيو، ڇو جو بيشڪ جيڪو غيرِ خدا لاءِ عمل ڪندو تہ الله تعالىٰ اهو عمل انهيءَ جي حوالي ڪندو جنهن لاءِ هن ڪيو هجي. اسان الله تعالىٰ کان شهيدن جي منزلت، نيڪوڪارن جي صحبت ۽ نبين جي رفاقت گهرون ٿا.

## تأديب الأغنياء

أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّهُ لَا يَسْتَغْنِي الرَّجُلُ وَ إِنْ كَانَ ذَا مَالٍ عَنْ عِتْرَتِهِ وَدِفَاعِهِمْ عَنْهُ بِأَيْدِيهِمْ وَأَلْسِنَتِهِمْ وَهُمْ أَعْظَمُ النَّاسِ حَيْطَةً مِنْ وَرَائِهِ وَأَلَمُّهُمْ لِشَعَثِهِ وَأَعْطَفُهُمْ عَلَيْهِ عِنْدَ نَازِلَةٍ إِذَا نَزَلَتْ بِهِ وَلِسَانُ الصِّدْقِ يَجْعَلُهُ اللَّهُ لِلْمَرْءِ فِي النَّاسِ خَيْرٌ لَهُ مِنَ الْمَالِ يَرِثُهُ غَيْرُهُ.

و منها: أَلَا لَا يَعْدِلَنَّ أَحَدُكُمْ عَنِ الْقَرَابَةِ يَرَى بِهَا الْخَصَاصَةَ أَنْ يَسُدَّهَا بِالَّذِي لَا يَزِيدُهُ إِنْ أَمْسَكَهُ وَلَا يَنْقُصُهُ إِنْ أَهْلَكَهُ وَمَنْ يَقْبِضْ يَدَهُ عَنْ عَشِيرَتِهِ فَإِنَّمَا تُقْبَضُ مِنْهُ عَنْهُمْ يَدٌ وَاحِدَةٌ وَتُقْبَضُ مِنْهُمْ عَنْهُ أَيْدٍ كَثِيرَةٌ وَمَنْ تَلِنْ حَاشِيَتُهُ يَسْتَدِمْ مِنْ قَوْمِهِ الْمَوَدَّةَ.

قال السيد الشريف: أقول الغفيرة هاهنا الزيادة و الكثرة من قولهم للجمع الكثير الجم الغفير و الجماء الغفير و يروى عفوة من أهل أو مال و العفوة الخيار من الشيء يقال أكلت عفوة الطعام أي خياره. و ما أحسن المعنى الذي أراده (عليه السلام) بقوله و من يقبض يده عن عشيرته... إلى تمام الكلام فإن الممسك خيره عن عشيرته إنما يمسك نفع يد واحدة فإذا احتاج إلى نصرتهم و اضطر إلى مرافدتهم قعدوا عن نصره و تثاقلوا عن صوته فمنع ترافد الأيدي الكثيرة و تناهض الأقدام الجمة.



## ٢٤ ـ و من خطبة له عليه السلام

*وهي كلمة جامعة له، فيها تسويغ قتال المخالف، والدعوة إلى طاعة الله، والترقي فيها لضمان الفوز*

وَ لَعَمْرِي مَا عَلَيَّ مِنْ قِتَالِ مَنْ خَالَفَ الْحَقَّ وَخَابَطَ الْغَيَّ مِنْ إِدْهَانٍ وَلَا إِيهَانٍ فَاتَّقُوا اللَّهَ عِبَادَ اللَّهِ وَفِرُّوا إِلَى اللَّهِ مِنَ اللَّهِ وَامْضُوا فِي الَّذِي نَهَجَهُ لَكُمْ وَقُومُوا بِمَا عَصَبَهُ بِكُمْ فَعَلِيٌّ ضَامِنٌ لِفَلْجِكُمْ آجِلًا إِنْ لَمْ تُمْنَحُوهُ عَاجِلًا.

امیرن کي مؤدب بڻائڻ

اي انسانؤ! ماڻهو پلي ڪيترو ئي مالدار ڇو نہ ٿي وڃي تڏهن بہ پنهنجي قبيلي ۽ انهن جي هٿ ۽ زبان جي حمايت کان بي نياز نٿو ٿي سگهي. ۽ اهي ئي سندس سيني کان وڏيڪ پُٺ پرائي ڪندڙ ۽ پکڙيل ڪمن کي سهيڙيندڙ ۽ مصيبت جي گهڙيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ مهرباني ڪندڙ هوندا آهن. اهو ذڪرِ خير جنهن کي الله تعالیٰ ڪنهن شخص لاءِ ماڻهن ۾ باقي رکي تہ اهو ان جي لاءِ ان مال کان وڌيڪ پلو آهي جنهن جا وارث پيا ٿين.

**انهيءَ منجهان:** ياد رکو تہ توهان مان ڪو رشتيدارن کي غربت ۾ ڏسي تہ انهن جي ان مال سان غربت ختم ڪرڻ ۾ نہ ڪيٻائي جنهن کي اگر روڪي تہ ڪيس وڌائيندو ڪونہ ۽ خرچ ڪري تہ ڪيس گهٽائيندو ڪونہ. ۽ جيڪو پنهنجي قبيلي کان هٿ روڪي ٿو تہ هن طرفان قبيلي وارن کان صرف هڪ هٿ روڪيو ويو جڏهن تہ قبيلي وارن طرفان هن کان گهڻا هٿ روڪيا ويندا. ۽ جنهن جو مزاج نرم هجي تہ اهو پنهنجي قوم کان هميشہ محبت پائيندو.

سيد رضيءَ ﷫ فرمايو: هتي "غفيرة" زياده ۽ گهڻائي جي معنیٰ ۾ آهي، جيئن عرب گهڻي ميڙاڪي کي جم غفير ۽ جماء غفيرة چوندا آهن. ۽ غفيرة جي جاءِ تي "عفوة من اهل او مال" جي بہ روايت ٿي آهي، جنهن جي معنیٰ پلي شيءِ آهي، چيو ويندو آهي تہ مون پلو ڪاڏو ڪاڏو. ۽ امام؈ هن جملي "۽ جيڪو پنهنجي قبيلي کان هٿ روڪي..." آخر تائين ۾ ڪيڏو نہ پلو مطلب بيان ڪرڻ چاهيو آهي، بيشڪ قبيلي کان پنهنجي مدد روڪڻ وارو رڳو هڪ هٿ جو فائدو روڪيندو، پر جڏهن هو قبيلي جي مدد ڏانهن محتاج ٿيندو ۽ سندن عطا ڏانهن مجبور ٿيندو تہ اهي سندس مدد ڪرڻ کان ويهي رهندا، ۽ سندس آواز کان سست ٿي ويندا، تہ هو گهڻن وڌندڙ هٿن، ۽ ڪجيل قدمن کان محروم ٿي ويندو.

## ٢۴_ امام؈ جو خطبو جيڪو هڪ جامع ڪلام تي مشتمل آهي

### ۽ جنهن ۾ مخالفن سان جنگ ڪرڻ جي اجازت، الله تعالیٰ جي اطاعت ڏانهن دعوت، ۽ ڪاميابيءَ جي ضمانت جو بيان آهي.

مونکي پنهنجي زندگيءَ جو قسم آهي، تہ آءٌ حق جي مخالفت ڪندڙ ۽ گمراهيءَ ۾ ڀٽڪندڙ ماڻهن سان جنگ ڪرڻ ۾ نرميءَ ۽ سستيءَ نہ ڪندس. الله جا ٻانهؤ الله کان ڊڄو. ۽ الله کان ڊڄندي الله ڏانهن ڀڄو. ۽ الله جي ڏسيل رستي تي هلو. ۽ انهن شين کي انجام ڏيو جن کي الله توهان تي لازم ڪيو آهي. پوءِ علي (؈) اوهان جي آخرت ۾ ڪاميابيءَ جو ضامن آهي، جيتوڻيڪ توهان کي دنيا ۾ ڪاميابي نہ بہ ڏني وڃي.

# ٢٥ ـ ومن خطبة له عليه السلام

*وقد تواترت عليه الأخبار باستيلاء أصحاب معاوية على البلاد و قدم عليه عاملاه على اليمن وهما عبيد الله بن عباس وسعيد بن نمران لما غلب عليهما بسر بن أبي أرطاة فقام عليه السلام على المنبر ضجرا بتثاقل أصحابه عن الجهاد و مخالفتهم له في الرأي فقال:*

مَا هِيَ إِلَّا الْكُوفَةُ أَقْبِضُهَا وَ أَبْسُطُهَا إِنْ لَمْ تَكُونِي إِلَّا أَنْتِ تَهُبُّ أَعَاصِيرُكِ فَقَبَّحَكِ اللَّهُ وَ تَمَثَّلَ بِقَوْلِ الشَّاعِرِ:

لَعَمْرُ أَبِيكَ الْخَيْرِ يَا عَمْرُو إِنَّنِي
عَلَى وَضَرٍ مِنْ ذَا الْإِنَاءِ قَلِيلِ

ثُمَّ قَالَ (عليه السلام): أُنْبِئْتُ بُسْراً قَدِ اطَّلَعَ الْيَمَنَ وَإِنِّي وَاللَّهِ لَأَظُنُّ أَنَّ هَؤُلَاءِ الْقَوْمَ سَيُدَالُونَ مِنْكُمْ بِاجْتِمَاعِهِمْ عَلَى بَاطِلِهِمْ وَتَفَرُّقِكُمْ عَنْ حَقِّكُمْ وَبِمَعْصِيَتِكُمْ إِمَامَكُمْ فِي الْحَقِّ وَ طَاعَتِهِمْ إِمَامَهُمْ فِي الْبَاطِلِ وَ بِأَدَائِهِمُ الْأَمَانَةَ إِلَى صَاحِبِهِمْ وَ خِيَانَتِكُمْ وَ بِصَلَاحِهِمْ فِي بِلَادِهِمْ وَ فَسَادِكُمْ فَلَوِ ائْتَمَنْتُ أَحَدَكُمْ عَلَى قَعْبٍ لَخَشِيتُ أَنْ يَذْهَبَ بِعِلَاقَتِهِ. اللَّهُمَّ إِنِّي قَدْ مَلِلْتُهُمْ وَمَلُّونِي وَسَئِمْتُهُمْ وَسَئِمُونِي فَأَبْدِلْنِي بِهِمْ خَيْراً مِنْهُمْ وَأَبْدِلْهُمْ بِي شَرّاً مِنِّي اللَّهُمَّ مِثْ قُلُوبَهُمْ كَمَا يُمَاثُ الْمِلْحُ فِي الْمَاءِ أَمَا وَاللَّهِ لَوَدِدْتُ أَنَّ لِي بِكُمْ أَلْفَ فَارِسٍ مِنْ بَنِي فِرَاسِ بْنِ غَنْمٍ.

هُنَالِكَ لَوْ دَعَوْتَ أَتَاكَ مِنْهُمْ
فَوَارِسُ مِثْلُ أَرْمِيَةِ الْحَمِيمِ

ثُمَّ نَزَلَ (عليه السلام) مِنَ الْمِنْبَرِ.

## ٢٥_ امام عليه السلام جو خطبو

**جڏهن معاويہ جي ساٿين جون، شهرن تي قبضي ڪرڻ جون مسلسل خبرون امام عليه السلام کي مليون، ۽ يمن جا ٻہ گورنر عبيدالله بن عباس ۽ سعيد بن نمران، بسر بن ابي ارطاۃ هٿان مغلوب ٿي وٽس آيا تہ امام عليه السلام زيبِ منبر ٿيا، ۽ پنهنجي ساٿين کي جهاد کان سستي ڪرڻ، ۽ سندس راءِ جي مخالفت ڪرڻ تي ملامت ڪندي فرمايو:**

فقط ڪوفو ئي منهنجي قبضي ۽ قابوءَ ۾ آهي. (اي شهرِ ڪوفہ) اگر تنهنجو اهو حال رهي جو تو ۾ رڳو آنڌيون هلن تہ پوءِ الله توکي برباد ڪري.

پوءِ پاڻ عليه السلام شاعر جي هن شعر سان مثال ڏنو:

اي عمرو تنهنجي پلوڙ پيءُ جي زندگيءَ جو قسم
مونکي تہ هن ٿانءُ منجهان ٿورو ئي مليو آهي.

پوءِ امام عليه السلام فرمايو: مونکي ٻڌايو ويو آهي تہ بُسر يمن تي ڪاهہ ڪئي آهي، خدا جو قسم بيشڪ آءٌ سمجهان ٿو تہ اها قوم توهان کان حڪومت کسي ويندي، ڇو جو هو باطل تي هوندي بہ گڏ آهن ۽ توهان حق تي هوندي بہ جدا آهيو. توهان حق ۾ بہ پنهنجي امام جي نافرماني ڪريو ٿا ۽ هو باطل ۾ بہ پنهنجي امام جي فرمانبرداري ڪن ٿا. هو پنهنجي حاڪم لاءِ امانت کي ادا ڪن ٿا ۽ توهان خيانت ڪريو ٿا، ۽ هو پنهنجي شهرن ۾ سڌارو ڪن ٿا ۽ توهان فساد ڪريو ٿا.

اگر آءٌ توهان مان ڪنهن کي پيالي تي امين ڪريان تہ مونکي ڊپ ٿئي ٿو تہ متان هو ان جي ڪڙي کي ڪٽي وڃي. اي الله آءٌ انهن کان تنگ ٿي پيو آهيان ۽ اهي مونکان تنگ ٿي پيا آهن، ۽ آءٌ انهن کان ٿڪجي پيو آهيان ۽ اهي مونکان ٿڪجي پيا آهن. بس مونکي انهن جي بدلي انهن کان ڀلا ڏي. ۽ منهنجي بدلي انهن کي ڪو بڇڙو حاڪم ڏي، اي الله انهن جي دلين کي ائين ڳار جيئن لوڻ پاڻي ۾ ڳاريو ويندو آهي. الله جو قسم آءٌ پسند ڪريان ٿو تہ بيشڪ مون وٽ توهان جي بدلي بني فِراس بن غنم جا سوار هجن.

جڏهن بہ تون انهن کي سڏيندين تہ انهن مان سوار سانوڻ جي
ڪڪرن وانگر تو وٽ اچي ڪڙڪندا.

۽ پوءِ پاڻ عليه السلام منبر تان لهي آيا.

قال السيد الشريف: أقول الأرمية جمع رميّ و هو السحاب و الحميم هاهنا وقت الصيف و إنما خص الشاعر سحاب الصيف بالذكر لأنه أشد جفولا و أسرع خفوفا لأنه لا ماء فيه و إنما يكون السحاب ثقيل السير لامتلائه بالماء و ذلك لا يكون في الأكثر إلا زمان الشتاء و إنما أراد الشاعر وصفهم بالسرعة إذا دعوا و الإغاثة إذا استغيثوا و الدليل على ذلك قوله: "هنالك لو دعوت أتاك منهم..."

# ٢٦ ـ و من خطبة له عليه السلام

*و فيها يصف العرب قبل البعثة ثم يصف حاله قبل البيعة له*

## العرب قبل البعثة

إِنَّ اللَّهَ بَعَثَ مُحَمَّداً (صلى الله عليه وآله) نَذِيراً لِلْعَالَمِينَ وَ أَمِيناً عَلَى التَّنْزِيلِ وَ أَنْتُمْ مَعْشَرَ الْعَرَبِ عَلَى شَرِّ دِينٍ وَ فِي شَرِّ دَارٍ مُنِيخُونَ بَيْنَ حِجَارَةٍ خُشْنٍ وَ حَيَّاتٍ صُمٍّ تَشْرَبُونَ الْكَدِرَ وَ تَأْكُلُونَ الْجَشِبَ وَ تَسْفِكُونَ دِمَاءَكُمْ وَ تَقْطَعُونَ أَرْحَامَكُمْ الْأَصْنَامُ فِيكُمْ مَنْصُوبَةٌ وَ الْآثَامُ بِكُمْ مَعْصُوبَةٌ.



## و منها صفته قبل البيعة له

فَنَظَرْتُ فَإِذَا لَيْسَ لِي مُعِينٌ إِلَّا أَهْلُ بَيْتِي فَضَنِنْتُ بِهِمْ عَنِ الْمَوْتِ وَ أَغْضَيْتُ عَلَى الْقَذَى وَ شَرِبْتُ عَلَى الشَّجَا وَ صَبَرْتُ عَلَى أَخْذِ الْكَظَمِ وَ عَلَى أَمَرَّ مِنْ طَعْمِ الْعَلْقَمِ.

و منها: وَ لَمْ يُبَايِعْ حَتَّى شَرَطَ أَنْ يُؤْتِيَهُ عَلَى الْبَيْعَةِ ثَمَناً فَلَا ظَفِرَتْ يَدُ الْبَائِعِ وَ خَزِيَتْ أَمَانَةُ الْمُبْتَاعِ فَخُذُوا لِلْحَرْبِ أُهْبَتَهَا وَ أَعِدُّوا لَهَا عُدَّتَهَا فَقَدْ شَبَّ لَظَاهَا وَ عَلَا سَنَاهَا وَ اسْتَشْعِرُوا الصَّبْرَ فَإِنَّهُ أَدْعَى إِلَى النَّصْرِ.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: ”ارمية“ رميّ جي جمع آهي جنهن جي معنىٰ ڪکر آهي. ۽ هتي ”الحميم“ اونهاري جي وقت کي چئبو آهي، شاعر خاص ڪري اونهاري جي ڪکر ڪي انڪري ذڪر ڪيو آهي ڇو جو اهو رفتار ۾ تيز ۽ هلڻ ۾ تکڙو هوندو آهي، انڪري جو ان ۾ پاڻي ناهي هوندو، ۽ ڪکر هلڻ ۾ آهستي ان جي فقط پاڻي سان ڀريل هجڻ ڪري هوندو آهي، ۽ اهو سردي جي موسم ۾ ٿيندو آهي، ۽ شاعر پنهنجي قوم جي آواز تي لبيڪ چوڻ ۽ مظلوم جي دادرسيءَ ۾ تکڙي رفتار کي ذڪر ڪيو آهي، ۽ ان جو دليل هي جملو آهي ”هُنَالِكَ لَوْ دَعَوْتَ أَتَاكَ مِنْهُمْ..“.

## ٢٦_ امام عليه السلام جو خطبو

### جنهن ۾ پاڻ عليه السلام بعثت کان پهريائين عربن جي صفت بيان ڪئي آهي ۽ پوءِ بيعت کان پهريائين سندن حالت بيان ڪئي آهي

#### بعثت کان پهريائين عربن جي حالت

بيشڪ الله سائينءَ محمد صلي الله عليه وآله وسلم کي سيني جهانن لاءِ ڊيڄاريندڙ ۽ وحي تي امين ڪري موڪليو آهي. ۽ اي عربيؤ توهان بگڙيل دين، خراب گهرن، ڳُهرن پٿرن ۽ ٻوڙن نانگن جي وچ ۾ رهندا هيؤ. توهان خراب پاڻي ۽ بي سواد کاڌو کائيندا هيؤ. ۽ توهان هڪ ٻئي جي رت وهائيندا هيؤ ۽ پنهنجون مٽيون مائٽيون ٽوڙيندا هيؤ، توهان جي وچ ۾ بت کتل هئا ۽ گناهه توهان سان چنبڙيل هئا.



#### ۽ انهيءَ منجهان، بيعت کان پهريائين انهن جي حالت

پوءِ مون ڏٺو تہ ان وقت منهنجي اهلبيت عليهم السلام کانسواءِ منهنجو ڪو بہ مددگار نہ هيو، پوءِ مون انهن کي موت کان بچايو. ۽ مون اکين ۾ ڪنڊي هجڻ جي باوجود بہ بند رکيون ۽ مون نڙيءَ ۾ هڏي هوندي بہ (صبر جا) ڍُڪ ڀريا، ۽ مون نڙيءَ جي گُهٽجڻ تي ۽ ٿوهر جي ذائقي کان بہ وڌيڪ ڪوڙاڻ تي صبر ڪيو.

**انهيءَ منجهان ٿي:** ۽ هن (عمروبن عاص) بيعت نہ ڪئي ايستائين جو (معاويي سان) بيعت تي قيمت ادا ڪرڻ جو شرط رکيائين. پوءِ وڪرو ڪندڙ ڪامياب نہ ٿئي ۽ خريدار جي امانت خوار ٿئي، بس توهان جنگ لاءِ تيار ٿيو ۽ ان لاءِ سامان مهيا ڪريو، جنگ جي باهه ڀڙڪي چڪي آهي ۽ ڀيڙ چوٽ چڙهي ويا آهن. ۽ صبر کي پنهنجو شعار بڻايو بيشڪ اهو ڪاميابيءَ لاءِ بهترين سڏيندڙ آهي.

# ٢٧ ـ و من خطبة له عليه السلام

*و قد قالها يستنهض بها الناس حين ورد خبر غزو الأنبار بجيش معاوية فلم ينهضوا. و فيها يذكر فضل الجهاد، و يستنهض الناس، و يذكر علمه بالحرب، و يلقي عليهم التبعة لعدم طاعته.*

## فضل الجهاد

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّ الْجِهَادَ بَابٌ مِنْ أَبْوَابِ الْجَنَّةِ فَتَحَهُ اللَّهُ لِخَاصَّةِ أَوْلِيَائِهِ. وَ هُوَ لِبَاسُ التَّقْوَى وَ دِرْعُ اللَّهِ الْحَصِينَةُ وَ جُنَّتُهُ الْوَثِيقَةُ. فَمَنْ تَرَكَهُ رَغْبَةً عَنْهُ أَلْبَسَهُ اللَّهُ ثَوْبَ الذُّلِّ وَ شَمِلَهُ الْبَلَاءُ وَ دُيِّثَ بِالصَّغَارِ وَالْقَمَاءَةِ وَ ضُرِبَ عَلَى قَلْبِهِ بِالْإِسْهَابِ. وَ أُدِيلَ الْحَقُّ مِنْهُ بِتَضْيِيعِ الْجِهَادِ وَسِيمَ الْخَسْفَ وَ مُنِعَ النَّصَفَ.

## استنهاض الناس

أَلَا وَ إِنِّي قَدْ دَعَوْتُكُمْ إِلَى قِتَالِ هَؤُلَاءِ الْقَوْمِ لَيْلًا وَ نَهَاراً وَ سِرّاً وَ إِعْلَاناً وَ قُلْتُ لَكُمُ اغْزُوهُمْ قَبْلَ أَنْ يَغْزُوكُمْ فَوَاللَّهِ مَا غُزِيَ قَوْمٌ قَطُّ فِي عُقْرِ دَارِهِمْ إِلَّا ذَلُّوا.

فَتَوَاكَلْتُمْ وَ تَخَاذَلْتُمْ حَتَّى شُنَّتْ عَلَيْكُمُ الْغَارَاتُ وَ مُلِكَتْ عَلَيْكُمُ الْأَوْطَانُ وَ هَذَا أَخُو غَامِدٍ قَدْ وَرَدَتْ خَيْلُهُ الْأَنْبَارَ وَ قَدْ قَتَلَ حَسَّانَ بْنَ حَسَّانَ الْبَكْرِيَّ وَ أَزَالَ خَيْلَكُمْ عَنْ مَسَالِحِهَا وَ لَقَدْ بَلَغَنِي أَنَّ الرَّجُلَ مِنْهُمْ كَانَ يَدْخُلُ عَلَى الْمَرْأَةِ الْمُسْلِمَةِ وَالْأُخْرَى الْمُعَاهِدَةِ فَيَنْتَزِعُ حِجْلَهَا وَ قُلُبَهَا وَ قَلَائِدَهَا وَ رُعُثَهَا مَا تَمْتَنِعُ مِنْهُ إِلَّا بِالِاسْتِرْجَاعِ وَالِاسْتِرْحَامِ.

**٢٧_ امام عليہ السلام جو خطبو. جڏهن امام عليہ السلام کي خبر پئي تہ معاويي جي لشڪر انبار کي فتح ڪيو آهي ۽ ماڻهن دفاع نہ ڪيو تہ انهن کي اڀارڻ لاءِ هي خطبو ارشاد فرمايو، ۽ هن ۾ جهاد جي فضيلت ۽ ان لاءِ ماڻهن کي اڀارڻ جو بيان آهي، ۽ ان ۾ اهو بہ مذڪور آهي تہ امام عليہ السلام کي جنگ جي خبر هئي، ۽ ناڪاميءَ جي ذميداري ماڻهن تي وڌي آهي جو انهن اطاعت نہ ڪئي.**

**جهاد جي فضيلت**

اما بعد: بيشڪ جهاد جنت جي دروازن منجهان هڪ دروازو آهي جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي خاص خليلن لاءِ کوليو آهي. ۽ جهاد پرهيزگاريءَ جي پوشاڪ آهي، ۽ الله تعاليٰ جي مضبوط زِره ۽ ان جي پختي ڍال آهي.

۽ جنهن منهن موڙيندي انکي ڇڏي ڏنو تہ الله تعاليٰ انکي ذلت جو لباس ۽ مصيبت جي چادر پارائيندو، ۽ اهو خسيس ۽ حقير بڻايو ويندو، ۽ ان جي دل تي غفلت جا پردا چاڙهيا ويندا. ۽ جهاد ضايع ڪرڻ سان حق انکان کسيو ويندو ۽ انکي ذلت ۾ ڇڏيو ويندو ۽ انصاف کان محروم ڪيو ويندو.

**ماڻهن کي اڀارڻ**

ياد رکو تہ مون توهان کي هن قوم سان ڏينهن ۽ رات ۽ ڳجهي ۽ ڇٽي طريقي سان وڙهڻ لاءِ سڏيو ۽ توهان کي چيو تہ انهن تي حملو ڪريو ان کان پهريائين جو هو توهان تي حملو ڪن. الله جو قسم ڪنهن بہ قوم سان سندن گهرن جي اڱڻ اندر جنگ نہ ڪئي وئي سواءِ ان جي جو اها رسوا ٿي.



توهان جهاد لاءِ هڪ ٻئي تي ياڙيو ۽ هڪ ٻئي جي مدد کان ڪيٻايو تان جو توهان تي حملن جا ڪڙڪا ٿي ويا. ۽ توهان جي شهرن تي قبضا ڪيا ويا.

هي بني غامد (سفيان بن عوف) جنهن جو لشڪر انبار ۾ پهتو ۽ حسان بن حسان البڪري کي قتل ڪيو، ۽ سرحدي چوڪين جي سپاهين کي هٽائي ڇڏيو ۽ مونکي اها بہ خبر پئي آهي تہ انهن جو ماڻهو مسلمان عورت ۽ ٻيءَ ذمي عورت وٽ آيو پئي ۽ انهن کان ڳجريون، ڪنگڻ، هار ۽ واليون کسيائين پئي، انهن وٽ بچاءُ جو ڪوبہ چارو نہ هيو سواءِ انا لله وانا اليہ راجعون پڙهي صبر ڪرڻ جي ۽ رحم لاءِ گُهر ڪرڻ جي.

ثُمَّ انْصَرَفُوا وَافِرِينَ مَا نَالَ رَجُلًا مِنْهُمْ كَلْمٌ وَ لَا أُرِيقَ لَهُمْ دَمٌ فَلَوْ أَنَّ امْرَأً مُسْلِماً مَاتَ مِنْ بَعْدِ هَذَا أَسَفاً مَا كَانَ بِهِ مَلُوماً بَلْ كَانَ بِهِ عِنْدِي جَدِيراً.

فَيَا عَجَباً عَجَباً وَاللَّهِ يُمِيتُ الْقَلْبَ وَيَجْلِبُ الْهَمَّ مِنَ اجْتِمَاعِ هَؤُلَاءِ الْقَوْمِ عَلَى بَاطِلِهِمْ وَ تَفَرُّقِكُمْ عَنْ حَقِّكُمْ فَقُبْحاً لَكُمْ وَ تَرَحاً حِينَ صِرْتُمْ غَرَضاً يُرْمَى يُغَارُ عَلَيْكُمْ وَلَا تُغِيرُونَ وَ تُغْزَوْنَ وَ لَا تَغْزُونَ وَ يُعْصَى اللَّهُ وَ تَرْضَوْنَ.

فَإِذَا أَمَرْتُكُمْ بِالسَّيْرِ إِلَيْهِمْ فِي أَيَّامِ الْحَرِّ قُلْتُمْ هَذِهِ حَمَارَّةُ الْقَيْظِ أَمْهِلْنَا يُسَبَّخْ عَنَّا الْحَرُّ وَ إِذَا أَمَرْتُكُمْ بِالسَّيْرِ إِلَيْهِمْ فِي الشِّتَاءِ قُلْتُمْ هَذِهِ صَبَارَّةُ الْقُرِّ أَمْهِلْنَا يَنْسَلِخْ عَنَّا الْبَرْدُ كُلُّ هَذَا فِرَاراً مِنَ الْحَرِّ وَالْقُرِّ فَإِذَا كُنْتُمْ مِنَ الْحَرِّ وَالْقُرِّ تَفِرُّونَ فَأَنْتُمْ وَاللَّهِ مِنَ السَّيْفِ أَفَرُّ.

## البرم بالناس

يَا أَشْبَاهَ الرِّجَالِ وَ لَا رِجَالَ حُلُومُ الْأَطْفَالِ وَ عُقُولُ رَبَّاتِ الْحِجَالِ لَوَدِدْتُ أَنِّي لَمْ أَرَكُمْ وَ لَمْ أَعْرِفْكُمْ مَعْرِفَةً وَاللَّهِ جَرَّتْ نَدَماً وَ أَعْقَبَتْ سَدَماً.

قَاتَلَكُمُ اللَّهُ لَقَدْ مَلَأْتُمْ قَلْبِي قَيْحاً وَ شَحَنْتُمْ صَدْرِي غَيْظاً وَ جَرَّعْتُمُونِي نُغَبَ التَّهْمَامِ أَنْفَاساً وَ أَفْسَدْتُمْ عَلَيَّ رَأْيِي بِالْعِصْيَانِ وَالْخِذْلَانِ.

حَتَّى لَقَدْ قَالَتْ قُرَيْشٌ إِنَّ ابْنَ أَبِي طَالِبٍ رَجُلٌ شُجَاعٌ وَ لَكِنْ لَا عِلْمَ لَهُ بِالْحَرْبِ لِلَّهِ أَبُوهُمْ وَ هَلْ أَحَدٌ مِنْهُمْ أَشَدُّ لَهَا مِرَاساً وَ أَقْدَمُ فِيهَا مَقَاماً مِنِّي لَقَدْ نَهَضْتُ فِيهَا وَ مَا بَلَغْتُ الْعِشْرِينَ وَهَا أَنَا ذَا قَدْ ذَرَّفْتُ عَلَى السِّتِّينَ وَ لَكِنْ لَا رَأْيَ لِمَنْ لَا يُطَاعُ.

پوءِ اُھي جھجھو مال لُٽي موٽي ويا، نہ انھن مان ڪنھن کي زخم آيو، ۽ نہ وري انھن جي رت وھائي وئي، پوءِ اگر ڪو مسلمان ماڻھو انھيءَ واقعي تي افسوس ڪندي مري وڃي تہ، تڏھن بہ ان تي ڪا ملامت ناھي، بلڪ منھنجي نظر ۾ اھو ئي حق بجانب آھي. ڪيڏي نہ تعجب جي ڳالھہ آھي، الله جو قسم ھن قوم جو باطل تي گڏ ھجڻ ۽ توھان جو حق کان جدا ھجڻ دل کي ماري ٿو ۽ ڏکن کي آڻي ٿو، پوءِ حيف ۽ افسوس ھجي توھان تي جو توھان تيرن جو پڪو نشانو بڻجي چڪا آھيو. توھان تي حملو ڪيو وڃي ٿو ۽ توھان حملو نٿا ڪريو ۽ توھان سان جنگ ڪئي وڃي ٿي ۽ توھان جنگ نٿا ڪريو. الله جي نافرماني ڪئي وڃي ٿي ۽ توھان راضي رھو ٿا.

پوءِ جڏھن آءٌ توھان کي گرميءَ جي ڏينھنَ ۾ انھن سان وڙھڻ جو حڪم ڏيان ٿو تہ توھان چئو ٿا اونھاري جي گرمي آھي اسان کي مھلت ڏيو جو رڳو گرمي اسان کان ٿري وڃي، ۽ پوءِ جڏھن آءٌ اوھان کي سياري ۾ انھن سان وڙھڻ جو حڪم ڏيان ٿو تہ توھان چئو ٿا سخت سيءُ آھي اسان کي مھلت ڏيو جو رڳو سيءُ ختم ٿي وڃي. اھو سڀ ڪجھہ گرميءَ ۽ سرديءَ کان ڀڄڻ آھي. پوءِ جڏھن توھان گرميءَ ۽ سرديءَ کان ڀڄو ٿا، تہ پوءِ الله جو قسم توھان تلوار کان وڌيڪ ڀڄندؤ.

## ماڻھن تي ڏمرجڻ

اي مَردن جي شڪل ۾ نامردو، توھان جي سوچ ٻاراڻي ۽ توھان جو عقل سيج تي وينل ڪنوار جھڙو آھي. آءٌ چاھيان ٿو تہ توھان کي ڏسان ئي نہ ھا، ۽ نہ ئي سڃاڻان ھا. الله جو قسم توھان جي سڃاڻپ پڇتائڻ ۽ ڏکائڻ جو سبب بڻي آھي.

الله جي ڪا مار پئيوَ، توھان منھنجي دل کي ناسور سان ڀري ڇڏيو آھي، ۽ توھان منھنجي سيني کي غصي سان پُر ڪري ڇڏيو آھي، ۽ توھان مونکي لڳاتار ڏک ۽ غم جا ڍُڪ پيارِيا آھن، ۽ توھان نافرمانيءَ ۽ سرڪشيءَ سان منھنجي رٿ کي برباد ڪري ڇڏيو آھي. ايستائين جو قريش چوڻ لڳا ابوطالب جو پٽ بھادر تہ آھي پر انکي جنگ جي مھارت ڪانھي. الله ڀلو ڪرينَ، ڇا انھن مان ڪو مونکان جنگ ۾ وڌيڪ تجربي ڪار ۽ پيش قدمي ۾ وڌيڪ اڳيرو آھي؟ مون تہ جنگ لاءِ ان وقت کان ئي سنڌرو ٻڌو جڏھن آءٌ ويھن سالن جو بہ نہ ھيس، ۽ ھاڻ آءٌ سٺ سالن کان ٽپي ويو آھيان، پر ان جي ڪا راءِ ڪانھي جنھن جي اطاعت نہ ڪئي وڃي.

# ٢٨ ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*و هو فصل من الخطبة التي أولها "الحمد لله غير مقنوط من رحمته"*

*و فيه أحد عشر تنبيها*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّ الدُّنْيَا أَدْبَرَتْ وَ آذَنَتْ بِوَدَاعٍ وَ إِنَّ الْآخِرَةَ قَدْ أَقْبَلَتْ وَ أَشْرَفَتْ بِاطِّلَاعٍ. أَلَا وَ إِنَّ الْيَوْمَ الْمِضْمَارَ وَ غَداً السِّبَاقَ وَ السَّبَقَةُ الْجَنَّةُ وَ الْغَايَةُ النَّارُ.

أَ فَلَا تَائِبٌ مِنْ خَطِيئَتِهِ قَبْلَ مَنِيَّتِهِ أَلَا عَامِلٌ لِنَفْسِهِ قَبْلَ يَوْمِ بُؤْسِهِ؟ أَلَا وَ إِنَّكُمْ فِي أَيَّامِ أَمَلٍ مِنْ وَرَائِهِ أَجَلٌ فَمَنْ عَمِلَ فِي أَيَّامِ أَمَلِهِ قَبْلَ حُضُورِ أَجَلِهِ فَقَدْ نَفَعَهُ عَمَلُهُ وَ لَمْ يَضْرُرْهُ أَجَلُهُ.

وَ مَنْ قَصَّرَ فِي أَيَّامِ أَمَلِهِ قَبْلَ حُضُورِ أَجَلِهِ فَقَدْ خَسِرَ عَمَلُهُ وَ ضَرَّهُ أَجَلُهُ.

أَلَا فَاعْمَلُوا فِي الرَّغْبَةِ كَمَا تَعْمَلُونَ فِي الرَّهْبَةِ. أَلَا وَ إِنِّي لَمْ أَرَ كَالْجَنَّةِ نَامَ طَالِبُهَا وَ لَا كَالنَّارِ نَامَ هَارِبُهَا.

أَلَا وَ إِنَّهُ مَنْ لَا يَنْفَعُهُ الْحَقُّ يَضُرُّهُ الْبَاطِلُ وَ مَنْ لَا يَسْتَقِيمُ بِهِ الْهُدَى يَجُرُّ بِهِ الضَّلَالُ إِلَى الرَّدَى.



أَلَا وَ إِنَّكُمْ قَدْ أُمِرْتُمْ بِالظَّعْنِ وَ دُلِلْتُمْ عَلَى الزَّادِ.

وَ إِنَّ أَخْوَفَ مَا أَخَافُ عَلَيْكُمُ اثْنَتَانِ اتِّبَاعُ الْهَوَى وَ طُولُ الْأَمَلِ.

فَتَزَوَّدُوا فِي الدُّنْيَا مِنَ الدُّنْيَا مَا تَحْرُزُونَ بِهِ أَنْفُسَكُمْ غَداً.

## ٢٨_ امام عليه السلام جو خطبو

### جيڪو ان خطبي جو هڪ فصل آهي جنهن جو منڍ " الحمد لله غير مقنوط من رحمته" آهي، ۽ هن ۾ يارنهن آگاهيون آهن.

اما بعد:

بيشڪ دنيا پُٺي ڏيئي موڪلاڻي جو اعلان ڪيو آهي ۽ يقيناً آخرت آڏو آهي ۽ اچڻ جو اعلان ڪيو اٿس.

آگاهه رهو! ته اڄ تياري جو ڏينهن ۽ سڀاڻي مقابلي جو ڏينهن آهي، ۽ جنت انعام آهي نه ته انجام جهنم آهي. ڇا مرڻ کان پهريائين پنهنجي گناهن کان ڪو توبه ڪندڙ ڪونهي؟ آهي ڪو جيڪو محتاجيءَ جي ڏينهن کان پهريائين پنهنجي لاءِ عمل ڪري؟

ياد رکو! ته توهان اميدن جي ڏينهنَ ۾ آهيو جنهن جي پٺيان موت آهي، پوءِ جنهن موت اچڻ کان اڳ اميد جي ڏينهنَ ۾ عمل ڪيو ته يقيناً ان جي عمل انکي فائدو ڏنو، ۽ موت ڪو نقصان نه ڏنو.

۽ جنهن موت اچڻ کان پهريائين اميد جي ڏينهنَ ۾ ڪوتاهي ڪئي
ته يقيناً ان پنهنجي عمل کي گهٽايو ۽ سندس موت ڪيس نقصان ڏنو.

ياد رکو! ته خوشي ۾ به ائين ئي عمل ڪريو جيئن ڊڄ ۾ ڪندا آهيو.

ياد رکو! ته مون جنت وانگر ڪنهن شيءَ کي ناهي ڏٺو جنهن جو طلبيندڙ
ننڊ ۾ هجي، ۽ جهنم وانگر ڪنهن شيءَ کي ناهي ڏٺو جنهن کان ڀڄندڙ ستل هجي.



آگاهه رهو! ته جنهن کي حق فائدو نٿو پهچائي ته انکي باطل نقصان پهچائي ٿو ۽ جنهن کي هدايت سڌو نٿي ڪري ته انکي گمراهي هلاڪت ڏانهن ڇڪي وڃي ٿي.

خبردار! توهان کي (دنيا مان) لَڏڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ توهان جي
سَمَر بابت رهنمائي ڪئي وئي آهي.

بيشڪ مونکي توهان جي باري ۾ ٻن شين بابت وڏو خوف آهي نفساني خواهش جي پيروي ڪرڻ ۽ ڊگهي اميد رکڻ. پوءِ توهان دنيا ۾ دنيا مان اهڙو سمر تيار ڪريو جنهن سان سڀاڻي پنهنجو پاڻ کي بچايو.

قال السید الشریف رحمه الله :اَقُوْلُ: اِنَّه لَوْ كَانَ كَلَامٌ يَّاْخُذُ بِالْاَعْنَاقِ اِلَى الزُّهْدِ فِى الدُّنْيَا، وَ يَضْطَرُّ اِلٰى عَمَلِ الْاٰخِرَةِ لَكَانَ هٰذَا الْكَلَامُ، وَ كَفٰى بِه قَاطِعًا لِّعَلَآئِقِ الْاٰمَالِ، وَ قادِحًا زِنَادَ الْاِتِّعَاظِ وا لْاِزْدِجَارِ، وَ مِنْ اَعْجَبِه قَوْلُه "اَلَا وَ اِنَّ الْيَوْمَ الْمِضْمَارَ وَ غَدًا السِّبَاقَ، وَ السَّبَقَةُ الْجَنَّةُ، وَ الْغَايَةُ النَّارُ".

فَاِنَّ فِيْهِ مَعَ فَخَامَةِ اللَّفْظِ وَ عِظَمِ قَدْرِ الْمَعْنٰى وَ صَادِقِ التَّمْثِيْلِ وَ وَاقِعِ التَّشْبِيه سِرًّا عَجِيْبًا، وَ مَعْنًى لَّطِيْفًا، وَ هو قَوْله "وَ السَّبَقَةُ الْجَنَّةُ وَ الْغَايَةُ النَّارُ" فَخَالَفَ بَيْنَ اللَّفْظَيْنِ لِاخْتِلَافِ الْمَعْنَيَيْنِ، وَ لَمْ يَقُلْ: وَ السَّبْقَةُ النَّارُ، كَمَا قَالَ: "وَ السَّبَقَةُ الْجَنَّةُ" لِاَنَّ الْاِسْتِبَاقَ اِنَّمَا يَكُوْنُ اِلٰى اَمْرٍ مَّحْبُوْبٍ وَّ غَرَضٍ مَّطْلُوْبٍ، وَ هٰذِه صِفَةُ الْجَنَّةِ، وَ لَيْسَ هٰذَا الْمَعْنٰى مَوْجُوْدًا فِى النَّارِ نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْهَا.

فَلَمْ يَجُزْ اَنْ يَّقُوْلَ: وَ السَّبَقَةُ النَّارُ، بَلْ قَالَ: "وَ الْغَايَةُ النَّارُ" لِاَنَّ الْغَايَةَ قَدْ يَنْتهي اِلَى مَنْ لَّا يَسُرُّه الْاِنتهاءُ اليها وَ مَنْ يَّسُرُّه ذٰلِكَ، فَصَلَحَ اَنْ يُّعَبَّرَ بِهَا عَنِ الْاَمْرَيْنِ مَعًا، فَهِىَ فِىْ هٰذَا الْمَوْضِعِ كَالْمَصِيْرِ وَ الْمَالِ، قَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى: ﴿قُلْ تَمَتَّعُوْا فَاِنَّ مَصِيْرَكُمْ اِلَى النَّارِ﴾، وَ لَا يَجُوْزُ فِىْ هٰذَا الْمَوْضِعِ اَنْ يُّقَالَ: سَبْقَتُكُمْ اِلَى النَّارِ، فَتَاَمَّلْ ذٰلِكَ، فَبَاطِنُه عَجِيْبٌ، وَ غَوْرُه بَعِيْدٌ لَّطِيْفٌ، وَ كَذٰلِكَ اَكْثَرُ كَلَامِه.



وَ فِي بَعضِ نُسخ وَ قَدْ جَآءَ فِىْ رِوَايَةٍ اُخْرٰى: "وَ السُّبْقَةُ الْجَنَّةُ" بِضَمِّ السِّيْنِ، وَ السُّبْقَةُ عِنْدَهُمُ اسْمٌ لِّمَا يُجْعَلُ لِلسَّابِقِ اِذَا سَبَقَ مِنْ مَّالٍ اَوْ عَرَضٍ، وَ الْمَعْنَيَانِ مُتَقَارِبَانِ، لِاَنَّ ذٰلِكَ لَا يَكُوْنُ جَزَآءً عَلٰى فِعْلِ الْاَمْرِ الْمَذْمُوْمِ، وَ اِنَّمَا يَكُوْنُ جَزَآءً عَلٰى فِعْلِ الْاَمْرِ الْمَحْمُوْدِ.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: اگر ڪو ڪلام ڳچي کان پڪڙي دنيا ۾ زهد اختيار ڪرڻ، ۽ آخرت جي عمل ڪرڻ تي مجبور ڪري ته بيشڪ اهو هي ڪلام آهي، ۽ اميدن جي ڳنڍين کي ڪٽڻ، ۽ نصيحت ۽ ملامت جي جذبات کي ڀڙڪائڻ لاءِ هي ڪلام ڪافي آهي. امام عليه السلام جو هي ڪلام ”اَلَا وَ اِنَّ الْيَوْمَ الْمِضْمَارَ وَ غَدًا السِّبَاقَ، وَ السَّبَقَةُ الْجَنَّةُ، وَ الْغَايَةُ النَّارُ“ ته عجيب آهي. هن ۾ لفظن جي بزرگيءَ، معنىٰ جي بلندي، سچي تمثيل، ۽ صحيح تشبيه سان گڏ عجيب راز ۽ اونهي معنىٰ موجود آهي. ۽ امام عليه السلام هن ڪلام ”وَ السَّبَقَةُ الْجَنَّةُ وَ الْغَايَةُ النَّارُ“ ۾ معنىٰ جي مختلف هجڻ جي ڪري لفظن کي الڳ ڪيو آهي. وَ السَّبْقَةُ النَّارُ ناهي چيو، جيئن ”وَ السَّبَقَةُ الْجَنَّةُ“ چيو آهي. انڪري ته وڃڻ رڳو هڪ پسنديده شيءِ ۽ مطلوب نتيجي ڏانهن تيندو آهي، ۽ اِها جنت جي صفت آهي، ۽ اها معنىٰ جهنم ۾ موجود نه آهي، اسان الله کان ان جي پناهه گهرون ٿا. ۽ ائين چوڻ به صحيح نه آهي وَ السَّبَقَةُ النَّارُ بلڪ امام عليه السلام فرمايو آهي ”وَ الْغَايَةُ النَّارُ“ جو ته يقيناً ”غاية“ آخري منزل کي چئبو آهي، جنهن تائين پهچڻ چاهي ڏکيو هجي يا سکيو، هن ڪلام ذريعي انهن ٻنهي معنائن جي تعبير آڻڻ صحيح آهي. الله تعالىٰ فرمايو آهي: ”مزا ڪائي وٺو بيشڪ اوهان جي موٽ باهه ڏي آهي“.

هن جاءِ تي ائين چوڻ صحيح نه آهي سَبْقَتُكُمْ اِلَى النَّارِ ”توهان جو وڃڻ جهنم ڏانهن آهي“. بس ان ۾ ويچار ڪر، جو ان ڪلام جو اندر عجيب ۽ ان جي گهرائي گهڻي ۽ انوکي آهي. ۽ اهڙي طرح امام عليه السلام جو اڪثر ڪلام آهي.

۽ ڪجهه نسخن ۾ ٻيءَ روايت ۾ هن طرح لفظ آهن ”وَ السُّبْقَةُ الْجَنَّةُ“ سبقت سين تي پيش سان. ان لحاظ کان ”السُّبْقَةُ“ ڪٽيندڙ کي جيڪو مال يا ڪا شيءِ بطور انعام ڏني وڃي تنهن کي چئبو آهي، بس ٻئي معنائون ويجهيون آهن انڪري ته ناپسنديده ڪم تي جزا ناهي ملندي، ۽ جزا ته رڳو پسنديده ڪم تي ملندي آهي.

# ٢٩ ـ و من خطبة له عليه السلام

*بعد غارة الضحاك بن قيس صاحب معاوية على الحاجّ بعد قصة الحكمين*

*و فيها يستنهض أصحابه لما حدث في الأطراف*

أَيُّهَا النَّاسُ الْمُجْتَمِعَةُ أَبْدَانُهُمْ الْمُخْتَلِفَةُ أَهْوَاؤُهُمْ كَلَامُكُمْ يُوهِي الصُّمَّ الصِّلَابَ وَفِعْلُكُمْ يُطْمِعُ فِيكُمُ الْأَعْدَاءَ تَقُولُونَ فِي الْمَجَالِسِ كَيْتَ وَ كَيْتَ فَإِذَا جَاءَ الْقِتَالُ قُلْتُمْ حِيدِي حَيَادِ مَا عَزَّتْ دَعْوَةُ مَنْ دَعَاكُمْ وَ لَا اسْتَرَاحَ قَلْبُ مَنْ قَاسَاكُمْ أَعَالِيلُ بِأَضَالِيلَ وَ سَأَلْتُمُونِي التَّطْوِيلَ دِفَاعَ ذِي الدَّيْنِ الْمَطُولِ لَا يَمْنَعُ الضَّيْمَ الذَّلِيلُ وَ لَا يُدْرَكُ الْحَقُّ إِلَّا بِالْجِدِّ أَيَّ دَارٍ بَعْدَ دَارِكُمْ تَمْنَعُونَ وَ مَعَ أَيِّ إِمَامٍ بَعْدِي تُقَاتِلُونَ الْمَغْرُورُ وَاللَّهِ مَنْ غَرَرْتُمُوهُ وَ مَنْ فَازَ بِكُمْ فَقَدْ فَازَ وَاللَّهِ بِالسَّهْمِ الْأَخْيَبِ وَ مَنْ رَمَى بِكُمْ فَقَدْ رَمَى بِأَفْوَقَ نَاصِلٍ أَصْبَحْتُ وَاللَّهِ لَا أُصَدِّقُ قَوْلَكُمْ وَ لَا أَطْمَعُ فِي نَصْرِكُمْ وَلَا أُوعِدُ الْعَدُوَّ بِكُمْ مَا بَالُكُمْ مَا دَوَاؤُكُمْ مَا طِبُّكُمْ الْقَوْمُ رِجَالٌ أَمْثَالُكُمْ أَ قَوْلًا بِغَيْرِ عِلْمٍ وَ غَفْلَةً مِنْ غَيْرِ وَرَعٍ وَ طَمَعاً فِي غَيْرِ حَقٍّ.



# ٣٠ ـ و من كلام له عليه السلام

*في معنى قتل عثمان*

*و هو حكم له على عثمان و عليه و على الناس بما فعلوا و براءة له من دمه*

لَوْ أَمَرْتُ بِهِ لَكُنْتُ قَاتِلًا أَوْ نَهَيْتُ عَنْهُ لَكُنْتُ نَاصِراً. غَيْرَ أَنَّ مَنْ نَصَرَهُ لَا يَسْتَطِيعُ أَنْ يَقُولَ خَذَلَهُ مَنْ أَنَا خَيْرٌ مِنْهُ وَ مَنْ خَذَلَهُ لَا يَسْتَطِيعُ أَنْ يَقُولَ نَصَرَهُ مَنْ هُوَ خَيْرٌ مِنِّي.

وَ أَنَا جَامِعٌ لَكُمْ أَمْرَهُ اسْتَأْثَرَ فَأَسَاءَ الْأَثَرَةَ وَ جَزِعْتُمْ فَأَسَأْتُمُ الْجَزَعَ وَ لِلَّهِ حُكْمٌ وَاقِعٌ فِي الْمُسْتَأْثِرِ وَالْجَازِعِ.

## ٢٩_ امام عليه السلام جو خطبو جيڪو تحڪيم جي واقعي ڪانپوءِ معاويي جي ساٿيءَ

**ضحاڪ بن قيس واري حاجين تي ڪيل حملي ڪانپوءِ ڏنو. ۽ هن ۾ امام عليه السلام آس پاس ۾ ٿيندڙ واقعن جي ڪري پنهنجي اصحاب کي جهاد لاءِ آماده ڪيو آهي.**

اي اُهي انسانؤ! جن جا جسم گڏ ۽ خواهشون جدا جدا آهن. توهان جي گفتگو سخت پٿر کي پاڻي ڪري ڇڏي ٿي، ۽ توهان جا ڪم دشمنن کي توهان ۾ اميد ڏيارين ٿا. توهان ڪچهرين ۾ چئو ٿا ته هيئن هيئن ڪنداسين، پر جڏهن جنگ اچي ٿي ته چئو ٿا پيچ ڙِي پاجوڪَڙِ.

جنهن توهان کي سڏيو ان جي سڏ کي موٽ نه ملي، ۽ جنهن توهان کان چوٽ کاڌي ته ان جي دل کي سڪون نه ملندو. اهي بهانا ۽ ٽگيون آهن. ۽ توهان مونکان ٽال مٽول ڪندڙ قرضيءَ جي دفاع وانگر جنگ جي مهلت گهرو ٿا. ذليل ذلت کي نٿو روڪي. ۽ سواءِ محنت جي حق کي حاصل نه ڪيو ويندو. پنهنجي گهر ڪانپوءِ ڪهڙي گهر جو دفاع ڪندؤ. ۽ مونکان پوءِ ڪهڙي امام سان گڏجي جنگ ڪندؤ. اهو ڌوڪي کاڌل آهي الله جو قسم جنهن کي توهان ڌوڪو ڏيو.

جيڪو توهان سان ڪامياب ٿيو الله جو قسم چڙ ته گتل تير سان ڪامياب ٿيو. جنهن توهان سان حملو ڪيو ان چُهنب پڳل نيزي سان حملو ڪيو. خدا جو قسم آءٌ ائين ٿي ويو آهيان جو توهان جي ڳالهه تي پَتِ نٿو ڪريان ۽ نه توهان جي مدد ۾ اميد رکان ٿو. ۽ نه توهان جي ذريعي دشمن کي ڌمڪي ڏيان ٿو.

توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ توهان جو مرض ڪهڙو آهي؟ توهان جو علاج ڇا آهي؟. اُهي (شام وارا) به توهان جهڙا مرد آهن. ڇا ڳالهه بغير عمل جي، ۽ پُل بغير پوءِ جي، ۽ اميد ناحق ۾ ٿيندي آهي؟

## ٣٠_ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ عثمان ۽ ماڻهن جي ڪيل ڪم

**۽ ان جي خون مان پنهنجي ذمي کي بري ڪرڻ بابت حڪم بيان ڪيو آهي.**

اگر آءٌ قتل جو حڪم ڏيان ها ته قاتل ٿيان ها. يا انهيءَ کان روڪيان ها ته مددگار ٿيان ها. پر يقيناً جنهن ان جي مدد ڪئي اُهو نٿو چئي سگهي ته جنهن انکي بي سهارو ڇڏيو آءٌ تنهن کان پلو آهيان. ۽ جنهن انکي بي سهارو ڇڏيو اُهو نٿو چئي سگهي ته جنهن ان جي مدد ڪئي اهو مونکان پلو آهي.

آءٌ توهان لاءِ ان جي معاملي کي بيان ڪريان ٿو ته هن حڪومت ڪئي پر خراب حڪومت ڪئي. ۽ توهان واويلا ڪئي پر بري طرح واويلا ڪئي. ۽ الله جو حڪم حاڪم ۽ واويلا ڪندڙ بابت نافذ آهي.

# ٣١ ـ و من كلام له عليه السلام

*لما أنفذ عبد الله بن عباس إلى الزبير يستفيئه إلى طاعته قبل حرب الجمل*

لَا تَلْقَيَنَّ طَلْحَةَ فَإِنَّكَ إِنْ تَلْقَهُ تَجِدْهُ كَالثَّوْرِ عَاقِصاً قَرْنَهُ يَرْكَبُ الصَّعْبَ وَ يَقُولُ هُوَ الذَّلُولُ وَ لَكِنِ الْقَ الزُّبَيْرَ فَإِنَّهُ أَلْيَنُ عَرِيكَةً فَقُلْ لَهُ يَقُولُ لَكَ ابْنُ خَالِكَ عَرَفْتَنِي بِالْحِجَازِ وَ أَنْكَرْتَنِي بِالْعِرَاقِ فَمَا عَدَا مِمَّا بَدَا.

قال السيد الشريف: و هو (عليه السلام) أول من سُمعت منه هذه الكلمة، أعني "فما عدا مما بدا".

# ٣٢ ـ و من خطبة له عليه السلام

*و فيها يصف زمانه بالجور، و يقسم الناس فيه خمسة أصناف، ثم يزهد في الدنيا*

## معنى جور الزمان

أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّا قَدْ أَصْبَحْنَا فِي دَهْرٍ عَنُودٍ وَ زَمَنٍ كَنُودٍ يُعَدُّ فِيهِ الْمُحْسِنُ مُسِيئاً وَ يَزْدَادُ الظَّالِمُ فِيهِ عُتُوّاً. لَا نَنْتَفِعُ بِمَا عَلِمْنَا وَ لَا نَسْأَلُ عَمَّا جَهِلْنَا وَ لَا نَتَخَوَّفُ قَارِعَةً حَتَّى تَحُلَّ بِنَا.



## أصناف المسيئين

وَالنَّاسُ عَلَى أَرْبَعَةِ أَصْنَافٍ مِنْهُمْ مَنْ لَا يَمْنَعُهُ الْفَسَادَ فِي الْأَرْضِ إِلَّا مَهَانَةُ نَفْسِهِ وَ كَلَالَةُ حَدِّهِ وَ نَضِيضُ وَفْرِهِ. وَمِنْهُمُ الْمُصْلِتُ لِسَيْفِهِ وَالْمُعْلِنُ بِشَرِّهِ وَالْمُجْلِبُ بِخَيْلِهِ وَرَجِلِهِ قَدْ أَشْرَطَ نَفْسَهُ وَأَوْبَقَ دِينَهُ لِحُطَامٍ يَنْتَهِزُهُ أَوْ مِقْنَبٍ يَقُودُهُ أَوْ مِنْبَرٍ يَفْرَعُهُ. وَ لَبِئْسَ الْمَتْجَرُ أَنْ تَرَى الدُّنْيَا لِنَفْسِكَ ثَمَناً وَ مِمَّا لَكَ عِنْدَاللَّهِ عِوَضاً.

## ٣١_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جڏهن امام عليه السلام جنگِ جمل ڪان پهريائين عبدالله بن عباس کي، زبير ڏانهن موڪليو ته جيئن ڪيس پنهنجي اطاعت جو چويس:**

تون طلحہ سان هرگز ملاقات نہ ڪجائن بيشڪ اگر تون ان سان ملندين تہ تون انکي اهڙي ڏاند وانگر ڏسندين جنهن جا سنگ وريل هجن. هو ڏکئي ڪم ۾ هٺ وجهندو آهي ۽ چوندو آهي آسان آهي.

پر تون زبير سان ملاقات ڪجائن، بيشڪ هو نرم طبيعت جو مالڪ آهي ۽ انکي چئجائن تہ ماروٺ چوئي ٿو تہ تون حجاز ۾ تہ مونکي سڃاڻيندو هئين پر عراق ۾ مونکي ڇو نٿو سڃاڻين. آخر ان تبديليءَ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟

سيد رضي رحمه الله فرمايو: هي جملو"فما عدا مما بدا" سڀ ڪان پهريائين امام عليه السلام ڪان ٻڌو ويو آهي.

## ٣٢_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ پاڻ عليه السلام پنهنجي زماني جي ظلم سان اهڃاڻ ڪئي آهي ۽ ان ۾ ماڻهن کي پنجن قسمن ۾ تقسيم ڪيو آهي، ۽ دنيا ۾ زهد اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو آهي.

### ظالم زماني جي حقيقت

اي انسانؤ! اسان اهڙي ظالم زماني ۽ ناشڪر دؤر ۾ اچي ويا آهيون جنهن ۾ نيڪوڪار کي بدڪار سمجهو وڃي ٿو. ۽ جنهن ۾ ظالم پنهنجي ڏاڍ ۾ وڌندو رهي ٿو. جن شين کي ڄاڻون ٿا انهن مان فائدو نٿا وٺون ۽ جن شين ڪان جاهل آهيون انهن بابت پُڇون نٿا. ۽ ڪنهن مصيبت ڪان ڊڄون نٿا جيستائين اسان وٽ اچي نہ ٿي.



### بُرن ماڻهن جا قِسم

ماڻهو چئن قسمن جا آهن: جن مان ڪجهہ اهڙا آهن جن کي زمين تي فساد ڪرڻ ڪان ڪا شيءِ نٿي روڪي سواءِ نفس جي هيڻائپ، تلوار جي مڏائپ ۽ مال جي گهٽتائپ جي. ۽ ڪجهہ پنهنجي تلوارن کي اُبو رکندڙ ۽ پنهنجي شر جو اعلان ڪندڙ ۽ پنهنجي سوارن ۽ پيادن کي ڪَٺو ڪندڙ آهن.

هُنن خَسِيس مال کي حاصل ڪرڻ يا ٽوليءَ جي اڳواڻي ڪرڻ يا منبر تي چڙهڻ لاءِ پاڻ کي آماده رکيو آهي ۽ پنهنجي دين کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. ۽ ڪهڙو نہ بُڇڙو واپار آهي جو تون دنيا کي پنهنجي نفس جو مُلهہ ۽ الله وٽ موجود نعمتن جو عوض سَمجهِين.

وَ مِنْهُمْ مَنْ يَطْلُبُ الدُّنْيَا بِعَمَلِ الْآخِرَةِ وَ لَا يَطْلُبُ الْآخِرَةَ بِعَمَلِ الدُّنْيَا قَدْ طَامَنَ مِنْ شَخْصِهِ وَ قَارَبَ مِنْ خَطْوِهِ وَ شَمَّرَ مِنْ ثَوْبِهِ وَ زَخْرَفَ مِنْ نَفْسِهِ لِلْأَمَانَةِ وَاتَّخَذَ سِتْرَ اللَّهِ ذَرِيعَةً إِلَى الْمَعْصِيَةِ. وَ مِنْهُمْ مَنْ أَبْعَدَهُ عَنْ طَلَبِ الْمُلْكِ ضُئُولَةُ نَفْسِهِ وَانْقِطَاعُ سَبَبِهِ فَقَصَرَتْهُ الْحَالُ عَلَى حَالِهِ فَتَحَلَّى بِاسْمِ الْقَنَاعَةِ وَتَزَيَّنَ بِلِبَاسِ أَهْلِ الزَّهَادَةِ وَ لَيْسَ مِنْ ذَلِكَ فِي مَرَاحٍ وَلَا مَغْدًى.

## الراغبون في الله

وَ بَقِيَ رِجَالٌ غَضَّ أَبْصَارَهُمْ ذِكْرُ الْمَرْجِعِ وَأَرَاقَ دُمُوعَهُمْ خَوْفُ الْمَحْشَرِ فَهُمْ بَيْنَ شَرِيدٍ نَادٍّ وَخَائِفٍ مَقْمُوعٍ وَسَاكِتٍ مَكْعُومٍ وَدَاعٍ مُخْلِصٍ وَثَكْلَانَ مُوجَعٍ قَدْ أَخْمَلَتْهُمُ التَّقِيَّةُ وَشَمِلَتْهُمُ الذِّلَّةُ فَهُمْ فِي بَحْرٍ أُجَاجٍ أَفْوَاهُهُمْ ضَامِزَةٌ وَقُلُوبُهُمْ قَرِحَةٌ قَدْ وَعَظُوا حَتَّى مَلُّوا وَقُهِرُوا حَتَّى ذَلُّوا وَقُتِلُوا حَتَّى قَلُّوا.

## التزهيد في الدنيا

فَلْتَكُنِ الدُّنْيَا فِي أَعْيُنِكُمْ أَصْغَرَ مِنْ حُثَالَةِ الْقَرَظِ وَقُرَاضَةِ الْجَلَمِ وَاتَّعِظُوا بِمَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ قَبْلَ أَنْ يَتَّعِظَ بِكُمْ مَنْ بَعْدَكُمْ وَارْفُضُوهَا ذَمِيمَةً فَإِنَّهَا قَدْ رَفَضَتْ مَنْ كَانَ أَشْغَفَ بِهَا مِنْكُمْ.

قال الشريف رضي الله عنه اَقُوْلُ: هٰذِهِ الْخُطْبَةُ رُبَّمَا نَسَبَهَا مَنْ لَّا عِلْمَ لَه اِلٰى مُعَاوِيَةَ، وَ هِىَ مِنْ كَلَامِ اَمِيْرِالْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِىْ لَا يُشَكُّ فِيْهِ وَ اَيْنَ الذَّهَبُ مِنَ الرَّغَامِ؟ وَ الْعَذْبُ مِنَ الْاُجَاجِ؟ وَ قَدْ دَلَّ عَلٰى ذٰلِكَ الدَّلِيْلُ الْخِرِّيْتُ، و نَقَدَهُ النَّاقِدُ الْبَصِيْرُ عَمْرُو بْنُ بَحْرٍ الْجَاحِظُ، فَاِنَّه ذَكَرَ هٰذِهِ الْخُطْبَةَ فِىْ كِتَابِ «الْبَيَانِ وَ التَّبْيِيْنِ»، وَ ذَكَرَ مَنْ نَّسَبَهَا اِلٰى مُعَاوِيَةَ، ثُمَّ قَالَ: هِىَ بِكَلَامِ عَلِيٍّ اَشْبَهُ، وَ بِمَذْهَبِه فِىْ تَصْنِيْفِ النَّاسِ وَ بِالْاِخْبَارِ عَمَّا هُمْ عَلَيْهِ مِنَ الْقَهْرِ وَ الْاِذْلَالِ وَ مِنَ التَّقِيَّةِ وَ الْخَوْفِ اَلْيَقُ، قَالَ: وَ مَتٰى وَجَدْنَا مُعَاوِيَةَ فِىْ حَالٍ مِّنَ الْاَحْوَالِ يَسْلُكُ فِىْ كَلَامِه مَسْلَكَ الزُّهَّادِ وَ مَذَاهِبَ الْعُبَّادِ.

۽ ڪجھ اھڙا آھن جيڪي آخرت جي عمل سان دنيا ڪي طلب ڪن ٿا ۽ دنيا جي عمل سان آخرت ڪي طلب نٿا ڪن. ۽ پنھنجي پاڻ ڪي پرسڪون رکن ٿا، ۽ وِڪُون آھستہ آھستہ کڻن ٿا، ۽ پنھنجي دامن ڪي سنيالين ٿا، ۽ پنھنجي نفس ڪي امانت لاءِ سنوارين ٿا ۽ الله جي سَتُرُ ڪي گناھن جو ذريعو بڻائين ٿا. ۽ ڪجھ اھڙا آھن جن ڪي پنھنجي هينٽائپ، ۽ وسيلن جي اڻ هوند حڪومت طلبي کان ڏِڪَي ڇڏيو آھي. جڏھن حالات انھن ڪي سندن حال تي محدود ڪري ڇڏيو تہ انھن قناعت جي نالي سان پاڻ ڪي سنواريو ۽ زاھدن جي لباس سان پاڻ ڪي سينگاريو، جڏھن تہ ھنن جو انھن سان صبح شام ڪو واسطو نہ ھيو.

### الله ڏانھن رغبت رکندڙ

۽ باقي اھي ماڻھو بچيا، آخرت جي ياد جن جي اکين ڪي جھڪائي ڇڏيو آھي، ۽ محشر جي خوف جن جي لڙڪن ڪي وھائي ڇڏيو آھي. انھن مان ڪجھ، ماڻھن کان ھڪ پاسي اڪيلا ٿيل آھن ۽ ڪجھ ڊڃيل ھيسايل آھن، ۽ ڪجھ خاموش وات بڌل آھن ۽ ڪجھ اخلاص سان دعا گھرندڙ آھن، ۽ ڪجھ غمگين ڏکايل آھن. ۽ تقيي انھن ڪي گمنام ڪري ڇڏيو آھي ۽ لاچاريءَ انھن ڪي وڪوڙي ڇڏيو آھي، بس اھي کاري سمنڊ ۾ آھن، انھن جا منھن بند ۽ دليون زخمي آھن، انھن ايتري تہ نصيحت ڪئي جو ٿڪجي پيا. ۽ انھن تي ايترو تہ ظلم ڪيو ويو جو بي وس ٿي پيا ۽ ايترا تہ ماريا ويا جو ٿورا وڃي بچيا.

### دنيا ۾ زھد اختيار ڪرڻ

پوءِ دنيا توھان جي نظرن ۾ ولائتي ٻبر (ديوي) جي ڇٽيل پنن ۽ ڪاتر مان ڪريل وارن کان وڌيڪ پست ھجڻ گھرجي. ۽ اڳين کان عبرت حاصل ڪريو ان کان پھريائين جو توھان جا پويان توھان کان عبرت حاصل ڪن. دنيا ڪي ڇڏي ڏيو جيڪا پست آھي ڇو جو بيشڪ ھِن دنيا انھن ماڻھن ڪي بہ ڇڏي ڏنو جيڪي توھان کان وڌيڪ ھِن ڪي چاھيندڙ ھئا.

سيد رضي ؒ فرمايو: ڪجھ جاھلن ھن خطبي ڪي معاويہ ڏانھن منسوب ڪيو آھي، جڏھن تہ بلاشڪ ھي اميرالمؤمنين ؑ جو ڪلام آھي، ڀلا ڪٿي مٽي ڪٿي سون؟ ۽ ڪٿي مِٺو ۽ ڪٿي کارو پاڻي؟ فن جو ماھر ۽ بابصيرت نَقاد عمرو بن بحر جاحظ ان تي دليل پيش ڪيو آھي، ۽ ھن پنھنجي ڪتاب "البيان والتبيين" ۾ ھن خطبي ڪي ذڪر ڪيو آھي، ۽ جن ماڻھن ان جي نسبت معاويہ ڏانھن ڏني آھي انھن جو بہ ذڪر ڪيو آھي، انڪانپوءِ چيائين ھي خطبو علي ؑ جي ڪلام سان وڌيڪ شباھت رکي ٿو، ۽ ھن ۾ جن ماڻھن جي تقسيم ۽ سندن ذلت ۽ پستي ۽ خوف ۽ ڊڄ جي حالت بيان ڪئي آھي اھا سندس مسلڪ سان مناسبت رکي ٿي، اسان تہ معاويہ ڪي ڪنھن بہ حالت ۾ زاھدن جي انداز ۽ عبادتگذارن جي طريقي مطابق ڳالھائيندي ناھي ڏٺو.

# ٣٣ ـ و من خطبة له عليه السلام

*عند خروجه لقتال أهل البصرة، و فيها حكمة مبعث الرسل،*

*ثم يذكر فضله و يذم الخارجين*

قَالَ عَبْدُاللَّهِ بْنُ عَبَّاسٍ دَخَلْتُ عَلَى أَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ عليه السلام بِذِي قَارٍ وَهُوَ يَخْصِفُ نَعْلَهُ فَقَالَ لِي مَا قِيمَةُ هَذَا النَّعْلِ فَقُلْتُ لَا قِيمَةَ لَهَا فَقَالَ عليه السلام وَاللَّهِ لَهِيَ أَحَبُّ إِلَيَّ مِنْ إِمْرَتِكُمْ إِلَّا أَنْ أُقِيمَ حَقّاً أَوْ أَدْفَعَ بَاطِلًا ثُمَّ خَرَجَ فَخَطَبَ النَّاسَ فَقَالَ:

## حكمة بعثة النبي

إِنَّ اللَّهَ بَعَثَ مُحَمَّداً صلى الله عليه وآله وَلَيْسَ أَحَدٌ مِنَ الْعَرَبِ يَقْرَأُ كِتَاباً وَلَا يَدَّعِي نُبُوَّةً فَسَاقَ النَّاسَ حَتَّى بَوَّأَهُمْ مَحَلَّتَهُمْ وَبَلَّغَهُمْ مَنْجَاتَهُمْ فَاسْتَقَامَتْ قَنَاتُهُمْ وَاطْمَأَنَّتْ صَفَاتُهُمْ.

## فضل علي

أَمَا وَ اللَّهِ إِنْ كُنْتُ لَفِي سَاقَتِهَا حَتَّى تَوَلَّتْ بِحَذَافِيرِهَا مَا عَجَزْتُ وَ لَا جَبُنْتُ وَ إِنَّ مَسِيرِي هَذَا لِمِثْلِهَا فَلَأَنْقُبَنَّ الْبَاطِلَ حَتَّى يَخْرُجَ الْحَقُّ مِنْ جَنْبِهِ.



## توبيخ الخارجين عليه

مَا لِي وَ لِقُرَيْشٍ وَاللَّهِ لَقَدْ قَاتَلْتُهُمْ كَافِرِينَ وَ لَأُقَاتِلَنَّهُمْ مَفْتُونِينَ وَ إِنِّي لَصَاحِبُهُمْ بِالْأَمْسِ كَمَا أَنَا صَاحِبُهُمُ الْيَوْمَ وَ اللَّهِ مَا تَنْقِمُ مِنَّا قُرَيْشٌ إِلَّا أَنَّ اللَّهَ اخْتَارَنَا عَلَيْهِمْ فَأَدْخَلْنَاهُمْ فِي حَيِّزِنَا فَكَانُوا كَمَا قَالَ الْأَوَّلُ:

أَدَمْتَ لَعَمْرِي شُرْبَكَ الْمَحْضَ صَابِحاً　　　وَ أَكْلَكَ بِالزُّبْدِ الْمُقَشَّرَةَ الْبُجْرَا

وَ نَحْنُ وَهَبْنَاكَ الْعَلَاءَ وَ لَمْ تَكُنْ　　　عَلِيّاً وَ حُطْنَا حَوْلَكَ الْجُرْدَ وَ السُّمْرَا

## ٣٣_ امام عليه السلام جو خطبو بصري وارن سان جنگ لاءِ نڪرڻ وقت

### ۽ هن ۾ رسولن (عليهم السلام) کي موڪلڻ جي حڪمت بيان ٿيل آهي، پوءِ پنهنجي فضيلت ۽ خارجين جي مذمت کي بيان ڪيو آهي

عبدالله بن عباس چيو: آءٌ ذي قار جي مقام تي اميرالمؤمنين عليه السلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ پاڻ عليه السلام پنهنجي جتيءَ کي ڳنڍي رهيا هئا، پوءِ مونکي فرمايائون: ته هن جتيءَ جي قيمت ڇا آهي؟ مون چيو ته ڪجهه به ناهي، پوءِ پاڻ عليه السلام فرمايائون: الله جو قسم هي مونکي توهان تي حڪومت ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي، سواءِ ان جي جو آءٌ حق کي قائم ڪريان يا باطل کي ختم ڪريان. پوءِ پاڻ عليه السلام ٻاهر تشريف کڻي آيا ۽ ماڻهن کي خطاب ڪندي فرمايائون:

### نبي صلى الله عليه وآله وسلم کي موڪلڻ جي حڪمت

بيشڪ الله تعالىٰ محمد صلى الله عليه وآله وسلم کي ان وقت موڪليو جڏهن عربن ۾ ڪو آسماني ڪتاب پڙهڻ وارو ۽ نبوت جي دعوىٰ ڪرڻ وارو نه هيو. پوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم ماڻهن کي مٿي آندو تان جو انهن کي منزل تائين پهچايو ۽ انهن کي نجات جي مقام تائين رسايو. پوءِ انهن جا ور وڪڙ سڌا ٿي ويا ۽ حالات پختا ٿي ويا.

### علي عليه السلام جي فضيلت

ياد رکو الله جو قسم آءٌ به انقلاب جي اڳواٽن ۾ هيس تان جو اهو انقلاب اطرافن ۾ قائم ٿي ويو، آءٌ ڪمزور نه هيس ۽ نه وري بزدل، ۽ بيشڪ منهنجي هيءَ روش هوبهو انهيءَ جهڙي آهي. بس آءٌ ضرور به ضرور باطل کي چيريندس تان جو حق ان جي ڪُک مان نڪري اچي.



### خارجين جي مذمت

منهنجو قريش سان ڇا وڃي. الله جو قسم مون انهن کي سندن ڪفر جي حالت ۾ قتل ڪيو، ۽ آءٌ پڪ سان انهن کي سندن فتني جي حالت ۾ به قتل ڪندس. ۽ آءٌ ڪالهه انهن جو مدمقابل هيس جيئن اڄ انهن جي مدمقابل آهيان. الله جو قسم قريش اسان سان دشمني نٿا رکن سواءِ ان جي جو الله تعالىٰ اسان کي انهن تي چونڊيو آهي، پوءِ اسان انهن کي پنهنجي ويجهو ڪرڻ چاهيو ته هو ائين ٿي ويا جيئن شاعر چيو آهي:

مونکي زندگيءَ جو قسم آهي تنهنجو صبح جو هميشه خالص کير
پيئڻ ۽ دڙي تي تنهنجو سچو گيهه کائڻ ۽ اسان تو کي بلنديءَ
بخشي جڏهن ته تون بلند نه هئين ۽ اسان ڪارڻ ئي تنهنجي چوڌاري
ماڪڙ وانگر سانوريون عورتون آهن.

# ٣٤ ـ و من خطبة له عليه السلام

*في استنفار الناس إلى أهل الشام بعد فراغه من أمر الخوارج، و فيها يتأفف بالناس، و ينصح لهم بطريق السداد*

أُفٍّ لَكُمْ لَقَدْ سَئِمْتُ عِتَابَكُمْ أَرَضِيتُمْ بِالْحَيَاةِ الدُّنْيَا مِنَ الْآخِرَةِ عِوَضاً وَ بِالذُّلِّ مِنَ الْعِزِّ خَلَفاً إِذَا دَعَوْتُكُمْ إِلَى جِهَادِ عَدُوِّكُمْ دَارَتْ أَعْيُنُكُمْ كَأَنَّكُمْ مِنَ الْمَوْتِ فِي غَمْرَةٍ وَ مِنَ الذُّهُولِ فِي سَكْرَةٍ يُرْتَجُ عَلَيْكُمْ حَوَارِي فَتَعْمَهُونَ وَ كَأَنَّ قُلُوبَكُمْ مَأْلُوسَةٌ فَأَنْتُمْ لَا تَعْقِلُونَ.

مَا أَنْتُمْ لِي بِثِقَةٍ سَجِيسَ اللَّيَالِي وَ مَا أَنْتُمْ بِرُكْنٍ يُمَالُ بِكُمْ وَ لَا زَوَافِرُ عِزٍّ يُفْتَقَرُ إِلَيْكُمْ مَا أَنْتُمْ إِلَّا كَإِبِلٍ ضَلَّ رُعَاتُهَا فَكُلَّمَا جُمِعَتْ مِنْ جَانِبٍ انْتَشَرَتْ مِنْ آخَرَ لَبِئْسَ لَعَمْرُ اللَّهِ سُعْرُ نَارِ الْحَرْبِ أَنْتُمْ تُكَادُونَ وَ لَا تَكِيدُونَ وَ تُنْتَقَصُ أَطْرَافُكُمْ فَلَا تَمْتَعِضُونَ لَا يُنَامُ عَنْكُمْ وَ أَنْتُمْ فِي غَفْلَةٍ سَاهُونَ غُلِبَ وَاللَّهِ الْمُتَخَاذِلُونَ.

وَايْمُ اللَّهِ إِنِّي لَأَظُنُّ بِكُمْ أَنْ لَوْ حَمِسَ الْوَغَى وَاسْتَحَرَّ الْمَوْتُ قَدِ انْفَرَجْتُمْ عَنِ ابْنِ أَبِي طَالِبٍ انْفِرَاجَ الرَّأْسِ. وَاللَّهِ إِنَّ امْرَأً يُمَكِّنُ عَدُوَّهُ مِنْ نَفْسِهِ يَعْرُقُ لَحْمَهُ وَ يَهْشِمُ عَظْمَهُ وَ يَفْرِي جِلْدَهُ لَعَظِيمٌ عَجْزُهُ ضَعِيفٌ مَا ضُمَّتْ عَلَيْهِ جَوَانِحُ صَدْرِهِ أَنْتَ فَكُنْ ذَاكَ إِنْ شِئْتَ.

فَأَمَّا أَنَا فَوَاللَّهِ دُونَ أَنْ أُعْطِيَ ذَلِكَ ضَرْبٌ بِالْمَشْرَفِيَّةِ تَطِيرُ مِنْهُ فَرَاشُ الْهَامِ وَ تَطِيحُ السَّوَاعِدُ وَالْأَقْدَامُ وَ يَفْعَلُ اللَّهُ بَعْدَ ذَلِكَ مَا يَشَاءُ.

## ٣٤_ امام ؑ جو خطبو جنهن ۾ خارجين جي مسئلي مان فارغ ٿيڻ کانپوءِ

**امامؑ ماڻهن کي شامين سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو آهي، ۽ هن ۾ ماڻهن تي افسوس ڪيو آهي، ۽ کين سڌي رستي جي نصيحت ڪئي آهي.**

توهان تي حيف هجي! آءٌ توهان کي ملامت ڪندي ٿڪجي پيو آهيان، ڇا توهان آخرت جي بدلي دنياوي زندگيءَ تي، ۽ عزت جي عوض ذلت تي راضي ٿي ويا آهيو؟ جڏهن آءٌ توهان کي دشمن سان جهاد جي دعوت ڏيان ٿو ته توهان جون اکيون ڦري وڃن ٿيون، ڄڻ ته توهان موت جي بيهوشيءَ ۾، ۽ غفلت جي نشي ۾ آهيو، منهنجي گفتگو توهان تي بند ڪئي وئي آهي، پوءِ توهان پريشان ٿي ويا آهيو، پوءِ ڄڻ ته توهان جي دلين تي پردا چڙهي ويا آهن ۽ توهان ڪجهه نٿا سمجهو.

توهان ڪڏهن به منهنجي لاءِ پروسي جهڙا نه آهيو، ۽ نه وري توهان اهڙا سُتون آهيو جو توهان تي اعتماد ڪيو وڃي، ۽ نه وري توهان عزت واري قوم آهيو جو توهان جي ضرورت محسوس ڪئي وڃي، توهان ته بس انهن اُنن وانگر آهيو جن جا جت گم ٿي ويا هجن، جو جڏهن به هڪ پاسي کان گڏ ڪجينَ ته ٻئي پاسي کان ٽِڙي پکڙي وڃن. الله جو قسم جنگ جي بدترين باهه کي ڀڙڪائڻ وارا توهان ئي آهيو، توهان جي خلاف رِٿ رِٿي وڃي ٿي ۽ توهان انهن جي خلاف ڪا رِٿ نٿا رِٿيو. توهان جون حدون اورانگيون وڃن ٿيون ۽ توهان ڪاوڙ به نٿا ڪريو، هو توهان کان غافل ناهن، جڏهن ته توهان غفلت ۾ پيا آهيو، الله جو قسم سُستيءَ وارا هميشه مغلوب ئي رهندا آهن.



الله جو قسم آءٌ توهان بابت اهو سمجهان ٿو ته اگر جنگ سخت ٿي ۽ موت جي بازار گرم ٿي ته توهان ابوطالب (ؑ) جي پٽ کان ائين جدا ٿي ويندؤ جيئن سر ڌڙ کان جدا ٿي ويندو آهي. الله جو قسم يقيناً جيڪو شخص پاڻ کي دشمن جي حوالي ڪري جيڪو سندس گوشت کي روڙي ۽ هڏن کي ٽوڙي ۽ کل کي ٽڪرا ڪري ته اها سندس وڏي هيڻائپ آهي.

۽ ان جي اها دل ڪمزور آهي جيڪا سيني جي پاسرين ۾ سمايل آهي. جيڪڏهن توهان اهڙا ٿيڻ چاهيو ٿا ته ڀلي ٿيو. البته آءٌ الله جو قسم ائين نه ٿيندس جيستائين مشرقي تلوارن سان وار نه ڪريان جن سان کوپڙين جا ذرا ذرا اُڏرن، ٻانهون ۽ پير ڪٽجي ڪِرڻ لڳن، ان کان پوءِ جيڪو الله چاهيندو اهو ڪندو.

## طريق السداد

أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّ لِي عَلَيْكُمْ حَقّاً وَلَكُمْ عَلَيَّ حَقٌّ فَأَمَّا حَقُّكُمْ عَلَيَّ فَالنَّصِيحَةُ لَكُمْ وَتَوْفِيرُ فَيْئِكُمْ عَلَيْكُمْ وَتَعْلِيمُكُمْ كَيْلَا تَجْهَلُوا وَتَأْدِيبُكُمْ كَيْمَا تَعْلَمُوا وَأَمَّا حَقِّي عَلَيْكُمْ فَالْوَفَاءُ بِالْبَيْعَةِ وَالنَّصِيحَةُ فِي الْمَشْهَدِ وَالْمَغِيبِ وَالْإِجَابَةُ حِينَ أَدْعُوكُمْ وَالطَّاعَةُ حِينَ آمُرُكُمْ.

# ٣٥ ـ و من خطبة له عليه السلام

*بعد التحكيم و ما بلغه من أمر الحكمين و فيها حمد الله على بلائه، ثم بيان سبب البلوى*

## الحمد على البلاء

الْحَمْدُ لِلَّهِ وَ إِنْ أَتَى الدَّهْرُ بِالْخَطْبِ الْفَادِحِ وَالْحَدَثِ الْجَلِيلِ وَ أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ لَا شَرِيكَ لَهُ لَيْسَ مَعَهُ إِلَهٌ غَيْرُهُ وَ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ صلى الله عليه وآله.



## سبب البلوى

أَمَّا بَعْدُ، فَإِنَّ مَعْصِيَةَ النَّاصِحِ الشَّفِيقِ الْعَالِمِ الْمُجَرِّبِ تُورِثُ الْحَسْرَةَ وَتُعْقِبُ النَّدَامَةَ وَقَدْ كُنْتُ أَمَرْتُكُمْ فِي هَذِهِ الْحُكُومَةِ أَمْرِي وَنَخَلْتُ لَكُمْ مَخْزُونَ رَأْيِي. لَوْ كَانَ يُطَاعُ لِقَصِيرٍ أَمْرٌ فَأَبَيْتُمْ عَلَيَّ إِبَاءَ الْمُخَالِفِينَ الْجُفَاةِ وَالْمُنَابِذِينَ الْعُصَاةِ حَتَّى ارْتَابَ النَّاصِحُ بِنُصْحِهِ وَضَنَّ الزَّنْدُ بِقَدْحِهِ فَكُنْتُ أَنَا وَإِيَّاكُمْ كَمَا قَالَ أَخُو هَوَازِنَ:

أَمَرْتُكُمْ أَمْرِي بِمُنْعَرَجِ اللِّوَى
فَلَمْ تَسْتَبِينُوا النُّصْحَ إِلَّا ضُحَى الْغَدِ

سڏو رستو

اي انسانؤ! بيشڪ منهنجو توهان تي حق آهي ۽ توهان جو بہ مون تي حق آهي، بس توهان جو مون تي حق، توهان کي نصيحت ڪرڻ ۽ بيت المال کي توهان تي خرچ ڪرڻ ۽ توهان کي تعليم ڏيڻ آهي، تہ جيئن توهان جاهل نہ رهو ۽ توهان کي ادب سيکارڻ آهي تہ جيئن توهان عمل ڪريو، ۽ منهنجو حق توهان تي بيعت جي وفا ڪرڻ، سامهون ۽ پرپٺ مون سان خيرخواهي ڪرڻ ۽ جڏهن توهان کي سڏيان تہ جيءُ ڪرڻ ۽ جڏهن توهان کي حڪم ڪريان تہ اطاعت ڪرڻ آهي.

## ٣۵_ امام عليه السلام جو خطبو واقعي تحڪيم ۽ حَڪَمين جي ڳالهہ پهچڻ کان پوءِ ۽ هن ۾ الله طرفان سندس آزمائش تي ساراهہ ڪرڻ آهي، ۽ پوءِ آزمائش جو سبب بيان ڪيو آهي.

آزمائش تي ساراهہ

سڀ ساراهون الله جي لاءِ آهن جيتوڻيڪ زمانو وڏيءَ مصيبت ۽ وڏي حادثي کي چو نہ آڻي، ۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ ڪو بہ معبود ناهي سواءِ الله جي ۽ ان جو ڪو بہ شريڪ ناهي ۽ ان سان گڏ ٻيو ڪو معبود ناهي ۽ بيشڪ محمد صلى الله عليه وآله وسلم ان جو عبد ۽ رسول آهي، الله ان تي ۽ سندس آل تي رحمت نازل فرمائي.



آزمائش جو سبب

اما بعد: بيشڪ مهربان نصيحت ڪندڙ ۽ تجربي ڪار عالم جي نافرماني پشيمانيءَ جو سبب ٿيندي آهي ۽ ندامت کي آڻيندي آهي. ۽ آءٌ اوهان کي هن تحڪيم (فيصلي لاءِ ماڻهو مقرر ڪرڻ) بابت پنهنجو فرمان ٻڌائي ڇڏيو هو. ۽ مون پنهنجي قيمتي راءِ کي توهان لاءِ واضح ڪيو هو.

ڪاش جو قصير (نالو) جي ڳالهہ کي مڃيو وڃي ها، پر توهان تہ جفاڪار مخالفن ۽ نافرمان عهد ٽوڙيندڙن جي انڪار وانگر منهنجو انڪار ڪري ڇڏيو. ايتري قدر جو خيرخواهہ پنهنجي خيرخواهيءَ ڪرڻ ۾ ويچار ۾ پئجي ويو، ۽ چقمق چڻنگون ڏيڻ ڇڏي ويو. پوءِ آءٌ ۽ توهان ائين ٿي وياسين جيئن هوازن جي شاعر چيو آهي:

مون دڙي واري موڙ تي توهان کي پنهنجي راءِ ٻڌائي ڇڏي هئي پر منهنجون خيرخواهيون توهان تي روشن نہ ٿيون سواءِ ٻئي ڏينهن جي پهرين پهر ۾.

# ٣٦ ـ ومن خطبة له عليه السلام

*في تخويف أهل النهروان*

فَأَنَا نَذِيرٌ لَكُمْ أَنْ تُصْبِحُوا صَرْعَى بِأَثْنَاءِ هَذَا النَّهَرِ وَبِأَهْضَامِ هَذَا الْغَائِطِ عَلَى غَيْرِ بَيِّنَةٍ مِنْ رَبِّكُمْ وَلَا سُلْطَانٍ مُبِينٍ مَعَكُمْ. قَدْ طَوَّحَتْ بِكُمُ الدَّارُ وَاحْتَبَلَكُمُ الْمِقْدَارُ وَقَدْ كُنْتُ نَهَيْتُكُمْ عَنْ هَذِهِ الْحُكُومَةِ فَأَبَيْتُمْ عَلَيَّ إِبَاءَ الْمُنَابِذِينَ حَتَّى صَرَفْتُ رَأْيِي إِلَى هَوَاكُمْ وَأَنْتُمْ مَعَاشِرُ أَخِفَّاءُ الْهَامِ سُفَهَاءُ الْأَحْلَامِ وَلَمْ آتِ لَا أَبَا لَكُمْ بُجْراً وَلَا أَرَدْتُ لَكُمْ ضُرّاً.

# ٣٧ ـ ومن كلام له عليه السلام

*يجري مجرى الخطبة*

*وفيه يذكر فضائله - عليه السلام - قاله بعد وقعة النهروان*

فَقُمْتُ بِالْأَمْرِ حِينَ فَشِلُوا وَتَطَلَّعْتُ حِينَ تَقَبَّعُوا وَنَطَقْتُ حِينَ تَعْتَعُوا، وَمَضَيْتُ بِنُورِ اللَّهِ حِينَ وَقَفُوا، وَكُنْتُ أَخْفَضَهُمْ صَوْتاً، وَأَعْلَاهُمْ فَوْتاً، فَطِرْتُ بِعِنَانِهَا، وَاسْتَبْدَدْتُ بِرِهَانِهَا، كَالْجَبَلِ لَا تُحَرِّكُهُ الْقَوَاصِفُ، وَلَا تُزِيلُهُ الْعَوَاصِفُ، لَمْ يَكُنْ لِأَحَدٍ فِيَّ مَهْمَزٌ، وَلَا لِقَائِلٍ فِيَّ مَغْمَزٌ.

الذَّلِيلُ عِنْدِي عَزِيزٌ حَتَّى آخُذَ الْحَقَّ لَهُ، وَالْقَوِيُّ عِنْدِي ضَعِيفٌ حَتَّى آخُذَ الْحَقَّ مِنْهُ، رَضِينَا عَنِ اللَّهِ قَضَاءَهُ، وَسَلَّمْنَا لِلَّهِ أَمْرَهُ، أَ تَرَانِي أَكْذِبُ عَلَى رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله، وَاللَّهِ لَأَنَا أَوَّلُ مَنْ صَدَّقَهُ، فَلَا أَكُونُ أَوَّلَ مَنْ كَذَبَ عَلَيْهِ، فَنَظَرْتُ فِي أَمْرِي فَإِذَا طَاعَتِي قَدْ سَبَقَتْ بَيْعَتِي، وَإِذَا الْمِيثَاقُ فِي عُنُقِي لِغَيْرِي.

## ٣٦_ امام عليه السلام جو خطبو نهروان وارن کي ڊيڄارڻ لاءِ ڏنو هيو

آءٌ توهان کي خبردار ٿو ڪريان تہ توهان هن شاخ جي وچ ۾ ۽ ڪڏ جي تري ۾ پيل هوندئو، اهڙيءَ ريت جو توهان وٽ پنهنجي رب طرفان نہ ڪو دليل هوندو ۽ نہ ڪو چٽو ثبوت هوندو. بيشڪ توهان کي پنهنجن ئي گمراهہ ڪيو آهي، پوءِ قضاءِ الٰهي توهان کي ڄار ۾ ڦاسايو آهي، مون توهان کي هن تحڪيم کان روڪيو هيو پر توهان مخالف عهد شڪنن جي انڪار وانگر منهنجو انڪار ڪيو، ايستائين جو مون پنهنجي راءِ توهان جي راءِ ڏانهن ڦيرائي، توهان خالي کوپڙي وارا ۽ بيوقوف ماڻهو آهيو، مون نہ ڪا مصيبت آندي آهي شل نڌڻڪا ٿيو ۽ نہ وري توهان بابت نقصان جو ارادو ڪيو آهي.

## ٣٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، امام عليه السلام جو هي ڪلام اڳين خطبي جيان آهي

**۽ هن ۾ امام عليه السلام پنهنجا فضائل بيان ڪيا آهن، جنهن کي واقعي نهروان کان پوءِ فرمايو آهي.**

بس آءٌ ان وقت اسلام لاءِ اٿيس جڏهن هو همت هاري وينا، ۽ ان وقت ظاهر ٿيس جڏهن هو لِڪي ويا ۽ ان وقت حق ڳالهايو جڏهن هو هبڪي ويا ۽ ان وقت الله جي نور سان هليس جڏهن هو رڪجي ويا، حالانڪ آءٌ آواز ۾ انهن کان هلڪو هيم پر سبقت ۾ سيني کان اڳرو هيم ۽ انهيءَ جي واڳ سان اڳتي وڌيم ۽ انهيءَ جي انعام سان منفرد ٿيم، پوءِ آءٌ ان جبل وانگر ٿي بيٺس جنهن کي آنڌيون لوڏي نہ سگهن ۽ واچوڙا پٽي نہ سگهن ۽ نہ وري ڪنهن جي لاءِ مون منجهان عيب ڪڍڻ ۽ نہ وري ڪنهن لاءِ مونکي طعنو هڻڻ ممڪن هيو.

ڪمزور مون وٽ طاقتور آهي تان جو انکي حق وٺرائي ڏيان ۽ طاقتور مون وٽ ڪمزور آهي تان جو انکان حق وٺان. اسان قضاءِ الٰهي تي راضي آهيون ۽ اسان امرِ الٰهي جا پابند آهيون ڇا توهان منهنجي لاءِ سمجهو ٿا تہ آءٌ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم تي ڪوڙ هڻان ٿو؟ الله جو قسم آءٌ ئي اهو پهريون آهيان جنهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم جي تصديق ڪئي تہ پوءِ آءٌ پاڻ صلى الله عليه وآله وسلم تي ڪوڙ هڻڻ ۾ ڪيئن اڳرائي ڪري سگهان ٿو، پوءِ پنهنجي معاملات ۾ ويچاريم تہ منهنجي لاءِ رسول صلى الله عليه وآله وسلم جي اطاعت پنهنجي بيعت وٺڻ کان مقدم هئي، ڇا ڪاڻ تہ رسول صلى الله عليه وآله وسلم جو ميثاق ٻين بابت منهنجي ڳچيءَ ۾ هيو.

## ٣٨ ـ و من كلام له عليه السلام

*و فيها علة تسمية الشبهة شبهة ثم بيان حال الناس فيها*

و إِنَّمَا سُمِّيَتِ الشُّبْهَةُ شُبْهَةً لاِنَّهَا تُشْبِهُ الْحَقَّ، فَأَمَّا أَوْلِيَاءُ اللهِ فَضِيَاؤُهُمْ فِيهَا الْيَقِينُ، وَدَلِيلُهُمْ سَمْتُ الْهُدَى، وَأَمَّا أَعْدَاءُ اللهِ فَدُعَاؤُهُمْ الضَّلالُ، وَدَلِيلُهُمُ الْعَمَى، فَمَا يَنْجُو مِنَ المَوْتِ مَنْ خَافَهُ، وَلا يُعْطَى الْبَقَاءَ مَنْ أَحَبَّهُ.

## ٣٩ ـ و من خطبة له عليه السلام

*خطبها عند علمه بغزوة النعمان بن بشير صاحب معاوية لعين التمر، و فيها يبدي عذره، و يستنهض الناس لنصرته*

مُنِيتُ بِمَنْ لاَ يُطِيعُ إِذَا أَمَرْتُ وَلا يُجِيبُ إِذَا دَعَوْتُ، لاَ أَبَا لَكُمْ! مَا تَنْتَظِرُونَ بِنَصْرِكُمْ رَبَّكُمْ؟ أَمَا دِينٌ يَجْمَعُكُمْ، وَلاَ حَمِيَّةَ تُحْمِشكُمْ؟!.

أَقُوم فيكُمْ مُسْتَصْرِخاً، وَأُنادِيكُمْ مُتَغَوِّثاً، فَلاَ تَسْمَعُونَ لي قَوْلاً، وَلاَ تُطِيعُون لِي أَمْراً، حَتَّى تَكَشَّفَ الاْمُورُ عَنْ عَوَاقِبِ الْمَساءَةِ، فَمَا يُدْرَكُ بِكُمْ ثَارٌ، وَلاَ يُبْلَغُ بِكُمْ مَرَامٌ، دَعَوْتُكُمْ إِلَى نَصْرِ إِخْوَانِكُمْ فَجَرْجَرْتُمْ جَرْجَرَةَ الجَمَلِ الاْسَرِّ، وَتَثَاقَلْتُمْ تَثَاقُلَ النِّضْوِ الاْدْبَرِ، ثُمَّ خَرَجَ إِلَيَّ مِنْكُمْ جُنَيْدٌ مُتَذَائِبٌ ضَعِيفٌ ﴿كَأَنَّمَا يُسَاقُونَ إِلَى الْمَوْتِ وَهُمْ يَنْظُرُونَ[١]﴾.

قوله (عليه السلام): «مُتَذَائِبٌ» أي: مضطرب، من قولهم: تذاءبت الريح أي: اضطرب هبوبها، ومنه سمّي الذئب، لاضطراب مشيته.

١: الانفال: آية: ٦.

## ٣٨_ امام عليه السلام جو ڪلام. جنهن ۾ شبهي کي شبهي جي نالي ڏيڻ جي وجه بيان ڪئي آهي ۽ پوءِ ماڻهن جي حالت جو بيان آهي:

شبهي کي شبهو انڪري ڪوٺيو وڃي ٿو ڇا ڪاڻ تہ هو حق کي مشتبہ ڪري ٿو. پر اولياءَ الله لاءِ شبهن ۾ يقين سندن روشني آهي، ۽ هدايت جو طرف سندن رهنما آهي. ليڪن الله جي دشمنن لاءِ شبهن ۾ سندن سڏ گمراهي آهي، ۽ سندن رهنما انڌائپ آهي. بس موت کان ڊڄڻ وارو موت کان نہ بچندو ۽ ان جي چاهڻ واري کي بہ بقا نہ ڏني ويندي.

## ٣٩_ امام عليه السلام جو خطبو

**جنهن کي پاڻ عليه السلام ان وقت ارشاد فرمايو جڏهن ڪيس معاويي جي ساٿيءَ نعمان بن بشير جي "عين التمر" کي فتح ڪرڻ جي خبر پئي. ۽ هن ۾ امام عليه السلام پنهنجي عذر کي بيان ڪيو آهي، ۽ ماڻهن کي پنهنجي مدد لاءِ اڀاريو آهي:**

منهنجو اهڙن ماڻهن سان واسطو پئجي ويو آهي جڏهن ڪين حڪم ڏيان ٿو تہ اطاعت نٿا ڪن، ۽ جڏهن سڏيان ٿو تہ جواب نٿا ڏين، شل نڌڻڪا ٿيو. پنهنجي پالڻهار جي مدد ڪرڻ ۾ اوهان کي ڇا جو انتظار آهي؟ ڇا اهڙو دين ڪونهي جيڪو توهان کي گڏ ڪري، ۽ نہ وري ڪا غيرت آهي جيڪا توهان کي جوش ڏياري!؟.

آءٌ توهان جي درميان بيٺو پڪاريان ٿو، ۽ اوهان کي مدد لاءِ سڏيان ٿو، پر توهان نہ منهنجي ڳالهہ ٻڌو ٿا ۽ نہ وري منهنجي حڪم کي مڃيو ٿا. ايستائين جو حالات برن نتيجن کي ظاهر ڪندا. بس توهان جي ذريعي نہ ڪنهن خون جو پلؤ وٺي سگهجي ٿو ۽ نہ وري توهان جي ذريعي ڪنهن مقصد تائين پهچي سگهجي ٿو.

مون توهان کي توهان جي ئي ڀائرن جي مدد لاءِ سڏيو پر توهان تہ ان اُٺ وانگر رَڙڻ لڳؤ جنهن جي ڍُن ۾ سور هجي، ۽ ان ڪمزور اُٺ وانگر سُستي ڏيکاري جنهن جي پُٺي زخمي هجي.

پوءِ مون وٽ توهان منهجان هڪ پريشان ۽ ڪمزور لشڪرڙو آيو "ڄڻ تہ انهن کي موت ڏانهن ڌڪيو پئي ويو جنهن کي هو ڏسي رهيا هئا".

سيد رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام جي فرمان ۾ «مُتَذَائِبٌ» جي معنىٰ "پريشان" آهي. ۽ عرب ان کي ان هوا لاءِ استعمال ڪندا آهن جنهن جو رخ معين نہ هجي ۽ بگهڙ کي بہ ذئب ان لاءِ چيو وڃي ٿو جو ان جي هلڻي پريشان هوندي آهي.

## ٤٠ ـ وَمِنْ كَلامٍ لَهُ عليه السلام

*في الخوارج لما سمع قولهم: «لا حكم إلا لله»*

قَالَ عليه السلام: كَلِمَةُ حَقٍّ يُرَادُ بِهَا بَاطِلٌ! نَعَمْ إِنَّهُ لا حُكْمَ إِلاَّ للهِ، ولكِنَّ هؤُلاَءِ يَقُولُونَ: لاَ إِمْرَةَ إِلاَّ للهِ، فَإِنَّهُ لاَبُدَّ لِلنَّاسِ مِنْ أَمِيرٍ بَرٍّ أَوْ فَاجِرٍ، يَعْمَلُ فِي إِمْرَتِهِ الْمُؤْمِنُ، وَيَسْتَمْتِعُ فِيهَا الْكَافِرُ، وَيُبَلِّغُ اللهُ فِيهَا الأجَلَ، وَيُجْمَعُ بِهِ الْفَيْءُ، وَيُقَاتَلُ بِهِ الْعَدُوُّ، وَتَأْمَنُ بِهِ السُّبُلُ، وَيُؤْخَذُ بِهِ لِلضَّعِيفِ مِنَ الْقَوِيِّ، حَتَّى يَسْتَرِيحَ بَرٌّ، وَيُسْتَرَاحَ مِنْ فَاجِرٍ.

وفي رواية أُخرى أنّه (عليه السلام) لمّا سمع تحكيمهم قال: حُكْمَ اللهِ أَنْتَظِرُ فِيكُمْ. وقال أَمَّا الإِمْرَةُ الْبَرَّةُ فَيَعْمَلُ فيها التَّقِيُّ، وَأَمَّا الإِمْرَةُ الْفَاجرَةُ فَيَتَمَتَّعُ فِيهَا الشَّقِيُّ، إلى أَنْ تَنْقَطِعَ مُدَّتُهُ، وَتُدْرِكَهُ مَنِيَّتُهُ.

## ٤١ ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*وفيها ينهى عن الغدر ويحذر منه*

أيُّهَا النَّاسُ! إِنَّ الْوَفَاءَ تَوْأَمُ الصِّدْقِ، وَلاَ أَعْلَمُ جُنَّةً أَوْقَى مِنْهُ، وَمَا يَغْدِرُ مَنْ عَلِمَ كَيْفَ الْمَرْجِعُ، وَلَقَدْ أَصْبَحْنا في زَمَانٍ قَد اتَّخَذَ أَكْثَرُ أَهْلِهِ الْغَدْرَ كَيْساً، وَنَسَبَهُمْ أَهْلُ الْجَهْلِ فِيهِ إِلى حُسْنِ الْحِيلَةِ، مَا لَهُمْ! قَاتَلَهُمُ اللهُ!

قَدْ يَرَى الْحُوَّلُ الْقُلَّبُ وَجْهَ الْحِيلَةِ وَدُونَهَا مَانِعٌ مِنْ أَمْرِ اللهِ وَنَهْيِهِ، فَيَدَعُهَا رَأْيَ عَيْنٍ بَعْدَ الْقُدْرَةِ عَلَيْهَا، وَيَنْتَهِزُ فُرْصَتَهَا مَنْ لاَ حَرِيجَةَ لَهُ فِي الدِّينِ.

### ۴۰_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام خارجين جو قول "لا حڪم الا لله" ٻڌو ته فرمايو

امام عليه السلام فرمايو: حق جي ڪلمي مان باطل جو ارادو ڪيو وڃي ٿو. ها، بيشڪ حڪم الله جو ئي آهي، پر اُهي چون ٿا ته حڪومت ڪرڻ به الله لاءِ ئي آهي. ۽ جڏهن ته ماڻهن لاءِ حاڪم جو هجڻ ضروري آهي چاهي نيڪ هجي يا بد.

جنهن جي حڪومت ۾ مومن ڀلا ڪم ڪري ۽ ڪافر ان ۾ مزا ماڻي ۽ الله تعالىٰ ان حڪومت ۾ هر شيءِ کي سندس پڄاڻيءَ تائين پهچائي ۽ ان حاڪم سان مال گڏ ڪيو وڃي ۽ جنهن ذريعي دشمن سان جنگ ڪئي وڃي ۽ جنهن سان رستا پر امن رهن، ۽ جنهن ذريعي ڏاڍي کان هيڻي لاءِ حق ورتو وڃي، ايستائين جو نيڪوڪار کي سڪون ملي ۽ بدڪار کان راحت ملي.

هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته پاڻ عليه السلام جڏهن سندن تحڪيم "لا حُڪْمَ إِلّا لِلّه" ٻڌي ته فرمايائون: آءٌ توهان بابت الله تعالىٰ جي حڪم جو انتظار ڪريان ٿو. جڏهن چڱي حڪومت هوندي ته نيڪوڪار ان ۾ نيڪ ڪم ڪندو ۽ جڏهن ته بري حڪومت ۾ بدڪار مزا ماڻيندو تان جو سندس مدت ختم ٿئي ۽ موت ڳولهي لهيس.

### ۴۱_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ امام عليه السلام ڌوڪي کان روڪيو آهي ۽ ان کان ڊيڄاريو آهي

اي انسانؤ! بيشڪ وفا سچ جي جاڙي ڀيڻ آهي، ۽ آءٌ وفا کان وڌيڪ محفوظ ڍال نٿو ڄاڻان، ۽ جنهن آخرت جي حالات کي ڄاتو اهو ڌوڪو نه ڏيندو. ۽ يقيناً اسان اهڙي دؤر ۾ رهون ٿا جنهن جي گهڻائي ڌوڪي کي هوشياري سمجهي ٿي، ۽ جاهل ڪيس چڱي چال جي نسبت ڏين ٿا. انهن کي ڇا ٿي ويو آهي! الله جي ڪا مار پوين.

بيشڪ زماني جي لاهن چاڙهن جو ڄاڻو ڌوڪي جي اسباب کي ڄاڻي ٿو، پر الله جو امر ۽ نهي ڪيس ڌوڪي ڪرڻ کان روڪين ٿا، پوءِ هو ڌوڪي کي ڄاڻندي ۽ ان تي قدرت هوندي به ڇڏي ڏئي ٿو. ۽ جنهن کي دين جي ڪا پرواهه ناهي اهو ان وَجهه جو فائدو وٺي ٿو.

# ٤٢ ـ وَمِنْ كَلاَمٍ لَهُ عليه السلام

*وفيه يحذر من اتباع الهوى وطول الأمل في الدنيا*

أَيُّهَا النَّاسُ! إِنَّ أَخْوَفَ مَا أَخَافُ عَلَيْكُمُ اثْنَانِ: اتِّبَاعُ الْهَوَى، وَطُولُ الأَمَلِ، فَأَمَّا اتِّبَاعُ الْهَوَى فَيَصُدُّ عَنِ الْحَقِّ، وَأَمَّا طُولُ الأَمَلِ فَيُنْسِي الآخِرَةَ.

أَلاَ وَإِنَّ الدُّنْيَا قَدْ وَلَّتْ حَذَّاءَ، فَلَمْ يَبْقَ مِنْهَا إِلاَّ صُبَابَةٌ كَصُبَابَةِ الْإِنَاءِ اصْطَبَّهَا صَابُّهَا، أَلاَ وَإِنَّ الآخِرَةَ قَدْ أَقْبَلَتْ، وَلِكُلٍّ مِنْهُمَا بَنُونَ، فَكُونُوا مِنْ أَبْنَاءِ الآخِرَةِ، وَلاَ تَكُونُوا مِنْ أَبْنَاءِ الدُّنْيَا، فَإِنَّ كُلَّ وَلَد سَيُلْحَقُ بِأُمِّهِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ، وَإِنَّ الْيَوْمَ عَمَلٌ وَلاَ حِسَابَ، وَغَداً حِسَابٌ وَلاَ عَمَلَ.

اَقُوْلُ: الْحَذَّآءُ: السَّرِيْعَةُ، وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّرْوِيْهِ «جَذَّاءَ» بِالْجِيْمِ وَ الذَّالِ، اَيِ انْقَطَعَ دَرُّها وَ خيرُهَا.

# ٤٣ ـ وَمِنْ كَلاَمٍ لَهُ عليه السلام

*وقد أشار عليه أصحابه بالاستعداد لحرب أهل الشام بعد إرساله جرير بن عبد الله البجلي إلى معاوية ولم ينزل معاوية على بيعته*



إِنَّ اسْتَعْدَادِي لِحَرْبِ أَهْلِ الشَّامِ وَجَرِيرٌ عِنْدَهُمْ، إِغْلاَقٌ لِلشَّامِ، وَصَرْفٌ لِأَهْلِهِ عَنْ خَيْرٍ إِنْ أَرَادُوهُ، وَلكِنْ قَدْ وَقَّتُّ لِجَرِيرٍ وَقْتاً لاَ يُقِيمُ بَعْدَهُ إِلاَّ مَخْدُوعاً أَوْ عَاصِياً، وَالرَّأْيُ عِنْدي مَعَ الأَنَاةِ، فَأَرْوِدُوا، وَلاَ أَكْرَهُ لَكُمُ الإِعْدَادَ.

وَلَقَدْ ضَرَبْتُ أَنْفَ هذَا الأَمْرِ وَعَيْنَهُ، وَقَلَّبْتُ ظَهْرَهُ وَبطْنَهُ، فَلَمْ أَرَ لِي إِلاَّ الْقِتَالَ أَوِ الْكُفْرَ بِمَا جَاءَ مُحمّد صلى الله عليه وآله. إِنَّهُ قَدْ كَانَ عَلَى الأُمَّةِ وَال أَحْدَثَ أَحْدَاثاً، وَأَوْجَدَ النَّاسَ مَقَالاً، فَقَالُوا، ثُمَّ نَقَمُوا فَغَيَّرُوا.

## ۴۲_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جنهن ۾ امام عليه السلام خواهشن جي پيروي ڪرڻ ۽ دنيا ۾ ڊگهين اميدن کان ڊيڄاريو آهي.**

اي انسانؤ! مونکي توهان بابت سڀ کان وڌيڪ ٻن شين جي ڳڻتي آهي، هڪ خواهش جي پيروي ۽ ٻي ڊگهي اميد. ڇو جو خواهش جي پيروي حق کان روڪي ڇڏيندي آهي، ۽ ڊگهي اميد آخرت کي ڀُلائي ڇڏيندي آهي. آگاهه رهو ته بيشڪ دنيا جلدي منهن موڙي ڇڏيو آهي، ۽ دنيا مان ڪجهه به ناهي بچيو سواءِ ٿورڙي جي، جيئن ٿانو جو بچيل پاڻي جيڪو هارڻ واري جي هارڻ ڪانپوءِ ٿانو ۾ بچندو آهي. آگاهه رهو ته بيشڪ آخرت سامهون اچي چڪي آهي، ۽ دنيا ۽ آخرت منجهان هر هڪ جا پٽ آهن. بس توهان آخرت جا پٽ ٿيو ۽ دنيا جا پٽ نه ٿيو. بيشڪ عنقريب قيامت جي ڏينهن هر ٻار کي سندس ماءُ سان گڏايو ويندو. ۽ بيشڪ اڄوڪو ڏينهن عمل جو آهي ۽ حساب جو ناهي ۽ سڀاڻڪو ڏينهن حساب جو آهي ۽ عمل جو ناهي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: "الْحَذَّآءُ" جي معنىٰ جلدي آهي، ۽ ڪجهه ماڻهو ان جي "جَذَّاءَ" سان روايت ڪن ٿا، جيم ۽ ذال سان يعني دنيا نعمتن سميت منهن موڙي چڪي آهي.

## ۴۳_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام جرير بن عبدالله بَجَلي کي معاويي ڏانهن موڪليو ۽ هن امام عليه السلام جي بيعت نه ڪئي ته امام عليه السلام جي ڪجهه ساٿين ڪيس شامين سان جنگ جي تياريءَ جي صلاح ڏني ته پوءِ فرمايائون:

بيشڪ منهنجو شام وارن سان جنگ لاءِ تيار ٿيڻ جڏهن ته جرير انهن وٽ آهي (جهڙوڪ) شام کي بند ڪرڻ ۽ انهن کي خير کان روڪڻ آهي اگر ان جو ارادو اٿن ته. پر مان جرير لاءِ هڪڙو وقت مقرر ڪيو آهي جنهن کان پوءِ هو اتي سواءِ ٺوڪي يا نافرمانيءَ جي نه رهندو. منهنجي صلاح آهي ته صبر ڪجي پوءِ توهان به ڪٺي ڊرا ٿيو. پر توهان کي جنگ جي تياريءَ کان به نٿو روڪيان. ۽ مان هن مسئلي تي چڱيءَ ريت غور ۽ ويچار ڪيو ۽ ان جي پوري ڇنڊ ڇاڻ ڪئي، بس مان پنهنجي لاءِ اهو ئي ڏٺو ته يا جنگ ڪجي يا رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي آندل پيغام جو انڪار ڪجي. بيشڪ مونکان پهريائين هِن امت تي هڪ حاڪم هيو جنهن ڪيترين ئي بدعتون آنديون ۽ ان ماڻهن کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ته انهن به ڳالهايو پوءِ اهي ڪاوڙيا بس انهن ئي تبديلي آندي.

# ٤٤ ـ ومن كلام له عليه السلام

*لمّا هرب مَصْقَلة بنُ هُبيرة الشيباني إلى معاوية، وكان قد ابتاع سَبْيَ بني ناجية من عامل أميرالمؤمنين عليه السلام وأعتقهم، فلمّا طالبه بالمال خاس به وهرب إلى الشام، فقال:*

قَبَّحَ اللهُ مَصْقَلَةَ! فَعَلَ فِعْلَ السَّادَةِ، وَفَرَّ فِرَارَ الْعَبِيدِ! فَمَا أَنْطَقَ مَادِحَهُ حَتَّى أَسْكَتَهُ، وَلاَ صَدَّقَ وَاصِفَهُ حَتَّى بَكَّتَهُ، وَلَو أَقَامَ لاَخَذْنَا مَيْسُورَهُ، وَانْتَظَرْنا بِمَالِهِ وُفُورَهُ.

# ٤٥ ـ ومن خطبة له عليه السلام

*و هو بعض خطبة طويلة خطبها يوم الفطر و فيها يحمد الله و يذم الدنيا*

## حمد الله

اَلْحَمْدُ للهِ غَيْرَ مَقْنُوط مِنْ رَحْمَتِهِ، وَلاَ مَخْلُوٍّ مِنْ نِعْمَتِهِ، وَلاَ مَأْيُوس مِنْ مَغْفِرَتِهِ، وَلاَ مُسْتَنْكَف عنْ عِبادَتِهِ، الَّذِي لاَ تَبْرَحُ مِنْهُ رَحْمَةٌ، وَلاَ تُفْقَدُ لَهُ نِعْمَةٌ.

## ذم الدنيا

وَالدُّنْيَا دَارٌ مُنِيَ لَهَا الْفَنَاءُ، وَلاِهْلِهَا مِنْهَا الْجَلاَءُ، وَهِيَ حُلْوَةٌ خَضْرَاءُ، قَدْ عَجِلَتْ لِلطَّالِبِ، وَالْتَبَسَتْ بِقَلْبِ النَّاظِرِ فَارْتَحِلُوا مِنْهَا بِأَحْسَنِ مَا بِحَضْرَتِكُمْ مِنَ الزَّادِ، وَلاَ تَسْأَلُوا فِيهَا فَوْقَ الْكَفَافِ، وَلاَ تَطْلُبُوا مِنْهَا أَكْثَرَ مِنَ الْبَلاَغِ.

## ۴۴_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جڏهن مصقلہ بن هبيره شيبانيءَ امام عليه السلام جي عامل کان بني ناجيہ جا قيدي خريد ڪري ڪين آزاد ڪيو تہ امام عليه السلام ڪانئس قيمت جو مطالبو ڪيو تہ هو ڊوڪو ڏيئي معاويي ڏانهن شام ڀڄي ويو تہ پوءِ امام عليه السلام فرمايو:**

الله مصقلہ کي بڇڙو ڪري، ان ڪم تہ سردارن وارو ڪيو پر ڀڄي غلامن وانگر ويو! هن پنهنجي ساراهڻ واري کي ڳالهائڻ ئي نہ ڏنو ايستائين جو انکي چپ ڪرائي ڇڏيائين، ۽ نہ وري پنهنجي واکاڻ ڪندڙ جي تصديق ڪيائين ايستائين جو انکي لڄي ڪري ڇڏيائين.

اگر هو رهي ها تہ اسان ان کان سندس وس آهر وٺون ها ۽ باقي لاءِ سندس مال جي گهٽائي جو انتظار ڪريون ها.

## ۴۵_ امام عليه السلام جو خطبو. عيد الفطر جي ڏينهن امام عليه السلام هڪ ڊگهو خطبو ڏنو

**هي ان جو ڪجهہ حصو آهي، جنهن ۾ امام عليه السلام الله جي ساراهہ ۽ دنيا جي مذمت ڪئي آهي**

### الله جي ساراهہ

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جنهن جي رحمت کان ڪو بہ مايوس ناهي، ۽ جنهن جي بخشش کان ڪو بہ نا اميد ناهي، ۽ جنهن جي بندگيءَ کان ڪنهن کي بہ عار ناهي. اها ذات جنهن جي رحمت ختم ٿيڻ واري ناهي، ۽ جنهن جون نعمتون ڳڻڻ واريون ناهن.



### دنيا جي مذمت

۽ دنيا اهڙو گهر آهي جنهن لاءِ فنا مقدر آهي، ۽ دنيا وارن لاءِ ان مان لاڏاڻو يقيني آهي، ۽ دنيا منڙي ۽ وڻندڙ آهي. ۽ بيشڪ دنيا طالب لاءِ تڪڙي آهي، ۽ ڏسندڙ جي دل کي ڊوڪو ڏئي ٿي.

بس توهان انهيءَ مان پنهنجي موجود بهترين سمر سان روانا ٿيو. ۽ توهان انهيءَ ۾ ضرورت کان وڌيڪ جو سوال نہ ڪريو. ۽ توهان انهيءَ منجهان گذاري کان وڌيڪ جي گهر نہ ڪريو.

# ٤٦ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*عند عزمه على المسير إلى الشام*

*و هو دعاء دعا به ربه عند وضع رجله في الركاب*

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ وَعْثَاءِ السَّفَرِ وَ كَآبَةِ الْمُنْقَلَبِ وَ سُوءِ الْمَنْظَرِ فِي الْأَهْلِ وَ الْمَالِ وَ الْوَلَدِ اللَّهُمَّ أَنْتَ الصَّاحِبُ فِي السَّفَرِ وَ أَنْتَ الْخَلِيفَةُ فِي الْأَهْلِ وَ لَا يَجْمَعُهُمَا غَيْرُكَ لِأَنَّ الْمُسْتَخْلَفَ لَا يَكُونُ مُسْتَصْحَباً وَ الْمُسْتَصْحَبُ لَا يَكُونُ مُسْتَخْلَفاً.

قال السيد الشريف رضي الله عنه: وابتداء هذا الكلام مرويّ عن رسول الله صلى الله عليه وآله، وقد قفّاه عليه السلام بأبلغ كلام وتمّمه بأحسن تمام؛ من قوله: «ولا يَجْمَعُهُمَا غَيْرُكَ» إلى آخر الفصل.

# ٤٧ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في ذكر الكوفة*

كَأَنِّي بِكِ يَاكُوفَةُ تُمَدِّينَ مَدَّ الْأَدِيمِ الْعُكَاظِيِّ، تُعْرَكِينَ بِالنَّوَازِلِ، وَتُرْكَبِينَ بِالزَّلاَزِلِ، وَإِنِّي لاَعْلَمُ أَنَّهُ مَاأَرَادَ بِكِ جَبَّارٌ سُوءاً إِلاَّ ابْتَلاَهُ اللهُ بِشَاغِل، وَرَمَاهُ بِقَاتِل!



# ٤٨ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*عند المسير إلى الشام*

*قيل: إنه خطب بها و هو بالنخيلة خارجا من الكوفة إلى صفين*

اَلْحَمْدُ للهِ كُلَّمَا وَقَبَ لَيْلٌ وَغَسَقَ، وَالْحَمْدُ للهِ كُلَّمَا لاَحَ نَجْمٌ وَخَفَقَ، والْحَمْدُ للهِ غَيْرَ مَفْقُودِالإِنْعَام، وَلاَ مُكَافَأَ الإِفْضَالِ. أَمّا بَعْدُ، فَقَدْ بَعَثْتُ مُقَدِّمَتِي، وَأَمَرْتُهُمْ بِلُزُومِ هذَا المِلْطَاطِ، حَتَّى يَأْتِيَهُمْ أَمْرِي، وَقَدْ رَأَيْتُ أَنْ أَقْطَعَ هذِهِ النُّطْفَةَ إِلَى شِرْذِمَة مِنْكُمْ، مُوَطِّنِينَ أَكْنَافَ دَجْلَةَ، فَأُنْهِضَهُمْ مَعَكُمْ إِلَى عَدُوِّكُمْ، وَأَجْعَلَهُمْ مِنْ أَمْدَادِ الْقُوَّةِ لَكُمْ.

## ۴٦_ امام عليه السلام جو ڪلام جڏهن پاڻ عليه السلام شام ڏانهن سفر ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو ته فرمايو جيڪا هڪ دعا آهي، جيڪا ان وقت پنهنجي ربّ کان گهريائين جڏهن پنهنجو پير رڪاب ۾ رکيائين:

اي الله مان تو کان سفر جي ڏکيائيءَ کان ۽ غم واري واپسي کان ۽ اهل، مال ۽ اولاد جي بدحالي کان پناهه گهران ٿو. اي منهنجا الله تون ئي سفر ۾ ساٿي آهين ۽ تون ئي پونئيرن جو واهي آهين. ۽ انهن ٻنهي کي ڪو ٻه گڏ نٿو ڪري سگهي سواءِ تنهنجي، ڇاڪاڻ ته پوئتي رهيل ساڻ نه هوندو آهي ۽ جيڪو ساڻ هوندو آهي اهو پوئتي رهيل نه هوندو آهي.

سيد شريف رضي رحمه الله فرمايو: هن ڪلام جي ابتدا رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جن کان مروي آهي، جنهن کي اميرالمؤمنين عليه السلام بليغ ڪلام جو اضافو ڪري سهڻي نموني سان پورو ڪيو آهي، ۽ «ولا يَجْمَعُهُمَا غَيْرُكَ» کان وٺي آخر تائين مولا جو ڪلام آهي.

## ۴۷_ امام عليه السلام جو ڪلام ڪوفي جي باري ۾

اي ڪوفه جيئن مان ڏسان ٿو ته توکي بازارِ عُڪاظ جي چمڙيءَ جيان ڇڪيو وڃي ٿو، ۽ سختين سان تو کي ڇِتيو وڃي ٿو، ۽ ترڪلن کي توتي سوار ڪيو وڃي ٿو. ۽ بيشڪ مان ڄاڻان ٿو ته جنهن به ظالم تو سان مَدائيءَ جو ارادو ڪيو ته الله تعالىٰ انکي ڪنهن نه ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ڪيو ۽ قاتل جي وَر چاڙهي ڇڏيو!.



## ۴۸_ امام عليه السلام جو خطبو جيڪو شام ڏانهن سفر ڪرڻ وقت ڏنو

**ڇيو وڃي ٿو ته پاڻ عليه السلام هي ڪوفي کان صفين ڏانهن ويندي "نخيله" جي مقام تي ڏنو.**

سڀ ساراهون الله لاءِ آهن جڏهن به رات ٿئي ۽ اونداهي پڪڙجي. ۽ سڀ ساراهون الله لاءِ آهن جڏهن تارو اڀري ۽ لهي، ۽ تمام تعريفون ان الله لاءِ آهن جنهن جي عطا اڻ ڪٽ آهي ۽ نه وري سندس احسانن جو ڪو بدلو آهي.

اما بعد: مان پنهنجي لشڪر جو اڳيون جٿو موڪلي ڇڏيو آهي ۽ ڪين هِن درياءَ جي ڪناري تي ئي رهڻ جو حڪم ڏنو آهي تان جو منهنجو امر اچين. ۽ منهنجو ارادو آهي ته هي پاڻي پار ڪري توهان جي ان ننڍي ٽولي سان وڃي مِلان جيڪو دجله جي ڪناري تي آباد آهي، ته جيئن توهان سان گڏ انهن کي به توهان جي دشمن خلاف اٿاريان. ۽ انهن کي توهان جي لاءِ طاقت جو اضافو قرار ڏيان.

قال السيد رضي (رحمه الله) : اَقُوْلُ: يَعْنِیْ عليه السلام بِـ «الْمِلْطَاطِ» هٰهُنَا السَّمْتَ الَّذِیْ اَمَرَهُمْ بِلُزُوْمِهٖ وَ هُوَ شَاطِئُ الْفُرَاتِ، وَ يُقَالُ ذٰلِكَ اَيْضًا لِشَاطِئِ الْبَحْرِ، وَ اَصْلُه مَا اسْتَوٰى مِنَ الْاَرْضِ، وَ يَعْنِیْ بِـ «النُّطْفَةِ» مَآءَ الْفُرَاتِ، وَ هُوَ مِنْ غَرِيْبِ الْعِبَارَاتِ وَ عَجِيْبِهَا.

# ٤٩ ـ وَمِنْ كَلاَمٍ لَهُ عليه السلام

*و فيه جملة من صفات الربوبية و العلم الإلهي*

اَلْحَمْدُللهِ الَّذِي بَطَنَ خَفِيَّاتِ الاُمُورِ، وَدَلَّتْ عَلَيْهِ أَعْلاَمُ الظُّهُورِ، وَامْتَنَعَ عَلَى عَيْنِ الْبَصِيرِ فَلاَ عَيْنُ مَنْ لَمْ يَرَهُ تُنْكِرُهُ، وَلاَ قَلْبُ مَنْ أَثْبَتَهُ يُبْصِرُهُ، سَبَقَ فِي الْعُلُوِّ فَلاَ شَيءَ أَعْلَى مِنْهُ، وَقَرُبَ فِي الدُّنُوِّ فَلاَ شَيْءَ أَقْرَبُ مِنْهُ، فَلاَ اسْتِعْلاَؤُهُ بَاعَدَهُ عَنْ شَيْءٍ مِنْ خَلْقِهِ، وَلاَ قُرْبُهُ سَاوَاهُمْ في الْمَكَانِ بِهِ، لَمْ يُطْلِعِ الْعُقُولَ عَلَى تَحْدِيدِ صِفَتِهِ، ولَمْ يَحْجُبْهَا عَنْ وَاجِبِ مَعْرِفَتِهِ، فَهُوَ الَّذِي تَشْهَدُ لَهُ أَعْلاَمُ الْوُجُودِ، عَلَى إِقْرَارِ قَلْبِ ذِي الْجُحُودِ، تَعَالَى اللهُ عَمَّا يَقولُ الْمُشَبِّهُونَ بِهِ وَالْجَاحِدُونَ لَهُ عُلُوّاً كَبِيراً!.

# ٥٠ ـ وَمِنْ كَلاَمٍ لَهُ عليه السلام

*و فيه بيان لما يخرب العالم به من الفتن و بيان هذه الفتن*

إِنَّمَا بَدْءُ وُقُوعِ الْفِتَنِ أَهْوَاءٌ تُتَّبَعُ، وَأَحْكَامٌ تُبْتَدَعُ، يُخَالَفُ فِيهَا كِتَابُ اللهِ، وَيَتَوَلَّى عَلَيْهَا رِجَالٌ رِجَالاً، عَلَى غَيْرِ دِينِ اللهِ، فَلَوْ أَنَّ الْبَاطِلَ خَلَصَ مِنْ مِزَاجِ الْحَقِّ لَمْ يَخْفَ عَلَى الْمُرْتَادِينَ، وَلَوْ أَنَّ الْحَقَّ خَلَصَ مِنْ لَبْسِ البَاطِلِ انْقَطَعَتْ عَنْهُ أَلْسُنُ الْمُعَانِدِينَ وَلٰكِن يُؤْخَذُ مِنْ هذَا ضِغْثٌ، وَمِنْ هذَا ضِغْثٌ، فَيُمْزَجَانِ! فَهُنَالِكَ يَسْتَوْلِي الشَّيْطَانُ عَلَى أَوْلِيَائِهِ، وَيَنْجُو "الَّذِينَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِنَ اللهِ الْحُسْنَى".

سيد شريف رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام جو "ملطاط" مان مراد اهو طرف آهي جتي امام عليه السلام انهن کي رهڻ جو حڪم ڏنو هو ۽ اهو فرات جو ڪنارو آهي، ۽ هن ڪي دريا جي ڪناري لاءِ بہ استعمال ڪيو ويندو آهي، ۽ اصل ۾ هي برابر زمين کي چئبو آهي، ۽ "نطفة" مان مراد فرات جو پاڻي آهي، ۽ هي عجيب ۽ غريب عبارتن منجهان آهي.

## ۴۹ _ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ چند خدائي صفتن ۽ الٰهي علم کي بيان ڪيو آهي

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جيڪو شين جي ڳجھ کي ڄاڻي ٿو، ۽ جنهن تي چِٽا دليل رهنمائي ڪن ٿا، ۽ جيڪو ڏسندڙ جي اک کان اوجهل آهي پر پوءِ بہ نہ ڏسڻ واري اک ان جو انڪار نٿي ڪري ۽ نہ وري مڃيندڙ دل انکي ڏيکاري ٿي. هو بلندي ۾ ايترو اڳتي آهي جو ڪا بہ شيءِ انکان وڌيڪ بلند ناهي، ۽ هو ويجهڙائپ ۾ ايترو ويجهو آهي جو ڪا بہ شيءِ انکان وڌيڪ ويجهي ناهي، پوءِ بہ هن جي بلندي سندس مخلوق منجهان ڪنهن بہ شيءِ کان ڪيس پري نٿي ڪري، ۽ نہ وري سندس ويجهڙائپ مخلوق کي مڪان ۾ هن سان برابر ڪري ٿي، ۽ هن عقل کي پنهنجي صفت جي حدن جي آگاهي ناهي ڏني ۽ نہ ئي پنهنجي ضروري معرفت کان انکي پردو ڏنو آهي. هو اها ذات آهي جنهن لاءِ وجود جون نشانيون انڪاريءَ جي دل جي اقرار تي گواهي ڏين ٿيون. الله جي ذات ان کان گهڻو بلند آهي جيڪو تشبيهہ ڏيندڙ ۽ انڪار ڪندڙ ان لاءِ چون ٿا!.

## ۵۰ _ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ انهن فتنن جو ذڪر آهي جن سان دنيا برباد ٿئي ٿي ۽ انهن فتنن جا اثرات بہ بيان ٿيل آهن:

فتنن جي ظاهر ٿيڻ جو مُنڍ رڳو خواهشن جي پيروي ڪرڻ ۽ بدعتي حڪمن جو ايجاد ڪرڻ آهي، جن ۾ الله جي ڪتاب جي مخالفت ڪئي وڃي ٿي. ۽ انهن ۾ ڪجھ ماڻهو اهڙن ماڻهن جو ساٿ ڏين ٿا جيڪي الله جي دين تي ناهن.

بس اگر باطل حق جي ملاوت کان پاڪ هجي ها تہ اهو حق ڳولهيندڙ تي نہ لِڪي ها، ۽ اگر حق باطل جي پوش کان پاڪ هجي ها تہ دشمنن جون زبانون انکان بند رهن ها، ليڪن ڪجھ هِن مان ڪنيو وڃي ٿو ۽ ڪجھ هُن مان پوءِ ٻنهي کي ملايو وڃي ٿو، ۽ پوءِ اُتي شيطان پنهنجي دوستن تي حاوي ٿئي ٿو ۽ اهي ماڻهو بچي وڃن ٿا "جن کي الله جي عنايت اڳ ۾ ئي شامل آهي".

## ٥١ ـ وَمِنْ خُطْبَة لَهُ عليه السلام

*لما غلب أصحاب معاوية أصحابه عليه السلام على شريعة الفرات بصفين و منعوهم الماء*

قَدِ اسْتَطْعَمُوكُمُ الْقِتَالَ، فَأَقِرُّوا عَلَى مَذَلَّة، وَتَأْخِيرِ مَحَلَّة، أَوْ رَوُّوا السُّيُوفَ مِنَ الدِّمَاءِ تَرْوَوْا مِنَ الْمَاءِ، فَالمَوْتُ فِي حَيَاتِكُمْ مَقْهُورِينَ، وَالْحَيَاةُ فِي مَوْتِكُمْ قَاهِرِينَ. أَلاَ وَإِنَّ مُعَاوِيَةَ قَادَ لُمَةً مِنَ الْغُوَاةِ وَعَمَّسَ عَلَيْهِمُ الْخَبَرَ، حَتَّى جَعَلُوا نُحُورَهُمْ أَغْرَاضَ الْمَنِيَّةِ.

## ٦٢ ـ وَمِنْ خُطْبَة لَهُ عليه السلام

*وهي في التزهيد في الدنيا، و ثواب الله للزاهد و نعم الله على الخالق*

### التزهيد في الدنيا

أَلَا وَإِنَّ الدُّنْيَا قَدْ تَصَرَّمَتْ وَآذَنَتْ بِانْقِضَاءٍ وَتَنَكَّرَ مَعْرُوفُهَا وَأَدْبَرَتْ حَذَّاءَ فَهِيَ تَحْفِزُ بِالْفَنَاءِ سُكَّانَهَا وَتَحْدُو بِالْمَوْتِ جِيرَانَهَا وَقَدْ أَمَرَّ فِيهَا مَا كَانَ حُلْواً وَكَدِرَ مِنْهَا مَا كَانَ صَفْواً فَلَمْ يَبْقَ مِنْهَا إِلَّا سَمَلَةٌ كَسَمَلَةِ الْإِدَاوَةِ أَوْ جُرْعَةٌ كَجُرْعَةِ الْمَقْلَةِ لَوْ تَمَزَّزَهَا الصَّدْيَانُ لَمْ يَنْقَعْ فَأَزْمِعُوا عِبَادَ اللَّهِ الرَّحِيلَ عَنْ هَذِهِ الدَّارِ الْمَقْدُورِ عَلَى أَهْلِهَا الزَّوَالُ وَلَا يَغْلِبَنَّكُمْ فِيهَا الْأَمَلُ وَلَا يَطُولَنَّ عَلَيْكُمْ فِيهَا الْأَمَدُ.

### ثواب الزهاد

فَوَاللَّهِ لَوْ حَنَنْتُمْ حَنِينَ الْوُلَّهِ الْعِجَالِ وَدَعَوْتُمْ بِهَدِيلِ الْحَمَامِ وَجَأَرْتُمْ جُؤَارَ مُتَبَتِّلِي الرُّهْبَانِ وَخَرَجْتُمْ إِلَى اللَّهِ مِنَ الْأَمْوَالِ وَالْأَوْلَادِ الْتِمَاسَ الْقُرْبَةِ إِلَيْهِ فِي ارْتِفَاعِ دَرَجَةٍ عِنْدَهُ أَوْ غُفْرَانِ سَيِّئَةٍ أَحْصَتْهَا كُتُبُهُ وَحَفِظَتْهَا رُسُلُهُ لَكَانَ قَلِيلًا فِيمَا أَرْجُو لَكُمْ مِنْ ثَوَابِهِ وَأَخَافُ عَلَيْكُمْ مِنْ عِقَابِهِ.

## ٥١_ امام عليه السلام جو خطبو

### جڏهن جنگِ صفين ۾ معاويي جي ساٿين فرات جي گهيڙ تي امام عليه السلام جي ساٿين تي غالب ٿي انهن جو پاڻي بند ڪيو.

يقيناً هو توهان کان جنگ جو ذائقو چکڻ چاهين ٿا. پوءِ هاڻي توهان ذلت ۽ پستيءَ جي مقام تي رهو يا توهان تلوارن کي خون سان سيراب ڪري پاڻ پاڻي مان سيراب ٿيو، ڇو جو توهان جي ذلت جي زندگي ۾ موت آهي، ۽ توهان جي عزت جي موت ۾ زندگي آهي. ياد رکو تہ بيشڪ معاويو هڪ گمراه ٽولي جو اڳواڻ آهي ۽ انهن تي حقيقت کي لڪائي ڇڏيو اٿس. ايتري قدر جو انهن پنهنجين سِينن کي موت جو نشانو بڻائي ڇڏيو آهي.

## ٥٢_ امام عليه السلام جو خطبو

### دنيا ۾ زهد اختيار ڪرڻ ۽ زاهد لاءِ الله جي ثواب ۽ خالق وٽ سندس لاءِ الله جي نعمتن بابت آهي.

#### دنيا ۾ زهد اختيار ڪرڻ

ياد رکو تہ بيشڪ دنيا مِتجي رهي آهي ۽ ان موڪلاڻيءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ۽ سندس سڃاتل شيون بہ اڻ ڄاتل ٿي ويون آهن، ۽ هوءَ تيزيءَ سان پوئتي هٽي رهي آهي، ۽ پنهنجي رهاڪن کي فنا ڏانهن ڌڪي رهي آهي، ۽ پنهنجي پاڙيسرين کي موت ذريعي هلاڪت ڏانهن ڇڪي رهي آهي، ۽ هن ۾ جيڪا شيءِ مِٺي هئي اها ڪوڙي ٿي چڪي آهي، ۽ جيڪا شيءِ ان ۾ صاف هئي سا ميري ٿي وئي آهي. بس دنيا مان ناهي بچيو سواءِ ان ڇُڪي جيان جيڪو آگهاريل ٿانءَ ۾ بچيل هوندو آهي، يا ان ڍُڪ جيان جيڪو ماٽيل هوندو آهي، جي اُڃايل انکي پيئي تہ بہ ڍؤ نہ ٿيندس. بس خدا جا ٻانهؤ هِن گهر مان لڏڻ جو عزم ڪريو جنهن جي رهندڙن تي زوال مقدر آهي، ۽ هِن ۾ توهان تي اميدون غالب نہ ٿين، ڇو تہ توهان جي عمر ڊگهي ناهي.

#### زاهدن جو ثواب

الله جو قسم جيڪڏهن توهان وِڇڙيل ڦرن وارين ڏاچين وانگر رڙو، ۽ توهان ڪبوترن جي ڳُٽڪار جيان پڪاريو ۽ توهان تارڪِ دنيا راهب جي ڪوڪن وانگر ڪوڪاريو، ۽ توهان مال ۽ اولاد کي ڇڏي الله طرف نڪرو. خدا وٽ درجات جي بلنديءَ خاطر ان جي قرب کي ڳولهڻ لاءِ، يا انهن گناهن جي معافي لاءِ جن کي اوهان جي اعمال نامي ګڏ ڪيو آهي، ۽ ملائڪن محفوظ رکيو آهي، تڏهن بہ اِهي عمل ٿورا آهن ان ثواب جي بنسبت جنهن جي مان توهان لاءِ اميد رکان ٿو، ۽ ان عذاب جي بنسبت جنهن کان مان توهان لاءِ ڊڄان ٿو.

نعم الله

وَتَاللَّهِ لَوِ انْمَاثَتْ قُلُوبُكُمُ انْمِيَاثاً وَسَالَتْ عُيُونُكُمْ مِنْ رَغْبَةٍ إِلَيْهِ أَوْ رَهْبَةٍ مِنْهُ دَماً ثُمَّ عُمِّرْتُمْ فِي الدُّنْيَا مَا الدُّنْيَا بَاقِيَةٌ مَا جَزَتْ أَعْمَالُكُمْ عَنْكُمْ وَلَوْ لَمْ تُبْقُوا شَيْئاً مِنْ جُهْدِكُمْ أَنْعُمَهُ عَلَيْكُمُ الْعِظَامَ وَهُدَاهُ إِيَّاكُمْ لِلْإِيمَانِ.

## ٥٣ ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*في ذكرى يوم النحر وصفة الأضحية*

وَ مِنْ تَمَامِ الْأُضْحِيَّةِ اسْتِشْرَافُ أُذُنِهَا وَسَلَامَةُ عَيْنِهَا فَإِذَا سَلِمَتِ الْأُذُنُ وَالْعَيْنُ سَلِمَتِ الْأُضْحِيَّةُ وَتَمَّتْ وَلَوْ كَانَتْ عَضْبَاءَ الْقَرْنِ تَجُرُّ رِجْلَهَا إِلَى الْمَنْسَكِ.

قال السيد الشريف (رضي الله عنه) : والمنسك هاهنا المذبح.

## ٥٤ ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*و فيها يصف أصحابه بصفين حين طال منعهم له من قتال أهل الشام*

فَتَدَاكُّوا عَلَيَّ تَدَاكَّ الْإِبِلِ الْهِيمِ يَوْمَ وِرْدِهَا وَقَدْ أَرْسَلَهَا رَاعِيهَا وَخُلِعَتْ مَثَانِيهَا حَتَّى ظَنَنْتُ أَنَّهُمْ قَاتِلِيَّ أَوْ بَعْضُهُمْ قَاتِلُ بَعْضٍ لَدَيَّ.

وَ قَدْ قَلَّبْتُ هَذَا الْأَمْرَ بَطْنَهُ وَظَهْرَهُ حَتَّى مَنَعَنِي النَّوْمَ فَمَا وَجَدْتُنِي يَسَعُنِي إِلَّا قِتَالُهُمْ أَوِ الْجُحُودُ بِمَا جَاءَ بِهِ مُحَمَّدٌ صلى الله عليه وآله فَكَانَتْ مُعَالَجَةُ الْقِتَالِ أَهْوَنَ عَلَيَّ مِنْ مُعَالَجَةِ الْعِقَابِ وَمَوْتَاتُ الدُّنْيَا أَهْوَنَ عَلَيَّ مِنْ مَوْتَاتِ الْآخِرَةِ.

### الله جون نعمتون

الله جو قسم اگر توهان جون دليون بلڪل ڳري وڃن، ۽ توهان جون اکيون الله جي شوق يا ان جي خوف ۾ رت وهائين، ۽ پوءِ توهان کي دنيا ۾ ايتري زندگي ڏني وڃي جيستائين دنيا باقي رهندي، تڏهن به توهان جا عمل توهان طرفان_ توڙي جو توهان محنت ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هجي_ ان جي ڏنل عظيم نعمتن جو ۽ ايمان ڏانهن رهنمائي ڪرڻ جو بدلو نٿي سگهندا.

## ۵۳_ امام عليہ السلام جو خطبو عيد الاضحيٰ ۽ قربانيءَ جي جانور جي وصفن بابت

قرباني جي جانور جو مڪمل هجڻ ان جي ڪنن جو صحيح ۽ ان جي اکين جو سالم هجڻ آهي. بس جڏهن ڪن ۽ اکيون سالم هجن ته قرباني به صحيح ۽ مڪمل هوندي آهي. جيتوڻيڪ اها سنگ ڀڳل ۽ پير گهليندي ڪسڻ جي جاءِ تي پهچي.

سيد شريف رضي رحمہ اللہ فرمايو: هتي ”منسڪ“ مان مراد ڪسجڻ جو هنڌ آهي.

## ۵۴_ امام عليہ السلام جو خطبو

**جنهن ۾ پاڻ عليہ السلام جنگِ صفين دوران پنهنجي اصحاب جي وصف بيان ڪئي آهي جڏهن انهن جو پاڻ عليہ السلام کي شامين سان نه وڙهڻ وارو مطالبو ڊگهو ٿي ويو:**

پوءِ اهي مون تي ائين ٽُٽا جيئن اُڃايل اُٺ پاڻي واري ڏينهن هڪبئي تي ٽُٽندا آهن، جن جا جَتن ڏاوڻ کولي، ڇوڙي ڇڏيا هجن. تان جو مون ڀانيو ته اهي مونکي ماري وجهندا يا منهنجي سامهون ڪو ڪنهن کي ماري وجهندو.

۽ مون ڇگيءَ ريت هن مسئلي کي اٿلايو پٿلايو ايتري قدر جو انهيءَ منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي. بس مون کو چارو نه پاتو سواءِ انهن سان جنگ ڪرڻ جي يا رسول الله صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي آندل پيغام جي انڪار ڪرڻ جي.

منهنجي لاءِ جنگ واري سختي عذاب واري سختي کان سَولي آهي ۽ منهنجي لاءِ دنيا واري تباهي آخرت واري تباهي کان آسان آهي.

## ٥٥ ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*وقد استبطأ أصحابه إذنه لهم في القتال بصفين*

أَمَّا قَوْلُكُمْ أَ كُلَّ ذَلِكَ كَرَاهِيَةَ الْمَوْتِ فَوَ اللَّهِ مَا أُبَالِي دَخَلْتُ إِلَى الْمَوْتِ أَوْ خَرَجَ الْمَوْتُ إِلَيَّ.

وَ أَمَّا قَوْلُكُمْ شَكّاً فِي أَهْلِ الشَّامِ فَوَ اللَّهِ مَا دَفَعْتُ الْحَرْبَ يَوْماً إِلَّا وَأَنَا أَطْمَعُ أَنْ تَلْحَقَ بِي طَائِفَةٌ فَتَهْتَدِيَ بِي وَتَعْشُوَ إِلَى ضَوْئِي وَذَلِكَ أَحَبُّ إِلَيَّ مِنْ أَنْ أَقْتُلَهَا عَلَى ضَلَالِهَا وَإِنْ كَانَتْ تَبُوءُ بِآثَامِهَا.

## ٥٦ ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*يصف أصحاب رسول الله و ذلك يوم صفين حين أمر الناس بالصلح*

وَلَقَدْ كُنَّا مَعَ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله نَقْتُلُ آبَاءَنَا وَأَبْنَاءَنَا وَإِخْوَانَنَا وَأَعْمَامَنَا مَا يَزِيدُنَا ذَلِكَ إِلَّا إِيمَاناً وَتَسْلِيماً وَمُضِيّاً عَلَى اللَّقَمِ وَصَبْراً عَلَى مَضَضِ الْأَلَمِ وَجِدّاً فِي جِهَادِ الْعَدُوِّ.

وَلَقَدْ كَانَ الرَّجُلُ مِنَّا وَالْآخَرُ مِنْ عَدُوِّنَا يَتَصَاوَلَانِ تَصَاوُلَ الْفَحْلَيْنِ يَتَخَالَسَانِ أَنْفُسَهُمَا أَيُّهُمَا يَسْقِي صَاحِبَهُ كَأْسَ الْمَنُونِ فَمَرَّةً لَنَا مِنْ عَدُوِّنَا وَمَرَّةً لِعَدُوِّنَا مِنَّا.

فَلَمَّا رَأَى اللَّهُ صِدْقَنَا أَنْزَلَ بِعَدُوِّنَا الْكَبْتَ وَأَنْزَلَ عَلَيْنَا النَّصْرَ حَتَّى اسْتَقَرَّ الْإِسْلَامُ مُلْقِياً جِرَانَهُ وَمُتَبَوِّئاً أَوْطَانَهُ وَلَعَمْرِي لَوْ كُنَّا نَأْتِي مَا أَتَيْتُمْ مَا قَامَ لِلدِّينِ عَمُودٌ وَلَا اخْضَرَّ لِلْإِيمَانِ عُودٌ وَايْمُ اللَّهِ لَتَحْتَلِبُنَّهَا دَماً وَلَتُتْبِعُنَّهَا نَدَماً.

## ۵۵_ امام عليه السلام جو ڪلام

### جڏهن صفين ۾ امام عليه السلام جي ساٿين امام عليه السلام طرفان وڙهڻ جي اجازت ڏيڻ ۾ لنوائڻ جي شڪايت ڪئي:

البت توهان جو اهو چوڻ ته ”ڇا اِها سڀ ڊرائپ موت کان لنوائڻ جي ڪري آهي!“ ته الله جو قسم مونکي ڪا به پرواهه ناهي ته آءٌ موت ڏانهن وڃان يا موت مون ڏانهن اچي. ۽ توهان جو اهو چوڻ ته ”اهو سڀ شامين سان جهاد ۾ شڪّ ڪرڻ جي ڪري آهي!“ ته الله جو قسم مون جنگ کي هڪ ڏينهن به ناهي ٽاريو سواءِ انهيءَ جي ته آءٌ چاهيان ٿو ته ڪو ٽولو مون سان اچي گڏجي ته جيئن منهنجي ذريعي هدايت پائي ۽ پنهنجي ڪمزور ديد سان منهنجي روشنيءَ ڏانهن اچي. ۽ اهو مونکي وڌيڪ پسند آهي انهيءَ کان جو آءٌ کين گمراهيءَ تي قتل ڪريان، جيتوڻيڪ اُهي پنهنجي گناهن جا پاڻ ذميوار آهن.

## ۵٦_ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي اصحاب جي وصف بيان ڪئي آهي

### جڏهن صفين جي ڏينهن پاڻ عليه السلام ماڻهن کي صلح جو حڪم ڏنو:

بتحقيق اسان (مسلمان) رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم سان گڏجي پنهنجن ابن، پٽن، ڀائرن ۽ چاچن کي قتل ڪندا هئاسين ۽ اهو رڳو اسان جي ايمان، اتباع ڪرڻ، سڌي رستي تي هلڻ، سورن جي سختين تي صبر ڪرڻ، ۽ دشمن سان جهاد ڪرڻ ۾ همت کي وڌائيندو هيو. پوءِ هڪ ماڻهو اسان مان ۽ ٻيو اسان جي دشمن مان پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي مڙس ماڻهن وانگر حملا ڪندا هئا، ۽ هڪ ٻئي جي ساهه ڪڍڻ لاءِ وس ڪندا هئا، ته ٻنهي مان ڪير ٿو پنهنجي ساٿيءَ کي موت جو پيالو پياري. پوءِ ڪڏهن اسان جي ماڻهوءَ دشمن کي ماريو ۽ ڪڏهن دشمن اسان جي ماڻهوءَ کي ماريو.

پوءِ جڏهن الله تعالىٰ اسان جي سچائيءَ کي ڏٺو ته اسان جي دشمن کي ذلت، ۽ اسانکي فتح ڏنائين، ايستائين جو اسلام پنهنجو سينو ڄمائي وينو ۽ انکي پنهنجو ماڳ قرار ڏنائين. مونکي پنهنجيءَ جان جو قسم اگر اسان به توهان وانگر ڪريون ها ته نه دين جو ستون قائم ٿئي ها ۽ نه ايمان جي ڪا ٽاري سائي ٿئي ها.

الله جو قسم ضرور توهان پنهنجي لِڇڻ جي ڪري رت ڏُهندؤ ۽ توهان ندامت ڏِسندؤ.

# ٥٧ ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في صفة رجل مذموم، ثم في فضله هو عليه السلام*

أَمَّا إِنَّهُ سَيَظْهَرُ عَلَيْكُمْ بَعْدِي رَجُلٌ رَحْبُ الْبُلْعُومِ مُنْدَحِقُ الْبَطْنِ يَأْكُلُ مَا يَجِدُ وَيَطْلُبُ مَا لَا يَجِدُ فَاقْتُلُوهُ وَلَنْ تَقْتُلُوهُ.

أَلَا وَإِنَّهُ سَيَأْمُرُكُمْ بِسَبِّي وَالْبَرَاءَةِ مِنِّي فَأَمَّا السَّبُّ فَسُبُّونِي فَإِنَّهُ لِي زَكَاةٌ وَلَكُمْ نَجَاةٌ وَأَمَّا الْبَرَاءَةُ فَلَا تَتَبَرَّءُوا مِنِّي فَإِنِّي وُلِدْتُ عَلَى الْفِطْرَةِ وَسَبَقْتُ إِلَى الْإِيمَانِ وَالْهِجْرَةِ.

# ٥٨ ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*كلم به الخوارج حين اعتزلوا الحكومة و تنادوا: أن لا حكم إلا لله*

أَصَابَكُمْ حَاصِبٌ وَلَا بَقِيَ مِنْكُمْ آثِرٌ أَ بَعْدَ إِيمَانِي بِاللَّهِ وَجِهَادِي مَعَ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله أَشْهَدُ عَلَى نَفْسِي بِالْكُفْرِ ﴿لَقَدْ ضَلَلْتُ إِذاً وَما أَنَا مِنَ الْمُهْتَدِينَ﴾ فَأُوبُوا شَرَّ مَآبٍ وَارْجِعُوا عَلَى أَثَرِ الْأَعْقَابِ أَمَا إِنَّكُمْ سَتَلْقَوْنَ بَعْدِي ذُلًّا شَامِلًا وَسَيْفاً قَاطِعاً وَأَثَرَةً يَتَّخِذُهَا الظَّالِمُونَ فِيكُمْ سُنَّةً.

قال الشريف: قَوْلُه: "وَ لَا بَقِىَ مِنْكُمْ اٰبِرٌ" يُرْوٰى على ثلاثة اوجه، احدها ان يكون كما ذكرناه، آبِر بِالرَّآءِ مِنْ قَوْلِهِمْ: "جُل اٰبِرٌ" لِلَّذِىْ يَاْبِرُ النَّخْلَ اَىْ يُصْلِحُه.

وَ يُرْوٰى "اٰثِرٌ" وَ هُوَ الَّذِىْ يَاْثِرُ الْحَدِيْثَ اَىْ يَرْوِيْهِ وَ يَحْكِيْهِ وَ هُوَ اَصَحُّ الْوُجُوْهِ عِنْدِىْ، كَاَنَّه عليه السلام قَالَ: "لَا بَقِىَ مِنْكُمْ مُخْبِرٌ" وَ يُرْوٰى "اٰبِزٌ" بِالزَّاىِ الْمُعْجَمَةِ وَ هُوَ الْوَاثِبُ، وَ الْهَالِكُ اَيْضًا يُقَالُ لَه "اٰبِزٌ".

### ٥٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، هڪ رزيل ماڻهوءَ جي صفت ۽ پوءِ پنهنجي فضيلت بيان ڪرڻ بابت آهي

ياد رکو ته عنقريب مونکان پوءِ توهان تي اهڙو ماڻهو غالب ٿيندو جنهن جي نڙي ويڪري ۽ پيٽ وڏو هوندو، جيڪو پائيندو سو ڳڙڪائيندو ۽ جيڪو نه پائيندو تنهن کي ڳولهيندو. بس توهان انکي مارجو، پر توهان انکي ڪڏهن به نه ماريندؤ. ياد رکو ته هو توهان کي جلد ئي مونکي برو ڀلو چوڻ ۽ مونکان بيزاريءَ جو حڪم ڏيندو. ها جيستائين بري ڀلي چوڻ جي ڳالهه آهي ته ڀلي مونکي برو ڀلو ڳالهائجو ڇاڪاڻ ته هي مون لاءِ زڪوات آهي ۽ توهان لاءِ نجات آهي. ۽ جيستائين بيزاريءَ جي ڳالهه آهي ته مونکان بيزاري اختيار نه ڪجو، بيشڪ مان دينِ فطرت تي پيدا ٿيل آهيان ۽ ايمان ۽ هجرت ۾ اڳيرو آهيان.

### ٥٨_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جيڪو پاڻ عليه السلام ان وقت فرمايو جڏهن خارجي حڪومت کان الڳ ٿي "لا حکم الا لله" جو نعرو هڻڻ لڳا:**

شال توهان تي سخت آنڌيون اچن ۽ توهان منجهه ڪو سُڌارڻ وارو باقي نه بچي، ڇا مان الله تي ايمان آڻڻ ۽ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم سان گڏ جهاد ڪرڻ کان پوءِ پاڻ تي ڪفر جي گواهي ڏيئي سگهان ٿو!؟ (جي ائين ڪريان) ته پوءِ آءٌ گمراهه ٿي ويس ۽ هدايت پاتلن مان نه رهيس! پوءِ توهان بڇڙي واٽاڻ ڏانهن موٽي وڃو ۽ توهان کُڙين جي نشانن تي پوئتي هليا وڃو. ياد رکو بيشڪ توهان عنقريب مونکان پوءِ وڏيءَ ذلت ۽ ڪٽيندڙ تلوار کي ڏسندا ۽ اهڙي ڏاڍ کي ڏسندا جنهن کي ظالم توهان ۾ پنهنجي روش قرار ڏيندا.



سيد شريف رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام جو هي فرمان "وَ لَا بَقِيَ مِنْكُمْ اٰبِرٌ" ٽن طريقن سان مروي آهي، پهريون جنهن کي اسان ذڪر ڪيو آهي جو لفظ "آبر" را سان، ۽ عربن جو هي قول "رَجُلٌ اٰبِرٌ" ان ماڻهو لاءِ آهي جيڪو کجور کي ڇانگي يعني ان کي ٺيڪ ڪري. ۽ انکي "اٰثِرٌ" به روايت ڪيو ويو آهي، خبر ڏيڻ وارو، يعني ان جي روايت ۽ حڪايت ڪرڻ وارو.

۽ منهنجي نزديڪ اها سڀ کان ڀلي روايت آهي، ڄڻ امام عليه السلام ائين فرمائڻ چاهين ٿا "لَا بَقِيَ مِنْكُمْ مُخْبِرٌ" ۽ توهان منجهه ڪو خبر ڏيڻ وارو باقي نه بچي. ۽ انکي "اٰبِزٌ" زا معجمه سان به روايت ڪيو ويو آهي. جنهن جي معنیٰ ٽپو ڏيڻ جي آهي، ۽ هلاڪ ٿيندڙ کي به "ابز" چئبو آهي.

## ٥٩ ـ وَ قَالَ عليه السلام

*لما عزم على حرب الخوارج، و قيل له:*

*إن القوم عبروا جسر النهروان!*

مَصَارِعُهُمْ دُونَ النُّطْفَةِ وَ اللَّهِ لَا يُفْلِتُ مِنْهُمْ عَشَرَةٌ وَ لَا يَهْلِكُ مِنْكُمْ عَشَرَةٌ.

قال الشريف: يَعْنِيْ بِالنُّطْفَةِ مَآءَ النَّهْرِ، وَ هِيَ اَفْصَحُ كِنَايَةٍ عَنِ الْمَآءِ وَ اِنْ كَانَ كَثِيْرًا جَمًّا وَ قَد أشَرنا إلى ذَلِكَ فِي مَا تَقَدَّمَ عِندَ مَضِي مَا أَشبَهَهُ.

## ٦٠ ـ وَ قَالَ عليه السلام

*لما قتل الخوارج فقيل له: يا أمير المؤمنين، هلك القوم بأجمعهم!*

كَلَّا وَاللَّهِ إِنَّهُمْ نُطَفٌ فِي أَصْلَابِ الرِّجَالِ وَقَرَارَاتِ النِّسَاءِ كُلَّمَا نَجَمَ مِنْهُمْ قَرْنٌ قُطِعَ حَتَّى يَكُونَ آخِرُهُمْ لُصُوصاً سَلَّابِينَ.

## ٦١ ـ وَ قَالَ عليه السلام

لَا تُقَاتِلُوا الْخَوَارِجَ بَعْدِي؛ فَلَيْسَ مَنْ طَلَبَ الْحَقَّ فَأَخْطَأَهُ كَمَنْ طَلَبَ الْبَاطِلَ فَأَدْرَكَهُ.

قال الشريف: يعني معاوية و أصحابه.



## ٦٢ ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*لما خوف من الغيلة*

وَ إِنَّ عَلَيَّ مِنَ اللَّهِ جُنَّةً حَصِينَةً فَإِذَا جَاءَ يَوْمِي انْفَرَجَتْ عَنِّي وَ أَسْلَمَتْنِي فَحِينَئِذٍ لَا يَطِيشُ السَّهْمُ وَ لَا يَبْرَأُ الْكَلْمُ.

**٥٩_ ۽ امام عليه السلام فرمايو، جڏهن امام عليه السلام خارجين سان جنگ وڙهڻ جو اٽل ارادو ڪيو ۽ امام عليه السلام کي ٻڌايو ويو ته اهي نهروان جي ٻَنڌ ٽپيا آهن ته پوءِ فرمايائون:**

هنن جي ڪِرڻ جو هنڌ نهر جي اورين پر آهي، الله جو قسم نه انهن جا ڏهه ڄڻا بچندا ۽ نه وري توهان جا ڏهه ڄڻا مرندا.

سيد شريف رضي رحمه الله فرمايو: نطفي مان مراد نهر جو پاڻي آهي، ۽ پاڻي کان هي ڪامل فصيح ڪنايو آهي، جتيوڻيڪ پاڻي گهڻو هجي. ۽ اسان پهريائين به ان ڏانهن اشارو ڪيو آهي جڏهن ان جهڙو ڪلام گذريو هو.

**٦٠_ ۽ امام عليه السلام فرمايو، جڏهن خارجين کي ماريو ويو ۽ مولا عليه السلام کي ٻڌايو ويو ته اي اميرالمؤمنين عليه السلام پوري قوم هلاڪ ٿي وئي آهي ته فرمايائون:**

ائين هرگز ناهي، الله جو قسم اُهي مَردن جي پشتن ۽ عورتن جي رحمَن ۾ نطفي جي صورت ۾ باقي آهن.

جڏهن به انهن مان ڪو اڳواڻ ڪرُ ڪڍندو ته انکي ڪٽيو ويندو ايستائين جو انهن جا پونير ڦُريندڙ چور ٿي ويندا.

**٦١_ ۽ امام عليه السلام فرمايو**

توهان مونکان پوءِ خارجين سان جنگ نه ڪجو، انکري ته جيڪو حق کي طلب ڪري ۽ انکي نه پاءِ اهو ان وانگي ناهي جيڪو باطل کي طلب ڪري ۽ انکي پاءِ.

سيد شريف رضي رحمه الله فرمايو: ان مان امام عليه السلام جي مراد معاويو ۽ انجا ساٿي آهن.

**٦٢_ امام عليه السلام جو ڪلام جڏهن امام عليه السلام کي اوچتي قتل کان ڊيڄاريو ويو ته فرمايائون**

بيشڪ مون مٿان الله تعاليٰ طرفان هڪ مضبوط ڍال آهي.

بس جڏهن منهنجي موت جو ڏينهن ايندو ته اها مونکان الڳ ٿي ويندي ۽ مونکي ان جي حوالي ڪري ڇڏيندي، پوءِ ان وقت نه تير خطا ڪندو ۽ نه وري زخم ڇُٽندو.

# ٦٣ ـ ومن خطبة له عليه السلام

*يحذر من فتنة الدنيا*

أَلَا إِنَّ الدُّنْيَا دَارٌ لَا يُسْلَمُ مِنْهَا إِلَّا فِيهَا وَلَا يُنْجَى بِشَيْءٍ كَانَ لَهَا ابْتُلِيَ النَّاسُ بِهَا فِتْنَةً فَمَا أَخَذُوهُ مِنْهَا لَهَا أُخْرِجُوا مِنْهُ وَحُوسِبُوا عَلَيْهِ وَمَا أَخَذُوهُ مِنْهَا لِغَيْرِهَا قَدِمُوا عَلَيْهِ وَأَقَامُوا فِيهِ فَإِنَّهَا عِنْدَ ذَوِي الْعُقُولِ كَفَيْءِ الظِّلِّ بَيْنَا تَرَاهُ سَابِغاً حَتَّى قَلَصَ وَزَائِداً حَتَّى نَقَصَ.

# ٦٤ ـ ومن خطبة له عليه السلام

*في المبادرة إلى صالح الأعمال*

فَاتَّقُوا اللَّهَ عِبَادَ اللَّهِ وَبَادِرُوا آجَالَكُمْ بِأَعْمَالِكُمْ وَابْتَاعُوا مَا يَبْقَى لَكُمْ بِمَا يَزُولُ عَنْكُمْ وَتَرَحَّلُوا فَقَدْ جُدَّ بِكُمْ وَاسْتَعِدُّوا لِلْمَوْتِ فَقَدْ أَظَلَّكُمْ وَكُونُوا قَوْماً صِيحَ بِهِمْ فَانْتَبَهُوا وَعَلِمُوا أَنَّ الدُّنْيَا لَيْسَتْ لَهُمْ بِدَارٍ فَاسْتَبْدَلُوا. فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ لَمْ يَخْلُقْكُمْ عَبَثاً وَلَمْ يَتْرُكْكُمْ سُدًى وَمَا بَيْنَ أَحَدِكُمْ وَبَيْنَ الْجَنَّةِ أَوِ النَّارِ إِلَّا الْمَوْتُ أَنْ يَنْزِلَ بِهِ وَإِنَّ غَايَةً تَنْقُصُهَا اللَّحْظَةُ وَتَهْدِمُهَا السَّاعَةُ لَجَدِيرَةٌ بِقِصَرِ الْمُدَّةِ وَإِنَّ غَائِباً يَحْدُوهُ الْجَدِيدَانِ اللَّيْلُ وَالنَّهَارُ لَحَرِيٌّ بِسُرْعَةِ الْأَوْبَةِ وَإِنَّ قَادِماً يَقْدُمُ بِالْفَوْزِ أَوِ الشِّقْوَةِ لَمُسْتَحِقٌّ لِأَفْضَلِ الْعُدَّةِ. فَتَزَوَّدُوا فِي الدُّنْيَا مِنَ الدُّنْيَا مَا تَحْرُزُونَ بِهِ أَنْفُسَكُمْ غَداً فَاتَّقَى عَبْدٌ رَبَّهُ نَصَحَ نَفْسَهُ وَقَدَّمَ تَوْبَتَهُ وَغَلَبَ شَهْوَتَهُ فَإِنَّ أَجَلَهُ مَسْتُورٌ عَنْهُ وَأَمَلَهُ خَادِعٌ لَهُ وَالشَّيْطَانُ مُوَكَّلٌ بِهِ يُزَيِّنُ لَهُ الْمَعْصِيَةَ لِيَرْكَبَهَا وَيُمَنِّيهِ التَّوْبَةَ لِيُسَوِّفَهَا.

## ٦٣_ امام عليہ السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليہ السلام دنيا جي فتني کان ڊيڄاريو آهي

ياد رکو ته بيشڪ دنيا اهڙو گهر آهي جنهن مان نٿو بچي سگهجي سواءِ ان ۾ رهڻ جي، ۽ اهڙيءَ شيءِ کان نٿو بچي سگهجي جيڪا دنيا لاءِ هجي. ماڻهن کي دنيا ۾ پرکڻ لاءِ آزمائش ۾ رکيو ويو آهي. ماڻهن دنيا مان جنهن شيءِ کي دنيا لاءِ حاصل ڪيو هوندو ته ڪين انکان جدا ڪيو ويندو، ۽ انهن جو ان تي محاسبو به ڪيو ويندو. ۽ جنهن شيءِ کي انهن دنيا کان علاوه آخرت لاءِ حاصل ڪيو هوندو ته اهي انکي پائيندا ۽ ان ۾ رهندا. بيشڪ دنيا عقلمندن لاءِ ورندڙ پاڇي وانگر آهي، جڏهن ته تون انکي ڏڳهو سمجهين ٿو تان جو ننڍو ٿي ويو، ۽ گهٽو ڏسين ٿو تان جو ٿورو ٿي ويو.

## ٦٤_ امام عليہ السلام جو خطبو، نيڪ عملن ڏانهن جلدي ڪرڻ جي ترغيب ڏيارڻ

اي الله جا ٻانهؤ الله کان ڊڄو، ۽ موت کان پهريائين پنهنجي عملن ڏانهن جلدي ڪريو، پنهنجي فاني شين سان پاڻ لاءِ بقاء واريون شيون خريد ڪريو، ۽ سفر جو سمر تيار رکو، بيشڪ توهان جو وارو اچي ويو آهي، ۽ موت لاءِ آماده ٿيو جو هو توهان مٿان لامارا پيو ڏئي. توهان اهڙيءَ قوم وانگر ٿيو جنکي هڪل ڪئي وئي ته سجاڳ ٿيا، ۽ ڄاتائون ته هي دنيا سندن گهر ناهي ته پوءِ انهن دنيا کي (آخرت) سان بدلايو. بيشڪ الله سائين اوهان کي اجايو پيدا ناهي ڪيو، ۽ نه وري توهان کي ڇڙواڳ ڇڏيو اٿس. موت جو اچڻ ئي توهان جي ۽ جنت ۽ جهنم جي وچ ۾ فاصلو آهي. ۽ هيءَ حياتي جو عرصو جنهن کي لحظو گُٺائي ۽ پل پل ڊاهي ٿو حقيقت ۾ اهو ٿورو عرصو آهي. بيشڪ جنهن ماڻهو کي هر ايندڙ ڏينهن ۽ رات ڌکي رهيا آهن، سو جلد ئي منزل تائين پهچڻ جي لائق آهي. ۽ يقيناً ڪاميابي يا ناڪامي ڏانهن ايندڙ لاءِ ضروري آهي ته پليءَ تياري سان اچي. بس توهان دنيا ۾ دنيا مان اهڙو سمر سهيڙيو جنهن سان سڀاڻي توهان پنهنجي پاڻ کي بچايو، تنهنڪري بندو پنهنجي رب کان ڊڄي، پاڻ کي نصيحت ڪري ۽ پنهنجي توبه کي پيش ڪري، پنهنجي خواهشن تي غالب اچي، ڇو جو انکان موت جي گهڙي لڪيل آهي، ۽ سندس اميدون ڪيس ڌوڪو ڏيندڙ آهن، ۽ شيطان سندس تاڙ ۾ آهي جيڪو ان لاءِ گناه کي سينگاري ٿو ته جيئن انکي انجام ڏي ۽ توبه جي اميد ڏياري ٿو ته جيئن انکي پوئتي ڪري.

إِذَا هَجَمَتْ مَنِيَّتُهُ عَلَيْهِ أَغْفَلَ مَا يَكُونُ عَنْهَا فَيَا لَهَا حَسْرَةً عَلَى كُلِّ ذِي غَفْلَةٍ أَنْ يَكُونَ عُمُرُهُ عَلَيْهِ حُجَّةً وَأَنْ تُؤَدِّيَهُ أَيَّامُهُ إِلَى الشِّقْوَةِ نَسْأَلُ اللَّهَ سُبْحَانَهُ أَنْ يَجْعَلَنَا وَإِيَّاكُمْ مِمَّنْ لَا تُبْطِرُهُ نِعْمَةٌ وَلَا تُقَصِّرُ بِهِ عَنْ طَاعَةِ رَبِّهِ غَايَةٌ وَلَا تَحُلُّ بِهِ بَعْدَ الْمَوْتِ نَدَامَةٌ وَلَا كَآبَةٌ.

## ٦٥ ـ ومن خطبة له عليه السلام

*وفيها مباحث لطيفة من العلم الإلهي*

اَلْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي لَمْ تَسْبِقْ لَهُ حَالٌ حَالًا فَيَكُونَ أَوَّلًا قَبْلَ أَنْ يَكُونَ آخِراً وَيَكُونَ ظَاهِراً قَبْلَ أَنْ يَكُونَ بَاطِناً كُلُّ مُسَمًّى بِالْوَحْدَةِ غَيْرَهُ قَلِيلٌ وَكُلُّ عَزِيزٍ غَيْرَهُ ذَلِيلٌ وَكُلُّ قَوِيٍّ غَيْرَهُ ضَعِيفٌ وَكُلُّ مَالِكٍ غَيْرَهُ مَمْلُوكٌ وَكُلُّ عَالِمٍ غَيْرَهُ مُتَعَلِّمٌ.

وَكُلُّ قَادِرٍ غَيْرَهُ يَقْدِرُ وَيَعْجَزُ وَكُلُّ سَمِيعٍ غَيْرَهُ يَصَمُّ عَنْ لَطِيفِ الْأَصْوَاتِ وَيُصِمُّهُ كَبِيرُهَا وَيَذْهَبُ عَنْهُ مَا بَعُدَ مِنْهَا وَكُلُّ بَصِيرٍ غَيْرَهُ يَعْمَى عَنْ خَفِيِّ الْأَلْوَانِ وَلَطِيفِ الْأَجْسَامِ وَكُلُّ ظَاهِرٍ غَيْرَهُ بَاطِنٌ وَكُلُّ بَاطِنٍ غَيْرَهُ غَيْرُ ظَاهِرٍ.

لَمْ يَخْلُقْ مَا خَلَقَهُ لِتَشْدِيدِ سُلْطَانٍ وَلَا تَخَوُّفٍ مِنْ عَوَاقِبِ زَمَانٍ وَلَا اسْتِعَانَةٍ عَلَى نِدٍّ مُثَاوِرٍ وَلَا شَرِيكٍ مُكَاثِرٍ وَلَا ضِدٍّ مُنَافِرٍ وَلَكِنْ خَلَائِقُ مَرْبُوبُونَ وَعِبَادٌ دَاخِرُونَ لَمْ يَحْلُلْ فِي الْأَشْيَاءِ فَيُقَالَ هُوَ كَائِنٌ وَلَمْ يَنْأَ عَنْهَا فَيُقَالَ هُوَ مِنْهَا بَائِنٌ لَمْ يَؤُدْهُ خَلْقُ مَا ابْتَدَأَ وَلَا تَدْبِيرُ مَا ذَرَأَ وَلَا وَقَفَ بِهِ عَجْزٌ عَمَّا خَلَقَ وَلَا وَلَجَتْ عَلَيْهِ شُبْهَةٌ فِيمَا قَضَى وَقَدَّرَ بَلْ قَضَاءٌ مُتْقَنٌ وَعِلْمٌ مُحْكَمٌ وَأَمْرٌ مُبْرَمٌ الْمَأْمُولُ مَعَ النِّقَمِ الْمَرْهُوبُ مَعَ النِّعَمِ.

ايستائين جو مٿس موت اچي ڪڙڪيو، جڏهن ته هو انهيءَ کان غافل هيو، هاءُ ڪيڏو نه افسوس آهي هر ان غافل تي جنهنجي زندگي ان جي خلاف گواهه بڻجي وڃي، ۽ سندس زندگيءَ جا ڏهاڙا ڪيس بدبختيءَ تائين پهچائين!. اسان الله تعالىٰ کان دعا گهرؤن ٿا ته هو اسان ۽ توهان کي انهن مان قرار ڏئي جو نعمتون جنکي سرڪش نٿيون بڻائين. ۽ ڪين ڪا به شيءِ سندن رب جي اطاعت کان ڪوتاهي نٿي ڪرائي، ۽ انهن مان قرار ڏئي جن کي موت ڪانپوءِ نه پشيماني اچي ٿي ۽ نه وري ڏک اچن ٿا.

## ٦٥_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ علمِ الٰهي جا لطيف بحث آهن

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن، جنهن جي هڪ وصف ٻيءَ وصف کان پهريائين ناهي جو اول هجي آخر هجڻ کان پهريائين ۽ ظاهر هجي باطن هجڻ کان پهريائين. الله کان علاوه جنهن کي به هڪ ڪوٺيو وڃي اهو ٿورو آهي. ۽ انڪان علاوه هر غالب پست آهي، ۽ انڪان علاوه هر طاقتور ڪمزور آهي، ۽ انڪان علاوه هر مالڪ غلام آهي، ۽ انڪان علاوه هر عالم سکڻ وارو آهي. ۽ انڪان علاوه هر قدرتمند ڪڏهن قادر ته ڪڏهن عاجز ٿئي ٿو. ۽ انڪان علاو هر ٻڌندڙ هلڪن آوازن جي ٻڌڻ کان ٻوڙو آهي، ۽ وڏا آواز ڪيس ٻوڙو ڪري ڇڏين ٿا ۽ جيڪي آواز ڪانئس پري آهن سي ان تائين نٿا پهچن. ۽ انڪان علاوه هر ڏسندڙ لڪيل رنگن ۽ لطيف جسمن جي ڏسڻ کان انڌو آهي. ۽ انڪان علاوه هر ظاهر (حقيقت ۾) باطن آهي ۽ هر باطن ان ڪانسواءِ ظاهر ناهي. هن مخلوق کي سلطنت جي مضبوطيءَ لاءِ پيدا ناهي ڪيو، ۽ نه وري زماني جي حالتن کان ڊڄڻ ڪري پيدا ڪيو اٿس، ۽ نه ئي حملي ڪندڙ مد مقابل ۽ گهٽائيءَ تي تڪبر ڪندڙ ۽ وڌائي ۽ بلندي کان ڌڪيندڙ خلاف مدد وٺڻ خاطر پيدا ڪيو اٿس. ليڪن مخلوق ان جي ملڪيت ۽ عاجز ٻانها آهن. هن شين ۾ حلول ناهي ڪيو جو چيو وڃي ته هو انهن منجهه آهي، ۽ نه ئي هو انهن شين کان پري آهي جو چيو وڃي ته هو انهن کان جدا آهي، مخلوق جي پيدا ڪرڻ ۽ انهيءَ جي تدبير ڪرڻ ڪيس ناهي ٿڪايو. ۽ نه وري مخلوق جي خلقت ڪري ان تي ڪمزوري آئي آهي، ۽ نه ئي ان جي قضاء ۽ قدر وارن فيصلن ۾ انکي ڪو شڪ ٿيو آهي، بلڪ ان جو فيصلو اٽل، مضبوط علم ۽ پڪي ڳالهه آهي. (هو اهڙي ذات آهي) مصيبت جي وقت جنهن ۾ آس ۽ نعمت جي وقت به جنهنجو خوف رهي ٿو.

# ٦٦ ـ و من كلام له عليه السلام

*في تعليم الحرب و المقاتلة*

*و المشهور أنه قاله لأصحابه ليلة الهرير أو أول اللقاء بصفين*

مَعَاشِرَ الْمُسْلِمِينَ اسْتَشْعِرُوا الْخَشْيَةَ وَتَجَلْبَبُوا السَّكِينَةَ وَعَضُّوا عَلَى النَّوَاجِذِ فَإِنَّهُ أَنْبَى لِلسُّيُوفِ عَنِ الْهَامِ وَأَكْمِلُوا اللَّأْمَةَ وَقَلْقِلُوا السُّيُوفَ فِي أَغْمَادِهَا قَبْلَ سَلِّهَا وَالْحَظُوا الْخَزْرَ وَاطْعُنُوا الشَّزْرَ وَنَافِحُوا بِالظُّبَى وَصِلُوا السُّيُوفَ بِالْخُطَا وَاعْلَمُوا أَنَّكُمْ بِعَيْنِ اللَّهِ وَمَعَ ابْنِ عَمِّ رَسُولِ اللَّهِ. فَعَاوِدُوا الْكَرَّ وَاسْتَحْيُوا مِنَ الْفَرِّ فَإِنَّهُ عَارٌ فِي الْأَعْقَابِ وَنَارٌ يَوْمَ الْحِسَابِ وَطِيبُوا عَنْ أَنْفُسِكُمْ نَفْساً وَامْشُوا إِلَى الْمَوْتِ مَشْياً سُجُحاً وَعَلَيْكُمْ بِهَذَا السَّوَادِ الْأَعْظَمِ وَالرِّوَاقِ الْمُطَنَّبِ فَاضْرِبُوا ثَبَجَهُ فَإِنَّ الشَّيْطَانَ كَامِنٌ فِي كِسْرِهِ وَقَدْ قَدَّمَ لِلْوَثْبَةِ يَداً وَأَخَّرَ لِلنُّكُوصِ رِجْلًا فَصَمْداً صَمْداً حَتَّى يَنْجَلِيَ لَكُمْ عَمُودُ الْحَقِّ وَ أَنْتُمُ الْأَعْلَوْنَ وَاللَّهُ مَعَكُمْ وَلَنْ يَتِرَكُمْ أَعْمالَكُمْ.



# ٦٧ ـ من كلام له عليه السلام

*قالوا: لما انتهت إلى أمير المؤمنين عليه السلام أنباء السقيفة بعد وفاة رسول الله صلى الله عليه وآله قال: ما قالت الأنصار؟ قالوا: قالت: منا أمير و منكم أمير، قال عليه السلام:*

فَهَلَّا احْتَجَجْتُمْ عَلَيْهِمْ بِأَنَّ رَسُولَ اللَّهِ عليه السلام وَصَّى بِأَنْ يُحْسَنَ إِلَى مُحْسِنِهِمْ وَيُتَجَاوَزَ عَنْ مُسِيئِهِمْ قَالُوا وَمَا فِي هَذَا مِنَ الْحُجَّةِ عَلَيْهِمْ فَقَالَ عليه السلام لَوْ كَانَ الْإِمَامَةُ فِيهِمْ لَمْ تَكُنِ الْوَصِيَّةُ بِهِمْ ثُمَّ قَالَ عليه السلام فَمَا ذَا قَالَتْ قُرَيْشٌ قَالُوا احْتَجَّتْ بِأَنَّهَا شَجَرَةُ الرَّسُولِ صلى الله عليه وآله فَقَالَ عليه السلام احْتَجُّوا بِالشَّجَرَةِ وَأَضَاعُوا الثَّمَرَةَ.

## ٦٦_ امام عليہ السلام جو ڪلام جنگ ۽ ويڙهه جي سکيا جي باري ۾

**۽ مشهور آهي ته پاڻ عليہ السلام هي ڪلام پنهنجي اصحاب کي روڙن واري رات يا جنگِ صفين ۾ ڦهرين ڀيري دوبدو ٽيڻ وقت فرمايو آهي.**

اي مسلمانؤ الله جي خوف کي پنهنجو شعار بڻايو ۽ اطمينان جي چادر ڦهريو ۽ پنهنجي ڏندن کي ڀڪوڙيو، ڇو جو اهو تلوارن کي سرن کان پري ڪري ٿو ۽ جنگي سامان سان ليس ٿيو، ۽ تلوارن کي ڪڍڻ کان ڦهريائين مياڻن ۾ حرڪت ڏيو، ۽ دشمن کي گُهوري ڏسو ۽ ساڄي ۽ کاٻي نيزن جا حملا ڪريو ۽ انهن کي تلوار جي ڌار تي رکو ۽ قدمن ذريعي تلوارن کي انهن تائين ڦهچايو. ڄاڻو ته بيشڪ توهان الله جي نظر ۾ آهيو، ۽ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جي سؤٽ سان گڏ آهيو.

بس توهان وري وري وار ڪريو، ۽ ڀڄڻ کان حياءُ ڪريو ڇو ته اهو ڦونيرن لاءِ داغ ۽ قيامت جي ڏينهن عذاب آهي. ۽ خوشيءَ سان پنهنجو پاڻ کي رب حوالي ڪريو ۽ موت ڏانهن آسانيءَ سان وڌو. ۽ توهان هن وڏي لشڪر ۽ رسَي سان ٻڌل خيمي تي ڪڙڪي پئو ۽ ان جي وچ تي حملو ڪريو ان لاءِ ته شيطان ان جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪيل آهي. جڏهن ته هن حملي لاءِ هٿ وڌايو آهي ۽ وري ڀڄڻ لاءِ ڀير هٽايو آهي. ۽ ائين ثابت قدم رهو جيئن رهڻ جو حق آهي، ايستائين جو توهان لاءِ حق جا نشان چٽا ٿين ۽ اوهان ئي غالب آهيو ۽ الله اوهان سان گڏ آهي ۽ هو ڪڏهن به توهان جي عملن جي جزا نه گهٽائيندو.

## ٦٧_ امام عليہ السلام جو ڪلام، ماڻهن چيو جڏهن رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جي وفات کان پوءِ ١٦٧

**اميرالمؤمنين عليہ السلام تائين سقيفي جي خبر پهتي، ته پاڻ عليہ السلام ڀڇيو انصار ڇا چيو؟ ماڻهن ٻڌايو ته انصار چيو هڪ امير اسان مان هجي ۽ هڪ امير توهان مان هجي. ته پوءِ امام عليہ السلام فرمايو:**

پوءِ توهان انهن تي احتجاج ڇو نه ڪيو ته رسول الله عليہ السلام وصيت ڪئي هئي ته انهن جي چڱي سان چڱائي ڪئي وڃي ۽ انهن جي مندي کي معاف ڪيو وڃي. ماڻهن چيو: هن ۾ انهن خلاف ڪهڙو احتجاج آهي؟ ته پاڻ عليہ السلام فرمايائون: اگر حڪومت انهن لاءِ هجي ها ته وصيت انهن جي باري ۾ نه هجي ها. پوءِ امام عليہ السلام فرمايو: قريش وارن (مهاجرن) ڇا چيو؟ ماڻهن چيو: ته انهن اهو احتجاج ڪيو ته اسان رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم واري وڻ منجهان آهيون. پوءِ امام عليہ السلام فرمايو: انهن وڻ سان ته احتجاج ڪيو پر ميوي کي ضايع ڪري ڇڏيو.

## ٦٨ ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*لما قلد محمد بن أبي بكر مصر فملكت عليه وقُتِل*

وَقَدْ أَرَدْتُ تَوْلِيَةَ مِصْرَ هَاشِمَ بْنَ عُتْبَةَ وَلَوْ وَلَّيْتُهُ إِيَّاهَا لَمَّا خَلَّى لَهُمُ الْعَرْصَةَ وَلَا أَنْهَزَهُمُ الْفُرْصَةَ بِلَا ذَمٍّ لِمُحَمَّدِ بْنِ أَبِي بَكْرٍ فَلَقَدْ كَانَ إِلَيَّ حَبِيباً وَكَانَ لِي رَبِيباً.

## ٦٩ ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في توبيخ بعض أصحابه*

كَمْ أُدَارِيكُمْ كَمَا تُدَارَى الْبِكَارُ الْعَمِدَةُ وَالثِّيَابُ الْمُتَدَاعِيَةُ كُلَّمَا حِيصَتْ مِنْ جَانِبٍ تَهَتَّكَتْ مِنْ آخَرَ كُلَّمَا أَطَلَّ عَلَيْكُمْ مَنْسِرٌ مِنْ مَنَاسِرِ أَهْلِ الشَّامِ أَغْلَقَ كُلُّ رَجُلٍ مِنْكُمْ بَابَهُ وَانْجَحَرَ انْجِحَارَ الضَّبَّةِ فِي جُحْرِهَا وَالضَّبُعِ فِي وِجَارِهَا. الذَّلِيلُ وَاللَّهِ مَنْ نَصَرْتُمُوهُ وَمَنْ رُمِيَ بِكُمْ فَقَدْ رُمِيَ بِأَفْوَقَ نَاصِلٍ إِنَّكُمْ وَاللَّهِ لَكَثِيرٌ فِي الْبَاحَاتِ قَلِيلٌ تَحْتَ الرَّايَاتِ وَإِنِّي لَعَالِمٌ بِمَا يُصْلِحُكُمْ وَيُقِيمُ أَوَدَكُمْ وَلَكِنِّي لَا أَرَى إِصْلَاحَكُمْ بِإِفْسَادِ نَفْسِي أَضْرَعَ اللَّهُ خُدُودَكُمْ وَأَتْعَسَ جُدُودَكُمْ لَا تَعْرِفُونَ الْحَقَّ كَمَعْرِفَتِكُمُ الْبَاطِلَ وَلَا تُبْطِلُونَ الْبَاطِلَ كَإِبْطَالِكُمُ الْحَقَّ.



## ٧٠ ـ وَقَالَ عليه السلام

*في سحرة اليوم الذي ضرب فيه*

مَلَكَتْنِي عَيْنِي وَأَنَا جَالِسٌ فَسَنَحَ لِي رَسُولُ اللَّهِ صلى الله عليه وآله فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ مَا ذَا لَقِيتُ مِنْ أُمَّتِكَ مِنَ الْأَوَدِ وَاللَّدَدِ فَقَالَ ادْعُ عَلَيْهِمْ فَقُلْتُ أَبْدَلَنِي اللَّهُ بِهِمْ خَيْراً مِنْهُمْ وَأَبْدَلَهُمْ بِي شَرّاً لَهُمْ مِنِّي.

قال الشريف: يَعْنِيْ بِـ "الْأَوَدِ" الْاِعْوِجَاجَ، وَ بِـ "اللَّدَدِ" الْخِصَامَ. وَ هٰذَا مِنْ اَفْصَحِ الْكَلَامِ.

## ٦٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام محمد بن ابوبڪر (رحمه الله) کي مصر جي حڪومت جي ذميداري ڏني

### پوءِ ان تي قبضو ڪيو ويو ۽ کيس قتل ڪيو ويو.

بيشڪ منهنجو ارادو هاشم بن عُتبہ کي مصر جو والي بڻائڻ هيو، اگر هنڪي انهيءَ جو والي بڻايان ها تہ هو ڪڏهن بہ انهن لاءِ ميدان خالي نہ ڇڏي ها ۽ نہ وري انهن کي ڪو موقعو ڏي ها. نہ ڪي انهيءَ ۾ محمد بن ابوبڪر لاءِ مذمت آهي، بيشڪ هو منهنجو پيارو ۽ منهنجو پاليل هيو.

## ٦٩_ امام عليه السلام جو ڪلام، پنهنجي ڪجھ اصحاب جي ملامت بابت

آءٌ توهان جو ڪيتري قدر اِئين خيال رکان جيئن پَورن ٺوهن وارن ڳَنوائن ۽ اِهڙن پراڻن ڪپڙن سان رکيو ويندو آهي، جنڪي هڪ طرف کان ٽاڪو هنيو وڃي تہ ٻئي طرف کان ڦاٽيو پون. جڏهن بہ شامي جٿن مان ڪو جٿو توهان مٿان ڪڙڪي ٿو تہ توهان مان هر ڪو ماڻهو پنهنجو دروازو بند ڪري ڇڏي ٿو. ۽ ائين لِڪي وڃي ٿو جيئن ڳوهہ پنهنجي ٻِر ۾ ۽ ڇراخ پنهنجي ڏر ۾ لڪي ويندو آهي. الله جو قسم توهان جنهن جي مدد ڪريو اهو رُسوا ٿيندو، ۽ جنهن توهان جي ذريعي حملو ڪيو ان ڄڻ ڇُهنب ڀڳل تير سان حملو ڪيو، خدا جو قسم توهان گهرن جي اڱڻ ۾ تہ گهڻا آهيو پر جهنڊن جي هيٺيان ٿورا آهيو، ۽ مان چڱيءَ طرح سان ڄاڻان ٿو تہ ڪهڙي شيءِ توهان جي اصلاح ڪندي ۽ توهان جي ٽيڏائپ کي سڌو ڪندي. پر الله جو قسم آءٌ پاڻ وڃائي توهان جي اصلاح ڪرڻ نٿو چاهيان، الله توهان کي خوار ۽ بدنصيب ڪري. توهان حق کي اهڙو نٿا سڃاڻو جهڙو باطل کي سڃاڻو ٿا ۽ باطل کي ائين برباد نٿا ڪريو جيئن حق کي برباد ڪريو ٿا.

## ٧٠_ امام عليه السلام ضربت واري ڏينهن اَسُرُ جي وقت فرمايو

آءٌ وينو هيس تہ منهنجي اک لڳي وئي، پوءِ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم منهنجي خواب ۾ آيا تہ مان چيو: يا رسول الله (صلى الله عليه وآله وسلم) مونکي توهان جي امت مان ڪيڏي نہ تڪليف ۽ دشمني پهتي آهي؟ تہ پوءِ الله جي رسول صلى الله عليه وآله وسلم فرمايو: انهن لاءِ بددعا ڪر. مان چيو: الله مونکي انهن جي بدلي ڀلا ماڻهو ڏي ۽ انهن کي منهنجي بدران برو حاڪم ڏي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام ”الْأَوَدِ“ مان ٽيڏائپ، ۽ ”اللَّدَدِ“ مان دشمني مراد ورتي آهي، ۽ هي فصيح ڪلام منجهان آهي.

## ٧١ ـ من خطبة له عليه السلام

*في ذم أهل العراق و فيها يوبخهم على ترك القتال و النصر يكاد يتم، ثم تكذيبهم له*

أَمَّا بَعْدُ يَا أَهْلَ الْعِرَاقِ فَإِنَّمَا أَنْتُمْ كَالْمَرْأَةِ الْحَامِلِ حَمَلَتْ فَلَمَّا أَتَمَّتْ أَمْلَصَتْ وَمَاتَ قَيِّمُهَا وَطَالَ تَأَيُّمُهَا وَوَرِثَهَا أَبْعَدُهَا. أَمَا وَاللَّهِ مَا أَتَيْتُكُمُ اخْتِيَاراً وَلَكِنْ جِئْتُ إِلَيْكُمْ سَوْقاً وَلَقَدْ بَلَغَنِي أَنَّكُمْ تَقُولُونَ عَلِيٌّ يَكْذِبُ قَاتَلَكُمُ اللَّهُ تَعَالَى فَعَلَى مَنْ أَكْذِبُ أَ عَلَى اللَّهِ فَأَنَا أَوَّلُ مَنْ آمَنَ بِهِ أَمْ عَلَى نَبِيِّهِ فَأَنَا أَوَّلُ مَنْ صَدَّقَهُ كَلَّا وَاللَّهِ لَكِنَّهَا لَهْجَةٌ غِبْتُمْ عَنْهَا وَلَمْ تَكُونُوا مِنْ أَهْلِهَا وَيْلُ أُمِّهِ كَيْلًا بِغَيْرِ ثَمَنٍ لَوْ كَانَ لَهُ وِعَاءٌ ﴿وَلَتَعْلَمُنَّ نَبَأَهُ بَعْدَ حِينٍ[١]﴾.

## ٧٢ ـ من خطبة له عليه السلام

*علّم فيها الناس الصلاة على النبي صلى الله عليه وآله*
*و فيها بيان صفات الله سبحانه وصفة النبي والدعاء له*

### صفات الله

اللَّهُمَّ دَاحِيَ الْمَدْحُوَّاتِ وَدَاعِمَ الْمَسْمُوكَاتِ وَجَابِلَ الْقُلُوبِ عَلَى فِطْرَتِهَا شَقِيِّهَا وَسَعِيدِهَا.

### صفات النبي

اجْعَلْ شَرَائِفَ صَلَوَاتِكَ وَنَوَامِيَ بَرَكَاتِكَ عَلَى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُولِكَ الْخَاتِمِ لِمَا سَبَقَ وَالْفَاتِحِ لِمَا انْغَلَقَ وَالْمُعْلِنِ الْحَقَّ بِالْحَقِّ وَالدَّافِعِ جَيْشَاتِ الْأَبَاطِيلِ وَالدَّامِغِ صَوْلَاتِ الْأَضَالِيلِ.

١: ص: آية: ٨٨.

## ٧١ _ امام عليه السلام جو خطبو. عراقين جي مذمت جي باري ۾

**۽ هن ۾ امام عليه السلام ڪين نہ وڙهڻ ۽ ملڻ واري فتح کي ڇڏي ڏيڻ ۽ پنهنجي تڪذيب ڪرڻ تي سندن ملامت ڪئي آهي.**

اي عراق وارؤ! توهان تہ آهيو ئي ڳورهاريءَ عورت وانگر جيڪا حمل ڪانپوءِ مدت پوري ڪري ٻار ڪيرايو ڇڏي ۽ سندس مڙس مري وڃيس ۽ بيواهي جو زمانو طويل ٿي وڃيس ۽ پري وارا مٿ وارث اچي ٿينس. ياد رکو تہ الله جو قسم آءٌ توهان وٽ مرضي سان ناهيان آيو، پر مان توهان وٽ حالات جي مجبوريءَ ڪري آيو آهيان. بيشڪ مونکي خبر پئي آهي تہ توهان چئو ٿا: علي ڪوڙ هڻي ٿو، الله تعالىٰ جي ڪا مار پئيوَ، آءٌ ڪنهن تي ڪوڙ هڻان ٿو؟ ڇا الله تي؟ حالانڪ آءٌ اهو پهريون آهيان جنهن هن تي ايمان آندو!. يا ان جي نبيءَ تي ڪوڙ هڻان ٿو؟ جڏهن تہ مان اهو پهريون آهيان جنهن سندس تصديق ڪئي!. الله جو قسم ائين هرگز نہ آهي، پر اهي اهڙا راز آهن جن کان توهان پري هيا، ۽ نہ وري توهان انهن جا اهل هيا، شال ماء مرين. (علم جا ماپا) مفت پيري ڏيان ها اگر ان لاءِ ڪو ظرف هجي ها. ”۽ توهان ڪجھ مدت ڪانپوءِ ان جي حقيقت کي ضرور بہ ضرور ڄاڻي وٺندؤ“.

## ٧٢ _ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ پاڻ عليه السلام ماڻهن کي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم تي صلوات پڙهڻ سيکاري آهي

**۽ هن ۾ الله سبحانہ جي صفتن ۽ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم جي صفت جو بيان ۽ سندس لاءِ دعا آهي.**

### الله جو صفتون

اي الله، اي زمينن جي فرش کي وڇائڻ وارا ۽ آسمانن کي بيهارڻ وارا، ۽ دلين کي سندن بد ۽ نيڪ فطرت تي خلقڻ وارا.

### پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم جو صفتون

تون پنهنجي پاڪيزه رحمتن ۽ اڻ کٽ برڪتن کي پنهنجي ٻانهي ۽ رسول محمد صلى الله عليه وآله وسلم تي نازل فرماءِ، جيڪو سلسلي نبوت کي پوري ڪرڻ وارو ۽ بند پيل دلين کي کولڻ وارو ۽ حق جو حق سان اعلان ڪرڻ وارو ۽ باطل جي شدت کي ختم ڪرڻ وارو ۽ گمراهين جي غلبي کي ٽوڙڻ وارو آهي.

كَمَا حُمِّلَ فَاضْطَلَعَ قَائِماً بِأَمْرِكَ مُسْتَوْفِزاً فِي مَرْضَاتِكَ غَيْرَ نَاكِلٍ عَنْ قُدُمٍ وَلَا وَاهٍ فِي عَزْمٍ وَاعِياً لِوَحْيِكَ حَافِظاً لِعَهْدِكَ مَاضِياً عَلَى نَفَاذِ أَمْرِكَ حَتَّى أَوْرَى قَبَسَ الْقَابِسِ وَأَضَاءَ الطَّرِيقَ لِلْخَابِطِ وَهُدِيَتْ بِهِ الْقُلُوبُ بَعْدَ خَوْضَاتِ الْفِتَنِ وَالْآثَامِ وَأَقَامَ بِمُوضِحَاتِ الْأَعْلَامِ وَنَيِّرَاتِ الْأَحْكَامِ فَهُوَ أَمِينُكَ الْمَأْمُونُ وَخَازِنُ عِلْمِكَ الْمَخْزُونِ وَشَهِيدُكَ يَوْمَ الدِّينِ وَبَعِيثُكَ بِالْحَقِّ وَرَسُولُكَ إِلَى الْخَلْقِ.

### الدعاء للنبي

اللَّهُمَّ افْسَحْ لَهُ مَفْسَحاً فِي ظِلِّكَ وَاجْزِهِ مُضَاعَفَاتِ الْخَيْرِ مِنْ فَضْلِكَ اللَّهُمَّ وَأَعْلِ عَلَى بِنَاءِ الْبَانِينَ بِنَاءَهُ وَأَكْرِمْ لَدَيْكَ مَنْزِلَتَهُ وَأَتْمِمْ لَهُ نُورَهُ وَاجْزِهِ مِنِ ابْتِعَاثِكَ لَهُ مَقْبُولَ الشَّهَادَةِ مَرْضِيَّ الْمَقَالَةِ ذَا مَنْطِقٍ عَدْلٍ وَخُطْبَةٍ فَصْلٍ اللَّهُمَّ اجْمَعْ بَيْنَنَا وَبَيْنَهُ فِي بَرْدِ الْعَيْشِ وَقَرَارِ النِّعْمَةِ وَمُنَى الشَّهَوَاتِ وَأَهْوَاءِ اللَّذَّاتِ وَرَخَاءِ الدَّعَةِ وَمُنْتَهَى الطُّمَأْنِينَةِ وَتُحَفِ الْكَرَامَةِ.

## ٧٣ ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*قاله لمروان بن الحكم بالبصرة*

قَالُوا: أُخِذَ مَرْوَانُ بْنُ الْحَكَمِ أَسِيراً يَوْمَ الْجَمَلِ فَاسْتَشْفَعَ الْحَسَنَ وَالْحُسَيْنَ عليهما السلام إِلَى أَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ عليه السلام فَكَلَّمَاهُ فِيهِ فَخَلَّى سَبِيلَهُ فَقَالَا لَهُ يُبَايِعُكَ يَا أَمِيرَالْمُؤْمِنِينَ قَالَ عليه السلام: أَ وَلَمْ يُبَايِعْنِي بَعْدَ قَتْلِ عُثْمَانَ لَا حَاجَةَ لِي فِي بَيْعَتِهِ إِنَّهَا كَفٌّ يَهُودِيَّةٌ لَوْ بَايَعَنِي بِكَفِّهِ لَغَدَرَ بِسَبَّتِهِ أَمَا إِنَّ لَهُ إِمْرَةً كَلَعْقَةِ الْكَلْبِ أَنْفَهُ وَهُوَ أَبُو الْأَكْبُشِ الْأَرْبَعَةِ وَسَتَلْقَى الْأُمَّةُ مِنْهُ وَمِنْ وَلَدِهِ يَوْماً أَحْمَرَ.

جيئن ئي ڪيس ذميواري ڏني وئي تہ انکي انجام ڏيڻ لاءِ ڀرپور نمونې سان اٿيا، تنهنجي حڪم جي تعبيداري ڪندي ۽ تنهنجي رضا لاءِ جلدي ڪندي ۽ جنگ کان نہ ڪيٻائيندي ۽ ارادي ۾ ڪمزوري نہ آڻيندي، ۽ تنهنجي وحيءَ جي حفاظت ڪندي ۽ تنهنجي عهد کي ياد رکندي، تنهنجي امر کي نافذ ڪندي، ايستائين جو پاڻ سڳورن ﷺ چڻنگ ڀڙڪائيندڙ لاءِ شعلا ڀڙڪايا ۽ اونداهيءَ ۾ ڀٽڪندڙ لاءِ رستا روشن ڪيا. فتنن ۽ ڏوهن ۾ غرق ٿيڻ کانپوءِ سندن ذريعي دلين کي هدايت ڏني وئي، جنهن رستي ڏيکارڻ جا نشان ۽ روشن احڪام ٻڌايا. ۽ هو تنهنجو ڀروسي مند امين ۽ تنهنجي علمي خزاني جو سنڀاليندڙ ۽ قيامت جي ڏينهن تنهنجي طرفان گواهي ڏيندڙ ۽ تنهنجي طرفان حق سان موڪليل ۽ مخلوق ڏانهن تنهنجو رسول آهي.

## پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ دعا

اي الله، تون پنهنجي رحمت جي ڇانو ۾ سندس لاءِ ڪشادگي فرماءِ، ۽ پنهنجي ٻاجھہ مان ڪيس جھجھين نيڪين سان جزاء عطا فرماءِ. اي الله سيني بانين جي بنياد تي سندس دين جي بنياد کي مٿانهون فرماءِ، ۽ سندس مقام کي پاڻ وٽ مانُ ڏي ۽ ان جي نور کي ڪامل فرماءِ. ۽ ڪيس رسالت جي صلہ ۾ گواهي جي قبوليت ۽ قول جي رضايت عطاء فرماءِ، جيڪو عدل جي ڳالھہ ۽ برحق فيصلا ڪندڙ آهي. اي الله اسانکي پرسڪون زندگي، دائمي نعمتن، من پسند چاهتن، وڻندڙ لذتن، وسيع راحتن، انتهائي فرحتن ۽ ڪرامت جي تحفن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ سان ڪٺو فرماءِ.

## ٧٣_ امام عليه السلام جو ڪلام، جيڪو پاڻ عليه السلام بصري ۾ مروان بن حڪم لاءِ فرمايو

انهن چيو: جنگِ جمل جي ڏينهن مروان بن حڪم کي قيدي ڪيو ويو تہ هن امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام کي اميرالمؤمنين عليه السلام وٽ سندس سفارش ڪرڻ جو چيو، تہ حسنين عليهما السلام ان باري ۾ اميرالمؤمنين عليه السلام سان ڳالهايو تہ امام عليه السلام ڪيس رِها ڪري ڇڏيو، پوءِ انهن شهزادن امام کي چيو تہ اي اميرالمؤمنين عليه السلام ڇا هو توهان جي بيعت ڪري؟ ان کانپوءِ امام عليه السلام فرمايو: ڇا هن عثمان جي قتل کانپوءِ منهنجي بيعت نہ ڪئي هئي؟ مونکي ان جي بيعت جي ضرورت ناهي بيشڪ اهو يهودي هٿ آهي. اگر هو پنهنجي هٿ سان بيعت ڪندو تہ پڪ سان پٺ ڏئي ڀڄي ويندو. ياد رکو تہ هنکي ڪتي جي پنهنجي نڪ چٽڻ جي عرصي جيتري حڪومت ملندي ۽ هو چئن حڪمرانن جو پيءُ آهي. ۽ عنقريب امت هن ۽ هنجي پٽن جي زماني ۾ ڏکيا ڏينهن ڏسندي.

# ٧٤ ـ و من خطبة له عليه السلام

*لما عزموا على بيعة عثمان*

لَقَدْ عَلِمْتُمْ أَنِّي أَحَقُّ النَّاسِ بِهَا مِنْ غَيْرِي وَ اللَّهِ لَأُسْلِمَنَّ مَا سَلِمَتْ أُمُورُ الْمُسْلِمِينَ وَلَمْ يَكُنْ فِيهَا جَوْرٌ إِلَّا عَلَيَّ خَاصَّةً الْتِمَاساً لِأَجْرِ ذَلِكَ وَفَضْلِهِ وَزُهْداً فِيمَا تَنَافَسْتُمُوهُ مِنْ زُخْرُفِهِ وَزِبْرِجِهِ.

# ٧٥ ـ و من كلام له عليه السلام

*لما بلغه اتهام بني أمية له بالمشاركة في دم عثمان*

أَوَلَمْ يَنْهَ بَنِي أُمَيَّةَ عِلْمُهَا بِي عَنْ قَرْفِي أَ وَمَا وَزَعَ الْجُهَّالَ سَابِقَتِي عَنْ تُهَمَتِي وَلَمَا وَعَظَهُمُ اللَّهُ بِهِ أَبْلَغُ مِنْ لِسَانِي أَنَا حَجِيجُ الْمَارِقِينَ وَخَصِيمُ النَّاكِثِينَ الْمُرْتَابِينَ وَعَلَى كِتَابِ اللَّهِ تُعْرَضُ الْأَمْثَالُ وَبِمَا فِي الصُّدُورِ تُجَازَى الْعِبَادُ.

# ٧٦ ـ و من خطبة له عليه السلام



*في الحث على العمل الصالح*

رَحِمَ اللَّهُ امْرَأً سَمِعَ حُكْماً فَوَعَى وَدُعِيَ إِلَى رَشَادٍ فَدَنَا وَأَخَذَ بِحُجْزَةِ هَادٍ فَنَجَا رَاقَبَ رَبَّهُ وَخَافَ ذَنْبَهُ قَدَّمَ خَالِصاً وَعَمِلَ صَالِحاً اكْتَسَبَ مَذْخُوراً وَاجْتَنَبَ مَحْذُوراً وَرَمَى غَرَضاً وَأَحْرَزَ عِوَضاً كَابَرَ هَوَاهُ وَكَذَّبَ مُنَاهُ جَعَلَ الصَّبْرَ مَطِيَّةَ نَجَاتِهِ وَالتَّقْوَى عُدَّةَ وَفَاتِهِ رَكِبَ الطَّرِيقَةَ الْغَرَّاءَ وَلَزِمَ الْمَحَجَّةَ الْبَيْضَاءَ اغْتَنَمَ الْمَهَلَ وَبَادَرَ الْأَجَلَ وَتَزَوَّدَ مِنَ الْعَمَلِ.

## ٧٤ _ امام عليه السلام جو خطبو، جڏهن ماڻهن عثمان جي بيعت جو اٽل ارادو ڪيو

بيشڪ توهان ڄاڻو ٿا تہ آءٌ ٻين کان وڌيڪ خلافت جو حقدار آهيان، الله جو قسم آءٌ اُوستائين چپ رهندس جيستائين مسلمانن جا امور محفوظ رهندا، ۽ انهيءَ ۾ سواءِ منهنجي ٻئي ڪنهن تي بہ ظلم نہ آهي ۽ اهو اجر ۽ ثواب ڪي طلب ڪندي ۽ انڪان پرهيز ڪندي آهي جنهن جي سونهن ۽ زينت ڪري توهان هڪ ٻئي سان چڪتاڻ ڪريو ٿا.

## ٧٥ _ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام کي خبر پئي تہ بني اميہ مٿس عثمان جي خون ۾ شرڪت ڪرڻ جي تهمت مڙهين ٿا

ڇا بني اميہ جي مون بابت ڄاڻ بہ کين مون تي تهمت هڻڻ کان نہ روڪيو؟ ۽ ڇا منهنجي سبقتِ اسلام بہ جاهلن کي مون تي بهتان هڻڻ کان نہ روڪيو؟ ۽ جڏهن تہ الله تعالىٰ جيڪا کين نصيحت ڪئي آهي[١] سا منهنجي نصيحت ڪرڻ کان وڌيڪ بليغ آهي. مان خارجين تي حجت قائم ڪرڻ وارو ۽ شڪّ ڪري بيعت ٽوڙيندڙن جو دشمن آهيان. ۽ مشتبہ ڳالهين کي الله تعالىٰ جي ڪتاب تي پيش ڪيو ويندو آهي ۽ سينن ۾ موجود شين مطابق ئي ٻندن کي بدلو ڏنو ويندو آهي.

## ٧٦ _ امام عليه السلام جو خطبو، نيڪ عملن تي اپارڻ جي باري ۾

الله رحم ڪري ان ٻانهي تي جنهن حڪمت کي ٻڌو ۽ انکي سانديي رکيو، ۽ جنهن کي هدايت ڏانهن سڏيو ويو تہ هو ان جي ويجهو ٿيو، ۽ جنهن هاديءَ جي دامن کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو ۽ پار ٿيو، ۽ جنهن پنهنجي ربّ کي نگهبان سمجهيو ۽ ان جي ڏوهہ ڪرڻ کان ڊڄو، ۽ خلوص کي پيش ڪيو، ۽ نيڪ عملن کي انجام ڏنو ۽ ڪمائي ذخيرو ڪيو، ۽ ڊڄندي پاڻ بچايو ۽ منزل کي ماڻيو، ۽ اجر کي بچايو، ۽ پنهنجي خواهش تي غالب آيو ۽ پنهنجي تمنائن کي ڪوڙو ڪيو، ۽ صبر کي پنهنجي نجات جي سواري ٺاهيو، ۽ پنهنجي موت لاءِ تقوىٰ کي ذخيرو ٺاهيو، ۽ روشن راهہ جو راهي ٿيو ۽ واضح واٽ جو واهي ٿيو. مهلت مان فائدو ورتو ۽ اجل ڏانهن اڳيرو ٿيو ۽ عملن کي توشو ٺاهيو.

---

١: الاحزاب آيت: ٥٨.

## ٧٧ ـ وَمِنْ كَلامٍ لَهُ عليه السلام

*و ذلك حين منعه سعيد بن العاص حقه*

إِنَّ بَنِي أُمَيَّةَ لَيُفَوِّقُونَنِي تُرَاثَ مُحَمَّدٍ صلى الله عليه وآله تَفْوِيقاً وَاللَّهِ لَئِنْ بَقِيتُ لَهُمْ لَأَنْفُضَنَّهُمْ نَفْضَ اللَّحَّامِ الْوِذَامَ التَّرِبَةَ.

قال الشريف: و يروى "التراب الوذمة"، و هو على القلب.

قال الشريف: و قوله عليه السلام "ليفوقونني" أي: يعطونني من المال قليلا كفواق الناقة و هو الحلبة الواحدة من لبنها. و الوذام جمع وذمة: و هي الحزة من الكرش أو الكبد تقع في التراب فتنفض.

## ٧٨ ـ وَمِنْ دُعَاءٍ لَهُ عليه السلام

*من كلمات كان عليه السلام، يدعو بها*

اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي مَا أَنْتَ أَعْلَمُ بِهِ مِنِّي فَإِنْ عُدْتُ فَعُدْ عَلَيَّ بِالْمَغْفِرَةِ اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي مَا وَأَيْتُ مِنْ نَفْسِي وَلَمْ تَجِدْ لَهُ وَفَاءً عِنْدِي اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي مَا تَقَرَّبْتُ بِهِ إِلَيْكَ بِلِسَانِي ثُمَّ خَالَفَهُ قَلْبِي اللَّهُمَّ اغْفِرْ لِي رَمَزَاتِ الْأَلْحَاظِ وَ سَقَطَاتِ الْأَلْفَاظِ وَ شَهَوَاتِ الْجَنَانِ وَ هَفَوَاتِ اللِّسَانِ.



## ٧٩ ـ وَمِنْ كَلامٍ لَهُ عليه السلام

*قاله لبعض أصحابه لما عزم على المسير إلى الخوارج، و قد قال له: إن سرت يا أميرالمؤمنين، في هذا الوقت، خشيت ألا تظفر بمرادك، من طريق علم النجوم فقال عليه السلام:*

أَتَزْعُمُ أَنَّكَ تَهْدِي إِلَى السَّاعَةِ الَّتِي مَنْ سَارَ فِيهَا صُرِفَ عَنْهُ السُّوءُ وَتُخَوِّفُ مِنَ السَّاعَةِ الَّتِي مَنْ سَارَ فِيهَا حَاقَ بِهِ الضُّرُّ فَمَنْ صَدَّقَكَ بِهَذَا فَقَدْ كَذَّبَ الْقُرْآنَ،

### ٧٧ _ امام عليه السلام جو ڪلام، ۽ اهو ان وقت جڏهن سعيد بن عاص امام عليه السلام کي سندس حق کان روڪيو

بيشڪ بني اميہ مونکي محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي ميراث بلڪل ٿوري ٿوري ڪري ڏين ٿا. الله جو قسم اگر آءٌ انهن لاءِ باقي رهيس تہ انهن کي ضرور ائين ڇنڊبيندس جيئن ڪاسائي اوجهري مان مٽي کي ڇنڊبيندو آهي!.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: تہ امام عليه السلام جي هن ڪلام ۾ ”لَيُفَوِّقُونَنِي“ جو مطلب آهي تہ هو مونکي ٿورو ٿورو مال ڏين ٿا، جيئن ڏاچي جو هڪ دفعو ڏڌل ڪير. ۽ ”الْوِذَامَ“ وَ ذَمَة جي جمع آهي جنهن جي معني آهي اوجهري يا جڱري جو هڪ ٽڪڙو جيڪو زمين تي ڪِري پوي پوءِ انکي ڇنڊجي.

### ٧٨ _ امام عليه السلام جي دعا، انهن ڪلمن سان امام عليه السلام دعا گهرندا هئا

اي الله مونکي معاف ڪر جيڪي تون مونکان وڌيڪ ڄاڻين ٿو، پوءِ اگر مان وري ائين ڪريان تہ تون بہ وري مونکي معاف فرماءِ، اي الله تون مونکي معاف فرماءِ جنهن جو مان پاڻ سان واعدو ڪيو ۽ تو مونکان ان جي وفا نہ پاتي. اي الله مونکي اهو معاف فرماءِ جنهن سان مان پنهنجي زبان ذريعي تنهنجو تقرب چاهيو پر منهنجي دل ان جي مخالفت ڪئي، ۽ اي الله منهنجي اکين جي اشارن، نامناسب لفظن، دل جي خواهشن ۽ زبان جي لغزشن کي معاف فرماءِ.

### ٧٩ _ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو پنهنجي ڪجھ اصحاب کي فرمايو

**ان وقت جڏهن پاڻ عليه السلام خارجين ڏانهن نڪرڻ جو عزم ڪيو تہ هڪ شخص امام عليه السلام کي چيو: اي اميرالمؤمنين عليه السلام اگر توهان هن وقت جنگ لاءِ نڪتؤ تہ علم نجوم ذريعي مونکي ڊڄ آهي تہ توهان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نہ ٿيندؤ. پوءِ امام عليه السلام فرمايو:**

ڇا تون گمان ڪرين ٿو تہ تون ان وقت جي خبر ڏئين ٿو تہ جيڪڏهن ڪو ان وقت ۾ نڪرندو تہ ان لاءِ ڪا بہ برائي نہ ٿيندي. ۽ ان گهڙيءَ کان بہ ڊيڄارين ٿو تہ جيڪڏهن ڪو ان وقت ۾ نڪرندو تہ ڪيس نقصان پهچندو؟ بس جنهن انهيءَ ڳالھ ۾ توکي سچو ڄاتو تہ ان قرآن کي ڪوڙو ڄاتو.

وَاسْتَغْنَى عَنِ الِاسْتِعَانَةِ بِاللَّهِ فِي نَيْلِ الْمَحْبُوبِ وَدَفْعِ الْمَكْرُوهِ وَتَبْتَغِي فِي قَوْلِكَ لِلْعَامِلِ بِأَمْرِكَ أَنْ يُولِيَكَ الْحَمْدَ دُونَ رَبِّهِ لِأَنَّكَ بِزَعْمِكَ أَنْتَ هَدَيْتَهُ إِلَى السَّاعَةِ الَّتِي نَالَ فِيهَا النَّفْعَ وَأَمِنَ الضُّرَّ.

ثم أقبل عليه السلام على الناس فقال:

أَيُّهَا النَّاسُ إِيَّاكُمْ وَتَعَلُّمَ النُّجُومِ إِلَّا مَا يُهْتَدَى بِهِ فِي بَرٍّ أَوْ بَحْرٍ فَإِنَّهَا تَدْعُو إِلَى الْكَهَانَةِ وَالْمُنَجِّمُ كَالْكَاهِنِ وَالْكَاهِنُ كَالسَّاحِرِ وَالسَّاحِرُ كَالْكَافِرِ وَالْكَافِرُ فِي النَّارِ، سِيرُوا عَلَى اسْمِ اللَّهِ.

## ٨٠ ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*بعد فراغه من حرب الجمل، في ذم النساء ببيان نقصهن*

مَعَاشِرَ النَّاسِ إِنَّ النِّسَاءَ نَوَاقِصُ الْإِيمَانِ نَوَاقِصُ الْحُظُوظِ نَوَاقِصُ الْعُقُولِ فَأَمَّا نُقْصَانُ إِيمَانِهِنَّ فَقُعُودُهُنَّ عَنِ الصَّلَاةِ وَالصِّيَامِ فِي أَيَّامِ حَيْضِهِنَّ وَأَمَّا نُقْصَانُ عُقُولِهِنَّ فَشَهَادَةُ امْرَأَتَيْنِ كَشَهَادَةِ الرَّجُلِ الْوَاحِدِ وَأَمَّا نُقْصَانُ حُظُوظِهِنَّ فَمَوَارِيثُهُنَّ عَلَى الْأَنْصَافِ مِنْ مَوَارِيثِ الرِّجَالِ فَاتَّقُوا شِرَارَ النِّسَاءِ وَكُونُوا مِنْ خِيَارِهِنَّ عَلَى حَذَرٍ وَلَا تُطِيعُوهُنَّ فِي الْمَعْرُوفِ حَتَّى لَا يَطْمَعْنَ فِي الْمُنْكَرِ.



## ٨١ ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في الزهد*

أَيُّهَا النَّاسُ الزَّهَادَةُ قِصَرُ الْأَمَلِ وَ الشُّكْرُ عِنْدَ النِّعَمِ وَ التَّوَرُّعُ عِنْدَ الْمَحَارِمِ فَإِنْ عَزَبَ ذَلِكَ عَنْكُمْ فَلَا يَغْلِبِ الْحَرَامُ صَبْرَكُمْ وَ لَا تَنْسَوْا عِنْدَ النِّعَمِ شُكْرَكُمْ فَقَدْ أَعْذَرَ اللَّهُ إِلَيْكُمْ بِحُجَجٍ مُسْفِرَةٍ ظَاهِرَةٍ وَ كُتُبٍ بَارِزَةِ الْعُذْرِ وَاضِحَةٍ.

۽ وڌندڙ شيءِ کي حاصل ڪرڻ ۽ اڻ وڌندڙ شيءِ کي ٽارڻ ۾ پاڻ کي الله تعالىٰ جي مدد کان بي نياز سمجهيو. ۽ تون چاهين ٿو ته تنهنجي چوڻ مطابق جيڪو شخص تنهنجي حڪم تي عمل ڪري اهو پنهنجي رب کي ڇڏي تنهنجا ڳڻ ڳائي، ڇا ڪاڻ ته تنهنجو اهو گمان آهي ته تو ان جي رهنمائي ڪئي آهي هڪ اهڙي وقت جي جنهن ۾ هن فائدو حاصل ڪيو ۽ نقصان کان بچيو.

پوءِ امام عليه السلام ماڻهن ڏانهن ڏنو ۽ فرمايائون: اي انسانؤ توهان علمِ نجوم سکڻ کان پرهيز ڪريو مگر ايترو علم جنهن سان بر ۽ بحر ۾ رهنمائي ورتي وڃي. ڇا ڪاڻ ته نجوميت سبب ٿئي ٿي غيب جي خبرن ڏيڻ جي ۽ نجومي غيب جون خبرون ڏيندڙ وانگر آهي ۽ غيب جون خبرون ڏيندڙ جادوگر وانگر آهي ۽ جادوگر ڪافر وانگر آهي ۽ ڪافر جهنمي آهي. الله جو نالو وٺي نڪري پئو.

## ٨٠_ امام عليه السلام جو خطبو، جڏهن پاڻ عليه السلام جنگِ جمل کان فارغ ٿيا ته عورتن جي مذمت ۾ سندن ڪمي کي بيان ڪندي فرمايو:

اي انسانؤ! بيشڪ عورتون ايمان، ورثي ۽ عقل ۾ ناقص هونديون آهن، جڏهن ته انهن جو ايماني نقص ان اعتبار کان آهي ته اهي ماهواري جي ڏهاڙن ۾ نماز ۽ روزي کان ويهجي وينديون آهن. ۽ انهن جو عقلي نقص ان اعتبار کان آهي ته ٻن عورتن جي گواهي هڪ مرد جي گواهيءَ جي برابر آهي، ۽ انهن جي ورثي جو نقص ان اعتبار کان آهي ته انهن جي ميراث مرد جي ميراث جو اڌ آهي. بس شرير عورتن کان بچو، ۽ انهن مان شريف عورتن کان به پوئ ڪريو، ۽ نيڪي ۾ انهن جو چوڻ نه مڃيو تاڪ هو برائيءَ جي طمع نه ڪن.



## ٨١_ امام عليه السلام جو ڪلام، زهد جي باري ۾

اي انسانؤ! زهد اميدن کي گهٽائڻ آهي، ۽ شڪر نعمتن جي وقت آهي، ۽ پرهيزگاري گناهن کان بچڻ آهي. اگر اِهي توهان کي ڏکيون لڳن تڏهن به حرام توهان جي صبر تي غالب نه اچي.

۽ نعمتن جي وقت پنهنجي شڪر ڪرڻ کي نه وساريو. بيشڪ الله سائين روشن ۽ چٽن دليلن، واضح ۽ ظاهري ڪتابن ذريعي توهان جي عذر کي ختم ڪري ڇڏيو آهي.

## ٨٢ ـ و من كلام له عليه السلام

*في ذم صفة الدنيا*

مَا أَصِفُ مِنْ دَارٍ أَوَّلُهَا عَنَاءٌ وَ آخِرُهَا فَنَاءٌ فِي حَلَالِهَا حِسَابٌ وَ فِي حَرَامِهَا عِقَابٌ مَنِ اسْتَغْنَى فِيهَا فُتِنَ وَ مَنِ افْتَقَرَ فِيهَا حَزِنَ وَ مَنْ سَاعَاهَا فَاتَتْهُ وَ مَنْ قَعَدَ عَنْهَا وَاتَتْهُ وَ مَنْ أَبْصَرَ بِهَا بَصَّرَتْهُ وَ مَنْ أَبْصَرَ إِلَيْهَا أَعْمَتْهُ.

قال الشريف: أقول: و إذا تأمل المتأمل قوله عليه السلام: "و من أبصر بها بصرته" وجد تحته من المعنى العجيب و الغرض البعيد ما لا تبلغ غايته و لا يدرك غوره لا سيما إذا قرن إليه قوله: و من أبصر إليها أعمته فإنه يجد الفرق بين أبصر بها و أبصر إليها واضحا نيرا و عجيبا باهرا.

## ٨٣ ـ و من خطبة له عليه السلام

*و هي الخطبة العجيبة تسمى «الغراء»*

*و فيها نعوت الله جل شأنه، ثم الوصية بتقواه ثم التنفير من الدنيا، ثم ما يلحق من دخول القيامة، ثم تنبيه الخلق إلى ما هم فيه من الأعراض، ثم فضله عليه السلام في التذكير*

صفته جل شأنه

اَلْحَمْدُ للهِ الَّذِي عَلاَ بِحَوْلِهِ، ودَنَا بِطَوْلِهِ، مَانِحِ كُلِّ غَنِيمَة وَفَضْل، وَكَاشِفِ كُلِّ عَظِيمَة وَأَزْل. أَحْمَدُهُ عَلَى عَوَاطِفِ كَرَمِهِ، وَسَوَابغِ نِعَمِهِ، وَأُومِنُ بِهَ أَوَّلاً بَادِياً، وَأَسْتَهْدِيهِ قَرِيباً هَادِياً، وَأَسْتَعِينُهُ قَاهِراً قَادِراً، وَ أَتَوَكَّلُ عَلَيْهِ كَافِياً نَاصِراً. وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً (صلى الله عليه وآله) عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ، أَرْسَلَهُ لاِنْفَاذِ أَمْرِهِ، وَإِنْهَاءِ عُذْرِهِ وَتَقْدِيمِ نُذُرِهِ.

## ٨٢_ امام عليه السلام جو ڪلام، دنيا جي مذموم صفت جي باري ۾

مان ان دنيا بابت ڇا بيان ڪريان جنهن جي اڳياڙي ايذاء ۽ پڇاڙي فنا آهي، ۽ جنهن جي حلال ۾ حساب ۽ حرام ۾ عذاب آهي، ۽ جنهن ۾ امير آزمائش ۾ ۽ فقير غم ۾ آهن. جيڪو ان جي پنيان لڳي ٿو ته هي انکان پڄي وڃي ٿي ۽ جيڪو ان کان منهن موڙي ٿو ته هي ان وٽ اچي ٿي، ۽ جيڪو هن سان ڏسي ٿو ته هيءَ انکي بصيرت ڏئي ٿي، ۽ جيڪو هن ڏانهن ڏسي ٿو ته هيءَ انکي انڌو ڪري ٿي.

سيد شريف رضي رحمه الله فرمايو: جڏهن ڏاهو امام عليه السلام جي هن قول ”وَ مَنْ أَبْصَرَ بِهَا بَصَّرَتْهُ“ ۾ غور ۽ فڪر ڪندو ته هو ان ۾ عجيب معنىٰ ۽ گهري مطلب ڪي پائيندو جنهن جي انتها تائين نٿو پهچي سگهجي، ۽ نه ان جي گهرائي معلوم ڪري سگهجي ٿي، خاص ڪري جڏهن ڪو ان سان امام عليه السلام جو هي قول ملائي ”وَ مَنْ أَبْصَرَ إِلَيْهَا أَعْمَتْهُ“ ته هو ”أَبْصَرَ بِهَا“ ۽ ”أَبْصَرَ إِلَيْهَا“ ۾ بلڪل واضح، ۽ عجب جوڳو فرق ڏسندو.

## ٨٣_ امام عليه السلام جو خطبو (غراء)

**جيڪو امام عليه السلام جي خطبن مان هي هڪ عجيب خطبو آهي جنهن کي ”غراء“ جو نالو ڏنو ويو آهي، هن ۾ الله جل شانہ جون صفتون بيان ٿيل آهن، پوءِ پرهيزگاري، ۽ دنيا کان دوريءَ جي وصيت ڪيل آهي، پوءِ قيامت جا حالات، پوءِ ماڻهن کي سندن بي رخي تي متنبہ ڪيو ويو آهي، پوءِ پاڻ عليه السلام نصيحت پرائڻ ۾ واڌاري کي بيان ڪيو آهي.**

### الله جل شانہ جون صفتون

سڀ ساراهون الله لاءِ آهن جيڪو پنهنجي قدرت سان بلند آهي، ۽ پنهنجي فضل سان قريب آهي، هر فائدو ۽ واڌارو عطا ڪندڙ آهي، ۽ هر مصيبت ۽ سختيءَ کي ٽاريندڙ آهي، آءٌ ان جي ڪرم ڪرڻ جي عنايت تي ۽ نعمتن جي گهڻائي تي سندس ساراه ڪريان ٿو. آءٌ ان تي ايمان رکان ٿو جيڪو اول ۽ اپائيندڙ آهي، ۽ ڪانئس هدايت وٺان ٿو جيڪو قريب ۽ رهنماء آهي، ۽ ڪانئس مدد گهران ٿو جيڪو غالب ۽ قادر آهي. ۽ ان تي ئي ڀروسو ڪريان ٿو جيڪو ڪافي ۽ مددگار آهي. ۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو ته بيشڪ محمد صلى الله عليه وآله وسلم سندس ٻانهو ۽ رسول آهي. جنهن کي پنهنجي حڪم نافذ ڪرڻ، پنهنجي حجت تمام ڪرڻ ۽ پنهنجي عذاب جي خبر ٻڌائڻ لاءِ موڪليو آهي.

## الوصية بالتقوى

أُوصِيكُمْ عِبَادَ اللهِ بِتَقْوَى اللهِ الَّذِي ضَرَبَ الأَمْثَالَ، وَوَقَّتَ لَكُمُ الآجَالَ، وَأَلْبَسَكُمُ الرِّيَاشَ، وَأَرْفَغَ لَكُمُ المَعَاشَ وَ أَحَاطَ بِكُمُ الإِحْصَاءَ، وَأَرْصَدَ لَكُمُ الْجَزَاءَ، وَآثَرَكُمْ بِالنِّعَمِ السَّوَابِغِ، وَالرِّفَدِ الرَّوافِغِ، وَأَنْذَرَكُمْ بِالْحُجَجِ الْبَوَالِغِ، فَأَحْصَاكُمْ عَدَداً، ووَظَّفَ لَكُمْ مُدَداً، فِي قَرَارِ خِبْرَة، وَدَارِ عِبْرَة، أَنْتُمْ مُخْتَبَرُونَ فِيهَا، وَمُحَاسَبُونَ عَلَيْهَا.

## التنفير من الدنيا

فَإِنَّ الدُّنْيَا رَنِقٌ مَشْرَبُهَا رَدِغٌ مَشْرَعُهَا يُونِقُ مَنْظَرُهَا وَ يُوبِقُ مَخْبَرُهَا غُرُورٌ حَائِلٌ وَ ضَوْءٌ آفِلٌ وَ ظِلٌّ زَائِلٌ وَ سِنَادٌ مَائِلٌ حَتَّى إِذَا أَنِسَ نَافِرُهَا وَ اطْمَأَنَّ نَاكِرُهَا قَمَصَتْ بِأَرْجُلِهَا وَ قَنَصَتْ بِأَحْبُلِهَا وَ أَقْصَدَتْ بِأَسْهُمِهَا وَ أَعْلَقَتِ الْمَرْءَ أَوْهَاقَ الْمَنِيَّةِ قَائِدَةً لَهُ إِلَى ضَنْكِ الْمَضْجَعِ وَ وَحْشَةِ الْمَرْجِعِ وَ مُعَايَنَةِ الْمَحَلِ وَ ثَوَابِ الْعَمَلِ. وَ كَذَلِكَ الْخَلَفُ بِعَقْبِ السَّلَفِ لَا تُقْلِعُ الْمَنِيَّةُ اخْتِرَاماً وَ لَا يَرْعَوِي الْبَاقُونَ اجْتِرَاماً يَحْتَذُونَ مِثَالًا وَ يَمْضُونَ أَرْسَالًا إِلَى غَايَةِ الِانْتِهَاءِ وَ صَيُّورِ الْفَنَاءِ.

## بعد الموت البعث



حَتَّى إِذَا تَصَرَّمَتِ الْأُمُورُ وَ تَقَضَّتِ الدُّهُورُ وَ أَزِفَ النُّشُورُ أَخْرَجَهُمْ مِنْ ضَرَائِحِ الْقُبُورِ وَ أَوْكَارِ الطُّيُورِ وَ أَوْجِرَةِ السِّبَاعِ وَ مَطَارِحِ الْمَهَالِكِ سِرَاعاً إِلَى أَمْرِهِ مُهْطِعِينَ إِلَى مَعَادِهِ رَعِيلًا صُمُوتاً قِيَاماً صُفُوفاً يَنْفُذُهُمُ الْبَصَرُ وَ يُسْمِعُهُمُ الدَّاعِي عَلَيْهِمْ لَبُوسُ الِاسْتِكَانَةِ وَ ضَرَعُ الِاسْتِسْلَامِ وَ الذِّلَّةِ قَدْ ضَلَّتِ الْحِيَلُ وَ انْقَطَعَ الْأَمَلُ وَ هَوَتِ الْأَفْئِدَةُ كَاظِمَةً وَ خَشَعَتِ الْأَصْوَاتُ مُهَيْنِمَةً وَ أَلْجَمَ الْعَرَقُ وَ عَظُمَ الشَّفَقُ وَ أُرْعِدَتِ الْأَسْمَاعُ لِزَبْرَةِ الدَّاعِي إِلَى فَصْلِ الْخِطَابِ وَ مُقَايَضَةِ الْجَزَاءِ وَ نَكَالِ الْعِقَابِ وَ نَوَالِ الثَّوَابِ.

## پرهيزگاريءَ جي وصيت

اي الله جا ٻانهؤ آءٌ توهان کي الله تعاليٰ جي تقويٰ بابت وصيت ڪريان ٿو، جنهن توهان جي لاءِ مثال بيان ڪيا، ۽ توهان لاءِ موت جي وقت کي معين ڪيو، ۽ توهان کي بهترين لباس پارايو، ۽ توهان جي روزيءَ کي ڪشادو ڪيو. ۽ توهان جو مڪمل احاطو ڪيو، ۽ توهان جي لاءِ جزاء کي تيار ڪيو، ۽ توهان کي گهڻين نعمتن ۽ وسيع عطين سان نوازيو، ۽ توهان کي چٽن دليلن سان ڊيڄاريو، ۽ توهان کي عدد جي اعتبار کان ڳڻيو، ۽ توهان جي لاءِ آزمائش جي جڳهه ۽ عبرت جي گهر ۾ مدت کي مقرر ڪيو. جنهن ۾ توهان کي پرکيو ويندو ۽ انهن (نعمتن) تي محاسبو ڪيو ويندو.

## دنيا کان دوري

بيشڪ دنيا جنهن جو گهيڙُ گدلو ۽ جنهن جو گهاٽ ڌُٻڻ آهي، ۽ جنهن جو ظاهر وڻندڙ ۽ باطن هلاڪ ڪندڙ آهي. ۽ دنيا مِٽجندڙ ڌوڪو ۽ غائب ٿيندڙ سوجهرو ۽ ختم ٿيندڙ پاڇو ۽ ڇِڄو ٿنڀو آهي. ايستائين جو جڏهن نفرت ڪندڙ ان سان مانوس ٿئي ٿو ۽ اوپرو ان کان مطمئن ٿئي ٿو ته هوءَ پنهنجي پيرن سان ڪُڏي ٿي ۽ پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي ٿي ۽ پنهنجي تيرن سان نشانو بڻائي ٿي. ۽ ماڻهؤ جي ڳچيءَ ۾ موت جو ڦاهو وجهي سوڙهيءَ ۽ خوفناڪ جڳهه ڏانهن ڇڪي اچي ٿي، جتي هو ٽڪاڻي ۽ عملن جي بدلي کي ڏسي. ۽ ائين ئي پوين جو حال ٻه پهرين جهڙو آهي. ۽ موت مارڻ کان رڪجي نٿو ۽ پويان ڏوهه کان مڙن نٿا. ۽ اڳين جي راهه تي هلن ٿا. ۽ اهي هڪ ٻئي پٺيان آخري منزل ۽ فنا جي ماڳ ڏانهن هلندا رهن ٿا.

## مرڻ کان پوءِ اٿڻ

ايستائين جو جڏهن سڀ معاملا ختم ٿي ويندا ۽ زمانا گذري ويندا ۽ اُٿارڻ جو وقت اچي پهچندو ته الله تعاليٰ کين قبرن جي ڪُڏن، پکين جي آکيرن، وحشي جانورن جي ڇُرين ۽ هلاڪت جي جڳهين مان ڪيندو، سندس امر ڏانهن تڪڙ ڪندي ۽ خوف جي حالت ۾ محشر ڏانهن جلدي ڪندي، خاموش ٽولن جي صورت ۾ قطارون ڪري اچي بيهندا. جو الله جي نظر انهن تي غالب هوندي. ۽ سڏيندڙ پنهنجو آواز انهن کي ٻڌ رائيندو ۽ انهن تي بيوسي جو لباس هوندو ۽ انهن تي بزدليءَ ۽ ذلت جو عالَم ڇانيل هوندو. بهانا ختم ٿي ويندا ۽ اميدون ٽُٽي وينديون ۽ دليون ڏکن ۾ لٽل هونديون ۽ آواز هلڪا ٿي دٻجي ويندا ۽ پگهر لغام ٿي ويندو ۽ خوف حد کان وڌي ويندو. ۽ آخري فيصلي، عملن جي بدلي، ڏوهن جي سزا ۽ ثواب وٺڻ جي طرف سڏيندڙ جي رڙ ڪري ڪن ڏکايا ويندا.

## تنبيه الخلق

عِبَادٌ مَخْلُوقُونَ اقْتِدَاراً وَ مَرْبُوبُونَ اقْتِسَاراً وَ مَقْبُوضُونَ احْتِضَاراً وَ مُضَمَّنُونَ أَجْدَاثاً وَ كَائِنُونَ رُفَاتاً وَ مَبْعُوثُونَ أَفْرَاداً وَ مَدِينُونَ جَزَاءً وَ مُمَيَّزُونَ حِسَاباً قَدْ أُمْهِلُوا فِي طَلَبِ الْمَخْرَجِ وَ هُدُوا سَبِيلَ الْمَنْهَجِ وَ عُمِّرُوا مَهَلَ الْمُسْتَعْتِبِ وَ كُشِفَتْ عَنْهُمْ سُدَفُ الرِّيَبِ وَ خُلُّوا لِمِضْمَارِ الْجِيَادِ وَ رَوِيَّةِ الِارْتِيَادِ وَ أَنَاةِ الْمُقْتَبِسِ الْمُرْتَادِ فِي مُدَّةِ الْأَجَلِ وَ مُضْطَرَبِ الْمَهَلِ.

## فضل التذكير

فَيَا لَهَا أَمْثَالًا صَائِبَةً وَ مَوَاعِظَ شَافِيَةً لَوْ صَادَفَتْ قُلُوباً زَاكِيَةً وَ أَسْمَاعاً وَاعِيَةً وَ آرَاءً عَازِمَةً وَ أَلْبَاباً حَازِمَةً.

فَاتَّقُوا اللَّهَ تَقِيَّةَ مَنْ سَمِعَ فَخَشَعَ وَ اقْتَرَفَ فَاعْتَرَفَ وَ وَجِلَ فَعَمِلَ وَ حَاذَرَ فَبَادَرَ وَ أَيْقَنَ فَأَحْسَنَ وَ عُبِّرَ فَاعْتَبَرَ وَ حُذِّرَ فَحَذِرَ وَ زُجِرَ فَازْدَجَرَ وَ أَجَابَ فَأَنَابَ وَ رَاجَعَ فَتَابَ وَ اقْتَدَى فَاحْتَذَى وَ أُرِيَ فَرَأَى فَأَسْرَعَ طَالِباً وَ نَجَا هَارِباً فَأَفَادَ ذَخِيرَةً وَ أَطَابَ سَرِيرَةً وَ عَمَّرَ مَعَاداً وَ اسْتَظْهَرَ زَاداً لِيَوْمِ رَحِيلِهِ وَ وَجْهِ سَبِيلِهِ وَ حَالِ حَاجَتِهِ وَ مَوْطِنِ فَاقَتِهِ وَ قَدَّمَ أَمَامَهُ لِدَارِ مُقَامِهِ.

فَاتَّقُوا اللَّهَ عِبَادَ اللَّهِ جِهَةَ مَا خَلَقَكُمْ لَهُ وَ احْذَرُوا مِنْهُ كُنْهَ مَا حَذَّرَكُمْ مِنْ نَفْسِهِ وَ اسْتَحِقُّوا مِنْهُ مَا أَعَدَّ لَكُمْ بِالتَّنَجُّزِ لِصِدْقِ مِيعَادِهِ وَ الْحَذَرِ مِنْ هَوْلِ مَعَادِه.

## خطبا

### مخلوق کي تنبيھ

ٻانها الله جي اقتدار سان خلق ڪيا ويا آهن، ۽ غلبي سان پاليا ويا آهن، ۽ موت مهل روح قبض ڪيا وڃن ٿا. ۽ قبرن ۾ رکيا وڃن ٿا، ۽ ڳري ذرڙا ذرڙا ٿي وڃن ٿا. ۽ اڪيلا اڪيلا اٿاريا ويندا، ۽ عملن جو عوض ونندا، ۽ حساب ۾ جدا جدا ڪيا ويندا، ۽ کين ڇوٽڪاري گهرڻ جي مهلت ڏني وئي هئي، ۽ سڌيءَ واٽ جي رهنمائي ڪئي وئي هئي، ۽ رضايت پروردگار جي حصول لاءِ زندگي ڏني وئي هئي، ۽ شڪ جون اونداهيون انهن کان هٽايون ويون هيون ۽ کين آزاد ڇڏيو ويو هو، آخرت جي تياري لاءِ ۽ طلبِ حق جي فڪر لاءِ ۽ ان لاءِ ته جيئن نورِ الٰهي ڳولهيندڙ جيان مقرر وقت ۽ ميدانِ عمل ۾ لڳاتار جستجو ڪن.

### وڏيڪ نصيحت

بس اهي ڪيڏا نه عجيب مثال آهن، ۽ شفا بخش نصيحتون آهن، اي ڪاش اهي پاڪيزه دلين، غور سان ٻڌندڙ ڪنن، پختين راين ۽ هوشيار عقلن تائين پهچن!.

الله تعالىٰ کان ڊڄو ان شخص وانگر جنهن ٻڌو ته ڊڄو، ۽ گناه ڪيو ته اعتراف ڪيو، ۽ ڊنو ته عمل ڪيو، ۽ خبردار ٿيو ته جلدي ڪيائين، ۽ يقين ٿيس ته ڀلا ڪم ڪيائين. ۽ نصيحت ڪئي ويس ته نصيحت پرايائين، ۽ ڊيڄاريو ويس ته ڊڄو، ۽ روڪيو ويس ته روڪجي ويو، ۽ جيءَ ڪيائين ته موٽيو، ۽ موٽيو ته توبه تائب ٿيو، ۽ پويان هليو ته پيروڪار ٿيو، ۽ حق ڏيکاريو ويس ته ڏٺائين. پوءِ جلدي ڪيائين حق کي طلب ڪندي، ۽ نجات پاتائين باطل کان ڀڄندي. ۽ آخرت لاءِ ذخيرو ڪيائين، ۽ اندر کي اُجاريائين، ۽ آخرت کي آباد ڪيائين ۽ پنهنجي سفر واري ڏينهن ۽ سفر واريءَ راه لاءِ ضرورت واري حالت ۽ محتاجيءَ واري هنڌ لاءِ سمر کي سهيڙيائين. ۽ انهيءَ کي اڳتي پنهنجي هميشه واري گهر لاءِ موڪليائين.

اي الله جا ٻانهؤ الله کان ڊڄو ان مقصد بابت جنهن لاءِ الله توهان کي خلق ڪيو ۽ ڪائنس ايتري قدر ڊڄو جيترو هن توهان کي پاڻ کان ڊيڄاريو آهي. سندس سچي واعدي جي وفا چاهيندي ۽ قيامت جي هولناڪ حالات کان بچندي، الله وٽ ان شيءِ جا مستحق بڻجو جيڪا هن توهان لاءِ تيار ڪئي آهي.

## التذكير بضروب النعم و منها

جَعَلَ لَكُمْ أَسْمَاعاً لِتَعِيَ مَا عَنَاهَا وَ أَبْصَاراً لِتَجْلُوَ عَنْ عَشَاهَا وَ أَشْلَاءً جَامِعَةً لِأَعْضَائِهَا مُلَائِمَةً لِأَحْنَائِهَا فِي تَرْكِيبِ صُوَرِهَا وَ مُدَدِ عُمُرِهَا بِأَبْدَانٍ قَائِمَةٍ بِأَرْفَاقِهَا وَ قُلُوبٍ رَائِدَةٍ لِأَرْزَاقِهَا فِي مُجَلِّلَاتِ نِعَمِهِ وَ مُوجِبَاتِ مِنَنِهِ وَ حَوَاجِزِ عَافِيَتِهِ وَ قَدَّرَ لَكُمْ أَعْمَاراً سَتَرَهَا عَنْكُمْ وَ خَلَّفَ لَكُمْ عِبَراً مِنْ آثَارِ الْمَاضِينَ قَبْلَكُمْ مِنْ مُسْتَمْتَعِ خَلَاقِهِمْ وَ مُسْتَفْسَحِ خَنَاقِهِمْ أَرْهَقَتْهُمُ الْمَنَايَا دُونَ الْآمَالِ وَ شَذَّ بِهِمْ عَنْهَا تَخَرُّمُ الْآجَالِ لَمْ يَمْهَدُوا فِي سَلَامَةِ الْأَبْدَانِ وَ لَمْ يَعْتَبِرُوا فِي أُنُفِ الْأَوَانِ.

فَهَلْ يَنْتَظِرُ أَهْلُ بَضَاضَةِ الشَّبَابِ إِلَّا حَوَانِيَ الْهَرَمِ وَ أَهْلُ غَضَارَةِ الصِّحَّةِ إِلَّا نَوَازِلَ السَّقَمِ وَ أَهْلُ مُدَّةِ الْبَقَاءِ إِلَّا آوِنَةَ الْفَنَاءِ مَعَ قُرْبِ الزِّيَالِ وَ أُزُوفِ الِانْتِقَالِ وَ عَلَزِ الْقَلَقِ وَ أَلَمِ الْمَضَضِ وَ غُصَصِ الْجَرَضِ وَ تَلَفُّتِ الِاسْتِغَاثَةِ بِنُصْرَةِ الْحَفَدَةِ وَ الْأَقْرِبَاءِ وَ الْأَعِزَّةِ وَ الْقُرَنَاءِ فَهَلْ دَفَعَتِ الْأَقَارِبُ أَوْ نَفَعَتِ النَّوَاحِبُ وَ قَدْ غُودِرَ فِي مَحَلَّةِ الْأَمْوَاتِ رَهِيناً وَ فِي ضِيقِ الْمَضْجَعِ وَحِيداً قَدْ هَتَكَتِ الْهَوَامُ جِلْدَتَهُ وَ أَبْلَتِ النَّوَاهِكُ جِدَّتَهُ وَ عَفَتِ الْعَوَاصِفُ آثَارَهُ وَ مَحَا الْحَدَثَانُ مَعَالِمَهُ وَ صَارَتِ الْأَجْسَادُ شَحِبَةً بَعْدَ بَضَّتِهَا وَ الْعِظَامُ نَخِرَةً بَعْدَ قُوَّتِهَا وَ الْأَرْوَاحُ مُرْتَهَنَةً بِثِقَلِ أَعْبَائِهَا مُوقِنَةً بِغَيْبِ أَنْبَائِهَا لَا تُسْتَزَادُ مِنْ صَالِحِ عَمَلِهَا وَ لَا تُسْتَعْتَبُ مِنْ سَيِّئِ زَلَلِهَا أَ وَ لَسْتُمْ أَبْنَاءَ الْقَوْمِ وَ الْآبَاءَ وَ إِخْوَانَهُمْ وَ الْأَقْرِبَاءَ تَحْتَذُونَ أَمْثِلَتَهُمْ وَ تَرْكَبُونَ قِدَّتَهُمْ وَ تَطَئُونَ جَادَّتَهُمْ فَالْقُلُوبُ قَاسِيَةٌ عَنْ حَظِّهَا لَاهِيَةٌ عَنْ رُشْدِهَا سَالِكَةٌ فِي غَيْرِ مِضْمَارِهَا كَأَنَّ الْمَعْنِيَّ سِوَاهَا وَ كَأَنَّ الرُّشْدَ فِي إِحْرَازِ دُنْيَاهَا.

## مختلف نعمتن سان نصيحت پرائڻ، جن مان ڪجهه هي آهن

الله توهان لاءِ ڪَن خلقيا ته جيئن اهم ڳالهين کي محفوظ ڪن، ۽ توهان لاءِ اکيون بڻايون ته جيئن انڌيري کي ختم ڪن، ۽ توهان لاءِ اهڙا عضوا بڻايا جيڪي پين عضون کي گڏيندڙ آهن، جن جا جوڙ صورتن جي جوڙجڪ ۽ عمر جي مدت ۾ مناسب آهن، اهڙن جسمن سان جيڪي پنهنجن گُهرجن کي پورو ڪندڙ آهن، ۽ اهڙين دلين سان جيڪي پنهنجي رزق جون طالب آهن، جڏهن ته توهان پين پٽرين نعمتن، احسان مند بڻائيندڙ عطائن ۽ سلامتي جي قلعن ۾ آهيو. ۽ توهان جون اهي ڄمارون مقرر ڪيون جن کي توهان کان لڪايائين، ۽ توهان کان پهريائين گذري ويلن جي آثارن مان توهان لاءِ عبرتن کي رکيائين، جن کي سندن نصيبن جو مزو ماڻايو ويو ۽ سندن رسَي کي کشادو رکيو ويو، ۽ جن کي اميدن کان پهريائين موت اچي وڪوڙيو، ۽ موت جي ڪڙڪڻ انهن کي اميدن کان جدا ڪيو، ۽ تندرستي ۾ تياري نه ڪيائون، ۽ جواني ۾ نصيحت نه پرايائون. ڇا ڦوهه جواني وارا پوڙهائپ واري جهڪاؤ جي انتظار ۾ آهن؟ ۽ ڇا صحت جي نعمت پائڻ وارا بيماريءَ جي اچڻ جي انتظار ۾ آهن؟ ۽ ڇا باقي بچيل عمر وارا فنا جي گهڙين جا منتظر آهن؟ جڏهن ته وڇوڙو ويجهو اٿن، ۽ لاڏاڻو قريب اٿن، ۽ سڪرات جي سختي اٿن، ۽ ڏکن جا ڏونگر اٿن. ۽ ڳِڙون اٽڪيل اٿن. اولاد ۽ مائٽن، دوستن ۽ ساٿين کان مدد گهرڻ لاءِ هٿ پير هڻندا هوندا. ته ڇا مائٽن موت کي ٽاريو يا روئڻ وارن ڪو فائدو ڏنو؟ ۽ جڏهن ته هن کي قبرستان ۽ سوڙهيءَ ساميءَ ۾ اڪيلو حوالي ڪيو ويو، جتي سندس گل کي زهريلن جيتن چِلي ڇڏيو، ۽ نابودين سندس تازگيءَ کي پائمال ڪري ڇڏيو، ۽ آنڌين سندس آثارن جو انت آڻي ڇڏيو، ۽ واقعن سندس نشانين کي مِٽائي ڇڏيو، ۽ جسمَ تازگيءَ کانپوءِ زبون ٿي ويا، ۽ هڏا طاقت کانپوءِ ڳري ويا، ۽ روح ذميوارين جي بار هيٺيان ڏبجي ويا، ۽ غيب جي خبرن تي يقين ڪرڻ لڳا، نه سندن نيڪ عملن کي وڌايو ويندو، ۽ نه ڪين گناهن جي معافي ڏني ويندي. ڇا توهان انهيءَ قوم جا پٽ ۽ پيئر نه آهيو ۽ انهن جا پائر ۽ مائٽ نه آهيو؟ توهان به هوبهو انهن وانگر هلندؤ، ۽ توهان انهيءَ راهه جا راهي ٿيندؤ. بس دليون پنهنجي نصيب حاصل ڪرڻ کان سخت ٿي ويون آهن ۽ هدايت پائڻ کان غافل ٿي ويون آهن، ۽ پنهنجي تربيت گاهه کان هٽي رهيون آهن، ڄڻ ته اهي مخاطب ئي نه آهن، ۽ ڄڻ ته ڏاهپ دنيا حاصل ڪرڻ ۾ اٿن.

## التحذير من هول الصراط

وَ اعْلَمُوا أَنَّ مَجَازَكُمْ عَلَى الصِّرَاطِ وَ مَزَالِقِ دَحْضِهِ وَ أَهَاوِيلِ زَلَلِهِ وَ تَارَاتِ أَهْوَالِه.

فَاتَّقُوا اللَّهَ عِبَادَ اللَّهِ تَقِيَّةَ ذِي لُبٍّ شَغَلَ التَّفَكُّرُ قَلْبَهُ وَ أَنْصَبَ الْخَوْفُ بَدَنَهُ وَ أَسْهَرَ التَّهَجُّدُ غِرَارَ نَوْمِهِ وَ أَظْمَأَ الرَّجَاءُ هَوَاجِرَ يَوْمِهِ وَ ظَلَفَ الزُّهْدُ شَهَوَاتِهِ وَ أَوْجَفَ الذِّكْرُ بِلِسَانِهِ وَ قَدَّمَ الْخَوْفَ لِأَمَانِهِ وَ تَنَكَّبَ الْمَخَالِجَ عَنْ وَضَحِ السَّبِيلِ وَ سَلَكَ أَقْصَدَ الْمَسَالِكِ إِلَى النَّهْجِ الْمَطْلُوبِ.

وَ لَمْ تَفْتِلْهُ فَاتِلَاتُ الْغُرُورِ، وَ لَمْ تَعْمَ عَلَيْهِ مُشْتَبِهَاتُ الْأُمُورِ، ظَافِراً بِفَرْحَةِ الْبُشْرَى، وَ رَاحَةِ النُّعْمَى فِي أَنْعَمِ نَوْمِهِ وَ آمَنِ يَوْمِهِ، وَ قَدْ عَبَرَ مَعْبَرَ الْعَاجِلَةِ حَمِيداً، وَ قَدَّمَ زَادَ الْآجِلَةِ سَعِيداء وَ بَادَرَ مِنْ وَجَلٍ، وَ أَكْمَشَ فِي مَهَلٍ، وَ رَغِبَ فِي طَلَبٍ، وَ ذَهَبَ عَنْ هَرَبٍ، وَ رَاقَبَ فِي يَوْمِهِ غَدَهُ، وَ نَظَرَ قُدُماً أَمَامَهُ.

فَكَفَى بِالْجَنَّةِ ثَوَاباً وَ نَوَالًا، وَ كَفَى بِالنَّارِ عِقَاباً وَ وَبَالًا، وَ كَفَى بِاللَّهِ مُنْتَقِماً وَ نَصِيراً، وَ كَفَى بِالْكِتَابِ حَجِيجاً وَ خَصِيماً.



## الوصية بالتقوى

أُوصِيكُمْ بِتَقْوَى اللَّهِ الَّذِي أَعْذَرَ بِمَا أَنْذَرَ وَ احْتَجَّ بِمَا نَهَجَ وَ حَذَّرَكُمْ عَدُوّاً نَفَذَ فِي الصُّدُورِ خَفِيّاً وَ نَفَثَ فِي الْآذَانِ نَجِيّاً فَأَضَلَّ وَ أَرْدَى وَ وَعَدَ فَمَنَّى وَ زَيَّنَ سَيِّئَاتِ الْجَرَائِمِ وَ هَوَّنَ مُوبِقَاتِ الْعَظَائِمِ حَتَّى إِذَا اسْتَدْرَجَ قَرِينَتَهُ وَ اسْتَغْلَقَ رَهِينَتَهُ أَنْكَرَ مَا زَيَّنَ وَ اسْتَعْظَمَ مَا هَوَّنَ وَ حَذَّرَ مَا أَمَّنَ.

## پلِ صراط جي سختيءِ کان بچڻ

ياد رکو تہ توهان کي پلِ صراط تان ۽ ان جي ترِڪڻ وارين جاين ۽ خوفناڪ ڏڪائيندڙ جڳهين ۽ وِڪ وِڪ جي ڊيڄاريندڙ هنڌن تان گذرڻو آهي. الله جا ٻانهؤ الله کان ان ڏاهي ماڻهو جي ڊڄڻ وانگر ڊڄو جنهن جي دل کي فڪر مشغول ڪري ڇڏيو آهي. ۽ خوف سندس بدن کي هيٺو ڪري ڇڏيو آهي. ۽ تهجد سندس ٿوري ننڊ کي بہ ڦٽائي ڇڏيو آهي. ۽ ثواب جي اميد کيس گرم ڏينهن ۾ اُڃايل رکيو آهي. ۽ زهد سندس خواهشن کان روڪي ڇڏيو آهي. ۽ ذڪر سندس زبان کي مشغول رکي ڇڏيو آهي. ۽ پنهنجي امان لاءِ خوف کي اڳيان رکيو آهي. ۽ وچ رستي کان روڪيندڙ پيچرن کان پاسو ڪيو آهي ۽ پنهنجي مقصد لاءِ سڌيءَ راهہ جو راهي ٿيو آهي. ۽ نہ وڪوڙيندڙ ڏوکن انکي ڦيريو، ۽ نہ مشتبہ ڳالهين کيس انڌو ڪيو، بشارت جي خوشيءَ ۽ نعمت جي مزي ۾ ڪاميابيءَ سان امن واري ڏينهن لاءِ مِٺي ننڊ ۾ ستو، ۽ دنيا جي گذرگاهہ کان پلوڙ سيرت سان گذريو، ۽ آخرت لاءِ سعادت سان سمر موڪليو، ۽ خوف کان تڪڙو ٿيو، ۽ نيڪيءَ ۾ اڳيرو ٿيو، ۽ چڱائي سان چاهہ رکيو، ۽ برائي کان پڄو، ۽ اڄ جي ڏينهن ۾ سڀاڻي جو سوچيو ۽ اڳتي لاءِ پهريائين کان ئي فڪر ڪيو. بس ثواب ۽ عطاء ۾ جنت ئي ڪافي آهي، ۽ عذاب ۽ مصيبت لاءِ دوزخ ئي ڪافي آهي، ۽ بدلي ۽ مدد لاءِ الله ئي ڪافي آهي، ۽ حجت ۽ مقابلي لاءِ قرآن ئي ڪافي آهي.

## تقويٰ جي وصيت



آءٌ اوهان کي ان الله کان ڊڄڻ جي وصيت ڪريان ٿو جنهن ڊيڄارڻ وارن سان عذر کي ختم ڪيو، ۽ ڏسيل رستي سان حجت کي تمام ڪيو، ۽ توهان کي ان دشمن کان ڊيڄاريو جنهن لِڪندي سينن ۾ اثر ڪيو. ۽ آهستي ڪنن ۾ ڦوڪون ڏنيون، پوءِ هن گمراهہ ۽ برباد ڪيو، ۽ واعدو ڪيو پوءِ اميد ڏياري، ۽ ڏوهن جي بڇڙائين کي سنواريو، ۽ انهن جي هلاڪتن کي معمولي ڪري ڏيکاريو، تان جو جڏهن پنهنجي ساٿيءَ کي آهستي آهستي ڪري گمراهيءَ ۾ لاٿو، تہ ان جي ضمانت واري واٽ کي بند ڪري ڇڏيو، ۽ جنهن کي سنواريو هو تنهن جو انڪار ڪرڻ لڳو، ۽ جنهن کي معمولي ڪري ڏيکاريو هو تنهن کي وڏو سمجهڻ لڳو ۽ جنهن کان امن ڏياريو هو تنهن کان ڊيڄارڻ لڳو.

## و منها في صفة خلق الإنسان

أَمْ هَذَا الَّذِي أَنْشَأَهُ فِي ظُلُمَاتِ الْأَرْحَامِ وَ شُغُفِ الْأَسْتَارِ نُطْفَةً دِهَاقاً وَ عَلَقَةً مُحَاقاً وَ جَنِيناً وَ رَاضِعاً وَ وَلِيداً وَ يَافِعاً. ثُمَّ مَنَحَهُ قَلْباً حَافِظاً وَ لِسَاناً لَافِظاً وَ بَصَراً لَاحِظاً لِيَفْهَمَ مُعْتَبِراً وَ يُقَصِّرَ مُزْدَجِراً حَتَّى إِذَا قَامَ اعْتِدَالُهُ وَ اسْتَوَى مِثَالُهُ نَفَرَ مُسْتَكْبِراً وَخَبَطَ سَادِراً مَاتِحاً فِي غَرْبِ هَوَاهُ كَادِحاً سَعْياً لِدُنْيَاهُ فِي لَذَّاتِ طَرَبِهِ وَ بَدَوَاتِ أَرَبِهِ ثُمَّ لَا يَحْتَسِبُ رَزِيَّةً وَ لَا يَخْشَعُ تَقِيَّةً.

فَمَاتَ فِي فِتْنَتِهِ غَرِيراً وَ عَاشَ فِي هَفْوَتِهِ يَسِيراً لَمْ يُفِدْ عِوَضاً وَ لَمْ يَقْضِ مُفْتَرَضاً دَهِمَتْهُ فَجَعَاتُ الْمَنِيَّةِ فِي غُبَّرِ جِمَاحِهِ وَ سَنَنِ مِرَاحِهِ فَظَلَّ سَادِراً وَ بَاتَ سَاهِراً فِي غَمَرَاتِ الْآلَامِ وَ طَوَارِقِ الْأَوْجَاعِ وَ الْأَسْقَامِ بَيْنَ أَخٍ شَقِيقٍ وَ وَالِدٍ شَفِيقٍ وَ دَاعِيَةٍ بِالْوَيْلِ جَزَعاً وَ لَادِمَةٍ لِلصَّدْرِ قَلَقاً وَ الْمَرْءُ فِي سَكْرَةٍ مُلْهِثَةٍ وَ غَمْرَةٍ كَارِثَةٍ وَ أَنَّةٍ مُوجِعَةٍ وَ جَذْبَةٍ مُكْرِبَةٍ وَ سَوْقَةٍ مُتْعِبَةٍ.

ثُمَّ أُدْرِجَ فِي أَكْفَانِهِ مُبْلِساً وَ جُذِبَ مُنْقَاداً سَلِساً ثُمَّ أُلْقِيَ عَلَى الْأَعْوَادِ رَجِيعَ وَصَبٍ وَ نِضْوَ سَقَمٍ تَحْمِلُهُ حَفَدَةُ الْوِلْدَانِ وَ حَشَدَةُ الْإِخْوَانِ إِلَى دَارِ غُرْبَتِهِ وَ مُنْقَطَعِ زَوْرَتِهِ وَ مُفْرَدِ وَحْشَتِهِ حَتَّى إِذَا انْصَرَفَ الْمُشَيِّعُ وَ رَجَعَ الْمُتَفَجِّعُ أُقْعِدَ فِي حُفْرَتِهِ نَجِيّاً لِبَهْتَةِ السُّؤَالِ وَ عَثْرَةِ الِامْتِحَانِ وَ أَعْظَمُ مَا هُنَالِكَ بَلِيَّةً نُزُولُ الْحَمِيمِ وَ تَصْلِيَةُ الْجَحِيمِ وَ فَوْرَاتُ السَّعِيرِ وَ سَوْرَاتُ الزَّفِيرِ.

لَا فَتْرَةٌ مُرِيحَةٌ وَ لَا دَعَةٌ مُزِيحَةٌ وَ لَا قُوَّةٌ حَاجِزَةٌ وَ لَا مَوْتَةٌ نَاجِزَةٌ وَ لَا سِنَةٌ مُسَلِّيَةٌ بَيْنَ أَطْوَارِ الْمَوْتَاتِ وَ عَذَابِ السَّاعَاتِ إِنَّا بِاللَّهِ عَائِذُونَ.

عِبَادَ اللَّهِ أَيْنَ الَّذِينَ عُمِّرُوا فَنَعِمُوا وَ عُلِّمُوا فَفَهِمُوا وَ أُنْظِرُوا فَلَهَوْا وَ سُلِّمُوا فَنَسُوا

## انهيءَ منجهان انساني خلقت جو بيان

ڇا هي اُهو آهي جنهن کي الله ماءُ جي رحمن جي اونداهين ۽ پردن جي تهن ۾ بڻايو، جڏهن ته هو ڇُلڪندڙ نطفو، بغير صورت جي ڇميل رت ۽ ٻار هيو، پوءِ کير پياڪ، نينگر، ۽ نوجوان ٿيو. پوءِ الله کيس سانڍيندڙ دل، ڳالهائيندڙ زبان، ۽ ڏسندڙ اکيون عطا ڪيون، ته جيئن عبرت وٺندي سمجهي ۽ ڊڄندي براين کان پري رهي، ايسيتائين جو جڏهن جسماني طور برابر ڪامل ٿيو ته هن آڪڙجي منهن موڙيو، ۽ لاپرواهي ڪندي، ۽ پنهنجي هوس جا ڏول ڀريندي، مستيءَ جي لذتن ۽ وڻندڙ خواهشن ۾ رڌو پنهنجي دنيا لاءِ ڀتوڙيندي ڀٽڪيو. پوءِ نه مصيبت جو گمان ڪري ٿو ۽ نه ئي ڪنهن کان ڊڄي ٿو. پوءِ پنهنجي گمراهيءَ ۾ ڏوڪو کائي مئو، ۽ ٿورڙيءَ زندگي کي بہ گناهن ۾ گذاريو، نہ ڪو ثواب ڪمايو ۽ نہ ڪو فرض ادا ڪيو، موت جي مصيبتن کيس بيوس ڪري ڇڏيو، جڏهن ته هو گناهن ۾ اڳرو ۽ انهن جي رستن ۾ مست هيو.

پوءِ حيرانگيءَ ۾ رهيو ۽ سورن جي سختين ۽ دردن ۽ مرضن جي مصيبتن ۾ سڀڳي ياءُ، مهربان پيءُ ۽ مصيبت ۾ رڙيون ڪندڙ (ماءُ) ۽ ڏک وناڻ سينو پٽيندڙ (ڀيڻ) جي درميان رات ڀر جاڳندو رهيو. جڏهن اهو ماڻهو سڪرات جي سهڪي، موت جي سختي، دردناڪ دانهن، موت جي هِڏڪين ۽ ساهه نڪرڻ جي ڇڪتاڻ ۾ رهيو. پوءِ کيس نااميديءَ جي حالت ۾ ڪفن ۾ ويڙهيو ويو ۽ هنکي سولائي سان بيوسيءَ واريءَ حالت ۾ ڪنيو ويو، پوءِ هنکي سفري ٿڪاوٽ ۽ بيماريءَ جي ڪمزوريءَ واريءَ حالت ۾ ڏوليءَ ۾ وڌو ويو. پوءِ مددگار ڀٽن ۽ سات ڏيندڙ ڀائرن اڪيلائپ واري گهر ڏانهن ڪنيو، جتي ملاقاتون بند هونديون ۽ وحشت ۾ اڪيلو هوندو، ايستائين جو جڏهن ڪانڌِي موٽي ويندا ۽ ڏکايل واپس ٿيندا ته انکي حيرتناڪ پڇاڻي ۽ هيبتناڪ امتحان جي جواب لاءِ قبر ۾ ويهاريو ويندو. اتي سڀ کان وڏي مصيبت ٽهڪندڙ پاڻي جو ملڻ، جهنم ۾ پوڻ، باهه جو ڀڙڪڻ، ۽ ان جي آواز جي شدت جو هجڻ آهي. جتي قِسم قِسم جي موتن ۽ پَل پَل جي عذابن ۾ نہ راحت ڏيندڙ ڪو وقفو آهي ۽ نہ ٿڪ لاهيندڙ ڪو سڪون آهي، ۽ نہ روڪڻ واري ڪا طاقت آهي. ۽ نہ ختم ڪرڻ وارو ڪو موت آهي، ۽ نہ وِندرائڻ واري ڪا ننڊ آهي. بيشڪ اسان الله کان ئي پناهه گهرون ٿا. اي الله جا ٻانهؤ اهي ڪٿي آهن جن کي وڏيون ڄمارون ڏنيون ويون ۽ نعمتن ۾ رهيا، ۽ علم ڏنو وين ۽ سمجهي ويا، ۽ مهلت ڏني وين ته غافل رهيا، ۽ امان ڏني وين پوءِ بہ وساري ويٺا.

أُمْهِلُوا طَوِيلًا وَ مُنِحُوا جَمِيلًا وَ حُذِّرُوا أَلِيماً وَ وُعِدُوا جَسِيماً احْذَرُوا الذُّنُوبَ الْمُوَرِّطَةَ وَ الْعُيُوبَ الْمُسْخِطَةَ أُولِي الْأَبْصَارِ وَ الْأَسْمَاعِ وَ الْعَافِيَةِ وَ الْمَتَاعِ هَلْ مِنْ مَنَاصٍ أَوْ خَلَاصٍ أَوْ مَعَاذٍ أَوْ مَلَاذٍ أَوْ فِرَارٍ أَوْ مَحَارٍ أَمْ لَا. فَأَنَّى تُؤْفَكُونَ أَمْ أَيْنَ تُصْرَفُونَ أَمْ بِمَا ذَا تَغْتَرُّونَ وَ إِنَّمَا حَظُّ أَحَدِكُمْ مِنَ الْأَرْضِ ذَاتِ الطُّوْلِ وَ الْعَرْضِ قِيدُ قَدِّهِ مُتَعَفِّراً عَلَى خَدِّهِ اَلْآنَ عِبَادَ اللهِ! وَ الْخِنَاقُ مُهْمَلٌ، وَ الرُّوحُ مُرْسَلٌ، فِيْ فَيْنَةِ الْإِرْشَادِ، وَ رَاحَةِ الْأَجْسَادِ، وَ بَاحَةِ الْاِحْتِشَادِ، وَ مَهَلِ الْبَقِيَّةِ، وَ أُنُفِ الْمَشِيَّةِ، وَ إِنْظَارِ التَّوْبَةِ، وَ انْفِسَاحِ الْحَوْبَةِ قَبْلَ الضَّنْكِ وَ الْمَضِيْقِ، وَ الرَّوْعِ وَ الزُّهُوْقِ، وَ قَبْلَ قُدُوْمِ الْغَائِبِ الْمُنتَظَرِ، وَ اِخْذَةِ الْعَزِيْزِ الْمُقْتَدِرِ.

قال الشريف و في الخبر أنه عليه السلام لما خطب بهذه الخطبة اقشعرت لها الجلود و بكت العيون و رجفت القلوب و من الناس من يسمي هذه الخطبة الغراء.

## ٨٤ ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*فِي ذكر عمرو بن العاص*



عَجَباً لِابْنِ اَلنَّابِغَةِ يَزْعُمُ لِأَهْلِ اَلشَّامِ أَنَّ فِيَّ دُعَابَةً وَ أَنِّي اِمْرُؤٌ تِلْعَابَةٌ أُعَافِسُ وَ أُمَارِسُ لَقَدْ قَالَ بَاطِلاً وَ نَطَقَ آثِماً أَمَا وَ شَرُّ اَلْقَوْلِ اَلْكَذِبُ إِنَّهُ لَيَقُولُ فَيَكْذِبُ وَ يَعِدُ فَيُخْلِفُ وَ يَسْأَلُ فَيُلْحِفُ وَ يُسْأَلُ فَيَبْخَلُ وَ يَخُونُ اَلْعَهْدَ وَ يَقْطَعُ اَلْإِلَّ. فَإِذَا كَانَ عِنْدَ اَلْحَرْبِ فَأَيُّ زَاجِرٍ وَ آمِرٍ هُوَ مَا لَمْ تَأْخُذِ اَلسُّيُوفُ مَآخِذَهَا فَإِذَا كَانَ ذَلِكَ كَانَ أَكْبَرُ مَكِيدَتِهِ أَنْ يَمْنَحَ اَلْقِرْمَ سَبَّتَهُ أَمَا وَ اَللَّهِ إِنِّي لَيَمْنَعُنِي مِنَ اَللَّعِبِ ذِكْرُ اَلْمَوْتِ وَ إِنَّهُ لَيَمْنَعُهُ مِنْ قَوْلِ اَلْحَقِّ نِسْيَانُ اَلْآخِرَةِ إِنَّهُ لَمْ يُبَايِعْ مُعَاوِيَةَ حَتَّى شَرَطَ أَنْ يُؤْتِيَهُ أَتِيَّةً وَ يَرْضَخَ لَهُ عَلَى تَرْكِ اَلدِّينِ رَضِيخَةً.

۽ جنڪي گهڻي چوٽ ڏني وئي هئي ۽ پليون شيون عطا ڪيون ويون هيون، ۽ عذاب ڪان ڊيڄاريو ويو هو ۽ وڏي ثواب جو واعدو ڪيو ويو هو. بس توهان هلاڪ ڪندڙ گناهن ڪان ۽ غضبناڪ ڪندڙ عيبن ڪان بچو. اي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارؤ ۽ صحت ۽ ثروت وارؤ، ڇا ڀڄڻ جي جاءِ ۽ بچاء آهي، يا پناهگاهه ۽ ڪو سهارو آهي، يا فرار جي راهه ۽ موٽڻ جو ڪو گسُ آهي يا نه؟ پوءِ توهان ڪيڏانهن ڀٽڪايا ٿا وڃو، ۽ ڪيڏانهن ڦيرايا ٿا وڃو، يا ڪهڙيءَ شيءِ سان ڏوکو ٿا ڪائو. ۽ زمين منجهان توهان مان هر هڪ جو حصو ڊيگهه ۽ ويڪر ۾ صرف سندس قد برابر آهي، جڏهن ڪيس ڳل ڀر مٽي تي ليٽايو ويندو. اي الله جا ٻانهؤ هاڻي جڏهن ته رسي ڪي ڍر ڏنل آهي ۽ روح آزاد آهي، هدايت جي وقت، جسمن جي سڪون، ميڙ جي هن ميدان، ۽ باقي مليل مهلت ۾، اٽل ارادي سان، توبه جي گنجائش ۽ حالات جي وسعت ۾، سختيءَ ۽ تنگيءَ، خوف ۽ مِٽجڻ ڪان پهريائين، ۽ اوچتي اچڻ واريءَ موت ۽ غالب ۽ قادر جي پڪڙ ڪان پهريائين (عمل ڪريو).

سيد شريف رضي رحمه الله فرمايو: روايت ۾ آهي ته جڏهن امام عليه السلام هي خطبو ڏنو ته چمڙيون ڪاندارجي ويون، اکيون روئڻ لڳيون، دليون ڏڪڻ لڳيون. ڪجهه ماڻهن هن خطبي کي ”خطبه غراء“ جو نالو ڏنو آهي.

## ٨۴ _ امام عليه السلام جو خطبو، عمرو بن عاص جي باري ۾

تعجب آهي! بدلڇڻيءَ جي پٽ تي، هو شام وارن کي گمان ٿو ڏياري ته مون ۾ کِل ڀوڳ آهي، ۽ آءٌ هڪ مذاقي ماڻهو آهيان، ۽ هميشه مذاق ۾ هوندو آهيان. يقيناً هن غلط چيو آهي، ۽ گناهه جي ڳالهه ڪئي آهي. ياد رکو ته سڀ ڪان وڌيڪ بڇڙي ڳالهه ڪوڙ هڻڻ آهي، بيشڪ هو جيڪو به ڳالهائيندو آهي سو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، ۽ واعدو ڪندو آهي ته ڦِري ويندو آهي، ڪانئس گهريو ويندو آهي ته ڪنجوسائپ ڪندو آهي، ۽ پاڻ گهرندو آهي ته چنبڙي پوندو آهي، ۽ معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪندو آهي، ۽ مائٽي ٽوڙيندو آهي. بس جنگ جي وقت هو ڪيڏو نه هڪل ۽ حڪم ڪرڻ وارو هوندو آهي تيستائين جيستائين تلوارون پنهنجي جڳهه تي نه ڪڙڪن، پوءِ جڏهن اهي ڪڙڪن ٿيون ته ان جي وڏي چالاڪي حريف ڏانهن پنهنجي پُٺ اگهاڙي ڪرڻ آهي. ياد رکو ته الله جو قسم موت جي ياد مونکي مذاق ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو آهي، ۽ جڏهن ته هنکي آخرت جي ويسر حق ڳالهائڻ ڪان روڪي ڇڏيو آهي، بيشڪ هن معاويه جي بيعت نه ڪئي ايستائين جو معاويه تي عيوض ڏيڻ جو شرط رکيائين ۽ ڪيس دين ڇڏڻ تي ڪجهه مال عطا ڪندو.

## ٨٥ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*و فيها صفات ثمان من صفات الجلال*

وَ أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ الْأَوَّلُ لَا شَيْءَ قَبْلَهُ وَ الْآخِرُ لَا غَايَةَ لَهُ لَا تَقَعُ الْأَوْهَامُ لَهُ عَلَى صِفَةٍ وَ لَا تُعْقَدُ الْقُلُوبُ مِنْهُ عَلَى كَيْفِيَّةٍ وَ لَا تَنَالُهُ التَّجْزِئَةُ وَ التَّبْعِيضُ وَ لَا تُحِيطُ بِهِ الْأَبْصَارُ وَ الْقُلُوب.

و منها: فَاتَّعِظُوا عِبَادَ اللَّهِ بِالْعِبَرِ النَّوَافِعِ وَ اعْتَبِرُوا بِالْآيِ السَّوَاطِعِ وَ ازْدَجِرُوا بِالنُّذُرِ الْبَوَالِغِ وَ انْتَفِعُوا بِالذِّكْرِ وَ الْمَوَاعِظِ فَكَأَنْ قَدْ عَلِقَتْكُمْ مَخَالِبُ الْمَنِيَّةِ وَ انْقَطَعَتْ مِنْكُمْ عَلَائِقُ الْأُمْنِيَّةِ وَ دَهِمَتْكُمْ مُفْظِعَاتُ الْأُمُورِ وَ السِّيَاقَةُ إِلَى الْوِرْدِ الْمَوْرُودِ فَ كُلُّ نَفْسٍ مَعَها سائِقٌ وَ شَهِيدٌ سَائِقٌ يَسُوقُهَا إِلَى مَحْشَرِهَا وَ شَاهِدٌ يَشْهَدُ عَلَيْهَا بِعَمَلِهَا.

### و منها في صفة الجنة

دَرَجَاتٌ مُتَفَاضِلَاتٌ وَ مَنَازِلُ مُتَفَاوِتَاتٌ لَا يَنْقَطِعُ نَعِيمُهَا وَ لَا يَظْعَنُ مُقِيمُهَا وَ لَا يَهْرَمُ خَالِدُهَا وَ لَا يَبْأَسُ سَاكِنُهَا.

## ٨٦ـ و من خطبة له عليه‌السلام



*و فيها بيان صفات الحق جل جلاله، ثم عظة الناس بالتقوى و المشورة*

قَدْ عَلِمَ السَّرَائِرَ وَ خَبَرَ الضَّمَائِرَ لَهُ الْإِحَاطَةُ بِكُلِّ شَيْءٍ وَ الْغَلَبَةُ لِكُلِّ شَيْءٍ وَ الْقُوَّةُ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ.

### عظة الناس

فَلْيَعْمَلِ الْعَامِلُ مِنْكُمْ فِي أَيَّامِ مَهَلِهِ قَبْلَ إِرْهَاقِ أَجَلِهِ وَ فِي فَرَاغِهِ قَبْلَ أَوَانِ شُغُلِهِ وَ فِي مُتَنَفَّسِهِ قَبْلَ أَنْ يُؤْخَذَ بِكَظَمِهِ وَ لْيُمَهِّدْ لِنَفْسِهِ وَ قَدَمِهِ وَ لْيَتَزَوَّدْ مِنْ دَارِ ظَعْنِهِ لِدَارِ إِقَامَتِهِ. فَاللَّهَ اللَّهَ

## ٨٥_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ ربّ ذوالجلال جون اڻ صفتون بيان ٿيل آهن

۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ ڪو بہ معبود نہ آهي سواءِ ان الله جي جيڪو اڪيلو آهي ۽ ساڻس ڪو بہ شريڪ نہ آهي. اهڙو تہ اول آهي جنهن ڪان پهريائين ڪا بہ شيءِ نہ آهي ۽ اهڙو تہ آخر آهي جنهن جي لاءِ ڪا حد نہ آهي وهم ۽ گمان ان جي صفت ڪي درڪ نٿا ڪري سگهن.

۽ دلين ڪي ان جي ڪنهن بہ ڪيفيت تي بيهاري نٿو سگهجي، تجزيو ۽ تحليل ان تائين نٿا پهچي سگهن. ۽ نہ اکيون ۽ دليون سندس احاطو ڪري ٿيون سگهن.

**۽ انهيءَ منجهان:** الله جا ٻانهؤ نفع بخش عبرتن مان نصيحت پرايو، ۽ پڌرين نشانين مان عبرت حاصل ڪريو، ۽ ڪامل تنبيهہ ذريعي رڪجي وڃو، ۽ توهان ذڪر ۽ نصيحت مان نفعو حاصل ڪريو، ڇڻ تہ موت جا چنبا توهان ۾ اٽڪي چڪا آهن، ۽ توهان جي اميدن جا بند ٽٽي پيا آهن، ۽ سخت حالتن ۽ موت جي ڇڪ توهان ڪي وڪوڙي ڇڏيو آهي. تہ پوءِ هر نفس سان گڏ هڪ ڇڪڻ وارو ۽ گواهہ آهي، ڇڪڻ وارو ڪيس محشر ڏانهن ڇڪيندو ۽ گواهہ سندس عملن تي گواهي ڏيندو.

### ۽ انهيءَ منجهان جنت جي صفت بابت

جنهن جا درجا هڪ ٻئي ڪان وڌيڪ ۽ جڳهيون هڪ ٻئي ڪان مختلف آهن. جنهن جون نعمتون ڪٽڻ واريون نہ آهن. ۽ نہ انجا رهڻ وارا روانا ٿيندا ۽ نہ اتان جا رهاڪو پوڙها ٿيندا ۽ نہ وري اتان جا رهندڙ محتاج ٿيندا.

١٩٥

## ٨٦_ امام عليه السلام جو خطبو، هن خطبي ۾ امام عليه السلام الله جلّ جلالہ جون وصفون بيان ڪيون آهن پوءِ ماڻهن ڪي تقويٰ ۽ مشوري جي نصيحت ڪئي آهي:

بيشڪ هو رازن ڪي ڄاڻي ٿو ۽ ڳجهن ڪان واقف آهي، ان جو هر شيءِ تي احاطو ۽ هر شيءِ تي غلبو آهي ۽ انجي هر شيءِ تي قدرت آهي.

### ماڻهن ڪي نصيحت

توهان مان هر هڪ ڪي گهرجي تہ موت اچڻ ڪان اڳ مهلت وارن ڏينهن ۾ ۽ مصروفيت ڪان اڳ واندڪائي وارين گهڙين ۾ ۽ ڳلي گُهٽجڻ ڪان پهريائين ساهہ ڪٽڻ واري زماني ۾ عمل ڪري وٺي.

۽ ڪيس گهرجي تہ پنهنجي لاءِ پنهنجي اڳتي لاءِ تياري ڪري، ۽ فنا واري گهر مان بقا واري گهر جي لاءِ سمر گڏ ڪري.

أَيُّهَا النَّاسُ فِيمَا اسْتَحْفَظَكُمْ مِنْ كِتَابِهِ وَ اسْتَوْدَعَكُمْ مِنْ حُقُوقِهِ فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ لَمْ يَخْلُقْكُمْ عَبَثاً وَ لَمْ يَتْرُكْكُمْ سُدًى وَ لَمْ يَدَعْكُمْ فِي جَهَالَةٍ وَ لَا عَمًى قَدْ سَمَّى آثَارَكُمْ وَ عَلِمَ أَعْمَالَكُمْ وَ كَتَبَ آجَالَكُمْ وَ أَنْزَلَ عَلَيْكُمُ الْكِتَابَ تِبْيَاناً لِكُلِّ شَيْءٍ.

وَ عَمَّرَ فِيكُمْ نَبِيَّهُ أَزْمَاناً حَتَّى أَكْمَلَ لَهُ وَ لَكُمْ فِيمَا أَنْزَلَ مِنْ كِتَابِهِ دِينَهُ الَّذِي رَضِيَ لِنَفْسِهِ وَ أَنْهَى إِلَيْكُمْ عَلَى لِسَانِهِ مَحَابَّهُ مِنَ الْأَعْمَالِ وَ مَكَارِهَهُ وَ نَوَاهِيَهُ وَ أَوَامِرَهُ وَ أَلْقَى إِلَيْكُمُ الْمَعْذِرَةَ وَ اتَّخَذَ عَلَيْكُمُ الْحُجَّةَ وَ قَدَّمَ إِلَيْكُمْ بِالْوَعِيدِ وَ أَنْذَرَكُمْ بَيْنَ يَدَيْ عَذَابٍ شَدِيدٍ.

فَاسْتَدْرِكُوا بَقِيَّةَ أَيَّامِكُمْ وَ اصْبِرُوا لَهَا أَنْفُسَكُمْ فَإِنَّهَا قَلِيلٌ فِي كَثِيرِ الْأَيَّامِ الَّتِي تَكُونُ مِنْكُمْ فِيهَا الْغَفْلَةُ وَالتَّشَاغُلُ عَنِ الْمَوْعِظَةِ وَ لَا تُرَخِّصُوا لِأَنْفُسِكُمْ فَتَذْهَبَ بِكُمُ الرُّخَصُ مَذَاهِبَ الظَّلَمَةِ وَ لَا تُدَاهِنُوا فَيَهْجُمَ بِكُمُ الْإِدْهَانُ عَلَى الْمَعْصِيَةِ.

عِبَادَ اللَّهِ إِنَّ أَنْصَحَ النَّاسِ لِنَفْسِهِ أَطْوَعُهُمْ لِرَبِّهِ وَ إِنَّ أَغَشَّهُمْ لِنَفْسِهِ أَعْصَاهُمْ لِرَبِّهِ وَ الْمَغْبُونُ مَنْ غَبَنَ نَفْسَهُ وَ الْمَغْبُوطُ مَنْ سَلِمَ لَهُ دِينُهُ وَ السَّعِيدُ مَنْ وُعِظَ بِغَيْرِهِ وَ الشَّقِيُّ مَنِ انْخَدَعَ لِهَوَاهُ وَ غُرُورِهِ وَ اعْلَمُوا أَنَّ يَسِيرَ الرِّيَاءِ شِرْكٌ وَ مُجَالَسَةَ أَهْلِ الْهَوَى مَنْسَاةٌ لِلْإِيمَانِ وَ مَحْضَرَةٌ لِلشَّيْطَانِ. جَانِبُوا الْكَذِبَ فَإِنَّهُ مُجَانِبٌ لِلْإِيمَانِ الصَّادِقُ عَلَى شَفَا مَنْجَاةٍ وَ كَرَامَةٍ وَ الْكَاذِبُ عَلَى شَرَفِ مَهْوَاةٍ وَ مَهَانَةٍ.

وَ لَا تَحَاسَدُوا فَإِنَّ الْحَسَدَ يَأْكُلُ الْإِيمَانَ كَمَا تَأْكُلُ النَّارُ الْحَطَبَ وَ لَا تَبَاغَضُوا فَإِنَّهَا الْحَالِقَةُ وَ اعْلَمُوا أَنَّ الْأَمَلَ يُسْهِي الْعَقْلَ وَ يُنْسِي الذِّكْرَ فَأَكْذِبُوا الْأَمَلَ فَإِنَّهُ غُرُورٌ وَ صَاحِبُهُ مَغْرُورٌ.

اي انسانؤ! الله سائينءَ پنهنجي ڪتاب ۾ جن شين جي حفاظت اوهان کان گهري آهي ۽ جيڪي حقَ اوهان جي ذمي ڪيا آهن انهن جي باري ۾ الله کان ڊڄو، ڇو جو الله سائينءَ توهان کي اجايو پيدا نہ ڪيو آهي، ۽ ڇڙواڳ نہ ڇڏيو اٿئن ۽ نہ وري جهالت ۽ گمراهيءَ ۾ ڇڏيو اٿس. بيشڪ هن اوهان لاءِ چڱا ۽ بڇڙا ڪم بيان ڪري ڇڏيا آهن. ۽ هو اوهان جي هر عمل کي ڄاڻي ٿو. ۽ هن اوهان جي موت جو وقت مقرر ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اوهان لاءِ اهو ڪتاب بہ موڪليو آهي جيڪو هر شيءِ کي بيان ڪندڙ آهي. ۽ پنهنجي نبيءَ کي اوهان ۾ ايترو وقت رهايائين تان جو هن پنهنجي نبيءَ ۽ اوهان لاءِ (پنهنجي ڪتاب ۾ نازل ڪيل) ان دين کي ڪامل ڪيو جنهن کي هن پاڻ لاءِ پسند ڪيو آهي. ۽ هن جي زباني پنهنجا وڻندڙ ۽ اڻ وڻندڙ اعمال ۽ اوامر ۽ نواهي اوهان تائين رسايائين. ۽ دليل اوهان تائين پهچايائين. ۽ حجت اوهان تي پوري ڪيائين. ۽ اڳواٽ ئي اوهان کي خبردار ڪيائين. ۽ سخت عذاب جي اچڻ کان پهريائين اوهان کي ڊيڄاريائين. بس اوهان پنهنجي بچيل ڏينهنَ ۾ ڪوتاهين جو پوراء ڪريو، ۽ انهن ڏينهنَ ۾ پنهنجي نفسن کي صبر لاءِ آماده ڪريو. بيشڪ اِهي ڏينهن انهن ڏينهنَ کان ٿورڙا آهن جن ۾ اوهان کان غفلت ٿي ۽ نصيحت کان منهن موڙيو. ۽ پنهنجي نفسن کي آزاد نہ ڇڏيو نہ تہ آزادي توهان کي ظالمن جي واٽ تي وٺي ويندي. ۽ سستي نہ ڪريو نہ تہ اها اوهان کي معصيت ڏانهن ڌڪي ڇڏيندي. الله جا ٻانهؤ ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ اهو پنهنجي نفس جو خيرخواه آهي جيڪو سڀ کان وڌيڪ پنهنجي رب جو تابعدار آهي. ۽ بيشڪ ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ اهو پنهنجي نفس
١٩٧ سان ذوکو ڪندڙ آهي جيڪو سڀ کان وڌيڪ پنهنجي رب جو نافرمان آهي. ۽ ذوکي کاڌل اهو آهي جنهن پنهنجي نفس کي ذوکو ڏنو. ۽ رِيس ڪرڻ جي لائق اهو آهي جنهن جو دين سالم آهي. ۽ نيڪ بخت اهو آهي جيڪو ٻين مان نصيحت پرائي. ۽ بدبخت اهو آهي جنهن پنهنجي هوس ۽ تڪبر کان ذوکو کاڌو. ۽ آگاه رهو تہ ٿورڙي رياڪاري بہ شرڪ آهي ۽ هوس پرست ماڻهن جي ڪچهري ايمان کي وسارڻ ۽ شيطان وٽ اچڻ جو هنڌ آهي. ڪوڙ کان پاسو ڪريو ڇا ڪاڻ تہ هو ايمان کي پري ڪندڙ آهي. سچو ماڻهو نجات ۽ عزت جي قريب آهي ۽ ڪوڙو ماڻهو هلاڪت ۽ ذلت جي ڪناري تي آهي. ۽ هڪٻئي سان ساڙ نہ ڪريو ڇو جو ساڙ ايمان کي ائين کائيندو آهي جيئن باه ڪانين کي کائيندي آهي. ۽ هڪ ٻئي کان نفرت نہ ڪريو بيشڪ اها ڀلاين کي مِٽائيندڙ آهي. ۽ ڄاڻو تہ يقيناً اميدون عقل کي غافل ڪن ٿيون ۽ خدا جي ياد کي وسارين ٿيون. بس اميدن کي ڪوڙ سمجهو ڇو جو اهي ذوکو آهن ۽ اميدون ڪرڻ وارو ذوکي ۾ آهي.

# ٨٧ـ و من خطبة له عليه السلام

*و هي في بيان صفات المتقين و صفات الفساق و التنبيه إلى مكان العترة الطيبة و الظن الخاطئ لبعض الناس*

عِبَادَ اللَّهِ إِنَّ مِنْ أَحَبِّ عِبَادِ اللَّهِ إِلَيْهِ عَبْداً أَعَانَهُ اللَّهُ عَلَى نَفْسِهِ فَاسْتَشْعَرَ الْحُزْنَ وَ تَجَلْبَبَ الْخَوْفَ فَزَهَرَ مِصْبَاحُ الْهُدَى فِي قَلْبِهِ وَ أَعَدَّ الْقِرَى لِيَوْمِهِ النَّازِلِ بِهِ فَقَرَّبَ عَلَى نَفْسِهِ الْبَعِيدَ وَ هَوَّنَ الشَّدِيدَ نَظَرَ فَأَبْصَرَ وَ ذَكَرَ فَاسْتَكْثَرَ وَ ارْتَوَى مِنْ عَذْبٍ فُرَاتٍ سُهِّلَتْ لَهُ مَوَارِدُهُ فَشَرِبَ نَهَلًا وَ سَلَكَ سَبِيلًا جَدَداً قَدْ خَلَعَ سَرَابِيلَ الشَّهَوَاتِ وَ تَخَلَّى مِنَ الْهُمُومِ إِلَّا هَمّاً وَاحِداً انْفَرَدَ بِهِ فَخَرَجَ مِنْ صِفَةِ الْعَمَى وَ مُشَارَكَةِ أَهْلِ الْهَوَى وَ صَارَ مِنْ مَفَاتِيحِ أَبْوَابِ الْهُدَى وَ مَغَالِيقِ أَبْوَابِ الرَّدَى قَدْ أَبْصَرَ طَرِيقَهُ وَ سَلَكَ سَبِيلَهُ وَ عَرَفَ مَنَارَهُ وَ قَطَعَ غِمَارَهُ.

وَ اسْتَمْسَكَ مِنَ الْعُرَى بِأَوْثَقِهَا وَ مِنَ الْحِبَالِ بِأَمْتَنِهَا فَهُوَ مِنَ الْيَقِينِ عَلَى مِثْلِ ضَوْءِ الشَّمْسِ قَدْ نَصَبَ نَفْسَهُ لِلَّهِ سُبْحَانَهُ فِي أَرْفَعِ الْأُمُورِ مِنْ إِصْدَارِ كُلِّ وَارِدٍ عَلَيْهِ وَ تَصْيِيرِ كُلِّ فَرْعٍ إِلَى أَصْلِهِ مِصْبَاحُ ظُلُمَاتٍ كَشَّافُ عَشَوَاتٍ مِفْتَاحُ مُبْهَمَاتٍ دَفَّاعُ مُعْضِلَاتٍ دَلِيلُ فَلَوَاتٍ يَقُولُ فَيُفْهِمُ وَ يَسْكُتُ فَيَسْلَمُ قَدْ أَخْلَصَ لِلَّهِ فَاسْتَخْلَصَهُ فَهُوَ مِنْ مَعَادِنِ دِينِهِ وَ أَوْتَادِ أَرْضِهِ قَدْ أَلْزَمَ نَفْسَهُ الْعَدْلَ فَكَانَ أَوَّلَ عَدْلِهِ نَفْيُ الْهَوَى عَنْ نَفْسِهِ يَصِفُ الْحَقَّ وَ يَعْمَلُ بِهِ لَا يَدَعُ لِلْخَيْرِ غَايَةً إِلَّا أَمَّهَا وَ لَا مَظِنَّةً إِلَّا قَصَدَهَا قَدْ أَمْكَنَ الْكِتَابَ مِنْ زِمَامِهِ فَهُوَ قَائِدُهُ وَ إِمَامُهُ يَحُلُّ حَيْثُ حَلَّ ثَقَلُهُ وَ يَنْزِلُ حَيْثُ كَانَ مَنْزِلُهُ.

## ٨٧_ امام عليه السلام جو خطبو. ۽ هي پرهيزگارن ۽ فاسقن جي صفتن جي بيان ۾ آهي ۽ هن ۾ اهل بيت عليهم السلام جي منزلت ۽ ڪجهه ماڻهن جي غلط گمان بابت آگاهي آهي.

اي الله جا ٻانهؤ، بيشڪ الله جي ٻندن مان وٽس سڀ کان وڌيڪ پيارو ٻانهو اهو آهي جنهن جي الله سندس نفس کي قابوءَ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. پوءِ هن غم جي پوشاڪ ۽ خوف جي چادر پاتي، ۽ سندس دل ۾ هدايت جو چراغ روشن ٿيو. ۽ پنهنجي اچڻ واري ڏينهن لاءِ مهماني تيار ڪيائين. پوءِ پري واري موت کي پاڻ لاءِ قريب ۽ سختين کي سولو سمجهائين. ڏٺائين تہ بصيرت حاصل ڪيائين. ۽ الله کي ياد ڪيائين تہ عمل وڌايائين. ۽ اهڙي مِني پاڻي مان سيراب ٿيو جنهن جو گهيڙ ان لاءِ سولو ڪيو ويو هو. پوءِ هن پريل جام پيتو ۽ سِڌي واٽ تي هلي پيو. بيشڪ هن خواهشن جو لباس لاهي ڇڏيو. ۽ هو سيني سوچن کي ڇڏي ڪري رڳو هڪ ئي سوچ ۾ رذل رهيو. پوءِ هو انڌائپ ۽ هوس پرستن جي صحبت مان نڪري ويو. ۽ هو هدايت جي دروازن کي کولڻ وارو ۽ گمراهيءَ جي دروازن کي بند ڪرڻ وارو ٿي ويو.

۽ هن پنهنجو رستو ڏِسي ڇڏيو آهي. ۽ ان راهہ جو راهي ٿيو آهي ۽ هن رستي جي مينارن کي سڃاتو ۽ ان جي سختين کي پار ڪيو. ۽ هن مضبوط رسين جي پڪن ڦندن کي پڪڙيو. ۽ جبلن جيڏي مضبوط ذريعن سان چنبڙي پيو. بس هنجو يقين سج جي روشني تي يقين جيان آهي. جو هن اعلىٰ مقصد لاءِ پنهنجو پاڻ کي الله سبحانہ لاءِ وقف ڪيو آهي. جو هر پيش ايندڙ مسئلي کي حل ڪري ٿو ۽ هر فرع کي اصل ڏانهن موٽائي ٿو. جو هو اونداهين ۾ چراغ آهي. ۽ مونجهارن کي حل ڪندڙ آهي. ۽ ڳجهن کي ظاهر ڪندڙ آهي. مشڪلاتن کي ٽاريندڙ آهي. بيابانن ۾ رهنمائي ڪندڙ آهي ۽ ڳالهائي ٿو تہ سمجهائي ٿو. ۽ خاموش ٿئي ٿو تہ محفوظ رهي ٿو. هن پاڻ کي الله لاءِ خالص ڪيو تہ الله بہ کيس پنهنجو بڻائي ڇڏيو. بس هو الله جي دين جي کاڻن ۽ سندس زمين جي ميخن منجهان آهي. بيشڪ هن پنهنجي پاڻ تي عدل کي لازم ڪيو آهي. سندس عدل جي شروعات پاڻ کان خواهشن کي پري ڪرڻ آهي. حق بيان ڪري ٿو ۽ ان تي عمل ڪري ٿو. جنهن بہ نيڪي جو قصد ڪري ٿو انکي بجا آڻي ٿو. ۽ جتي بہ نيڪي سڄهيس ٿي انکي انجام ڏئي ٿو. بيشڪ هن پنهنجي واڳ قرآن جي حوالي ڪري ڇڏي آهي. بس اهو ئي سندس سرواڻ ۽ اڳواڻ آهي. هنجو جهڪاؤ اوڏانهن آهي جيڏانهن قرآن جو جهڪاؤ آهي ۽ هنجي منزل اها آهي جيڪا قرآن جي منزل آهي.

## صفات الفساق

وَ آخَرُ قَدْ تَسَمَّى عَالِماً وَ لَيْسَ بِهِ فَاقْتَبَسَ جَهَائِلَ مِنْ جُهَّالٍ وَ أَضَالِيلَ مِنْ ضُلَّالٍ وَ نَصَبَ لِلنَّاسِ أَشْرَاكاً مِنْ حَبَائِلِ غُرُورٍ وَ قَوْلِ زُورٍ قَدْ حَمَلَ الْكِتَابَ عَلَى آرَائِهِ وَ عَطَفَ الْحَقَّ عَلَى أَهْوَائِهِ يُؤْمِنُ النَّاسَ مِنَ الْعَظَائِمِ وَ يُهَوِّنُ كَبِيرَ الْجَرَائِمِ يَقُولُ أَقِفُ عِنْدَ الشُّبُهَاتِ وَ فِيهَا وَقَعَ وَ يَقُولُ أَعْتَزِلُ الْبِدَعَ وَ بَيْنَهَا اضْطَجَعَ فَالصُّورَةُ صُورَةُ إِنْسَانٍ وَ الْقَلْبُ قَلْبُ حَيَوَانٍ لَا يَعْرِفُ بَابَ الْهُدَى فَيَتَّبِعَهُ وَ لَا بَابَ الْعَمَى فَيَصُدَّ عَنْهُ وَ ذَلِكَ مَيِّتُ الْأَحْيَاءِ.

## عترة النبي

فَأَيْنَ تَذْهَبُونَ وَ أَنَّى تُؤْفَكُونَ وَ الْأَعْلَامُ قَائِمَةٌ وَ الْآيَاتُ وَاضِحَةٌ وَ الْمَنَارُ مَنْصُوبَةٌ فَأَيْنَ يُتَاهُ بِكُمْ وَ كَيْفَ تَعْمَهُونَ وَ بَيْنَكُمْ عِتْرَةُ نَبِيِّكُمْ وَ هُمْ أَزِمَّةُ الْحَقِّ وَ أَعْلَامُ الدِّينِ وَ أَلْسِنَةُ الصِّدْقِ فَأَنْزِلُوهُمْ بِأَحْسَنِ مَنَازِلِ الْقُرْآنِ وَ رِدُوهُمْ وُرُودَ الْهِيمِ الْعِطَاشِ.

أَيُّهَا النَّاسُ خُذُوهَا عَنْ خَاتَمِ النَّبِيِّينَ ص إِنَّهُ يَمُوتُ مَنْ مَاتَ مِنَّا وَ لَيْسَ بِمَيِّتٍ وَ يَبْلَى مَنْ بَلِيَ مِنَّا وَ لَيْسَ بِبَالٍ فَلَا تَقُولُوا بِمَا لَا تَعْرِفُونَ فَإِنَّ أَكْثَرَ الْحَقِّ فِيمَا تُنْكِرُونَ وَ اعْذِرُوا مَنْ لَا حُجَّةَ لَكُمْ عَلَيْهِ وَ هُوَ أَنَا أَ لَمْ أَعْمَلْ فِيكُمْ بِالثَّقَلِ الْأَكْبَرِ وَ أَتْرُكْ فِيكُمُ الثَّقَلَ الْأَصْغَرَ قَدْ رَكَزْتُ فِيكُمْ رَايَةَ الْإِيمَانِ وَ وَقَفْتُكُمْ عَلَى حُدُودِ الْحَلَالِ وَ الْحَرَامِ وَ أَلْبَسْتُكُمُ الْعَافِيَةَ مِنْ عَدْلِي وَ فَرَشْتُكُمُ الْمَعْرُوفَ مِنْ قَوْلِي وَ فِعْلِي وَ أَرَيْتُكُمْ كَرَائِمَ الْأَخْلَاقِ مِنْ نَفْسِي فَلَا تَسْتَعْمِلُوا الرَّأْيَ فِيمَا لَا يُدْرِكُ قَعْرَهُ الْبَصَرُ وَ لَا تَتَغَلْغَلُ إِلَيْهِ الْفِكَرُ.

## فاسقن جون صفتون

۽ ٻيو اهو جيڪو پاڻ کي عالم سڏرائي ٿو جڏهن تہ عالم ناهي. بس هن جاهلن مان جهالتون ۽ گمراهن مان گمراهيون ميڙيون آهن. ۽ هو ماڻهن لاءِ ڌوکي جي رسين ۽ ڪوڙي ڪلام جا ڄار وڇائي ٿو. ۽ قرآن کي پنهنجي راءِ مطابق بيان ڪري ٿو. ۽ حق کي پنهنجي خواهشن مطابق سمجهي ٿو. ماڻهن کي گناهن کان بي خوف بڻائي ٿو ۽ وڏن ڏوهن کي خسيس پيش ڪري ٿو.

هو چوي ٿو تہ آءٌ شبهن کان روڪجي ويندو آهيان حالانڪ هو انهن ۾ پيل هوندو آهي. ۽ چوي ٿو تہ آءٌ بدعتن کان پاسو ڪندو آهيان جڏهن تہ انهن ۾ پاسا پيو بدلائيندو آهي. بس سندس صورت انسان جي صورت ۽ دل حيوان جي دل آهي. هو نہ هدايت جي دروازي کي سڃاڻي ٿو جو ان جي پيروي ڪري ۽ نہ وري گمراهي جي دروازي کي سڃاڻي ٿو جو انکان روڪجي وڃي. بس اهو جيئرن ۾ مئل آهي.

## نبي (ﷺ) جي عترت

تہ پوءِ توهان ڪيڏانهن ٿا وڃو ۽ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃو ٿا. جڏهن تہ علامتون بيٺل، نشانيون واضح ۽ مينار کُتل آهن. پوءِ توهان کي ڪيڏانهن ڀٽڪايو وڃي ٿو ۽ ڪيئن گمراهہ ٿيو ٿا. جڏهن تہ توهان جي درميان توهان جي نبي ﷺ جي آل موجود آهي. ۽ اهي ئي حق جي واڳ، دين جا نشان ۽ سچ جي زبان آهن. ۽ انهن کي اهو مقام ڏيو جيڪو قرآن انهن لاءِ بهترين مقام قرار ڏنو آهي. ۽ انهن وٽ ائين اچو جيئن اجارو اُڃ چشمي ڏانهن ايندو آهي. اي انسانؤ! انهيءَ حقيقت کي خاتم النبيين ﷺ جي هن فرمان مان وٺو تہ "بيشڪ جيڪو اسان منجهان ظاهري طور مري ٿو پر اهو حقيقت ۾ مئل نہ آهي ۽ جيڪو اسان مان ظاهري طور بوسيده ٿئي ٿو پر حقيقت ۾ ڳريل نہ آهي". پوءِ جنهن شيءِ بابت نٿا ڄاڻو تہ ان جي باري ۾ نہ ڳالهايو، چو جو ان ۾ گهڻو ڪري حق ئي هوندو آهي جنهن جو توهان انڪار ڪندا آهيو. ۽ ان شخص کي حق بجانب سمجهو جنهن جي خلاف توهان وٽ ڪو دليل نہ آهي، ۽ اهو آءٌ آهيان. ڇا مون توهان جي درميان ثقلِ اڪبر (قرآن) تي عمل ناهي ڪيو؟ ۽ ڇا مون توهان ۾ ثقلِ اصغر (اهل بيتِ رسول ﷺ) کي ناهي ڇڏيو؟ بيشڪ مون توهان جي درميان ايمان جو عَلم لڳايو، ۽ توهان کي حلال ۽ حرام جي حدن کان آگاهہ ڪيو. ۽ پنهنجي عدل سان توهان کي خوشحالي جو لباس پارايو. ۽ پنهنجي قول ۽ فعل سان توهان ۾ نيڪي کي عام ڪيو. ۽ پاڻ وٽان توهان کي بهترين اخلاق ڏيکاريو. تہ پوءِ جنهن شيءِ جي گهرائيءَ کي ديد درڪ نہ ڪري ۽ جنهن جي اونهائي تائين فڪر نہ پهچي تہ ان ۾ پنهنجي راءِ استعمال نہ ڪريو.

ظن خاطئ

و منها: حَتَّى يَظُنَّ الظَّانُّ أَنَّ الدُّنْيَا مَعْقُولَةٌ عَلَى بَنِي أُمَيَّةَ تَمْنَحُهُمْ دَرَّهَا وَ تُورِدُهُمْ صَفْوَهَا وَ لَا يُرْفَعُ عَنْ هَذِهِ الْأُمَّةِ سَوْطُهَا وَ لَا سَيْفُهَا وَ كَذَبَ الظَّانُّ لِذَلِكَ بَلْ هِيَ مَجَّةٌ مِنْ لَذِيذِ الْعَيْشِ يَتَطَعَّمُونَهَا بُرْهَةً ثُمَّ يَلْفِظُونَهَا جُمْلَة.

## ٨٨ ـ و من خطبة له عليه السلام

*و فيها بيان للأسباب التي تهلك الناس*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّ اللَّهَ لَمْ يَقْصِمْ جَبَّارِي دَهْرٍ قَطُّ إِلَّا بَعْدَ تَمْهِيلٍ وَ رَخَاءٍ وَ لَمْ يَجْبُرْ عَظْمَ أَحَدٍ مِنَ الْأُمَمِ إِلَّا بَعْدَ أَزْلٍ وَ بَلَاءٍ وَ فِي دُونِ مَا اسْتَقْبَلْتُمْ مِنْ عَتْبٍ وَ مَا اسْتَدْبَرْتُمْ مِنْ خَطْبٍ مُعْتَبَرٌ وَ مَا كُلُّ ذِي قَلْبٍ بِلَبِيبٍ وَ لَا كُلُّ ذِي سَمْعٍ بِسَمِيعٍ وَ لَا كُلُّ نَاظِرٍ بِبَصِيرٍ فَيَا عَجَباً وَ مَا لِيَ لَا أَعْجَبُ مِنْ خَطَإِ هَذِهِ الْفِرَقِ عَلَى اخْتِلَافِ حُجَجِهَا فِي دِينِهَا لَا يَقْتَصُّونَ أَثَرَ نَبِيٍّ وَ لَا يَقْتَدُونَ بِعَمَلِ وَصِيٍّ وَ لَا يُؤْمِنُونَ بِغَيْبٍ وَ لَا يَعِفُّونَ عَنْ عَيْبٍ.

يَعْمَلُونَ فِي الشُّبُهَاتِ وَ يَسِيرُونَ فِي الشَّهَوَاتِ الْمَعْرُوفُ فِيهِمْ مَا عَرَفُوا وَ الْمُنْكَرُ عِنْدَهُمْ مَا أَنْكَرُوا مَفْزَعُهُمْ فِي الْمُعْضِلَاتِ إِلَى أَنْفُسِهِمْ وَ تَعْوِيلُهُمْ فِي الْمُهِمَّاتِ عَلَى آرَائِهِمْ كَأَنَّ كُلَّ امْرِئٍ مِنْهُمْ إِمَامُ نَفْسِهِ قَدْ أَخَذَ مِنْهَا فِيمَا يَرَى بِعُرًى ثِقَاتٍ وَ أَسْبَابٍ مُحْكَمَات.

## غلط گمان

**۽ انهيءَ منجهان:** ايستائين جو گمان ڪرڻ وارو اهو گمان ڪري ٿو تہ دنيا آهي ئي بني اميہ لاءِ انهن ڪي ئي پنهنجا فائدا ڏيندي رهندي. ۽ انهن کي پنهنجي صاف چشمي ڏانهن آڻيندي رهندي. ۽ هن امت کان انهن جي لٺ ۽ تلوار نہ لهندي. ۽ اهڙي ڳالهہ جو گمان ڪندڙ ڪوڙو آهي. بلڪ هيءَ حڪومت زندگي جي لذتن مان ماکي جو هڪ ذرو آهي جنهن کي ٿوري دير چکي پوءِ سڄي اڇلائي ڇڏيندا.

### ٨٨_ امام عليه السلام جو خطبو. جنهن ۾ انهن سببن جو بيان آهي جيڪي ماڻهن کي برباد ڪن ٿا

اما بعد: بيشڪ الله تعالىٰ ڪڏهن بہ زماني جي ظالمن جو ڪنڌ ناهي ٽوڙيو مگر مهلت ۽ ڍر ڏيڻ کانپوءِ. ۽ امتن مان ڪنهن جي بہ هڏ ڪي ناهي جوڙيو مگر سختيءَ ۽ آزمائش کانپوءِ. ۽ جيڪي ڏکيائيون توهان ڏٺيون آهن ۽ جيڪي سختيون توهان سٺيون آهن انهن کان گهٽ بہ عبرت لاءِ ڪافي هيون.

۽ هر دل رکندڙ عقل وارو نہ هوندو آهي. ۽ هر ڪن رکندڙ ٻڌڻ وارو نہ هوندو آهي. ۽ نہ وري هر ڏسندڙ بصيرت وارو هوندو آهي.

هاءِ تعجب! ۽ آءٌ ڇو نہ تعجب ڪريان هنن فرقن جي غلطين تي جيڪي پنهنجي دين جي دليلن ۾ اختلاف هجڻ جي باوجود نہ نبي جي نقشِ قدم تي هلن ٿا ۽ نہ وصي جي عمل جي پيروي ڪن ٿا. نہ غيب تي ايمان آڻين ٿا ۽ نہ عيب کان بچن ٿا.

شبهن ۾ عمل ڪن ٿا ۽ خواهشن جي مطابق هلن ٿا. ۽ ڀلائي انهن وٽ اها آهي جنهن کي اهي ڀلو چون، ۽ برائي انهن وٽ اها آهي جنهن کي اهي برو چون. مشڪلاتن ۾ پنهنجي نفسن جو ئي سهارو وٺن ٿا. ۽ مونجهارن ۾ پنهنجي راين تي ڀروسو ڪن ٿا. ڄڻ تہ انهن مان هر هڪ ماڻهو پنهنجي نفس جو امام آهي. انهن مان ڪا راءِ ڪڍي ٿو ۽ انکي مضبوط راين ۽ محڪم سببن مان سمجهي ٿو.

# ٨٩ ـ و من خطبة له عليه السلام

*في الرسول الأعظم صلى الله عليه وآله و بلاغ الإمام عنه*

أَرْسَلَهُ عَلَى حِينِ فَتْرَةٍ مِنَ الرُّسُلِ وَ طُولِ هَجْعَةٍ مِنَ الْأُمَمِ وَ اعْتِزَامٍ مِنَ الْفِتَنِ وَ انْتِشَارٍ مِنَ الْأُمُورِ وَ تَلَظٍّ مِنَ الْحُرُوبِ وَ الدُّنْيَا كَاسِفَةُ النُّورِ ظَاهِرَةُ الْغُرُورِ عَلَى حِينِ اصْفِرَارٍ مِنْ وَرَقِهَا وَ إِيَاسٍ مِنْ ثَمَرِهَا وَ اغْوِرَارٍ مِنْ مَائِهَا قَدْ دَرَسَتْ مَنَارُ الْهُدَى وَ ظَهَرَتْ أَعْلَامُ الرَّدَى فَهِيَ مُتَجَهِّمَةٌ لِأَهْلِهَا عَابِسَةٌ فِي وَجْهِ طَالِبِهَا ثَمَرُهَا الْفِتْنَةُ وَ طَعَامُهَا الْجِيفَةُ وَ شِعَارُهَا الْخَوْفُ وَ دِثَارُهَا السَّيْفُ.

فَاعْتَبِرُوا عِبَادَ اللَّهِ وَ اذْكُرُوا تِيكَ الَّتِي آبَاؤُكُمْ وَ إِخْوَانُكُمْ بِهَا مُرْتَهَنُونَ وَ عَلَيْهَا مُحَاسَبُونَ وَ لَعَمْرِي مَا تَقَادَمَتْ بِكُمْ وَ لَا بِهِمُ الْعُهُودُ وَ لَا خَلَتْ فِيمَا بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَهُمُ الْأَحْقَابُ وَ الْقُرُونُ وَ مَا أَنْتُمُ الْيَوْمَ مِنْ يَوْمَ كُنْتُمْ فِي أَصْلَابِهِمْ بِبَعِيدٍ. وَ اللَّهِ مَا أَسْمَعَكُمُ الرَّسُولُ شَيْئاً إِلَّا وَ هَا أَنَا ذَا مُسْمِعُكُمُوهُ وَ مَا أَسْمَاعُكُمُ الْيَوْمَ بِدُونِ أَسْمَاعِكُمْ بِالْأَمْسِ.



وَ لَا شُقَّتْ لَهُمُ الْأَبْصَارُ وَ لَا جُعِلَتْ لَهُمُ الْأَفْئِدَةُ فِي ذَلِكَ الزَّمَانِ إِلَّا وَ قَدْ أُعْطِيتُمْ مِثْلَهَا فِي هَذَا الزَّمَانِ وَ وَ اللَّهِ مَا بُصِّرْتُمْ بَعْدَهُمْ شَيْئاً جَهِلُوهُ وَ لَا أُصْفِيتُمْ بِهِ وَ حُرِمُوهُ وَ لَقَدْ نَزَلَتْ بِكُمُ الْبَلِيَّةُ جَائِلًا خِطَامُهَا رِخْواً بِطَانُهَا فَلَا يَغُرَّنَّكُمْ مَا أَصْبَحَ فِيهِ أَهْلُ الْغُرُورِ فَإِنَّمَا هُوَ ظِلٌّ مَمْدُودٌ إِلَى أَجَلٍ مَعْدُود.

## ٨٩_ امام عليه السلام جو خطبو

**پاڻ سڳورن ﷺ ۽ سندن وڌان آيل پيغام جي باري ۾ آهي جنهن ۾ امام عليه السلام پهچايو آهي.**

الله تعاليٰ پاڻ سڳورن ﷺ کي ان وقت موڪليو جڏهن زمانو رسولن کان خالي هيو، ۽ امتون ڊگهيءَ ننڊ ۾ ستل هيون، ۽ فتنن جي باهه ٻريل هئي ۽ سڀ ڪم ڪار ٽڙيل پکڙيل هئا. ۽ جنگين جي باهه ڀڙڪيل هئي. ۽ دنيا نور کي وسائيندڙ ۽ ڌوکي کي ظاهر ڪندڙ هئي. جڏهن ته سندس پنن ۾ ڦڪاڻ ۽ ان جي ميوي ملڻ کان مايوسي ٿي چڪي هئي، ۽ سندس پاڻي سڪي چڪو هو. ۽ هدايت جا مينار مِٽجي چڪا هئا. ۽ تباهي جا نشان ظاهر ٿي چڪا هئا. ۽ دنيا پنهنجي رهڻ وارن تي ڏمريل ۽ پنهنجي طلبگارن تي ڪاوڙيل هئي. ۽ فتنو سندس ميوو ۽ ڊپ سندس خوراڪ ۽ خوف سندس پوشاڪ ۽ تلوار سندس چادر هئي.

اي الله جا ٻانهؤ عبرت حاصل ڪريو. ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن ۽ ڀائرن جي انهن ڪُڌن ڪرتوتن کي ياد ڪريو جن جي بدلي اهي گِروي رکيل آهن. ۽ جن تي انهن جو محاسبو ڪيو ويندو. ۽ مونکي پنهنجي زندگي جو قسم ته توهان ۽ انهن کي گهڻو زمانو ناهي گذريو. ۽ نه وري توهان ۽ انهن جي درميان ڪو گهڻو عرصو ۽ صديون گذريون آهن. ۽ توهان اڄ به ان ڏينهن کان پري نه آهيو جڏهن توهان انهن جي صلبن ۾ هيو. الله جو قسم رسول ﷺ انهن کي جيڪو ڪجهه ٻڌايو هيو مان به اهو ئي اڄ توهان کي ٻڌايان ٿو. ۽ توهان جا اڄوڪا ڪن انهن جي ڪالهوڪي ڪنن کان گهٽ نه آهن.

ان زماني ۾ جهڙيون اکيون ۽ دليون هنن لاءِ ٺاهيون ويون هيون، هِن زماني ۾ اهڙيون ئي اکيون ۽ دليون توهان کي به ڏنيون ويون آهن. ۽ خدا جو قسم انهن ڪانپوءِ توهان کي اهڙي شيءِ ناهي ڏيکاري وئي جنهن کان هو جاهل هئا. ۽ نه وري توهان کنهن شيءِ سان مخصوص ڪيا ويا آهيو جنهن کان انهن کي محروم رکيو ويو هجي. ۽ بيشڪ توهان تي هڪ اهڙي مصيبت آئي آهي جنهن جي ناڪيلِي ڍري ۽ جنهن جو تَنگ ڍلو آهي. پوءِ اها شيءِ توهان کي ڌوکو نه ڏئي جنهن ۾ غرور ڪرڻ وارا مبتلا ٿي ويا هئا. انهي ڪري جو اهو صرف هڪ ڊگهو پاڇو آهي جنهن جي مدت معين آهي.

## ٩٠ – و من خطبة له عليه السلام

*و تشتمل على قِدَم الخالق و عظم مخلوقاته، و يختمها بالوعظ*

الْحَمْدُ لِلَّهِ الْمَعْرُوفِ مِنْ غَيْرِ رُؤْيَةٍ وَ الْخَالِقِ مِنْ غَيْرِ رَوِيَّةٍ الَّذِي لَمْ يَزَلْ قَائِماً دَائِماً إِذْ لَا سَمَاءٌ ذَاتُ أَبْرَاجٍ وَ لَا حُجُبٌ ذَاتُ إِرْتَاجٍ وَ لَا لَيْلٌ دَاجٍ وَ لَا بَحْرٌ سَاجٍ وَ لَا جَبَلٌ ذُو فِجَاجٍ وَ لَا فَجٌّ ذُو اعْوِجَاجٍ وَ لَا أَرْضٌ ذَاتُ مِهَادٍ وَ لَا خَلْقٌ ذُو اعْتِمَادٍ ذَلِكَ مُبْتَدِعُ الْخَلْقِ وَ وَارِثُهُ وَ إِلَهُ الْخَلْقِ وَ رَازِقُهُ وَ الشَّمْسُ وَ الْقَمَرُ دَائِبَانِ فِي مَرْضَاتِهِ يُبْلِيَانِ كُلَّ جَدِيدٍ وَ يُقَرِّبَانِ كُلَّ بَعِيدٍ.

قَسَمَ أَرْزَاقَهُمْ وَ أَحْصَى آثَارَهُمْ وَ أَعْمَالَهُمْ وَ عَدَدَ أَنْفُسِهِمْ وَ خَائِنَةَ أَعْيُنِهِمْ وَ مَا تُخْفِي صُدُورُهُمْ مِنَ الضَّمِيرِ وَ مُسْتَقَرَّهُمْ وَ مُسْتَوْدَعَهُمْ مِنَ الْأَرْحَامِ وَ الظُّهُورِ إِلَى أَنْ تَتَنَاهَى بِهِمُ الْغَايَاتُ هُوَ الَّذِي اشْتَدَّتْ نِقْمَتُهُ عَلَى أَعْدَائِهِ فِي سَعَةِ رَحْمَتِهِ وَ اتَّسَعَتْ رَحْمَتُهُ لِأَوْلِيَائِهِ فِي شِدَّةِ نِقْمَتِهِ قَاهِرُ مَنْ عَازَّهُ وَ مُدَمِّرُ مَنْ شَاقَّهُ وَ مُذِلُّ مَنْ نَاوَاهُ وَ غَالِبُ مَنْ عَادَاهُ.



مَنْ تَوَكَّلَ عَلَيْهِ كَفَاهُ وَ مَنْ سَأَلَهُ أَعْطَاهُ وَ مَنْ أَقْرَضَهُ قَضَاهُ وَ مَنْ شَكَرَهُ جَزَاهُ. عِبَادَ اللَّهِ زِنُوا أَنْفُسَكُمْ مِنْ قَبْلِ أَنْ تُوزَنُوا وَ حَاسِبُوهَا مِنْ قَبْلِ أَنْ تُحَاسَبُوا وَ تَنَفَّسُوا قَبْلَ ضِيقِ الْخِنَاقِ وَ انْقَادُوا قَبْلَ عُنْفِ السِّيَاقِ وَ اعْلَمُوا أَنَّهُ مَنْ لَمْ يُعَنْ عَلَى نَفْسِهِ حَتَّى يَكُونَ لَهُ مِنْهَا وَاعِظٌ وَ زَاجِرٌ لَمْ يَكُنْ لَهُ مِنْ غَيْرِهَا لَا زَاجِرٌ وَ لَا وَاعِظ.

## ٩٠ _ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو خالق جي قديم هجڻ ۽ مخلوق جي عظيم هجڻ تي مشتمل آهي ۽ امام عليه السلام هن جو اختتام نصيحت تي ڪيو آهي.

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن، جيڪو بنا ڏسڻ جي سڃاتل ۽ بنا سوچڻ جي خالق آهي. جيڪو هميشہ کان قائم ۽ دائم آهي. جڏهن اجا نہ برجن وارو آسمان هيو، ۽ نہ وڏن دروازن وارا پردا هئا، ۽ نہ اونداهي رات هئي. ۽ نہ بيٺل سمنڊ هيو. ۽ نہ ويڪرن رستن وارو جبل هيو ۽ نہ وري اتي ڪو ٽيڏو رستو هيو ۽ نہ وڇايل زمين هئي. ۽ نہ ڪا اعتماد واري مخلوق هئي. اهو ئي خلقت جي ابتدا ڪندڙ ۽ ان جو وارث آهي ۽ اهو ئي مخلوق جو معبود ۽ رازق آهي. سج ۽ چنڊ هنجي مرضي مطابق بغير بيهڪ جي هلندڙ آهن. ۽ هر نئي شيءَ کي پراڻو ۽ هر پري واري شيءَ کي ويجهو ڪن ٿا.

هن سڀني جو رزق ورهايو آهي. ۽ هن انهن جي آثار ۽ اعمال، ۽ انهن جي ساهہ کڻڻ جي ڳاڻيٽي، ۽ انهن جي اکين جي خيانت، ۽ سندن سينن ۾ لڪيل رازن، ۽ انهن جو والدين جي رحمن ۾ رهڻ ۽ پشتن ۾ هجڻ کي ڄاڻي ٿو تان جو انهن جا پساهہ پورا ٿين. هو اهو آهي جنهن جو ڏمر پنهنجي وسيع رحمت جي هوندي سندس دشمنن تي سخت آهي. ۽ جنهن جي رحمت پنهنجي سخت ناراضگي جي هوندي سندس ولين لاءِ وسيع آهي. جيڪو ان سان مقابلو ڪري ٿو هو انکي تباهہ ڪندڙ آهي. ۽ جيڪو ان سان جهڳڙو ڪري ٿو هو انکي مِٽائيندڙ آهي. ۽ جيڪو ان جي مخالفت ڪري ٿو هو انکي ذليل ڪندڙ آهي. ۽ جيڪو ان سان دشمني رکي ٿو هو ان تي غلبو ڪندڙ آهي. جنهن ان تي ڀروسو ڪيو تنهن لاءِ ڪافي ٿيو.

۽ جنهن ان کان گُهريو تنهن کي ان ڏنو. ۽ جنهن هن کي قرض ڏنو تنهن کي اُن ادا ڪيو. ۽ جنهن هن جو شڪر ڪيو تنهن کي هن وڌائي ڏنو. اي الله جا ٻانهؤ! پنهنجو وزن ڪري وٺو انکان ڀهريائين جو توهان جو وزن ڪيو وڃي. ۽ پنهنجو محاسبو ڪري وٺو انکان ڀهريائين جو توهان جو محاسبو ڪيو وڃي. ڦاهيءَ جي تنگ ٿيڻ کان ڀهريائين ساهہ کڻي وٺو. ڇڪجڻ جي سختيءَ کان ڀهريائين پاڻ ئي مطيع ٿي وڃو. ڄاڻو تہ! جيڪو پنهنجي نفس تي مددگار نہ پائي ايستائين جو ان لاءِ پنهنجو نفس وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ وارو ٿئي، تہ ان لاءِ ٻيو ڪو وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ وارو نہ هوندو.

# ٩١ ـ و من خطبة له عليه السلام

*تعرف بخطبة الأشباح و هي من جلائل خطبه عليه السلام*

*رَوَى مَسْعَدَةُ بْنُ صَدَقَةَ عَنِ الصَّادِقِ جَعْفَرِ بْنِ مُحَمَّدٍ عليهما السلام أَنَّهُ قَالَ: خَطَبَ أَمِيرُالْمُؤْمِنِينَ بِهَذِهِ الْخُطْبَةِ عَلَى مِنْبَرِ الْكُوفَةِ، وَ ذَلِكَ أَنَّ رَجُلًا أَتَاهُ فَقَالَ لَهُ: يَا أَمِيرَالْمُؤْمِنِينَ صِفْ لَنَا رَبَّنَا مِثْلَ مَا نَرَاهُ عِيَاناً لِنَزْدَادَ لَهُ حُبّاً وَ بِهِ مَعْرِفَةً، فَغَضِبَ وَ نَادَى: الصَّلَاةَ جَامِعَةً، فَاجْتَمَعَ النَّاسُ حَتَّى غَصَّ الْمَسْجِدُ بِأَهْلِهِ، فَصَعِدَ الْمِنْبَرَ وَ هُوَ مُغْضَبٌ مُتَغَيِّرُ اللَّوْنِ، فَحَمِدَ اللَّهَ وَ أَثْنَى عَلَيْهِ وَ صَلَّى عَلَى النَّبِيِّ صلى الله عليه وآله، ثُمَّ قَالَ:*

## وصف الله تعالى

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي لَا يَفِرُهُ الْمَنْعُ وَ الْجُمُودُ وَ لَا يُكْدِيهِ الْإِعْطَاءُ وَ الْجُودُ إِذْ كُلُّ مُعْطٍ مُنْتَقِصٌ سِوَاهُ وَ كُلُّ مَانِعٍ مَذْمُومٌ مَا خَلَاهُ وَ هُوَ الْمَنَّانُ بِفَوَائِدِ النِّعَمِ وَ عَوَائِدِ الْمَزِيدِ وَ الْقِسَمِ عِيَالُهُ الْخَلَائِقُ ضَمِنَ أَرْزَاقَهُمْ وَ قَدَّرَ أَقْوَاتَهُمْ وَ نَهَجَ سَبِيلَ الرَّاغِبِينَ إِلَيْهِ وَ الطَّالِبِينَ مَا لَدَيْهِ وَ لَيْسَ بِمَا سُئِلَ بِأَجْوَدَ مِنْهُ بِمَا لَمْ يُسْأَلْ الْأَوَّلُ الَّذِي لَمْ يَكُنْ لَهُ قَبْلٌ فَيَكُونَ شَيْءٌ قَبْلَهُ وَ الْآخِرُ الَّذِي لَيْسَ لهُ بَعْدٌ فَيَكُونَ شَيْءٌ بَعْدَهُ وَ الرَّادِعُ أَنَاسِيَّ الْأَبْصَارِ عَنْ أَنْ تَنَالَهُ أَوْ تُدْرِكَهُ مَا اخْتَلَفَ عَلَيْهِ دَهْرٌ فَيَخْتَلِفَ مِنْهُ الْحَالُ وَ لَا كَانَ فِي مَكَانٍ فَيَجُوزَ عَلَيْهِ الِانْتِقَالُ وَ لَوْ وَهَبَ مَا تَنَفَّسَتْ عَنْهُ مَعَادِنُ الْجِبَالِ وَ ضَحِكَتْ عَنْهُ أَصْدَافُ الْبِحَارِ مِنْ فِلِزِّ اللُّجَيْنِ وَ الْعِقْيَانِ وَ نُثَارَةِ الدُّرِّ وَ حَصِيدِ الْمَرْجَانِ مَا أَثَّرَ ذَلِكَ فِي جُودِهِ وَ لَا أَنْفَدَ سَعَةَ مَا عِنْدَهُ وَ لَكَانَ عِنْدَهُ مِنْ ذَخَائِرِ الْأَنْعَامِ مَا لَا تُنْفِدُهُ مَطَالِبُ الْأَنَامِ لِأَنَّهُ الْجَوَادُ الَّذِي لَا يَغِيضُهُ سُؤَالُ السَّائِلِينَ وَ لَا يُبْخِلُهُ إِلْحَاحُ الْمُلِحِّينَ.

## ٩١_ امام عليه السلام جو خطبو. جنهن کي خطبہ اشباح جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي

**۽ هي امام عليه السلام جي عظيم خطبن مان هڪ آهي. مسعده بن صدقہ امام جعفر صادق عليه السلام کان روايت ڪئي آهي تہ پاڻ عليه السلام فرمايائون: حضرت اميرالمؤمنين عليه السلام هي خطبو ڪوفي جي منبر تي ان وقت ڏنو جڏهن وٽس هڪ شخص آيو ۽ سندس خدمت ۾ عرض ڪيائين اي اميرالمؤمنين عليه السلام اسان لاءِ اسان جي پالڻهار جي ائين وصف بيان ڪر جيئن اسان ڪيس اکين سان ڏٺو هجي، تہ جيئن ان جي لاءِ اسان جي محبت ۽ معرفت ۾ اضافو ٿئي، پوءِ امام عليه السلام غضبناڪ ٿيا ۽ جماعت سان نماز جو اعلان ڪيائون، پوءِ ماڻهو گڏ ٿيا تان جو مسجد ماڻهن سان ڀرجي وئي پوءِ پاڻ عليه السلام زيبِ منبر ٿيا جڏهن تہ غضبناڪ حالت ۾ هئا ۽ سندس چهري جو رنگ مٽيل هيو، پوءِ الله تعالیٰ جي ساراهہ ۽ ثنا ڪيائين ۽ نبي ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم تي صلوات پڙهيائين پوءِ فرمايائين:**

### الله تعالیٰ جي وصف

سڀ ساراهون ان الله لاءِ جنهن جي منع ۽ جهل سندس مال کي نٿي وڌائي، ۽ جنهن جي عطا ۽ سخاوت سندس خزاني کي نٿي گُهٽائي. ڇا ڪاڻ تہ ان کانسواءِ هر عطا ڪندڙ گُهٽندو آهي. ۽ ان کان علاوہ هر منع ڪندڙ قابلِ مذمت هوندو آهي. هو فائدي بخش نعمتن ۽ گهڻين عطائن ۽ تقسيمن جي ذريعي احسان ڪندڙ آهي. سڄي مخلوق سندس عيال آهي. ۽ هن سندن رزق جي ضمانت ڪنئي آهي. ۽ سندن روزيءَ کي معين ڪيو آهي. ۽ پاڻ ڏانهن رغبت رکندڙن ۽ جيڪي وٽس آهي ان جي گهرندڙن لاءِ رستو کولي ڇڏيو آهي. گُهريل شيءِ اڻ گُهريل شيءِ کان ڀلي نہ آهي. ۽ هو اهڙو اول آهي جنهن لاءِ ڪا ابتدا نہ آهي جو ڪا شيءِ انکان ڀهريائين هجي. ۽ هو اهڙو آخر آهي جنهن لاءِ ڪا انتها نہ آهي جو ڪا شيءِ ان کانپوءِ هجي. ۽ اکين جي ماڻڪين کي پاڻ تائين پهچڻ يا پاڻ کي درڪ ڪرڻ کان روڪيندڙ آهي. ۽ ان تي زمانو ناهي گذريو جو ان سان سندس حالت تبديل ٿئي. ۽ نہ وري ڪنهن مڪان ۾ آهي جو ان جو منتقل ٿيڻ ممڪن هجي. جي هو اهو سڀ ڪجهہ بخشي جن کي جبلن جون ڪاڻيون اڇلائن ٿيون، ۽ سمنڊ جون سپيون ظاهر ڪن ٿيون جهڙوڪ خالص سون ۽ چاندي، ۽ پڪڙيل موتي، ۽ گڏ ڪيل مرجان تڏهن بہ اهي نہ سندس سخاوت ۾ ڪو اثر ڪندا ۽ نہ وري سندس گنج کي گهٽائيندا. يقيناً وٽس نعمتن جا اهڙا ذخيرا آهن جن کي مخلوق جي گُهر گهٽائي نٿي سگهي. ڇا ڪاڻ تہ اهو اهڙو سخي آهي جو سوالين جا سوال هن کي گُهٽائي نٿا سگهن. ۽ گُهرڻ وارن جا هر گُهريل ڏانَ ڪيس بخيل بڻائي نٿا سگهن.

## صفاته تعالى في القرآن

فَانْظُرْ أَيُّهَا السَّائِلُ فَمَا دَلَّكَ الْقُرْآنُ عَلَيْهِ مِنْ صِفَتِهِ فَائْتَمَّ بِهِ وَ اسْتَضِئْ بِنُورِ هِدَايَتِهِ وَ مَا كَلَّفَكَ الشَّيْطَانُ عِلْمَهُ مِمَّا لَيْسَ فِي الْكِتَابِ عَلَيْكَ فَرْضُهُ وَ لَا فِي سُنَّةِ النَّبِيِّ ﷺ وَ أَئِمَّةِ الْهُدَى أَثَرُهُ فَكِلْ عِلْمَهُ إِلَى اللَّهِ سُبْحَانَهُ فَإِنَّ ذَلِكَ مُنْتَهَى حَقِّ اللَّهِ عَلَيْكَ. وَاعْلَمْ أَنَّ الرَّاسِخِينَ فِي الْعِلْمِ هُمُ الَّذِينَ أَغْنَاهُمْ عَنِ اقْتِحَامِ السُّدَدِ الْمَضْرُوبَةِ دُونَ الْغُيُوبِ الْإِقْرَارُ بِجُمْلَةِ مَا جَهِلُوا تَفْسِيرَهُ مِنَ الْغَيْبِ الْمَحْجُوبِ فَمَدَحَ اللَّهُ تَعَالَى اعْتِرَافَهُمْ بِالْعَجْزِ عَنْ تَنَاوُلِ مَا لَمْ يُحِيطُوا بِهِ عِلْماً وَ سَمَّى تَرْكَهُمُ التَّعَمُّقَ فِيمَا لَمْ يُكَلِّفْهُمُ الْبَحْثَ عَنْ كُنْهِهِ رُسُوخاً. فَاقْتَصِرْ عَلَى ذَلِكَ وَ لَا تُقَدِّرْ عَظَمَةَ اللَّهِ سُبْحَانَهُ عَلَى قَدْرِ عَقْلِكَ فَتَكُونَ مِنَ الْهَالِكِينَ.

هُوَ الْقَادِرُ الَّذِي إِذَا ارْتَمَتِ الْأَوْهَامُ لِتُدْرِكَ مُنْقَطَعَ قُدْرَتِهِ وَ حَاوَلَ الْفِكْرُ الْمُبَرَّأُ مِنْ خَطَرَاتِ الْوَسَاوِسِ أَنْ يَقَعَ عَلَيْهِ فِي عَمِيقَاتِ غُيُوبِ مَلَكُوتِهِ وَ تَوَلَّهَتِ الْقُلُوبُ إِلَيْهِ لِتَجْرِيَ فِي كَيْفِيَّةِ صِفَاتِهِ وَ غَمَضَتْ مَدَاخِلُ الْعُقُولِ فِي حَيْثُ لَا تَبْلُغُهُ الصِّفَاتُ لِتَنَاوُلِ عِلْمِ ذَاتِهِ رَدَعَهَا وَ هِيَ تَجُوبُ مَهَاوِيَ سُدَفِ الْغُيُوبِ مُتَخَلِّصَةً إِلَيْهِ سُبْحَانَهُ فَرَجَعَتْ إِذْ جُبِهَتْ مُعْتَرِفَةً بِأَنَّهُ لَا يُنَالُ بِجَوْرِ الِاعْتِسَافِ كُنْهُ مَعْرِفَتِهِ وَ لَا تَخْطُرُ بِبَالِ أُولِي الرَّوِيَّاتِ خَاطِرَةٌ مِنْ تَقْدِيرِ جَلَالِ عِزَّتِه.

الَّذِي ابْتَدَعَ الْخَلْقَ عَلَى غَيْرِ مِثَالٍ امْتَثَلَهُ، وَ لَا مِقْدَارٍ احْتَذَى عَلَيْهِ مِنْ خَالِقٍ مَعْبُودٍ كَانَ قَبْلَهُ.

## قرآن مجيد ۾ الله تعالىٰ جون صفتون

اي سوال ڪرڻ وارا ڏِس! الله جي جن صفتن بابت قرآن تنهنجي رهنمائي ڪئي آهي تون ان جي پيروي ڪر، ۽ ان جي نوراني هدايت سان روشني حاصل ڪر، باقي شيطان جن صفتن جي ڄاڻ جو بار تو تي رکي ٿو ۽ اهي نه قرآن جي لحاظ کان تو تي فرض آهن ۽ نه وري رسول الله ﷺ ۽ آئمة الهدىٰ عليهم السلام جي سنت ۾ انهن جو ڪو نشان آهي ته انهن جو علم الله جي حوالي ڪر. بيشڪ اها تو تي الله جي حق جي آخري حد آهي.

تون ڄاڻ ته بيشڪ علم ۾ راسخ اهي آهن جن کي غيب تي پيل پردن ۾ داخل ٿيڻ کان اهو اقرار بي نياز ڪري ٿو ته اهي مخفي ٿيل غيب جي تفسير کي نٿا ڄاڻن. پوءِ الله تعالىٰ انهن جي مدح ڪئي آهي انهيءَ اعتراف ڪرڻ تي ته هو عاجز آهن ان شيءِ کي حاصل ڪرڻ کان جنهن تي هو علم جي لحاظ کان احاطو نٿا رکن. ۽ انهن جو اهڙين شين جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ کي ترڪ ڪرڻ جن جي حقيقت کي ڳولهڻ جي الله ڪين ذميواري ناهي ڏني انهيءَ کي الله سائينءَ رسوخ سڏيو آهي. بس تون ان تي ئي اڪتفىٰ ڪر. ۽ الله سبحانه جي عظمت جو پنهنجي عقل مطابق اندازو نه هڻ، نه ته تون هلاڪ ٿيڻ وارن مان ٿي ويندين.

هو اهڙو قادر آهي جڏهن وهم سندس قدرت جي انتها کي معلوم ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌن ٿا. ۽ جڏهن هر طرح جي وسوسن کان آزاد فڪر سندس مملڪت جي لڪيل ڳُهرن رازن ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ۽ جڏهن دليون سندس صفتن جي ڪيفيت کي ڄاڻڻ لاءِ ان جون بيحد مشتاق ٿين ٿيون. ۽ جڏهن عقل جون اهڙيون گهرايون جيڪي بيان ڪري سگهجن سندس ذات کي ڄاڻڻ لاءِ ويچارين ٿيون، تڏهن بہ هو انهن سڀني کي موٽائي ڇڏي ٿو. جڏهن ته اهي الله سبحانه سان مخلص ٿي ڪري غيب جي اونداهين کاهين کي پار ڪرڻ چاهين ٿا. پوءِ جڏهن اهي ناڪام ٿي موٽن ٿا اهو اعتراف ڪندي ته هِن ٽيڏي رستي ذريعي سندس ڪُنهِ معرفت کي حاصل نٿو ڪري سگهجي، ۽ صاحبانِ فڪر جي ذهنن ۾ سندس عزت ۽ جلالت جي مقدار جو ذري برابر خيال بہ نٿو اچي سگهجي.

هو اهو الله آهي جنهن مخلوق کي عدم مان پيدا ڪيو بغير ڪنهن نموني کي سامهون رکندي. ۽ بغير ڪنهن پيماني جي پيروي ڪندي، جيڪو ڪانئس پهريائين بڻي ڪنهن خالق ۽ معبود جي طرفان هجي.

وَ أَرَانَا مِنْ مَلَكُوتِ قُدْرَتِهِ وَ عَجَائِبِ مَا نَطَقَتْ بِهِ آثَارُ حِكْمَتِهِ وَ اعْتِرَافِ الْحَاجَةِ مِنَ الْخَلْقِ إِلَى أَنْ يُقِيمَهَا بِمِسَاكِ قُوَّتِهِ مَا دَلَّنَا بِاضْطِرَارِ قِيَامِ الْحُجَّةِ لَهُ عَلَى مَعْرِفَتِهِ.

فَظَهَرَتِ الْبَدَائِعُ الَّتِي أَحْدَثَتْهَا آثَارُ صَنْعَتِهِ وَ أَعْلَامُ حِكْمَتِهِ فَصَارَ كُلُّ مَا خَلَقَ حُجَّةً لَهُ وَ دَلِيلًا عَلَيْهِ وَ إِنْ كَانَ خَلْقاً صَامِتاً فَحُجَّتُهُ بِالتَّدْبِيرِ نَاطِقَةٌ وَ دَلَالَتُهُ عَلَى الْمُبْدِعِ قَائِمَةٌ.

فَأَشْهَدُ أَنَّ مَنْ شَبَّهَكَ بِتَبَايُنِ أَعْضَاءِ خَلْقِكَ وَ تَلَاحُمِ حِقَاقِ مَفَاصِلِهِمُ الْمُحْتَجِبَةِ لِتَدْبِيرِ حِكْمَتِكَ لَمْ يَعْقِدْ غَيْبَ ضَمِيرِهِ عَلَى مَعْرِفَتِكَ وَ لَمْ يُبَاشِرْ قَلْبَهُ الْيَقِينُ بِأَنَّهُ لَا نِدَّ لَكَ. وَ كَأَنَّهُ لَمْ يَسْمَعْ تَبَرُّؤَ التَّابِعِينَ مِنَ الْمَتْبُوعِينَ إِذْ يَقُولُونَ تَاللَّهِ إِنْ كُنَّا لَفِي ضَلالٍ مُبِينٍ إِذْ نُسَوِّيكُمْ بِرَبِّ الْعالَمِينَ كَذَبَ الْعَادِلُونَ بِكَ إِذْ شَبَّهُوكَ بِأَصْنَامِهِمْ وَ نَحَلُوكَ حِلْيَةَ الْمَخْلُوقِينَ بِأَوْهَامِهِمْ وَ جَزَّءُوكَ تَجْزِئَةَ الْمُجَسَّمَاتِ بِخَوَاطِرِهِمْ وَ قَدَّرُوكَ عَلَى الْخِلْقَةِ الْمُخْتَلِفَةِ الْقُوَى بِقَرَائِحِ عُقُولِهِمْ.

وَ أَشْهَدُ أَنَّ مَنْ سَاوَاكَ بِشَيْءٍ مِنْ خَلْقِكَ فَقَدْ عَدَلَ بِكَ وَ الْعَادِلُ بِكَ كَافِرٌ بِمَا تَنَزَّلَتْ بِهِ مُحْكَمَاتُ آيَاتِكَ وَ نَطَقَتْ عَنْهُ شَوَاهِدُ حُجَجِ بَيِّنَاتِكَ.

وَ إِنَّكَ أَنْتَ اللَّهُ الَّذِي لَمْ تَتَنَاهَ فِي الْعُقُولِ فَتَكُونَ فِي مَهَبِّ فِكْرِهَا مُكَيَّفاً وَ لَا فِي رَوِيَّاتِ خَوَاطِرِهَا فَتَكُونَ مَحْدُوداً مُصَرَّفاً.

هن اسانکي پنهنجي قدرت جي بادشاهت ذريعي ۽ حيرت انگيز شين جي ذريعي جن جي ذريعي سندس حڪمت جا آثار ڳالهائين ٿا ۽ مخلوق جي هن اعتراف ذريعي ته انهن جي بقاء سندس طاقت جي سهاري جي محتاج آهي اهڙيون شيون ڏيکاريون آهن، جيڪي اسانکي رهنمائي ڪرائين ٿيون ته سندس معرفت تي ان جي حجت جو قائم هجڻ ضروري آهي.

پوءِ سندس مخلوق ۾ جنهن کي هن پيدا ڪيو سندس ڪاريگري جا آثار ۽ حڪمت جا نشان ظاهر ٿيا. پوءِ جنهن کي به هن پيدا ڪيو اها ان لاءِ حجت ۽ ان جي معرفت ڪرائيندڙ بڻجي وئي. توڙي جو اها مخلوق چپ هجي پر ان جي حجت سندس تدبير سان ڳالهائيندڙ آهي ۽ ان جي دلالت پنهنجي پيدا ڪندڙ تي قائم آهي.

آءٌ گواهي ڏيان ٿو ته جنهن توکي تنهنجي مخلوق سان ان جي عضون جي الڳ الڳ هجڻ ۽ تنهنجي حڪيمانه تدبير ذريعي گوشت سان ڍڪيل جوڙن جي سرن سان گڏجڻ کي تشبيهه ڏني ته ان پنهنجي اندر کي تنهنجي معرفت سان نه ملايو. ۽ هي يقين ان جي دل جي قريب به نه آيو ته تنهنجو ڪو شريڪ نه آهي. ۽ جڻ ته هن پيروي ڪندڙن جو اهو قول نه ٻڌو آهي جڏهن اهي پنهنجي مرشدن کان بيزاري ڪندي چوندا، "خدا جو قسم بيشڪ اسان پڌريءَ گمراهيءَ ۾ هئاسين". انهيءَ ڪري جو اسان توهان کي سيني جهانن جي پالڻهار جي برابر سمجهندا هئاسين. ڪوڙا آهن اُهي ماڻهو جيڪي توکي ٻين جي برابر سمجهن ٿا، انهيءَ ڪري جو توکي پنهنجن بتن سان تشبيهه ڏين ٿا ۽ پنهنجي وهمن مطابق توکي مخلوق واريون صفتون ڏين ٿا. ۽ پنهنجي خيالن مطابق مجسم شيءِ جي جزئن وانگر تنهنجا اجزاء قرار ڏين ٿا. ۽ پنهنجي عقل جي سوچن سان توکي مختلف قوتن واري مخلوق سان ڀيٽائين ٿا.

۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو ته جنهن توکي تنهنجي مخلوق منجهان ڪنهن شيءِ جي برابر سمجهيو ته بيشڪ هن تنهنجو همسر ٺاهيو. ۽ تنهنجو همسر ٺاهيندڙ منڪر آهي ان شيءِ جو جنهن بابت تنهنجون محڪم آيتون نازل ٿيون ۽ جنهن کي تنهنجي واضح دليلن جون شاهديون بيان ڪن ٿيون.

۽ بيشڪ تون اهو الله آهين جيڪو عقلن ۾ سمائجي نٿو سگهين. جو تون فڪرن جي دائري ۾ اچي ڪيفيت وارو ٿي وڃين. ۽ نه وري تون انهن جي فڪري سوچن ۾ اچي سگهين جو تون انهن جي فڪري حدبندي ۾ محدود ٿي وڃين.

و منها: قَدَّرَ مَا خَلَقَ فَأَحْكَمَ تَقْدِيرَهُ وَ دَبَّرَهُ فَأَلْطَفَ تَدْبِيرَهُ وَ وَجَّهَهُ لِوِجْهَتِهِ فَلَمْ يَتَعَدَّ حُدُودَ مَنْزِلَتِهِ وَ لَمْ يَقْصُرْ دُونَ الِانْتِهَاءِ إِلَى غَايَتِهِ وَ لَمْ يَسْتَصْعِبْ إِذْ أُمِرَ بِالْمُضِيِّ عَلَى إِرَادَتِهِ فَكَيْفَ وَ إِنَّمَا صَدَرَتِ الْأُمُورُ عَنْ مَشِيئَتِهِ الْمُنْشِئُ أَصْنَافَ الْأَشْيَاءِ بِلَا رَوِيَّةِ فِكْرٍ آلَ إِلَيْهَا وَ لَا قَرِيحَةِ غَرِيزَةٍ أَضْمَرَ عَلَيْهَا وَ لَا تَجْرِبَةٍ أَفَادَهَا مِنْ حَوَادِثِ الدُّهُورِ وَ لَا شَرِيكٍ أَعَانَهُ عَلَى ابْتِدَاعِ عَجَائِبِ الْأُمُورِ فَتَمَّ خَلْقُهُ بِأَمْرِهِ وَ أَذْعَنَ لِطَاعَتِهِ وَ أَجَابَ إِلَى دَعْوَتِهِ لَمْ يَعْتَرِضْ دُونَهُ رَيْثُ الْمُبْطِئِ وَ لَا أَنَاةُ الْمُتَلَكِّئِ فَأَقَامَ مِنَ الْأَشْيَاءِ أَوَدَهَا وَ نَهَجَ حُدُودَهَا وَ لَاءَمَ بِقُدْرَتِهِ بَيْنَ مُتَضَادِّهَا وَ وَصَلَ أَسْبَابَ قَرَائِنِهَا وَ فَرَّقَهَا أَجْنَاساً مُخْتَلِفَاتٍ فِي الْحُدُودِ وَ الْأَقْدَارِ وَ الْغَرَائِزِ وَ الْهَيْئَاتِ بَدَايَا خَلَائِقَ أَحْكَمَ صُنْعَهَا وَ فَطَرَهَا عَلَى مَا أَرَادَ وَ ابْتَدَعَهَا.

## و منها في صفة السماء

وَ نَظَمَ بِلَا تَعْلِيقٍ رَهَوَاتِ فُرَجِهَا وَ لَاحَمَ صُدُوعَ انْفِرَاجِهَا وَ وَشَّجَ بَيْنَهَا وَ بَيْنَ أَزْوَاجِهَا وَ ذَلَّلَ لِلْهَابِطِينَ بِأَمْرِهِ وَ الصَّاعِدِينَ بِأَعْمَالِ خَلْقِهِ حُزُونَةَ مِعْرَاجِهَا وَ نَادَاهَا بَعْدَ إِذْ هِيَ دُخَانٌ فَالْتَحَمَتْ عُرَى أَشْرَاجِهَا وَ فَتَقَ بَعْدَ الِارْتِتَاقِ صَوَامِتَ أَبْوَابِهَا وَ أَقَامَ رَصَداً مِنَ الشُّهُبِ الثَّوَاقِبِ عَلَى نِقَابِهَا وَ أَمْسَكَهَا مِنْ أَنْ تُمُورَ فِي خَرْقِ الْهَوَاءِ بِأَيْدِهِ وَ أَمَرَهَا أَنْ تَقِفَ مُسْتَسْلِمَةً لِأَمْرِهِ وَ جَعَلَ شَمْسَهَا آيَةً مُبْصِرَةً لِنَهَارِهَا وَ قَمَرَهَا آيَةً مَمْحُوَّةً مِنْ لَيْلِهَا.

**۽ انهيءَ خطبي منجهان:** هُن مخلوق کي هڪ انداز مطابق پيدا ڪيو ۽ ان انداز کي پختو ڪيو آهي. ۽ هن مخلوق جي تدبير ڪئي ۽ هڪ بهترين تدبير ڪئي آهي. ۽ هن مخلوق کي سندس محور ۾ اهڙيءَ طرح هلايو جو نہ پنهنجي منزل جي حدن کان اڳتي وڌي ٿي ۽ نہ وري منزل جي آخر تائين پهچڻ ۾ ڪوتاهي ڪري ٿي. ۽ جڏهن ڪيس الله جي ارادي تي هلڻ جو حڪم ڪيو ويو تہ هن سرڪشي نہ ڪئي. ۽ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو. جڏهن تہ سڀ امور ان جي ئي مشيت سان جاري ٿين ٿا. اهو مختلف شين جو پيدا ڪندڙ آهي. بغير ڪنهن سوچ سوچڻ جي ۽ بغير ڪنهن لڪايل فطري ذوق جي، ۽ بغير ڪنهن تجربي جي جيڪو زماني جي واقعات منجهان حاصل ڪيو هجي، ۽ بغير ڪنهن شريڪ جي جنهن هنجي عجيب شين جي پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هجي. بس هنجي مخلوق جي پيدائش سندس امر سان پوري ٿي. ۽ مخلوق سندس اطاعت ۾ سر جهڪايو ۽ دعوت کي قبول ڪيو. ۽ هن کان نہ سستي ڪندڙ جي سستيءَ ۽ نہ حيلي باز جي بهاني رنڊڪ وڌي. پوءِ هن شين جي ٽيڙائپ کي سڌو ڪيو ۽ انهن جي حدن کي مقرر ڪيو. ۽ پنهنجيءَ قدرت سان متضاد شين کي هڪ ٻئي لاءِ مناسب بڻايو. ۽ سندن نفس جي ناتن کي جوڙيو. ۽ انهن کي مختلف جنسن جي لحاظ کان حدن، اندازن، طبيعتن، ۽ صورتن ۾ الڳ الڳ ڪيو. ۽ هي اها ايجاد ڪيل مخلوق آهي جنهن جي بناوت کي مضبوط ڪيائين. ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق انکي نئين نموني سان پيدا ڪيائين.

## ۽ انهيءَ منجهان آسمان جي وصف بابت

۽ بغير ڪنهن سهاري جي آسمانن جي مٿاهن خالن کي منظم ڪيائين، ۽ ان جي ڏارن جي وٿين کي پريائين، ۽ انکي ان جهڙن ٻين کي پاڻ ۾ مربوط ڪري قابو ڪيائين. ۽ ان جي حڪم کي هيٺ ڪٽي ايندڙن ۽ مخلوق جي عملن کي مٿي ڪٽي ويندڙن لاءِ ان جي چاڙهين جي ڏکاين کي آسان ڪيائين. ۽ انکي سڏيائين جڏهن تہ هو اجا دونهون هيو. پوءِ انجا ڪڙا ڪڙن سان جڙي ويا ۽ ان جي بند ٿيل دروازن کي کوليائين ۽ ان جي سوراخن تي ٽٽندڙ تارن کي نگهبان مقرر ڪيائين. ۽ انهيءَ کي پنهنجي قدرت سان هوا جي زور تي هيڏي هوڏي ٿيڻ کان روڪيائين. ۽ انکي امر ڪيائين تہ سندس حڪم کي مڃيندي بيهي رهي. ۽ ان جي سج کي ڏينهن لاءِ روشن ڪندڙ نشاني بڻايائين. ۽ ان جي چنڊ کي رات جي ڪجھ حصي لاءِ چاندوڪي ڪندڙ نشاني بڻايائين.

وَ أَجْرَاهُمَا فِي مَنَاقِلِ مَجْرَاهُمَا وَ قَدَّرَ سَيْرَهُمَا فِي مَدَارِجِ دَرَجِهِمَا لِيُمَيِّزَ بَيْنَ اللَّيْلِ وَ النَّهَارِ بِهِمَا وَ لِيُعْلَمَ عَدَدُ السِّنِينَ وَ الْحِسَابُ بِمَقَادِيرِهِمَا ثُمَّ عَلَّقَ فِي جَوِّهَا فَلَكَهَا وَ نَاطَ بِهَا زِينَتَهَا مِنْ خَفِيَّاتِ دَرَارِيِّهَا وَ مَصَابِيحِ كَوَاكِبِهَا وَ رَمَى مُسْتَرِقِي السَّمْعِ بِثَوَاقِبِ شُهُبِهَا وَ أَجْرَاهَا عَلَى أَذْلَالِ تَسْخِيرِهَا مِنْ ثَبَاتِ ثَابِتِهَا وَ مَسِيرِ سَائِرِهَا وَ هُبُوطِهَا وَ صُعُودِهَا وَ نُحُوسِهَا وَ سُعُودِهَا.

## و منها في صفة الملائكة

ثُمَّ خَلَقَ سُبْحَانَهُ لِإِسْكَانِ سَمَاوَاتِهِ وَ عِمَارَةِ الصَّفِيحِ الْأَعْلَى مِنْ مَلَكُوتِهِ خَلْقاً بَدِيعاً مِنْ مَلَائِكَتِهِ.

وَ مَلَأَ بِهِمْ فُرُوجَ فِجَاجِهَا وَ حَشَا بِهِمْ فُتُوقَ أَجْوَائِهَا وَ بَيْنَ فَجَوَاتِ تِلْكَ الْفُرُوجِ زَجَلُ الْمُسَبِّحِينَ مِنْهُمْ فِي حَظَائِرِ الْقُدُسِ وَ سُتُرَاتِ الْحُجُبِ وَ سُرَادِقَاتِ الْمَجْدِ وَ وَرَاءَ ذَلِكَ الرَّجِيجِ الَّذِي تَسْتَكُّ مِنْهُ الْأَسْمَاعُ سُبُحَاتُ نُورٍ تَرْدَعُ الْأَبْصَارَ عَنْ بُلُوغِهَا فَتَقِفُ خَاسِئَةً عَلَى حُدُودِهَا. وَ أَنْشَأَهُمْ عَلَى صُوَرٍ مُخْتَلِفَاتٍ وَ أَقْدَارٍ مُتَفَاوِتَاتٍ أُولِي أَجْنِحَةٍ تُسَبِّحُ جَلَالَ عِزَّتِهِ لَا يَنْتَحِلُونَ مَا ظَهَرَ فِي الْخَلْقِ مِنْ صُنْعِهِ وَ لَا يَدَّعُونَ أَنَّهُمْ يَخْلُقُونَ شَيْئاً مَعَهُ مِمَّا انْفَرَدَ بِهِ بَلْ عِبَادٌ مُكْرَمُونَ لا يَسْبِقُونَهُ بِالْقَوْلِ وَ هُمْ بِأَمْرِهِ يَعْمَلُونَ.

جَعَلَهُمُ اللَّهُ فِيمَا هُنَالِكَ أَهْلَ الْأَمَانَةِ عَلَى وَحْيِهِ وَ حَمَّلَهُمْ إِلَى الْمُرْسَلِينَ وَدَائِعَ أَمْرِهِ وَ نَهْيِهِ وَ عَصَمَهُمْ مِنْ رَيْبِ الشُّبُهَاتِ فَمَا مِنْهُمْ زَائِغٌ عَنْ سَبِيلِ مَرْضَاتِهِ وَ أَمَدَّهُمْ بِفَوَائِدِ الْمَعُونَةِ وَ أَشْعَرَ قُلُوبَهُمْ تَوَاضُعَ إِخْبَاتِ السَّكِينَةِ وَ فَتَحَ لَهُمْ أَبْوَاباً ذُلُلًا إِلَى تَمَاجِيدِهِ وَ نَصَبَ لَهُمْ مَنَاراً وَاضِحَةً عَلَى أَعْلَامِ تَوْحِيدِهِ.

۽ انهن کي سندن مختلف مدارن ۾ هلايائين. ۽ انهن جي راهن ۾ سندن رفتار کي مقرر ڪيائين. ته جيئن هو انهن سان رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري. ۽ انهن جي مقدارن سان سالن جي ڳڻپ ۽ حساب معلوم ڪري سگهجي. پوءِ آسمانن جي فضا ۾ ان جي فلڪ کي بيهاريائين ۽ انکي ننڍن وڏن چمڪندڙ ۽ روشن ستارن سان سينگاريائين. ۽ چوري ٻڌڻ وارن تي ٽٽندڙ تارن جا تير هلايائين. ۽ انهن کي پنهنجن رستن تي هلڻ جو پابند ڪيائين. ته جيئن بيهڻ وارا بيهن، هلڻ وارا هلن، لهڻ وارا لهن، چڙهڻ وارا چڙهن ۽ نحس نحس رهن ۽ نيڪ نيڪ رهن.

### ۽ انهيءَ منجهان ملائڪن جي وصف بابت

پوءِ الله سبحانہ آسمانن تي رهائش لاءِ ۽ پنهنجيءَ بادشاهيءَ مان مٿئين سطح کي آباد ڪرڻ لاءِ ملائڪن جي هڪ نئين مخلوق کي پيدا ڪيو. ۽ آسماني وسعتن جون خالي جڳهيون ۽ آسماني فضا جا سمورا خال انهن سان ڀري ڇڏيائين. ۽ انهن رستن جي وچ ۾ تسبيح ڪرڻ وارن ملائڪن جو بلند آواز گونجي ٿو. انهن منجهان ڪجھ چوڌيواريءَ ۽ ڪجھ عظمت جي پردن، ۽ ڪجھ بزرگيءَ جي قناتن ۾ آهن. ۽ انهيءَ گوڙ جي پٺيان جنهن سان ڪن ٻوڙا ٿين ٿا نورِ عظمت جا اهڙا پردا آهن جيڪي نگاهن کي هن تائين پهچڻ کان روڪين ٿا. پوءِ نگاهون پنهنجي حدن ۾ ٽڪجي بيهي رهن ٿيون. ۽ الله تعالىٰ ملائڪن کي مختلف صورتن ۾ الڳ نمونن تي پرن وارو ڪري پيدا ڪيو آهي. جيڪي ان جي جلالِ عظمت جي تسبيح ڪن ٿا. ۽ مخلوق ۾ جيڪا ان جي ڪاريگري ظاهر ٿئي ٿي انکي پاڻ ڏانهن نسبت نٿا ڏين. ۽ نہ وري اها دعوىٰ ڪن ٿا تہ هنن بہ ان سان گڏ ڪا شيءِ پيدا ڪئي آهي جنهن جي پيدا ڪرڻ ۾ هو اڪيلو آهي. بلڪ هو معزز ٻانها آهن جيڪي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ان تي سبقت نٿا ڪن ۽ ان جي ئي امر تي عمل ڪن ٿا.

الله تعالىٰ انهن کي پنهنجيءَ وحيءَ تي امين قرار ڏنو آهي. ۽ پنهنجي امر ۽ نهي جون امانتون ڏئي رسولن ڏانهن موڪليو آهي. ۽ ڪين شڪ ۽ شبهن کان محفوظ رکيو آهي. بس ان ڪري انهن مان ڪو بہ خدا جي مرضيءَ واري راھ کان هٽڻ وارو نہ آهي. ۽ ڀرپور مدد سان انهن جي مدد ڪئي. ۽ انهن جي دلين کي نياز ۽ نوڙت جي سڪون سان سجائي ڇڏيائين ۽ انهن لاءِ پنهنجيءَ تسبيح جا آسان دروازا کولي ڇڏيائين ۽ پنهنجيءَ وحدانيت جي رهنمائي لاءِ روشن مينار کوڙي ڇڏيائين.

لَمْ تُثْقِلْهُمْ مُؤْصِرَاتُ الْآثَامِ وَ لَمْ تَرْتَحِلْهُمْ عُقَبُ اللَّيَالِي وَ الْأَيَّامِ وَ لَمْ تَرْمِ الشُّكُوكُ بِنَوَازِعِهَا عَزِيمَةَ إِيمَانِهِمْ وَ لَمْ تَعْتَرِكِ الظُّنُونُ عَلَى مَعَاقِدِ يَقِينِهِمْ وَ لَا قَدَحَتْ قَادِحَةُ الْإِحَنِ فِيمَا بَيْنَهُمْ وَ لَا سَلَبَتْهُمُ الْحَيْرَةُ مَا لَاقَ مِنْ مَعْرِفَتِهِ بِضَمَائِرِهِمْ وَ مَا سَكَنَ مِنْ عَظَمَتِهِ وَ هَيْبَةِ جَلَالَتِهِ فِي أَثْنَاءِ صُدُورِهِمْ وَ لَمْ تَطْمَعْ فِيهِمُ الْوَسَاوِسُ فَتَقْتَرِعَ بِرَيْنِهَا عَلَى فِكْرِهِمْ.

وَ مِنْهُمْ مَنْ هُوَ فِي خَلْقِ الْغَمَامِ الدُّلَّحِ وَ فِي عِظَمِ الْجِبَالِ الشُّمَّخِ وَ فِي قَتْرَةِ الظَّلَامِ الْأَيْهَمِ وَ مِنْهُمْ مَنْ قَدْ خَرَقَتْ أَقْدَامُهُمْ تُخُومَ الْأَرْضِ السُّفْلَى فَهِيَ كَرَايَاتٍ بِيضٍ قَدْ نَفَذَتْ فِي مَخَارِقِ الْهَوَاءِ وَ تَحْتَهَا رِيحٌ هَفَّافَةٌ تَحْبِسُهَا عَلَى حَيْثُ انْتَهَتْ مِنَ الْحُدُودِ الْمُتَنَاهِيَةِ. قَدِ اسْتَفْرَغَتْهُمْ أَشْغَالُ عِبَادَتِهِ وَ وَصَلَتْ حَقَائِقُ الْإِيمَانِ بَيْنَهُمْ وَ بَيْنَ مَعْرِفَتِهِ وَ قَطَعَهُمُ الْإِيقَانُ بِهِ إِلَى الْوَلَهِ إِلَيْهِ وَ لَمْ تُجَاوِزْ رَغَبَاتُهُمْ مَا عِنْدَهُ إِلَى مَا عِنْدَ غَيْرِهِ قَدْ ذَاقُوا حَلَاوَةَ مَعْرِفَتِهِ وَ شَرِبُوا بِالْكَأْسِ الرَّوِيَّةِ مِنْ مَحَبَّتِهِ وَ تَمَكَّنَتْ مِنْ سُوَيْدَاءِ قُلُوبِهِمْ وَشِيجَةُ خِيفَتِهِ فَحَنَوْا بِطُولِ الطَّاعَةِ اعْتِدَالَ ظُهُورِهِمْ وَ لَمْ يُنْفِدْ طُولُ الرَّغْبَةِ إِلَيْهِ مَادَّةَ تَضَرُّعِهِمْ وَ لَا أَطْلَقَ عَنْهُمْ عَظِيمُ الزُّلْفَةِ رِبَقَ خُشُوعِهِمْ وَ لَمْ يَتَوَلَّهُمُ الْإِعْجَابُ فَيَسْتَكْثِرُوا مَا سَلَفَ مِنْهُمْ وَ لَا تَرَكَتْ لَهُمُ اسْتِكَانَةُ الْإِجْلَالِ نَصِيباً فِي تَعْظِيمِ حَسَنَاتِهِمْ.

وَ لَمْ تَجْرِ الْفَتَرَاتُ فِيهِمْ عَلَى طُولِ دُءُوبِهِمْ وَ لَمْ تَغِضْ رَغَبَاتُهُمْ فَيُخَالِفُوا عَنْ رَجَاءِ رَبِّهِمْ وَ لَمْ تَجِفَّ لِطُولِ الْمُنَاجَاةِ أَسَلَاتُ أَلْسِنَتِهِمْ وَ لَا مَلَكَتْهُمُ الْأَشْغَالُ فَتَنْقَطِعَ بِهَمْسِ الْجُؤَارِ إِلَيْهِ أَصْوَاتُهُمْ وَ لَمْ تَخْتَلِفْ فِي مَقَاوِمِ الطَّاعَةِ مَنَاكِبُهُمْ.

نہ گناهن جا بار کين ٿڪائين ٿا، ۽ نہ وري راتين ۽ ڏينهنَ جو هڪ ٻئي پٺيان اچڻ انهن تي اثر انداز ٿئي ٿو. ۽ نہ وري شڪ ۽ شبهن جا تير سندن مضبوط ايمان کي نشانو بڻائين ٿا. ۽ نہ وري گمان سندن پختي يقين تي حملو ڪن ٿا. ۽ نہ وري انهن جي درميان حسد جون چڻگيون ٻرن ٿيون. ۽ نہ حيرت سندن دلين ۾ موجود الله جي معرفت کي ڪسي سگهي ٿي. ۽ نہ وري سينن ۾ سمايل سندس عظمت، هيبت، ۽ بزرگيءَ کي ڪسي سگهي ٿي. نہ وسوسن انهن ۾ لالچ رکي آهي جو هو پنهنجي ڪٽ سان سندن سوچ کي داغدار ڪن. ۽ انهن مان ڪجھ خلقت ۾ پاڻي سان ڀريل ڪڪرن وانگر ۽ عظمت ۾ وڏن جبلن وانگر ۽ مخفي هجڻ ۾ گگھ اونداهين وانگر آهن.

۽ انهن مان ڪجھ اهڙا آهن جن جا قدم هيٺين زمين جي تهن کي چيري نڪتا آهن. ۽ هو اڇن جهنڊن وانگر آهن جيڪي هواء جي حدن کان بہ اڳتي نڪتل آهن. ۽ جن جي هيٺيان اهڙي بيٺل هوا آهي جيڪا هنن کي سندن آخري حدن تي روڪي بيٺي آهي. ۽ الله جي عبادت ۾ مصروفيت کين هر شيءَ کان بي فڪر بڻائي ڇڏيو آهي. ۽ حقيقتِ ايمان سندن لاءِ الله جي معرفت جو وسيلو بڻجي ويو آهي. ۽ الله تي انهن جي ڪامل يقين کين هر شيءَ کان جدا ڪري ان جو بيحد مشتاق بڻائي ڇڏيو آهي. ۽ انهن جون خواهشون جيڪي الله وٽ آهي انکان وڌي سندس غير ڏانهن نٿيون وڃن. بيشڪ انهن الله جي معرفت جي مناڻ چکي آهي ۽ انهن الله جي محبت جو سيراب ڪندڙ جام پيتو آهي. ۽ سندن دلين جي گهرائي ۾ ان جي خوف جو بنياد پختو ٿي چڪو آهي. پوءِ انهن ڊگهي بندگي سان پنهنجن سڌين چيلهن کي نِوائي ڇڏيو آهي. ۽ ان جي دائمي چاهت جو هجڻ بہ سندن عاجزي جي بنياد کي ختم نٿو ڪري. ۽ نہ وري هنجي گهري ويجهڙائپ انهن کي خضوع ۽ خشوع جي دائري کان ڪڍي ٿي. ۽ نہ وري مٿن خود پسنديءَ غالب ٿئين ٿي جو هو پنهنجي ڪيل عملن کي گهٽو سمجهڻ لڳن. ۽ عظمتِ پروردگار آڏو سندن انڪساري کين نيڪين کي وڏو سمجهڻ ئي نٿي ڏئي.

۽ مسلسل عمل جي باوجود بہ سندن ۾ سستي نٿي اچي، ۽ انهن جون چاهتون بہ گهٽ نٿيون ٿين جو پنهنجي پالڻهار ۾ اميد کي ڇڏن، ۽ ڊگهين مناجاتن ڪري بہ سندن زبانن جون چوٽيون نٿيون سڪن. ۽ مصروفيتون مٿن غالب نٿيون ٿين جو ان ڏانهن سندن گريہ و زاريءَ وارو آواز گهٽجي ختم ٿي وڃي. ۽ نہ بندگيءَ جي صفن ۾ انهن جا ڪُلها مَٽجن ٿا.

وَ لَمْ يَثْنُوا إِلَى رَاحَةِ التَّقْصِيرِ فِي أَمْرِهِ رِقَابَهُمْ. وَ لَا تَعْدُو عَلَى عَزِيمَةِ جِدِّهِمْ بَلَادَةُ الْغَفَلَاتِ وَ لَا تَنْتَضِلُ فِي هِمَمِهِمْ خَدَائِعُ الشَّهَوَاتِ قَدِ اتَّخَذُوا ذَا الْعَرْشِ ذَخِيرَةً لِيَوْمِ فَاقَتِهِمْ وَ يَمَّمُوهُ عِنْدَ انْقِطَاعِ الْخَلْقِ إِلَى الْمَخْلُوقِينَ بِرَغْبَتِهِمْ.

لَا يَقْطَعُونَ أَمَدَ غَايَةِ عِبَادَتِهِ وَ لَا يَرْجِعُ بِهِمُ الِاسْتِهْتَارُ بِلُزُومِ طَاعَتِهِ إِلَّا إِلَى مَوَادَّ مِنْ قُلُوبِهِمْ غَيْرِ مُنْقَطِعَةٍ مِنْ رَجَائِهِ وَ مَخَافَتِهِ لَمْ تَنْقَطِعْ أَسْبَابُ الشَّفَقَةِ مِنْهُمْ فَيَنُوا فِي جِدِّهِمْ وَ لَمْ تَأْسِرْهُمُ الْأَطْمَاعُ فَيُؤْثِرُوا وَشِيكَ السَّعْيِ عَلَى اجْتِهَادِهِمْ لَمْ يَسْتَعْظِمُوا مَا مَضَى مِنْ أَعْمَالِهِمْ وَ لَوِ اسْتَعْظَمُوا ذَلِكَ لَنَسَخَ الرَّجَاءُ مِنْهُمْ شَفَقَاتِ وَجَلِهِمْ وَ لَمْ يَخْتَلِفُوا فِي رَبِّهِمْ بِاسْتِحْوَاذِ الشَّيْطَانِ عَلَيْهِمْ وَ لَمْ يُفَرِّقْهُمْ سُوءُ التَّقَاطُعِ.

وَ لَا تَوَلَّاهُمْ غِلُّ التَّحَاسُدِ وَ لَا تَشَعَّبَتْهُمْ مَصَارِفُ الرِّيَبِ وَ لَا اقْتَسَمَتْهُمْ أَخْيَافُ الْهِمَمِ فَهُمْ أُسَرَاءُ إِيمَانٍ لَمْ يَفُكَّهُمْ مِنْ رِبْقَتِهِ زَيْغٌ وَ لَا عُدُولٌ وَ لَا وَنًى وَ لَا فُتُورٌ وَ لَيْسَ فِي أَطْبَاقِ السَّمَاءِ مَوْضِعُ إِهَابٍ إِلَّا وَ عَلَيْهِ مَلَكٌ سَاجِدٌ أَوْ سَاعٍ حَافِدٌ يَزْدَادُونَ عَلَى طُولِ الطَّاعَةِ بِرَبِّهِمْ عِلْماً وَ تَزْدَادُ عِزَّةُ رَبِّهِمْ فِي قُلُوبِهِمْ عِظَماً.



## و منها في صفة الأرض و دحوها على الماء

كَبَسَ الْأَرْضَ عَلَى مَوْرِ أَمْوَاجٍ مُسْتَفْحِلَةٍ وَ لُجَجِ بِحَارٍ زَاخِرَةٍ تَلْتَطِمُ أَوَاذِيُّ أَمْوَاجِهَا وَ تَصْطَفِقُ مُتَقَاذِفَاتُ أَثْبَاجِهَا وَ تَرْغُو زَبَداً كَالْفُحُولِ عِنْدَ هِيَاجِهَا فَخَضَعَ جِمَاحُ الْمَاءِ الْمُتَلَاطِمِ لِثِقَلِ حَمْلِهَا وَ سَكَنَ هَيْجُ ارْتِمَائِهِ إِذْ وَطِئَتْهُ بِكَلْكَلِهَا وَ ذَلَّ مُسْتَخْذِياً إِذْ تَمَعَّكَتْ عَلَيْهِ بِكَوَاهِلِهَا

۽ نہ هو آرام خاطر ان جي حڪم جي ڪوتاهي ڪندي پنهنجي ڪنڌ کي هيٺ هوڏي ڪن ٿا. ۽ نہ انهن جي پڪي عزم تي غفلت جون ناداني چڙهائي ڪن ٿيون. ۽ نہ وري ڌوڪو ڏيندڙ خواهشون انهن جي همّتن کي نشانو بڻائين ٿيون. ۽ انهن پنهنجي محتاجيءَ واري ڏينهن لاءِ صاحبِ عرش کي پنهنجو ذخيرو بڻائي ڇڏيو آهي. ۽ هي پنهنجي رغبت ۾ ان جو ئي قصد ڪن ٿا جڏهن تہ ٻي مخلوق ڪٿجي مخلوق ڏانهن وڃي ٿي. هو ان جي عبادت جي انتها تائين نٿا پهچن. ۽ الله جي اطاعت جو ٻي انتها شوق کين ڪيڏانهن نٿو موٽائي سواءِ انهن جي دلين ۾ موجود دائمي اميد ۽ خوف جي سرچشمن ڏانهن. ۽ انهن وٽان خوف جا سبب ختم نٿا ٿين جو هو پنهنجي ڪوشش ۾ سست ٿي وڃن. ۽ نہ وري لالچون کين قيد ڪن ٿيون جو هو عارضي ڪوشش کي پنهنجي ان جدوجهد تي ترجيح ڏين. ۽ نہ انهن پنهنجي ڪيل عملن کي ڪڏهن وڏو سمجهيو آهي، اگر هو انهن کي وڏو سمجهن ها تہ پوءِ سندن اميد انهن وٽان خوف جا مرحلا مِٽائي ڇڏي ها. ۽ نہ وري اهي پنهنجي مٿان شيطان جي غلبي ڪري پنهنجي رب جي باري ۾ اختلاف ڪن ٿا. ۽ نہ وري خراب جدائي کين هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ٿي. ۽ هڪ ٻئي سان حسد جو ڪينو بہ مٿن غالب نٿو ٿئي ۽ شڪّ جا چڪر بہ کين ڇڙوڇڙ نٿا ڪن. ۽ نہ همّتن جو اختلاف کين تقسيم ڪري ٿو. ۽ هو ايمان جا اهڙا قيدي آهن جو کين ان جي ڪوٽ مان نہ ٽيڙائپ ڇڏرائي سگهي ٿي، نہ منهن جو موڙڻ، نہ سستي، ۽ نہ وري ڪوتاهي. ۽ آسمان جي مٿان گل برابر بہ اهڙيءَ جاءِ ڪانهي پر اتي سجدو ڪندڙ فرشتو يا ترت انداز ۾ ڪم ڪندڙ ملائڪ موجود آهي. هو پنهنجي پروردگار جي مسلسل بندگيءَ ذريعي پنهنجي علم ۾ وڌندا رهن ٿا. ۽ سندن دلين ۾ پنهنجي ربّ جي عزت ۽ عظمت وڌندي ئي رهي ٿي.

### ۽ انهيءَ منجهان، زمين جي وصف ۽ انکي پاڻي تي وڇائڻ بابت

الله تعالىٰ زمين کي تيز موجن ۽ پريل سمنڊ جي ڇولين تي رکيو، جتي موجن جون چوٽيون ٽڪرائجن پيون. ۽ وڏيون ڇوليون هڪ ٻئي کي ڌڪي دڌڪا ڪن پيون. ۽ ائين جهڳ ڪڍن پيون جيئن اُٺ مستيءَ مهل ڪڍندا آهن. پوءِ ڇوليون کائيندڙ پاڻي جون بلنديون زمين جي بار کڻڻ جي ڪري جهڪيون ٿي ويون. ۽ جڏهن زمين پنهنجي سيني سان پاڻي کي دٻايو تہ ان جو جوش نري ويو. ۽ جڏهن زمين پنهنجي ڪلهن سان انکي ڌڪيو تہ هو سولائي سان مطيع ٿي ويو.

فَأَصْبَحَ بَعْدَ اصْطِخَابِ أَمْوَاجِهِ سَاجِياً مَقْهُوراً وَ فِي حَكَمَةِ الذُّلِّ مُنْقَاداً أَسِيراً وَ سَكَنَتِ الْأَرْضُ مَدْحُوَّةً فِي لُجَّةِ تَيَّارِهِ. وَ رَدَّتْ مِنْ نَخْوَةِ بَأْوِهِ وَ اعْتِلَائِهِ وَ شُمُوخِ أَنْفِهِ وَ سُمُوِّ غُلَوَائِهِ وَ كَعَمَتْهُ عَلَى كِظَّةِ جَرْيَتِهِ فَهَمَدَ بَعْدَ نَزَقَاتِهِ وَ لَبَدَ بَعْدَ زَيَفَانِ وَثَبَاتِهِ.

فَلَمَّا سَكَنَ هَيْجُ الْمَاءِ مِنْ تَحْتِ أَكْنَافِهَا وَ حَمْلَ شَوَاهِقَ الْجِبَالِ الشُّمَّخِ الْبُذَّخِ عَلَى أَكْتَافِهَا فَجَّرَ يَنَابِيعَ الْعُيُونِ مِنْ عَرَانِينِ أُنُوفِهَا وَ فَرَّقَهَا فِي سُهُوبِ بِيدِهَا وَ أَخَادِيدِهَا وَ عَدَّلَ حَرَكَاتِهَا بِالرَّاسِيَاتِ مِنْ جَلَامِيدِهَا وَ ذَوَاتِ الشَّنَاخِيبِ الشُّمِّ مِنْ صَيَاخِيدِهَا فَسَكَنَتْ مِنَ الْمَيَدَانِ لِرُسُوبِ الْجِبَالِ فِي قِطَعِ أَدِيمِهَا وَ تَغَلْغُلِهَا مُتَسَرِّبَةً فِي جَوْبَاتِ خَيَاشِيمِهَا وَ رُكُوبِهَا أَعْنَاقَ سُهُولِ الْأَرَضِينَ وَ جَرَاثِيمِهَا وَ فَسَحَ بَيْنَ الْجَوِّ وَ بَيْنَهَا وَ أَعَدَّ الْهَوَاءَ مُتَنَسَّماً لِسَاكِنِهَا وَ أَخْرَجَ إِلَيْهَا أَهْلَهَا عَلَى تَمَامِ مَرَافِقِهَا.

ثُمَّ لَمْ يَدَعْ جُرُزَ الْأَرْضِ الَّتِي تَقْصُرُ مِيَاهُ الْعُيُونِ عَنْ رَوَابِيهَا وَ لَا تَجِدُ جَدَاوِلُ الْأَنْهَارِ ذَرِيعَةً إِلَى بُلُوغِهَا حَتَّى أَنْشَأَ لَهَا نَاشِئَةَ سَحَابٍ تُحْيِي مَوَاتَهَا وَ تَسْتَخْرِجُ نَبَاتَهَا.

أَلَّفَ غَمَامَهَا بَعْدَ افْتِرَاقِ لُمَعِهِ وَ تَبَايُنِ قَزَعِهِ حَتَّى إِذَا تَمَخَّضَتْ لُجَّةُ الْمُزْنِ فِيهِ وَ الْتَمَعَ بَرْقُهُ فِي كُفَفِهِ وَ لَمْ يَنَمْ وَمِيضُهُ فِي كَنَهْوَرِ رَبَابِهِ وَ مُتَرَاكِمِ سَحَابِهِ أَرْسَلَهُ سَحّاً مُتَدَارِكاً قَدْ أَسَفَّ هَيْدَبُهُ تَمْرِيهِ الْجَنُوبُ دِرَرَ أَهَاضِيبِهِ وَ دُفَعَ شَآبِيبِهِ. فَلَمَّا أَلْقَتِ السَّحَابُ بَرْكَ بِوَانَيْهَا وَ بَعَاعَ مَا اسْتَقَلَّتْ بِهِ مِنَ الْعِبْءِ الْمَحْمُولِ عَلَيْهَا أَخْرَجَ بِهِ مِنْ هَوَامِدِ الْأَرْضِ النَّبَاتَ وَ مِنْ زُعْرِ الْجِبَالِ الْأَعْشَابَ.

پوءِ موجون پنهنجي آواز کان پوءِ عاجزيءَ سان چُپ ٿي ويون. ۽ ذلت جي لغام ۾ قيدي ٿي ڪري مطيع ٿي ويون. ۽ زمين ان موجون هٽندڙ وهڪري ۾ وڇائجي نرِي پئي. ۽ زمين پاڻي کي سندس هٺ، تڪبر، وڏائي، آڪڙ ۽ وڏيءَ مٿاهين کان موٽايو. ۽ سندس وڏي وهڪري کي اهڙا بند ڏنائين جو هو جوش کان بعد نرِي ويو. ۽ زور ماري ويهي رهيو.

پوءِ جڏهن پاڻي جي مستي زمين جي پاسن سان، ۽ زمين جو وڏن، ويڪرن، ۽ عاليشان جبلن کي پنهنجي ڪُلهن تي کڻڻ سان نرِي وئي ته پوءِ الله تعالىٰ ان جي مٿان کان وهندڙ چشما جاري ڪيا. ۽ انهن کي رڻ پٽ بيابانن ۾ نهرن جي صورت ۾ پکيڙي ڇڏيائين. ۽ ڪُتل ٽڪرين ۽ وڏين چوٽين وارن پٿريلي جبلن سان ان جي چرپر ۾ وڇڙائي پيدا ڪيائين. پوءِ ان جي سطح جي مختلف حصن ۾ جبلن جي ڪولڻ سان ۽ زمين جي نرم تهن ۾ گهڙي هيٺ لهي وڃڻ سان ۽ جبلن جو زمين جي ميدانن ۽ هيٺاين جاين تي گوڏا کوڙڻ سان هوءُ لُڏڻ کان چپ ٿي وئي. ۽ الله تعالىٰ فضا ۽ زمين جي درميان وسعت رکيائين ۽ ان ۾ رهندڙن جي ساه کڻڻ لاءِ هوا جو بندوبست ڪيائين، ۽ ان ڏانهن سندس رهائشين کي سڀني سهولتن سان موڪليائين.

پوءِ الله تعالىٰ ان زمين کي به غيرآباد نه ڇڏيو جنهن تي سندس بلنديءَ ڪارڻ چشمن جو پاڻي نٿو پهچي، ۽ نه وري نهرن جا واهه ۽ واهيون ان تائين پهچڻ جو ذريعو ٿي سگهن پيا. تان جو ان لاءِ ڪڪر پيدا ڪيائين جيڪي ان جي غيرآباد حصن کي آباد ڪن، ۽ ان جي ٻوٽن کي ڦٽائين.



پوءِ الله تعالىٰ ڪڪرن جي پکڙيل ٽڪڙن ۽ سندن الڳ الڳ حصن کي گڏ ڪري هڪ گهاٽو جُهڙ ناهيو. ايستائين جو جڏهن وسندڙ ڪڪرن جي پاڻيءَ ۾ وِلوڙ پيدا ٿي ۽ ان جي پاسن کان ڪنوڙيون چمڪڻ لڳيون ۽ ان جي وڏن اڇن ڪڪرن ۽ گهاٽن جُهڙن ۾ ڪنوڻ جي چمڪ چُپ نه ڪئي. ته الله تعالىٰ انهن پُنيان ٻيا ڪڪر به موڪليا جيڪي انهن سان ملندا ويا. ۽ کي ڌرتيءَ جي ويجهو لامارا ڏئي رهيا هئا. ۽ ڏکڻ جي جهڪ جهجهي مِينهن وسائڻ لاءِ ڪڪرن کي مَهتڻ لڳي ۽ هر طرف کان زوردار مِينهن وسڻ لڳو. پوءِ جڏهن ڪڪرن پنهنجو پورو مِينهن زمين تي وسايو ۽ مٿن ڪنيل بار گهٽجي ويو، ته الله تعالىٰ ان ذريعي غير آباد زمين مان وڻ ٽڻ ۽ سڪل جبلن مان ساوڪ کي پيدا ڪيو.

فَهِيَ تَبْهَجُ بِزِينَةِ رِيَاضِهَا وَ تَزْدَهِي بِمَا أُلْبِسَتْهُ مِنْ رَيْطِ أَزَاهِيرِهَا وَ حِلْيَةِ مَا سُمِطَتْ بِهِ مِنْ نَاضِرِ أَنْوَارِهَا وَ جَعَلَ ذَلِكَ بَلَاغاً لِلْأَنَامِ وَ رِزْقاً لِلْأَنْعَامِ وَ خَرَقَ الْفِجَاجَ فِي آفَاقِهَا وَ أَقَامَ الْمَنَارَ لِلسَّالِكِينَ عَلَى جَوَادِّ طُرُقِهَا. فَلَمَّا مَهَدَ أَرْضَهُ وَ أَنْفَذَ أَمْرَهُ اخْتَارَ آدَمَ عليه‌السلام خِيرَةً مِنْ خَلْقِهِ وَ جَعَلَهُ أَوَّلَ جِبِلَّتِهِ وَ أَسْكَنَهُ جَنَّتَهُ وَ أَرْغَدَ فِيهَا أُكُلَهُ وَ أَوْعَزَ إِلَيْهِ فِيمَا نَهَاهُ عَنْهُ وَ أَعْلَمَهُ أَنَّ فِي الْإِقْدَامِ عَلَيْهِ التَّعَرُّضَ لِمَعْصِيَتِهِ وَ الْمُخَاطَرَةَ بِمَنْزِلَتِهِ.

فَأَقْدَمَ عَلَى مَا نَهَاهُ عَنْهُ مُوَافَاةً لِسَابِقِ عِلْمِهِ فَأَهْبَطَهُ بَعْدَ التَّوْبَةِ لِيَعْمُرَ أَرْضَهُ بِنَسْلِهِ وَ لِيُقِيمَ الْحُجَّةَ بِهِ عَلَى عِبَادِهِ وَ لَمْ يُخْلِهِمْ بَعْدَ أَنْ قَبَضَهُ مِمَّا يُؤَكِّدُ عَلَيْهِمْ حُجَّةَ رُبُوبِيَّتِهِ وَ يَصِلُ بَيْنَهُمْ وَ بَيْنَ مَعْرِفَتِهِ بَلْ تَعَاهَدَهُمْ بِالْحُجَجِ عَلَى أَلْسُنِ الْخِيَرَةِ مِنْ أَنْبِيَائِهِ وَ مُتَحَمِّلِي وَدَائِعِ رِسَالَاتِهِ قَرْناً فَقَرْناً حَتَّى تَمَّتْ بِنَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ صلى‌الله‌عليه‌وآله حُجَّتُهُ. وَ بَلَغَ الْمَقْطَعَ عُذْرُهُ وَ نُذُرُهُ.

وَ قَدَّرَ الْأَرْزَاقَ فَكَثَّرَهَا وَ قَلَّلَهَا وَ قَسَّمَهَا عَلَى الضِّيقِ وَ السَّعَةِ فَعَدَلَ فِيهَا لِيَبْتَلِيَ مَنْ أَرَادَ بِمَيْسُورِهَا وَ مَعْسُورِهَا وَ لِيَخْتَبِرَ بِذَلِكَ الشُّكْرَ وَ الصَّبْرَ مِنْ غَنِيِّهَا وَ فَقِيرِهَا ثُمَّ قَرَنَ بِسَعَتِهَا عَقَابِيلَ فَاقَتِهَا وَ بِسَلَامَتِهَا طَوَارِقَ آفَاتِهَا وَ بِفُرَجِ أَفْرَاحِهَا غُصَصَ أَتْرَاحِهَا وَ خَلَقَ الْآجَالَ فَأَطَالَهَا وَ قَصَّرَهَا وَ قَدَّمَهَا وَ أَخَّرَهَا وَ وَصَلَ بِالْمَوْتِ أَسْبَابَهَا وَ جَعَلَهُ خَالِجاً لِأَشْطَانِهَا وَ قَاطِعاً لِمَرَائِرِ أَقْرَانِهَا.

پوءِ زمين بہ پنهنجي ساوڪ جي سينگار سان خوش ٿيڻ لڳي. ۽ جيڪا گلن جي پوشاڪ کيس پارائي وئي ۽ جيڪو مُکڙين جو چمڪندڙ نوراني هار کيس پارايو ويو تہ ان تي ٻهڪڻ لڳي. ۽ الله تعالىٰ انهن شين کي ماڻهن جي گذرسفر ۽ جانورن لاءِ رزق قرار ڏنو. ۽ زمين جي آسن پاسن کان ويڪرا رستا ناهي ڇڏيا. ۽ انهن وڏن رستن تي هلڻ وارن لاءِ روشن مينار قائم ڪيا. پوءِ جڏهن هُن زمين کي تيار ڪيو ۽ پنهنجو حڪم جاري ڪيو تہ آدم (عليه السلام) کي پنهنجيءَ پليءَ مخلوق جي طور تي چونڊيو. ۽ انکي انساني مخلوق جو پهريون فرد قرار ڏنو، ۽ کيس پنهنجيءَ جنت ۾ رهايو، ۽ جتي سندس کائڻ لاءِ قسمين قسمين شيون مهيا ڪيون. جڏهن تہ کيس انهن شين بابت آگاهي ڏني جن کان منع ڪئي هئي. ۽ کيس اهو ٻڌايائين تہ انهن شين جو اقدام ڪرڻ سندس نافرماني ۾ پوڻ آهي ۽ ان جي مرتبي لاءِ خطرو آهي.

پوءِ هن اهو ئي ڪم ڪيو الله تعالىٰ جنهن کان کيس روڪيو هو. الله تعالىٰ جي پهريائين کان علم جي مطابق. پوءِ الله سائينءَ سندس توبہ کان پوءِ انکي زمين تي لاٿو تہ جيئن سندس نسل ذريعي پنهنجي زمين کي آباد ڪري. ۽ ان ذريعي پنهنجي ٻانهن تي حجت قائم ڪري. ۽ الله تعالىٰ آدم جي روح قبض ڪرڻ کانپوءِ بہ ٻانهن کي انهن کان خالي نہ رکيو. جيڪي مٿن الله جي ربوبيت جي حجت کي مضبوط ڪن. ۽ ٻانهن ۽ ان جي معرفت کي پاڻ ۾ جوڙين. بلڪ هر دؤر ۾ پنهنجي چونڊيل نبيّن ۽ رسالت جي امانت کي کڻندڙن جي زبانن تي دليلن ذريعي انهن جي سنڀال ڪندو رهيو. تان جو اسان جي نبيءَ حضرت محمد ﷺ ذريعي حجت پوري ٿي. ۽ سندس حجت ۽ ديچارڻ پنهنجيءَ پڄاڻيءَ تي پهتا.

۽ الله سائينءَ رزق مقرر ڪيا پوءِ کي گهٽا ڪيا ۽ کي ٿورا ڪيا. ۽ انهن کي تنگي ۽ خوشحالي جي بنا تي تقسيم ڪيائين. ۽ ان ورڇ ۾ بلڪل انصاف ڪيائين تہ جيئن سُک چاهيندڙ کي ڏک ذريعي آزمائي. ۽ ان ذريعي امير ۽ غريب کان شڪر ۽ صبر جي پرک ڪري. پوءِ الله تعالىٰ ڪشادگيءَ جي پنيان غربت جي سختيءَ کي ۽ ان جي سلامتيءَ ۾ مختلف آفتن کي، ۽ ان جي ڪشادگيءَ جي خوشين سان ڏکن جي ڦندن کي ملائي ڇڏيو. ۽ هن زندگيءَ جي مدّتن کي پيدا ڪيو، پوءِ ڪِن مدّتن کي وڏو تہ ڪِن کي ننڍو، ۽ ڪِن کي اڳتي تہ ڪنِ کي پوئتي مقررّ ڪيو. ۽ موت کي زندگيءَ جي ڏورين سان ملايو، ۽ کيس ڏورين جي ڇڪڻ ۽ رشتن کي ڇنڻ وارو قرار ڏنو.

عَالِمُ السِّرِّ مِنْ ضَمَائِرِ الْمُضْمِرِينَ وَ نَجْوَى الْمُتَخَافِتِينَ وَ خَوَاطِرِ رَجْمِ الظُّنُونِ وَ عُقَدِ عَزِيمَاتِ الْيَقِينِ وَ مَسَارِقِ إِيمَاضِ الْجُفُونِ وَ مَا ضَمِنَتْهُ أَكْنَانُ الْقُلُوبِ وَ غَيَابَاتُ الْغُيُوبِ وَ مَا أَصْغَتْ لِاسْتِرَاقِهِ مَصَائِخُ الْأَسْمَاعِ وَ مَصَايِفُ الذَّرِّ وَ مَشَاتِي الْهَوَامِّ وَ رَجْعِ الْحَنِينِ مِنَ الْمُولَهَاتِ وَ هَمْسِ الْأَقْدَامِ وَ مُنْفَسَحِ الثَّمَرَةِ مِنْ وَلَائِجِ غُلُفِ الْأَكْمَامِ.

وَ مُنْقَمَعِ الْوُحُوشِ مِنْ غِيرَانِ الْجِبَالِ وَ أَوْدِيَتِهَا وَ مُخْتَبَإِ الْبَعُوضِ بَيْنَ سُوقِ الْأَشْجَارِ وَ أَلْحِيَتِهَا وَ مَغْرِزِ الْأَوْرَاقِ مِنَ الْأَفْنَانِ وَ مَحَطِّ الْأَمْشَاجِ مِنْ مَسَارِبِ الْأَصْلَابِ وَ نَاشِئَةِ الْغُيُومِ وَ مُتَلَاحِمِهَا وَ دُرُورِ قَطْرِ السَّحَابِ فِي مُتَرَاكِمِهَا وَ مَا تَسْفِي الْأَعَاصِيرُ بِذُيُولِهَا وَ تَعْفُو الْأَمْطَارُ بِسُيُولِهَا وَ عَوْمِ بَنَاتِ الْأَرْضِ فِي كُثْبَانِ الرِّمَالِ وَ مُسْتَقَرِّ ذَوَاتِ الْأَجْنِحَةِ بِذُرَا شَنَاخِيبِ الْجِبَالِ وَ تَغْرِيدِ ذَوَاتِ الْمَنْطِقِ فِي دَيَاجِيرِ الْأَوْكَارِ وَ مَا أَوْعَبَتْهُ الْأَصْدَافُ وَ حَضَنَتْ عَلَيْهِ أَمْوَاجُ الْبِحَارِ وَ مَا غَشِيَتْهُ سُدْفَةُ لَيْلٍ أَوْ ذَرَّ عَلَيْهِ شَارِقُ نَهَارٍ وَ مَا اعْتَقَبَتْ عَلَيْهِ أَطْبَاقُ الدَّيَاجِيرِ وَ سُبُحَاتُ النُّورِ وَ أَثَرِ كُلِّ خَطْوَةٍ وَ حِسِّ كُلِّ حَرَكَةٍ وَ رَجْعِ كُلِّ كَلِمَةٍ وَ تَحْرِيكِ كُلِّ شَفَةٍ وَ مُسْتَقَرِّ كُلِّ نَسَمَةٍ.



وَ مِثْقَالِ كُلِّ ذَرَّةٍ وَ هَمَاهِمِ كُلِّ نَفْسٍ هَامَّةٍ وَ مَا عَلَيْهَا مِنْ ثَمَرِ شَجَرَةٍ أَوْ سَاقِطِ وَرَقَةٍ أَوْ قَرَارَةِ نُطْفَةٍ أَوْ نُقَاعَةِ دَمٍ وَ مُضْغَةٍ أَوْ نَاشِئَةِ خَلْقٍ وَ سُلَالَةٍ.

لَمْ يَلْحَقْهُ فِي ذَلِكَ كُلْفَةٌ وَ لَا اعْتَرَضَتْهُ فِي حِفْظِ مَا ابْتَدَعَ مِنْ خَلْقِهِ عَارِضَةٌ وَ لَا اعْتَوَرَتْهُ فِي تَنْفِيذِ الْأُمُورِ وَ تَدَابِيرِ الْمَخْلُوقِينَ مَلَالَةٌ وَ لَا فَتْرَةٌ بَلْ نَفَذَهُمْ عِلْمُهُ وَ أَحْصَاهُمْ عَدَدُهُ وَ وَسِعَهُمْ عَدْلُهُ وَ غَمَرَهُمْ فَضْلُهُ مَعَ تَقْصِيرِهِمْ عَنْ كُنْهِ مَا هُوَ أَهْلُهُ.

هو لڪائيندڙن جي لڪيل رازن کي، ۽ آهستي ڳالهائيندڙن جي سُس پُس کي، ۽ اجاين خالي خيالن کي، ۽ يقيني مضبوط ارادن کي، ۽ اکين جي چوريءَ ڏسڻ کي، ۽ جيڪي دلين جي پردن ۽ غيب جي تهن ۾ آهن تن کي، ۽ جن آوازن کي چورائڻ لاءِ ڪن غور سان ٻڌندا آهن تن کي، ۽ کِولين جي اونهاري وارن ٻِرن کي، ۽ جيت جڻن جي سياري وارين جاين کي، ۽ پيرن جي معمولي آهٽ کي، ۽ مُڪڙين جي اندر بند ميون جيءَ واڌ ويجهه کي.

۽ جبلن جي وادين جي غارن ۾ جانورن جي پناهگاهن کي، وڻن جي ٿُڙن ۽ چوڏن جي وچ ۾ مڇرن جي لِڪڻ وارين جاين کي، ۽ ٽارين منجهان ڦٽندڙ پنن جي جاين کي، ۽ صلبن کان سُري ايندڙ نطفي جي قرار گاهن کي، ۽ ڪڪرن جي اٿندڙ ۽ ملندڙ جاين کي، ۽ گهاٽن ڪڪرن ۾ وسڻ وارن ڦُڙن کي، ۽ مٽيءَ جي جن ذرن کي طوفان ۽ واچوڙا اڏارين ٿا تن کي، ۽ جن نشانن کي مينهن جي ٻوڏ مِٽائي ٿي تنکي، ۽ واريءَ جي ٽِبن ۾ هلندڙ زمين جي جيت جڻن کي، ۽ جبلن جي بلند چوٽين تي پرن وارن پکين جي جاين کي، ۽ آکيرن جي اونداهين ۾ ٻوليندڙ پکين جي ٻوليءَ کي، ۽ جن کي سپيون سانڍين ٿيون ۽ کين سمنڊ جون چوليون جهولين ۾ ڪٽن ٿيون تنکي، ۽ جن شين کي رات جي اونداهي لڪائي ٿي يا جن تي ڏينهن جي روشني پوي ٿي تنکي، ۽ جن تي لڳاتار اونداهيءَ جا تهه ۽ نور جا ڪِرڻا پون ٿا تنکي، ۽ هر قدم جي نشان کي، ۽ هر چُرپُر جي احساس کي، ۽ هر لفظ جي ادائگيءَ کي، ۽ هر چَپ جي چورڻ کي، ۽ هر انسان جي رهائشگاهه کي.

۽ هر ذري جي وزن کي ۽ هر ساهه واري جي سڏڪن کي. ۽ ڌرتيءَ مٿان هر وڻ جي ميوي کي. يا ڇڻندڙ پنن کي، يا هر نطفي جي ٻيهڻ کي، يا رت جي ڊِڳ ۽ لوٿڙي کي، يا مخلوق ۽ نسل جي پيدائش کي ڄاڻي ٿو.

۽ انهن جي ڄاڻڻ ۾ کيس ڪا به تڪليف نٿي پهچي. ۽ نه وري سندس پيدا ڪيل مخلوق جي حفاظت ڪرڻ ۾ کيس ڪا رڪاوٽ پيش اچي ٿي. ۽ نه وري کيس امورن کي لاڳو ڪرڻ ۽ مخلوق جي تدبير ڪرڻ ۾ ٿڪاوٽ ۽ ڪمزوري ٿئي ٿي. بلڪ سندس علم انهن کي نافذ ڪيو. ۽ سندس ڳاڻاٽي انهن کي شمار ڪيو. ۽ سندس عدل کين وسعت ڏني. ۽ سندس فضل کين ڍَڪي ڇڏيو. جڏهن ته اهي ڪوتاهي ڪندڙ آهن جنهن جو هو اهل آهي ان جي ڪُنهه تائين پهچڻ ۾.

## دعاء

اللَّهُمَّ أَنْتَ أَهْلُ الْوَصْفِ الْجَمِيلِ وَ التَّعْدَادِ الْكَثِيرِ إِنْ تُؤَمَّلْ فَخَيْرُ مَأْمُولٍ وَ إِنْ تُرْجَ فَخَيْرُ مَرْجُوٍّ اللَّهُمَّ وَ قَدْ بَسَطْتَ لِي فِيمَا لَا أَمْدَحُ بِهِ غَيْرَكَ وَ لَا أُثْنِي بِهِ عَلَى أَحَدٍ سِوَاكَ وَ لَا أُوَجِّهُهُ إِلَى مَعَادِنِ الْخَيْبَةِ وَ مَوَاضِعِ الرِّيبَةِ وَ عَدَلْتَ بِلِسَانِي عَنْ مَدَائِحِ الْآدَمِيِّينَ وَ الثَّنَاءِ عَلَى الْمَرْبُوبِينَ الْمَخْلُوقِينَ اللَّهُمَّ وَ لِكُلِّ مُثْنٍ عَلَى مَنْ أَثْنَى عَلَيْهِ مَثُوبَةٌ مِنْ جَزَاءٍ أَوْ عَارِفَةٌ مِنْ عَطَاءٍ وَ قَدْ رَجَوْتُكَ دَلِيلًا عَلَى ذَخَائِرِ الرَّحْمَةِ وَ كُنُوزِ الْمَغْفِرَةِ اللَّهُمَّ وَ هَذَا مَقَامُ مَنْ أَفْرَدَكَ بِالتَّوْحِيدِ الَّذِي هُوَ لَكَ وَ لَمْ يَرَ مُسْتَحِقّاً لِهَذِهِ الْمَحَامِدِ وَ الْمَمَادِحِ غَيْرَكَ وَ بِي فَاقَةٌ إِلَيْكَ لَا يَجْبُرُ مَسْكَنَتَهَا إِلَّا فَضْلُكَ وَ لَا يَنْعَشُ مِنْ خَلَّتِهَا إِلَّا مَنُّكَ وَ جُودُكَ فَهَبْ لَنَا فِي هَذَا الْمَقَامِ رِضَاكَ وَ أَغْنِنَا عَنْ مَدِّ الْأَيْدِي إِلَى سِوَاكَ إِنَّكَ عَلى كُلِّ شَيْءٍ قَدِير.

## ٩٢ ـ وَ مِنْ كَلامٍ لَهُ عليه السلام

*لما أراده الناس على البيعة بعد قتل عثمان*

دَعُونِي وَ الْتَمِسُوا غَيْرِي فَإِنَّا مُسْتَقْبِلُونَ أَمْراً لَهُ وُجُوهٌ وَ أَلْوَانٌ لَا تَقُومُ لَهُ الْقُلُوبُ وَ لَا تَثْبُتُ عَلَيْهِ الْعُقُولُ وَ إِنَّ الْآفَاقَ قَدْ أَغَامَتْ وَ الْمَحَجَّةَ قَدْ تَنَكَّرَتْ. وَ اعْلَمُوا أَنِّي إِنْ أَجَبْتُكُمْ رَكِبْتُ بِكُمْ مَا أَعْلَمُ وَ لَمْ أُصْغِ إِلَى قَوْلِ الْقَائِلِ وَ عَتْبِ الْعَاتِبِ وَ إِنْ تَرَكْتُمُونِي فَأَنَا كَأَحَدِكُمْ وَ لَعَلِّي أَسْمَعُكُمْ وَ أَطْوَعُكُمْ لِمَنْ وَلَّيْتُمُوهُ أَمْرَكُمْ وَ أَنَا لَكُمْ وَزِيراً خَيْرٌ لَكُمْ مِنِّي أَمِيرا.

دعا

اي الله تون اڻ ڳڻيءَ سهڻيءَ ساراهه جي لائق آهين. جيڪڏهن تو ۾ اميد ڪجي ته تون ئي بهترين آسرو آهين. ۽ اگر تو ۾ آس رکجي ته تون ئي ڀلوڙ سهارو آهين. اي الله تو مونکي اهڙي نعمت سان نوازيو جنهن سان تو کان علاوه ٻئي جي ساراهه نٿو ڪريان. ۽ نه ان سان تو ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي جي ثنا ڪريان ٿو. ۽ نه وري انکي نااميدين جي ڪاٽين ۽ بدگمانين جي جاين ڏانهن موڙيان ٿو. ۽ تو منهنجيءَ زبان کي ماڻهن جي مدح ۽ پاليل مخلوق جي ثنا کان ڦيري ڇڏيو آهي. اي الله هر ثنا ڪندڙ کي ثنا ڪرڻ تي بدلي طور ثواب، يا فضل طور ڀلائي ملندي آهي. ۽ آءٌ به تو ۾ رحمت جي ذخيرن ۽ مغفرت جي خزانن تي رهنمائي جي اميد رکان ٿو. اي الله هي مقام ان ٻانهي جو آهي جنهن توکي توحيد ۾ اڪيلو ڪري مڃيو آهي، جيڪا تنهنجي ئي لاءِ آهي. ۽ هو تو ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي انهن ساراهن ۽ واکاڻين جو حقدار نٿو سمجهي. منهنجي حاجت تو ۾ ئي آهي. ۽ ان جي پوري ڪرڻ لاءِ ٻي ڪا واهه ئي نه آهي سواءِ تنهنجي فضل جي، ۽ ان جي غربت کي ڪو به ختم نٿو ڪري سگهي، سواءِ تنهنجي احسان ۽ سخاوت جي. بس تون هاڻ اسان لاءِ پنهنجي رضايت بخش ۽ اسانکي پاڻ کان علاوه ٻين اڳيان هٿ ٽنگڻ کان بي نياز ڪري ڇڏ، "بيشڪ تون هر شيءِ تي قادر آهين".

## ٩٢_ امام عليه السلام جو ڪلام عثمان جي قتل ڪانپوءِ

### جڏهن ماڻهن امام عليه السلام جي بيعت ڪرڻ چاهي ته ان وقت پاڻ عليه السلام فرمايو:



مونکي ڇڏيو ۽ ٻيو ڪو ڳولهيو. بيشڪ اسان هن حڪومت کي ڏسون ٿا جنهن جا ڪيترا ئي رُخ ۽ رنگ آهن. جنهن تي نه دليون بيهنديون ۽ نه وري ان تي عقل پختا رهندا. ۽ بيشڪ سنسار ڪارن ڪڪرن سان ڍڪجي ويو آهي. ۽ سڌو رستو مَٽجي چڪو آهي. ۽ ياد رکو ته مون اگر اوهان جي ڳالهه قبول ڪئي ته توهان کي به ان رستي تي هلائيندس جنهن کي آءٌ ڄاڻان ٿو. ۽ چوڻ واري جي چوڻ ۽ ملامت ڪرڻ واري جي ملامت تي ڪن ئي نه ڏيندس. ۽ اگر توهان مونکي ڇڏي ڏنو ته پوءِ آءٌ به توهان وانگر هڪ فرد آهيان. ۽ جنهن کي توهان پنهنجو امير ناهيو. شايد آءٌ اوهان کان وڌيڪ ان جي ڳالهه ٻڌان ۽ مڃيان. منهنجو توهان لاءِ مددگار هجڻ توهان تي امير ٿيڻ کان ڀلو آهي.

# ٩٣ ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*و فيها ينبّه أمير المؤمنين على فضله و علمه و يبيّن فتنة بني أمية*

أَمَّا بَعْدَ: حَمْدِ اللَّهِ وَ الثَّنَاءِ عَلَيْهِ أَيُّهَا النَّاسُ فَإِنِّي فَقَأْتُ عَيْنَ الْفِتْنَةِ وَ لَمْ يَكُنْ لِيَجْتَرِئَ عَلَيْهَا أَحَدٌ غَيْرِي بَعْدَ أَنْ مَاجَ غَيْهَبُهَا وَ اشْتَدَّ كَلَبُهَا فَاسْأَلُونِي قَبْلَ أَنْ تَفْقِدُونِي فَوَ الَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ لَا تَسْأَلُونِي عَنْ شَيْءٍ فِيمَا بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَ السَّاعَةِ وَ لَا عَنْ فِئَةٍ تَهْدِي مِائَةً وَ تُضِلُّ مِائَةً إِلَّا أَنْبَأْتُكُمْ بِنَاعِقِهَا وَ قَائِدِهَا وَ سَائِقِهَا وَ مُنَاخِ رِكَابِهَا وَ مَحَطِّ رِحَالِهَا وَ مَنْ يُقْتَلُ مِنْ أَهْلِهَا قَتْلًا وَ مَنْ يَمُوتُ مِنْهُمْ مَوْتاً وَ لَوْ قَدْ فَقَدْتُمُونِي وَ نَزَلَتْ بِكُمْ كَرَائِهُ الْأُمُورِ وَ حَوَازِبُ الْخُطُوبِ لَأَطْرَقَ كَثِيرٌ مِنَ السَّائِلِينَ وَ فَشِلَ كَثِيرٌ مِنَ الْمَسْئُولِينَ وَ ذَلِكَ إِذَا قَلَّصَتْ حَرْبُكُمْ وَ شَمَّرَتْ عَنْ سَاقٍ وَ ضَاقَتِ الدُّنْيَا عَلَيْكُمْ ضِيقاً تَسْتَطِيلُونَ مَعَهُ أَيَّامَ الْبَلَاءِ عَلَيْكُمْ حَتَّى يَفْتَحَ اللَّهُ لِبَقِيَّةِ الْأَبْرَارِ مِنْكُمْ.

إِنَّ الْفِتَنَ إِذَا أَقْبَلَتْ شَبَّهَتْ وَ إِذَا أَدْبَرَتْ نَبَّهَتْ يُنْكَرْنَ مُقْبِلَاتٍ وَ يُعْرَفْنَ مُدْبِرَاتٍ يَحُمْنَ حَوْمَ الرِّيَاحِ يُصِبْنَ بَلَداً وَ يُخْطِئْنَ بَلَداً أَلَا وَ إِنَّ أَخْوَفَ الْفِتَنِ عِنْدِي عَلَيْكُمْ فِتْنَةُ بَنِي أُمَيَّةَ فَإِنَّهَا فِتْنَةٌ عَمْيَاءُ مُظْلِمَةٌ عَمَّتْ خُطَّتُهَا وَ خَصَّتْ بَلِيَّتُهَا وَ أَصَابَ الْبَلَاءُ مَنْ أَبْصَرَ فِيهَا وَ أَخْطَأَ الْبَلَاءُ مَنْ عَمِيَ عَنْهَا وَ ايْمُ اللَّهِ لَتَجِدُنَّ بَنِي أُمَيَّةَ لَكُمْ أَرْبَابَ سُوءٍ بَعْدِي كَالنَّابِ الضَّرُوسِ تَعْذِمُ بِفِيهَا وَ تَخْبِطُ بِيَدِهَا وَ تَزْبِنُ بِرِجْلِهَا وَ تَمْنَعُ دَرَّهَا.

## ٩٣_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ اميرالمؤمنين عليه السلام پنهنجي فضيلت ۽ علم بابت متوجه ڪيو آهي ۽ بني اميه جو فتنو ٻڌايو آهي:

الله تعاليٰ جي ساراهه ۽ واکاڻ ڪرڻ ڪانپوءِ. اي انسانؤ! مون فتني جي اک ڪڍي ڇڏي آهي. حالانڪ ان جي اونداهيءَ جي پکڙجي وڃڻ ۽ ان جي ڇتي ٿي وڃڻ ڪانپوءِ مون کانسواءِ ڪنهن کي به اِها جرات نه هئي. مون کان پڇو ان کان پهريائين جو مونکي نه پايو. قسم آهي ان ذات جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، توهان مونکان پنهنجي ۽ قيامت جي درميان ڪنهن به شيءَ جي باري ۾ نه پڇندؤ، ۽ نه وري ان ٽولي بابت جيڪو سؤ کي هدايت ڏيندو ۽ سؤ کي گمراهه ڪندو، مگر آءٌ توهان کي ان ٽولي جي سڏيندڙ، ڇڪيندڙ، ۽ هڪليندڙ، ۽ سندس سُوارين جي ترسڻ، ۽ سَوارن جي رهڻ جي جاءِ ۽ انهن مان جن کي قتل ڪيو ويندو، ۽ جيڪي انهن مان پنهنجي موت مرندا تن جي خبر ڏيندس. ۽ جيڪڏهن منهنجي وڃڻ ڪانپوءِ توهان کي اڻ وڻندڙ معاملا ۽ سخت حالات پيش آيا ته گهڻا سوال ڪندڙ ڪنڌ نوائيندا ۽ گهڻا جواب ڏيندڙ ناڪام ٿيندا. ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن توهان جي جنگ لڳاتار سختيءَ سان هلندي، ۽ دنيا توهان تي بلڪل تنگ ٿي ويندي. ۽ انهيءَ سان گڏ توهان پاڻ تي گهڻي عرصي تائين مصيبت جا ڏينهن ڪاٽيندا. تان جو الله تعاليٰ توهان مان باقي بچيل نيڪ ماڻهن کي فتح عطا ڪندو.

بيشڪ فتنا جڏهن ايندا آهن ته شڪّ شبهي ۾ وجهندا آهن ۽ جڏهن ويندا آهن ته آگاهه ڪري ويندا آهن. اُهي اچڻ وقت اڻ ڄاتل هوندا آهن ۽ وڃڻ وقت سڃاتل هوندا آهن. ۽ اُهي واچوڙي جي ڦرڻ جيان ڦرندا آهن. ڪنهن شهر تائين پهچندا آهن ۽ ڪنهن شهر تائين نه پهچندا آهن. ۽ آگاهه رهو ته منهنجي نزديڪ توهان لاءِ سڀ کان وڏيڪ خوفناڪ فتنو بني اميّه جو فتنو آهي. بس اهو انڌو ۽ اونداهو فتنو آهي. جنهن جو اثر عام ۽ مصيبت خاص آهي. جيڪو ان ۾ بصيرت رکندو ته مصيبت ان تائين پهچندي ۽ جيڪو ان کان انڌو هوندو ته ان تائين نه پهچندي. الله جو قسم توهان مون ڪانپوءِ بني اميّه کي پنهنجي لاءِ خراب حڪمران پائيندؤ. ان پوڙهيءَ ڏنگيءَ ڏاچيءَ وانگر جيڪا پنهنجي وات سان چڪ پائي ٿي، ۽ پنهنجي اڳين جنگهن سان داڪوڙا ۽ پوين جنگهن سان لتون هڻي ٿي، ۽ کير به نٿي لاهي.

لَا يَزَالُونَ بِكُمْ حَتَّى لَا يَتْرُكُوا مِنْكُمْ إِلَّا نَافِعاً لَهُمْ أَوْ غَيْرَ ضَائِرٍ بِهِمْ وَ لَا يَزَالُ بَلَاؤُهُمْ عَنْكُمْ حَتَّى لَا يَكُونَ انْتِصَارُ أَحَدِكُمْ مِنْهُمْ إِلَّا كَانْتِصَارِ الْعَبْدِ مِنْ رَبِّهِ وَ الصَّاحِبِ مِنْ مُسْتَصْحِبِهِ تَرِدُ عَلَيْكُمْ فِتْنَتُهُمْ شَوْهَاءَ مَخْشِيَّةً وَ قِطَعاً جَاهِلِيَّةً لَيْسَ فِيهَا مَنَارُ هُدًى وَ لَا عَلَمٌ يُرَى نَحْنُ أَهْلَ الْبَيْتِ مِنْهَا بِمَنْجَاةٍ وَ لَسْنَا فِيهَا بِدُعَاةٍ ثُمَّ يُفَرِّجُهَا اللَّهُ عَنْكُمْ كَتَفْرِيجِ الْأَدِيمِ بِمَنْ يَسُومُهُمْ خَسْفاً وَ يَسُوقُهُمْ عُنْفاً وَ يَسْقِيهِمْ بِكَأْسٍ مُصَبَّرَةٍ لَا يُعْطِيهِمْ إِلَّا السَّيْفَ وَ لَا يُحْلِسُهُمْ إِلَّا الْخَوْفَ فَعِنْدَ ذَلِكَ تَوَدُّ قُرَيْشٌ بِالدُّنْيَا وَ مَا فِيهَا لَوْ يَرَوْنَنِي مَقَاماً وَاحِداً وَ لَوْ قَدْرَ جَزْرِ جَزُورٍ لِأَقْبَلَ مِنْهُمْ مَا أَطْلُبُ الْيَوْمَ بَعْضَهُ فَلَا يُعْطُونِيه.

## ٩٤ ـ و من خطبة له عليه السلام

*و فيها يصف الله تعالى ثم يبين فضل الرسول الكريم و أهل بيته ثم يعظ الناس*

### الله تعالى

فَتَبَارَكَ اللَّهُ الَّذِي لَا يَبْلُغُهُ بُعْدُ الْهِمَمِ وَ لَا يَنَالُهُ حَدْسُ الْفِطَنِ الْأَوَّلُ الَّذِي لَا غَايَةَ لَهُ فَيَنْتَهِيَ وَ لَا آخِرَ لَهُ فَيَنْقَضِيَ.

### و منها في وصف الأنبياء

فَاسْتَوْدَعَهُمْ فِي أَفْضَلِ مُسْتَوْدَعٍ وَ أَقَرَّهُمْ فِي خَيْرِ مُسْتَقَرٍّ تَنَاسَخَتْهُمْ كَرَائِمُ الْأَصْلَابِ إِلَى مُطَهَّرَاتِ الْأَرْحَامِ كُلَّمَا مَضَى مِنْهُمْ سَلَفٌ قَامَ مِنْهُمْ بِدِينِ اللَّهِ خَلَفٌ.

هو ٻه توهان لاءِ هميشه ائين ئي هوندا، ايستائين جو توهان مان ڪنهن کي ٻه نه ڇڏيندا مگر جيڪو انهن کي فائدو ڏئي ۽ ڪين نقصان نه ڏئي. ۽ انهن جي مصيبت توهان کان نه ٽرندي. ايستائين جو توهان جو انهن کان بدلو وٺڻ ٻه هوندو مگر ائين جيئن ٻانهو مالڪ کان ۽ مُريد پير کان بدلو وٺندو آهي. ۽ توهان تي انهن جو فتنو خراب، خوفناڪ ۽ جاهليت جي دؤر وارو ٿي ڪري ٿڌندو. جنهن ۾ نه ڪو هدايت جو مينار هوندو ۽ نه ڪو نشان ڏٺو ويندو. ۽ اسان اهل بيت عليهم السلام ان کان بچيل هونداسون، ۽ ان ۾ سڏڻ وارا نه هونداسون. پوءِ الله تعالىٰ توهان کان ائين فتنو لاهيندو جيئن کل لاهبي آهي. ان شخص ذريعي جيڪو ڪين رسوا ڪندو، ۽ ڪين سختيءَ سان هلائيندو ۽ ڪين سختين جا ڀريل پيالا پياريندو. ۽ تلوار کانسواءِ ڪجهه نه ڏيندو. ۽ سواءِ خوف جي ٻيو ڪجهه نه پارائيندو. پوءِ ان وقت قريش چاهيندا ته دنيا ۽ جيڪي ڪجهه ان ۾ آهي جي بدلي ۾ مونکي ان مَقام ۾ ڏسن چاهي اهو ڏاچيءَ جي نحر ڪرڻ جي وقت جيترو ٿورڙو ئي ڇو نه هجي ته جيئن آءٌ انهن کان قبول ڪريان اها شئ جنهن جو ڪجهه اڄ طلب ڪري رهيو آهيان پر هو مونکي نٿا ڏين.

## ٩٤_ امام عليه السلام جو خطبو. جنهن ۾ امام عليه السلام الله تعالىٰ جي وصف بيان ڪئي آهي پوءِ رسول الله صلى الله عليه وآله ۽ سندس اهل بيت عليهم السلام جي فضيلت کي بيان ڪيو آهي ۽ پوءِ ماڻهن کي نصيحت ڪئي آهي.



### الله تعالىٰ جي وصف

بابرڪت آهي اهو الله جنهن تائين فڪر جون اوناهيون نٿيون پهچن ۽ عقل جون طاقتون جنهن کي پائي نٿيون سگهن. هو اهڙو اول آهي جنهن جي (اول) هجڻ جي ڪا حد نه آهي جنهن تي انتها ٿئي. ۽ ان لاءِ ڪا آخر نه آهي جو هو ختم ٿئي.

### ۽ انهيءَ منجهان نبيّن جي وصف

هن نبيّن عليهم السلام کي تمام ڀلين جاين ۾ امانت طور رکيو ۽ ڪين بهترين جاين ۾ رهايو. ۽ عزت وارن صلبن انهن کي پاڪ ۽ پاڪيزه رحمن ڏانهن منتقل ڪيو. جڏهن ٻه انهن مان ڪو گذري ويو ته انهن مان پوئين الله جي دين کي قائم رکيو.

## رسول الله و آل بيته

حَتَّى أَفْضَتْ كَرَامَةُ اللَّهِ سُبْحَانَهُ وَ تَعَالَى إِلَى مُحَمَّدٍ ﷺ فَأَخْرَجَهُ مِنْ أَفْضَلِ الْمَعَادِنِ مَنْبِتاً وَ أَعَزِّ الْأَرُومَاتِ مَغْرِساً مِنَ الشَّجَرَةِ الَّتِي صَدَعَ مِنْهَا أَنْبِيَاءَهُ وَ انْتَجَبَ مِنْهَا أُمَنَاءَهُ عِتْرَتُهُ خَيْرُ الْعِتَرِ وَ أُسْرَتُهُ خَيْرُ الْأُسَرِ وَ شَجَرَتُهُ خَيْرُ الشَّجَرِ نَبَتَتْ فِي حَرَمٍ وَ بَسَقَتْ فِي كَرَمٍ لَهَا فُرُوعٌ طِوَالٌ وَ ثَمَرٌ لَا يُنَالُ فَهُوَ إِمَامُ مَنِ اتَّقَى وَ بَصِيرَةُ مَنِ اهْتَدَى سِرَاجٌ لَمَعَ ضَوْؤُهُ وَ شِهَابٌ سَطَعَ نُورُهُ وَ زَنْدٌ بَرَقَ لَمْعُهُ سِيرَتُهُ الْقَصْدُ وَ سُنَّتُهُ الرُّشْدُ وَ كَلَامُهُ الْفَصْلُ وَ حُكْمُهُ الْعَدْلُ أَرْسَلَهُ عَلَى حِينِ فَتْرَةٍ مِنَ الرُّسُلِ وَ هَفْوَةٍ عَنِ الْعَمَلِ وَ غَبَاوَةٍ مِنَ الْأُمَمِ

## عظة الناس

اعْمَلُوا رَحِمَكُمُ اللَّهُ عَلَى أَعْلَامٍ بَيِّنَةٍ فَالطَّرِيقُ نَهْجٌ يَدْعُوا إِلَى دَارِ السَّلَامِ وَ أَنْتُمْ فِي دَارِ مُسْتَعْتَبٍ عَلَى مَهَلٍ وَ فَرَاغٍ وَ الصُّحُفُ مَنْشُورَةٌ وَ الْأَقْلَامُ جَارِيَةٌ وَ الْأَبْدَانُ صَحِيحَةٌ وَ الْأَلْسُنُ مُطْلَقَةٌ وَ التَّوْبَةُ مَسْمُوعَةٌ وَ الْأَعْمَالُ مَقْبُولَة.



# ٩٥ ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*يقرر فضيلة الرسول الكريم*

بَعَثَهُ وَ النَّاسُ ضُلَّالٌ فِي حَيْرَةٍ وَ حَاطِبُونَ فِي فِتْنَةٍ قَدِ اسْتَهْوَتْهُمُ الْأَهْوَاءُ وَ اسْتَزَلَّتْهُمُ الْكِبْرِيَاءُ وَ اسْتَخَفَّتْهُمُ الْجَاهِلِيَّةُ الْجَهْلَاءُ حَيَارَى فِي زَلْزَالٍ مِنَ الْأَمْرِ وَ بَلَاءٍ مِنَ الْجَهْلِ فَبَالَغَ ﷺ فِي النَّصِيحَةِ وَ مَضَى عَلَى الطَّرِيقَةِ وَ دَعَا إِلَى الْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَة.

## رسول الله ﷺ ۽ سندس اهل بيت عليهم السلام

تان جو الله سبحانہ و تعالیٰ جو شرف حضرت محمد ﷺ تائين پهتو. ۽ هن کيس چمڻ جي اعتبار کان بهترين کاڻين ۽ نسب جي اعتبار کان عزّت واري ان خانداني شجري کان پيدا ڪيو جنهن مان هن نبي پيدا ڪيا ۽ پنهنجا امين چونديا. هن جي آل بهترين آل ۽ هنجو خاندان بهترين خاندان ۽ هنجو شجرو بهترين شجرو آهي. جيڪو حرم ۾ پيدا ٿيو ۽ شرف ۾ بلند ٿيو. ۽ جنهنجون ٽاريون ڊگهيون ۽ جنهن جي ثمر تائين نٽو پهچي سگهجي. بس هو متقين جو امام آهي. ۽ هدايت پائڻ وارن جو هادي آهي. ۽ اهڙو ڏيئو آهي جنهن جي روشني چمڪندڙ آهي ۽ اهڙو تارو آهي جنهن جو نور ٽمڪندڙ ۽ اهڙيءَ چٽنگ آهي جنهن جي چمڪ چمڪندڙ آهي. ۽ سندس سيرت ثابت قدم ۽ سندس سنت هدايت آهي. ۽ سندس ڳالهہ آخري ڳالهہ آهي ۽ سندس حڪم عدالت آهي. ۽ الله تعالیٰ کيس ان وقت موڪليو جڏهن زمانو رسولن کان خالي هيو ۽ ماڻهو عملن کان منحرف هئا ۽ امّتون غافل هيون.

### ماڻهن کي نصيحت

الله تعالیٰ توهان تي رحم ڪري واضح نشانين تي عمل ڪري وٺو. بس رستو روشن آهي جيڪو سلامتيءَ واري گهر ڏانهن سڏي رهيو آهي. جڏهن تہ توهان مهلت ۽ فراغت سان الله جو راضپو پائڻ واري گهر ۾ آهيو.



اعمال نامہ کليل آهن ۽ قلم هلي رهيا آهن ۽ بدن صحتمند آهن ۽ زبانون آزاد آهن. ۽ توبہ ٻڌي وڃي ٿي ۽ عمل قبول ڪيا وڃن ٿا.

### ٩٥_ امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ امام عليه السلام رسول ڪريم ﷺ جي فضيلت کي بيان ڪيو آهي

الله تعالیٰ پاڻ سڳورن ﷺ کي ان وقت مبعوث ڪيو جڏهن ماڻهو پريشانيءَ ۾ گمراهہ هئا. ۽ فتني کي پڙڪائڻ وارا هئا. ۽ خواهشن انهن کي ڪيرائي ڇڏيو. ۽ وڏائيءَ کين ويران ڪري ڇڏيو، ۽ وڏيءَ جاهليت سندن مَت کسي ڇڏي. ۽ حالتن جي چڪرن ۽ جهالت جي مصيبتن ۾ پريشان هئا. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ تمام گهڻي نصيحت ڪئي، ۽ انهيءَ واٽ تي هليا. ۽ کين حڪمت ۽ سهڻيءَ نصيحت جي دعوت ڏني.

# ٩٦ـ و من خطبة له عليه السلام

*في الله و في الرسول الأكرم*

## الله تعالى

الْحَمْدُ لِلَّهِ الْأَوَّلِ فَلَا شَيْءَ قَبْلَهُ وَ الْآخِرِ فَلَا شَيْءَ بَعْدَهُ وَ الظَّاهِرِ فَلَا شَيْءَ فَوْقَهُ وَ الْبَاطِنِ فَلَا شَيْءَ دُونَهُ.

## و منها في ذكر الرسول صلى الله عليه وآله

مُسْتَقَرُّهُ خَيْرُ مُسْتَقَرٍّ وَ مَنْبِتُهُ أَشْرَفُ مَنْبِتٍ فِي مَعَادِنِ الْكَرَامَةِ وَ مَمَاهِدِ السَّلَامَةِ قَدْ صُرِفَتْ نَحْوَهُ أَفْئِدَةُ الْأَبْرَارِ وَ ثُنِيَتْ إِلَيْهِ أَزِمَّةُ الْأَبْصَارِ دَفَنَ اللَّهُ بِهِ الضَّغَائِنَ وَ أَطْفَأَ بِهِ الثَّوَائِرَ أَلَّفَ بِهِ إِخْوَاناً وَ فَرَّقَ بِهِ أَقْرَاناً أَعَزَّ بِهِ الذِّلَّةَ وَ أَذَلَّ بِهِ الْعِزَّةَ كَلَامُهُ بَيَانٌ وَ صَمْتُهُ لِسَانٌ.

# ٩٧ـ و من خطبة له عليه السلام

*في أصحابه و أصحاب رسول الله*

## أصحاب علي

وَ لَئِنْ أَمْهَلَ الظَّالِمَ فَلَنْ يَفُوتَ أَخْذُهُ وَ هُوَ لَهُ بِالْمِرْصَادِ عَلَى مَجَازِ طَرِيقِهِ وَ بِمَوْضِعِ الشَّجَا مِنْ مَسَاغِ رِيقِهِ أَمَا وَ الَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ لَيَظْهَرَنَّ هَؤُلَاءِ الْقَوْمُ عَلَيْكُمْ لَيْسَ لِأَنَّهُمْ أَوْلَى بِالْحَقِّ مِنْكُمْ وَ لَكِنْ لِإِسْرَاعِهِمْ إِلَى بَاطِلِ صَاحِبِهِمْ وَ إِبْطَائِكُمْ عَنْ حَقِّي وَ لَقَدْ أَصْبَحَتِ الْأُمَمُ تَخَافُ ظُلْمَ رُعَاتِهَا وَ أَصْبَحْتُ أَخَافُ ظُلْمَ رَعِيَّتِي اسْتَنْفَرْتُكُمْ لِلْجِهَادِ فَلَمْ تَنْفِرُوا وَ أَسْمَعْتُكُمْ فَلَمْ تَسْمَعُوا وَ دَعَوْتُكُمْ سِرّاً وَ جَهْراً فَلَمْ تَسْتَجِيبُوا وَ نَصَحْتُ لَكُمْ فَلَمْ تَقْبَلُوا.

## ٩٦_ امام عليه السلام جو خطبو. جيڪو الله تعالىٰ ۽ رسول ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جي باري ۾ آهي

### الله تعالىٰ

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جيڪو اهڙو اول آهي جو ان کان پهريائين ڪا به شيءِ نه آهي ۽ اهڙو آخر آهي جو ان کان بعد ڪا به شيءِ نه آهي. ۽ اهڙو ظاهر آهي جو ان جي مٿان ڪا به شيءِ نه آهي ۽ اهڙو باطن آهي جو ان جي هيٺان ڪا به شيءِ نه آهي.

### انهيءَ منجهان. رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جي باري ۾

ڪرامت جي کاڻين ۽ سلامتيءَ وارين پُر سکون جاين ۾ سندس قرارگاهه پلي قرار گاهه ۽ سندس پيدائش سيني کان پلي پيدائش آهي. نيڪوڪارن جي دلين کي هن ڏانهن ڦيريو ويو آهي. ۽ اکين جون واڳون ان ڏانهن ورايون ويون آهن. الله تعالىٰ ان ذريعي ڪينن کي دفنائي ڇڏيو ۽ ان ذريعي دشمنين کي ٺاري ڇڏيو ۽ ان ذريعي ماڻهن کي ڀائر بڻائي ڇڏيو ۽ ان ذريعي ڳنڍيلن کي الڳ ڪري ڇڏيو. ۽ ان ذريعي پست ماڻهن کي عزّت ڏني ۽ ان ذريعي ڏاڍن کي پست ڪيو. سندس ڳالهائڻ بيان آهي ۽ سندس خاموشي زبان آهي.

## ٩٧_ امام عليه السلام جو خطبو. جيڪو پنهنجي ۽ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جي اصحاب جي باري ۾ آهي

### امام عليه السلام جا اصحاب

توڙي جو الله تعالىٰ ظالم کي ڇوٽ ڏني آهي پر ان جي پڪڙ ڪڏهن به ختم نه ٿيندي. ۽ هو ان جي گذرگاهه تي تاڙ ۾ آهي ۽ ان جي نڙيءَ تي سندس لت آهي. قسم آهي ان ذات جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي. يقيناً هي قوم توهان تي ضرور غالب ٿيندي ان ڪري نه ته هو توهان کان وڌيڪ حق جا اهل آهن پر اهو انهن جو پنهنجي ساٿيءَ جي باطل ڏانهن جلدي ڪرڻ ۽ توهان جو منهنجي حق کان سستي ڪرڻ جي ڪري آهي. ۽ قومون ته پنهنجي حڪمرانن جي ظلم کان ڊڄنديون آهن ۽ آءٌ ائين تي ويو آهيان جو پنهنجي رعيت جي ظلم کان ڊڄان ٿو. آءٌ توهان کي جهاد لاءِ ڪڍان ٿو پر توهان نٿا نڪرو. ۽ آءٌ توهان کي ڪا ڳالهه ٻڌايان ٿو پر توهان نٿا ٻڌو. ۽ مون توهان کي لِڪ ۽ ظاهر طور سڏيو پر توهان ڪا ورنديءَ نه ڏني ۽ مون توهان کي نصيحت ڪئي پر توهان قبول نه ڪئي.

أَ شُهُودٌ كَغُيَّابٍ وَ عَبِيدٌ كَأَرْبَابٍ أَتْلُو عَلَيْكُمُ الْحِكَمَ فَتَنْفِرُونَ مِنْهَا وَ أَعِظُكُمْ بِالْمَوْعِظَةِ الْبَالِغَةِ فَتَتَفَرَّقُونَ عَنْهَا وَ أَحُثُّكُمْ عَلَى جِهَادِ أَهْلِ الْبَغْيِ فَمَا آتِي عَلَى آخِرِ قَوْلِي حَتَّى أَرَاكُمْ مُتَفَرِّقِينَ أَيَادِيَ سَبَا تَرْجِعُونَ إِلَى مَجَالِسِكُمْ وَ تَتَخَادَعُونَ عَنْ مَوَاعِظِكُمْ أُقَوِّمُكُمْ غُدْوَةً وَ تَرْجِعُونَ إِلَيَّ عَشِيَّةً كَظَهْرِ الْحَنِيَّةِ عَجَزَ الْمُقَوِّمُ وَ أَعْضَلَ الْمُقَوَّمُ أَيُّهَا الْقَوْمُ الشَّاهِدَةُ أَبْدَانُهُمْ الْغَائِبَةُ عَنْهُمْ عُقُولُهُمْ الْمُخْتَلِفَةُ أَهْوَاؤُهُمْ الْمُبْتَلَى بِهِمْ أُمَرَاؤُهُمْ.

صَاحِبُكُمْ يُطِيعُ اللَّهَ وَ أَنْتُمْ تَعْصُونَهُ وَ صَاحِبُ أَهْلِ الشَّامِ يَعْصِي اللَّهَ وَ هُمْ يُطِيعُونَهُ لَوَدِدْتُ وَ اللَّهِ أَنَّ مُعَاوِيَةَ صَارَفَنِي بِكُمْ صَرْفَ الدِّينَارِ بِالدِّرْهَمِ فَأَخَذَ مِنِّي عَشَرَةَ مِنْكُمْ وَ أَعْطَانِي رَجُلًا مِنْهُمْ.

يَا أَهْلَ الْكُوفَةِ مُنِيتُ مِنْكُمْ بِثَلَاثٍ وَ اثْنَتَيْنِ صُمٌّ ذَوُو أَسْمَاعٍ وَ بُكْمٌ ذَوُو كَلَامٍ وَ عُمْيٌ ذَوُو أَبْصَارٍ لَا أَحْرَارُ صِدْقٍ عِنْدَ اللِّقَاءِ وَ لَا إِخْوَانُ ثِقَةٍ عِنْدَ الْبَلَاءِ تَرِبَتْ أَيْدِيكُمْ.

يَا أَشْبَاهَ الْإِبِلِ غَابَ عَنْهَا رُعَاتُهَا كُلَّمَا جُمِعَتْ مِنْ جَانِبٍ تَفَرَّقَتْ مِنْ آخَرَ وَ اللَّهِ لَكَأَنِّي بِكُمْ فِيمَا إِخَالُكُمْ أَنْ لَوْ حَمِسَ الْوَغَى وَ حَمِيَ الضِّرَابُ قَدِ انْفَرَجْتُمْ عَنِ ابْنِ أَبِي طَالِبٍ انْفِرَاجَ الْمَرْأَةِ عَنْ قُبُلِهَا وَ إِنِّي لَعَلَى بَيِّنَةٍ مِنْ رَبِّي وَ مِنْهَاجٍ مِنْ نَبِيِّي وَ إِنِّي لَعَلَى الطَّرِيقِ الْوَاضِحِ أَلْقُطُهُ لَقْطاً.

ڇا حاضر غير حاضر وانگر آهن؟ ۽ ڇا ٻانها مالڪن وانگر آهن. آءٌ توهان تي حڪمتون پڙهان ٿو ۽ توهان وري انهن کان ڀڄو ٿا. ۽ آءٌ توهان کي بلڪل واضح نصيحت ڪريان ٿو پر توهان ان کان الڳ ٿي وڃو ٿا. ۽ آءٌ توهان کي باغين سان جهاد تي اڀاريان ٿو. اڃا منهنجي ڳالهه ئي پوري نٿي ٿئي تہ آءٌ توهان کي ڏسان ٿو تہ توهان سبا[1] جي پٽن وانگر ٽڙي پکڙي وڃو ٿا. ۽ پنهنجي ٻيٺڪن ڏانهن موٽي وڃو ٿا. ۽ نصيحتن جي قبول ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کي ڏوکو ڏيو ٿا. ۽ آءٌ صبح جو توهان کي سڌو ڪريان ٿو ۽ رات جو مون ڏانهن ڪمان جي پُٺي وانگر ڪُبا ٿي اچو ٿا. بس سڌو ڪندڙ عاجز ٿي پيو آهي ۽ سڌو ٿيل نافرمان ٿي ويو آهي. اي اهڙي قوم جن جا جسم تہ موجود آهن پر سندن عقل کانئن غائب آهن. ۽ جن جون خواهشون مختلف آهن. ۽ سندن حڪمران انهن جي ڪري آزمائش ۾ آهن.

توهان جو امير الله تعاليٰ جي اطاعت ڪري ٿو جڏهن تہ توهان ان جي نافرماني ڪريو ٿا. ۽ شام وارن جو حاڪم الله تعاليٰ جي نافرماني ڪري ٿو ۽ هو ان جي اطاعت ڪن ٿا. الله جو قسم آءٌ چاهيان ٿو تہ معاويہ توهان جي بدلي مون سان ائين سودو ڪري جيئن درهمن جي بدلي دينارن جو ڪبو آهي. جو هو مونکان توهان منجهان ڏهہ وٺي ۽ مونکي انهن مان هڪ شخص ڏي.

اي ڪوفي وارؤ! آءٌ توهان جي ٻن ۽ ٽن خصلتن جي ڪري آزمائش ۾ آهيان. توهان ٻڌندڙ ٻوڙا آهيو. ۽ ڳالهائيندڙ گونگا آهيو. ۽ ڏسندڙ انڌا آهيو. جنگ وقت سچائي وارا آزاد نہ آهيو. ۽ نہ مصيبت وقت ڀروسي مند ساٿي آهيو. توهان جا هٿ ڌوڙ ٿين.

اي انهن اُنن جهڙؤ جن جا جت گم ٿي ويا هجن. پوءِ جڏهن بہ هڪ پاسي کان گڏ ڪيا وڃن ٿا تہ ٻئي پاسي کان نڪري وڃن ٿا. الله جو قسم آءٌ اوهان وٽ ائين ٿي ويو آهيان جيئن توهان بابت مونکي گمان آهي. تہ اگر جنگ سخت ٿي ۽ ڇتي ويڙهہ ٿي تہ توهان ابوطالب جي پٽ کان ائين هٽ ڪٽندو جيئن ڀريل سورن واري عورت پنهنجي پردي کان هٽ ڪٽندي آهي. ۽ آءٌ پنهنجي پالڻهار جي طرفان چٽي دليل ۽ پنهنجي نبيءَ جي طرفان سڌيءَ واٽ تي آهيان. ۽ آءٌ واضح رستي تي آهيان جنهن کي مون چڱيءَ طرح ڳولهي لڌو آهي.



---

١: هڪ ماڻهو جو نالو.

## أصحاب رسول الله

انْظُرُوا أَهْلَ بَيْتِ نَبِيِّكُمْ فَالْزَمُوا سَمْتَهُمْ وَ اتَّبِعُوا أَثَرَهُمْ فَلَنْ يُخْرِجُوكُمْ مِنْ هُدًى وَ لَنْ يُعِيدُوكُمْ فِي رَدًى فَإِنْ لَبَدُوا فَالْبُدُوا وَ إِنْ نَهَضُوا فَانْهَضُوا وَ لَا تَسْبِقُوهُمْ فَتَضِلُّوا وَ لَا تَتَأَخَّرُوا عَنْهُمْ فَتَهْلِكُوا لَقَدْ رَأَيْتُ أَصْحَابَ مُحَمَّدٍ ﷺ فَمَا أَرَى أَحَداً يُشْبِهُهُمْ مِنْكُمْ لَقَدْ كَانُوا يُصْبِحُونَ شُعْثاً غُبْراً وَ قَدْ بَاتُوا سُجَّداً وَ قِيَاماً يُرَاوِحُونَ بَيْنَ جِبَاهِهِمْ وَ خُدُودِهِمْ وَ يَقِفُونَ عَلَى مِثْلِ الْجَمْرِ مِنْ ذِكْرِ مَعَادِهِمْ كَأَنَّ بَيْنَ أَعْيُنِهِمْ رُكَبَ الْمِعْزَى مِنْ طُولِ سُجُودِهِمْ إِذَا ذُكِرَ اللَّهُ هَمَلَتْ أَعْيُنُهُمْ حَتَّى تَبُلَّ جُيُوبَهُمْ وَ مَادُوا كَمَا يَمِيدُ الشَّجَرُ يَوْمَ الرِّيحِ الْعَاصِفِ خَوْفاً مِنَ الْعِقَابِ وَ رَجَاءً لِلثَّوَابِ.

## ٩٨ ـ و من كلام له عليه السلام

*يشير فيه إلى ظلم بني أمية*

وَ اللَّهِ لَا يَزَالُونَ حَتَّى لَا يَدَعُوا لِلَّهِ مُحَرَّماً إِلَّا اسْتَحَلُّوهُ وَ لَا عَقْداً إِلَّا حَلُّوهُ وَ حَتَّى لَا يَبْقَى بَيْتُ مَدَرٍ وَ لَا وَبَرٍ إِلَّا دَخَلَهُ ظُلْمُهُمْ وَ نَبَا بِهِ سُوءُ رَعْيِهِمْ وَ حَتَّى يَقُومَ الْبَاكِيَانِ يَبْكِيَانِ بَاكٍ يَبْكِي لِدِينِهِ وَ بَاكٍ يَبْكِي لِدُنْيَاهُ وَ حَتَّى تَكُونَ نُصْرَةُ أَحَدِكُمْ مِنْ أَحَدِهِمْ كَنُصْرَةِ الْعَبْدِ مِنْ سَيِّدِهِ إِذَا شَهِدَ أَطَاعَهُ وَ إِذَا غَابَ اغْتَابَهُ وَ حَتَّى يَكُونَ أَعْظَمَكُمْ فِيهَا عَنَاءً أَحْسَنُكُمْ بِاللَّهِ ظَنّاً فَإِنْ أَتَاكُمُ اللَّهُ بِعَافِيَةٍ فَاقْبَلُوا وَ إِنِ ابْتُلِيتُمْ فَاصْبِرُوا فَ ﴿إِنَّ الْعاقِبَةَ لِلْمُتَّقِينَ﴾.

پنهنجي نبي ﷺ جي اهل بيت عليهم السلام کي ڏسو ۽ انهن جي سيرت تي هلو. ۽ انهن جي نقشِ قدم جي پيروي ڪريو. ڇو جو اهي هرگز توهان کي هدايت کان نہ ڪيندا ۽ نہ وري توهان کي ڪڏهن گمراهيءَ ڏانهن موٽائيندا. اگر هو ويهن تہ توهان بہ ويهجي وڃو. ۽ اگر هو اٿن تہ توهان بہ اٿي پئو. ۽ انهن کان اڳتي نہ وڌو نہ تہ گمراهہ ٿي ويندؤ. ۽ نہ وري انهن کان پوئتي رهو نہ تہ هلاڪ ٿي ويندؤ. بيشڪ مون اصحابِ محمد ﷺ کي ڏٺو آهي ۽ توهان مان ڪنهن کي بہ انهن جهڙو نٿو ڏسان. هو سادگيءَ ۽ مٽيءَ هاڻي حالت ۾ صبح ڪندا هئا جڏهن تہ سجدي ۽ قيام جي حالت ۾ رات گذاريندا هئا. ۽ واري واري سان پنهنجين پيشانين کي ۽ ڳلن کي زمين تي رکندا هئا. ۽ قيامت جي ياد ۾ ائين ٿي ويندا هئا جڻ ٽانڊن تي بيٺل هجن. ۽ ڊگهن سجدن ڪري جڻ تہ سندن نرڙ تي ٻڪرين جي گوڏن وانگر سخت نشان پئجي ويندا هئا. ۽ جڏهن الله جو ذڪر ڪيو ويندو هو تہ سندن اکيون وسي پونديون هيون. ايستائين جو سندن گريبان پُسي ويندا هئا. ۽ عذاب جي خوف ۽ ثواب جي اميد ۾ ائين ڏڪندا هئا جيئن سخت آنڌيءَ جي ڏينهن وڻ لُڏندا آهن.

## ٩٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ امام عليه السلام بني اميہ جي ظلم ڏانهن اشارو ڪيو آهي

الله جو قسم! اهي ايستائين حاڪم رهندا جيستائين الله جي حرام ڪيل شين مان ڪنهن کي بہ نہ ڇڏيندا مگر انکي حلال سمجهندا. ۽ نہ وري ڪنهن عهد کي ڇڏيندا مگر انکي ٽوڙيندا، ايستائين جو ڪو بہ پڪو گهر ۽ خيمو نہ بچندو مگر انهن جو ظلم ان تائين پهچندو. ۽ ظلم ڪري سندن رعيت در بدر ٿي ويندي. ۽ ايستائين جو بہ روئڻا ويهي روئيندا هڪڙو روئڻ وارو پنهنجي دين لاءِ روئيندو ۽ ٻيو روئڻ وارو پنهنجي دنيا لاءِ روئيندو. ايستائين جو توهان مان ڪنهن جي انهن مان ڪنهن لاءِ مدد ڪرڻ ائين هوندي جيئن ٻانهي جي مولا لاءِ مدد ڪرڻ هوندي آهي، جو جڏهن هو هوندو تہ ان جي اطاعت ڪندو ۽ جڏهن هو نہ هوندو تہ ان جي غيبت ڪندو. ۽ ايستائين جو سندن حڪومت ۾ توهان مان سڀ کان وڌيڪ الله ۾ حسنِ ظن رکڻ وارو توهان مان سڀ کان وڌيڪ تڪليف ۾ هوندو. بس الله تعالىٰ اگر توهان کي سلامتيءَ عطا ڪري تہ توهان قبول ڪجو، ۽ اگر آزمائش ۾ پئجي وڃو تہ توهان صبر ڪجو. ”بيشڪ آخرت پرهيزگارن لاءِ ئي آهي“.

# ٩٩ ـ و من خطبة له عليه السلام

*في التزهيد من الدنيا*

نَحْمَدُهُ عَلَى مَا كَانَ وَ نَسْتَعِينُهُ مِنْ أَمْرِنَا عَلَى مَا يَكُونُ وَ نَسْأَلُهُ الْمُعَافَاةَ فِي الْأَدْيَانِ كَمَا نَسْأَلُهُ الْمُعَافَاةَ فِي الْأَبْدَانِ عِبَادَ اللَّهِ أُوصِيكُمْ بِالرَّفْضِ لِهَذِهِ الدُّنْيَا التَّارِكَةِ لَكُمْ وَ إِنْ لَمْ تُحِبُّوا تَرْكَهَا وَ الْمُبْلِيَةِ لِأَجْسَامِكُمْ وَ إِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّونَ تَجْدِيدَهَا فَإِنَّمَا مَثَلُكُمْ وَ مَثَلُهَا كَسَفْرٍ سَلَكُوا سَبِيلًا فَكَأَنَّهُمْ قَدْ قَطَعُوهُ وَ أَمُّوا عَلَماً فَكَأَنَّهُمْ قَدْ بَلَغُوهُ وَ كَمْ عَسَى الْمُجْرِي إِلَى الْغَايَةِ أَنْ يَجْرِيَ إِلَيْهَا حَتَّى يَبْلُغَهَا وَ مَا عَسَى أَنْ يَكُونَ بَقَاءُ مَنْ لَهُ يَوْمٌ لَا يَعْدُوهُ وَ طَالِبٌ حَثِيثٌ مِنَ الْمَوْتِ يَحْدُوهُ وَ مُزْعِجٌ فِي الدُّنْيَا حَتَّى يُفَارِقَهَا رَغْماً.

فَلَا تَنَافَسُوا فِي عِزِّ الدُّنْيَا وَ فَخْرِهَا وَ لَا تَعْجَبُوا بِزِينَتِهَا وَ نَعِيمِهَا وَ لَا تَجْزَعُوا مِنْ ضَرَّائِهَا وَ بُؤْسِهَا فَإِنَّ عِزَّهَا وَ فَخْرَهَا إِلَى انْقِطَاعٍ وَ إِنَّ زِينَتَهَا وَ نَعِيمَهَا إِلَى زَوَالٍ وَ ضَرَّاءَهَا وَ بُؤْسَهَا إِلَى نَفَادٍ وَ كُلُّ مُدَّةٍ فِيهَا إِلَى انْتِهَاءٍ وَ كُلُّ حَيٍّ فِيهَا إِلَى فَنَاءٍ أَ وَ لَيْسَ لَكُمْ فِي آثَارِ الْأَوَّلِينَ مُزْدَجَرٌ وَ فِي آبَائِكُمُ الْمَاضِينَ تَبْصِرَةٌ وَ مُعْتَبَرٌ إِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُونَ أَ وَ لَمْ تَرَوْا إِلَى الْمَاضِينَ مِنْكُمْ لَا يَرْجِعُونَ وَ إِلَى الْخَلَفِ الْبَاقِينَ لَا يَبْقَوْنَ أَ وَ لَسْتُمْ تَرَوْنَ أَهْلَ الدُّنْيَا يُصْبِحُونَ وَ يُمْسُونَ عَلَى أَحْوَالٍ شَتَّى فَمَيِّتٌ يُبْكَى وَ آخَرُ يُعَزَّى. وَ صَرِيعٌ مُبْتَلًى وَ عَائِدٌ يَعُودُ وَ آخَرُ بِنَفْسِهِ يَجُودُ وَ طَالِبٌ لِلدُّنْيَا وَ الْمَوْتُ يَطْلُبُهُ وَ غَافِلٌ وَ لَيْسَ بِمَغْفُولٍ عَنْهُ وَ عَلَى أَثَرِ الْمَاضِي مَا يَمْضِي الْبَاقِي، أَلَا فَاذْكُرُوا هَاذِمَ اللَّذَّاتِ وَ مُنَغِّصَ الشَّهَوَاتِ وَ قَاطِعَ الْأُمْنِيَاتِ عِنْدَ الْمُسَاوَرَةِ لِلْأَعْمَالِ الْقَبِيحَةِ وَ اسْتَعِينُوا اللَّهَ عَلَى أَدَاءِ وَاجِبِ حَقِّهِ وَ مَا لَا يُحْصَى مِنْ أَعْدَادِ نِعَمِهِ وَ إِحْسَانِه.

## ٩٩ _ امام عليه السلام جو خطبو، دنيا کان زهد اختيار ڪرڻ جي باري ۾ آهي

اسان الله جي ساراهه ڪريون ٿا ان تي جيڪو ٿي چڪو، ۽ ڪانئس مدد گهرون ٿا پنهنجي انهن ڪمن لاءِ جيڪي ٿيندا. ۽ اسان ان کان دين بابت سلامتي گهرون ٿا جيئن اسان ڪانئس جسمن جي صحتيابي گهرون ٿا. اي الله جا ٻانهؤ! آءٌ توهان کي هن دنيا جي ڇڏڻ جي وصيت ڪريان ٿو، جيڪا توهان کي ڇڏڻ واري آهي. توڙي جو توهان انکي ڇڏڻ پسند نه ڪيو. ۽ هؤ توهان جي جسمن کي پراڻو ڪندڙ آهي جيتوڻيڪ توهان انکي نئون ڪرڻ چاهيو ٿا. بس توهان جو ۽ ان جو مثال رڳو انهن مسافرن وانگر آهي جن ڪجهه رستو سفر ڪيو جڻ ته انهن انکي ختم ڪري ڇڏيو. ۽ هڪ نشان جو ارادو ڪيو پوءِ جڻ ته ان تائين پهچي ويا. اهو گهوڙي سوار جيڪو ان اميد سان پنهنجي منزل ڏانهن گهوڙو ڊوڙائي ٿو تاڪه ان تائين پهچي ان لاءِ ڪيتري مدت آهي!؟. اهو شخص ڪهڙي اميد ڪري؟ جنهن لاءِ هڪ ڏينهن جي بقا آهي جنهن کان وڌي نٿو سگهي. ۽ هوشياريءَ سان مارڻ وارو انکي هڪلي رهيو آهي، جڏهن ته هو دنيا ۾ پريشان آهي ايستائين جو انکي لاچاريءَ سان ڇڏي ٿو. بس دنياوي عزت ۽ فخر پائڻ ۾ هڪٻئي کان اڳرائي نه ڪريو، ۽ دنيا جي زينت ۽ ان جي نعمت ۾ گم نه ٿي وڃو. ۽ نه وري ان جي تڪليف ۽ سجاڻپ تي آهه و زاري ڪريو. بيشڪ ان جي عزت ۽ وڏائي ختم ٿيڻ واري آهي. ۽ ان جي زينت ۽ نعمت زائل ٿيڻ واري آهي. ۽ ان جي تڪليف ۽ سجاڻپ ختم ٿيڻ واري آهي. ۽ ان ۾ هر مدت لاءِ پڄاڻي آهي. ۽ ان ۾ هر زنده لاءِ فنا آهي. ڇا توهان لاءِ پهرين جي آثار ۾ ڪا روڪ ۽ توهان جي گذري ويل ابن ڏاڏن ۾ نصيحت ۽ عبرت نه آهي؟. اگر توهان کي سمجهه آهي ته!. ڇا توهان پنهنجي گذري ويلن کي نٿا ڏسو جيڪي نه موٽندا، ۽ پنهنجي پوين کي نٿا ڏسو جيڪي باقي نه بچندا. ڇا توهان دنيا وارن کي نٿا ڏسو جيڪي صبح ۽ شام مختلف حالتن ۾ گذارين ٿا. جو ميت تي رنو وڃي ٿو ۽ ٻئي کي تعزيت ڏني وڃي ٿي. ڪو بيماريءَ ۾ ورتل بستر تي پيو آهي، ۽ ڪو عيادت ڪرڻ وارو عيادت ڪري رهيو آهي، ۽ ٻيو ڪو پنهنجي جان ڏئي رهيو آهي. ۽ ڪو دنيا جو طالب آهي ته موت وري ان جو طالب آهي. ۽ ڪو آخرت کان غافل آهي جڏهن ته هن کان غفلت نه ڪئي ويندي. ۽ ائين گذري ويلن جي نقشِ قدم تي پويان ٻه هلندا رهندا. آگاهه رهو ته لذتن کي ٽوڙيندڙ، خواهشن کي برباد ڪندڙ، ۽ اميدن کي ختم ڪندڙ کي بُرن ڪمن ۾ پوڻ مهل ياد ڪريو. ۽ الله تعالىٰ کان سندس واجب حق کي ادا ڪرڻ لاءِ ۽ اڻ ڪٿ نعمتن ۽ احسانن جي شڪر ڪرڻ لاءِ مدد طلب ڪريو.

# ١٠٠ ـ و من خطبة له عليه السلام

## في رسول الله صلى الله عليه وآله و أهل بيته عليهم السلام

الْحَمْدُ لِلَّهِ النَّاشِرِ فِي الْخَلْقِ فَضْلَهُ وَ الْبَاسِطِ فِيهِمْ بِالْجُودِ يَدَهُ نَحْمَدُهُ فِي جَمِيعِ أُمُورِهِ وَ نَسْتَعِينُهُ عَلَى رِعَايَةِ حُقُوقِهِ وَ نَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ غَيْرُهُ وَ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ أَرْسَلَهُ بِأَمْرِهِ صَادِعاً وَ بِذِكْرِهِ نَاطِقاً فَأَدَّى أَمِيناً وَ مَضَى رَشِيداً وَ خَلَّفَ فِينَا رَايَةَ الْحَقِّ مَنْ تَقَدَّمَهَا مَرَقَ وَ مَنْ تَخَلَّفَ عَنْهَا زَهَقَ وَ مَنْ لَزِمَهَا لَحِقَ دَلِيلُهَا.

مَكِيثُ الْكَلَامِ بَطِيءُ الْقِيَامِ سَرِيعٌ إِذَا قَامَ فَإِذَا أَنْتُمْ أَلَنْتُمْ لَهُ رِقَابَكُمْ وَ أَشَرْتُمْ إِلَيْهِ بِأَصَابِعِكُمْ جَاءَهُ الْمَوْتُ فَذَهَبَ بِهِ.

فَلَبِثْتُمْ بَعْدَهُ مَا شَاءَ اللَّهُ حَتَّى يُطْلِعَ اللَّهُ لَكُمْ مَنْ يَجْمَعُكُمْ وَ يَضُمُّ نَشْرَكُمْ فَلَا تَطْمَعُوا فِي غَيْرِ مُقْبِلٍ وَ لَا تَيْأَسُوا مِنْ مُدْبِرٍ فَإِنَّ الْمُدْبِرَ عَسَى أَنْ تَزِلَّ بِهِ إِحْدَى قَائِمَتَيْهِ وَ تَثْبُتَ الْأُخْرَى فَتَرْجِعَا حَتَّى تَثْبُتَا جَمِيعاً.

أَلَا إِنَّ مَثَلَ آلِ مُحَمَّدٍ صلى الله عليه وآله كَمَثَلِ نُجُومِ السَّمَاءِ إِذَا خَوَى نَجْمٌ طَلَعَ نَجْمٌ فَكَأَنَّكُمْ قَدْ تَكَامَلَتْ مِنَ اللَّهِ فِيكُمُ الصَّنَائِعُ وَ أَرَاكُمْ مَا كُنْتُمْ تَأْمُلُونَ.

## ١٠٠_ امام عليه السلام جو خطبو. رسول الله صلى الله عليه وآله ۽ سندس اهل بيت عليهم السلام جي باري ۾ آهي

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جيڪو مخلوق ۾ پنهنجو فضل پکيڙڻ وارو ۽ سخاوت سان انهن ۾ پنهنجي هٿن کي کولڻ وارو آهي. اسان سندس سڀني امورن ۾ ان جي ساراهه ڪريون ٿا. ۽ سندس حقن جي ادائگي ۾ ڪائنس مدد گهرون ٿا. ۽ اسان گواهي ڏيون ٿا ته الله ڪانسواءِ ٻيو ڪو معبود نه آهي، ۽ بيشڪ حضرت محمد (صلى الله عليه وآله) سندس ٻانهو ۽ رسول آهي جنهن کي هن پنهنجي امر سان باطل کي ٽوڙيندڙ ۽ پنهنجي ذڪر کي بيان ڪندڙ ڪري موڪليو. پوءِ پاڻ صلى الله عليه وآله انکي امانت داريءَ سان پهچايو. ۽ هدايت ڪندي روانا ٿيا. ۽ اسان جي درميان حق جو پرچم ڇڏي ويا. جيڪو به ان کان اڳتي وڌيو ته دين کان نڪري ويو ۽ جيڪو به ان کان پوئتي رهيو ته هلاڪ ٿي ويو. ۽ جيڪو ان سان گڏ رهيو ته حق تي رهيو.

۽ ان پرچم جو رهنما تدبر سان ڳالهائڻ وارو ۽ آرام سان قيام جي تياري ڪرڻ وارو آهي. ۽ پوءِ جڏهن قيام ڪري ٿو ته ان ۾ جلدي ڪرڻ وارو آهي. پوءِ جڏهن توهان ان لاءِ احترام سان پنهنجا ڪنڌ نوائيندؤ ۽ هر مسئلي ۾ پنهنجين آڱرين سان ان ڏانهن اشارا ڪندؤ، ته وٽس موت ايندو ۽ هو انکي وٺي ويندو.

ان ڪانپوءِ جيستائين الله چاهيندو توهان ائين ئي رهندؤ تان جو الله تعالىٰ توهان لاءِ اهڙي کي ظاهر ڪندو جيڪو توهان کي گڏ ڪندو ۽ توهان جي پکڙيلن کي ملائيندو. بس توهان (حڪومت کي) قبول نه ڪرڻ واري ۾ (حڪومت) جي طمع نه رکو. ۽ (حڪومت) کان منهن موڙڻ واري کان مايوس نه ٿيو. بيشڪ منهن موڙڻ واري جو شايد هڪڙو پير ڪنيل هجي ۽ ٻيو پير ڪُتل هجي.[١] بس پنهنجي جاءِ ڏانهن موٽندا تان جو ٻئي ڄمي بيهندا.

ياد رکو ته بيشڪ آل محمد صلى الله عليه وآله جو مثال آسمان جي تارن وانگر آهي جو جڏهن هڪ تارو لهندو آهي ته ٻيو تارو ايرندو آهي. جڻ الله تعالىٰ جون نعمتون توهان ۾ پوريون ٿي ويون آهن. ۽ توهان کي اهو ڏيکاريائين جنهن جي توهان اميد رکندا هئا.



١: يعني حڪومت کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه شرط هجن ۽ ڪجهه شرط موجود نه هجن.

# ١٠١ ـ و من خطبة له عليه السلام

*وهي إحدى الخطب المشتملة على الملاحم*

الْحَمْدُ لِلَّهِ الْأَوَّلِ قَبْلَ كُلِّ أَوَّلٍ وَ الْآخِرِ بَعْدَ كُلِّ آخِرٍ وَ بِأَوَّلِيَّتِهِ وَجَبَ أَنْ لَا أَوَّلَ لَهُ وَ بِآخِرِيَّتِهِ وَجَبَ أَنْ لَا آخِرَ لَهُ وَ أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ شَهَادَةً يُوَافِقُ فِيهَا السِّرُّ الْإِعْلَانَ وَ الْقَلْبُ اللِّسَانَ.

أَيُّهَا النَّاسُ لا يَجْرِمَنَّكُمْ شِقَاقِي وَ لَا يَسْتَهْوِيَنَّكُمْ عِصْيَانِي وَ لَا تَتَرَامَوْا بِالْأَبْصَارِ عِنْدَ مَا تَسْمَعُونَهُ مِنِّي فَوَالَّذِي فَلَقَ الْحَبَّةَ وَ بَرَأَ النَّسَمَةَ إِنَّ الَّذِي أُنَبِّئُكُمْ بِهِ عَنِ النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ ص مَا كَذَبَ الْمُبَلِّغُ وَ لَا جَهِلَ السَّامِعُ لَكَأَنِّي أَنْظُرُ إِلَى ضِلِّيلٍ قَدْ نَعَقَ بِالشَّامِ وَ فَحَصَ بِرَايَاتِهِ فِي ضَوَاحِي كُوفَانَ.

فَإِذَا فَغَرَتْ فَاغِرَتُهُ وَ اشْتَدَّتْ شَكِيمَتُهُ وَ ثَقُلَتْ فِي الْأَرْضِ وَطْأَتُهُ عَضَّتِ الْفِتْنَةُ أَبْنَاءَهَا بِأَنْيَابِهَا وَ مَاجَتِ الْحَرْبُ بِأَمْوَاجِهَا وَ بَدَا مِنَ الْأَيَّامِ كُلُوحُهَا وَ مِنَ اللَّيَالِي كُدُوحُهَا فَإِذَا أَيْنَعَ زَرْعُهُ وَ قَامَ عَلَى يَنْعِهِ وَ هَدَرَتْ شَقَاشِقُهُ وَ بَرَقَتْ بَوَارِقُهُ عُقِدَتْ رَايَاتُ الْفِتَنِ الْمُعْضِلَةِ وَ أَقْبَلْنَ كَاللَّيْلِ الْمُظْلِمِ وَ الْبَحْرِ الْمُلْتَطِمِ هَذَا وَ كَمْ يَخْرِقُ الْكُوفَةَ مِنْ قَاصِفٍ وَ يَمُرُّ عَلَيْهَا مِنْ عَاصِفٍ وَ عَنْ قَلِيلٍ تَلْتَفُّ الْقُرُونُ بِالْقُرُونِ وَ يُحْصَدُ الْقَائِمُ وَ يُحْطَمُ الْمَحْصُود.

## ١٠١_ امام عليه السلام جو خطبو. هي انهن خطبن مان هڪ آهي جيڪي زماني جي سخت واقعن جي بيان تي مشتمل آهن

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جيڪو هر اول کان پهريائين اول آهي ۽ هر آخر کانپوءِ آخر آهي. ۽ سندس اوّل هجڻ ڪري ضروري آهي ته ڪو به ان کان اوّل نه هجي، ۽ سندس آخر هجڻ ڪري ضروري آهي ته ڪو به ان کان آخر نه هجي. ۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو ته الله کانسواءِ ڪو به معبود نه آهي. اهڙيءَ گواهي جنهن ۾ باطن ظاهر جي ۽ دل زبان جي مطابق آهي.

اي انسانؤ! منهنجي مخالفت توهان کي هرگز ڏوهن ۾ نه وجهي ۽ نه وري منهنجي نافرماني توهان کي حق کان موڙي ڇڏي. ۽ جڏهن توهان مونکان غيب جون خبرون ٻڌو ته هڪ ٻئي ڏي اکين جا اشارا نه ڪريو. بس قسم آهي ان ذات جو جنهن داڻي کي ڦٽايو ۽ انسانن کي پيدا ڪيو. جيڪا ڳالهه آءٌ توهان کي نبيءَ اُميءَ صلى الله عليه وآله کان ٻڌايان ٿو ان بابت نه پهچائڻ واري ڪوڙ هنيو ۽ نه ٻڌڻ وارو جاهل رهيو. حقيقتاً آءٌ هڪ گمراهه کي ڏسي رهيو آهيان جيڪو شام ۾ رَڙيون رهيو آهي. ۽ ڪوفي جي آس پاس پنهنجي جهنڊن کي کُوڙي رهيو آهي.

پوءِ جڏهن هو پنهنجو وات ڦاڙيندو، ۽ پنهنجو لغام پڪوڙيندو، ۽ زمين ۾ ان جو پير ڳرو ٿي ويندو ته فتنو پنهنجين ڏائُن سان فتني ۾ ڦاٿل ماڻهن کي ڪٽيندو. ۽ جنگ جي باهه پنهنجين موجن سان ڀڙڪي پوندي. ۽ ڏينهن سختين وارا ۽ راتيون تڪليفن واريون ٿي وينديون. پوءِ جڏهن سندس پوک پچي ويندي ته ڦَل پوک تي اچي بيهندو. ته سندس ڪِفون پيون وهندس ۽ سندس تلوارون پيون چمڪندس. ۽ سخت فتنن وارا جهنڊا کُپي ويندا، ۽ اهي اونداهيءَ رات ۽ موجون هڻندڙ سمنڊ وانگر وڌڻ لڳندا. اهو ياد رهيوَ ته، ڪيترين ئي آنڌيون ڪوفي کي برباد ڪنديون ۽ ڪيترائي طوفان ان مٿان گذرندا. ۽ عنقريب قومن جو قومن سان ٽڪر ٿيندو. ۽ بينل لُٽجي ويندو ۽ لُٽيل لتاڙجي ويندو.

# ١٠٢ ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*تجري هذا المجرى*
*و فيها ذكر يوم القيامة و أحوال الناس المقبلة*

## يوم القيامة

وَ ذَلِكَ يَوْمٌ يَجْمَعُ اللَّهُ فِيهِ الْأَوَّلِينَ وَالْآخِرِينَ لِنِقَاشِ الْحِسَابِ وَ جَزَاءِ الْأَعْمَالِ خُضُوعاً قِيَاماً قَدْ أَلْجَمَهُمُ الْعَرَقُ وَ رَجَفَتْ بِهِمُ الْأَرْضُ فَأَحْسَنُهُمْ حَالًا مَنْ وَجَدَ لِقَدَمَيْهِ مَوْضِعاً وَ لِنَفْسِهِ مُتَّسَعاً.

## حال مقبلة على الناس

و منها: فِتَنٌ كَقِطَعِ اللَّيْلِ الْمُظْلِمِ لَا تَقُومُ لَهَا قَائِمَةٌ وَ لَا تُرَدُّ لَهَا رَايَةٌ تَأْتِيكُمْ مَزْمُومَةً مَرْحُولَةً يَحْفِزُهَا قَائِدُهَا وَ يَجْهَدُهَا رَاكِبُهَا أَهْلُهَا قَوْمٌ شَدِيدٌ كَلَبُهُمْ قَلِيلٌ سَلَبُهُمْ يُجَاهِدُهُمْ فِي سَبِيلِ اللَّهِ قَوْمٌ أَذِلَّةٌ عِنْدَ الْمُتَكَبِّرِينَ فِي الْأَرْضِ مَجْهُولُونَ وَ فِي السَّمَاءِ مَعْرُوفُونَ فَوَيْلٌ لَكِ يَا بَصْرَةُ عِنْدَ ذَلِكِ مِنْ جَيْشٍ مِنْ نِقَمِ اللَّهِ لَا رَهَجَ لَهُ وَ لَا حَسَّ وَ سَيُبْتَلَى أَهْلُكِ بِالْمَوْتِ الْأَحْمَرِ وَ الْجُوعِ الْأَغْبَرِ.



# ١٠٣ ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*في التزهيد في الدنيا*

أَيُّهَا النَّاسُ انْظُرُوا إِلَى الدُّنْيَا نَظَرَ الزَّاهِدِينَ فِيهَا الصَّادِفِينَ عَنْهَا فَإِنَّهَا وَ اللَّهِ عَمَّا قَلِيلٍ تُزِيلُ الثَّاوِيَ السَّاكِنَ وَ تَفْجَعُ الْمُتْرَفَ الآمِنَ لَا يَرْجِعُ مَا تَوَلَّى مِنْهَا فَأَدْبَرَ وَ لَا يُدْرَى مَا هُوَ آتٍ مِنْهَا فَيُنْتَظَرَ سُرُورُهَا مَشُوبٌ بِالْحُزْنِ وَ جَلَدُ الرِّجَالِ فِيهَا إِلَى الضَّعْفِ وَ الْوَهْنِ فَلَا يَغُرَّنَّكُمْ كَثْرَةُ مَا يُعْجِبُكُمْ فِيهَا لِقِلَّةِ مَا يَصْحَبُكُمْ مِنْهَا رَحِمَ اللَّهُ امْرَأً تَفَكَّرَ فَاعْتَبَرَ وَ اعْتَبَرَ فَأَبْصَرَ.

## ١٠٢_ امام عليه السلام جو خطبو. امام عليه السلام جو هي خطبو به اڳين طريقي تي جاري آهي ۽ هن ۾ قيامت جي ڏينهن ۽ ماڻهن کي پيش ايندڙ حالتن جو ذکر آهي.

### قيامت جو ڏينهن

اِهو اُهو ڏينهن هوندو جنهن ۾ الله تعالىٰ حساب جي پُڇا ڳاڇا ۽ عملن جي جزا لاءِ سيني پهريَن ۽ پوين کي بيوسي ۽ بينل حالت ۾ گڏ ڪندو. جو پَگهرُ انهن کي لغام ڏئي ڇڏيندو. ۽ زمين کين ڏڪائيندي. پوءِ انهن مان ڀلو حال ان جو هوندو جيڪو پنهنجي پَيرن لاءِ جاءِ پائي ۽ پنهنجي ساه ڪڻڻ لاءِ سولائي حاصل ڪري.

### ماڻهن تي پيش ايندڙ حالات جي باري ۾

**۽ انهيءَ منجهان:** اونداهيءَ رات جي ٽڪڙن وانگر فتنا هوندا. جو ڪو بيهڻ وارو انهن ۾ بيهي نہ سگهندو، ۽ نہ وري انهن جا جهنڊا موٽايا ويندا. جيڪي توهان وٽ سنجيل ڏاچيءَ وانگر تي ڪري ايندا. جنهن جو اڳواڻ ڪيس هڪليندو ۽ سندس سوار مٿس بار پيو وجهندو. ۽ اهي فتني وارا اهڙا ماڻهو هوندا جيڪي تڪليف ڏيڻ ۾ سخت ۽ قُرلت ۾ گهٽ هوندا. ۽ انهن سان الله جي راهہ ۾ اهڙي قوم جهاد ڪندي جيڪا تڪبر ڪندڙن جي نگاهہ ۾ پست، زمين ۾ اڻ ڄاتل ۽ آسمان ۾ سڃاتل هوندي. اي بصره پوءِ ان وقت تو تي ڏمر هجي ان لشڪر جي هٿان جيڪو الله تعالىٰ طرفان عذاب هوندو. جنهن سان نہ ڌوڙ اٿندي ۽ نہ گوڙ گهمسان ٿيندو. ۽ عنقريب تنهنجي شهر وارا قتلِ عام ۽ ڏڪار ۾ مبتلا ٿي ويندا.



## ١٠٣_ امام عليه السلام جو خطبو. دنيا کان زهد اختيار ڪرڻ جي باري ۾ آهي

اي انسانؤ! دنيا ڏانهن زاهدن ۽ انکان پاسو ڪندڙن جي نظر سان ڏسو. الله جو قسم اها ڪجهہ ئي عرصي ۾ پنهنجي رهندڙن کي مِٽائي ڇڏيندي. ۽ پُرسڪون مغرور ماڻهوءَ کي اوچتو برباد ڪندي. جيڪا شيءِ انکان منهن موڙيندي اُها نہ ورندي ۽ ان جي اچڻ واري شيءِ جي بہ ڪا خبر ڪانهي جو ان جو انتظار ڪيو وڃي.

۽ انجا سُک بہ ڏُکن سان گڏ آهن. ۽ ان ۾ ماڻهن جي طاقت ڪمزوريءَ ڏانهن روان آهي. بس دنيا ۾ توهان جي وڻندڙ شين جي گهٽائي توهان کي ڌوکي ۾ نہ وجهي. ان لاءِ جو انهن مان توهان سان گڏ ٿوريون شيون هونديون. الله تعالىٰ رحم ڪري ان ماڻهوءَ تي جنهن سوچ ۽ ويچار ڪيو تہ عبرت حاصل ڪئي ۽ عبرت حاصل ڪئي تہ بابصيرت ٿيو.

فَكَأَنَّ مَا هُوَ كَائِنٌ مِنَ الدُّنْيَا عَنْ قَلِيلٍ لَمْ يَكُنْ وَ كَأَنَّ مَا هُوَ كَائِنٌ مِنَ الْآخِرَةِ عَمَّا قَلِيلٍ لَمْ يَزَلْ وَ كُلُّ مَعْدُودٍ مُنْقَضٍ وَ كُلُّ مُتَوَقَّعٍ آتٍ وَ كُلُّ آتٍ قَرِيبٌ دَانٍ.

## صفة العالم

و منها: الْعَالِمُ مَنْ عَرَفَ قَدْرَهُ وَ كَفَى بِالْمَرْءِ جَهْلًا أَلَّا يَعْرِفَ قَدْرَهُ وَ إِنَّ مِنْ أَبْغَضِ الرِّجَالِ إِلَى اللَّهِ تَعَالَى لَعَبْداً وَكَلَهُ اللَّهُ إِلَى نَفْسِهِ جَائِراً عَنْ قَصْدِ السَّبِيلِ سَائِراً بِغَيْرِ دَلِيلٍ إِنْ دُعِيَ إِلَى حَرْثِ الدُّنْيَا عَمِلَ وَ إِنْ دُعِيَ إِلَى حَرْثِ الْآخِرَةِ كَسِلَ كَأَنَّ مَا عَمِلَ لَهُ وَاجِبٌ عَلَيْهِ وَ كَأَنَّ مَا وَنَى فِيهِ سَاقِطٌ عَنْهُ.

## آخر الزمان

و منها: وَ ذَلِكَ زَمَانٌ لَا يَنْجُو فِيهِ إِلَّا كُلُّ مُؤْمِنٍ نُوَمَةٍ إِنْ شَهِدَ لَمْ يُعْرَفْ وَ إِنْ غَابَ لَمْ يُفْتَقَدْ أُولَئِكَ مَصَابِيحُ الْهُدَى وَ أَعْلَامُ السُّرَى لَيْسُوا بِالْمَسَايِيحِ وَ لَا الْمَذَايِيعِ الْبُذُرِ أُولَئِكَ يَفْتَحُ اللَّهُ لَهُمْ أَبْوَابَ رَحْمَتِهِ وَ يَكْشِفُ عَنْهُمْ ضَرَّاءَ نِقْمَتِهِ أَيُّهَا النَّاسُ سَيَأْتِي عَلَيْكُمْ زَمَانٌ يُكْفَأُ فِيهِ الْإِسْلَامُ كَمَا يُكْفَأُ الْإِنَاءُ بِمَا فِيهِ أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّ اللَّهَ قَدْ أَعَاذَكُمْ مِنْ أَنْ يَجُورَ عَلَيْكُمْ وَ لَمْ يُعِذْكُمْ مِنْ أَنْ يَبْتَلِيَكُمْ وَ قَدْ قَالَ جَلَّ مِنْ قَائِلٍ "إِنَّ فِي ذلِكَ لَآياتٍ وَ إِنْ كُنَّا لَمُبْتَلِينَ".

قال السيد الشريف الرضي: أما قوله عليه السلام "كل مؤمن نومة" فإنما أراد به الخامل الذكر القليل الشر. و المساييح جمع مسياح و هو الذي يسيح بين الناس بالفساد و النمائم. و المذاييع جمع مذياع و هو الذي إذا سمع لغيره بفاحشة أذاعها و نوه بها. و البذر جمع بذور و هو الذي يكثر سفهه و يلغو منطقه.

بس دنيا جون موجود شيون عنقريب ائين ٿينديون جڻ هيون ئي نه، ۽ آخرت جون موجود شيون عنقريب ائين ٿي وينديون جو جڻ ختم ئي نه ٿينديون. ۽ هر ڳٽيل شيءِ ختم ٿيڻ واري آهي ۽ هر اميد ڪيل شيءِ اچڻ واري آهي ۽ هر اچڻ واري شيءِ بلڪل ويجهو آهي.

### عالم جي صفت بابت

**۽ انهيءَ منجهان:** عالم اهو آهي جيڪو پنهنجي قدر کي ڄاڻي ۽ انسان جي ناداني لاءِ بس اهو ڪافي آهي ته هو پنهنجي قدر کي نه ڄاڻي. ۽ بيشڪ الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ ان جي ڌمر هيٺ اهو ٻانهو آهي جنهن کي الله تعاليٰ سندس نفس جي حوالي ڪري ڇڏي. جيڪو درمياني رستي کان ڀٽڪڻ وارو ۽ بغير دليل جي هلڻ وارو آهي. اگر دنيا جي کيتيءَ ڏانهن سڏيو وڃي ٿو ته عمل ڪري ٿو ۽ اگر آخرت جي کيتيءَ ڏانهن سڏيو وڃي ٿو ته سُستي ڪري ٿو. ته جنهن لاءِ هن عمل ڪيو جڻ مٿس واجب هو ۽ جنهن ۾ هن سُستي ڪئي جڻ ڪانئس معاف هو.

### آخري زماني جي باري ۾

**۽ انهيءَ منجهان:** ۽ اهو اهڙو زمانو هوندو جنهن ۾ نجات نه پائيندو سواءِ هر سُتل مومن جي. اگر هو حاضر هوندو ته نه سڃاتو ويندو ۽ اگر هو غائب هوندو ته ان بابت نه پڇيو ويندو. اهي ئي هدايت جا چراغ ۽ اونداهيءَ رات ۾ هلڻ وارن لاءِ نشان آهن. اُهي نه فساد ڪرائڻ وارا آهن ۽ نه فاحشيءَ کي پکيڙڻ وارا ابوجهه آهن. ۽ هي اُهي آهن جن لاءِ الله تعاليٰ پنهنجي رحمت جا در کولي ٿو. ۽ کانئن پنهنجو عذاب هٽائي ٿو. اي انسانؤ! توهان تي اهڙو زمانو ايندو جنهن ۾ اسلام کي ائين ابتو ڪيو ويندو جيئن ٿانو کي منجهس شين سميت ابتو ڪيو ويندو آهي. اي انسانؤ! بيشڪ الله تعاليٰ توهان تي ظلم ڪرڻ کان توهان کي پناهه ۾ رکيو آهي. ۽ توهان جي پرکڻ کان توهان کي ناهي بچايو. ۽ بيشڪ ان ذات فرمايو آهي جيڪا هر چوڻ واري کان بزرگ آهي "بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن ۽ يقيناً اسان پرکڻ وارا آهيون".



سيد رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام جي هن فرمان "هر سُتل مومن" ۾ امام عليه السلام جي مراد گمنام ۽ شر کان بچيل مومن جي آهي. ۽ "مسابيح" مسياح جو جمع آهي، ان ماڻهو کي چئبو آهي جيڪو ماڻهن ۾ ڏقيڙ وجهندو آهي ۽ چغل خوري ڪندو آهي. ۽ "مذاييع" مذياع جو جمع آهي، ان ماڻهو کي چئبو آهي جيڪو ڪنهن جي بڇڙي ڳالهه ٻڌي ته انکي عام ڪري ۽ ان بابت ماڻهن کي ٻڌاءِ. ۽ "بذر" بذور جو جمع آهي هي ان ماڻهو کي چئبو آهي جيڪو گهڻي بيوقوفي ڪري ۽ فضوليات بڪي.

# ١٠٤ ـ و من خطبة له عليه السلام

أَمَّا بَعْدُ : فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ بَعَثَ مُحَمَّداً صلى الله عليه وآله وَ لَيْسَ أَحَدٌ مِنَ الْعَرَبِ يَقْرَأُ كِتَاباً وَ لَا يَدَّعِي نُبُوَّةً وَ لَا وَحْياً فَقَاتَلَ بِمَنْ أَطَاعَهُ مَنْ عَصَاهُ يَسُوقُهُمْ إِلَى مَنْجَاتِهِمْ وَ يُبَادِرُ بِهِمُ السَّاعَةَ أَنْ تَنْزِلَ بِهِمْ يَحْسِرُ الْحَسِيرُ وَ يَقِفُ الْكَسِيرُ فَيُقِيمُ عَلَيْهِ حَتَّى يُلْحِقَهُ غَايَتَهُ إِلَّا هَالِكاً لَا خَيْرَ فِيهِ حَتَّى أَرَاهُمْ مَنْجَاتَهُمْ وَ بَوَّأَهُمْ مَحَلَّتَهُمْ فَاسْتَدَارَتْ رَحَاهُمْ وَ اسْتَقَامَتْ قَنَاتُهُمْ وَ ايْمُ اللَّهِ لَقَدْ كُنْتُ مِنْ سَاقَتِهَا حَتَّى تَوَلَّتْ بِحَذَافِيرِهَا وَ اسْتَوْسَقَتْ فِي قِيَادِهَا مَا ضَعُفْتُ وَ لَا جَبُنْتُ وَ لَا خُنْتُ وَ لَا وَهَنْتُ وَ ايْمُ اللَّهِ لَأَبْقُرَنَّ الْبَاطِلَ حَتَّى أُخْرِجَ الْحَقَّ مِنْ خَاصِرَتِهِ.

قال السيد الشريف الرضي: و قد تقدم مختار هذه الخطبة إلا أنني وجدتها في هذه الرواية على خلاف ما سبق من زيادة و نقصان فأوجبت الحال إثباتها ثانية.

# ١٠٥ ـ و من خطبة له عليه السلام

*في بعض صفات الرسول الكريم و تهديد بني أمية و عظة الناس*

## الرسول الكريم

حَتَّى بَعَثَ اللَّهُ مُحَمَّداً صلى الله عليه وآله شَهِيداً وَ بَشِيراً وَ نَذِيراً خَيْرَ الْبَرِيَّةِ طِفْلًا وَ أَنْجَبَهَا كَهْلًا وَ أَطْهَرَ الْمُطَهَّرِينَ شِيمَةً وَ أَجْوَدَ الْمُسْتَمْطَرِينَ دِيمَةً.

## ١٠٤_ امام عليه السلام جو خطبو

اما بعد: بيشڪ الله سبحانہ محمد صلي الله عليه وآله وسلم کي ان وقت موڪليو جڏھن عربن ۾ ڪو بہ نہ ھيو جيڪو ڪتاب کي پڙھندو ھجي ۽ نہ نبوت ۽ وحي جي دعوىٰ ڪندو ھجي. پوءِ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم پنھنجي فرمانبردارن سان گڏ نافرمانن سان جھاد ڪيو. ۽ ماڻھن کي نجات ڏانھن وٺي آيا. ۽ انھن کي آخرت جي طرف جلدي ڪرائي جو اھا وٺن اچڻ واري آھي. جڏھن ڪو ٿڪل ٿڪجي پيو ۽ بيحال بيھي رھيو تہ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم ان مٿان بيھي رھيا تان جو ڪيس منزل تائين پھچائين. سواءِ ان ھلاڪ ٿيڻ واري جي جنھن ۾ ڪا بہ ڀلائي نہ آھي. تان جو انھن کي سندن نجات جون جايون ڏيکاريون ۽ کين سندن مقامات تائين پھچايو.

پوءِ جڏھن انھن جو چرخو ڦرڻ لڳو ۽ سندن نيزا مضبوط ٿي ويا. الله جو قسم آءٌ دشمن جي جماعت کي ڀڄائڻ وارن مان ھيس. ايستائين جو اُھي سڀ جا سڀ ڀڄي ويا. ۽ پوءِ ھي سڀ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي اڳواٽي ۾ اچي گڏ ٿيا. نہ آءٌ ڪڏھن ڪمزرو ٿيس، ۽ نہ وري ڪڏھن بزدل ٿيس، ۽ نہ خيانت ڪيم ۽ نہ وري ڪڏھن سُستي ڏيکاري.

الله جو قسم باطل کي چيري ان جي کُک مان حق کي ڪيندس.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: ھن خطبي جو چونڊ ڪلام پھريائين گذري چڪو آھي پر مون ھن روايت ۾ اڳين ڪلام جي برخلاف گھٽ وڌ پاتو پوءِ صورتحال انکي ٻيھر ذڪر ڪرڻ جو تقاضا ڪيو.



## ١٠٥_ امام عليه السلام جو خطبو

### جنھن ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جون ڪجھ صفتون ۽ بني اميہ کي ڌمڪي ۽ ماڻھن کي نصيحت جو بيان آھي

### پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم

تان جو الله تعالىٰ محمد صلي الله عليه وآله وسلم کي گواھي ۽ خوشخبري ڏيڻ وارا ۽ ديڄارڻ وارا ڪري موڪليو. جيڪي ننڍپڻ ۾ مخلوق مان سڀ کان وڌيڪ ڀلا ۽ پوڙھائپ ۾سڀ کان وڌيڪ شريف ھئا. ۽ اخلاق ۾ سڀني پاڪيزھ ماڻھن کان وڌيڪ پاڪ ۽ سخاوت ڪرڻ وارن مان سڀني کان وڌيڪ سخي ھئا.

## بنو أمية

فَمَا احْلَوْلَتْ لَكُمُ الدُّنْيَا فِي لَذَّتِهَا وَ لَا تَمَكَّنْتُمْ مِنْ رَضَاعِ أَخْلَافِهَا إِلَّا مِنْ بَعْدِ مَا صَادَفْتُمُوهَا جَائِلًا خِطَامُهَا قَلِقاً وَضِينُهَا قَدْ صَارَ حَرَامُهَا عِنْدَ أَقْوَامٍ بِمَنْزِلَةِ السِّدْرِ الْمَخْضُودِ وَ حَلَالُهَا بَعِيداً غَيْرَ مَوْجُودٍ وَ صَادَفْتُمُوهَا وَ اللَّهِ ظِلًّا مَمْدُوداً إِلَى أَجْلٍ مَعْدُودٍ فَالْأَرْضُ لَكُمْ شَاغِرَةٌ وَ أَيْدِيكُمْ فِيهَا مَبْسُوطَةٌ وَ أَيْدِي الْقَادَةِ عَنْكُمْ مَكْفُوفَةٌ وَ سُيُوفُكُمْ عَلَيْهِمْ مُسَلَّطَةٌ وَ سُيُوفُهُمْ عَنْكُمْ مَقْبُوضَةٌ أَلَا وَ إِنَّ لِكُلِّ دَمٍ ثَائِراً وَ لِكُلِّ حَقٍّ طَالِباً وَ إِنَّ الثَّائِرَ فِي دِمَائِنَا كَالْحَاكِمِ فِي حَقِّ نَفْسِهِ وَ هُوَ اللَّهُ الَّذِي لَا يُعْجِزُهُ مَنْ طَلَبَ وَ لَا يَفُوتُهُ مَنْ هَرَبَ فَأُقْسِمُ بِاللَّهِ يَا بَنِي أُمَيَّةَ عَمَّا قَلِيلٍ لَتَعْرِفُنَّهَا فِي أَيْدِي غَيْرِكُمْ وَ فِي دَارِ عَدُوِّكُمْ أَلَا إِنَّ أَبْصَرَ الْأَبْصَارِ مَا نَفَذَ فِي الْخَيْرِ طَرْفُهُ أَلَا إِنَّ أَسْمَعَ الْأَسْمَاعِ مَا وَعَى التَّذْكِيرَ وَ قَبِلَهُ.

## وعظ الناس

أَيُّهَا النَّاسُ اسْتَصْبِحُوا مِنْ شُعْلَةِ مِصْبَاحٍ وَاعِظٍ مُتَّعِظٍ وَ امْتَاحُوا مِنْ صَفْوِ عَيْنٍ قَدْ رُوِّقَتْ مِنَ الْكَدَرِ عِبَادَ اللَّهِ لَا تَرْكَنُوا إِلَى جَهَالَتِكُمْ وَ لَا تَنْقَادُوا لِأَهْوَائِكُمْ فَإِنَّ النَّازِلَ بِهَذَا الْمَنْزِلِ نَازِلٌ بِشَفَا جُرُفٍ هَارٍ يَنْقُلُ الرَّدَى عَلَى ظَهْرِهِ مِنْ مَوْضِعٍ إِلَى مَوْضِعٍ لِرَأْيٍ يُحْدِثُهُ بَعْدَ رَأْيٍ يُرِيدُ أَنْ يُلْصِقَ مَا لَا يَلْتَصِقُ وَ يُقَرِّبَ مَا لَا يَتَقَارَبُ فَاللَّهَ اللَّهَ أَنْ تَشْكُوا إِلَى مَنْ لَا يُشْكِي شَجْوَكُمْ وَ لَا يَنْقُضُ بِرَأْيِهِ مَا قَدْ أَبْرَمَ لَكُمْ إِنَّهُ لَيْسَ عَلَى الْإِمَامِ إِلَّا مَا حُمِّلَ مِنْ أَمْرِ رَبِّهِ الْإِبْلَاغُ فِي الْمَوْعِظَةِ وَ الِاجْتِهَادُ فِي النَّصِيحَةِ وَ الْإِحْيَاءُ لِلسُّنَّةِ وَ إِقَامَةُ الْحُدُودِ عَلَى مُسْتَحِقِّيهَا وَ إِصْدَارُ السُّهْمَانِ عَلَى أَهْلِهَا.

## بنواميہ

بس توهان لاءِ دنيا پنهنجي مزن سُوڙي مِني نہ ٿئي ۽ نہ وري توهان دنيا جا ٿڻ پنهنجي قابو ۾ ڪيا مگر توهان انڪي ان حال ۾ پاتو جو ان جي مهار ڍريءَ ۽ تنگ لُڏي رهيو هو. ۽ هڪ قوم وٽ دنيا جو حرام ڇلهيل ٻير وانگر ۽ ان جو حلال پري اڻ لپ ٿي ويو. الله جو قسم توهان دنيا کي محدود مدت تائين ڊگهو ڇاڇو پاتو آهي. بس زمين توهان لاءِ خالي آهي. ۽ ان ۾ توهانجا هٿ بہ کُليل آهن. ۽ اڳواڻن جا هٿ توهان کان ٻڌل آهن. ۽ توهان جون تلوارون مٿن مسلط آهن. ۽ انهن جون تلوارون توهان کان بند آهن. ۽ ياد رکو تہ هر خون جو پلاند وٺڻ وارو ۽ هر حق جي لاءِ گُهر ڪرڻ وارو آهي. ۽ اسانجي خون جو پلاند ڪندڙ جڻ پنهنجي حق ۾ فيصلو ڪندڙ آهي. هو اهو الله آهي طلب ڪرڻ وارو ڪيس بي وس نٿو ڪري سگهي. ۽ ڀڄڻ وارو ڪانئس ڀڄي نٿو سگهي. پوءِ آءٌ الله جو قسم کڻان ٿو، اي بني اميہ عنقريب توهان پنهنجي دنيا کي ٻين جي هٿن ۾ ۽ پنهنجي دشمنن جي گهرن ۾ ڏسندو. ياد رکو! تہ وڌيڪ ڏسڻ واري اک اها آهي جيڪا ڀلائيءَ کي ڏسي، ۽ وڌيڪ ٻڌندڙ اهو ڪن آهي جيڪو نصيحت کي ياد رکي ۽ انکي قبول ڪري.

## ماڻهن کي نصيحت

اي انسانؤ! باعمل واعظ جي ڏيئي جي لاٽَ مان سوجهرو حاصل ڪريو. ۽ سُني چشمي کان پاڻي پيئو جيڪو ميراڻ کان صاف ٿيل آهي. الله جا ٻانهؤ! پنهنجي جهالت ڏانهن نہ جهڪو. ۽ پنهنجي خواهشن جي پيروي نہ ڪريو. بيشڪ هن گهر ۾ اچڻ وارو ڪاڏل ڪپرَ تي اچڻ واري وانگر آهي. ۽ هلاڪت کي پنهنجيءَ پُنيءَ تي هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ ڏانهن کڻڻ وارو آهي، ان راءِ جي ڪري جنهن کي هو هڪ راءِ کان پوءِ ناهي ٿو. ۽ هو انکي ملائڻ چاهي ٿو جيڪا ملي نٿي سگهي. ۽ انکي ويجهو ڪرڻ چاهي ٿو جيڪا ويجهو نٿي ٿي سگهي. الله کان ڊڄو! ان شخص کي دانهن ڏيڻ کان جيڪو توهان جي ضرورت کي پورو نہ ڪري. ۽ جيڪو پنهنجي راءِ سان انکي نہ ٽوڙي جيڪا مشڪل هن پاڻ توهان لاءِ ايجاد ڪئي آهي. بيشڪ امام جي مٿان نہ آهي سواءِ ان جي رب جي امر جي جنهن جي هنکي ذميواري ڏني وئي آهي. تہ ماڻهن کي مهل موقعي تي وعظ ڪري ۽ نصيحت ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪري. سنت کي زنده ڪري، ۽ ڏوهارين تي حدن کي جاري ڪري، ۽ حقدارن تائين انهن جو حق پهچائي.

فَبَادِرُوا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِ تَصْوِيحِ نَبْتِهِ وَ مِنْ قَبْلِ أَنْ تُشْغَلُوا بِأَنْفُسِكُمْ عَنْ مُسْتَثَارِ الْعِلْمِ مِنْ عِنْدِ أَهْلِهِ وَ انْهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ وَ تَنَاهَوْا عَنْهُ فَإِنَّمَا أُمِرْتُمْ بِالنَّهْيِ بَعْدَ التَّنَاهِي.

## ١٠٦ ـ و من خطبة له عليه السلام

*و فيها يبين فضل الإسلام و يذكر الرسول الكريم ثم يلوم أصحابه*

### دين الإسلام

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي شَرَعَ الْإِسْلَامَ فَسَهَّلَ شَرَائِعَهُ لِمَنْ وَرَدَهُ وَ أَعَزَّ أَرْكَانَهُ عَلَى مَنْ غَالَبَهُ فَجَعَلَهُ أَمْناً لِمَنْ عَلِقَهُ وَ سِلْماً لِمَنْ دَخَلَهُ وَ بُرْهَاناً لِمَنْ تَكَلَّمَ بِهِ وَ شَاهِداً لِمَنْ خَاصَمَ عَنْهُ وَ نُوراً لِمَنِ اسْتَضَاءَ بِهِ وَ فَهْماً لِمَنْ عَقَلَ وَ لُبّاً لِمَنْ تَدَبَّرَ وَ آيَةً لِمَنْ تَوَسَّمَ وَ تَبْصِرَةً لِمَنْ عَزَمَ وَ عِبْرَةً لِمَنِ اتَّعَظَ وَ نَجَاةً لِمَنْ صَدَّقَ وَ ثِقَةً لِمَنْ تَوَكَّلَ وَ رَاحَةً لِمَنْ فَوَّضَ وَ جُنَّةً لِمَنْ صَبَرَ فَهُوَ أَبْلَجُ الْمَنَاهِجِ وَ أَوْضَحُ الْوَلَائِجِ مُشْرِفُ الْمَنَارِ مُشْرِقُ الْجَوَادِّ مُضِيءُ الْمَصَابِيحِ كَرِيمُ الْمِضْمَارِ رَفِيعُ الْغَايَةِ جَامِعُ الْحَلْبَةِ مُتَنَافِسُ السُّبْقَةِ شَرِيفُ الْفُرْسَانِ التَّصْدِيقُ مِنْهَاجُهُ وَ الصَّالِحَاتُ مَنَارُهُ وَ الْمَوْتُ غَايَتُهُ وَ الدُّنْيَا مِضْمَارُهُ وَ الْقِيَامَةُ حَلْبَتُهُ وَ الْجَنَّةُ سُبْقَتُهُ.

### و منها في ذكر النبي صلى الله عليه وآله

حَتَّى أَوْرَى قَبَساً لِقَابِسٍ وَ أَنَارَ عَلَماً لِحَابِسٍ فَهُوَ أَمِينُكَ الْمَأْمُونُ وَ شَهِيدُكَ يَوْمَ الدِّينِ وَ بَعِيثُكَ نِعْمَةً وَ رَسُولُكَ بِالْحَقِّ رَحْمَةً.

بس علم حاصل ڪرڻ ۾ جلدي ڪريو ان جي ٻوٽي جي سُڪڻ کان پھريائين. ۽ اھلِ علم وٽان علم پرايو پنھنجي نفسن کي ٻين ڪمن ۾ مصروف ڪرڻ کان پھريائين. ۽ توھان برائيءَ کان رُوڪجي وڃو ۽ ٻين کي بہ انکان روڪيو. بيشڪ توھان کي روڪڻ جو حڪم ڏنو ويو آھي پنھنجي روڪجڻ کانپوءِ.

## ١٠٦_ امام عليه السلام جو خطبو

### جنھن ۾ امام عليه السلام اسلام جي فضيلت بيان ڪئي آھي ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جو ذڪر ڪيو آھي ۽ پوءِ پنھنجي اصحاب کي ملامت ڪئي آھي

### دين اسلام

سڀ ساراھون ان الله لاءِ آھن، جنھن اسلام کي دستور بڻايو، ۽ سندس قانونن کي ان جي اختيار ڪرڻ وارن لاءِ آسان ڪيو، ۽ ان جي رڪنن کي ان جي حريفن تي مضبوط ڪيو، ۽ ھُن انکي جيڪو ان سان وابستہ ٿئي ان لاءِ امن، ۽ جيڪو ان ۾ داخل ٿئي ان لاءِ سلامتيءَ، ۽ جيڪو ان ذريعي ڳالھائي ان لاءِ بُرھان، ۽ جيڪو ان جي باري ۾ بحث ڪري ان لاءِ گواہ، ۽ جيڪو ان مان روشني وٺي ان لاءِ نور، ۽ جيڪو سمجھڻ چاھي ان لاءِ سمجھہ، ۽ جيڪو ان ۾ غور ۽ فڪر ڪري ان لاءِ عقل، ۽ جيڪو نشان ڳولھي ان لاءِ نشاني، ۽ جيڪو پڪو پھہ ڪري ان لاءِ بصيرت، ۽ جيڪو نصيحت وٺي ان لاءِ نصيحت، ۽ جيڪو تصديق ڪري ان لاءِ نجات، ۽ جيڪو توڪل ڪري ان لاءِ ڀروسو، ۽ جيڪو پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ان لاءِ سڪون، ۽ جيڪو صبر ڪري ان لاءِ ڍال قرار ڏنو آھي. بس اسلام سڀ کان وڏيڪ چٽو رستو، ۽ سڀ کان مضبوط پناھگاھ آھي، ۽ اھو بلند مينار، وڏو رستو، روشن ڏيئو، عزت وارو ميدان، عظيم مقصد، سعادتن کي گڏ ڪرڻ وارو، جزا ڏانھن سبقت ڪرڻ وارو، ۽ عزت وارو سوار آھي. تصديق ان جو طريقو، صالح عمل ان جو مينار، موت ان جي پڄاڻي، دنيا ان جي عمل جي جاءِ، قيامت ان جي بدلي جي جاءِ ۽ جنت ان جي جزا آھي.

### انھيءَ منجھان، نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي ذڪر بابت

ايستائين جو ھن روشني ڳولھيندڙ لاءِ لاٽ ٻاريءَ، ۽ رستو وڃائيندڙ لاءِ نشان روشن ڪيو، اي الله بس ھو تنھنجو امانت دار امين، جزا جي ڏينھن تنھنجو گواھ، نعمت طور تنھنجو موڪيل، ۽ رحمت طور تنھنجو برحق رسول آھي.

اللَّهُمَّ اقْسِمْ لَهُ مَقْسَماً مِنْ عَدْلِكَ وَ اجْزِهِ مُضَعَّفَاتِ الْخَيْرِ مِنْ فَضْلِكَ اللَّهُمَّ أَعْلِ عَلَى بِنَاءِ الْبَانِينَ بِنَاءَهُ وَ أَكْرِمْ لَدَيْكَ نُزُلَهُ وَ شَرِّفْ عِنْدَكَ مَنْزِلَهُ وَ آتِهِ الْوَسِيلَةَ وَ أَعْطِهِ السَّنَاءَ وَ الْفَضِيلَةَ وَ احْشُرْنَا فِي زُمْرَتِهِ غَيْرَ خَزَايَا وَ لَا نَادِمِينَ وَ لَا نَاكِبِينَ وَ لَا نَاكِثِينَ وَ لَا ضَالِّينَ وَ لَا مُضِلِّينَ وَ لَا مَفْتُونِينَ.

قال الشريف: و قد مضى هذا الكلام فيما تقدم إلا أننا كررناه هاهنا لما في الروايتين من الاختلاف.

## و منها في خطاب أصحابه

وَ قَدْ بَلَغْتُمْ مِنْ كَرَامَةِ اللَّهِ تَعَالَى لَكُمْ مَنْزِلَةً تُكْرَمُ بِهَا إِمَاؤُكُمْ وَ تُوصَلُ بِهَا جِيرَانُكُمْ وَ يُعَظِّمُكُمْ مَنْ لَا فَضْلَ لَكُمْ عَلَيْهِ وَ لَا يَدَ لَكُمْ عِنْدَهُ وَ يَهَابُكُمْ مَنْ لَا يَخَافُ لَكُمْ سَطْوَةً وَ لَا لَكُمْ عَلَيْهِ إِمْرَةٌ وَ قَدْ تَرَوْنَ عُهُودَ اللَّهِ مَنْقُوضَةً فَلَا تَغْضَبُونَ وَ أَنْتُمْ لِنَقْضِ ذِمَمِ آبَائِكُمْ تَأْنَفُونَ.

وَ كَانَتْ أُمُورُ اللَّهِ عَلَيْكُمْ تَرِدُ وَ عَنْكُمْ تَصْدُرُ وَ إِلَيْكُمْ تَرْجِعُ فَمَكَّنْتُمُ الظَّلَمَةَ مِنْ مَنْزِلَتِكُمْ وَ أَلْقَيْتُمْ إِلَيْهِمْ أَزِمَّتَكُمْ وَ أَسْلَمْتُمْ أُمُورَ اللَّهِ فِي أَيْدِيهِمْ يَعْمَلُونَ بِالشُّبُهَاتِ وَ يَسِيرُونَ فِي الشَّهَوَاتِ.

وَ ايْمُ اللَّهِ لَوْ فَرَّقُوكُمْ تَحْتَ كُلِّ كَوْكَبٍ لَجَمَعَكُمُ اللَّهُ لِشَرِّ يَوْمٍ لَهُمْ.

اي الله پنهنجي عدل سان انکي ناهوکو حصو عطا کر. ۽ پنهنجي فضل سان انکي جهجهي خير جي جزا عطا کر. اي الله هنجي عمارت کي عمارت ناهڻ وارن جي عمارت تي فوقيت عطا کر، ۽ پاڻ وٽ هنجي مانائتي مهماني کر، ۽ پاڻ وٽ هنجي منزلت کي شرف بخش، ۽ انکي عالي مقام تي پهچڻ جو سبب عطا فرماء، ۽ انکي بلندي ۽ فضيلت ڏي، ۽ اسانکي ان جي جماعت ۾ محشور فرماء، اهڙيءَ طرح جو نہ رسوائي هجي ۽ نہ پشيماني، نہ ٿڙيل هجون ۽ نہ عهد ٽوڙيندڙ، نہ گمراه هجون ۽ نہ گمراه کندڙ، ۽ نہ وري ڌوکي کاڌل هجون.

سيد رضي ؒ فرمايو: هي کلام پهريائين بہ گذري چڪو آهي پر اسان هتي ان جو انکري تکرار کيو آهي جو ٻنهي روايتن ۾ لفظي فرق آهي.

## انهيءَ منجهان، پنهنجي اصحاب کي خطاب بابت

بيشڪ الله تعالىٰ جي کرم سان توهان اهڙي مرتبي تي پهتؤ جو جنهن سان توهان جي ٻانهين جي عزت کئي وئي، ۽ توهان جي پاڙيسرين کي بہ ماڻُ ڏنو ويو، ۽ اُهي ماڻهو بہ توهان جي تعظيم کرڻ لڳا جن تي اوهان جي کا بہ فضيلت نہ هئي، ۽ نہ وري توهان جو انهن مٿان کو احسان هو، ۽ اهي ماڻهو بہ توهان کان ڊڄڻ لڳا جن کي توهان کان هڪ لڪڻ جو بہ خوف نہ هيو، ۽ نہ وري توهان جي مٿن حکومت هئي، توهان الله جي عَهدن کي ٽُٽل ڏسو ٿا پر توهان غضبناڪ نٿا ٿيو! پر پنهنجي وڏڙن جي عَهد ٽُٽڻ تي توهان پڙکي پئو ٿا.

الله تعالىٰ جا امور توهان وٽ ئي ايندا هئا ۽ توهان جي ئي ذريعي جاري ٿيندا هئا. ۽ توهان ڏي ئي موٽندا هئا. پوءِ توهان پنهنجون جايون ظالمن جي حوالي کري ڇڏيون، ۽ پنهنجون واڳون انهن ڏانهن اچلائي ڇڏيون، ۽ الله جا امور انهن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيا. جيکي شُبهن تي عمل کندا آهن، ۽ خواهشن مطابق هلندا آهن.

الله جو قسم، اگر اهي توهان کي هر ستاري جي هيٺان پکيڙي بہ ڇڏين تڏهن بہ الله تعالىٰ توهان کي ضرور ان ڏينهن گڏ کندو جيکو انهن لاءِ بُرو آهي.

## ١٠٧ ـ و من كلام له عليه السلام

*في بعض أيام صفين*

وَ قَدْ رَأَيْتُ جَوْلَتَكُمْ وَ انْحِيَازَكُمْ عَنْ صُفُوفِكُمْ تَحُوزُكُمُ الْجُفَاةُ الطَّغَامُ وَ أَعْرَابُ أَهْلِ الشَّامِ وَ أَنْتُمْ لَهَامِيمُ الْعَرَبِ وَ يَآفِيخُ الشَّرَفِ وَ الْأَنْفُ الْمُقَدَّمُ وَ السَّنَامُ الْأَعْظَمُ وَ لَقَدْ شَفَى وَحَاوِحَ صَدْرِي أَنْ رَأَيْتُكُمْ بِأَخَرَةٍ تَحُوزُونَهُمْ كَمَا حَازُوكُمْ وَ تُزِيلُونَهُمْ عَنْ مَوَاقِفِهِمْ كَمَا أَزَالُوكُمْ حَسّاً بِالنِّصَالِ وَ شَجْراً بِالرِّمَاحِ تَرْكَبُ أُوْلَاهُمْ أُخْرَاهُمْ كَالْإِبِلِ الْهِيمِ الْمَطْرُودَةِ تُرْمَى عَنْ حِيَاضِهَا وَ تُذَادُ عَنْ مَوَارِدِهَا.

## ١٠٨ ـ و من خطبة له عليه السلام

*و هي من خطب الملاحم*

### الله تعالى

الْحَمْدُ لِلَّهِ الْمُتَجَلِّي لِخَلْقِهِ بِخَلْقِهِ وَ الظَّاهِرِ لِقُلُوبِهِمْ بِحُجَّتِهِ خَلَقَ الْخَلْقَ مِنْ غَيْرِ رَوِيَّةٍ إِذْ كَانَتِ الرَّوِيَّاتُ لَا تَلِيقُ إِلَّا بِذَوِي الضَّمَائِرِ وَ لَيْسَ بِذِي ضَمِيرٍ فِي نَفْسِهِ خَرَقَ عِلْمُهُ بَاطِنَ غَيْبِ السُّتُرَاتِ وَ أَحَاطَ بِغُمُوضِ عَقَائِدِ السَّرِيرَاتِ.

### وَ مِنْهَا فِي ذِكْرِ النَّبِيِّ صلى الله عليه وآله

اخْتَارَهُ مِنْ شَجَرَةِ الْأَنْبِيَاءِ وَ مِشْكَاةِ الضِّيَاءِ وَ ذُؤَابَةِ الْعَلْيَاءِ وَ سُرَّةِ الْبَطْحَاءِ وَ مَصَابِيحِ الظُّلْمَةِ وَ يَنَابِيعِ الْحِكْمَةِ. طَبِيبٌ دَوَّارٌ بِطِبِّهِ قَدْ أَحْكَمَ مَرَاهِمَهُ وَ أَحْمَى مَوَاسِمَهُ يَضَعُ ذَلِكَ حَيْثُ الْحَاجَةُ إِلَيْهِ مِنْ قُلُوبٍ عُمْيٍ وَ آذَانٍ صُمٍّ وَ أَلْسِنَةٍ بُكْمٍ مُتَتَبِّعٌ بِدَوَائِهِ مَوَاضِعَ الْغَفْلَةِ وَ مَوَاطِنَ الْحَيْرَةِ.

## ١٠٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، جيڪو صفين جي ڪجهه ڏينهن ۾ فرمايو

بيشڪ مون توهان کي ڀڄندي ۽ صفن مان منتشر ٿيندي ڏٺو. جڏهن ته توهان کي ڪجهه ظالم بدلچڻن ماڻهن ۽ شام جي بدوئن پنهنجي گهيري ۾ آندو. جڏهن ته توهان عربن جا اڳواڻ، شرافت جا سردار، سوڀائتا سرواڻ، ۽ وڏي شان وارا آهيو. بيشڪ منهنجي سيني سڙڻ جي شفا توهان کي ان حال ۾ ڏسڻ ۾ آهي جو توهان انهن تي ٻيهر حملو ڪري ائين گهيري ۾ آڻيو جيئن انهن توهان کي آندو هو. ۽ توهان انهن کي سندن مورچن کان ائين ڀڄايو جيئن انهن توهان کي ڀڄايو هو. تيرن سان قتل ڪندي، ۽ نيزن سان زخمي ڪندي. اهڙيءَ طرح جو انهن جا اڳيان پوين کي ائين لتاڙين جيئن اُڃارا اٺ جن کي سندن حوض کان ٽيڙيو ويندو آهي ۽ سندن گهاٽ کان روڪيو ويندو آهي هڪ ٻئي کي لتاڙيندا آهن.

## ١٠٨_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو زماني جي سخت حالات تي مشتمل آهي

### الله تعالىٰ

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن، جيڪو پنهنجي مخلوق ذريعي مخلوق لاءِ ظاهر آهي. ۽ پنهنجي حجت سان سندن دلين ۾ چٽو آهي. ۽ جنهن مخلوق کي بغير غور ۽ فڪر جي پيدا ڪيو. ڇا ڪاڻ ته غور ۽ فڪر دلين وارن لاءِ ئي مناسبت رکن ٿا. جڏهن ته هنجي ذات دل رکڻ کان پاڪ آهي. ۽ هنجي علم غيب جي اندرين پردن کي چيري ڇڏيو آهي. ۽ لڪيل عقيدن جي گهراين تي احاطو ڪري ڇڏيو آهي.

### ۽ انهيءَ منجهان، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم بابت

الله تعالىٰ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم کي نبين جي شجري، روشنيءَ جي مرڪز، بلند پيشاني، بطحاء جي وچ، اونداهي جي چراغن، ۽ حڪمت جي چشمن مان چونڊيو آهي.

پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم اهڙو حڪيم هيو جيڪو حڪمت ساڻ ڪٽي گهمندڙ هو، جنهن مرهم کي ٺيڪ ڪيو، ۽ پنهنجي ڏنڀِين کي گرم ڪيو.

۽ انهن کي ضرورت وارين جاين يعني انڌين دلين، ٻوڙن ڪنن ۽ گونگين زبانن تي رکيو. ۽ پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم پنهنجي دوا سان غفلت جي جاين ۽ حيرت جي جڳهن جي ڳولا ۾ هوندا هئا.

## و منها فتنة بني أمية

لَمْ يَسْتَضِيئُوا بِأَضْوَاءِ الْحِكْمَةِ وَ لَمْ يَقْدَحُوا بِزِنَادِ الْعُلُومِ الثَّاقِبَةِ فَهُمْ فِي ذَلِكَ كَالْأَنْعَامِ السَّائِمَةِ وَ الصُّخُورِ الْقَاسِيَةِ قَدِ انْجَابَتِ السَّرَائِرُ لِأَهْلِ الْبَصَائِرِ وَ وَضَحَتْ مَحَجَّةُ الْحَقِّ لِخَابِطِهَا وَ أَسْفَرَتِ السَّاعَةُ عَنْ وَجْهِهَا وَ ظَهَرَتِ الْعَلَامَةُ لِمُتَوَسِّمِهَا مَا لِي أَرَاكُمْ أَشْبَاحاً بِلَا أَرْوَاحٍ وَ أَرْوَاحاً بِلَا أَشْبَاحٍ وَ نُسَّاكاً بِلَا صَلَاحٍ وَ تُجَّاراً بِلَا أَرْبَاحٍ وَ أَيْقَاظاً نُوَّماً وَ شُهُوداً غُيَّباً وَ نَاظِرَةً عَمْيَاءَ وَ سَامِعَةً صَمَّاءَ وَ نَاطِقَةً بَكْمَاءَ.

رَايَةُ ضَلَالٍ قَدْ قَامَتْ عَلَى قُطْبِهَا وَ تَفَرَّقَتْ بِشُعَبِهَا تَكِيلُكُمْ بِصَاعِهَا وَ تَخْبِطُكُمْ بِبَاعِهَا قَائِدُهَا خَارِجٌ مِنَ الْمِلَّةِ قَائِمٌ عَلَى الضِّلَّةِ فَلَا يَبْقَى يَوْمَئِذٍ مِنْكُمْ إِلَّا ثُفَالَةٌ كَثُفَالَةِ الْقِدْرِ أَوْ نُفَاضَةٌ كَنُفَاضَةِ الْعِكْمِ تَعْرُكُكُمْ عَرْكَ الْأَدِيمِ وَ تَدُوسُكُمْ دَوْسَ الْحَصِيدِ وَ تَسْتَخْلِصُ الْمُؤْمِنَ مِنْ بَيْنِكُمُ اسْتِخْلَاصَ الطَّيْرِ الْحَبَّةَ الْبَطِينَةَ مِنْ بَيْنِ هَزِيلِ الْحَبِّ أَيْنَ تَذْهَبُ بِكُمُ الْمَذَاهِبُ وَ تَتِيهُ بِكُمُ الْغَيَاهِبُ وَ تَخْدَعُكُمُ الْكَوَاذِبُ وَ مِنْ أَيْنَ تُؤْتَوْنَ وَ أَنَّى تُؤْفَكُونَ.

فَلِكُلِّ أَجَلٍ كِتَابٌ وَ لِكُلِّ غَيْبَةٍ إِيَابٌ فَاسْتَمِعُوا مِنْ رَبَّانِيِّكُمْ وَ أَحْضِرُوهُ قُلُوبَكُمْ وَ اسْتَيْقِظُوا إِنْ هَتَفَ بِكُمْ وَ لْيَصْدُقْ رَائِدٌ أَهْلَهُ وَ لْيَجْمَعْ شَمْلَهُ وَ لْيُحْضِرْ ذِهْنَهُ فَلَقَدْ فَلَقَ لَكُمُ الْأَمْرَ فَلْقَ الْخَرَزَةِ وَ قَرَفَهُ قَرْفَ الصَّمْغَةِ.

فَعِنْدَ ذَلِكَ أَخَذَ الْبَاطِلُ مَآخِذَهُ وَ رَكِبَ الْجَهْلُ مَرَاكِبَهُ وَ عَظُمَتِ الطَّاغِيَةُ وَ قَلَّتِ الدَّاعِيَةُ.

مگر ماڻهو حڪمت جي روشنيءَ مان روشناس نہ ٿيا، ۽ نہ وري نوراني علمن مان سوجهرو حاصل ڪيو، بس اُهي انهيءَ ۾ چڙواڳ جانورن ۽ سخت پٿرن وانگر آهن. بيشڪ بابصيرت ماڻهن لاءِ راز ظاهر ٿي چڪا آهن، ۽ حق جو رستو ان تي هلڻ واري لاءِ واضح ٿي چڪو آهي. ۽ قيامت پنهنجي چهري کي ظاهر ڪري چُڪي آهي. ۽ هوشيار ماڻهو لاءِ ان جون نشانيون چٽيون ٿي چُڪيون آهن. مونکي ڇا ٿيو آهي جو آءٌ توهان جي جسمن کي بغير روحن جي ۽ روحن کي بغير جسمن جي، عبادتگذارن کي بغير ڀلائيءَ جي، واپارين کي بغير فائدي جي، ۽ جاڳندڙن کي ننڊ ۾، حاضرين کي غَيبت ۾، ڏسڻ وارن کي انڌائپ ۾، ٻڌڻ وارن کي ٻوڙائپ ۾، ۽ ڳالهائڻ وارن کي گونگائپ ۾ ڏسان ٿو.

بيشڪ گمراهيءَ جو جهنڊو پنهنجي ڪوٽ تي قائم ٿيو، ۽ پنهنجي شاخن سان پکڙيو تہ پنهنجي پيماني سان توهان کي ماپيندو. ۽ پنهنجي هٿن سان توهان کي ڌوڙيندو، هنجو اڳواڻ ملت کان خارج هوندو، ۽ گمراهيءَ تي بيٺل هوندو، ان ڏينهن توهان مان فقط نيچ ماڻهو بچندا، ديگڙيءَ جي تري ۾ بچيل ڪُرڙ وانگر، يا ڪريل ماڻهو بچندا ڪپڙي تان ڇٽيل دزيءَ وانگر. ۽ توهان کي چمڙي جي مهٽڻ وانگر مهٽيو ويندو، ۽ توهان کي وَل جي ڳاهڻ وانگر ڳاهيو ويندو. ۽ فتنو توهان مان مومن کي ائين چونڊيندو جيئن پکي سنهن داڻن مان ٿلهي داڻي کي ڪڍندو آهي. رستا توهان کي ڪيڏانهن وني وڃن ٿا، ۽ اونداهيون توهان کي ڪيڏانهن رولين ٿيون، ۽ ڪوڙيون ڳالهيون توهان کي ڪهڙا ڌوڪا ڏين ٿيون؟ توهان ڪٿان ڪان آندا ويا آهيو، ۽ ڪيڏانهن ڀٽڪندا وڃو ٿا؟.

بس هر شيءِ جو مقرر وقت لکيل آهي. ۽ هر غائب لاءِ واپس ورڻ آهي. بس پنهنجي الله واري کي غور سان ٻڌو، ۽ پنهنجي دلين کي وٽس حاضر رکو، اگر توهان کي هڪل ڪري تہ سجاڳ ٿي وڃو. ۽ اڳواڻ کي گهرجي تہ پنهنجن سان سچ ڳالهائي، ۽ پنهنجي جماعت کي متحد رکي، ۽ پنهنجي ذهن کي حاضر رکي. بيشڪ امام توهان لاءِ مسئلي کي ٻُنڊ ڪولڻ وانگر ڪوليو آهي. ۽ انکي ڪوئر جي ڇلڻ جيان ڇِليو آهي.

پوءِ ان وقت باطل پنهنجا مرڪز سنڀالي ورتا. ۽ جهالت پنهنجي سوارين تي سوار ٿي. ۽ سرڪش جي سرڪشي وڌي وئي. ۽ حق ڏانهن سڏڻ وارن جي ٿورائي ٿي وئي.

وَ صَالَ الدَّهْرُ صِيَالَ السَّبُعِ الْعَقُورِ وَ هَدَرَ فَنِيقُ الْبَاطِلِ بَعْدَ كُظُومٍ وَ تَوَاخَى النَّاسُ عَلَى الْفُجُورِ وَ تَهَاجَرُوا عَلَى الدِّينِ وَ تَحَابُّوا عَلَى الْكَذِبِ وَ تَبَاغَضُوا عَلَى الصِّدْقِ فَإِذَا كَانَ ذَلِكَ كَانَ الْوَلَدُ غَيْظاً وَ الْمَطَرُ قَيْظاً وَ تَفِيضُ اللِّئَامُ فَيْضاً وَ تَغِيضُ الْكِرَامُ غَيْضاً.

وَ كَانَ أَهْلُ ذَلِكَ الزَّمَانِ ذِئَاباً وَ سَلَاطِينُهُ سِبَاعاً وَ أَوْسَاطُهُ أُكَّالًا وَ فُقَرَاؤُهُ أَمْوَاتاً وَ غَارَ الصِّدْقُ وَ فَاضَ الْكَذِبُ وَ اسْتُعْمِلَتِ الْمَوَدَّةُ بِاللِّسَانِ وَ تَشَاجَرَ النَّاسُ بِالْقُلُوبِ وَ صَارَ الْفُسُوقُ نَسَباً وَ الْعَفَافُ عَجَباً وَ لُبِسَ الْإِسْلَامُ لُبْسَ الْفَرْوِ مَقْلُوبا.

## ١٠٩ ـ و من خطبة له عليه السلام

*في بيان قدرة الله و انفراده بالعظمة و أمر البعث*

### قدرة الله

كُلُّ شَيْءٍ خَاشِعٌ لَهُ وَ كُلُّ شَيْءٍ قَائِمٌ بِهِ غِنَى كُلِّ فَقِيرٍ وَ عِزُّ كُلِّ ذَلِيلٍ وَ قُوَّةُ كُلِّ ضَعِيفٍ وَ مَفْزَعُ كُلِّ مَلْهُوفٍ.

مَنْ تَكَلَّمَ سَمِعَ نُطْقَهُ وَ مَنْ سَكَتَ عَلِمَ سِرَّهُ وَ مَنْ عَاشَ فَعَلَيْهِ رِزْقُهُ وَ مَنْ مَاتَ فَإِلَيْهِ مُنْقَلَبُهُ.

لَمْ تَرَكَ الْعُيُونُ فَتُخْبِرَ عَنْكَ بَلْ كُنْتَ قَبْلَ الْوَاصِفِينَ مِنْ خَلْقِكَ لَمْ تَخْلُقِ الْخَلْقَ لِوَحْشَةٍ وَ لَا اسْتَعْمَلْتَهُمْ لِمَنْفَعَةٍ.

وَ لَا يَسْبِقُكَ مَنْ طَلَبْتَ وَ لَا يُفْلِتُكَ مَنْ أَخَذْتَ وَ لَا يَنْقُصُ سُلْطَانَكَ مَنْ عَصَاكَ وَ لَا يَزِيدُ فِي مُلْكِكَ مَنْ أَطَاعَكَ وَ لَا يَرُدُّ أَمْرَكَ مَنْ سَخِطَ قَضَاءَكَ.

خونخوار جانور جي حملي وانگر زماني حملو ڪيو. چُپ واري زماني ڪانپوءِ باطل پڙڪي پيو. ۽ ماڻهو بڇڙن ڪمن تي هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ لڳا. ۽ دين کي ڇڏڻ لڳا. ۽ ڪوڙ کي پسند ڪرڻ لڳا. ۽ سچ کان نفرت ڪرڻ لڳا. پوءِ جڏهن ائين ٿيندو ته پُٽ غضبناڪ ٿيندو. ۽ مِينهن ڏمر ٿيندو. ۽ ڪميڻا تمام گهڻا ٿي ويندا. ۽ شريف بلڪل ٿورا ٿي ويندا.

۽ ان زماني جا ماڻهو بگهڙ هوندا، ۽ انجا حڪمران وحشي جانور هوندا، ۽ ان جي وچولي طبقي جا ماڻهو ڪائو هوندا، ۽ ان جو غريب طبقو ماريل هوندو، ۽ سچائي دٻجي ويندي، ۽ ڪوڙ عام ٿي ويندو، ۽ محبت فقط زبان تي استعمال ڪئي ويندي، ۽ ماڻهو اندر ۾ هڪ ٻئي سان پيا جهڳڙندا، ۽ زنا نسب ٿي ويندي، ۽ پاڪائي عجيب لڳندي، ۽ اسلام ابتي لباس وانگر پهريل هوندو.

## ١٠٩ _ امام عليه السلام جو خطبو الله تعالىٰ جي قدرت جي بيان ۽ عظمت ۾ سندس نويڪلائي ۽ قيامت جي باري ۾ آهي

### الله تعالىٰ جي قدرت

هر شيءِ ان جي اڳيان جُهڪيل آهي، ۽ هر شيءَ ان سان قائم آهي، هو هر غريب جو سرمايو آهي، ۽ هر حقير جي عزت آهي، ۽ هر ڪمزور جي طاقت آهي، ۽ هر مظلوم جي پناهگاهه آهي. جيڪو به ڳالهائي ٿو ته هو سندس ڳالهائڻ کي ٻُڌي ٿو، ۽ جيڪو به چُپ آهي ته هو سندس راز کي ڄاڻي ٿو، ۽ جيڪو به زندگي گذاري ٿو ته سندس رزق ان مٿان آهي. ۽ جيڪو به مري ٿو ته سندس موٽ ان ڏانهن ئي آهي. اکين توکي نه ڏٺو آهي جو تو بابت خبر ڏئي سگهن. بلڪ تون ته پنهنجي مخلوق مان واکاڻ ڪندڙن کان پهريائين ئي آهين. ۽ تو مخلوق کي پنهنجي اڪيلائپ جي ڪري خلق ناهي ڪيو. ۽ تو انهن کي فائدي لاءِ استعمال به ناهي ڪيو.

۽ جنهن کي تون طلب ڪرين ته هو تو کان وڏي نٿو سگهي. ۽ جنهن کي تون پڪڙين ته هو توکان ڇڏائي نٿو سگهي. جنهن تنهنجي نافرماني ڪئي ته اهو تنهنجي بادشاهيءَ کي نٿو گهٽائي. ۽ جنهن تنهنجي فرمانبرداري ڪئي ته اهو تنهنجي حڪومت کي نٿو وڌائي. ۽ جيڪو تنهنجي فيصلي تي بگڙيو ته اهو تنهنجي حڪم کي ٽاري نٿو سگهي.

وَ لَا يَسْتَغْنِي عَنْكَ مَنْ تَوَلَّى عَنْ أَمْرِكَ كُلُّ سِرٍّ عِنْدَكَ عَلَانِيَةٌ وَ كُلُّ غَيْبٍ عِنْدَكَ شَهَادَةٌ أَنْتَ الْأَبَدُ فَلَا أَمَدَ لَكَ وَ أَنْتَ الْمُنْتَهَى فَلَا مَحِيصَ عَنْكَ وَ أَنْتَ الْمَوْعِدُ فَلَا مَنْجَى مِنْكَ إِلَّا إِلَيْكَ بِيَدِكَ نَاصِيَةُ كُلِّ دَابَّةٍ وَ إِلَيْكَ مَصِيرُ كُلِّ نَسَمَةٍ سُبْحَانَكَ مَا أَعْظَمَ شَأْنَكَ سُبْحَانَكَ مَا أَعْظَمَ مَا نَرَى مِنْ خَلْقِكَ وَ مَا أَصْغَرَ كُلَّ عَظِيمَةٍ فِي جَنْبِ قُدْرَتِكَ وَ مَا أَهْوَلَ مَا نَرَى مِنْ مَلَكُوتِكَ وَ مَا أَحْقَرَ ذَلِكَ فِيمَا غَابَ عَنَّا مِنْ سُلْطَانِكَ وَ مَا أَسْبَغَ نِعَمَكَ فِي الدُّنْيَا وَ مَا أَصْغَرَهَا فِي نِعَمِ الْآخِرَةِ.

## الملائكة الكرام

و منها: مِنْ مَلَائِكَةٍ أَسْكَنْتَهُمْ سَمَاوَاتِكَ وَ رَفَعْتَهُمْ عَنْ أَرْضِكَ هُمْ أَعْلَمُ خَلْقِكَ بِكَ وَ أَخْوَفُهُمْ لَكَ وَ أَقْرَبُهُمْ مِنْكَ لَمْ يَسْكُنُوا الْأَصْلَابَ وَ لَمْ يُضَمَّنُوا الْأَرْحَامَ وَ لَمْ يُخْلَقُوا مِنْ مَاءٍ مَهِينٍ وَ لَمْ يَتَشَعَّبْهُمْ رَيْبُ الْمَنُونِ وَ إِنَّهُمْ عَلَى مَكَانِهِمْ مِنْكَ وَ مَنْزِلَتِهِمْ عِنْدَكَ وَ اسْتِجْمَاعِ أَهْوَائِهِمْ فِيكَ وَ كَثْرَةِ طَاعَتِهِمْ لَكَ وَ قِلَّةِ غَفْلَتِهِمْ عَنْ أَمْرِكَ لَوْ عَايَنُوا كُنْهَ مَا خَفِيَ عَلَيْهِمْ مِنْكَ لَحَقَّرُوا أَعْمَالَهُمْ وَ لَزَرَوْا عَلَى أَنْفُسِهِمْ وَ لَعَرَفُوا أَنَّهُمْ لَمْ يَعْبُدُوكَ حَقَّ عِبَادَتِكَ وَ لَمْ يُطِيعُوكَ حَقَّ طَاعَتِكَ.



## عصيان الخلق

سُبْحَانَكَ خَالِقاً وَ مَعْبُوداً بِحُسْنِ بَلَائِكَ عِنْدَ خَلْقِكَ خَلَقْتَ دَاراً وَ جَعَلْتَ فِيهَا مَأْدُبَةً مَشْرَباً وَ مَطْعَماً وَ أَزْوَاجاً وَ خَدَماً وَ قُصُوراً وَ أَنْهَاراً وَ زُرُوعاً وَ ثِمَاراً ثُمَّ أَرْسَلْتَ دَاعِياً يَدْعُو إِلَيْهَا فَلَا الدَّاعِيَ أَجَابُوا.

۽ جنهن تنهنجي حڪم کان منهن موڙيو تہ اهو تو کان بي پرواه نٿو ٿي سگهي. هر راز تو وٽ ظاهر آهي. ۽ هر غيب تو وٽ حاضر آهي. تون سدائين رهڻ وارو آهين. بس تنهنجي لاءِ مدت جي حد نہ آهي. ۽ تون آخري منزل آهين. بس تو کان فرار نہ آهي. ۽ تون وعده گاھ آهين بس تو کان ڇوٽڪارو ممڪن ڪونهي مگر تو وٽ. هر جاندار جي واڳ تنهنجي هٿ ۾ آهي. ۽ هر ساهدار جي واپسي تو ڏانهن ئي آهي. تون پاڪ آهين تنهنجو شان ڪيڏو نہ وڏو آهي. تون پاڪ آهين اسان جيڪا تنهنجي مخلوق ڏسون ٿا اها ڪيڏي نہ وڏي آهي. ۽ هر وڏي شي تنهنجي قدرت سامهون ڪيڏي نہ ننڍي آهي. ۽ اسان جيڪا تنهنجي بادشاهي ڏسون ٿا اها ڪيڏي نہ هيبتناڪ آهي. ۽ اها ڪيتريءَ نہ حقير آهي ان کان جيڪا اسان کان اوجهل آهي. هن دنيا ۾ تنهنجون نعمتون ڪيتريون نہ گهڻيون آهن. پر اُهي آخرت جي نعمتن جي مقابلي ۾ ڪيتريون نہ گهٽ آهن.

## معززملائڪ

**۽ انهيءَ منجهان:** ڪي ملائڪ آهن جن کي تو آسمانن تي رهايو آهي. ۽ انهن کي زمين کان بلند ڪيو آهي. ۽ اُهي تنهنجي مخلوق مان توکي وڌيڪ ڄاڻين ٿا. ۽ انهن مان توکان وڌيڪ ڊڄن ٿا ۽ سڀ کان وڌيڪ تنهنجي قريب آهن. ۽ نہ اُهي صلبن ۾ رهيا ۽ نہ رحمَن ۾ ٽِڪيا. ۽ نہ وري پست پاڻي مان پيدا ڪيا ويا. ۽ نہ زماني جي حادثن انهن کي ڇڙوڇڙ ڪيو. ۽ اهي پنهنجي مقام ۾ تنهنجي قريب آهن. ۽ تو وٽ انهن جي وڏي منزلت آهي ۽ انهن جون سڀ خواهشون تو ۾ ئي آهن.

انهن جي اطاعت تنهنجي لاءِ گهڻي آهي ۽ تنهنجي امر کان انهن جي غفلت ٿوري آهي. اگر اُهي ان حقيقت جو معاينو ڪن جيڪا تو طرفان مٿن لڪيل اٿن تہ يقيناً پنهنجن عملن کي حقير سمجهن. ۽ ضرور پنهنجي پاڻ تي ملامت ڪن. ۽ پڪ سان اهو ڄاڻي وٺن تہ انهن تنهنجي ائين عبادت نہ ڪئي جيئن عبادت ڪرڻ جو حق آهي. ۽ تنهنجي ائين اطاعت نہ ڪئي جيئن اطاعت ڪرڻ جو حق آهي.

## مخلوق جي نافرماني

اي الله تون پنهنجي مخلوق وٽ پاڪ ۽ پاڪيزھ خالق ۽ معبود آهين سندن سٺيءَ آزمائش وٺڻ جي ڪري. تو هڪ گهر کي خلق ڪيو ۽ ان ۾ کائڻ ۽ پيئڻ، حورن ۽ غلمانن، محلن ۽ نهرن، باغن ۽ ميون جو دسترخوان قرار ڏنو.

پوءِ تو سڏڻ واري کي موڪليو جيڪو ان ڏانهن سڏي. پر انهن سڏڻ واري کي لبيڪ نہ چيو.

وَ لَا فِيمَا رَغَّبْتَ رَغِبُوا وَ لَا إِلَى مَا شَوَّقْتَ إِلَيْهِ اشْتَاقُوا أَقْبَلُوا عَلَى جِيفَةٍ قَدِ افْتَضَحُوا بِأَكْلِهَا وَ اصْطَلَحُوا عَلَى حُبِّهَا وَ مَنْ عَشِقَ شَيْئاً أَعْشَى بَصَرَهُ وَ أَمْرَضَ قَلْبَهُ فَهُوَ يَنْظُرُ بِعَيْنٍ غَيْرِ صَحِيحَةٍ وَ يَسْمَعُ بِأُذُنٍ غَيْرِ سَمِيعَةٍ قَدْ خَرَقَتِ الشَّهَوَاتُ عَقْلَهُ وَ أَمَاتَتِ الدُّنْيَا قَلْبَهُ وَ وَلِهَتْ عَلَيْهَا نَفْسُهُ فَهُوَ عَبْدٌ لَهَا وَ لِمَنْ فِي يَدَيْهِ شَيْءٌ مِنْهَا.

حَيْثُمَا زَالَتْ زَالَ إِلَيْهَا وَ حَيْثُمَا أَقْبَلَتْ أَقْبَلَ عَلَيْهَا لَا يَنْزَجِرُ مِنَ اللَّهِ بِزَاجِرٍ وَ لَا يَتَّعِظُ مِنْهُ بِوَاعِظٍ وَ هُوَ يَرَى الْمَأْخُوذِينَ عَلَى الْغِرَّةِ حَيْثُ لَا إِقَالَةَ وَ لَا رَجْعَةَ كَيْفَ نَزَلَ بِهِمْ مَا كَانُوا يَجْهَلُونَ وَ جَاءَهُمْ مِنْ فِرَاقِ الدُّنْيَا مَا كَانُوا يَأْمَنُونَ وَ قَدِمُوا مِنَ الْآخِرَةِ عَلَى مَا كَانُوا يُوعَدُونَ فَغَيْرُ مَوْصُوفٍ مَا نَزَلَ بِهِمْ اجْتَمَعَتْ عَلَيْهِمْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ وَ حَسْرَةُ الْفَوْتِ فَفَتَرَتْ لَهَا أَطْرَافُهُمْ وَ تَغَيَّرَتْ لَهَا أَلْوَانُهُمْ ثُمَّ ازْدَادَ الْمَوْتُ فِيهِمْ وُلُوجاً فَحِيلَ بَيْنَ أَحَدِهِمْ وَ بَيْنَ مَنْطِقِهِ وَ إِنَّهُ لَبَيْنَ أَهْلِهِ يَنْظُرُ بِبَصَرِهِ وَ يَسْمَعُ بِأُذُنِهِ عَلَى صِحَّةٍ مِنْ عَقْلِهِ وَ بَقَاءٍ مِنْ لُبِّهِ يُفَكِّرُ فِيمَ أَفْنَى عُمُرَهُ وَ فِيمَ أَذْهَبَ دَهْرَهُ وَ يَتَذَكَّرُ أَمْوَالًا جَمَعَهَا أَغْمَضَ فِي مَطَالِبِهَا وَ أَخَذَهَا مِنْ مُصَرَّحَاتِهَا وَ مُشْتَبِهَاتِهَا قَدْ لَزِمَتْهُ تَبِعَاتُ جَمْعِهَا وَ أَشْرَفَ عَلَى فِرَاقِهَا تَبْقَى لِمَنْ وَرَاءَهُ يَنْعَمُونَ فِيهَا وَ يَتَمَتَّعُونَ بِهَا.



فَيَكُونُ الْمَهْنَأُ لِغَيْرِهِ وَ الْعِبْءُ عَلَى ظَهْرِهِ وَ الْمَرْءُ قَدْ غَلِقَتْ رُهُونُهُ بِهَا فَهُوَ يَعَضُّ يَدَهُ نَدَامَةً عَلَى مَا أَصْحَرَ لَهُ عِنْدَ الْمَوْتِ مِنْ أَمْرِهِ.

۽ جن شين جي تو چاهت ڏياري تہ ان جي چاهت نہ رکيائون. ۽ جن شين ڏانهن تو شوق ڏياريو تہ انهن جو شوق نہ رکيائون. ۽ اهي ان ڍوند ڏانهن وڌيا جنهن جي ڪائڻ سان رسوا ٿيا. ۽ ان جي محبت تي متفق ٿيا. جيڪو ڪنهن شيءِ سان عشق ڪري ٿو تہ اهو ان جي اکين کي انڌو ۽ ان جي دل کي بيمار ڪري ٿو. بس هو بيمار اکين سان ڏسي ٿو ۽ ٻوڙن ڪنن سان ٻُڌي ٿو. خواهشن ان جي عقل کي خراب ڪري ڇڏيو آهي. ۽ دنيا ان جي دل کي ماري ڇڏيو آهي. ۽ ان جو نفس دنيا تي ڇتو ٿي پيو آهي. ۽ هو دنيا جو ۽ جنهن جي هٿ ۾ ڪجھ دنيا آهي ان جو غلام ٿي پيو آهي.

جيڏانهن هوءَ مُڙي ٿي تہ اوڏانهن هي بہ مُڙي ٿو. جيڏانهن هوءَ اچي ٿي تہ اوڏانهن هي بہ اچي ٿو. نہ الله تعالیٰ جي روڪڻ واري سان رُوڪجي ٿو. ۽ نہ ان جي واعظ کان نصيحت وٺي ٿو. جڏهن تہ هو غفلت جي حالت ۾ پڪڙلين کي بہ ڏسي ٿو. حالانڪ نہ بخشش اٿن ۽ نہ موٽ. ڪيئن مٿن اُهي شيون ٽُٽيون جن کان هو جاهل هئا. ۽ وٽن دنيا جو وڇوڙو آيو جنهن کان هو مطمئن هئا. ۽ آخرت ڏانهن آيا جنهن جو ساڻن واعدو ڪيو ويو هو. ۽ جيڪا شيءِ ٽُٽي اٿن تنهن کي بيان نٿو ڪري سگهجي. موت جي سختيءَ ۽ وڇوڙي جي حسرت مٿن گڏ ٿيون اٿن. انکري سندن عضوا ساڻا ٿي ويا اٿن. ۽ سندن رنگ مَٽجي چڪا اٿن. پوءِ انهن ۾ موت وڌيڪ داخل ٿيو. پوءِ اهو انهن مان ڪنهن هڪ جي ۽ سندس ڳالهائڻ جي درميان رڪاوٽ بڻجي ويو. جڏهن تہ هو پنهنجي اهل درميان پنهنجي اکين سان ڏسندو آهي. ۽ پنهنجي ڪنن سان ٻڌندو آهي. ۽ عقل بہ صحيح هوندو اٿس. ۽ دماغ بہ باقي هوندو اٿس. ۽ سوچيندو آهي تہ ڇا ۾ ان پنهنجي عمر ختم ڪئي ۽ ڪيئن ان پنهنجو زمانو وڃايو. ۽ پنهنجي گڏ ڪيل مال کي ياد ڪري ٿو. جنهن کي هن اکيون ٻوٽي حاصل ڪيو هو. ۽ جنهن کي صحيح ۽ مشڪوڪ جاين کان ورتو هو. ۽ انکي گڏ ڪرڻ جا نتيجا پوڳي ٿو. ۽ هاڻ ان کان الڳ ٿيڻ وارو آهي. ۽ اهو سندس پونيرن لاءِ باقي رهندو. جيڪي انهيءَ ۾ خوش هوندا ۽ ان سان مزا ماڻيندا.

بس ڪمايل مال ٻين جو ٿي ويندو پر بار سندس پُٺي تي پوندو. مال ماڻهو کي ٻڌي ڳِروي ڪري ڇڏيو آهي. بس مرڻ وقت جڏهن سندس حقيقت ظاهر ٿيندس تہ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿي پنهنجي هٿ کي چڪ پائيندو.

وَ يَزْهَدُ فِيمَا كَانَ يَرْغَبُ فِيهِ أَيَّامَ عُمُرِهِ وَ يَتَمَنَّى أَنَ الَّذِي كَانَ يَغْبِطُهُ بِهَا وَ يَحْسُدُهُ عَلَيْهَا قَدْ حَازَهَا دُونَهُ فَلَمْ يَزَلِ الْمَوْتُ يُبَالِغُ فِي جَسَدِهِ حَتَّى خَالَطَ لِسَانُهُ سَمْعَهُ فَصَارَ بَيْنَ أَهْلِهِ لَا يَنْطِقُ بِلِسَانِهِ وَ لَا يَسْمَعُ بِسَمْعِهِ يُرَدِّدُ طَرْفَهُ بِالنَّظَرِ فِي وُجُوهِهِمْ يَرَى حَرَكَاتِ أَلْسِنَتِهِمْ وَ لَا يَسْمَعُ رَجْعَ كَلَامِهِمْ ثُمَّ ازْدَادَ الْمَوْتُ الْتِيَاطاً بِهِ فَقُبِضَ بَصَرُهُ كَمَا قُبِضَ سَمْعُهُ وَ خَرَجَتِ الرُّوحُ مِنْ جَسَدِهِ فَصَارَ جِيفَةً بَيْنَ أَهْلِهِ قَدْ أَوْحَشُوا مِنْ جَانِبِهِ وَ تَبَاعَدُوا مِنْ قُرْبِهِ لَا يُسْعِدُ بَاكِياً وَ لَا يُجِيبُ دَاعِياً ثُمَّ حَمَلُوهُ إِلَى مَخَطٍّ فِي الْأَرْضِ فَأَسْلَمُوهُ فِيهِ إِلَى عَمَلِهِ وَ انْقَطَعُوا عَنْ زَوْرَتِهِ.

## القيامة

حَتَّى إِذَا بَلَغَ الْكِتَابُ أَجَلَهُ وَ الْأَمْرُ مَقَادِيرَهُ وَ أُلْحِقَ آخِرُ الْخَلْقِ بِأَوَّلِهِ وَ جَاءَ مِنْ أَمْرِ اللَّهِ مَا يُرِيدُهُ مِنْ تَجْدِيدِ خَلْقِهِ أَمَادَ السَّمَاءَ وَ فَطَرَهَا وَ أَرَجَّ الْأَرْضَ وَ أَرْجَفَهَا وَ قَلَعَ جِبَالَهَا وَ نَسَفَهَا وَ دَكَّ بَعْضُهَا بَعْضاً مِنْ هَيْبَةِ جَلَالَتِهِ وَ مَخُوفِ سَطْوَتِهِ وَ أَخْرَجَ مَنْ فِيهَا فَجَدَّدَهُمْ بَعْدَ إِخْلَاقِهِمْ وَ جَمَعَهُمْ بَعْدَ تَفَرُّقِهِمْ ثُمَّ مَيَّزَهُمْ لِمَا يُرِيدُهُ مِنْ مَسْأَلَتِهِمْ عَنْ خَفَايَا الْأَعْمَالِ وَ خَبَايَا الْأَفْعَالِ وَ جَعَلَهُمْ فَرِيقَيْنِ أَنْعَمَ عَلَى هَؤُلَاءِ وَ انْتَقَمَ مِنْ هَؤُلَاءِ.



فَأَمَّا أَهْلُ الطَّاعَةِ فَأَثَابَهُمْ بِجِوَارِهِ وَ خَلَّدَهُمْ فِي دَارِهِ حَيْثُ لَا يَظْعَنُ النُّزَّالُ وَ لَا تَتَغَيَّرُ بِهِمُ الْحَالُ وَ لَا تَنُوبُهُمُ الْأَفْزَاعُ وَ لَا تَنَالُهُمُ الْأَسْقَامُ وَ لَا تَعْرِضُ لَهُمُ الْأَخْطَارُ وَ لَا تُشْخِصُهُمُ الْأَسْفَارُ.

سڀ زندگيءَ جن شين ۾ چاهت رکيائين تن کان بيزار ٿئي ٿو. ۽ اها تمنا ڪري ٿو ته ان مال بابت جيڪي ساڙس رِيس ڪندا هئا ۽ ان تي حسد ڪندا هئا سندس بدران اُهي انکي گڏ ڪن ها. موت اچا ان جي جسم ۾ وڌندو رهي ٿو تان جو سندس زبان ڪنن کي بہ ملائي ڇڏيو. بس هو پنهنجي اهل ۾ ائين ٿي ويو جو نہ پنهنجي زبان سان ڳالهائي سگهي ٿو ۽ نہ پنهنجي ڪنن سان ٻُڌي سگهي ٿو. ۽ پنهنجي اکين جي اشاري سان سندن چهرن ڏانهن واجهائي ٿو. سندن زبانن جي چُرپر کي تہ ڏسي ٿو پر انهن جي ڪلام جي موٽ کي نٿو ٻُڌي. پوءِ موت ان تي وڌيڪ چڙهندو اچي ٿو. پوءِ سندس اکيون بند ٿي ويون جيئن سندس ڪن بند ٿي ويا هئا. پوءِ روح سندس جسم کان نڪري ويو. پوءِ هو پنهنجي اهل وٽ لاش ٿي ويو. ماڻهو سندس پاسي کان ڊڄڻ لڳا. ۽ ان وٽان پري ٿيڻ لڳا. هو نہ روئڻ واري کي خوش ڪري سگهي ٿو ۽ نہ سڏڻ واري کي جيءَ ڪري سگهي ٿو. پوءِ انکي زمين ۾ قبر واريءَ جاءِ ڏانهن کڻي اچن ٿا. پوءِ اتي انکي سندس عملن جي حوالي ڪن ٿا. ۽ ماڻهو انکي ڏسڻ کان ڪٽجي وڃن ٿا.

## قيامت

تان جو مقررُ ڪيلُ پنهنجيءَ پڄاڻيءَ تي ۽ امرِ الٰهي پنهنجيءَ تقدير تي پهچي. ۽ آخري مخلوق کي اول واريءَ مخلوق سان ملايو وڃي. ۽ سندس مخلوق جي نئين خلقت بابت امرِ الٰهي جو ارادو ٿيندو تہ آسمان کي حرڪت ڏيندو ۽ انکي ڦاڙيندو. ۽ زمين کي ڌوڏيندو ۽ انکي لوڏيندو ۽ انجي جبلن کي پاڙون پٽيندو ۽ انهن کي اکيڙيندو. ۽ اهي الله جي بزرگيءَ جي هيبت ۽ سندس سلطنت جي خوف کان هڪ ٻئي سان ٽڪرائيندا. ۽ جيڪي زمين منجهہ هوندا انهن کي ڪيندو. پوءِ کين ڳري وڃڻ کان بعد ۾ انهن کي نئون ڪندو. ۽ الڳ الڳ هجڻ ڪانپوءِ کين گڏ ڪندو. پوءِ انهن کي لڪيل عملن ۽ ڳجهن ڪمن جي پُڇاڻي ڪرڻ لاءِ جدا جدا ڪندو. ۽ انهن کي ٻن ٽولن ۾ قرار ڏيندو. هِنن کي انعام ڏيندو ۽ هُنن کان انتقام وٺندو.

پوءِ جيڪي فرمانبردار هوندا تن کي ثواب طور پنهنجي جوارِ رحمت ۾ رکندو ۽ کين پنهنجي گهر ۾ هميشہ لاءِ رهائيندو. جتي رهڻ وارا ڪڏهن بہ لڏپلاڻ نہ ڪندا. ۽ نہ وري سندن حالت متجندي. نہ انهن تي ڪو خوف ايندو، ۽ نہ وري کين ڪا بيماري لڳندي. ۽ نہ ڪو خطرو لاحق ٿيندن، ۽ نہ وري سفر کين روليندن.

وَ أَمَّا أَهْلُ الْمَعْصِيَةِ فَأَنْزَلَهُمْ شَرَّ دَارٍ وَ غَلَّ الْأَيْدِيَ إِلَى الْأَعْنَاقِ وَ قَرَنَ النَّوَاصِيَ بِالْأَقْدَامِ وَ أَلْبَسَهُمْ سَرَابِيلَ الْقَطِرَانِ وَ مُقَطَّعَاتِ النِّيرَانِ فِي عَذَابٍ قَدِ اشْتَدَّ حَرُّهُ وَ بَابٍ قَدْ أُطْبِقَ عَلَى أَهْلِهِ فِي نَارٍ لَهَا كَلَبٌ وَ لَجَبٌ. وَ لَهَبٌ سَاطِعٌ وَ قَصِيفٌ هَائِلٌ لَا يَظْعَنُ مُقِيمُهَا وَ لَا يُفَادَى أَسِيرُهَا وَ لَا تُفْصَمُ كُبُولُهَا لَا مُدَّةَ لِلدَّارِ فَتَفْنَى وَ لَا أَجَلَ لِلْقَوْمِ فَيُقْضَى.

## و منها في ذكر النبي صلى الله عليه وآله

قَدْ حَقَّرَ الدُّنْيَا وَ صَغَّرَهَا وَ أَهْوَنَ بِهَا وَ هَوَّنَهَا وَ عَلِمَ أَنَّ اللَّهَ زَوَاهَا عَنْهُ اخْتِيَاراً وَ بَسَطَهَا لِغَيْرِهِ احْتِقَاراً فَأَعْرَضَ عَنِ الدُّنْيَا بِقَلْبِهِ وَ أَمَاتَ ذِكْرَهَا عَنْ نَفْسِهِ وَ أَحَبَّ أَنْ تَغِيبَ زِينَتُهَا عَنْ عَيْنِهِ لِكَيْلَا يَتَّخِذَ مِنْهَا رِيَاشاً أَوْ يَرْجُوَ فِيهَا مَقَاماً بَلَّغَ عَنْ رَبِّهِ مُعْذِراً وَ نَصَحَ لِأُمَّتِهِ مُنْذِراً وَ دَعَا إِلَى الْجَنَّةِ مُبَشِّراً وَ خَوَّفَ مِنَ النَّارِ مُحَذِّراً.

## أهل البيت

نَحْنُ شَجَرَةُ النُّبُوَّةِ وَ مَحَطُّ الرِّسَالَةِ وَ مُخْتَلَفُ الْمَلَائِكَةِ وَ مَعَادِنُ الْعِلْمِ وَ يَنَابِيعُ الْحُكْمِ نَاصِرُنَا وَ مُحِبُّنَا يَنْتَظِرُ الرَّحْمَةَ وَ عَدُوُّنَا وَ مُبْغِضُنَا يَنْتَظِرُ السَّطْوَة.

باقي نافرمانن کي بُڇڙي گهر ۾ اڇليندن. ۽ هٿن کي ڳچين سان ٻڌندُن. ۽ پيشانين کي پيرن سان ملائيندُن. ۽ کين ڏانڀر جون قميصون ۽ باهه جا ٽُڪرا پارائيندُن. اهڙي عذاب ۾ جنهن جي گرمائش سخت هوندي. ۽ اهڙي دروازي ۾ جيڪو مٿن بند کيو ويندو. ۽ اهڙيءَ باهه ۾ جنهن ۾ سختي ۽ سُرڙاٽ ۽ ڀڙڪندڙ شعلا ۽ خوفناڪ ٽڙڪا هوندا. نہ انجا رهائشي نڪري سگهندا. ۽ نہ ان جي قيدين کان فديو قبول کيو ويندو. ۽ نہ ان جي هٿڪڙين کي کوليو ويندو. ۽ نہ ان گهر لاءِ کا مدت هوندي جيکا ختم ٿيندي. ۽ نہ وري انهن ماڻهن لاءِ کو وقت آهي جيڪو پورو کيو ويندو.

## انهيءَ منجهان، پاڻ ڪريم ﷺ بابت

بيشڪ پاڻ ﷺ هن دنيا کي حقير ۽ پست سمجهيو ۽ انکي هلکو ۽ ڪِريل ٻڌايو. ۽ اهو ڄاڻائون تہ يقيناً الله تعالىٰ ان کي ڄاڻي واڻي کانئس روکي ڇڏيو آهي. ۽ انکي نيچ سمجهندي ٻين لاءِ کولي ڇڏيو آهي.

پوءِ پاڻ ﷺ دل سان دنيا کان پاسو کيو. ۽ ان جي ياد کي پاڻ وٽان ختم کري ڇڏيو. ۽ اهو پسند کيائون تہ ان جي سونهن سندس اکين کان غائب هجي. تہ جيئن نہ ان جو عمدو لباس پائي يا نہ ان ۾ مقام جي اميد رکي.

۽ ماڻهن جي عذر کي ختم کندي پنهنجي رب جو پيغام پهچايو. ۽ ڊيڄاريندي پنهنجي امّت کي نصيحت کئي. ۽ خوشخبري ڏيندي جنت ڏانهن سڏيو. ۽ جهنم کان بچائيندي ان کان ڊيڄاريو.



## اهل بيت عليهم السلام

اسان نبّوت جو شجرو ۽ رسالت جي نزول جو هنڌ ۽ ملائڪن جي هڪ ٻئي پُٺيان اچڻ جي جاءِ ۽ علم جون کاڻيون ۽ حکمت جا چشما آهيون. اسان جو مددگار ۽ اسان جو مُحب رحمت جو انتظار کري، ۽ اسان جو دشمن ۽ اسان کان نفرت کرڻ وارو عذاب جو انتظار کري.

# ١١٠ ـ ومن خطبة له عليه‌السلام

*في أركان الدين*

## الإسلام

إِنَّ أَفْضَلَ مَا تَوَسَّلَ بِهِ الْمُتَوَسِّلُونَ إِلَى اللَّهِ سُبْحَانَهُ وَ تَعَالَى الْإِيمَانُ بِهِ وَ بِ رَسُولِهِ وَ الْجِهَادُ فِي سَبِيلِهِ فَإِنَّهُ ذِرْوَةُ الْإِسْلَامِ وَ كَلِمَةُ الْإِخْلَاصِ فَإِنَّهَا الْفِطْرَةُ وَ إِقَامُ الصَّلَاةِ فَإِنَّهَا الْمِلَّةُ وَ إِيتَاءُ الزَّكَاةِ فَإِنَّهَا فَرِيضَةٌ وَاجِبَةٌ وَ صَوْمُ شَهْرِ رَمَضَانَ فَإِنَّهُ جُنَّةٌ مِنَ الْعِقَابِ وَ حَجُّ الْبَيْتِ وَ اعْتِمَارُهُ فَإِنَّهُمَا يَنْفِيَانِ الْفَقْرَ وَ يَرْحَضَانِ الذَّنْبَ وَ صِلَةُ الرَّحِمِ فَإِنَّهَا مَثْرَاةٌ فِي الْمَالِ وَ مَنْسَأَةٌ فِي الْأَجَلِ وَ صَدَقَةُ السِّرِّ فَإِنَّهَا تُكَفِّرُ الْخَطِيئَةَ وَ صَدَقَةُ الْعَلَانِيَةِ فَإِنَّهَا تَدْفَعُ مِيتَةَ السُّوءِ وَ صَنَائِعُ الْمَعْرُوفِ فَإِنَّهَا تَقِي مَصَارِعَ الْهَوَانِ.

أَفِيضُوا فِي ذِكْرِ اللَّهِ فَإِنَّهُ أَحْسَنُ الذِّكْرِ وَ ارْغَبُوا فِيمَا وَعَدَ الْمُتَّقِينَ فَإِنَّ وَعْدَهُ أَصْدَقُ الْوَعْدِ وَ اقْتَدُوا بِهَدْيِ نَبِيِّكُمْ فَإِنَّهُ أَفْضَلُ الْهَدْيِ وَ اسْتَنُّوا بِسُنَّتِهِ فَإِنَّهَا أَهْدَى السُّنَنِ.

## فضل القرآن

وَ تَعَلَّمُوا الْقُرْآنَ فَإِنَّهُ أَحْسَنُ الْحَدِيثِ وَ تَفَقَّهُوا فِيهِ فَإِنَّهُ رَبِيعُ الْقُلُوبِ وَ اسْتَشْفُوا بِنُورِهِ فَإِنَّهُ شِفَاءُ الصُّدُورِ وَ أَحْسِنُوا تِلَاوَتَهُ فَإِنَّهُ أَنْفَعُ الْقَصَصِ وَ إِنَّ الْعَالِمَ الْعَامِلَ بِغَيْرِ عِلْمِهِ كَالْجَاهِلِ الْحَائِرِ الَّذِي لَا يَسْتَفِيقُ مِنْ جَهْلِهِ.

بَلِ الْحُجَّةُ عَلَيْهِ أَعْظَمُ وَ الْحَسْرَةُ لَهُ أَلْزَمُ وَ هُوَ عِنْدَ اللَّهِ أَلْوَم.

## ١١٠ _ امام عليه السلام جو خطبو، دين جي رڪنن بابت

### اسلام

بيشڪ الله سبحانہ و تعاليٰ ڏانهن وسيلو ڳولهيندڙ لاءِ سڀ کان پهريون وسيلو الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻڻ آهي. ۽ سندس واٽ ۾ جهاد ڪرڻ آهي، بيشڪ اهو اسلام جي بلندي آهي. ۽ ڪلمة الاخلاص آهي، بس يقيناً اهو ئي فطرت آهي. ۽ نماز قائم ڪرڻ آهي، بيشڪ اهو ئي دين آهي. ۽ زڪوات ڏيڻ آهي، بيشڪ اهو واجب فريضو آهي. ۽ رمضان مهيني جا روزا رکڻ آهن، بيشڪ اهي عذاب کان ڍال آهن. ۽ ڪعبة الله جو حجّ ۽ عمرو ڪرڻ آهي، بيشڪ اهي غربت کي دور ڪن ٿا ۽ گناهن کي ڌوئين ٿا. ۽ صلہ رحمي ڪرڻ آهي، بيشڪ اها مال کي گهڻو ڪري ٿي ۽ موت کي ٽاري ٿي. ۽ لِڪائي ڪري صدقو ڏيڻ آهي، بيشڪ اهو خطائن جو ڪفارو آهي. ۽ ظاهر ڪري صدقو ڏيڻ آهي، بيشڪ اهو بُري موت کي ٽاري ٿو. ۽ نيڪيون ڪرڻ آهن، بيشڪ اهي اوچتو ايندڙ ذلت کان بچائين ٿيون.

۽ هميشہ الله جو ذڪر ڪريو، بيشڪ اهو سڀن کان پهريون ذڪر آهي. ۽ ان شيءِ ۾ چاهت رکو جنهن جو هُن پرهيزگارن سان واعدو ڪيو آهي. بيشڪ هنجو واعدو سڀني واعدن کان سچو آهي. ۽ پنهنجي نبي ﷺ جي هدايت جي پيروي ڪريو. بيشڪ اها سڀ کان پهرين هدايت آهي. ۽ سندن سنت مطابق هلو، بيشڪ اها سڀ کان وڌيڪ هدايت ڏيندڙ سنت آهي.

### قرآن جي فضيلت

۽ قرآن سکو، بيشڪ اهو بهترين ڪلام آهي. ۽ ان ۾ غور ۽ فڪر ڪريو، بيشڪ اهو دلين لاءِ بهار آهي. ۽ ان جي نور مان شفا حاصل ڪريو، بيشڪ اهو سينن جي شفا آهي. ۽ ان جي پهرين نموني تلاوت ڪريو، بيشڪ انجا قصا وڌيڪ فائديمند آهن. ۽ بيشڪ اهو عالم جيڪو پنهنجي علم کان بغير عمل ڪري ان وانڱي جاهل وانگر آهي جيڪو پنهنجي جهالت کان ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪري سگهي.

بلڪ ان تي حجت تہ اجا وڌي آهي. ۽ حسرت ان لاءِ حتمي آهي. ۽ هو الله وٽ وڌيڪ ملامت جو حقدار آهي.

# ١١١ ـ و من خطبة له عليه السلام

## في ذم الدنيا

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنِّي أُحَذِّرُكُمُ الدُّنْيَا فَإِنَّهَا حُلْوَةٌ خَضِرَةٌ حُفَّتْ بِالشَّهَوَاتِ وَ تَحَبَّبَتْ بِالْعَاجِلَةِ وَ رَاقَتْ بِالْقَلِيلِ وَ تَحَلَّتْ بِالْآمَالِ وَ تَزَيَّنَتْ بِالْغُرُورِ لَا تَدُومُ حَبْرَتُهَا وَ لَا تُؤْمَنُ فَجْعَتُهَا غَرَّارَةٌ ضَرَّارَةٌ حَائِلَةٌ زَائِلَةٌ نَافِدَةٌ بَائِدَةٌ أَكَّالَةٌ غَوَّالَةٌ لَا تَعْدُو إِذَا تَنَاهَتْ إِلَى أُمْنِيَّةِ أَهْلِ الرَّغْبَةِ فِيهَا وَ الرِّضَاءِ بِهَا أَنْ تَكُونَ كَمَا قَالَ اللَّهُ تَعَالَى سُبْحَانَهُ- كَماءٍ أَنْزَلْناهُ مِنَ السَّماءِ فَاخْتَلَطَ بِهِ نَباتُ الْأَرْضِ فَأَصْبَحَ هَشِيماً تَذْرُوهُ الرِّياحُ وَ كانَ اللَّهُ عَلى كُلِّ شَيْءٍ مُقْتَدِراً.

لَمْ يَكُنِ امْرُؤٌ مِنْهَا فِي حَبْرَةٍ إِلَّا أَعْقَبَتْهُ بَعْدَهَا عَبْرَةً وَ لَمْ يَلْقَ فِي سَرَّائِهَا بَطْناً إِلَّا مَنَحَتْهُ مِنْ ضَرَّائِهَا ظَهْراً وَ لَمْ تَطُلَّهُ فِيهَا دِيمَةُ رَخَاءٍ إِلَّا هَتَنَتْ عَلَيْهِ مُزْنَةُ بَلَاءٍ وَ حَرِيٌّ إِذَا أَصْبَحَتْ لَهُ مُنْتَصِرَةً أَنْ تُمْسِيَ لَهُ مُتَنَكِّرَةً وَ إِنْ جَانِبٌ مِنْهَا اعْذَوْذَبَ وَ احْلَوْلَى أَمَرَّ مِنْهَا جَانِبٌ فَأَوْبَى لَا يَنَالُ امْرُؤٌ مِنْ غَضَارَتِهَا رَغَباً إِلَّا أَرْهَقَتْهُ مِنْ نَوَائِبِهَا تَعَباً وَ لَا يُمْسِي مِنْهَا فِي جَنَاحِ أَمْنٍ إِلَّا أَصْبَحَ عَلَى قَوَادِمِ خَوْفٍ غَرَّارَةٌ غُرُورٌ مَا فِيهَا فَانِيَةٌ فَانٍ مَنْ عَلَيْهَا لَا خَيْرَ فِي شَيْءٍ مِنْ أَزْوَادِهَا إِلَّا التَّقْوَى.

مَنْ أَقَلَّ مِنْهَا اسْتَكْثَرَ مِمَّا يُؤْمِنُهُ وَ مَنِ اسْتَكْثَرَ مِنْهَا اسْتَكْثَرَ مِمَّا يُوبِقُهُ وَ زَالَ عَمَّا قَلِيلٍ عَنْهُ.

## ١١١_ امام عليه السلام جو خطبو. دنيا جي مذمت بابت

اما بعد: بس يقيناً آءٌ توهان کي دنيا کان ڊيڄاريان ٿو. بيشڪ اها مٺي سرسبز ۽ خواهشن سان ڀريل آهي. ۽ هيءَ تڪڙي فائدي جي ڪري ماڻهن کي پسند آهي. ۽ ٿورڙين شين سان سنوريل آهي، ۽ اميدن سان سينگاريل آهي، ۽ ڌوڪن سان سجايل آهي. ان جون خوشيون دائمي ناهن، ۽ نہ وري ان جي مصيبتن کان پناهہ ڏنل آهي. وڏي ڌوڪيباز ۽ هاڃيڪار آهي. رنگيلي ۽ مِٽجڻ واري آهي. ختم ٿيڻ واري ۽ برباد ٿيڻ واري آهي. وڏي کائو ۽ تباهہ ڪندڙ آهي. جڏهن اها پاڻ ۾ چاهہ رکندڙن ۽ پاڻ سان راضي رهندڙن جي اميدن تي پهچي ٿي تہ ائين ٿيڻ کان نٿي وڌي جيئن الله تعالىٰ فرمايو آهي: ”ان پاڻي وانگر آهي جنهن کي اسان آسمان کان نازل ڪيو، پوءِ ان سان زمين جو اوڀڙ گهاٽو ٿيو، پوءِ اهو سُڪل ڪَکَ بڻجي ويو جنهن کي هوائون اڏارين ٿيون، ۽ الله هر شيءَ تي قدرت رکندڙ آهي“.

ڪنهن بہ شخص دنيا مان خوشي نہ ماڻي مگر هن تنهن کانپوءِ وٽس ڳوڙهن کي آندو. ۽ ڪنهن بہ شخص ان جي سُکن ۾ سامهون ملاقات نہ ڪئي مگر هن ڪيس پُٺي ڏيندي پنهنجا ڏُک ڏنس. ۽ ڪنهن بہ شخص تي هن آرام جون ڦُڙيون نہ وسايون مگر ان تي مصيبت جا مِينهن بہ وسايا. ۽ هي ان لائق آهي تہ جڏهن صبح ڪري ٿي تہ ان لاءِ مددگار ٿئي ٿي ۽ شام جو ان کان منهن موڙي ٿي. اگر ان جو هڪ پاسو وٽندڙ ۽ مِناڻ آهي، تہ ٻيو پاسو وبائون ۽ ڪوڙاڻ آهي. ڪو بہ شخص چاهہ سان ان جي خوشحاليءَ تائين نٿو پهچي. مگر هؤ انکي پنهنجي سخت مصيبتن جي وَسَڪاري سان ٽڪائي ڇڏي ٿي. ۽ هو ان ۾ امن جي ڪِنُپِڙاٽِين تي شام نٿو ڪري مگر خوف جي پرن تي صبح ڪري ٿو.

هيءَ دنيا وڏي ڌوڪيباز آهي، ۽ جو منجهس آهي اهو بہ ڌوڪو آهي. ۽ فنا ٿيڻ واري آهي ۽ جيڪو ڪجهہ ان ۾ آهي پڻ فنا ٿيڻ وارو آهي. ۽ ان جي ثمر مان ڪنهن بہ شيءَ ۾ ڀلائي نہ آهي سواءِ پرهيزگاريءَ جي.

جنهن ان مان ٿورو ورتو تہ ان پنهنجي لاءِ محفوظ ڪندڙ شين کي گهڻو ڪيو. ۽ جنهن ان مان گهڻو ورتو تہ ان پنهنجي لاءِ برباد ڪندڙ شين کي گهڻو ڪيو. ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ اهي ڪانئس ختم ٿي وينديون.

كَمْ مِنْ وَاثِقٍ بِهَا قَدْ فَجَعَتْهُ وَ ذِي طُمَأْنِينَةٍ إِلَيْهَا قَدْ صَرَعَتْهُ وَ ذِي أُبَّهَةٍ قَدْ جَعَلَتْهُ حَقِيراً وَ ذِي نَخْوَةٍ قَدْ رَدَّتْهُ ذَلِيلًا.

سُلْطَانُهَا دُوَّلٌ وَ عَيْشُهَا رَنِقٌ وَ عَذْبُهَا أُجَاجٌ وَ حُلْوُهَا صَبِرٌ وَ غِذَاؤُهَا سِمَامٌ وَ أَسْبَابُهَا رِمَامٌ حَيُّهَا بِعَرَضِ مَوْتٍ وَ صَحِيحُهَا بِعَرَضِ سُقْمٍ مُلْكُهَا مَسْلُوبٌ وَ عَزِيزُهَا مَغْلُوبٌ وَ مَوْفُورُهَا مَنْكُوبٌ وَ جَارُهَا مَحْرُوبٌ أَ لَسْتُمْ فِي مَسَاكِنِ مَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ أَطْوَلَ أَعْمَاراً وَ أَبْقَى آثَاراً وَ أَبْعَدَ آمَالًا وَ أَعَدَّ عَدِيداً وَ أَكْثَفَ جُنُوداً تَعَبَّدُوا لِلدُّنْيَا أَيَّ تَعَبُّدٍ وَ آثَرُوهَا أَيَّ إِيْثَارٍ ثُمَّ ظَعَنُوا عَنْهَا بِغَيْرِ زَادٍ مُبَلِّغٍ وَ لَا ظَهْرٍ قَاطِعٍ فَهَلْ بَلَغَكُمْ أَنَّ الدُّنْيَا سَخَتْ لَهُمْ نَفْساً بِفِدْيَةٍ أَوْ أَعَانَتْهُمْ بِمَعُونَةٍ أَوْ أَحْسَنَتْ لَهُمْ صُحْبَةً بَلْ أَرْهَقَتْهُمْ بِالْقَوَادِحِ وَ أَوْهَقَتْهُمْ بِالْقَوَارِعِ وَ ضَعْضَعَتْهُمْ بِالنَّوَائِبِ وَ عَفَّرَتْهُمْ لِلْمَنَاخِرِ وَ وَطِئَتْهُمْ بِالْمَنَاسِمِ وَ أَعَانَتْ عَلَيْهِمْ رَيْبَ الْمَنُونِ.

فَقَدْ رَأَيْتُمْ تَنَكُّرَهَا لِمَنْ دَانَ لَهَا وَ آثَرَهَا وَ أَخْلَدَ إِلَيْهَا حِينَ ظَعَنُوا عَنْهَا لِفِرَاقِ الْأَبَدِ وَ هَلْ زَوَّدَتْهُمْ إِلَّا السَّغَبَ أَوْ أَحَلَّتْهُمْ إِلَّا الضَّنْكَ أَوْ نَوَّرَتْ لَهُمْ إِلَّا الظُّلْمَةَ أَوْ أَعْقَبَتْهُمْ إِلَّا النَّدَامَةَ أَ فَهَذِهِ تُؤْثِرُونَ أَمْ إِلَيْهَا تَطْمَئِنُّونَ أَمْ عَلَيْهَا تَحْرِصُونَ فَبِئْسَتِ الدَّارُ لِمَنْ لَمْ يَتَّهِمْهَا وَ لَمْ يَكُنْ فِيهَا عَلَى وَجَلٍ مِنْهَا فَاعْلَمُوا وَ أَنْتُمْ تَعْلَمُونَ بِأَنَّكُمْ تَارِكُوهَا وَ ظَاعِنُونَ عَنْهَا وَ اتَّعِظُوا فِيهَا بِالَّذِينَ قَالُوا مَنْ أَشَدُّ مِنَّا قُوَّةً حُمِلُوا إِلَى قُبُورِهِمْ فَلَا يُدْعَوْنَ رُكْبَاناً وَ أُنْزِلُوا الْأَجْدَاثَ فَلَا يُدْعَوْنَ ضِيفَاناً.

دنيا تي پروسو ڪندڙن مان ڪيترن کي هن ختم ڪري ڇڏيو. ۽ متس مطمئن رهندڙن مان ڪيترن کي هن دَسي ڇڏيو. ۽ ڪيترن ئي شان وارن کي هن نِيچ ڪري ڇڏيو. ۽ ڪيترن ئي هَٺَ ڪندڙن کي هن ذليل ڪري ڇڏيو.

هنجي بادشاهي ڦِرندڙ، ۽ هُنجي خوشحالي ڪِني، ۽ هنجي وٽندڙ شيءِ کَساري ۽ ان جي مِناڻ ڪوڙي ۽ ان جي خوراڪ زهريلي ۽ انجا سبب ڳريل آهن. هن جا زنده موت جي مُنهن ۾ آهن. ۽ هن جا صحتمند بيماريءَ جي وَر چڙهڻ وارا آهن. ان جي بادشاهي کَسيَل آهي، ۽ ان جو غالب بہ مغلوب آهي. ۽ ان جو شاهوڪار ڏڪيَل آهي. ۽ ان جو پاڙيسري لُٽيل آهي. ڇا توهان پاڻ کان اڳ وارن جي گهرن ۾ نتا رهو جيڪي عمر ۾ وڏا، آثار ۾ پائدار، اميدن ۾ ڊگها، ڳاٽاتي ۾ گهڻا ۽ لشڪر ۾ وڏيڪ هئا. جيڪي دنيا جي هر قسم جي پوڄا ڪندا هئا ۽ انکي هر شيءَ تي ترجيح ڏيندا هئا. پوءِ هو منزل تائين پهچائڻ واري سمر ۽ سواريءَ کان سواءِ هن کان هليا ويا. پوءِ ڇا توهان ٻڌو آهي تہ دنيا انهن مان ڪنهن لاءِ پاڻ کي قربان ڪيو هجي. يا ڪنهن امداد سان سندن مدد ڪئي هجي. يا ساڻن چڱي نموني پيش آئي هجي. بلڪ هن تہ متن سختيون هاريون آهن. ۽ تڪليفن ۾ ڦاسايو آهي. ۽ مصيبتن سان کين ضعيف ڪيو آهي. ۽ کين نڪ ڀر ڪيرائي ڏوڙ ڪيو آهي. ۽ لتن سان لتاڙيو آهي. ۽ زماني جي حادثن سان انهن خلاف مدد ڪئي آهي.

بيشڪ توهان ڏٺو تہ جيڪو ان لاءِ جهڪيو ۽ انکي ترجيح ڏني ۽ متس اعتماد ڪيو تہ هن ڪانئس اجنبيت اختيار ڪئي جڏهن اهي ڪانئس هميشہ لاءِ وڃڻ لڳا. ۽ هن انهن کي سواءِ بُک جي ڪو توشو ڏنو، يا سواءِ سوڙهيءَ جاءِ جي ڪتي ترسايو، يا سواءِ اونداهي جي ڪو سوجهرو ڪيو، يا سواءِ پشيمانيءَ جي ٻيو ڪجھ ڏنو؟ پوءِ ڇا توهان هِن کي ترجيح ڏيو ٿا، يا ان سان مطمئن رهو ٿا، يا هنجي لالچ رکو ٿا؟ بس پوءِ هي ڪيڏو نہ بڇڙو گهر آهي ان لاءِ جيڪو هنجي ملامت نہ ڪري، ۽ جيڪو هِن ۾ هِن کان ڊڄندو نہ رهي. بس ڄاڻي ونو _جڏهن تہ توهان ڄاڻو بہ ٿا_ تہ يقيناً توهان هن کي ڇڏڻ وارا ۽ هن کان لڏڻ وارا آهيو. ۽ توهان هتي انهن ماڻهن کان نصيحت ونو جيڪي چوندا هئا تہ ”طاقت ۾ اسان کان وڌيڪ ڪير آهي“ انهن کي بہ سندن قبرن ڏانهن کنيو ويو پر کين سوار نہ چيو ويندو. ۽ سندن قبرن ۾ لاٿو ويو پر کين مهمان نہ ڪوٺيو ويندو.

وَ جُعِلَ لَهُمْ مِنَ الصَّفِيحِ أَجْنَانٌ وَ مِنَ التُّرَابِ أَكْفَانٌ وَ مِنَ الرُّفَاتِ جِيرَانٌ فَهُمْ جِيرَةٌ لَا يُجِيبُونَ دَاعِياً وَ لَا يَمْنَعُونَ ضَيْماً وَ لَا يُبَالُونَ مَنْدَبَةً.

إِنْ جِيدُوا لَمْ يَفْرَحُوا وَ إِنْ قُحِطُوا لَمْ يَقْنَطُوا جَمِيعٌ وَ هُمْ آحَادٌ وَ جِيرَةٌ وَ هُمْ أَبْعَادٌ مُتَدَانُونَ لَا يَتَزَاوَرُونَ وَ قَرِيبُونَ لَا يَتَقَارَبُونَ حُلَمَاءُ قَدْ ذَهَبَتْ أَضْغَانُهُمْ وَ جُهَلَاءُ قَدْ مَاتَتْ أَحْقَادُهُمْ لَا يُخْشَى فَجْعُهُمْ وَ لَا يُرْجَى دَفْعُهُمْ اسْتَبْدَلُوا بِظَهْرِ الْأَرْضِ بَطْناً وَ بِالسَّعَةِ ضِيقاً وَ بِالْأَهْلِ غُرْبَةً وَ بِالنُّورِ ظُلْمَةً فَجَاءُوهَا كَمَا فَارَقُوهَا حُفَاةً عُرَاةً قَدْ ظَعَنُوا عَنْهَا بِأَعْمَالِهِمْ إِلَى الْحَيَاةِ الدَّائِمَةِ وَ الدَّارِ الْبَاقِيَةِ كَمَا قَالَ سُبْحَانَهُ وَ تَعَالَى- كَما بَدَأْنا أَوَّلَ خَلْقٍ نُعِيدُهُ وَعْداً عَلَيْنا إِنَّا كُنَّا فاعِلِين.

## ١١٢ ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*ذكر فيها ملك الموت و توفية النفس و عجز الخلق عن وصف الله*

هَلْ تُحِسُّ بِهِ إِذَا دَخَلَ مَنْزِلًا أَمْ هَلْ تَرَاهُ إِذَا تَوَفَّى أَحَداً بَلْ كَيْفَ يَتَوَفَّى الْجَنِينَ فِي بَطْنِ أُمِّهِ أَ يَلِجُ عَلَيْهِ مِنْ بَعْضِ جَوَارِحِهَا أَمْ الرُّوحُ أَجَابَتْهُ بِإِذْنِ رَبِّهَا أَمْ هُوَ سَاكِنٌ مَعَهُ فِي أَحْشَائِهَا كَيْفَ يَصِفُ إِلَهَهُ مَنْ يَعْجَزُ عَنْ صِفَةِ مَخْلُوقٍ مِثْلِه.

۽ زمين جي مٿاڇري تي سندن لاءِ قبرون ناهيون ويون. ۽ مٽيءَ جا ڪفن ڏنا ويا. ۽ ڳريل هڏين کي سندن پاڙيسري بڻايو ويو. هو اهڙا پاڙيسري آهن جيڪي سڏڻ وارن کي جيءَ نٿا ڪري سگهن. ۽ نہ تڪليف کي روڪي سگهن ٿا. ۽ نہ روئڻ جي پرواھ ڪن ٿا.

اگر مِينهن وسايو وڃي تہ خوش نٿا ٿين. ۽ اگر ڏُڪار ڪيو وڃي تہ مايوس نٿا ٿين. هو گڏ هوندي بہ اڪيلا آهن، ۽ پاڙيسري هوندي بہ وڇِيرڪا آهن. ۽ هڪ ٻئي جي ويجهو آهن پر هڪ ٻئي سان ملاقاتون نٿا ڪن. قريب آهن پر هڪ ٻئي جي ويجهو نٿا ٿين. هو اهڙا بُردبار ٿي ويا آهن جن کان نفرت ختم ٿي وئي هجي. ۽ اهڙا بي خبر ٿي ويا آهن جن جو ڪِينو مري چڪو هجي. نہ سندن خطري کان ڊنو وڃي ٿو. ۽ نہ سندن حمايت جي اميد ڪئي وڃي ٿي.

انهن زمين جي ظاهر کي باطن، ۽ ڪشادگيءَ کي تنگي، ۽ پنهنجن کي پراون، ۽ سوجهري کي اونداهي ۾ مَٽائي ڇڏيو آهي. پوءِ هو جيئن هتي آيا هئا ائين ئي هتان کان هليا ويا پيرن ۽ لڱن اگهاڙا. بيشڪ اهي هتان کان پنهنجي عملن ساڻ هميشہ واريءَ زندگيءَ ۽ ابديءَ گهر ڏانهن هليا ويا. جيئن الله سبحانہ وتعالیٰ فرمايو آهي: ”جيئن اسان پهريائين بڻايوسين تيئن ان کي وري بڻائينداسين. اهو واعدو اسان تي لازم آهي بيشڪ اسان اهو ضرور ڪرڻ وارا آهيون“.

٢٨١

## ١١٢_امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام ملڪ الموت ۽ ان جي روح قبض ڪرڻ ڪي ۽ مخلوق جي الله تعالیٰ جي وصف کان عاجز هجڻ کي ذڪر ڪيو آهي.

ڇا تون انکي محسوس ڪرين ٿو جڏهن هو گهر ۾ داخل ٿئي ٿو؟ يا ڇا تو انکي ڏٺو آهي جڏهن هو ڪنهن کي ماري ٿو؟ بلڪ هو ماءَ جي پيٽ ۾ موجود ٻار کي ڪيئن ماري ٿو. ڇا هو ان وٽ ماء جي جسم جي ڪنهن حصي مان داخل ٿئي ٿو.

يا روح سندس رب جي حڪم سان انکي لبيڪ چوي ٿو. يا هو ماء جي پيٽ ۾ هن سان گڏ رهي ٿو. ڪو هنجي معبود کي ڪيئن بيان ڪندو جيڪو ان جهڙي مخلوق جي بيان کان عاجز آهي؟.

# ١١٣ ـ من خطبة له عليه السلام

*في ذم الدنيا*

وَ أُحَذِّرُكُمُ الدُّنْيَا فَإِنَّهَا مَنْزِلُ قُلْعَةٍ وَ لَيْسَتْ بِدَارِ نُجْعَةٍ قَدْ تَزَيَّنَتْ بِغُرُورِهَا وَ غَرَّتْ بِزِينَتِهَا دَارُهَا هَانَتْ عَلَى رَبِّهَا فَخَلَطَ حَلاَلَهَا بِحَرَامِهَا وَ خَيْرَهَا بِشَرِّهَا وَ حَيَاتَهَا بِمَوْتِهَا وَ حُلْوَهَا بِمُرِّهَا لَمْ يُصْفِهَا اللَّهُ تَعَالَى لِأَوْلِيَائِهِ وَ لَمْ يَضِنَّ بِهَا عَلَى أَعْدَائِهِ خَيْرُهَا زَهِيدٌ وَ شَرُّهَا عَتِيدٌ وَ جَمْعُهَا يَنْفَدُ وَ مُلْكُهَا يُسْلَبُ وَ عَامِرُهَا يَخْرَبُ فَمَا خَيْرُ دَارٍ تُنْقَضُ نَقْضَ الْبِنَاءِ وَ عُمُرٍ يَفْنَى فِيهَا فَنَاءَ الزَّادِ وَ مُدَّةٍ تَنْقَطِعُ انْقِطَاعَ السَّيْرِ اجْعَلُوا مَا افْتَرَضَ اللَّهُ عَلَيْكُمْ مِنْ طَلَبِكُمْ وَ اسْأَلُوهُ مِنْ أَدَاءِ حَقِّهِ مَا سَأَلَكُمْ.

وَ أَسْمِعُوا دَعْوَةَ الْمَوْتِ آذَانَكُمْ قَبْلَ أَنْ يُدْعَى بِكُمْ إِنَّ الزَّاهِدِينَ فِي الدُّنْيَا تَبْكِي قُلُوبُهُمْ وَ إِنْ ضَحِكُوا وَ يَشْتَدُّ حُزْنُهُمْ وَ إِنْ فَرِحُوا وَ يَكْثُرُ مَقْتُهُمْ أَنْفُسَهُمْ وَ إِنِ اغْتَبَطُوا بِمَا رُزِقُوا قَدْ غَابَ عَنْ قُلُوبِكُمْ ذِكْرُ الْآجَالِ وَ حَضَرَتْكُمْ كَوَاذِبُ الْآمَالِ فَصَارَتِ الدُّنْيَا أَمْلَكَ بِكُمْ مِنَ الْآخِرَةِ وَ الْعَاجِلَةُ أَذْهَبَ بِكُمْ مِنَ الْآجِلَةِ وَ إِنَّمَا أَنْتُمْ إِخْوَانٌ عَلَى دِينِ اللَّهِ مَا فَرَّقَ بَيْنَكُمْ إِلَّا خُبْثُ السَّرَائِرِ وَ سُوءُ الضَّمَائِرِ فَلَا تَوَازَرُونَ وَ لَا تَنَاصَحُونَ وَ لَا تَبَاذَلُونَ وَ لَا تَوَادُّونَ مَا بَالُكُمْ تَفْرَحُونَ بِالْيَسِيرِ مِنَ الدُّنْيَا تُدْرِكُونَهُ وَ لَا يَحْزُنُكُمُ الْكَثِيرُ مِنَ الْآخِرَةِ تُحْرَمُونَهُ وَ يُقْلِقُكُمُ الْيَسِيرُ مِنَ الدُّنْيَا يَفُوتُكُمْ.

## ١١٣_ امام عليه السلام جو خطبو. دنيا جي مذمت بابت

آءٌ توهان کي دنيا کان ڊيڄاريان ٿو. بيشڪ هيءَ اُڪرڻ واري جاءِ آهي. ۽ هيءَ ترسڻ وارو گهر نہ آهي. يقيناً پنهنجي ڌوڪي سان سنوريل آهي. ۽ پنهنجي سُونهن سان ڌوڪو ڏيندڙ آهي. هنجو گهر پنهنجي رب وٽ بي قيمت آهي. بس الله هنجي حلال کي سندس حرام سان، ۽ هنجي خير کي سندس شر سان، ۽ هنجي زندگيءَ کي سندس موت سان، ۽ هنجي مِٺاڻ کي سندس ڪوڙاڻ سان ملائي ڇڏيو آهي. الله تعالىٰ پنهنجي ولين لاءِ انکي اختيار ناهي ڪيو. ۽ انکي پنهنجي دشمنن کان ناهي روڪيو. هنجو خير ٿورو آهي. ۽ ان جو شر حاضر آهي. ۽ ان جو گڏ ڪرڻ کُٽي ويندو. ۽ ان جي بادشاهي کسجي ويندي. ۽ ان جي آبادي ويران ٿي ويندي. پوءِ ڇا اهڙو گهر جيڪو عمارت جي ڊهڻ وانگر ڊاٿو ويندو ۽ عمر جيڪا هن ۾ ثمر جي ختم ٿيڻ جيان ختم ٿي ويندي ۽ مدت جيڪا سفر جي پوري ٿيڻ وانگر پوري ٿي ويندي پلو آهي؟. جو ڪجهہ الله توهان مٿان فرض ڪيو آهي انکي پنهنجي ضرورت بڻايو ۽ ان حق جي ادائگي جي ڪائنس توفيق گهرو جيڪو هن توهان کان طلبيو آهي.

۽ توهان پاڻ موت جو سَڏ پنهنجي ڪنن کي ٻُڌرايو، ان کان پهريائين جو توهان کي سڏيو وڃي. بيشڪ دنيا ۾ زُهد اختيار ڪندڙ ماڻهن جون دليون روئينديون آهن جيتوڻيڪ هو کلندا آهن. ۽ سندن ڏُک سخت هوندو اٽن جيتوڻيڪ هو خوش هوندا آهن. ۽ انهن جي پاڻ سان ناراضگي گهڻي هوندي آهي جيتوڻيڪ انهن سان ان تي رِيس ڪئي ويندي آهي جيڪو کين رزق ڏنو ويو آهي. يقيناً توهان جي دلين کان موت جي ياد نڪري وئي آهي. ۽ ڪوڙيون اميدون توهان وٽ اچي ويون آهن. بس دنيا توهان تي آخرت کان وڌيڪ مالڪياڻي ٿي وئي آهي. ۽ تڪڙي دنيا توهان کان دير واريءَ آخرت کي پري ڪري ڇڏيو آهي. ۽ توهان تہ فقط ديني ڀائر آهيو. ۽ توهان جي درميان تفرقو ناهي وڌو مگر اندر جي خباثتن ۽ بُرين نيتن. نہ هڪ ٻئي جو بار کڻو ٿا. ۽ نہ هڪ ٻئي کي نصيحت ڪريو ٿا. ۽ نہ هڪ ٻئي تي خرچ ڪريو ٿا. ۽ نہ هڪ ٻئي سان محبت ڪريو ٿا. توهان کي ڇا ٿي ويو آهي. جو توهان ٿورڙيءَ هٿ ڪيل دنيا تي خوش ٿيو ٿا. ۽ گهڻيءَ آخرت جنهن کان توهان محروم ڪيا وڃو ٿا توهان کي ڏڪارو نٿي ڪري.

۽ ٿوري دنيا جيڪا توهان کان ضايع ٿئي ٿي توهان کي پريشان ڪري ڇڏي ٿي.

حَتَّى يَتَبَيَّنَ ذَلِكَ فِي وُجُوهِكُمْ وَ قِلَّةِ صَبْرِكُمْ عَمَّا زُوِيَ مِنْهَا عَنْكُمْ كَأَنَّهَا دَارُ مُقَامِكُمْ وَ كَأَنَّ مَتَاعَهَا بَاقٍ عَلَيْكُمْ وَ مَا يَمْنَعُ أَحَدَكُمْ أَنْ يَسْتَقْبِلَ أَخَاهُ بِمَا يَخَافُ مِنْ عَيْبِهِ إِلَّا مَخَافَةُ أَنْ يَسْتَقْبِلَهُ بِمِثْلِهِ قَدْ تَصَافَيْتُمْ عَلَى رَفْضِ الْآجِلِ وَ حُبِّ الْعَاجِلِ وَ صَارَ دِينُ أَحَدِكُمْ لُعْقَةً عَلَى لِسَانِهِ صَنِيعَ مَنْ قَدْ فَرَغَ مِنْ عَمَلِهِ وَ أَحْرَزَ رِضَى سَيِّدِه.

## ١١٤ ـ ومن خطبة له عليه السلام

*وفيها مواعظ للناس*

الْحَمْدُ لِلَّهِ الْوَاصِلِ الْحَمْدَ بِالنِّعَمِ وَ النِّعَمَ بِالشُّكْرِ نَحْمَدُهُ عَلَى آلَائِهِ كَمَا نَحْمَدُهُ عَلَى بَلَائِهِ وَ نَسْتَعِينُهُ عَلَى هَذِهِ النُّفُوسِ الْبِطَاءِ عَمَّا أُمِرَتْ بِهِ السِّرَاعِ إِلَى مَا نُهِيَتْ عَنْهُ وَ نَسْتَغْفِرُهُ مِمَّا أَحَاطَ بِهِ عِلْمُهُ وَ أَحْصَاهُ كِتَابُهُ عِلْمٌ غَيْرُ قَاصِرٍ وَ كِتَابٌ غَيْرُ مُغَادِرٍ وَ نُؤْمِنُ بِهِ إِيمَانَ مَنْ عَايَنَ الْغُيُوبَ وَ وَقَفَ عَلَى الْمَوْعُودِ إِيمَاناً نَفَى إِخْلَاصُهُ الشِّرْكَ وَ يَقِينُهُ الشَّكَّ وَ نَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ وَ أَنَّ مُحَمَّداً صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَ آلِهِ وَ سَلَّمَ عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ شَهَادَتَيْنِ تُصْعِدَانِ الْقَوْلَ وَ تَرْفَعَانِ الْعَمَلَ لَا يَخِفُّ مِيزَانٌ تُوضَعَانِ فِيهِ.

وَ لَا يَثْقُلُ مِيزَانٌ تُرْفَعَانِ عَنْهُ أُوصِيكُمْ عِبَادَ اللَّهِ بِتَقْوَى اللَّهِ الَّتِي هِيَ الزَّادُ وَ بِهَا الْمَعَاذُ زَادٌ مُبْلِغٌ وَ مَعَاذٌ مُنْجِحٌ دَعَا إِلَيْهَا أَسْمَعُ دَاعٍ.

ايستائين جو اها توهان جي چهرن ۾ ظاهر ٿئي ٿي. ۽ دنيا مان جنهن شيءِ کي توهان کان روڪيو ويو آهي ان ۾ توهان جو صبر گهٽجي وڃي ٿو. جڻ تہ اِهو ئي توهان جي رهائش جو گهر آهي. ۽ جڻ تہ هن جو سازو سامان ئي توهان لاءِ باقي رهندو. ڪا بہ شيءِ توهان مان ڪنهن کي بہ پنهنجي ڀاءُ کي عيبن جي نصيحت ڪرڻ کان نٿي روڪي مگر اهو ڀؤ تہ هو بہ سندس اهڙن ئي عيبن جي نصيحت ڪندو. بيشڪ توهان آخرت جي نُڪرائڻ ۽ دنيا جي چاهڻ تي هڪ ٻئي سان ٺاهہ ڪري ڇڏيو آهي. توهان مان هر هڪ جو دين زبان جو چاٽو ٿي ويو آهي. ۽ ان ماڻهوءَ جيان ٿي ويا آهيو جيڪو پنهنجي ڪم کان فارغ ٿي ويو هجي ۽ پنهنجي مالڪ جي رضايت حاصل ڪري ڇڏي هجي.

## ١١۴_ امام عليه السلام جو خطبو. جنهن ۾ ماڻهن لاءِ نصيحتون آهن

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جيڪو حمد کي نعمتن سان ۽ نعمتن کي شڪر سان ملائڻ وارو آهي. اسان هنجي سندس نعمتن تي ائين ساراهہ ڪريون ٿا جيئن هنجي سندس مصيبتن تي ساراهہ ڪريون ٿا. ۽ اسان ڪانئس هنن نفسن خلاف مدد گهرون ٿا جيڪي انهن ۾ سُست آهن جن جو حڪم ڏنو ويو اٿن ۽ انهن ڏانهن چُست آهن جن کان روڪيا ويا آهن. ۽ اسان ڪانئس انهن شين کان مغفرت طلب ڪريون ٿا جن کي سندس علم احاطو ڪري ڇڏيو آهي. ۽ جن کي سندس ڪتاب ڳڻي ڇڏيو آهي. اهڙو علم جيڪو رهائڻ وارو ناهي ۽ اهڙو ڪتاب جيڪو ڇڏڻ وارو نہ آهي. ۽ اسان مٿس ان شخص جي ايمان وانگر ايمان رکون ٿا جنهن غيب جو مشاهدو ڪيو هجي. ۽ واعدي ڪيل ڏينهن بابت آگاهہ ٿيو هجي. اهڙو ايمان جنهن جو خالص هجڻ شرڪ جي ۽ جنهن جو يقين شڪّ جي نفي ڪري ٿو. ۽ اسان گواهي ڏيون ٿا تہ ڪو بہ معبود نہ آهي سواءِ ان الله جي جيڪو اڪيلو آهي ۽ سندس ڪو بہ شريڪ نہ آهي. ۽ بيشڪ محمّد صلى الله عليه وآله وسلم سندس ٻانهو ۽ رسول آهي. اهڙيون بہ گواهيون جيڪي قول کي مٿي پهچائين ٿيون ۽ عمل کي بلند ڪن ٿيون.

۽ تارازيءَ جو اهو پُڙ هلڪو نہ ٿيندو جنهن ۾ اهي ٻئي وڌيون وڃن. ۽ تارازيءَ جو اهو پُڙ ڳرو نہ ٿيندو جنهن مان اهي ٻئي ڪنيون وڃن. اي الله جا ٻانهؤ آءٌ توهان کي الله جي پرهيزگاريءَ بابت وصيّت ڪريان ٿو. ۽ اها تقوىٰ سمر آهي. ۽ انهيءَ سان بچاءُ آهي. اهڙو سمر آهي جيڪو پهچائيندڙ آهي ۽ اهڙو بچاءُ آهي جيڪو ڪامياب ڪندڙ آهي. جنهن ڏانهن سڀ کان وڌيڪ ٻڌڻ واري سڏيو آهي.

وَ وَعَاهَا خَيْرُ وَاعٍ فَأَسْمَعَ دَاعِيهَا وَ فَازَ وَاعِيهَا.

عِبَادَ اللَّهِ إِنَّ تَقْوَى اللَّهِ حَمَتْ أَوْلِيَاءَ اللَّهِ مَحَارِمَهُ وَ أَلْزَمَتْ قُلُوبَهُمْ مَخَافَتَهُ حَتَّى أَسْهَرَتْ لَيَالِيَهُمْ وَ أَظْمَأَتْ هَوَاجِرَهُمْ فَأَخَذُوا الرَّاحَةَ بِالنَّصَبِ وَ الرِّيَّ بِالظَّمَإِ وَ اسْتَقْرَبُوا الْأَجَلَ فَبَادَرُوا الْعَمَلَ وَ كَذَّبُوا الْأَمَلَ فَلَاحَظُوا الْأَجَلَ ثُمَّ إِنَّ الدُّنْيَا دَارُ فَنَاءٍ وَ عَنَاءٍ وَ غِيَرٍ وَ عِبَرٍ فَمِنَ الْفَنَاءِ أَنَّ الدَّهْرَ مُوتِرٌ قَوْسَهُ لَا تُخْطِئُ سِهَامُهُ وَ لَا تُؤْسَى جِرَاحُهُ يَرْمِي الْحَيَّ بِالْمَوْتِ وَ الصَّحِيحَ بِالسَّقَمِ وَ النَّاجِيَ بِالْعَطَبِ آكِلٌ لَا يَشْبَعُ وَ شَارِبٌ لَا يَنْقَعُ.

وَ مِنَ الْعَنَاءِ أَنَّ الْمَرْءَ يَجْمَعُ مَا لَا يَأْكُلُ وَ يَبْنِي مَا لَا يَسْكُنُ ثُمَّ يَخْرُجُ إِلَى اللَّهِ تَعَالَى لَا مَالًا حَمَلَ وَ لَا بِنَاءً نَقَلَ وَ مِنْ غِيَرِهَا أَنَّكَ تَرَى الْمَرْحُومَ مَغْبُوطاً وَ الْمَغْبُوطَ مَرْحُوماً لَيْسَ ذَلِكَ إِلَّا نَعِيماً زَلَّ وَ بُؤْساً نَزَلَ وَ مِنْ عِبَرِهَا أَنَّ الْمَرْءَ يُشْرِفُ عَلَى أَمَلِهِ فَيَقْتَطِعُهُ حُضُورُ أَجَلِهِ فَلَا أَمَلٌ يُدْرَكُ وَ لَا مُؤَمَّلٌ يُتْرَكُ فَسُبْحَانَ اللَّهِ مَا أَعَزَّ سُرُورَهَا وَ أَظْمَأَ رِيَّهَا وَ أَضْحَى فَيْئَهَا لَا جَاءٍ يُرَدُّ وَ لَا مَاضٍ يَرْتَدُّ.

فَسُبْحَانَ اللَّهِ مَا أَقْرَبَ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ لِلَحَاقِهِ بِهِ وَ أَبْعَدَ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ لِانْقِطَاعِهِ عَنْهُ إِنَّهُ لَيْسَ شَيْءٌ بِشَرٍّ مِنَ الشَّرِّ إِلَّا عِقَابُهُ وَ لَيْسَ شَيْءٌ بِخَيْرٍ مِنَ الْخَيْرِ إِلَّا ثَوَابُهُ وَ كُلُّ شَيْءٍ مِنَ الدُّنْيَا سَمَاعُهُ أَعْظَمُ مِنْ عِيَانِهِ وَ كُلُّ شَيْءٍ مِنَ الْآخِرَةِ عِيَانُهُ أَعْظَمُ مِنْ سَمَاعِهِ.

۽ پلي سنڀالڻ واري انکي سنڀاليو آهي. پوءِ تقوىٰ ڏانهن سڏڻ واري ٻڌايو ۽ انکي سنڀالڻ وارو ڪامياب ٿيو.
الله جا ٻانهؤ بيشڪ الله جي تقوىٰ الله جي ولين کي سندس حرام ڪيل شين کان روڪي ڇڏيو آهي. ۽ سندن دلين مٿان ان جي خوف کي لازم ڪري ڇڏيو آهي. ايستائين جو هن ڪين راتين پر جاڳائي ڇڏيو آهي. ۽ هن ڪين تتهڻ اُس ۾ اجارو ڪري رکيو آهي. پوءِ انهن ڏکن سان سُک ۽ اُڃ سان سيرابي ماڻي. ۽ انهن موت کي قريب سمجهو پوءِ عمل ۾ جلدي ڪيائون. ۽ انهن اميدن کي ڪوڙو ڄاتو پوءِ آخرت کي ڀَسيائون. پوءِ يقيناً دنيا فنا، تنگيءَ، تبديلين ۽ نصيحتن جو گهر آهي. ۽ هنجي فنا اها آهي ته يقيناً زماني پنهنجي ڪمان جي ڏور ڇڪي ڇڏي آهي. جنهن جا تير نه گُسندا ۽ انجا زخم نه ڇُٽندا. ۽ هو زنده کي موت جو ۽ صحتمند کي بيماريءَ جو ۽ ڪامياب کي ناڪامي جو تير هڻندو. هو اهڙو کائيندڙ آهي جو ڍاپي نٿو ۽ اهڙو پيئندڙ آهي جو سيراب نٿو ٿئي.
۽ هنجي تنگي اها آهي ته بيشڪ ماڻهو ان کي گڏ ڪري ٿو جنهن کي کائي نٿو ۽ انکي ناهي ٿو جنهن ۾ رهي نٿو. پوءِ الله تعالىٰ ڏانهن هليو وڃي ٿو جڏهن ته هن نه مال کنيو ۽ نه مڪان منتقل ڪيو. ۽ هنجي تبديلي اها آهي ته بيشڪ تون ترس ڪيل ماڻهوءَ کي رِيَس ڪيل ۽ رِيَس ڪيل ماڻهوءَ کي تَرس ڪيل ڏسين ٿو. اهو تَرس ناهي مگر ختم ٿيندڙ نعمتن ۽ ايندڙ بدحالي جي ڪري. ۽ هنجي نصيحت اها آهي ته بيشڪ ماڻهو پنهنجي اميد ماڻڻ وارو هوندو آهي پر سندس موت جو اچڻ اميد کي ٽوڙي ڇڏي ٿو. بس نه اميد حاصل ڪئي وڃي ٿي ۽ نه اميدوار کي ڇڏيو وڃي ٿو. سبحان الله! هن ان جي سرور کي ڪيڏو ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هنجي سيرابيءَ کي ڪيڏو اجارو ڪري ڇڏيو آهي. ۽ هنجي ڇانو تي ڪيڏي اُس ڪري ڇڏي آهي. نه ايندڙ کي موٽائي سگهجي ٿو، ۽ نه ويندڙ موٽي سگهي ٿو.
سبحان الله! زنده مرده جي ڪيڏو نه ويجهو آهي جو هو ان سان وڃي ملندو، ۽ مرده زنده کان ڪيڏو نه پري آهي جو هو ان کان ڪٽجي ويندو. بيشڪ شر منجهان ڪا به شيءِ وڌيڪ شر ناهي سواءِ ان جي عذاب جي، ۽ خير منجهان ڪا به شيءِ وڌيڪ خير ناهي سواءِ ان جي ثواب جي. ۽ دنيا جي هر شيءِ جو ٻُڌڻ ان جي ڏسڻ کان وڌو آهي. ۽ آخرت جي هر شيءِ جو ڏسڻ ان جي ٻُڌڻ کان وڌو آهي.

فَلْيَكْفِكُمْ مِنَ الْعِيَانِ السَّمَاعُ وَ مِنَ الْغَيْبِ الْخَبَرُ وَ اعْلَمُوا أَنَّ مَا نَقَصَ مِنَ الدُّنْيَا وَ زَادَ فِي الْآخِرَةِ خَيْرٌ مِمَّا نَقَصَ مِنَ الْآخِرَةِ وَ زَادَ فِي الدُّنْيَا فَكَمْ مِنْ مَنْقُوصٍ رَابِحٍ وَ مَزِيدٍ خَاسِرٍ.

إِنَّ الَّذِي أُمِرْتُمْ بِهِ أَوْسَعُ مِنَ الَّذِي نُهِيتُمْ عَنْهُ وَ مَا أُحِلَ لَكُمْ أَكْثَرُ مِمَّا حُرِّمَ عَلَيْكُمْ فَذَرُوا مَا قَلَّ لِمَا كَثُرَ وَ مَا ضَاقَ لِمَا اتَّسَعَ قَدْ تَكَفَّلَ لَكُمْ بِالرِّزْقِ وَ أُمِرْتُمْ بِالْعَمَلِ فَلَا يَكُونَنَّ الْمَضْمُونُ لَكُمْ طَلَبُهُ أَوْلَى بِكُمْ مِنَ الْمَفْرُوضِ عَلَيْكُمْ عَمَلُهُ مَعَ أَنَّهُ وَ اللَّهِ لَقَدِ اعْتَرَضَ الشَّكُّ وَ دَخِلَ الْيَقِينُ حَتَّى كَأَنَّ الَّذِي ضُمِنَ لَكُمْ قَدْ فُرِضَ عَلَيْكُمْ وَ كَأَنَّ الَّذِي قَدْ فُرِضَ عَلَيْكُمْ قَدْ وُضِعَ عَنْكُمْ فَبَادِرُوا الْعَمَلَ وَ خَافُوا بَغْتَةَ الْأَجَلِ فَإِنَّهُ لَا يُرْجَى مِنْ رَجْعَةِ الْعُمُرِ مَا يُرْجَى مِنْ رَجْعَةِ الرِّزْقِ مَا فَاتَ الْيَوْمَ مِنَ الرِّزْقِ رُجِيَ غَداً زِيَادَتُهُ وَ مَا فَاتَ أَمْسِ مِنَ الْعُمُرِ لَمْ يُرْجَ الْيَوْمَ رَجْعَتُهُ الرَّجَاءُ مَعَ الْجَائِي وَ الْيَأْسُ مَعَ الْمَاضِي فَ اتَّقُوا اللَّهَ حَقَّ تُقَاتِهِ وَ لا تَمُوتُنَّ إِلَّا وَ أَنْتُمْ مُسْلِمُون.

## ١١٥ ـ ومن خطبة له عليه السلام



*في الاستسقاء*

اللَّهُمَّ قَدِ انْصَاحَتْ جِبَالُنَا وَ اغْبَرَّتْ أَرْضُنَا وَ هَامَتْ دَوَابُّنَا وَ تَحَيَّرَتْ فِي مَرَابِضِهَا وَ عَجَّتْ عَجِيجَ الثَّكَالَى عَلَى أَوْلَادِهَا وَ مَلَّتِ التَّرَدُّدَ فِي مَرَاتِعِهَا وَ الْحَنِينَ إِلَى مَوَارِدِهَا

بس توهان جي لاءِ آخرت جو ٻُڌڻ ڏسڻ کان ۽ ان جي خبر غيب کان ڪافي آهي. ۽ ڄاڻي وٺو تہ يقيناً جيڪا شيءَ دنيا ۾ گهٽ ٿئي ۽ آخرت ۾ وڌي اها انڪان ڀلي آهي جيڪا آخرت ۾ گهٽ ٿئي ۽ دنيا ۾ وڌي. بس ڪيترا ئي ڪميءَ وارا فائدي وارا ۽ گهٽائيءَ وارا نقصان وارا ٿيا.

بيشڪ جنهن شيءَ جي باري ۾ توهان کي امر ڪيو ويو آهي اها وڌيڪ وسيع آهي ان شيءَ کان جنهن کان توهان کي نهي ڪئي وئي آهي. ۽ جيڪي شيون توهان لاءِ حلال ڪيون ويون آهن اهي انهن کان گهڻيون آهن جيڪي توهان تي حرام ڪيون ويون آهن. بس گهڻن جي ڪري ٿورن کي ڇڏي ڏيو، ۽ وسعت جي خاطر تنگيءَ کي ترڪ ڪريو. بيشڪ الله توهان لاءِ رزق جي ذميواري ڪنئي آهي ۽ توهان کي ڪم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. بس جنهن جي ذميواري توهان لاءِ ڪنئي وئي آهي ان جي طلب توهان لاءِ ان کان وڌيڪ نہ هجي جنهن جو ڪرڻ توهان مٿان فرض ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ الله جو قسم يقيناً شڪّ اڇي چڪو آهي ۽ يقين خراب ٿي چڪو آهي. ايتري قدر جو جنهن شيءَ جي توهان لاءِ ضمانت ڪنئي وئي هئي جڻ تہ توهان تي فرضُ ڪيو ويو آهي ۽ جڻ تہ جيڪو توهان تي فرض ڪيو ويو هو توهان کان ڪنيو ويو آهي. بس عمل ۾ جلدي ڪريو ۽ اچانڪ واري موت کان ڊڄو. بيشڪ عمر جي موٽڻ جي اميد نٿي ڪري سگهجي جيتري رزق جي موٽڻ جي اميد ڪري سگهجي ٿي. اڄ جيڪو رزق رهجي ويو آهي سڀاڻي ان جي گهٽائي جي اميد ڪري سگهجي ٿي. ۽ جيڪا ڪالهہ عمر ختم ٿي وئي آهي اڄ ان جي موٽڻ جي اميد نٿي ڪري سگهجي. اچڻ واري جي اميد آهي ۽ وڃڻ واري کان مايوسي آهي. بس الله کان ائين ڊڄو جيئن ڊڄڻ جو حق آهي. ۽ ”توهان هرگز نہ مرو مگر ان حال ۾ جو توهان فرمانبردار هجو“.

## ١١٥_ امام عليه السلام جو خطبو، طلب باران بابت آهي

اي الله اسانجا جبل سُڪي ويا آهن. ۽ اسان جي زمين ڊسَڙَ ٿي وئي آهي. ۽ اسانجا جانور اڃارا ٿي ويا آهن. ۽ پنهنجن وٿاڻن ۾ ماندا ٿيا پيا آهن. ۽ اولاد تي مائرن جي رڙڻ جيان رڙن ٿا. ۽ پنهنجي چراگاهن ۾ اچ وڃ ۽ پنهنجي پاڻيءَ جي گهيڙن ڏانهن خوشي سان وڃڻ کان ٿڪجي پيا آهن.

اللَّهُمَّ فَارْحَمْ أَنِينَ الْآنَّةِ وَ حَنِينَ الْحَانَّةِ اللَّهُمَّ فَارْحَمْ حَيْرَتَهَا فِي مَذَاهِبِهَا وَ أَنِينَهَا فِي مَوَالِجِهَا اللَّهُمَّ خَرَجْنَا إِلَيْكَ حِينَ اعْتَكَرَتْ عَلَيْنَا حَدَابِيرُ السِّنِينَ وَ أَخْلَفَتْنَا مَخَايِلُ الْجُودِ فَكُنْتَ الرَّجَاءَ لِلْمُبْتَئِسِ وَ الْبَلَاغَ لِلْمُلْتَمِسِ نَدْعُوكَ حِينَ قَنَطَ الْأَنَامُ وَ مُنِعَ الْغَمَامُ وَ هَلَكَ السَّوَامُ أَلَّا تُؤَاخِذَنَا بِأَعْمَالِنَا وَ لَا تَأْخُذَنَا بِذُنُوبِنَا.

وَ انْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ بِالسَّحَابِ الْمُنْبَعِقِ وَ الرَّبِيعِ الْمُغْدِقِ وَ النَّبَاتِ الْمُونِقِ سَحّاً وَابِلًا تُحْيِي بِهِ مَا قَدْ مَاتَ وَ تَرُدُّ بِهِ مَا قَدْ فَاتَ اللَّهُمَّ سُقْيَا مِنْكَ مُحْيِيَةً مُرْوِيَةً تَامَّةً عَامَّةً طَيِّبَةً مُبَارَكَةً هَنِيئَةً مَرِيعَةً زَاكِياً نَبْتُهَا ثَامِراً فَرْعُهَا نَاضِراً وَرَقُهَا تُنْعِشُ بِهَا الضَّعِيفَ مِنْ عِبَادِكَ وَ تُحْيِي بِهَا الْمَيِّتَ مِنْ بِلَادِكَ اللَّهُمَّ سُقْيَا مِنْكَ تُعْشِبُ بِهَا نِجَادُنَا وَ تَجْرِي بِهَا وِهَادُنَا وَ يُخْصِبُ بِهَا جَنَابُنَا وَ تُقْبِلُ بِهَا ثِمَارُنَا وَ تَعِيشُ بِهَا مَوَاشِينَا وَ تَنْدَى بِهَا أَقَاصِينَا وَ تَسْتَعِينُ بِهَا ضَوَاحِينَا مِنْ بَرَكَاتِكَ الْوَاسِعَةِ وَ عَطَايَاكَ الْجَزِيلَةِ عَلَى بَرِيَّتِكَ الْمُرْمِلَةِ وَ وَحْشِكَ الْمُهْمَلَةِ.

وَ أَنْزِلْ عَلَيْنَا سَمَاءً مُخْضِلَةً مِدْرَاراً هَاطِلَةً يُدَافِعُ الْوَدْقُ مِنْهَا الْوَدْقَ وَ يَحْفِزُ الْقَطْرُ مِنْهَا الْقَطْرَ غَيْرَ خُلَّبٍ بَرْقُهَا وَ لَا جَهَامٍ عَارِضُهَا وَ لَا قَزَعٍ رَبَابُهَا وَ لَا شَفَّانٍ ذِهَابُهَا حَتَّى يُخْصِبَ لِإِمْرَاعِهَا الْمُجْدِبُونَ وَ يَحْيَا بِبَرَكَتِهَا الْمُسْنِتُونَ فَإِنَّكَ تُنْزِلُ الْغَيْثَ مِنْ بَعْدِ مَا قَنَطُوا وَ تَنْشُرُ رَحْمَتَكَ وَ أَنْتَ الْوَلِيُّ الْحَمِيدُ.

اي الله رڍن جي ٻيڪاتِ ۽ ڍاڇين جي رنياتِ تي رحم ڪر. اي الله انهن جي رستن ۾ سندن ماندڪائي تي ۽ انهن جي وٿاڻن ۾ سندن ٻيڪاتن تي رحم ڪر. اي الله اسان تو ڏانهن نڪتا آهيون، جڏهن اسان ڏي خالي جُوءِ جون ڪمزور ڏاچيون موٽي آيون آهن. ۽ مِينهن وسائيندڙ ڪڪرن اسان کي رهائي ڇڏيو آهي. بس تون ئي پريشان لاءِ اميد ۽ التجا ڪندڙ لاءِ ڪافي آهين. اسان توکي پڪاريون ٿا، جڏهن مخلوق نااميد ٿي چُڪي آهي ۽ مِينهن روڪيو ويو آهي. ۽ چوپايو مري رهيو آهي. تہ اسان جي عملن جي ڪري اسان جو مؤاخذو نہ ڪر. ۽ اسان جي گناهن جي ڪري اسان جي پڪڙ نہ ڪر.

۽ اسان تي پنهنجي رحمت جاري ڪر وسندڙ ڪڪرن، ۽ سرسبز ڪندڙ بهار، ۽ مسرور ڪندڙ ٻوٽن سان. اهڙو وسڪارو جيڪو گهڻي مِينهن وارو هجي، تہ جيئن تون ان ذريعي ان کي آباد ڪرين جيڪا غيرآباد ٿي چڪي آهي. ۽ انکي موٽائين جيڪا ختم ٿي چڪي آهي. اي الله تنهنجي طرفان اهڙي سيرابي هجي جيڪا آباد ۽ سيراب ڪندڙ، پوري ۽ عام، پلي ۽ بابرڪت، خوشگوار ۽ مزيدار هجي. جنهن جو ڦوٽهڙو وڌندڙ، جنهن جون ٽاريون ميوو ڏيندڙ ۽ پن چمڪندڙ هجن. جنهن ذريعي تون پنهنجي ڪمزور ٻانهن کي رزق ڏين ۽ پنهنجي غيرآباد شهرن کي آباد ڪرين. اي الله تنهنجي طرفان اهڙي سيرابي هجي جنهن سان اسان جون ډبُون گاهہ واريون ٿين. ۽ اسان جون ڍوريُون وهن. ۽ اسانجا آسا پاسا سرسبز ٿين. ۽ ان ذريعي اسانجا ميوا ظاهر ٿين. ۽ اسانجا جانور متارا ٿين. ۽ اسانجا پري وارا علائقا شاداب ٿين. ۽ جنهن سان اسانجا ٻهراڙيءَ وارا مدد حاصل ڪن. تُنهنجي وسيع برڪتن ۽ گهڻين عطائن مان، جيڪي تنهنجي مسڪين مخلوق ۽ ٻَل چرندڙ جانورن تي آهن.

۽ اسان تي تر ڪندڙ ۽ مسلسل وسندڙ مِينهن وساء، جنهن جي لهر لهر کي ۽ ڦُڙي ڦُڙي کي ڊِڪيندي رهي. جو ان جي ڪِنوڻ ڏوڪو ڏيندڙ نہ هجي. ۽ انجا ڪڪر مِينهن کان خالي نہ هجن. ۽ ان جو پڪڙيل اڇو جهُڙُ نہ هجي. ۽ نہ بوندا بانديءَ واري هِير هجي. تہ جيئن ڏُڪر جا ماريل ساوڪ سان سرها ٿين. ۽ ڏُڪاريل ان جي برڪت سان جيئرا ٿين. بيشڪ تون ئي اهو آهين جيڪو ماڻهن جي مايوس ٿي وڃڻ ڪانپوءِ مِينهن وسائين ٿو ۽ پنهنجي رحمت کي پکيڙين ٿو. ۽ تون ئي ساراهيل سرپرست آهين.

□

## تفسير ما في هذه الخطبة من الغريب

قال السيد الشريف رحمه الله؛ قوله عليه السلام: "انصاحت جبالنا" أي تشققت من المحول، يقال: انصاح الثوب إذا انشق. و يقال أيضا: انصاح النبت وصاح وصوح إذ جف ويبس؛ و قوله: "وهامت دوابنا" أي عطشت، والهيام العطش. و قوله: "حدابير السنين" جمع حدبار، وهيالناقة التي أنضاها السير، فشبه بها السنة التي فشا فيها الجدب، قال ذو الرمة:

حــــــدابير مـــــــا تنفـــــــك إلا مناخـــــــة

على الخســـــف أو نـــــرمي بهـــــا بـــــلدا قفـــــرا.

و قوله: "ولا قزع ربابها" القزع: القطع الصغار المتفرقة من السحاب. و قوله: "ولا شفان ذهابها" فإن تقديره: ولا ذات شفان ذهابها. والشفان: الريح الباردة، والذهاب: الأمطار اللينة. فحذف ذات لعلم السامع به.

## ١١٦ ــ و من خطبة له عليه السلام

*و فيها ينصح اصحابه*



أَرْسَلَهُ دَاعِياً إِلَى الْحَقِّ وَ شَاهِداً عَلَى الْخَلْقِ فَبَلَّغَ رِسَالاتِ رَبِّهِ غَيْرَ وَانٍ وَ لَا مُقَصِّرٍ وَ جَاهَدَ فِي اللَّهِ أَعْدَاءَهُ غَيْرَ وَاهِنٍ وَ لَا مُعَذِّرٍ إِمَامُ مَنِ اتَّقَى وَ بَصَرُ مَنِ اهْتَدَى.

و منها: وَ لَوْ تَعْلَمُونَ مَا أَعْلَمُ مِمَّا طُوِيَ عَنْكُمْ غَيْبُهُ إِذاً لَخَرَجْتُمْ إِلَى الصُّعُدَاتِ تَبْكُونَ عَلَى أَعْمَالِكُمْ وَ تَلْتَدِمُونَ عَلَى أَنْفُسِكُمْ وَ لَتَرَكْتُمْ أَمْوَالَكُمْ لَا حَارِسَ لَهَا وَ لَا خَالِفَ عَلَيْهَا وَ لَهَمَّتْ كُلَّ امْرِئٍ مِنْكُمْ نَفْسُهُ لَا يَلْتَفِتُ إِلَى غَيْرِهَا.

## هن خطبي جي ڪجهه ڏکين لفظن جي وضاحت

سيد رضي رحمة الله عليه چيو امام عليه السلام جي فرمان ”انْصَاحَتْ جِبَالُنَا“ مان مراد آهي اسانجي جبلن ۾ ڏُکر ڪري ڏار پئجي ويا آهن. ”انْصَاحَ الثَّوْبُ“ ان وقت چيو ويندو آهي جڏهن ڪپڙا ڦاٽي پون، ۽ ”انْصَاحَ النَّبْتُ، صَاحَ النَّبْتُ ۽ صَوَّحَ النَّبْتُ“ پڻ ان وقت چيو ويندو آهي جڏهن ساوڪ خشڪ ٿي ۽ بلڪل سُڪي وڃي. سين جي هڪ ئي معنیٰ آهي. ۽ امام عليه السلام جي فرمان ”وَ هَامَتْ دَوَابُّنَا“ جي معنیٰ آهي ته اسان جا جانور اُڃارا ٿي ويا آهن. ”هيام“ جي معنیٰ اڃ آهي. ۽ امام عليه السلام جي فرمان «حَدَابِيْرُ السِّنِيْنَ» ۾ ”حدابير“ حدبار جي جمع آهي جنهن جي معنیٰ اها ڏاچي آهي جنهن کي سفر هيڻو ڪري ڇڏيو هجي. انهيءَ ڪري ان سان امام عليه السلام ڏُکر واري سال جي تشبيهه ڏني آهي.

(عرب جي شاعر) ”ذوالرّمہ“چيو آهي:

حَـــــــــدَابِيْرُ مَـــــــــا تَنْفَـــــــــكُّ اِلَّا مُنَاخَـــــــــةً
عَلَى الْخَسْـــــــــفِ اَوْ نَـــــــــرْمِىْ بِهَـــــــــا بَـــــــــلَدًا قَفْـــــــــرًا

”سفر جون ماريل هيڻيون ڏاچيون سختيون سهي پنهنجي بيٺڪ تي ويهنديون آهن يا اسان کين خشڪ ريگستان جي سفر تي وٺي وينداآهيون“.

۽ امام عليه السلام جي فرمان ”وَ لَا قَزَعٍ رَّبَابُهَا“ ۾ ”اَلْقَزَعُ“ ڪڪر جي ننڍن ننڍن پکڙيل ٽڪرن کي چئبو آهي. ۽ امام عليه السلام جو فرمان «وَ لَا شَفَّانٍ ذِهَابُهَا» اصل ۾ ”وَ لَا ذَاتَ شَفَّانٍ ذِهَابُهَا“ ۾ ”شفان“ ٿڌيءَ هواء کي چئبو آهي. ۽ ”اَلذِّهَابُ“ هلڪي بوندا باندي کي چئبو آهي. پوءِ امام عليه السلام ”ذات“ لفظ جنهن جي معنیٰ ”والي“ آهي کي ڪٽي ڇڏيو آهي انڪري ته ٻُڌڻ وارو انکي پاڻ ئي سمجهي سگهي ٿو.



## ١١٦_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام پنهنجي اصحابَ کي نصيحت ڪئي آهي

الله تعالیٰ ڪيس حق ڏانهن سڏڻ وارو ۽ مخلوق تي گواهي ڏيڻ وارو بڻائي موڪليو. پوءِ هن پنهنجي پالڻهار جي پيغامن کي سُستيءَ ۽ ڪوتاهيءَ کان بغير پهچايو. ۽ الله جي راهه ۾ سندس دشمنن سان ڪمزوريءَ ۽ حيلن بهانن کان بغير جهاد ڪيو. جنهن پرهيزگاري اختيار ڪئي انجا امام، ۽ جنهن هدايت حاصل ڪئي ان لاءِ روشني هئا.

**۽ انهيءَ منجهان:** اگر توهان اهو ڄاڻو جيڪو آءٌ ڄاڻان ٿو جنهن جو غيب توهان کان لڪايو ويو آهي ته پوءِ ضرور توهان ٻَر مُنهن ڪيو ۽ پنهنجي ڪرتوتن تي روئو. ۽ پنهنجي پاڻ تي ماتم ڪريو. ۽ ضرور پنهنجي مال کي ڇڏي ڏيو جو نه ان جو نگهبان هجي ۽ نه ان تي سنڀالنيدڙ هجي. ۽ توهان مان هر هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي سر جي لڳي وڃي جو ٻئي ڪنهن ڏانهن متوجه ئي نه ٿئي.

وَ لَكِنَّكُمْ نَسِيتُمْ مَا ذُكِّرْتُمْ وَ أَمِنْتُمْ مَا حُذِّرْتُمْ فَتَاهَ عَنْكُمْ رَأْيُكُمْ وَ تَشَتَّتَ عَلَيْكُمْ أَمْرُكُمْ وَ لَوَدِدْتُ أَنَّ اللَّهَ فَرَّقَ بَيْنِي وَ بَيْنَكُمْ وَ أَلْحَقَنِي بِمَنْ هُوَ أَحَقُّ بِي مِنْكُمْ.

قَوْمٌ وَ اللَّهِ مَيَامِينُ الرَّأْيِ مَرَاجِيحُ الْحِلْمِ مَقَاوِيلُ بِالْحَقِّ مَتَارِيكُ لِلْبَغْيِ مَضَوْا قُدُماً عَلَى الطَّرِيقَةِ وَ أَوْجَفُوا عَلَى الْمَحَجَّةِ فَظَفِرُوا بِالْعُقْبَى الدَّائِمَةِ وَ الْكَرَامَةِ الْبَارِدَةِ.

أَمَا وَ اللَّهِ لَيُسَلَّطَنَّ عَلَيْكُمْ غُلَامُ ثَقِيفٍ الذَّيَّالُ الْمَيَّالُ يَأْكُلُ خَضِرَتَكُمْ وَ يُذِيبُ شَحْمَتَكُمْ إِيهٍ أَبَا وَذَحَةَ.

قال الشريف: الوذحة الخنفساء و هذا القول يومئ به إلى الحجاج و له مع الوذحة حديث ليس هذا موضع ذكره.

## ١١٧ ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*يوبخ البخلاء بالمال و النفس*

فَلَا أَمْوَالَ بَذَلْتُمُوهَا لِلَّذِي رَزَقَهَا وَ لَا أَنْفُسَ خَاطَرْتُمْ بِهَا لِلَّذِي خَلَقَهَا تَكْرُمُونَ بِاللَّهِ عَلَى عِبَادِهِ وَ لَا تُكْرِمُونَ اللَّهَ فِي عِبَادِهِ فَاعْتَبِرُوا بِنُزُولِكُمْ مَنَازِلَ مَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ وَ انْقِطَاعِكُمْ عَنْ أَوْصَلِ إِخْوَانِكُمْ.

مگر جيڪو توهان کي ياد ڏياريو ويو هو توهان انکي وساري ڇڏيو ۽ جنهن کان توهان کي ڊيڄاريو ويو هو توهان انکان بي خوف ٿي ويؤ. توهان جي راءِ توهان کان گُم ٿي وئي آهي. ۽ توهانجا ڪم ٽڙي پکڙي ويا آهن. ۽ آءٌ چاهيان ٿو تہ بيشڪ الله منهنجي ۽ توهان جي درميان جدائي وجهي ۽ مونکي انهن سان ملائي جيڪي توهان کان وڌيڪ منهنجا حقدار هجن.
الله جو قسم اهڙي قوم جيڪا يليءَ راءِ واري، بردباريءَ کي ترجيح ڏيڻ واري، حق جي ڳالهہ ڪرڻ واري، بغاوت کان بلڪل پري رهڻ واري هجي. جيڪي سڌي رستي تي اڳ پرا ٿي ڪري هلن ۽ حق جي واٽ تي وڏيون وِکون پائين. پوءِ اُهي ابدي آخرت ۽ وٽندڙ خوشحاليءَ سان ڪامياب ٿيا.
ها الله جو قسم يقيناً توهان تي ثقيف جو هڪ ڇوڪرو مسلط ڪيو ويندو. جيڪو آڪڙجي هلڻ وارو ۽ واهيات قسم جو هوندو. ۽ هو توهان جي ساوڪ کي چٽ ڪندو ۽ توهان جي چربي کي ڳاريندو. اي بي لغام پلين چڙواڳي ڪر!.
سيد رضي رحمة الله عليه فرمايو: "وذحة" جي معنىٰ "خنفساء" آهي. هن قول جي ذريعي امام عليه السلام حجاج (بن يوسف ثقفي) ڏانهن اشارو ڪيو آهي، ۽ ان جي خنفساء سان هڪ ڳالهہ آهي جنهن جي بيان جو هي مقام نہ آهي.

### ١١٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ مال ۽ جان ۾ ڪنجوسائپ ڪندڙ کي ڇنڊ ڪيدي آهي

جنهن توهان کي رزق ڏنو تنهن لاءِ مال خرچ نٿا ڪريو. ۽ جنهن توهان کي پيدا ڪيو ان لاءِ پاڻ کي خطري ۾ نٿا وجهو. توهان الله جي ڪري سندس ٻانهن تي عزت ماڻي آهي. ليڪن سندس ٻانهن ۾ الله جي عزت نٿا ڪريو.
بس توهان نصيحت حاصل ڪريو جو توهان پاڻ کان اڳ وارن جي گهرن ۾ رهيا پيا آهيو. ۽ توهان پنهنجن ويجهن يائرن کان الڳ ٿي ويا آهيو.

# ١١٨ ـ و من كلام له عليه‌السلام

*في الصالحين من أصحابه*

أَنْتُمُ الْأَنْصَارُ عَلَى الْحَقِّ وَ الْإِخْوَانُ فِي الدِّينِ وَ الْجُنَنُ يَوْمَ الْبَأْسِ وَ الْبِطَانَةُ دُونَ النَّاسِ بِكُمْ أَضْرِبُ الْمُدْبِرَ وَ أَرْجُو طَاعَةَ الْمُقْبِلِ فَأَعِينُونِي بِمُنَاصَحَةٍ خَلِيَّةٍ مِنَ الْغِشِّ سَلِيمَةٍ مِنَ الرَّيْبِ فَوَاللَّهِ إِنِّي لَأَوْلَى النَّاسِ بِالنَّاس.

# ١١٩ ـ و من كلام له عليه‌السلام

*و قد جمع الناس و حضهم على الجهاد فسكتوا ملياً*

فَقَالَ عليه‌السلام مَا بَالُكُمْ أَ مُخْرَسُونَ أَنْتُمْ فَقَالَ قَوْمٌ مِنْهُمْ يَا أَمِيرَالْمُؤْمِنِينَ إِنْ سِرْتَ سِرْنَا مَعَكَ. فَقَالَ عليه‌السلام مَا بَالُكُمْ لَا سُدِّدْتُمْ لِرُشْدٍ وَ لَا هُدِيتُمْ لِقَصْدٍ أَ فِي مِثْلِ هَذَا يَنْبَغِي لِي أَنْ أَخْرُجَ وَ إِنَّمَا يَخْرُجُ فِي مِثْلِ هَذَا رَجُلٌ مِمَّنْ أَرْضَاهُ مِنْ شُجْعَانِكُمْ وَ ذَوِي بَأْسِكُمْ وَ لَا يَنْبَغِي لِي أَنْ أَدَعَ الْجُنْدَ وَ الْمِصْرَ وَ بَيْتَ الْمَالِ وَ جِبَايَةَ الْأَرْضِ وَ الْقَضَاءَ بَيْنَ الْمُسْلِمِينَ وَ النَّظَرَ فِي حُقُوقِ الْمُطَالِبِينَ ثُمَّ أَخْرُجَ فِي كَتِيبَةٍ أَتْبَعُ أُخْرَى أَتَقَلْقَلُ تَقَلْقُلَ الْقِدْحِ فِي الْجَفِيرِ الْفَارِغِ.

وَ إِنَّمَا أَنَا قُطْبُ الرَّحَى تَدُورُ عَلَيَّ وَ أَنَا بِمَكَانِي فَإِذَا فَارَقْتُهُ اسْتَحَارَ مَدَارُهَا وَ اضْطَرَبَ ثِفَالُهَا هَذَا لَعَمْرُ اللَّهِ الرَّأْيُ السُّوءُ وَ اللَّهِ لَوْ لَا رَجَائِي الشَّهَادَةَ عِنْدَ لِقَائِي الْعَدُوَّ وَ لَوْ قَدْ حُمَّ لِي لِقَاؤُهُ لَقَرَّبْتُ رِكَابِي ثُمَّ شَخَصْتُ عَنْكُمْ فَلَا أَطْلُبُكُمْ مَا اخْتَلَفَ جَنُوبٌ وَ شَمَالٌ.

## ١١٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، پنهنجي نيڪ اصحابَ بابت

توهان حق جا مددگار آهيو. ۽ ديني ڀائر آهيو. ۽ سختيءَ واري ڏينهن ڍالون آهيو. ۽ ٻين ماڻهن جي مقابلي ۾ رازدار آهيو. توهان جي ئي ذريعي ڀاڄوڪڙ تي وار ڪريان ٿو. ۽ ايندڙ جي اطاعت جي اميد رکان ٿو. بس اهڙيءَ خير خواهي سان منهنجي مدد ڪريو جيڪا ملاوٽ کان خالي، ۽ شڪّ کان محفوظ هجي. بس الله جو قسم يقيناً آءٌ ماڻهن تي خود انهن کان به وڌيڪ حق رکان ٿو.

## ١١٩_ امام عليه السلام جو ڪلام، پاڻ عليه السلام ماڻهن کي گڏ ڪيو ۽ انهن کي جهاد لاءِ همٿايو پوءِ اهي بلڪل خاموش رهيا

امام عليه السلام فرمايو: توهان کي ڇا ٿي ويو آهي ڇا توهان گونگا آهيو؟ انهن مان ڪجهه ماڻهن چيو: جيڪڏهن توهان هلندو ته اسان به اوهان سان گڏ هلنداسين. پوءِ امام عليه السلام فرمايو: توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ شل توهان کي رهنمائي جي توفيق نه ملي، ۽ نه سڌيءَ واٽ ڏانهن هدايت نصيب ٿيوَ. ڇا اهڙيءَ حالت ۾ به منهنجي لاءِ نڪرڻ مناسب آهي؟. هن ۾ توهان بهادرن ۽ طاقتورن منجهان فقط اهو شخص نڪري جنهن کان آءٌ راضي هجان. منهنجي لاءِ اهو مناسب نه آهي ته آءٌ لشڪر، شهر، بيت المال، زمين جي ڍلن، مسلمانن درميان فيصلا ڪرڻ ۽ حقدارن جي حق ۾ ڏسڻ کي ڇڏي ڏيان. ۽ هڪ ننڍڙي لشڪر سان نڪريءَ دشمن جي پُٺيان لڳان. ۽ آءٌ خالي ترڪش ۾ بغير ڇهنب واري تير جي هيڏي هوڏي ٿيڻ وانگر هيڏي هوڏي ٿيان.

بيشڪ آءٌ ته فقط جنڊ جي ڪِير وانگر آهيان. جيڪو منهنجي چؤداري ڦرندو آهي ۽ آءٌ پنهنجي جاءِ تي هوندو آهيان. پوءِ جڏهن آءٌ جاءِ ڇڏيان ته جنڊ جو ڦيرو بگڙي ويندو ۽ ان جي جاءِ ٽِڙي ويندي. الله جو قسم اها بُري راءِ آهي. الله جو قسم دشمن سان ملڻ وقت مونکي شهادت جي اميد نه هجي ها _ جيتوڻيڪ منهنجي لاءِ ان جي ملاقات يقيني آهي_ ته آءٌ پنهنجي سواريءَ کي رڪاب هٽان ها ۽ اوهان کان پري ٿي وڃان ها. ۽ توهان کي نه سڏيان ها جيستائين ڏکڻ ۽ اتر جون هوائون لڳنديون رهن ها.

طَعَّانِينَ عَيَّابِينَ حَيَّادِينَ رَوَّاغِينَ إِنَّهُ لَا غَنَاءَ فِي كَثْرَةِ عَدَدِكُمْ مَعَ قِلَّةِ اجْتِمَاعِ قُلُوبِكُمْ لَقَدْ حَمَلْتُكُمْ عَلَى الطَّرِيقِ الْوَاضِحِ الَّتِي لَا يَهْلِكُ عَلَيْهَا إِلَّا هَالِكٌ مَنِ اسْتَقَامَ فَإِلَى الْجَنَّةِ وَ مَنْ زَلَّ فَإِلَى النَّار.

## ١٢٠ ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه‌السلام

*يذكر فضله و يعظ الناس*

تَاللَّهِ لَقَدْ عُلِّمْتُ تَبْلِيغَ الرِّسَالاتِ وَ إِتْمَامَ الْعِدَاتِ وَ تَمَامَ الْكَلِمَاتِ وَ عِنْدَنَا أَهْلَ الْبَيْتِ أَبْوَابُ الْحُكْمِ وَ ضِيَاءُ الْأَمْرِ أَلَا وَ إِنَّ شَرَائِعَ الدِّينِ وَاحِدَةٌ وَ سُبُلَهُ قَاصِدَةٌ مَنْ أَخَذَ بِهَا لَحِقَ وَ غَنِمَ وَ مَنْ وَقَفَ عَنْهَا ضَلَّ وَ نَدِمَ اعْمَلُوا لِيَوْمٍ تُذْخَرُ لَهُ الذَّخَائِرُ "وَ تُبْلَى فِيهِ السَّرَائِرُ" وَ مَنْ لَا يَنْفَعُهُ حَاضِرُ لُبِّهِ فَعَازِبُهُ عَنْهُ أَعْجَزُ وَ غَائِبُهُ أَعْوَزُ وَ اتَّقُوا نَاراً حَرُّهَا شَدِيدٌ وَ قَعْرُهَا بَعِيدٌ وَ حِلْيَتُهَا حَدِيدٌ وَ شَرَابُهَا صَدِيدٌ.

أَلَا وَ إِنَّ اللِّسَانَ الصَّالِحَ يَجْعَلُهُ اللَّهُ تَعَالَى لِلْمَرْءِ فِي النَّاسِ خَيْرٌ لَهُ مِنَ الْمَالِ يُورِثُهُ مَنْ لَا يَحْمَدُه.



## ١٢١ ـ وَ مِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه‌السلام

*بعد ليلة الهرير*

*و قد قام إليه رجل من أصحابه فقال: نهيتنا عن الحكومة ثم أمرتنا بها، فلم ندر أي الأمرين أرشد؟ فصفق عليه‌السلام إحدى يديه على الأخرى ثم قال:*

توهان طعني هڻندڙ، عيب ڪڍندڙ، منحرف ٿيندڙ ۽ مڪر ڪندڙ آهيو. توهان جي گهٽائيءَ جو ڪهڙو فائدو جڏهن ته توهان جون دليون گڏ نه آهن.
بيشڪ مون توهان کي ان واضح رستي تي آندو آهي جنهن تي ڪو به هلاڪ نه ٿيندو سواءِ پاڻ کي هلاڪ ڪندڙ جي. جيڪو ثابت رهيو اهو جنت ڏانهن ۽ جيڪو ٿڙي ويو اهو جهنم ڏانهن ويندو.

### ١٢٠_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ پنهنجي فضيلت ۽ ماڻهن کي نصيحت ڪئي آهي

الله جو قسم مونکي رسالت جي تبليغ ڪرڻ، واعدن کي پورو ڪرڻ ۽ سمورا ڪلمات سيکاريا ويا آهن، ۽ اسان اهل بيت عليهم السلام وٽ حڪمت جا باب ۽ مسئلن جي ڄاڻ آهي. ياد رکو ته بيشڪ دين جو دستور هڪ آهي، ۽ انجا طريقا وچولا آهن. جيڪو انهن تي هليو ته ان منزل ماڻي ۽ مانائتو ٿيو. ۽ جيڪو انهن کان روڪيو ته گمراه ۽ پشيمان ٿيو. ان ڏينهن لاءِ عمل ڪريو جنهن لاءِ ذخيرن کي گڏ ڪيو وڃي ٿو "۽ راز ظاهر ڪيا ويندا". جنهن کي وٽس موجود عقل فائدو نه ڏي، غير موجود ته ان کان به وڌيڪ بيوس آهي. ۽ عقل جو نه هجڻ ته وڏي کوٽ آهي. ۽ ان باه کان ڊڄو جنهن جي تپش تيز آهي. ۽ جنهن جي اونهائي گِهري آهي. ۽ جنهن جا زيور لوهه ۽ جنهن جو مشروب پُونءِ آهي.
ياد رکو ته بيشڪ نيڪ ذڪر جنهن کي الله تعالىٰ ماڻهن ۾ ڪنهن شخص لاءِ قرار ڏئي سندس لاءِ ان مال کان ڀلو آهي جنهن جو اهو وارث ٿئي جيڪو سندس ساراهه ئي نه ڪري.



### ١٢١_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو ليلة الهرير کان پوءِ ڏنو

**جڏهن سندس اصحابَ مان وٽس هڪ شخص آيو ۽ چيائين اسان کي حڪومت کان روڪيئي پوءِ ان جو اسانکي حڪم ڏنئي، بس اسان نٿا ڄاڻون ته ڪهڙي ڳالهه وڌيڪ صحيح آهي، پوءِ امام عليه السلام پنهنجو هڪ هٿ ٻئي هٿ تي هنيو پوءِ فرمايائون:**

هَذَا جَزَاءُ مَنْ تَرَكَ الْعُقْدَةَ أَمَا وَ اللَّهِ لَوْ أَنِّي حِينَ أَمَرْتُكُمْ بِهِ حَمَلْتُكُمْ عَلَى الْمَكْرُوهِ الَّذِي يَجْعَلُ اللَّهُ فِيهِ خَيْراً فَإِنِ اسْتَقَمْتُمْ هَدَيْتُكُمْ وَ إِنِ اعْوَجَجْتُمْ قَوَّمْتُكُمْ وَ إِنْ أَبَيْتُمْ تَدَارَكْتُكُمْ لَكَانَتِ الْوُثْقَى وَ لَكِنْ بِمَنْ وَ إِلَى مَنْ أُرِيدُ أَنْ أُدَاوِيَ بِكُمْ وَ أَنْتُمْ دَائِي كَنَاقِشِ الشَّوْكَةِ بِالشَّوْكَةِ وَ هُوَ يَعْلَمُ أَنَّ ضَلْعَهَا مَعَهَا اللَّهُمَّ قَدْ مَلَّتْ أَطِبَّاءُ هَذَا الدَّاءِ الدَّوِيِّ وَ كَلَّتِ النَّزْعَةُ بِأَشْطَانِ الرَّكِيِّ.

أَيْنَ الْقَوْمُ الَّذِينَ دُعُوا إِلَى الْإِسْلَامِ فَقَبِلُوهُ وَ قَرَءُوا الْقُرْآنَ فَأَحْكَمُوهُ وَ هِيجُوا إِلَى الْجِهَادِ فَوَلِهُوا وَلَهَ اللِّقَاحِ إِلَى أَوْلَادِهَا وَ سَلَبُوا السُّيُوفَ أَغْمَادَهَا وَ أَخَذُوا بِأَطْرَافِ الْأَرْضِ زَحْفاً زَحْفاً وَ صَفّاً صَفّاً بَعْضٌ هَلَكَ وَ بَعْضٌ نَجَا لَا يُبَشَّرُونَ بِالْأَحْيَاءِ وَ لَا يُعَزَّوْنَ عَنِ الْمَوْتَى مُرْهُ الْعُيُونِ مِنَ الْبُكَاءِ خُمْصُ الْبُطُونِ مِنَ الصِّيَامِ ذُبُلُ الشِّفَاهِ مِنَ الدُّعَاءِ صُفْرُ الْأَلْوَانِ مِنَ السَّهَرِ عَلَى وُجُوهِهِمْ غَبَرَةُ الْخَاشِعِينَ.

أُولَئِكَ إِخْوَانِي الذَّاهِبُونَ فَحَقَّ لَنَا أَنْ نَظْمَأَ إِلَيْهِمْ وَ نَعَضَّ الْأَيْدِي عَلَى فِرَاقِهِمْ إِنَّ الشَّيْطَانَ يُسَنِّي لَكُمْ طُرُقَهُ وَ يُرِيدُ أَنْ يَحُلَّ دِينَكُمْ عُقْدَةً عُقْدَةً وَ يُعْطِيَكُمْ بِالْجَمَاعَةِ الْفُرْقَةَ وَ بِالْفُرْقَةِ الْفِتْنَةَ فَاصْدِفُوا عَنْ نَزَغَاتِهِ وَ نَفَثَاتِهِ وَ اقْبَلُوا النَّصِيحَةَ مِمَّنْ أَهْدَاهَا إِلَيْكُمْ وَ اعْقِلُوهَا عَلَى أَنْفُسِكُمْ.

هي ان جو نتيجو آهي جنهن عهد کي ڇڏيو. ها الله جو قسم اگر آءٌ جڏهن اوهان کي ان جو حڪم ڏنو ۽ توهان کي ان سختيءَ تي مجبور ڪيو جنهن ۾ الله تعالىٰ ڀلائي رکي آهي. پوءِ اگر توهان ثابت قدم رهو ها تہ آءٌ توهان جي رهنمائي ڪريان ها ۽ اگر توهان ٽيڙا ٿيو ها تہ آءٌ توهان کي سِڌو ڪريان ها. ۽ اگر توهان انڪار ڪريو ها تہ آءٌ توهان جو تدارڪ ڪريان ها. تہ اهو وڏيڪ پائدار هيو. ليڪن ڪنهن جي سهاري ۽ ڪنهن جي ڀروسي تي؟ آءٌ اوهان سان علاج ڪرڻ چاهيان پيو ۽ توهان ئي منهنجو مرض نڪتؤ، ڪنڊي سان ڪنڊو ڪڍڻ جيان. ۽ ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ بيشڪ ان جو لاڙو بہ ان ڏانهن ئي آهي. اي الله هن موذي مرض کان طبيب عاجز ٿي ويا آهن. ۽ کوه جي رسين کي ڇڪڻ وارا ٿڪجي پيا آهن.

اهي ماڻهو ڪٿي آهن جن کي اسلام جي دعوت ڏني وئي تہ انهن انکي قبول ڪيو. ۽ قرآن کي پڙهيائون تہ ان تي عمل بہ ڪيائون. ۽ جهاد ڏانهن همتايا ويا تہ ائين شوق سان وڌيا جيئن سؤا ڏاچي پنهنجي ڦرن ڏانهن ويندي آهي. ۽ تلوارن کي پنهنجين مياڻن مان ڪڍيائون. ۽ قدم بقدم ۽ صف بصف ٿي ڪري زمين جي هر طرف ڄمي ويا. ڪجھ مري ويا ۽ ڪجھ بچي ويا. نہ جيئرن مان خوش ڪيا ويا ۽ نہ مئلن جي تعزيت ڏني وين. روئڻ سان سندن اکيون اڇيون، ۽ روزن ڪري سندن پيٽ ڪمزور، ۽ دعائن ڪري سندن چَپ خشڪ، ۽ اوجاڳي ڪري سندن رنگ ڦِڪا ٿي وين. ۽ سندن چهرن تي نوڙت ڪندڙ جو غبار هيو.

هي اُهي منهنجا يائر هئا جيڪي هليا ويا. پوءِ اسان تي حق ٿو ٿئي تہ سندن لاءِ سِڪئون. ۽ سندن وڇوڙي تي هٿن کي چڪ پايون. بيشڪ شيطان توهان لاءِ سندي سڌيءَ واٽ کي سولو ڪري ڇڏيو آهي. ۽ چاهي ٿو تہ توهان جي دين کي ڳنڍ ڳنڍ ڪري کولهي. ۽ توهان جي اتحاد ۾ تفرقو ۽ تفرقي سان فتنو وجهي. بس ان جي وسوسن ۽ بدگمانين کان پاسو ڪريو. جيڪو توهان کي نصيحت ڪري تہ انکي قبول ڪريو ۽ پاڻ وٽ سانڍي رکو.

## ١٢٢ ـ و من كلام له عليه‌السلام

*قاله للخوارج، و قد خرج إلى معسكرهم و هم مقيمون على إنكار الحكومة، فقال عليه‌السلام:*

أَ كُلُّكُمْ شَهِدَ مَعَنَا صِفِّينَ فَقَالُوا مِنَّا مَنْ شَهِدَ وَ مِنَّا مَنْ لَمْ يَشْهَدْ قَالَ فَامْتَازُوا فِرْقَتَيْنِ فَلْيَكُنْ مَنْ شَهِدَ صِفِّينَ فِرْقَةً وَ مَنْ لَمْ يَشْهَدْهَا فِرْقَةً حَتَّى أُكَلِّمَ كُلًّا مِنْكُمْ بِكَلَامِهِ وَ نَادَى النَّاسَ فَقَالَ أَمْسِكُوا عَنِ الْكَلَامِ وَ أَنْصِتُوا لِقَوْلِي وَ أَقْبِلُوا بِأَفْئِدَتِكُمْ إِلَيَّ فَمَنْ نَشَدْنَاهُ شَهَادَةً فَلْيَقُلْ بِعِلْمِهِ فِيهَا ثُمَّ كَلَّمَهُمْ عليه‌السلام بِكَلَامٍ طَوِيلٍ مِنْ جُمْلَتِهِ أَنْ قَالَ عليه‌السلام.

أَ لَمْ تَقُولُوا عِنْدَ رَفْعِهِمُ الْمَصَاحِفَ حِيلَةً وَ غِيلَةً وَ مَكْراً وَ خَدِيعَةً إِخْوَانُنَا وَ أَهْلُ دَعْوَتِنَا اسْتَقَالُونَا وَ اسْتَرَاحُوا إِلَى كِتَابِ اللَّهِ سُبْحَانَهُ فَالرَّأْيُ الْقَبُولُ مِنْهُمْ وَ التَّنْفِيسُ عَنْهُمْ فَقُلْتُ لَكُمْ هَذَا أَمْرٌ ظَاهِرُهُ إِيمَانٌ وَ بَاطِنُهُ عُدْوَانٌ وَ أَوَّلُهُ رَحْمَةٌ وَ آخِرُهُ نَدَامَةٌ فَأَقِيمُوا عَلَى شَأْنِكُمْ وَ الْزَمُوا طَرِيقَتَكُمْ وَ عَضُّوا عَلَى الْجِهَادِ بَنَوَاجِذِكُمْ وَ لَا تَلْتَفِتُوا إِلَى نَاعِقٍ نَعَقَ إِنْ أُجِيبَ أَضَلَّ وَ إِنْ تُرِكَ ذَلَّ.

وَ قَدْ كَانَتْ هَذِهِ الْفَعْلَةُ وَ قَدْ رَأَيْتُكُمْ أَعْطَيْتُمُوهَا وَ اللَّهِ لَئِنْ أَبَيْتُهَا مَا وَجَبَتْ عَلَيَّ فَرِيضَتُهَا وَ لَا حَمَّلَنِي اللَّهُ ذَنْبَهَا وَ وَ اللَّهِ إِنْ جِئْتُهَا إِنِّي لَلْمُحِقُّ الَّذِي يُتَّبَعُ وَ إِنَّ الْكِتَابَ لَمَعِي مَا فَارَقْتُهُ مُذْ صَحِبْتُهُ فَلَقَدْ كُنَّا مَعَ رَسُولِ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله وَ إِنَّ الْقَتْلَ لَيَدُورُ عَلَى الْآبَاءِ وَ الْأَبْنَاءِ وَ الْإِخْوَانِ وَ الْقَرَابَاتِ فَمَا نَزْدَادُ عَلَى كُلِّ مُصِيبَةٍ وَ شِدَّةٍ إِلَّا إِيمَاناً وَ مُضِيّاً عَلَى الْحَقِّ وَ تَسْلِيماً لِلْأَمْرِ وَ صَبْراً عَلَى مَضَضِ الْجِرَاحِ.

## ١٢٢_ امام عليه السلام جو ڪلام، جيڪو خوارج کي فرمايو

### جڏهن امام عليه السلام سندن ڇانوڻي ڏانهن ويا ۽ هو تحڪيم جي انڪار تي بضد هئا

ڇا توهان سڀ اسان سان گڏ صفين ۾ هئا؟ پوءِ انهن چيو: اسان مان ڪي هئا ۽ اسان مان ڪي نه هئا. امام عليه السلام فرمايو: پوءِ ٻن ٽولن ۾ الڳ ٿي وڃو. گهرجي ته جيڪي صفين ۾ هئا هڪ ٽولي ۾ ٿين ۽ جيڪي اتي نه هئا ٻئي ٽولي ۾ ٿين. ته جيئن آءٌ توهان مان هر هڪ سان سندس لحاظ کان گفتگو ڪريان. پوءِ پاڻ عليه السلام ماڻهن کي سڏيائون ۽ فرمايائون: خاموش ٿي وڃو. ۽ مونکي غور سان ٻڌو ۽ پنهنجي دلين سان مون ڏانهن متوجه ٿيو. پوءِ جنهن کان اسان گواهي طلبيون ته اهو پنهنجي علم سان ان بابت چوي.

پوءِ امام عليه السلام ساڻن ڊگهي گفتگو ڪئي جنهن ۾ امام عليه السلام هي به فرمايو:

ڇا توهان نه چيو هو ته اسانجا ڀائر ۽ اسانجا هم مذهب آهن. بس پوءِ انهن جي ڳالهه قبول ڪجي ۽ انهن کي ڇڏي ڏجي؟ جڏهن ته انهن حيلي ۽ فريب، مڪر ۽ ڌوڪي سان قرآن بلند ڪيا. ۽ اسانکان درگذر ڪرڻ جو مطالبو ڪيو، ۽ الله تعالیٰ جي ڪتاب تي مهلت گُهري. پوءِ مون توهان کي چيو هو ته هي اهڙو ڪم آهي جنهن جو ظاهر ايمان ۽ باطن دشمني آهي. ۽ هنجي شروع ۾ رحمت ۽ آخر ۾ پشيماني آهي. ۽ توهان پنهنجي حال تي قائم رهو. ۽ پنهنجي طريقي تي جميل رهو. ۽ جهاد ڪرڻ تي پنهنجي ڏندن کي پڪوڙي رکو. ۽ رڙ ڪندڙ جي رڙ تي ڌيان نه ڏيو. جي انکي جواب ڏنو ويو ته گمراهه ڪندو، ۽ اگر ڇڏيو ويس ته ذليل ٿيندو.

۽ جڏهن اهو واقعو ائين ٿيو، ۽ بيشڪ مون توهان کي ڏٺو ته توهان ئي اهو ائين ڪرڻ ڏنو. الله جو قسم اگر مون ان جو انڪار ڪيو هو ته ان لاءِ ته منهنجي مٿان ان جو ڪرڻ فرض نه هيو. ۽ نه الله مونکي ان جو ڏوهه ڏيندو. الله جو قسم اگر آءٌ ائين ڪريان ها ته آءٌ اهو حقدار هيس جنهن جي پيروي ڪئي وڃي. ۽ بيشڪ قرآن مون سان گڏ آهي. ۽ جڏهن کان آءٌ ان سان گڏ ٿيو آهيان ته مون انکي الڳ ناهي ڪيو. بيشڪ اسان رسول الله صلی الله عليه وآله وسلم سان گڏ هوندا هئاسين ته يقيناً جنگ پيئرن، پٽن، ڀائرن ۽ رشتيدارن تي ڦرندي هئي. پر پوءِ به هر مصيبت ۽ سختيءَ تي اسان جي ايمان ۾ واڌ، حق تي قرباني، حڪم جي ادائگي، ۽ ڦٽن جي سور تي صبر ڪرڻ جي اضافي کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٿيندو هو.

وَ لَكِنَّا إِنَّمَا أَصْبَحْنَا نُقَاتِلُ إِخْوَانَنَا فِي الْإِسْلَامِ عَلَى مَا دَخَلَ فِيهِ مِنَ الزَّيْغِ وَ الِاعْوِجَاجِ وَ الشُّبْهَةِ وَ التَّأْوِيلِ فَإِذَا طَمِعْنَا فِي خَصْلَةٍ يَلُمُّ اللَّهُ بِهَا شَعَثَنَا وَ نَتَدَانَى بِهَا إِلَى الْبَقِيَّةِ فِيمَا بَيْنَنَا رَغِبْنَا فِيهَا وَ أَمْسَكْنَا عَمَّا سِوَاهَا.

## ١٢٣ ـ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه‌السلام

*قاله لأصحابه في ساحة الحرب بصفين*

وَ أَيُّ امْرِئٍ مِنْكُمْ أَحَسَّ مِنْ نَفْسِهِ رَبَاطَةَ جَأْشٍ عِنْدَ اللِّقَاءِ وَ رَأَى مِنْ أَحَدٍ مِنْ إِخْوَانِهِ فَشَلًا فَلْيَذُبَّ عَنْ أَخِيهِ بِفَضْلِ نَجْدَتِهِ الَّتِي فُضِّلَ بِهَا عَلَيْهِ كَمَا يَذُبُّ عَنْ نَفْسِهِ فَلَوْ شَاءَ اللَّهُ لَجَعَلَهُ مِثْلَهُ إِنَّ الْمَوْتَ طَالِبٌ حَثِيثٌ لَا يَفُوتُهُ الْمُقِيمُ وَ لَا يُعْجِزُهُ الْهَارِبُ إِنَّ أَكْرَمَ الْمَوْتِ الْقَتْلُ وَ الَّذِي نَفْسُ ابْنِ أَبِي طَالِبٍ بِيَدِهِ لَأَلْفُ ضَرْبَةٍ بِالسَّيْفِ أَهْوَنُ عَلَيَّ مِنْ مِيتَةٍ عَلَى الْفِرَاشِ فِي غَيْرِ طَاعَةِ اللَّهِ.

و منه: وَ كَأَنِّي أَنْظُرُ إِلَيْكُمْ تَكِشُّونَ كَشِيشَ الضِّبَابِ لَا تَأْخُذُونَ حَقّاً وَ لَا تَمْنَعُونَ ضَيْماً قَدْ خُلِّيتُمْ وَ الطَّرِيقَ فَالنَّجَاةُ لِلْمُقْتَحِمِ وَ الْهَلَكَةُ لِلْمُتَلَوِّمِ.



## ١٢٤ ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه‌السلام

*في حث أصحابه على القتال*

فَقَدِّمُوا الدَّارِعَ وَ أَخِّرُوا الْحَاسِرَ وَ عَضُّوا عَلَى الْأَضْرَاسِ فَإِنَّهُ أَنْبَى لِلسُّيُوفِ عَنِ الْهَامِ وَ الْتَوُوا فِي أَطْرَافِ الرِّمَاحِ فَإِنَّهُ أَمْوَرُ لِلْأَسِنَّةِ وَ غُضُّوا الْأَبْصَارَ فَإِنَّهُ أَرْبَطُ لِلْجَأْشِ وَ أَسْكَنُ لِلْقُلُوبِ وَ أَمِيتُوا الْأَصْوَاتَ فَإِنَّهُ أَطْرَدُ لِلْفَشَلِ.

ليڪن اڄ اسان ائين ٿي ويا آهيون جو پنهنجي اسلامي ڀائرن سان ان ڳالھ تي وڙهون ٿا جو انهن ۾ گمراهي، ٽيڙائپ، شبها ۽ تاويلون داخل ٿي ويون آهن. پوءِ جڏهن اسان اهڙي ذريعي جي اميد رکون جنهن سان الله تعالىٰ اسان جي پڪڙلين کي گڏ ڪري، ۽ ان ذريعي اسان پنهنجي درميان مشترڪ نقطي جي قريب ٿيون ته اسان ان ۾ رغبت رکون ۽ ان کان علاوه وارين شين کان رڪجي وڃون.

۱۲۳_ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو پاڻ عليه السلام پنهنجي اصحاب کي جنگِ صفين جي ميدان تي فرمايو

توهان مان جيڪو به شخص جنگ وقت پنهنجي اندر ۾ دليري محسوس ڪري، ۽ پنهنجي ڪنهن ڀاءُ ۾ ڪمزوريءَ کي ڏسي ته ڪيس گهرجي ته پنهنجي ان بهادريءَ جي برتريءَ سان جيڪا ڪيس عطا ڪئي وئي آهي پنهنجي ڀاءُ جو ائين دفاع ڪري جيئن پنهنجو دفاع ڪندو آهي. ان لاءِ ته اگر الله تعالىٰ چاهي ها ته انکي به هن جهڙو ڪري ها، بيشڪ موت سختيءَ سان سڏيندڙ آهي. نه بيهڻ وارو انکان بچي سگهي ٿو، ۽ نه ڀڄڻ وارو انکي بيوس ڪري سگهي ٿو. بيشڪ عزت وارو موت شهيد ٿيڻ آهي. قسم آهي ان ذات جو جنهن جي قبضي ۾ فرزندِ ابوطالب جي جان آهي، تلوار جا هزار وار، هنڌ تي الله تعالىٰ جي اطاعت کان بغير مرڻ کان منهنجي لاءِ وڌيڪ سولا آهن.

۽ انهيءَ منجهان: جڻ آءٌ توهانکي ڏسي رهيو آهيان ته ڳوهن جي گسڻ وانگر گسو ٿا نه حق ونو ٿا، ۽ نه ظلم کي روڪيو ٿا، بيشڪ توهانکي رستي تي هلڻ ۾ آزاد ڇڏيو ويو آهي. بس سختيون برداشت ڪندڙ لاءِ نجات آهي، ۽ سستي ڪندڙ لاءِ هلاڪت آهي.

۱۲۴_ امام عليه السلام جو ڪلام، پنهنجي اصحاب کي جنگ تي اڀارڻ جي باري ۾ آهي

زِره پوشن کي اڳتي ڪريو، ۽ بغير زره وارن کي پوئتي ڪريو، ۽ ڏندن کي ڀڪوڙيو، بيشڪ اهو تلوارن کي سِرن کان ٿيڙيندو. ۽ نيزن جي اٽين کان هيڏي هوڏي ٽيندا رهو، بيشڪ اهو نيزن کي گهٽو گسائيندو. ۽ اکين کي ڇُنجهو ڪيو، بيشڪ اهو دلين کي وڌيڪ طاقت ۽ سکون ڏيندو. ۽ آوازن کي ماري ڇڏيو، بيشڪ اِهو ناڪامي کي ٽارڻ لاءِ وڌيڪ مناسب آهي.

وَ رَايَتَكُمْ فَلَا تُمِيلُوهَا وَ لَا تُخِلُّوهَا وَ لَا تَجْعَلُوهَا إِلَّا بِأَيْدِي شُجْعَانِكُمْ وَ الْمَانِعِينَ الذِّمَارَ مِنْكُمْ فَإِنَّ الصَّابِرِينَ عَلَى نُزُولِ الْحَقَائِقِ هُمُ الَّذِينَ يَحُفُّونَ بِرَايَاتِهِمْ وَ يَكْتَنِفُونَهَا حِفَافَيْهَا وَ وَرَاءَهَا وَ أَمَامَهَا لَا يَتَأَخَّرُونَ عَنْهَا فَيُسْلِمُوهَا وَ لَا يَتَقَدَّمُونَ عَلَيْهَا فَيُفْرِدُوهَا أَجْزَأَ امْرُؤٌ قِرْنَهُ وَ آسَى أَخَاهُ بِنَفْسِهِ وَ لَمْ يَكِلْ قِرْنَهُ إِلَى أَخِيهِ فَيَجْتَمِعَ عَلَيْهِ قِرْنُهُ وَ قِرْنُ أَخِيهِ.

وَ ايْمُ اللَّهِ لَئِنْ فَرَرْتُمْ مِنْ سَيْفِ الْعَاجِلَةِ لَا تَسْلَمُوا مِنْ سَيْفِ الْآخِرَةِ وَ أَنْتُمْ لَهَامِيمُ الْعَرَبِ وَ السَّنَامُ الْأَعْظَمُ إِنَّ فِي الْفِرَارِ مَوْجِدَةَ اللَّهِ وَ الذُّلَّ اللَّازِمَ وَ الْعَارَ الْبَاقِيَ وَ إِنَّ الْفَارَّ لَغَيْرُ مَزِيدٍ فِي عُمُرِهِ وَ لَا مَحْجُوزٍ بَيْنَهُ وَ بَيْنَ يَوْمِهِ مَنِ الرَّائِحُ إِلَى اللَّهِ كَالظَّمْآنِ يَرِدُ الْمَاءَ الْجَنَّةُ تَحْتَ أَطْرَافِ الْعَوَالِي الْيَوْمَ تُبْلَى الْأَخْبَارُ وَ اللَّهِ لَأَنَا أَشْوَقُ إِلَى لِقَائِهِمْ مِنْهُمْ إِلَى دِيَارِهِمْ اللَّهُمَّ فَإِنْ رَدُّوا الْحَقَّ فَافْضُضْ جَمَاعَتَهُمْ وَ شَتِّتْ كَلِمَتَهُمْ وَ أَبْسِلْهُمْ بِخَطَايَاهُمْ إِنَّهُمْ لَنْ يَزُولُوا عَنْ مَوَاقِفِهِمْ دُونَ طَعْنٍ دِرَاكٍ يَخْرُجُ مِنْهُمُ النَّسِيمُ وَ ضَرْبٍ يَفْلِقُ الْهَامَ وَ يُطِيحُ الْعِظَامَ وَ يُنْدِرُ السَّوَاعِدَ وَ الْأَقْدَامَ وَ حَتَّى يُرْمَوْا بِالْمَنَاسِرِ تَتْبَعُهَا الْمَنَاسِرُ وَ يُرْجَمُوا بِالْكَتَائِبِ تَقْفُوهَا الْحَلَائِبُ وَ حَتَّى يُجَرَّ بِبِلَادِهِمُ الْخَمِيسُ يَتْلُوهُ الْخَمِيسُ وَ حَتَّى تَدْعَقَ الْخُيُولُ فِي نَوَاحِرِ أَرْضِهِمْ وَ بِأَعْنَانِ مَسَارِبِهِمْ وَ مَسَارِحِهِمْ.

قال السيد الشريف أقول: الدعق الدق أي تدق الخيول بحوافرها أرضهم و نواحر أرضهم متقابلاتها و يقال منازل بني فلان تتناحر أي تتقابل.

۽ پنهنجي علم کي هرگز جهڪڻ نه ڏيو، ۽ نه وري انکي ڇڏي وڃو، ۽ انکي نه ڏيو سواءِ پنهنجي بهادرن ۽ توهان مان عزت جي نگهبانن جي هٿن ۾. بيشڪ مصيبتن جي اچڻ تي صبر ڪندڙ ئي اُهي آهن جيڪي پنهنجي علمن جي چوڌاري هوندا آهن، ۽ انهن جي اڳيان، پويان ۽ پاسن کان چڪر پيا هڻندا آهن. ۽ انهن کان پوئتي نه ٿيندا آهن جو انهن کي دشمنن جي حوالي ڪن. ۽ انهن کان اڳتي نه وڌندا آهن جو انهن کي اڪيلو ڪري ڇڏين. ۽ ماڻهو کي گهرجي ته پنهنجي حريف کي مُنهن ڏي. ۽ پاڻ سندي ڀاء جي مدد ڪري، ۽ پنهنجي حريف کي سندس ڀاء حوالي نه ڪري جو هنتي پنهنجو ۽ سندس ڀاء جو حريف گڏجي وڃن.

۽ الله جو قسم اگر توهان دنيا جي تلوار کان ڀڄندؤ ته آخرت جي تلوار کان نه بچندؤ. ۽ توهان عربن جا اڳواڻ ۽ وڏي شرف وارا آهيو. بيشڪ ڀڄي وڃڻ ۾ الله جو غضب، دائمي ذلت ۽ هميشه جي خواري آهي. ۽ بيشڪ ڀاڄوڪڙ پنهنجي عمر کي نٿو وڌائي. ۽ نه هنجي ۽ سندس موت واري ڏينهن جي درميان ڪا رڪاوٽ هوندي آهي. الله جي راه ۾ وڃڻ وارو ائين آهي جيئن اڃارو پاڻي تي ايندو آهي. جنت نيزن جي اڻين هيٺيان آهي. اڄ حالتون پرکيون وينديون. الله جو قسم آءٌ دشمنن سان دوبدو ٿيڻ جو وڌيڪ شوق رکان ٿو انهن جو سندن گهرن جي اشتياق کان. اي الله اگر هي حق کي ٺڪرائين ته تون سندن جماعت کي ڇڙوڇڙ ڪر، ۽ سندن راين کي مختلف ڪر، ۽ سندن خطائن جي ڪري کين هلاڪ ڪر. بيشڪ اهي پنهنجي جاين کان نه هٽندا سواءِ لڳاتار اهڙن نيزن هڻڻ جي جن مان هوا گذري وڃي. ۽ اهڙي وار ڪرڻ جي جيڪو سر کي چيري ڇڏي، ۽ هڏين کي اُڏاري ڇڏي، ۽ هٿن ۽ پيرن کي ڪَٽي ڇڏي. ايستائين جو جٿن پٺيان جٿن ذريعي حملا ڪيا وڃن. ۽ اهڙن لشڪرن سان مٿن ڪڙڪيو وڃي جن پٺيان شهسوارن جا دستا هجن. تان جو انهن جي شهرن تي منظم لشڪرن پٺيان لشڪرن سان ڪاه ڪئي وڃي. ايتري قدر جو گهوڙا سندن زمينن کي آخر تائين ۽ سندن چراگاهن ۽ ٻنين کي اوسن پاسن تائين لتاڙي ناس ڪن.

سيد رضي رحمة الله عليه فرمايو: ”الدعق“ جي معنىٰ لتاڙڻ آهي، پوءِ معنىٰ هن ريت ٿيندي ته گهوڙا پنهنجن سنبن سان زمينن کي لتاڙين ٿا. ۽ ”نواخر ارضهم“ مان مراد اهي زمينون آهن جيڪي هڪ ٻئي جي سامهون هجن، جيئن استعمال آهي ”منازل بني فلان تتناحر“ يعني فلاڻي قبيلي جا گهر هڪ ٻئي جي سامهون آهن.

# ١٢٥ ـ و من كلام له عليه‌السلام

*في التحكيم و ذلك بعد سماعه لأمر الحكمين*

إِنَّا لَمْ نُحَكِّمِ الرِّجَالَ وَ إِنَّمَا حَكَّمْنَا الْقُرْآنَ هَذَا الْقُرْآنُ إِنَّمَا هُوَ خَطٌّ مَسْطُورٌ بَيْنَ الدَّفَّتَيْنِ لَا يَنْطِقُ بِلِسَانٍ وَ لَا بُدَّ لَهُ مِنْ تَرْجُمَانٍ وَ إِنَّمَا يَنْطِقُ عَنْهُ الرِّجَالُ وَ لَمَّا دَعَانَا الْقَوْمُ إِلَى أَنْ نُحَكِّمَ بَيْنَنَا الْقُرْآنَ لَمْ نَكُنِ الْفَرِيقَ الْمُتَوَلِّيَ عَنْ كِتَابِ اللَّهِ سُبْحَانَهُ وَ تَعَالَى وَ قَدْ قَالَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ ﴿فَإِنْ تنازَعْتُمْ فِي شَيْءٍ فَرُدُّوهُ إِلَى اللَّهِ وَ الرَّسُولِ﴾ فَرَدُّهُ إِلَى اللَّهِ أَنْ نَحْكُمَ بِكِتَابِهِ وَ رَدُّهُ إِلَى الرَّسُولِ أَنْ نَأْخُذَ بِسُنَّتِهِ فَإِذَا حُكِمَ بِالصِّدْقِ فِي كِتَابِ اللَّهِ فَنَحْنُ أَحَقُّ النَّاسِ بِهِ وَ إِنْ حُكِمَ بِسُنَّةِ رَسُولِ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله فَنَحْنُ أَحَقُّ النَّاسِ وَ أَوْلَاهُمْ بِهَا.

وَ أَمَّا قَوْلُكُمْ لِمَ جَعَلْتَ بَيْنَكَ وَ بَيْنَهُمْ أَجَلًا فِي التَّحْكِيمِ فَإِنَّمَا فَعَلْتُ ذَلِكَ لِيَتَبَيَّنَ الْجَاهِلُ وَ يَتَثَبَّتَ الْعَالِمُ وَ لَعَلَّ اللَّهَ أَنْ يُصْلِحَ فِي هَذِهِ الْهُدْنَةِ أَمْرَ هَذِهِ الْأُمَّةِ وَ لَا تُؤْخَذَ بِأَكْظَامِهَا فَتَعْجَلَ عَنْ تَبَيُّنِ الْحَقِّ وَ تَنْقَادَ لِأَوَّلِ الْغَيِّ إِنَّ أَفْضَلَ النَّاسِ عِنْدَ اللَّهِ مَنْ كَانَ الْعَمَلُ بِالْحَقِّ أَحَبَّ إِلَيْهِ وَ إِنْ نَقَصَهُ وَ كَرَثَهُ مِنَ الْبَاطِلِ وَ إِنْ جَرَّ إِلَيْهِ فَائِدَةً وَ زَادَهُ. فَأَيْنَ يُتَاهُ بِكُمْ وَ مِنْ أَيْنَ أُتِيتُمْ اسْتَعِدُّوا لِلْمَسِيرِ إِلَى قَوْمٍ حَيَارَى عَنِ الْحَقِّ لَا يُبْصِرُونَهُ وَ مُوزَعِينَ بِالْجَوْرِ لَا يَعْدِلُونَ بِهِ جُفَاةٍ عَنِ الْكِتَابِ نُكُبٍ عَنِ الطَّرِيقِ مَا أَنْتُمْ بِوَثِيقَةٍ يُعْلَقُ بِهَا وَ لَا زَوَافِرِ عِزٍّ يُعْتَصَمُ إِلَيْهَا لَبِئْسَ حُشَّاشُ نَارِ الْحَرْبِ أَنْتُمْ أُفٍّ لَكُمْ لَقَدْ لَقِيتُ مِنْكُمْ بَرْحاً يَوْماً أُنَادِيكُمْ وَ يَوْماً أُنَاجِيكُمْ فَلَا أَحْرَارُ صِدْقٍ عِنْدَ النِّدَاءِ وَ لَا إِخْوَانُ ثِقَةٍ عِنْدَ النَّجَاء.

## ١٢٥_ امام عليه السلام جو ڪلام، تحڪيم بابت جيڪو حَڪَمَيَن واري ڳالهه ٻڌڻ ڪانپوءِ فرمايو

اسان ماڻهن کي حَڪم ناهي ٺاهيو. بلڪ اسان قرآن کي حَڪم بڻايو آهي. هي قرآن ته رڳو ٻن پاٺن درميان لکيل اکر آهن. جيڪو زبان سان نٿو ڳالهائي، هن لاءِ ترجمان جوهجڻ ضروري آهي. ۽ فقط ماڻهو ئي آهن جيڪي هن طرفان ڳالهائيندا. ۽ جڏهن قوم اسان کي ان ڏانهن سڏيو ته اسان جي درميان قرآن فيصلو ڪري ته اسان اها ڌُر نه هئاسين جيڪا الله سبحانہ وتعالیٰ جي ڪتاب کان مُنهن موڙي ها. ۽ بيشڪ الله سبحانہ فرمايو آهي ”بس اگر توهان ڪنهن شيءِ ۾ جهڳڙو ڪريو ته انکي الله ۽ رسول ڏانهن موٽايو“. بس انکي الله ڏانهن موٽائڻ اسان جو سندس ڪتاب سان فيصلو ڪرڻ آهي. ۽ انکي رسول ڏانهن موٽائڻ اسان جو سندس سنت کي اختيار ڪرڻ آهي. بس اگر الله جي ڪتاب مان سچائيءَ سان فيصلو ڪيو وڃي ته ماڻهن مان اسان انجا وڌيڪ حقدار آهيون. ۽ اگر رسول الله ﷺ جي سنت سان فيصلو ڪيو وڃي تڏهن به اسان انجا ماڻهن کان وڌيڪ حقدار ۽ وڌيڪ مناسب آهيون.

البته توهان جو اهو چوڻ ته تو پنهنجي ۽ انهن جي درميان تحڪيم ۾ مدت ڇو قرار ڏني آهي؟ مون ته رڳو اهو ان لاءِ ڪيو آهي ته جيئن جاهل جستجو ڪري ۽ عالم پختو ٿئي. ۽ ان لاءِ ته مَن الله هن جنگبنديءَ دوران هن امّت جي مسئلي جي اصلاح ڪري. ۽ ان جي ڳلي گُهٽڻ ذريعي پڪڙ نه ڪئي وڃي. جو حق پڌري ٿيڻ کان پهريان ئي تڪڙ ڪري ويهي ۽ پهرينءَ گمراهي جي پيروي ڪري. بيشڪ الله وٽ وڌيڪ ڀلو اهو ماڻهو آهي جيڪو باطل کان حق تي عمل ڪرڻ کي وڌيڪ پسند ڪري جيتوڻيڪ حق کيس گُٺائي ۽ ڏُکائي، ۽ باطل کيس فائدو ڏي ۽ وڌائي.

توهان ڪيڏانهن ڀٽڪايا پيا وڃو؟ ۽ توهان کي ڪيڏانهن نيو پيو وڃي؟ ان قوم ڏانهن سفر لاءِ تياري وٺو جيڪا حق کان حيران آهي جو انکي ڏسي ئي نٿي. ۽ ظلم سان ڏوڪو ڪائيندڙ آهي جو حق سان انکي نٽا بدلائين ۽ قرآن کان دور آهن. ۽ رستي کان ٿِڙيل آهن. توهان پُختا وسيلا نه آهيو جن سان تعلق قائم ڪيو وڃي. ۽ نه عزت جا سهارا آهيو جن سان واسطو رکيو وڃي. توهان جنگ جي باھ لاءِ ڪيڏو نه برو ٻارڻ آهيو. توهان تي افسوس هجي. بيشڪ مون توهان کان ڪيترين ئي تڪليفون ڏٺيون آهن. هڪ ڏينهن توهان کي سڏيان ٿو ۽ هڪ ڏينهن توهان سان ڳالهيون ڪريان ٿو. جنگ جي سڏ تي نه سچا آزاد آهيو. ۽ نه ڳالهين وقت ڀروسي مند يائر آهيو.

## ١٢٦ ـ و من كلام له عليه السلام

*لما عوتب على التسوية في العطاء*

أَ تَأْمُرُونِّي أَنْ أَطْلُبَ النَّصْرَ بِالْجَوْرِ فِيمَنْ وُلِّيتُ عَلَيْهِ وَ اللَّهِ لَا أَطُورُ بِهِ مَا سَمَرَ سَمِيرٌ وَ مَا أَمَّ نَجْمٌ فِي السَّمَاءِ نَجْماً لَوْ كَانَ الْمَالُ لِي لَسَوَّيْتُ بَيْنَهُمْ فَكَيْفَ وَ إِنَّمَا الْمَالُ مَالُ اللَّهِ أَلَا وَ إِنَّ إِعْطَاءَ الْمَالِ فِي غَيْرِ حَقِّهِ تَبْذِيرٌ وَ إِسْرَافٌ وَ هُوَ يَرْفَعُ صَاحِبَهُ فِي الدُّنْيَا وَ يَضَعُهُ فِي الْآخِرَةِ وَ يُكْرِمُهُ فِي النَّاسِ وَ يُهِينُهُ عِنْدَ اللَّهِ وَ لَمْ يَضَعِ امْرُؤٌ مَالَهُ فِي غَيْرِ حَقِّهِ وَ لَا عِنْدَ غَيْرِ أَهْلِهِ إِلَّا حَرَمَهُ اللَّهُ شُكْرَهُمْ وَ كَانَ لِغَيْرِهِ وُدُّهُمْ فَإِنْ زَلَّتْ بِهِ النَّعْلُ يَوْماً فَاحْتَاجَ إِلَى مَعُونَتِهِمْ فَشَرُّ خَلِيلٍ وَ أَلْأَمُ خَدِينٍ.

## ١٢٧ ـ و من كلام له عليه السلام

*و فيه يبين بعض أحكام الدين و يكشف للخوارج الشبهة و ينقض حكم الحكمين*

فَإِنْ أَبَيْتُمْ إِلَّا أَنْ تَزْعُمُوا أَنِّي أَخْطَأْتُ وَ ضَلَلْتُ فَلِمَ تُضَلِّلُونَ عَامَّةَ أُمَّةِ مُحَمَّدٍ صلى الله عليه و آله بِضَلَالِي وَ تَأْخُذُونَهُمْ بِخَطَئِي وَ تُكَفِّرُونَهُمْ بِذُنُوبِي.

سُيُوفُكُمْ عَلَى عَوَاتِقِكُمْ تَضَعُونَهَا مَوَاضِعَ الْبُرْءِ وَ السُّقْمِ وَ تَخْلِطُونَ مَنْ أَذْنَبَ بِمَنْ لَمْ يُذْنِبْ وَ قَدْ عَلِمْتُمْ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صلى الله عليه و آله رَجَمَ الزَّانِيَ الْمُحْصَنَ ثُمَّ صَلَّى عَلَيْهِ ثُمَّ وَرَّثَهُ أَهْلَهُ وَ قَتَلَ الْقَاتِلَ وَ وَرَّثَ مِيرَاثَهُ أَهْلَهُ وَ قَطَعَ السَّارِقَ وَ جَلَدَ الزَّانِيَ غَيْرَ الْمُحْصَنِ ثُمَّ قَسَمَ عَلَيْهِمَا مِنَ الْفَيْءِ.

### ١٢٦_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن عطا ۾ برابري تي طعنو هنيو ويو ته فرمايائون

ڇا توهان مون کان اهو گهرو ٿا ته جن تي مونکي حاڪم بڻايو ويو آهي انهن تي ظلم ذريعي مدد حاصل ڪريان. الله جو قسم آءٌ ان جي قريب به نه ويندس. جيستائين رات جي ڪاراڻ باقي هوندي ۽ جيستائين آسمان ۾ تارو لهندو ۽ چڙهندو. اگر مال منهنجو هجي ها تڏهن به يقيناً انهن درميان برابر تقسيم ڪريان ها. ته پوءِ ڪيئن تي سگهي ٿو جڏهن ته مال الله جو مال آهي. ياد رکو ته مال کي ناحق ڏيڻ اجايو ۽ فضول خرچي آهي. ۽ اهو پنهنجي مالڪ کي دنيا ۾ بلند ڪري ٿو پر آخرت ۾ ڪيس ڪيرائي ٿو. ماڻهن ۾ ته ان جي عزت ڪَرائي ٿو پر الله وٽ ڪيس خوار ڪري ٿو. ۽ ڪو به شخص الله جي مال مان ناحق ۽ نااهل کي نٿو ڏئي مگر الله ڪيس سندن شڪر کان محروم ڪندو ۽ انهن جي محبت ان کان علاوه ٻين لاءِ ٿي ويندي. پر جي ڪنهن ڏينهن اگر ان جو پير تِرڪي ۽ انهن جي مدد جو محتاج ٿئي ته هن کي بڇڙو ساٿي ۽ ڪمينو دوست سمجهندا.

### ١٢٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ امام عليه السلام دين جا ڪجهه احڪام بيان ڪيا آهن

***۽ خوارج لاءِ شبهي کي پڌرو ڪيو آهي ۽ حڪمين جي فيصلي کي ٽوڙيو آهي***

اگر توهان نه مُڙو مگر اهو گمان ڪريو ته مون خطا ڪئي آهي ۽ گمراهه ٿيو آهيان ته پوءِ ڇا توهان مونکي گمراهه سمجهندي محمد صلى الله عليه وآله جي سڄيءَ امّت کي گمراهه سمجهو ٿا. ۽ مونکي غلطيءَ تي سمجهندي انهن کي پڪڙيو ٿا. ۽ مونکي گنهگار سمجهندي انهن کي ڪافر قرار ڏيو ٿا.

توهان جون تلوارون توهان جي ڪُلهن تي آهن جن کي توهان چڱين مَنين جاين تي هڻو ٿا. ۽ ڏوهيءَ کي بي ڏوهيءَ سان ملايو ٿا. ۽ بيشڪ توهان ڄاڻو ٿا ته يقيناً رسول الله صلى الله عليه وآله پرڻيل زانيءَ کي سنگسار ڪندا هئا. پوءِ ان تي جنازي نماز پڙهندا هئا. پوءِ ان جي اهل کي سندس وارث بڻائيندا هئا. ۽ قاتل کي قتل ڪندا هئا ۽ ان جي ميراث کي سندس وارثن ۾ تقسيم ڪندا هئا. ۽ چور جا هٿ ڪٽيندا هئا. ۽ اڻپرڻيل زانيءَ کي ڪوڙا هڻندا هئا. پوءِ انهن تي بيت المال کي تقسيم ڪندا هئا.

وَ نَكَحَا الْمُسْلِمَاتِ فَأَخَذَهُمْ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ بِذُنُوبِهِمْ وَ أَقَامَ حَقَّ اللَّهِ فِيهِمْ وَ لَمْ يَمْنَعْهُمْ سَهْمَهُمْ مِنَ الْإِسْلَامِ وَ لَمْ يُخْرِجْ أَسْمَاءَهُمْ مِنْ بَيْنِ أَهْلِهِ ثُمَّ أَنْتُمْ شِرَارُ النَّاسِ وَ مَنْ رَمَى بِهِ الشَّيْطَانُ مَرَامِيَهُ وَ ضَرَبَ بِهِ تِيهَهُ.

وَ سَيَهْلِكُ فِيَّ صِنْفَانِ مُحِبٌّ مُفْرِطٌ يَذْهَبُ بِهِ الْحُبُّ إِلَى غَيْرِ الْحَقِّ وَ مُبْغِضٌ مُفْرِطٌ يَذْهَبُ بِهِ الْبُغْضُ إِلَى غَيْرِ الْحَقِّ.

وَ خَيْرُ النَّاسِ فِيَّ حَالًا النَّمَطُ الْأَوْسَطُ فَالْزَمُوهُ وَ الْزَمُوا السَّوَادَ الْأَعْظَمَ فَإِنَّ يَدَ اللَّهِ مَعَ الْجَمَاعَةِ وَ إِيَّاكُمْ وَ الْفُرْقَةَ فَإِنَّ الشَّاذَّ مِنَ النَّاسِ لِلشَّيْطَانِ كَمَا أَنَّ الشَّاذَّ مِنَ الْغَنَمِ لِلذِّئْبِ أَلَا مَنْ دَعَا إِلَى هَذَا الشِّعَارِ فَاقْتُلُوهُ وَ لَوْ كَانَ تَحْتَ عِمَامَتِي هَذِهِ فَإِنَّمَا حُكِّمَ الْحَكَمَانِ لِيُحْيِيَا مَا أَحْيَا الْقُرْآنُ وَ يُمِيتَا مَا أَمَاتَ الْقُرْآنُ وَ إِحْيَاؤُهُ الِاجْتِمَاعُ عَلَيْهِ وَ إِمَاتَتُهُ الِافْتِرَاقُ عَنْهُ.

فَإِنْ جَرَّنَا الْقُرْآنُ إِلَيْهِمُ اتَّبَعْنَاهُمْ وَ إِنْ جَرَّهُمْ إِلَيْنَا اتَّبَعُونَا فَلَمْ آتِ لَا أَبَا لَكُمْ بُجْراً وَ لَا خَتَلْتُكُمْ عَنْ أَمْرِكُمْ وَ لَا لَبَّسْتُهُ عَلَيْكُمْ إِنَّمَا اجْتَمَعَ رَأْيُ مَلَئِكُمْ عَلَى اخْتِيَارِ رَجُلَيْنِ أَخَذْنَا عَلَيْهِمَا أَلَّا يَتَعَدَّيَا الْقُرْآنَ فَتَاهَا عَنْهُ وَ تَرَكَا الْحَقَّ وَ هُمَا يُبْصِرَانِهِ وَ كَانَ الْجَوْرُ هَوَاهُمَا فَمَضَيَا عَلَيْهِ وَ قَدْ سَبَقَ اسْتِثْنَاؤُنَا عَلَيْهِمَا فِي الْحُكُومَةِ بِالْعَدْلِ وَ الصَّمْدِ لِلْحَقِّ سُوءَ رَأْيِهِمَا وَ جَوْرَ حُكْمِهِمَا.

۽ مسلمان عورتن سان انهن جو نڪاح ڪرائيندا هئا. بس رسول الله ﷺ ڪين سندن گناهن جي بدلي پڪڙ ڪئي، ۽ انهن مٿان الله جو حق قائم ڪيو، پر ڪانئن اسلام جي حصي کي نہ روڪيو. ۽ سندن نالن کي مسلمانن کان نہ ڪڍيو. پوءِ توهان شرير ماڻهو آهيو. ۽ اهي آهيو جن ذريعي شيطان پنهنجا تير هڻندو ۽ ڀٽڪائيندو آهي.
عنقريب منهنجي باري ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هلاڪ ٿيندا. حد کان وڌيڪ محبت ڪرڻ وارو جنهن کي محبت ناحق ڏانهن وٺي اچي. ۽ حد کان وڌيڪ بغض ڪرڻ وارو جنهن کي بغض ناحق ڏانهن وٺي اچي.
انهيءَ اعتبار کان منهنجي باري ۾ سڀ کان ڀلا ماڻهو وچٿرا آهن. بس انهن سان گڏجي وڃو. ۽ گهڻائيءَ سان گڏ رهو. بيشڪ الله جو هٿ گهڻن سان گڏ آهي. ۽ تفرقي بازيءَ کان بچو. بيشڪ جماعت کان الڳ ماڻهو شيطان جا آهن جيئن ڌڻ کان الڳ رڍون بگهڙ جون آهن. ياد رکو تہ جيڪو هن نعري ڏانهن سڏي تہ انکي قتل ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ هو منهنجيءَ هن پڳ جي هيٺيان ئي ڇو نہ هجي. پوءِ انهن ٻن کي رڳو انکري حَڪم مقرر ڪيو ويو آهي تہ جيئن اهي انکي زنده ڪن جنهن کي قرآن زنده ڪيو آهي. ۽ اهي انکي مارين جنهن کي قرآن ماريو آهي. ۽ قرآن جو زنده ڪرڻ ان تي گڏ ٿيڻ آهي. ۽ قرآن جو مارڻ ان کان جدا ٿيڻ آهي.
بس اگر قرآن اسانکي انهن ڏانهن وٺي ويو تہ اسان انهن جي اتباع ڪنداسين. ۽ اگر قرآن انهن کي اسان ڏانهن وٺي آيو تہ هو اسان جي پيروي ڪندا. مون نہ ڪا مصيبت آندي آهي _شل نڌڻڪا ٿيو_ ۽ نہ توهان جي معاملي ۾ توهان کي ڌوڪو ڏنو آهي. ۽ نہ انکي توهان لاءِ منجهايو آهي. توهان جي چڱن مڙسن جي راءِ ئي فقط ٻن ماڻهن جي چونڊڻ تي متفق ٿي تہ اسان انهن کان اهو واعدو ورتو تہ اهي قرآن کان نہ وڌن. پر اهي ان کان گمراهہ ٿيا ۽ انهن حق کي ڇڏيو جڏهن تہ اهي ٻئي انکي ڏسي رهيا هئا. ظلم انهن جي خواهش هئي پوءِ اهي ان تي هلي پيا. بيشڪ اسان پهريان ئي انهن تي (عدل سان حڪومت قائم ڪرڻ ۽ حق جو قصد ڪرڻ لاءِ) بدنيتيءَ ۽ ظلم واري فيصلي کي نہ مڃڻ جو شرط لڳايو هو.

# ١٢٨ ـ و من كلام له عليه السلام

*فيما يخبر به عن الملاحم بالبصرة*

يَا أَحْنَفُ كَأَنِّي بِهِ وَ قَدْ سَارَ بِالْجَيْشِ الَّذِي لَا يَكُونُ لَهُ غُبَارٌ وَ لَا لَجَبٌ وَ لَا قَعْقَعَةُ لُجُمٍ وَ لَا حَمْحَمَةُ خَيْلٍ يُثِيرُونَ الْأَرْضَ بِأَقْدَامِهِمْ كَأَنَّهَا أَقْدَامُ النَّعَامِ.

قال الشريف: يومئ بذلك إلى صاحب الزنج.

ثُمَّ قَالَ عليه السلام: وَيْلٌ لِسِكَكِكُمُ الْعَامِرَةِ وَ الدُّورِ الْمُزَخْرَفَةِ الَّتِي لَهَا أَجْنِحَةٌ كَأَجْنِحَةِ النُّسُورِ وَ خَرَاطِيمُ كَخَرَاطِيمِ الْفِيَلَةِ مِنْ أُولَئِكَ الَّذِينَ لَا يُنْدَبُ قَتِيلُهُمْ وَ لَا يُفْقَدُ غَائِبُهُمْ أَنَا كَابُّ الدُّنْيَا لِوَجْهِهَا وَ قَادِرُهَا بِقَدْرِهَا وَ نَاظِرُهَا بِعَيْنِهَا.

## منه في وصف الأتراك

كَأَنِّي أَرَاهُمْ قَوْماً كَأَنَّ وُجُوهَهُمُ الْمَجَانُّ الْمُطَرَّقَةُ يَلْبَسُونَ السَّرَقَ وَ الدِّيبَاجَ وَ يَعْتَقِبُونَ الْخَيْلَ الْعِتَاقَ وَ يَكُونُ هُنَاكَ اسْتِحْرَارُ قَتْلٍ حَتَّى يَمْشِيَ الْمَجْرُوحُ عَلَى الْمَقْتُولِ وَ يَكُونَ الْمُفْلِتُ أَقَلَّ مِنَ الْمَأْسُورِ فَقَالَ لَهُ بَعْضُ أَصْحَابِهِ لَقَدْ أُعْطِيتَ يَا أَمِيرَالْمُؤْمِنِينَ عِلْمَ الْغَيْبِ فَضَحِكَ عليه السلام وَ قَالَ لِلرَّجُلِ وَ كَانَ كَلْبِيّاً يَا أَخَا كَلْبٍ لَيْسَ هُوَ بِعِلْمِ غَيْبٍ وَ إِنَّمَا هُوَ تَعَلُّمٌ مِنْ ذِي عِلْمٍ وَ إِنَّمَا عِلْمُ الْغَيْبِ عِلْمُ السَّاعَةِ وَ مَا عَدَّدَهُ اللَّهُ سُبْحَانَهُ بِقَوْلِهِ ﴿إِنَّ اللَّهَ عِنْدَهُ عِلْمُ السَّاعَةِ وَ يُنَزِّلُ الْغَيْثَ وَ يَعْلَمُ ما فِي الْأَرْحامِ وَ ما تَدْرِي نَفْسٌ ما ذا تَكْسِبُ غَداً وَ ما تَدْرِي نَفْسٌ بِأَيِّ أَرْضٍ تَمُوتُ﴾ الْآيَةَ.

فَيَعْلَمُ اللَّهُ سُبْحَانَهُ مَا فِي الْأَرْحَامِ مِنْ ذَكَرٍ أَوْ أُنْثَى وَ قَبِيحٍ أَوْ جَمِيلٍ وَ سَخِيٍّ أَوْ بَخِيلٍ وَ شَقِيٍّ أَوْ سَعِيدٍ.

**١٢٨_ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ پاڻ عليه السلام بصره جي ڪجھ اهم حالات بابت خبر ڏني آهي**

اي احنف! ڄڻ آءٌ انکي ڏسان ٿو ته بيشڪ هو ان لشڪر کي وٺي هليو آهي جنهن لاءِ نه ڌوڙ آهي ۽ نه رڙيون. نه لغامن جا ڪڙڪات آهن ۽ نه گهوڙن جا هڻڪار آهن. هو زمين کي پنهنجي پيرن سان ائين اُکيڙي رهيا آهن ڄڻ اهي اُٺ پکيءَ جا پير هجن.

سيد رضي رحمة الله عليه فرمايو: ان مان صاحبِ زنج ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

پوءِ امام عليه السلام فرمايو: توهان جي آباد رستن ۽ انهن سنواريل گهرن تي ڏمر هجي جن جا ڪنهڙا ڳجهن جي پرن ۽ جن جا نيسارا هاٿين جي سونڊن وانگر آهن. انهن طرفان جن جي مقتولن تي نتو رنو وڃي، ۽ جن جا غائب نتا ليکيا وڃن. آءٌ دنيا کي اونڌي مُنهن ڪيرائڻ وارو ۽ ان جي اندازي مطابق طاقت رکڻ وارو، ۽ انکي ان جي حقيقت ۾ ڏِسڻ وارو آهيان.

**انهيءَ منجهان، تُرڪن جي وصف بابت**

ڄڻ آءٌ انهن ماڻهن کي ڏسي رهيو آهيان جن جا چهرا سخت ڍالن وانگر آهن ۽ جن کي ريشم ۽ پَٽ جون زرهون پاتل آهن. ۽ وٺن اصيل گهوڙا رکيل آهن. ۽ اُتي سخت قتل وغارت ٿيندي، ايستائين جو زخمي لاشن تي هلندا ۽ ڀڄڻ وارا قيدين کان ٿورا هوندا.

پوءِ امام عليه السلام جي اصحاب مان هڪ ڪيس عرض ڪيو: اي اميرالمؤمنين عليه السلام بيشڪ اوهانکي ته غيب جو علم عطا ڪيو ويو آهي، پوءِ امام عليه السلام کليا ۽ ان شخص کي فرمايائون جيڪو ڪلبي قبيلي جو هو: اي ڪلبي ڀاء! اهو غيب جو علم نه آهي. بلڪ اهو ته فقط صاحبِ علم کان حاصل ڪيل علم آهي. بيشڪ علمِ غيب ته فقط قيامت جي گهڙيءَ ۽ انهن ڳالهين جي ڄاڻ جو نالو آهي جنهن کي الله تعالىٰ هن فرمان ۾ شمار ڪيو آهي "بيشڪ الله وٽ ئي قيامت جي گهڙيءَ جو علم آهي ۽ اهو مِينهن وسائي ٿو ۽ جيڪو رَحِمَن ۾ آهي سو ڄاڻي ٿو ۽ ڪو نفس نٿو ڄاڻي ته سڀاڻي ڇا ٿيندو ۽ ڪو نفس نٿو ڄاڻي ته ڪهڙي زمين ۾ مرندو. بيشڪ الله ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي". آيت

بس جو رحمَنَ ۾ آهي الله سبحانہ انکي ڄاڻي ٿو ته نر آهي يا مادي، ڪوجهو آهي يا سهڻو، سخي آهي يا ڪنجوس، بدبخت آهي يا نيڪ بخت.

وَ مَنْ يَكُونُ فِي النَّارِ حَطَباً أَوْ فِي الْجِنَانِ لِلنَّبِيِّينَ مُرَافِقاً فَهَذَا عِلْمُ الْغَيْبِ الَّذِي لَا يَعْلَمُهُ أَحَدٌ إِلَّا اللَّهُ وَ مَا سِوَى ذَلِكَ فَعِلْمٌ عَلَّمَهُ اللَّهُ نَبِيَّهُ صلى الله عليه وآله فَعَلَّمَنِيهِ وَ دَعَا لِي بِأَنْ يَعِيَهُ صَدْرِي وَ تَضْطَمَّ عَلَيْهِ جَوَانِحِي.

# ١٢٩ ـ وَ مِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*في ذكر المكاييل و الموازين*

عِبَادَ اللَّهِ إِنَّكُمْ وَ مَا تَأْمُلُونَ مِنْ هَذِهِ الدُّنْيَا أَثْوِيَاءُ مُؤَجَّلُونَ وَ مَدِينُونَ مُقْتَضَوْنَ أَجَلٌ مَنْقُوصٌ وَ عَمَلٌ مَحْفُوظٌ فَرُبَّ دَائِبٍ مُضَيَّعٌ وَ رُبَّ كَادِحٍ خَاسِرٌ.

وَ قَدْ أَصْبَحْتُمْ فِي زَمَنٍ لَا يَزْدَادُ الْخَيْرُ فِيهِ إِلَّا إِدْبَاراً وَ لَا الشَّرُّ فِيهِ إِلَّا إِقْبَالًا وَ لَا الشَّيْطَانُ فِي هَلَاكِ النَّاسِ إِلَّا طَمَعاً فَهَذَا أَوَانٌ قَوِيَتْ عُدَّتُهُ وَ عَمَّتْ مَكِيدَتُهُ وَ أَمْكَنَتْ فَرِيسَتُهُ اضْرِبْ بِطَرْفِكَ حَيْثُ شِئْتَ مِنَ النَّاسِ فَهَلْ تُبْصِرُ إِلَّا فَقِيراً يُكَابِدُ فَقْراً أَوْ غَنِيّاً بَدَّلَ نِعْمَةَ اللَّهِ كُفْراً أَوْ بَخِيلًا اتَّخَذَ الْبُخْلَ بِحَقِّ اللَّهِ وَفْراً أَوْ مُتَمَرِّداً كَأَنَّ بِأُذُنِهِ عَنْ سَمْعِ الْمَوَاعِظِ وَقْراً أَيْنَ أَخْيَارُكُمْ وَ صُلَحَاؤُكُمْ وَ أَيْنَ أَحْرَارُكُمْ وَ سُمَحَاؤُكُمْ وَ أَيْنَ الْمُتَوَرِّعُونَ فِي مَكَاسِبِهِمْ وَ الْمُتَنَزِّهُونَ فِي مَذَاهِبِهِمْ أَ لَيْسَ قَدْ ظَعَنُوا جَمِيعاً عَنْ هَذِهِ الدُّنْيَا الدَّنِيَّةِ وَ الْعَاجِلَةِ الْمُنَغِّصَةِ وَ هَلْ خُلِقْتُمْ إِلَّا فِي حُثَالَةٍ لَا تَلْتَقِي إِلَّا بِذَمِّهِمُ الشَّفَتَانِ اسْتِصْغَاراً لِقَدْرِهِمْ وَ ذَهَاباً عَنْ ذِكْرِهِمْ فَ ﴿إِنَّا لِلَّهِ وَ إِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ﴾ ظَهَرَ الْفَسَادُ فَلَا مُنْكِرٌ مُغَيِّرٌ وَ لَا زَاجِرٌ مُزْدَجِرٌ.

۽ ڪير جهنم جو ٻارڻ ٿيندو. ۽ ڪير جنت ۾ نبيّن جو رفيق هوندو. بس هي غيب جو اهو علم آهي جنهن کي ڪو به نٿو ڄاڻي سواءِ الله جي. ۽ ان کان علاوه جيڪو علم آهي انکي الله پنهنجي نبيءَ کي سيکاريو آهي. ۽ هن اهو مونکي سيکاريو آهي. ۽ منهنجي لاءِ دعا ڪيائين ته منهنجو سينو انکي سانڍي رکي. ۽ منهنجي دل انکي محفوظ ڪري رکيو آهي.

## ١٢٩_ امام عليه السلام جو خطبو، ماپ ۽ تور جي باري ۾

الله جا ٻانهؤ! بيشڪ توهان ۽ جيڪي هن دنيا مان توهان اميدون رکو ٿا گهڙيءَ کن جا مهمان ۽ مطالبو ڪيل قرضيءَ وانگر آهيو. وقت گُٽندو وڃي ٿو. ۽ عمل محفوظ ڪيو وڃي ٿو. بس ڪيترن ئي محنت ڪندڙن جي محنت ضايع ٿيل آهي. ۽ ڪيترائي جفاڪش خساري ۾ آهن.

بيشڪ توهان اهڙي زماني ۾ آهيو جنهن ۾ خير نٿو وڌي سواءِ پوئتي ورڻ جي. ۽ جنهن ۾ شر نٿو وڌي سواءِ اڳتي سُرڻ جي. ۽ شيطان ماڻهن جي هلاڪ ڪرڻ ۾ نٿو وڌي سواءِ حِرص جي. بس هي اهو وقت آهي جو ان جي تياري مضبوط ٿي وئي آهي. ۽ ان جي سازش عام ٿي وئي آهي. ۽ سندس شڪار ڪرڻ سولو ٿي ويو آهي. پوءِ جتي چاهين ماڻهن تي پنهنجي نگاهه ڪر. ڇا تون سواءِ ان فقير جي ڏسين ٿو جيڪو پنهنجي غربت جي مشقت سهي رهيو آهي. يا ان امير جي، جيڪو الله جي نعمت کي ناشڪريءَ سان بدلائي رهيو آهي. يا ان ڪنجوس جي، جنهن حقوق الله ۾ ڪنجوسائپ کي بچت لاءِ اختيار ڪيو آهي. يا ان سرڪش جي، جو ڄڻ هنجي ڪنن ۾ نصيحتن ٻڌڻ کان ٻوڙت آهن. توهان جا نيڪ ۽ صالح ماڻهو ڪٿي آهن. ۽ توهانجا شريف ۽ سڀاجها ماڻهو ڪٿي آهن. ۽ ڪٿي آهن پنهنجيءَ ڪمائي ۾ پرهيز ڪرڻ وارا، ۽ پنهنجيءَ اٿڻيءَ ويهڻيءَ ۾ پاڪ رهڻ وارا. ڇا سڀ جا سڀ هِن پست ۽ جلدي خراب ڪندڙ دنيا کان لڏي نه ويا آهن؟. ڇا توهان فقط پست ماڻهن ۾ خلق ڪيا ويا آهيو. ڇَپ انهن جي مذمت لاءِ نٿا رلجن، سندن نِيچ هجڻ ۽ سندن ياد کان بچڻ ڪري. بس "بيشڪ اسان الله جا آهيون، ۽ بيشڪ اسان ان ڏي ئي موٽندڙ آهيون". فساد ظاهر ٿي چڪو آهي. بس نه انڪار ڪندڙ تبديلي آڻي سگهي ٿو. ۽ نه روڪڻ وارو روڪي سگهي ٿو.

أَ فَبِهَذَا تُرِيدُونَ أَنْ تُجَاوِرُوا اللَّهَ فِي دَارِ قُدْسِهِ وَ تَكُونُوا أَعَزَّ أَوْلِيَائِهِ عِنْدَهُ هَيْهَاتَ لَا يُخْدَعُ اللَّهُ عَنْ جَنَّتِهِ وَ لَا تُنَالُ مَرْضَاتُهُ إِلَّا بِطَاعَتِهِ لَعَنَ اللَّهُ الْآمِرِينَ بِالْمَعْرُوفِ التَّارِكِينَ لَهُ وَ النَّاهِينَ عَنِ الْمُنْكَرِ الْعَامِلِينَ بِه.

## ١٣٠ ــ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*لأبي ذر رحمه الله لما أخرج إلى الربذة*

يَا أَبَا ذَرٍّ إِنَّكَ غَضِبْتَ لِلَّهِ فَارْجُ مَنْ غَضِبْتَ لَهُ إِنَّ الْقَوْمَ خَافُوكَ عَلَى دُنْيَاهُمْ وَ خِفْتَهُمْ عَلَى دِينِكَ فَاتْرُكْ فِي أَيْدِيهِمْ مَا خَافُوكَ عَلَيْهِ وَ اهْرُبْ مِنْهُمْ بِمَا خِفْتَهُمْ عَلَيْهِ فَمَا أَحْوَجَهُمْ إِلَى مَا مَنَعْتَهُمْ وَ مَا أَغْنَاكَ عَمَّا مَنَعُوكَ وَ سَتَعْلَمُ مَنِ الرَّابِحُ غَداً وَ الْأَكْثَرُ حُسَّداً.

وَ لَوْ أَنَّ السَّمَاوَاتِ وَ الْأَرَضِينَ كَانَتَا عَلَى عَبْدٍ رَتْقاً ثُمَّ اتَّقَى اللَّهَ لَجَعَلَ اللَّهُ لَهُ مِنْهُمَا مَخْرَجاً لَا يُؤْنِسَنَّكَ إِلَّا الْحَقُّ وَ لَا يُوحِشَنَّكَ إِلَّا الْبَاطِلُ فَلَوْ قَبِلْتَ دُنْيَاهُمْ لَأَحَبُّوكَ وَ لَوْ قَرَضْتَ مِنْهَا لَأَمَّنُوك.



## ١٣١ ــ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*وفيه يبين سبب طلبه الحكم ويصف الإمام الحق*

أَيَّتُهَا النُّفُوسُ الْمُخْتَلِفَةُ وَ الْقُلُوبُ الْمُتَشَتِّتَةُ الشَّاهِدَةُ أَبْدَانُهُمْ وَ الْغَائِبَةُ عَنْهُمْ عُقُولُهُمْ أَظْأَرُكُمْ عَلَى الْحَقِّ وَ أَنْتُمْ تَنْفِرُونَ عَنْهُ نُفُورَ الْمِعْزَى مِنْ وَعْوَعَةِ الْأَسَدِ.

چا انهن ڪرتوتن سان جنت منجهه الله جي جِوار ۾ رهڻ چاهيو ٿا. ۽ وٽس پيارا ولي بنجڻ گهرو ٿا. اهيو بعيد آهي!. الله کي سندس جنت بابت ڏوکو نٿو ڏئي سگهجي، ۽ سندس رضايت حاصل نٿي ڪري سگهجي سواءِ ان جي فرمانبرداري جي.
الله جي لعنت هجي انهن تي جيڪي نيڪي جو تہ حڪم ڏيندڙ آهن پر پاڻ انکي ڇڏيندڙ آهن. ۽ جيڪي برائي کان تہ روڪيندڙ آهن. پر پاڻ انکي انجام ڏيندڙ آهن.

## ١٣٠_ امام عليه السلام جو ڪلام جڏهن حضرت ابوذر رحمه الله کي ربذه ڏانهن ڪڍيو ويو تہ امام عليه السلام ڪيس فرمايو:

اي ابوذر! بيشڪ تون الله خاطر عضبناڪ ٿين. بس جنهن لاءِ عضبناڪ ٿين ان ۾ اميد رک. بيشڪ هي قوم پنهنجي دنيا جي ڪري تو کان ڊِني. ۽ تون انهن کان پنهنجي دين جي ڪري ڊِئين. بس جنهن تي انهن کي تو کان کُٽکو آهي سا سندن هٿن ۾ ڇڏي ڏي. ۽ جنهن تي تو کي انهن کان ڊِڄ آهي ان بابت انهن کان ڀڄُ.
هو ڪيترا نہ محتاج آهن ان شيءَ جا جنهن کان تو انهن کي روڪيو. ۽ تون ان شيءَ کان ڪيترو نہ بي نياز آهين جنهن کان انهن تو کي روڪيو آهي. ۽ سِگهو ئي تون ڄاڻي وٺندين تہ سڀاڻي ڪير فائدي وارو آهي ۽ ڪنهن تي گهڻي رِيس ڪئي وڃي ٿي.
اگر آسمان ۽ زمين ٻئي ڪنهن ٻانهي تي بند ٿي وڃن. پوءِ هو الله کان ڊڄي تہ يقيناً الله انهن مان ان لاءِ نڪرڻ جي جاءِ قرار ڏيندو. تو کي ڪا بہ شيءِ مانوس نہ ڪندي سواءِ حق جي. ۽ تو کي ڪا بہ شي پوءِ نہ ڏيندي سواءِ باطل جي. بس اگر انهن جي دنيا کي قبول ڪرين ها تہ ضرور هو تو کي پيائين ها. ۽ اگر تون ان مان ڪجهه حصو وٺين ها تہ ضرور هو تو کي پناهه ڏينَ ها.



## ١٣١_ امام عليه السلام جو ڪلام جنهن ۾ امام عليه السلام پنهنجي لاءِ حڪومت گهرڻ جو سبب ۽ برحق اڳواڻ جا وصف بيان ڪيا آهن.

اي مختلف نفسن، ۽ الڳ الڳ دلين وارؤ. جن جا بدن حاضر آهن ۽ سندن عقل انهن کان غائب آهن.
آءٌ توهان کي حق تي مائل ڪريان ٿو ۽ توهان ان کان ائين ڀڄو ٿا جيئن ٻڪريون شينهن جي گجگوڙ کان ڀڄنديون آهن.

هَيْهَاتَ أَنْ أَطْلَعَ بِكُمْ سَرَارَ الْعَدْلِ أَوْ أُقِيمَ اعْوِجَاجَ الْحَقِّ اللَّهُمَّ إِنَّكَ تَعْلَمُ أَنَّهُ لَمْ يَكُنِ الَّذِي كَانَ مِنَّا مُنَافَسَةً فِي سُلْطَانٍ وَ لَا الْتِمَاسَ شَيْءٍ مِنْ فُضُولِ الْحُطَامِ وَ لَكِنْ لِنَرِدَ الْمَعَالِمَ مِنْ دِينِكَ وَ نُظْهِرَ الْإِصْلَاحَ فِي بِلَادِكَ فَيَأْمَنَ الْمَظْلُومُونَ مِنْ عِبَادِكَ وَ تُقَامَ الْمُعَطَّلَةُ مِنْ حُدُودِكَ.

اللَّهُمَّ إِنِّي أَوَّلُ مَنْ أَنَابَ وَ سَمِعَ وَ أَجَابَ لَمْ يَسْبِقْنِي إِلَّا رَسُولُ اللَّهِ ص بِالصَّلَاةِ وَ قَدْ عَلِمْتُمْ أَنَّهُ لَا يَنْبَغِي أَنْ يَكُونَ الْوَالِي عَلَى الْفُرُوجِ وَ الدِّمَاءِ وَ الْمَغَانِمِ وَ الْأَحْكَامِ وَ إِمَامَةِ الْمُسْلِمِينَ الْبَخِيلُ فَتَكُونَ فِي أَمْوَالِهِمْ نَهْمَتُهُ وَ لَا الْجَاهِلُ فَيُضِلَّهُمْ بِجَهْلِهِ وَ لَا الْجَافِي فَيَقْطَعَهُمْ بِجَفَائِهِ وَ لَا الْحَائِفُ لِلدُّوَلِ فَيَتَّخِذَ قَوْماً دُونَ قَوْمٍ وَ لَا الْمُرْتَشِي فِي الْحُكْمِ فَيَذْهَبَ بِالْحُقُوقِ وَ يَقِفَ بِهَا دُونَ الْمَقَاطِعِ وَ لَا الْمُعَطِّلُ لِلسُّنَّةِ فَيُهْلِكَ الْأُمَّةَ.

## ١٣٢ ـ و من خطبة له عليه السلام

*يعظ فيها و يزهد في الدنيا*

### حمد الله

نَحْمَدُهُ عَلَى مَا أَخَذَ وَ أَعْطَى وَ عَلَى مَا أَبْلَى وَ ابْتَلَى الْبَاطِنُ لِكُلِّ خَفِيَّةٍ وَ الْحَاضِرُ لِكُلِّ سَرِيرَةٍ الْعَالِمُ بِمَا تُكِنُّ الصُّدُورُ وَ مَا تَخُونُ الْعُيُونُ.

وَ نَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ غَيْرُهُ وَ أَنَّ مُحَمَّداً صلى الله عليه وآله نَجِيبُهُ وَ بَعِيثُهُ شَهَادَةً يُوَافِقُ فِيهَا السِّرُّ الْإِعْلَانَ وَ الْقَلْبُ اللِّسَانَ.

اهو بعيد آهي تہ آءٌ توهان جي ذريعي عدالت تي پيل ڪارڻ کي دور ڪريان. يا حق ۾ پيل ٽيڏاڻ کي سڌو ڪريان. اي الله بيشڪ تون ڄاڻين ٿو تہ اسان ڪان جيڪو ڪجھ ٿيو اهو حڪومت جي حِرص لاءِ نہ هيو. ۽ نہ وري مِتجندڙ اجائي دنيا ڪان ڪنهن شيءِ جي طلب لاءِ هيو. مگر ان لاءِ تہ جيئن اسان تنهنجي دين جا آثار قائم ڪريون. ۽ تنهنجي شهرن ۾ اصلاح کي ظاهر ڪريون جو تنهنجا مظلوم ٻانها امن حاصل ڪن. ۽ تنهنجي ڇڏيل حدن کي قائم ڪيو وڃي.

اي الله آءٌ اهو پهريون آهيان جنهن تو ڏانهن رجوع ڪيو. ٻڌو ۽ جيءَ ڪيو. ۽ رسول الله ﷺ کان سواءِ ڪنهن بہ مونتي نماز ۾ سبقت نہ ڪئي. ۽ بيشڪ توهان ڄاڻو ٿا تہ ناموس، ماڻهن جي جان، مالِ غنيمت، احڪام ۽ مسلمانن جي رهبريءَ تي حڪمران جو ڪنجوس هجڻ مناسب نہ آهي. جو سندن مال ۾ هنجي لالچ هجي. ۽ نہ جاهل هجي جو جيڪو پنهنجي جهالت سان ڪين گمراهہ ڪندو. ۽ نہ بداخلاق هجي جو انهن کي پنهنجي بداخلاقيءَ ڪري جدا ڪري ڇڏيندو. ۽ نہ مال خرچ ڪرڻ ۾ ظالم هجي جو ڪجھ ماڻهن کي ڏي ۽ ڪجھ کي نہ ڏي. ۽ نہ فيصلي ڪرڻ ۾ رشوت وٺندڙ هجي جو ائين حقن کي ختم ڪري ڇڏيندو. ۽ حقن لاءِ حدن کي جاري نہ ڪندو ۽ نہ ئي سنت کي ڇڏيندڙ هجي جو ائين هو امّت کي برباد ڪري ڇڏيندو.

## ١٣٢_امام عليه السلام جو خطبو جنهن ۾ پاڻ عليه السلام نصيحت ڪئي آهي ۽ دنيا ۾ زهد اختيار ڪرڻ جو چيو آهي.

### الله تعالىٰ جي ساراهہ

اسان الله جي ساراهہ ڪريون ٿا ان تي جيڪو هن ورتو ۽ جيڪو هن عطا ڪيو. ۽ جيڪو هن احسان ڪيو ۽ جيڪو هن امتحان ورتو. هو هر لڪيل شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ۽ هر اندر ڪان آگاهہ آهي. سينا جنهن کي لڪائين ٿا ۽ اکيون جيڪي خيانت ڪن ٿيون تن جو بہ عالم آهي.

۽ اسان گواهي ڏيون ٿا تہ هن ڪان علاوهہ ڪو بہ معبود نہ آهي. ۽ بيشڪ محمد ص سندس چونڊيل ۽ موڪيل آهي. اهڙي گواهي جنهن ۾ باطن ظاهر جي ۽ دل زبان جي موافق آهي.

## عظة الناس

و منها: فَإِنَّهُ وَ اللَّهِ الْجِدُّ لَا اللَّعِبُ وَ الْحَقُّ لَا الْكَذِبُ وَ مَا هُوَ إِلَّا الْمَوْتُ أَسْمَعَ دَاعِيهِ وَ أَعْجَلَ حَادِيهِ فَلَا يَغُرَّنَّكَ سَوَادُ النَّاسِ مِنْ نَفْسِكَ وَ قَدْ رَأَيْتَ مَنْ كَانَ قَبْلَكَ مِمَّنْ جَمَعَ الْمَالَ وَ حَذِرَ الْإِقْلَالَ وَ أَمِنَ الْعَوَاقِبَ طُولَ أَمَلٍ وَ اسْتِبْعَادَ أَجَلٍ كَيْفَ نَزَلَ بِهِ الْمَوْتُ فَأَزْعَجَهُ عَنْ وَطَنِهِ وَ أَخَذَهُ مِنْ مَأْمَنِهِ مَحْمُولًا عَلَى أَعْوَادِ الْمَنَايَا يَتَعَاطَى بِهِ الرِّجَالُ الرِّجَالَ حَمْلًا عَلَى الْمَنَاكِبِ وَ إِمْسَاكاً بِالْأَنَامِلِ.

أَ مَا رَأَيْتُمُ الَّذِينَ يَأْمُلُونَ بَعِيداً وَ يَبْنُونَ مَشِيداً وَ يَجْمَعُونَ كَثِيراً كَيْفَ أَصْبَحَتْ بُيُوتُهُمْ قُبُوراً وَ مَا جَمَعُوا بُوراً وَ صَارَتْ أَمْوَالُهُمْ لِلْوَارِثِينَ وَ أَزْوَاجُهُمْ لِقَوْمٍ آخَرِينَ لَا فِي حَسَنَةٍ يَزِيدُونَ وَ لَا مِنْ سَيِّئَةٍ يَسْتَعْتِبُونَ فَمَنْ أَشْعَرَ التَّقْوَى قَلْبَهُ بَرَّزَ مَهَلُهُ وَ فَازَ عَمَلُهُ فَاهْتَبِلُوا هَبَلَهَا وَ اعْمَلُوا لِلْجَنَّةِ عَمَلَهَا فَإِنَّ الدُّنْيَا لَمْ تُخْلَقْ لَكُمْ دَارَ مُقَامٍ بَلْ خُلِقَتْ لَكُمْ مَجَازاً لِتَزَوَّدُوا مِنْهَا الْأَعْمَالَ إِلَى دَارِ الْقَرَارِ فَكُونُوا مِنْهَا عَلَى أَوْفَازٍ وَ قَرِّبُوا الظُّهُورَ لِلزِّيَالِ.



# ١٣٣ ـ و من خطبة له عليه السلام

*يعظم الله سبحانه و يذكر القرآن و النبي و يعظ الناس*

## عظمة الله تعالى

وَ انْقَادَتْ لَهُ الدُّنْيَا وَ الْآخِرَةُ بِأَزِمَّتِهَا وَ قَذَفَتْ إِلَيْهِ السَّمَاوَاتُ وَ الْأَرَضُونَ مَقَالِيدَهَا وَ سَجَدَتْ لَهُ بِالْغُدُوِّ وَ الْآصَالِ الْأَشْجَارُ النَّاضِرَةُ وَ قَدَحَتْ لَهُ مِنْ قُضْبَانِهَا النِّيرَانَ الْمُضِيئَةَ وَ آتَتْ أُكُلَهَا بِكَلِمَاتِهِ الثِّمَارُ الْيَانِعَةُ.

## ماڻهن کي نصيحت

**۽ انهيءَ منجهان:** بيشڪ الله جو قسم هي حقيقت آهي ۽ اجايو نہ آهي، سچ آهي ۽ ڪوڙ نہ آهي. ۽ اهو ناهي سواءِ موت جي. هنجي سڏڻ واري پڌائي ڇڏيو آهي ۽ هنجي هڪلڻ واري تڪڙ ڪرائي ڇڏي آهي. بس ماڻهن جي گهڻائي خود توهان کي ڌوکو نہ ڏئي. ۽ بيشڪ تو پاڻ کان اڳ وارن کي ڏٺو انهن مان جن مال کي گڏ ڪيو، ۽ غربت کان ڊنا، ۽ آخرت کان امن ۾ رهيا، ڊگهين اميدن ۽ موت کي پري سمجهڻ جي ڪري، پر موت وٽن ڪيئن آيو ۽ انهن کي سندن وطن کان تيزي ڇڏيو ۽ انهن کي سندن پناهگاهن مان پڪڙي ورتو. موت جي ڏولين ۾ کنيا ويا. جو ڪانڌي ڪانڌين کي جنازو ڏيندا رهيا. ڪلهن تي کڻندي ۽ هٿن سان پڪڙيندي.

ڇا توهان انهن کي نہ ڏٺو جيڪي ڊگهيون اميدون ڪندا هئا ۽ پڪا گهر ٺاهيندا هئا ۽ گهڻو گڏ ڪندا هئا. پوءِ ڪيئن سندن گهر قبرون ٿي ويا ۽ جيڪو گڏ ڪيو هيائون تباهہ ٿي ويو. ۽ سندن مال وارثن جو ٿي ويو، ۽ سندن زالون ٻين ماڻهن جون ٿي ويون. نہ نيڪين کي وڌائي سگهن ٿا ۽ نہ براين کان معذرت ڪري سهگن ٿا. بس جنهن تقوىٰ کي دل سان سمجهيو تہ هو نيڪين ۾ اڳرو ٿيو. ۽ هنجو عمل ڪامياب ٿيو. بس ان مان چڱيءَ طرح فائدو حاصل ڪريو ۽ جنت لاءِ جنت وارا عمل انجام ڏيو. بيشڪ دنيا کي توهان لاءِ دائمي گهر ناهي ناهيو ويو بلڪ انکي توهان لاءِ گذرگاهہ ٺاپيو ويو آهي تہ جيئن توهان ان مان هميشہ واري گهر لاءِ عملن جو سمر حاصل ڪري سگهو. بس توهان دنيا مان وڃڻ لاءِ تيار رهو ۽ رواني ٿيڻ لاءِ سوارين کي ويجهو رکو.



## ١٣٣_ امام عليه السلام جو خطبو

### جنهن ۾ امام عليه السلام الله سبحانہ جي وڏائي قرآن مجيد ۽ نبي ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جو ذڪر، ۽ ماڻهن کي نصيحت ڪئي آهي.

#### الله تعالىٰ جي وڏائي

دنيا ۽ آخرت پنهنجون واڳون الله جي حوالي ڪري ڇڏيون آهن. ۽ آسمانن ۽ زمينن پنهنجي چابين کي سندس اڳيان رکي ڇڏيو آهي. جرڪندڙ وڻ صبح ۽ شام ان لاءِ سجدي ۾ آهن ۽ ان لاءِ پنهنجي ٽارين مان روشن ڪندڙ باهہ کي ٻارين ٿا. ۽ ان جي حڪم سان پڪل ميوا ڪائڻ لاءِ ڏين ٿا.

## منها القرآن

وَ كِتَابُ اللَّهِ بَيْنَ أَظْهُرِكُمْ نَاطِقٌ لَا يَعْيَا لِسَانُهُ وَ بَيْتٌ لَا تُهْدَمُ أَرْكَانُهُ وَ عِزٌّ لَا تُهْزَمُ أَعْوَانُهُ.

## منها رسول الله (صلى الله عليه وآله)

أَرْسَلَهُ عَلَى حِينِ فَتْرَةٍ مِنَ الرُّسُلِ وَ تَنَازُعٍ مِنَ الْأَلْسُنِ فَقَفَّى بِهِ الرُّسُلَ وَ خَتَمَ بِهِ الْوَحْيَ فَجَاهَدَ فِي اللَّهِ الْمُدْبِرِينَ عَنْهُ وَ الْعَادِلِينَ بِهِ.

## منها الدنيا

وَ إِنَّمَا الدُّنْيَا مُنْتَهَى بَصَرِ الْأَعْمَى لَا يُبْصِرُ مِمَّا وَرَاءَهَا شَيْئاً وَ الْبَصِيرُ يَنْفُذُهَا بَصَرُهُ وَ يَعْلَمُ أَنَّ الدَّارَ وَرَاءَهَا فَالْبَصِيرُ مِنْهَا شَاخِصٌ وَ الْأَعْمَى إِلَيْهَا شَاخِصٌ وَ الْبَصِيرُ مِنْهَا مُتَزَوِّدٌ وَ الْأَعْمَى لَهَا مُتَزَوِّدٌ.

## منها عظة الناس

وَ اعْلَمُوا أَنَّهُ لَيْسَ مِنْ شَيْءٍ إِلَّا وَ يَكَادُ صَاحِبُهُ يَشْبَعُ مِنْهُ وَ يَمَلُّهُ إِلَّا الْحَيَاةَ فَإِنَّهُ لَا يَجِدُ فِي الْمَوْتِ رَاحَةً وَ إِنَّمَا ذَلِكَ بِمَنْزِلَةِ الْحِكْمَةِ الَّتِي هِيَ حَيَاةٌ لِلْقَلْبِ الْمَيِّتِ وَ بَصَرٌ لِلْعَيْنِ الْعَمْيَاءِ وَ سَمْعٌ لِلْأُذُنِ الصَّمَّاءِ وَ رِيٌّ لِلظَّمْآنِ وَ فِيهَا الْغِنَى كُلُّهُ وَ السَّلَامَةُ كِتَابُ اللَّهِ تُبْصِرُونَ بِهِ وَ تَنْطِقُونَ بِهِ وَ تَسْمَعُونَ بِهِ وَ يَنْطِقُ بَعْضُهُ بِبَعْضٍ وَ يَشْهَدُ بَعْضُهُ عَلَى بَعْضٍ وَ لَا يَخْتَلِفُ فِي اللَّهِ وَ لَا يُخَالِفُ بِصَاحِبِهِ عَنِ اللَّهِ قَدِ اصْطَلَحْتُمْ عَلَى الْغِلِّ فِيمَا بَيْنَكُمْ وَ نَبَتَ الْمَرْعَى عَلَى دِمَنِكُمْ وَ تَصَافَيْتُمْ عَلَى حُبِّ الْآمَالِ وَ تَعَادَيْتُمْ فِي كَسْبِ الْأَمْوَالِ لَقَدِ اسْتَهَامَ بِكُمُ الْخَبِيثُ وَ تَاهَ بِكُمُ الْغُرُورُ وَ اللَّهُ الْمُسْتَعَانُ عَلَى نَفْسِي وَ أَنْفُسِكُمْ.

## انهيءَ منجهان، قرآن جي باري ۾

الله جو ڪتاب توهان جي درميان اهڙو ڳالهائيندڙ آهي جو ان جي زبان نٿي ٿڪجي ۽ اهڙو گهر آهي جنهن جا ستون نٿا ڊهن. ۽ اهڙو طاقتور آهي جنهن جا مددگار شڪست نٿا کائين.

## انهيءَ منجهان، پاڻ سڳورن ﷺ جي باري ۾

الله تعالیٰ پاڻ سڳورن ﷺ کي ان وقت موڪليو جڏهن زمانو رسولن کان خالي هيو. ۽ عقائدي اختلاف هئا. پوءِ هن ڪيس سيني رسولن کان آخر ۾ آندو ۽ ان ذريعي وحي کي پورو ڪيو. پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن الله خاطر ان کان پُٺ ڏيندڙ ۽ ان سان شريڪ ڪندڙن سان جهاد ڪيو.

## انهيءَ منجهان، دنيا جي باري ۾

بيشڪ دنيا انڌي جي اک جي انتها آهي. ۽ هو دنيا جي پُنيان ڪا به شيءِ نٿو ڏسي. ۽ بصيرت واري جي اک انکان ٽپي وڃي ٿي. ۽ هو ڄاڻي ٿو ته بيشڪ انکان پوءِ ئي حقيقي گهر آهي. بس بصيرت وارو انکان نڪري ويندو. ۽ انڌو ان ڏانهن هليو ايندو. ۽ بصيرت وارو ان مان سمر ناهيندو ۽ انڌو ان لاءِ مال گڏ ڪندو.

## انهيءَ منجهان، ماڻهن کي نصيحت جي باري ۾

توهان ڄاڻو ته ڪا به اهڙي شيءِ ڪانهي مگر ان جو ساٿي ان مان ڍاپي ٿو ۽ ان مان ڪَڪ ٿئي ٿو سواءِ زندگيءَ جي. بيشڪ هو موت ۾ سڪون نٿو پائي. بيشڪ اهو ان حڪمت جي جاءِ تي آهي جيڪا مُرده دل لاءِ زندگيءَ آهي، ۽ انڌي اک لاءِ ديد آهي، ۽ ٻوڙن ڪنن لاءِ ٻُڌڻ آهي، ۽ اُڃاري لاءِ سيرابي آهي. ۽ ان حڪمت ۾ مڪمل بي نيازي ۽ سلامتي آهي.

هي الله جو اهو ڪتاب آهي جنهن سان توهان ڏسو ٿا، ۽ جنهن سان توهان ڳالهايو ٿا، ۽ جنهن سان توهان ٻڌو ٿا، ۽ هن جو بعض بعض سان ڳالهائي ٿو، ۽ هنجو بعض بعض تي گواهي ڏئي ٿو. ۽ هي الله جي باري ۾ اختلاف نٿو ڪري. ۽ هي پنهنجي ساٿي کي الله کان نٿو هٽائي. بيشڪ توهان ڪيني ۽ گند ڪچري ۾ ساوڪ ڦٽڻ تي هڪ ٻئي سان ناهه ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اميدن جي محبت تي هڪ ٻئي جا دوست ٿي ويا آهيو. ۽ مال ڪمائڻ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ ڪٽي رهيا آهيو. بيشڪ شيطان پليت توهان کي ڀٽڪائي ڇڏيو آهي ۽ غرور توهان کي گمراهه ڪري ڇڏيو آهي. الله منهنجو ۽ توهان جو مددگار آهي.

## ١٣٤ ـ و من كلام له عليه السلام

*و قد شاوره عمر بن الخطاب في الخروج إلى غزو الروم*

وَ قَدْ تَوَكَّلَ اللَّهُ لِأَهْلِ هَذَا الدِّينِ بِإِعْزَازِ الْحَوْزَةِ وَ سَتْرِ الْعَوْرَةِ وَ الَّذِي نَصَرَهُمْ وَ هُمْ قَلِيلٌ لَا يَنْتَصِرُونَ وَ مَنَعَهُمْ وَ هُمْ قَلِيلٌ لَا يَمْتَنِعُونَ حَيٌّ لَا يَمُوتُ.

إِنَّكَ مَتَى تَسِرْ إِلَى هَذَا الْعَدُوِّ بِنَفْسِكَ فَتَلْقَهُمْ فَتُنْكَبْ لَا تَكُنْ لِلْمُسْلِمِينَ كَانِفَةٌ دُونَ أَقْصَى بِلَادِهِمْ لَيْسَ بَعْدَكَ مَرْجِعٌ يَرْجِعُونَ إِلَيْهِ فَابْعَثْ إِلَيْهِمْ رَجُلًا مِحْرَباً وَ احْفِزْ مَعَهُ أَهْلَ الْبَلَاءِ وَ النَّصِيحَةِ فَإِنْ أَظْهَرَ اللَّهُ فَذَاكَ مَا تُحِبُّ وَ إِنْ تَكُنِ الْأُخْرَى كُنْتَ رِدْءاً لِلنَّاسِ وَ مَثَابَةً لِلْمُسْلِمِين.

## ١٣٥ ـ و من كلام له عليه السلام

*و قد وقعت مشاجرة بينه و بين عثمان فقال المغيرة بن الأخنس لعثمان: أنا أكفيكه، فقال علي عليه السلام للمغيرة:*

يَا ابْنَ اللَّعِينِ الْأَبْتَرِ وَ الشَّجَرَةِ الَّتِي لَا أَصْلَ لَهَا وَ لَا فَرْعَ أَنْتَ تَكْفِينِي فَوَ اللَّهِ مَا أَعَزَّ اللَّهُ مَنْ أَنْتَ نَاصِرُهُ وَ لَا قَامَ مَنْ أَنْتَ مُنْهِضُهُ اخْرُجْ عَنَّا أَبْعَدَ اللَّهُ نَوَاكَ ثُمَّ ابْلُغْ جَهْدَكَ فَلَا أَبْقَى اللَّهُ عَلَيْكَ إِنْ أَبْقَيْت.

## ١٣٤_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن عمر ابن خطاب رومين سان وڙهڻ لاءِ وڃڻ بابت امام عليه السلام سان مشورو ڪيو

بيشڪ الله تعالىٰ هن دين وارن کي تحفظ ڏنو آهي مرڪز کي مضبوط رکڻ سان ۽ عيبن کي ڍڪڻ سان. ۽ اهو خدا جنهن انهن کي ڪامياب ڪيو جڏهن ته هو ايترا ٿورا هئا جو ڪامياب نه ٿي سگهن ها. ۽ سندن حفاظت ڪئي جڏهن ته هو ايترا ٿورا هئا جو حفاظت نه ڪري سگهن ها. هو هميشه زنده آهي ۽ نه مرندو.

بيشڪ جڏهن خود تون هنن دشمنن ڏانهن وئين ۽ انهن سان دوبدو ٿئين ۽ مغلوب ٿي وئين ته مسلمانن لاءِ پري پري شهرن تائين ڪا به پناهگاهه نه بچندي. جڏهن ته تو کان پوءِ ڪو اهڙو مرڪز ڪونهي جنهن ڏانهن رجوع ڪن. بس انهن ڏانهن جنگجو ماڻهن کي موڪل ۽ ان سان ويڙهاڪن ۽ مخلص ماڻهن کي ساڻ ڪر. بس اگر الله ڪامياب ڪيو ته هي اهو آهي جنهن کي تون چاهين ٿو ۽ اگر ٻيو ڪجهه ٿيو ته تون ماڻهن لاءِ پناهگاهه ۽ مسلمانن لاءِ مرڪز هوندين.

## ١٣٥_ امام عليه السلام جو ڪلام، امام عليه السلام ۽ عثمان جي وچ ۾ جهڳڙو ٿي پيو ته مغيره بن اخنس عثمان کي چيو مان ان جي لاءِ ڪافي آهيان ته امام علي عليه السلام مغيره کي چيو:

اي بي نسلي لعنتي جا پٽ ۽ ان وڻ جا ڦر جنهن جي نه ڪا پاڙ آهي ۽ نه ڪا ٽاري. تون مون سان نبرندين؟ الله جو قسم الله انکي غالب نه ڪندو تون جنهن جو مددگار هجين ۽ اهو نه بيهندو تون جنهن کي بيهارڻ وارو هجين.

اسانڪان نڪري وڃ الله تنهنجي منزل کي دور ڪري. پوءِ پنهنجو پورو زور لاءِ. الله تو تي رحم نه ڪري جيتوڻيڪ تون ترس به ڪرين ته.

## ١٣٦ ـ و من كلام له عليه‌السلام

*في أمر البيعة*

لَمْ تَكُنْ بَيْعَتُكُمْ إِيَّايَ فَلْتَةً وَ لَيْسَ أَمْرِي وَ أَمْرُكُمْ وَاحِداً إِنِّي أُرِيدُكُمْ لِلَّهِ وَ أَنْتُمْ تُرِيدُونَنِي لِأَنْفُسِكُمْ.

أَيُّهَا النَّاسُ أَعِينُونِي عَلَى أَنْفُسِكُمْ وَ ايْمُ اللَّهِ لَأُنْصِفَنَّ الْمَظْلُومَ مِنْ ظَالِمِهِ وَ لَأَقُودَنَّ الظَّالِمَ بِخِزَامَتِهِ حَتَّى أُورِدَهُ مَنْهَلَ الْحَقِّ وَ إِنْ كَانَ كَارِهاً.

## ١٣٧ ـ و من كلام له عليه‌السلام

*في شأن طلحة و الزبير و في البيعة له*

### طلحة و الزبير

وَ اللَّهِ مَا أَنْكَرُوا عَلَيَّ مُنْكَراً وَ لَا جَعَلُوا بَيْنِي وَ بَيْنَهُمْ نِصْفاً وَ إِنَّهُمْ لَيَطْلُبُونَ حَقّاً هُمْ تَرَكُوهُ وَ دَماً هُمْ سَفَكُوهُ فَإِنْ كُنْتُ شَرِيكَهُمْ فِيهِ فَإِنَّ لَهُمْ نَصِيبَهُمْ مِنْهُ وَ إِنْ كَانُوا وَلُوهُ دُونِي فَمَا الطَّلِبَةُ إِلَّا قِبَلَهُمْ وَ إِنَّ أَوَّلَ عَدْلِهِمْ لَلْحُكْمُ عَلَى أَنْفُسِهِمْ إِنَّ مَعِي لَبَصِيرَتِي مَا لَبَسْتُ وَ لَا لُبِسَ عَلَيَّ وَ إِنَّهَا لَلْفِئَةُ الْبَاغِيَةُ فِيهَا الْحَمَأُ وَ الْحُمَّةُ وَ الشُّبْهَةُ الْمُغْدِفَةُ وَ إِنَّ الْأَمْرَ لَوَاضِحٌ وَ قَدْ زَاحَ الْبَاطِلُ عَنْ نِصَابِهِ وَ انْقَطَعَ لِسَانُهُ عَنْ شَغْبِهِ وَ ايْمُ اللَّهِ لَأُفْرِطَنَّ لَهُمْ حَوْضاً أَنَا مَاتِحُهُ لَا يَصْدُرُونَ عَنْهُ بِرِيٍّ وَ لَا يَعُبُّونَ بَعْدَهُ فِي حَسْيٍ.

## ١٣٦_ امام عليه السلام جو ڪلام، بيعت جي باري ۾

توهان جو منهنجي بيعت ڪرڻ اوچتو نه هئي. ۽ منهنجو ۽ توهان جو معاملو هڪ جهڙو نه آهي. بيشڪ آءٌ توهان کي الله خاطر چاهيان ٿو ۽ توهان مونکي پنهنجي فائدي خاطر چاهيو ٿا.

اي انسانؤ پنهنجي نفس خلاف منهنجي مدد ڪريو. الله جو قسم آءٌ ضرور مظلوم کي ظالم کان انصاف ڏياريندس، ۽ ضرور ظالم کي نٿ هٽي ڇڪي وٺندس. ايستائين جو کيس حق جي سرچشمي تي آڻيندس. جيتوڻيڪ اهو انکي ناگوار ئي لڳي.

## ١٣٧_ امام عليه السلام جو ڪلام طلحہ. زبير ۽ پنهنجي بيعت بابت

### طلحہ ۽ زبير

الله جو قسم انهن مون تي ڪو سچو الزام نه هنيو آهي، ۽ نه منهنجي ۽ پنهنجي درميان انصاف ڪيو آهي. ۽ بيشڪ اهي مونکان ان حق جو مطالبو ڪن ٿا جنهن کي خود انهن ڇڏي ڏنو آهي. ۽ ان خون جو بدلو گهرن ٿا جنهن کي پاڻ انهن وهايو آهي. بس اگر آءٌ ان ۾ ساڻن شريڪ هيس ته يقيناً انهن جو به ان ۾ حصو آهي. ۽ اگر انهن مون کانسواءِ اهو ڪيو آهي ته مطالبو نه ڪيو وڃي سواءِ انهن کان. ته بيشڪ انهن جو پهريون انصاف پنهنجي خلاف فيصلو ڪرڻ آهي.

بيشڪ منهنجي بصيرت مون سان ساڻ آهي. نه آءٌ منجهيو آهيان ۽ نه مونکي منجهايو ويو آهي. ۽ بيشڪ اهو باغي ٽولو آهي جنهن ۾ مائٽ، وِڇُون جي ڏنگٽي ۽ مُنجهائيندڙ شبهو آهن، ۽ مسئلو بلڪل واضح آهي. ۽ باطل پنهنجي جاءِ کان هِلي چڪو آهي. ۽ ان جي زبان شر پکيڙڻ کان روڪجي چڪي آهي. الله جو قسم آءٌ انهن لاءِ اهڙو ته حوض ڀريندس جنهن جي پاڻي ڪڍڻ وارو آءٌ پاڻ هوندس، جنهن منجهان هو سيراب ٿي نه نڪرندا، ۽ نه وري انکانپوءِ ڪنهن دبي مان پي سگهندا.

## أمر البيعة

و منه: فَأَقْبَلْتُمْ إِلَيَّ إِقْبَالَ الْعُوذِ الْمَطَافِيلِ عَلَى أَوْلَادِهَا تَقُولُونَ الْبَيْعَةَ الْبَيْعَةَ قَبَضْتُ كَفِّي فَبَسَطْتُمُوهَا وَ نَازَعَتْكُمْ يَدِي فَجَاذَبْتُمُوهَا اللَّهُمَّ إِنَّهُمَا قَطَعَانِي وَ ظَلَمَانِي وَ نَكَثَا بَيْعَتِي وَ أَلَّبَا النَّاسَ عَلَيَّ فَاحْلُلْ مَا عَقَدَا وَ لَا تُحْكِمْ لَهُمَا مَا أَبْرَمَا وَ أَرِهِمَا الْمَسَاءَةَ فِيمَا أَمَّلَا وَ عَمِلَا وَ لَقَدِ اسْتَثَبْتُهُمَا قَبْلَ الْقِتَالِ وَ اسْتَأْنَيْتُ بِهِمَا أَمَامَ الْوِقَاعِ فَغَمَطَا النِّعْمَةَ وَ رَدَّا الْعَافِيَةَ.

# ١٣٨ ـ و من خطبة له عليه السلام

*يومئ فيها إلى ذكر الملاحم*

يَعْطِفُ الْهَوَى عَلَى الْهُدَى إِذَا عَطَفُوا الْهُدَى عَلَى الْهَوَى وَ يَعْطِفُ الرَّأْيَ عَلَى الْقُرْآنِ إِذَا عَطَفُوا الْقُرْآنَ عَلَى الرَّأْيِ.

و منها: حَتَّى تَقُومَ الْحَرْبُ بِكُمْ عَلَى سَاقٍ بَادِياً نَوَاجِذُهَا مَمْلُوءَةً أَخْلَافُهَا حُلْواً رَضَاعُهَا عَلْقَماً عَاقِبَتُهَا.

أَلَا وَ فِي غَدٍ سَيَأْتِي غَدٌ بِمَا لَا تَعْرِفُونَ يَأْخُذُ الْوَالِي مِنْ غَيْرِهَا عُمَّالَهَا عَلَى مَسَاوِئِ أَعْمَالِهَا وَ تُخْرِجُ لَهُ الْأَرْضُ أَفَالِيذَ كَبِدِهَا وَ تُلْقِي إِلَيْهِ سِلْماً مَقَالِيدَهَا فَيُرِيكُمْ كَيْفَ عَدْلُ السِّيرَةِ وَ يُحْيِي مَيِّتَ الْكِتَابِ وَ السُّنَّةِ.

## بيعت جي باري ۾

**۽ انهيءَ منجهان:** بس توهان بيعت بيعت چوندا سُئا ڏاچين جي پنهنجي ڦرن ڏانهن اچڻ وانگر آيو. مون پنهنجيءَ مُٺ بند ڪئي تہ توهان انکي کوليو. مون پنهنجا هٿ توهان کان ڇڏرايا تہ توهان انهن کي ڇڪيو. اي الله بيشڪ انهن ٻنهي مون سان قطع تعلق ڪيو ۽ مون سان ظلم ڪيو. ۽ منهنجي بيعت کي ٽوڙيو، ۽ ماڻهن کي منهنجي خلاف ڀڙڪايو. بس جيڪي انهن ڳنڍيون ڏنيون آهن انهن کي کول ۽ انهن لاءِ ان شيءِ کي مضبوط نہ ڪر جنهن کي انهن وٽيو آهي. ۽ جنهن شي ۾ انهن اميد رکي آهي ۽ هٿ پير هنيا آهن تنهن ۾ کين ناڪامي ڏيکار. بيشڪ جڏهن تہ مون کين جنگ کان پهريائين توبہ تائب ٿيڻ جو بہ چيو. ۽ جنگ جي دوبدو ٿيڻ وقت بہ مون انهن کي ڍر ڏني. پر انهن نعمت جي نا شڪري ڪئي ۽ سلامتيءَ کي ٺڪرايو.

## ١٣٨_ امام عليہ السلام جو خطبو، جنهن ۾ امام عليہ السلام اهم حالتن ڏانهن اشارو ڪيو آهي

هو خواهشن کي هدايت ڏانهن موٽائيندو، جڏهن تہ ماڻهن هدايت کي خواهشن ڏانهن موٽائي ڇڏيو هوندو. ۽ هو راءِ کي قرآن ڏانهن موٽائيندو جڏهن تہ انهن قرآن کي راءِ ڏانهن موٽائي ڇڏيو هوندو.

**۽ انهيءَ منجهان:** ايستائين جو توهان جي ذريعي جنگ پنين تي بيٺل هوندي، پنهنجن ڏاڻن کي ظاهر ڪندي، پنهنجي ٿڻن کي ڀريندي ۽ پنهنجي ٿڃ کي مِٺو ڪندي، ۽ پنهنجي پُڇاڙيءَ کي ڪڙو ڪندي.

ياد رکو تہ سڀاڻي _ ۽ عنقريب سڀاڻي وارو ڏينهن اهڙين شين سان ايندو جن کي توهان نٿا ڄاڻو_ حاڪم جيڪو انهن منجهان نہ هوندو انهن جي ڇاڙتن کان سندن بُرن ڪرتوتن جو حساب وٺندو.

۽ زمين ان لاءِ پنهنجي خزانن کي ظاهر ڪندي. ۽ اطاعت سان پنهنجون ڪونجيون ان جي حوالي ڪندي. پوءِ هو توهان کي ڏيکاريندو تہ عدالت واري سيرت ڪيئن هوندي آهي. ۽ هو قرآن ۽ سنت جي مُرده حڪمن کي زنده ڪندو.

منها: كَأَنِّي بِهِ قَدْ نَعَقَ بِالشَّامِ وَ فَحَصَ بِرَايَاتِهِ فِي ضَوَاحِي كُوفَانَ فَعَطَفَ عَلَيْهَا عَطْفَ الضَّرُوسِ وَ فَرَشَ الْأَرْضَ بِالرُّءُوسِ قَدْ فَغَرَتْ فَاغِرَتُهُ وَ ثَقُلَتْ فِي الْأَرْضِ وَطْأَتُهُ بَعِيدَ الْجَوْلَةِ عَظِيمَ الصَّوْلَةِ. وَ اللَّهِ لَيُشَرِّدَنَّكُمْ فِي أَطْرَافِ الْأَرْضِ حَتَّى لَا يَبْقَى مِنْكُمْ إِلَّا قَلِيلٌ كَالْكُحْلِ فِي الْعَيْنِ فَلَا تَزَالُونَ كَذَلِكَ حَتَّى تَئُوبَ إِلَى الْعَرَبِ عَوَازِبُ أَحْلَامِهَا فَالْزَمُوا السُّنَنَ الْقَائِمَةَ وَ الْآثَارَ الْبَيِّنَةَ وَ الْعَهْدَ الْقَرِيبَ الَّذِي عَلَيْهِ بَاقِي النُّبُوَّةِ وَ اعْلَمُوا أَنَّ الشَّيْطَانَ إِنَّمَا يُسَنِّي لَكُمْ طُرُقَهُ لِتَتَّبِعُوا عَقِبَهُ.

## ١٣٩ ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في وقت الشورى*

لَنْ يُسْرِعَ أَحَدٌ قَبْلِي إِلَى دَعْوَةِ حَقٍّ وَ صِلَةِ رَحِمٍ وَ عَائِدَةِ كَرَمٍ فَاسْمَعُوا قَوْلِي وَ عُوا مَنْطِقِي عَسَى أَنْ تَرَوْا هَذَا الْأَمْرَ مِنْ بَعْدِ هَذَا الْيَوْمِ تُنْتَضَى فِيهِ السُّيُوفُ وَ تُخَانُ فِيهِ الْعُهُودُ حَتَّى يَكُونَ بَعْضُكُمْ أَئِمَّةً لِأَهْلِ الضَّلَالَةِ وَ شِيعَةً لِأَهْلِ الْجَهَالَةِ.

## ١٤٠ ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في النهي عن غيبة الناس*

وَ إِنَّمَا يَنْبَغِي لِأَهْلِ الْعِصْمَةِ وَ الْمَصْنُوعِ إِلَيْهِمْ فِي السَّلَامَةِ أَنْ يَرْحَمُوا أَهْلَ الذُّنُوبِ وَ الْمَعْصِيَةِ وَ يَكُونَ الشُّكْرُ هُوَ الْغَالِبَ عَلَيْهِمْ وَ الْحَاجِزَ لَهُمْ عَنْهُمْ فَكَيْفَ بِالْعَائِبِ الَّذِي عَابَ أَخَاهُ وَ عَيَّرَهُ بِبَلْوَاهُ أَ مَا ذَكَرَ مَوْضِعَ سَتْرِ اللَّهِ عَلَيْهِ مِنْ ذُنُوبِهِ مِمَّا هُوَ أَعْظَمُ مِنَ الذَّنْبِ الَّذِي عَابَهُ بِهِ وَ كَيْفَ يَذُمُّهُ بِذَنْبٍ قَدْ رَكِبَ مِثْلَهُ فَإِنْ لَمْ يَكُنْ رَكِبَ ذَلِكَ الذَّنْبَ بِعَيْنِهِ فَقَدْ عَصَى اللَّهَ فِيمَا سِوَاهُ مِمَّا هُوَ أَعْظَمُ مِنْهُ.

**انهيءَ منجهان:** جڻ آءٌ انکي ڏسي رهيو آهيان جنهن شام ۾ رڙ ڪئي، ۽ پنهنجي جهنڊن ڪي ڪوفي جي آس پاس ڦڙڪايو، ۽ ڇتيءَ ڏاچيءَ جي ٽنڊ وانگر ان تي ٽٽي پيو. ۽ زمين تي منڍين جو فرش وڇايو. ۽ هن جو وات ڦاٽل هوندو. ۽ هنجو پير زمين تي ڳرو هوندو. پري پري تائين پکڙيل ۽ سخت حملي ڪرڻ وارو هوندو. الله جو قسم هو توهان کي ضرور زمين جي اطرافن ۾ ٽيڙي ڇڏيندو. ايستائين جو توهان مان نہ بچندا مگر ٿورڙا جيئن اک ۾ سُرمو. بس توهان يڪو ائين ئي هوندو ايستائين جو عربن جا گم ٿيل عقل پنهنجي جاء تي اچي ويندا. بس قائم ٿيل سنتن، واضح آثارن، ۽ قريبي عهد جنهن تي نبوّت جي آل باقي آهي تن کي مضبوطي سان وٺو. ۽ اهو ڄاڻو تہ بيشڪ شيطان توهان لاءِ پنهنجي رستن کي تيار ڪري ٿو تہ جيئن ان جي پويان هلو.

## ١٣٩_ امام عليہ السلام جو ڪلام، شوريٰ جي وقت

ڪنهن بہ مونکان پهريائين حق جي دعوت ڏانهن، صلہ رحمي ڪرڻ، ۽ ماڻهن تي احسان ڪرڻ ۾ جلدي ناهي ڪئي. بس منهنجي ڳالهہ ٻڌو ۽ منهنجي گفتگو کي سانڍي رکو. عنقريب اڄ ڪانپوءِ توهان هن امر ۾ ڏسندؤ تہ ان ۾ تلوارون هلايون وينديون ۽ ان جي باري ۾ ڪيل عهد ۾ خيانت ڪئي ويندي. ايستائين جو توهان جا ڪجھ، گمراهن جا اڳواڻ ۽ جاهلن جا جماعتي ٿي ويندا.

## ١٤٠_ امام عليہ السلام جو ڪلام، ماڻهن جي غيبت ڪرڻ کان روڪڻ بابت



پرهيزگارن ۽ جن کي گناهن کان محفوظ رکيو ويو آهي تنکي گهرجي تہ گنهگارن ۽ بدڪارن تي رحم ڪن. ۽ شڪر ئي مٿن غالب هجي، ۽ اهو کين انهن کان روڪيندڙ هجي. پوءِ ڪيئن هنجي آزمائش جي ڪري عيب ڪڍڻ وارو پنهنجي ڀاء جي عيب جوئي ڪري ٿو ۽ طعنہ زني ڪري ٿو. ڇا هو ان موقعي کي ياد نٿو ڪري جتي الله تعالىٰ ان جو ڍڪ ڍڪيو هو اهڙي گناهہ کان جيڪو ان کان وڏو هو جنهن جو هو عيب لڳائي ٿو.

۽ ڪيئن هو اهڙي گناهہ بابت هنجي مذمت ڪري ٿو جنهن جهڙي جو پاڻ هو مرتڪب ٿيو آهي. بس جيڪڏهن هن اهو ئي گناهہ نہ ڪيو آهي تہ بہ ان کانسواءِ ٻئي اهڙي گناهہ ۾ الله جي نافرماني ڪئي اٿس جيڪو ان گناهہ کان وڏو آهي.

وَ ايْمُ اللَّهِ لَئِنْ لَمْ يَكُنْ عَصَاهُ فِي الْكَبِيرِ وَ عَصَاهُ فِي الصَّغِيرِ لَجَرَاءَتُهُ عَلَى عَيْبِ النَّاسِ أَكْبَرُ يَا عَبْدَ اللَّهِ لَا تَعْجَلْ فِي عَيْبِ أَحَدٍ بِذَنْبِهِ فَلَعَلَّهُ مَغْفُورٌ لَهُ وَ لَا تَأْمَنْ عَلَى نَفْسِكَ صَغِيرَ مَعْصِيَةٍ فَلَعَلَّكَ مُعَذَّبٌ عَلَيْهِ فَلْيَكْفُفْ مَنْ عَلِمَ مِنْكُمْ عَيْبَ غَيْرِهِ لِمَا يَعْلَمُ مِنْ عَيْبِ نَفْسِهِ وَ لْيَكُنِ الشُّكْرُ شَاغِلًا لَهُ عَلَى مُعَافَاتِهِ مِمَّا ابْتُلِيَ بِهِ غَيْرُه.

## ١٤١ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في النهي عن سماع الغيبة و في الفرق بين الحق و الباطل.*

أَيُّهَا النَّاسُ مَنْ عَرَفَ مِنْ أَخِيهِ وَثِيقَةَ دِينٍ وَ سَدَادَ طَرِيقٍ فَلَا يَسْمَعَنَّ فِيهِ أَقَاوِيلَ الرِّجَالِ أَمَا إِنَّهُ قَدْ يَرْمِي الرَّامِي وَ تُخْطِئُ السِّهَامُ وَ يُحِيلُ الْكَلَامُ وَ بَاطِلُ ذَلِكَ يَبُورُ وَ اللَّهُ سَمِيعٌ وَ شَهِيدٌ أَمَا إِنَّهُ لَيْسَ بَيْنَ الْحَقِّ وَ الْبَاطِلِ إِلَّا أَرْبَعُ أَصَابِعَ.

فسئل عليه السلام عن معنى قوله هذا: فجمع أصابعه و وضعها بين أذنه و عينه ثم قال الْبَاطِلُ أَنْ تَقُولَ سَمِعْتُ وَ الْحَقُّ أَنْ تَقُولَ رَأَيْت.

## ١٤٢ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*المعروف في غير أهله.*



وَ لَيْسَ لِوَاضِعِ الْمَعْرُوفِ فِي غَيْرِ حَقِّهِ وَ عِنْدَ غَيْرِ أَهْلِهِ مِنَ الْحَظِّ فِيمَا أَتَى إِلَّا مَحْمَدَةُ اللِّئَامِ وَ ثَنَاءُ الْأَشْرَارِ وَ مَقَالَةُ الْجُهَّالِ مَا دَامَ مُنْعِماً عَلَيْهِمْ مَا أَجْوَدَ يَدَهُ وَ هُوَ عَنْ ذَاتِ اللَّهِ بَخِيلٌ.

### مواضع المعروف

فَمَنْ آتَاهُ اللَّهُ مَالًا فَلْيَصِلْ بِهِ الْقَرَابَةَ وَ لْيُحْسِنْ مِنْهُ الضِّيَافَةَ وَ لْيَفُكَّ بِهِ الْأَسِيرَ وَ الْعَانِيَ وَ لْيُعْطِ مِنْهُ الْفَقِيرَ وَ الْغَارِمَ.

الله جو قسم اگر هن سندس وڏن گناهن ۾ نافرماني نہ ڪئي هجي ۽ ننڍن گناهن ۾ سندس نافرماني ڪئي هجي تڏهن بہ ماڻهن جي عيب ڪڍڻ تي جرئت ڪرڻ وڏو ڏوهہ اٿس. اي الله جا ٻانها! ڪنهن جي گناه جي ڪري ان جي عيب جوئي ڪرڻ ۾ جلدي نہ ڪر، انڪري جو شايد اهو گناهہ ان جو بخشيو ويو هجي. ۽ پنهنجي نفس تي ننڍن گناهن کان امن ۾ نہ رهہ انڪري جو شايد انهن تي تو کي عذاب ڏنو وڃي. توهان مان جيڪو بہ ٻئي جي عيب کي ڄاڻي تہ کيس گهرجي تہ پنهنجي عيب جي ڄاڻڻ ڪري روڪجي وڃي. ۽ گهرجي تہ شڪر انڪي مشغول ڪري ڇڏي جو هن کي انهن کان معاف رکيو ويو آهي جن ۾ ٻين کي مبتلا ڪيو ويو آهي.

**١٤١_ امام عليه السلام جو ڪلام، غيبت ٻُڌڻ کان روڪڻ، ۽ حق ۽ باطل جي درميان فرق جي باري ۾**

اي انسانؤ! جيڪو پنهنجي ڀاء جي دين جي پختگيءَ ۽ رستي جي سِڌائيءَ کي ڄاڻي تہ ان جي باري ۾ ماڻهن جي ڳالهين کي هرگز نہ ٻُڌي. البتہ ڪڏهن تير انداز تير هڻندو آهي پر تير خطا ڪندا آهن. ۽ ڳالهہ ڦِري ويندي آهي ۽ ان جو باطل ناڪام ٿي ويندو آهي. الله ٻڌندڙ ۽ شاهد آهي. ياد رکو تہ حق ۽ باطل جي درميان فاصلو ڪونهي مگر چئن آڱرين جو.

پوءِ امام عليه السلام کان ان ڪلام جو مطلب پڇيو ويو تہ پاڻ عليه السلام پنهنجي آڱرين کي گڏ ڪيو ۽ ڪن ۽ اک جي درميان رکيو ۽ پوءِ فرمايو: تنهنجو چوڻ تہ ٻڌو آهي اهو باطل آهي. ۽ تنهنجو چوڻ تہ ڏٺو آهي اهو حق آهي.



**١٤٢_ امام عليه السلام جو ڪلام، نااهل سان چڱائي ڪرڻ جي باري ۾**

غير مستحق ۽ نااهل سان ڀلائي ڪرڻ واري لاءِ سندس ڪيل ڪم تي ڪو بہ عوض ڪونهي سواءِ ڪميڻن جي ساراهہ ۽ شريرن جي ثناء ۽ جاهلن جي واهہ واهہ جي، تہ ان جو هٿ ڪيڏو نہ سخي آهي. سو بہ جيستائين کين ڪارائيندو رهندو. جڏهن تہ اهو الله جي راهہ ۾ ڪنجوس آهي.

**چڱائيءَ ڪرڻ جون جايون**

بس جنهن کي الله مال عطا ڪيو آهي کيس گهرجي تہ ان ذريعي پنهنجي مِٽن سان مائٽي جوڙي ۽ ان مان ڀلي مهمانوازي ڪري. ۽ ان ذريعي قيديءَ ۽ غلام کي آزاد ڪرائي. ۽ ان مان غريب ۽ مقروض کي عطا ڪري.

وَ لْيَصْبِرْ نَفْسَهُ عَلَى الْحُقُوقِ وَ النَّوَائِبِ ابْتِغَاءَ الثَّوَابِ فَإِنَّ فَوْزاً بِهَذِهِ الْخِصَالِ شَرَفُ مَكَارِمِ الدُّنْيَا وَ دَرْكُ فَضَائِلِ الْآخِرَةِ إِنْ شَاءَ اللَّه.

## ١٤٣ـ وَ مِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه‌السلام

في الاستسقاء و فيه تنبيه العباد إلى وجوب استغاثة رحمة الله إذا حبس عنهم رحمة المطر.

أَلَا وَ إِنَّ الْأَرْضَ الَّتِي تُقِلُّكُمْ وَ السَّمَاءَ الَّتِي تُظِلُّكُمْ مُطِيعَتَانِ لِرَبِّكُمْ وَ مَا أَصْبَحَتَا تَجُودَانِ لَكُمْ بِبَرَكَتِهِمَا تَوَجُّعاً لَكُمْ وَ لَا زُلْفَةً إِلَيْكُمْ وَ لَا لِخَيْرٍ تَرْجُوَانِهِ مِنْكُمْ وَ لَكِنْ أُمِرَتَا بِمَنَافِعِكُمْ فَأَطَاعَتَا وَ أُقِيمَتَا عَلَى حُدُودِ مَصَالِحِكُمْ

فَقَامَتَا إِنَّ اللَّهَ يَبْتَلِي عِبَادَهُ عِنْدَ الْأَعْمَالِ السَّيِّئَةِ بِنَقْصِ الثَّمَرَاتِ وَ حَبْسِ الْبَرَكَاتِ وَ إِغْلَاقِ خَزَائِنِ الْخَيْرَاتِ لِيَتُوبَ تَائِبٌ وَ يُقْلِعَ مُقْلِعٌ وَ يَتَذَكَّرَ مُتَذَكِّرٌ وَ يَزْدَجِرَ مُزْدَجِرٌ.

وَ قَدْ جَعَلَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ الِاسْتِغْفَارَ سَبَباً لِدُرُورِ الرِّزْقِ وَ رَحْمَةِ الْخَلْقِ

فَقَالَ سُبْحَانَهُ ﴿اسْتَغْفِرُوا رَبَّكُمْ إِنَّهُ كانَ غَفَّاراً* يُرْسِلِ السَّماءَ عَلَيْكُمْ مِدْراراً *وَ يُمْدِدْكُمْ بِأَمْوالٍ وَ بَنِينَ وَ يَجْعَلْ لَكُمْ جَنَّاتٍ وَ يَجْعَلْ لَكُمْ أَنْهاراً [١]﴾.



فَرَحِمَ اللَّهُ امْرَأً اسْتَقْبَلَ تَوْبَتَهُ وَ اسْتَقَالَ خَطِيئَتَهُ وَ بَادَرَ مَنِيَّتَهُ اللَّهُمَّ إِنَّا خَرَجْنَا إِلَيْكَ مِنْ تَحْتِ الْأَسْتَارِ وَ الْأَكْنَانِ وَ بَعْدَ عَجِيجِ الْبَهَائِمِ وَ الْوِلْدَانِ رَاغِبِينَ فِي رَحْمَتِكَ وَ رَاجِينَ فَضْلَ نِعْمَتِكَ وَ خَائِفِينَ مِنْ عَذَابِكَ وَ نِقْمَتِكَ اللَّهُمَّ فَاسْقِنَا غَيْثَكَ وَ لَا تَجْعَلْنَا مِنَ الْقَانِطِينَ وَ لَا تُهْلِكْنَا بِالسِّنِينَ وَ لَا تُؤَاخِذْنَا بِمَا فَعَلَ السُّفَهَاءُ مِنَّا يَا أَرْحَمَ الرَّاحِمِينَ.

---

١: نوح: الآية: ١٠ ـ ١٢.

۽ کيس گهرجي تہ ثواب کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ حقن ۽ پيش ايندڙ حادثن تي خرچ ڪرڻ تي صبر ڪري. بيشڪ انهن خوبين سان ڪامياب ٿيڻ دنياوي بُزرگين جو شرف ماڻڻ ۽ اخروي فضيلتن کي حاصل ڪرڻ آهي. ان شاء الله.

## ١٤٣_ امام عليہ السلام جو خطبو، برسات گهرڻ جي باري ۾

**۽ هن ۾ ٻانهن کي الله تعالىٰ جي رحمت گهرڻ جي وجوب ڏانهن متوجہ ڪيو آهي، جڏهن الله تعالىٰ ڪائنات برسات واري رحمت کي روڪي ڇڏي.**

آگاهہ رهو! تہ بيشڪ جنهن زمين توهان کي کنيو آهي، ۽ جنهن آسمان توهان تي ڇانو ڪئي آهي، ٻئي توهان جي پالڻهار جا فرمانبردار آهن. ۽ اهي ٻئي پنهنجيءَ برڪت جي توهان تي سخاوت نٿا ڪن، توهان جي تڪليف جي ڪري، ۽ نہ توهان جي قُرب جي ڪري، ۽ نہ توهان کان ڀلائيءَ جي اميد جي ڪري. پر انهن کي توهان جي فائدي پهچائڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي. بس انهن اطاعت ڪئي آهي. ۽ انهن کي توهان جي مصلحتن جي دائري ۾ بيهاريو ويو آهي تہ بس اُهي بيهي رهيا آهن. بيشڪ الله پنهنجي ٻانهن کي بُرن عملن جي ڪري ميون جي ڪمي، برڪتن کي روڪڻ، ۽ ڀلاين جي خزانن کي بند ڪرڻ ۾ مبتلا ڪندو آهي، تہ جيئن توبہ ڪندڙ توبہ ڪري، ۽ ترڪ ڪندڙ ترڪ ڪري، ۽ نصيحت وٺندڙ نصيحت وٺي، ۽ رڪجندڙ روڪجي وڃي.

بيشڪ الله تعالىٰ بخشش طلب ڪرڻ کي رزق جي وڌڻ ۽ مخلوق تي رحمت جو سبب قرار ڏنو آهي. بس الله سبحانہ فرمايو آهي "پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو بيشڪ هو وڏو بخشڻهار آهي، تہ ڪڪرن کي توهان تي زوردار مينهن سان موڪلي، ۽ مال ۽ پُٽن ذريعي اوهان کي وڌائي، ۽ توهان لاءِ باغ بڻائي ۽ توهان لاءِ نهرون وهائي[١]". بس الله رحم ڪري ان شخص تي جيڪو پنهنجي توبہ ڏانهن متوجہ ٿيو، ۽ پنهنجي خطائن کان هٽ ڪنيائين، ۽ پنهنجي موت ڏانهن جلدي ڪيائين.

اي الله اسان تو ڏانهن جانورن جي رنڀڻ ۽ ٻارڙن جي رڙين ڪانپوءِ پردن ۽ گهرن مان نڪري آيا آهيون. تنهنجي رحمت کي چاهيندي ۽ تنهنجي نعمتن جي گهڻائي جي اميد ڪندي ۽ تنهنجي عذاب ۽ ڏمر کان ڊڄندي. اي الله پنهنجي مِينهن سان اسانکي سيراب ڪر، ۽ اسانکي نااميد ٿيندڙن مان قرار نہ ڏي. ۽ ڏُڪر سان اسانکي هلاڪ نہ ڪر "۽ اسان منجهان جيڪو بي عقلن ڪيو آهي ان ذريعي اسان جي پڪڙ نہ ڪر" اي سڀني رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارا.

---

١: نوح: آيت: ١٠ کان ١٢.

اللَّهُمَّ إِنَّا خَرَجْنَا إِلَيْكَ نَشْكُو إِلَيْكَ مَا لَا يَخْفَى عَلَيْكَ حِينَ أَلْجَأَتْنَا الْمَضَايِقُ الْوَعْرَةُ وَ أَجَاءَتْنَا الْمَقَاحِطُ الْمُجْدِبَةُ وَ أَعْيَتْنَا الْمَطَالِبُ الْمُتَعَسِّرَةُ وَ تَلَاحَمَتْ عَلَيْنَا الْفِتَنُ الْمُسْتَصْعِبَةُ اللَّهُمَّ إِنَّا نَسْأَلُكَ أَلَّا تَرُدَّنَا خَائِبِينَ وَ لَا تَقْلِبَنَا وَاجِمِينَ وَ لَا تُخَاطِبَنَا بِذُنُوبِنَا وَ لَا تُقَايِسَنَا بِأَعْمَالِنَا.

اللَّهُمَّ انْشُرْ عَلَيْنَا غَيْثَكَ وَ بَرَكَتَكَ وَ رِزْقَكَ وَ رَحْمَتَكَ وَ اسْقِنَا سُقْيَا نَاقِعَةً مُرْوِيَةً مُعْشِبَةً تُنْبِتُ بِهَا مَا قَدْ فَاتَ وَ تُحْيِي بِهَا مَا قَدْ مَاتَ نَافِعَةَ الْحَيَا كَثِيرَةَ الْمُجْتَنَى تُرْوِي بِهَا الْقِيعَانَ وَ تُسِيلُ الْبُطْنَانَ وَ تَسْتَوْرِقُ الْأَشْجَارَ وَ تُرْخِصُ الْأَسْعَارَ ﴿إِنَّكَ عَلَى مَا تَشَاءُ قَدِيرٌ﴾.

## ١٤٤ـ و من خطبة له عليه السلام

### *مبعث الرسل*

بَعَثَ اللَّهُ رُسُلَهُ بِمَا خَصَّهُمْ بِهِ مِنْ وَحْيِهِ وَ جَعَلَهُمْ حُجَّةً لَهُ عَلَى خَلْقِهِ لِئَلَّا تَجِبَ الْحُجَّةُ لَهُمْ بِتَرْكِ الْإِعْذَارِ إِلَيْهِمْ فَدَعَاهُمْ بِلِسَانِ الصِّدْقِ إِلَى سَبِيلِ الْحَقِّ أَلَا إِنَّ اللَّهَ تَعَالَى قَدْ كَشَفَ الْخَلْقَ كَشْفَةً لَا أَنَّهُ جَهِلَ مَا أَخْفَوْهُ مِنْ مَصُونِ أَسْرَارِهِمْ وَ مَكْنُونِ ضَمَائِرِهِمْ وَ لَكِنْ لِيَبْلُوَهُمْ أَيُّهُمْ أَحْسَنُ عَمَلًا فَيَكُونَ الثَّوَابُ جَزَاءً وَ الْعِقَابُ بَوَاءً.

### فضل أهل البيت عليهم السلام

أَيْنَ الَّذِينَ زَعَمُوا أَنَّهُمُ الرَّاسِخُونَ فِي الْعِلْمِ دُونَنَا كَذِباً وَ بَغْياً عَلَيْنَا أَنْ رَفَعَنَا اللَّهُ وَ وَضَعَهُمْ وَ أَعْطَانَا وَ حَرَمَهُمْ وَ أَدْخَلَنَا وَ أَخْرَجَهُمْ بِنَا يُسْتَعْطَى الْهُدَى وَ يُسْتَجْلَى الْعَمَى إِنَّ الْأَئِمَّةَ مِنْ قُرَيْشٍ غُرِسُوا فِي هَذَا الْبَطْنِ مِنْ هَاشِمٍ لَا تَصْلُحُ عَلَى سِوَاهُمْ وَ لَا تَصْلُحُ الْوُلَاةُ مِنْ غَيْرِهِمْ.

اي الله بيشڪ اسان تو کي ان جي دانهن ڏيڻ لاءِ نڪتا آهيون جيڪا تو کان لِڪيل نہ آهي. جڏهن تہ سخت تنگيءَ اسانکي مجبور ڪيو آهي. ۽ ڏُڪر واريءَ سختيءَ اسانکي آندو آهي. ۽ سخت ضرورتن اسانکي عاجز ڪري ڇڏيو آهي. ۽ ڏُکين فتنن اسان کي وڪوڙي ڇڏيو آهي. اي الله اسان تو کان سوال ڪريون ٿا تہ اسانکي نااميد ڪري نہ موٽاءِ. ۽ اسانکي ڏُکارو ڪري واپس نہ ڪر. ۽ اسان کي اسان جي گناهن سان نہ سَڏ. ۽ اسانکي اسان جي عملن سان نہ پيٽاءِ. اي الله اسان تي پنهنجي مِينهن، ۽ پنهنجي برڪت، ۽ پنهنجي رزق، ۽ پنهنجي رحمت کي وساءِ. ۽ اسان کي اهڙي وسڪاري سان سيراب ڪر جيڪو فائديمند، تازو، ۽ قوتهڙي وارو هجي. ۽ جنهن سان اها شيءِ ڦُٽاءِ جيڪا ختم ٿي وئي آهي، ۽ جنهن سان اُها شيءِ زنده ڪر جيڪا مري چڪي آهي. فائدي واري مِينهن ۽ گهڻي ميوي جي صورت ۾. جنهن سان تون ٻنين کي سيراب ڪرين. ۽ ڊورين کي وهائين. ۽ وڻن ۾ پن ڦُٽائين. ۽ قيمتن کي سستو ڪرين. ”بيشڪ جنهن تي تون چاهين قدرت رکڻ وارو آهين“.

## ١٤٤_ امام عليه السلام جو خطبو

### رسولن کي موڪلڻ

الله تعالىٰ پنهنجي رسولن کي سندس وحيءَ سان مخصوص ڪري موڪليو ۽ انهن کي مخلوق تي پنهنجي حجت قرار ڏنو تہ جيئن انهن لاءِ بهانو نہ رهي ۽ انهن لاءِ حجت نہ نهي. پوءِ الله کين سچيءَ زبان سان حق جي واٽ جي دعوت ڏني. ياد رکو تہ بيشڪ الله تعالىٰ مخلوق کي بلڪل پڌرو ڪيو آهي ان لاءِ نہ تہ هو مخفي رازن ۽ اندر جي ڳالهين مان جيڪو هو لِڪائين پيا تنهن کي نہ ڄاڻندو هو، بلڪ انڪري تہ انهن کي پرکي تہ انهن مان ڪير عملن ۾ وڌيڪ ڀلو آهي، تہ جيئن ثواب جزا طور ۽ عقاب سزا طور ٿي وڃي.

### اهل بيت عليهم السلام جي فضيلت

ڪٿي آهن اهي جيڪي اهو گمان ڪن ٿا تہ اهي علم ۾ پڪا آهن اسان کان علاوه، اسان تي ڪوڙ ۽ حسد ڪندي. انڪري تہ الله تعالىٰ اسان کي بلند ڪيو آهي ۽ انهن کي پست ڪيو آهي. ۽ اسانکي عطا ڪيو آهي ۽ انهن کي محروم رکيو آهي. ۽ اسان کي اندر ڪيو آهي ۽ انهن کي ٻاهر ڪيو آهي. اسان جي ئي ذريعي هدايت ورتي ويندي. ۽ اسان جي ئي ذريعي گمراهيءَ کان رهنمائي حاصل ڪئي ويندي. بيشڪ امام قريش منجهان آهن. ۽ هاشم جي ذريعي هن صلب ۾ رکيا ويا آهن. انهن کان سواءِ ڪو بہ صلاحيت نٿو رکي. ۽ انهن کان علاوه ڪو بہ حاڪم ٿيڻ جي اهليت نٿو رکي.

## أهل الضلال منها

آثَرُوا عَاجِلًا وَ أَخَّرُوا آجِلًا وَ تَرَكُوا صَافِياً وَ شَرِبُوا آجِناً كَأَنِّي أَنْظُرُ إِلَى فَاسِقِهِمْ وَ قَدْ صَحِبَ الْمُنْكَرَ فَأَلِفَهُ وَ بَسِئَ بِهِ وَ وَافَقَهُ حَتَّى شَابَتْ عَلَيْهِ مَفَارِقُهُ.

وَ صُبِغَتْ بِهِ خَلَائِقُهُ ثُمَّ أَقْبَلَ مُزْبِداً كَالتَّيَّارِ لَا يُبَالِي مَا غَرَّقَ أَوْ كَوَقْعِ النَّارِ فِي الْهَشِيمِ لَا يَحْفِلُ مَا حَرَّقَ أَيْنَ الْعُقُولُ الْمُسْتَصْبِحَةُ بِمَصَابِيحِ الْهُدَى وَ الْأَبْصَارُ اللَّامِحَةُ إِلَى مَنَارِ التَّقْوَى أَيْنَ الْقُلُوبُ الَّتِي وُهِبَتْ لِلَّهِ وَ عُوقِدَتْ عَلَى طَاعَةِ اللَّهِ.

ازْدَحَمُوا عَلَى الْحُطَامِ وَ تَشَاحُّوا عَلَى الْحَرَامِ وَ رُفِعَ لَهُمْ عَلَمُ الْجَنَّةِ وَ النَّارِ فَصَرَفُوا عَنِ الْجَنَّةِ وُجُوهَهُمْ وَ أَقْبَلُوا إِلَى النَّارِ بِأَعْمَالِهِمْ وَ دَعَاهُمْ رَبُّهُمْ فَنَفَرُوا وَ وَلَّوْا وَ دَعَاهُمُ الشَّيْطَانُ فَاسْتَجَابُوا وَ أَقْبَلُوا.

# ١٤٥ـ و من خطبة له عليه السلام

### *فناء الدنيا*

أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّمَا أَنْتُمْ فِي هَذِهِ الدُّنْيَا غَرَضٌ تَنْتَضِلُ فِيهِ الْمَنَايَا مَعَ كُلِّ جَرْعَةٍ شَرَقٌ وَ فِي كُلِّ أَكْلَةٍ غَصَصٌ.

لَا تَنَالُونَ مِنْهَا نِعْمَةً إِلَّا بِفِرَاقِ أُخْرَى وَ لَا يُعَمَّرُ مُعَمَّرٌ مِنْكُمْ يَوْماً مِنْ عُمُرِهِ إِلَّا بِهَدْمِ آخَرَ مِنْ أَجَلِهِ وَ لَا تُجَدَّدُ لَهُ زِيَادَةٌ فِي أَكْلِهِ إِلَّا بِنَفَادِ مَا قَبْلَهَا مِنْ رِزْقِهِ.

وَ لَا يَحْيَا لَهُ أَثَرٌ إِلَّا مَاتَ لَهُ أَثَرٌ وَ لَا يَتَجَدَّدُ لَهُ جَدِيدٌ إِلَّا بَعْدَ أَنْ يَخْلَقَ لَهُ جَدِيدٌ وَ لَا تَقُومُ لَهُ نَابِتَةٌ إِلَّا وَ تَسْقُطُ مِنْهُ مَحْصُودَةٌ وَ قَدْ مَضَتْ أُصُولٌ نَحْنُ فُرُوعُهَا فَمَا بَقَاءُ فَرْعٍ بَعْدَ ذَهَابِ أَصْلِهِ.

انهيءَ منجهان، گمراهن جي باري ۾

ماڻهن جلدي فنا ٿيڻ واريءَ دنيا کي ترجيح ڏني. ۽ آخرت کي پوئتي ڪري ڇڏيو. ۽ صاف پاڻيءَ کي ڇڏيائون، ۽ ڪِنو پاڻي پيتائون. جڻ آءٌ انهن جي فاسق کي ڏسي رهيو آهيان جو هو بُرائيءَ سان گڏ رهيو ۽ انکي پسند ڪيو. ۽ ان سان خوش ٿيو ۽ ساڻس اتفاق ڪيو. تان جو ان تي سندس مٿو اڇو ٿي ويو. ۽ ان سان سندس مزاج رنگجي ويو. پوءِ وهڪري وانگر ڪِف ڪيندو اڳتي وڌيو. اها پرواه نہ ڪندي تہ ڇا کي هن بوڙيو. يا سُڪل گاهہ کي لڳندڙ باهہ وانگر اهو خيال نہ ڪندي تہ ڇا کي هن ساڙيو.

ڪٿي آهن اُهي عقل جيڪي هدايت جي چراغن مان روشني پائڻ وارا آهن. ۽ ڪٿي آهن اهي اکيون جيڪي تقوىٰ جي مينارن ڏانهن ڏسڻ واريون آهن. ۽ ڪٿي آهن اهي دليون جيڪي الله لاءِ بخش ڪيون ويون آهن. ۽ الله جي اطاعت سان جوڙيون ويون آهن. ماڻهو دنيا جي مال تي ڪِري پيا. ۽ هڪ ٻئي سان حرام تي حِرص ڪرڻ لڳا. ۽ انهن لاءِ جنت ۽ جهنم جا جهنڊا بلند ڪيا ويا. پوءِ انهن پنهنجا مُنهن جنت کان ڦيري ڇڏيا. ۽ پنهنجن ڪرتوتن سان جهنم ڏانهن وڌڻ لڳا. ۽ سندن پالڻهار کين سڏيو تہ هو پُٺي ڏيئي ڀڳا. ۽ جڏهن شيطان کين سڏيو تہ جيءَ ڇئي اڳتي وڌيا.

## ۱۴۵_ امام عليه السلام جو خطبو، دنيا جي نابودي



اي انسانؤ! توهان تہ رڳو هن دنيا ۾ اهو نشانو آهيو جنهن ۾ موت جا تير لڳن ٿا. هر ڍُڪ سان گڏ ساهہ مُنهنجي ٿو. ۽ هر گِرهہ سان نِڙي گُهٽجي ٿي. توهان ان جي ڪنهن نعمت تائين نٿا پهچو مگر ٻيءَ نعمت جي جدائي سان. توهان مان عمر پائڻ وارو پنهنجي عمر جو ڪو ڏينهن نٿو گذاري مگر ان جي مدت مان ٻيو ڏينهن گُٽي ٿو. ۽ ان جي کاڌي ۾ گهٽائي نٿي ڪئي وڃي مگر ان کان پهريائين سندس رزق جي ختم ٿيڻ کانپوءِ.

۽ ان جي لاءِ ڪو لحظو زنده نٿو ٿئي مگر ان جي لاءِ لحظو ختم ٿئي ٿو.

۽ ان لاءِ ڪا نئين شيءِ نٿي ٿئي مگر ان لاءِ نئينءَ جي پُراڻي ٿيڻ کانپوءِ. ۽ ان لاءِ ڪو فصل تيار نٿو ٿئي مگر ان مان بينل کي لُٽيو وڃي. ۽ اهي وڏڙا هليا ويا جن جون اسان شاخون آهيون. بس اصل جي وڃڻ کان بعد ڪا بہ فرع باقي نٿي بچي.

## ذم البدعة منها

وَ مَا أُحْدِثَتْ بِدْعَةٌ إِلَّا تُرِكَ بِهَا سُنَّةٌ فَاتَّقُوا الْبِدَعَ وَ الْزَمُوا الْمَهْيَعَ إِنَّ عَوَازِمَ الْأُمُورِ أَفْضَلُهَا وَ إِنَّ مُحْدِثَاتِهَا شِرَارُهَا.

# ١٤٦- وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*وقد استشاره عمر بن الخطاب في الشخوص لقتال الفرس بنفسه:*

إِنَّ هَذَا الْأَمْرَ لَمْ يَكُنْ نَصْرُهُ وَ لَا خِذْلَانُهُ بِكَثْرَةٍ وَ لَا بِقِلَّةٍ وَ هُوَ دِينُ اللَّهِ الَّذِي أَظْهَرَهُ وَ جُنْدُهُ الَّذِي أَعَدَّهُ وَ أَمَدَّهُ حَتَّى بَلَغَ مَا بَلَغَ وَ طَلَعَ حَيْثُ طَلَعَ وَ نَحْنُ عَلَى مَوْعُودٍ مِنَ اللَّهِ وَ اللَّهُ مُنْجِزٌ وَعْدَهُ وَ نَاصِرٌ جُنْدَهُ.

وَ مَكَانُ الْقَيِّمِ بِالْأَمْرِ مَكَانُ النِّظَامِ مِنَ الْخَرَزِ يَجْمَعُهُ وَ يَضُمُّهُ فَإِنِ انْقَطَعَ النِّظَامُ تَفَرَّقَ الْخَرَزُ وَ ذَهَبَ ثُمَّ لَمْ يَجْتَمِعْ بِحَذَافِيرِهِ أَبَداً.

وَ الْعَرَبُ الْيَوْمَ وَ إِنْ كَانُوا قَلِيلًا فَهُمْ كَثِيرُونَ بِالْإِسْلَامِ عَزِيزُونَ بِالاجْتِمَاعِ فَكُنْ قُطْباً وَ اسْتَدِرِ الرَّحَى بِالْعَرَبِ وَ أَصْلِهِمْ دُونَكَ نَارَ الْحَرْبِ فَإِنَّكَ إِنْ شَخَصْتَ مِنْ هَذِهِ الْأَرْضِ انْتَقَضَتْ عَلَيْكَ الْعَرَبُ مِنْ أَطْرَافِهَا وَ أَقْطَارِهَا حَتَّى يَكُونَ مَا تَدَعُ وَرَاءَكَ مِنَ الْعَوْرَاتِ أَهَمَّ إِلَيْكَ مِمَّا بَيْنَ يَدَيْكَ.

إِنَّ الْأَعَاجِمَ إِنْ يَنْظُرُوا إِلَيْكَ غَداً يَقُولُوا هَذَا أَصْلُ الْعَرَبِ فَإِذَا اقْتَطَعْتُمُوهُ اسْتَرَحْتُمْ فَيَكُونُ ذَلِكَ أَشَدَّ لِكَلَبِهِمْ عَلَيْكَ وَ طَمَعِهِمْ فِيكَ.

فَأَمَّا مَا ذَكَرْتَ مِنْ مَسِيرِ الْقَوْمِ إِلَى قِتَالِ الْمُسْلِمِينَ فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ هُوَ أَكْرَهُ لِمَسِيرِهِمْ مِنْكَ وَ هُوَ أَقْدَرُ عَلَى تَغْيِيرِ مَا يَكْرَهُ وَ أَمَّا مَا ذَكَرْتَ مِنْ عَدَدِهِمْ فَإِنَّا لَمْ نَكُنْ نُقَاتِلُ فِيمَا مَضَى بِالْكَثْرَةِ وَ إِنَّمَا كُنَّا نُقَاتِلُ بِالنَّصْرِ وَ الْمَعُونَةِ.

ڪا بہ بدعت ايجاد نٿي ڪئي وڃي مگر ان سان سنت ڇڏي وڃي ٿي. بس بدعتن کان بچو ۽ واضح رستي کي پڪڙيو. بيشڪ پُراڻا طريقا وڏيڪ ڀلا طريقا آهن ۽ جديد طريقا فسادي طريقا آهن.

## ١۴٦_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن عمر بن خطاب پاڻ سِر فارسين سان جنگ وڙهڻ بابت امام عليه السلام کان مشورو ورتو

بيشڪ هي اهو مسئلو آهي جنهن جي ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميءَ جو دارو مدار گهٽائيءَ ۽ ٿورائيءَ تي نہ آهي. ۽ هي الله جو اهو دين آهي جنهن کي الله ظاهر ڪيو آهي ۽ انجو لشڪر آهي جنهن کي هن تيار ڪيو آهي ۽ ان جي مدد ڪئي آهي. ايستائين جو هو پنهنجي ڪمال تي پهتو ۽ ظاهر ٿيڻ وارين جاين تي ظاهر ٿيو. ۽ اسان کي الله جو واعدو مليل آهي ۽ الله پنهنجي واعدي کي پورو ڪرڻ وارو آهي. ۽ پنهنجي لشڪر جو مددگار آهي. ۽ حاڪم جي حيثيت مڻين جي ڏاڳي جي حيثيت آهي جيڪو انهن کي گڏ ڪندو آهي ۽ ملائيندو آهي. بس اگر ڏاڳو ٽُٽي پيو تہ مڻيا ٽِڙي پکڙجي ويندا. پوءِ سيني پاسن کان ڪڏهن بہ گڏ نہ ٿيندا. اڄ عرب جيتوڻيڪ ٿورا آهن پر هو اسلام جي ڪري گهڻا آهن. ۽ اتحاد سان طاقتور آهن. بس تون ڪِيَر تي وڃ. ۽ عربن ذريعي پُڙَ کي ڦير. ۽ پاڻ کان علاوه انهن کي جنگ جي باھ ۾ وجھہ. بيشڪ تون اگر هِن زمين کان نڪتين تہ اوسن پاسن کان عرب تو تي ٽُٽي پوندا. ايستائين جو تون پنهنجي پويان اهڙا محاذ ڇڏيندين جيڪي تنهنجي سامهون واري کان وڏيڪ اهم هوندا. بيشڪ جيڪڏهن عجم تو کي سڀاڻي ڏسندا تہ چوندا تہ عربن جي پاڙ هي آهي. بس اگر توهان هن کي ڪٽي ڇڏيو تہ توهان راحت ۾ اچي ويندا. پوءِ اهو سبب ٿي پوندو تہ تنهنجي مٿان شديد حملو ڪن ۽ تو کي ئي مارڻ جي لالچ رکن.

بس جيڪا تو ڳالھہ ڪئي آهي تہ اها قوم مسلمانن ڏانهن جنگ ڪرڻ لاءِ نڪتي آهي تہ بيشڪ انهن جو نڪرڻ الله سائين کي توکان وڏيڪ ناپسند آهي. ۽ هو جنهن شيءِ کي ناپسند ڪندو آهي تہ انکي تبديل ڪرڻ تي وڏيڪ قادر آهي. ۽ جيڪو تو هنن جي تعداد جو ٻڌايو تہ بيشڪ اسان پهريائين بہ گهڻائي جي بنياد تي جنگ نہ ڪندا هئاسون. بلڪ اسان الله جي مدد ۽ سهاري جي بنياد تي جنگ ڪندا هئاسون.

# ١٤٧ـ و من خطبة له عليه السلام

*الغاية من البعثة*

فَبَعَثَ اللَّهُ مُحَمَّداً صلى الله عليه وآله بِالْحَقِّ لِيُخْرِجَ عِبَادَهُ مِنْ عِبَادَةِ الْأَوْثَانِ إِلَى عِبَادَتِهِ وَ مِنْ طَاعَةِ الشَّيْطَانِ إِلَى طَاعَتِهِ بِقُرْآنٍ قَدْ بَيَّنَهُ وَ أَحْكَمَهُ لِيَعْلَمَ الْعِبَادُ رَبَّهُمْ إِذْ جَهِلُوهُ وَ لِيُقِرُّوا بِهِ بَعْدَ إِذْ جَحَدُوهُ وَ لِيُثْبِتُوهُ بَعْدَ إِذْ أَنْكَرُوهُ فَتَجَلَّى لَهُمْ سُبْحَانَهُ فِي كِتَابِهِ مِنْ غَيْرِ أَنْ يَكُونُوا رَأَوْهُ بِمَا أَرَاهُمْ مِنْ قُدْرَتِهِ وَ خَوَّفَهُمْ مِنْ سَطْوَتِهِ وَ كَيْفَ مَحَقَ مَنْ مَحَقَ بِالْمَثُلَاتِ وَ احْتَصَدَ مَنِ احْتَصَدَ بِالنَّقِمَاتِ.

## الزمان المقبل

وَ إِنَّهُ سَيَأْتِي عَلَيْكُمْ مِنْ بَعْدِي زَمَانٌ لَيْسَ فِيهِ شَيْءٌ أَخْفَى مِنَ الْحَقِّ وَ لَا أَظْهَرَ مِنَ الْبَاطِلِ وَ لَا أَكْثَرَ مِنَ الْكَذِبِ عَلَى اللَّهِ وَ رَسُولِهِ وَ لَيْسَ عِنْدَ أَهْلِ ذَلِكَ الزَّمَانِ سِلْعَةٌ أَبْوَرَ مِنَ الْكِتَابِ إِذَا تُلِيَ حَقَّ تِلَاوَتِهِ وَ لَا أَنْفَقَ مِنْهُ إِذَا حُرِّفَ عَنْ مَوَاضِعِهِ وَ لَا فِي الْبِلَادِ شَيْءٌ أَنْكَرَ مِنَ الْمَعْرُوفِ وَ لَا أَعْرَفَ مِنَ الْمُنْكَرِ فَقَدْ نَبَذَ الْكِتَابَ حَمَلَتُهُ وَ تَنَاسَاهُ حَفَظَتُهُ فَالْكِتَابُ يَوْمَئِذٍ وَ أَهْلُهُ طَرِيدَانِ مَنْفِيَّانِ وَ صَاحِبَانِ مُصْطَحِبَانِ فِي طَرِيقٍ وَاحِدٍ لَا يُؤْوِيهِمَا مُؤْوٍ فَالْكِتَابُ وَ أَهْلُهُ فِي ذَلِكَ الزَّمَانِ فِي النَّاسِ وَ لَيْسَا فِيهِمْ وَ مَعَهُمْ وَ لَيْسَا مَعَهُمْ لِأَنَّ الضَّلَالَةَ لَا تُوَافِقُ الْهُدَى وَ إِنِ اجْتَمَعَا فَاجْتَمَعَ الْقَوْمُ عَلَى الْفُرْقَةِ وَ افْتَرَقُوا عَلَى الْجَمَاعَةِ كَأَنَّهُمْ أَئِمَّةُ الْكِتَابِ وَ لَيْسَ الْكِتَابُ إِمَامَهُمْ فَلَمْ يَبْقَ عِنْدَهُمْ مِنْهُ إِلَّا اسْمُهُ وَ لَا يَعْرِفُونَ إِلَّا خَطَّهُ وَ زَبْرَهُ.

## ١۴٧_ امام عليه السلام جو خطبو، بعثت جو مقصد

پوءِ الله تعاليٰ محمد ﷺ کي حق سان موڪليو تہ جيئن پنهنجي ٻانهن کي بُتن جي بندگيءَ کان پنهنجيءَ بندگيءَ ڏانهن ۽ شيطان جي اطاعت کان پنهنجيءَ اطاعت ڏانهن آڻي. ان قرآن سان جنهن کي الله واضح ۽ محڪم بڻايو آهي. ان لاءِ تہ ٻانها پنهنجي پالڻهار کي ڄاڻن جڏهن تہ اُهي ڪانئس جاهل هئا. ۽ ان جو اقرار ڪن جڏهن تہ انهن ان جو انڪار ڪيو هو. ۽ انکي مڃين جڏهن تہ انهن ڪيس نہ مڃيو هو. پوءِ الله سبحانہ پنهنجي ڪتاب ۾ انهن لاءِ ظاهر ٿيو انهن جي ڏسڻ کان بغير، انهن نشانين سان جيڪي ڪين پنهنجي قدرت سان ڏيکاريون. ۽ پنهنجي عذاب کان ڪين ڊيڄاريو ۽ ڪيئن نہ مِٽاياءِين جن کي عذاب سان مِٽاياءِين. ۽ ڪيئن نہ لُٽياءِين جن کي سختين سان لُٽي ڍير ڪياءِين.

### ايندڙ زمانو

۽ بيشڪ عنقريب مون ڪانپوءِ توهان تي اهڙو زمانو ايندو جنهن ۾ حق کان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ لڪيل نہ هوندي. ۽ باطل کان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ ظاهر نہ هوندي. ۽ الله ۽ سندس رسول ﷺ تي ڪوڙ مڙهڻ کان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ گهڻي نہ هوندي. ۽ ان دور جي ماڻهن وٽ قرآن کان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ بي قيمت نہ هوندي جڏهن تہ ان جي بهترين انداز ۾ تلاوت ڪئي ويندي، ۽ ان کان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ مهانگيءَ نہ هوندي. جڏهن تہ ڪيس سندس جاين کان مَٽايو ويندو، ۽ علائقن ۾ معروف کان وڌيڪ ڪا شيءِ منڪر نہ سمجهي ويندي. ۽ منڪر کان وڌيڪ ڪا شيءِ معروف نہ سمجهي ويندي. بس قرآن کي کڻڻ وارا انکي ڇڏي ڏيندا ۽ انجا حافظ ڪيس وساري ڇڏيندا. بس ان ڏينهن قرآن ۽ قرآن وارا هڪ پاسي ڪيل هوندا. ۽ هڪ ئي واٽ ۾ ساٿي ۽ مليل هوندا جو ڪين ڪو پناهہ ڏيڻ وارو نہ هوندو. بس ان زماني ۾ قرآن ۽ قرآن وارا ماڻهن ۾ هوندا پر جڻ انهن ۾ نہ هوندا. ۽ انهن سان گڏ هوندا پر در اصل انهن سان گڏ نہ هوندا. ڇا ڪاڻ تہ يقيناً گمراهي هدايت سان موافق نٿي ٿي سگهي جيتوڻيڪ اهي گڏ ئي ڇو نہ ٿي وڃن. بس ماڻهو تفرقي تي گڏجي ويا آهن مگر جماعت کان الڳ ٿي ويا آهن. جڻ تہ هو قرآن جا اڳواڻ آهن ۽ قرآن تن جو اڳواڻ نہ آهي. بس انهن وٽ ان جو نہ بچندو سواءِ ان جي نالي جي، ۽ هو نہ ڄاڻندا سواءِ ان جي اکرن ۽ لِکت جي.

وَ مِنْ قَبْلُ مَا مَثَّلُوا بِالصَّالِحِينَ كُلَّ مُثْلَةٍ وَ سَمَّوْا صِدْقَهُمْ عَلَى اللَّهِ فِرْيَةً وَ جَعَلُوا فِي الْحَسَنَةِ عُقُوبَةَ السَّيِّئَةِ وَ إِنَّمَا هَلَكَ مَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ بِطُولِ آمَالِهِمْ وَ تَغَيُّبِ آجَالِهِمْ حَتَّى نَزَلَ بِهِمُ الْمَوْعُودُ الَّذِي تُرَدُّ عَنْهُ الْمَعْذِرَةُ وَ تُرْفَعُ عَنْهُ التَّوْبَةُ وَ تَحُلُّ مَعَهُ الْقَارِعَةُ وَ النِّقْمَةُ.

## عظة الناس

أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّهُ مَنِ اسْتَنْصَحَ اللَّهَ وُفِّقَ وَ مَنِ اتَّخَذَ قَوْلَهُ دَلِيلًا هُدِيَ لِلَّتِي هِيَ أَقْوَمُ فَإِنَّ جَارَ اللَّهِ آمِنٌ وَ عَدُوَّهُ خَائِفٌ. وَ إِنَّهُ لَا يَنْبَغِي لِمَنْ عَرَفَ عَظَمَةَ اللَّهِ أَنْ يَتَعَظَّمَ فَإِنَّ رِفْعَةَ الَّذِينَ يَعْلَمُونَ مَا عَظَمَتُهُ أَنْ يَتَوَاضَعُوا لَهُ وَ سَلَامَةَ الَّذِينَ يَعْلَمُونَ مَا قُدْرَتُهُ أَنْ يَسْتَسْلِمُوا لَهُ فَلَا تَنْفِرُوا مِنَ الْحَقِّ نِفَارَ الصَّحِيحِ مِنَ الْأَجْرَبِ وَ الْبَارِئِ مِنْ ذِي السَّقَمِ.

وَ اعْلَمُوا أَنَّكُمْ لَنْ تَعْرِفُوا الرُّشْدَ حَتَّى تَعْرِفُوا الَّذِي تَرَكَهُ وَ لَنْ تَأْخُذُوا بِمِيثَاقِ الْكِتَابِ حَتَّى تَعْرِفُوا الَّذِي نَقَضَهُ وَ لَنْ تَمَسَّكُوا بِهِ حَتَّى تَعْرِفُوا الَّذِي نَبَذَهُ

فَالْتَمِسُوا ذَلِكَ مِنْ عِنْدِ أَهْلِهِ فَإِنَّهُمْ عَيْشُ الْعِلْمِ وَ مَوْتُ الْجَهْلِ هُمُ الَّذِينَ يُخْبِرُكُمْ حُكْمُهُمْ عَنْ عِلْمِهِمْ وَ صَمْتُهُمْ عَنْ مَنْطِقِهِمْ وَ ظَاهِرُهُمْ عَنْ بَاطِنِهِمْ لَا يُخَالِفُونَ الدِّينَ وَ لَا يَخْتَلِفُونَ فِيهِ فَهُوَ بَيْنَهُمْ شَاهِدٌ صَادِقٌ وَ صَامِتٌ نَاطِقٌ.

## ١٤٨- وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

### في ذكر أهل البصرة

كُلُّ وَاحِدٍ مِنْهُمَا يَرْجُو الْأَمْرَ لَهُ وَ يَعْطِفُهُ عَلَيْهِ دُونَ صَاحِبِهِ لَا يَمُتَّانِ إِلَى اللَّهِ بِحَبْلٍ وَ لَا يَمُدَّانِ إِلَيْهِ بِسَبَبٍ كُلُّ وَاحِدٍ مِنْهُمَا حَامِلُ ضَبٍّ لِصَاحِبِهِ وَ عَمَّا قَلِيلٍ يُكْشَفُ قِنَاعُهُ بِهِ.

۽ ان اچڻ واري دور کان پهريائين اهي نيڪ ٻانهن کي هر قسم جون اذيتون پهچائي چُڪا هوندا. ۽ سندن سچن ڳالهين کي ٻه الله تعاليٰ تي بُهتان جونالو ڏيندا. ۽ سندن نيڪين تي ٻه بُراين جي سزا ڏني ويندا. ۽ توهان کان پهريائين وارا رڳو پنهنجن ڊگهين اميدن ۽ پنهنجي موت کي وسارڻ جي ڪري هلاڪ ٿيا. تان جو وٽن اهو واعدي ڪيل اچي ويو، جنهن کان بهاني کي ٽاريو ويندو ۽ ان کان توبه کي ڪنيو ويندو. ۽ ان سان گڏ مصيبت ۽ سختي نازل ٿيندي.

## ماڻهن کي نصيحت

اي انسانؤ! بيشڪ جنهن الله کان نصيحت حاصل ڪئي ته ڪيس توفيق ڏني وئي. ۽ جنهن سندس فرمان کي دليل بڻايو ته ڪيس بلڪل سڌي رستي جي هدايت ڏني وئي.
بيشڪ الله جو پاڙيسري امن ۾ آهي. ۽ سندس دشمن خوف ۾ آهي. ۽ جيڪو الله تعاليٰ جي عظمت کي سمجهي ته ان لاءِ اهو مناسب نه آهي جو پاڻ کي وڏو سمجهي. انڪري ته جيڪي ان جي عظمت کي ڄاڻن ٿا تن جي بلندي سندس حضور ۾ سَر کي جهڪائڻ آهي. ۽ جيڪي سندس قدرت کي ڄاڻن ٿا تن جي سلامتي پاڻ کي سندس حوالي ڪرڻ آهي. بس حق کان ائين نه ڀڄو جيئن صحتمند خارش واري کان ۽ چاق بيمار کان ڀڄندو آهي.
۽ ڄاڻو ته بيشڪ توهان هدايت کي هر گز نه ڄاڻي سگهندو جيستائين انکي نه ڄاڻو جنهن ڪيس ڇڏيو آهي. ۽ توهان قرآن جي واعدي کي هرگز پاڙي نه سگهندؤ جيستائين انکي سڃاڻو جنهن ڪيس ٽوڙيو آهي. ۽ انکي هرگز مضبوطيءَ سان نه پڪڙي سگهندؤ جيستائين انکي ڄاڻو جنهن ڪيس ڇڏيو آهي. بس قرآن کي سندس اهل کان حاصل ڪريو. بيشڪ اهي علم جي زندگيءَ ۽ جهالت جو موت آهن. هي اهي آهن جن جو فيصلو توهان کي سندن علم، ۽ جن جي خاموشيءَ سندن گفتگو، ۽ جن جو ظاهر سندن باطن بابت ٻڌائيندو. نه دين جي مخالفت ڪندا آهن ۽ نه ان ۾ اختلاف رکندا آهن. بس قرآن انهن درميان سچو شاهد ۽ خاموش ڳالهائيندڙ آهي.



## ١٤٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، بصري وارن جي باري ۾

انهن ٻنهي مان هر هڪ خلافت ۾ پنهنجي لاءِ اميد رکي ٿو ۽ پنهنجي ساٿيءَ کان علاوه انکي پاڻ ڏانهن موڙي ٿو. ۽ ايمان جي رسيءَ سان الله جي ويجهو نٿا ٿين. ۽ نه ان ذريعي الله ڏانهن وڌن ٿا. انهن ٻنهي مان هر هڪ پنهنجي ساٿيءَ لاءِ ڪينو رکڻ وارو آهي. ۽ ويجهو ئي ان سان سندن اندر جي ڳالهه ظاهر ٿي پوندي.

وَ اللَّهِ لَئِنْ أَصَابُوا الَّذِي يُرِيدُونَ لَيَنْتَزِعَنَّ هَذَا نَفْسَ هَذَا وَ لَيَأْتِيَنَّ هَذَا عَلَى هَذَا قَدْ قَامَتِ الْفِئَةُ الْبَاغِيَةُ فَأَيْنَ الْمُحْتَسِبُونَ فَقَدْ سُنَّتْ لَهُمُ السُّنَنُ وَ قُدِّمَ لَهُمُ الْخَبَرُ وَ لِكُلِّ ضَلَّةٍ عِلَّةٌ وَ لِكُلِّ نَاكِثٍ شُبْهَةٌ وَ اللَّهِ لَا أَكُونُ كَمُسْتَمِعِ اللَّدْمِ يَسْمَعُ النَّاعِيَ وَ يَحْضُرُ الْبَاكِيَ ثُمَّ لَا يَعْتَبِرُ.

## ١٤٩ـ و من كلام له عليه السلام

*قبل موته*

أَيُّهَا النَّاسُ كُلُّ امْرِئٍ لَاقٍ مَا يَفِرُّ مِنْهُ فِي فِرَارِهِ الْأَجَلُ مَسَاقُ النَّفْسِ وَ الْهَرَبُ مِنْهُ مُوَافَاتُهُ كَمْ أَطْرَدْتُ الْأَيَّامَ أَبْحَثُهَا عَنْ مَكْنُونِ هَذَا الْأَمْرِ فَأَبَى اللَّهُ إِلَّا إِخْفَاءَهُ هَيْهَاتَ عِلْمٌ مَخْزُونٌ أَمَّا وَصِيَّتِي فَاللَّهَ لَا تُشْرِكُوا بِهِ شَيْئاً وَ مُحَمَّداً صلى الله عليه وآله فَلَا تُضَيِّعُوا سُنَّتَهُ أَقِيمُوا هَذَيْنِ الْعَمُودَيْنِ وَ أَوْقِدُوا هَذَيْنِ الْمِصْبَاحَيْنِ وَ خَلَاكُمْ ذَمٌّ مَا لَمْ تَشْرُدُوا حُمِّلَ كُلُّ امْرِئٍ مِنْكُمْ مَجْهُودَهُ وَ خُفِّفَ عَنِ الْجَهَلَةِ رَبٌّ رَحِيمٌ وَ دِينٌ قَوِيمٌ وَ إِمَامٌ عَلِيمٌ.

أَنَا بِالْأَمْسِ صَاحِبُكُمْ وَ أَنَا الْيَوْمَ عِبْرَةٌ لَكُمْ وَ غَداً مُفَارِقُكُمْ غَفَرَ اللَّهُ لِي وَ لَكُمْ إِنْ تَثْبُتِ الْوَطْأَةُ فِي هَذِهِ الْمَزَلَّةِ فَذَاكَ وَ إِنْ تَدْحَضِ الْقَدَمُ فَإِنَّا كُنَّا فِي أَفْيَاءِ أَغْصَانٍ وَ مَهَابِّ رِيَاحٍ وَ تَحْتَ ظِلِّ غَمَامٍ.

اضْمَحَلَّ فِي الْجَوِّ مُتَلَفَّقُهَا وَ عَفَا فِي الْأَرْضِ مَخَطُّهَا وَ إِنَّمَا كُنْتُ جَاراً جَاوَرَكُمْ بَدَنِي أَيَّاماً وَ سَتُعْقَبُونَ مِنِّي جُثَّةً خَلَاءً سَاكِنَةً بَعْدَ حَرَاكٍ وَ صَامِتَةً بَعْدَ نُطْقٍ لِيَعِظْكُمْ هُدُوِّي وَ خُفُوتُ إِطْرَاقِي وَ سُكُونُ أَطْرَافِي.

الله جو قسم جيڪو هو چاهين ٿا اگر هو ان تائين پهچي ٻه وڃن ته ضرور هڪڙو ٻئي سان جهيڙو ڪندو ۽ ضرور هڪڙو ٻئي تي چڙهائي ڪندو. بيشڪ باغي ٿولو اُٿي پيو آهي. ۽ پوءِ ڪٿي آهن خدا خاطر وڙهڻ وارا. بس انهن لاءِ رستا واضح ٿي چڪا آهن. ۽ ڪين پهريائين ڪان ئي خبر ٻڌائي وئي آهي. ۽ هر گمراهيءَ لاءِ ڪو سبب هوندو آهي ۽ هر عهد ٽوڙيندڙ وٽ ڪو شبهو هوندو آهي. الله جو قسم آءٌ ان ڪُٽڻ پِٽڻ واري وانگر نه ٿيندس جيڪو موت جي خبر ٻڌي ۽ روئڻ واري وٽ وڃي، پوءِ به عبرت حاصل نه ڪري.

## ١۴٩_ امام عليه السلام جو ڪلام: سندس وفات کان پهريائين

اي انسانؤ! هر ماڻهو ان سان ملاقات ڪرڻ وارو آهي، جنهن کان هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڀڄي ٿو. ۽ ماڻهوءَ جي پُڄاڻي موت آهي. ۽ ان کان ڀڄڻ ان تائين پهچڻ آهي. ڪيترائي ڏينهن مون گذاريا ته ان دوران آءٌ هن امر جي راز کي ڄاڻان مگر الله نه چاهيو سواءِ ان جي لڪائڻ جي. اهو لڪيل علم بعيد آهي. البته منهنجي وصيت هيءَ آهي: ته الله سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪجو، ۽ محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي سنت کي ضايع نه ڪجو. ۽ انهن ٻنهي ستونن کي قائم رکجو ۽ انهن ٻنهي ڏيئن کي روشن رکجو. ۽ توهان ڦِتڪار کان خالي هوندؤ جيستائين الڳ نه ٿيندؤ. ۽ توهان مان هر ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس طاقت آهر بار کڻايو ويو آهي. ۽ نه ڄاڻڻ وارن کان هلڪو رکيو ويو آهي (ڇو جو) پالڻهار نهايت مهربان، دين سڌو سنئو، ۽ سرواڻ داناءُ آهي.

آءٌ ڪالهه توهان جو ساٿي هيس ۽ اڄ توهان لاءِ عبرت بڻيل آهيان. ۽ سڀاڻي توهان کان جدا ٿي ويندس. الله مونکي ۽ توهان کي معاف ڪري. اگر هن مشڪل گهڙيءَ ۾ قدم مضبوط رهيا (يعني رهيس) ته ٺيڪ، پر جي پير ترِڪي ويا (بچي نه سگهيس) ته بيشڪ اسان گهاٽين ڇانون، هوا دار جاين، ۽ ڪَڪرن جي ساڀي هيٺ هونداسين. فِضا ۾ ڪَڪرن جو گڏجڻ ختم ٿي ويندو. ۽ زمين ۾ انجا نشان مِٽجي ويندا. آءٌ ته رڳو توهان جو اهڙو پاڙيسري هيس جو منهنجي بدن توهان سان ڪجهه ڏينهن گذاريا ۽ عنقريب توهان منهنجي روح کان خالي جسم جي پويان ٿيندا. جيڪو چُرپر کانپوءِ سڪون، ۽ ڳالهائڻ کانپوءِ خاموش حالت ۾ هوندو ته جيئن منهنجي ماٺ ۽ منهنجي اکين جي خاموشي ۽ منهنجي عضون جو سڪون توهان کي نصيحت ڪري.

فَإِنَّهُ أَوْعَظُ لِلْمُعْتَبِرِينَ مِنَ الْمَنْطِقِ الْبَلِيغِ وَ الْقَوْلِ الْمَسْمُوعِ وَدَاعِي لَكُمْ وَدَاعُ امْرِئٍ مُرْصِدٍ لِلتَّلَاقِي غَداً تَرَوْنَ أَيَّامِي وَ يُكْشَفُ لَكُمْ عَنْ سَرَائِرِي وَ تَعْرِفُونَنِي بَعْدَ خُلُوِّ مَكَانِي وَ قِيَامِ غَيْرِي مَقَامِي.

## ١٥٠ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*يومي فيها إلى الملاحم و يصف فئة من أهل الضلال.*

وَ أَخَذُوا يَمِيناً وَ شِمَالًا ظَعْناً فِي مَسَالِكِ الْغَيِّ وَ تَرْكاً لِمَذَاهِبِ الرُّشْدِ فَلَا تَسْتَعْجِلُوا مَا هُوَ كَائِنٌ مُرْصَدٌ وَ لَا تَسْتَبْطِئُوا مَا يَجِيءُ بِهِ الْغَدُ فَكَمْ مِنْ مُسْتَعْجِلٍ بِمَا إِنْ أَدْرَكَهُ وَدَّ أَنَّهُ لَمْ يُدْرِكْهُ وَ مَا أَقْرَبَ الْيَوْمَ مِنْ تَبَاشِيرِ غَدٍ.

يَا قَوْمِ هَذَا إِبَّانُ وُرُودِ كُلِّ مَوْعُودٍ وَ دُنُوٍّ مِنْ طَلْعَةِ مَا لَا تَعْرِفُونَ أَلَا وَ إِنَّ مَنْ أَدْرَكَهَا مِنَّا يَسْرِي فِيهَا بِسِرَاجٍ مُنِيرٍ وَ يَحْذُو فِيهَا عَلَى مِثَالِ الصَّالِحِينَ لِيَحُلَّ فِيهَا رِبْقاً وَ يُعْتِقَ فِيهَا رِقّاً وَ يَصْدَعَ شَعْباً وَ يَشْعَبَ صَدْعاً فِي سُتْرَةٍ عَنِ النَّاسِ لَا يُبْصِرُ الْقَائِفُ أَثَرَهُ وَ لَوْ تَابَعَ نَظَرَهُ ثُمَّ لَيُشْحَذَنَّ فِيهَا قَوْمٌ شَحْذَ الْقَيْنِ النَّصْلَ تُجْلَى بِالتَّنْزِيلِ أَبْصَارُهُمْ وَ يُرْمَى بِالتَّفْسِيرِ فِي مَسَامِعِهِمْ وَ يُغْبَقُونَ كَأْسَ الْحِكْمَةِ بَعْدَ الصَّبُوحِ.



### في الضلال منها

وَ طَالَ الْأَمَدُ بِهِمْ لِيَسْتَكْمِلُوا الْخِزْيَ وَ يَسْتَوْجِبُوا الْغِيَرَ حَتَّى إِذَا اخْلَوْلَقَ الْأَجَلُ وَ اسْتَرَاحَ قَوْمٌ إِلَى الْفِتَنِ.

وَ أَشَالُوا عَنْ لَقَاحِ حَرْبِهِمْ لَمْ يَمُنُّوا عَلَى اللَّهِ بِالصَّبْرِ وَ لَمْ يَسْتَعْظِمُوا بَذْلَ أَنْفُسِهِمْ فِي الْحَقِّ.

بيشڪ اها عبرت حاصل ڪندڙ لاءِ بليغ ڪلام ۽ ٻُڌل ڳالهين کان گهڻي وڏي نصيحت آهي. ۽ منهنجي توهان کان موڪلاڻي ان شخص جي موڪلاڻيءَ وانگر آهي جيڪو ملاقات جي انتظار ۾ هوندو آهي. سڀاڻي توهان منهنجي هنن ڏينهن کي ڏسندو ۽ توهان لاءِ منهنجي رازن کي ظاهر ڪيو ويندو. ۽ توهان مونکي سڃاڻيندؤ منهنجي جاءِ خالي ٿيڻ ۽ منهنجي جاءِ تي منهنجي غير جي اچڻ ڪانپوءِ.

## ١٥٠_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ اهم حالتن ڏانهن اشارو ڪيو آهي ۽ هڪ گمراهہ ٽولي جي وصف بيان ڪئي آهي.

۽ هنن ساڄي ۽ کاٻي طرف کي پڪڙيو گمراهيءَ جي رستن تي هلندي ۽ هدايت جي رستن کي ڇڏيندي. بس ان شيءِ بابت تڪڙ نہ ڪريو جيڪا ضرور ٿيڻي آهي. ۽ ان شيءِ بابت دير نہ ڪريو جنهن کي سڀاڻي جو ڏينهن آڻيندو. پوءِ ڪيترائي ڪنهن شيءِ جي تڪڙ ڪرڻ وارا آهن جڏهن انکي حاصل ڪن ٿا تہ اهو چاهيندا آهن تہ ڪاش جي انکي حاصل نہ ڪيون ها. ۽ اڄ جو ڏينهن سڀاڻي جي سوجهري جي ڪيڏو نہ قريب آهي. اي منهنجي قوم! هي هر واعدي جي اچڻ جو وقت آهي. ۽ اهڙيءَ جهلڪ جي ويجهو ٿيڻ جو وقت آهي جنهن کي توهان نٿا ڄاڻو. ياد رکو تہ بيشڪ اسان مان جيڪو انکي ڏسندو تہ ان ۾ روشن چراغ سان هلندو ۽ ان ۾ نيڪ ٻانهن جي نقشِ قدم تي هلندو. تہ جيئن هو ان ۾ منجهيل ڳنڍين کي کولي ۽ ان ۾ غلامن کي آزاد ڪرائي. ۽ جماعت کي ٽوڙي ۽ پکڙيلن کي جوڙي. ماڻهن کان اهڙيءَ طرح لڪندي جو پيراڊو سندس نشان نہ ڏيکاري سگهي. جيتوڻيڪ جو هو پنهنجي نظر سان پيڇو ڪندو رهي. پوءِ ان دور ۾ ماڻهن کي اهڙو تِکو ڪيو ويندو جيئن لوهار تلوار جي ڌار کي تِکو ڪندو آهي. ۽ قرآن سان انهن جي اکين ۾ نورانيت پيدا ڪئي ويندي. ۽ تفسير کي سندن ڪنن ۾ پهچايو ويندو. ۽ ڪين نيراني حڪمت جا جام پيياريا ويندا.

### انهيءَ منجهان، گمراهيءَ بابت

۽ ڪرتوتن سان طويل مدت تائين رهيا تہ جيئن هو پنهنجيءَ رسوائيءَ کي مڪمل ڪن، ۽ زماني جي ڦيري جا سبب بڻجن، تان جو موت ويجهو اچي پهتو. ۽ هڪ قوم آرام سان فتنو ڪرڻ لڳيءَ ۽ انهن سان جنگ جو ٻج پوکڻ لڳيءَ. پر هنن صبر ڪرڻ سان الله تي احسان نہ ڪيو. ۽ نہ حق جي راهہ ۾ پاڻ کي قربان ڪرڻ کي وڏو سمجهو.

حَتَّى إِذَا وَافَقَ وَارِدُ الْقَضَاءِ انْقِطَاعَ مُدَّةِ الْبَلَاءِ حَمَلُوا بَصَائِرَهُمْ عَلَى أَسْيَافِهِمْ وَ دَانُوا لِرَبِّهِمْ بِأَمْرِ وَاعِظِهِمْ حَتَّى إِذَا قَبَضَ اللَّهُ رَسُولَهُ ﷺ رَجَعَ قَوْمٌ عَلَى الْأَعْقَابِ وَ غَالَتْهُمُ السُّبُلُ وَ اتَّكَلُوا عَلَى الْوَلَائِجِ وَ وَصَلُوا غَيْرَ الرَّحِمِ وَ هَجَرُوا السَّبَبَ الَّذِي أُمِرُوا بِمَوَدَّتِهِ وَ نَقَلُوا الْبِنَاءَ عَنْ رَصِّ أَسَاسِهِ فَبَنَوْهُ فِي غَيْرِ مَوْضِعِهِ مَعَادِنُ كُلِّ خَطِيئَةٍ وَ أَبْوَابُ كُلِّ ضَارِبٍ فِي غَمْرَةٍ قَدْ مَارُوا فِي الْحَيْرَةِ وَ ذَهَلُوا فِي السَّكْرَةِ عَلَى سُنَّةٍ مِنْ آلِ فِرْعَوْنَ مِنْ مُنْقَطِعٍ إِلَى الدُّنْيَا رَاكِنٍ أَوْ مُفَارِقٍ لِلدِّينِ مُبَايِنٍ.

## ١٥١ـ و من خطبة له عليه السلام

*يحذر من الفتن.*

### الله و رسوله

وَ أَحْمَدُ اللَّهَ وَ أَسْتَعِينُهُ عَلَى مَدَاحِرِ الشَّيْطَانِ وَ مَزَاجِرِهِ وَ الِاعْتِصَامِ مِنْ حَبَائِلِهِ وَ مَخَاتِلِهِ وَ أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَ أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ وَ نَجِيبُهُ وَ صَفْوَتُهُ لَا يُؤَازَى فَضْلُهُ وَ لَا يُجْبَرُ فَقْدُهُ.

أَضَاءَتْ بِهِ الْبِلَادُ بَعْدَ الضَّلَالَةِ الْمُظْلِمَةِ وَ الْجَهَالَةِ الْغَالِبَةِ وَ الْجَفْوَةِ الْجَافِيَةِ. وَ النَّاسُ يَسْتَحِلُّونَ الْحَرِيمَ وَ يَسْتَذِلُّونَ الْحَكِيمَ يَحْيَوْنَ عَلَى فَتْرَةٍ وَ يَمُوتُونَ عَلَى كَفْرَةٍ.



### التحذير من الفتن

ثُمَّ إِنَّكُمْ مَعْشَرَ الْعَرَبِ أَغْرَاضُ بَلَايَا قَدِ اقْتَرَبَتْ فَاتَّقُوا سَكَرَاتِ النِّعْمَةِ وَ احْذَرُوا بَوَائِقَ النِّقْمَةِ وَ تَثَبَّتُوا فِي قَتَامِ الْعِشْوَةِ وَ اعْوِجَاجِ الْفِتْنَةِ عِنْدَ طُلُوعِ جَنِينِهَا وَ ظُهُورِ كَمِينِهَا وَ انْتِصَابِ قُطْبِهَا وَ مَدَارِ رَحَاهَا.

ايستائين جو جڏهن قضاء الٰهي جي اچڻ مصيبت جي مدت کي ختم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. تہ انهن پنهنجي عقيدي کي سندن تلوارن تي ڪنيو. ۽ پنهنجي ناصح جي حڪم سان پنهنجي پالڻهار جي ويجها ٿيا. تان جو جڏهن الله تعالىٰ پنهنجي رسول ﷺ کي گهرايو تہ هڪڙي قوم پنهنجي پوئين پير موٽي. ۽ گمراهيءَ جي راهن ڪين برباد ڪري ڇڏيو. ۽ انهن پاڻ جهڙن ماڻهن تي اعتماد ڪيو. ۽ ڏارين سان سُنا هليا. ۽ ان سبب کي ڇڏي ڏنائون جنهن جي مودت جو ڪين حڪم ڏنو ويو هو. ۽ عمارت کي محڪم بنياد کان هٽايائون. ۽ انکي انهن ٻيءَ جاءِ تي نصب ڪيو. جيڪي هر خطا جي کاڻ، ۽ سختيءَ جي فتنن جا دروازا آهن. ۽ اهي پريشانيءَ ۾ هلن ٿا. ۽ نشي ۾ مدهوش ٿي ويا آهن. آلِ فرعون جي طريقي تي هلندي جيڪي آخرت کان ڪٽجي بلڪل دنيا جا ٿي ويا. يا حق کان الڳ ٿيندي دين کان جدا ٿي ويا.

## ١٥١_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام فتنن کان ڊيڄاريو آهي

### الله ۽ سندس رسول ﷺ

آءٌ الله جي ساراهہ ڪريان ٿو ۽ ڪانئس مدد گهران ٿو. شيطان جي تڙڻ ۽ انکي پري ڪرڻ ۽ ان جي ڄارن ۽ حيلن کان بچائڻ تي. ۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ ڪو بہ معبود نہ آهي سواءِ الله جي ۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ محمّد ﷺ سندس ٻانهو، رسول، ان جو منتخب ڪيل ۽ چونديل آهي. ان جي فضيلت سان پيٽ نٿي ڪري سگهجي. ۽ نہ انجي وڃوڙي جو پورائو ڪري سگهجي ٿو. گمراهيءَ جي اونداهيءَ، گهٽيءَ جهالت ۽ گهٽي ڏاڍ ڪانپوءِ ان سان شهر روشن ٿيا جڏهن تہ ماڻهو حرام ٿيل شين کي حلال سمجهندا هئا. ۽ داناء جي اهانت ڪندا هئا. ۽ نبين کان خالي زماني ۾ زندگي گذاريندا هئا. ۽ ڪُفر تي مرندا هئا.

### فتنن کان ڊيڄارڻ

پوءِ بيشڪ اي اهلِ عرب توهان اهڙين مصيبتن جو نشانو آهيو جيڪي ويجهيون آهن. نعمت جي نشن کان بچو. ۽ عذاب جي مصيبتن کان ڊڄو. گهاٽي غبار ۾، فتنن جي ٽيڏاڻ ۾ سندن ٻچن جي ظاهر ٿيڻ وقت، ۽ انجا گهات ظاهر ٿيڻ وقت، ۽ ان جي مرڪز کي نصب ڪرڻ وقت، ۽ ان جي چڪيءَ ڦرڻ وقت پاڻُ سنياري هلو.

تَبْدَأُ فِي مَدَارِجَ خَفِيَّةٍ وَ تَئُولُ إِلَى فَظَاعَةٍ جَلِيَّةٍ شِبَابُهَا كَشِبَابِ الْغُلَامِ وَ آثَارُهَا كَآثَارِ السِّلَامِ يَتَوَارَثُهَا الظَّلَمَةُ بِالْعُهُودِ أَوَّلُهُمْ قَائِدٌ لِآخِرِهِمْ وَ آخِرُهُمْ مُقْتَدٍ بِأَوَّلِهِمْ يَتَنَافَسُونَ فِي دُنْيَا دَنِيَّةٍ وَ يَتَكَالَبُونَ عَلَى جِيفَةٍ مُرِيحَةٍ وَ عَنْ قَلِيلٍ يَتَبَرَّأُ التَّابِعُ مِنَ الْمَتْبُوعِ وَ الْقَائِدُ مِنَ الْمَقُودِ فَيَتَزَايَلُونَ بِالْبَغْضَاءِ وَ يَتَلَاعَنُونَ عِنْدَ اللِّقَاءِ.

ثُمَّ يَأْتِي بَعْدَ ذَلِكَ طَالِعُ الْفِتْنَةِ الرَّجُوفِ وَ الْقَاصِمَةِ الزَّحُوفِ فَتَزِيغُ قُلُوبٌ بَعْدَ اسْتِقَامَةٍ وَ تَضِلُّ رِجَالٌ بَعْدَ سَلَامَةٍ وَ تَخْتَلِفُ الْأَهْوَاءُ عِنْدَ هُجُومِهَا وَ تَلْتَبِسُ الْآرَاءُ عِنْدَ نُجُومِهَا.

مَنْ أَشْرَفَ لَهَا قَصَمَتْهُ وَ مَنْ سَعَى فِيهَا حَطَمَتْهُ يَتَكَادَمُونَ فِيهَا تَكَادُمَ الْحُمُرِ فِي الْعَانَةِ قَدِ اضْطَرَبَ مَعْقُودُ الْحَبْلِ وَ عَمِيَ وَجْهُ الْأَمْرِ تَغِيضُ فِيهَا الْحِكْمَةُ وَ تَنْطِقُ فِيهَا الظَّلَمَةُ وَ تَدُقُّ أَهْلَ الْبَدْوِ بِمِسْحَلِهَا وَ تَرُضُّهُمْ بِكَلْكَلِهَا يَضِيعُ فِي غُبَارِهَا الْوُحْدَانُ وَ يَهْلِكُ فِي طَرِيقِهَا الرُّكْبَانُ تَرِدُ بِمُرِّ الْقَضَاءِ. وَ تَحْلُبُ عَبِيطَ الدِّمَاءِ وَ تَثْلِمُ مَنَارَ الدِّينِ وَ تَنْقُضُ عَقْدَ الْيَقِينِ يَهْرُبُ مِنْهَا الْأَكْيَاسُ وَ يُدَبِّرُهَا الْأَرْجَاسُ مِرْعَادٌ مِبْرَاقٌ كَاشِفَةٌ عَنْ سَاقٍ تُقْطَعُ فِيهَا الْأَرْحَامُ وَ يُفَارَقُ عَلَيْهَا الْإِسْلَامُ بَرِيئُهَا سَقِيمٌ وَ ظَاعِنُهَا مُقِيمٌ.



## منها

بَيْنَ قَتِيلٍ مَطْلُولٍ وَ خَائِفٍ مُسْتَجِيرٍ يَخْتِلُونَ بِعَقْدِ الْأَيْمَانِ وَ بِغُرُورِ الْإِيمَانِ فَلَا تَكُونُوا أَنْصَابَ الْفِتَنِ وَ أَعْلَامَ الْبِدَعِ وَ الْزَمُوا مَا عُقِدَ عَلَيْهِ حَبْلُ الْجَمَاعَةِ وَ بُنِيَتْ عَلَيْهِ أَرْكَانُ الطَّاعَةِ وَ اقْدَمُوا عَلَى اللَّهِ مَظْلُومِينَ وَ لَا تَقْدَمُوا عَلَيْهِ ظَالِمِينَ وَ اتَّقُوا مَدَارِجَ الشَّيْطَانِ وَ مَهَابِطَ الْعُدْوَانِ وَ لَا تُدْخِلُوا بُطُونَكُمْ لُعَقَ الْحَرَامِ.

فَإِنَّكُمْ بِعَيْنِ مَنْ حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَعْصِيَةَ وَ سَهَّلَ لَكُمْ سُبُلَ الطَّاعَةِ.

فتنو لڪيل رستن مان ظاهر ٿيندو آهي ۽ ڪليل براين ڏانهن ورندو آهي. ان جي واڌ ڇوڪري جي واڌ وانگر ٿئي ٿي. ۽ انجا نشان پٿر تي نشان جيان ٿين ٿا. ظالم معاهدن ذريعي ان ۾ هڪ ٻئي جا وارث ٿين ٿا. انهن جو پهريون سندن پوين جو اڳواڻ ٿئي ٿو. ۽ انهن جو پويون انهن جي پهرين جو پوئلڳ ٿئي ٿو. ۽ پست دنيا ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ۽ بدبؤدار ڊونڊ تي ڪُتن وانگر اچي ٽُٽن ٿا. ۽ ٿورڙي ئي وقت ۾ پوئلڳ اڳواڻ کان، ۽ اڳواڻ پوئلڳ کان بيزار ٿيندا. ۽ دشمنيءَ ذريعي هڪ ٻئي کان ڌار ٿيندا. ۽ قيامت جي ڏينهن ملاقات وقت هڪ ٻئي تي لعنت ڪندا.

پوءِ ان کان بعد سخت فتني ۽ تباھ ڪندڙ لشڪر کي ظاهر ڪرڻ وارو ايندو. پوءِ ثابت قدميءَ کان بعد دليون ٽيڏيون ٿي وينديون. ۽ ماڻهو سلامتيءَ کان پوءِ گمراھ ٿي ويندا. ۽ فتني جي ڪاھ وقت خواهشون مختلف ٿي وينديون. ۽ ان جي ظاهر ٿيڻ وقت رايون مُنجهي پونديون. جيڪو ان جي ويجهو ويندو تہ هوڪيس برباد ڪري ڇڏيندو. ۽ جيڪو انکي روڪڻ جي ڪوشش ڪندو تہ هو ڪيس ذرا ذرا ڪري ڇڏيندو. ۽ هو ان ۾ هڪ ٻئي کي ائين چڪ پائيندا جيئن گڏھ ولر ۾ هڪ ٻئي کي چڪ پائيندا آهن. بيشڪ رسيءَ جي ڳنڍ کُلي وئي ۽ حقيقت جو چهرو ڍڪجي ويو ۽ دانائي ان ۾ دٻجي ويندي. ۽ ظالم ان ۾ ڳالهائيندا ۽ هو پنهنجي هٿوڙي سان صحراء نشينن کي ڪُٽي ڇڏيندو. ۽ انهن کي پنهنجي سيني سان چيپاٽي ڇڏيندو. ۽ شخصيات ان جي ڌوڙ ۾ هڪ هڪ ٿي گم ٿي وينديون. ۽ سوارن جو ٽولو ان جي رستي ۾ هلاڪ ٿي ويندو. ۽ هو قضا جي سختيءَ سان ايندو. ۽ تازيءَ رت کي ڏُهندو. ۽ دين جا مينار ڊاهيندو. ۽ يقين جي ڳنڍ کي ٽوڙيندو. ڏاها انکان ڀڄندا. ۽ شرير ان جي ڪڍ لڳندا. هو گجگوڙ ۽ ڪڙڪي دار وِڄ هوندو. ۽ وَرَ رڪنيو ايندو. ان ۾ رشتن کي ٽوڙيو ويندو. ۽ ان سان اسلام جدا ڪيو ويندو. انجا ڇاق بہ بيمار هوندا. ۽ ان جو مسافر بہ رهڻ واري وانگر هوندو.



### انهيءَ منجهان

ڪجھ جو خون رائگان ٿي ويندو. ۽ ڪجھ ڊڄڻ وارا پناھ پيا گهرندا. ۽ ماڻهو قسم کڻڻ ۽ ايمان جي ڌوڪي سان ٺڳيندا. بس توهان فتني جا بنياد ۽ بدعتن جا نشان نہ ٿجو. ۽ ان کي پڪڙجو جنهن تي جماعت جي رسيءَ جي ڳنڍ ڏني وئي هجي. ۽ اطاعت جي رڪنن جو بنياد رکيو ويو هجي. ۽ الله تعالىٰ وٽ مظلوم بڻجي پيش ٿجو. ۽ ان وٽ ظالم بڻجي پيش نہ ٿجو. ۽ شيطان جي رستن ۽ دشمنن جي بينڪن کان ڊڄجو. ۽ پنهنجي پيٽن ۾ حرام جا لقما نہ وجهجو.

بيشڪ توهان ان جي نظر ۾ آهيو جنهن توهان تي نافرمانيءَ کي حرام قرار ڏنو آهي. ۽ فرمانبرداريءَ جي رستن کي توهان لاءِ آسان ڪيو آهي.

# ١٥٢ــ و من خطبة له عليه السلام

*في صفات الله جل جلاله، و صفات أئمة الدين.*

الْحَمْدُ لِلَّهِ الدَّالِّ عَلَى وُجُودِهِ بِخَلْقِهِ وَ بِمُحْدَثِ خَلْقِهِ عَلَى أَزَلِيَّتِهِ وَ بِاشْتِبَاهِهِمْ عَلَى أَنْ لَا شَبَهَ لَهُ لَا تَسْتَلِمُهُ الْمَشَاعِرُ وَ لَا تَحْجُبُهُ السَّوَاتِرُ لِافْتِرَاقِ الصَّانِعِ وَ الْمَصْنُوعِ وَ الْحَادِّ وَ الْمَحْدُودِ وَ الرَّبِّ وَ الْمَرْبُوبِ الْأَحَدِ بِلَا تَأْوِيلِ عَدَدٍ وَ الْخَالِقِ لَا بِمَعْنَى حَرَكَةٍ وَ نَصَبٍ وَ السَّمِيعِ لَا بِأَدَاةٍ وَ الْبَصِيرِ لَا بِتَفْرِيقِ آلَةٍ وَ الشَّاهِدِ لَا بِمُمَاسَّةٍ وَ الْبَائِنِ لَا بِتَرَاخِي مَسَافَةٍ وَ الظَّاهِرِ لَا بِرُؤْيَةٍ وَ الْبَاطِنِ لَا بِلَطَافَةٍ بَانَ مِنَ الْأَشْيَاءِ بِالْقَهْرِ لَهَا وَ الْقُدْرَةِ عَلَيْهَا وَ بَانَتِ الْأَشْيَاءُ مِنْهُ بِالْخُضُوعِ لَهُ وَ الرُّجُوعِ إِلَيْهِ.

مَنْ وَصَفَهُ فَقَدْ حَدَّهُ وَ مَنْ حَدَّهُ فَقَدْ عَدَّهُ وَ مَنْ عَدَّهُ فَقَدْ أَبْطَلَ أَزَلَهُ وَ مَنْ قَالَ كَيْفَ فَقَدِ اسْتَوْصَفَهُ وَ مَنْ قَالَ أَيْنَ فَقَدْ حَيَّزَهُ عَالِمٌ إِذْ لَا مَعْلُومٌ وَ رَبٌّ إِذْ لَا مَرْبُوبٌ وَ قَادِرٌ إِذْ لَا مَقْدُورٌ.

## أئمة الدين منها

قَدْ طَلَعَ طَالِعٌ وَ لَمَعَ لَامِعٌ وَ لَاحَ لَائِحٌ وَ اعْتَدَلَ مَائِلٌ وَ اسْتَبْدَلَ اللَّهُ بِقَوْمٍ قَوْماً وَ بِيَوْمٍ يَوْماً وَ انْتَظَرْنَا الْغِيَرَ انْتِظَارَ الْمُجْدِبِ الْمَطَرَ وَ إِنَّمَا الْأَئِمَّةُ قُوَّامُ اللَّهِ عَلَى خَلْقِهِ وَ عُرَفَاؤُهُ عَلَى عِبَادِهِ وَ لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ إِلَّا مَنْ عَرَفَهُمْ وَ عَرَفُوهُ وَ لَا يَدْخُلُ النَّارَ إِلَّا مَنْ أَنْكَرَهُمْ وَ أَنْكَرُوهُ إِنَّ اللَّهَ تَعَالَى خَصَّكُمْ بِالْإِسْلَامِ وَ اسْتَخْلَصَكُمْ لَهُ.

## ١٥٢_ امام عليه السلام جو خطبو. الله تعاليٰ ۽ دين جي سرواڻن جي صفتن بابت

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جيڪو سندي وجود تي پنهنجيءَ مخلوق سان، ۽ پنهنجي پيدا ڪيل مخلوق سان پنهنجي ازلي هجڻ تي، ۽ انهن جي هڪجهڙي هجڻ سان پنهنجي بي نظير هجڻ تي، رهنمائي ڪرڻ وارو آهي. حواس ان تائين پهچي نٿا سگهن. ۽ نه وري پردا ڪيس لِڪائي سگهن ٿا. ان لاءِ ته ناهڻ وارو ۽ نهيل، ۽ حد بندي ڪرڻ وارو ۽ حد بندي ڪيل، پالڻ وارو ۽ پاليل مختلف هوندا آهن. هو هڪ آهي پر عدد جي اعتبار سان نه، ۽ خالق آهي پر حرڪت ۽ ٿڪاوٽ سان نه، ۽ ٻُڌڻ وارو آهي پر ڪن سان نه، ۽ ڏسڻ وارو آهي پر اک جي کولڻ سان نه، ۽ حاضر آهي پر ڇُهڻ سان نه، ۽ الڳ آهي پر فاصلي جي وِٿي سان نه، ۽ ظاهر آهي پر ڏسڻ سان نه، ۽ باطن آهي پر لطافت سان نه. شين کان جدا آهي انهن تي غلبي ۽ قدرت رکڻ سان. ۽ شيون ان کان جدا آهن سندس اڳيان جُهڪڻ ۽ ان ڏانهن موٽڻ سان. ۽ جنهن ان جي صفت بيان ڪئي ته هن ڪيس محدود ڪري ڇڏيو، ۽ جنهن انکي محدود ڪيو ته بيشڪ هن ڪيس شمار ڪيو. ۽ جنهن ڪيس شمار ڪيو ته هن ان جي ازلي هجڻ کي باطل ڄاتو. ۽ جنهن چيو "ڪيئن آهي" ته هن ان جي وصف بيان ڪئي. ۽ جنهن چيو "ڪٿي آهي" ته هن ان لاءِ مڪان کي معين ڪيو. هو تڏهن کان عالِم آهي جڏهن ڪا ڄاڻڻ جي شيءِ نه هئي. ۽ تڏهن کان پالڻهار آهي جڏهن ڪا پلجڻ واريءَ شيءِ نه هئي. ۽ تڏهن کان قادر آهي جڏهن ڪا قدرت رکجڻ واري شيءِ نه هئي.

### انهيءَ منجهان. دين جي سرواڻن بابت



بيشڪ اڀرڻ وارو اڀريو، ۽ چمڪڻ وارو چمڪيو. ۽ ظاهر ٿيڻ وارو ظاهر ٿيو. ۽ ٽيڏائپ سڌيءَ ٿي وئي. ۽ الله تعاليٰ هڪ قوم سان ٻيءَ قوم کي ۽ هڪ ڏينهن سان ٻئي ڏينهن کي مَٽائي ڇڏيو. ۽ اسان تبديليءَ جو ائين انتظار ڪيو جيئن ڏُڪار وارو مِينهن جو انتظار ڪندو آهي. ۽ الله تعاليٰ جا سندس مخلوق تي نمائندا فقط امام ئي آهن. ۽ اهي ئي سندس ٻانهن تي انجا سردار آهن. ۽ ڪو به جنت ۾ داخل نه ٿيندو سواءِ ان جي جيڪو سندن معرفت رکي ۽ هو به ڪيس سڃاڻن. ۽ ڪو به جهنم ۾ داخل نه ٿيندو سواءِ ان جي جيڪو سندن انڪار ڪري ۽ هو به ان جو انڪار ڪن. بيشڪ الله تعاليٰ توهان کي اسلام سان مخصوص ڪيو آهي. ۽ توهان کي ان لاءِ خاص ٿيڻ چاهيو آهي.

وَ ذَلِكَ لِأَنَّهُ اسْمُ سَلَامَةٍ وَ جِمَاعُ كَرَامَةٍ اصْطَفَى اللَّهُ تَعَالَى مَنْهَجَهُ وَ بَيَّنَ حُجَجَهُ مِنْ ظَاهِرِ عِلْمٍ وَ بَاطِنِ حُكْمٍ لَا تَفْنَى غَرَائِبُهُ وَ لَا تَنْقَضِي عَجَائِبُهُ فِيهِ مَرَابِيعُ النِّعَمِ وَ مَصَابِيحُ الظُّلَمِ لَا تُفْتَحُ الْخَيْرَاتُ إِلَّا بِمَفَاتِيحِهِ وَ لَا تُكْشَفُ الظُّلُمَاتُ إِلَّا بِمَصَابِيحِهِ قَدْ أَحْمَى حِمَاهُ وَ أَرْعَى مَرْعَاهُ فِيهِ شِفَاءُ الْمُسْتَشْفِي وَ كِفَايَةُ الْمُكْتَفِي.

## ١٥٣ـ و من خطبة له عليه السلام

### صفة الضال

وَ هُوَ فِي مُهْلَةٍ مِنَ اللَّهِ يَهْوِي مَعَ الْغَافِلِينَ وَ يَغْدُو مَعَ الْمُذْنِبِينَ بِلَا سَبِيلٍ قَاصِدٍ وَ لَا إِمَامٍ قَائِدٍ.

### صفات الغافلين منها

حَتَّى إِذَا كَشَفَ لَهُمْ عَنْ جَزَاءِ مَعْصِيَتِهِمْ وَ اسْتَخْرَجَهُمْ مِنْ جَلَابِيبِ غَفْلَتِهِمُ اسْتَقْبَلُوا مُدْبِراً وَ اسْتَدْبَرُوا مُقْبِلًا فَلَمْ يَنْتَفِعُوا بِمَا أَدْرَكُوا مِنْ طَلِبَتِهِمْ وَ لَا بِمَا قَضَوْا مِنْ وَطَرِهِمْ إِنِّي أُحَذِّرُكُمْ وَ نَفْسِي هَذِهِ الْمَنْزِلَةَ.

فَلْيَنْتَفِعِ امْرُؤٌ بِنَفْسِهِ فَإِنَّمَا الْبَصِيرُ مَنْ سَمِعَ فَتَفَكَّرَ وَ نَظَرَ فَأَبْصَرَ وَ انْتَفَعَ بِالْعِبَرِ ثُمَّ سَلَكَ جَدَداً وَاضِحاً يَتَجَنَّبُ فِيهِ الصَّرْعَةَ فِي الْمَهَاوِي وَ الضَّلَالَ فِي الْمَغَاوِي وَ لَا يُعِينُ عَلَى نَفْسِهِ الْغُوَاةَ بِتَعَسُّفٍ فِي حَقٍّ أَوْ تَحْرِيفٍ فِي نُطْقٍ أَوْ تَخَوُّفٍ مِنْ صِدْقٍ.

### عظة الناس

فَأَفِقْ أَيُّهَا السَّامِعُ مِنْ سَكْرَتِكَ وَ اسْتَيْقِظْ مِنْ غَفْلَتِكَ وَ اخْتَصِرْ مِنْ عَجَلَتِكَ وَ أَنْعِمِ الْفِكْرَ فِيمَا جَاءَكَ عَلَى لِسَانِ النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ صلى الله عليه وآله مِمَّا لَا بُدَّ مِنْهُ وَ لَا مَحِيصَ عَنْهُ.

ان لاءِ تہ اسلام سلامتيءَ جو نالو ۽ عزت جو پَيڪر آهي. الله تعاليٰ ان جي طريقي کي اوهان لاءِ چونڊيو آهي. ۽ ظاهري علم ۽ باطني حڪمت ذريعي ان جي دليلن کي بيان ڪيو آهي. نہ انجا لطائف ختم ٿيندا. ۽ نہ انجا عجائب کُٽندا. ان ۾ نعمتن جا انبار ۽ اونداهين جا ڏيئا آهن. ڀلاين کي نہ کوليو ويندو سواءِ ان جي ڪُنجين سان. ۽ اونداهين کي روشن نہ ڪيو ويندو سواءِ ان جي ڏيئن سان. بيشڪ الله ان جي مقام جي حفاظت ڪئي آهي. ۽ ان جي پوک کي آباد رکيو آهي. ان ۾ شفا وٺندڙ لاءِ شفا ۽ اڪتفيٰ ڪندڙ لاءِ ڪافي آهي.

## ١٥٣_ امام عليه السلام جو خطبو، گمراهہ جي صفت

هو الله تعاليٰ طرفان مهلت ۾ آهي. ۽ هو غافلن سان گڏ ڪِري پوي ٿو. ۽ گنهگارن سان اٿي ويهي ٿو. بغير سڌيءَ واٽ جي، ۽ بغير امام ۽ اڳواڻ جي.

### انهيءَ منجهان، غفلت ڪندڙن جي صفتن بابت

تان جو جڏهن الله تعاليٰ انهن لاءِ سندن گناهن جي سزا کي ظاهر ڪندو، ۽ سندن غفلت جي پردن کان کين ٻاهر ڪيندو تہ عذاب کي ڏسندا ۽ دنياوي نعمتن کان پُٺ ڦيريندا. پنهنجين خواهشن سان جيڪي انهن مزا ماڻيا هئا. ۽ پنهنجي ضرورت ڪري جيڪا پوري ڪئي هئي تن مان هنن کي فائدو نہ مليو. آءٌ توهان کي ۽ پنهنجي نفس کي بہ انهيءَ صورتحال کان ڊيڄاريان ٿو. هر ماڻهوءَ کي گهرجي تہ هو پنهنجي نفس کان فائدو وٺي. بس بصيرت وارو اهو ئي آهي جيڪو ٻُڌي تہ غور ڪري، ۽ نظر ڪري تہ حقيقت کي ڏسي، ۽ پوءِ عبرتن کان نصيحت پرائي. ۽ سڌي ۽ روشن رستي تي هلي پوي. جنهن تي کڏن ۾ ڪِرڻ کان ۽ شبهن ۾ گمراهہ ٿيڻ کان پاسو ڪري. ۽ پنهنجي نفس جي خلاف گمراهن جي اهڙي طرح مدد نہ ڪري جو حق جي راهہ کان ٿِڙيءَ وڃي، يا ڳالهائڻ ۾ ڦير ڦار ڪري، يا سچ ڳالهائڻ ۾ خوف ڪري.

### ماڻهن کي نصيحت

اي ٻُڌڻ وارا! پنهنجي نشي مان هوش ۾ اچ. ۽ پنهنجيءَ غفلت کان سجاڳ ٿيءُ. ۽ پنهنجيءَ ڊوڙ ڊُڪ کي مختصر ڪر. جيڪي ڳالهيون تو وٽ نبيءَ اميءَ محمّد صلي الله عليه وآله وسلم جي زبانيءَ پهتيون آهن. جيڪي ضرور ٿيڻيون آهن ۽ جن کان علاوهہ ڪو چارو ئي ڪونهي تن ۾ سوچ ۽ ويچار ڪر.

وَ خَالِفْ مَنْ خَالَفَ ذَلِكَ إِلَى غَيْرِهِ وَ دَعْهُ وَ مَا رَضِيَ لِنَفْسِهِ وَ ضَعْ فَخْرَكَ وَ احْطُطْ كِبْرَكَ وَ اذْكُرْ قَبْرَكَ فَإِنَّ عَلَيْهِ مَمَرَّكَ وَ كَمَا تَدِينُ تُدَانُ وَ كَمَا تَزْرَعُ تَحْصُدُ وَ مَا قَدَّمْتَ الْيَوْمَ تَقْدَمُ عَلَيْهِ غَداً فَامْهَدْ لِقَدَمِكَ وَ قَدِّمْ لِيَوْمِكَ فَالْحَذَرَ الْحَذَرَ أَيُّهَا الْمُسْتَمِعُ وَ الْجِدَّ الْجِدَّ أَيُّهَا الْغَافِلُ ﴿وَ لا يُنَبِّئُكَ مِثْلُ خَبِيرٍ[١]﴾.

إِنَّ مِنْ عَزَائِمِ اللَّهِ فِي الذِّكْرِ الْحَكِيمِ الَّتِي عَلَيْهَا يُثِيبُ وَ يُعَاقِبُ وَ لَهَا يَرْضَى وَ يَسْخَطُ أَنَّهُ لَا يَنْفَعُ عَبْداً وَ إِنْ أَجْهَدَ نَفْسَهُ وَ أَخْلَصَ فِعْلَهُ أَنْ يَخْرُجَ مِنَ الدُّنْيَا لَاقِياً رَبَّهُ بِخَصْلَةٍ مِنْ هَذِهِ الْخِصَالِ لَمْ يَتُبْ مِنْهَا.

أَنْ يُشْرِكَ بِاللَّهِ فِيمَا افْتَرَضَ عَلَيْهِ مِنْ عِبَادَتِهِ أَوْ يَشْفِيَ غَيْظَهُ بِهَلَاكِ نَفْسٍ أَوْ يَعُرَّ بِأَمْرٍ فَعَلَهُ غَيْرُهُ أَوْ يَسْتَنْجِحَ حَاجَةً إِلَى النَّاسِ بِإِظْهَارِ بِدْعَةٍ فِي دِينِهِ أَوْ يَلْقَى النَّاسَ بِوَجْهَيْنِ أَوْ يَمْشِيَ فِيهِمْ بِلِسَانَيْنِ.

اعْقِلْ ذَلِكَ فَإِنَّ الْمِثْلَ دَلِيلٌ عَلَى شِبْهِهِ إِنَّ الْبَهَائِمَ هَمُّهَا بُطُونُهَا وَ إِنَّ السِّبَاعَ هَمُّهَا الْعُدْوَانُ عَلَى غَيْرِهَا وَ إِنَّ النِّسَاءَ هَمُّهُنَّ زِينَةُ الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَ الْفَسَادُ فِيهَا إِنَّ الْمُؤْمِنِينَ مُسْتَكِينُونَ إِنَّ الْمُؤْمِنِينَ مُشْفِقُونَ إِنَّ الْمُؤْمِنِينَ خَائِفُونَ.



## ١٥٤ــ وَ مِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*يذكر فيها فضائل أهل البيت عليهم السلام.*

وَ نَاظِرُ قَلْبِ اللَّبِيبِ بِهِ يُبْصِرُ أَمَدَهُ وَ يَعْرِفُ غَوْرَهُ وَ نَجْدَهُ دَاعٍ دَعَا وَ رَاعٍ رَعَى فَاسْتَجِيبُوا لِلدَّاعِي وَ اتَّبِعُوا الرَّاعِيَ.

١: فاطر: الآية: ١٤.

جيڪو انهن جي مخالفت ڪري ٻئي ڏانهن وڃي ته تون ان جي مخالفت نه ڪر، ۽ انکي ۽ جيڪو هو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ڇڏي ڏي. ۽ پنهنجي فخر ڪي ڦِٽي ڪر. ۽ پنهنجيءَ وڏائي ڪي ختم ڪر. ۽ پنهنجيءَ قبر ڪي ياد ڪر. بيشڪ تنهنجو رستو ان تائين آهي. ۽ جهڙو تون ڪندين اهڙو تو ڪي بدلو ڏنو ويندو. ۽ جهڙو تون پوکيندين اهڙو ئي لڻندين. ۽ جيڪو تون اڄ موڪليندين ته سڀاڻي انکي پائيندين. بس پنهنجي پيرن لاءِ جڳهه تيار ڪر. ۽ پنهنجي اڳتي واري ڏينهن لاءِ موڪل. اي غور سان ٻُڌڻ وارا خبردار خبردار! ۽ اي غافل سنجيده سنجيده! "۽ خبر ڏيڻ واريءِ ذات وانگر توکي ڪو به نه ٻُڌائيندو[١]".

بيشڪ قرآن مجيد ۾ الله تعالىٰ جا ڪجھ اهڙا احڪام آهن جن تي هو جزا ۽ سزا ڏيندو. ۽ جن ڪري هو راضي ۽ ناراض ٿيندو. ۽ دنيا مان پنهنجي رب سان ملاقات لاءِ نڪرڻ ٻانهي کي فائدو نه ڏيندو جيتوڻيڪ هو پنهنجي نفس کي ڪوشش ڪرائي ۽ پنهنجي عمل کي خالص بڻائي، جڏهن هنن خصلتن مان ڪنهن هڪ خصلت سان هجي ۽ تن مان تائب نه ٿئي: الله تعالىٰ پنهنجي عبادتن مان جيڪي ان تي فرض ڪيون آهن تن ۾ الله سان شريڪ ڪرڻ. يا ڪنهن جي خون ڪرڻ سان پنهنجي غصي کي ٺارڻ. يا ڪنهن کي اهڙي ڪم جو عيب لڳائڻ جنهن کي هنجي غير ڪيو هجي. يا ماڻهن مان پنهنجي ضرورت کي پورو ڪرائڻ لاءِ پنهنجي دين ۾ بدعت کي ظاهر ڪرڻ. يا ماڻهن سان ٻن رُخن سان ملاقات ڪرڻ. يا انهن ۾ ٻِن زبانن سان هلڻ. انهن کي سمجھ بيشڪ هڪجهڙائي ان جي مشابه هجڻ تي دليل آهي. بيشڪ جانورن جو مقصد پنهنجو پيٽ آهي. ۽ درندن جو مقصد ٻين تي چڙهائيءَ ڪرڻ آهي. ۽ عورتن جو مقصد دنياوي زندگيءَ جي زينت ڪرڻ ۽ ان ۾ فساد ڪرڻ آهي. بيشڪ مومن نياز نوڙت وارا هوندا آهن. بيشڪ مومن مهربان هوندا آهن. بيشڪ مومن خوف ۾ هوندا آهن.

### ١٥٤_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام اهل بيت عليهم السلام جا فضائل ذڪر ڪيا آهن

عقلمند پنهنجي دل جي اک سان پنهنجي انجام کي ڏسي ٿو. ۽ پنهنجي لاهن ۽ چاڙهن کي سڃاڻي ٿو. سڏڻ واري سڏيو. ۽ سنڀالڻ واري سنڀاليو. بس سڏڻ واري کي جئ ڪريو ۽ سنڀالڻ واري جي پيروي ڪريو.

---

١: فاطر: آيت: ١٤.

قَدْ خَاضُوا بِحَارَ الْفِتَنِ وَ أَخَذُوا بِالْبِدَعِ دُونَ السُّنَنِ وَ أَرَزَ الْمُؤْمِنُونَ وَ نَطَقَ الضَّالُّونَ الْمُكَذِّبُونَ نَحْنُ الشِّعَارُ وَ الْأَصْحَابُ وَ الْخَزَنَةُ وَ الْأَبْوَابُ وَ لَا تُؤْتَى الْبُيُوتُ إِلَّا مِنْ أَبْوَابِهَا فَمَنْ أَتَاهَا مِنْ غَيْرِ أَبْوَابِهَا سُمِّيَ سَارِقاً.

## منها

فِيهِمْ كَرَائِمُ الْقُرْآنِ وَ هُمْ كُنُوزُ الرَّحْمَنِ إِنْ نَطَقُوا صَدَقُوا وَ إِنْ صَمَتُوا لَمْ يُسْبَقُوا فَلْيَصْدُقْ رَائِدٌ أَهْلَهُ وَ لْيُحْضِرْ عَقْلَهُ وَ لْيَكُنْ مِنْ أَبْنَاءِ الْآخِرَةِ فَإِنَّهُ مِنْهَا قَدِمَ وَ إِلَيْهَا يَنْقَلِبُ فَالنَّاظِرُ بِالْقَلْبِ الْعَامِلُ بِالْبَصَرِ يَكُونُ مُبْتَدَأُ عَمَلِهِ أَنْ يَعْلَمَ أَ عَمَلُهُ عَلَيْهِ أَمْ لَهُ فَإِنْ كَانَ لَهُ مَضَى فِيهِ وَ إِنْ كَانَ عَلَيْهِ وَقَفَ عَنْهُ.

فَإِنَّ الْعَامِلَ بِغَيْرِ عِلْمٍ كَالسَّائِرِ عَلَى غَيْرِ طَرِيقٍ فَلَا يَزِيدُهُ بُعْدُهُ عَنِ الطَّرِيقِ الْوَاضِحِ إِلَّا بُعْداً مِنْ حَاجَتِهِ وَ الْعَامِلُ بِالْعِلْمِ كَالسَّائِرِ عَلَى الطَّرِيقِ الْوَاضِحِ.

فَلْيَنْظُرْ نَاظِرٌ أَ سَائِرٌ هُوَ أَمْ رَاجِعٌ وَ اعْلَمْ أَنَّ لِكُلِّ ظَاهِرٍ بَاطِناً عَلَى مِثَالِهِ فَمَا طَابَ ظَاهِرُهُ طَابَ بَاطِنُهُ وَ مَا خَبُثَ ظَاهِرُهُ خَبُثَ بَاطِنُهُ.

وَ قَدْ قَالَ الرَّسُولُ الصَّادِقُ ﷺ إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْعَبْدَ وَ يُبْغِضُ عَمَلَهُ وَ يُحِبُّ الْعَمَلَ وَ يُبْغِضُ بَدَنَهُ.

وَ اعْلَمْ أَنَّ لِكُلِّ عَمَلٍ نَبَاتاً وَ كُلُّ نَبَاتٍ لَا غِنَى بِهِ عَنِ الْمَاءِ وَ الْمِيَاهُ مُخْتَلِفَةٌ فَمَا طَابَ سَقْيُهُ طَابَ غَرْسُهُ وَ حَلَتْ ثَمَرَتُهُ وَ مَا خَبُثَ سَقْيُهُ خَبُثَ غَرْسُهُ وَ أَمَرَّتْ ثَمَرَتُه.

بيشڪ ماڻهو فتنن جي سمندن ۾ لهي پيا. ۽ انهن سُنتن کي ڇڏي بدعتن کي ورتو. ۽ مؤمن گوشانشين ٿي ويا. ۽ ڪوڙن گمراهن ڳالهايو. اسان ئي رازدار، گڏ رهڻ وارا، خزانن کي سنڀالڻ وارا، ۽ دروازا آهيون. ۽ گهرن ۾ ناهي اچبو سواءِ انهن جي دروازن کان. بس جيڪو دروازن کانسواءِ انهن ۾ آيو تہ ان کي چور سڏيو ويندو.

## انهيءَ منجهان

انهن جي باري ۾ قرآن جون ڪريم آيتون آهن. ۽ اهي ئي رحمان جا خزانا آهن. اگر ڳالهائيندا تہ سچ چوندا، ۽ اگر چُپ رهندا تہ مٿن سبقت نہ ڪئي ويندي. بس سربراه کي گهرجي تہ پنهنجي اهل کي سچ ٻڌائي، ۽ پنهنجي عقل کي حاضر رکي، ۽ ڪيس گهرجي تہ آخرت وارن مان ٿئي. بيشڪ هو اتان کان آيو آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽي ويندو. بس دل سان ڏسڻ واري ۽ بصيرت سان عمل ڪرڻ واري جو شروعاتي ڪم اهو ڄاڻڻ آهي تہ سندس عمل ان جي نقصان ۾ آهي يا فائدي ۾ بس اگر هنجي فائدي ۾ هجي تہ انکي انجام ڏي ۽ اگر نقصان ۾ هجي تہ انکان روڪجي وڃي. بيشڪ بغير علم جي عمل ڪرڻ وارو بغير رستي تي هلڻ واري وانگر آهي. بس واضح رستي کان ان جو پري ٿيڻ انکي نہ وڌائيندو مگر مقصد کان پري ڪرڻ جي. ۽ علم سان عمل ڪرڻ وارو واضح رستي تي هلڻ واري وانگر آهي.

بس ڏسڻ واري کي گهرجي تہ اهو ڏسي تہ ڇا هو اڳتي وڌڻ وارو آهي يا پوئتي موٽڻ وارو آهي. ۽ تون ڄاڻ تہ هر ظاهر جي لاءِ ان جهڙو ئي باطن آهي. بس جنهن جو ظاهر پلو آهي تہ ان جو باطن بہ پلو آهي. ۽ جنهن جو ظاهر بُرو آهي تہ ان جو باطن بہ برو آهي.

۽ بيشڪ سچي رسول ﷺ فرمايو آهي تہ: بيشڪ الله تعالیٰ ڪڏهن ٻانهي کي پسند ڪري ٿو پر ان جي عمل کي ناپسند ڪري ٿو. ۽ ڪڏهن عمل کي پسند ڪري ٿو پر ان جي بدن کي ناپسند ڪري ٿو.

۽ تون ڄاڻ تہ هر عمل جي لاءِ ٻوٽو آهي. ۽ ڪو بہ ٻوٽو پاڻي کان بي نياز نہ آهي. ۽ پاڻي مختلف آهن. بس جنهن جي سيرابي پلي هوندي تہ ان جي پوک بہ پلي ٿيندي ۽ ان جو ميوو بہ مِٺو ٿيندو. ۽ جنهن جي سيرابي بُري هوندي تہ ان جي پوک بہ خراب ٿيندي ۽ ان جو ميوو بہ ڪڙو ٿيندو.

# ١٥٥ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*يذكر فيها بديع خلقة الخفاش.*

## حمد اللّٰه و تنزيهه

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي انْحَسَرَتِ الْأَوْصَافُ عَنْ كُنْهِ مَعْرِفَتِهِ وَ رَدَعَتْ عَظَمَتُهُ الْعُقُولَ فَلَمْ تَجِدْ مَسَاغاً إِلَى بُلُوغِ غَايَةِ مَلَكُوتِهِ هُوَ اللَّهُ الْحَقُّ الْمُبِينُ أَحَقُّ وَ أَبْيَنُ مِمَّا تَرَى الْعُيُونُ.

لَمْ تَبْلُغْهُ الْعُقُولُ بِتَحْدِيدٍ فَيَكُونَ مُشَبَّهاً وَ لَمْ تَقَعْ عَلَيْهِ الْأَوْهَامُ بِتَقْدِيرٍ فَيَكُونَ مُمَثَّلًا.

خَلَقَ الْخَلْقَ عَلَى غَيْرِ تَمْثِيلٍ وَ لَا مَشُورَةِ مُشِيرٍ وَ لَا مَعُونَةِ مُعِينٍ فَتَمَّ خَلْقُهُ بِأَمْرِهِ وَ أَذْعَنَ لِطَاعَتِهِ فَأَجَابَ وَ لَمْ يُدَافِعْ وَ انْقَادَ وَ لَمْ يُنَازِعْ.

## خلقة الخفاش

وَ مِنْ لَطَائِفِ صَنْعَتِهِ وَ عَجَائِبِ خِلْقَتِهِ مَا أَرَانَا مِنْ غَوَامِضِ الْحِكْمَةِ فِي هَذِهِ الْخَفَافِيشِ الَّتِي يَقْبِضُهَا الضِّيَاءُ الْبَاسِطُ لِكُلِّ شَيْءٍ وَ يَبْسُطُهَا الظَّلَامُ الْقَابِضُ لِكُلِّ حَيٍّ.



وَ كَيْفَ عَشِيَتْ أَعْيُنُهَا عَنْ أَنْ تَسْتَمِدَّ مِنَ الشَّمْسِ الْمُضِيئَةِ نُوراً تَهْتَدِي بِهِ فِي مَذَاهِبِهَا وَ تَتَّصِلُ بِعَلَانِيَةِ بُرْهَانِ الشَّمْسِ إِلَى مَعَارِفِهَا.

وَ رَدَعَهَا بِتَلَأْلُؤِ ضِيَائِهَا عَنِ الْمُضِيِّ فِي سُبُحَاتِ إِشْرَاقِهَا وَ أَكَنَّهَا فِي مَكَامِنِهَا عَنِ الذَّهَابِ فِي بُلَجِ ائْتِلَاقِهَا فَهِيَ مُسْدَلَةُ الْجُفُونِ بِالنَّهَارِ عَلَى حِدَاقِهَا وَ جَاعِلَةُ اللَّيْلِ سِرَاجاً تَسْتَدِلُّ بِهِ فِي الْتِمَاسِ أَرْزَاقِهَا فَلَا يَرُدُّ أَبْصَارَهَا إِسْدَافُ ظُلْمَتِهِ وَ لَا تَمْتَنِعُ مِنَ الْمُضِيِّ فِيهِ لِغَسَقِ دُجُنَّتِهِ.

## ١٥٥_ امام عليه السلام جو خطبو. جنهن ۾ پاڻ عليه السلام چمڙي جي عجيب خلقت جي ذڪر ڪيو آهي

### الله جي ساراهه ۽ سندس پاڪائي

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جنهن جي ڪُنہ معرفت جي بيان ڪرڻ کان وصفون عاجز آهن. ۽ جنهن جي عظمت عقلن کي روڪي ڇڏيو آهي. بس هو سندس بادشاهت جي انتها تائين پهچڻ لاءِ ڪو رستو پائي نہ سگهيا. هو اهو الله آهي جيڪو برحق ۽ ظاهر آهي. جن کي اکيون ڏسن ٿيون تن کان بہ وڌيڪ برحق ۽ وڌيڪ ظاهر آهي. عقل حدبنديءَ ڪرڻ لاءِ ان تائين پهچي نٿا سگهن جو هو مشابہ ٿي وڃي. ۽ نہ وهم فرض ڪرڻ لاءِ ان تائين وڃي سگهن ٿا جو هنڪي ڪنهن جي مِثل قرار ڏنو وڃي. هن مخلوق کي بغير نموني جي، ۽ بغير صلاحڪار جي صلاح جي، ۽ بغير مددگار جي مدد جي پيدا ڪيو آهي. بس ان جي ئي امر سان سندس خلق ڪرڻ پورو ٿيو. پوءِ مخلوق سندس اطاعت لاءِ جُهڪي، پوءِ جيءَ ڪيو ۽ انڪار نہ ڪيو. ۽ مجيو ۽ جهڳڙو نہ ڪيو.

### چمڙي جي پيدائش

۽ سندس ڪاريگريءَ جي باريڪين ۽ سندس خلقت جي عجائبن منجهان اها گِهري حڪمت آهي. جيڪا هن اسانکي هنن چمڙن ۾ ڏيکاري آهي. جنکي اها روشني بند ڪري ٿي جيڪا هر شيءِ کي کوليندڙ آهي. ۽ جن کي اها اونداهي کولي ٿي جيڪا هر زنده کي بند ڪندڙ آهي. ۽ انهن جون اکيون روشن ڪندڙ سج جي نور کان ڪيئن ٻوٽجي وڃن ٿيون جنهن سان هو پنهنجي اچ وڃ وارن رستن جي رهنمائي وٺي سگهن، ۽ سج جي روشنيءَ جي پکيڙ ۾ پنهنجي ڄاتل سڃاتل هنڌن تائين پهچي سگهن. ۽ نور پنهنجي روشن ڪِرڻن جي چمڪ سان ڪين سج جي روشنيءَ ۾ وڃڻ کان روڪي ڇڏيو آهي.

۽ هن ڪين سج جي روشنيءَ ۾ هلڻ کان لِڪڻ جي جاين ۾ لِڪائي ڇڏيو آهي. ۽ هي ڏينهن جو اکين جي تارن تي لڙڪيل پنبڻين وارا هوندا آهن. ۽ هي رات کي ڏيئو ٻڻائي پنهنجي رزق جي ڳولها لاءِ ان کان رهنمائي وٺن ٿا. ۽ رات جي اونداهي سندن نظرن کي نٿي موٽائي ۽ نہ ان جي گُهگهہ اونداهي ان ۾ هلڻ کان روڪين ٿي.

فَإِذَا أَلْقَتِ الشَّمْسُ قِنَاعَهَا وَ بَدَتْ أَوْضَاحُ نَهَارِهَا وَ دَخَلَ مِنْ إِشْرَاقِ نُورِهَا عَلَى الضِّبَابِ فِي وِجَارِهَا أَطْبَقَتِ الْأَجْفَانَ عَلَى مَآقِيهَا وَ تَبَلَّغَتْ بِمَا اكْتَسَبَتْهُ مِنَ الْمَعَاشِ فِي ظُلَمِ لَيَالِيهَا. فَسُبْحَانَ مَنْ جَعَلَ اللَّيْلَ لَهَا نَهَاراً وَ مَعَاشاً وَ النَّهَارَ سَكَناً وَ قَرَاراً وَ جَعَلَ لَهَا أَجْنِحَةً مِنْ لَحْمِهَا تَعْرُجُ بِهَا عِنْدَ الْحَاجَةِ إِلَى الطَّيَرَانِ كَأَنَّهَا شَظَايَا الْآذَانِ غَيْرَ ذَوَاتِ رِيشٍ وَ لَا قَصَبٍ إِلَّا أَنَّكَ تَرَى مَوَاضِعَ الْعُرُوقِ بَيِّنَةً أَعْلَاماً.

لَهَا جَنَاحَانِ لَمَّا يَرِقَّا فَيَنْشَقَّا وَ لَمْ يَغْلُظَا فَيَثْقُلَا تَطِيرُ وَ وَلَدُهَا لَاصِقٌ بِهَا لَاجِئٌ إِلَيْهَا يَقَعُ إِذَا وَقَعَتْ وَ يَرْتَفِعُ إِذَا ارْتَفَعَتْ لَا يُفَارِقُهَا حَتَّى تَشْتَدَّ أَرْكَانُهُ وَ يَحْمِلَهُ لِلنُّهُوضِ جَنَاحُهُ وَ يَعْرِفَ مَذَاهِبَ عَيْشِهِ وَ مَصَالِحَ نَفْسِهِ فَسُبْحَانَ الْبَارِئِ لِكُلِّ شَيْءٍ عَلَى غَيْرِ مِثَالٍ خَلَا مِنْ غَيْرِهِ.

## ١٥٦ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه‌السلام

*خاطب به أهل البصرة على جهة اقتصاص الملاحم.*

فَمَنِ اسْتَطَاعَ عِنْدَ ذَلِكَ أَنْ يَعْتَقِلَ نَفْسَهُ عَلَى اللَّهِ عَزَّ وَ جَلَّ فَلْيَفْعَلْ فَإِنْ أَطَعْتُمُونِي فَإِنِّي حَامِلُكُمْ إِنْ شَاءَ اللَّهُ عَلَى سَبِيلِ الْجَنَّةِ وَ إِنْ كَانَ ذَا مَشَقَّةٍ شَدِيدَةٍ وَ مَذَاقَةٍ مَرِيرَةٍ. وَ أَمَّا فُلَانَةُ فَأَدْرَكَهَا رَأْيُ النِّسَاءِ وَ ضِغْنٌ غَلَا فِي صَدْرِهَا كَمِرْجَلِ الْقَيْنِ. وَ لَوْ دُعِيَتْ لِتَنَالَ مِنْ غَيْرِي مَا أَتَتْ إِلَيَّ لَمْ تَفْعَلْ وَ لَهَا بَعْدُ حُرْمَتُهَا الْأُولَى وَ الْحِسَابُ عَلَى اللَّهِ تَعَالَى.



### وصف الإيمان منه

سَبِيلٌ أَبْلَجُ الْمِنْهَاجِ أَنْوَرُ السِّرَاجِ فَبِالْإِيمَانِ يُسْتَدَلُّ عَلَى الصَّالِحَاتِ وَ بِالصَّالِحَاتِ يُسْتَدَلُّ عَلَى الْإِيمَانِ وَ بِالْإِيمَانِ يُعْمَرُ الْعِلْمُ وَ بِالْعِلْمِ يُرْهَبُ الْمَوْتُ وَ بِالْمَوْتِ تُخْتَمُ الدُّنْيَا وَ بِالدُّنْيَا تُحْرَزُ الْآخِرَةُ وَ بِالْقِيَامَةِ تُزْلَفُ الْجَنَّةُ.

پر جڏهن سچ پنهنجو نقاب لاهي ٿو ۽ ڏينهن جي اجاڻ ظاهر ٿئي ٿي، ۽ ان جي نور جا ڪِرڻا ٻرن ۾ موجود ڳوهن تي پون ٿا ته پنهنجين پنبڻين کي اکين جي ٽُنرن تي بند ڪن ٿا، ۽ راتين جي اونداهين ۾ جيڪا خوراڪ حاصل ڪئي هيائون تنهن تي اکتفیٰ ڪن ٿا. بس پاڪ آهي اها ذات جنهن رات کي هنن لاءِ ڏينهن ۽ ذريعي معاش، ۽ ڏينهن کي سڪون ۽ آرام قرار ڏنو. ۽ هن سندن گوشت مان ئي پَرَ ٺاهيا آهن ته جن سان اُڏرڻ جي ضرورت مهل پرواز ڪن. جڻ اُهي ڪنن جون پاپڙيون آهن، نه ڪنڀ آهن ۽ نه پَرَ آهن مگر تون رڳن جي جاين کي ڏسندين ته انهن جا نشان ظاهر آهن.

۽ انهن کي ٻه اهڙا پر آهن جيڪي نه اهڙا سنهڙا آهن جو ڦاٽي پون ۽ نه اهڙا ٿلها آهن جو ڳرا ٿي پون. ۽ هو اڏرن ٿا جڏهن ته سندن ٻچا ٻه انهن سان چنبڙيل ۽ مليل هوندا آهن. ۽ هي لهن ٿا ته اُهي ٻه لهن ٿا. ۽ هي بلند ٿين ٿا ته اهُي ٻه بلند ٿين ٿا. ۽ ايستائين انهن کان الڳ نٿا ٿين جيستائين انهن جا عضوا مضبوط ٿين، ۽ انهن جا پر اٿڻ لاءِ انهن کي ڪٽن. ۽ هو پنهنجي رزق جي راهن ۽ پنهنجي مصلحتن کي ڄاڻن. پوءِ پاڪ آهي اها ذات جيڪا هر شيءِ کي بغير نموني جي پيدا ڪرڻ واري آهي جيڪو ٻئي جي طرفان هجي.

## ١٥٦_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام بصري وارن کي اهم حالتن کان باخبر ڪيو آهي

انهيءَ وقت جيڪو پنهنجي پاڻ کي الله عزوجل جي حوالي ڪري سگهي ته پوءِ ڪيس گهرجي ته ائين ڪري. پوءِ اگر توهان منهنجي اطاعت ڪندؤ ته پوءِ ان شاء الله آءٌ توهان کي جنت جي رستي تي وٺي هلندس جيتوڻيڪ اهو تمام گهڻو مشڪل ۽ ڪڙي ذائقي وارو هجي.

باقي فلاڻيءَ تي ته عورتن واري سوچ غالب ٿي وئي آهي. ۽ لوهار جي ڪڙاهي وانگر ڪينو سندس سيني ۾ اُبري پيو آهي. جيڪو هن مون سان ڪيو آهي. اگر ڪيس چيو وڃي ها ته منهنجي غير سان ائين ڪري ته هوُ نه ڪري ها. پوءِ ٻه ان لاءِ پهريون ئي احترام آهي، ۽ حساب الله تعالیٰ جي ذمي آهي.

### انهيءَ منجهان. ايمان جي وصف بابت

هي رستن مان سڀ کان وڌيڪ واضح ۽ ڏيئن مان سڀ کان وڌيڪ روشن آهي. بس ايمان سان ئي ڀلاين جي رهنمائي وٺي سگهجي ٿي. ۽ ڀلاين سان ايمان جي رهنمائي وٺي سگهجي ٿي. ۽ ايمان سان علم کي آباد ڪيو ويندو آهي. ۽ علم سان موت کان ڊيڄاريو ويندو آهي. ۽ موت سان دنيا کي ختم ڪيو ويندو آهي. ۽ دنيا سان آخرت کي بچايو ويندو آهي. ۽ قيامت سان جنت کي ويجهو ڪيو ويندو.

وَ تُبَرَّزُ الْجَحِيمُ لِلْغَاوِينَ وَ إِنَّ الْخَلْقَ لَا مَقْصَرَ لَهُمْ عَنِ الْقِيَامَةِ مُرْقِلِينَ فِي مِضْمَارِهَا إِلَى الْغَايَةِ الْقُصْوَى.

## حال أهل القبور في القيامة منه

قَدْ شَخَصُوا مِنْ مُسْتَقَرِّ الْأَجْدَاثِ وَ صَارُوا إِلَى مَصَايِرِ الْغَايَاتِ لِكُلِّ دَارٍ أَهْلُهَا لَا يَسْتَبْدِلُونَ بِهَا وَ لَا يُنْقَلُونَ عَنْهَا وَ إِنَّ الْأَمْرَ بِالْمَعْرُوفِ وَ النَّهْيَ عَنِ الْمُنْكَرِ لَخُلُقَانِ مِنْ خُلُقِ اللَّهِ سُبْحَانَهُ وَ إِنَّهُمَا لَا يُقَرِّبَانِ مِنْ أَجَلٍ وَ لَا يَنْقُصَانِ مِنْ رِزْقٍ وَ عَلَيْكُمْ بِكِتَابِ اللَّهِ فَإِنَّهُ الْحَبْلُ الْمَتِينُ وَ النُّورُ الْمُبِينُ وَ الشِّفَاءُ النَّافِعُ وَ الرِّيُّ النَّاقِعُ وَ الْعِصْمَةُ لِلْمُتَمَسِّكِ وَ النَّجَاةُ لِلْمُتَعَلِّقِ لَا يَعْوَجُّ فَيُقَامَ وَ لَا يَزِيغُ فَيُسْتَعْتَبَ وَ لَا تُخْلِقُهُ كَثْرَةُ الرَّدِّ وَ وُلُوجُ السَّمْعِ مَنْ قَالَ بِهِ صَدَقَ وَ مَنْ عَمِلَ بِهِ سَبَقَ.

و قام إليه رجل فقال: يا أمير المؤمنين، أخبرنا عن الفتنة، و هل سألتَ رسولَ الله صلى الله عليه وآله عنها فقال عليه السلام:

إِنَّهُ لَمَّا أَنْزَلَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ قَوْلَهُ ﴿الم أَ حَسِبَ النَّاسُ أَنْ يُتْرَكُوا أَنْ يَقُولُوا آمَنَّا وَ هُمْ لا يُفْتَنُونَ﴾ عَلِمْتُ أَنَّ الْفِتْنَةَ لَا تَنْزِلُ بِنَا وَ رَسُولُ اللَّهِ صلى الله عليه وآله بَيْنَ أَظْهُرِنَا فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ مَا هَذِهِ الْفِتْنَةُ الَّتِي أَخْبَرَكَ اللَّهُ تَعَالَى بِهَا فَقَالَ يَا عَلِيُّ إِنَّ أُمَّتِي سَيُفْتَنُونَ بَعْدِي فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ أَ وَ لَيْسَ قَدْ قُلْتَ لِي يَوْمَ أُحُدٍ حَيْثُ اسْتُشْهِدَ مَنِ اسْتُشْهِدَ مِنَ الْمُسْلِمِينَ وَ حِيزَتْ عَنِّي الشَّهَادَةُ فَشَقَّ ذَلِكَ عَلَيَّ فَقُلْتَ لِي أَبْشِرْ فَإِنَّ الشَّهَادَةَ مِنْ وَرَائِكَ فَقَالَ لِي إِنَّ ذَلِكَ لَكَذَلِكَ فَكَيْفَ صَبْرُكَ إِذاً فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ لَيْسَ هَذَا مِنْ مَوَاطِنِ الصَّبْرِ وَ لَكِنْ مِنْ مَوَاطِنِ الْبُشْرَى وَ الشُّكْرِ.

۽ جهنم کي گمراهن لاءِ ظاهر ڪيو ويندو ۽ بيشڪ مخلوق لاءِ قيامت کان علاوه ڪو ٺڪاڻو ڪونهي جيڪي ان جي ميدان طرف آخري حد تائين تڪڙ ڪندڙ آهن.

### انهيءَ منجهان، قيامت ۾ قبرن وارن جو حال

بيشڪ هو قبرن جي ٺڪاڻن مان نڪرندا. ۽ آخري منزلن ڏانهن هلندا. هر گهر لاءِ انجا اهل آهن. نہ انکي تبديل ڪري سگهندا ۽ نہ ان کان منتقل ڪيا ويندا. ۽ بيشڪ نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائي کان روڪڻ الله سبحانہ جي اخلاقن منجهان ٻہ اخلاق آهن. ۽ بيشڪ اهي نہ موت کي قريب ڪن تا ۽ نہ رزق کي گهٽ ڪن تا. ۽ توهان الله جي ڪتاب کي ورتو ان لاءِ تہ اهو مضبوط رسي ۽ چٽو نور آهي ۽ فائدو ڏيندڙ شفا آهي. ۽ اڃ اُجهائيندڙ سيرابي آهي. ۽ ڪيس مضبوطي سان پڪڙيندڙ لاءِ بچاء آهي. ۽ تعلق رکندڙ لاءِ نجات آهي. هو نہ ٽيڏو آهي جو سڌو ڪيو وڃي. ۽ نہ منحرف آهي جو صحيح ڪيو وڃي. ۽ گهڻو پڙهڻ ۽ گهڻو ٻُڌڻ انکي پراڻو نٿو ڪري. جنهن ان مطابق ڳالهايو تہ سچ چيو، ۽ جنهن ان تي عمل ڪيو تہ اڳيرو ٿيو.

پوءِ هڪ شخص امام عليه السلام طرف اٿيو ۽ چيائين، اي اميرالمؤمنين عليه السلام اسانکي فتني جي باري ۾ ٻڌايو، ڇا توهان رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم کان ان بابت پڇيو هو؟. پوءِ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ جڏهن الله سبحانہ پنهنجو هي قول نازل ڪيو ”الم ڇا ماڻهن ڀانيو آهي تہ ڪين ائين چوڻ سان ڇڏيا ويندا تہ اسان ايمان آندو آهي ۽ اهي آزمايا نہ ويندا“ تہ مون ڄاتو تہ جيستائين رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم اسان ۾ موجود آهن فتنو اسان وٽ نہ ايندو. پوءِ مون پڇيو: اي الله جا رسول هي ڪهڙو فتنو آهي جنهن بابت الله تعالىٰ اوهان کي ٻڌايو آهي؟ پوءِ پاڻ صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: اي علي بيشڪ منهنجي امت عنقريب مونکان پوءِ آزمائي ويندي. پوءِ مون پڇيو: اي الله جا رسول ڇا اوهان مونکي احد جي ڏينهن نہ فرمايو هو جڏهن مسلمانن مان جيڪي شهيد ٿيڻا هئا سي شهيد ٿيا ۽ شهادت مونکان روڪي وئي پوءِ اهو مون تي سخت گذريو تہ توهان مونکي فرمايو هو تہ: تو کي بشارت هجي، بيشڪ شهادت تنهنجي پويان آهي.

پوءِ پاڻ صلى الله عليه وآله وسلم مونکي فرمايو: بيشڪ اها ائين ٿيڻي آهي. پوءِ ان وقت تنهنجو صبر ڪيئن هوندو؟ پوءِ مون چيو: اي الله جا رسول هي صبر جي جاين مان تہ نہ آهي. بلڪ خوشيءَ ۽ شڪر جي جاين مان آهي.

وَ قَالَ يَا عَلِيُّ إِنَّ الْقَوْمَ سَيُفْتَنُونَ بِأَمْوَالِهِمْ وَ يَمُنُّونَ بِدِينِهِمْ عَلَى رَبِّهِمْ وَ يَتَمَنَّوْنَ رَحْمَتَهُ وَ يَأْمَنُونَ سَطْوَتَهُ وَ يَسْتَحِلُّونَ حَرَامَهُ بِالشُّبُهَاتِ الْكَاذِبَةِ وَ الْأَهْوَاءِ السَّاهِيَةِ فَيَسْتَحِلُّونَ الْخَمْرَ بِالنَّبِيذِ وَ السُّحْتَ بِالْهَدِيَّةِ وَ الرِّبَا بِالْبَيْعِ قُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ فَبِأَيِّ الْمَنَازِلِ أُنْزِلُهُمْ عِنْدَ ذَلِكَ أَ بِمَنْزِلَةِ رِدَّةٍ أَمْ بِمَنْزِلَةِ فِتْنَةٍ فَقَالَ بِمَنْزِلَةِ فِتْنَة.

## ١٥٧ـ وَ مِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه‌السلام

*يحث الناس على التقوى.*

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي جَعَلَ الْحَمْدَ مِفْتَاحاً لِذِكْرِهِ وَ سَبَباً لِلْمَزِيدِ مِنْ فَضْلِهِ وَ دَلِيلًا عَلَى آلَائِهِ وَ عَظَمَتِهِ عِبَادَ اللَّهِ إِنَّ الدَّهْرَ يَجْرِي بِالْبَاقِينَ كَجَرْيِهِ بِالْمَاضِينَ لَا يَعُودُ مَا قَدْ وَلَّى مِنْهُ وَ لَا يَبْقَى سَرْمَداً مَا فِيهِ آخِرُ فَعَالِهِ كَأَوَّلِهِ مُتَشَابِهَةٌ أُمُورُهُ مُتَظَاهِرَةٌ أَعْلَامُهُ فَكَأَنَّكُمْ بِالسَّاعَةِ تَحْدُوكُمْ حَدْوَ الزَّاجِرِ بِشَوْلِهِ فَمَنْ شَغَلَ نَفْسَهُ بِغَيْرِ نَفْسِهِ تَحَيَّرَ فِي الظُّلُمَاتِ وَ ارْتَبَكَ فِي الْهَلَكَاتِ وَ مَدَّتْ بِهِ شَيَاطِينُهُ فِي طُغْيَانِهِ وَ زَيَّنَتْ لَهُ سَيِّئَ أَعْمَالِهِ فَالْجَنَّةُ غَايَةُ السَّابِقِينَ وَ النَّارُ غَايَةُ الْمُفَرِّطِينَ.



اعْلَمُوا عِبَادَ اللَّهِ أَنَّ التَّقْوَى دَارُ حِصْنٍ عَزِيزٍ وَ الْفُجُورَ دَارُ حِصْنٍ ذَلِيلٍ لَا يَمْنَعُ أَهْلَهُ وَ لَا يُحْرِزُ مَنْ لَجَأَ إِلَيْهِ أَلَا وَ بِالتَّقْوَى تُقْطَعُ حُمَةُ الْخَطَايَا وَ بِالْيَقِينِ تُدْرَكُ الْغَايَةُ الْقُصْوَى عِبَادَ اللَّهِ اللَّهَ اللَّهَ فِي أَعَزِّ الْأَنْفُسِ عَلَيْكُمْ وَ أَحَبِّهَا إِلَيْكُمْ فَإِنَّ اللَّهَ قَدْ أَوْضَحَ لَكُمْ سَبِيلَ الْحَقِّ وَ أَنَارَ طُرُقَهُ فَشِقْوَةٌ لَازِمَةٌ أَوْ سَعَادَةٌ دَائِمَةٌ فَتَزَوَّدُوا فِي أَيَّامِ الْفَنَاءِ لِأَيَّامِ الْبَقَاءِ قَدْ دُلِلْتُمْ عَلَى الزَّادِ وَ أُمِرْتُمْ بِالظَّعْنِ وَ حُثِثْتُمْ عَلَى الْمَسِيرِ فَإِنَّمَا أَنْتُمْ كَرَكْبٍ وُقُوفٍ لَا يَدْرُونَ مَتَى يُؤْمَرُونَ بِالسَّيْرِ.

۽ پاڻ ﷺ فرمايو: اي علي بيشڪ قوم عنقريب پنهنجي مال سان آزمائي ويندي. ۽ سندن دين سان پنهنجي پالڻهار تي احسان جتائيندا ۽ ان جي رحمت جي تمنا ڪندا ۽ ان جي عذاب کان پاڻ کي محفوظ سمجهندا. ۽ ڪوڙن شبهن ۽ غافل ڪندڙ خواهشن سان سندس حرام کي حلال ڪندا. پوءِ شراب کي نبيذ سان، ۽ رشوت کي تحفي سان، ۽ وياج کي واپار سان حلال ڪندا. مون چيو: اي الله جا رسول، پوءِ ان وقت ڪين کهڙي مقام تي سمجهان؟ ڇا مرتد جي مقام تي، يا فتني جي مقام تي؟ پوءِ پاڻ ﷺ فرمايو: فتني جي مقام تي.

## ١٥٧_ امام عليه السلام جو خطبو. جنهن ۾ پاڻ عليه السلام ماڻهن کي پرهيزگاريءَ تي اياريو آهي

سڀ ساراهون ان الله جي لاءِ آهن جنهن حمد کي پنهنجي ياد جي ڪُنجي ۽ پنهنجي فضل جي واڌاري لاءِ سبب، ۽ پنهنجي نعمتن ۽ عظمتن تي رهنمائي قرار ڏني.

الله جا ٻانهؤ، بيشڪ زمانو رهيل ماڻهن سان به ائين هلندو جيئن هو گذري ويل ماڻهن سان هليو آهي. جيڪو ان مان ويو سو واپس نه ورندو ۽ جيڪو ان ۾ آهي سو هميشه باقي نه رهندو. ان جو آخري ڪم سندس پهرين وانگر آهي. انجا مسئلا هڪجهڙا آهن. ۽ پنهنجي جهنڊن کي ڏيڪارڻ وارو آهي. ڇڻ ته توهان قيامت ۾ آهيو ۽ هو توهان کي ائين هڪلي ٿو جيئن جت پنهنجي ڇڙي ڏاچيءَ کي هڪليندو آهي. بس جنهن پنهنجو پاڻ کي ٻئي ڪنهن لاءِ مصروف ڪيو ته اونداهين ۾ سرگردان ۽ هلاڪتن ۾ پريشان رهيو. ۽ سندس شيطان ڪيس سرڪشين ۾ ڇڪي وجن ٿا. ۽ ان جي خراب عملن کي سندس لاءِ سنوارين ٿا. بس اڳتي وڌندڙن جي منزل جنّت ۽ ڪوتاهي ڪندڙن جي منزل جهنم آهي.



الله جا ٻانهؤ، ڄاڻو ته بيشڪ تقوىٰ عزت وارو گهر آهي، ۽ بيچڙائي ذلت وارو گهر آهي جيڪو نه پنهنجي اهل کان روڪي ٿو، ۽ نه ان ڏانهن پناه وٺندڙ بچي ٿو. ياد رکو ته تقوىٰ سان ئي خطائن جي غلبي کي ختم ڪيو وڃي ٿو. ۽ يقين سان آخري منزل کي ماڻي سگهجي ٿو. الله جا ٻانهؤ! پنهنجي سڀ کان وڌيڪ محبوب ۽ پنهنجي سڀ کان وڌيڪ پياري نفس جي باري ۾ الله کان ڊڄو. ان لاءِ ته بيشڪ الله توهان لاءِ حق جي وات کي واضح ڪيو آهي ۽ ان جي رستن کي روشن ڪري ڇڏيو آهي. بس يا ته هميشه بدبختي آهي يا ته هميشه سعادت آهي. ۽ فنا جي ڏينهنَ ۾ بقا جي ڏينهنَ لاءِ سمر سهيڙيو. بيشڪ توهان کي سمر بابت رهنمائي ڏني وئي آهي. ۽ سفر جو به امر ڏنو ويو آهي. ۽ توهان کي هلڻ لاءِ اُياريو ويو آهي. توهان ته رڳو ان بيٺل قافلي وارن وانگر آهيو جيڪي نٿا ڄاڻن ته ڪڏهن روانگيءَ جو حڪم ڏنو ويندن.

أَلَا فَمَا يَصْنَعُ بِالدُّنْيَا مَنْ خُلِقَ لِلْآخِرَةِ وَ مَا يَصْنَعُ بِالْمَالِ مَنْ عَمَّا قَلِيلٍ يُسْلَبُهُ وَ تَبْقَى عَلَيْهِ تَبِعَتُهُ وَ حِسَابُهُ.

عِبَادَ اللَّهِ إِنَّهُ لَيْسَ لِمَا وَعَدَ اللَّهُ مِنَ الْخَيْرِ مَتْرَكٌ وَ لَا فِيمَا نَهَى عَنْهُ مِنَ الشَّرِّ مَرْغَبٌ عِبَادَ اللَّهِ احْذَرُوا يَوْماً تُفْحَصُ فِيهِ الْأَعْمَالُ وَ يَكْثُرُ فِيهِ الزِّلْزَالُ وَ تَشِيبُ فِيهِ الْأَطْفَالُ اعْلَمُوا عِبَادَ اللَّهِ أَنَّ عَلَيْكُمْ رَصَداً مِنْ أَنْفُسِكُمْ وَ عُيُوناً مِنْ جَوَارِحِكُمْ وَ حُفَّاظَ صِدْقٍ يَحْفَظُونَ أَعْمَالَكُمْ وَ عَدَدَ أَنْفَاسِكُمْ لَا تَسْتُرُكُمْ مِنْهُمْ ظُلْمَةُ لَيْلٍ دَاجٍ وَ لَا يُكِنُّكُمْ مِنْهُمْ بَابٌ ذُو رِتَاجٍ.

وَ إِنَّ غَداً مِنَ الْيَوْمِ قَرِيبٌ يَذْهَبُ الْيَوْمُ بِمَا فِيهِ وَ يَجِيءُ الْغَدُ لَاحِقاً بِهِ فَكَأَنَّ كُلَّ امْرِئٍ مِنْكُمْ قَدْ بَلَغَ مِنَ الْأَرْضِ مَنْزِلَ وَحْدَتِهِ وَ مَخَطَّ حُفْرَتِهِ فَيَا لَهُ مِنْ بَيْتِ وَحْدَةٍ وَ مَنْزِلِ وَحْشَةٍ وَ مُفْرَدِ غُرْبَةٍ. وَ كَأَنَّ الصَّيْحَةَ قَدْ أَتَتْكُمْ وَ السَّاعَةَ قَدْ غَشِيَتْكُمْ وَ بَرَزْتُمْ لِفَصْلِ الْقَضَاءِ قَدْ زَاحَتْ عَنْكُمُ الْأَبَاطِيلُ وَ اضْمَحَلَّتْ عَنْكُمُ الْعِلَلُ وَ اسْتَحَقَّتْ بِكُمُ الْحَقَائِقُ وَ صَدَرَتْ بِكُمُ الْأُمُورُ مَصَادِرَهَا فَاتَّعِظُوا بِالْعِبَرِ وَ اعْتَبِرُوا بِالْغِيَرِ وَ انْتَفِعُوا بِالنُّذُرِ.

## ١٥٨ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*ينبه فيها على فضل الرسول الأعظم، و فضل القرآن، ثم حال دولة بني أمية.*



### النبي و القرآن

أَرْسَلَهُ عَلَى حِينِ فَتْرَةٍ مِنَ الرُّسُلِ وَ طُولِ هَجْعَةٍ مِنَ الْأُمَمِ وَ انْتِقَاضٍ مِنَ الْمُبْرَمِ فَجَاءَهُمْ بِتَصْدِيقِ الَّذِي بَيْنَ يَدَيْهِ وَ النُّورِ الْمُقْتَدَى بِهِ ذَلِكَ الْقُرْآنُ.

فَاسْتَنْطِقُوهُ وَ لَنْ يَنْطِقَ وَ لَكِنْ أُخْبِرُكُمْ عَنْهُ أَلَا إِنَّ فِيهِ عِلْمَ مَا يَأْتِي وَ الْحَدِيثَ عَنِ الْمَاضِي وَ دَوَاءَ دَائِكُمْ وَ نَظْمَ مَا بَيْنَكُمْ.

ياد رکو تہ هو دنيا کي ڇا ڪندو جيڪو آخرت لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي، ۽ هو مال کي ڇا ڪندو جنهن کان عنقريب اهو کسيو ويندو، ۽ ان جو پڇاڙو ۽ حساب مٿس باقي رهندو. الله جا ٻانهؤ، بيشڪ الله جنهن ڀلائيءَ جو واعدو ڪيو آهي تنهن کي ڇڏڻو ناهي، ۽ نہ وري جنهن برائيءَ کان روڪيو اٿس تنهن ۾ رغبت رکڻي آهي. الله جا ٻانهؤ! ڊڄو ان ڏينهن کان جنهن ۾ عملن جي جانچ پڙتال ڪئي ويندي، ۽ جنهن ۾ زلزلا گهڻا ايندا ۽ جنهن ۾ ٻار پوڙها ٿي ويندا. الله جا ٻانهؤ، ڄاڻو تہ بيشڪ توهان جا نفس توهان مٿان نگهبان آهن. ۽ توهانجا عضوا جاسوس آهن. ۽ سچا سنڀاليندڙ آهن جيڪي توهان جي عملن کي ۽ توهان جي ساهہ کڻڻ جي تعداد کي محفوظ ڪن ٿا. نہ گُگهہ رات جي اونداهي توهان کي ڪانئن ڍڪي سگهي ٿي، ۽ نہ مضبوط دروازو توهان کي انهن کان لڪائي سگهي ٿو. ۽ سڀاڻڪو ڏينهن اڄ جي ڏينهن کي ويجهو آهي. اڄوڪو ڏينهن پنهنجي شين سوڌو هليو ويندو. ۽ سڀاڻڪو ڏينهن ان جي پُٺيان اچي ويندو. پوءِ جڻ تہ توهان مان هر ڪو ماڻهو زمين مان پنهنجي تنهائيءَ جي منزل، ۽ پنهنجي قبر جي حدبنديءَ تائين پهچي ويو آهي. هاءِ افسوس ان شخص لاءِ جيڪو تنهائيءَ جي گهر، ۽ وحشت جي جاءِ، ۽ مسافريءَ جي اڪيلائي ۾ هوندو. ۽ جڻ تہ رڙ توهان تائين اچي چڪي آهي، ۽ قيامت توهان تي ڇانئجي وئي آهي. ۽ آخري فيصلي لاءِ توهان نڪري آيا آهيو. ۽ باطل توهان لاءِ پڌرا ٿي چڪا آهن. ۽ بهانا توهان کان مِٽجي چڪا آهن. ۽ حقيقتون توهان لاءِ ثابت ٿي چڪيون آهن. ۽ توهانجا سڀ ڪم پنهنجن جاين تي اچي چڪا آهن. بس عبرتن مان نصيحت وٺو، ۽ تبديلين کان درس پرايو، ۽ ڊيڄارڻ وارن مان فائدو ماڻيو.



## ١٥٨_ امام عليہ السلام جو خطبو

### جنهن ۾ پاڻ عليہ السلام رسول ڪريم صلى الله عليہ وآلہ وسلم ۽ قرآن مجيد جي فضيلت طرف توجہ ڏياري آهي ۽ پوءِ بني اميہ جي حڪومت جو احوال بيان ڪيو آهي.

### نبي پاڪ صلى الله عليہ وآلہ وسلم ۽ قرآن مجيد

الله تعالىٰ کيس ان وقت موڪليو جڏهن زمانو رسولن کان خالي هيو. ۽ امتون ڊگهيءَ ننڊ ۾ ستل هيون. ۽ مضبوط رسيءَ جا وَرَ کُلي ويا هئا. پوءِ پاڻ صلى الله عليہ وآلہ وسلم انهن وٽ ان تعليمات جي تصديق سان جيڪا سندس اڳيان هئي. ۽ ان نور سان جنهن جي پيروي ڪئي وڃي آيا. اهو قرآن مجيد آهي، بس انکي ڳالهرايو، پر هو هرگز نہ ڳالهائيندو، مگر آءٌ توهان کي ان طرفان ٻڌايان ٿو. ياد رکو تہ بيشڪ ان ۾ مستقبل جو علم ۽ گذريل زماني جون ڳالهيون، ۽ توهان جي بيمارين جي دوا، ۽ توهان جي مسئلن جو نظام آهي.

### دولة بني أمية و منها

فَعِنْدَ ذَلِكَ لَا يَبْقَى بَيْتُ مَدَرٍ وَ لَا وَبَرٍ إِلَّا وَ أَدْخَلَهُ الظَّلَمَةُ تَرْحَةً وَ أَوْلَجُوا فِيهِ نِقْمَةً فَيَوْمَئِذٍ لَا يَبْقَى لَهُمْ فِي السَّمَاءِ عَاذِرٌ وَ لَا فِي الْأَرْضِ نَاصِرٌ أَصْفَيْتُمْ بِالْأَمْرِ غَيْرَ أَهْلِهِ وَ أَوْرَدْتُمُوهُ غَيْرَ مَوْرِدِهِ. وَ سَيَنْتَقِمُ اللَّهُ مِمَّنْ ظَلَمَ مَأْكَلًا بِمَأْكَلٍ وَ مَشْرَباً بِمَشْرَبٍ مِنْ مَطَاعِمِ الْعَلْقَمِ وَ مَشَارِبِ الصَّبِرِ وَ الْمَقِرِ وَ لِبَاسِ شِعَارِ الْخَوْفِ وَ دِثَارِ السَّيْفِ وَ إِنَّمَا هُمْ مَطَايَا الْخَطِيئَاتِ وَ زَوَامِلُ الْآثَامِ فَأُقْسِمُ ثُمَّ أُقْسِمُ لَتَنْخَمَنَّهَا أُمَيَّةُ مِنْ بَعْدِي كَمَا تُلْفَظُ النُّخَامَةُ ثُمَّ لَا تَذُوقُهَا وَ لَا تَطْعَمُ بِطَعْمِهَا أَبَداً مَا كَرَّ الْجَدِيدَانِ.

## ١٥٩ــ و من خطبة له عليه السلام

*يبين فيها حسن معاملته لرعيته.*

وَ لَقَدْ أَحْسَنْتُ جِوَارَكُمْ وَ أَحَطْتُ بِجُهْدِي مِنْ وَرَائِكُمْ وَ أَعْتَقْتُكُمْ مِنْ رِبَقِ الذُّلِّ وَ حَلَقِ الضَّيْمِ شُكْراً مِنِّي لِلْبِرِّ الْقَلِيلِ وَ إِطْرَاقاً عَمَّا أَدْرَكَهُ الْبَصَرُ وَ شَهِدَهُ الْبَدَنُ مِنَ الْمُنْكَرِ الْكَثِيرِ.



## ١٦٠ــ و من خطبة له عليه السلام

### عظمة الله

أَمْرُهُ قَضَاءٌ وَ حِكْمَةٌ وَ رِضَاهُ أَمَانٌ وَ رَحْمَةٌ يَقْضِي بِعِلْمٍ وَ يَعْفُو بِحِلْمٍ.

### حمد الله

اللَّهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ عَلَى مَا تَأْخُذُ وَ تُعْطِي وَ عَلَى مَا تُعَافِي وَ تَبْتَلِي حَمْداً يَكُونُ أَرْضَى الْحَمْدِ لَكَ وَ أَحَبَّ الْحَمْدِ إِلَيْكَ وَ أَفْضَلَ الْحَمْدِ عِنْدَكَ.

### انهيءَ منجهان، بني اميہ جي حڪومت

پوءِ ان وقت ڪو بہ پڪو گھر ۽ خيمو نہ بچندو، مگر ظالم ان ۾ رَنج کي پهچائيندا، ۽ ان ۾ سختيءَ کي داخل ڪندا. پوءِ ان ڏينهن توهان لاءِ نہ آسمان ۾ عذر قبول ڪرڻ وارو، ۽ نہ زمين ۾ مددگار بچندو. جو توهان خلافت لاءِ نااهل کي چونديو، ۽ انکي اهڙي گهيڙ ۾ لاتو جيڪو ان جي لهڻ جو نہ هيو، ۽ عنقريب جن ظلم ڪيو تن کان الله بدلو وٺندو. ڪاڏي جو ڪاڏي سان ۽ پيتي جو پيتي سان، جو ٿوهہ جهڙي ڪاڏي سان ۽ ڪڙيءَ رس ۽ زهر جهڙي پيتي سان. ۽ خوف جي صدريءَ ۽ تلوار جي چادر سان. اهي تہ رڳو خطائن جون سواريون ۽ گناهن جو بار کڻندڙ جانور آهن. آءٌ قسم کڻان ٿو ۽ وري بہ آءٌ قسم کڻان ٿو تہ ضرور مون کانپوءِ اموي خلافت کي ائين ٿُڪاريندا جيئن ڪانگهارو ٿوڪاربو آهي. پوءِ جيستائين رات ۽ ڏينهن جو چڪر هلندو هو ڪڏهن بہ انکي نہ چکي سگهندا، ۽ نہ وري ان جو ذائقو ماڻي سگهندا.

### ١٥٩_ امام عليہ السلام جو خطبو، جنهن ۾ پاڻ عليہ السلام پنهنجي رعايا سان ڀلي ورتاء کي بيان ڪيو آهي

بيشڪ آءٌ توهان جو سنو پاڙيسري ٿي رهيو آهيان. ۽ پنهنجي وس آهر توهان جي حفاظت ڪندو رهيو آهيان. ۽ توهان کي مون ذلت جي ڦندن ۽ ظلم جي زنجيرن مان آزاد ڪيو آهي. توهان جي ٿورڙيءَ ڀلائي جو شڪر ادا ڪرڻ، ۽ توهان جي ڪيترين ئي اهڙين بُراين کان درگذر ڪرڻ لاءِ جن کي اکين ڏٺو ۽ بدن مشاهدو ڪيو.



### ١٦٠_ امام عليہ السلام جو خطبو

#### الله تعالىٰ جي عظمت

ان جو امر حتمي ۽ حڪمت ڀريو آهي. ۽ ان جو راضپو امانُ ۽ رحمت آهي. هو علم سان فيصلو ڪري ٿو ۽ بُردباريءَ سان بخشي ٿو.

#### الله تعالىٰ جي ساراهہ

اي الله تنهنجي لاءِ ئي ساراهہ آهي ان تي جيڪو تون وٺين ٿو ۽ جيڪو تون عطا ڪرين ٿو. ۽ ان تي جنهن جي تون معافي ڏين ٿو ۽ جنهن ۾ مبتلا ڪرين ٿو. اهڙيءَ ساراهہ جيڪا ساراهہ تو کي وڌيڪ راضي ڪري، ۽ جيڪا ساراهہ تو کي وڌيڪ پسند هجي ۽ جيڪا ساراهہ تو وٽ وڌيڪ ڀلي هجي.

حَمْداً يَمْلَأُ مَا خَلَقْتَ وَ يَبْلُغُ مَا أَرَدْتَ حَمْداً لَا يُحْجَبُ عَنْكَ وَ لَا يُقْصِرُ دُونَكَ حَمْداً لَا يَنْقَطِعُ عَدَدُهُ وَ لَا يَفْنَى مَدَدُهُ.

فَلَسْنَا نَعْلَمُ كُنْهَ عَظَمَتِكَ إِلَّا أَنَّا نَعْلَمُ أَنَّكَ حَيٌّ قَيُّومُ لَا تَأْخُذُكَ سِنَةٌ وَ لا نَوْمٌ لَمْ يَنْتَهِ إِلَيْكَ نَظَرٌ وَ لَمْ يُدْرِكْكَ بَصَرٌ أَدْرَكْتَ الْأَبْصَارَ وَ أَحْصَيْتَ الْأَعْمَالَ وَ أَخَذْتَ بِالنَّوَاصِي وَ الْأَقْدَامِ.

وَ مَا الَّذِي نَرَى مِنْ خَلْقِكَ وَ نَعْجَبُ لَهُ مِنْ قُدْرَتِكَ وَ نَصِفُهُ مِنْ عَظِيمِ سُلْطَانِكَ وَ مَا تَغَيَّبَ عَنَّا مِنْهُ وَ قَصُرَتْ أَبْصَارُنَا عَنْهُ وَ انْتَهَتْ عُقُولُنَا دُونَهُ وَ حَالَتْ سُتُورُ الْغُيُوبِ بَيْنَنَا وَ بَيْنَهُ أَعْظَمُ فَمَنْ فَرَّغَ قَلْبَهُ وَ أَعْمَلَ فِكْرَهُ لِيَعْلَمَ كَيْفَ أَقَمْتَ عَرْشَكَ وَ كَيْفَ ذَرَأْتَ خَلْقَكَ وَ كَيْفَ عَلَّقْتَ فِي الْهَوَاءِ سَمَاوَاتِكَ وَ كَيْفَ مَدَدْتَ عَلَى مَوْرِ الْمَاءِ أَرْضَكَ رَجَعَ طَرْفُهُ حَسِيراً وَ عَقْلُهُ مَبْهُوراً وَ سَمْعُهُ وَالِهاً وَ فِكْرُهُ حَائِراً.

## كيف يكون الرجاء منها

يَدَّعِي بِزَعْمِهِ أَنَّهُ يَرْجُو اللَّهَ كَذَبَ وَ الْعَظِيمِ مَا بَالُهُ لَا يَتَبَيَّنُ رَجَاؤُهُ فِي عَمَلِهِ فَكُلُّ مَنْ رَجَا عُرِفَ رَجَاؤُهُ فِي عَمَلِهِ وَ كُلُ رَجَاءٍ إِلَّا رَجَاءَ اللَّهِ تَعَالَى فَإِنَّهُ مَدْخُولٌ وَ كُلُّ خَوْفٍ مُحَقَّقٌ إِلَّا خَوْفَ اللَّهِ فَإِنَّهُ مَعْلُولٌ.



يَرْجُو اللَّهَ فِي الْكَبِيرِ وَ يَرْجُو الْعِبَادَ فِي الصَّغِيرِ فَيُعْطِي الْعَبْدَ مَا لَا يُعْطِي الرَّبَّ فَمَا بَالُ اللَّهِ جَلَّ ثَنَاؤُهُ يُقَصَّرُ بِهِ عَمَّا يُصْنَعُ بِهِ لِعِبَادِهِ أَ تَخَافُ أَنْ تَكُونَ فِي رَجَائِكَ لَهُ كَاذِباً أَوْ تَكُونَ لَا تَرَاهُ لِلرَّجَاءِ مَوْضِعاً وَ كَذَلِكَ إِنْ هُوَ خَافَ عَبْداً مِنْ عَبِيدِهِ أَعْطَاهُ مِنْ خَوْفِهِ مَا لَا يُعْطِي رَبَّهُ.

اهڙي ساراهه جيڪا تنهنجي ڪائنات کي پري ڇڏي. ۽ جيستائين تون چاهين پهچي. اهڙي ساراهه جيڪا تو کان روڪي نه وڃي، ۽ نه وري تو تائين پهچائي نه وڃي. اهڙيءَ ساراهه جنهن جو ڳاڻاٽو نه ٽٽي، ۽ جنهن جو سلسلو نه کُٽي. اسان تنهنجي ڪُنهه عظمت کي نٿا ڄاڻي سگهون. سواءِ ان جي جو اسان اهو ڄاڻون ٿا ته بيشڪ تون هميشه زنده ۽ قائم رکندڙ آهين. تو کي نه پنڪي اچي ٿي، ۽ نه ننڊ. نظر تو تائين پهچي نٿي سگهي، ۽ نه اک تو کي پائي سگهي ٿي. پر تون اکين کي درڪ ڪرين ٿو ۽ عملن کي ڳڻين ٿو. ۽ تون پيشانيون ۽ پير قابو ڪرين ٿو.

۽ جيڪو تنهنجي مخلوق مان اسان ڏسون ٿا. ۽ تنهنجي قدرت مان اسان تعجب ڪريون ٿا. ۽ تنهنجي جنهن عظيم بادشاهت جي واکاڻ ڪريون ٿا (اها ڪيڏي نه ننڍي آهي) حالانڪ ان مان جيڪي اسان کان غائب آهن ۽ اسان جون اکيون جن کان کُتل آهن. ۽ اسانجا عقل جن تائين نٿا پهچن. اسان جي ۽ هنجي درميان جيڪي روڪيندڙ پردا آهن تن کان گهڻو وڏيڪ آهي. بس جنهن پنهنجيءَ دل کي خالي ڪيو، ۽ پنهنجي سوچ کان ڪم ورتو اهو ڄاڻي لاءِ ته ڪيئن تو پنهنجي عرش کي قائم ڪيو آهي. ۽ ڪيئن پنهنجي مخلوق کي پيدا ڪيو آهي. ۽ ڪيئن پنهنجي آسمانن کي هوا ۾ بيهاريو آهي، ۽ ڪيئن پاڻيءَ جي ڇولين تي پنهنجي زمين کي وڇايو آهي. ته ان جي اک ٿڪجي، ۽ ان جو عقل حيران ٿئي، ۽ انجا ڪن ناڪاره ٿي، ۽ ان جو فڪر پريشان ٿي موٽي ايندو.

### انهيءَ منجهان، اميد ڪيئن ٿيندي

هو پنهنجي گمان ۾ اها دعوىٰ ڪري ٿو ته هو الله ۾ اميد رکي ٿو. عظيم ذات جو قسم هو ڪوڙو آهي. انکي ڇا ٿيو آهي جو سنديءَ اميد کي پنهنجي عمل ۾ ظاهر نٿو ڪري؟ پوءِ جيڪو به اميد ڪري ته ان جي اميد سندس عمل ۾ ڄاتي ويندي آهي. ۽ هر اميد سواءِ الله تعالىٰ ۾ اميد جي ملاوٽ ٿيل آهي ۽ هر خوف واقعي آهي سواءِ الله تعالىٰ جي خوف جي ۽ اهو معمولي آهي. هو الله ۾ وڏين شين جي اميد رکي ٿو ۽ ٻانهنَ ۾ ننڍين شين جي اميد رکي ٿو. پوءِ هو ٻانهي کي اهو مقام ڏئي ٿو جيڪو پالڻهار کي نٿو ڏئي.



پوءِ وڏي شان واري الله سان ائين ڇو ٿو ڪيو وڃي جو ڪيس ان کان گهٽايو وڃي ٿو جيڪو سندس ٻندن لاءِ ڪيو وڃي ٿو؟ ڇا تون ڊڄين ٿو ته تون ان ۾ پنهنجي اميد بابت ڪوڙو هجين؟ يا تون ڪيس اميد جوڳو نٿو ڀانئين؟ ۽ اهڙيءَ طرح اگر انسان الله جي ٻانهن مان ڪنهن ٻانهي کان ڊڄي ٿو ته هو انکي خوف جي ڪري اهڙو مقام ڏئي ٿو جهڙو پنهنجي پالڻهار کي نٿو ڏئي.

فَجَعَلَ خَوْفَهُ مِنَ الْعِبَادِ نَقْداً وَ خَوْفَهُ مِنْ خَالِقِهِ ضِمَاراً وَ وَعْداً وَ كَذَلِكَ مَنْ عَظُمَتِ الدُّنْيَا فِي عَيْنِهِ وَ كَبُرَ مَوْقِعُهَا مِنْ قَلْبِهِ آثَرَهَا عَلَى اللَّهِ تَعَالَى فَانْقَطَعَ إِلَيْهَا وَ صَارَ عَبْداً لَهَا.

## رسول الله ﷺ

وَ لَقَدْ كَانَ فِي رَسُولِ اللَّهِ ﷺ كَافٍ لَكَ فِي الْأُسْوَةِ وَ دَلِيلٌ لَكَ عَلَى ذَمِّ الدُّنْيَا وَ عَيْبِهَا وَ كَثْرَةِ مَخَازِيهَا وَ مَسَاوِيهَا إِذْ قُبِضَتْ عَنْهُ أَطْرَافُهَا وَ وُطِّئَتْ لِغَيْرِهِ أَكْنَافُهَا وَ فُطِمَ عَنْ رَضَاعِهَا وَ زُوِيَ عَنْ زَخَارِفِهَا.

## موسى عليه السلام

وَ إِنْ شِئْتَ ثَنَّيْتُ بِمُوسَى كَلِيمِ اللَّهِ عليه السلام حَيْثُ يَقُولُ رَبِّ إِنِّي لِما أَنْزَلْتَ إِلَيَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيرٌ وَ اللَّهِ مَا سَأَلَهُ إِلَّا خُبْزاً يَأْكُلُهُ لِأَنَّهُ كَانَ يَأْكُلُ بَقْلَةَ الْأَرْضِ وَ لَقَدْ كَانَتْ خُضْرَةُ الْبَقْلِ تُرَى مِنْ شَفِيفِ صِفَاقِ بَطْنِهِ لِهُزَالِهِ وَ تَشَذُّبِ لَحْمِهِ.

## داود عليه السلام

وَ إِنْ شِئْتَ ثَلَّثْتُ بِدَاوُدَ عليه السلام صَاحِبِ الْمَزَامِيرِ وَ قَارِئِ أَهْلِ الْجَنَّةِ فَلَقَدْ كَانَ يَعْمَلُ سَفَائِفَ الْخُوصِ بِيَدِهِ وَ يَقُولُ لِجُلَسَائِهِ أَيُّكُمْ يَكْفِينِي بَيْعَهَا وَ يَأْكُلُ قُرْصَ الشَّعِيرِ مِنْ ثَمَنِهَا.

## عيسى عليه السلام

وَ إِنْ شِئْتَ قُلْتُ فِي عِيسَى ابْنِ مَرْيَمَ عليه السلام فَلَقَدْ كَانَ يَتَوَسَّدُ الْحَجَرَ وَ يَلْبَسُ الْخَشِنَ وَ يَأْكُلُ الْجَشِبَ وَ كَانَ إِدَامُهُ الْجُوعَ وَ سِرَاجُهُ بِاللَّيْلِ الْقَمَرَ وَ ظِلَالُهُ فِي الشِّتَاءِ مَشَارِقَ الْأَرْضِ وَ مَغَارِبَهَا وَ فَاكِهَتُهُ وَ رَيْحَانُهُ مَا تُنْبِتُ الْأَرْضُ لِلْبَهَائِمِ.

وَ لَمْ تَكُنْ لَهُ زَوْجَةٌ تَفْتِنُهُ وَ لَا وَلَدٌ يَحْزُنُهُ وَ لَا مَالٌ يَلْفِتُهُ وَ لَا طَمَعٌ يُذِلُّهُ دَابَّتُهُ رِجْلَاهُ وَ خَادِمُهُ يَدَاهُ.

پوءِ هن ٻانهن کان پنهنجي خوف کي تڪڙو ۽ خالق کان پنهنجي خوف کي وسريل ۽ آسرن وارو ٻڻايو آهي. ۽ اهڙيءَ طرح جنهن جي نظر ۾ دنيا عظيم آهي ۽ سندس دل ۾ ان جو وڏو مقام آهي. تہ هن انکي الله تعالىٰ تي فوقيت ڏني ۽ ان سان خاص ٿيو ۽ ان جو غلام بڻجي ويو.

### رسول الله ﷺ

بيشڪ رسول الله ﷺ جي زندگي تو لاءِ نموني طور ڪافي آهي. تو لاءِ دنيا جي مذمت ۽ ان جي عيب ۽ ان جي گهٽيءَ رسوائي ۽ برائي لاءِ رهنمائي آهي جو ڪائنس دنيا جا ڪنارا بند ڪيا ويا ۽ ان جي غير لاءِ انجا پاسا ڪوليا ويا ۽ ڪائنس دنيا جي ٿڃ ڇڏرائي وئي ۽ دنيا جي سونهن روڪي وئي.

### موسىٰ عليه السلام

۽ اگر تون چاهين تہ موسىٰ ڪليم الله عليه السلام سان ٻيو مثال بيان ڪريان جيڪي چوندا هئا : پالڻهار بيشڪ آءٌ هر ان ڀلائي جو محتاج آهيان جا تون مون ڏي نازل ڪرين. الله جو قسم هن سوال نہ ڪيو هو سواءِ کائڻ لاءِ ماني جو، انکري تہ هو زمين جي سبزي کائيندو هو. بيشڪ سبزيءَ جي ساواڻ سندس پيٽ جي نازڪ چمڙيءَ مان ڏٺي ويندي هئي، ان جي ڪمزوريءَ ۽ سندس گوشت جي ڳري وڃڻ جي ڪري.

### داؤد عليه السلام

۽ جيڪڏهن تون چاهين تہ ٽيون مثال مزامير واري ۽ جنتين جي قاريءَ داؤد عليه السلام جو بيان ڪريان. بيشڪ هو پنهنجن هٿن سان کجيءَ جي ڦرهن مان ڇٻيون ٺاهيندو هو ۽ پنهنجي ساٿين کي فرمائيندو هو توهان مان ڪير منهنجي طرفان هنن کي وڪڻي ايندو. پوءِ انهن جي پيسن مان جَوَن جي ماني کائيندو هو.

### عيسىٰ عليه السلام

۽ اگر تون چاهين تہ مريم جي پٽ عيسىٰ عليه السلام جي باري ۾ چوان، تہ بيشڪ هو پٿر کي وهاڻو بڻائيندو هو ۽ کُهرا ڪپڙا پائيندو هو ۽ هو رُکي ماني کائيندو هو ۽ بُک هنجو ٻوڙ هوندو هو. ۽ رات جو سندس ڏيئو چنڊ هوندو هو، ۽ سياري ۾ سندس ڇَپَر زمين جو اوڀر ۽ اولهہ هوندو هو، ۽ سندس جو ميوو ۽ سندس جو سالاد اهو هوندو هو جيڪو زمين جانورن لاءِ ڦُٽائي. ۽ انکي گهرواريءَ نہ هوندي هئي جا ڪيس آزمائش ۾ وجهي. ۽ نہ وري پُٽ هيس جيڪو ڪيس ڏکارو ڪري، ۽ نہ ڪو مال هيس جو ڪيس متوجہ ڪري، ۽ نہ ڪا لالچ هئي جيڪا ڪيس خوار ڪري، سندس سواري پنهنجا پير هئا. ۽ سندس نوڪر پنهنجا ٻہ هٿ هئا.

## الرسول الأعظم ﷺ

فَتَأَسَّ بِنَبِيِّكَ الْأَطْيَبِ الْأَطْهَرِ ﷺ فَإِنَّ فِيهِ أُسْوَةً لِمَنْ تَأَسَّى وَ عَزَاءً لِمَنْ تَعَزَّى وَ أَحَبُّ الْعِبَادِ إِلَى اللَّهِ الْمُتَأَسِّي بِنَبِيِّهِ وَ الْمُقْتَصُّ لِأَثَرِهِ قَضَمَ الدُّنْيَا قَضْماً وَ لَمْ يُعِرْهَا طَرْفاً أَهْضَمُ أَهْلِ الدُّنْيَا كَشْحاً وَ أَخْمَصُهُمْ مِنَ الدُّنْيَا بَطْناً عُرِضَتْ عَلَيْهِ الدُّنْيَا فَأَبَى أَنْ يَقْبَلَهَا وَ عَلِمَ أَنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ أَبْغَضَ شَيْئاً فَأَبْغَضَهُ وَ حَقَّرَ شَيْئاً فَحَقَّرَهُ وَ صَغَّرَ شَيْئاً فَصَغَّرَهُ.

وَ لَوْ لَمْ يَكُنْ فِينَا إِلَّا حُبُّنَا مَا أَبْغَضَ اللَّهُ وَ رَسُولُهُ وَ تَعْظِيمُنَا مَا صَغَّرَ اللَّهُ وَ رَسُولُهُ لَكَفَى بِهِ شِقَاقاً لِلَّهِ وَ مُحَادَّةً عَنْ أَمْرِ اللَّهِ وَ لَقَدْ كَانَ ﷺ يَأْكُلُ عَلَى الْأَرْضِ وَ يَجْلِسُ جِلْسَةَ الْعَبْدِ وَ يَخْصِفُ بِيَدِهِ نَعْلَهُ وَ يَرْقَعُ بِيَدِهِ ثَوْبَهُ وَ يَرْكَبُ الْحِمَارَ الْعَارِيَ وَ يُرْدِفُ خَلْفَهُ وَ يَكُونُ السِّتْرُ عَلَى بَابِ بَيْتِهِ فَتَكُونُ فِيهِ التَّصَاوِيرُ فَيَقُولُ يَا فُلَانَةُ لِإِحْدَى أَزْوَاجِهِ غَيِّبِيهِ عَنِّي.

فَإِنِّي إِذَا نَظَرْتُ إِلَيْهِ ذَكَرْتُ الدُّنْيَا وَ زَخَارِفَهَا فَأَعْرَضَ عَنِ الدُّنْيَا بِقَلْبِهِ وَ أَمَاتَ ذِكْرَهَا مِنْ نَفْسِهِ وَ أَحَبَّ أَنْ تَغِيبَ زِينَتُهَا عَنْ عَيْنِهِ لِكَيْلَا يَتَّخِذَ مِنْهَا رِيَاشاً وَ لَا يَعْتَقِدَهَا قَرَاراً وَ لَا يَرْجُوَ فِيهَا مُقَاماً فَأَخْرَجَهَا مِنَ النَّفْسِ وَ أَشْخَصَهَا عَنِ الْقَلْبِ وَ غَيَّبَهَا عَنِ الْبَصَرِ وَ كَذَلِكَ مَنْ أَبْغَضَ شَيْئاً أَبْغَضَ أَنْ يَنْظُرَ إِلَيْهِ وَ أَنْ يُذْكَرَ عِنْدَهُ.

وَ لَقَدْ كَانَ فِي رَسُولِ اللَّهِ ﷺ مَا يَدُلُّكَ عَلَى مَسَاوِئِ الدُّنْيَا وَ عُيُوبِهَا إِذْ جَاعَ فِيهَا مَعَ خَاصَّتِهِ وَ زُوِيَتْ عَنْهُ زَخَارِفُهَا مَعَ عَظِيمِ زُلْفَتِهِ.

بس تون پنهنجي پاڪ ۽ پاڪيزه نبيءَ ﷺ جي پيروي ڪر ان لاءِ ته بيشڪ سندس ذات ۾ پيروي ڪرڻ وارن لاءِ نمونو ۽ صبر ڪرڻ وارن لاءِ تسلي آهي. ۽ الله تعالیٰ وٽ سڀ کان پيارو سندس نبي ﷺ جي پيروي ڪرڻ وارو ۽ سندس نقشِ قدم تي هلڻ وارو آهي. جن فقط دنيا کي چکيو ۽ انکي نگاهه ۾ ئي نه آندائون. پاڻ ﷺ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ بُک ۾ گذر سفر ڪرڻ وارا ۽ خالي پيٽ سان رهڻ وارا هئا. دنيا سندس اڳيان پيش ڪئي وئي پر پاڻ ﷺ انکي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ۽ جڏهن ڄاتائون ته الله هڪ شيءِ کي ناپسند ڪيو آهي تڏهن پاڻ ﷺ به انکي ناپسند ڪيائون. ۽ جڏهن هن هڪ شيءِ کي حقير ڄاتو تڏهن پاڻ به انکي حقير سمجهائون. ۽ جڏهن هن هڪ شيءِ کي پست ڪيو تڏهن پاڻ به انکي پست ڄاتائون.

۽ اگر اسان ۾ ڪو عيب نه هجي سواءِ ان جي چاهڻ جي جنهن کي الله ۽ سندس رسول ناپسند ڪن ۽ انکي وڏو سمجهڻ جي جنهن کي الله ۽ سندس رسول پست سمجهن، ته اهو الله جي نافرمانيءَ ۽ ان جي امر جي مخالفت لاءِ ڪافي آهي. بيشڪ پاڻ ﷺ زمين تي ويهي کائيندا هئا. ۽ ٻانهن وانگر ويهندا هئا. ۽ پنهنجي هٿن سان سنديءَ جُتي کي ٽاڪا هڻندا هئا ۽ پنهنجي هٿن سان سندي ڪپڙن کي چتيون هڻندا هئا. ۽ آٽر کان خالي گڏهه تي سوار ٿيندا هئا. ۽ پنهنجي پُنيان ٻيله ڪنهن کي ويهاريندا هئا. ۽ سندس گهر جي دروازي تي پردو هيو جنهن ۾ تصويرون هيون، پوءِ پاڻ ﷺ پنهنجي گهروارين مان هڪ کي فرمايو اي فلاڻيءَ انکي مونکان غائب ڪر، جو آءٌ جڏهن به ان ڏانهن ڏسان ٿو ته دنيا ۽ ان جي سونهن کي ياد ڪريان ٿو.



بس پاڻ ﷺ پنهنجي دل سان دنيا کان پاسو ڪيو، ۽ پنهنجي اندر ۾ ان جي ياد کي ماري ڇڏيو. ۽ اهو پسند ڪيائون ته ان جي سونهن سندس اکين کان غائب رهي. ته جيئن نه ان مان عمدو لباس حاصل ڪن، ۽ نه ان ۾ هميشه رهڻ جو خيال رکن. ۽ نه ان ۾ مرتبو پائڻ جي اميد ڪن. پوءِ انکي اندر مان ڪڍي ڇڏيائون ۽ انکي دل مان ڏار ڪيائون. ۽ انکي اکين کان غائب ڪري ڇڏيائون. ۽ اهڙيءَ ئي طرح جيڪو ڪنهن شيءِ کي ناپسند ڪندو آهي ته ان ڏانهن ڏسڻ کي ۽ وٽس انکي ياد ڪرڻ کي به ناپسند ڪندو آهي. بيشڪ رسول الله ﷺ جي ذات ۾ اهڙيون خوبيون آهن جيڪي تنهنجي لاءِ دنيا جي بُرائيءَ ۽ ان جي عيبن تي رهنمائي ڪن جو جڏهن پاڻ ﷺ دنيا ۾ الله جي خاص ٻانهي هجڻ جي باوجود به بُکيا رهيا ۽ سندس عظيم مقام جي هوندي دنيا جي زينت کانئس روڪي وئي.

فَلْيَنْظُرْ نَاظِرٌ بِعَقْلِهِ أَكْرَمَ اللَّهُ مُحَمَّداً بِذَلِكَ أَمْ أَهَانَهُ فَإِنْ قَالَ أَهَانَهُ فَقَدْ كَذَبَ وَ اللَّهِ الْعَظِيمِ بِالْإِفْكِ الْعَظِيمِ وَ إِنْ قَالَ أَكْرَمَهُ فَلْيَعْلَمْ أَنَّ اللَّهَ قَدْ أَهَانَ غَيْرَهُ حَيْثُ بَسَطَ الدُّنْيَا لَهُ وَ زَوَاهَا عَنْ أَقْرَبِ النَّاسِ مِنْهُ.

فَتَأَسَّى مُتَأَسٍّ بِنَبِيِّهِ وَ اقْتَصَّ أَثَرَهُ وَ وَلَجَ مَوْلِجَهُ وَ إِلَّا فَلَا يَأْمَنِ الْهَلَكَةَ فَإِنَّ اللَّهَ جَعَلَ مُحَمَّداً ﷺ عَلَماً لِلسَّاعَةِ وَ مُبَشِّراً بِالْجَنَّةِ وَ مُنْذِراً بِالْعُقُوبَةِ خَرَجَ مِنَ الدُّنْيَا خَمِيصاً وَ وَرَدَ الْآخِرَةَ سَلِيماً لَمْ يَضَعْ حَجَراً عَلَى حَجَرٍ حَتَّى مَضَى لِسَبِيلِهِ وَ أَجَابَ دَاعِيَ رَبِّهِ.

فَمَا أَعْظَمَ مِنَّةَ اللَّهِ عِنْدَنَا حِينَ أَنْعَمَ عَلَيْنَا بِهِ سَلَفاً نَتَّبِعُهُ وَ قَائِداً نَطَأُ عَقِبَهُ وَ اللَّهِ لَقَدْ رَقَّعْتُ مِدْرَعَتِي هَذِهِ حَتَّى اسْتَحْيَيْتُ مِنْ رَاقِعِهَا وَ لَقَدْ قَالَ لِي قَائِلٌ أَ لَا تَنْبِذُهَا عَنْكَ فَقُلْتُ اغْرُبْ عَنِّي فَعِنْدَ الصَّبَاحِ يَحْمَدُ الْقَوْمُ السُّرَى.

## ١٦١ـ و من خطبة له عليه السلام

*في صفة النبي و أهل بيته و أتباع دينه، و فيها يعظ بالتقوى.*

### الرسول و أهله و أتباع دينه



ابْتَعَثَهُ بِالنُّورِ الْمُضِيءِ وَ الْبُرْهَانِ الْجَلِيِّ وَ الْمِنْهَاجِ الْبَادِي وَ الْكِتَابِ الْهَادِي أُسْرَتُهُ خَيْرُ أُسْرَةٍ وَ شَجَرَتُهُ خَيْرُ شَجَرَةٍ أَغْصَانُهَا مُعْتَدِلَةٌ وَ ثِمَارُهَا مُتَهَدِّلَةٌ.

مَوْلِدُهُ بِمَكَّةَ وَ هِجْرَتُهُ بِطَيْبَةَ عَلَا بِهَا ذِكْرُهُ وَ امْتَدَّ مِنْهَا صَوْتُهُ أَرْسَلَهُ بِحُجَّةٍ كَافِيَةٍ وَ مَوْعِظَةٍ شَافِيَةٍ وَ دَعْوَةٍ مُتَلَافِيَةٍ أَظْهَرَ بِهِ الشَّرَائِعَ الْمَجْهُولَةَ.

بس ڏسڻ واري کي گهرجي تہ پنهنجي عقل سان ڏسي تہ ان ذريعي الله تعالىٰ محمّد ﷺ جي عزت ڪئي آهي يا اهانت ڪئي آهي. بس اگر هن چيو تہ الله تعالىٰ ان جي اهانت ڪئي آهي تہ بيشڪ عظيم الله جو قسم هن وڏو ڪوڙو بُهتان هنيو آهي. ۽ اگر هن چيو تہ الله تعالىٰ ان جي عزت ڪئي آهي تہ پوءِ ڪيس اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ يقيناً الله تعالىٰ هن جي غير جي اهانت ڪئي آهي جو دنيا ان لاءِ ڪولي ڇڏي ۽ پنهنجي قريب ترين بندي کان اها پري ڪري ڇڏي. بس پيروي ڪرڻ واري کي گهرجي تہ پنهنجي نبيءَ ﷺ جي پيروي ڪري ۽ سندس نقشِ قدم تي هلي، ۽ سندن داخل ٿيڻ واريءَ جڳهہ ۾ داخل ٿئي، نہ تہ هو هلاڪت کان نہ بچي سگهندو. بيشڪ الله تعالىٰ محمّد ﷺ کي قيامت جي نشاني ۽ جنت جي خوشخبريءَ ڏيڻ وارو ۽ عذاب کان ڊيڄارڻ وارو بڻايو آهي. پاڻ ﷺ دنيا مان خالي پيٽ ويا ۽ آخرت ۾ سلامتيءَ سان داخل ٿيا. ۽ (پڪي گهر ناهڻ لاءِ) نہ پٿر کي پٿر تي رکيو تان جو ان جي واٽ تي هلي پيا، ۽ پنهنجي رب جي سڏيندڙ کي جيءُ چيائون. بس الله تعالىٰ جو اسان تي ڪيڏو نہ وڏو احسان آهي جنهن انکي اسان لاءِ اهڙي نعمت بڻائي ڇڏيو جنهن جي اسان پيروي ڪريون ۽ اهڙو سرواڻ بڻايو جنهن جي نقشِ قدم تي هلون. الله جو قسم بيشڪ مون پنهنجي هن جُبي کي ايتري قدر چتيون هڻايون آهن تان جو آءٌ چتيون هڻڻ واري کان حيا ڪريان ٿو. بيشڪ هڪ چوڻ واري مونکي چيو: ڇا انکي نہ اڇلائيندين؟ پوءِ مون چيو: مون کان ٿري وڃ جو صبح جي وقت ماڻهو رات جو هلڻ وارن جي تعريف ڪندا آهن.



## ١٦١_ امام عليہ السلام جو خطبو

### نبي ڪريم ﷺ، سندس اهل بيت عليهم السلام ۽ سندس دين جي پيروڪارن جي وصف بابت آهي، ۽ هن ۾ امام عليہ السلام پرهيزگاريءَ بابت نصيحت بہ ڪئي آهي.

#### رسول الله ﷺ، اهل بيت عليهم السلام ۽ سندس دين جا پيروڪار

الله تعالىٰ ڪيس روشن نور، چٽي بُرهان، واضح رستي ۽ هدايت ڏيندڙ ڪتاب سان موڪليو. سندس ڪُٽنب سڀ کان ڀلو ڪُٽنب، ۽ سندس شجر سڀ کان ڀلو شجر آهي، جنهن جون ٽاريون سِڌيون ۽ جنهن جا ميوا ويجها آهن. سندن ولادت مڪي ۾ ۽ سندن هجرت مديني طيبہ ڏانهن ٿي. جنهن ۾ سندن ذڪر بلند ٿيو، ۽ اتان کان سندن آواز وڌيو. الله تعالىٰ ڪيس پوري حجت، شفاء بخش نصيحت، ۽ پورائو ڪندڙ دعوت سان موڪليو. هن سندس ذريعي لِڪيل شريعتن کي ظاهر ڪيو.

وَ قَمَعَ بِهِ الْبِدَعَ الْمَدْخُولَةَ وَ بَيَّنَ بِهِ الْأَحْكَامَ الْمَفْصُولَةَ فَمَنْ يَبْتَغِ غَيْرَ الْإِسْلامِ دِيناً تَتَحَقَّقْ شِقْوَتُهُ وَ تَنْفَصِمْ عُرْوَتُهُ وَ تَعْظُمْ كَبْوَتُهُ وَ يَكُنْ مَآبُهُ إِلَى الْحُزْنِ الطَّوِيلِ وَ الْعَذَابِ الْوَبِيلِ وَ أَتَوَكَّلُ عَلَى اللَّهِ تَوَكُّلَ الْإِنَابَةِ إِلَيْهِ وَ أَسْتَرْشِدُهُ السَّبِيلَ الْمُؤَدِّيَةَ إِلَى جَنَّتِهِ الْقَاصِدَةَ إِلَى مَحَلِّ رَغْبَتِه.

## النصح بالتقوى

أُوصِيكُمْ عِبَادَ اللَّهِ بِتَقْوَى اللَّهِ وَ طَاعَتِهِ فَإِنَّهَا النَّجَاةُ غَداً وَ الْمَنْجَاةُ أَبَداً رَهَّبَ فَأَبْلَغَ وَ رَغَّبَ فَأَسْبَغَ وَ وَصَفَ لَكُمُ الدُّنْيَا وَ انْقِطَاعَهَا وَ زَوَالَهَا وَ انْتِقَالَهَا فَأَعْرِضُوا عَمَّا يُعْجِبُكُمْ فِيهَا لِقِلَّةِ مَا يَصْحَبُكُمْ مِنْهَا أَقْرَبُ دَارٍ مِنْ سَخَطِ اللَّهِ وَ أَبْعَدُهَا مِنْ رِضْوَانِ اللَّهِ. فَغُضُّوا عَنْكُمْ عِبَادَ اللَّهِ غُمُومَهَا وَ أَشْغَالَهَا لِمَا قَدْ أَيْقَنْتُمْ بِهِ مِنْ فِرَاقِهَا وَ تَصَرُّفِ حَالاتِهَا فَاحْذَرُوهَا حَذَرَ الشَّفِيقِ النَّاصِحِ وَ الْمُجِدِّ الْكَادِحِ.

وَ اعْتَبِرُوا بِمَا قَدْ رَأَيْتُمْ مِنْ مَصَارِعِ الْقُرُونِ قَبْلَكُمْ قَدْ تَزَايَلَتْ أَوْصَالُهُمْ وَ زَالَتْ أَبْصَارُهُمْ وَ أَسْمَاعُهُمْ وَ ذَهَبَ شَرَفُهُمْ وَ عِزُّهُمْ وَ انْقَطَعَ سُرُورُهُمْ وَ نَعِيمُهُمْ.

فَبُدِّلُوا بِقُرْبِ الْأَوْلَادِ فَقْدَهَا وَ بِصُحْبَةِ الْأَزْوَاجِ مُفَارَقَتَهَا لَا يَتَفَاخَرُونَ وَ لَا يَتَنَاسَلُونَ وَ لَا يَتَزَاوَرُونَ وَ لَا يَتَحَاوَرُونَ.

فَاحْذَرُوا عِبَادَ اللَّهِ حَذَرَ الْغَالِبِ لِنَفْسِهِ الْمَانِعِ لِشَهْوَتِهِ النَّاظِرِ بِعَقْلِهِ فَإِنَّ الْأَمْرَ وَاضِحٌ وَ الْعَلَمَ قَائِمٌ وَ الطَّرِيقَ جَدَدٌ وَ السَّبِيلَ قَصْد.

۽ ان ذريعي داخل ڪيل بدعتن کي مِٽايو. ۽ ان ذريعي تفصيلي احڪامن کي بيان ڪيو. بس جيڪو اسلام کان علاوه ڪنهن دين کي چاهيندو ته ان جي بدبختي يقيني ٿي ويندي، ۽ ان جي مضبوط رسي ٽُٽي پوندي ۽ ان جي هلاڪت گهٽي ٿي ويندي ۽ ان جو نڪاٽو گهٽي ڏُک ۽ جنجال جي عذاب وارو ٿي ويندو. ۽ آءٌ الله تعالىٰ تي سندس ڏانهن رجوع ڪندڙ جي پيروسي ڪرڻ وانگر ڀروسو ڪريان ٿو، ۽ ڪانئس جنّت ڏانهن پهچائيندڙ رستي ۽ سندس چاهت واريءَ جاءِ ڏانهن ويندڙ گس جي رهنمائي گهران ٿو.

## تقوىٰ جون نصيحتون

الله جا ٻانهؤ! آءٌ توهان کي الله جي تقوىٰ ۽ سندس اطاعت جي وصيت ڪريان ٿو، ان لاءِ ته اها سڀاڻي جو ڇوٽڪارو ۽ دائمي نجات جو اوتارو آهي. ۽ ڊيڄاريائين ته گهڻو ڊيڄاريائين، ۽ ترغيب ڏياريائين ته هر طرح جو شوق ڏياريائين. ۽ توهان لاءِ دنيا ۽ ان جي جدائي، ۽ زوال ۽ ان جي واپسيءَ کي بيان ڪيائين. بس دنيا ۾ جيڪي شيون توهان کي وڻن ٿيون تن کان پاسو ڪريو ان لاءِ ته ان جي جيڪا شيءِ توهان سان گڏ آهي اها ٿوري وقت لاءِ آهي. ۽ اِهو گهر الله تعالىٰ جي ناراضگيءَ جي ويجهو آهي ۽ الله تعالىٰ جي رضايت کان پري آهي. بس الله جا ٻانهؤ ان جي ڏُکن ۽ مصروفتين کي پاڻ کان ڏِڪي ڇڏيو، ان لاءِ ته توهان کي ان جي جدائي ۽ ان جي حالتن جي مَٽ سَٽ جو يقين آهي. بس انڪان خالص ڊڄڻ واري ۽ پنهنجي نفس جي خيرخواه ۽ سخت محنت ڪرڻ واري جي ڊڄڻ واري وانگر ڊڄو.

۽ پاڻ کان پهرين قومن جي جيڪا نابودي توهان ڏٺي آهي تنهن کان نصيحت پرايو، جن جي هڏين جا جوڙ کُلي ويا، ۽ سندن اکيون ۽ ڪن ختم ٿي ويا، ۽ سندن عزت ۽ شرف هليو ويو، ۽ سندن خوشيون ۽ نعمتون ختم ٿي ويون. بس اولاد جي ويجهڙائپ کي وڇوڙي سان ۽ گهروارين جي صحبت کي فِراق سان تبديل ڪيو ويو. نه هڪ ٻئي سان فخر ڪري سگهن ٿا ۽ نه اولاد پيدا ڪري سگهن ٿا، ۽ نه هڪ ٻئي جي زيارت ڪري سگهن ٿا، ۽ نه هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪري سگهن ٿا.

بس الله جا ٻانهؤ پنهنجي نفس تي غالب رهڻ واري، ۽ پنهنجي خواهشن کي روڪڻ واري ۽ پنهنجي عقل سان ڏسڻ واري جي ڊڄڻ وانگر ڊڄو. بيشڪ مسئلو واضح آهي. ۽ نشان بيٺل آهي. ۽ رستو سنئون آهي. ۽ واٽ سڌي آهي.

## ١٦٢- و من كلام له عليه السلام

*لبعض أصحابه و قد سأله: كيف دفعكم قومكم عن هذا المقام و أنتم أحق به فقال:*

يَا أَخَا بَنِي أَسَدٍ إِنَّكَ لَقَلِقُ الْوَضِينِ تُرْسِلُ فِي غَيْرِ سَدَدٍ وَ لَكَ بَعْدُ ذِمَامَةُ الصِّهْرِ وَ حَقُّ الْمَسْأَلَةِ وَ قَدِ اسْتَعْلَمْتَ فَاعْلَمْ.

أَمَّا الِاسْتِبْدَادُ عَلَيْنَا بِهَذَا الْمَقَامِ وَ نَحْنُ الْأَعْلَوْنَ نَسَباً وَ الْأَشَدُّونَ بِالرَّسُولِ صلى الله عليه وآله نَوْطاً فَإِنَّهَا كَانَتْ أَثَرَةً شَحَّتْ عَلَيْهَا نُفُوسُ قَوْمٍ وَ سَخَتْ عَنْهَا نُفُوسُ آخَرِينَ وَ الْحَكَمُ اللَّهُ وَ الْمَعْوَدُ إِلَيْهِ يَوْمُ الْقِيَامَةِ.

وَ دَعْ عَنْكَ نَهْباً صِيحَ فِي حَجَرَاتِهِ

وَ لَكِنْ حَدِيثاً مَا حَدِيثُ الرَّوَاحِلِ.

وَ هَلُمَّ الْخَطْبَ فِي ابْنِ أَبِي سُفْيَانَ فَلَقَدْ أَضْحَكَنِي الدَّهْرُ بَعْدَ إِبْكَائِهِ وَ لَا غَرْوَ وَ اللَّهِ فَيَا لَهُ خَطْباً يَسْتَفْرِغُ الْعَجَبَ وَ يُكْثِرُ الْأَوَدَ حَاوَلَ الْقَوْمُ إِطْفَاءَ نُورِ اللَّهِ مِنْ مِصْبَاحِهِ وَ سَدَّ فَوَّارِهِ مِنْ يَنْبُوعِهِ.

وَ جَدَحُوا بَيْنِي وَ بَيْنَهُمْ شِرْباً وَبِيئاً فَإِنْ تَرْتَفِعْ عَنَّا وَ عَنْهُمْ مِحَنُ الْبَلْوَى أَحْمِلْهُمْ مِنَ الْحَقِّ عَلَى مَحْضِهِ وَ إِنْ تَكُنِ الْأُخْرَى فَلا تَذْهَبْ نَفْسُكَ عَلَيْهِمْ حَسَراتٍ إِنَّ اللَّهَ عَلِيمٌ بِما يَصْنَعُون.



## ١٦٣- و من خطبة له عليه السلام

### الخالق جل و علا

الْحَمْدُ لِلَّهِ خَالِقِ الْعِبَادِ وَ سَاطِحِ الْمِهَادِ وَ مُسِيلِ الْوِهَادِ وَ مُخْصِبِ النِّجَادِ.

## ١٦٢_ امام عليه السلام جو ڪلام، پنهنجي هڪ صحابي لاءِ

**جڏهن هن ڪانئس پڇيو ته توهان جي قوم توهان کي هن مقام (خلافت) کان ڪيئن پري ڪيو جڏهن ته توهان ان جا وڌيڪ حقدار هئا، ته پوءِ فرمايائون:**

اي بني اسد جا ڀاءُ، بيشڪ تون تنگ جي پٽي وانگر ڍرو آهين، ۽ غلط رستي تي هلين ٿو، ان جي باوجود به تو کي رشتيداريءَ جي حمايت آهي ۽ پڇڻ جو حق به آهي. ۽ بيشڪ تو ڄاڻڻ چاهيو آهي ته پوءِ ڄاڻ: البته هِن منصب جي لحاظ کان اسان تي ڏاڍائي ڪئي وئي جڏهن ته اسان نسب جي لحاظ کان بلند ۽ رسول الله ﷺ سان تعلق جي اعتبار کان سڀ کان وڌيڪ مضبوط آهيون. بيشڪ اها انهن جي خود غرضي هئي. جنهن تي ڪجهه ماڻهو (حق گوئي کان) ڪنجوس ٿي پيا، ۽ وري ٻين ماڻهن تنهن جي پرواهه نه ڪئي. ۽ فيصلو ڪندڙ الله آهي. ۽ سندس بارگاهه ۾ قيامت جي ڏينهن موٽڻو آهي.

ڦرلٽ تيل ڇڏي ڏي ۽ ڪُنڊ ۾ ويهي دانهون نه ڪر.
پر جيڪا اهم ڳالهه آهي اها سوارين جي ڳالهه آهي.

۽ ابوسفيان جي پُٽ جي باري ۾ اهم مسئلي تي اچ، بيشڪ زماني مونکي روئارڻ ڪانپوءِ کِلائي ڇڏيو آهي. الله جو قسم ڪو تعجب ڪونهي، ۽ هن مصيبت تي تعجب ٿئي ٿو جنهن جي حيرت جي حد ناهي، ۽ هن ٽيڏائپ کي گهڻو ڪري ڇڏيو آهي.
ماڻهن الله جي نور کي سندس ڏيئي مان وسائڻ جي ۽ سندس چشمي جي ڦوهاري کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ هنن منهنجي ۽ پنهنجي درميان زهريلي ڍُڪن جي مِلاوٽ ڪئي. بس اگر هن آزمائش جون ڏکايون اسان جي ۽ هنن جي درميان ختم ٿي وڃن ته آءٌ کين خالص حق تي وٺي هلان. پر جي ٻي صورت ٿي ته مٿن افسوس ڪندي تنهنجو ساهه نه وڃي. بيشڪ جيڪو هو ڪن ٿا الله تنهن کي ڄاڻي ٿو.



## ١٦٣_ امام عليه السلام جو خطبو

### سڀ کان وڌيڪ بلند پالڻهار

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن، جيڪو ٻانهن کي پيدا ڪرڻ وارو، ۽ زمين جو فرش وڇائڻ وارو، ۽ هيٺاين جڳهين ڏانهن پاڻيءَ کي وهائڻ وارو، ۽ مٿاهين جڳهن کي سرسبز ڪرڻ وارو آهي.

لَيْسَ لِأَوَّلِيَّتِهِ ابْتِدَاءٌ وَ لَا لِأَزَلِيَّتِهِ انْقِضَاءٌ هُوَ الْأَوَّلُ وَ لَمْ يَزَلْ وَ الْبَاقِي بِلَا أَجَلٍ خَرَّتْ لَهُ الْجِبَاهُ وَ وَحَّدَتْهُ الشِّفَاهُ حَدَّ الْأَشْيَاءَ عِنْدَ خَلْقِهِ لَهَا إِبَانَةً لَهُ مِنْ شَبَهِهَا لَا تُقَدِّرُهُ الْأَوْهَامُ بِالْحُدُودِ وَ الْحَرَكَاتِ وَ لَا بِالْجَوَارِحِ وَ الْأَدَوَاتِ لَا يُقَالُ لَهُ مَتَى وَ لَا يُضْرَبُ لَهُ أَمَدٌ بِحَتَّى الظَّاهِرُ لَا يُقَالُ مِمَّ وَ الْبَاطِنُ لَا يُقَالُ فِيمَ لَا شَبَحٌ فَيُتَقَصَّى وَ لَا مَحْجُوبٌ فَيُحْوَى لَمْ يَقْرُبْ مِنَ الْأَشْيَاءِ بِالْتِصَاقٍ وَ لَمْ يَبْعُدْ عَنْهَا بِافْتِرَاقٍ.

وَ لَا يَخْفَى عَلَيْهِ مِنْ عِبَادِهِ شُخُوصُ لَحْظَةٍ وَ لَا كُرُورُ لَفْظَةٍ وَ لَا ازْدِلَافُ رَبْوَةٍ وَ لَا انْبِسَاطُ خُطْوَةٍ فِي لَيْلٍ دَاجٍ وَ لَا غَسَقٍ سَاجٍ يَتَفَيَّأُ عَلَيْهِ الْقَمَرُ الْمُنِيرُ وَ تَعْقُبُهُ الشَّمْسُ ذَاتُ النُّورِ فِي الْأُفُولِ وَ الْكُرُورِ وَ تَقَلُّبِ الْأَزْمِنَةِ وَ الدُّهُورِ مِنْ إِقْبَالِ لَيْلٍ مُقْبِلٍ وَ إِدْبَارِ نَهَارٍ مُدْبِرٍ.

قَبْلَ كُلِّ غَايَةٍ وَ مُدَّةٍ وَ كُلِّ إِحْصَاءٍ وَ عِدَّةٍ تَعَالَى عَمَّا يَنْحَلُهُ الْمُحَدِّدُونَ مِنْ صِفَاتِ الْأَقْدَارِ وَ نِهَايَاتِ الْأَقْطَارِ وَ تَأَثُّلِ الْمَسَاكِنِ وَ تَمَكُّنِ الْأَمَاكِنِ فَالْحَدُّ لِخَلْقِهِ مَضْرُوبٌ وَ إِلَى غَيْرِهِ مَنْسُوبٌ.



## ابتداء المخلوقين

لَمْ يَخْلُقِ الْأَشْيَاءَ مِنْ أُصُولٍ أَزَلِيَّةٍ وَ لَا مِنْ أَوَائِلَ أَبَدِيَّةٍ بَلْ خَلَقَ مَا خَلَقَ فَأَقَامَ حَدَّهُ وَ صَوَّرَ فَأَحْسَنَ صُورَتَهُ.

لَيْسَ لِشَيْءٍ مِنْهُ امْتِنَاعٌ وَ لَا لَهُ بِطَاعَةِ شَيْءٍ انْتِفَاعٌ عِلْمُهُ بِالْأَمْوَاتِ الْمَاضِينَ كَعِلْمِهِ بِالْأَحْيَاءِ الْبَاقِينَ وَ عِلْمُهُ بِمَا فِي السَّمَاوَاتِ الْعُلَى كَعِلْمِهِ بِمَا فِي الْأَرَضِينَ السُّفْلَى.

نہ ان جي اوّل هجڻ جي ڪا شروعات آهي. ۽ نہ ان جي ازلي هجڻ جي ڪا حد آهي. ۽ هو هميشہ اوّل آهي. ۽ هميشہ باقي رهڻ وارو آهي. پيشانيون سندس اڳيان جهڪيل آهن. ۽ لب سندس هيڪڙائي جا اقراري آهن. هن سڀني شين کي پيدا ڪرڻ وقت پنهنجي ذات سان شباهت رکڻ کان الڳ ڪرڻ لاءِ حدبندي ڪري ڇڏي آهي. وهم نہ ڪيس حدن ۽ حرڪتن سان ۽ نہ وري عضون ۽ حواسن سان فرض ڪري سگهن ٿا. ان لاءِ اهو نہ چيو ويندو تہ "ڪڏهن کان آهي". ۽ نہ وري ان لاءِ مدت بيان ڪئي ويندي تہ "ڪيستائين آهي" هو ظاهر آهي پر نہ چيو ويندو تہ " ڪنهن مان" ۽ باطن آهي پر نہ چيو ويندو تہ " ڪنهن ۾". ۽ نہ ڏُڪ آهي جو ختم ٿي وڃي، ۽ نہ پردي ۾ آهي جو ڍڪجي وڃي. هو مِلڻ جي اعتبار کان شين جي ويجهو نہ آهي. ۽ جدائي جي لحاظ کان ڪانئن پري نہ آهي. ۽ هن تي لڪيل نہ آهي نہ بندن جو گهوري ڏسڻ، ۽ نہ ڪنهن لفظ جو ورجائڻ ۽ نہ بلند جڳهن جو ويجهو ٿيڻ، نہ اونداهيءَ رات ۾ ۽ نہ گُهگهہ اونداهيءَ ۾ وِک کڻڻ جي وٿي، جنهن تي چمڪندڙ چنڊ جي چانڊوڪي پوي، ۽ نوراني سج جنهن جي پنيان اچي ايرڻ ۽ لهڻ ۽ زماني ۽ دؤر جي مَٽ سَٽ وقت، ايندڙ رات جي اچڻ ۽ ويندڙ ڏينهن جي وڃڻ سان.

هو هر انتهاء ۽ هر مدت، ۽ هر ڳاڻاٽي ۽ ڳڻپ کان پهريائين آهي. ۽ ان کان بلند آهي جنهن کي حدبندي ڪرڻ وارا مادي جي صفتن، ۽ ان جي اطراف جي حدن، ۽ رهائشگاهن ۾ رهڻ، ۽ جائين ۾ ترسڻ جي نسبت ڏين ٿا. حد تہ ان جي مخلوق لاءِ معين آهي ۽ ان جي غير ڏانهن منسوب آهي.

## مخلوق جي خلقت

هن شين کي ازلي مواد ۽ ابدي صورتن مان پيدا ناهي ڪيو، بلڪ هن جيڪو بہ خلق ڪيو تہ ان جي حد کي قائم ڪيو، ۽ جنهن بہ شيءِ جي صورت ناهي تہ ان جي صورت کي پلو ڪيو، ۽ ڪا بہ شيءِ انکان انڪار نٿي ڪري ۽ نہ وري ڪنهن شيءِ جي اطاعت سان ڪيس فائدو رسي ٿو. هنجو مري ويلن بابت علم ائين آهي جيئن هنجو باقي جيئرن بابت علم آهي، ۽ هنجو بلند آسمانن ۾ موجود شين بابت علم ائين آهي جيئن هنجو هيٺين زمينن ۾ موجود شين بابت علم آهي.

منها

أَيُّهَا الْمَخْلُوقُ السَّوِيُّ وَ الْمُنْشَأُ الْمَرْعِيُّ فِي ظُلُمَاتِ الْأَرْحَامِ وَ مُضَاعَفَاتِ الْأَسْتَارِ. بُدِئْتَ مِنْ سُلالَةٍ مِنْ طِينٍ وَ وُضِعْتَ فِي قَرارٍ مَكِينٍ إِلى قَدَرٍ مَعْلُومٍ وَ أَجَلٍ مَقْسُومٍ تَمُورُ فِي بَطْنِ أُمِّكَ جَنِيناً.

لَا تُحِيرُ دُعَاءً وَ لَا تَسْمَعُ نِدَاءً ثُمَّ أُخْرِجْتَ مِنْ مَقَرِّكَ إِلَى دَارٍ لَمْ تَشْهَدْهَا وَ لَمْ تَعْرِفْ سُبُلَ مَنَافِعِهَا فَمَنْ هَدَاكَ لِاجْتِرَارِ الْغِذَاءِ مِنْ ثَدْيِ أُمِّكَ وَ عَرَّفَكَ عِنْدَ الْحَاجَةِ مَوَاضِعَ طَلَبِكَ وَ إِرَادَتِكَ هَيْهَاتَ إِنَّ مَنْ يَعْجِزُ عَنْ صِفَاتِ ذِي الْهَيْئَةِ وَ الْأَدَوَاتِ فَهُوَ عَنْ صِفَاتِ خَالِقِهِ أَعْجَزُ وَ مِنْ تَنَاوُلِهِ بِحُدُودِ الْمَخْلُوقِينَ أَبْعَد.

## ١٦٤ــ وَمِنْ كَلامٍ لَهُ عليه السلام

*لما اجتمع الناس إليه و شكوا ما نقموه على عثمان و سألوه مخاطبته لهم و استعتابه لهم فدخل عليه فقال:*

إِنَّ النَّاسَ وَرَائِي وَ قَدِ اسْتَسْفَرُونِي بَيْنَكَ وَ بَيْنَهُمْ وَ وَ اللَّهِ مَا أَدْرِي مَا أَقُولُ لَكَ مَا أَعْرِفُ شَيْئاً تَجْهَلُهُ وَ لَا أَدُلُّكَ عَلَى أَمْرٍ لَا تَعْرِفُهُ إِنَّكَ لَتَعْلَمُ مَا نَعْلَمُ مَا سَبَقْنَاكَ إِلَى شَيْءٍ فَنُخْبِرَكَ عَنْهُ وَ لَا خَلَوْنَا بِشَيْءٍ فَنُبَلِّغَكَهُ.

وَ قَدْ رَأَيْتَ كَمَا رَأَيْنَا وَ سَمِعْتَ كَمَا سَمِعْنَا وَ صَحِبْتَ رَسُولَ اللَّهِ صلى الله عليه وآله كَمَا صَحِبْنَا وَ مَا ابْنُ أَبِي قُحَافَةَ وَ لَا ابْنُ الْخَطَّابِ بِأَوْلَى بِعَمَلِ الْحَقِّ مِنْكَ وَ أَنْتَ أَقْرَبُ إِلَى أَبِي رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله وَشِيجَةَ رَحِمٍ مِنْهُمَا وَ قَدْ نِلْتَ مِنْ صِهْرِهِ مَا لَمْ يَنَالا فَاللَّهَ اللَّهَ فِي نَفْسِكَ فَإِنَّكَ وَ اللَّهِ مَا تُبَصَّرُ مِنْ عَمًى وَ لَا تُعَلَّمُ مِنْ جَهْلٍ.

اي صحيح خلق ڪيل مخلوق، ۽ رحمَ جي اونداهين ۾، ۽ ٻيڻن پردن ۾ محفوظ ٺهيل مخلوق. تَنهنجي شروعات مٽيءَ جي جوهر مان ڪئي وئي، ۽ تو کي قرار واري جاءِ ۾ معين مدت ۽ طئي ٿيل وقت تائين رکيو ويو. جو تون ٻچي جي صورت ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ چُرپر ڪندو رهين. نه ڪنهن سڏ جو جواب ڏين تو ۽ نه ڪا پُڪار ٻڌين ٿو. پوءِ توکي قرار واريءَ جڳهه مان ڪڍي اهڙي گهر ڏانهن آندو ويو جنهن کي تو نه ڏٺو هو. ۽ نه ان جي فائدي وارن رستن کي ڄاڻين پيو. پوءِ ڪنهن تو کي ماءُ جي ڇاتيءَ مان غذا حاصل ڪرڻ جي واٽ ٻڌائي. ۽ ضرورت جي وقت تنهنجي مقصد ۽ چاهت وارين جاين جي سڃاڻپ ڪرائي. اهو بعيد آهي. بيشڪ جيڪو ڪيفيت ۽ عضون رکندڙ مخلوق جي صفتن سمجهڻ کان عاجز آهي ته اهو ان جي خالق جي صفتن سمجهڻ کان ته وڌيڪ عاجز آهي. ۽ هنڪي مخلوق جي حدن سان سمجهڻ گهٽو پري آهي.

## ١٦٤_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن ماڻهو امام عليه السلام وٽ گڏ ٿيا ۽ عثمان جي ڪيل ظلمن جي دانهن ڏني

**۽ ڪانئس انڪي متنبه ڪرڻ جي گهُر ڪئي ته پوءِ امام عليه السلام وٽس آيو ۽ فرمايو:**

بيشڪ ماڻهو منهنجي پُٺيان آهن ۽ انهن مونکي تنهنجي ۽ پنهنجي درميان سفير بڻايو آهي. الله جوقسم آءٌ نٿو ڄاڻان ته تو کي ڇا چوان. آءٌ اهڙيءَ شيءِ کي نٿو ڄاڻان جنهن کان تون جاهل هجين ۽ نه اهڙي مسئلي تي تنهنجي رهنمائي ڪريان ٿو جنهن کي تون نه ڄاڻندو هجين. بيشڪ تون به اهو ڄاڻين ٿو جيڪو اسان ڄاڻون ٿا. ۽ اسان تو کان وڌيڪ ڪنهن شيءِ کي نٿا ڄاڻون جو ان بابت تو کي خبروار ڪريون. ۽ نه اسان اڪيلائپ ۾ ڪنهن شيءِ کي ڄاتو آهي جو تو تائين اها ڳالهه پهچايون.

بيشڪ تو به ڏٺو آهي جيئن اسان ڏٺو آهي، ۽ تو به ٻڌو آهي جيئن اسان ٻڌو آهي. ۽ تون به رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم سان گڏ رهيو آهين جيئن اسان گڏ رهيا آهيون. ۽ ابي قحافه جو پٽ ۽ خَطاب جو پٽ حق تي عمل ڪرڻ ۾ تو کان وڌيڪ نه آهن. جڏهن ته تون رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جن سان رشتيداريءَ جي اعتبار کان به هنن ٻنهي کان وڌيڪ ويجهو آهين. ۽ بيشڪ هڪ قسم جي دامادي به تو کي حاصل آهي جيڪا انهن کي حاصل نه هئي. بس پنهنجي باري ۾ الله کان ڊڄ. الله جو قسم بيشڪ انڌائپ جي ڪري تو کي نظر نٿو اچي، ۽ جهالت جي ڪري تو کي خبر نٿي پوي.

وَ إِنَّ الطُّرُقَ لَوَاضِحَةٌ وَ إِنَّ أَعْلَامَ الدِّينِ لَقَائِمَةٌ فَاعْلَمْ أَنَّ أَفْضَلَ عِبَادِ اللَّهِ عِنْدَ اللَّهِ إِمَامٌ عَادِلٌ هُدِيَ وَ هَدَى فَأَقَامَ سُنَّةً مَعْلُومَةً وَ أَمَاتَ بِدْعَةً مَجْهُولَةً وَ إِنَّ السُّنَنَ لَنَيِّرَةٌ لَهَا أَعْلَامٌ وَ إِنَّ الْبِدَعَ لَظَاهِرَةٌ لَهَا أَعْلَامٌ.

وَ إِنَّ شَرَّ النَّاسِ عِنْدَ اللَّهِ إِمَامٌ جَائِرٌ ضَلَّ وَ ضُلَّ بِهِ فَأَمَاتَ سُنَّةً مَأْخُوذَةً وَ أَحْيَا بِدْعَةً مَتْرُوكَةً وَ إِنِّي سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ يَقُولُ يُؤْتَى يَوْمَ الْقِيَامَةِ بِالْإِمَامِ الْجَائِرِ وَ لَيْسَ مَعَهُ نَصِيرٌ وَ لَا عَاذِرٌ فَيُلْقَى فِي نَارِ جَهَنَّمَ فَيَدُورُ فِيهَا كَمَا تَدُورُ الرَّحَى ثُمَّ يَرْتَبِطُ فِي قَعْرِهَا. وَ إِنِّي أَنْشُدُكَ اللَّهَ أَلَّا تَكُونَ إِمَامَ هَذِهِ الْأُمَّةِ الْمَقْتُولَ فَإِنَّهُ كَانَ يُقَالُ يُقْتَلُ فِي هَذِهِ الْأُمَّةِ إِمَامٌ يَفْتَحُ عَلَيْهَا الْقَتْلَ وَ الْقِتَالَ إِلَى يَوْمِ الْقِيَامَةِ وَ يَلْبِسُ أُمُورَهَا عَلَيْهَا وَ يَبُثُّ الْفِتَنَ فِيهَا.

فَلَا يُبْصِرُونَ الْحَقَّ مِنَ الْبَاطِلِ يَمُوجُونَ فِيهَا مَوْجاً وَ يَمْرُجُونَ فِيهَا مَرْجاً فَلَا تَكُونَنَّ لِمَرْوَانَ سَيِّقَةً يَسُوقُكَ حَيْثُ شَاءَ بَعْدَ جَلَالِ السِّنِّ وَ تَقَضِّي الْعُمُرِ فَقَالَ لَهُ عُثْمَانُ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ كَلِّمِ النَّاسَ فِي أَنْ يُؤَجِّلُونِي حَتَّى أَخْرُجَ إِلَيْهِمْ مِنْ مَظَالِمِهِمْ فَقَالَ عليه السلام مَا كَانَ بِالْمَدِينَةِ فَلَا أَجَلَ فِيهِ وَ مَا غَابَ فَأَجَلُهُ وُصُولُ أَمْرِكَ إِلَيْهِ.



## ١٦٥ـ وَ مِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*يذكر فيها عجيب خلقة الطاؤس.*

### خلقة الطيور

ابْتَدَعَهُمْ خَلْقاً عَجِيباً مِنْ حَيَوَانٍ وَ مَوَاتٍ وَ سَاكِنٍ وَ ذِي حَرَكَاتٍ وَ أَقَامَ مِنْ شَوَاهِدِ الْبَيِّنَاتِ عَلَى لَطِيفِ صَنْعَتِهِ وَ عَظِيمِ قُدْرَتِهِ مَا انْقَادَتْ لَهُ الْعُقُولُ مُعْتَرِفَةً بِهِ وَ مَسَلِّمَةً لَهُ وَ نَعَقَتْ فِي أَسْمَاعِنَا دَلَائِلُهُ عَلَى وَحْدَانِيَّتِهِ.

بيشڪ رستا واضح آهن ۽ يقيناً دين جا نشان قائم آهن. بس تون ڄاڻ تہ الله جي ٻانهن مان الله تعالىٰ وٽ سڀ کان افضل عادل امام آهي. جنهن جي هدايت ڪئي وئي ۽ جنهن هدايت ڪئي. پوءِ هن معلوم سنتن کي قائم ڪيو ۽ مجهول بدعتن کي ماري ڇڏيو. بيشڪ سنتون واضح آهن ۽ انهن جا نشان بہ آهن. ۽ بدعتون بہ ظاهر آهن ۽ انهن جا بہ نشان آهن.
۽ بيشڪ الله تعالىٰ وٽ ماڻهن مان سڀ کان بڇڙو ظالم اڳواڻ آهي، جيڪو گمراهہ ٿيو ۽ جنهن ذريعي گمراهہ ٿيا. پوءِ هن جاري سنت کي ماري ڇڏيو. ۽ ڇڏيل بدعت کي زنده ڪري ڇڏيو. ۽ مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ "قيامت جي ڏينهن ظالم اڳواڻ کي آندو ويندو جڏهن تہ ساڻس نہ ڪو مددگار هوندو ۽ نہ ڪو عذر قبول ڪرڻ وارو. پوءِ کيس جهنم جي باهہ ۾ اڇلايو ويندو. ۽ هو ان ۾ ائين ڦرندو جيئن چڪي ڦرندي آهي. پوءِ هو ان جي تري ۾ ٻڌل رهندو".
۽ آءٌ تو کي الله جو قسم ڏيان ٿو تہ هن امت جو مقتول اڳواڻ نہ ٿي ڇو جو ائين چيو ويندو هو تہ: هن امت ۾ هڪ اڳواڻ کي قتل ڪيو ويندو جيڪو امت تي قتل ۽ قِتال کي قيامت جي ڏينهن تائين کولي ڇڏيندو. ۽ اهو امت جي مسئلن کي انهن تي مُنجهائيندو. ۽ انهن جي درميان فتنن کي پکيڙيندو. بس پوءِ هو حق کي باطل کان نہ سڃاڻي سگهندا. ۽ اهي فتني جي ڇولين ۾ پيا ڇُلڪندا. ۽ ان جي بربادي‌ءَ ۾ پيا تباهہ ٿيندا. بس تون هرگز مروان لاءِ سواري‌ءَ نہ بڻج جو هو جيڏانهن چاهي تو کي ڇڪي وڃي. پوڙهي ٿيڻ ۽ ايڏي‌ءَ عمر گذارڻ کانپوءِ. پوءِ عثمان امام عليه السلام کي چيو تہ توهان ماڻهن سان ڳالهايو تہ هو مون کي مهلت ڏين تاڪ آءٌ ساڻن ٿيل ناانصافين جو پوراءُ ڪريان. پوءِ امام عليه السلام فرمايو: جن جو تعلق مديني سان آهي تہ ان ۾ ڪنهن مهلت جي ضرورت ڪانهي ۽ جيڪي پري آهن تن جي مهلت تنهنجي حڪم جو اوسيتائين پهچڻ تائين آهي.

## ١٦٥_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ (امام عليه السلام) مور جي عجيب خلقت کي ذڪر ڪيو آهي

### پکين جي خلقت

الله تعالىٰ جاندار ۽ بي جان، ساڪن ۽ چُرپر ڪندڙ عجيب مخلوق کي پيدا ڪيو آهي. ۽ پنهنجي‌ءَ نفيس ڪاريگري‌ءَ ۽ عظيم قدرت تي اهڙيون تہ واضح گواهيون قائم ڪيون آهن جو الله جو اعتراف ڪندي ۽ کيس مڃيندي عقل انهن لاءِ سرجهڪائي ڇڏيو آهي. ۽ ان جي هيڪڙائي تي سندس دليل اسان جي ڪنن ۾ گونجن ٿا.

وَ مَا ذَرَأَ مِنْ مُخْتَلِفِ صُوَرِ الْأَطْيَارِ الَّتِي أَسْكَنَهَا أَخَادِيدَ الْأَرْضِ وَ خُرُوقَ فِجَاجِهَا وَ رَوَاسِيَ أَعْلَامِهَا مِنْ ذَاتِ أَجْنِحَةٍ مُخْتَلِفَةٍ وَ هَيْئَاتٍ مُتَبَايِنَةٍ مُصَرَّفَةٍ فِي زِمَامِ التَّسْخِيرِ وَ مُرَفْرِفَةٍ بِأَجْنِحَتِهَا فِي مَخَارِقِ الْجَوِّ الْمُنْفَسِحِ وَ الْفَضَاءِ الْمُنْفَرِجِ.

كَوَّنَهَا بَعْدَ إِذْ لَمْ تَكُنْ فِي عَجَائِبِ صُوَرٍ ظَاهِرَةٍ وَ رَكَّبَهَا فِي حِقَاقِ مَفَاصِلَ مُحْتَجِبَةٍ وَ مَنَعَ بَعْضَهَا بِعَبَالَةِ خَلْقِهِ أَنْ يَسْمُوَ فِي الْهَوَاءِ خُفُوفاً وَ جَعَلَهُ يَدِفُّ دَفِيفاً وَ نَسَقَهَا عَلَى اخْتِلَافِهَا فِي الْأَصَابِيغِ بِلَطِيفِ قُدْرَتِهِ وَ دَقِيقِ صَنْعَتِهِ فَمِنْهَا مَغْمُوسٌ فِي قَالَبِ لَوْنٍ لَا يَشُوبُهُ غَيْرُ لَوْنِ مَا غُمِسَ فِيهِ وَ مِنْهَا مَغْمُوسٌ فِي لَوْنِ صِبْغٍ قَدْ طُوِّقَ بِخِلَافِ مَا صُبِغَ بِهِ.

## الطاوس

وَ مِنْ أَعْجَبِهَا خَلْقاً الطَّاوُسُ الَّذِي أَقَامَهُ فِي أَحْكَمِ تَعْدِيلٍ وَ نَضَّدَ أَلْوَانَهُ فِي أَحْسَنِ تَنْضِيدٍ بِجَنَاحٍ أَشْرَجَ قَصَبَهُ وَ ذَنَبٍ أَطَالَ مَسْحَبَهُ إِذَا دَرَجَ إِلَى الْأُنْثَى نَشَرَهُ مِنْ طَيِّهِ وَ سَمَا بِهِ مُطِلًّا عَلَى رَأْسِهِ كَأَنَّهُ قِلْعُ دَارِيٍّ عَنَجَهُ نُوتِيُّهُ يَخْتَالُ بِأَلْوَانِهِ وَ يَمِيسُ بِزَيَفَانِهِ يُفْضِي كَإِفْضَاءِ الدِّيَكَةِ وَ يَؤُرُّ بِمَلَاقِحِهِ أَرَّ الْفُحُولِ الْمُغْتَلِمَةِ لِلضِّرَابِ أُحِيلُكَ مِنْ ذَلِكَ عَلَى مُعَايَنَةٍ لَا كَمَنْ يُحِيلُ عَلَى ضَعِيفٍ إِسْنَادُهُ وَ لَوْ كَانَ كَزَعْمِ مَنْ يَزْعُمُ أَنَّهُ يُلْقِحُ بِدَمْعَةٍ تَسْفَحُهَا مَدَامِعُهُ فَتَقِفُ فِي ضَفَّتَيْ جُفُونِهِ وَ أَنَّ أُنْثَاهُ تَطْعَمُ ذَلِكَ ثُمَّ تَبِيضُ لَا مِنْ لِقَاحِ فَحْلٍ سِوَى الدَّمْعِ الْمُنْبَجِسِ لَمَا كَانَ ذَلِكَ بِأَعْجَبَ مِنْ مُطَاعَمَةِ الْغُرَابِ تَخَالُ قَصَبَهُ مَدَارِيَ مِنْ فِضَّةٍ وَ مَا أُنْبِتَ عَلَيْهَا مِنْ عَجِيبِ دَارَاتِهِ وَ شُمُوسِهِ خَالِصَ الْعِقْيَانِ وَ فِلَذَ الزَّبَرْجَدِ.

۽ جيڪي هن مختلف صورتن وارا پکي پيدا ڪيا آهن جن کي هن زمين جي ڌارن، ۽ ان جي پهاڙي پيچرن جي وِٿين، ۽ ان جي بلند جبلن جي چوٽين ۾ رهايو آهي. جيڪي مختلف پَرن، ۽ الڳ الڳ حالتن ۽ تسخير جي واڳ ۾ ڦيرايل ۽ پنهنجي پَرن کي کليل ۽ ڪُشاديءَ هوا ۽ ويڪريءَ فضا ۾ ڦڙڪائيندڙ آهن.
الله تعالىٰ انهن کي عجيب ظاهريءَ صورتن ۾ بڻايو آهي جڏهن ته اهي نه هئا. ۽ انهن کي ڏکيل جوڙن جي سنڌن ۾ جوڙيو آهي. ۽ ڪجهه کي سندن ڳريءَ خلقت ڪري هوا ۾ بلند پرواز کان منع ڪيو آهي. ۽ انهن کي ٿوري پرواز ڪرڻ وارو قرار ڏنو آهي. ۽ انهن کي الڳ الڳ هجڻ جي باوجود به پنهنجيءَ نفيس قدرت ۽ پنهنجيءَ نازڪ ڪاريگريءَ سان رنگن ۾ مرتب ڪيو آهي. پوءِ انهن مان ڪجهه رنگ جي سانچي ۾ ٻوڙيل آهن اهڙيءَ طرح جو ٻوڙيل رنگ کان علاوه ڪين رنگ جي ڳاني به پارائي وئي آهي.

## مور

۽ ان جي عجيب ترين مخلوق منجهان مور آهي جنهن کي هن مُحڪم ترين برابريءَ ۾ قائم رکيو آهي، ۽ ان جي رنگن کي بهترين ترتيب ۾ مرتب ڪيو آهي ۽ هي اهڙن پرن سان جن جي پاڙن کي جوڙي ڇڏيو آهي ۽ اهڙي پُڇ سان جنهن جي گسڻ واري حصي کي ڊگهو ڪيو آهي. جو جڏهن ماديءَ ڏانهن وڃي ٿو ته سڄي پُڇ کي پکيڙي ٿو. ۽ انکي مٿي ڪري پنهنجي سر جي قريب آڻي ٿو. جڻ ته اهو داريءَ شهر جو نهيل سِڙه آهي، جنهن کي ملاح ڇڪي ٿو. هو پنهنجي رنگن جي ڪري وڏائي ڪري ٿو. ۽ پنهنجي پُڇ جي نچڪار سان ناز ڪري ٿو. ۽ ڪُڪڙ جي لڳائڻ وانگر لڳائي ٿو. ۽ پنهنجي لڳائڻ وارين جاين سان ماديءَ تي مست نرن جي چڙهڻ جيان چڙهي ٿو.



ان باري ۾ آءٌ تو کي پاڻ مشاهدي ڪرڻ جو ڏس ڏيان ٿو ان شخص وانگر نه جيڪو ڪمزور ڳالهه تي پنهنجي دليل جو ڏس ڏي. ۽ اگر هو ائين هجي ها جيئن گمان ڪرڻ وارو گمان ڪري ٿو ته هو ڳوڙهن سان لڳ ڪرائي ٿو ۽ ڳوڙهن کي پنهنجي اکين تي آڻي ٿو ۽ اُهي ڳوڙها پنهنجي پنبڻين جي ٻنهي ڪنارن تي گڏ ڪري ٿو ۽ ان جي مادي اهي ڳوڙها پيئي ٿي.
پوءِ هوُ نَر جي لڳ کان بغير فقط اک جي ڳوڙهن سان آنا لاهي ٿي. ته اهو ڪانءَ جي ڳوڙهن پيئڻ کان وڏيڪ تعجب خيز نه آهي. تون ان جي ڪنين جي تيلين کي چانديءَ جي ڦٽيءَ جا ڏندا يائيندين. ۽ جيڪي انهن مٿان عجيب انداز ۾ چنڊ ۽ سج وانگر گول دائري ۾ ڦُٽايو ويو آهي، تنهنکي خالص سون ۽ زبرجد جا ٽڪڙا سمجهندين.

فَإِنْ شَبَّهْتَهُ بِمَا أَنْبَتَتِ الْأَرْضُ قُلْتَ جَنًى جُنِيَ مِنْ زَهْرَةِ كُلِّ رَبِيعٍ وَ إِنْ ضَاهَيْتَهُ بِالْمَلَابِسِ فَهُوَ كَمَوْشِيِّ الْحُلَلِ أَوْ كَمُونِقِ عَصْبِ الْيَمَنِ وَ إِنْ شَاكَلْتَهُ بِالْحُلِيِّ فَهُوَ كَفُصُوصٍ ذَاتِ أَلْوَانٍ قَدْ نُطِّقَتْ بِاللُّجَيْنِ الْمُكَلَّلِ.

يَمْشِي مَشْيَ الْمَرِحِ الْمُخْتَالِ وَ يَتَصَفَّحُ ذَنَبَهُ وَ جَنَاحَيْهِ فَيُقَهْقِهُ ضَاحِكاً لِجَمَالِ سِرْبَالِهِ وَ أَصَابِيغِ وِشَاحِهِ فَإِذَا رَمَى بِبَصَرِهِ إِلَى قَوَائِمِهِ زَقَا مُعْوِلًا بِصَوْتٍ يَكَادُ يُبِينُ عَنِ اسْتِغَاثَتِهِ وَ يَشْهَدُ بِصَادِقِ تَوَجُّعِهِ لِأَنَّ قَوَائِمَهُ حُمْشٌ كَقَوَائِمِ الدِّيَكَةِ الْخِلَاسِيَّةِ.

وَ قَدْ نَجَمَتْ مِنْ ظُنْبُوبِ سَاقِهِ صِيصِيَةٌ خَفِيَّةٌ وَ لَهُ فِي مَوْضِعِ الْعُرْفِ قُنْزُعَةٌ خَضْرَاءُ مُوَشَّاةٌ وَ مَخْرَجُ عَنُقِهِ كَالْإِبْرِيقِ وَ مَغْرِزُهَا إِلَى حَيْثُ بَطْنُهُ كَصِبْغِ الْوَسِمَةِ الْيَمَانِيَّةِ أَوْ كَحَرِيرَةٍ مُلْبَسَةٍ مِرْآةً ذَاتَ صِقَالٍ وَ كَأَنَّهُ مُتَلَفِّعٌ بِمِعْجَرٍ أَسْحَمَ إِلَّا أَنَّهُ يُخَيَّلُ لِكَثْرَةِ مَائِهِ وَ شِدَّةِ بَرِيقِهِ.

أَنَّ الْخُضْرَةَ النَّاضِرَةَ مُمْتَزِجَةٌ بِهِ وَ مَعَ فَتْقِ سَمْعِهِ خَطٌّ كَمُسْتَدَقِّ الْقَلَمِ فِي لَوْنِ الْأُقْحُوَانِ أَبْيَضُ يَقَقٌ فَهُوَ بِبَيَاضِهِ فِي سَوَادِ مَا هُنَالِكَ يَأْتَلِقُ وَ قَلَّ صِبْغٌ إِلَّا وَ قَدْ أَخَذَ مِنْهُ بِقِسْطٍ وَ عَلَاهُ بِكَثْرَةِ صِقَالِهِ وَ بَرِيقِهِ وَ بَصِيصِ دِيبَاجِهِ وَ رَوْنَقِهِ فَهُوَ كَالْأَزَاهِيرِ الْمَبْثُوثَةِ لَمْ تُرَبِّهَا أَمْطَارُ رَبِيعٍ وَ لَا شُمُوسُ قَيْظٍ.

وَ قَدْ يَنْحَسِرُ مِنْ رِيشِهِ وَ يَعْرَى مِنْ لِبَاسِهِ فَيَسْقُطُ تَتْرَى وَ يَنْبُتُ تِبَاعاً فَيَنْحَتُّ مِنْ قَصَبِهِ انْحِتَاتَ أَوْرَاقِ الْأَغْصَانِ ثُمَّ يَتَلَاحَقُ نَامِياً حَتَّى يَعُودَ كَهَيْئَتِهِ قَبْلَ سُقُوطِهِ لَا يُخَالِفُ سَالِفَ أَلْوَانِهِ وَ لَا يَقَعُ لَوْنٌ فِي غَيْرِ مَكَانِهِ.

۽ اگر تو کنيِ کي ان سان ڀيٽايو جنهن کي زمين ڦُٽائي ٿي تہ تون چوندين تہ اهو هر بهار جي موسم جي مُکڙين جو چونڊيل گلدستو آهي. ۽ اگر تو انکي پوشاڪن سان ملايو تہ اهو چٽيل پوشاڪن يا وڻندڙ يمني چادر وانگر آهي. ۽ اگر تون انکي زيورن سان ڀيٽائيندين تہ اهو انهن رنگارنگيءَ پٽرن وانگر آهي جيڪي سنوريل چانديءَ سان جوڙيا ويا آهن. هو ناز نکرن سان هلندڙن جيان هلي ٿو. ۽ پنهنجي پُڇ ۽ پنهنجي پَرن کي غور سان ڏسي ٿو. ۽ پنهنجي پوشاڪ جي خوبصورتيءَ ۽ رنگونيءَ دُريءَ جي ڪري ٽهڪ ڏئي کِلي ٿو. ۽ جڏهن پنهنجن پيرن کي ڏسي ٿو تہ اهڙي ڏُکاري آواز سان رڙ ڪري ٿو جڻ تہ پنهنجي مدد جي پڪار کي ظاهر ڪري رهيو هجي. ۽ اهو آواز ان جي سچي درد جي گواهي ڏئي ٿو. انڪري تہ انجا پير سنها آهن خِلاسي ڪڪڙين جي پيرن جهڙا.

۽ ان جيءَ پنيءَ جي هيٺين ڪناري تي ننڍي ڪڙهہ نکري ٿي. ۽ ان جي موڙ جي جاءِ تي ساون چٽيل ڪنين جي ڪلنگي هوندي آهي، ۽ ان جي ڳچي بَدني وانگر هوندي آهي. ۽ ان جي ڳچي کان پيٽ تائين جو حصو يمني خضاب جي رنگ وانگر يا جَرڪندڙ آئيني کي پارايل ريشم وانگر هوندو آهي. جڻ تہ هو ڪاريءَ پٽيءَ سان ويڙهيل آهي، مگر ان پٽيءَ جي گهڻيءَ جَرڪ ۽ گِهريءَ چمڪ جي ڪري ائين سمجهو وجي ٿو تہ چمڪندڙ ساواڻ جي ان سان ملاوٽ ٿيل آهي. ۽ هن جي ڪنن جي سوراخن سان گڏ بابو نہ رنگ جي بلڪل اڇيءَ سنهيءَ پين جي لڪير وانگر آهي. بس اها لڪير پنهنجيءَ اڇاڻ سان اُتان واريءَ ڪاراڻ ۾ چمڪي رهي آهي. تمام گهٽ ڪو رنگ آهي نہ تہ هر رنگ جو ڪجهہ حصو ان ۾ سمايل آهي. پر گهڻيءَ چمڪ دمڪ ۽ هنجي چمڪدار ريشم، ۽ رونق سان اهو تورو رنگ بہ چِٽو ظاهر آهي. اهي ان پکڙيل گُلن وانگر آهن جن کي نہ بهار جي مِينهن نپايو آهي ۽ نہ گرمي واري سج، ۽ هو ڪڏهن پنهنجي ڪنين کان خالي ٿي وجي ٿو. ۽ پنهنجي پوشاڪ کان اُگهاڙو ٿي وجي ٿو. پوءِ اهي مسلسل ڇڻندا ۽ مسلسل ڦُٽندا رهن ٿا، ۽ اهي ان جي ڪنيڙاٽيءَ مان ائين ڇڻن ٿا جيئن ٽاريءَ مان پن ڇڻندا آهن. پوءِ اهي ساندهہ ڦُٽندا رهندا آهن تان جو ڇڻڻ کان پهريان واريءَ حالت ۾ موٽي ايندا آهن. ۽ اهي پهريائين وارن رنگن کان مَٽيل نہ هوندا آهن. ۽ نہ ڪو رنگ ڪنهن ٻيءَ جڳهہ تي هوندو آهي.

وَ إِذَا تَصَفَّحْتَ شَعْرَةً مِنْ شَعَرَاتِ قَصَبِهِ أَرَتْكَ حُمْرَةً وَرْدِيَّةً وَ تَارَةً خُضْرَةً زَبَرْجَدِيَّةً وَ أَحْيَاناً صُفْرَةً عَسْجَدِيَّةً فَكَيْفَ تَصِلُ إِلَى صِفَةِ هَذَا عَمَائِقُ الْفِطَنِ أَوْ تَبْلُغُهُ قَرَائِحُ الْعُقُولِ أَوْ تَسْتَنْظِمُ وَصْفَهُ أَقْوَالُ الْوَاصِفِينَ.

وَ أَقَلُّ أَجْزَائِهِ قَدْ أَعْجَزَ الْأَوْهَامَ أَنْ تُدْرِكَهُ وَ الْأَلْسِنَةَ أَنْ تَصِفَهُ فَسُبْحَانَ الَّذِي بَهَرَ الْعُقُولَ عَنْ وَصْفِ خَلْقٍ جَلَّاهُ لِلْعُيُونِ فَأَدْرَكَتْهُ مَحْدُوداً مُكَوَّناً وَ مُؤَلَّفاً مُلَوَّناً وَ أَعْجَزَ الْأَلْسُنَ عَنْ تَلْخِيصِ صِفَتِهِ وَ قَعَدَ بِهَا عَنْ تَأْدِيَةِ نَعْتِهِ.

## صغار المخلوقات

وَ سُبْحَانَ مَنْ أَدْمَجَ قَوَائِمَ الذَّرَّةِ وَ الْهَمَجَةِ إِلَى مَا فَوْقَهُمَا مِنْ خَلْقِ الْحِيتَانِ وَ الْفِيَلَةِ وَ وَأَى عَلَى نَفْسِهِ أَلَّا يَضْطَرِبَ شَبَحٌ مِمَّا أَوْلَجَ فِيهِ الرُّوحَ إِلَّا وَ جَعَلَ الْحِمَامَ مَوْعِدَهُ وَ الْفَنَاءَ غَايَتَهُ.

## منها في صفة الجنة

فَلَوْ رَمَيْتَ بِبَصَرِ قَلْبِكَ نَحْوَ مَا يُوصَفُ لَكَ مِنْهَا لَعَزَفَتْ نَفْسُكَ عَنْ بَدَائِعِ مَا أُخْرِجَ إِلَى الدُّنْيَا مِنْ شَهَوَاتِهَا وَ لَذَّاتِهَا وَ زَخَارِفِ مَنَاظِرِهَا وَ لَذَهِلَتْ بِالْفِكْرِ فِي اصْطِفَاقِ أَشْجَارٍ غُيِّبَتْ عُرُوقُهَا فِي كُثْبَانِ الْمِسْكِ عَلَى سَوَاحِلِ أَنْهَارِهَا وَ فِي تَعْلِيقِ كَبَائِسِ اللُّؤْلُؤِ الرَّطْبِ فِي عَسَالِيجِهَا وَ أَفْنَانِهَا وَ طُلُوعِ تِلْكَ الثِّمَارِ مُخْتَلِفَةً فِي غُلُفِ أَكْمَامِهَا تُجْنَى مِنْ غَيْرِ تَكَلُّفٍ فَتَأْتِي عَلَى مُنْيَةِ مُجْتَنِيهَا. وَ يُطَافُ عَلَى نُزَّالِهَا فِي أَفْنِيَةِ قُصُورِهَا بِالْأَعْسَالِ الْمُصَفَّقَةِ وَ الْخُمُورِ الْمُرَوَّقَةِ.

۽ جڏهن تون ان جي ڪنپ جي وارن مان ڪنهن وار کي غور سان ڏسندين تہ اهو توکي گلاب جهڙيءَ ڳاڙهاڻ، ڪڏهن زُبرجد جهڙيءَ ساواڻ، ۽ ڪڏهن سون جهڙيءَ ڦِڪاڻ جو ڏيک ڏيندو. پوءِ ڪيئن هن پکيءَ جي صفت تائين سوچ جون گهرايون پهچي سگهن ٿيون يا عقل جون عقلمنديون رسِي سگهن ٿيون، يا واڪاڻ ڪندڙ جي واڪاڻ ان جي وصف کي منظم بيان ۾ آڻي سگهي ٿي. جو هن جي بلڪل ننڍڙن جزئن جي تخيل کي ان جي سمجهڻ کان ۽ زبانن کي ان جي بيان ڪرڻ کان بي وس ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ پاڪ آهي اها ذات جنهن عقلن کي ان مخلوق جي وصف بيان ڪرڻ کان وائڙو ڪري ڇڏيو آهي، جنهن کي هن اکين لاءِ پڌرو ڪيو آهي. پوءِ اکين سندس حدبنديءَ سان ناهيل ۽ رنگن سان جوڙيل جي حدتائين سمجهيو آهي. ۽ هن زبانن کي ان جي صفتن جي وضاحت ڪرڻ کان عاجز ڪري ڇڏيو آهي، ۽ انهن کي ان جي صفت بيان ڪرڻ کان بيوس بڻائي ڇڏيو آهي.

## ننڍڙي مخلوق

۽ پاڪ آهي اها هستي جنهن ڪِول ۽ مڪ ۽ انهن کان مٿي واريءَ مخلوق وهيل مڇيءَ ۽ هاٿيءَ جي پيرن کي مُحڪم ڪيو آهي. ۽ هن پنهنجي پاڻ تي لازم ڪيو آهي تہ جيڪو بہ جسم جنهن ۾ هن روح داخل ڪيو آهي چُرپُر ڪري ٿو موت کي ان جي واعدي گاهہ ۽ فنا کي ان جو آخر قرار ڏي.



## انهيءَ منجهان، جنت جي صفت

اگر تون پنهنجي دل جي اک سان انهن ڏانهن ڏسندين جيڪي جنت مان تنهنجي لاءِ بيان ڪيون وجن ٿيون تہ تنهنجو نفس دنيا ۾ پيش ڪيل ان جي پلين خواهشين ۽ لذتن، ۽ ان جي وڻندڙ نظارن کان پاسو ڪندو. ۽ يقيناً تنهنجو نفس اهڙن وڻن جي پنن جي آواز ۾ جن جي پاڙن کي جنت جي نهرن جي ڪنارن تي مُشڪ جي ٽِبن ۾ لڪايو ويو آهي، ۽ اهڙن وڻن جي ٽارين ۽ لامن ۾ جن ۾ تازن موتين جا ڇُڳا لٽڪيل هوندا، ۽ سانچن جي غلافن ۾ انهن مختلف ميون جي نڪرڻ ۾، مدهوش ٿي سوچڻ لڳندو. ۽ جن کي بغير تڪليف جي پٽيو ويندو، ۽ جيڪي پٽڻ واري جي چاهت مطابق اڳتي ايندا. ۽ جنتين لاءِ محلن جي اڱڻن ۾ صاف ماکيءَ ۽ خالص شراب جا جام ڦيرايا ويندا.

قَوْمٌ لَمْ تَزَلِ الْكَرَامَةُ تَتَمَادَى بِهِمْ حَتَّى حَلُّوا دَارَ الْقَرَارِ وَ أَمِنُوا نُقْلَةَ الْأَسْفَارِ فَلَوْ شَغَلْتَ قَلْبَكَ أَيُّهَا الْمُسْتَمِعُ بِالْوُصُولِ إِلَى مَا يَهْجُمُ عَلَيْكَ مِنْ تِلْكَ الْمَنَاظِرِ الْمُونِقَةِ لَزَهِقَتْ نَفْسُكَ شَوْقاً إِلَيْهَا وَ لَتَحَمَّلْتَ مِنْ مَجْلِسِي هَذَا إِلَى مُجَاوَرَةِ أَهْلِ الْقُبُورِ اسْتِعْجَالًا بِهَا جَعَلَنَا اللَّهُ وَ إِيَّاكُمْ مِمَّنْ يَسْعَى بِقَلْبِهِ إِلَى مَنَازِلِ الْأَبْرَارِ بِرَحْمَتِهِ.

## تفسير بعض ما في هذه الخطبة من الغريب

قال السيد الشريف رضي الله عنه قوله عليه السلام "يؤر بملاقحه" الأر كناية عن النكاح يقال أر الرجل المرأة يؤرها إذا نكحها.

و قوله عليه السلام "كأنه قلع داري عنجه نوتيه" القلع شراع السفينة و داري منسوب إلى دارين و هي بلدة على البحر يجلب منها الطيب و عنجه أي عطفه يقال عنجت الناقة كنصرت أعنجها عنجا إذا عطفتها و النوتي الملاح.

و قوله عليه السلام ضفتي جفونه أراد جانبي جفونه و الضفتان الجانبان. و قوله عليه السلام و فلذ الزبرجد الفلذ جمع فلذة و هي القطعة. و قوله عليه السلام كبائس اللؤلؤ الرطب الكباسة العذق و العساليج الغصون واحدها عسلوج.



# ١٦٦ـ و من خطبة له عليه السلام

## الحث على التآلف

لِيَتَأَسَّ صَغِيرُكُمْ بِكَبِيرِكُمْ وَ لْيَرْأَفْ كَبِيرُكُمْ بِصَغِيرِكُمْ، وَ لَا تَكُونُوا كَجُفَاةِ الْجَاهِلِيَّةِ.

اهي اهڙا ماڻهو آهن جن سان ڪرم هميشہ گڏ رهيو تان جو هو هميشہ واري گهر ۾ وڃي پهتا. ۽ اهي سفرن جي منتقليءَ دوران امن ۾ رهيا. اي ٻڌڻ وارا اگر تون پنهنجي دل کي انهن وڻندڙ نظارن تائين پهچڻ لاءِ مصروف رکيو جيڪي هڪدم تو وٽ ايندا تہ انهن جي شوق ۾ تنهنجو ساهہ نڪري ويندو ۽ تو کي ضرور منهنجي هن مجلس کان اُٿاري انهن جي تڪڙ ۾ مُردن جو پاڙيسري بڻايو ويندو. الله تعاليٰ پنهنجيءَ رحمت سان اسانکي ۽ توهان کي انهن ماڻهن مان بڻائي جيڪي پنهنجي دل سان نيڪ ٻانهن جي منزلن تائين پهچڻ لاءِ ڪوشش ڪندا آهن.

### هن خطبي ۾ موجود اجنبي لفظن جي وضاحت

سيد رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام جي ڪلام ”يَؤُرُّ بِمُلاقَحَة“ ۾ لفظ ”اَرَّ“ مان همبستري کان ڪنايو آهي، چيو ويندو آهي ” أَرَّ الرَجُلُ المرأةَ يَؤُرُّهَا “ يعني مرد عورت سان همبستري ڪئي. ۽ امام عليه السلام جي ڪلام ”كأنه قلع داري عنجه نوتيه“ ۾ ”القلع“ جي معنيٰ ٻيڙي جو سِڙهہ آهي، ۽ لفظ ”داري“ دارين ڏانهن منسوب آهي، ۽ دارين سمنڊ جي ڪناري تي هڪ شهر جو نالو آهي جتان خوشبوءِ دار شيون آنديون وينديون آهن، ۽ ”عنجه“ جي معنيٰ ڦيرڻ آهي، چيو ويندو آهي ”عجنتُ النّاقَةَ“ مون ڏاچيءَ جو رخ ڦيريو ۽ ”اعنُجُها عَنجاً“ ان وقت چيو ويندو آهي جڏهن تون ان جي رخ کي ڦيريندين، ۽ ”النُوتِي“ جي معنيٰ ملاح آهي. ۽ امام عليه السلام جي ڪلام ”ضفتي جفونه“ مان مراد پلڪن جا ٻئي پاسا ۽ ضفتان يعني ٻہ پاسا آهن، ۽ امام عليه السلام جي ڪلام ”فلذ الزبرجد“ ۾ فلذ جمع فلذة آهي جنهن جي معنيٰ ٽڪڙو آهي. ۽ امام عليه السلام جي ڪلام ”بائس الؤلؤ الرطب الكباسة“ ۾ الكباسة جي معنيٰ ڪجي جو ڇُڙ آهي. ۽ ”عساليج“ جو واحد عسلوج آهي يعني ٽاري.



## ١٦٦_ امام عليه السلام جو خطبو

### هڪ ٻئي سان الفت ڪرڻ تي اڀارڻ

توهان جي ننڍي کي گهرجي تہ توهان جي وڏي جي پيروي ڪري، ۽ توهان جي وڏي کي گهرجي تہ توهان جي ننڍي تي شفقت ڪري، ۽ توهان جاهليت جي دؤر وارن ماڻهن وانگر سنگدل نہ ٿيو.

لَا فِي الدِّينِ يَتَفَقَّهُونَ وَ لَا عَنِ اللَّهِ يَعْقِلُونَ كَقَيْضِ بَيْضٍ فِي أَدَاحٍ يَكُونُ كَسْرُهَا وِزْراً وَ يُخْرِجُ حِضَانُهَا شَرّاً.

## بنو أمية و منها

افْتَرَقُوا بَعْدَ أُلْفَتِهِمْ وَ تَشَتَّتُوا عَنْ أَصْلِهِمْ فَمِنْهُمْ آخِذٌ بِغُصْنٍ أَيْنَمَا مَالَ مَالَ مَعَهُ عَلَى أَنَّ اللَّهَ تَعَالَى سَيَجْمَعُهُمْ لِشَرِّ يَوْمٍ لِبَنِي أُمَيَّةَ كَمَا تَجْتَمِعُ قَزَعُ الْخَرِيفِ يُؤَلِّفُ اللَّهُ بَيْنَهُمْ ثُمَّ يَجْمَعُهُمْ رُكَاماً كَرُكَامِ السَّحَابِ ثُمَّ يَفْتَحُ لَهُمْ أَبْوَاباً يَسِيلُونَ مِنْ مُسْتَثَارِهِمْ كَسَيْلِ الْجَنَّتَيْنِ حَيْثُ لَمْ تَسْلَمْ عَلَيْهِ قَارَةٌ.

وَ لَمْ تَثْبُتْ عَلَيْهِ أَكَمَةٌ وَ لَمْ يَرُدَّ سَنَنَهُ رَصُّ طَوْدٍ وَ لَا حِدَابُ أَرْضٍ يُذَعْذِعُهُمُ اللَّهُ فِي بُطُونِ أَوْدِيَتِهِ ثُمَّ يَسْلُكُهُمْ يَنَابِيعَ فِي الْأَرْضِ يَأْخُذُ بِهِمْ مِنْ قَوْمٍ حُقُوقَ قَوْمٍ وَ يُمَكِّنُ لِقَوْمٍ فِي دِيَارِ قَوْمٍ وَ ايْمُ اللَّهِ لَيَذُوبَنَّ مَا فِي أَيْدِيهِمْ بَعْدَ الْعُلُوِّ وَ التَّمْكِينِ كَمَا تَذُوبُ الْأَلْيَةُ عَلَى النَّارِ.

## الناس آخر الزمان



أَيُّهَا النَّاسُ لَوْ لَمْ تَتَخَاذَلُوا عَنْ نَصْرِ الْحَقِّ وَ لَمْ تَهِنُوا عَنْ تَوْهِينِ الْبَاطِلِ لَمْ يَطْمَعْ فِيكُمْ مَنْ لَيْسَ مِثْلَكُمْ وَ لَمْ يَقْوَ مَنْ قَوِيَ عَلَيْكُمْ لَكِنَّكُمْ تِهْتُمْ مَتَاهَ بَنِي إِسْرَائِيلَ.

وَ لَعَمْرِي لَيُضَعَّفَنَّ لَكُمُ التِّيهُ مِنْ بَعْدِي أَضْعَافاً بِمَا خَلَّفْتُمُ الْحَقَّ وَرَاءَ ظُهُورِكُمْ وَ قَطَعْتُمُ الْأَدْنَى وَ وَصَلْتُمُ الْأَبْعَدَ.

وَ اعْلَمُوا أَنَّكُمْ إِنِ اتَّبَعْتُمُ الدَّاعِيَ لَكُمْ سَلَكَ بِكُمْ مِنْهَاجَ الرَّسُولِ وَ كُفِيتُمْ مَئُونَةَ الِاعْتِسَافِ وَ نَبَذْتُمُ الثِّقْلَ الْفَادِحَ عَنِ الْأَعْنَاقِ.

جيڪي نہ دين ۾ سمجھ رکندا آهن، ۽ نہ الله تعاليٰ جي باري ۾ عقل کان ڪم وٺندا آهن. اُٺ پکيءَ جي آشياني ۾ پيل آني جي ڳل وانگر جنهن جو پڃڻ گناھ آهي ۽ جنهن جو ڦُٽڻ شر کي ڪڍڻ وارو آهي.

### انهيءَ منجهان، بني اميہ

اهي الفت کانپوءِ ڌار ڌار ٿي ويا، ۽ پنهنجي مرڪز کان منتشر ٿي ويا، پوءِ انهن منجهان ڪن ٽاريءَ کي ورتو، پوءِ جيڏانهن اها نِوي تہ اهي بہ ان ساڻ نِويا. تان جو الله تعاليٰ انهن کي عنقريب بني اميہ جي لاءِ بڇڙي ڏينهن لاءِ ائين گڏ ڪندو جيئن سانوڻ جا ڪڪر گڏ ٿيندا آهن. الله تعاليٰ انهن جي درميان محبت وجهندو، پوءِ انهن کي ڳهاٽن ڪڪرن وانگر گڏ ڪندو، پوءِ انهن لاءِ دروازا کوليندو، اُهي پنهنجيءَ انتقام واريءَ جاءِ مان ٻن باغن جي ٻوڏ وانگر وهي نڪرندا، اهڙيءَ طرح جو ان اڳيان نہ ڪا ٽڪِري بچي، ۽ نہ ڪو دڙو محفوظ رهيو. ۽ ان جي وهڪري کي نہ جبل جي مضبوطي روڪي سگهي ۽ نہ ڪا زمين جي مٿاهين. الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي وادين جي اندر پکيڙي ڇڏيندو، پوءِ انهن کي چشمن وانگر زمين تي وهائي ڇڏيندو، ۽ انهن مان ڪجھ ماڻهن ذريعي ڪجھ ماڻهن جا حق وٺندو. ۽ هڪڙيءَ قوم کي ٻيءَ قوم جي جڳهن ۾ رهائيندو. الله جو قسم حڪومت ۽ قبضي کانپوءِ جو ڪجھ سندن هٿن ۾ هوندو ضرور ڳريءَ ويندو جيئن وَهہ باھ تي ڳرنديءَ آهي.

### آخري دؤر جا ماڻهو

اي انسانؤ! اگر توهان حق جي مدد کان هٿ نہ ڪڍو ها ۽ باطل جي ڪمزور ڪرڻ سان ڪمزور نہ ٿيو ها تہ جيڪي توهان جهڙا نہ آهن توهان ۾ لالچ نہ رکن ها. ۽ جيڪي توهان تي ڏاڍا ٿيا اهي ڏاڍا نہ ٿين ها. ليڪن توهان ڀٽڪي ويؤ بني اسرائيل جي رڻ پٽ ۾ ڀٽڪڻ وانگر. مونکي پنهنجيءَ زندگيءَ جو قسم! مون کانپوءِ ڀٽڪڻ کي توهان لاءِ ڪيئي دفعا گهڻو ڪيو ويندو. ان لاءِ تہ توهان حق کي پنهنجي پويان ڪري ڇڏيو. ۽ ويجهن سان ناتا ٽوڙيوَ ۽ پري وارن سان ناتا جوڙيوَ. ۽ ڄاڻو تہ بيشڪ جيڪڏهن توهان پنهنجي دعوت ڏيندڙ جي پيروي ڪريو ها تہ هو توهان کي رسول الله ص جي راهن تي وٺي هلي ها. ۽ توهان گمراهيءَ جي شدت کان بچي وڃو ها. ۽ ڳچين کان ڳري بار کي پري ڪريو ها.

## ١٦٧- و من خطبة له عليه‌السلام

*في أوائل خلافته*

إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ أَنْزَلَ كِتَاباً هَادِياً بَيَّنَ فِيهِ الْخَيْرَ وَ الشَّرَّ فَخُذُوا نَهْجَ الْخَيْرِ تَهْتَدُوا وَ اصْدِفُوا عَنْ سَمْتِ الشَّرِّ تَقْصِدُوا الْفَرَائِضَ الْفَرَائِضَ أَدُّوهَا إِلَى اللَّهِ تُؤَدِّكُمْ إِلَى الْجَنَّةِ إِنَّ اللَّهَ حَرَّمَ حَرَاماً غَيْرَ مَجْهُولٍ وَ أَحَلَّ حَلَالًا غَيْرَ مَدْخُولٍ.

وَ فَضَّلَ حُرْمَةَ الْمُسْلِمِ عَلَى الْحُرَمِ كُلِّهَا وَ شَدَّ بِالْإِخْلَاصِ وَ التَّوْحِيدِ حُقُوقَ الْمُسْلِمِينَ فِي مَعَاقِدِهَا فَالْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُونَ مِنْ لِسَانِهِ وَ يَدِهِ إِلَّا بِالْحَقِّ وَ لَا يَحِلُّ أَذَى الْمُسْلِمِ إِلَّا بِمَا يَجِبُ.

بَادِرُوا أَمْرَ الْعَامَّةِ وَ خَاصَّةَ أَحَدِكُمْ وَ هُوَ الْمَوْتُ فَإِنَّ النَّاسَ أَمَامَكُمْ وَ إِنَّ السَّاعَةَ تَحْدُوكُمْ مِنْ خَلْفِكُمْ تَخَفَّفُوا تَلْحَقُوا فَإِنَّمَا يُنْتَظَرُ بِأَوَّلِكُمْ آخِرُكُمْ.

اتَّقُوا اللَّهَ فِي عِبَادِهِ وَ بِلَادِهِ فَإِنَّكُمْ مَسْئُولُونَ حَتَّى عَنِ الْبِقَاعِ وَ الْبَهَائِمِ أَطِيعُوا اللَّهَ وَ لَا تَعْصُوهُ وَ إِذَا رَأَيْتُمُ الْخَيْرَ فَخُذُوا بِهِ وَ إِذَا رَأَيْتُمُ الشَّرَّ فَأَعْرِضُوا عَنْهُ.



## ١٦٨- و من كلام له عليه‌السلام

***بعد ما بويع بالخلافة، و قد قال له قوم من الصحابة لو عاقبت قوما ممن أجلب على عثمان فقال عليه‌السلام:***

يَا إِخْوَتَاهْ إِنِّي لَسْتُ أَجْهَلُ مَا تَعْلَمُونَ وَ لَكِنْ كَيْفَ لِي بِقُوَّةٍ وَ الْقَوْمُ الْمُجْلِبُونَ عَلَى حَدِّ شَوْكَتِهِمْ يَمْلِكُونَنَا وَ لَا نَمْلِكُهُمْ.

وَ هَا هُمْ هَؤُلَاءِ قَدْ ثَارَتْ مَعَهُمْ عِبْدَانُكُمْ وَ الْتَفَّتْ إِلَيْهِمْ أَعْرَابُكُمْ وَ هُمْ خِلَالَكُمْ يَسُومُونَكُمْ مَا شَاءُوا وَ هَلْ تَرَوْنَ مَوْضِعاً لِقُدْرَةٍ عَلَى شَيْءٍ تُرِيدُونَهُ. إِنَّ هَذَا الْأَمْرَ أَمْرُ جَاهِلِيَّةٍ.

## ١٦٧_ امام عليه السلام جو خطبو، خلافت جي ابتدائي ڏهاڙن ۾

بيشڪ الله تعاليٰ هدايت ڏيندڙ ڪتاب کي نازل ڪيو آهي، جنهن ۾ خير ۽ شر کي واضح بيان ڪيو آهي، پوءِ توهان خير جي واٽ اختيار ڪريو ته هدايت ماڻيندا ۽ شر جي پاسي کان مُنهن موڙيو ته سڌيءَ راهه تي هلندا. فرضن کي اهميت ڏيو، فرضن کي اهميت ڏيو. انهن کي الله تعاليٰ وٽ پهچايو ته اهي توهان کي جنت وٽ پهچائيندا. بيشڪ الله تعاليٰ جن شين کي حرام ڪيو آهي اهي اڻ ڄاتل نه آهن. ۽ جن شين کي حلال ڪيو آهي اهي عيب دار نه آهن. ۽ الله تعاليٰ مسلمانن جي حُرمت کي سيني حُرمتن تي فضيلت ڏني آهي. ۽ مسلمانن جي حقن کي سندن جاين ۾ اخلاص ۽ توحيد سان ٻڌي ڇڏيو آهي. بس مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن، سواءِ حق جي. ۽ مسلمانن کي ايذائڻ جائز نه آهي، مگر جيڪو لازمي هجي.

عمومي مسئلي ۽ جيڪو توهان منجهان هر هڪ سان خاص آهي ان ڏانهن جلدي ڪريو ۽ اهو موت آهي. بيشڪ ماڻهو توهان جي اڳيان آهن. ۽ يقيناً قيامت توهان کي پويان کان ڌِڪي رهي آهي. هلڪا ٿيو ته اڳين سان ملي سگهو. جو توهان جي پهرين کي توهان جي پوئين جو انتظار ڪرايو ٿو وڃي، الله تعاليٰ کان سندس ٻانهن ۽ سندس شهرن بابت ڊڄو. بيشڪ توهانکان پڇيو ويندو ايستائين جو زمينن ۽ جانورن بابت به. الله تعاليٰ جي اطاعت ڪريو، ۽ ان جي نافرماني نه ڪريو، ۽ جڏهن توهان خير کي ڏسو ته انکي وٺو، ۽ جڏهن توهان شر کي ڏسو ته ان کان پاسو ڪريو.



## ١٦٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، سندس خلافت جي بيعت ڪرڻ کان پوءِ

**سندس اصحاب منجهان ڪجھ ماڻهن امام عليه السلام کي چيو اگر اوهان انهن ماڻهن کي سزا ڏيو ها جن عثمان کي تڪليف ڏني ته امام عليه السلام هي ڪلام ارشاد فرمايو:**

اي ڀائرو! جيڪي توهان ڄاڻو ٿا آءٌ به تنهن کان بي خبر نه آهيان. ليڪن مون وٽ ايتري قوّت ڪٿي آهي، جڏهن ته گڏ ٿيل قوم پنهنجي ڏاڍِ مُڙسيءَ تي بيٺل آهي. هو اسان تي غالب آهن اسان مٿن غالب نه آهيون. ۽ هو اهي آهن جن سان توهان جي غلامن به گڏجي حملو ڪيو، ۽ توهانجا بدو به انهن سان رلجي ويا هئا. ۽ هو توهان جي درميان آهن جيڪو چاهين توهان کي نقصان پهچائي سگهن ٿا. ۽ جيڪو توهان چاهيو ٿا ان باري ۾ ڪنهن شيءِ تي قدرت جي جاءِ ڏسو ٿا؟ بيشڪ هي طريقو جاهليت وارو طريقو آهي.

وَ إِنَّ لِهَؤُلَاءِ الْقَوْمِ مَادَّةً إِنَّ النَّاسَ مِنْ هَذَا الْأَمْرِ إِذَا حُرِّكَ عَلَى أُمُورٍ فِرْقَةٌ تَرَى مَا تَرَوْنَ وَ فِرْقَةٌ تَرَى مَا لَا تَرَوْنَ وَ فِرْقَةٌ لَا تَرَى هَذَا وَ لَا ذَاكَ فَاصْبِرُوا حَتَّى يَهْدَأَ النَّاسُ وَ تَقَعَ الْقُلُوبُ مَوَاقِعَهَا وَ تُؤْخَذَ الْحُقُوقُ مُسْمَحَةً فَاهْدَءُوا عَنِّي وَ انْظُرُوا مَا ذَا يَأْتِيكُمْ بِهِ أَمْرِي وَ لَا تَفْعَلُوا فَعْلَةً تُضَعْضِعُ قُوَّةً وَ تُسْقِطُ مُنَّةً وَ تُورِثُ وَهْناً وَ ذِلَّةً وَ سَأُمْسِكُ الْأَمْرَ مَا اسْتَمْسَكَ وَ إِذَا لَمْ أَجِدْ بُدّاً فَآخِرُ الدَّوَاءِ الْكَيُّ.

## ١٦٩ــ و من خطبة له عليه السلام

*عند مسير أصحاب الجمل إلى البصرة.*

### الأمور الجامعة للمسلمين

إِنَّ اللَّهَ بَعَثَ رَسُولًا هَادِياً بِكِتَابٍ نَاطِقٍ وَ أَمْرٍ قَائِمٍ لَا يَهْلِكُ عَنْهُ إِلَّا هَالِكٌ وَ إِنَّ الْمُبْتَدَعَاتِ الْمُشَبَّهَاتِ هُنَّ الْمُهْلِكَاتُ إِلَّا مَا حَفِظَ اللَّهُ مِنْهَا.

وَ إِنَّ فِي سُلْطَانِ اللَّهِ عِصْمَةً لِأَمْرِكُمْ فَأَعْطُوهُ طَاعَتَكُمْ غَيْرَ مُلَوَّمَةٍ وَ لَا مُسْتَكْرَهٍ بِهَا وَ اللَّهِ لَتَفْعَلُنَّ أَوْ لَيَنْقُلَنَّ اللَّهُ عَنْكُمْ سُلْطَانَ الْإِسْلَامِ ثُمَّ لَا يَنْقُلُهُ إِلَيْكُمْ أَبَداً حَتَّى يَأْرِزَ الْأَمْرُ إِلَى غَيْرِكُمْ.



### التنفير من خصومه

إِنَّ هَؤُلَاءِ قَدْ تَمَالَئُوا عَلَى سَخْطَةِ إِمَارَتِي وَ سَأَصْبِرُ مَا لَمْ أَخَفْ عَلَى جَمَاعَتِكُمْ فَإِنَّهُمْ إِنْ تَمَّمُوا عَلَى فَيَالَةِ هَذَا الرَّأْيِ انْقَطَعَ نِظَامُ الْمُسْلِمِينَ.

وَ إِنَّمَا طَلَبُوا هَذِهِ الدُّنْيَا حَسَداً لِمَنْ أَفَاءَهَا اللَّهُ عَلَيْهِ فَأَرَادُوا رَدَّ الْأُمُورِ عَلَى أَدْبَارِهَا وَ لَكُمْ عَلَيْنَا الْعَمَلُ بِكِتَابِ اللَّهِ تَعَالَى وَ سِيرَةِ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله وَ الْقِيَامُ بِحَقِّهِ وَ النَّعْشُ لِسُنَّتِه.

۽ يقيناً انهن ماڻهن جي پُٺ پرائي آهي. بيشڪ اگر جانچ پڙتال ڪئي وڃي تہ هن مسئلي ۾ ماڻهن جا چند قسم آهن. هڪ ٽولو اهو سوچي ٿو جيڪو توهان سوچو ٿا، ۽ هڪ ٽولو اهو سوچي ٿو جيڪو توهان نٿا سوچو، ۽ هڪ ٽولو نہ هي سوچي ٿو ۽ نہ هو سوچي ٿو. بس توهان صبر ڪريو تان جو ماڻهو خاموش ٿين، ۽ دليون پنهنجي جائين تي ويهن ۽ حقن کي آساني سان ورتو وڃي، بس توهان مونکان مطمئن رهو ۽ ڏسو تہ ڪنهن شيءِ بابت منهنجو حڪم توهان وٽ اچي ٿو، ۽ اهڙو ڪو ڪم نہ ڪيو جو طاقت کي ڇَٽ ڪري ڇڏي، ۽ قوت کي ڪيرائي ڇڏي. ۽ ڪمزوريءَ ۽ ذلت جو ڪارڻ ٿئي. ۽ جيتري قدر ٿي سگهيو مان هن مسئلي کي روڪيندس ۽ اگر ٻيو ڪو چارو نہ پاتو تہ آخري علاج ڏنڀ آهي.

## ١٦٩_ امام عليه‌السلام جو خطبو. جڏهن جمل وارا بصري ڏانهن روانا ٿيا

### مسلمانن جا اجتماعي امور

بيشڪ الله تعالىٰ رسول ص کي ڳالهائيندڙ ڪتاب، ۽ سڌيءَ شريعت سان هادي بڻائي موڪليو، جنهن ڪان ڪو بہ هلاڪ نہ ٿيندو سواءِ پاڻ هلاڪ ٿيڻ واري جي. ۽ بيشڪ حق جي مشابهہ بدعتون ئي برباد ڪندڙ آهن سواءِ انهن جي جن ڪان الله تعالىٰ محفوظ رکي.

۽ بيشڪ الله تعالىٰ جي حڪومت ۾ توهان جا معاملا محفوظ آهن. بس توهان ان جي اهڙي اطاعت ڪريو جيڪا ملاوٽ واري نہ هجي ۽ نہ وري اها مجبوريءَ واري هجي. الله جو قسم توهان ضرور اطاعت ڪريو نہ تہ الله تعالىٰ ضرور اسلامي حڪومت توهان ڪان منتقل ڪري ڇڏيندو. پوءِ ڪڏهن بہ توهان ڏانهن منتقل نہ ڪندو ايستائين جو اهو اقتدار توهان ڪان علاوهہ ٻين جو رُخ ڪندو.

### پنهنجي دشمن کي پري ڪرڻ

بيشڪ اهي ماڻهو منهنجيءَ حڪومت خلاف ڪاوڙ تي متفق ٿي ويا آهن. ۽ آءٌ ضرور صبر ڪندس جيستائين توهان جي جماعت تي خوف نہ ڪاوان. بيشڪ اگر اهي هن ڪمزرو راءِ تي ڪامياب رهيا تہ مسلمانن جو نظام ٽُٽي پوندو.

انهن اهڙي شخص سان ساڙ ڪندي هن دنيا کي طلبيو آهي جنهن ڏانهن الله تعالىٰ دنيا کي موٽايو آهي. پوءِ اهي حالات کي پوئين پير موٽائڻ چاهين ٿا. ۽ توهان جو اسان جي مٿان اهو حق آهي تہ اسان الله تعالىٰ جي ڪتاب ۽ رسول الله ﷺ جي سيرت تي عمل ڪريون ۽ ان جي حق کي ادا ڪريون ۽ سندس سنت کي بلند ڪريون.

## ١٧٠- و من كلام له عليه‌السلام

*في وجوب اتباع الحق عند قيام الحجة كلّم به بعض العرب.*

وَ قَدْ أَرْسَلَهُ قَوْمٌ مِنْ أَهْلِ الْبَصْرَةِ لَمَّا قَرُبَ عليه‌السلام مِنْهَا لِيَعْلَمَ لَهُمْ مِنْهُ حَقِيقَةَ حَالِهِ مَعَ أَصْحَابِ الْجَمَلِ لِتَزُولَ الشُّبْهَةُ مِنْ نُفُوسِهِمْ فَبَيَّنَ لَهُ عليه‌السلام مِنْ أَمْرِهِ مَعَهُمْ مَا عَلِمَ بِهِ أَنَّهُ عَلَى الْحَقِّ ثُمَّ قَالَ لَهُ بَايِعْ فَقَالَ إِنِّي رَسُولُ قَوْمٍ وَ لَا أُحْدِثُ حَدَثاً حَتَّى أَرْجِعَ إِلَيْهِمْ.

فَقَالَ عليه‌السلام أَ رَأَيْتَ لَوْ أَنَّ الَّذِينَ وَرَاءَكَ بَعَثُوكَ رَائِداً تَبْتَغِي لَهُمْ مَسَاقِطَ الْغَيْثِ فَرَجَعْتَ إِلَيْهِمْ وَ أَخْبَرْتَهُمْ عَنِ الْكَلَإِ وَ الْمَاءِ فَخَالَفُوا إِلَى الْمَعَاطِشِ وَ الْمَجَادِبِ مَا كُنْتَ صَانِعاً قَالَ كُنْتُ تَارِكَهُمْ وَ مُخَالِفَهُمْ إِلَى الْكَلَإِ وَ الْمَاءِ فَقَالَ عليه‌السلام فَامْدُدْ إِذاً يَدَكَ فَقَالَ الرَّجُلُ فَوَاللَّهِ مَا اسْتَطَعْتُ أَنْ أَمْتَنِعَ عِنْدَ قِيَامِ الْحُجَّةِ عَلَيَّ فَبَايَعْتُهُ عليه‌السلام.

وَ الرَّجُلُ يُعْرَفُ بِكُلَيْبٍ الْجَرْمِيِّ.

## ١٧١- و من كلام له عليه‌السلام

*لما عزم على لقاء القوم بصفين*



### الدعاء

اللَّهُمَّ رَبَّ السَّقْفِ الْمَرْفُوعِ وَ الْجَوِّ الْمَكْفُوفِ الَّذِي جَعَلْتَهُ مَغِيضاً لِلَّيْلِ وَ النَّهَارِ وَ مَجْرًى لِلشَّمْسِ وَ الْقَمَرِ وَ مُخْتَلَفاً لِلنُّجُومِ السَّيَّارَةِ وَ جَعَلْتَ سُكَّانَهُ سِبْطاً مِنْ مَلَائِكَتِكَ لَا يَسْأَمُونَ مِنْ عِبَادَتِكَ وَ رَبَّ هَذِهِ الْأَرْضِ الَّتِي جَعَلْتَهَا قَرَاراً لِلْأَنَامِ وَ مَدْرَجاً لِلْهَوَامِّ وَ الْأَنْعَامِ. وَ مَا لَا يُحْصَى مِمَّا يُرَى وَ مَا لَا يُرَى وَ رَبَّ الْجِبَالِ الرَّوَاسِي الَّتِي جَعَلْتَهَا لِلْأَرْضِ أَوْتَاداً وَ لِلْخَلْقِ اعْتِمَاداً إِنْ أَظْهَرْتَنَا عَلَى عَدُوِّنَا فَجَنِّبْنَا الْبَغْيَ وَ سَدِّدْنَا لِلْحَقِّ وَ إِنْ أَظْهَرْتَهُمْ عَلَيْنَا فَارْزُقْنَا الشَّهَادَةَ وَ اعْصِمْنَا مِنَ الْفِتْنَةِ.

## ١٧٠_ امام عليه السلام جو ڪلام، حجت جي قائم ٿيڻ وقت حق جي اتباع جي واجب هجڻ بابت.

## هڪ عرب سان سندس گفتگو

جڏهن امام عليه السلام بصره جي ويجهو پهتا ته اتان جي ماڻهن هڪ ماڻهو کي امام عليه السلام ڏانهن ان مقصد سان موڪليو ته ڪانئس جمل وارن بابت امام عليه السلام جي راءِ کي ڄاڻين، ته جيئن سندن دلين مان شبهو ختم ٿي وڃي، پوءِ امام عليه السلام ان جي اڳيان جمل وارن سان پنهنجي رويي جي وضاحت ڪئي جنهن ڪان ڪيس معلوم ٿي ويو ته امام عليه السلام حق تي آهن، پوءِ امام عليه السلام ڪيس فرمايو بيعت ڪر، ان چيو مان هڪ قوم جو قاصد آهيان ۽ جيستائين وٽن وري نه وڃان ڪو نئون ڪم نٿو ڪري سگهان.

ته پوءِ امام عليه السلام فرمايو: تون ٻڌاءِ ته اگر اهي جيڪي تنهنجي پُٺيان آهن ۽ جن تو کي اڳواڻ ڪري موڪليو آهي ته جيئن سندن لاءِ وسڪاري جي جاءِ کي ڳولهين، پوءِ وٽن موٽي وڃين ۽ ڪين گاهه ۽ پاڻي جي خبر ڏين، پوءِ اهي مخالفت ڪندي سوڪهڙي ۽ رڻ پٽ ڏانهن وڃن ته تون ڇا ڪندين؟ هن چيو: مان انهن کي ڇڏي ڏيندس ۽ انهن جي مخالفت ڪندي گاهه ۽ پاڻي واريءَ جاءِ ڏانهن ايندس. پوءِ امام عليه السلام فرمايو: بس پوءِ پنهنجو هٿ وڌاءِ. ان شخص چيو: الله جو قسم پاڻ تي حجت قائم ٿيڻ ڪانپوءِ آءٌ پاڻ کي روڪڻ جي سگهه نه رکي سگهي. پوءِ مان امام عليه السلام جي بيعت ڪئي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: اهو شخص ڪُليب جَرمي جي نالي سان مشهور هو.

## ١٧١_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن صفين ۾ شامين سان دوبدو ٿيڻ جو پڪو پهه ڪيو

## دعا

اي الله اي ان بلند ڇت ۽ محڪم فضا جا مالڪ جنهن کي تو رات ۽ ڏينهن لاءِ لِڪڻ جي جاءِ، ۽ سج ۽ چنڊ لاءِ هلڻ جي جاءِ، ۽ هلندڙ تارن لاءِ اچ وڃ جي جاءِ قرار ڏنو آهي. ۽ تو ان جا رهائشي پنهنجي ملائڪن جي اهڙي جماعت کي قرار ڏنو آهي جيڪي تنهنجي عبادت مان نٿا ٿڪجن.

۽ اي هن زمين جا مالڪ جنهن کي تو انسانن لاءِ ماڳ ۽ جيت جڻن ۽ جانورن، ۽ ڏٺي ۽ اڻ ڏٺي لا تعداد مخلوق لاءِ گهمڻ ڦِرڻ جي جاءِ بڻائي آهي. ۽ انهن ڪُتل جبلن جا مالڪ جن کي تو زمين لاءِ ميخون ۽ مخلوق لاءِ پناهگاهه بڻايو آهي. جيڪڏهن تون اسانکي اسان جي دشمن تي غلبو ڏين ته پوءِ اسانکي ظلم ڪرڻ کان بچائجائن، ۽ حق تي عمل وارو بڻائجائن. ۽ اگر تون انهن کي اسان تي غالب ڪرين ته اسانکي شهادت نصيب ڪجائن، ۽ اسانکي فتني کان بچائجائن.

### الدعوة للقتال

أَيْنَ الْمَانِعُ لِلذِّمَارِ وَ الْغَائِرُ عِنْدَ نُزُولِ الْحَقَائِقِ مِنْ أَهْلِ الْحِفَاظِ الْعَارُ وَرَاءَكُمْ وَ الْجَنَّةُ أَمَامَكُم.

## ١٧٢- وَ مِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

### حمد الله

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي لَا تُوَارِي عَنْهُ سَمَاءٌ سَمَاءً وَ لَا أَرْضٌ أَرْضاً.

### يوم الشورى منها

وَ قَدْ قَالَ قَائِلٌ إِنَّكَ عَلَى هَذَا الْأَمْرِ يَا ابْنَ أَبِي طَالِبٍ لَحَرِيصٌ فَقُلْتُ بَلْ أَنْتُمْ وَ اللَّهِ لَأَحْرَصُ وَ أَبْعَدُ وَ أَنَا أَخَصُّ وَ أَقْرَبُ وَ إِنَّمَا طَلَبْتُ حَقّاً لِي وَ أَنْتُمْ تَحُولُونَ بَيْنِي وَ بَيْنَهُ وَ تَضْرِبُونَ وَجْهِي دُونَهُ فَلَمَّا قَرَّعْتُهُ بِالْحُجَّةِ فِي الْمَلَإِ الْحَاضِرِينَ هَبَّ كَأَنَّهُ بُهِتَ لَا يَدْرِي مَا يُجِيبُنِي بِهِ.

### الاستنصار على قريش



اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْتَعْدِيكَ عَلَى قُرَيْشٍ وَ مَنْ أَعَانَهُمْ فَإِنَّهُمْ قَطَعُوا رَحِمِي وَ صَغَّرُوا عَظِيمَ مَنْزِلَتِيَ وَ أَجْمَعُوا عَلَى مُنَازَعَتِي أَمْراً هُوَ لِي ثُمَّ قَالُوا أَلَا إِنَّ فِي الْحَقِّ أَنْ تَأْخُذَهُ وَ فِي الْحَقِّ أَنْ تَتْرُكَهُ.

### منها في ذكر أصحاب الجمل

فَخَرَجُوا يَجُرُّونَ حُرْمَةَ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله كَمَا تُجَرُّ الْأَمَةُ عِنْدَ شِرَائِهَا مُتَوَجِّهِينَ بِهَا إِلَى الْبَصْرَةِ فَحَبَسَا نِسَاءَهُمَا فِي بُيُوتِهِمَا وَ أَبْرَزَا حَبِيسَ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله لَهُمَا وَ لِغَيْرِهِمَا فِي جَيْشٍ مَا مِنْهُمْ رَجُلٌ إِلَّا وَ قَدْ أَعْطَانِي الطَّاعَةَ وَ سَمَحَ لِي بِالْبَيْعَةِ طَائِعاً غَيْرَ مُكْرَهٍ.

### ويڙهه جي دعوت

ڪٿي آهي عزت ۽ ناموس جو محافظ ۽ ڪٿي آهي مصيبتن جي ٽُٽڻ وقت غيرت مند پاسبان، بدنامي اوهان جي پويان آهي، ۽ جنت اوهان جي اڳيان آهي.

## ١٧٢_ امام عليه السلام جو خطبو

### الله تعاليٰ جي ساراهه

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جنهن کان آسمان آسمان کي نٿو لِڪائي ۽ نه وري زمين زمين کي.

### انهيءَ منجهان. شوريٰ جو ڏينهن

۽ جڏهن چوڻ واري چيو ته بيشڪ تون اي فرزندِ ابوطالب عليه السلام هن خلافت تي حريص ٿي پيو آهين. پوءِ آءٌ چيو: بلڪ الله جو قسم توهان وڌيڪ لالچي ۽ گهٽا پري آهيو. ۽ آءٌ وڌيڪ خاص ۽ وڌيڪ قريب آهيان. مون ته فقط پنهنجو حق گهريو آهي ۽ توهان منهنجي ۽ حق جي درميان مانع ٿي ويا آهيو، ۽ توهان مون کي ان کان روڪيو ٿا. ۽ جڏهن آءٌ پريءَ محفل ۾ انکي حجت سان کڙڪايو ته هو وِڦلجي پيو، ڄڻ هو وائڙو ٿي ويو هجي، نه پيو ڄاڻي ته مونکي ڪهڙو جواب ڏي.

### قريش خلاف مدد گهرڻ

اي الله آءٌ تو کان قريش ۽ جيڪي انهن جا مددگار آهن تن جي خلاف مدد طلب ڪريان ٿو. ان لاءِ ته بيشڪ انهن مون سان قطع رحميءَ ڪئي، ۽ منهنجي عظيم مقام کي گهٽ ڪيو، ۽ اهڙي مسئلي بابت جيڪو منهنجو حق آهي ان ۾ مون سان جهڳڙي ڪرڻ تي گڏ ٿي ويا. پوءِ انهن چيو: ياد رک ته بيشڪ تنهنجو وٺڻ به حق آهي، ۽ تنهنجو ڇڏڻ به حق آهي.

### انهيءَ منجهان. جمل وارن جو ذڪر

پوءِ اهي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي حرم کي ڇڪيندي نڪري پيا، جيئن ٻانهيءَ کي وڪڻڻ وقت ڇڪبو آهي. ۽ ان سان بصره جو رخ ڪيائون. بس انهن ٻنهي پنهنجي گهروارين کي سندن گهرن ۾ ويهاريو ۽ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي حرم کي پنهنجي ۽ ٻين جي سامهون اهڙي لشڪر ۾ ظاهر ڪيو جنهن مان ڪو به اهڙو مرد نه هيو مگر هن منهنجي اطاعت ڪئي هئي، ۽ رضا خوشيءَ سان منهنجي بيعت تي آماده ٿيو هو.

فَقَدِمُوا عَلَى عَامِلِي بِهَا وَ خُزَّانِ بَيْتِ مَالِ الْمُسْلِمِينَ وَ غَيْرِهِمْ مِنْ أَهْلِهَا فَقَتَلُوا طَائِفَةً صَبْراً وَ طَائِفَةً غَدْراً فَوَاللَّهِ لَوْ لَمْ يُصِيبُوا مِنَ الْمُسْلِمِينَ إِلَّا رَجُلًا وَاحِداً مُعْتَمِدِينَ لِقَتْلِهِ بِلَا جُرْمٍ جَرَّهُ لَحَلَّ لِي قَتْلُ ذَلِكَ الْجَيْشِ كُلِّهِ إِذْ حَضَرُوهُ فَلَمْ يُنْكِرُوا وَ لَمْ يَدْفَعُوا عَنْهُ بِلِسَانٍ وَ لَا بِيَدٍ دَعْ مَا أَنَّهُمْ قَدْ قَتَلُوا مِنَ الْمُسْلِمِينَ مِثْلَ الْعِدَّةِ الَّتِي دَخَلُوا بِهَا عَلَيْهِمْ.

## ١٧٣ـ و من خطبة له عليه السلام

*في رسول الله صلى الله عليه وآله و من هو جدير بأن يكون للخلافة و في هوان الدنيا.*

### رسول الله صلى الله عليه وآله

أَمِينُ وَحْيِهِ وَ خَاتَمُ رُسُلِهِ وَ بَشِيرُ رَحْمَتِهِ وَ نَذِيرُ نِقْمَتِهِ

### الجدير بالخلافة

أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّ أَحَقَّ النَّاسِ بِهَذَا الْأَمْرِ أَقْوَاهُمْ عَلَيْهِ وَ أَعْلَمُهُمْ بِأَمْرِ اللَّهِ فِيهِ فَإِنْ شَغَبَ شَاغِبٌ اسْتُعْتِبَ فَإِنْ أَبَى قُوتِلَ وَ لَعَمْرِي لَئِنْ كَانَتِ الْإِمَامَةُ لَا تَنْعَقِدُ حَتَّى يَحْضُرَهَا عَامَّةُ النَّاسِ فَمَا إِلَى ذَلِكَ سَبِيلٌ وَ لَكِنْ أَهْلُهَا يَحْكُمُونَ عَلَى مَنْ غَابَ عَنْهَا ثُمَّ لَيْسَ لِلشَّاهِدِ أَنْ يَرْجِعَ وَ لَا لِلْغَائِبِ أَنْ يَخْتَارَ.

أَلَا وَ إِنِّي أُقَاتِلُ رَجُلَيْنِ رَجُلًا ادَّعَى مَا لَيْسَ لَهُ وَ آخَرَ مَنَعَ الَّذِي عَلَيْهِ أُوصِيكُمْ عِبَادَ اللَّهِ بِتَقْوَى اللَّهِ فَإِنَّهَا خَيْرُ مَا تَوَاصَى الْعِبَادُ بِهِ وَ خَيْرُ عَوَاقِبِ الْأُمُورِ عِنْدَ اللَّهِ وَ قَدْ فُتِحَ بَابُ الْحَرْبِ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَ أَهْلِ الْقِبْلَةِ وَ لَا يَحْمِلُ هَذَا الْعَلَمَ إِلَّا أَهْلُ الْبَصَرِ وَ الصَّبْرِ وَ الْعِلْمِ بِمَوَاضِعِ الْحَقِّ.

پوءِ انهن بصره ۾ منهنجي گورنر ۽ مسلمانن جي بيت المال جي خزانچين ۽ ٻين اهلِ بصره تي چڙهائي ڪئي. پوءِ انهن هڪڙي ٽولي کي جيل ۾ واڙي ۽ ٻئي ٽولي کي ڌوکي سان قتل ڪيو. بس الله جو قسم اگر هو مسلمانن مان ڪنهن وٽ نه اچن ها سواءِ هڪ شخص کي جاڻي واڻي قتل ڪرڻ جي، بغير ڪنهن ڏوهه جي جيڪو هن ڪيو هجي، ته منهنجي لاءِ ان سڄي لشڪر کي قتل ڪرڻ جائز هيو. جڏهن ته اهي ان شخص وٽ حاضر هئا پر نه روڪيائون، ۽ نه زبان سان ۽ نه وري هٿ سان ان جو دفاع ڪيائون. ان ڳالهه کي ڇڏ، جڏهن ته انهن ايتري تعداد ۾ مسلمانن کي قتل ڪيو آهي جنهن تعداد ۾ متن حملو ڪيو آهي.

## ١٧٣_ امام عليه السلام جو خطبو

### رسول الله ﷺ جي باري ۾ ۽ ان باري ۾ ته ڪير خلافت جي لائق آهي، ۽ دنيا جي پستي جي باري ۾ آهي.

#### رسول الله ﷺ

پاڻ سڳورا ﷺ الله جي وحيءَ جا امين، ۽ سندس رسولن ۾ آخري، ۽ سندس رحمت جي خوشخبري ڏيڻ وارا، ۽ سندس عذاب کان ڊيڄارڻ وارا آهن.

#### خلافت جو حقدار

اي انسانؤ! بيشڪ ماڻهن مان خلافت جو سڀ کان وڌيڪ حقدار اهو آهي جيڪو انهن مان انهيءَ تي وڌيڪ قدرتمند هجي، ۽ انهن مان ان (خلافت) جي باري ۾ الله تعاليٰ جي حڪم جو وڌيڪ عالم هجي. پوءِ اگر فتني باز فتنو ڪري ته انکي مجرايو وڃي، ۽ اگر انڪار ڪري ته انکي ماريو وڃي. مونکي پنهنجيءَ زندگيءَ جو قسم آهي جيڪڏهن ايستائين خلافت نه ٿي سگهي ها جيستائين سڀ حاضر ٿين ته پوءِ خلافت نهڻ جو ڪو رستو ئي نه آهي. پر خلافت جا اهل ان بابت غائب افرادن لاءِ حڪم ڪندا آهن. پوءِ نه حاضر پنهنجي راءِ کان موٽي سگهي ٿو، ۽ نه غائب لاءِ ڪو اختيار آهي.

آگاهه ٿيو ته مان ٻن ماڻهن سان جنگ ڪندس، هڪ اهو جيڪو ان جي دعويٰ ڪري جنهن جو حقدار ڪونهي، ۽ ٻيو اهو جيڪو حقدار کي حق ڏيڻ کان روڪي.

الله تعاليٰ جا ٻانهؤ مان توهان کي الله تعاليٰ جي تقويٰ بابت وصيت ڪريان ٿو، بيشڪ اها انهن شين کان وڌيڪ ڀلي آهي جن بابت ٻانها هڪ ٻئي کي وصيت ڪندا آهن. ۽ الله تعاليٰ وٽ شين جي نتيجن جي لحاظ کان به ڀلي آهي. ۽ بيشڪ توهان جي ۽ اهلِ قبله جي درميان جنگ جو دروازو کوليو ويو آهي. ۽ هن جهنڊي کي نه کڻندو سواءِ ان شخص جي جيڪو دور انديش، صابرين، ۽ حق جي جاين بابت عالم هجي.

فَامْضُوا لِمَا تُؤْمَرُونَ بِهِ وَ قِفُوا عِنْدَ مَا تُنْهَوْنَ عَنْهُ وَ لَا تَعْجَلُوا فِي أَمْرٍ حَتَّى تَتَبَيَّنُوا فَإِنَّ لَنَا مَعَ كُلِّ أَمْرٍ تُنْكِرُونَهُ غِيَراً.

## هوان الدنيا

أَلَا وَ إِنَّ هَذِهِ الدُّنْيَا الَّتِي أَصْبَحْتُمْ تَتَمَنَّوْنَهَا وَ تَرْغَبُونَ فِيهَا وَ أَصْبَحَتْ تُغْضِبُكُمْ وَ تُرْضِيكُمْ لَيْسَتْ بِدَارِكُمْ وَ لَا مَنْزِلِكُمُ الَّذِي خُلِقْتُمْ لَهُ وَ لَا الَّذِي دُعِيتُمْ إِلَيْهِ أَلَا وَ إِنَّهَا لَيْسَتْ بِبَاقِيَةٍ لَكُمْ وَ لَا تَبْقَوْنَ عَلَيْهَا وَ هِيَ وَ إِنْ غَرَّتْكُمْ مِنْهَا فَقَدْ حَذَّرَتْكُمْ شَرَّهَا فَدَعُوا غُرُورَهَا لِتَحْذِيرِهَا وَ أَطْمَاعَهَا لِتَخْوِيفِهَا.

وَ سَابِقُوا فِيهَا إِلَى الدَّارِ الَّتِي دُعِيتُمْ إِلَيْهَا وَ انْصَرِفُوا بِقُلُوبِكُمْ عَنْهَا وَ لَا يَخِنَّنَّ أَحَدُكُمْ خَنِينَ الْأَمَةِ عَلَى مَا زُوِيَ عَنْهُ مِنْهَا وَ اسْتَتِمُّوا نِعْمَةَ اللَّهِ عَلَيْكُمْ بِالصَّبْرِ عَلَى طَاعَةِ اللَّهِ وَ الْمُحَافَظَةِ عَلَى مَا اسْتَحْفَظَكُمْ مِنْ كِتَابِهِ.

أَلَا وَ إِنَّهُ لَا يَضُرُّكُمْ تَضْيِيعُ شَيْءٍ مِنْ دُنْيَاكُمْ بَعْدَ حِفْظِكُمْ قَائِمَةَ دِينِكُمْ أَلَا وَ إِنَّهُ لَا يَنْفَعُكُمْ بَعْدَ تَضْيِيعِ دِينِكُمْ شَيْءٌ حَافَظْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ أَمْرِ دُنْيَاكُمْ أَخَذَ اللَّهُ بِقُلُوبِنَا وَ قُلُوبِكُمْ إِلَى الْحَقِّ وَ أَلْهَمَنَا وَ إِيَّاكُمُ الصَّبْرَ.



# ١٧٤- وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في معنى طلحة بن عبيد الله و قد قاله حين بلغه خروج طلحة و الزبير إلى البصرة لقتاله*

قَدْ كُنْتُ وَ مَا أُهَدَّدُ بِالْحَرْبِ وَ لَا أُرَهَّبُ بِالضَّرْبِ وَ أَنَا عَلَى مَا قَدْ وَعَدَنِي رَبِّي مِنَ النَّصْرِ وَ اللَّهِ مَا اسْتَعْجَلَ مُتَجَرِّداً لِلطَّلَبِ بِدَمِ عُثْمَانَ إِلَّا خَوْفاً مِنْ أَنْ يُطَالَبَ بِدَمِهِ لِأَنَّهُ مَظِنَّتُهُ وَ لَمْ يَكُنْ فِي الْقَوْمِ أَحْرَصُ عَلَيْهِ مِنْهُ.

بس جنهن جو توهان کي حڪم ڏنو ويجي ته انکي انجام ڏيو ۽ جنهن کان توهان کي روڪيو وڃي تنهن کان رڪجي وڃو. ۽ ڪنهن ڪم ۾ جلدي نه ڪيو تان جو تحقيق ڪريو. ۽ بيشڪ هر مسئلي ۾ جنهن کي توهان ناپسند ڪريو تا اسانکي ان جي تبديل ڪرڻ جو حق آهي.

## دنيا جي پستي

آگاهه رهو ته بيشڪ هيءَ دنيا جنهن جي توهان تمنیٰ ڪرڻ لڳا آهيو ۽ ان ۾ رغبت رکي رهيا آهيو. ۽ هوءَ توهان کي ڪاوڙ به ڏياري ٿي ۽ خوش به ڪري ٿي، توهان جو اهو گهر ۽ نڪاڻو نه آهي جنهن لاءِ توهان کي پيدا ڪيو ويو آهي، ۽ نه اهو آهي جنهن ڏانهن اوهان کي دعوت ڏني وئي آهي. آگاهه رهو ته بيشڪ اها توهان لاءِ باقي رهڻ واري نه آهي، ۽ نه وري توهان ان ۾ باقي رهندؤ. ۽ اگر هن توهان کي پاڻ کان ڌوڪو ڏنو آهي ته هن توهان کي پنهنجي شر کان خبردار به ڪيو آهي. بس ان جي ڌيڄارڻ جي ڪري ان جي ڌوڪي کي ۽ ان جي خوف ڏيارڻ جي ڪري ان جي لالچ رکڻ کي ڇڏي ڏيو. ۽ هن ۾ رهي ڪري ان گهر ڏانهن هڪ ٻئي تي سبقت ڪريو جنهن ڏانهن توهان کي سڏيو ويو آهي. ۽ هن دنيا کان پنهنجي دلين کي ڦيري ڇڏيو. ۽ توهان مان ڪو به دنيا مان ڪنهن شيءِ جي وڃڻ تي ٻانهيءَ جي روئڻ وانگر نه روئي. الله تعالیٰ جي اطاعت ڪرڻ تي صبر ڪرڻ سان ۽ جن شين جي هن پنهنجي ڪتاب ۾ توهان کان حفاظت گهري آهي انهن جي حفاظت ڪرڻ سان هنجي نعمتن جي تڪميل گهرو. آگاهه رهو ته توهان جي دنيا مان ڪنهن شيءِ جو ضايع ڪرڻ توهان کي نقصان نه ڏيندو، جيستائين توهان پنهنجي دين جي اصولن جي حفاظت ڪندا رهندؤ. ۽ آگاهه رهو ته پنهنجي دين کي ضايع ڪرڻ ڪانپوءِ دنيا جي ڪا به اهڙي شيءِ توهان کي فائدو نه ڏيندي جنهن جي توهان حفاظت ڪئي آهي. الله تعالیٰ اسان جي ۽ توهان جي دلين کي حق ڏانهن متوجهه رکي. ۽ اسانکي ۽ توهان کي صبر عطا فرمائي.



## ۱۷۴_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جڏهن امام عليه السلام کي خبر پئي ته طلحه ۽ زبير امام عليه السلام سان جنگ ڪرڻ لاءِ بصري ڏانهن نڪري ويا آهن ته ان وقت طلحه بن عبيدالله جي باري ۾ فرمايو.**

آءٌ نه ڪڏهن جنگ سان ڌمڪايو ويندو آهيان ۽ نه وري مار سان ڌيڄاريو ويندو آهيان. ۽ منهنجي پالڻهار جيڪو مون سان مدد جو واعدو ڪيو آهي آءٌ ان تي آهيان. الله جو قسم هن عثمان جي خون جي مطالبي لاءِ مياڻ مان نڪتل تلوار وانگر تڪڙ ناهي ڪئي مگر ان خوف کان ته متان ڪانئس ان جي خون جو مطالبو ڪيو وڃي. انڪري ته هي به خون جي مشڪوڪ ماڻهن منجهان هيو، جڏهن ته انهن ماڻهن مان ڪو به هن کان وڌيڪ ان جي خون جو حريص نه هو.

فَأَرَادَ أَنْ يُغَالِطَ بِمَا أَجْلَبَ فِيهِ لِيَلْتَبِسَ الْأَمْرُ وَ يَقَعَ الشَّكُّ. وَ وَ اللَّهِ مَا صَنَعَ فِي أَمْرِ عُثْمَانَ وَاحِدَةً مِنْ ثَلَاثٍ لَئِنْ كَانَ ابْنُ عَفَّانَ ظَالِماً كَمَا كَانَ يَزْعُمُ لَقَدْ كَانَ يَنْبَغِي لَهُ أَنْ يُوَازِرَ قَاتِلِيهِ وَ أَنْ يُنَابِذَ نَاصِرِيهِ.

وَ لَئِنْ كَانَ مَظْلُوماً لَقَدْ كَانَ يَنْبَغِي لَهُ أَنْ يَكُونَ مِنَ الْمُنَهْنِهِينَ عَنْهُ وَ الْمُعَذِّرِينَ فِيهِ وَ لَئِنْ كَانَ فِي شَكٍّ مِنَ الْخَصْلَتَيْنِ لَقَدْ كَانَ يَنْبَغِي لَهُ أَنْ يَعْتَزِلَهُ وَ يَرْكُدَ جَانِباً وَ يَدَعَ النَّاسَ مَعَهُ فَمَا فَعَلَ وَاحِدَةً مِنَ الثَّلَاثِ وَ جَاءَ بِأَمْرٍ لَمْ يُعْرَفْ بَابُهُ وَ لَمْ تَسْلَمْ مَعَاذِيرُه.

## ١٧٥ـ من خطبة له عليه السلام

*في الموعظة و بيان قرباه من رسول الله صلى الله عليه و آله.*

أَيُّهَا النَّاسُ غَيْرُ الْمَغْفُولِ عَنْهُمْ وَ التَّارِكُونَ الْمَأْخُوذُ مِنْهُمْ مَا لِي أَرَاكُمْ عَنِ اللَّهِ ذَاهِبِينَ وَ إِلَى غَيْرِهِ رَاغِبِينَ كَأَنَّكُمْ نَعَمٌ أَرَاحَ بِهَا سَائِمٌ إِلَى مَرْعًى وَبِيٍّ وَ مَشْرَبٍ دَوِيٍّ وَ إِنَّمَا هِيَ كَالْمَعْلُوفَةِ لِلْمُدَى لَا تَعْرِفُ مَا ذَا يُرَادُ بِهَا إِذَا أُحْسِنَ إِلَيْهَا تَحْسَبُ يَوْمَهَا دَهْرَهَا وَ شِبَعَهَا أَمْرَهَا.

وَ اللَّهِ لَوْ شِئْتُ أَنْ أُخْبِرَ كُلَّ رَجُلٍ مِنْكُمْ بِمَخْرَجِهِ وَ مَوْلِجِهِ وَ جَمِيعِ شَأْنِهِ لَفَعَلْتُ وَ لَكِنْ أَخَافُ أَنْ تَكْفُرُوا فِيَّ بِرَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه و آله أَلَا وَ إِنِّي مُفْضِيهِ إِلَى الْخَاصَّةِ مِمَّنْ يُؤْمَنُ ذَلِكَ مِنْهُ وَ الَّذِي بَعَثَهُ بِالْحَقِّ وَ اصْطَفَاهُ عَلَى الْخَلْقِ مَا أَنْطِقُ إِلَّا صَادِقاً.

وَ قَدْ عَهِدَ إِلَيَّ بِذَلِكَ كُلِّهِ وَ بِمَهْلِكِ مَنْ يَهْلِكُ وَ مَنْجَى مَنْ يَنْجُو وَ مَآلِ هَذَا الْأَمْرِ وَ مَا أَبْقَى شَيْئاً يَمُرُّ عَلَى رَأْسِي إِلَّا أَفْرَغَهُ فِي أُذُنَيَّ وَ أَفْضَى بِهِ إِلَيَّ أَيُّهَا النَّاسُ إِنِّي وَ اللَّهِ مَا أَحُثُّكُمْ عَلَى طَاعَةٍ إِلَّا وَ أَسْبِقُكُمْ إِلَيْهَا وَ لَا أَنْهَاكُمْ عَنْ مَعْصِيَةٍ إِلَّا وَ أَتَنَاهَى قَبْلَكُمْ عَنْهَا.

پوءِ هي خون جي مطالبي لاءِ گڏ ڪيل لشڪر ذريعي مغالطو وجهڻ چاهي ٿو ته جيئن ڳالهه مُنجهي پوي ۽ شڪ پئجي وڃي. الله جو قسم هن عثمان جي مسئلي بابت ٽن مان ڪنهن هڪ ڳالهه تي به عمل نه ڪيو: اگر عفان جو پٽ ظالم هيو جيئن هو گمان به ڪندو هو ته ان لاءِ اهو مناسب هو ته ان جي قاتلن جي مدد ڪري ها، ۽ ان جي مددگارن سان وڙهي ها. ۽ اگر هو مظلوم هيو ته هن لاءِ اهو مناسب هو ته هنجي دفاع ڪندڙن، ۽ هن طرفان عذرخواهي ڪندڙن منجهان ٿئي ها. ۽ اگر هنڪي ان بابت ٻنهي ڳالهين ۾ شڪ هو ته پوءِ ان لاءِ اهو مناسب هو ته انکي ڇڏي ڏئي ها، ۽ ڪو ڪنڊ پاسو وسائي ها. ۽ ماڻهن کي ان سان گڏ ڇڏي ڏئي ها. مگر هن انهن ٽنهي ڪمن مان ڪو به ڪم نه ڪيو، ۽ هڪ اهڙي مسئلي سان آيو جنهن جو دروازو ئي نٿو سڃاڻي سگهجي، ۽ نه ان جو ڪو عذر صحيح ٿي سگهي ٿو.

## ١٧۵_ امام عليه السلام جو خطبو، نصيحت ۽ رسول الله ﷺ جي رشتيدارن بابت آهي

اي اهي انسانؤ! جن کان غفلت نٿي ڪئي وڃي، ۽ اي ترڪ ڪرڻ وارؤ! جن کان حساب ورتو ويندو، مونکي ڇا ٿيو آهي جو آءٌ توهان کي الله تعالىٰ کان پري ٿيڻ وارو ۽ ان جي غير ڏانهن چاهت رکڻ وارو ٿيندي ڏسان ٿو. جڻ ته توهان اهي جانور آهيو جن کي ڌنار ڪنيءَ ٻنيءَ ۽ خراب گهيڙ ۾ ڇڏي ڏنو هجي، جڏهن ته هي انهن جانورن وانگر آهن جن کي ڇُريءَ سان ڪُهڻ لاءِ چاريو ويو هجي. ۽ هو نٿا ڄاڻن ته انهن سان ڇا ڪيو ويندو. جڏهن انهن سان ڀلائي ڪئي وڃي ٿي ته هو پنهنجي ڏينهن کي پنهنجو زمانو ۽ پنهنجي پيٽ ڀرڻ کي پنهنجو مقصد سمجهن ٿا.



الله جو قسم اگر آءٌ توهان منجهان هر هڪ شخص کي ان جي اچڻ جي هنڌ ۽ ان جي موٽڻ جي جاءِ ۽ ان جي سيني ڪمن بابت خبر ڏيڻ چاهيان ته ائين ڪري سگهان ٿو.

مگر آءٌ ان کان ڊڄان ٿو ته توهان منهنجي ڪري رسول الله ﷺ جو انڪار ڪرڻ لڳو. ياد رکو ته مان اهو علم اهڙن خاص ساٿين تائين پهچائيندس جيڪي انهي کان محفوظ آهن. ان ذات جو قسم جنهن هنڪي حق سان موڪليو ۽ مخلوق مان انکي چونڊيو ته مان نٿو ڳالهايان سواءِ سچ جي، ۽ بيشڪ انهن سيني ڳالهين بابت هن مونکي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هلاڪ ٿيڻ واري جي هلاڪت بابت، ۽ نجات پائڻ واري جي نجات بابت، ۽ اهو به ته هن خلافت جو انجام ڇا آهي؟ ۽ ڪا به اهڙي شيءِ نه ڇڏيائين جيڪا منهنجي سر مٿان گذرندي مگر اها مونکي ڪنن ۾ ٻڌايائين ۽ اها مون تائين پهچايائين. اي انسانؤ! الله جو قسم مان توهان کي ڪنهن اهڙيءَ اطاعت تي ناهي اڀاريو مگر توهان کان پهريائين مان ان ڏانهن سبقت ڪريان ٿو. ۽ توهان کي ڪنهن اهڙيءَ نافرماني کان ناهي روڪيو مگر توهان کان پهريائين مان انکان روڪجي وڃان ٿو.

# ۱۷۶- و من خطبة له عليه السلام

*و فيها يعظ و يبين فضل القرآن و ينهى عن البدعة.*

## عظة الناس

انْتَفِعُوا بِبَيَانِ اللَّهِ وَ اتَّعِظُوا بِمَوَاعِظِ اللَّهِ وَ اقْبَلُوا نَصِيحَةَ اللَّهِ فَإِنَّ اللَّهَ قَدْ أَعْذَرَ إِلَيْكُمْ بِالْجَلِيَّةِ وَ اتَّخَذَ عَلَيْكُمُ الْحُجَّةَ وَ بَيَّنَ لَكُمْ مَحَابَّهُ مِنَ الْأَعْمَالِ وَ مَكَارِهَهُ مِنْهَا لِتَتَّبِعُوا هَذِهِ وَ تَجْتَنِبُوا هَذِهِ فَإِنَّ رَسُولَ اللَّهِ صلى الله عليه وآله كَانَ يَقُولُ إِنَّ الْجَنَّةَ حُفَّتْ بِالْمَكَارِهِ وَ إِنَّ النَّارَ حُفَّتْ بِالشَّهَوَاتِ.

وَ اعْلَمُوا أَنَّهُ مَا مِنْ طَاعَةِ اللَّهِ شَيْءٌ إِلَّا يَأْتِي فِي كُرْهٍ وَ مَا مِنْ مَعْصِيَةِ اللَّهِ شَيْءٌ إِلَّا يَأْتِي فِي شَهْوَةٍ فَرَحِمَ اللَّهُ امْرَأً نَزَعَ عَنْ شَهْوَتِهِ وَ قَمَعَ هَوَى نَفْسِهِ فَإِنَّ هَذِهِ النَّفْسَ أَبْعَدُ شَيْءٍ مَنْزِعاً وَ إِنَّهَا لَا تَزَالُ تَنْزِعُ إِلَى مَعْصِيَةٍ فِي هَوًى.

وَ اعْلَمُوا عِبَادَ اللَّهِ أَنَّ الْمُؤْمِنَ لَا يُصْبِحُ وَ لَا يُمْسِي إِلَّا وَ نَفْسُهُ ظَنُونٌ عِنْدَهُ فَلَا يَزَالُ زَارِياً عَلَيْهَا وَ مُسْتَزِيداً لَهَا فَكُونُوا كَالسَّابِقِينَ قَبْلَكُمْ وَ الْمَاضِينَ أَمَامَكُمْ قَوَّضُوا مِنَ الدُّنْيَا تَقْوِيضَ الرَّاحِلِ وَ طَوَوْهَا طَيَّ الْمَنَازِلِ.



## فضل القرآن

وَ اعْلَمُوا أَنَّ هَذَا الْقُرْآنَ هُوَ النَّاصِحُ الَّذِي لَا يَغُشُّ وَ الْهَادِي الَّذِي لَا يُضِلُّ وَ الْمُحَدِّثُ الَّذِي لَا يَكْذِبُ وَ مَا جَالَسَ هَذَا الْقُرْآنَ أَحَدٌ إِلَّا قَامَ عَنْهُ بِزِيَادَةٍ أَوْ نُقْصَانٍ زِيَادَةٍ فِي هُدًى أَوْ نُقْصَانٍ مِنْ عَمًى.

وَ اعْلَمُوا أَنَّهُ لَيْسَ عَلَى أَحَدٍ بَعْدَ الْقُرْآنِ مِنْ فَاقَةٍ وَ لَا لِأَحَدٍ قَبْلَ الْقُرْآنِ مِنْ غِنًى.

## ١٧٦_ امام عليه السلام جو خطبو

### جنهن ۾ پاڻ عليه السلام نصيحت ڪن ٿا، ۽ قرآن جي فضيلت بيان ڪن ٿا ۽ بدعت کان روڪن ٿا.

### ماڻهن لاءِ نصيحت

الله تعاليٰ جي بيان مان فائدو ماڻيو، ۽ الله تعاليٰ جي نصيحتن مان نصيحت پرايو، ۽ الله تعاليٰ جي نصيحت کي قبول ڪريو. ان لاءِ ته بيشڪ الله تعاليٰ واضح دليلن سان توهان جو عذر ختم ڪري ڇڏيو آهي، ۽ توهان تي حجت قائم ڪئي آهي. ۽ توهان جي لاءِ پنهنجا پسنديده ۽ ناپسنديده عمل واضح ڪري ڇڏيا آهن. تاڪ توهان هِنن کي انجام ڏيو ۽ هُنن کان اجتناب ڪريو. بس رسول الله صلي الله عليه وآله جن فرمائيندا هئا: يقيناً جنت کي تڪليفن سان وڪوڙيو ويو آهي، ۽ يقيناً جهنم کي خواهشين سان وڪوڙيو ويو آهي. ۽ ڄاڻو ته الله تعاليٰ جي اطاعت مان ڪو به اهڙو ڪم ڪونهي مگر اهو ڏکيائي سان انجام ڏجي ٿو، ۽ الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ مان ڪو به اهڙو ڪم ڪونهي مگر اهو خواهش سان انجام ڏجي ٿو. پوءِ الله رحم ڪري ان شخص تي جيڪو پنهنجي خواهشين کان رڪجي وڃي، ۽ پنهنجي نفساني خواهشن کي ختم ڪري ڇڏي. بيشڪ نفس جو رڪجڻ سڀ کان وڏيڪ ڏکيو آهي. هو هميشه شوق سان معصيت ۾ لهي پوي ٿو. الله جا ٻانهؤ! ڄاڻو ته بيشڪ مومن صبح ۽ شام نٿو ڪري مگر سندس نفس وٽس بدگمان هوندو آهي. ۽ هي انکي هميشه ملامت ڪندو رهندو آهي. ۽ انڪان هميشه اضافو چاهيندو رهندو آهي. بس توهان انهن ماڻهن وانگر ٿيو جيڪي توهان کان پهريائين اڳتي وڌي ويا. ۽ توهان جي اڳيان گذري ويا. ۽ انهن دنيا مان ائين لڏو ڪنيو جيئن مسافر لڏو ڪڻندو آهي. ۽ دنيا کان ائين گذري ويا جيئن منزلن کان گذري ويندا آهن.

### قرآن مجيد جي فضيلت

۽ ڄاڻو ته بيشڪ هي قرآن اهڙو ته نصيحت ڪندڙ آهي جيڪو ڌوڪو نٿو ڏئي. ۽ اهڙو ته هادي آهي جيڪو گمراه نٿو ڪري، ۽ اهڙو ڳالهائيندڙ آهي جيڪو ڪوڙ نٿو هڻي. ۽ جيڪو به هن قرآن سان ويهندو ته اتان کان زيادتي يا ڪمي سان ئي اٿندو. هدايت ۾ زيادتي سان يا گمراهيءَ ۾ ڪمي سان. ۽ ڄاڻو ته ڪنهن کي به قرآن کانپوءِ ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي ضرورت نه رهندي، ۽ نه وري قرآن کان پهريائين ڪنهن جي لاءِ بي نيازي هوندي.

فَاسْتَشْفُوهُ مِنْ أَدْوَائِكُمْ وَ اسْتَعِينُوا بِهِ عَلَى لَأْوَائِكُمْ فَإِنَّ فِيهِ شِفَاءً مِنْ أَكْبَرِ الدَّاءِ وَ هُوَ الْكُفْرُ وَ النِّفَاقُ وَ الْغَيُّ وَ الضَّلَالُ فَاسْأَلُوا اللَّهَ بِهِ وَ تَوَجَّهُوا إِلَيْهِ بِحُبِّهِ وَ لَا تَسْأَلُوا بِهِ خَلْقَهُ إِنَّهُ مَا تَوَجَّهَ الْعِبَادُ إِلَى اللَّهِ تَعَالَى بِمِثْلِهِ.

وَ اعْلَمُوا أَنَّهُ شَافِعٌ مُشَفَّعٌ وَ قَائِلٌ مُصَدَّقٌ وَ أَنَّهُ مَنْ شَفَعَ لَهُ الْقُرْآنُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ شُفِّعَ فِيهِ وَ مَنْ مَحَلَ بِهِ الْقُرْآنُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ صُدِّقَ عَلَيْهِ فَإِنَّهُ يُنَادِي مُنَادٍ يَوْمَ الْقِيَامَةِ أَلَا إِنَّ كُلَّ حَارِثٍ مُبْتَلًى فِي حَرْثِهِ وَ عَاقِبَةِ عَمَلِهِ غَيْرَ حَرَثَةِ الْقُرْآنِ.

فَكُونُوا مِنْ حَرَثَتِهِ وَ أَتْبَاعِهِ وَ اسْتَدِلُّوهُ عَلَى رَبِّكُمْ وَ اسْتَنْصِحُوهُ عَلَى أَنْفُسِكُمْ وَ اتَّهِمُوا عَلَيْهِ آرَاءَكُمْ وَ اسْتَغِشُّوا فِيهِ أَهْوَاءَكُم.

## الحث على العمل

الْعَمَلَ الْعَمَلَ ثُمَّ النِّهَايَةَ النِّهَايَةَ وَ الِاسْتِقَامَةَ الِاسْتِقَامَةَ ثُمَّ الصَّبْرَ الصَّبْرَ وَ الْوَرَعَ الْوَرَعَ إِنَّ لَكُمْ نِهَايَةً فَانْتَهُوا إِلَى نِهَايَتِكُمْ.

وَ إِنَّ لَكُمْ عَلَماً فَاهْتَدُوا بِعَلَمِكُمْ وَ إِنَّ لِلْإِسْلَامِ غَايَةً فَانْتَهُوا إِلَى غَايَتِهِ وَ اخْرُجُوا إِلَى اللَّهِ بِمَا افْتَرَضَ عَلَيْكُمْ مِنْ حَقِّهِ وَ بَيَّنَ لَكُمْ مِنْ وَظَائِفِهِ أَنَا شَاهِدٌ لَكُمْ وَ حَجِيجٌ يَوْمَ الْقِيَامَةِ عَنْكُمْ.

## نصائح للناس

أَلَا وَ إِنَّ الْقَدَرَ السَّابِقَ قَدْ وَقَعَ وَ الْقَضَاءَ الْمَاضِيَ قَدْ تَوَرَّدَ وَ إِنِّي مُتَكَلِّمٌ بِعِدَةِ اللَّهِ وَ حُجَّتِهِ قَالَ اللَّهُ تَعَالَى ﴿إِنَّ الَّذِينَ قالُوا رَبُّنَا اللَّهُ ثُمَّ اسْتَقامُوا تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلائِكَةُ أَلَّا تَخافُوا وَ لا تَحْزَنُوا وَ أَبْشِرُوا بِالْجَنَّةِ الَّتِي كُنْتُمْ تُوعَدُونَ[١]﴾.

١: فصلت: الآية: ٣٠.

بس پنهنجي بيمارين لاءِ ان کان شفا طلب ڪريو، ۽ پنهنجي ڏکيائين تي ان کان مدد گهرو، ڇو جو يقيناً قرآن ۾ وڏين بيمارين کان شفا آهي، ۽ اهي ڪفر، نفاق، هلاڪت ۽ گمراهي آهن. بس الله تعالىٰ کان ان جي ذريعي سوال ڪريو، ۽ سندس محبت سان ان جي بارگاهه ۾ متوجه ٿيو. ۽ قرآن جي ذريعي الله جي مخلوق کان نه گهرو. ان لاءِ ته ان جهڙي ڪا به شيءِ ڪانهي جنهن سان ٻانها الله تعالىٰ جي بارگاهه جو رخ ڪندا آهن. ۽ ڄاڻو ته بيشڪ هو اهڙو شفاعت ڪرڻ وارو آهي جنهن جي شفاعت مقبول آهي. ۽ اهڙو ڳالهائڻ وارو آهي جنهن جي تصديق ٿيل آهي. ۽ بيشڪ قيامت جي ڏينهن قرآن جنهن جي شفاعت ڪندو ته ان لاءِ سندس شفاعت ڪي قبول ڪيو ويندو. ۽ قيامت جي ڏينهن قرآن جنهن جي باري ۾ دانهن ڏيندو ته ان مٿان ان جي تصديق ڪئي ويندي. ان لاءِ ته قيامت جي ڏينهن منادي ندا ڏيندو ته آگاهه رهو ته بيشڪ هر ڪُڙمي کي پنهنجيءَ پوک ۾ ۽ پنهنجي عمل جي انجام ۾ آزمايو ويندو سواءِ قرآن جي پوک جي ڪُڙمي جي. بس ان جي ڪُڙمين ۽ پيروڪارن منجهان ٿيو ۽ انکان پنهنجي پالڻهار جي باري ۾ رهنمائي وٺو. ۽ ان کان پنهنجي لاءِ نصيحت حاصل ڪريو. ۽ قرآن جي خلاف پنهنجي راءِ تي تهمتون هڻو. ۽ قرآن جي خلاف پنهنجي خواهشن کي ڌوکو سمجهو.

## عمل ڪرڻ لاءِ اڀارڻ

عمل ڪريو، عمل ڪريو. پوءِ انکي پورو ڪريو، پورو ڪريو. ۽ ثابت قدم رهو، ثابت قدم رهو. پوءِ صبر ڪريو، صبر ڪريو. ۽ پرهيزگاري ڪريو، پرهيزگاري ڪريو. بيشڪ توهان جي لاءِ هڪ منزل آهي، بس توهان پنهنجي منزل تائين توڙ ڪريو. ۽ بيشڪ توهان جي لاءِ نشان آهي بس پنهنجي نشان سان هدايت حاصل ڪريو. ۽ بيشڪ اسلام جو هڪ هدف آهي بس توهان ان جي هدف تائين پهچو. ۽ جيڪي الله توهان مٿان پنهنجا حق فرض ڪيا آهن، ۽ جيڪي پنهنجون ذميواريون واضح ڪيون آهن تن جي ادائگيءَ سان الله ڏانهن نڪرو. آئُ توهان جو گواهه آهيان، ۽ قيامت جي ڏينهن توهان طرفان دليل بيان ڪرڻ وارو آهيان.

## ماڻهن کي نصيحتون

ياد رکو ته بيشڪ جيڪو تقدير ۾ هو سو ٿي چڪو، ۽ جيڪو قضا ۾ هيو سو ٿي رهيو آهي. ۽ يقيناً مان الله تعالىٰ جي واعدن ۽ ان جي دليلن کي بيان ڪري رهيو آهيان. الله تعالىٰ فرمايو آهي: ”بيشڪ جن چيو ته الله اسان جو پالڻهار آهي پوءِ پختا رهيا، تن تي مسلسل ملائڪ لهن ٿا (۽ اهو چون ٿا) ته توهان خوف نه ڪريو، ۽ نه غم ڪريو، ۽ توهان کي ان جنت جي خوشخبري هجي جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويو هو“.

وَ قَدْ قُلْتُمْ رَبُّنَا اللَّهُ فَاسْتَقِيمُوا عَلَى كِتَابِهِ وَ عَلَى مِنْهَاجِ أَمْرِهِ وَ عَلَى الطَّرِيقَةِ الصَّالِحَةِ مِنْ عِبَادَتِهِ ثُمَّ لَا تَمْرُقُوا مِنْهَا وَ لَا تَبْتَدِعُوا فِيهَا وَ لَا تُخَالِفُوا عَنْهَا فَإِنَّ أَهْلَ الْمُرُوقِ مُنْقَطَعٌ بِهِمْ عِنْدَ اللَّهِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ثُمَّ إِيَّاكُمْ وَ تَهْزِيعَ الْأَخْلَاقِ وَ تَصْرِيفَهَا.

وَ اجْعَلُوا اللِّسَانَ وَاحِداً وَ لْيَخْزُنِ الرَّجُلُ لِسَانَهُ فَإِنَّ هَذَا اللِّسَانَ جَمُوحٌ بِصَاحِبِهِ وَ اللَّهِ مَا أَرَى عَبْداً يَتَّقِي تَقْوَى تَنْفَعُهُ حَتَّى يَخْزُنَ لِسَانَهُ وَ إِنَّ لِسَانَ الْمُؤْمِنِ مِنْ وَرَاءِ قَلْبِهِ وَ إِنَّ قَلْبَ الْمُنَافِقِ مِنْ وَرَاءِ لِسَانِهِ،

لِأَنَّ الْمُؤْمِنَ إِذَا أَرَادَ أَنْ يَتَكَلَّمَ بِكَلَامٍ تَدَبَّرَهُ فِي نَفْسِهِ فَإِنْ كَانَ خَيْراً أَبْدَاهُ وَ إِنْ كَانَ شَرّاً وَارَاهُ وَ إِنَّ الْمُنَافِقَ يَتَكَلَّمُ بِمَا أَتَى عَلَى لِسَانِهِ لَا يَدْرِي مَا ذَا لَهُ وَ مَا ذَا عَلَيْهِ

وَ لَقَدْ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله لَا يَسْتَقِيمُ إِيمَانُ عَبْدٍ حَتَّى يَسْتَقِيمَ قَلْبُهُ وَ لَا يَسْتَقِيمُ قَلْبُهُ حَتَّى يَسْتَقِيمَ لِسَانُهُ فَمَنِ اسْتَطَاعَ مِنْكُمْ أَنْ يَلْقَى اللَّهَ تَعَالَى وَ هُوَ نَقِيُّ الرَّاحَةِ مِنْ دِمَاءِ الْمُسْلِمِينَ وَ أَمْوَالِهِمْ سَلِيمُ اللِّسَانِ مِنْ أَعْرَاضِهِمْ فَلْيَفْعَلْ.

## تحريم البدع

وَ اعْلَمُوا عِبَادَ اللَّهِ أَنَّ الْمُؤْمِنَ يَسْتَحِلُّ الْعَامَ مَا اسْتَحَلَّ عَاماً أَوَّلَ وَ يُحَرِّمُ الْعَامَ مَا حَرَّمَ عَاماً أَوَّلَ وَ أَنَّ مَا أَحْدَثَ النَّاسُ لَا يُحِلُّ لَكُمْ شَيْئاً مِمَّا حُرِّمَ عَلَيْكُمْ وَ لَكِنَّ الْحَلَالَ مَا أَحَلَّ اللَّهُ وَ الْحَرَامَ مَا حَرَّمَ اللَّهُ.

فَقَدْ جَرَّبْتُمُ الْأُمُورَ وَ ضَرَّسْتُمُوهَا وَ وُعِظْتُمْ بِمَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ وَ ضُرِبَتِ الْأَمْثَالُ لَكُمْ وَ دُعِيتُمْ إِلَى الْأَمْرِ الْوَاضِحِ.

۽ بيشڪ توهان چيو آهي تہ الله اسان جو پالڻهار آهي، تہ بس پوءِ هنجي ڪتاب ۽ ان جي دين جي واٽ، ۽ ان جي عبادت جي صحيح رستي تي ثابت قدم رهو. پوءِ توهان ان مان نہ نڪرو، ۽ نہ ان ۾ بدعت ڪريو، ۽ نہ ان جي مخالفت ڪريو. بيشڪ نڪرڻ وارا قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ کان الڳ ڪيا ويندا، پوءِ خبردار اخلاقي اقدارن کي پيچڻ ۽ انهن کي بدلائڻ کان بچو، ۽ زبان هڪڙي ئي رکو، ۽ ماڻهوءَ کي گهرجي تہ پنهنجي زبان جي حفاظت ڪري، ان ڪري تہ هي زبان پنهنجي مالڪ کي زَير ڪرڻ واري آهي. الله جو قسم مان اهڙو ٻانهو ناهي ڏٺو جيڪو اهڙي پرهيزگاري ڪري جيڪا ڪيس فائدو ڏي مگر هو پنهنجي زبان جي حفاظت ڪري، ۽ بيشڪ مومن جي زبان سندس دل جي پويان هوندي آهي، ۽ بيشڪ منافق جي دل سندس زبان جي پويان هوندي آهي. انڪري تہ جڏهن مومن ڪو ڪلام ڪرڻ چاهيندو آهي تہ پنهنجي اندر ۾ ان بابت ويچاريندو آهي. اگر اهو ڀلو هوندو آهي تہ انکي ظاهر ڪندو آهي، ۽ اگر اهو بُرو هوندو آهي تہ انکي ڍڪي ڇڏيندو آهي. ۽ بيشڪ منافق اهو ڳالهائيندو آهي جيڪو سندس زبان تي ايندو آهي. هو ناهي ڄاڻيندو تہ ڪيس ڪهڙو فائدو ٿيندو ۽ ڪهڙو نقصان ٿيندو. ۽ بيشڪ رسول الله ﷺ فرمايو آهي: ”ڪنهن ٻانهي جو ايمان پختو نہ ٿيندو ايستائين جو ان جي دل پختي ٿئي، ۽ ان جي دل پختي نہ ٿيندي ايستائين جو ان جي زبان پختي ٿئي، بس توهان مان ڪو بہ الله تعالىٰ سان ان حال ۾ ملاقات ڪري سگهي ٿو جو سندس هٿ مسلمانن جي جان ۽ مال کان صاف هجن، ۽ زبان انهن جي ناموس کان محفوظ هجي تہ ڪيس ائين ڪرڻ گهرجي “.

## بدعت جي حرمت



الله جا ٻانهؤ! ڄاڻو تہ بيشڪ مؤمن هن سال بہ انهيءَ شيءِ کي حلال سمجهي ٿو جنهن کي هن پهرين سال حلال سمجهيو هيو، ۽ هن سال انهيءَ شيءِ کي حرام سمجهي ٿو جنهن کي پهرين سال حرام سمجهيو هيو. ۽ بيشڪ جن نئين شين کي ماڻهو بيان ڪن ٿا اهي توهان جي انهن شين کي حلال نٿيون ڪن جيڪي توهان تي حرام ڪيون ويون آهن. مگر حلال اهو آهي جنهن کي الله حلال ڪيو آهي، ۽ حرام اهو آهي جنهن کي الله حرام ڪيو آهي. بيشڪ توهان حالتن جو تجربو ڪري چڪا آهيو. ۽ انهن کي پرکي چڪا آهيو، ۽ جيڪي توهان کان اڳ ۾ هئا انهن سان توهان جي نصيحت ڪئي وئي آهي، ۽ توهان جي لاءِ مثالَ پيش ڪيا ويا آهن. ۽ توهان کي واضح امر ڏانهن سڏيو ويو آهي.

فَلَا يَصَمُّ عَنْ ذَلِكَ إِلَّا أَصَمُّ وَ لَا يَعْمَى عَنْ ذَلِكَ إِلَّا أَعْمَى وَ مَنْ لَمْ يَنْفَعْهُ اللَّهُ بِالْبَلَاءِ وَ التَّجَارِبِ لَمْ يَنْتَفِعْ بِشَيْءٍ مِنَ الْعِظَةِ وَ أَتَاهُ التَّقْصِيرُ مِنْ أَمَامِهِ حَتَّى يَعْرِفَ مَا أَنْكَرَ وَ يُنْكِرَ مَا عَرَفَ.

وَ إِنَّمَا النَّاسُ رَجُلَانِ مُتَّبِعٌ شِرْعَةً وَ مُبْتَدِعٌ بِدْعَةً لَيْسَ مَعَهُ مِنَ اللَّهِ سُبْحَانَهُ بُرْهَانُ سُنَّةٍ وَ لَا ضِيَاءُ حُجَّةٍ.

## القرآن

وَ إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ لَمْ يَعِظْ أَحَداً بِمِثْلِ هَذَا الْقُرْآنِ فَإِنَّهُ حَبْلُ اللَّهِ الْمَتِينُ وَ سَبَبُهُ الْأَمِينُ وَ فِيهِ رَبِيعُ الْقَلْبِ وَ يَنَابِيعُ الْعِلْمِ وَ مَا لِلْقَلْبِ جِلَاءٌ غَيْرُهُ مَعَ أَنَّهُ قَدْ ذَهَبَ الْمُتَذَكِّرُونَ وَ بَقِيَ النَّاسُونَ أَوِ الْمُتَنَاسُونَ.

فَإِذَا رَأَيْتُمْ خَيْراً فَأَعِينُوا عَلَيْهِ وَ إِذَا رَأَيْتُمْ شَرّاً فَاذْهَبُوا عَنْهُ فَإِنَّ رَسُولَ اللَّهِ ص كَانَ يَقُولُ يَا ابْنَ آدَمَ اعْمَلِ الْخَيْرَ وَ دَعِ الشَّرَّ فَإِذَا أَنْتَ جَوَادٌ قَاصِدٌ.

## انواع الظلم

أَلَا وَ إِنَّ الظُّلْمَ ثَلَاثَةٌ فَظُلْمٌ لَا يُغْفَرُ وَ ظُلْمٌ لَا يُتْرَكُ و ظُلْمٌ مَغْفُورٌ لَا يُطْلَبُ فَأَمَّا الظُّلْمُ الَّذِي لَا يُغْفَرُ فَالشِّرْكُ بِاللَّهِ قَالَ اللَّهُ تَعَالَى إِنَّ اللَّهَ لا يَغْفِرُ أَنْ يُشْرَكَ بِهِ وَ أَمَّا الظُّلْمُ الَّذِي يُغْفَرُ فَظُلْمُ الْعَبْدِ نَفْسَهُ عِنْدَ بَعْضِ الْهَنَاتِ.

وَ أَمَّا الظُّلْمُ الَّذِي لَا يُتْرَكُ فَظُلْمُ الْعِبَادِ بَعْضِهِمْ بَعْضاً الْقِصَاصُ هُنَاكَ شَدِيدٌ لَيْسَ هُوَ جَرْحاً بِالْمُدَى وَ لَا ضَرْباً بِالسِّيَاطِ وَ لَكِنَّهُ مَا يُسْتَصْغَرُ ذَلِكَ مَعَهُ فَإِيَّاكُمْ وَ التَّلَوُّنَ فِي دِينِ اللَّهِ فَإِنَّ جَمَاعَةً فِيمَا تَكْرَهُونَ مِنَ الْحَقِّ خَيْرٌ مِنْ فُرْقَةٍ فِيمَا تُحِبُّونَ مِنَ الْبَاطِلِ وَ إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ لَمْ يُعْطِ أَحَداً بِفُرْقَةٍ خَيْراً مِمَّنْ مَضَى وَ لَا مِمَّنْ بَقِيَ.

بس هن ڪان ڪو بہ بوڙو نہ آهي مگر ان جي جيڪو بوڙائپ ڪري. ۽ هن ڪان ڪو بہ انڌو نہ آهي مگر ان جي جيڪو انڌائپ ڪري. ۽ جنهن ڪي الله تعالىٰ آزمائش ۽ تجربي سان فائدو نہ پهچائي تہ هو ڪنهن بہ شيءِ جي نصيحت سان فائدو ماڻي نہ سگهندو. ۽ ڪوتاهي سندس اڳيان اچي ويندي، ايستائين جو هو منڪر کي معروف، ۽ معروف کي منڪر سمجهندو. انسان فقط ٻن قسمن جا آهن: شريعت جي اتباع ڪرڻ وارو، ۽ بدعت کي آڻڻ وارو، جنهن وٽ نہ الله تعالىٰ طرفان سنت جو برهان آهي ۽ نہ دليل جي ڪا روشني آهي.

## قرآن

۽ بيشڪ الله تعالىٰ هن قرآن جهڙي ڪنهن کي بہ نصيحت ناهي ڪئي، ان لاءِ تہ هي الله تعالىٰ جي مضبوط رسي ۽ سندس امانت وارو وسيلو آهي. ۽ هن ۾ ئي دل جو بهار ۽ علم جا چشما آهن. ۽ هن ڪانسواءِ دل جو ڪو بہ سوجهرو ڪونهي، ان جي باوجود جو نصيحت پرائڻ وارا هليا ويا، ۽ وسارڻ وارا يا ويسر جو اظهار ڪرڻ وارا باقي رهيا. بس جڏهن توهان ڀلائي کي ڏسو تہ ان تي ساٿ ڏيو. ۽ جڏهن برائي کي ڏسو تہ ان کان هليا وڃو. ان لاءِ تہ بيشڪ رسول الله ﷺ فرمائيندا هئا: ” اي آدم جي اولاد ڀلائي کي انجام ڏي ۽ بُرائي کي ڇڏي ڏي. بس تہ پوءِ تون ڀلو ۽ وچٿرو آهين“.

## ظلم جا قسم



آگاهہ رهو! تہ بيشڪ ظلم ٽن قسمن جا آهن. هڪ اهڙو ظلم جيڪو معاف نہ ڪيو ويندو، ۽ هڪ اهڙو ظلم جنهن کي نہ ڇڏيو ويندو، ۽ هڪ اهڙو ظلم جيڪو بخشيو ويندو ۽ ان جو مطالبو نہ ڪيو ويندو. البتہ اهو ظلم جيڪو معاف نہ ڪيو ويندو الله تعالىٰ سان شرڪ ڪرڻ آهي، الله تعالىٰ فرمايو آهي: ”بيشڪ الله هيءُ نہ بخشيندو جو ساڻس شرڪ ڪيو وڃي“. البتہ اهو ظلم جيڪو بخشيو ويندو ٻانهي جو ڪجهہ حالتن ۾ پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪرڻ آهي، البتہ اهو ظلم جنهن کي نہ ڇڏيو ويندو، ٻانهن جو هڪ ٻئي تي ظلم ڪرڻ آهي. اُتي بدلو سخت ٿيندو، پر اهو چاقو سان زخم ڏيڻ يا ڪوڙن سان مارڻ نہ آهي، مگر هن عذاب سان انهن کي ننڍڙو سمجهيو ويندو. بس پوءِ الله تعالىٰ جي دين ۾ رنگ بدلائڻ کان بچو. ان لاءِ تہ بيشڪ جنهن حق کي توهان ناپسند ڪريو ان تي گڏ ٿيڻ، ان تفرقي بازيءَ کان ڀلو آهن جتي توهان باطل کي پسند ڪريو. ۽ بيشڪ الله تعالىٰ ڪنهن کي بہ جيڪي گذري ويا ۽ جيڪي باقي آهن تفرقي تي ڀلائي ناهي ڏني.

### لزوم الطاعة

يَا أَيُّهَا النَّاسُ طُوبَى لِمَنْ شَغَلَهُ عَيْبُهُ عَنْ عُيُوبِ النَّاسِ وَ طُوبَى لِمَنْ لَزِمَ بَيْتَهُ وَ أَكَلَ قُوتَهُ وَ اشْتَغَلَ بِطَاعَةِ رَبِّهِ وَ بَكَى عَلَى خَطِيئَتِهِ فَكَانَ مِنْ نَفْسِهِ فِي شُغُلٍ وَ النَّاسُ مِنْهُ فِي رَاحَة.

## ۱۷۷ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في معنى الحكمين*

فَأَجْمَعَ رَأْيُ مَلَئِكُمْ عَلَى أَنِ اخْتَارُوا رَجُلَيْنِ فَأَخَذْنَا عَلَيْهِمَا أَنْ يُجَعْجِعَا عِنْدَ الْقُرْآنِ وَ لَا يُجَاوِزَاهُ وَ تَكُونَ أَلْسِنَتُهُمَا مَعَهُ وَ قُلُوبُهُمَا تَبَعَهُ فَتَاهَا عَنْهُ وَ تَرَكَا الْحَقَّ وَ هُمَا يُبْصِرَانِهِ وَ كَانَ الْجَوْرُ هَوَاهُمَا وَ الِاعْوِجَاجُ رَأْيُهُمَا.

وَ قَدْ سَبَقَ اسْتِثْنَاؤُنَا عَلَيْهِمَا فِي الْحُكْمِ بِالْعَدْلِ وَ الْعَمَلِ بِالْحَقِّ سُوءَ رَأْيِهِمَا وَ جَوْرَ حُكْمِهِمَا وَ الثِّقَةُ فِي أَيْدِينَا لِأَنْفُسِنَا حِينَ خَالَفَا سَبِيلَ الْحَقِّ وَ أَتَيَا بِمَا لَا يُعْرَفُ مِنْ مَعْكُوسِ الْحُكْم.



## ۱۷۸ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*في الشهادة و التقوى و قيل إنه خطبها بعد مقتل عثمان في أول خلافته*

### اللّه و رسوله

لَا يَشْغَلُهُ شَأْنٌ وَ لَا يُغَيِّرُهُ زَمَانٌ وَ لَا يَحْوِيهِ مَكَانٌ وَ لَا يَصِفُهُ لِسَانٌ لَا يَعْزُبُ عَنْهُ عَدَدُ قَطْرِ الْمَاءِ وَ لَا نُجُومِ السَّمَاءِ وَ لَا سَوَافِي الرِّيحِ فِي الْهَوَاءِ.

وَ لَا دَبِيبُ النَّمْلِ عَلَى الصَّفَا وَ لَا مَقِيلُ الذَّرِّ فِي اللَّيْلَةِ الظَّلْمَاءِ يَعْلَمُ مَسَاقِطَ الْأَوْرَاقِ وَ خَفِيَّ طَرْفِ الْأَحْدَاقِ.

### لازمي اطاعت

اي انسانؤ! خوش بختي آهي ان شخص لاءِ جنهن کي پنهنجي عيب ماڻهن جي عيبن کان مصروف ڪري ڇڏيو هجي. ۽ خوش بختي هجي ان شخص لاءِ جيڪو پنهنجي گهر ۾ ئي رهي، ۽ پنهنجي خوراڪ کائي. ۽ پالڻهار جي اطاعت ۾ مصروف رهي ۽ پنهنجي خطائن تي روئي. بس هو پنهنجو پاڻ ۾ مصروف رهيو، ۽ ماڻهو ان کان آرام ۾ رهيا.

## ١٧٧_ امام عليه السلام جو ڪلام، حڪمين جي باري ۾

بس توهان جي ڇڳن مُڙسن جي راءِ ٻن ماڻهن جي چونڊڻ تي متفق ٿي، پوءِ اسان انهن ٻنهي کان اهو واعدو ورتو ته اهي قرآن تي اتفاق ڪندا ۽ انکان نه وڌندا، ۽ پنهنجون زبانون ان سان گڏ ۽ پنهنجون دليون ان جي تابع ڪندا، پر اهي ان کان گمراهه ٿيا ۽ انهن حق کي ڇڏيو. جڏهن ته اهي ٻئي حق کي ڏسي رهيا هئا، ۽ ظلم انهن جي خواهش هئي، ۽ ٽيڏائپ انهن جي راءِ (عادت) هئي. بيشڪ اسان پهريائين انهن کان (عدل سان فيصلي ڪرڻ ۽ حق جي قصد ڪرڻ واري شرط ذريعي انهن جي) بدنيتيءَ ۽ ظلم واري فيصلي کي مجڻ کان جدا هئاسين. بس جڏهن انهن حق جي وات جي مخالفت ڪئي آهي، ۽ حق جي برعڪس غير معروف فيصلي سان آيا آهن ته پوءِ اسان جي هٿن ۾ پنهنجي لاءِ دليل آهي.



## ١٧٨_ امام عليه السلام جو هي خطبو، شهادت ۽ پرهيزگاريءَ بابت آهي

**۽ چيو ويو آهي ته امام عليه السلام هي خطبو عثمان جي موت کان پوءِ خلافت جي شروعات ۾ ارشاد فرمايو آهي.**

### الله ۽ سندس رسول صلي الله عليه وآله وسلم

نه الله کي ڪو ڪم مصروف ڪري ٿو، ۽ نه ڪو زمانو ڪيس تبديل ڪري ٿو، ۽ نه ڪا جڳهه ان جو احاطو ڪري ٿي، ۽ نه ڪا زبان ان جي توصيف ڪري سگهي ٿي. ان کان نه پاڻيءَ جي قطرن، نه آسمان جي تارن، ۽ نه تيز هواء ۾ اڏامندڙن ذرڙن جو تعداد، ۽ نه لَسي پٿرن تي ڪولين جي چُرپر، ۽ نه اونداهيءَ رات ۾ ڪولين جا ٻِرڻ لڪيل آهن. ۽ هو پنن جي ڪِرڻ وارين جاين، ۽ اکين جي لڪيل اشارن کي به ڄاڻي ٿو.

وَ أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ غَيْرَ مَعْدُولٍ بِهِ وَ لَا مَشْكُوكٍ فِيهِ وَ لَا مَكْفُورٍ دِينُهُ وَ لَا مَجْحُودٍ تَكْوِينُهُ.

شَهَادَةَ مَنْ صَدَقَتْ نِيَّتُهُ وَ صَفَتْ دِخْلَتُهُ وَ خَلَصَ يَقِينُهُ وَ ثَقُلَتْ مَوَازِينُهُ وَ أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ الْمُجْتَبَى مِنْ خَلَائِقِهِ وَ الْمُعْتَامُ لِشَرْحِ حَقَائِقِهِ وَ الْمُخْتَصُّ بِعَقَائِلِ كَرَامَاتِهِ وَ الْمُصْطَفَى لِكَرَائِمِ رِسَالاتِهِ وَ الْمُوَضَّحَةُ بِهِ أَشْرَاطُ الْهُدَى وَ الْمَجْلُوُّ بِهِ غِرْبِيبُ الْعَمَى أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّ الدُّنْيَا تَغُرُّ الْمُؤَمِّلَ لَهَا وَ الْمُخْلِدَ إِلَيْهَا وَ لَا تَنْفَسُ بِمَنْ نَافَسَ فِيهَا وَ تَغْلِبُ مَنْ غَلَبَ عَلَيْهَا.

وَ ايْمُ اللَّهِ مَا كَانَ قَوْمٌ قَطُّ فِي غَضِّ نِعْمَةٍ مِنْ عَيْشٍ فَزَالَ عَنْهُمْ إِلَّا بِذُنُوبٍ اجْتَرَحُوهَا لِأَنَّ اللَّهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِلْعَبِيدِ وَ لَوْ أَنَّ النَّاسَ حِينَ تَنْزِلُ بِهِمُ النِّقَمُ وَ تَزُولُ عَنْهُمُ النِّعَمُ فَزِعُوا إِلَى رَبِّهِمْ بِصِدْقٍ مِنْ نِيَّاتِهِمْ وَ وَلَهٍ مِنْ قُلُوبِهِمْ لَرَدَّ عَلَيْهِمْ كُلَّ شَارِدٍ وَ أَصْلَحَ لَهُمْ كُلَّ فَاسِدٍ.

وَ إِنِّي لَأَخْشَى عَلَيْكُمْ أَنْ تَكُونُوا فِي فَتْرَةٍ وَ قَدْ كَانَتْ أُمُورٌ مَضَتْ مِلْتُمْ فِيهَا مَيْلَةً كُنْتُمْ فِيهَا عِنْدِي غَيْرَ مَحْمُودِينَ وَ لَئِنْ رُدَّ عَلَيْكُمْ أَمْرُكُمْ إِنَّكُمْ لَسُعَدَاءُ وَ مَا عَلَيَّ إِلَّا الْجُهْدُ وَ لَوْ أَشَاءُ أَنْ أَقُولَ لَقُلْتُ عَفَا اللَّهُ عَمَّا سَلَفَ.



## ۱۷۹ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه‌السلام

*و قد سأله ذعلب اليماني فقال هل رأيت ربك يا أمير المؤمنين فقال عليه‌السلام أ فأعبد ما لا أرى فقال و كيف تراه فقال:*

۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو ته ڪو به معبود ڪون آهي سواءِ الله جي جنهن جو ڪو به مَٽ ڪون آهي. ۽ نه سندس ذات ۾ ڪو شڪ آهي، ۽ نه هنجو دين لڪيل آهي. ۽ نه هنجي خلق ڪرڻ جو انڪار آهي. هي اهڙي شخص جي گواهي آهي جنهن جي نيّت سچي ۽ جنهن جو اندر اجريل، ۽ جنهن جو يقين خالص، ۽ جنهن جا پلڙا ڳرا آهن. ۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو ته بيشڪ محمد ﷺ سندس ٻانهو، ۽ سندس مخلوق مان چونڊيل رسول، ۽ سندس دين جي حقيقت جي تشريح لاءِ پسنديده، ۽ سندس ڪرامتن جي جواهرات سان مخصوص، ۽ سندس عمده پيغامن لاءِ چونڊيل آهي. ۽ سندس ذريعي هدايت جا نشان واضح ڪيا ويا آهن. ۽ سندس ذريعي گمراهيءَ جي سخت اونداهين کي روشن ڪيو ويو آهي. اي انسانؤ! بيشڪ دنيا ان کي ڌوڪو ڏئي ٿي جيڪو منجهس تمنا رکي، ۽ ان ڏانهن جُهڪي، ۽ ان کي اهميت نٿي ڏئي جيڪو منجهس چاهت رکي ٿو، ۽ ان تي غالب ٿي وڃي ٿي جيڪو ان تي غالب ٿيڻ چاهي ٿو. الله جو قسم ڪا به اهڙي قوم ڪانهي جيڪا زندگيءَ جي نعمتن ۾ غرق هجي پوءِ اهي ڪائنئن ختم ٿي وڃن مگر انهن گناهن جي ڪري جيڪي انهن انجام ڏنا. ان لاءِ ته بيشڪ الله تعالىٰ ٻانهن تي ظلم ناهي ڪندو. اگر انسان عذاب اچڻ وقت ۽ نعمتن ختم ٿيڻ وقت پنهنجين سچين نيتن سان پنهنجي پالڻهار کي ٻاڏائين ۽ دلين سان انکي شدت سان چاهين ته ضرور هر ضايع ٿيل نعمت کي انهن ڏانهن موٽائيندو ۽ انهن جي هر خرابيءَ جي اصلاح ڪندو. ۽ بيشڪ آءٌ توهان بابت توهان جي غفلت ۾ پوڻ کان ڊجان ٿو. يقيناً ڪجهه واقعا اهڙا گذريا آهن جن ۾ توهان جذبات کان ڪم ورتو آهي، ۽ جن ۾ توهان منهنجي نزديڪ ساراهه جوڳا ناهيو رهيا. ۽ اگر توهان تي توهان جي پهرين حالتن کي موٽايو وڃي ته يقيناً توهان نيڪ بخت ٿيندؤ. ۽ مون تي ٻيو ڪجهه به ناهي سواءِ ڪوشش ڪرڻ جي. ۽ اگر آءٌ ڪجهه چوڻ چاهيان ته اهو چوندس ته: الله تعالىٰ گذريل کان درگذر فرمائي.



## ۱۷۹_ امام عليه السلام جو ڪلام

### جڏهن ذعلب يماني امام عليه السلام کان پڇيو اي اميرالمؤمنين عليه السلام ڇا توهان پنهنجي پالڻهار کي ڏٺو آهي؟

ته امام عليه السلام فرمايو: ڇا آءٌ ان جي عبادت ڪريان ٿو جنهن کي ڏٺو ئي ناهي؟ پوءِ هن ڇيو توهان انکي ڪيئن ڏٺو آهي ته پوءِ امام عليه السلام ارشاد فرمايو:

لَا تُدْرِكُهُ الْعُيُونُ بِمُشَاهَدَةِ الْعِيَانِ وَ لَكِنْ تُدْرِكُهُ الْقُلُوبُ بِحَقَائِقِ الْإِيمَانِ. قَرِيبٌ مِنَ الْأَشْيَاءِ غَيْرَ مُلَابِسٍ، بَعِيدٌ مِنْهَا غَيْرَ مُبَايِنٍ، مُتَكَلِّمٌ لَا بِرَوِيَّةٍ، مُرِيدٌ لَا بِهِمَّةٍ، صَانِعٌ لَا بِجَارِحَةٍ، لَطِيفٌ لَا يُوصَفُ بِالْخَفَاءِ، كَبِيرٌ لَا يُوصَفُ بِالْجَفَاءِ، بَصِيرٌ لَا يُوصَفُ بِالْحَاسَّةِ، رَحِيمٌ لَا يُوصَفُ بِالرِّقَّةِ، تَعْنُو الْوُجُوهُ لِعَظَمَتِهِ، وَ تَجِبُ الْقُلُوبُ مِنْ مَخَافَتِهِ.

## ۱۸۰ــ و من خطبة له عليه‌السلام

*في ذم العاصين من أصحابه*

أَحْمَدُ اللَّهَ عَلَى مَا قَضَى مِنْ أَمْرٍ وَ قَدَّرَ مِنْ فِعْلٍ وَ عَلَى ابْتِلَائِي بِكُمْ أَيَّتُهَا الْفِرْقَةُ الَّتِي إِذَا أَمَرْتُ لَمْ تُطِعْ وَ إِذَا دَعَوْتُ لَمْ تُجِبْ إِنْ أُمْهِلْتُمْ خُضْتُمْ وَ إِنْ حُورِبْتُمْ خُرْتُمْ وَ إِنِ اجْتَمَعَ النَّاسُ عَلَى إِمَامٍ طَعَنْتُمْ وَ إِنْ أُجِئْتُمْ إِلَى مُشَاقَّةٍ نَكَصْتُمْ. لَا أَبَا لِغَيْرِكُمْ.

مَا تَنْتَظِرُونَ بِنَصْرِكُمْ وَ الْجِهَادِ عَلَى حَقِّكُمْ الْمَوْتَ أَوِ الذُّلَّ لَكُمْ فَوَاللَّهِ لَئِنْ جَاءَ يَوْمِي وَ لَيَأْتِيَنِّي لَيُفَرِّقَنَّ بَيْنِي وَ بَيْنَكُمْ وَ أَنَا لِصُحْبَتِكُمْ قَالٍ وَ بِكُمْ غَيْرُ كَثِيرٍ لِلَّهِ أَنْتُمْ أَ مَا دِينٌ يَجْمَعُكُمْ وَ لَا حَمِيَّةٌ تَشْحَذُكُمْ أَ وَ لَيْسَ عَجَباً أَنَّ مُعَاوِيَةَ يَدْعُو الْجُفَاةَ الطَّغَامَ فَيَتَّبِعُونَهُ عَلَى غَيْرِ مَعُونَةٍ وَ لَا عَطَاءٍ وَ أَنَا أَدْعُوكُمْ وَ أَنْتُمْ تَرِيكَةُ الْإِسْلَامِ وَ بَقِيَّةُ النَّاسِ إِلَى الْمَعُونَةِ أَوْ طَائِفَةٍ مِنَ الْعَطَاءِ فَتَفَرَّقُونَ عَنِّي وَ تَخْتَلِفُونَ عَلَيَّ إِنَّهُ لَا يَخْرُجُ إِلَيْكُمْ مِنْ أَمْرِي رِضًى فَتَرْضَوْنَهُ وَ لَا سُخْطٌ فَتَجْتَمِعُونَ عَلَيْهِ وَ إِنَّ أَحَبَّ مَا أَنَا لَاقٍ إِلَيَّ الْمَوْتُ قَدْ دَارَسْتُكُمُ الْكِتَابَ وَ فَاتَحْتُكُمُ الْحِجَاجَ وَ عَرَّفْتُكُمْ مَا أَنْكَرْتُمْ وَ سَوَّغْتُكُمْ مَا مَجَجْتُمْ.

اکيون انکي ظاهري مشاهدي سان نٿيون ڏسي سگهن مگر دليون کيس ايمان جي حقيقت سان پروڙي سگهن ٿيون. هو شين جي ويجهو آهي پر مليل نہ آهي، ۽ انهن کان پري آهي پر جدا نہ آهي، ڳالهائيندڙ آهي پر بنا ويچارڻ جي، ارادو کندڙ آهي پر بنا اهتمام جي، ٺاهيندڙ آهي پر بنا عضون جي، اهڙو لطيف آهي جنهن کي مخفي نٿو چئي سگهجي، ۽ اهڙو وڏو آهي جنهن کي ڏاڍو نٿو چئي سگهجي، ۽ ڏسندڙ آهي پر بنا اکين جي، ۽ مهربان آهي پر بنا احساس جي. چهرا سندس عظمت اڳيان جهکيل آهن. ۽ دليون سندس هيبت کري ٿڙکَن ٿيون.

## ١٨٠_ امام عليه السلام جو خطبو، پنهنجي اصحاب منجهان نافرمانن جي مذمت بابت آهي

آءٌ الله تعاليٰ جي ساراهہ کريان ٿو ان امر تي جنهن جو هن فيصلو کيو، ۽ ان کم تي جنهن کي هن مقدر کيو، ۽ توهان جي ذريعي پنهنجي آزمائڻ تي. اي اها جماعت جن کي جڏهن آءٌ امر کريان ٿو تہ اطاعت نٿا کريو، ۽ جڏهن سڏيان ٿو تہ جيءُ نٿا چئو. ۽ اگر توهان کي ڇوٽ ڏني وڃي تہ ڇڙواڳ ٿي وڃو ٿا. ۽ جڏهن توهان ويڙهايا وڃو ٿا تہ توهان بزدل ٿي وڃو ٿا. ۽ اگر ماڻهو کنهن اڳواڻ تي متحد ٿين ٿا تہ توهان طعنا هڻو ٿا. ۽ جڏهن توهان کي ڏکيائي ڏانهن آندو وڃي ٿو تہ بي قابو ٿي پوئين پير پجو ٿا. شال توهان جا دشمن نڌڪا ٿين. توهان پنهنجي مدد کرڻ ۽ پنهنجي حق لاءِ جهاد کرڻ لاءِ کهڙيءَ شيءِ جي انتظار ۾ آهيو؟ موت جي يا پنهنجي ذلت جي. بس الله جو قسم اگر منهنجو ڏينهن آيو (۽ جيکو ضرور مون وٽ ايندو) تہ يقيناً منهنجي ۽ توهان جي درميان جدائي وجهي ڇڏيندو. جڏهن تہ آءٌ توهان جي صُحبت کان تنگ آهيان. ۽ توهان جي هجڻ سان گهڻائي ۾ نہ آهيان. توهان کي الله ئي پُڇي. ڇا کو اهڙو دين کونهي جيکو توهان کي گڏ کري. ۽ نہ کا غيرت آهي جيکا توهان کي جوش ڏياري. ڇا ان تي تعجب ناهي تہ يقيناً معاويو ظالمَ ۽ ڪِريلَ ماڻهن کي سڏي ٿو ۽ اهي ان جي بغير کنهن امداد ۽ عطا جي پيروي کن ٿا. ۽ آءٌ اوهان کي جڏهن تہ اوهان اسلام جي بچت ۽ گذريل ماڻهن جي باقيات آهيو، کي امداد ۽ کجهہ عطا جي بدلي سڏيان ٿو پر توهان مونکان الڳ ٿي وڃو ٿا. ۽ مون تي اختلاف کريو ٿا؟ اهڙيءَ طرح جو منهنجي طرفان منهنجيءَ مرضيءَ سان کو بہ حکم توهان ڏانهن نٿو اچي جنهن سان توهان راضي رهو. ۽ نہ وري کاوڙ سان جنهن تي توهان گڏ ٿيو. ۽ بيشک منهنجي لاءِ سڀ کان پسنديده شيءِ جنهن سان آءٌ ملڻ چاهيان ٿو اها موت آهي. بيشک آءٌ توهان کي قرآن پڙهائي ڇڏيو آهي. ۽ دليلن جي بنياد تي توهان جا فيصلا کيا آهن. ۽ توهان کي اهي شيون سيکاريون آهن جن کي توهان نہ ڄاڻندا هئا. ۽ توهان جي لاءِ انهن شين کي وڻندڙ بڻايو آهي جيکي توهان کي اٽکنديون هيون.

لَوْ كَانَ الْأَعْمَى يَلْحَظُ أَوِ النَّائِمُ يَسْتَيْقِظُ وَ أَقْرِبْ بِقَوْمٍ مِنَ الْجَهْلِ بِاللَّهِ قَائِدُهُمْ مُعَاوِيَةُ وَ مُؤَدِّبُهُمُ ابْنُ النَّابِغَة.

## ١٨١ـ و من كلام له عليه السلام

*وَ قَدْ أَرْسَلَ رَجُلًا مِنْ أَصْحَابِهِ يَعْلَمُ لَهُ عِلْمَ أَحْوَالِ قَوْمٍ مِنْ جُنْدِ الْكُوفَةِ قَدْ هَمُّوا بِاللِّحَاقِ بِالْخَوَارِجِ وَ كَانُوا عَلَى خَوْفٍ مِنْهُ عليه السلام فَلَمَّا عَادَ إِلَيْهِ الرَّجُلُ قَالَ لَهُ أَ أَمِنُوا فَقَطَنُوا أَمْ جَبُنُوا فَظَعَنُوا فَقَالَ الرَّجُلُ بَلْ ظَعَنُوا يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ فَقَالَ عليه السلام:*

بُعْداً لَهُمْ كَمَا بَعِدَتْ ثَمُودُ أَمَا لَوْ أُشْرِعَتِ الْأَسِنَّةُ إِلَيْهِمْ وَ صُبَّتِ السُّيُوفُ عَلَى هَامَاتِهِمْ لَقَدْ نَدِمُوا عَلَى مَا كَانَ مِنْهُمْ.

إِنَّ الشَّيْطَانَ الْيَوْمَ قَدِ اسْتَفَلَّهُمْ وَ هُوَ غَداً مُتَبَرِّئٌ مِنْهُمْ وَ مُتَخَلٍّ عَنْهُمْ فَحَسْبُهُمْ بِخُرُوجِهِمْ مِنَ الْهُدَى وَ ارْتِكَاسِهِمْ فِي الضَّلَالِ وَ الْعَمَى وَ صَدِّهِمْ عَنِ الْحَقِّ وَ جِمَاحِهِمْ فِي التِّيه.

## ١٨٢ـ و من خطبة له عليه السلام



*رُوِيَ عَنْ نَوْفٍ الْبَكَالِيِّ قَالَ خَطَبَنَا بِهَذِهِ الْخُطْبَةِ أَمِيرُالْمُؤْمِنِينَ عَلِيٌّ عليه السلام بِالْكُوفَةِ وَ هُوَ قَائِمٌ عَلَى حِجَارَةٍ نَصَبَهَا لَهُ جَعْدَةُ بْنُ هُبَيْرَةَ الْمَخْزُومِيُّ وَ عَلَيْهِ مِدْرَعَةٌ مِنْ صُوفٍ وَ حَمَائِلُ سَيْفِهِ لِيفٌ وَ فِي رِجْلَيْهِ نَعْلَانِ مِنْ لِيفٍ وَ كَأَنَّ جَبِينَهُ ثَفِنَةُ بَعِيرٍ فَقَالَ عليه السلام:*

### حمد الله و استعانته

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي إِلَيْهِ مَصَائِرُ الْخَلْقِ وَ عَوَاقِبُ الْأَمْرِ نَحْمَدُهُ عَلَى عَظِيمِ إِحْسَانِهِ وَ نَيِّرِ بُرْهَانِهِ وَ نَوَامِي فَضْلِهِ وَ امْتِنَانِه.

ڪاش انڌو ڄاڻي ها ۽ ستل سجاڳ ٿئي ها. ۽ اها قوم خدا بابت جهالت جي ڪيڏي نہ قريب آهي جنهن جو اڳواڻ معاويو هجي ۽ ادب سيکارڻ وارو بدلجڻيءَ جو پٽ هجي.

## ١٨١_ امام عليہ السلام جو ڪلام

**امام عليہ السلام پنهنجي هڪ صحابيءَ کي موڪليو تہ جيئن ڪوفي جي لشڪر مان هڪ گروهہ بابت معلومات وٺي اچي جن خوارج سان رلجي وڃڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو هو. پر امام عليہ السلام کان بہ ڊڄن پيا. پوءِ جڏهن اهو شخص امام عليہ السلام وٽ موٽي آيو تہ امام عليہ السلام کانئس پڇيو: ڇا اُهي پر امن رهندي رهي پيا آهن يا ڊڄندي نڪري پيا آهن؟ پوءِ ان شخص چيو: اي اميرالمؤمنين عليہ السلام بلڪ اهي نڪري پيا آهن، پوءِ امام عليہ السلام فرمايو:**

انهن لاءِ هلاڪت هجي جيئن قومِ ثمود لاءِ هلاڪت هئي، ياد رکو تہ جڏهن نيزن کي انهن تي بلند ڪيو ويندو ۽ تلوارن کي سندن سَرن تي رکيو ويندو، تہ ضرور هو پنهنجي ڪئي تي پڇتائيندا، بيشڪ شيطان اڄ انهن کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اهو ئي سڀاڻي کانئن بيزاري اختيار ڪندو ۽ انهن کان الڳ ٿي ويندو. بس انهن جو هدايت کان نڪري وڃڻ، گمراهيءَ ۽ اونداهيءَ ۾ مُنهن پر ڪِرڻ، ۽ انهن جو ماڻهن کي حق کان روڪڻ، ۽ ڀٽڪڻ ۾ انهن جو مست ٿي وڃڻ ئي (بدبختيءَ لاءِ) ڪافي آهي.

## ١٨٢_ امام عليہ السلام جو خطبو

**نوف بڪالي کان مروي آهي هن چيو: اميرالمؤمنين عليہ السلام هي خطبو اسانکي ڪوفي ۾ ڏنو جڏهن تہ پاڻ عليہ السلام ان پٿر تي بيٺل هئا جنهن کي جَعده بن هُبيره مخزوميءَ امام عليہ السلام لاءِ نصب ڪيو هو، ۽ امام عليہ السلام جي جسم تي اوني جبو هو، ۽ سندس تلوار جو پٽو کجيءَ جي ڦرهن جو هو، ۽ سندس پيرن ۾ بہ کجيءَ جي ڦرهن جي ٺهيل جُتي هئي، ۽ ڄڻ تہ سندس پيشاني اٺ جي زمين تي گسڻ واري اڳين حصي وانگر سخت هئي، پوءِ امام عليہ السلام فرمايو:**



### الله تعالىٰ جي ساراهہ ۽ کانئس مدد طلب ڪرڻ

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جنهن ڏانهن مخلوق جي واپسي ۽ هر مسئلي جو انجام آهي. اسان هنجي عظيم احسان، سندس روشن بُرهان، ۽ سندس گهڻي فضل ۽ ٻاجهہ تي ساراهہ ڪريون ٿا.

حَمْداً يَكُونُ لِحَقِّهِ قَضَاءً وَ لِشُكْرِهِ أَدَاءً وَ إِلَى ثَوَابِهِ مُقَرِّباً وَ لِحُسْنِ مَزِيدِهِ مُوجِباً وَ نَسْتَعِينُ بِهِ اسْتِعَانَةَ رَاجٍ لِفَضْلِهِ مُؤَمِّلٍ لِنَفْعِهِ وَاثِقٍ بِدَفْعِهِ مُعْتَرِفٍ لَهُ بِالطَّوْلِ مُذْعِنٍ لَهُ بِالْعَمَلِ وَ الْقَوْلِ وَ نُؤْمِنُ بِهِ إِيمَانَ مَنْ رَجَاهُ مُوقِناً وَ أَنَابَ إِلَيْهِ مُؤْمِناً وَ خَنَعَ لَهُ مُذْعِناً وَ أَخْلَصَ لَهُ مُوَحِّداً وَ عَظَّمَهُ مُمَجِّداً وَ لَاذَ بِهِ رَاغِباً مُجْتَهِداً.

## اللّه الواحد

لَمْ يُولَدْ سُبْحَانَهُ فَيَكُونَ فِي الْعِزِّ مُشَارَكاً وَ لَمْ يَلِدْ فَيَكُونَ مَوْرُوثاً هَالِكاً وَ لَمْ يَتَقَدَّمْهُ وَقْتٌ وَ لَا زَمَانٌ وَ لَمْ يَتَعَاوَرْهُ زِيَادَةٌ وَ لَا نُقْصَانٌ بَلْ ظَهَرَ لِلْعُقُولِ بِمَا أَرَانَا مِنْ عَلَامَاتِ التَّدْبِيرِ الْمُتْقَنِ وَ الْقَضَاءِ الْمُبْرَمِ فَمِنْ شَوَاهِدِ خَلْقِهِ خَلْقُ السَّمَاوَاتِ مُوَطَّدَاتٍ بِلَا عَمَدٍ قَائِمَاتٍ بِلَا سَنَدٍ دَعَاهُنَّ فَأَجَبْنَ طَائِعَاتٍ مُذْعِنَاتٍ غَيْرَ مُتَلَكِّئَاتٍ وَ لَا مُبْطِئَاتٍ وَ لَوْ لَا إِقْرَارُهُنَّ لَهُ بِالرُّبُوبِيَّةِ وَ إِذْعَانُهُنَّ بِالطَّوَاعِيَةِ لَمَا جَعَلَهُنَّ مَوْضِعاً لِعَرْشِهِ وَ لَا مَسْكَناً لِمَلَائِكَتِهِ وَ لَا مَصْعَداً لِلْكَلِمِ الطَّيِّبِ وَ الْعَمَلِ الصَّالِحِ مِنْ خَلْقِهِ جَعَلَ نُجُومَهَا أَعْلَاماً يَسْتَدِلُّ بِهَا الْحَيْرَانُ فِي مُخْتَلِفِ فِجَاجِ الْأَقْطَارِ لَمْ يَمْنَعْ ضَوْءَ نُورِهَا ادْلِهْمَامُ سُجُفِ اللَّيْلِ الْمُظْلِمِ وَ لَا اسْتَطَاعَتْ جَلَابِيبُ سَوَادِ الْحَنَادِسِ أَنْ تَرُدَّ مَا شَاعَ فِي السَّمَاوَاتِ مِنْ تَلَأْلُؤِ نُورِ الْقَمَرِ.

فَسُبْحَانَ مَنْ لَا يَخْفَى عَلَيْهِ سَوَادُ غَسَقٍ دَاجٍ وَ لَا لَيْلٍ سَاجٍ فِي بِقَاعِ الْأَرَضِينَ الْمُتَطَأْطِئَاتِ وَ لَا فِي يَفَاعِ السُّفْعِ الْمُتَجَاوِرَاتِ وَ مَا يَتَجَلْجَلُ بِهِ الرَّعْدُ فِي أُفُقِ السَّمَاءِ وَ مَا تَلَاشَتْ عَنْهُ بُرُوقُ الْغَمَامِ وَ مَا تَسْقُطُ مِنْ وَرَقَةٍ تُزِيلُهَا عَنْ مَسْقَطِهَا عَوَاصِفُ الْأَنْوَاءِ وَ انْهِطَالُ السَّمَاءِ.

اهڙي ساراهه جيڪا سندس حق جو پورائو ڪري ۽ ان جي شڪر کي ادا ڪري. ۽ ان جي ثواب کي قريب ڪري، ۽ ان جي نعمتن جي گهڻائي جو سبب ٿئي. ۽ اسان انکان اهڙي مدد گهرون ٿا جيئن سندس فضل جي اميد رکندڙ ۽ سندس فائدي جي آس ڪندڙ، ۽ سندس مصيبتن ٽارڻ تي ڀروسو ڪندڙ، ۽ سندس لاءِ عطا جو اعتراف ڪندڙ، ۽ سندس فعل ۽ قول سان فرمانبرداري ڪندڙ مدد گهرندو آهي. ۽ اسان ان تي ان شخص جي ايمان وانگر ايمان رکون ٿا جيڪو يقين سان ان ۾ اميد رکي ٿو، ۽ ايمان سان ان ڏانهن رجوع ڪري ٿو، ۽ فرمانبرداريءَ سان ان لاءِ نِوڙت ڪري ٿو، ۽ هيڪڙائي جي اعتقاد سان ساڻس خلوص رکي ٿو، ۽ بزرگيءَ جي اقرار سان انکي وڏو سمجهي ٿو، ۽ رغبت ۽ محنت سان ان جي پناهه وٺي ٿو.

## اڪيلو الله

هن کي ناهي ڄڻيو ويو، هو پاڪ آهي جو ڪو عزت ۾ ساڻس شريڪ ٿئي، ۽ نه هن ڪنهن کي ڄڻيو آهي جو هو مورث ۽ هلاڪ ٿي وڃي، نه هن ڪان پهريائين وقت ۽ زمانو هو، ۽ نه هنتي وڌڻ ۽ گهٽجڻ عارض ٿئي ٿو، بلڪ جيڪي هن اسانکي محڪم تدبيرن ۽ اٽل فيصلن جون نشانيون ڏيکاريون آهن تن سان هو عقلن لاءِ ظاهر ٿيو آهي. بس هنجي خلقت جي دليلن منجهان آسمانن جي خلقت آهي جيڪي بغير ٿنڀن جي برقرار ۽ بغير سهاري جي قائم آهن. الله تعالىٰ انهن کي سڏيو ته انهن اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندي بغير ڊپ ۽ سُستي جي جيءَ چيو، اگر هو الله تعالىٰ جي ربوبيت جو اقرار ۽ اطاعت ڪندي ان لاءِ فرمانبرداري نه ڪن ها ته الله تعالىٰ هرگز انهن کي پنهنجي عرش جي جاء، ۽ پنهنجي ملائڪن جي رهائشگاهه،۽ پلن ڪلمن ۽ پنهنجي مخلوق مان نيڪ عملن جي بلند ٿيڻ جي جاء قرار نه ڏي ها. ۽ الله هنجي تارَن کي اهڙيون نشانيون قرار ڏنيون جن سان پريشان ماڻهو زمين جي اچ وڃ وارن پيچرن تي رهنمائي وٺن. ۽ انهن جي نور جي روشنيءَ کي ڪاريءَ رات جي گُهگهه اونداهيءَ جا پردا نٿا روڪن. ۽ نه وري اونداهيءَ رات جون چادرون آسمانن ۾ چنڊ جي چمڪندڙ نور کي موٽائي سگهن ٿيون. پوءِ پاڪ آهي اها ذات جنهن تي هيناهين زمينن وارين جاين، ۽ پورن جبلن جي چوٽين جي آس پاس گُهگهه اونداهيءَ جو انڌيرو ۽ پُرسڪون رات مخفي نه آهي. ۽ جنهن سان آسمانيءَ فضا ۾ گجڻ گجي ٿو، ۽ جن جڳهن کان ڪڪرن جون بجليون مِنجي وڃن ٿيون. ۽ اهو پن جيڪو ڇڻي پوي ٿو، ۽ جنهن کي موسم جون آنڌيون (چنڊ جي هوائن جون منزلون) پنهنجي جاء کان اُڏاري ڇڏين ٿيون. ۽ جيڪو آسماني مِينهن آهي اهي مخفي نه آهن.

وَ يَعْلَمُ مَسْقَطَ الْقَطْرَةِ وَ مَقَرَّهَا وَ مَسْحَبَ الذَّرَّةِ وَ مَجَرَّهَا وَ مَا يَكْفِي الْبَعُوضَةَ مِنْ قُوتِهَا وَ مَا تَحْمِلُ الْأُنْثَى فِي بَطْنِهَا.

## عود إلى الحمد

وَ الْحَمْدُ لِلَّهِ الْكَائِنِ قَبْلَ أَنْ يَكُونَ كُرْسِيٌّ أَوْ عَرْشٌ أَوْ سَمَاءٌ أَوْ أَرْضٌ أَوْ جَانٌّ أَوْ إِنْسٌ لَا يُدْرَكُ بِوَهْمٍ وَ لَا يُقَدَّرُ بِفَهْمٍ وَ لَا يَشْغَلُهُ سَائِلٌ وَ لَا يَنْقُصُهُ نَائِلٌ وَ لَا يَنْظُرُ بِعَيْنٍ وَ لَا يُحَدُّ بِأَيْنٍ وَ لَا يُوصَفُ بِالْأَزْوَاجِ وَ لَا يَخْلُقُ بِعِلَاجٍ وَ لَا يُدْرَكُ بِالْحَوَاسِّ وَ لَا يُقَاسُ بِالنَّاسِ.

الَّذِي كَلَّمَ مُوسَى تَكْلِيماً وَ أَرَاهُ مِنْ آيَاتِهِ عَظِيماً بِلَا جَوَارِحَ وَ لَا أَدَوَاتٍ وَ لَا نُطْقٍ وَ لَا لَهَوَاتٍ بَلْ إِنْ كُنْتَ صَادِقاً أَيُّهَا الْمُتَكَلِّفُ لِوَصْفِ رَبِّكَ فَصِفْ جِبْرِيلَ وَ مِيكَائِيلَ وَ جُنُودَ الْمَلَائِكَةِ الْمُقَرَّبِينَ فِي حُجُرَاتِ الْقُدُسِ مُرْجَحِنِّينَ مُتَوَلِّهَةً عُقُولُهُمْ أَنْ يَحُدُّوا أَحْسَنَ الْخَالِقِينَ فَإِنَّمَا يُدْرَكُ بِالصِّفَاتِ ذَوُو الْهَيْئَاتِ وَ الْأَدَوَاتِ وَ مَنْ يَنْقَضِي إِذَا بَلَغَ أَمَدَ حَدِّهِ بِالْفَنَاءِ فَلَا إِلَهَ إِلَّا هُوَ أَضَاءَ بِنُورِهِ كُلَّ ظَلَامٍ وَ أَظْلَمَ بِظُلْمَتِهِ كُلَّ نُورٍ.



## الوصية بالتقوى

أُوصِيكُمْ عِبَادَ اللَّهِ بِتَقْوَى اللَّهِ الَّذِي أَلْبَسَكُمُ الرِّيَاشَ وَ أَسْبَغَ عَلَيْكُمُ الْمَعَاشَ فَلَوْ أَنَّ أَحَداً يَجِدُ إِلَى الْبَقَاءِ سُلَّماً أَوْ لِدَفْعِ الْمَوْتِ سَبِيلًا لَكَانَ ذَلِكَ سُلَيْمَانَ بْنَ دَاوُدَ عليه السلام الَّذِي سُخِّرَ لَهُ مُلْكُ الْجِنِّ وَ الْإِنْسِ مَعَ النُّبُوَّةِ وَ عَظِيمِ الزُّلْفَةِ.

فَلَمَّا اسْتَوْفَى طُعْمَتَهُ وَ اسْتَكْمَلَ مُدَّتَهُ رَمَتْهُ قِسِيُّ الْفَنَاءِ بِنِبَالِ الْمَوْتِ وَ أَصْبَحَتِ الدِّيَارُ مِنْهُ خَالِيَةً وَ الْمَسَاكِنُ مُعَطَّلَةً وَ وَرِثَهَا قَوْمٌ آخَرُونَ وَ إِنَّ لَكُمْ فِي الْقُرُونِ السَّالِفَةِ لَعِبْرَةً.

۽ هو ڦُڙن جي ڪِرڻ جي جاءِ ۽ انهن جي رڪجڻ جو هنڌ، ۽ ڪِول جي ذري جي ڇڪڻ ۽ ڌڪڻ جي جاءِ، ۽ جيڪو مڇرن جي ڏؤ لاءِ ڪافي آهي، ۽ جيڪا ماديءَ پنهنجي پيٽ ۾ ڪٽي ٿي تن ڪي ڄاڻي ٿو.

## ٻيهر حمد

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جيڪو ڪُرسي، عرش، آسمان، زمين، جِنن ۽ انسانن جي هجڻ کان پهريائين هيو. وهم سان انکي درڪ نٿو ڪيو وڃي، ۽ سوچ سان ان جو ڪاٿو نٿو لڳايو وڃي، سوالي انکي مصروف نٿو رکي سگهي، ۽ وننڊڙ ڪيس ڪُٺائي نٿو سگهي، ۽ اکين سان انکي نٿو ڏٺو وڃي. ۽ جاءِ سان ڪيس محدود نٿو ڪيو وڃي، ۽ جوڙن سان ان جي وصف بيان نٿي ڪئي وڃي، ۽ هو ڪنهن سبب سان پيدا ناهي ڪيو ويو، ۽ حواسن سان انکي نٿو پاتو وڃي، ۽ انسانن سان انکي نٿو ڀيٽايو وڃي. جنهن موسىٰ ع سان باقاعده ڳالهايو، ۽ انکي پنهنجون وڏيون نشانيون ڏيکاريائين بغير عضون ۽ اوزارن جي ۽ بغير زبان ۽ ڪاڪڙي جي. بلڪ اي پنهنجي پالڻهار جي توصيف بيان ڪرڻ لاءِ اجائي ڪوشش ڪرڻ وارا اگر تون سچو آهين تہ پوءِ تون جبرائيل، ميڪائيل، ۽ مقرب ملائڪن جي لشڪر جي توصيف بيان ڪر، جيڪي پاڪ حُجرن ۾ انڪساريءَ ۽ سندن عقل احسن الخالق جي وصف بيان ڪرڻ کان حيرانيءَ جي حالت ۾ آهن. ان لاءِ تہ فقط صفتن ذريعي شڪل ۽ صورت، ۽ عضون وارين شين، ۽ جيڪي پنهنجي حد تائين پهچي ڪري فنا جي ذريعي ختم ٿي وڃن تن ڪي درڪ ڪيو وڃي ٿو. بس ان ڪانسواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، جنهن پنهنجي نور سان هر اونداهيءَ کي روشن ڪيو، ۽ جنهن پنهنجي اونداهيءَ سان هر نور کي انڌيري ۾ تبديل ڪيو.

## تقوىٰ جي وصيت

اي الله جا ٻانهؤ مان توهان کي ان الله جي تقوىٰ بابت وصيت ڪريان ٿو جنهن توهان کي ناهوڪو لباس پارايو ۽ توهان لاءِ گذر سفر جو جهجهو سامان مهيا ڪيو. اگر ڪو شخص بقا پائڻ لاءِ ڏاڪڻ حاصل ڪري سگهي ها، يا موت کي ٽارڻ جو ڪو رستو پائي سگهي ها تہ اهو سليمان بن داؤد عليه السلام هجي ها، جنهن کي جنن ۽ انسانن جي بادشاهي قبضي ۾ ڏني وئي هئي، نبوت ۽ عظيم تقربِ الٰهي سان گڏ. پوءِ جڏهن هن پنهنجو داڻو پاڻي پورو ڪيو ۽ پنهنجي مدت مڪمل ڪئي تہ فنا جي ڪمانن موت جي تيرن سان ان جو نشانو ورتو، ۽ گهر ان کان خالي ٿي ويا، ۽ رهائش گاهون ويران ٿي ويون، ۽ ٻيا ماڻهو انهن جا وارث ٿي ويا، ۽ بيشڪ توهان جي لاءِ اڳين قومن ۾ نصيحت آهي.

أَيْنَ الْعَمَالِقَةُ وَ أَبْنَاءُ الْعَمَالِقَةِ أَيْنَ الْفَرَاعِنَةُ وَ أَبْنَاءُ الْفَرَاعِنَةِ أَيْنَ أَصْحَابُ مَدَائِنِ الرَّسِّ الَّذِينَ قَتَلُوا النَّبِيِّينَ وَ أَطْفَئُوا سُنَنَ الْمُرْسَلِينَ وَ أَحْيَوْا سُنَنَ الْجَبَّارِينَ أَيْنَ الَّذِينَ سَارُوا بِالْجُيُوشِ وَ هَزَمُوا بِالْأُلُوفِ وَ عَسْكَرُوا الْعَسَاكِرَ وَ مَدَّنُوا الْمَدَائِنَ.

## وَ مِنْهَا

قَدْ لَبِسَ لِلْحِكْمَةِ جُنَّتَهَا وَ أَخَذَهَا بِجَمِيعِ أَدَبِهَا مِنَ الْإِقْبَالِ عَلَيْهَا وَ الْمَعْرِفَةِ بِهَا وَ التَّفَرُّغِ لَهَا فَهِيَ عِنْدَ نَفْسِهِ ضَالَّتُهُ الَّتِي يَطْلُبُهَا وَ حَاجَتُهُ الَّتِي يَسْأَلُ عَنْهَا فَهُوَ مُغْتَرِبٌ إِذَا اغْتَرَبَ الْإِسْلَامُ وَ ضَرَبَ بِعَسِيبِ ذَنَبِهِ وَ أَلْصَقَ الْأَرْضَ بِجِرَانِهِ بَقِيَّةٌ مِنْ بَقَايَا حُجَّتِهِ خَلِيفَةٌ مِنْ خَلَائِفِ أَنْبِيَائِهِ.

ثم قال عليه السلام:

أَيُّهَا النَّاسُ إِنِّي قَدْ بَثَثْتُ لَكُمُ الْمَوَاعِظَ الَّتِي وَعَظَ الْأَنْبِيَاءُ بِهَا أُمَمَهُمْ وَ أَدَّيْتُ إِلَيْكُمْ مَا أَدَّتِ الْأَوْصِيَاءُ إِلَى مَنْ بَعْدَهُمْ وَ أَدَّبْتُكُمْ بِسَوْطِي فَلَمْ تَسْتَقِيمُوا وَ حَدَوْتُكُمْ بِالزَّوَاجِرِ فَلَمْ تَسْتَوْسِقُوا لِلَّهِ أَنْتُمْ أَ تَتَوَقَّعُونَ إِمَاماً غَيْرِي يَطَأُ بِكُمُ الطَّرِيقَ وَ يُرْشِدُكُمُ السَّبِيلَ أَلَا إِنَّهُ قَدْ أَدْبَرَ مِنَ الدُّنْيَا مَا كَانَ مُقْبِلًا وَ أَقْبَلَ مِنْهَا مَا كَانَ مُدْبِراً وَ أَزْمَعَ التَّرْحَالَ عِبَادُ اللَّهِ الْأَخْيَارُ وَ بَاعُوا قَلِيلًا مِنَ الدُّنْيَا لَا يَبْقَى بِكَثِيرٍ مِنَ الْآخِرَةِ لَا يَفْنَى مَا ضَرَّ إِخْوَانَنَا الَّذِينَ سُفِكَتْ دِمَاؤُهُمْ وَ هُمْ بِصِفِّينَ أَلَّا يَكُونُوا الْيَوْمَ أَحْيَاءً يُسِيغُونَ الْغُصَصَ وَ يَشْرَبُونَ الرَّنْقَ قَدْ وَ اللَّهِ لَقُوا اللَّهَ فَوَفَّاهُمْ أُجُورَهُمْ وَ أَحَلَّهُمْ دَارَ الْأَمْنِ بَعْدَ خَوْفِهِمْ أَيْنَ إِخْوَانِيَ الَّذِينَ رَكِبُوا الطَّرِيقَ وَ مَضَوْا عَلَى الْحَقِّ.

عمالقہ ۽ عمالقہ جا پٽ ڪٿي آهن[1]؟ فرعون ۽ فرعون جا پٽ ڪٿي آهن؟ ۽ رَس[2] جي شهرن وارا ڪٿي آهن؟ جن نبين کي قتل ڪيو هو، ۽ رسولن جي سنت کي مِٽايو هو، ۽ ظالمن جي سيرت کي زنده ڪيو هو. ڪٿي آهن اهي ماڻهو جيڪي لشڪر وٺي نڪتا، ۽ هزارن کي هارايو، ۽ لشڪرن جا لشڪر تيار ڪيا، ۽ شهرن جا شهر نهرايا.

## انهيءَ منجهان

بيشڪ هو حڪمت جي ڍال پائيندو، ۽ انکي سندس سيني آداب سان اپنائيندو: ان ڏانهن متوجہ رهندو، ۽ ان جي معرفت رکندو، ۽ ان لاءِ ئي خالص ٿيندو. بس هيءَ وٽس اها گم ٿيل شيءِ هوندي جنهن جي هو ڳولها ۾ هوندو، ۽ سندس اها ضرورت هوندي جنهن جي هو ڳولا ۾ هوندو. ۽ سندس اها ضرورت هوندي جنهن بابت پيو پڇندو. بس هو مخفي ٿي ويندو جڏهن اسلام هجرت ڪري ويندو. ۽ (ٿڪل اٺ جيان) پنهنجي پُڇ جي چوٽي هڻندو، ۽ پنهنجي ڳچيءَ سان زمين کي چُنبڙي پوندو، ۽ هو الله تعالىٰ جي بچيل حجتن جي بقايا ۽ سندس نبين جي جانشينن منجهان جانشين هوندو.

پوءِ امام عليه السلام فرمايو:

اي انسانؤ! بيشڪ آءٌ توهان کي اهي نصيحتون ڪيون آهن جن سان نبين پنهنجي امتن کي نصيحت ڪئي هئي. ۽ آءٌ توهان تائين اهي شيون پهچايون آهن جيڪي وصي بعد وارن تائين پهچائيندا هئا. ۽ آءٌ توهان کي پنهنجي ڪوڙي سان ادب سيکاريو مگر توهان سڌا نہ ٿيا، ۽ هڪلن سان توهان کي سڏيو پر توهان گڏ نہ ٿيؤ. الله توهان کي پُجي! ڇا مونکان سواءِ ٻئي امام جو آسرو رکو ٿا جيڪو توهان کي رستي تي آڻي ۽ توهان کي سڌيءَ راھ جي رهنمائي ڪري. ياد رکو تہ دنيا ڏانهن رخ ڪندڙن ان کان پُٺي ڏئي ڇڏي آهي، ۽ ان کان پُٺي ڏيندڙن ان جو رخ ڪري ڇڏيو آهي. ۽ الله تعالىٰ جي نيڪ ٻانهن روانگيءَ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو آهي. ۽ انهن ٿورڙيءَ فنا ٿيندڙ دنيا کي گهٽيءَ باقي رهندڙ آخرت سان وڪٽي ڇڏيو آهي. ڀلا انهن جو اڄ زنده نہ هجڻ اسان جي انهن ڀائرن کي ڪهڙو نقصان پهچايو جن جو صفين ۾ رت وهايو ويو، جيڪي (اڄ) سخت ڏکن سان سيراب ٿين ها، ۽ ميرو پاڻي پيئن ها. الله جو قسم، بيشڪ انهن الله سان ملاقات ڪئي، پوءِ الله بہ کين پورو پورو اجر عطا ڪيو، ۽ انهن کي سندن خوف کانپوءِ امن جي گهر ۾ رهايو. منهنجا اهي ڀائر ڪٿي آهن جيڪي رستي تي سوار ٿيا، ۽ حق تي هليا؟



---

[1]: يمن ۽ حجاز ۾ عربن جا بادشاھ.

[2]: علائقي جو نالو.

أَيْنَ عَمَّارٌ وَ أَيْنَ ابْنُ التَّيِّهَانِ وَ أَيْنَ ذُو الشَّهَادَتَيْنِ وَ أَيْنَ نُظَرَاؤُهُمْ مِنْ إِخْوَانِهِمُ الَّذِينَ تَعَاقَدُوا عَلَى الْمَنِيَّةِ وَ أُبْرِدَ بِرُءُوسِهِمْ إِلَى الْفَجَرَةِ قَالَ ثُمَّ ضَرَبَ بِيَدِهِ عَلَى لِحْيَتِهِ الشَّرِيفَةِ الْكَرِيمَةِ فَأَطَالَ الْبُكَاءَ.

ثُمَّ قَالَ عليه السلام أَوِّهِ عَلَى إِخْوَانِيَ الَّذِينَ تَلَوُا الْقُرْآنَ فَأَحْكَمُوهُ وَ تَدَبَّرُوا الْفَرْضَ فَأَقَامُوهُ أَحْيَوُا السُّنَّةَ وَ أَمَاتُوا الْبِدْعَةَ دُعُوا لِلْجِهَادِ فَأَجَابُوا وَ وَثِقُوا بِالْقَائِدِ فَاتَّبَعُوهُ ثُمَّ نَادَى بِأَعْلَى صَوْتِهِ الْجِهَادَ الْجِهَادَ عِبَادَ اللَّهِ أَلَا وَ إِنِّي مُعَسْكِرٌ فِي يومِي هَذَا فَمَنْ أَرَادَ الرَّوَاحَ إِلَى اللَّهِ فَلْيَخْرُجْ.

قَالَ نَوْفٌ وَ عَقَدَ لِلْحُسَيْنِ عليه السلام فِي عَشَرَةِ آلَافٍ وَ لِقَيْسِ بْنِ سَعْدٍ رَحِمَهُ اللَّهُ فِي عَشَرَةِ آلَافٍ وَ لِأَبِي أَيُّوبَ الْأَنْصَارِيِّ فِي عَشَرَةِ آلَافٍ وَ لِغَيْرِهِمْ عَلَى أَعْدَادٍ أُخَرَ وَ هُوَ يُرِيدُ الرَّجْعَةَ إِلَى صِفِّينَ فَمَا دَارَتِ الْجُمُعَةُ حَتَّى ضَرَبَهُ الْمَلْعُونُ ابْنُ مُلْجَمٍ لَعَنَهُ اللَّهُ فَتَرَاجَعَتِ الْعَسَاكِرُ فَكُنَّا كَأَغْنَامٍ فَقَدَتْ رَاعِيهَا تَخْتَطِفُهَا الذِّئَابُ مِنْ كُلِّ مَكَانٍ.

## ۱۸۳ـ ومن خطبة له عليه السلام

*في قدرة الله و في فضل القرآن و في الوصية بالتقوى الله تعالى.*

الْحَمْدُ لِلَّهِ الْمَعْرُوفِ مِنْ غَيْرِ رُؤْيَةٍ وَ الْخَالِقِ مِنْ غَيْرِ مَنْصَبَةٍ خَلَقَ الْخَلَائِقَ بِقُدْرَتِهِ وَ اسْتَعْبَدَ الْأَرْبَابَ بِعِزَّتِهِ وَ سَادَ الْعُظَمَاءَ بِجُودِهِ وَ هُوَ الَّذِي أَسْكَنَ الدُّنْيَا خَلْقَهُ وَ بَعَثَ إِلَى الْجِنِّ وَ الْإِنْسِ رُسُلَهُ لِيَكْشِفُوا لَهُمْ عَنْ غِطَائِهَا وَ لِيُحَذِّرُوهُمْ مِنْ ضَرَّائِهَا وَ لِيَضْرِبُوا لَهُمْ أَمْثَالَهَا وَ لِيُبَصِّرُوهُمْ عُيُوبَهَا.

عمار ڪٿي آهي؟ ابن تيهان ڪٿي آهي؟ ذوشهادتين ڪٿي آهي؟ ۽ انهن جهڙا انهن جا پائر ڪٿي آهن جن مرڻ تي هڪ ٻئي سان عهد ڪيو، ۽ جن جي سَرن ڪي فاسقن ڏانهن اماڻيو ويو. راوي چيو: پوءِ امام عليه السلام پنهنجو هٿ ڏاڙهيءَ مبارڪ تي ڦيريو، پوءِ دير تائين روئيندا رهيا؟ پوءِ فرمايائون: هاء منهنجا اهي پائر جن قرآن جي تلاوت ڪئي تہ پوءِ انکي محڪم ڪيو، ۽ فرض ۾ غور ۽ فڪر ڪيو تہ پوءِ انکي قائم ڪيو، ۽ سنت ڪي زنده ڪيو، ۽ بدعت ڪي ماري ڇڏيو، جڏهن انهن ڪي جهاد ڏانهن سڏيو ويو تہ پوءِ انهن جئ چيو، ۽ اڳواڻ تي اعتماد ڪيو تہ پوءِ ان جي اتباع ڪئي. پوءِ پاڻ ع بلند آواز سان پڪاريو الله جا ٻانهؤ! جهاد، جهاد. ياد رکو تہ آءٌ هن ئي ڏينهن لشڪر تيار ڪندس پوءِ جيڪو الله ڏانهن هلڻ چاهي تہ نڪري پوي.

نوف چيو: اميرالمؤمنين عليه السلام امام حسين عليه السلام جي لاءِ ڏهن هزارن جو لشڪر، ۽ قيس بن سعد رحمه الله جي لاءِ ڏهن هزارن جو لشڪر، ۽ ابو ايوب انصاريءَ لاءِ ڏهن هزارن جو لشڪر، ۽ ٻين لاءِ مختلف تعداد جي حساب سان لشڪر ڏنا، ۽ پاڻ عليه السلام وري صفين ڏانهن وڃڻ چاهين پيا، اجا جمعو موٽي نہ آيو هو تان جو ابن ملجم ملعون الله مٿس لعنت ڪري امام عليه السلام تي وار ڪيو، پوءِ سڀ لشڪر موٽي آيا، پوءِ اسان انهن رڍن وانگر ٿي ويا سين جيڪي پنهنجو ڌنار وڃائي ويهن، ۽ هر طرف کان بگهڙ مٿن اچي ٽُٽن.

## ۱۸۳_ امام عليه السلام جو خطبو

### الله تعالیٰ جي قدرت، قرآن مجيد جي فضيلت ۽ الله تعالیٰ جي تقویٰ جي وصيت بابت آهي.

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جيڪو ڏسڻ کان بغير سڃاتل ۽ ٿڪاوٽ کان بغير خالق آهي. جنهن مخلوق ڪي پنهنجي قدرت سان پيدا ڪيو. ۽ پنهنجي غلبي سان مالڪن ڪي ٻانهو بڻايو. ۽ پنهنجي سخاوت سان وڏي شان ۽ مان وارن تي سرداري ڪئي ۽ هو اها ذات آهي جنهن پنهنجيءَ مخلوق ڪي دنيا ۾ رهايو. ۽ جنن ۽ انسانن ڏانهن پنهنجا رسول موڪليا، تہ جيئن انهن لاءِ دنيا جي پردن ڪي هٽائين، ۽ ان جي نقصانن کان ڪين ڊيڄارين، ۽ انهن لاءِ ان جا مثال پيش ڪن، ۽ ڪين ان جا عيب ڏيکارين.

وَ لِيَهْجُمُوا عَلَيْهِمْ بِمُعْتَبَرٍ مِنْ تَصَرُّفِ مَصَاحِّهَا وَ أَسْقَامِهَا وَ حَلَالِهَا وَ حَرَامِهَا وَ مَا أَعَدَّ اللَّهُ لِلْمُطِيعِينَ مِنْهُمْ وَ الْعُصَاةِ مِنْ جَنَّةٍ وَ نَارٍ وَ كَرَامَةٍ وَ هَوَانٍ أَحْمَدُهُ إِلَى نَفْسِهِ كَمَا اسْتَحْمَدَ إِلَى خَلْقِهِ وَ جَعَلَ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْراً وَ لِكُلِّ قَدْرٍ أَجَلًا وَ لِكُلِّ أَجَلٍ كِتَاباً.

## منها فضل القرآن

فَالْقُرْآنُ آمِرٌ زَاجِرٌ وَ صَامِتٌ نَاطِقٌ حُجَّةُ اللَّهِ عَلَى خَلْقِهِ أَخَذَ عَلَيْهِ مِيثَاقَهُمْ وَ ارْتَهَنَ عَلَيْهِمْ أَنْفُسَهُمْ أَتَمَّ نُورَهُ وَ أَكْمَلَ بِهِ دِينَهُ وَ قَبَضَ نَبِيَّهُ ﷺ وَ قَدْ فَرَغَ إِلَى الْخَلْقِ مِنْ أَحْكَامِ الْهُدَى بِهِ فَعَظِّمُوا مِنْهُ سُبْحَانَهُ مَا عَظَّمَ مِنْ نَفْسِهِ فَإِنَّهُ لَمْ يُخْفِ عَنْكُمْ شَيْئاً مِنْ دِينِهِ وَ لَمْ يَتْرُكْ شَيْئاً رَضِيَهُ أَوْ كَرِهَهُ إِلَّا وَ جَعَلَ لَهُ عَلَماً بَادِياً وَ آيَةً مُحْكَمَةً تَزْجُرُ عَنْهُ أَوْ تَدْعُو إِلَيْهِ فَرِضَاهُ فِيمَا بَقِيَ وَاحِدٌ وَ سَخَطُهُ فِيمَا بَقِيَ وَاحِدٌ.

وَ اعْلَمُوا أَنَّهُ لَنْ يَرْضَى عَنْكُمْ بِشَيْءٍ سَخِطَهُ عَلَى مَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ وَ لَنْ يَسْخَطَ عَلَيْكُمْ بِشَيْءٍ رَضِيَهُ مِمَّنْ كَانَ قَبْلَكُمْ وَ إِنَّمَا تَسِيرُونَ فِي أَثَرٍ بَيِّنٍ وَ تَتَكَلَّمُونَ بِرَجْعِ قَوْلٍ قَدْ قَالَهُ الرِّجَالُ مِنْ قَبْلِكُمْ قَدْ كَفَاكُمْ مَئُونَةَ دُنْيَاكُمْ وَ حَثَّكُمْ عَلَى الشُّكْرِ وَ افْتَرَضَ مِنْ أَلْسِنَتِكُمُ الذِّكْرَ.

## الوصية بالتقوى

وَ أَوْصَاكُمْ بِالتَّقْوَى وَ جَعَلَهَا مُنْتَهَى رِضَاهُ وَ حَاجَتَهُ مِنْ خَلْقِهِ فَاتَّقُوا اللَّهَ الَّذِي أَنْتُمْ بِعَيْنِهِ وَ نَوَاصِيكُمْ بِيَدِهِ وَ تَقَلُّبُكُمْ فِي قَبْضَتِهِ إِنْ أَسْرَرْتُمْ عَلِمَهُ.

۽ دنيا جي صحت، ۽ بيماريءَ جي تبديلين ۽ ان جي حلال ۽ حرام وارين نصيحتن سان ۽ جيڪا الله تعاليٰ انهن مان اطاعت گذارن ۽ نافرمانن لاءِ جنت ۽ جهنم، عزت ۽ اهانت تيار ڪئي آهي تن جي بيان سان انهن مٿان ڄُٽي پون. آءٌ سندس ذات جي اهڙي ساراهه ڪريان ٿو جهڙي ساراُ هن پنهنجي مخلوق کان چاهي آهي. هن هر شيءِ لاءِ حد، ۽ هر حد لاءِ مدت،۽ هر مدت لاءِ هڪ لکت قرار ڏني آهي.

## انهيءَ منجهان، قرآن جي فضيلت

بس قرآن امر ڪرڻ وارو ۽ نهي ڪرڻ وارو آهي. ۽ چُپ رهڻ وارو، ۽ ڳالهائڻ وارو آهي. ۽ الله تعالىٰ جي حجت آهي سندس مخلوق تي. جنهن تي هن انهن کان عهد ورتو آهي. ۽ هن تي سندن نفسن کي گِروي رکيو آهي. ۽ هنجي نور کي پورو ڪيو آهي. ۽ هن ذريعي پنهنجي نبيءَ ﷺ جو ان حالت ۾ روح قبض ڪيو جڏهن پاڻ ص مخلوق کي قرآن سان هدايت جي احڪامن جي تبليغ مان فارغ ٿي چڪا هئا. بس الله سبحانہ جي اهڙي تعظيم ڪريو جيڪا تعظيم هن پاڻ کي ڏني آهي. ان لاءِ تہ هن پنهنجي دين مان ڪا بہ شيءِ توهان کان ناهي لِڪائي ۽ هن ڪا بہ اهڙي شيءِ ناهي ڇڏي جنهن کي هن پسند يا ناپسند ڪيو هجي، مگر ان لاءِ ظاهري نشان ۽ محڪم علامت قرار ڏني آهي، جيڪا ان کان روڪي يا ان ڏانهن سڏي، ۽ باقي شين ۾ ان جي رضايت هڪ ئي رهندي، ۽ باقي شين ۾ ان جي ناراضگي بہ هڪ ئي رهندي. توهان ڄاڻو تہ توهان کان ڪنهن اهڙي شيءِ تي راضي نہ ٿيندو جنهن تي توهان کان اڳ وارن تي ناراض ٿيو هجي، ۽ نہ اهڙيءَ شيءِ تي ناراض ٿيندو جنهن تي توهان کان اڳ وارن تي راضي ٿيو هجي. بس توهان رڳو واضح نشان تي هلندا رهو، ۽ ان ڳالهہ جي ورجاڻي سان ڳالهائيندا رهو جيڪي توهان کان پهريائين وارا ماڻهو چئي ويا. بيشڪ هن توهان جي دنيا جي ضرورت جي ذميداري کڻي ڇڏي آهي. ۽ توهان کي رڳو شڪر ڪرڻ تي اياريو آهي. ۽ توهان جي زبانن تي ذڪر کي فرض ڪيو آهي.

## تقوىٰ جي وصيت

۽ هن توهان کي تقوىٰ جي وصيت ڪئي آهي ۽ انکي پنهنجي رضامنديءَ جي انتها ۽ پنهنجي مخلوق مان پنهنجي چاهت قرار ڏنو آهي. بس ان الله کان ڊڄو توهان جنهن جي نظر ۾ آهيو. ۽ توهان جي پيشاني جا وار جنهن جي هٿ ۾ آهن. ۽ توهان جو اٿڻ ويهڻ جنهن جي قبضي ۾ آهي. اگر توهان لڪائيندؤ تہ هو انکي ڄاڻندو.

وَ إِنْ أَعْلَنْتُمْ كَتَبَهُ قَدْ وَكَّلَ بِذَلِكَ حَفَظَةً كِرَاماً لَا يُسْقِطُونَ حَقّاً وَ لَا يُثْبِتُونَ بَاطِلًا وَ اعْلَمُوا أَنَّهُ مَنْ يَتَّقِ اللَّهَ يَجْعَلْ لَهُ مَخْرَجاً مِنَ الْفِتَنِ وَ نُوراً مِنَ الظُّلَمِ وَ يُخَلِّدْهُ فِيمَا اشْتَهَتْ نَفْسُهُ وَ يُنْزِلْهُ مَنْزِلَ الْكَرَامَةِ عِنْدَهُ فِي دَارٍ اصْطَنَعَهَا لِنَفْسِهِ ظِلُّهَا عَرْشُهُ وَ نُورُهَا بَهْجَتُهُ وَ زُوَّارُهَا مَلَائِكَتُهُ وَ رُفَقَاؤُهَا رُسُلُهُ.

فَبَادِرُوا الْمَعَادَ وَ سَابِقُوا الْآجَالَ فَإِنَّ النَّاسَ يُوشِكُ أَنْ يَنْقَطِعَ بِهِمُ الْأَمَلُ وَ يَرْهَقَهُمُ الْأَجَلُ وَ يُسَدَّ عَنْهُمْ بَابُ التَّوْبَةِ فَقَدْ أَصْبَحْتُمْ فِي مِثْلِ مَا سَأَلَ إِلَيْهِ الرَّجْعَةَ مَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ وَ أَنْتُمْ بَنُو سَبِيلٍ عَلَى سَفَرٍ مِنْ دَارٍ لَيْسَتْ بِدَارِكُمْ وَ قَدْ أُوذِنْتُمْ مِنْهَا بِالارْتِحَالِ وَ أُمِرْتُمْ فِيهَا بِالزَّادِ.

وَ اعْلَمُوا أَنَّهُ لَيْسَ لِهَذَا الْجِلْدِ الرَّقِيقِ صَبْرٌ عَلَى النَّارِ فَارْحَمُوا نُفُوسَكُمْ فَإِنَّكُمْ قَدْ جَرَّبْتُمُوهَا فِي مَصَائِبِ الدُّنْيَا.

أَ فَرَأَيْتُمْ جَزَعَ أَحَدِكُمْ مِنَ الشَّوْكَةِ تُصِيبُهُ وَ الْعَثْرَةِ تُدْمِيهِ وَ الرَّمْضَاءِ تُحْرِقُهُ فَكَيْفَ إِذَا كَانَ بَيْنَ طَابَقَيْنِ مِنْ نَارٍ ضَجِيعَ حَجَرٍ وَ قَرِينَ شَيْطَانٍ أَ عَلِمْتُمْ أَنَّ مَالِكاً إِذَا غَضِبَ عَلَى النَّارِ حَطَمَ بَعْضُهَا بَعْضاً لِغَضَبِهِ وَ إِذَا زَجَرَهَا تَوَثَّبَتْ بَيْنَ أَبْوَابِهَا جَزَعاً مِنْ زَجْرَتِهِ.

أَيُّهَا الْيَفَنُ الْكَبِيرُ الَّذِي قَدْ لَهَزَهُ الْقَتِيرُ كَيْفَ أَنْتَ إِذَا الْتَحَمَتْ أَطْوَاقُ النَّارِ بِعِظَامِ الْأَعْنَاقِ وَ نَشِبَتِ الْجَوَامِعُ حَتَّى أَكَلَتْ لُحُومَ السَّوَاعِدِ فَاللَّهَ اللَّهَ مَعْشَرَ الْعِبَادِ وَ أَنْتُمْ سَالِمُونَ فِي الصِّحَّةِ قَبْلَ السُّقْمِ وَ فِي الْفُسْحَةِ قَبْلَ الضِّيقِ.



فَاسْعَوْا فِي فَكَاكِ رِقَابِكُمْ مِنْ قَبْلِ أَنْ تُغْلَقَ رَهَائِنُهَا أَسْهِرُوا عُيُونَكُمْ وَ أَضْمِرُوا بُطُونَكُمْ وَ اسْتَعْمِلُوا أَقْدَامَكُمْ وَ أَنْفِقُوا أَمْوَالَكُمْ وَ خُذُوا مِنْ أَجْسَادِكُمْ فَجُودُوا بِهَا عَلَى أَنْفُسِكُمْ وَ لَا تَبْخَلُوا بِهَا عَنْهَا.

۽ اگر توهان ظاهر ڪندؤ تہ هو انکي لکندو. بيشڪ هن ان جي لاءِ نگهباني ڪندڙ عزتدار فرشتا مقرر ڪيا آهن جيڪي حق کي ڇڏن نٿا ۽ باطل کي لکن نٿا. ۽ توهان ڄاڻو تہ بيشڪ جيڪو الله لاءِ تقويٰ اختيار ڪري ٿو تہ هو ان لاءِ فتنن مان نڪرڻ جي راهہ ۽ اونداهيءَ مان نڪرڻ لاءِ نور قرار ڏئي ٿو. ۽ انکي هميشہ اهڙيءَ جاءِ تي رهائيندو جتي هنجو نفس چاهي ۽ انکي پاڻ وٽ عزتواري مقام تي اهڙي گهر ۾ ترسائيندو جنهن کي هن پنهنجي لاءِ منتخب ڪيو آهي، ۽ هن گهر جي ڇانو سندس عرش، ۽ ان جو نور سندس خوشي، ۽ ان جي زيارت ڪندڙ سندس ملائڪ، ۽ انجا رفيق سندس رسول هوندا. بس قيامت ڏانهن جلدي ڪريو. ۽ موت تي سبقت حاصل ڪريو. ان لاءِ تہ يقيناً عنقريب ماڻهن کان اميد ٽُٽي پوندي. ۽ موت مٿن ڇانئجي ويندو. ۽ کانئن توبہ جودروازو بند ٿي ويندو. بيشڪ توهان هاڻ ان دؤر ۾ آهيو جنهن ڏانهن توهان کان پهريان وارا ورڻ جو سوال ڪري رهيا آهن. ۽ توهان اهڙي گهر کان سفر جا واٽهڙو آهيو جيڪو توهان جو گهر نہ آهي. ۽ توهان کي هن کان لڏڻ جي خبر ڏني وئي آهي. ۽ ان ۾ سمر سهيڙڻ جو امر ڪيو ويو آهي. ۽ ڄاڻو تہ يقيناً هيءَ سنهڙي چمڙي باهہ تي صبر نہ ڪري سگهندي. بس پنهنجو پاڻ تي رحم ڪريو. ان لاءِ تہ بيشڪ توهان انهن کي دنيا جي مصيبتن ۾ آزمائي چڪا آهيو. ڇا توهان ڪنهن کي ڪنڊو ڪڍندي جيڪو ڪيس لڳي، ۽ ٿاٻڙجڻ جيڪو کيس رت و رت ڪري، يا گرم زمين تي جيڪا کيس ساڙي انهيءَ حالت ۾ رڙيون ڪندي ڏٺو آهي؟. پوءِ ان وقت ڪهڙي حالت هوندي جڏهن هو باهہ جي ٻن تهن جي درميان پٿرن جو سنگتي ۽ شيطان جو رفيق هوندو. ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ بيشڪ جڏهن جهنم جو داروغو باهہ تي عضبناڪ ٿيندو تہ ان جي غضب ڪارڻ باهہ جا ڪجهہ حصا ڪجهہ حصن سان ٽڪرائيندا. ۽ جڏهن هو انکي ڇڙٻيندو تہ سندس ڇڙٻ جي ڪري ڏڪندي جهنم جي دروازن وٽ پڙڪا ڪائيندي.

اي وڏا پوڙها! جنهن تي پوڙهائپ ڇانئجي وئي آهي. تنهنجي ان وقت ڪهڙي حالت هوندي جڏهن باهہ جا طوق ڳچين جي هڏن سان چنبڙي پوندا. ۽ هٿڪڙيون هٿن ۾ پيهي وينديون. ايتري قدر جو ڪارائين جو گوشت کائي ڇڏينديون. اي ٻانهن جي جماعت الله کان ڊڄو، الله کان ڊڄو. جڏهن تہ توهان ناچاڪائي کان پهريان چاڪائيءَ ۾ ۽ تنگيءَ کان پهريان ڪشادگيءَ ۾ محفوظ آهيو. بس پنهنجي گردنن کي آزاد ڪرائڻ ۾ جلدي ڪريو، انهن جي ڇڏائڻ جي وقت ختم ٿيڻ کان پهريان پنهنجي اکين کي جاڳايو ۽ پنهنجي پيٽن کي ڏٻرو ڪريو. ۽ پنهنجي پيرن کي استعمال ڪريو. ۽ پنهنجي مال کي خرچ ڪريو، ۽ پنهنجي جسمن مان ڪجهہ وٺو ۽ ان ذريعي پنهنجي نفسن تي سخاوت ڪريو. ۽ انهيءَ سان انهن تي ڪنجوسائپ نہ ڪريو.

فَقَدْ قَالَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ إِنْ تَنْصُرُوا اللَّهَ يَنْصُرْكُمْ وَ يُثَبِّتْ أَقْدامَكُمْ وَ قَالَ تَعَالَى ﴿مَنْ ذَا الَّذِي يُقْرِضُ اللَّهَ قَرْضاً حَسَناً فَيُضاعِفَهُ لَهُ وَ لَهُ أَجْرٌ كَرِيمٌ[1]﴾ فَلَمْ يَسْتَنْصِرْكُمْ مِنْ ذُلٍّ وَ لَمْ يَسْتَقْرِضْكُمْ مِنْ قُلٍّ اسْتَنْصَرَكُمْ وَ لَهُ جُنُودُ السَّماواتِ وَ الْأَرْضِ وَ هُوَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ وَ اسْتَقْرَضَكُمْ وَ لَهُ خَزائِنُ السَّماواتِ وَ الْأَرْضِ وَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيدُ.

وَ إِنَّمَا أَرَادَ أَنْ يَبْلُوَكُمْ أَيُّكُمْ أَحْسَنُ عَمَلًا فَبَادِرُوا بِأَعْمَالِكُمْ تَكُونُوا مَعَ جِيرَانِ اللَّهِ فِي دَارِهِ رَافَقَ بِهِمْ رُسُلَهُ وَ أَزَارَهُمْ مَلَائِكَتَهُ وَ أَكْرَمَ أَسْمَاعَهُمْ أَنْ تَسْمَعَ حَسِيسَ نَارٍ أَبَداً وَ صَانَ أَجْسَادَهُمْ أَنْ تَلْقَى لُغُوباً وَ نَصَباً ﴿ذلِكَ فَضْلُ اللَّهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَشاءُ وَ اللَّهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيمِ[2]﴾.

أَقُولُ مَا تَسْمَعُونَ وَ اللَّهُ الْمُسْتَعانُ عَلَى نَفْسِي وَ أَنْفُسِكُمْ وَ هُوَ حَسْبُنَا وَ نِعْمَ الْوَكِيل.

## ١٨٤ـ وَمِنْ كَلامٍ لَهُ عليه السلام

*قاله للبرج بن مسهر الطائي و قد قال له بحيث يسمعه «لا حكم إلا لله»، وكان من الخوارج.*

اسْكُتْ قَبَحَكَ اللَّهُ يَا أَثْرَمُ فَوَاللَّهِ لَقَدْ ظَهَرَ الْحَقُّ فَكُنْتَ فِيهِ ضَئِيلًا شَخْصُكَ خَفِيّاً صَوْتُكَ حَتَّى إِذَا نَعَرَ الْبَاطِلُ نَجَمْتَ نُجُومَ قَرْنِ الْمَاعِزِ.



## ١٨٥ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*يحمد الله فيها و يثني على رسوله و يصف خلقا من الحيوان.*

### حمد الله تعالى

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي لَا تُدْرِكُهُ الشَّوَاهِدُ وَ لَا تَحْوِيهِ الْمَشَاهِدُ وَ لَا تَرَاهُ النَّوَاظِرُ وَ لَا تَحْجُبُهُ السَّوَاتِرُ، الدَّالِّ عَلَى قِدَمِهِ بِحُدُوثِ خَلْقِهِ.

---

١: الحديد: الآية: ١١.

٢: الحديد: الآية: ٢١.

بيشڪ الله تعاليٰ فرمايو آهي: اگر توهان الله جي مدد ڪندو تہ هو توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان ڪي ثابت قدم رڪندو. ۽ الله تعاليٰ فرمايو آهي: ”اهو ڪير آهي جيڪو الله ڪي يلوڙ قرض ڏئي پوءِ هو ان جي لاءِ ڪيس ٻيڻو ڪري، ۽ ان لاءِ يلو اجر آهي“. بس هن ڪنهن ڪمزوريءَ جي ڪري توهان ڪان مدد ناهي گهري، ۽ نہ ڪوٽ جي ڪري توهان ڪان قرض گهريو آهي، هن توهان ڪان مدد طلب ڪئي آهي جڏهن تہ سندس لاءِ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر آهن. ۽ هو طاقتور ۽ حڪمت وارو آهي. ۽ هن توهان ڪان قرض گهريو آهي جڏهن تہ سندس لاءِ آسمانن ۽ زمين جا خزانا آهن. ۽ هو بي نياز ۽ لائق ساراهہ آهي. ۽ هن تہ رڳو توهان ڪي آزمائڻ جو ارادو ڪيو آهي تہ توهان مان ڪير وڌيڪ يلاڪم ڪري ٿو. بس پنهنجي عملن سان جلدي ڪريو تہ جيئن توهان الله تعاليٰ جي پاڙيسرين سان گڏ سندس گهر ۾ رهو، ۽ انهن سان گڏ، هن پنهنجي رسولن ڪي رفيق بڻايو آهي. ۽ پنهنجي ملائڪن ڪي انهن جي زيارت ڪرائي آهي. ۽ انهن جي ڪنن ڪي ڪڏهن بہ جهنم جي ٻڌڪ ٻڌڻ ڪان عزت بخشي آهي. ۽ انهن جي جسمن ڪي رنج ۽ ٿڪ پهچڻ ڪان بچايو آهي. ”اهو الله جو فضل آهي جنهن ڪي چاهي انڪي ڏيندو آهي الله وڏي فضل وارو آهي“. مان اهو چيو آهي جيڪو توهان ٻڌو آهي. ۽ الله منهنجو ۽ توهان جو مددگار آهي. ۽ هو اسان جي لاءِ ڪافي آهي ۽ بهترين ڪارساز آهي.

## ١٨٤_ امام عليه السلام جو ڪلام جيڪو پاڻ عليه السلام برج بن مسهر طائيءَ ڪي چيائون

**جڏهن هن امام عليه السلام ڪي هي جملو ”لا حڪم الا لله“ اهڙيءَ طرح چيو جو امام عليه السلام ٻڌن ۽ هو خارجين منجهان هو:**



چُپ ڪر ڪنڊا! الله بڇڙو ڪرئي، الله جو قسم بيشڪ حق ظاهر ٿي چڪو آهي، پوءِ ان وقت تون ڪمزور ماڻهو ۽ ڃهڪي آواز وارو هئين، ايستائين جو جڏهن باطل رڙ ڪئي تہ تون ٻڪريءَ جي سنڱن وانگر ظاهر ٿئين.

## ١٨٥_ امام عليه السلام جو خطبو

**جنهن ۾ پاڻ عليه السلام الله تعاليٰ جي حمد ۽ سندس رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي ساراهہ ڪئي آهي ۽ حيوانن مان هڪ مخلوق جي وصف ڪي بيان ڪيو آهي.**

### الله تعاليٰ جي ساراهہ

سڀ ساراهون ان الله جي لاءِ آهن جنهن ڪي حواس درڪ نٿا ڪري سگهن. ۽ نہ وري جايون ڪيس احاطو ڪري سگهن ٿيون. ۽ نہ اکيون ڪيس ڏسي سگهن ٿيون. ۽ نہ وري پردا ڪيس لِڪائي سگهن ٿا. جيڪو پنهنجي مخلوق جي حادث هجڻ سان پنهنجي قديم هجڻ تي.

وَ بِحُدُوثِ خَلْقِهِ عَلَى وُجُودِهِ وَ بِاشْتِبَاهِهِمْ عَلَى أَنْ لَا شَبَهَ لَهُ الَّذِي صَدَقَ فِي مِيعَادِهِ وَ ارْتَفَعَ عَنْ ظُلْمِ عِبَادِهِ وَ قَامَ بِالْقِسْطِ فِي خَلْقِهِ وَ عَدَلَ عَلَيْهِمْ فِي حُكْمِهِ.

مُسْتَشْهِدٌ بِحُدُوثِ الْأَشْيَاءِ عَلَى أَزَلِيَّتِهِ وَ بِمَا وَسَمَهَا بِهِ مِنَ الْعَجْزِ عَلَى قُدْرَتِهِ وَ بِمَا اضْطَرَّهَا إِلَيْهِ مِنَ الْفَنَاءِ عَلَى دَوَامِهِ.

وَاحِدٌ لَا بِعَدَدٍ وَ دَائِمٌ لَا بِأَمَدٍ وَ قَائِمٌ لَا بِعَمَدٍ تَتَلَقَّاهُ الْأَذْهَانُ لَا بِمُشَاعَرَةٍ.

وَ تَشْهَدُ لَهُ الْمَرَائِي لَا بِمُحَاضَرَةٍ لَمْ تُحِطْ بِهِ الْأَوْهَامُ بَلْ تَجَلَّى لَهَا بِهَا وَ بِهَا امْتَنَعَ مِنْهَا وَ إِلَيْهَا حَاكَمَهَا لَيْسَ بِذِي كِبَرٍ امْتَدَّتْ بِهِ النِّهَايَاتُ فَكَبَّرَتْهُ تَجْسِيماً وَ لَا بِذِي عِظَمٍ تَنَاهَتْ بِهِ الْغَايَاتُ فَعَظَّمَتْهُ تَجْسِيداً بَلْ كَبُرَ شَأْناً وَ عَظُمَ سُلْطَاناً.

## الرسول الأعظم

وَ أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ الصَّفِيُّ وَ أَمِينُهُ الرَّضِيُّ ﷺ أَرْسَلَهُ بِوُجُوبِ الْحُجَجِ وَ ظُهُورِ الْفَلَجِ وَ إِيضَاحِ الْمَنْهَجِ.



فَبَلَّغَ الرِّسَالَةَ صَادِعاً بِهَا وَ حَمَلَ عَلَى الْمَحَجَّةِ دَالًّا عَلَيْهَا وَ أَقَامَ أَعْلَامَ الِاهْتِدَاءِ وَ مَنَارَ الضِّيَاءِ وَ جَعَلَ أَمْرَاسَ الْإِسْلَامِ مَتِينَةً وَ عُرَى الْإِيمَانِ وَثِيقَةً.

## منها في صفة خلق أصناف من الحيوان

وَ لَوْ فَكَّرُوا فِي عَظِيمِ الْقُدْرَةِ وَ جَسِيمِ النِّعْمَةِ لَرَجَعُوا إِلَى الطَّرِيقِ وَ خَافُوا عَذَابَ الْحَرِيقِ وَ لَكِنِ الْقُلُوبُ عَلِيلَةٌ وَ الْبَصَائِرُ مَدْخُولَةٌ.

۽ پنهنجي مخلوق جي حادث هجڻ سان پنهنجي وجود تي. ۽ انهن جي هڪجهڙي هجڻ سان پنهنجي بي مثل هجڻ تي دلالت ڪري ٿو. جيڪو پنهنجي واعدي ۾ سچو ۽ پنهنجي ٻانهن تي ظلم ڪرڻ کان مٿاهون آهي. ۽ هن پنهنجيءَ مخلوق ۾ عدالت کي قائم ڪيو آهي. ۽ پهنجي حڪم ۾ انهن تي انصاف ڪيو آهي. ۽ هو شين جي حادث هجڻ سان پنهنجي ازلي هجڻ تي ۽ انهن جي عاجز هجڻ واري نشانيءَ سان پنهنجيءَ قدرت تي ۽ انهن جي فنا ڏانهن محتاج هجڻ سان پنهنجي هميشہ هجڻ تي شاهدي پيش ڪري ٿو.

هو اڪيلو آهي پر ڳڻپ سان نہ، هميشہ آهي پر مدت سان نہ، ۽ قائم آهي پر سهاري سان نہ، ذهن انکي ڳولهي لهن ٿا پر محسوس ڪرڻ سان نہ، ۽ نظر اچڻ واريون شيون ان لاءِ گواهي ڏين ٿيون پر اتي گڏ هجڻ سان نہ، وهم ان جو احاطو ڪري نٿا سگهن. بلڪ هو انهن سان انهن لاءِ ظاهر ٿئي ٿو. ۽ انهن سان انهن جي فهم ۾ اچڻ کان بالا آهي. ۽ انهن جي لاءِ خود انهن کي فيصلو ڪندڙ بڻايو آهي. هو ان اعتبار کان وڏو نہ آهي تہ ان جون حدون پکڙيل آهن جيڪي کيس جسماني طور تي وڏو ڪري ڏيکارين. ۽ نہ وري هو ان لحاظ کان وڏو آهي جو سندس حدون توڙ تائين پهچن، پوءِ انهن کيس بدني لحاظ کان وڏو ڪيو هجي. بلڪ هو شان جي اعتبار کان وڏو ۽ بادشاهيءَ جي اعتبار کان عظيم آهي.

## رسول اعظم ﷺ



۽ بيشڪ آءٌ گواهيءَ ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ سندس ٻانهو، چونڊيل رسول، ۽ پسنديده امين آهي. الله کيس پُختن دليلن، پڌرين ڪاميابين ۽ چِٽي رستي سان موڪليو آهي. پوءِ پاڻ ﷺ پيغام کي کلي عام پهچايو. ۽ ماڻهن جي رهنمائي ڪندي کين انهيءَ سڌيءَ وات تي آندو. ۽ پاڻ ﷺ هدايت جا نشان ۽ روشنيءَ جا مينار قائم ڪيا، ۽ اسلام جي رسين کي مضبوط ۽ ايمان جي ڳنڍين کي محڪم ڪيو.

## انهيءَ منجهان. حيوانن جي قسمن جي پيدائش جي باري ۾

۽ اگر ماڻهو هنجي عظيم قدرت ۽ وڏين نعمتن ۾ ويچارين تہ اهي پڪ سان رستي ڏانهن موٽي پون، ۽ جهنم جي عذاب کان ڊڄن. مگر دليون بيمار ۽ بصيرتون بگڙيل آهن.

أَ لَا يَنْظُرُونَ إِلَى صَغِيرِ مَا خَلَقَ كَيْفَ أَحْكَمَ خَلْقَهُ وَ أَتْقَنَ تَرْكِيبَهُ وَ فَلَقَ لَهُ السَّمْعَ وَ الْبَصَرَ. وَ سَوَّى لَهُ الْعَظْمَ وَ الْبَشَرَ انْظُرُوا إِلَى النَّمْلَةِ فِي صِغَرِ جُثَّتِهَا وَ لَطَافَةِ هَيْئَتِهَا لَا تَكَادُ تُنَالُ بِلَحْظِ الْبَصَرِ وَ لَا بِمُسْتَدْرَكِ الْفِكَرِ كَيْفَ دَبَّتْ عَلَى أَرْضِهَا وَ صُبَّتْ عَلَى رِزْقِهَا تَنْقُلُ الْحَبَّةَ إِلَى جُحْرِهَا وَ تُعِدُّهَا فِي مُسْتَقَرِّهَا.

تَجْمَعُ فِي حَرِّهَا لِبَرْدِهَا وَ فِي وِرْدِهَا لِصَدَرِهَا مَكْفُولٌ بِرِزْقِهَا مَرْزُوقَةٌ بِوَفْقِهَا لَا يُغْفِلُهَا الْمَنَّانُ وَ لَا يَحْرِمُهَا الدَّيَّانُ وَ لَوْ فِي الصَّفَا الْيَابِسِ وَ الْحَجَرِ الْجَامِسِ.

وَ لَوْ فَكَّرْتَ فِي مَجَارِي أَكْلِهَا فِي عُلْوِهَا وَ سُفْلِهَا وَ مَا فِي الْجَوْفِ مِنْ شَرَاسِيفِ بَطْنِهَا وَ مَا فِي الرَّأْسِ مِنْ عَيْنِهَا وَ أُذُنِهَا لَقَضَيْتَ مِنْ خَلْقِهَا عَجَباً وَ لَقِيتَ مِنْ وَصْفِهَا تَعَباً فَتَعَالَى الَّذِي أَقَامَهَا عَلَى قَوَائِمِهَا وَ بَنَاهَا عَلَى دَعَائِمِهَا لَمْ يَشْرَكْهُ فِي فِطْرَتِهَا فَاطِرٌ وَ لَمْ يُعِنْهُ عَلَى خَلْقِهَا قَادِرٌ.

وَ لَوْ ضَرَبْتَ فِي مَذَاهِبِ فِكْرِكَ لِتَبْلُغَ غَايَاتِهِ مَا دَلَّتْكَ الدَّلَالَةُ إِلَّا عَلَى أَنَّ فَاطِرَ النَّمْلَةِ هُوَ فَاطِرُ النَّخْلَةِ لِدَقِيقِ تَفْصِيلِ كُلِّ شَيْءٍ وَ غَامِضِ اخْتِلَافِ كُلِّ حَيٍّ وَ مَا الْجَلِيلُ وَ اللَّطِيفُ وَ الثَّقِيلُ وَ الْخَفِيفُ وَ الْقَوِيُّ وَ الضَّعِيفُ فِي خَلْقِهِ إِلَّا سَوَاءٌ.



## خلقة السماء و الكون

وَ كَذَلِكَ السَّمَاءُ وَ الْهَوَاءُ وَ الرِّيَاحُ وَ الْمَاءُ فَانْظُرْ إِلَى الشَّمْسِ وَ الْقَمَرِ وَ النَّبَاتِ وَ الشَّجَرِ وَ الْمَاءِ وَ الْحَجَرِ وَ اخْتِلَافِ هَذَا اللَّيْلِ وَ النَّهَارِ وَ تَفَجُّرِ هَذِهِ الْبِحَارِ وَ كَثْرَةِ هَذِهِ الْجِبَالِ وَ طُولِ هَذِهِ الْقِلَالِ وَ تَفَرُّقِ هَذِهِ اللُّغَاتِ وَ الْأَلْسُنِ الْمُخْتَلِفَاتِ فَالْوَيْلُ لِمَنْ أَنْكَرَ الْمُقَدِّرَ.

چا هو ان جي ننڍڙيءَ مخلوق کي نٿا ڏسن؟ ته ڪيئن هنجي خلقت کي محڪم ۽ ان جي بناوٽ کي پُختو ڪيو اٿس، ۽ هن لاءِ ڪَن ۽ اکيون خلقيون اٿس. ۽ هڏين ۽ گل کي برابر قرار ڏنو اٿس. پِتڪڙي جسم ۽ نازڪ شڪل ۽ صورت واريءَ ڪِول ڏانهن ڏسو، جنهن کي سراسر نظر ۽ فڪر جي ادراڪ سان به نٿو پاتو وڃي. ته اها ڪيئن پنهنجي زمين تي هلي ٿي، ۽ پنهنجي رزق تائين پهچي ٿي. ۽ داڻي کي پنهنجي ٻِر ڏانهن منتقل ڪري ٿي، ۽ انکي پنهنجي نڪاڻي ۾ محفوظ رکي ٿي. ۽ پنهنجيءَ گرميءَ ۾ پنهنجي سرديءَ لاءِ، ۽ پنهنجي ڪم واري زماني ۾ پنهنجي آرام واري زماني لاءِ گڏ ڪري ٿي.

۽ هنجي روزيءَ جو ذمو ڪنيل آهي، ۽ انکي سندس حيثيت مطابق رزق ڏنو وڃي ٿو. احسان ڪندڙ ذات ان ڪان غافل نٿي رهي، ۽ نه وري تدبير ڪندڙ انکي محروم رکي ٿو. جيتوڻيڪ هو سُڪل لَسي پٿر ۽ مضبوط ڇِپ جي اندار ئي ڇو نه هجي، ۽ اگر تون سندس کاڌي جي نالين ۽ انهن جي مٿاهين ۽ هيٺاهين، ۽ جيڪي ان جي اندر پيٽ سان پاسريون آهن، ۽ جيڪي سندس مٿي ۾ اکيون ۽ ڪَن آهن، تن ۾ سوچيندين ته تون ان جي خلقت جي عجيب هجڻ جو فيصلو ڪندين، ۽ ان جي واکاڻ ڪرڻ ڪان ٿڪجي پوندين. بس بلند آهي اها ذات جنهن ڪيس پيرن تي بيهاريو آهي، ۽ سندس ڄنگهن تي هنجي ڊانچي کي بڻايو آهي. ڪو به خالق نه آهي جيڪو هنجي خلقت ۾ شريڪ ٿيو هجي، ۽ نه ڪنهن سگهه واري هنجي پيدا ڪرڻ ۾ ساڻس مدد ڪئي هجي. اگر تون پنهنجي سوچ جي رستن تي هلين ته جيئن تون سوچ جي توڙ تائين پهچين، تڏهن به اها دلالت تنهنجي رڳو اها ئي رهنمائي ڪندي ته بيشڪ ڪِول جو خالق به اهو ئي آهي جيڪو کجيءَ جو خالق آهي. انکري ته هر شيءِ جي تفصيل ۾ گهرائي، ۽ هر ساهدار ۾ باريڪي جدا سمايل آهي. ۽ وٽس خلق ڪرڻ ۾ وڏو توڙي ننڍو، ڳرو توڙي هلڪو، طاقتور توڙي ڪمزور سڀ برابر آهن.

### آسمان ۽ ڪائنات جي خلقت جي باري ۾

۽ اهڙيءَ ريت آسمان ۽ فضا، هوا ۽ پاڻي به آهن. بس تون سج چنڊ، ٻوٽا وڻ، پاڻي پٿر ۽ هن رات ۽ ڏينهن جو هڪ ٻئي پٺيان اچڻ ۽ هنن دريائن جو وهڻ ۽ هنن جبلن جي گهڻائيءَ ۽ سندن چوٽين جي ڊگهائيءَ ۽ هنن جي الڳ الڳ ٻولين ۽ مختلف زبانن ڏانهن ڏِس. پوءِ ڏمر آهي ان شخص لاءِ جيڪو تقدير ڪندڙ جو انڪار ڪري، ۽ تدبير ڪندڙ کي نه مڃي.

وَ جَحَدَ الْمُدَبِّرَ زَعَمُوا أَنَّهُمْ كَالنَّبَاتِ مَا لَهُمْ زَارِعٌ وَ لَا لِاخْتِلَافِ صُوَرِهِمْ صَانِعٌ وَ لَمْ يَلْجَئُوا إِلَى حُجَّةٍ فِيمَا ادَّعَوْا وَ لَا تَحْقِيقٍ لِمَا أَوْعَوْا وَ هَلْ يَكُونُ بِنَاءٌ مِنْ غَيْرِ بَانٍ أَوْ جِنَايَةٌ مِنْ غَيْرِ جَانٍ

## خلقة الجرادة

وَ إِنْ شِئْتَ قُلْتَ فِي الْجَرَادَةِ إِذْ خَلَقَ لَهَا عَيْنَيْنِ حَمْرَاوَيْنِ وَ أَسْرَجَ لَهَا حَدَقَتَيْنِ قَمْرَاوَيْنِ وَ جَعَلَ لَهَا السَّمْعَ الْخَفِيَّ وَ فَتَحَ لَهَا الْفَمَ السَّوِيَّ وَ جَعَلَ لَهَا الْحِسَّ الْقَوِيَّ وَ نَابَيْنِ بِهِمَا تَقْرِضُ وَ مِنْجَلَيْنِ بِهِمَا تَقْبِضُ يَرْهَبُهَا الزُّرَّاعُ فِي زَرْعِهِمْ وَ لَا يَسْتَطِيعُونَ ذَبَّهَا وَ لَوْ أَجْلَبُوا بِجَمْعِهِمْ حَتَّى تَرِدَ الْحَرْثَ فِي نَزَوَاتِهَا وَ تَقْضِيَ مِنْهُ شَهَوَاتِهَا وَ خَلْقُهَا كُلُّهُ لَا يُكَوِّنُ إِصْبَعاً مُسْتَدِقَّةً.

فَتَبَارَكَ اللَّهُ الَّذِي يَسْجُدُ لَهُ مَنْ فِي السَّماواتِ وَ الْأَرْضِ طَوْعاً وَ كَرْهاً وَ يُعَفِّرُ لَهُ خَدّاً وَ وَجْهاً وَ يُلْقِي إِلَيْهِ بِالطَّاعَةِ سِلْماً وَ ضَعْفاً وَ يُعْطِي لَهُ الْقِيَادَ رَهْبَةً وَ خَوْفاً فَالطَّيْرُ مُسَخَّرَةٌ لِأَمْرِهِ أَحْصَى عَدَدَ الرِّيشِ مِنْهَا وَ النَّفَسِ وَ أَرْسَى قَوَائِمَهَا عَلَى النَّدَى وَ الْيَبَسِ وَ قَدَّرَ أَقْوَاتَهَا وَ أَحْصَى أَجْنَاسَهَا.

فَهَذَا غُرَابٌ وَ هَذَا عُقَابٌ وَ هَذَا حَمَامٌ وَ هَذَا نَعَامٌ دَعَا كُلَّ طَائِرٍ بِاسْمِهِ وَ كَفَلَ لَهُ بِرِزْقِهِ وَ أَنْشَأَ السَّحَابَ الثِّقَالَ فَأَهْطَلَ دِيَمَهَا وَ عَدَّدَ قِسَمَهَا فَبَلَّ الْأَرْضَ بَعْدَ جُفُوفِهَا وَ أَخْرَجَ نَبْتَهَا بَعْدَ جُدُوبِهَا.

انهن هي گمان ڪيو آهي تہ اهي ٻوٽن وانگر آهن ۽ انهن جو ڪو پوکڻ وارو ڪونهي ۽ انهن جي مختلف صورتن جو ڪو ناهيندڙ ڪونهي، ۽ پنهنجي هن دعوىٰ ۾ ڪنهن دليل جو سهارو بہ نٿا وٺن، ۽ نہ انهن ٻُڌل سڌل يادگيرين بابت ڪا تحقيق ٿا ڪن. ۽ ڀلا ڇا ڪا عمارت بغير ٺاهڻ واري جي هونديءَ آهي يا ڪو ڏوهہ بغير ڏوهاريءَ جي ٿيندو آهي.

## ماڪڙ جي پيدائش

۽ اگر تون چاهين تہ ماڪڙ بابت بہ چؤ، جنهن لاءِ الله تعالىٰ بہ ڳاڙهيون اکيون خلق ڪيون ۽ ان لاءِ چنڊ وانگر چمڪندڙ ٻہ ماڻڪ روشن ڪيا. ۽ ان لاءِ لِڪيل ڪن قرار ڏنا. ۽ ان جو پورو پنو وات ڪوليو. ۽ ان لاءِ مضبوط حِس قرار ڏني. ۽ ٻہ ڏند قرار ڏنا جن سان هوءَ ڪَتري ٿي. ۽ ڏاٽي نموني ٻہ هٿ قرار ڏنا جن سان هوءَ پڪڙي ٿي. هاري پنهنجيءَ پوک بابت ان کان ڊڄن ٿا. ۽ هو انکي هڪلي نٿا سگهن جيتوڻيڪ پنهنجي جماعت کي گڏ بہ ڪن. ايستائين جو هو پنهنجي ٽپن سان پوک تي اچي ڪڙڪي ٿي، ۽ ان جي سڄي خلقت هڪ سنهيءَ آڱر جيان بہ نہ آهي.

پوءِ بابرڪت آهي الله جي ذات جنهن لاءِ آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهہ آهي چاهيندي ۽ نہ چاهيندي سجدو ڪن ٿا. ۽ ان لاءِ ڳٽي ۽ چهري کي مٽيءَ تي رکن ٿا. ۽ فرمانبرداريءَ سان سندس اڳيان ناتوانيءَ ۽ ڪمزوريءَ سان جُهڪن ٿا. ۽ ڊڄندي ۽ خوف ڪائيندي پنهنجون واڳون سندس حوالي ڪن ٿا. بس پکي بہ سندس حڪم اڳيان تابعدار آهن. الله تعالىٰ انهن جي کنڀن ۽ ساه جي تعداد کي ڳڻي ڇڏيو آهي. ۽ سندن پيرن کي آلاڻ ۽ سُڪاڻ تي ٽِڪايو آهي. ۽ انهن جون روزيون معين ڪيون آهي ۽ انهن جي جنسن کي شمار ڪيو آهي تہ هي ڪانؤ آهي ۽ هي باز، هي ڪبوتر آهي ۽ هي اٺ پکي ۽ هر پکيءَ کي سندس نالي سان سڏيو آهي ان لاءِ سندس رزق جو ذمو ڪنيو آهي، ۽ هن وزنائتا ڪڪر پيدا ڪيا آهن ۽ انهن جي مينهن جو وسڪارو ڪيو آهي. ۽ انهن جي قِسمن کي ڳڻيو آهي. پوءِ هن زمين کي سُڪڻ ڪانپوءِ آلو ڪيو آهي ۽ ان جي غير آباد هجڻ ڪانپوءِ کيس ڦُٽايو آهي.

# ١٨٦- و من خطبة له عليه السلام

*في التوحيد و تجمع هذه الخطبة من أصول العلم ما لا تجمعه خطبة.*

مَا وَحَّدَهُ مَنْ كَيَّفَهُ وَ لَا حَقِيقَتَهُ أَصَابَ مَنْ مَثَّلَهُ وَ لَا إِيَّاهُ عَنَى مَنْ شَبَّهَهُ وَ لَا صَمَدَهُ مَنْ أَشَارَ إِلَيْهِ وَ تَوَهَّمَهُ كُلُّ مَعْرُوفٍ بِنَفْسِهِ مَصْنُوعٌ وَ كُلُّ قَائِمٍ فِي سِوَاهُ مَعْلُولٌ فَاعِلٌ لَا بِاضْطِرَابِ آلَةٍ مُقَدِّرٌ لَا بِجَوْلِ فِكْرَةٍ غَنِيٌّ لَا بِاسْتِفَادَةٍ لَا تَصْحَبُهُ الْأَوْقَاتُ وَ لَا تَرْفِدُهُ الْأَدَوَاتُ سَبَقَ الْأَوْقَاتَ كَوْنُهُ وَ الْعَدَمَ وُجُودُهُ وَ الِابْتِدَاءَ أَزَلُهُ بِتَشْعِيرِهِ الْمَشَاعِرَ عُرِفَ أَنْ لَا مَشْعَرَ لَهُ وَ بِمُضَادَّتِهِ بَيْنَ الْأُمُورِ عُرِفَ أَنْ لَا ضِدَّ لَهُ وَ بِمُقَارَنَتِهِ بَيْنَ الْأَشْيَاءِ عُرِفَ أَنْ لَا قَرِينَ لَهُ ضَادَّ النُّورَ بِالظُّلْمَةِ وَ الْوُضُوحَ بِالْبُهْمَةِ وَ الْجُمُودَ بِالْبَلَلِ وَ الْحَرُورَ بِالصَّرَدِ مُؤَلِّفٌ بَيْنَ مُتَعَادِيَاتِهَا مُقَارِنٌ بَيْنَ مُتَبَايِنَاتِهَا مُقَرِّبٌ بَيْنَ مُتَبَاعِدَاتِهَا مُفَرِّقٌ بَيْنَ مُتَدَانِيَاتِهَا لَا يُشْمَلُ بِحَدٍّ وَ لَا يُحْسَبُ بِعَدٍّ وَ إِنَّمَا تَحُدُّ الْأَدَوَاتُ أَنْفُسَهَا وَ تُشِيرُ الْآلَاتُ إِلَى نَظَائِرِهَا مَنَعَتْهَا مُنْذُ الْقِدْمَةَ وَ حَمَتْهَا قَدُ الْأَزَلِيَّةَ وَ جَنَّبَتْهَا لَوْلَا التَّكْمِلَةَ بِهَا تَجَلَّى صَانِعُهَا لِلْعُقُولِ وَ بِهَا امْتَنَعَ عَنْ نَظَرِ الْعُيُونِ.



وَ لَا يَجْرِي عَلَيْهِ السُّكُونُ وَ الْحَرَكَةُ وَ كَيْفَ يَجْرِي عَلَيْهِ مَا هُوَ أَجْرَاهُ وَ يَعُودُ فِيهِ مَا هُوَ أَبْدَاهُ وَ يَحْدُثُ فِيهِ مَا هُوَ أَحْدَثَهُ إِذاً لَتَفَاوَتَتْ ذَاتُهُ وَ لَتَجَزَّأَ كُنْهُهُ وَ لَامْتَنَعَ مِنَ الْأَزَلِ مَعْنَاهُ وَ لَكَانَ لَهُ وَرَاءٌ إِذْ وُجِدَ لَهُ أَمَامٌ.

## ١٨٦_ امام عليه السلام جو خطبو، توحيد جي باري ۾

**۽ هي خطبو علم جي انهن اصولن تي مشتمل آهي جنهن تي ڪو ٻيو خطبو مشتمل نه آهي.**

جنهن ان جي ڪيفيت بيان ڪئي ته هن ڪيس اڪيلو نه مڃيو، ۽ جنهن ان جو مِثل قرار ڏنو ته اهو سندس حقيقت تائين نه پهتو، ۽ جنهن هنڪي ڪنهن سان پيٽايو ته هن صرف ان جو ئي قصد نه ڪيو، ۽ جنهن ان ڏانهن اشارو ڪيو ۽ سندس تصور ڪيو، ته هن انکي بي نياز نه مڃيو. ڪما حقہ سڃاتل هر شيءِ مخلوق هوندي آهي، هر اها شيءِ جيڪا پنهنجي ذات ڪان علاوه ٻئي جي سهاري سان قائم هجي ته اها معلول آهي. هو فاعل آهي پر اوزارن جي چُرپر سان نه، هو تقديرون ٺاهيندڙ آهي پر سوچ ويچار سان نه، هو غني آهي ٻين مان فائدي ماڻڻ سان نه، اوقات ان سان گڏ ناهن، ۽ نه اوزار ان جا مددگار آهن. ان جو هجڻ وقت ڪان پهريان ۽ ان جو وجود عدم ڪان اڳ ۾ ۽ ان جي ازليت شروعات ڪان مقدم آهي. هن جو اسبابِ حس ڪي خلقڻ مان ڄاتو ويو ته هو آلاتِ حس ڪان منزه آهي، ۽ هن جو شين ڪي هڪ ٻئي جي ضد بڻائڻ مان ڄاتو ويو ته هنجو ڪو ضد ڪونهي، ۽ هن جو شين ڪي هڪ ٻئي سان گڏائڻ مان ڄاتو ويو ته هن سان ساٿي ڪو نه آهي. هن نور ڪي اونداهيءَ جو، واضح ڪي مبهم جو، ۽ سُڪاڻ ڪي آلاڻ جو، ۽ گرميءَ ڪي سرديءَ جو ضد قرار ڏنو.

هو هڪ ٻئي سان عناد رکندڙن ڪي ناهڻ وارو، ۽ هڪ ٻئي ڪان الڳ هجڻ وارن ڪي ملائڻ وارو، ۽ هڪ ٻئي ڪان پري وارن ڪي ويجهو ڪرڻ وارو، ۽ هڪ ٻئي سان ويجهڙن ڪي جدا ڪرڻ وارو آهي. ۽ ڪنهن حد ۾ انکي سمايو نٿو وڃي. ۽ نه ڪنهن عدد سان ڪيس ڳڻيو وڃي ٿو. ۽ اوزار ته رڳو پنهنجي ئي حدبنديءَ ڪندا آهن. ۽ آلات ته رڳو پاڻ جهڙن ڏانهن ئي اشارو ڪندا آهن. هنن ڪي لفظ "منذ" (زماني ڪان) قديم هجڻ ڪان روڪي ڇڏيو آهي. ۽ انهن ڪي لفظ "قد" ازلي هجڻ ڪان جهلي ڇڏيو آهي. ۽ انهن ڪي لفظ "لولا" ڪامل هجڻ ڪان روڪي ڇڏيو آهي. ۽ انهن جي ذريعي سندن ٺاهيندڙُ عقلن لاءِ آشڪار ٿئي ٿو. ۽ انهن (ازلي، قديم...) جي ڪري اکين جي ڏسڻ ڪان پاڪ آهي. ۽ ان تي سڪون ۽ حرڪت جاري نٿا ٿين. ۽ اها شيءِ ان تي ڪيئن جاري (عارض) ٿي سگهي ٿي جنهن ڪي خود هن جاري ڪيو آهي. ۽ اها شيءِ ان ۾ ڪيئن موٽي سگهي ٿي جنهن ڪي خود هن پيدا ڪيو آهي. ۽ اها شيءِ ان ۾ ڪيئن حادث ٿي سگهي ٿي جنهن ڪي خود هن ايجاد ڪيو آهي. بس اگر ائين هجي ها ته سندس ذات تبديل ٿئي ها. ۽ سندس حقيقت جز جز ٿئي ها. ۽ سندس ازلي هجڻ واري معنىٰ ختم ٿي وڃي ها. اگر ان لاءِ سامهون وارو طرف هجي ها ته پويون طرف به هجي ها.

وَ لَالْتَمَسَ التَّمَامَ إِذْ لَزِمَهُ النُّقْصَانُ وَ إِذاً لَقَامَتْ آيَةُ الْمَصْنُوعِ فِيهِ وَ لَتَحَوَّلَ دَلِيلًا بَعْدَ أَنْ كَانَ مَدْلُولًا عَلَيْهِ، وَ خَرَجَ بِسُلْطَانِ الِامْتِنَاعِ مِنْ أَنْ يُؤَثِّرَ فِيهِ مَا يُؤَثِّرُ فِي غَيْرِهِ الَّذِي لَا يَحُولُ وَ لَا يَزُولُ وَ لَا يَجُوزُ عَلَيْهِ الْأُفُولُ.

لَمْ يَلِدْ فَيَكُونَ مَوْلُوداً وَ لَمْ يُولَدْ فَيَصِيرَ مَحْدُوداً جَلَّ عَنِ اتِّخَاذِ الْأَبْنَاءِ وَ طَهُرَ عَنْ مُلَامَسَةِ النِّسَاءِ لَا تَنَالُهُ الْأَوْهَامُ فَتُقَدِّرَهُ وَ لَا تَتَوَهَّمُهُ الْفِطَنُ فَتُصَوِّرَهُ وَ لَا تُدْرِكُهُ الْحَوَاسُّ فَتُحِسَّهُ وَ لَا تَلْمِسُهُ الْأَيْدِي فَتَمَسَّهُ وَ لَا يَتَغَيَّرُ بِحَالٍ وَ لَا يَتَبَدَّلُ فِي الْأَحْوَالِ وَ لَا تُبْلِيهِ اللَّيَالِي وَ الْأَيَّامُ وَ لَا يُغَيِّرُهُ الضِّيَاءُ وَ الظَّلَامُ. وَ لَا يُوصَفُ بِشَيْءٍ مِنَ الْأَجْزَاءِ وَ لَا بِالْجَوَارِحِ وَ الْأَعْضَاءِ وَ لَا بِعَرَضٍ مِنَ الْأَعْرَاضِ وَ لَا بِالْغَيْرِيَّةِ وَ الْأَبْعَاضِ وَ لَا يُقَالُ لَهُ حَدٌّ وَ لَا نِهَايَةٌ وَ لَا انْقِطَاعٌ وَ لَا غَايَةٌ وَ لَا أَنَّ الْأَشْيَاءَ تَحْوِيهِ فَتُقِلَّهُ أَوْ تُهْوِيَهُ أَوْ أَنَّ شَيْئاً يَحْمِلُهُ فَيُمِيلَهُ أَوْ يُعَدِّلَهُ.

لَيْسَ فِي الْأَشْيَاءِ بِوَالِجٍ وَ لَا عَنْهَا بِخَارِجٍ يُخْبِرُ لَا بِلِسَانٍ وَ لَهَوَاتٍ وَ يَسْمَعُ لَا بِخُرُوقٍ وَ أَدَوَاتٍ يَقُولُ وَ لَا يَلْفِظُ وَ يَحْفَظُ وَ لَا يَتَحَفَّظُ وَ يُرِيدُ وَ لَا يُضْمِرُ يُحِبُّ وَ يَرْضَى مِنْ غَيْرِ رِقَّةٍ وَ يُبْغِضُ وَ يَغْضَبُ مِنْ غَيْرِ مَشَقَّةٍ. يَقُولُ لِمَنْ أَرَادَ كَوْنَهُ كُنْ فَيَكُونُ لَا بِصَوْتٍ يَقْرَعُ وَ لَا بِنِدَاءٍ يُسْمَعُ وَ إِنَّمَا كَلَامُهُ سُبْحَانَهُ فِعْلٌ مِنْهُ أَنْشَأَهُ وَ مَثَّلَهُ لَمْ يَكُنْ مِنْ قَبْلِ ذَلِكَ كَائِناً وَ لَوْ كَانَ قَدِيماً لَكَانَ إِلَهاً ثَانِياً لَا يُقَالُ كَانَ بَعْدَ أَنْ لَمْ يَكُنْ فَتَجْرِيَ عَلَيْهِ الصِّفَاتُ الْمُحْدَثَاتُ وَ لَا يَكُونُ بَيْنَهَا وَ بَيْنَهُ فَصْلٌ وَ لَا لَهُ عَلَيْهَا فَضْلٌ فَيَسْتَوِيَ الصَّانِعُ وَ الْمَصْنُوعُ وَ يَتَكَافَأَ الْمُبْتَدَعُ وَ الْبَدِيعُ.

اگر ان ۾ ڪمي لازم اچي ها تہ ان جي پورائي جو محتاج هجي ها. اگر ائين هجي ها تہ ان ۾ مخلوق جي نشاني ثابت ٿي وڃي ها. ۽ مدلول عليہ هجڻ ڪانپوءِ دليل ۾ تبديل ٿي وڃي ها. ۽ ان مسلم قاعدي ڪري تہ الله تعاليٰ ۾ مخلوق جي صفات جو هجڻ ممنوع آهي. الله تعاليٰ ان ڪان پاڪ آهي جو ان ۾ اها شيءِ اثرانداز ٿئي جيڪا ممڪنات ۾ اثرانداز ٿئي ٿي. اهو خدا جيڪو نہ تبديل ٿئي ٿو ۽ نہ فنا ٿئي ٿو. ۽ ان لاءِ غروب (محل حوادث) ٿيڻ ممڪن نہ آهي. نہ ڪنهن کي ڄڻيائين جو ڄاول هجي، ۽ نہ ڄڻيل آهي جو محدود ٿي وڃي. هو پٽ ڄڻائڻ ڪان بلند آهي، ۽ عورتن کي ڇُهڻ ڪان پاڪ آهي. وهم ان تائين پهچي نٿا سگهن جو ان جو اندازو لڳائين، ۽ عقل انکي خيال ۾ آڻي نٿا سگهن جو ان جو تصور ڪن. حواس انکي درڪ نٿا ڪري سگهن جو اهي ڪيس محسوس ڪن. ۽ هٿ انکي مس نٿا ڪري سگهن جو ڪيس ڇُهن. هو ڪنهن حالت ۾ تبديل ناهي ٿيندو. ۽ نہ ڪيفيتن ۾ مُتجندو آهي.

۽ راتيون ۽ ڏينهن انکي پُراڻو نٿا ڪن. ۽ نہ روشني ۽ اونداهي ڪيس تبديل ڪن ٿيون. هنجي ڪنهن بہ شيءِ سان وصف بيان نٿي ڪري سگهجي، نہ جزئن سان ۽ نہ لڱن ۽ عضون سان، ۽ نہ عوارض مان ڪنهن عرض سان ۽ نہ غَيريَّتَ سان ۽ نہ حصن سان. ۽ هن لاءِ حد ۽ توڙ نہ چيو ويندو. ۽ نہ وري پُڄاڻي ۽ خاتمو چيو ويندو. ۽ نہ شيون انجو احاطو ڪري سگهن ٿيون جو ڪيس مٿي يا هيٺ ڪن. يا نہ ڪنهن شيءِ انکي کنيو آهي جو ڪيس ٽيڏو يا سڌو ڪري. هو شين ۾ داخل نہ آهي. ۽ نہ انهن ڪان خارج آهي. هو زبان ۽ ڪاڪڙي ڪان بغير خبر ڏئي ٿو. ۽ سوراخن ۽ اوزارن ڪان بغير ٻُڌي ٿو. ڳالهائي ٿو پر لفظ ادا نٿو ڪري، ۽ ياد ڪري ٿو پر بغير ڪوشش جي. ۽ هو ارادو ڪري ٿو پر لڪائي نٿو. ۽ هو پسند ڪري ٿو ۽ راضي ٿئي ٿو پر جذبي ۽ احساس ڪان بغير. ۽ هو ناپسند ڪري ٿو ۽ غضبناڪ ٿئي ٿو پر تڪليف ڪان بغير. جنهن شيءِ جي پيدا ڪرڻ جو ارادو ڪري ٿو تہ بغير آواز ۽ سڏ جي جيڪو ٻڌو وڃي انکي چئي ٿو "ٿيءُ تہ اها ٿي پوي ٿي". ۽ الله سبحانہ جو ڪلام تہ رڳو ان جو فعل آهي جنهن کي هن ايجاد ڪيو آهي. ۽ ان جهڙو ڪلام پهريائين ڪان موجود نہ هيو. ۽ اگر اهو (ڪلام) قديم هجي ها تہ اهو ٻيو خدا هجي ها. ائين نہ چيو ويندو تہ هو پهريان نہ هيو پوءِ ٿيو آهي، جو ان تي حادث صفتون جاري ٿين. ۽ انهن صفتن ۽ هنجي درميان ڪو فرق باقي نہ رهي. ۽ هنجي انهن مٿان ڪا فضيلت نہ ٿئي. پوءِ ناهيندڙ ۽ نهندڙ برابر ٿي وڃن. ۽ ايجاد ڪيل ۽ ايجاد ڪندڙ هڪ جهڙا ٿي پون.

خَلَقَ الْخَلَائِقَ عَلَى غَيْرِ مِثَالٍ خَلَا مِنْ غَيْرِهِ وَ لَمْ يَسْتَعِنْ عَلَى خَلْقِهَا بِأَحَدٍ مِنْ خَلْقِهِ وَ أَنْشَأَ الْأَرْضَ فَأَمْسَكَهَا مِنْ غَيْرِ اشْتِغَالٍ وَ أَرْسَاهَا عَلَى غَيْرِ قَرَارٍ وَ أَقَامَهَا بِغَيْرِ قَوَائِمَ وَ رَفَعَهَا بِغَيْرِ دَعَائِمَ.

وَ حَصَّنَهَا مِنَ الْأَوَدِ وَ الِاعْوِجَاجِ وَ مَنَعَهَا مِنَ التَّهَافُتِ وَ الِانْفِرَاجِ أَرْسَى أَوْتَادَهَا وَ ضَرَبَ أَسْدَادَهَا وَ اسْتَفَاضَ عُيُونَهَا وَ خَدَّ أَوْدِيَتَهَا فَلَمْ يَهِنْ مَا بَنَاهُ وَ لَا ضَعُفَ مَا قَوَّاهُ.

هُوَ الظَّاهِرُ عَلَيْهَا بِسُلْطَانِهِ وَ عَظَمَتِهِ وَ هُوَ الْبَاطِنُ لَهَا بِعِلْمِهِ وَ مَعْرِفَتِهِ وَ الْعَالِي عَلَى كُلِّ شَيْءٍ مِنْهَا بِجَلَالِهِ وَ عِزَّتِهِ لَا يُعْجِزُهُ شَيْءٌ مِنْهَا طَلَبَهُ وَ لَا يَمْتَنِعُ عَلَيْهِ فَيَغْلِبَهُ وَ لَا يَفُوتُهُ السَّرِيعُ مِنْهَا فَيَسْبِقَهُ وَ لَا يَحْتَاجُ إِلَى ذِي مَالٍ فَيَرْزُقَهُ.

خَضَعَتِ الْأَشْيَاءُ لَهُ وَ ذَلَّتْ مُسْتَكِينَةً لِعَظَمَتِهِ لَا تَسْتَطِيعُ الْهَرَبَ مِنْ سُلْطَانِهِ إِلَى غَيْرِهِ فَتَمْتَنِعَ مِنْ نَفْعِهِ وَ ضَرِّهِ وَ لَا كُفْءَ لَهُ فَيُكَافِئَهُ وَ لَا نَظِيرَ لَهُ فَيُسَاوِيَهُ هُوَ الْمُفْنِي لَهَا بَعْدَ وُجُودِهَا حَتَّى يَصِيرَ مَوْجُودُهَا كَمَفْقُودِهَا وَ لَيْسَ فَنَاءُ الدُّنْيَا بَعْدَ ابْتِدَاعِهَا بِأَعْجَبَ مِنْ إِنْشَائِهَا وَ اخْتِرَاعِهَا.



وَ كَيْفَ وَ لَوِ اجْتَمَعَ جَمِيعُ حَيَوَانِهَا مِنْ طَيْرِهَا وَ بَهَائِمِهَا وَ مَا كَانَ مِنْ مُرَاحِهَا وَ سَائِمِهَا وَ أَصْنَافِ أَسْنَاخِهَا وَ أَجْنَاسِهَا وَ مُتَبَلِّدَةِ أُمَمِهَا وَ أَكْيَاسِهَا عَلَى إِحْدَاثِ بَعُوضَةٍ مَا قَدَرَتْ عَلَى إِحْدَاثِهَا.

هن مخلوق کي بغير ڪنهن اهڙي نموني جي پيدا ڪيو آهي جيڪو ڪنهن ٻئي طرفان هجي. ۽ هن انهن جي پيدا ڪرڻ تي پنهنجيءَ مخلوق مان ڪنهن کان بہ مدد ناهي گهري. ۽ هن زمين کي ايجاد ڪيو آهي. ۽ بغير ڪنهن مونجهاري جي انکي روڪي رکيو آهي. ۽ بغير ڪنهن سهاري جي انکي برقرار رکيو آهي. ۽ بغير ٿنڀن جي انکي بيهاري ڇڏيو آهي. ۽ بغير ٿنڀن جي انکي بلند ڪيو آهي. ۽ انکي ڏنگي ۽ ڦِڏي هجڻ کان محفوظ رکيو آهي. ۽ انکي ڪِرڻ ۽ ڦاٽڻ کان روڪيو آهي. ۽ ان جي ڏونگرن کي مضبوط ڪيو آهي. ۽ ان جي جبلن کي کوڙيو آهي. ۽ ان جي چشمن کي جاري ڪيو آهي. ۽ ان جي وادين کي چيريو آهي. جيڪو هن ناهيو آهي تنهن ۾ ڪا ڪمزوري نہ آئي آهي. ۽ جنهن کي هن مضبوط ڪيو آهي اهو ضعيف نہ ٿيو آهي.

هو پنهنجيءَ بادشاهت ۽ عظمت سان انهن تي غالب آهي. ۽ پنهنجي علم ۽ معرفت سان انهن جي اندر کان آگاهہ آهي. ۽ پنهنجيءَ بزرگيءَ ۽ طاقت سان انهن مان هر شيءِ کان بلند آهي. هو انهن مان جنهن بہ شيءِ کي طلبي ٿو اها ڪيس عاجز نٿي ڪري سگهي. ۽ نہ ان جو انڪار ڪري مٿس غالب ٿي سگهي ٿي. ۽ نہ انهن مان ڪا تکڙي شيءِ مٿس سبقت حاصل ڪري سگهي ٿي. ۽ نہ هو ڪنهن مالدار جو محتاج آهي جيڪو ڪيس رزق ڏئي. سڀ شيون سندس اڳيان جهڪيل آهن. ۽ عاجزيءَ سان سندس عظمت اڳيان ذليل ٻٽيل آهن. ۽ هنجي بادشاهيءَ کان ٻئي ڏانهن ڀڄڻ جي سگهہ نٿيون رکن جو سندس فائدي ۽ نقصان کان پاڻ کي روڪي سگهن. نہ هنجو ڪو همسر آهي جيڪو ساڻس همسري ڪري. ۽ نہ هنجو ڪو مَٽ آهي جيڪو ان جي برابر ٿئي. ۽ اهو ئي شين کي وجود ڏيڻ کانپوءِ فنا ڪرڻ وارو آهي. ايستائين جو انهن جو هجڻ ائين ٿي ويندو جڻ هيون ئي نہ. ۽ دنيا کي ايجاد ڪرڻ کانپوءِ انکي فنا ڪرڻ ان جي شروع ۾ ناهڻ ۽ نئين وجود ڏيڻ کان وڌيڪ تعجب جوڳو عمل نہ آهي.

ڀلا فنا ڪرڻ ايجاد ڪرڻ کان ڪيئن ٿو وڌيڪ تعجب خيز ٿي سگهي! جڏهن تہ اگر دنيا جا سڀ حيوانَ، پکي، ڍورَ ۽ جيڪي پنهنجن وٿاڻن ڏانهن موٽي آيا هجن، ۽ جيڪي چرڻ لاءِ ڇُڙي ويا هجن. ۽ جيڪي مختلف قسمن ۽ جنسن جا هجن، ۽ جيڪي امت جا جڏا يا ذهين ماڻهو هجن هڪ مڇر جي پيدا ڪرڻ تي گڏ ٿين تڏهن بہ انکي پيدا نٿا ڪري سگهن.

وَ لَا عَرَفَتْ كَيْفَ السَّبِيلُ إِلَى إِيجَادِهَا وَ لَتَحَيَّرَتْ عُقُولُهَا فِي عِلْمِ ذَلِكَ وَ تَاهَتْ وَ عَجَزَتْ قُوَاهَا وَ تَنَاهَتْ وَ رَجَعَتْ خَاسِئَةً حَسِيرَةً عَارِفَةً بِأَنَّهَا مَقْهُورَةٌ مُقِرَّةً بِالْعَجْزِ عَنْ إِنْشَائِهَا مُذْعِنَةً بِالضَّعْفِ عَنْ إِفْنَائِهِ.

وَ إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ يَعُودُ بَعْدَ فَنَاءِ الدُّنْيَا وَحْدَهُ لَا شَيْءَ مَعَهُ كَمَا كَانَ قَبْلَ ابْتِدَائِهَا كَذَلِكَ يَكُونُ بَعْدَ فَنَائِهَا بِلَا وَقْتٍ وَ لَا مَكَانٍ وَ لَا حِينٍ وَ لَا زَمَانٍ عُدِمَتْ عِنْدَ ذَلِكَ الْآجَالُ وَ الْأَوْقَاتُ وَ زَالَتِ السِّنُونَ وَ السَّاعَاتُ.

فَلَا شَيْءَ إِلَّا اللَّهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ الَّذِي إِلَيْهِ مَصِيرُ جَمِيعِ الْأُمُورِ بِلَا قُدْرَةٍ مِنْهَا كَانَ ابْتِدَاءُ خَلْقِهَا وَ بِغَيْرِ امْتِنَاعٍ مِنْهَا كَانَ فَنَاؤُهَا وَ لَوْ قَدَرَتْ عَلَى الِامْتِنَاعِ لَدَامَ بَقَاؤُهَا لَمْ يَتَكَاءَدْهُ صُنْعُ شَيْءٍ مِنْهَا إِذْ صَنَعَهُ وَ لَمْ يَؤُدْهُ مِنْهَا خَلْقُ مَا خَلَقَهُ وَ بَرَأَهُ.

وَ لَمْ يُكَوِّنْهَا لِتَشْدِيدِ سُلْطَانٍ وَ لَا لِخَوْفٍ مِنْ زَوَالٍ وَ نُقْصَانٍ وَ لَا لِلِاسْتِعَانَةِ بِهَا عَلَى نِدٍّ مُكَاثِرٍ وَ لَا لِلِاحْتِرَازِ بِهَا مِنْ ضِدٍّ مُثَاوِرٍ وَ لَا لِلِازْدِيَادِ بِهَا فِي مُلْكِهِ وَ لَا لِمُكَاثَرَةِ شَرِيكٍ فِي شِرْكِهِ وَ لَا لِوَحْشَةٍ كَانَتْ مِنْهُ فَأَرَادَ أَنْ يَسْتَأْنِسَ إِلَيْهَا.



ثُمَّ هُوَ يُفْنِيهَا بَعْدَ تَكْوِينِهَا لَا لِسَأَمٍ دَخَلَ عَلَيْهِ فِي تَصْرِيفِهَا وَ تَدْبِيرِهَا وَ لَا لِرَاحَةٍ وَاصِلَةٍ إِلَيْهِ وَ لَا لِثِقَلِ شَيْءٍ مِنْهَا عَلَيْهِ لَا يُمِلُّهُ طُولُ بَقَائِهَا فَيَدْعُوَهُ إِلَى سُرْعَةِ إِفْنَائِهَا وَ لَكِنَّهُ سُبْحَانَهُ دَبَّرَهَا بِلُطْفِهِ وَ أَمْسَكَهَا بِأَمْرِهِ وَ أَتْقَنَهَا بِقُدْرَتِهِ ثُمَّ يُعِيدُهَا بَعْدَ الْفَنَاءِ مِنْ غَيْرِ حَاجَةٍ مِنْهُ إِلَيْهَا وَ لَا اسْتِعَانَةٍ بِشَيْءٍ مِنْهَا عَلَيْهَا وَ لَا لِانْصِرَافٍ مِنْ حَالِ وَحْشَةٍ إِلَى حَالِ اسْتِئْنَاسٍ وَ لَا مِنْ حَالِ جَهْلٍ وَ عَمًى إِلَى حَالِ عِلْمٍ وَ الْتِمَاسٍ وَ لَا مِنْ فَقْرٍ وَ حَاجَةٍ إِلَى غِنًى وَ كَثْرَةٍ وَ لَا مِنْ ذُلٍّ وَ ضَعَةٍ إِلَى عِزٍّ وَ قُدْرَة.

۽ نہ وري ان جي پيدا ڪرڻ جي طريقي کي ڄاڻي سگهن ٿا. ۽ يقيناً سندن عقل ان جي ڄاڻڻ بابت پريشان ٿي پٽڪي ويندا، ۽ سندن طاقتون عاجز بڻجي وينديون ۽ پوريون ٿي ذليل ۽ حسرت زده بڻجي ۽ مغلوب هجڻ کي ڄاڻيندي ۽ ان جي پيدا ڪرڻ کان عاجزيءَ جو اقرار ڪندي ۽ انکي فنا ڪرڻ جي ڪمزوريءَ جو شعور رکندي موٽي اينديون. ۽ بيشڪ الله سبحانہ دنيا جي فنا ٿيڻ کانپوءِ وري اڪيلو ٿي ويندو ۽ ان سان گڏ ڪا بہ شيءِ نہ هوندي. جيئن دنيا کي پيدا ڪرڻ کان پهريائين هو. ائين ئي دنيا جي فنا ٿيڻ کانپوءِ ٿي ويندو. وقت ۽ مڪان کان بغير ۽ عرصي ۽ زمان کانسواءِ. ۽ ان جي فنا ٿيڻ وقت مدتون ۽ وقت ختم ڪيا ويندا. ۽ سال ۽ گهڙيون مِٽجي وينديون. بس ڪا بہ شيءِ باقي نہ رهندي سواءِ ان اڪيلي غالب الله جي ذات جي جنهن ڏانهن سڀني شين جي موٽ آهي. ۽ انهن شين کي خلقت جي شروعات وقت ڪا بہ قدرت نہ هئي، ۽ نہ اهي پاڻ کي فنا ٿيڻ کان روڪي سگهن ٿيون. ۽ اگر هو روڪڻ تي قدرت رکن ها تہ انهن جو باقي هجڻ هميشہ هجي ها. ۽ جڏهن الله تعالىٰ انهن مان ڪنهن شيءِ کي ٺاهيو تہ انهن جي ٺهڻ هن لاءِ ڏکيائي نہ ڪئي. ۽ جنهن شيءِ کي هن پيدا ڪيو ۽ اُپايو تہ انهن مان ڪنهن شيءِ جي خلقت ڪيس نہ ٿڪايو. ۽ هن انهن شين کي پنهنجي سلطنت جي مضبوطيءَ لاءِ ۽ ان جي مِٽجڻ ۽ ختم ٿيڻ جي خوف کان، ۽ گهٽائيءَ رکندڙ حريف جي خلاف مدد لاءِ، ۽ مخالف حملي آور کان بچڻ لاءِ، ۽ پنهنجي بادشاهيءَ جي گهٽائي ڏيکارڻ لاءِ، ۽ پنهنجي شريڪ تي ڪثرت ڏيکارڻ لاءِ، ۽ پنهنجي تنهائيءَ ختم ڪرڻ لاءِ جو انهن سان مانوس ٿيڻ جو ارادو ڪري ناهي ٺاهيو.



پوءِ هو انهن کي ٺاهڻ کانپوءِ ڪين فنا ڪندو، ليڪن ٿڪاوٽ جي ڪري نہ جيڪا انهن کي هلائڻ ۽ تدبير ڪرڻ جي ڪري ٿي هجي. ۽ نہ وري پاڻ کي سڪون ڏيڻ جي ڪري، ۽ نہ وري انهن جي پاڻ مٿان ڳوراڻ جي ڪري، انهن شين جو گهڻي عرصي تائين باقي رهڻ ڪيس ٿڪائي نٿو جو اهي ڪيس تڪڙي فنا ڪرڻ جو سبب ٿين. مگر الله سبحانہ پنهنجي لطف سان انهن شين جي تدبير ڪئي آهي، ۽ پنهنجي ئي امر سان ڪين روڪي رکيو آهي. ۽ پنهنجي ئي قدرت سان ڪين محڪم ڪيو آهي. پوءِ انهن شين جي ضرورت کان بغير فنا کانپوءِ ڪين وري ٺاهيندو. ۽ ڪنهن بہ شيءِ کان انهن تي مدد طلب نہ ڪندو، ۽ نہ تنهائيءَ واريءَ حالت کان مانوسيءَ واريءَ حالت ڏانهن ٿيڻ جي ڪري. ۽ نہ جهالت ۽ بي بصيرت واريءَ حالت کان علم ۽ تجربي جي حالت ڏانهن ٿيڻ جي ڪري، ۽ نہ غربت ۽ ضرورت کان آسودگيءَ ۽ گهٽائيءَ ٿيڻ جي ڪري، ۽ نہ ذلت ۽ پستيءَ کان عزت ۽ قدرت حاصل ڪرڻ جي ڪري.

## ١٨٧ـ و من خطبة له عليه السلام

*وهي في ذكر الملاحم.*

أَلَا بِأَبِي وَ أُمِّي هُمْ مِنْ عِدَّةٍ أَسْمَاؤُهُمْ فِي السَّمَاءِ مَعْرُوفَةٌ وَ فِي الْأَرْضِ مَجْهُولَةٌ أَلَا فَتَوَقَّعُوا مَا يَكُونُ مِنْ إِدْبَارِ أُمُورِكُمْ وَ انْقِطَاعِ وُصَلِكُمْ وَ اسْتِعْمَالِ صِغَارِكُمْ ذَاكَ حَيْثُ تَكُونُ ضَرْبَةُ السَّيْفِ عَلَى الْمُؤْمِنِ أَهْوَنَ مِنَ الدِّرْهَمِ مِنْ حِلِّهِ ذَاكَ حَيْثُ يَكُونُ الْمُعْطَى أَعْظَمَ أَجْراً مِنَ الْمُعْطِي ذَاكَ حَيْثُ تَسْكَرُونَ مِنْ غَيْرِ شَرَابٍ بَلْ مِنَ النِّعْمَةِ وَ النَّعِيمِ. وَ تَحْلِفُونَ مِنْ غَيْرِ اضْطِرَارٍ وَ تَكْذِبُونَ مِنْ غَيْرِ إِحْرَاجٍ ذَاكَ إِذَا عَضَّكُمُ الْبَلَاءُ كَمَا يَعَضُّ الْقَتَبُ غَارِبَ الْبَعِيرِ.

مَا أَطْوَلَ هَذَا الْعَنَاءَ وَ أَبْعَدَ هَذَا الرَّجَاءَ أَيُّهَا النَّاسُ أَلْقُوا هَذِهِ الْأَزِمَّةَ الَّتِي تَحْمِلُ ظُهُورُهَا الْأَثْقَالَ مِنْ أَيْدِيكُمْ وَ لَا تَصَدَّعُوا عَلَى سُلْطَانِكُمْ فَتَذُمُّوا غِبَّ فِعَالِكُمْ وَ لَا تَقْتَحِمُوا مَا اسْتَقْبَلْتُمْ مِنْ فَوْرِ نَارِ الْفِتْنَةِ. وَ أَمِيطُوا عَنْ سَنَنِهَا وَ خَلُّوا قَصْدَ السَّبِيلِ لَهَا فَقَدْ لَعَمْرِي يَهْلِكُ فِي لَهَبِهَا الْمُؤْمِنُ وَ يَسْلَمُ فِيهَا غَيْرُ الْمُسْلِمِ إِنَّمَا مَثَلِي بَيْنَكُمْ كَمَثَلِ السِّرَاجِ فِي الظُّلْمَةِ يَسْتَضِيءُ بِهِ مَنْ وَلَجَهَا فَاسْمَعُوا أَيُّهَا النَّاسُ وَ عُوا وَ أَحْضِرُوا آذَانَ قُلُوبِكُمْ تَفْهَمُوا.



## ١٨٨ـ و من خطبة له عليه السلام

*في الوصية بأمور*

### التقوى

أُوصِيكُمْ أَيُّهَا النَّاسُ بِتَقْوَى اللَّهِ وَ كَثْرَةِ حَمْدِهِ عَلَى آلَائِهِ إِلَيْكُمْ وَ نَعْمَائِهِ عَلَيْكُمْ وَ بَلَائِهِ لَدَيْكُمْ فَكَمْ خَصَّكُمْ بِنِعْمَةٍ وَ تَدَارَكَكُمْ بِرَحْمَةٍ أَعْوَرْتُمْ لَهُ فَسَتَرَكُمْ وَ تَعَرَّضْتُمْ لِأَخْذِهِ فَأَمْهَلَكُمْ.

## ١٨٧_ امام عليه السلام جو خطبو، سخت حالات جي باري ۾ آهي

آگاهه رهو ته منهنجا پيءُ ۽ ماءُ قربان ٿين انهن چند ڳڻيل هستين تان جن جا نالا آسمان تي ڄاتل ۽ زمين تي اڻ ڄاتل آهن. آگاهه رهو ته توهان اها توقع رکو ته توهان جا ڪم بگڙي ويندا ۽ توهانجا تعلقات ٽُٽي ويندا ۽ توهانجا ننڍا استعمال ٿيندا. اهو ان وقت ٿيندو جڏهن مومن تي تلوار جو وار حلال طريقي واري درهم کان آسان هوندو. اهو ان وقت ٿيندو جڏهن وٺڻ واري جو اجر ڏيڻ واري کان گهٽو هوندو. اهو ان وقت ٿيندو جڏهن توهان شراب سان نه بلڪ نعمتن جي جهجهائي ۾ مست ٿيندؤ. ۽ بغير مجبوري جي قسم کڻندؤ، ۽ بغير هبڪ جي ڪوڙ ڳالهائيندؤ. ۽ اِهو اُهو وقت هوندو جڏهن مصيبتون توهان کي ائين ڪٽينديون جيئن پاڪڙو اُٺ جي ڪُوهي کي ڪٽيندو آهي.

اُها سختيءَ ڪيڏي نه ڏکهي هوندي. ۽ اها اميد ڪيڏي نه پري هوندي. اي انسانؤ! پنهنجي مٿان انهن سوارين جون واڳون اُڇلائي ڇڏيو جن جون پُٺيون گناهن جو بار کڻن ٿيون. ۽ پنهنجي حڪمران کان الڳ نه ٿي وڃو جو پنهنجي ڪرتوتن کان پوءِ پنهنجي ئي مذمت ڪندا وتو. ۽ جيڪا توهان فتني جي ڀڙڪندڙ باهه ڏسو ته ان ۾ گهڙي نه پئو. ۽ ان جي رستن کان پاڻ کي پري رکو. ۽ وچ رستي کي ان لاءِ خالي ڇڏيو. بيشڪ مونکي پنهنجي جان جو قسم آهي ته ان جي شُعلن ۾ مومن هلاڪ ٿيندو ۽ ڪافر ان ۾ محفوظ رهندو. منهنجو توهان جي درميان مثال ائين آهي جيئن اونداهيءَ ۾ ڏيئي جو. ته جيڪو ان اونداهيءَ ۾ داخل ٿيندو سو اهو ان مان روشني حاصل ڪندو. اي انسانؤ ٻڌو ۽ آگاهه رهو. ۽ پنهنجي دل جي ڪنن کي حاضر رکو ته جيئن سمجهو.



## ١٨٨_ امام عليه السلام جو خطبو، چند شين جي وصيت جي باري ۾ آهي

### تقويٰ

اي انسانؤ! آءٌ توهان کي الله تعاليٰ جي باري ۾ تقويٰ ۽ ان جي توهان تي انعامن ۽ ان جي توهان مٿان نعمتن ۽ توهان تي احسان ڪرڻ تي گهڻي ساراهه جي وصيت ڪريان ٿو. پوءِ هن ڪيترين ئي نعمتن سان توهان کي خاص ڪيو آهي.

۽ رحمت سان توهان جو پورائو ڪيو آهي. توهان هنجي حضور ۾ نافرماني ڪئي پر هن توهان جو ڍڪ ڍڪيو. ۽ توهان ڪرتوتن ذريعي پاڻ کي ان جي پڪڙ لاءِ پيش ڪيو پر هن توهان کي ڍر ڏني.

## الموت

وَ أُوصِيكُمْ بِذِكْرِ الْمَوْتِ وَ إِقْلَالِ الْغَفْلَةِ عَنْهُ وَ كَيْفَ غَفْلَتُكُمْ عَمَّا لَيْسَ يُغْفِلُكُمْ وَ طَمَعُكُمْ فِيمَنْ لَيْسَ يُمْهِلُكُمْ فَكَفَى وَاعِظاً بِمَوْتَى عَايَنْتُمُوهُمْ حُمِلُوا إِلَى قُبُورِهِمْ غَيْرَ رَاكِبِينَ وَ أُنْزِلُوا فِيهَا غَيْرَ نَازِلِينَ. فَكَأَنَّهُمْ لَمْ يَكُونُوا لِلدُّنْيَا عُمَّاراً وَ كَأَنَّ الْآخِرَةَ لَمْ تَزَلْ لَهُمْ دَاراً أَوْحَشُوا مَا كَانُوا يُوطِنُونَ وَ أَوْطَنُوا مَا كَانُوا يُوحِشُونَ وَ اشْتَغَلُوا بِمَا فَارَقُوا وَ أَضَاعُوا مَا إِلَيْهِ انْتَقَلُوا لَا عَنْ قَبِيحٍ يَسْتَطِيعُونَ انْتِقَالًا وَ لَا فِي حَسَنٍ يَسْتَطِيعُونَ ازْدِيَاداً أَنِسُوا بِالدُّنْيَا فَغَرَّتْهُمْ وَ وَثِقُوا بِهَا فَصَرَعَتْهُمْ.

## سرعة النفاد

فَسَابِقُوا رَحِمَكُمُ اللَّهُ إِلَى مَنَازِلِكُمُ الَّتِي أُمِرْتُمْ أَنْ تَعْمُرُوهَا وَ الَّتِي رَغِبْتُمْ فِيهَا وَ دُعِيتُمْ إِلَيْهَا وَ اسْتَتِمُّوا نِعَمَ اللَّهِ عَلَيْكُمْ بِالصَّبْرِ عَلَى طَاعَتِهِ وَ الْمُجَانَبَةِ لِمَعْصِيَتِهِ فَإِنَّ غَداً مِنَ الْيَوْمِ قَرِيبٌ مَا أَسْرَعَ السَّاعَاتِ فِي الْيَوْمِ وَ أَسْرَعَ الْأَيَّامَ فِي الشَّهْرِ وَ أَسْرَعَ الشُّهُورَ فِي السَّنَةِ وَ أَسْرَعَ السِّنِينَ فِي الْعُمُرِ.



# ١٨٩ــ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في الإيمان و وجوب الهجرة*

## أقسام الإيمان

فَمِنَ الْإِيمَانِ مَا يَكُونُ ثَابِتاً مُسْتَقِرّاً فِي الْقُلُوبِ وَ مِنْهُ مَا يَكُونُ عَوَارِيَّ بَيْنَ الْقُلُوبِ وَ الصُّدُورِ إِلَى أَجَلٍ مَعْلُومٍ فَإِذَا كَانَتْ لَكُمْ بَرَاءَةٌ مِنْ أَحَدٍ فَقِفُوهُ حَتَّى يَحْضُرَهُ الْمَوْتُ فَعِنْدَ ذَلِكَ يَقَعُ حَدُّ الْبَرَاءَةِ.

## موت

۽ مان توهان کي موت جي ياد ڪرڻ، ۽ ان کان گهٽ غافل رهڻ جي وصيت ڪريان ٿو. ۽ توهان ان کان ڪيئن غافل رهو ٿا جيڪو توهان کان غافل نہ آهي. ۽ ان ۾ ڪهڙي اميد رکو ٿا جيڪو توهان کي ڪا بہ ڍر نہ ڏيندو. توهان جو مُردن کي ڏسڻ ۽ انهن کي سندن قبرن ڏانهن کڻي وڃڻ جڏهن تہ هو پاڻ سوار نہ آهن، ۽ انهن کي قبرن ۾ لاهڻ جڏهن تہ پاڻ لهڻ تي قادر نہ آهن موت جي نصيحت بابت ڪافي آهي. ڇڻ تہ انهن دنيا ۾ زندگي گذاري ئي نہ هئي ۽ ڇڻ تہ آخرت انهن جو هميشہ جو گهر هو. هو جتي آباد رهيا انهيءَ کي خالي ڪري ويا. ۽ جنهن جي اڪيلائپ کان گهبرائن پيا اتي وڃي آباد ٿيا. ۽ هي انهيءَ ۾ مگن رهيا جنهن کان الڳ ٿي ويا. ۽ ان کي ضايع ڪندا رهيا جنهن ڏانهن منتقل ٿي ويا. هاڻي نہ ڪنهن برائيءَ کان پاسو ڪري جدا ٿي سگهن ٿا ۽ نہ وري ڪنهن ڀلائيءَ ۾ واڌارو ڪري سگهن ٿا. دنيا سان اُنس ڪري ويهي رهيا پر انهيءَ ڪين ڌوڪو ڏنو. ۽ انهيءَ تي ڀروسو رکيائون تہ ان هنن کي برباد ڪري ڇڏيو.

### جلدي ختم ٿيڻ

الله توهان تي رحم ڪري، جلدي ڪريو پنهنجن انهن گهرن ڏانهن جن کي آباد ڪرڻ جو توهان کي حڪم ڏنو ويو آهي. ۽ جنهن ڏانهن توهان کي ترغيب ڏياري وئي آهي ۽ سڏيو ويو آهي. الله جي نعمتن کي پاڻ تي مڪمل ڪريو، هنجي اطاعت کي انجام ڏيندي، ۽ معصيت کان بچڻ تي صبر ڪندي. چاڪاڻ تہ سڀاڻڪو ڏينهن اڄوڪي ڏينهن کي ويجهو آهي. ڪيڏيون نہ تيز گذرڻ واريون آهن ڏينهن جو گهڙيون، مهيني جا ڏينهن، سال جا مهينا ۽ زندگيءَ جا سال.



## ١٨٩_ امام عليہ السلام جو ڪلام، ايمان ۽ هجرت جي وجوب جي باري ۾

### ايمان جا قسم

ايمان جو هڪ قسم اهو آهي جيڪو دلين ۾ ثابت ۽ باقي آهي، ۽ ٻيو قسم اهو آهي جيڪو دلين ۽ سينن جي وچ ۾ معلوم مدت تائين عارضي طور هوندو آهي. بس اگر توهان کي ڪنهن کان بيزاري آهي تہ هن جي موت اچڻ تائين انتظار ڪريو، پوءِ ان وقت بيزاريءَ جي حد ٿيندي.

## وجوب الهجرة

وَ الْهِجْرَةُ قَائِمَةٌ عَلَى حَدِّهَا الْأَوَّلِ مَا كَانَ لِلَّهِ فِي أَهْلِ الْأَرْضِ حَاجَةٌ مِنْ مُسْتَسِرِّ الْإِمَّةِ وَ مُعْلِنِهَا لَا يَقَعُ اسْمُ الْهِجْرَةِ عَلَى أَحَدٍ إِلَّا بِمَعْرِفَةِ الْحُجَّةِ فِي الْأَرْضِ.

فَمَنْ عَرَفَهَا وَ أَقَرَّ بِهَا فَهُوَ مُهَاجِرٌ وَ لَا يَقَعُ اسْمُ الِاسْتِضْعَافِ عَلَى مَنْ بَلَغَتْهُ الْحُجَّةُ فَسَمِعَتْهَا أُذُنُهُ وَ وَعَاهَا قَلْبُهُ.

## صعوبة الإيمان

إِنَّ أَمْرَنَا صَعْبٌ مُسْتَصْعَبٌ لَا يَحْمِلُهُ إِلَّا عَبْدٌ مُؤْمِنٌ امْتَحَنَ اللَّهُ قَلْبَهُ لِلْإِيمَانِ وَ لَا يَعِي حَدِيثَنَا إِلَّا صُدُورٌ أَمِينَةٌ وَ أَحْلَامٌ رَزِينَةٌ.

## علم الوصي

أَيُّهَا النَّاسُ سَلُونِي قَبْلَ أَنْ تَفْقِدُونِي فَلَأَنَا بِطُرُقِ السَّمَاءِ أَعْلَمُ مِنِّي بِطُرُقِ الْأَرْضِ قَبْلَ أَنْ تَشْغَرَ بِرِجْلِهَا فِتْنَةٌ تَطَأُ فِي خِطَامِهَا وَ تَذْهَبُ بِأَحْلَامِ قَوْمِهَا.

# ١٩٠ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*يحمد الله و يثني على نبيه و يعظ بالتقوى.*

## حمد الله

أَحْمَدُهُ شُكْراً لِإِنْعَامِهِ وَ أَسْتَعِينُهُ عَلَى وَظَائِفِ حُقُوقِهِ عَزِيزَ الْجُنْدِ عَظِيمَ الْمَجْدِ.

## الثناء على النبي

وَ أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ دَعَا إِلَى طَاعَتِهِ وَ قَاهَرَ أَعْدَاءَهُ جِهَاداً عَنْ دِينِهِ لَا يَثْنِيهِ عَنْ ذَلِكَ اجْتِمَاعٌ عَلَى تَكْذِيبِهِ وَ الْتِمَاسٌ لِإِطْفَاءِ نُورِهِ.

### هجرت جو وجوب

۽ هجرت اڄ بہ پهرين تعريف تي باقي آهي. الله سائينءَ جي، زمين وارن ۾ ڪا بہ حاجت نہ آهي. چاهي اهي لڪيل طور مومن رهن يا پنهنجي ايمان جو اظهار ڪن. ڪنهن ڪي بہ هجرت ڪرڻ وارو نٿو چئي سگهجي سواءِ ان جي تہ هو زمين تي موجود الله جي حجت جي معرفت رکي. لهذا جنهن حجتِ خدا جي معرفت حاصل ڪئي ۽ ان جو اقرار بہ ڪيائين تہ سوئي هجرت ڪرڻ وارو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح انهي شخص تي مستضعف جو نالو نہ ايندو جنهن تائين دليل پهچي، ۽ هو انکي پنهنجي ڪنن سان ٻُڌي ۽ سندس دل انکي مضبوط ڪري.

### ايمان جي ڏکيائي

اسان جو امر ڏکيو ۽ سخت آهي، ان جو بار ڪو بہ نٿو کڻي سگهي سواءِ ان مومن ٻانهي جي جنهن جي دل جو امتحان الله سائين ايمان لاءِ ورتو هجي. اسان جون حديثون فقط امانتدار سينا ۽ مضبوط عقل ئي سانڍي سگهن ٿا.

### وصي جو علم

اي انسانؤ! مونکان پُڇي وٺو ان کان پهريان جو توهان مونکي پنهنجي درميان نہ پايو. بتحقيق آءٌ آسمان جي رستن کي زمين جي رستن کان وڌيڪ ڄاڻان ٿو. ان کان پهريائين جو فتنو پنهنجو قدم کڻي ۽ پنهنجي واڳ کي لتاڙي ڇڏي، جنهن سان ڪنهن قوم جا عقل زائل ڪري ڇڏي.



## ١٩٠_ امام عليہ السلام جو خطبو

### جنهن ۾ الله تعالىٰ جي ساراهہ ۽ سندس نبي ﷺ جي ثناء ۽ تقوىٰ جي نصيحت ڪئي آهي.

### الله جي ساراهہ

آءٌ هن جي ساراهہ ڪريان ٿو سندس نعمتن جي شڪر خاطر، ۽ ڪانئس مدد طلب ڪريان ٿو سندس حقن کي وظيفي طور ادا ڪرڻ لاءِ، جيڪو طاقتور لشڪر ۽ وڏيءَ بزرگيءَ وارو آهي.

### نبي ڪريم ﷺ جي ثنا

آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ الله جا ٻانها ۽ سندس رسول آهن. جنهن هنجي اطاعت ڏانهن سڏيو ۽ هنجي دشمنن تي هن جي دين ۾ جهاد ذريعي غالب ٿيو. انهيءَ ڳالهہ کي ڪين نہ ماڻهن جي ٽولي جي انڪار ڪرڻ روڪيو، ۽ نہ وري ان جي نور کي وسائڻ وارين خواهشن خاموش ڪيو.

## العظة بالتقوى

فَاعْتَصِمُوا بِتَقْوَى اللَّهِ فَإِنَّ لَهَا حَبْلًا وَثِيقاً عُرْوَتُهُ وَ مَعْقِلًا مَنِيعاً ذِرْوَتُهُ وَ بَادِرُوا الْمَوْتَ وَ غَمَرَاتِهِ وَ امْهَدُوا لَهُ قَبْلَ حُلُولِهِ وَ أَعِدُّوا لَهُ قَبْلَ نُزُولِهِ فَإِنَّ الْغَايَةَ الْقِيَامَةُ وَ كَفَى بِذَلِكَ وَاعِظاً لِمَنْ عَقَلَ وَ مُعْتَبَراً لِمَنْ جَهِلَ وَ قَبْلَ بُلُوغِ الْغَايَةِ مَا تَعْلَمُونَ مِنْ ضِيقِ الْأَرْمَاسِ وَ شِدَّةِ الْإِبْلَاسِ وَ هَوْلِ الْمُطَّلَعِ وَ رَوْعَاتِ الْفَزَعِ وَ اخْتِلَافِ الْأَضْلَاعِ وَ اسْتِكَاكِ الْأَسْمَاعِ وَ ظُلْمَةِ اللَّحْدِ وَ خِيفَةِ الْوَعْدِ وَ غَمِّ الضَّرِيحِ وَ رَدْمِ الصَّفِيحِ.

فَاللَّهَ اللَّهَ عِبَادَ اللَّهِ فَإِنَّ الدُّنْيَا مَاضِيَةٌ بِكُمْ عَلَى سَنَنٍ وَ أَنْتُمْ وَ السَّاعَةُ فِي قَرَنٍ وَ كَأَنَّهَا قَدْ جَاءَتْ بِأَشْرَاطِهَا وَ أَزِفَتْ بِأَفْرَاطِهَا وَ وَقَفَتْ بِكُمْ عَلَى صِرَاطِهَا وَ كَأَنَّهَا قَدْ أَشْرَفَتْ بِزَلَازِلِهَا وَ أَنَاخَتْ بِكَلَاكِلِهَا وَ انْصَرَمَتِ الدُّنْيَا بِأَهْلِهَا وَ أَخْرَجَتْهُمْ مِنْ حِضْنِهَا فَكَانَتْ كَيَوْمٍ مَضَى أَوْ شَهْرٍ انْقَضَى وَ صَارَ جَدِيدُهَا رَثّاً وَ سَمِينُهَا غَثّاً.

فِي مَوْقِفٍ ضَنْكِ الْمَقَامِ وَ أُمُورٍ مُشْتَبِهَةٍ عِظَامٍ وَ نَارٍ شَدِيدٍ كَلَبُهَا عَالٍ لَجَبُهَا سَاطِعٍ لَهَبُهَا مُتَغَيِّظٍ زَفِيرُهَا مُتَأَجِّجٍ سَعِيرُهَا بَعِيدٍ خُمُودُهَا ذَاكٍ وُقُودُهَا مَخُوفٍ وَعِيدُهَا عَمٍ قَرَارُهَا مُظْلِمَةٍ أَقْطَارُهَا حَامِيَةٍ قُدُورُهَا فَظِيعَةٍ أُمُورُهَا.

﴿وَ سِيقَ الَّذِينَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ إِلَى الْجَنَّةِ زُمَراً﴾ قَدْ أُمِنَ الْعَذَابُ وَ انْقَطَعَ الْعِتَابُ وَ زُحْزِحُوا عَنِ النَّارِ وَ اطْمَأَنَّتْ بِهِمُ الدَّارُ وَ رَضُوا الْمَثْوَى وَ الْقَرَارَ الَّذِينَ كَانَتْ أَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا زَاكِيَةً وَ أَعْيُنُهُمْ بَاكِيَةً وَ كَانَ لَيْلُهُمْ فِي دُنْيَاهُمْ نَهَاراً تَخَشُّعاً وَ اسْتِغْفَارًا وَ كَانَ نَهَارُهُمْ لَيْلًا تَوَحُّشاً وَ انْقِطَاعاً.

---

١: الزمر: الآية: ٧٣.

## تقويٰ جي نصيحت

بس توهان الله جي تقويٰ کي مضبوطيءَ سان ونو. بيشڪ تقويٰ جي رسين جون ڳنڍيون مضبوط ۽ هنجي پناهہ جي چوٽي محفوظ آهي. موت ۽ ان جي سختين لاءِ جلدي ڪريو، ۽ ان جي پهچڻ کان پهريائين ان لاءِ آماده رهو، ۽ ان جي اچڻ کان پهريائين تياري ڪريو. بس بيشڪ پُڄاڻي قيامت تي ٿئي آهي. ۽ موت جو اچڻ داناء لاءِ نصيحت ۽ نادان لاءِ عبرت طور ڪافي آهي. ۽ پُڄاڻيءَ تي پهچڻ کان پهريائين جيڪا قبرن جي تنگي، سخت مايوسي، سختين جي آگاهيءَ جي جڳهہ، تمام گهڻو خوف، پاسيرين جو هڪ ٻئي ۾ داخل ٿي وڃڻ، ڪنن جو ٻوڙو ٿي وڃڻ، ساميءَ جي اونداهي، سزا جو خوف، قبر جو بند ٿيڻ، ۽ ساميءَ جو پٿرن سان بند ٿيڻ ڪي توهان ڄاڻو ٿا.

الله جا ٻانهؤ الله کان ڊڄو، الله کان ڊڄو. انڪري تہ دنيا توهان لاءِ ساڳي ئي طريقي سان هلي رهي آهي. ۽ توهان ۽ قيامت هڪ ئي رسيءَ ۾ ٻڌل آهيو. ۽ جڻ تہ هو پنهنجي نشانين سان اچي چڪي آهي. ۽ پنهنجي جهنڊن سان قريب ٿي چڪي آهي. ۽ توهان کي پنهنجي رستي تي بيهاري ڇڏيو آهي. ۽ جڻ تہ پنهنجي مصيبتن سان مٿان اچي پهتي آهي. ۽ پنهنجي سيني ڀر ويهي رهي آهي. ۽ دنيا پنهنجي رهندڙن کان مُنهن موڙي ڇڏيو آهي. ۽ انهن کي پنهنجي جهوليءَ مان ڪڍي ڇڏيو آهي. بس هؤ ان ڏينهن وانگر هئي جيڪو گذري ويو. يا ان مهيني وانگر جيڪو ختم ٿي ويو. ۽ ان جي نئين شيءَ پراڻي ٿي وئي، ۽ ان جي متاري شيءَ ڏٻري ٿي وئي. سوڙهيءَ جڳهہ ۾، ۽ وڏن مونجهارن جي مسئلن ۾، ۽ اهڙيءَ باهہ ۾ جنهن جو ڇرڪائڻ تيز هوندو، ۽ جنهن جا سرڙاٽ بلند هوندا، ۽ جنهن جا شعلا پڙڪندڙ هوندا، ۽ جنهن جا آواز خوفناڪ هوندا، ۽ جنهن جا اُلا ٻرندڙ هوندا، ۽ جنهن جو وسامجڻ مشڪل هوندو، ۽ جنهن جو ٻارڻ سخت هوندو. ۽ جنهن جو عذاب ڊيڄارڻ وارو، ۽ جنهن جو نڪاٽو حيرانيءَ ۽ پريشانيءَ وارو هوندو، ۽ جنهن جي چؤ طرف اونداهي هوندي، جنهن جون ديڳيون ٽهڪندڙ هونديون، ۽ جنهن جا امور سخت هوندا. ”۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي پالڻهار کان ڊنا تن کي جنت ڏانهن ٽوليون ٽوليون ڪري روانو ڪبو“. ۽ اهي عذاب کان محفوظ هوندا، ۽ سندن سختي ختم ٿي وئي، ۽ اهي جهنم کان پري ڪيا ويندا، ۽ انهن لاءِ گهر پُرسڪون ٿيو، ۽ هو پنهنجي نڪاڻي ۽ قرار واريءَ جاءِ کان راضي ٿيا. هي اهي هوندا دنيا ۾ جن جا عمل پاڪ ۽ جن جون اکيون روئيندڙ هيون، ۽ دنيا ۾ انهن جون راتيون خشوع ۽ استغفار ۾ ڏينهن جيان، ۽ انهن جا ڏينهن وحشت ۽ اڪيلائپ ۾ راتين جيان هوندا هئا.

فَجَعَلَ اللَّهُ لَهُمُ الْجَنَّةَ مَآباً وَ الْجَزَاءَ ثَوَاباً وَ كانُوا أَحَقَّ بِها وَ أَهْلَها فِي مُلْكٍ دَائِمٍ وَ نَعِيمٍ قَائِمٍ فَارْعَوْا عِبَادَ اللَّهِ مَا بِرِعَايَتِهِ يَفُوزُ فَائِزُكُمْ وَ بِإِضَاعَتِهِ يَخْسَرُ مُبْطِلُكُمْ وَ بَادِرُوا آجَالَكُمْ بِأَعْمَالِكُمْ فَإِنَّكُمْ مُرْتَهَنُونَ بِمَا أَسْلَفْتُمْ وَ مَدِينُونَ بِمَا قَدَّمْتُمْ وَ كَأَنْ قَدْ نَزَلَ بِكُمُ الْمَخُوفُ فَلَا رَجْعَةَ تَنَالُونَ وَ لَا عَثْرَةَ تُقَالُونَ.

اسْتَعْمَلَنَا اللَّهُ وَ إِيَّاكُمْ بِطَاعَتِهِ وَ طَاعَةِ رَسُولِهِ وَ عَفَا عَنَّا وَ عَنْكُمْ بِفَضْلِ رَحْمَتِهِ الْزَمُوا الْأَرْضَ وَ اصْبِرُوا عَلَى الْبَلَاءِ وَ لَا تُحَرِّكُوا بِأَيْدِيكُمْ وَ سُيُوفِكُمْ فِي هَوَى أَلْسِنَتِكُمْ وَ لَا تَسْتَعْجِلُوا بِمَا لَمْ يُعَجِّلْهُ اللَّهُ لَكُمْ فَإِنَّهُ مَنْ مَاتَ مِنْكُمْ عَلَى فِرَاشِهِ وَ هُوَ عَلَى مَعْرِفَةِ حَقِّ رَبِّهِ وَ حَقِّ رَسُولِهِ وَ أَهْلِ بَيْتِهِ مَاتَ شَهِيداً وَ وَقَعَ أَجْرُهُ عَلَى اللَّهِ وَ اسْتَوْجَبَ ثَوَابَ مَا نَوَى مِنْ صَالِحِ عَمَلِهِ وَ قَامَتِ النِّيَّةُ مَقَامَ إِصْلَاتِهِ لِسَيْفِهِ فَإِنَّ لِكُلِّ شَيْءٍ مُدَّةً وَ أَجَلا.

## ١٩١ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*يحمد الله و يثني على نبيه و يوصي بالزهد و التقوى*

الْحَمْدُ لِلَّهِ الْفَاشِي فِي الْخَلْقِ حَمْدُهُ وَ الْغَالِبِ جُنْدُهُ وَ الْمُتَعَالِي جَدُّهُ أَحْمَدُهُ عَلَى نِعَمِهِ التُّؤَامِ وَ آلَائِهِ الْعِظَامِ الَّذِي عَظُمَ حِلْمُهُ فَعَفَا وَ عَدَلَ فِي كُلِّ مَا قَضَى.

وَ عَلِمَ مَا يَمْضِي وَ مَا مَضَى مُبْتَدِعِ الْخَلَائِقِ بِعِلْمِهِ وَ مُنْشِئِهِمْ بِحُكْمِهِ بِلَا اقْتِدَاءٍ وَ لَا تَعْلِيمٍ وَ لَا احْتِذَاءٍ لِمِثَالِ صَانِعٍ حَكِيمٍ وَ لَا إِصَابَةِ خَطَإٍ وَ لَا حَضْرَةِ مَلَإٍ.

پوءِ الله تعاليٰ جنت کي انهن لاءِ موٽڻ جو هنڌ، ۽ جزا کي ثواب طور قرار ڏنو، ۽ اهي هميشه واريءَ حڪومت ۾ ۽ باقي رهڻ وارين نعمتن ۾ انجا وڏيڪ حقدار ۽ اهل آهن. الله جا ٻانهؤ انهن شين جي پابندي ڪريو جن جي پابندي ڪرڻ سان توهان مان ڪامياب ٿيڻ وارا ڪامياب ٿيندا، ۽ جن کي ضايع ڪرڻ سان توهان مان غلط ماڻهو خسارو ماڻيندا. پنهنجي عملن سان پنهنجي موت ڏانهن جلدي ڪريو، انڪري ته توهان ڪيل عملن سان گِروي رکيل آهيو، ۽ جيڪي عمل توهان موڪلي چڪا آهيو تن سان مقروض آهيو. جڻ ته موت توهان تائين پهچي چڪو آهي، بس نه ڪا واپسي آهي جنهن تائين پهچي سگهندؤ، ۽ نه ڪا اهڙي ڪوتاهي آهي جنهن جو تدارڪ ڪري سهگندؤ. الله تعاليٰ اسانکي ۽ توهان کي پنهنجيءَ ۽ پنهنجي رسول جي اطاعت جي توفيق عطا فرمائي. ۽ پنهنجي رحمت جي ٻاجهه سان اسان ۽ توهان کي معاف فرمائي. زمين سان چنبڙي وڃو، مصيبتن تي صبر ڪريو. ۽ پنهنجي زبانن جي هوس ۾ پنهنجن هٿن ۽ تلوارن کي حرڪت نه ڏيو. ۽ جن شين بابت الله توهان لاءِ جلدي ناهي ڪئي ان بابت جلدي نه ڪريو. بيشڪ توهان مان جيڪو به پنهنجي بستري تي مري جڏهن ته هو پنهنجي پالڻهار جي حق ۽ سندس رسول ﷺ ۽ اهل بيت عليهم السلام جي حق جي معرفت رکي ته اهو شهيد ٿي مرندو. ۽ ان جو اجر الله جي ذمي آهي. ۽ جنهن نيڪ عمل جي نيت ڪئي ته ان جي ثواب جو حقدار ٿيندو. ۽ ان جي اها نيت سندس تلوار ڇڪڻ جي قائم مقام هوندي. بيشڪ هر شيءَ جي لاءِ مدت ۽ انتها آهي.



## ۱۹۱_ امام عليه السلام جو خطبو

**(جنهن ۾) امام عليه السلام الله تعاليٰ جي ساراهه ۽ سندس نبي ﷺ جي ثناء، زهد ۽ تقويٰ جي وصيت ڪن ٿا.**

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جنهن جو حمد مخلوق ۾ پکڙيل آهي، ۽ جنهن جو لشڪر غالب آهي، ۽ جنهن جو شان بلند آهي. آءٌ ان جي سندس لڳاتار نعتمن ۽ وڏن عطين تي ساراهه ڪريان ٿو. هو اهو آهي جنهن جو حلم وڏو آهي پوءِ هن بخشي ڇڏيو. ۽ هن هر فيصلي ۾ انصاف ڪيو، ۽ هو گذرندڙ ۽ گذري ويل شين کي ڄاڻي ٿو. مخلوق کي پنهنجي علم سان پيدا ڪندڙ ۽ انهن کي پنهنجيءَ حڪمت سان ايجاد ڪندڙ آهي، بغير ڪنهن پيرويءَ ۽ تعليم حاصل ڪرڻ جي، ۽ بغير ڪنهن داناءَ ڻاهيندڙ جي نموني جي پيروي ڪرڻ جي، ۽ بغير ڪنهن خطا ۾ پوندي، ۽ بغير وزيرن جي موجودگيءَ جي.

وَ أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ ابْتَعَثَهُ وَ النَّاسُ يَضْرِبُونَ فِي غَمْرَةٍ وَ يَمُوجُونَ فِي حَيْرَةٍ قَدْ قَادَتْهُمْ أَزِمَّةُ الْحَيْنِ وَ اسْتَغْلَقَتْ عَلَى أَفْئِدَتِهِمْ أَقْفَالُ الرَّيْنِ.

## الوصية بالزهد و التقوى

عِبَادَ اللَّهِ أُوصِيكُمْ بِتَقْوَى اللَّهِ فَإِنَّهَا حَقُّ اللَّهِ عَلَيْكُمْ وَ الْمُوجِبَةُ عَلَى اللَّهِ حَقَّكُمْ وَ أَنْ تَسْتَعِينُوا عَلَيْهَا بِاللَّهِ وَ تَسْتَعِينُوا بِهَا عَلَى اللَّهِ فَإِنَّ التَّقْوَى فِي الْيَوْمِ الْحِرْزُ وَ الْجُنَّةُ وَ فِي غَدٍ الطَّرِيقُ إِلَى الْجَنَّةِ مَسْلَكُهَا وَاضِحٌ وَ سَالِكُهَا رَابِحٌ وَ مُسْتَوْدَعُهَا حَافِظٌ.

لَمْ تَبْرَحْ عَارِضَةً نَفْسَهَا عَلَى الْأُمَمِ الْمَاضِينَ مِنْكُمْ وَ الْغَابِرِينَ لِحَاجَتِهِمْ إِلَيْهَا غَداً إِذَا أَعَادَ اللَّهُ مَا أَبْدَى وَ أَخَذَ مَا أَعْطَى وَ سَأَلَ عَمَّا أَسْدَى فَمَا أَقَلَّ مَنْ قَبِلَهَا وَ حَمَلَهَا حَقَّ حَمْلِهَا أُولَئِكَ الْأَقَلُّونَ عَدَداً وَ هُمْ أَهْلُ صِفَةِ اللَّهِ سُبْحَانَهُ إِذْ يَقُولُ ﴿وَ قَلِيلٌ مِنْ عِبادِيَ الشَّكُورُ[١]﴾.



فَأَهْطِعُوا بِأَسْمَاعِكُمْ إِلَيْهَا وَ أَلِظُّوا بِجِدِّكُمْ عَلَيْهَا وَ اعْتَاضُوهَا مِنْ كُلِّ سَلَفٍ خَلَفاً وَ مِنْ كُلِّ مُخَالِفٍ مُوَافِقاً أَيْقِظُوا بِهَا نَوْمَكُمْ وَ اقْطَعُوا بِهَا يَوْمَكُمْ وَ أَشْعِرُوهَا قُلُوبَكُمْ وَ ارْحَضُوا بِهَا ذُنُوبَكُمْ وَ دَاوُوا بِهَا الْأَسْقَامَ وَ بَادِرُوا بِهَا الْحِمَامَ وَ اعْتَبِرُوا بِمَنْ أَضَاعَهَا وَ لَا يَعْتَبِرَنَّ بِكُمْ مَنْ أَطَاعَهَا أَلَا فَصُونُوهَا وَ تَصَوَّنُوا بِهَا وَ كُونُوا عَنِ الدُّنْيَا نُزَّاهاً وَ إِلَى الْآخِرَةِ وُلَّاهاً وَ لَا تَضَعُوا مَنْ رَفَعَتْهُ التَّقْوَى وَ لَا تَرْفَعُوا مَنْ رَفَعَتْهُ الدُّنْيَا.

---

١: سبأ: الآية: ١٣.

### رسول اعظم ﷺ

۽ بيشڪ آءُ گواهي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ سندس ٻانهو ۽ رسول آهي. جنهن کي هُن ان وقت موڪليو جڏهن ماڻهو غفلت ۾ ڀٽڪيل هئا، ۽ حيرت ۽ پريشاني ۾ ٻُڏل هئا. جڏهن تہ هلاڪت جون واڳون سندن اڳواڻ هيون. ۽ ڪَٽ جي تالن سندن دلين کي بند ڪري ڇڏيو هو.

### زهد ۽ تقويٰ جي وصيّت

الله جا ٻانهؤ آءٌ توهان کي الله جي تقويٰ بابت وصيت ڪريان ٿو. بيشڪ اها الله جو توهان مٿان حق آهي. ۽ توهان جي حق کي الله تي ثابت ڪندڙ آهي. ۽ تقويٰ جي الله کان مدد حاصل ڪريو. ۽ الله جي قرب بابت تقويٰ کان مدد حاصل ڪريو. انڪري تہ اڄ تقويٰ پناهہ ۽ ڍال آهي، ۽ سڀاڻي جنت ڏانهن رستو آهي. تقويٰ جي واٽ پڌري آهي. ۽ ان جو واٽهڙو فائدي وارو آهي. ۽ ان جو امان تي حفاظت ڪندڙ آهي. تقويٰ هميشہ پاڻ کي توهان مان گذري ويل ۽ باقي رهندڙ امتن تي پيش ڪندي رهي آهي.

انڪري تہ سڀاڻي انهن کي ان جي ضرورت پوندي، جڏهن الله مخلوق کي موٽائيندو، ۽ جيڪو ڏنو اٿئن اهو واپس وٺندو، ۽ جيڪو عطا ڪيو اٿئن ان بابت پڇندو. پوءِ اهي ڪيترا نہ ٿورا هوندا جن انکي قبول ڪيو هوندو، ۽ انکي ائين اپنايو هوندو جيئن اپنائڻ جو حق آهي. اهي ئي تعداد جي لحاظ کان ٿورا هوندا. ۽ اهي ئي الله جي بيان ڪيل صفت جا مصداق هوندا جيڪو هن فرمايو آهي: ”منهنجا شڪر گذار ٻانها ٿورا آهن“.

بس ان طرف غور ڪريو، ۽ پنهنجي ڪوشش سان ان جي پابندي ڪريو، ۽ انکي گذريل ڪوتاهين جو عيوض قرار ڏيو. ۽ هر مخالف کي موافق بڻايو. ۽ ان سان پنهنجي ننڊ مان اٿو. ۽ ان سان پنهنجا ڏينهن گذاريو. ۽ پنهنجي دلين کي ان جو شعور ڏياريو. ۽ ان سان پنهنجي گناهن کي ڌوئو. ۽ ان سان بيمارين جو علاج ڪيو. ۽ ان سان موت ڏانهن جلدي ڪريو. ۽ جنهن ان کي ضايع ڪيو توهان تنهن کان نصيحت پرايو، نہ ڪي اهي ماڻهو توهان کان نصيحت وٺن جيڪي ان تي عمل ڪن. آگاهہ رهو تہ توهان ان جي حفاظت ڪريو. ۽ ان سان توهان محفوظ ٿي وڃو. ۽ دنيا کان صاف ٿيو ۽ آخرت جا مشتاق ٿيو. ۽ انکي گهٽ نہ سمجهو جنهن کي تقويٰ بلند ڪري ۽ انکي بلند نہ سمجهو جنهن کي دنيا بلند ڪري.

وَ لَا تَشِيمُوا بَارِقَهَا وَ لَا تَسْمَعُوا نَاطِقَهَا وَ لَا تُجِيبُوا نَاعِقَهَا وَ لَا تَسْتَضِيئُوا بِإِشْرَاقِهَا وَ لَا تُفْتَنُوا بِأَعْلَاقِهَا فَإِنَّ بَرْقَهَا خَالِبٌ وَ نُطْقَهَا كَاذِبٌ وَ أَمْوَالَهَا مَحْرُوبَةٌ وَ أَعْلَاقَهَا مَسْلُوبَةٌ.

أَلَا وَ هِيَ الْمُتَصَدِّيَةُ الْعَنُونُ وَ الْجَامِحَةُ الْحَرُونُ وَ الْمَائِنَةُ الْخَئُونُ وَ الْجَحُودُ الْكَنُودُ وَ الْعَنُودُ الصَّدُودُ وَ الْحَيُودُ الْمَيُودُ حَالُهَا انْتِقَالٌ وَ وَطْأَتُهَا زِلْزَالٌ وَ عِزُّهَا ذُلٌّ وَ جِدُّهَا هَزْلٌ وَ عُلْوُهَا سُفْلٌ دَارُ حَرَبٍ وَ سَلَبٍ وَ نَهْبٍ وَ عَطَبٍ أَهْلُهَا عَلَى سَاقٍ وَ سِيَاقٍ وَ لَحَاقٍ وَ فِرَاقٍ.

قَدْ تَحَيَّرَتْ مَذَاهِبُهَا وَ أَعْجَزَتْ مَهَارِبُهَا وَ خَابَتْ مَطَالِبُهَا فَأَسْلَمَتْهُمُ الْمَعَاقِلُ وَ لَفَظَتْهُمُ الْمَنَازِلُ وَ أَعْيَتْهُمُ الْمَحَاوِلُ فَمِنْ نَاجٍ مَعْقُورٍ وَ لَحْمٍ مَجْزُورٍ وَ شِلْوٍ مَذْبُوحٍ وَ دَمٍ مَسْفُوحٍ وَ عَاضٍّ عَلَى يَدَيْهِ وَ صَافِقٍ بِكَفَّيْهِ وَ مُرْتَفِقٍ بِخَدَّيْهِ وَ زَارٍ عَلَى رَأْيِهِ وَ رَاجِعٍ عَنْ عَزْمِهِ وَ قَدْ أَدْبَرَتِ الْحِيلَةُ وَ أَقْبَلَتِ الْغِيلَةُ ﴿وَ لَاتَ حِينَ مَنَاصٍ[١]﴾ هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ قَدْ فَاتَ مَا فَاتَ وَ ذَهَبَ مَا ذَهَبَ وَ مَضَتِ الدُّنْيَا لِحَالِ بَالِهَا ﴿فَما بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّماءُ وَ الْأَرْضُ وَ ما كانُوا مُنْظَرِينَ[٢]﴾.



## ١٩٢ـ و من خطبة له عليه السلام

*تسمى القاصعة و هي تتضمن ذم إبليس لعنه الله، على استكباره و تركه السجود لآدم عليه السلام، و أنه أول من أظهر العصبية و تبع الحمية، و تحذير الناس من سلوك طريقته.*

---

١: ص: الآية: ٣.

٢: الدخان: الآية: ٢٩.

۽ دنيا جي چمڪندڙ ڪَڪر ڏانهن نہ ڏسو. ۽ ان جي ڳالهائيندڙ کي نہ ٻڌو، ۽ ان ڏانهن سڏيندڙ کي جيءَ نہ ڪيو. ۽ ان جي چمڪاٽ کان روشني نہ وٺو. ۽ ان جي نفيس شين جي فريب ۾ نہ ڦاسو. انڪري تہ ان جي چمڪ ڌوڪو ڏيندڙ، ۽ ان جو ڳالهائڻ ڪوڙو، ۽ انجا مال لُٽيل ۽ ان جون نفيس شيون ڪسيل آهن. آگاهہ رهو تہ هي دنيا پاڻ کي پيش ڪندڙ ٿرڙيءَ، ضد ڪندڙ ڏنگيءَ، ڌوڪو ڏيندڙ ڪوڙيءَ، هٺ ڌرمي ڪندڙ ناشڪريءَ، انحراف ڪندڙ ضديءَ، پريشان ڪندڙ سرڪش آهي. سندس حال مَتجندڙ، سندس پير ڏڪندڙ، سندس عزت ذلت، سندس سنجيدگي مشڪري، ۽ سندس بلندي پستي آهي. ۽ هي لُٽڻ، ڇنڻ، ڪسڻ، ۽ هلاڪت جو هنڌ آهي. ۽ هنجي رهڻ وارا هڪ پير تي بيٺل، موڪلاٽي لاءِ تيار ۽ مِلڻ ۽ نِڪرڻ لاءِ آمادهہ آهن.

بيشڪ ان جون راهون مُنجهيل آهن، ۽ ان جي پڄڻ جي نڪاٽن ٽڪائي ڇڏيو آهي، ۽ انجا منصوبا ناڪام ٿي ويا آهن. بس محفوظ قلعن انهن کي ڇڏي ڏنو آهي. ۽ گهرن کين اُجلائي ڇڏيو آهي. ۽ تدبيرن کين بي وس ڪري ڇڏيو آهي. بس انهن مان باقي بچلين مان ڪجهہ جون ٽنگون زخمي، ڪجهہ ڇلهيل گوشت، ڪجهہ ڪُٺل بدن ۽ ڪجهہ وهايل رت جي حالت ۾ آهن. ۽ ڪجهہ پنهنجي هٿن کي چڪ هڻڻ وارا، ۽ ڪجهہ پنهنجا هٿ افسوس سان ملڻ وارا، ۽ ڪجهہ پنهنجا ڳِنا ترِين تي رکڻ وارا، ۽ ڪجهہ پنهنجي راءِ تي پڇتائڻ وارا، ۽ ڪجهہ پنهنجي ارادي کان ڦِرڻ وارا آهن. جڏهن تہ هاڻ تدبير جو وقت گذري چڪو آهي، ۽ مڪر سامهون اچي ويو آهي. ”۽ هاڻ ڇوٽڪاري جو ڪو چارو ڪونهي“. هاءِ افسوس، هاءِ افسوس جيڪو گذريو سو گذريو، ۽ جيڪو ويو سو ويو، ۽ دنيا پنهنجي من ماني ڪندي گذري وئي. ”بس نہ انهن تي آسمان رنو ۽ نہ زمين، ۽ نہ کين وڌيڪ مهلت ڏني وئي“.



## ۱۹۲_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن کي قاصعہ سڏيو ويندو آهي

**۽ هي خطبو ابليس ملعون جي مذمت ۽ ماڻهن کي ان جي رستي تي هلڻ کان ديڄارڻ تي مشتمل آهي، جنهن (ابليس) تي الله تعالىٰ لعنت ڪئي آهي انجي تڪبر ڪرڻ جي ڪري، ۽ آدم عليه السلام کي سجدي نہ ڪرڻ جي ڪري ۽ ان ڪري بہ تہ هو اهو پهريون آهي جنهن تعصب کي ظاهر ڪيو ۽ هٺ ڌرمي جي اتباع ڪئي، ۽ ماڻهن کي انجي طريقي تي هلڻ کان متنبہ ڪيو ويو آهي.**

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي لَبِسَ الْعِزَّ وَ الْكِبْرِيَاءَ وَ اخْتَارَهُمَا لِنَفْسِهِ دُونَ خَلْقِهِ وَ جَعَلَهُمَا حِمًى وَ حَرَماً عَلَى غَيْرِهِ وَ اصْطَفَاهُمَا لِجَلَالِهِ.

## رأس العصيان

وَ جَعَلَ اللَّعْنَةَ عَلَى مَنْ نَازَعَهُ فِيهِمَا مِنْ عِبَادِهِ ثُمَّ اخْتَبَرَ بِذَلِكَ مَلَائِكَتَهُ الْمُقَرَّبِينَ لِيَمِيزَ الْمُتَوَاضِعِينَ مِنْهُمْ مِنَ الْمُسْتَكْبِرِينَ فَقَالَ سُبْحَانَهُ وَ هُوَ الْعَالِمُ بِمُضْمَرَاتِ الْقُلُوبِ وَ مَحْجُوبَاتِ الْغُيُوبِ ﴿إِنِّي خالِقٌ بَشَراً مِنْ طِينٍ * فَإِذا سَوَّيْتُهُ وَ نَفَخْتُ فِيهِ مِنْ رُوحِي فَقَعُوا لَهُ ساجِدِينَ* فَسَجَدَ الْمَلائِكَةُ كُلُّهُمْ أَجْمَعُونَ إِلَّا إِبْلِيسَ[١]﴾ اعْتَرَضَتْهُ الْحَمِيَّةُ فَافْتَخَرَ عَلَى آدَمَ بِخَلْقِهِ وَ تَعَصَّبَ عَلَيْهِ لِأَصْلِهِ فَعَدُوُّ اللَّهِ إِمَامُ الْمُتَعَصِّبِينَ وَ سَلَفُ الْمُسْتَكْبِرِينَ الَّذِي وَضَعَ أَسَاسَ الْعَصَبِيَّةِ وَ نَازَعَ اللَّهَ رِدَاءَ الْجَبْرِيَّةِ وَ ادَّرَعَ لِبَاسَ التَّعَزُّزِ وَ خَلَعَ قِنَاعَ التَّذَلُّلِ أَ لَا تَرَوْنَ كَيْفَ صَغَّرَهُ اللَّهُ بِتَكَبُّرِهِ وَ وَضَعَهُ بِتَرَفُّعِهِ فَجَعَلَهُ فِي الدُّنْيَا مَدْحُوراً وَ أَعَدَّ لَهُ فِي الْآخِرَةِ سَعِيراً.



## ابتلاء الله لخلقه

وَ لَوْ أَرَادَ اللَّهُ أَنْ يَخْلُقَ آدَمَ مِنْ نُورٍ يَخْطَفُ الْأَبْصَارَ ضِيَاؤُهُ وَ يَبْهَرُ الْعُقُولَ رُوَاؤُهُ وَ طِيبٍ يَأْخُذُ الْأَنْفَاسَ عَرْفُهُ لَفَعَلَ وَ لَوْ فَعَلَ لَظَلَّتْ لَهُ الْأَعْنَاقُ خَاضِعَةً وَ لَخَفَّتِ الْبَلْوَى فِيهِ عَلَى الْمَلَائِكَةِ. وَ لَكِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ يَبْتَلِي خَلْقَهُ بِبَعْضِ مَا يَجْهَلُونَ أَصْلَهُ تَمْيِيزاً بِالاخْتِبَارِ لَهُمْ وَ نَفْياً لِلِاسْتِكْبَارِ عَنْهُمْ وَ إِبْعَاداً لِلْخُيَلَاءِ مِنْهُمْ.

---

١: ص: الآية: ٧١ ــ ٧٣.

سڀ ساراهون ان الله لاءِ آهن جنهن عزت ۽ ڪبريائيءَ جي چادر پاتي آهي، ۽ انهن ٻنهي کي مخلوق کان علاوه صرف پنهنجي لاءِ چونديو آهي. ۽ انهن کي ٻين لاءِ ممنوع ۽ حرام قرار ڏنو آهي. ۽ انهن کي پنهنجي بزرگيءَ لاءِ منتخب ڪيو آهي.

## نافرمانيءِ جو منبع

۽ پنهنجي ٻانهن مان ان تي لعنت ڪئي آهي. جيڪو ساڻس انهن ۾ جهڳڙو ڪري. پوءِ انهن جي ذريعي پنهنجي مقرب ملائڪن کي آزمايو آهي ته جيئن انهن مان نوڙت ڪندڙن کي تڪبر ڪندڙن کان جدا ڪري. پوءِ الله تعالىٰ فرمايو، جڏهن ته هو دلين جي رازن ۽ غيب جي پردن سان ڊڪيل شين کي ڄاڻڻ وارو آهي. ”بيشڪ آءٌ مٽيءَ مان هڪ ماڻهو پيدا ڪرڻ وارو آهيان، پوءِ جڏهن آءٌ ڪيس ٺاهي تيار ڪريان ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان ته ان لاءِ سجدي ۾ ڪري پئجو. پوءِ سڀني ملائڪن سجدو ڪيو سواءِ ابليس جي“ جنهن کي سندس ضد روڪي ڇڏيو، ۽ پنهنجي خلقت ذريعي آدم عليه السلام تي فخر ڪيو، ۽ پنهنجي اصليت ذريعي ان تي تعصب ڪيو، پوءِ الله جي دشمن تعصب ڪندڙن جي اڳواڻ، تڪبر ڪندڙن جي نمائندي جنهن تعصب جو بنياد رکيو، ۽ الله تعالىٰ سان سندس بزرگيءَ جي چادر ۾ جهڳڙو ڪيو، ۽ تڪبر جو لباس پاتو، ۽ عاجزيءَ جو نقاب لاٿو. ڇا توهان نٿا ڏسو ته الله تعالىٰ سندس تڪبر جي ڪري ڪيئن ڪيس ذليل ڪيو ۽ پاڻ کي وڏو سمجهڻ ڪري ڪيس پست ڪري ڇڏيو. جو دنيا ۾ ڪيس تڙيل ٻڌائي ڇڏيو، ۽ آخرت ۾ ان لاءِ جهنم کي تيار رکيو.

## الله تعالىٰ جي سندس مخلوق لاءِ آزمائش

۽ اگر الله چاهي ها ته آدم عليه السلام کي اهڙي نور مان پيدا ڪري ها جنهن جي روشني اکين کي چنجهو ڪري ڇڏي ها، ۽ جنهن جو نظارو عقلن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏي ها. ۽ اهڙيءَ خوشبوءِ مان جنهن جي هُبڪار ساهن کي پڪڙي ڇڏي ها، ته ائين ڪري سگهي پيو. ۽ اگر ائين ڪري ها ته گردنون سندس اڳيان جُهڪي پون ها، ۽ ان جي باري ۾ ملائڪن تي آزمائش هلڪي ٿي وڃي ها. مگر الله تعالىٰ پنهنجي مخلوق کي انهن شين سان آزمائيندو آهي جنهن جي حقيقت کان هو جاهل هوندا آهن ته جيئن آزمائش جي ڪري کين چونديو، ۽ ڪانئن تڪبر کي دور ڪري، ۽ انهن کان وڏائيءَ کي پري ڪري.

## طلب العبرة

فَاعْتَبِرُوا بِمَا كَانَ مِنْ فِعْلِ اللَّهِ بِإِبْلِيسَ إِذْ أَحْبَطَ عَمَلَهُ الطَّوِيلَ وَ جَهْدَهُ الْجَهِيدَ وَ كَانَ قَدْ عَبَدَ اللَّهَ سِتَّةَ آلَافِ سَنَةٍ لَا يُدْرَى أَ مِنْ سِنِي الدُّنْيَا أَمْ مِنْ سِنِي الْآخِرَةِ عَنْ كِبْرِ سَاعَةٍ وَاحِدَةٍ.

فَمَنْ ذَا بَعْدَ إِبْلِيسَ يَسْلَمُ عَلَى اللَّهِ بِمِثْلِ مَعْصِيَتِهِ كَلَّا مَا كَانَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ لِيُدْخِلَ الْجَنَّةَ بَشَراً بِأَمْرٍ أَخْرَجَ بِهِ مِنْهَا مَلَكاً إِنَّ حُكْمَهُ فِي أَهْلِ السَّمَاءِ وَ أَهْلِ الْأَرْضِ لَوَاحِدٌ وَ مَا بَيْنَ اللَّهِ وَ بَيْنَ أَحَدٍ مِنْ خَلْقِهِ هَوَادَةٌ فِي إِبَاحَةِ حِمًى حَرَّمَهُ عَلَى الْعَالَمِينَ.

## التحذير من الشيطان

فَاحْذَرُوا عِبَادَ اللَّهِ عَدُوَّ اللَّهِ أَنْ يُعْدِيَكُمْ بِدَائِهِ وَ أَنْ يَسْتَفِزَّكُمْ بِنِدَائِهِ وَ أَنْ يُجْلِبَ عَلَيْكُمْ بِخَيْلِهِ وَ رَجِلِهِ فَلَعَمْرِي لَقَدْ فَوَّقَ لَكُمْ سَهْمَ الْوَعِيدِ وَ أَغْرَقَ إِلَيْكُمْ بِالنَّزْعِ الشَّدِيدِ وَ رَمَاكُمْ مِنْ مَكَانٍ قَرِيبٍ ﴿فَقَالَ رَبِّ بِما أَغْوَيْتَنِي لَأُزَيِّنَنَّ لَهُمْ فِي الْأَرْضِ وَ لَأُغْوِيَنَّهُمْ أَجْمَعِينَ﴾ قَذْفاً بِغَيْبٍ بَعِيدٍ وَ رَجْماً بِظَنٍّ غَيْرِ مُصِيبٍ،

صَدَّقَهُ بِهِ أَبْنَاءُ الْحَمِيَّةِ وَ إِخْوَانُ الْعَصَبِيَّةِ وَ فُرْسَانُ الْكِبْرِ وَ الْجَاهِلِيَّةِ حَتَّى إِذَا انْقَادَتْ لَهُ الْجَامِحَةُ مِنْكُمْ وَ اسْتَحْكَمَتِ الطَّمَاعِيَةُ مِنْهُ فِيكُمْ فَنَجَمَتِ الْحَالُ مِنَ السِّرِّ الْخَفِيِّ إِلَى الْأَمْرِ الْجَلِيِّ اسْتَفْحَلَ سُلْطَانُهُ عَلَيْكُمْ وَ دَلَفَ بِجُنُودِهِ نَحْوَكُمْ فَأَقْحَمُوكُمْ وَلَجَاتِ الذُّلِّ وَ أَحَلُّوكُمْ وَرَطَاتِ الْقَتْلِ.

## عبرت جي ڳُهر

بس الله جيڪو ابليس سان ڪيو تنهن مان نصيحت پرايو جو ان جي ڊگهي عمل ۽ سندس سخت جدوجهد کي هڪ گهڙيءَ جي تڪبر ڪري ڇَٽ ڪري ڇڏيائين. جڏهن ته هن الله تعالىٰ جي ڇهه هزار سال عبادت ڪئي هئي. ۽ اهو معلوم نه آهي ته اهي دنيا جا سال هئا يا آخرت جا سال هئا. پوءِ اهو ڪير آهي جيڪو اهڙي قسم جي نافرمانيءَ جي ڪري الله تعالىٰ کان بچي وڃي، ۽ الله تعالىٰ ڪنهن به ماڻهوءَ کي اهڙي ڪم جي ڪري جنت ۾ داخل نه ڪندو جنهن جي ڪري هن ملائڪ کي ان مان ڪڍيو هجي. بيشڪ ان جو حڪم آسمان ۽ زمين وارن لاءِ هڪ ئي آهي. ۽ الله تعالىٰ ۽ سندس مخلوق مان ڪنهن جي به درميان اهڙي جهليل ڪم کي ڪرڻ جي ڇوٽ ڪانهي جنهن کي هن سڀني جهانن تي حرام قرار ڏنو هجي.

## شيطان کان تنبيهه

الله جا ٻانهؤ بچو، جو متان الله جو دشمن توهان کي پنهنجو مرض چنبڙائي، ۽ پنهنجي سڏ سان توهان کي ورغلائي. ۽ پنهنجي لشڪر سان توهان تي ڪاهه ڪري. بس مونکي پنهنجي زندگيءَ جو قسم آهي، بيشڪ هن توهان لاءِ خطرناڪ تير ڏور تي رکي ڇڏيو آهي. ۽ وڏيءَ ڇڪ سان ڪمان کي توهان طرف ڇڪي رکيو آهي. ۽ ويجهيءَ جاءِ کان توهان جو نشانو ورتو آهي. ۽ شيطان چيو: ”اي پالڻهار جن جي ڪري تو مونکي گمراهه ڪيو آهي تنهنڪري آءٌ به ضرور انهن لاءِ زمين کي سينگاريندس ۽ ضرور انهن سڀني کي گمراهه ڪندس“. پري واري غيب سان تهمت هڻندي، ۽ ڪوڙي ظن سان ڏوڪو ڏيندي. پوءِ ضد جي پُٽن ۽ هٺ جي ڀائرن، ۽ تڪبر ۽ جاهليت جي سورهين ڪيس ان بابت سچو مڃيو. ايستائين جو جڏهن توهان مان سرڪش ماڻهو انجا فرمانبردار ٿيا ۽ توهان ۾ هنجي لالچ محڪم ٿي ته پوءِ نافرمانيءَ جي حالت لڪيل رازن کان پڌري ٿي واضح مسئلي تي اچي پهتي. ته هنجي طاقت توهان تي مضبوط ٿي وئي. ۽ هو پنهنجي لشڪر سان توهان ڏانهن سُريو، پوءَ هن توهان کي ذلت جي غارن ۾ ڌِڪي ڇڏيو، ۽ توهان کي خون ريزيءَ جي تباهڪارين ۾ مبتلا ڪيو.

وَ أَوْطَئُوكُمْ إِثْخَانَ الْجِرَاحَةِ طَعْناً فِي عُيُونِكُمْ وَ حَزّاً فِي حُلُوقِكُمْ وَ دَقّاً لِمَنَاخِرِكُمْ وَ قَصْداً لِمَقَاتِلِكُمْ وَ سَوْقاً بِخَزَائِمِ الْقَهْرِ إِلَى النَّارِ الْمُعَدَّةِ لَكُمْ فَأَصْبَحَ أَعْظَمَ فِي دِينِكُمْ حَرْجاً وَ أَوْرَى فِي دُنْيَاكُمْ قَدْحاً مِنَ الَّذِينَ أَصْبَحْتُمْ لَهُمْ مُنَاصِبِينَ وَ عَلَيْهِمْ مُتَأَلِّبِينَ فَاجْعَلُوا عَلَيْهِ حَدَّكُمْ وَ لَهُ جِدَّكُمْ.

فَلَعَمْرُ اللَّهِ لَقَدْ فَخَرَ عَلَى أَصْلِكُمْ وَ وَقَعَ فِي حَسَبِكُمْ وَ دَفَعَ فِي نَسَبِكُمْ وَ أَجْلَبَ بِخَيْلِهِ عَلَيْكُمْ وَ قَصَدَ بِرَجِلِهِ سَبِيلَكُمْ يَقْتَنِصُونَكُمْ بِكُلِّ مَكَانٍ وَ يَضْرِبُونَ مِنْكُمْ كُلَّ بَنَانٍ لَا تَمْتَنِعُونَ بِحِيلَةٍ وَ لَا تَدْفَعُونَ بِعَزِيمَةٍ فِي حَوْمَةِ ذُلٍّ وَ حَلْقَةِ ضِيقٍ وَ عَرْصَةِ مَوْتٍ وَ جَوْلَةِ بَلَاءٍ فَأَطْفِئُوا مَا كَمَنَ فِي قُلُوبِكُمْ مِنْ نِيرَانِ الْعَصَبِيَّةِ وَ أَحْقَادِ الْجَاهِلِيَّةِ فَإِنَّمَا تِلْكَ الْحَمِيَّةُ تَكُونُ فِي الْمُسْلِمِ مِنْ خَطَرَاتِ الشَّيْطَانِ وَ نَخَوَاتِهِ وَ نَزَغَاتِهِ وَ نَفَثَاتِهِ وَ اعْتَمِدُوا وَضْعَ التَّذَلُّلِ عَلَى رُءُوسِكُمْ وَ إِلْقَاءَ التَّعَزُّزِ تَحْتَ أَقْدَامِكُمْ وَ خَلْعَ التَّكَبُّرِ مِنْ أَعْنَاقِكُمْ. وَ اتَّخِذُوا التَّوَاضُعَ مَسْلَحَةً بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَ عَدُوِّكُمْ إِبْلِيسَ وَ جُنُودِهِ فَإِنَّ لَهُ مِنْ كُلِّ أُمَّةٍ جُنُوداً وَ أَعْوَاناً وَ رَجِلًا وَ فُرْسَاناً.



وَ لَا تَكُونُوا كَالْمُتَكَبِّرِ عَلَى ابْنِ أُمِّهِ مِنْ غَيْرِ مَا فَضْلٍ جَعَلَهُ اللَّهُ فِيهِ سِوَى مَا أَلْحَقَتِ الْعَظَمَةُ بِنَفْسِهِ مِنْ عَدَاوَةِ الْحَسَدِ وَ قَدَحَتِ الْحَمِيَّةُ فِي قَلْبِهِ مِنْ نَارِ الْغَضَبِ وَ نَفَخَ الشَّيْطَانُ فِي أَنْفِهِ مِنْ رِيحِ الْكِبْرِ الَّذِي أَعْقَبَهُ اللَّهُ بِهِ النَّدَامَةَ وَ أَلْزَمَهُ آثَامَ الْقَاتِلِينَ إِلَى يَوْمِ الْقِيَامَةِ.

## التحذير من الكبر

أَلَا وَ قَدْ أَمْعَنْتُمْ فِي الْبَغْيِ وَ أَفْسَدْتُمْ فِي الْأَرْضِ مُصَارَحَةً لِلَّهِ بِالْمُنَاصَبَةِ وَ مُبَارَزَةً لِلْمُؤْمِنِينَ بِالْمُحَارَبَةِ،

۽ هن توهان کي اپاريو زخمن جي سختين، توهان جي اکين ۾ نيزن هڻڻ، توهان جي ڳچين کي ڪٽڻ، توهان جي نڪن کي رڳڙڻ، هڪبئي کي مارڻ جي ارادن، ۽ سختيءَ جي نٿن سان توهان کي ان جهنم ڏانهن ڇڪڻ تي جيڪو توهان لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. پوءِ هو توهان جي دين کي انهن کان وڌيڪ زخمي ڪري ٿو، ۽ توهان جي دنيا ۾ انهن کان وڌيڪ باھ پڙڪائي ٿو، جن جا توهان کلم کلا دشمن آهيو. ۽ جن مٿان چڙهائي ڪريو ٿا. بس ڪاوڙ ان تي لاهيو، ۽ پنهنجا ناتا ان کان ٽوڙيو.

بس الله جو قسم، يقيناً هن توهان جي اصليت تي فخر ڪيو ۽ توهان جي حسب ۾ اعتراض ڪيو، ۽ توهان جي نسب کي پري ڌڪيو، ۽ پنهنجي لشڪر سان توهان مٿان ڪاھ ڪئي. ۽ پنهنجي پيادن سان توهان جي رستن جو اڳ ورتو، جيڪي توهان کي هر جڳھ کان شڪار ڪن ٿا، ۽ توهان جي هر سَنڌ تي وار ڪن ٿا. توهان ذلت جي ڏُڀڻ، تنگيءَ جي دائري، موت جي ميدان، ۽ مصيبت جي واديءَ ۾ نہ انهن کي تدبيرن سان روڪي سگهو ٿا ۽ نہ پَڪن ارادن سان ڪين ٽاري سگهو ٿا. بس پنهنجي دلين ۾ لڪيل غرور جي باھ، جاهليت جي ڪيني کي ٺاريو، انڪري تہ مسلمان ۾ ان غرور جو هجڻ شيطان جي سوچن ۽ وسوسن ۽ سندس جهڳڙن ۽ ڦوڪن جو نتيجو آهي.

۽ انڪساريءَ کي پنهنجي هينيان رکو. ۽ پنهنجي ڳچين مان تڪبر جا پَٽا لاهي ڇڏيو، ۽ توهان پنهنجي پنهنجي دشمن شيطان ۽ سندس لشڪر جي درميان انڪساريءَ کي مورچي طور اختيار ڪريو، انڪري تہ انجا هر قوم ۾ لشڪر ۽ مددگار، پياده ۽ سوار آهن. ۽ توهان پنهنجي ماءُ جائي تي تڪبر ڪندڙ جيان نہ ٿيو، بغير ڪنهن فضيلت جي جيڪا الله تعالیٰ ان لاءِ قرار ڏني هجي، سواءِ حسد جيءَ دشمني واريءَ عظمت جي جيڪا پاڻئي هن سان منسوب ٿي وئي هجي، ۽ سواءِ غضب جي باھ واريءَ ضديت جي جيڪا پڙڪي پئي هجي. ۽ شيطان سندس نڪ ۾ اهڙي تڪبر جي ڦوڪ ڦوڪي آهي جنهن جي ڪري الله ان جي پُٺيان پشيماني لڳائي ڇڏي آهي. ۽ قاتلن جا ڏوھ قيامت تائين سندس ذمي ڪري ڇڏيا آهن.



### تڪبر ڪرڻ کان ديڄارڻ

آگاھ رهو تہ بيشڪ توهان سرڪشي ۾ سنجيده ٿيا آهيو ۽ الله تعالیٰ سان کلي عام دشمني ڪندي، ۽ جنگ ذريعي مؤمنن سان ڏاڍائي ڪندي زمين ۾ فساد ڪيو آهي،

فَاللَّهَ اللَّهَ فِي كِبْرِ الْحَمِيَّةِ وَ فَخْرِ الْجَاهِلِيَّةِ فَإِنَّهُ مَلَاقِحُ الشَّنَئَانِ وَ مَنَافِخُ الشَّيْطَانِ الَّتِي خَدَعَ بِهَا الْأُمَمَ الْمَاضِيَةَ وَ الْقُرُونَ الْخَالِيَةَ حَتَّى أَعْنَقُوا فِي حَنَادِسِ جَهَالَتِهِ وَ مَهَاوِي ضَلَالَتِهِ ذُلُلًا عَنْ سِيَاقِهِ سُلُساً فِي قِيَادِهِ أَمْراً تَشَابَهَتِ الْقُلُوبُ فِيهِ وَ تَتَابَعَتِ الْقُرُونُ عَلَيْهِ وَ كِبْراً تَضَايَقَتِ الصُّدُورُ بِهِ.

## التحذير من طاعة الكبراء

أَلَا فَالْحَذَرَ الْحَذَرَ مِنْ طَاعَةِ سَادَاتِكُمْ وَ كُبَرَائِكُمُ الَّذِينَ تَكَبَّرُوا عَنْ حَسَبِهِمْ وَ تَرَفَّعُوا فَوْقَ نَسَبِهِمْ وَ أَلْقَوُا الْهَجِينَةَ عَلَى رَبِّهِمْ وَ جَاحَدُوا اللَّهَ عَلَى مَا صَنَعَ بِهِمْ مُكَابَرَةً لِقَضَائِهِ وَ مُغَالَبَةً لِآلَائِهِ فَإِنَّهُمْ قَوَاعِدُ أَسَاسِ الْعَصَبِيَّةِ وَ دَعَائِمُ أَرْكَانِ الْفِتْنَةِ وَ سُيُوفُ اعْتِزَاءِ الْجَاهِلِيَّةِ.

فَاتَّقُوا اللَّهَ وَ لَا تَكُونُوا لِنِعَمِهِ عَلَيْكُمْ أَضْدَاداً وَ لَا لِفَضْلِهِ عِنْدَكُمْ حُسَّاداً لَا تُطِيعُوا الْأَدْعِيَاءَ الَّذِينَ شَرِبْتُمْ بِصَفْوِكُمْ كَدَرَهُمْ وَ خَلَطْتُمْ بِصِحَّتِكُمْ مَرَضَهُمْ وَ أَدْخَلْتُمْ فِي حَقِّكُمْ بَاطِلَهُمْ وَ هُمْ أَسَاسُ الْفُسُوقِ وَ أَحْلَاسُ الْعُقُوقِ اتَّخَذَهُمْ إِبْلِيسُ مَطَايَا ضَلَالٍ وَ جُنْداً بِهِمْ يَصُولُ عَلَى النَّاسِ وَ تَرَاجِمَةً يَنْطِقُ عَلَى أَلْسِنَتِهِمُ اسْتِرَاقاً لِعُقُولِكُمْ وَ دُخُولًا فِي عُيُونِكُمْ وَ نَفْثاً فِي أَسْمَاعِكُمْ فَجَعَلَكُمْ مَرْمَى نَبْلِهِ وَ مَوْطِئَ قَدَمِهِ وَ مَأْخَذَ يَدِهِ.

خدا را ضديت جي تڪبر ۽ جاهليت جي فخر ڪي ڇڏيو، ڇا ڪاڻ تہ اهي دشمني جي پيدا ٿيڻ ۽ شيطاني وسوسن جو ڪارڻ آهن جن سان هن گذريل امتن ۽ پهرين قومن کي ڌوڪو ڏنو آهي تان جو اهي جاهليت جي گُگهہ اونداهين ۽ گمراهي جي کاهين ۾ گم ٿي ويون، اهڙيءَ طرح جو سولائي سان ان جي پيروي ڪندي، ۽ آساني سان ان جي نگراني ۾ اهڙي مسئلي ۾ اعتماد ڪندي جنهن ۾ دليون هڪ جهڙيون هيون ۽ قومون ان جي پيروي ڪنديون ويون، ۽ اهڙي وڏي تڪبر ڪري جنهن سان سينا بہ سوڙها ٿي وجن.

## وڏيرن جي پيروي ڪرڻ کان ديچارڻ

آگاهہ رهو تہ پنهنجن انهن سردارن ۽ وڏيرن جي اطاعت کان بچو جيڪي پنهنجي حسب تي آڪڙجن ٿا ۽ پنهنجي نسب کان پاڻ کي مٿي سمجهن ٿا. ۽ بُڇڙن ڪمن کي پنهنجي پالڻهار مٿان اڇلائن ٿا. ۽ جيڪو الله تعالىٰ ساڻن ڪري ٿو تنهن تي ان جو انڪار ڪن ٿا، ان جي قضا اڳيان تڪبر ڪندي ۽ سندس نعمتن تي غلبو چاهيندي. بيشڪ اُهي ماڻهو ضديت جو بنياد ۽ فتني جي بنيادن جا ٿنڀ، ۽ جاهلي نسب جي فخر جون تلوارون آهن.

بس الله کان ڊڄو، ۽ پاڻ تي ڪيل سندس نعمتن جي عيوض ساڻس مدمقابل نہ ٿيو، ۽ پنهنجي مٿان ڪيل ان جي فضل ڪري ساڙولا نہ ٿيو، ۽ انهن شرافت جي دعويدارن جي اطاعت نہ ڪريو جن جي ميري پاڻيءَ کي پنهنجي صاف پاڻيءَ سان ملائي ڪري پيئو ٿا. ۽ هنن جي بيماريءَ کي پنهنجي چاڪائي سان ملايو ٿا، ۽ انهن جي باطل کي پنهنجي حق ۾ داخل ڪريو ٿا، جڏهن تہ اُهي بڇڙاين جو بنياد ۽ نافرمانين سان چنبڙيل آهن. ابليس جن کي گمراهيءَ واريون سواريون، ۽ اهڙو لشڪر بڻايو آهي جن ذريعي ماڻهن تي حملو ڪري، ۽ اهڙا ترجمان ڪيا اٿس جن جي زبانن ذريعي هو ڳالهائي ٿو، توهان جي عقلن کي چوريءَ ڪرڻ، ۽ توهان جي اکين ۾ داخل ٿيڻ ۽ توهان جي ڪنن ۾ ڦوڪ ڏيڻ جي لاءِ. بس هن توهان کي پنهنجي تيرن جو نشانو، پنهنجي پيرن جي لتاڙ، ۽ پنهنجي هٿ جو کيل ناهيو آهي.

## العبرة بالماضين

فَاعْتَبِرُوا بِمَا أَصَابَ الْأُمَمَ الْمُسْتَكْبِرِينَ مِنْ قَبْلِكُمْ مِنْ بَأْسِ اللَّهِ وَ صَوْلَاتِهِ وَ وَقَائِعِهِ وَ مَثُلَاتِهِ وَ اتَّعِظُوا بِمَثَاوِي خُدُودِهِمْ وَ مَصَارِعِ جُنُوبِهِمْ وَ اسْتَعِيذُوا بِاللَّهِ مِنْ لَوَاقِحِ الْكِبْرِ كَمَا تَسْتَعِيذُونَهُ مِنْ طَوَارِقِ الدَّهْرِ فَلَوْ رَخَّصَ اللَّهُ فِي الْكِبْرِ لِأَحَدٍ مِنْ عِبَادِهِ لَرَخَّصَ فِيهِ لِخَاصَّةِ أَنْبِيَائِهِ وَ أَوْلِيَائِهِ وَ لَكِنَّهُ سُبْحَانَهُ كَرَّهَ إِلَيْهِمُ التَّكَابُرَ وَ رَضِيَ لَهُمُ التَّوَاضُعَ.

فَأَلْصَقُوا بِالْأَرْضِ خُدُودَهُمْ وَ عَفَّرُوا فِي التُّرَابِ وُجُوهَهُمْ وَ خَفَضُوا أَجْنِحَتَهُمْ لِلْمُؤْمِنِينَ وَ كَانُوا قَوْماً مُسْتَضْعَفِينَ قَدِ اخْتَبَرَهُمُ اللَّهُ بِالْمَخْمَصَةِ وَ ابْتَلَاهُمْ بِالْمَجْهَدَةِ وَ امْتَحَنَهُمْ بِالْمَخَاوِفِ وَ مَخَضَهُمْ بِالْمَكَارِهِ فَلَا تَعْتَبِرُوا الرِّضَى وَ السُّخْطَ بِالْمَالِ وَ الْوَلَدِ جَهْلًا بِمَوَاقِعِ الْفِتْنَةِ وَ الِاخْتِبَارِ فِي مَوْضِعِ الْغِنَى وَ الِاقْتِدَارِ فَقَدْ قَالَ سُبْحَانَهُ وَ تَعَالَى ﴿أَ يَحْسَبُونَ أَنَّما نُمِدُّهُمْ بِهِ مِنْ مالٍ وَ بَنِينَ نُسارِعُ لَهُمْ فِي الْخَيْراتِ بَلْ لا يَشْعُرُونَ﴾ فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ يَخْتَبِرُ عِبَادَهُ الْمُسْتَكْبِرِينَ فِي أَنْفُسِهِمْ بِأَوْلِيَائِهِ الْمُسْتَضْعَفِينَ فِي أَعْيُنِهِمْ.



## تواضع الأنبياء

وَ لَقَدْ دَخَلَ مُوسَى بْنُ عِمْرَانَ وَ مَعَهُ أَخُوهُ هَارُونُ ع عَلَى فِرْعَوْنَ وَ عَلَيْهِمَا مَدَارِعُ الصُّوفِ وَ بِأَيْدِيهِمَا الْعِصِيُّ فَشَرَطَا لَهُ إِنْ أَسْلَمَ بَقَاءَ مُلْكِهِ وَ دَوَامَ عِزِّهِ فَقَالَ أَ لَا تَعْجَبُونَ مِنْ هَذَيْنِ يَشْرِطَانِ لِي دَوَامَ الْعِزِّ وَ بَقَاءَ الْمُلْكِ وَ هُمَا بِمَا تَرَوْنَ مِنْ حَالِ الْفَقْرِ وَ الذُّلِّ فَهَلَّا أُلْقِيَ عَلَيْهِمَا أَسَاوِرَةٌ مِنْ ذَهَبٍ إِعْظَاماً لِلذَّهَبِ وَ جَمْعِهِ وَ احْتِقَاراً لِلصُّوفِ وَ لُبْسِهِ.

## گذري ويلن مان عبرت

پوءِ توهان پاڻ کان پهريائين وارين سرڪش قومن تي جيڪو الله تعاليٰ جو عذاب ۽ حملو ٿيو آهي، ۽ جيڪا سندس پڪڙ ۽ عقاب پهتو آهي تنهن مان عبرت وٺو، ۽ انهن جي ڳلن پر ليٽڻ، ۽ پاسن پر ڪِرڻ مان نصيحت پرايو. ۽ الله تعاليٰ کان تڪبر جي بچ کان ائين پناه گهرو جيئن هن کان زماني جي مصيبتن کان پناه گهرندا آهيو، انڪري ته اگر الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن مان ڪنهن جي لاءِ تڪبر ڪرڻ جي اجازت ڏئي ها ته ضرور ان ۾ پنهنجي خاص نبين ۽ ولين کي اجازت ڏئي ها. پر الله سبحانه انهن لاءِ هڪ ٻئي سان تڪبر ڪرڻ کي ناپسند ڪيو آهي.

۽ انهن لاءِ هڪ ٻئي سان نيازمنديءَ سان پيش اچڻ کي پسند ڪيو آهي. پوءِ انهن پنهنجا ڳٽا زمين سان ملايا ۽ پنهنجا ڳل مٽي تي رڳڙيا، ۽ مومن سان نيازمنديءَ سان پيش آيا. ۽ اهي بيوس ماڻهو هئا جن کي الله بُک سان آزمايو، ۽ ڏکيائيءَ ۾ مبتلا ڪيو، ۽ خوف وارين جاين سان سندن امتحان ورتو ۽ تڪليف ۾ ڪين ولوڙي ڇڏيو. امتحان کان اڻ واقف هوندي مال ۽ اولاد کي رضايت ۽ ناراضگيءَ جو معيار قرار نه ڏيو، آزمائش وارين جاين، آسودائپ ۽ اقتدار جي جاين ۾.

بيشڪ الله تعاليٰ فرمايو آهي: ”ڇا اُهي گمان ڪن ٿا ته اسان مال ۽ پُٽن جي ذريعي جيڪا سندن مدد ڪريون ٿا، سو انهن لاءِ ڀلائين ۾ جلدي ڪريون ٿا، بلڪ اهي سمجهن نٿا“. انڪري ته يقيناً الله تعاليٰ تڪبر ڪندڙ پنهنجن ٻانهن کي پنهنجي انهن وليّن سان آزمائيندو آهي جيڪي سندن نگاهن ۾ ڪمزور هوندا آهن.

## نبين جي انڪساري



بيشڪ جڏهن حضرت موسيٰ بن عمران ؑ ۽ سندس ڀاءُ حضرت هارون ؑ، فرعون وٽ ويا ته انهن کي اُنّ جا جُبا پهريل هئا، ۽ سندن هٿن ۾ لٺيون هيون، پوءِ انهن ٻنهي هن لاءِ اهو شرط لڳايو ته اگر هو ايمان آڻي ته سندس حڪومت باقي رهندي ۽ سندس عزت به دائمي هوندي.

ته فرعون چيو، ڇا توهان کي هنن تي تعجب نٿو ٿئي جيڪي منهنجي لاءِ دائمي عزت ۽ حڪومت جي باقي هجڻ جو شرط لڳائين ٿا، جڏهن ته توهان انهن جي غربت ۽ ڪمزوريءَ جي حالت ڏسو ٿا. ڀلا انهن کي سونا ڪنگڻ ڇو ناهن پارايا ويا، انڪري ته هو سون ۽ ان جي گڏ ڪرڻ کي وڏي شيءِ سمجهندو هو، ۽ اُنّ ۽ ان جي پائڻ کي حقير سمجهندو هو.

وَ لَوْ أَرَادَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ لِأَنْبِيَائِهِ حَيْثُ بَعَثَهُمْ أَنْ يَفْتَحَ لَهُمْ كُنُوزَ الذِّهْبَانِ وَ مَعَادِنَ الْعِقْيَانِ وَ مَغَارِسَ الْجِنَانِ وَ أَنْ يَحْشُرَ مَعَهُمْ طُيُورَ السَّمَاءِ وَ وُحُوشَ الْأَرَضِينَ لَفَعَلَ وَ لَوْ فَعَلَ لَسَقَطَ الْبَلَاءُ وَ بَطَلَ الْجَزَاءُ وَ اضْمَحَلَّتِ الْأَنْبَاءُ وَ لَمَا وَجَبَ لِلْقَابِلِينَ أُجُورُ الْمُبْتَلَيْنَ وَ لَا اسْتَحَقَّ الْمُؤْمِنُونَ ثَوَابَ الْمُحْسِنِينَ وَ لَا لَزِمَتِ الْأَسْمَاءُ مَعَانِيَهَا.

وَ لَكِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ جَعَلَ رُسُلَهُ أُولِي قُوَّةٍ فِي عَزَائِمِهِمْ وَ ضَعَفَةً فِيمَا تَرَى الْأَعْيُنُ مِنْ حَالاتِهِمْ مَعَ قَنَاعَةٍ تَمْلَأُ الْقُلُوبَ وَ الْعُيُونَ غِنًى وَ خَصَاصَةٍ تَمْلَأُ الْأَبْصَارَ وَ الْأَسْمَاعَ أَذًى وَ لَوْ كَانَتِ الْأَنْبِيَاءُ أَهْلَ قُوَّةٍ لَا تُرَامُ وَ عِزَّةٍ لَا تُضَامُ وَ مُلْكٍ تُمَدُّ نَحْوَهُ أَعْنَاقُ الرِّجَالِ وَ تُشَدُّ إِلَيْهِ عُقَدُ الرِّحَالِ لَكَانَ ذَلِكَ أَهْوَنَ عَلَى الْخَلْقِ فِي الِاعْتِبَارِ وَ أَبْعَدَ لَهُمْ فِي الِاسْتِكْبَارِ وَ لَآمَنُوا عَنْ رَهْبَةٍ قَاهِرَةٍ لَهُمْ أَوْ رَغْبَةٍ مَائِلَةٍ بِهِمْ فَكَانَتِ النِّيَّاتُ مُشْتَرَكَةً وَ الْحَسَنَاتُ مُقْتَسَمَةً.

وَ لَكِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ أَرَادَ أَنْ يَكُونَ الِاتِّبَاعُ لِرُسُلِهِ وَ التَّصْدِيقُ بِكُتُبِهِ وَ الْخُشُوعُ لِوَجْهِهِ وَ الِاسْتِكَانَةُ لِأَمْرِهِ وَ الِاسْتِسْلَامُ لِطَاعَتِهِ أُمُوراً لَهُ خَاصَّةً لَا تَشُوبُهَا مِنْ غَيْرِهَا شَائِبَةٌ وَ كُلَّمَا كَانَتِ الْبَلْوَى وَ الِاخْتِبَارُ أَعْظَمَ كَانَتِ الْمَثُوبَةُ وَ الْجَزَاءُ أَجْزَلَ. 

## الكعبة المقدسة

أَ لَا تَرَوْنَ أَنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ اخْتَبَرَ الْأَوَّلِينَ مِنْ لَدُنْ آدَمَ عليه السلام إِلَى الْآخِرِينَ مِنْ هَذَا الْعَالَمِ بِأَحْجَارٍ لَا تَضُرُّ وَ لَا تَنْفَعُ وَ لَا تُبْصِرُ وَ لَا تَسْمَعُ فَجَعَلَهَا بَيْتَهُ الْحَرَامَ الَّذِي جَعَلَهُ لِلنَّاسِ قِيَاماً ثُمَّ وَضَعَهُ بِأَوْعَرِ بِقَاعِ الْأَرْضِ حَجَراً وَ أَقَلِّ نَتَائِقِ الدُّنْيَا مَدَراً وَ أَضْيَقِ بُطُونِ الْأَوْدِيَةِ قُطْراً بَيْنَ جِبَالٍ خَشِنَةٍ وَ رِمَالٍ دَمِثَةٍ وَ عُيُونٍ وَشِلَةٍ وَ قُرًى مُنْقَطِعَةٍ.

اگر الله سبحانہ چاهي ها تہ پنهنجي نبين کي موکلڻ وقت سون جا خزانا، خالص سون جون کاڻيون ۽ تيار ٽيل باغ عطا کري ها، ۽ انهن سان گڏ آسمان جا پکي ۽ زمين جا جانور بہ اماڻي ها تہ هو ائين کري سگهي پيو. ۽ اگر ائين کري ها تہ آزمائش ختم ٿي وڃي ها، ۽ جزا بي معنیٰ ٿئي ها، ۽ خبرون مِٽجي وڃن ها، ۽ آزمائش ۾ مبتلا ماڻهن جهڙا اجر اهڙن قبول کندڙن لاءِ ضروري نہ ٿين ها. ۽ نہ وري اهڙا ايمان وارا انهن نيکوکارن جي ثواب جهڙا مستحق ٿين ها، ۽ نہ اسم پنهنجي حقيقي معنائن ۾ استعمال ٿين ها.

ليکن الله تعالیٰ پنهنجي رسولن کي سندن ارادن ۾ مضبوط بڻايو، ۽ انهن جي حالات مان جيکي اکيون ڏسن ٿيون تن ۾ کمزور کيو. اهڙيءَ قناعت سان گڏ جيکا دلين ۽ اکين کي بي نيازيءَ سان پري چڏي ٿي، ۽ اهڙيءَ غربت سان گڏ جيکا اکين ۽ کنن کي تکليف سان پري چڏي ٿي. ۽ اگر نبي اهڙا طاقتور هجن ها جن سان مقابلو نہ کري سگهجي ها، ۽ اهڙا غلبي وارا هجن ها جن جي اهانت نہ کري سگهجي ها. ۽ اهڙيءَ بادشاهيءَ وارا هجن ها جنهن ڏانهن ماڻهن جا کنڌ ڇڪجن ها. ۽ جنهن ڏانهن پالاڻ ٻڌا وڃن ها تہ اهي مخلوق لاءِ اعتبار کرڻ ۾ بلکل آسان هجن ها. ۽ انهن لاءِ تکبر کرڻ پري هجي ها. ۽ اهي وڏي خوف يا پاڻ کي وٽندڙ رغبت جي کري ايمان آڻن ها. تہ نيتون ملاوٽ واريون ٿي وڃن ها، ۽ نيکيون تقسيم ٿي وڃن ها.

مگر الله سبحانہ چاهيو تہ سندس رسولن جي پيروي کرڻ ۽ سندس کتابن کي سچو مڃڻ، ۽ ان جي اڳيان جهکڻ، ۽ ان جي حکم کي مڃڻ ۽ سندس اطاعت لاءِ پاڻ کي حوالي کرڻ، ان جي کري ئي خاص هجن، جو انهن سان ذري برابر ٻي کا شيءِ مليل نہ هجي. ۽ جيتري مصيبت ۽ آزمائش وڏي هوندي تہ ثواب ۽ بدلو بہ وڏو هوندو.



## کعبة الله

ڇا توهان نٿا ڏسو تہ الله تعالیٰ هن دنيا ۾ آدم عليه السلام کان وٺي اڳين ۽ پوين کي اهڙن پٿرن سان آزمايو آهي، جيکي نہ نقصان ڏين ٿا ۽ نہ فائدو، نہ ڏسن ٿا ۽ نہ ٻڌن ٿا. ۽ انهن کي پنهنجي حرمت وارو گهر قرار ڏنائين جنهن کي هن ماڻهن لاءِ بيهک جو ذريعو قرار ڏنو آهي. پوءِ انکي سخت پٿريلي زمين جي حصن، گهٽ مٽي وارين مٿاهين جاين، ۽ سوڙهين وادين وارن علائقن ۾ سخت جبلن، ۽ واريءَ جي پِٽن، ٿوري پاڻي وارن چشمن، ۽ وٿيرکن ڳوٺن جي درميان ناهيو آهي.

لَا يَزْكُو بِهَا خُفٌّ وَ لَا حَافِرٌ وَ لَا ظِلْفٌ ثُمَّ أَمَرَ آدَمَ عليه السلام وَ وَلَدَهُ أَنْ يَثْنُوا أَعْطَافَهُمْ نَحْوَهُ فَصَارَ مَثَابَةً لِمُنْتَجَعِ أَسْفَارِهِمْ وَ غَايَةً لِمُلْقَى رِحَالِهِمْ تَهْوِي إِلَيْهِ ثِمَارُ الْأَفْئِدَةِ مِنْ مَفَاوِزِ قِفَارٍ سَحِيقَةٍ وَ مَهَاوِي فِجَاجٍ عَمِيقَةٍ وَ جَزَائِرِ بِحَارٍ مُنْقَطِعَةٍ حَتَّى يَهُزُّوا مَنَاكِبَهُمْ ذُلُلًا يُهَلِّلُونَ لِلَّهِ حَوْلَهُ وَ يَرْمُلُونَ عَلَى أَقْدَامِهِمْ شُعْثاً غُبْراً لَهُ قَدْ نَبَذُوا السَّرَابِيلَ وَرَاءَ ظُهُورِهِمْ وَ شَوَّهُوا بِإِعْفَاءِ الشُّعُورِ مَحَاسِنَ خَلْقِهِمُ ابْتِلَاءً عَظِيماً وَ امْتِحَاناً شَدِيداً وَ اخْتِبَاراً مُبِيناً وَ تَمْحِيصاً بَلِيغاً.

جَعَلَهُ اللَّهُ سَبَباً لِرَحْمَتِهِ وَ وُصْلَةً إِلَى جَنَّتِهِ وَ لَوْ أَرَادَ سُبْحَانَهُ أَنْ يَضَعَ بَيْتَهُ الْحَرَامَ وَ مَشَاعِرَهُ الْعِظَامَ بَيْنَ جَنَّاتٍ وَ أَنْهَارٍ وَ سَهْلٍ وَ قَرَارٍ جَمَّ الْأَشْجَارِ دَانِيَ الثِّمَارِ مُلْتَفَّ الْبُنَى مُتَّصِلَ الْقُرَى بَيْنَ بُرَّةٍ سَمْرَاءَ وَ رَوْضَةٍ خَضْرَاءَ وَ أَرْيَافٍ مُحْدِقَةٍ وَ عِرَاصٍ مُغْدِقَةٍ وَ رِيَاضٍ نَاضِرَةٍ وَ طُرُقٍ عَامِرَةٍ لَكَانَ قَدْ صَغُرَ قَدْرُ الْجَزَاءِ عَلَى حَسَبِ ضَعْفِ الْبَلَاءِ.

وَ لَوْ كَانَ الْإِسَاسُ الْمَحْمُولُ عَلَيْهَا وَ الْأَحْجَارُ الْمَرْفُوعُ بِهَا بَيْنَ زُمُرُّدَةٍ خَضْرَاءَ وَ يَاقُوتَةٍ حَمْرَاءَ وَ نُورٍ وَ ضِيَاءٍ لَخَفَّفَ ذَلِكَ مُصَارَعَةَ الشَّكِّ فِي الصُّدُورِ وَ لَوَضَعَ مُجَاهَدَةَ إِبْلِيسَ عَنِ الْقُلُوبِ وَ لَنَفَى مُعْتَلَجَ الرَّيْبِ مِنَ النَّاسِ.

وَ لَكِنَّ اللَّهَ يَخْتَبِرُ عِبَادَهُ بِأَنْوَاعِ الشَّدَائِدِ وَ يَتَعَبَّدُهُمْ بِأَنْوَاعِ الْمَجَاهِدِ وَ يَبْتَلِيهِمْ بِضُرُوبِ الْمَكَارِهِ إِخْرَاجاً لِلتَّكَبُّرِ مِنْ قُلُوبِهِمْ وَ إِسْكَاناً لِلتَّذَلُّلِ فِي نُفُوسِهِمْ وَ لِيَجْعَلَ ذَلِكَ أَبْوَاباً فُتُحاً إِلَى فَضْلِهِ وَ أَسْبَاباً ذُلُلًا لِعَفْوِهِ.

جتي داڦوڙن، سُنبن ۽ کُرن وارا جانور پلجي نٿا سگهن. پوءِ هن آدم ؑ ۽ سندس اولاد کي حڪم ڏنو ته پنهنجا رُخ ان ڏانهن ڪيو، پوءِ اهو سندن فائديمند سفر جو مرڪز، ۽ قافلن جي لهڻ جي آخري منزل ٿي ويو، جنهن ڏانهن پري پري وارن صحرائن ۽ بيابانن، ۽ جابلو ويڪرن رستن جي لاهين، ۽ سمنڊ جي الڳ الڳ ٻيٽن کان دليون چاهت مان رخ ڪن ٿيون.

ايستائين جو پنهنجي ڪُلهن کي انڪساريءَ سان لوڏيندي، ۽ ان جي چوڌاري الله جي وحدانيت جو اقرار ڪندي، ۽ ان لاءِ ڪندبريل ۽ مٽي هاڻن وارن جي حالت ۾ پنهنجي پيرن سان ڊڪندا اچن ٿا. جڏهن ته انهن سندن چادرن کي پنهنجي پُٺين تي رکي ڇڏيو آهي. ۽ پنهنجي وارن کي ڇڏيندي، پنهنجي خوبصورتيءَ کي بدلائي ڇڏيو آهي. عظيم پرک، سخت امتحان، واضح آزمائش، ۽ وڏي خلوص جو مظاهرو ڪندي. الله تعالىٰ انکي پنهنجي رحمت جو سبب ۽ پنهنجي جنت تائين پهچڻ جو ذريعو قرار ڏنو آهي.

۽ اگر الله سبحانہ چاهي ها ته پنهنجي حرمت واري گهر ۽ عظمت وارن شعائرن کي باغن ۽ نهرن، نرم ۽ سنئين زمين، گهاٽن وڻن، جُهڪيل ميون، ڳتيل جڳهين، مليل ڳوٺن، ڪارپ واريءَ ڪڻڪ، سرسبز باغن، چمن وارن ڳوٺن، پاڻيءَ وارن ميدانن، وٽندڙ باغن، ۽ آباد رستن جي درميان ناهي ها ته آزمائش جي گهٽ هجڻ ڪري جزا جو مقدار بہ گهٽجي وڃي ها. ۽ اگر اهو بنياد جنهن تي گهر ناهيو ويو آهي ۽ جن پٿرن سان انکي بلند ڪيو ويو آهي، اهي سائي زمرد ۽ ڳاڙهي ياقوت جي پٿرن مان هجن ها جيڪي نوراني ۽ چمڪندڙ هجن ها ته اهو سينن ۾ شڪ جي غلبي کي گهٽائي ها، ۽ دلين مان ابليس جي جدوجهد کي مِٽائي ها، ۽ ماڻهن کان شڪ جي چولين کي پري ڪري ها.



ليڪن الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن کي مختلف سختين سان پرکي ٿو ۽ مٿن مختلف قسمن جي جدوجهد کي لازم ڪري ٿو ۽ کين مختلف ڏکيائين سان آزمائي ٿو ته جيئن سندن دلين مان تڪبر کي ڪڍي، ۽ سندن نفسن ۾ عاجزيءَ کي رکي، ۽ ته جيئن هو انهن کي پنهنجي فضل جا ڪليل درواز ۽ پنهنجي بخشش لاءِ آسان سبب قرار ڏئي.

## عود إلى التحذير

فَاللَّهَ اللَّهَ فِي عَاجِلِ الْبَغْيِ وَ آجِلِ وَخَامَةِ الظُّلْمِ وَ سُوءِ عَاقِبَةِ الْكِبْرِ فَإِنَّهَا مَصْيَدَةُ إِبْلِيسَ الْعُظْمَى وَ مَكِيدَتُهُ الْكُبْرَى الَّتِي تُسَاوِرُ قُلُوبَ الرِّجَالِ مُسَاوَرَةَ السُّمُومِ الْقَاتِلَةِ فَمَا تُكْدِي أَبَداً وَ لَا تُشْوِي أَحَداً لَا عَالِماً لِعِلْمِهِ وَ لَا مُقِلًّا فِي طِمْرِهِ وَ عَنْ ذَلِكَ مَا حَرَسَ اللَّهُ عِبَادَهُ الْمُؤْمِنِينَ بِالصَّلَوَاتِ وَ الزَّكَوَاتِ،

وَ مُجَاهَدَةِ الصِّيَامِ فِي الْأَيَّامِ الْمَفْرُوضَاتِ تَسْكِيناً لِأَطْرَافِهِمْ وَ تَخْشِيعاً لِأَبْصَارِهِمْ وَ تَذْلِيلًا لِنُفُوسِهِمْ وَ تَخْفِيضاً لِقُلُوبِهِمْ وَ إِذْهَاباً لِلْخُيَلَاءِ عَنْهُمْ وَ لِمَا فِي ذَلِكَ مِنْ تَعْفِيرِ عِتَاقِ الْوُجُوهِ بِالتُّرَابِ تَوَاضُعاً وَ الْتِصَاقِ كَرَائِمِ الْجَوَارِحِ بِالْأَرْضِ تَصَاغُراً وَ لُحُوقِ الْبُطُونِ بِالْمُتُونِ مِنَ الصِّيَامِ تَذَلُّلًا مَعَ مَا فِي الزَّكَاةِ مِنْ صَرْفِ ثَمَرَاتِ الْأَرْضِ وَ غَيْرِ ذَلِكَ إِلَى أَهْلِ الْمَسْكَنَةِ وَ الْفَقْرِ.

## فضائل الفرائض



انْظُرُوا إِلَى مَا فِي هَذِهِ الْأَفْعَالِ مِنْ قَمْعِ نَوَاجِمِ الْفَخْرِ وَ قَدْعِ طَوَالِعِ الْكِبْرِ وَ لَقَدْ نَظَرْتُ فَمَا وَجَدْتُ أَحَداً مِنَ الْعَالَمِينَ يَتَعَصَّبُ لِشَيْءٍ مِنَ الْأَشْيَاءِ إِلَّا عَنْ عِلَّةٍ تَحْتَمِلُ تَمْوِيهَ الْجُهَلَاءِ أَوْ حُجَّةٍ تَلِيطُ بِعُقُولِ السُّفَهَاءِ غَيْرَكُمْ،

فَإِنَّكُمْ تَتَعَصَّبُونَ لِأَمْرٍ مَا يُعْرَفُ لَهُ سَبَبٌ وَ لَا عِلَّةٌ أَمَّا إِبْلِيسُ فَتَعَصَّبَ عَلَى آدَمَ لِأَصْلِهِ وَ طَعَنَ عَلَيْهِ فِي خِلْقَتِهِ فَقَالَ أَنَا نَارِيٌّ وَ أَنْتَ طِينِي.

## وري ديڇارڻ

دنيا ۾ ظلم، ۽ آخرت ۾ ان جي وڏي عذاب، ۽ تڪبر جي بُري انجام بابت الله کان ڊڄو، ڇو جو اهي ابليس جا اهڙا وڏا ڄار، ۽ ان جون اهڙيون وڏيون چاليون آهن، جيڪي ماڻهن جي دلين ۾ ائين اثر ڪن ٿيون جيئن قاتل زهر اثر ڪندي آهي. جو اهي ڪڏهن به بي اثر نه ٿينديون آهن، ۽ نه وري ڪنهن کي نشاني بڻائڻ ۾ خطا ڪنديون آهن، نه عالم کي سندس علم جي ڪري ۽ نه فقير کي سندس پراڻن ڪپڙن جي ڪري. ۽ انهن کان فقط الله تعالىٰ پنهنجي مومن ٻانهن کي نمازن، زڪواتن، فرض ڪيل ڏينهن ۾ روزن جي مجاهدت سان بچايو آهي، ته جيئن سندن هٿن ۽ پيرن کي (گناهن) کان روڪي، ۽ سندن اکيون جهڪائي، سندن نفسن ۾ عاجزي آڻي، ۽ سندن دلين کي متواضع ڪري، ۽ انهن کان تڪبر کي دور ڪري، انڪري ته ان سان انڪساريءَ ڪندي پيشانين کي مٽي هاڻو ڪيو ويندو آهي، ۽ عاجزي ڪندي عزت وارن عضون کي زمين تي رکيو ويندو آهي، ۽ نيازمنديءَ ڪندي روزن رکڻ ذريعي پيٽن کي پُٺين سان ملايو ويندو آهي. ۽ انهن سان گڏ جيڪي زڪوات جي طور تي زمين جي ميون ۽ ٻين شين کي مسڪينن ۽ فقيرن تي خرچ ڪيو ويندو آهي.

## فرضن جا فضائل

توهان انهن عملن ۾ جيڪي فخر جي اپريل اثرن کي مِٽائڻ ۽ تڪبر جي ظاهر ٿيڻ وارن اثرن کي هٽائڻ جا فائدا آهن تن کي ڏسو. ۽ بيشڪ مان نگاهه ڪئي ته ڪائنات ۾ توهان کانسواءِ ڪنهن کي به نه پاتو جيڪو شين مان ڪنهن شيءِ جي حفاظت ڪندو هجي مگر ڪنهن سبب جي ڪري، جيڪو جاهلن جي شبهي جو ڪارڻ ٿيندو آهي، يا ڪنهن دليل جي ڪري جيڪو بيوقوفن جي سمجهه سان چنبڙي ويندو آهي. پر توهان ڪنهن اهڙيءَ شيءِ جي طرف داري ڪندا آهيو جنهن جو سبب ۽ علت معلوم ناهي هوندي، باقي ابليس پنهنجي اصليت جي ڪري آدم عليه السلام سان تعصب ڪيو، ۽ ان سندس خلقت جي باري ۾ اعتراض ڪيو ۽ چيائين: مان باهه منجهان آهيان ۽ تون مٽيءَ منجهان آهين.

## عصبية المال

وَ أَمَّا الْأَغْنِيَاءُ مِنْ مُتْرَفَةِ الْأُمَمِ فَتَعَصَّبُوا لِآثَارِ مَوَاقِعِ النِّعَمِ فَ قالُوا نَحْنُ أَكْثَرُ أَمْوالًا وَ أَوْلاداً وَ ما نَحْنُ بِمُعَذَّبِينَ فَإِنْ كَانَ لَا بُدَّ مِنَ الْعَصَبِيَّةِ فَلْيَكُنْ تَعَصُّبُكُمْ لِمَكَارِمِ الْخِصَالِ وَ مَحَامِدِ الْأَفْعَالِ وَ مَحَاسِنِ الْأُمُورِ الَّتِي تَفَاضَلَتْ فِيهَا الْمُجَدَاءُ وَ النُّجَدَاءُ مِنْ بُيُوتَاتِ الْعَرَبِ وَ يَعَاسِيبِ الْقَبَائِلِ بِالْأَخْلَاقِ الرَّغِيبَةِ وَ الْأَحْلَامِ الْعَظِيمَةِ وَ الْأَخْطَارِ الْجَلِيلَةِ وَ الْآثَارِ الْمَحْمُودَةِ. فَتَعَصَّبُوا لِخِلَالِ الْحَمْدِ مِنَ الْحِفْظِ لِلْجِوَارِ وَ الْوَفَاءِ بِالذِّمَامِ وَ الطَّاعَةِ لِلْبِرِّ وَ الْمَعْصِيَةِ لِلْكِبْرِ وَ الْأَخْذِ بِالْفَضْلِ وَ الْكَفِّ عَنِ الْبَغْيِ وَ الْإِعْظَامِ لِلْقَتْلِ وَ الْإِنْصَافِ لِلْخَلْقِ وَ الْكَظْمِ لِلْغَيْظِ وَ اجْتِنَابِ الْفَسَادِ فِي الْأَرْضِ. وَ احْذَرُوا مَا نَزَلَ بِالْأُمَمِ قَبْلَكُمْ مِنَ الْمَثُلَاتِ بِسُوءِ الْأَفْعَالِ وَ ذَمِيمِ الْأَعْمَالِ فَتَذَكَّرُوا فِي الْخَيْرِ وَ الشَّرِّ أَحْوَالَهُمْ وَ احْذَرُوا أَنْ تَكُونُوا أَمْثَالَهُمْ.

فَإِذَا تَفَكَّرْتُمْ فِي تَفَاوُتِ حَالَيْهِمْ فَالْزَمُوا كُلَّ أَمْرٍ لَزِمَتِ الْعِزَّةُ بِهِ شَأْنَهُمْ وَ زَاحَتِ الْأَعْدَاءُ لَهُ عَنْهُمْ وَ مُدَّتِ الْعَافِيَةُ بِهِ عَلَيْهِمْ وَ انْقَادَتِ النِّعْمَةُ لَهُ مَعَهُمْ. وَ وَصَلَتِ الْكَرَامَةُ عَلَيْهِ حَبْلَهُمْ مِنَ الِاجْتِنَابِ لِلْفُرْقَةِ وَ اللُّزُومِ لِلْأُلْفَةِ وَ التَّحَاضِّ عَلَيْهَا وَ التَّوَاصِي بِهَا وَ اجْتَنِبُوا كُلَّ أَمْرٍ كَسَرَ فِقْرَتَهُمْ وَ أَوْهَنَ مُنَّتَهُمْ مِنْ تَضَاغُنِ الْقُلُوبِ وَ تَشَاحُنِ الصُّدُورِ وَ تَدَابُرِ النُّفُوسِ وَ تَخَاذُلِ الْأَيْدِي. وَ تَدَبَّرُوا أَحْوَالَ الْمَاضِينَ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ قَبْلَكُمْ كَيْفَ كَانُوا فِي حَالِ التَّمْحِيصِ وَ الْبَلَاءِ أَ لَمْ يَكُونُوا أَثْقَلَ الْخَلَائِقِ أَعْبَاءً وَ أَجْهَدَ الْعِبَادِ بَلَاءً وَ أَضْيَقَ أَهْلِ الدُّنْيَا حَالًا اتَّخَذَتْهُمُ الْفَرَاعِنَةُ عَبِيداً فَسَامُوهُمْ سُوءَ الْعَذَابِ وَ جَرَّعُوهُمُ الْمُرَارَ فَلَمْ تَبْرَحِ الْحَالُ بِهِمْ فِي ذُلِّ الْهَلَكَةِ وَ قَهْرِ الْغَلَبَةِ،

## مال جي طرفداري

باقي خوشحال امتن جي امير ماڻهن، نعمتن وارين جاين جي لذتن تي فخر ڪيو، ۽ انهن چيو: اسان گهڻي مال ۽ اولاد وارا آهيون، ۽ اسان عذاب پائيندڙن مان نہ آهيون. پوءِ اگر فخر ئي ڪرڻو آهي تہ پوءِ توهان ڀلين خصلتن، سُنن ڪمن، ۽ انهن چڱن مسئلن تي ناز ڪريو جن ۾ عربن جي گهرن مان، ۽ قومن جي سردارن مان عظيم ۽ بهادر انسان، ڀلن اخلاقن، عظيم عقلن، عالي شان سوچن ۽ ساراهہ جوڳن ڪارنامن سان هڪ ٻئي تي فخر ڪندا آهن. بس توهان بہ ساراهہ جوڳين خصلتن جي طرفداري ڪريو، پاڙيسريءَ جي حفاظت ڪندي، واعدي جي وفا ڪندي، نيڪيءَ جي اطاعت ڪندي، وڏائيءَ جي مخالفت ڪندي، فضيلت کي اپنائيندي، سرڪشيءَ کان رُڪجندي، خون کي وڏو سمجهندي، مخلوق لاءِ انصاف ڪندي، ڪاوڙ کي پيئندي، ۽ زمين ۾ فساد ڪرڻ کان پرهيز ڪندي، ۽ بچڙن ڪمن ۽ ڪِريل عملن ڪري پاڻ کان پهريان وارن امتن جي نازل ٿيندڙ عذابن کان بچو. پوءِ خير ۽ شر ۾ انهن جي حالات مان نصيحت پرايو، ۽ ان کان ڊڄو جو توهان انهن جهڙا ٿي وڃو.

بس اگر توهان انهن جي مختلف حالتن ۾ غور ڪريو تہ پوءِ هر اهو ڪم ڪريو جنهن ڪم جي حالت ۾ عزت ڪين مليل رهيءَ، ۽ دشمن ڪانئن پري رهيا، ۽ خيريت مٿن ڇانيل رهي، ۽ نعمتون انهن سان گڏ رهيون، ۽ عزت انهن جي رسي سان ٻڌل رهي، جو تفرقہ بازي کان بچيا، ۽ محبت کي اپنايو، ۽ ان تي هڪ ٻئي کي اڀاريو، ۽ ان تي هڪ ٻئي کي نصيحت ڪئي. ۽ هر ان ڪم کان بچو، جنهن ڪم انهن جي ريڙهہ جي هڏيءَ کي ڀڃي ڇڏيو، ۽ انهن جي قوت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو، جيڪو هڪ ٻئي جي دلين جو ڪينو، ۽ هڪ ٻئي جي سينن جو ساڙ، ۽ هڪ ٻئي کان پُٺي ڏيڻ، ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ کان هٿ ڪڍڻ هيو. ۽ پاڻ کان پهريائين وارن گذري ويل مومنن جي حالتن ۾ بہ غور ڪريو، تہ اهي ڪهڙيءَ آزمائش ۽ مصيبت جي حالت ۾ هئا. ڇا اهي سڀيءَ مخلوق کان وڌيڪ ڏکيا ۽ سيني ٻانهن کان وڌيڪ مصيبتن ۾ مبتلا ۽ دنيا وارن کان وڌيڪ تنگ حالت ۾ نہ هئا؟. جو فرعونن انهن کي اهڙو غلام بڻايو جو ڪين مسلسل بُري عذاب ۾ مبتلا رکيو، ۽ انهن کي سختين جا ڪڙا ڍُڪ پيارايا، ۽ هلاڪت جي ذلت، ۽ غلبي جي سختيءَ واري حالت کان نہ نڪري سگهيا.

لَا يَجِدُونَ حِيلَةً فِي امْتِنَاعٍ وَ لَا سَبِيلًا إِلَى دِفَاعٍ حَتَّى إِذَا رَأَى اللَّهُ سُبْحَانَهُ جِدَّ الصَّبْرِ مِنْهُمْ عَلَى الْأَذَى فِي مَحَبَّتِهِ وَ الِاحْتِمَالَ لِلْمَكْرُوهِ مِنْ خَوْفِهِ جَعَلَ لَهُمْ مِنْ مَضَايِقِ الْبَلَاءِ فَرَجاً فَأَبْدَلَهُمُ الْعِزَّ مَكَانَ الذُّلِّ وَ الْأَمْنَ مَكَانَ الْخَوْفِ فَصَارُوا مُلُوكاً حُكَّاماً وَ أَئِمَّةً أَعْلَاماً وَ قَدْ بَلَغَتِ الْكَرَامَةُ مِنَ اللَّهِ لَهُمْ مَا لَمْ تَذْهَبِ الْآمَالُ إِلَيْهِ بِهِم. فَانْظُرُوا كَيْفَ كَانُوا حَيْثُ كَانَتِ الْأَمْلَاءُ مُجْتَمِعَةً وَ الْأَهْوَاءُ مُؤْتَلِفَةً وَ الْقُلُوبُ مُعْتَدِلَةً وَ الْأَيْدِي مُتَرَادِفَةً وَ السُّيُوفُ مُتَنَاصِرَةً وَ الْبَصَائِرُ نَافِذَةً وَ الْعَزَائِمُ وَاحِدَةً أَ لَمْ يَكُونُوا أَرْبَاباً فِي أَقْطَارِ الْأَرَضِينَ وَ مُلُوكاً عَلَى رِقَابِ الْعَالَمِينَ فَانْظُرُوا إِلَى مَا صَارُوا إِلَيْهِ فِي آخِرِ أُمُورِهِمْ حِينَ وَقَعَتِ الْفُرْقَةُ وَ تَشَتَّتَتِ الْأُلْفَةُ وَ اخْتَلَفَتِ الْكَلِمَةُ وَ الْأَفْئِدَةُ وَ تَشَعَّبُوا مُخْتَلِفِينَ وَ تَفَرَّقُوا مُتَحَارِبِينَ وَ قَدْ خَلَعَ اللَّهُ عَنْهُمْ لِبَاسَ كَرَامَتِهِ وَ سَلَبَهُمْ غَضَارَةَ نِعْمَتِهِ وَ بَقِيَ قَصَصُ أَخْبَارِهِمْ فِيكُمْ عِبَراً لِلْمُعْتَبِرِينَ.

## الاعتبار بالأمم

فَاعْتَبِرُوا بِحَالِ وَلَدِ إِسْمَاعِيلَ وَ بَنِي إِسْحَاقَ وَ بَنِي إِسْرَائِيلَ فَمَا أَشَدَّ اعْتِدَالَ الْأَحْوَالِ وَ أَقْرَبَ اشْتِبَاهَ الْأَمْثَالِ تَأَمَّلُوا أَمْرَهُمْ فِي حَالِ تَشَتُّتِهِمْ وَ تَفَرُّقِهِمْ لَيَالِيَ كَانَتِ الْأَكَاسِرَةُ وَ الْقَيَاصِرَةُ أَرْبَاباً لَهُمْ يَحْتَازُونَهُمْ عَنْ رِيفِ الْآفَاقِ وَ بَحْرِ الْعِرَاقِ وَ خُضْرَةِ الدُّنْيَا إِلَى مَنَابِتِ الشِّيحِ وَ مَهَافِي الرِّيحِ وَ نَكَدِ الْمَعَاشِ فَتَرَكُوهُمْ عَالَةً مَسَاكِينَ إِخْوَانَ دَبَرٍ وَ وَبَرٍ أَذَلَّ الْأُمَمِ دَاراً وَ أَجْدَبَهُمْ قَرَاراً لَا يَأْوُونَ إِلَى جَنَاحِ دَعْوَةٍ يَعْتَصِمُونَ بِهَا وَ لَا إِلَى ظِلِّ أُلْفَةٍ يَعْتَمِدُونَ عَلَى عِزِّهَا فَالْأَحْوَالُ مُضْطَرِبَةٌ وَ الْأَيْدِي مُخْتَلِفَةٌ وَ الْكَثْرَةُ مُتَفَرِّقَةٌ فِي بَلَاءِ أَزْلٍ وَ أَطْبَاقِ جَهْلٍ مِنْ بَنَاتٍ مَوْءُودَةٍ وَ أَصْنَامٍ مَعْبُودَةٍ وَ أَرْحَامٍ مَقْطُوعَةٍ وَ غَارَاتٍ مَشْنُونَةٍ.

۽ انهن وٽ ان کان روڪڻ لاءِ نہ ڪو چارو هو، ۽ نہ وري دفاع ڪرڻ جي ڪا واٽ هئي، ايستائين جو جڏهن الله سبحانہ انهن کي پنهنجي محبت ۾ ڏکن تي سنجيدگيءَ سان صبر ڪندي، ۽ پنهنجي خوف کان مصيبتن کي برداشت ڪندي ڏٺو تہ مصيبتن جي تنگيءَ مان ڇوٽڪارو قرار ڏنو، پوءِ انهن جي ذلت کي عزت ۾ ۽ خوف کي امن ۾ تبديل ڪيو، پوءِ اهي حڪومت ڪندڙ بادشاہ، ۽ اڳواڻ ۽ رهنما بڻجي ويا، ۽ انهن کي الله طرفان ايتري قدر عزت ۽ مانُ مليو جنهن ڏانهن انهن جون اميدون بہ نہ ويون هيون. بس ڏسو تہ اهي ڪيئن هئا، جڏهن انهن جا ڇڳا مڙس گڏ، خيالات هڪجهڙا، دليون ويجهيون، هٿ ساٿ ڏيندڙ، تلوارون مددگار، بصيرتون تيز، ۽ ارادا متحد هئا. تہ ڇا اهي زمين جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ سربراہ ۽ جهان وارن جي ڪنڌن تي حڪمران نہ هئا؟. پوءِ انهن جا اهي حالات بہ ڏسو جن تائين آخر ۾ وڃي پهتا. جو جنهن وقت ڦوٽ پئجي وئي، ٻڌي ٽُٽي پئي، ۽ رايا ۽ دليون مختلف ٿي ويون تہ پوءِ هو اختلاف ڪندي ٽولين ۾ تقسيم ٿي ويا، ۽ وڙهندي الڳ الڳ ٿي ويا. پوءِ الله تعالىٰ بہ انهن کان پنهنجي عزت جو لباس لاهي ڇڏيو، ۽ کانئن پنهنجي نعمتن جي گهٽائي ڪسي ورتي، ۽ ائين انهن جي حالتن جا قصا توهان ۾ عبرت وٺندڙن لاءِ عبرت طور باقي رهجي ويا.

### امتن مان عبرت پرائڻ

بس توهان حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق، ۽ حضرت يعقوب جن جي مٿان سلام هجي جي اولاد جي حالات مان عبرت پرايو، جو انهن جا حالات (توهان سان) ڪيترا نہ مناسبت رکن ٿا، ۽ انهن جا اوصاف هڪجهڙائي جي لحاظ کان (توهان جي) ڪيڏا نہ ويجها آهن. پوءِ انهن جي منتشر ۽ الڳ الڳ ٿيڻ وارن ڏينهن جي حالات ۾ انهن جي حال تي غور ڪريو جو فارس ۽ روم جا بادشاہ مٿن حڪمران هوندا هئا. جيڪي انهن کي زرخيز زمينن، عراق جي درياء ۽ دنيا جي سرسبزي مان ڪڍي ڪنڊي دار ٻوٽن، تيز هوائن، ۽ معاشي بدحاليءَ وارن علائقن ڏانهن ڌڪي ڇڏيندا هئا. پوءِ انهن کي گڏهن ۽ اُٺن تي گذارو ڪندڙ غريب ۽ مسڪين بڻائي ڇڏيائون، جيڪي گهرن جي اعتبار کان قومن مان سڀ کان وڌيڪ ڪِريل، ۽ رهائش جي لحاظ کان سڀ کان وڌيڪ ڏُڪاريل هئا. ۽ نہ وري اُهي سڏڻ ذريعي پناہ پيا وٺن جنهن جي ڪري بچي سگهن. ۽ نہ وري الفت جي ڪا ڇانو هئي جنهن جي طاقت تي هو ڀروسو ڪري سگهن. حالات پريشان ڪندڙ، هٿ جدا جدا، ۽ گهٽائي ورهايل هئي، سخت مصيبت ۽ جهالت جي تهن ۾، ڌيئرن کي زنده پورڻ، ٻُتن جي پوڄا ڪرڻ، رشتن کي ٽوڙڻ، ۽ هر طرف کان ڦُرلُٽ ڪرڻ سان.

## النعمة برسول الله ﷺ

فَانْظُرُوا إِلَى مَوَاقِعِ نِعَمِ اللَّهِ عَلَيْهِمْ حِينَ بَعَثَ إِلَيْهِمْ رَسُولًا فَعَقَدَ بِمِلَّتِهِ طَاعَتَهُمْ وَ جَمَعَ عَلَى دَعْوَتِهِ أُلْفَتَهُمْ كَيْفَ نَشَرَتِ النِّعْمَةُ عَلَيْهِمْ جَنَاحَ كَرَامَتِهَا وَ أَسَالَتْ لَهُمْ جَدَاوِلَ نَعِيمِهَا وَ الْتَفَّتِ الْمِلَّةُ بِهِمْ فِي عَوَائِدِ بَرَكَتِهَا فَأَصْبَحُوا فِي نِعْمَتِهَا غَرِقِينَ وَ فِي خُضْرَةِ عَيْشِهَا فَكِهِينَ قَدْ تَرَبَّعَتِ الْأُمُورُ بِهِمْ فِي ظِلِّ سُلْطَانٍ قَاهِرٍ وَ آوَتْهُمُ الْحَالُ إِلَى كَنَفِ عِزٍّ غَالِبٍ وَ تَعَطَّفَتِ الْأُمُورُ عَلَيْهِمْ فِي ذُرَى مُلْكٍ ثَابِتٍ فَهُمْ حُكَّامٌ عَلَى الْعَالَمِينَ وَ مُلُوكٌ فِي أَطْرَافِ الْأَرَضِينَ يَمْلِكُونَ الْأُمُورَ عَلَى مَنْ كَانَ يَمْلِكُهَا عَلَيْهِمْ وَ يُمْضُونَ الْأَحْكَامَ فِيمَنْ كَانَ يُمْضِيهَا فِيهِمْ لَا تُغْمَزُ لَهُمْ قَنَاةٌ وَ لَا تُقْرَعُ لَهُمْ صَفَاةٌ.

## لوم العصاة

أَلَا وَ إِنَّكُمْ قَدْ نَفَضْتُمْ أَيْدِيَكُمْ مِنْ حَبْلِ الطَّاعَةِ وَ ثَلَمْتُمْ حِصْنَ اللَّهِ الْمَضْرُوبَ عَلَيْكُمْ بِأَحْكَامِ الْجَاهِلِيَّةِ فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ قَدِ امْتَنَّ عَلَى جَمَاعَةِ هَذِهِ الْأُمَّةِ فِيمَا عَقَدَ بَيْنَهُمْ مِنْ حَبْلِ هَذِهِ الْأُلْفَةِ الَّتِي يَنْتَقِلُونَ فِي ظِلِّهَا وَ يَأْوُونَ إِلَى كَنَفِهَا بِنِعْمَةٍ لَا يَعْرِفُ أَحَدٌ مِنَ الْمَخْلُوقِينَ لَهَا قِيمَةً لِأَنَّهَا أَرْجَحُ مِنْ كُلِّ ثَمَنٍ وَ أَجَلُّ مِنْ كُلِّ خَطَرٍ.

وَ اعْلَمُوا أَنَّكُمْ صِرْتُمْ بَعْدَ الْهِجْرَةِ أَعْرَاباً وَ بَعْدَ الْمُوَالَاةِ أَحْزَاباً مَا تَتَعَلَّقُونَ مِنَ الْإِسْلَامِ إِلَّا بِاسْمِهِ وَ لَا تَعْرِفُونَ مِنَ الْإِيمَانِ إِلَّا رَسْمَهُ تَقُولُونَ النَّارَ وَ لَا الْعَارَ كَأَنَّكُمْ تُرِيدُونَ أَنْ تُكْفِئُوا الْإِسْلَامَ عَلَى وَجْهِهِ انْتِهَاكاً لِحَرِيمِهِ وَ نَقْضاً لِمِيثَاقِهِ الَّذِي وَضَعَهُ اللَّهُ لَكُمْ حَرَماً فِي أَرْضِهِ وَ أَمْناً بَيْنَ خَلْقِهِ.

وَ إِنَّكُمْ إِنْ لَجَأْتُمْ إِلَى غَيْرِهِ حَارَبَكُمْ أَهْلُ الْكُفْرِ ثُمَّ لَا جَبْرَائِيلُ وَ لَا مِيكَائِيلُ وَ لَا مُهَاجِرُونَ وَ لَا أَنْصَارٌ يَنْصُرُونَكُمْ إِلَّا الْمُقَارَعَةَ بِالسَّيْفِ حَتَّى يَحْكُمَ اللَّهُ بَيْنَكُمْ.

## رسول الله ﷺ جي ذريعي نعمت

بس انهن مٿان الله تعاليٰ جي نعمتن وارين جاين ڏانهن ڏسو جڏهن الله تعاليٰ انهن ڏانهن رسول ﷺ کي موڪليو، جنهن پنهنجي دين سان انهن جي اطاعت کي جوڙيو، ۽ ان جي دعوت تي سندن محبت کي گڏ ڪيو، ته ان نعمتِ الٰهيءَ انهن مٿان پنهنجي ڪرامت جا پر ڪيئن کولي ڇڏيا، ۽ انهن لاءِ پنهنجي نعمتن جون نهرون ڪيئن وهائي ڇڏيون، ۽ دين انهن کي پنهنجي ملندڙ نعمتن تي ڪيئن ڳنڍي ڇڏيو، جو اهي ان جي نعمتن ۾ ٻڏڻ لڳا، ۽ ان جي زندگيءَ جي ساواڻ ۾ خوشحال ٿيڻ لڳا، هڪ غالب حڪمران جي ڇانو ۾ انهن جا سڀ مسئلا سُڌري ويا، ۽ حالات انهن کي وڏيءَ عزت جي پاسي ۾ پناهه ڏني. ۽ پائيدار سلطنت جي چوٽين تي سندن مسئلا آساني سان حل ٿيڻ لڳا، پوءِ هو پوريءَ دنيا تي حڪمران، ۽ زمين جي ڪنڊڪُڙڇ تي بادشاهه بڻجي ويا. ۽ انهن مٿان اختيارات جا مالڪ ٿي ويا جيڪي مٿن مالڪ هئا، ۽ انهن تي حڪم هلائڻ لڳا جيڪي مٿن حڪم هلائيندا هئا. نه انهن جي نيزي کي نِوائي سگهجي ٿو، ۽ نه انهن جي پٿر کي ڪٽڪائي سگهجي ٿو.

## ڏوهارين تي ملامت

آگاهه رهو ته بيشڪ توهان پنهنجي هٿن کي اطاعت جي رسيءَ مان ڇڏائي ڇڏيو آهي، ۽ زمانه جاهليت جي طريقن سان پنهنجي مٿان الله جي ڪنيل ڪوٽ کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. بيشڪ الله تعاليٰ هر امت جي ماڻهن تي احسان ڪيو آهي جو انهن کي اهڙيءَ محبت جي رسيءَ سان جوڙي ڇڏيو آهي جنهن جي ڇانو ۾ اٿن ويهن ٿا، ۽ جنهن جي پاسي ۾ پناهه وٺن ٿا، جيڪا اهڙي نعمت آهي جو مخلوق مان ڪو به ان جي قيمت کي نٿو ڄاڻي، ڇو جو اها هر قيمت کان قيمتي ۽ هر اهم شيءِ کان وڌيڪ اهم آهي. ۽ ڄاڻو ته بيشڪ توهان (اسلام) ڏانهن هجرت ڪانپوءِ بدو ٿي ويا آهيو، ۽ هڪ ٻئي سان محبت ڪانپوءِ ٽولن ٽولن ۾ ٿي ويا آهيو، ۽ توهان جو اسلام سان نالي ماتر تعلق رهجي ويو آهي، ۽ ايمان کي نٿا ڄاڻيو سواءِ لڪيرن جي، ڇئو ٿا جهنم قبول آهي باقي عيب قبول نه آهي، ڄڻ توهان اهو چاهيو ٿا ته ان اسلام جي حرمت کي پامال ڪري ۽ ان جي عهد کي ٽوڙي انکي مُنهن ڀر اوندهو ڪري ڇڏيو، جنهن کي الله تعاليٰ توهان لاءِ زمين ۾ پناهه، ۽ مخلوق ۾ امن قرار ڏنو آهي. ۽ بيشڪ اگر توهان اسلام کان علاوهه جي پناهه ورتي ته ڪافر توهان سان جنگ ڪندا، پوءِ نه جبرائيل، نه ميڪائيل، نه مهاجر، ۽ نه وري انصار توهان جي مدد ڪندا سواءِ تلوارن جي ڪڙڪاٽ جي تان جو الله تعاليٰ توهان جي درميان فيصلو ڪري.

وَ إِنَّ عِنْدَكُمُ الْأَمْثَالَ مِنْ بَأْسِ اللَّهِ وَ قَوَارِعِهِ وَ أَيَّامِهِ وَ وَقَائِعِهِ فَلَا تَسْتَبْطِئُوا وَعِيدَهُ جَهْلًا بِأَخْذِهِ وَ تَهَاوُناً بِبَطْشِهِ وَ يَأْساً مِنْ بَأْسِهِ فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ لَمْ يَلْعَنِ الْقَرْنَ الْمَاضِيَ بَيْنَ أَيْدِيكُمْ إِلَّا لِتَرْكِهِمُ الْأَمْرَ بِالْمَعْرُوفِ وَ النَّهْيَ عَنِ الْمُنْكَرِ.

فَلَعَنَ اللَّهُ السُّفَهَاءَ لِرُكُوبِ الْمَعَاصِي وَ الْحُلَمَاءَ لِتَرْكِ التَّنَاهِي أَلَا وَ قَدْ قَطَعْتُمْ قَيْدَ الْإِسْلَامِ وَ عَطَّلْتُمْ حُدُودَهُ وَ أَمَتُّمْ أَحْكَامَهُ أَلَا وَ قَدْ أَمَرَنِيَ اللَّهُ بِقِتَالِ أَهْلِ الْبَغْيِ وَ النَّكْثِ وَ الْفَسَادِ فِي الْأَرْضِ

فَأَمَّا النَّاكِثُونَ فَقَدْ قَاتَلْتُ وَ أَمَّا الْقَاسِطُونَ فَقَدْ جَاهَدْتُ وَ أَمَّا الْمَارِقَةُ فَقَدْ دَوَّخْتُ وَ أَمَّا شَيْطَانُ الرَّدْهَةِ فَقَدْ كُفِيتُهُ بِصَعْقَةٍ سُمِعَتْ لَهَا وَجْبَةُ قَلْبِهِ وَ رَجَّةُ صَدْرِهِ وَ بَقِيَتْ بَقِيَّةٌ مِنْ أَهْلِ الْبَغْيِ وَ لَئِنْ أَذِنَ اللَّهُ فِي الْكَرَّةِ عَلَيْهِمْ لَأُدِيلَنَّ مِنْهُمْ إِلَّا مَا يَتَشَذَّرُ فِي أَطْرَافِ الْبِلَادِ تَشَذُّراً.

## فضل الوحي

أَنَا وَضَعْتُ فِي الصِّغَرِ بِكَلَاكِلِ الْعَرَبِ وَ كَسَرْتُ نَوَاجِمَ قُرُونِ رَبِيعَةَ وَ مُضَرَ وَ قَدْ عَلِمْتُمْ مَوْضِعِي مِنْ رَسُولِ اللَّهِ ﷺ بِالْقَرَابَةِ الْقَرِيبَةِ وَ الْمَنْزِلَةِ الْخَصِيصَةِ وَضَعَنِي فِي حِجْرِهِ.

وَ أَنَا وَلَدٌ يَضُمُّنِي إِلَى صَدْرِهِ وَ يَكْنُفُنِي فِي فِرَاشِهِ وَ يُمِسُّنِي جَسَدَهُ وَ يُشِمُّنِي عَرْفَهُ وَ كَانَ يَمْضَغُ الشَّيْءَ ثُمَّ يُلْقِمُنِيهِ وَ مَا وَجَدَ لِي كَذْبَةً فِي قَوْلٍ وَ لَا خَطْلَةً فِي فِعْلٍ وَ لَقَدْ قَرَنَ اللَّهُ بِهِ ﷺ مِنْ لَدُنْ أَنْ كَانَ فَطِيماً أَعْظَمَ مَلَكٍ مِنْ مَلَائِكَتِهِ.

۽ بيشڪ الله تعالىٰ جي عذاب، مصيبت، آزمائش جا ڏينهن ۽ واقعات جا مثال توهان جي سامهون آهن. بس ان جي پڪڙ کان اڻ ڄاڻ ٿي، ان جي حملي کي آسان سمجهي، ۽ ان جي سختيءَ کان مطمئن ٿي سندس عذاب کي هلڪو نہ سمجهو. ڇاڪاڻ تہ الله سبحانہ توهان کان اڳي وارين امتن تي لعنت ناهي ڪئي مگر انڪري تہ انهن امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪرڻ کي ڇڏي ڏنو هو. پوءِ الله تعالىٰ بيوقوفن تي گناهہ ڪرڻ جي ڪري ۽ ڏاهن تي هڪ ٻئي کي (گناهن کان) نہ روڪڻ جي ڪري لعنت ڪئي آهي. آگاهہ رهو تہ بيشڪ توهان اسلام جون پابنديون ٽوڙي ڇڏيون آهن، ۽ ان جي حدن کي ڇڏي ڏنو اٿو، ۽ ان جي احڪام کي ماري ڇڏيو اٿو. آگاهہ رهو تہ بيشڪ الله تعالىٰ مونکي بغاوت ڪرڻ وارن، بيعت کي ٽوڙڻ وارن، ۽ زمين تي فساد ڪرڻ وارن سان جنگ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. پوءِ آءٌ بيعت کي ٽوڙڻ وارن سان جنگ ڪئي آهي، ۽ مون بغاوت ڪرڻ وارن سان جهاد ڪيو آهي، باقي خارجين کي مون ذليل ڪري ڇڏيو آهي، باقي ڪڏي جو شيطان جنهن کي مون وِچ سان تباهہ ڪيو آهي. جنهن لاءِ ان جي دل جي ڌڙڪڻ، ۽ سندس سيني جي ٿڙڪڻ کي ٻڌو ويو. باقي ڪجهہ بغاوت ڪرڻ وارا بچيا آهن، اگر الله تعالىٰ مونکي مٿن حملي ڪرڻ جي اجازت ڏني تہ آءٌ انهن کي ضرور مِٽائي ڇڏيندس. سواءِ انهن جي جيڪي شهرن جي اوسن پاسن ۾ بلڪل ٽڙي پکڙي وڃن.



## وحي جي فضيلت

آءٌ ننڍپڻ ۾ ئي عربن جي سينن کي ڍير ڪري ڇڏيو، ۽ قبيلہ ربيعہ ۽ مُضر جي ايريل سنگن کي ٽوڙي ڇڏيو. ۽ جڏهن تہ توهان رسول الله ﷺ سان منهنجي بلڪل ويجهيءَ قرابت داريءَ ۽ خاص منزلت واري مقام کي ڄاڻو ٿا. ۽ رسول الله ﷺ مونکي پنهنجيءَ هنج ۾ ويهاريندا هئا، ۽ مونکي پنهنجي سيني سان ملائيندا هئا. ۽ پنهنجي هنڌ ۾ پنهنجي پاسي ۾ مونکي سمهاريندا هئا، ۽ پنهنجي خوشبؤ مونکي سُنگهائيندا هئا جڏهن تہ آءٌ ننڍڙو ٻار هيس. ۽ پاڻ ﷺ ڀريائين ڪاڌو چٻاڙيندا هئا ۽ پوءِ مونکي گرہ ناهي ڏيندا هئا. ۽ پاڻ ﷺ ڪڏهن بہ مونکي ڪلام ۾ ڪوڙ هڻندي ۽ نہ وري ڪنهن ڪم ۾ غلطي ڪندي پاتو. الله تعالىٰ پاڻ سڳورن ﷺ سان تنهن وقت کان وني جڏهن کان پاڻ ﷺ ٿڃ ڇڏي هئي ملائڪن مان هڪ وڏو ملائڪ ساڻ ڏئي ڇڏيو هو.

يَسْلُكُ بِهِ طَرِيقَ الْمَكَارِمِ وَ مَحَاسِنَ أَخْلَاقِ الْعَالَمِ لَيْلَهُ وَ نَهَارَهُ وَ لَقَدْ كُنْتُ أَتَّبِعُهُ اتِّبَاعَ الْفَصِيلِ أَثَرَ أُمِّهِ يَرْفَعُ لِي فِي كُلِّ يَوْمٍ مِنْ أَخْلَاقِهِ عَلَماً وَ يَأْمُرُنِي بِالاقْتِدَاءِ بِهِ.

وَ لَقَدْ كَانَ يُجَاوِرُ فِي كُلِّ سَنَةٍ بِحِرَاءَ فَأَرَاهُ وَ لَا يَرَاهُ غَيْرِي وَ لَمْ يَجْمَعْ بَيْتٌ وَاحِدٌ يَوْمَئِذٍ فِي الْإِسْلَامِ غَيْرَ رَسُولِ اللَّهِ ﷺ وَ خَدِيجَةَ وَ أَنَا ثَالِثُهُمَا.

أَرَى نُورَ الْوَحْيِ وَ الرِّسَالَةِ وَ أَشُمُّ رِيحَ النُّبُوَّةِ وَ لَقَدْ سَمِعْتُ رَنَّةَ الشَّيْطَانِ حِينَ نَزَلَ الْوَحْيُ عَلَيْهِ ﷺ فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ مَا هَذِهِ الرَّنَّةُ فَقَالَ هَذَا الشَّيْطَانُ قَدْ أَيِسَ مِنْ عِبَادَتِهِ إِنَّكَ تَسْمَعُ مَا أَسْمَعُ وَ تَرَى مَا أَرَى إِلَّا أَنَّكَ لَسْتَ بِنَبِيٍّ وَ لَكِنَّكَ لَوَزِيرٌ.

وَ إِنَّكَ لَعَلَى خَيْرٍ وَ لَقَدْ كُنْتُ مَعَهُ ﷺ لَمَّا أَتَاهُ الْمَلَأُ مِنْ قُرَيْشٍ فَقَالُوا لَهُ يَا مُحَمَّدُ إِنَّكَ قَدِ ادَّعَيْتَ عَظِيماً لَمْ يَدَّعِهِ آبَاؤُكَ وَ لَا أَحَدٌ مِنْ بَيْتِكَ وَ نَحْنُ نَسْأَلُكَ أَمْراً إِنْ أَنْتَ أَجَبْتَنَا إِلَيْهِ وَ أَرَيْتَنَاهُ عَلِمْنَا أَنَّكَ نَبِيٌّ وَ رَسُولٌ وَ إِنْ لَمْ تَفْعَلْ عَلِمْنَا أَنَّكَ سَاحِرٌ كَذَّابٌ فَقَالَ ﷺ وَ مَا تَسْأَلُونَ قَالُوا تَدْعُو لَنَا هَذِهِ الشَّجَرَةَ حَتَّى تَنْقَلِعَ بِعُرُوقِهَا وَ تَقِفَ بَيْنَ يَدَيْكَ.



فَقَالَ ﷺ إِنَّ اللَّهَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ فَإِنْ فَعَلَ اللَّهُ لَكُمْ ذَلِكَ أَ تُؤْمِنُونَ وَ تَشْهَدُونَ بِالْحَقِّ قَالُوا نَعَمْ قَالَ فَإِنِّي سَأُرِيكُمْ مَا تَطْلُبُونَ وَ إِنِّي لَأَعْلَمُ أَنَّكُمْ لَا تَفِيئُونَ إِلَى خَيْرٍ وَ إِنَّ فِيكُمْ مَنْ يُطْرَحُ فِي الْقَلِيبِ وَ مَنْ يُحَزِّبُ الْأَحْزَابَ.

جيڪو رات ۽ ڏينهن پاڻ ﷺ کي سُنين خصلتن جي واٽ ۽ دنياوي ڀلي اخلاق تي هلائيندو هو، ۽ آءٌ پاڻ ﷺ جي ائين نقشِ قدم تي هلندو هيس جيئن ڦرڙو پنهنجي ماء جي پُنيان هلندو آهي. ۽ پاڻ ﷺ منهنجي لاءِ هر روز پنهنجي اخلاق مان هڪ علَم بلند ڪندا هئا ۽ مونکي ان جي پيروي ڪرڻ جو حڪم ڏيندا هئا، ۽ بيشڪ پاڻ ﷺ هر سال غارِ حرا ۾ رهندا هئا، پوءِ آءٌ ئي ڪيس ڏسندو هيس ۽ مونکان سواءِ ٻيو ڪو ٻه ڪيس نه ڏسندو هو. ۽ ان ڏينهن ڪو ٻه هڪ گهر اسلام ۾ گڏ نه ٿيو هو سواءِ رسول الله ﷺ ۽ جناب خديجه عليها السلام جي، ۽ مان انهن ٻن سان ٽيون هيس.

۽ آءٌ وحي ۽ رسالت جي نور کي ڏسان پيو ۽ نبوت جي خوشبؤ سنگهان پيو. ۽ جڏهن وحي پاڻ سڳورن ﷺ تي نازل ٿي ته مان شيطان جي رڙ ٻُڌي، پوءِ مون چيو يا رسول الله ﷺ هي رِڙ ڇا جي آهي؟ پوءِ پاڻ ﷺ فرمايو: هي شيطان آهي جيڪو پنهنجي پوڄا ڪرائڻ کان مايوس ٿي ويو آهي. ۽ بيشڪ تون اهو ٻڌين ٿو جيڪو آءٌ ٻڌان ٿو ۽ تون اهو ڏسين ٿو جيڪو آءٌ ڏسان ٿو. مگر يقيناً تون نبي نه آهين. ليڪن تون وزير آهين، ۽ بيشڪ تون ڀلائي تي آهين. ۽ مان پاڻ سڳورن ﷺ سان ان وقت ٻه گڏ هيس جڏهن وٽس قريش جا چڱا مڙس آيا، پوءِ انهن پاڻ ﷺ کي چيو: اي محمد ﷺ بيشڪ تو وڏي دعویٰ ڪئي آهي، جيڪا نه تنهنجي وڏڙن دعویٰ ڪئي ۽ نه تنهنجي گهر مان ڪنهن ڪئي، ۽ اسان تو کان ڪنهن شيءَ بابت پڇنداسين اگر تو ان بابت اسان کي جواب ڏنو ۽ اها اسانکي ڏيکاري ته اسان ڄاڻنداسين ته بيشڪ تون نبي ۽ رسول آهين، ۽ اگر تو ائين نه ڪيو ته اسان ڄاڻنداسين ته تون جادوگر ۽ ڪوڙو آهين. پوءِ پاڻ ﷺ فرمايو: توهان ڇا ٿا پڇو؟ انهن چيو: اسان جي لاءِ هن وڻ کي سڏ ڪر تان جو اهو پاڙن سميت پنجي اکڀان اچي بيهي. پاڻ ﷺ فرمايو: بيشڪ الله تعالىٰ هر شيءَ تي قادر آهي، اگر الله تعالىٰ توهان لاءِ ائين ڪيو ته ڇا توهان ايمان آڻيندؤ ۽ حق جي گواهي ڏيندؤ؟. انهن چيو، ها. پاڻ ﷺ فرمايو: پوءِ آءٌ عنقريب توهان کي اهو ڏيکاريندس جيڪو توهان چاهيو ٿا، ۽ آءٌ پڪ سان اهو ٻه ڄاڻان ٿو ته توهان ڀلائيءَ ڏانهن موٽي نه ايندؤ. ۽ بيشڪ توهان مان ڪن کي کوه ۾ اڇلايو ويندو، ۽ ڪي وري احزاب واري ڏينهن جٿابندي ڪندا.

ثُمَّ قَالَ ﷺ يَا أَيَّتُهَا الشَّجَرَةُ إِنْ كُنْتِ تُؤْمِنِينَ بِاللَّهِ وَ الْيَوْمِ الْآخِرِ وَ تَعْلَمِينَ أَنِّي رَسُولُ اللَّهِ فَانْقَلِعِي بِعُرُوقِكِ حَتَّى تَقِفِي بَيْنَ يَدَيَّ بِإِذْنِ اللَّهِ فَوَالَّذِي بَعَثَهُ بِالْحَقِّ لَانْقَلَعَتْ بِعُرُوقِهَا وَ جَاءَتْ وَ لَهَا دَوِيٌّ شَدِيدٌ وَ قَصْفٌ كَقَصْفِ أَجْنِحَةِ الطَّيْرِ حَتَّى وَقَفَتْ بَيْنَ يَدَيْ رَسُولِ اللَّهِ ﷺ مُرَفْرِفَةً وَ أَلْقَتْ بِغُصْنِهَا الْأَعْلَى عَلَى رَسُولِ اللَّهِ ﷺ وَ بِبَعْضِ أَغْصَانِهَا عَلَى مَنْكِبِي.

وَ كُنْتُ عَنْ يَمِينِهِ ﷺ فَلَمَّا نَظَرَ الْقَوْمُ إِلَى ذَلِكَ قَالُوا عُلُوّاً وَ اسْتِكْبَاراً فَمُرْهَا فَلْيَأْتِكَ نِصْفُهَا وَ يَبْقَى نِصْفُهَا فَأَمَرَهَا بِذَلِكَ فَأَقْبَلَ إِلَيْهِ نِصْفُهَا كَأَعْجَبِ إِقْبَالٍ وَ أَشَدِّهِ دَوِيّاً فَكَادَتْ تَلْتَفُّ بِرَسُولِ اللَّهِ ﷺ فَقَالُوا كُفْراً وَ عُتُوّاً فَمُرْ هَذَا النِّصْفَ فَلْيَرْجِعْ إِلَى نِصْفِهِ كَمَا كَانَ فَأَمَرَهُ ﷺ فَرَجَعَ.

فَقُلْتُ أَنَا لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ إِنِّي أَوَّلُ مُؤْمِنٍ بِكَ يَا رَسُولَ اللَّهِ وَ أَوَّلُ مَنْ أَقَرَّ بِأَنَّ الشَّجَرَةَ فَعَلَتْ مَا فَعَلَتْ بِأَمْرِ اللَّهِ تَعَالَى تَصْدِيقاً بِنُبُوَّتِكَ وَ إِجْلَالًا لِكَلِمَتِكَ فَقَالَ الْقَوْمُ كُلُّهُمْ بَلْ سَاحِرٌ كَذَّابٌ عَجِيبُ السِّحْرِ خَفِيفٌ فِيهِ وَ هَلْ يُصَدِّقُكَ فِي أَمْرِكَ إِلَّا مِثْلُ هَذَا يَعْنُونَنِي وَ إِنِّي لَمِنْ قَوْمٍ لَا تَأْخُذُهُمْ فِي اللَّهِ لَوْمَةُ لَائِمٍ.

سِيمَاهُمْ سِيمَا الصِّدِّيقِينَ وَ كَلَامُهُمْ كَلَامُ الْأَبْرَارِ عُمَّارُ اللَّيْلِ وَ مَنَارُ النَّهَارِ مُتَمَسِّكُونَ بِحَبْلِ الْقُرْآنِ يُحْيُونَ سُنَنَ اللَّهِ وَ سُنَنَ رَسُولِهِ لَا يَسْتَكْبِرُونَ وَ لَا يَعْلُونَ وَ لَا يَغُلُّونَ وَ لَا يُفْسِدُونَ قُلُوبُهُمْ فِي الْجِنَانِ وَ أَجْسَادُهُمْ فِي الْعَمَلِ.

پوءِ پاڻ ﷺ فرمايو: اي وڻ اگر تون الله ۽ قيامت واري ڏينهن تي ايمان رکين ٿو ۽ اهو ڄاڻين ٿو تہ مان الله جو رسول آهيان تہ الله جي حڪم سان پنهنجي پاڙن سميت پٽج تان جو منهنجي اڳيان اچي بيهہ. بس قسم آهي ان ذات جو جنهن ڪيس حق سان موڪليو، بيشڪ وڻ پنهنجي پاڙن سميت پٽجي ان حال ۾ آيو جو اهو سخت سرڙاٽ ۽ پکيءَ جي پرن جيان ڦڙڪاٽ ڪري رهيو هو تان جو ٿهڪندڙ ٽارين سان رسول الله ﷺ جي اڳيان اچي بيٺو، ۽ پنهنجي مٿين ٽارين کي رسول الله ﷺ تي نوايائين ۽ ڪجھ ٽارين کي رسول الله ﷺ جي ڪُلهن تي رکيائين. ۽ آءٌ پاڻ ﷺ جي ساڄي پاسي کان هيس پوءِ جڏهن ماڻهن ان ڏانهن ڏٺو تہ وڏائي ۽ تڪبر وٺان چيائون: تہ انکي حڪم ڏي جو ان جو اڌ تو وٽ اچي ۽ اڌ پنهنجي جاءِ تي باقي رهي، پوءِ پاڻ ﷺ انکي اهو حڪم ڏنو تہ ان جو اڌ وڏيڪ عجيب انداز ۾ گهڻي آواز سان پاڻ ﷺ وٽ آيو ڄڻ تہ پاڻ ﷺ سان ڀاڪرپائي رهيو هجي. پوءِ انهن ڪفر ۽ سرڪشي ڪندي چيو: تہ هن اڌ کي حڪم ڏي تہ پنهنجي اڌ ڏانهن موٽي وڃي جيئن هيو، پوءِ پاڻ ﷺ انکي حڪم ڏنو ۽ هو موٽي ويو.

پوءِ مون چيو: ڪو بہ معبود نہ آهي سواءِ الله جي، اي الله جا رسول مان توهان تي پهريون ايمان آڻڻ وارو آهيان، ۽ جنهن اهو اقرار ڪيو تہ بيشڪ وڻ جيڪو ڪيو سو الله تعالىٰ جي حڪم سان ڪيو، تنهنجي نبوت جي تصديق ڪندي، ۽ تنهنجي ڳالھ کي وڏو سمجهندي. پوءِ سيني ماڻهن چيو: بلڪ (هي) جادوگر ۽ ڪوڙو آهي، جادو ڪرڻ ۾ عجيب ۽ ان ۾ ماهر آهي، ۽ ڇا تنهنجي امر ۾ ڪو تنهنجي تصديق ڪندو سواءِ هن جهڙي جي، ۽ ان مان منهنجو قصد ڪيائون، ۽ بيشڪ آءٌ اهڙن ماڻهن منجهان آهيان، جيڪي الله تعالىٰ خاطر ملامت ڪرڻ واري جي ملامت جي پرواھ ناهن ڪندا، انهن جون نشانيون سچن ماڻهن جي نشانين جيان آهن، ۽ انهن جي گفتگو نيڪوڪارن جي گفتگو جيان آهي، رات کي آباد ڪندڙ ۽ ڏينهن جو هدايت جا مينار آهن. ۽ قرآن جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙڻ وارا آهن، الله ۽ سندس رسول جي سنت کي زنده ڪن ٿا، نہ تڪبر ڪن ٿا ۽ نہ وڏائي ڪن ٿا، ۽ نہ خيانت ڪن ٿا ۽ نہ فساد ڪن ٿا، انهن جون دليون جنت ۾ انهن جا جسم عمل ۾ آهن.

# ١٩٣- و من خطبة له عليه السلام

### يصف فيها المتقين

رُوِيَ أَنَّ صَاحِباً لِأَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ عليه السلام يُقَالُ لَهُ هَمَّامٌ كَانَ رَجُلًا عَابِداً فَقَالَ لَهُ يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ صِفْ لِيَ الْمُتَّقِينَ حَتَّى كَأَنِّي أَنْظُرُ إِلَيْهِمْ فَتَثَاقَلَ عليه السلام عَنْ جَوَابِهِ ثُمَّ قَالَ يَا هَمَّامُ اتَّقِ اللَّهَ وَ أَحْسِنْ فَ ﴿إِنَّ اللَّهَ مَعَ الَّذِينَ اتَّقَوْا وَ الَّذِينَ هُمْ مُحْسِنُونَ[١]﴾ فَلَمْ يَقْنَعْ هَمَّامٌ بِهَذَا الْقَوْلِ حَتَّى عَزَمَ عَلَيْهِ فَحَمِدَ اللَّهَ وَ أَثْنَى عَلَيْهِ وَ صَلَّى عَلَى النَّبِيِّ صلى الله عليه وآله ثُمَّ قَالَ عليه السلام:

أَمَّا بَعْدُ فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ وَ تَعَالَى خَلَقَ الْخَلْقَ حِينَ خَلَقَهُمْ غَنِيّاً عَنْ طَاعَتِهِمْ آمِناً مِنْ مَعْصِيَتِهِمْ لِأَنَّهُ لَا تَضُرُّهُ مَعْصِيَةُ مَنْ عَصَاهُ وَ لَا تَنْفَعُهُ طَاعَةُ مَنْ أَطَاعَهُ فَقَسَمَ بَيْنَهُمْ مَعَايِشَهُمْ وَ وَضَعَهُمْ مِنَ الدُّنْيَا مَوَاضِعَهُمْ فَالْمُتَّقُونَ فِيهَا هُمْ أَهْلُ الْفَضَائِلِ مَنْطِقُهُمُ الصَّوَابُ وَ مَلْبَسُهُمُ الِاقْتِصَادُ وَ مَشْيُهُمُ التَّوَاضُعُ.



غَضُّوا أَبْصَارَهُمْ عَمَّا حَرَّمَ اللَّهُ عَلَيْهِمْ وَ وَقَفُوا أَسْمَاعَهُمْ عَلَى الْعِلْمِ النَّافِعِ لَهُمْ نُزِّلَتْ أَنْفُسُهُمْ مِنْهُمْ فِي الْبَلَاءِ كَالَّتِي نُزِّلَتْ فِي الرَّخَاءِ وَ لَوْ لَا الْأَجَلُ الَّذِي كَتَبَ اللَّهُ عَلَيْهِمْ لَمْ تَسْتَقِرَّ أَرْوَاحُهُمْ فِي أَجْسَادِهِمْ طَرْفَةَ عَيْنٍ شَوْقاً إِلَى الثَّوَابِ وَ خَوْفاً مِنَ الْعِقَابِ. عَظُمَ الْخَالِقُ فِي أَنْفُسِهِمْ فَصَغُرَ مَا دُونَهُ فِي أَعْيُنِهِمْ فَهُمْ وَ الْجَنَّةُ كَمَنْ قَدْ رَآهَا فَهُمْ فِيهَا مُنَعَّمُونَ وَ هُمْ وَ النَّارُ كَمَنْ قَدْ رَآهَا فَهُمْ فِيهَا مُعَذَّبُونَ قُلُوبُهُمْ مَحْزُونَةٌ وَ شُرُورُهُمْ مَأْمُونَةٌ وَ أَجْسَادُهُمْ نَحِيفَةٌ وَ حَاجَاتُهُمْ خَفِيفَةٌ وَ أَنْفُسُهُمْ عَفِيفَةٌ.

---

١: النحل: الآية: ١٢٨.

## ١٩٣_ امام عليه السلام جو خطبو. جنهن ۾ پاڻ عليه السلام پرهيزگارن جون صفتون بيان ڪيون آهن

مروي آهي ته اميرالمؤمنين عليه السلام جو هڪ ساٿي هو جنهن کي همام چيو ويندو هو، ۽ جيڪو وڏو عبادتگذار ماڻهو هو، ان عرض ڪيو اي اميرالمؤمنين عليه السلام مونکي پرهيزگارن جون صفتون ائين بڌاء جڻ آءٌ انهن کي ڏسي رهيو هجان، پر امام عليه السلام جواب ڏيڻ کان لهرايو، پوءِ فرمايو اي همام الله کان ڊڄ، جو "بيشڪ الله انهن سان گڏ آهي جن تقوىٰ اختيار ڪئي ۽ اهي ئي ڀلائي ڪندڙ آهن" پر همام هن جواب مان مطمئن نه ٿيو ۽ امام عليه السلام کان وڌيڪ جو اصرار ڪيو ته پوءِ امام عليه السلام الله تعالىٰ جي حمد ۽ ثنا ڪئي ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم تي صلوات پڙهي ۽ پوءِ فرمايائون:

اما بعد: بيشڪ الله تعالىٰ مخلوق کي پيدا ڪيو جڏهن ته سندن پيدا ڪرڻ وقت انهن جي اطاعت کان بي نياز، ۽ سندن نافرمانيءَ کان محفوظ هو. انڪري ته جنهن انجي نافرماني ڪئي ته انجي نافرماني ڪيس نقصان نٿي پهچائي ۽ نه وري جنهن سندس اطاعت ڪئي ته انجي اطاعت ڪيس فائدو پهچائي ٿي. پوءِ هن انهن جي وچ ۾ سندن روزيءَ کي ورهائي ڇڏيو، ۽ دنيا ۾ انهن کي پنهنجين پنهنجين جاين تي رکيو، پوءِ ان ۾ پرهيزگار ئي فضل وارا آهن. انهن جي گفتگو سچ، ۽ انهن جو لباس درميانو، ۽ انهن جو هلڻ انڪساريءِ سان هوندو آهي. جيڪو الله تعالىٰ مٿن حرام ڪيو آهي تنهن کان پنهنجي نظرن کي بند ڪندا آهن، ۽ پنهنجي ڪنن کي پاڻ لاءِ فائديمند علم ڏانهن متوجه ڪندا آهن، ۽ پاڻ کي ڏکيائي ۾ ائين رکندا آهن جيئن سُکيائي ۾ رکندا آهن. اگر اهو اجل نه هجي جيڪو الله تعالىٰ انهن لاءِ لکيو آهي ته ثواب جي شوق ۽ عذاب جي خوف کان روح سندن جسمن ۾ اک ڇنب جي برابر به نه ترسن ها. خالق سندن وٽ ايڏو عظيم آهي جو ان کان علاوه ٻيون شيون سندن نظر ۾ حقير آهن. بس هنن کي جنّت جو ان شخص وانگر يقين آهي جنهن انکي ڏٺو آهي، ۽ هو ان جي نعمتن ۾ آهن. بس هنن کي جهنّم جو ان شخص وانگر يقين آهي جنهن انکي ڏٺو آهي ۽ ان جي عذاب ۾ آهن. سندن دليون ڏکاريون ۽ سندن شر کان (ماڻهو) امان ۾ آهن، ۽ هنن جا جسم ڪمزور ۽ ضرورتون معمولي ۽ نفس پاڪ آهن.

صَبَرُوا أَيَّاماً قَصِيرَةً أَعْقَبَتْهُمْ رَاحَةً طَوِيلَةً تِجَارَةٌ مُرْبِحَةٌ يَسَّرَهَا لَهُمْ رَبُّهُمْ أَرَادَتْهُمُ الدُّنْيَا فَلَمْ يُرِيدُوهَا وَ أَسَرَتْهُمْ فَفَدَوْا أَنْفُسَهُمْ مِنْهَا أَمَّا اللَّيْلَ فَصَافُّونَ أَقْدَامَهُمْ تَالِينَ لِأَجْزَاءِ الْقُرْآنِ يُرَتِّلُونَهَا تَرْتِيلًا يُحَزِّنُونَ بِهِ أَنْفُسَهُمْ.

وَ يَسْتَثِيرُونَ بِهِ دَوَاءَ دَائِهِمْ فَإِذَا مَرُّوا بِآيَةٍ فِيهَا تَشْوِيقٌ رَكَنُوا إِلَيْهَا طَمَعاً وَ تَطَلَّعَتْ نُفُوسُهُمْ إِلَيْهَا شَوْقاً وَ ظَنُّوا أَنَّهَا نُصْبَ أَعْيُنِهِمْ وَ إِذَا مَرُّوا بِآيَةٍ فِيهَا تَخْوِيفٌ أَصْغَوْا إِلَيْهَا مَسَامِعَ قُلُوبِهِمْ.

وَ ظَنُّوا أَنَّ زَفِيرَ جَهَنَّمَ وَ شَهِيقَهَا فِي أُصُولِ آذَانِهِمْ فَهُمْ حَانُونَ عَلَى أَوْسَاطِهِمْ مُفْتَرِشُونَ لِجِبَاهِهِمْ وَ أَكُفِّهِمْ وَ رُكَبِهِمْ وَ أَطْرَافِ أَقْدَامِهِمْ يَطْلُبُونَ إِلَى اللَّهِ تَعَالَى فِي فَكَاكِ رِقَابِهِمْ وَ أَمَّا النَّهَارَ فَحُلَمَاءُ عُلَمَاءُ أَبْرَارٌ أَتْقِيَاءُ قَدْ بَرَاهُمُ الْخَوْفُ بَرْيَ الْقِدَاحِ يَنْظُرُ إِلَيْهِمُ النَّاظِرُ فَيَحْسَبُهُمْ مَرْضَى وَ مَا بِالْقَوْمِ مِنْ مَرَضٍ وَ يَقُولُ لَقَدْ خُولِطُوا وَ لَقَدْ خَالَطَهُمْ أَمْرٌ عَظِيمٌ لَا يَرْضَوْنَ مِنْ أَعْمَالِهِمُ الْقَلِيلَ وَ لَا يَسْتَكْثِرُونَ الْكَثِيرَ.

فَهُمْ لِأَنْفُسِهِمْ مُتَّهِمُونَ وَ مِنْ أَعْمَالِهِمْ مُشْفِقُونَ إِذَا زُكِّيَ أَحَدٌ مِنْهُمْ خَافَ مِمَّا يُقَالُ لَهُ فَيَقُولُ أَنَا اَعْلَمُ بِنَفْسِي مِنْ غَيْرِي وَ رَبِّي أَعْلَمُ بِي مِنِّي بِنَفْسِي اللَّهُمَّ لَا تُؤَاخِذْنِي بِمَا يَقُولُونَ وَ اجْعَلْنِي أَفْضَلَ مِمَّا يَظُنُّونَ.

وَ اغْفِرْ لِي مَا لَا يَعْلَمُونَ فَمِنْ عَلَامَةِ أَحَدِهِمْ أَنَّكَ تَرَى لَهُ قُوَّةً فِي دِينٍ وَ حَزْماً فِي لِينٍ وَ إِيمَاناً فِي يَقِينٍ وَ حِرْصاً فِي عِلْمٍ وَ عِلْماً فِي حِلْمٍ وَ قَصْداً فِي غِنًى وَ خُشُوعاً فِي عِبَادَةٍ وَ تَجَمُّلًا فِي فَاقَةٍ وَ صَبْراً فِي شِدَّةٍ وَ طَلَباً فِي حَلَالٍ وَ نَشَاطاً فِي هُدًى وَ تَحَرُّجاً عَنْ طَمَعٍ.

هنن تورن ڏينهن لاءِ صبر ڪيو، جيڪي انهن جي پُنيان ڊگهو سڪون آڻين ٿا. واپار فائديمند اٿن، جنهن کي پالڻهار سندن لاءِ سولو بڻائي ڇڏيو آهي، دنيا ته هنن کي چاهيو پر هنن دنيا کي نه چاهيو، ۽ هن انهن کي پنهنجو قيدي بڻايو، پر هو پنهنجي نفس جو فديو ڏئي پاڻ کي ان مان بچائي ويا. باقي رات جو هو پنهنجي پيرن تي بيهي قرآن مجيد جي سيپارن جي سهڻي نموني تلاوت ڪن ٿا، ۽ ان ذريعي پنهنجو پاڻ کي غمگين ڪن ٿا، ۽ ان ۾ مگن ٿي ڪري پنهنجي بيماريءَ جو علاج ڪن ٿا، ۽ جڏهن اهڙيءَ آيتِ مجيده کان گذرن ٿا جنهن ۾ شوق ڏياريو ويو آهي ته چاه ڪندي ان طرف جُهڪي پون ٿا، ۽ سندن نفس شوق مان ان ڏانهن چاهت سان ڏسن ٿا، ۽ اهو سمجهن ٿا ته اها ئي آيت سندن نصب العين آهي، ۽ جڏهن اهڙيءَ آيت کان گذرن ٿا جنهن ۾ ڊيڄاريو ويو آهي ته اهي پنهنجي دل جي ڪنن سان ان طرف متوجه ٿين ٿا.

۽ اهو سمجهن ٿا ته جهنم جا پڙڪاٽ ۽ ان جون رڙيون سندن ڪنن ۾ گونجن ٿيون. بس اهي پنهنجي چيلهين کي نِوائي، پنهنجي پيشانين، تِرين، گوڏن، ۽ پيرن جي آڱوٺن کي زمين تي وڇائي الله تعالىٰ کان (جهنم مان) پنهنجي ڳچين جي آزادي گُهرن ٿا، ۽ جڏهن ڏينهن ٿئي ٿو ته هو بُردبار، عالم، نيڪوڪار، ۽ پرهيزگار هوندا آهن. خوفَ ڪين تيرن جيان سنهو ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ڏسڻ وارو انهن کي ڏسي ٿو ته ڪين بيمار سمجهي ٿو، پر اهي بيمار ماڻهو نه آهن، ۽ ڏسڻ وارو چئي ٿو: يقيناً انهن کي مجنون ڪيو ويو آهي، بيشڪ انهن کي هڪ وڏي امر مجنون ڪري ڇڏيو آهي، جو هو پنهنجي ٿورڙن عملن تي راضي نٿا ٿين، ۽ نه وري گهڻن کي گهڻو سمجهن ٿا. ۽ هو پنهنجي نفسن کي ملامت ڪن ٿا، ۽ پنهنجي عملن بابت ڊنل رهن ٿا.



۽ جڏهن انهن مان ڪنهن جي تعريف ڪئي وڃي ته جيڪو ان لاءِ چيو وڃي ٿو ان کان ڊڄي ٿو، ۽ چئي ٿو: آءٌ پاڻ کي ٻئي کان وڌيڪ ڄاڻان ٿو، ۽ منهنجو پالڻهار مونکي مون کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو. اي الله جيڪو هو چون ٿا ان بابت منهنجو مؤاخذو نه ڪجائن، ۽ جيڪو هو گمان ڪن ٿا مونکي انکان ڀلو بڻاءِ، ۽ جيڪو هو نٿا ڄاڻن اهو مونکي بخش، ۽ انهن مان هڪڙي جي نشاني هي آهي ته يقيناً تون انکي دين ۾ پختو، ۽ نرميءَ ڪرڻ ۾ محڪم، ۽ يقين سان مومن، ۽ علم ۾ حريص، ۽ بُردباريءَ ۾ ڄاڻو، ۽ آسودائپ ۾ وچترو، ۽ عبادت ۾ خشوع ڪندڙ، ۽ غربت ۾ خوشحالي جو اظهار ڪندڙ، ۽ سختيءَ ۾ صبر ڪندڙ، ۽ حلال رزق ۾ جستجو ڪندڙ، ۽ هدايت ڏانهن چُستي ڪندڙ، ۽ لالچ کان بچندڙ پائيندين.

يَعْمَلُ الْأَعْمَالَ الصَّالِحَةَ وَ هُوَ عَلَى وَجَلٍ يُمْسِي وَ هَمُّهُ الشُّكْرُ وَ يُصْبِحُ وَ هَمُّهُ الذِّكْرُ يَبِيتُ حَذِراً وَ يُصْبِحُ فَرِحاً حَذِراً لِمَا حُذِّرَ مِنَ الْغَفْلَةِ وَ فَرِحاً بِمَا أَصَابَ مِنَ الْفَضْلِ وَ الرَّحْمَةِ.

إِنِ اسْتَصْعَبَتْ عَلَيْهِ نَفْسُهُ فِيمَا تَكْرَهُ لَمْ يُعْطِهَا سُؤْلَهَا فِيمَا تُحِبُّ قُرَّةُ عَيْنِهِ فِيمَا لَا يَزُولُ وَ زَهَادَتُهُ فِيمَا لَا يَبْقَى يَمْزُجُ الْحِلْمَ بِالْعِلْمِ وَ الْقَوْلَ بِالْعَمَلِ تَرَاهُ قَرِيباً أَمَلُهُ قَلِيلًا زَلَلُهُ خَاشِعاً قَلْبُهُ قَانِعَةً نَفْسُهُ مَنْزُوراً أَكْلُهُ سَهْلًا أَمْرُهُ حَرِيزاً دِينُهُ مَيِّتَةً شَهْوَتُهُ مَكْظُوماً غَيْظُهُ الْخَيْرُ مِنْهُ مَأْمُولٌ وَ الشَّرُّ مِنْهُ مَأْمُونٌ.

إِنْ كَانَ فِي الْغَافِلِينَ كُتِبَ فِي الذَّاكِرِينَ وَ إِنْ كَانَ فِي الذَّاكِرِينَ لَمْ يُكْتَبْ مِنَ الْغَافِلِينَ يَعْفُو عَمَّنْ ظَلَمَهُ وَ يُعْطِي مَنْ حَرَمَهُ وَ يَصِلُ مَنْ قَطَعَهُ بَعِيداً فُحْشُهُ لَيِّناً قَوْلُهُ غَائِباً مُنْكَرُهُ حَاضِراً مَعْرُوفُهُ مُقْبِلًا خَيْرُهُ مُدْبِراً شَرُّهُ فِي الزَّلَازِلِ وَقُورٌ،

وَ فِي الْمَكَارِهِ صَبُورٌ وَ فِي الرَّخَاءِ شَكُورٌ لَا يَحِيفُ عَلَى مَنْ يُبْغِضُ وَ لَا يَأْثَمُ فِيمَنْ يُحِبُّ يَعْتَرِفُ بِالْحَقِّ قَبْلَ أَنْ يُشْهَدَ عَلَيْهِ لَا يُضِيعُ مَا اسْتُحْفِظَ وَ لَا يَنْسَى مَا ذُكِّرَ وَ لَا يُنَابِزُ بِالْأَلْقَابِ.

وَ لَا يُضَارُّ بِالْجَارِ وَ لَا يَشْمَتُ بِالْمَصَائِبِ وَ لَا يَدْخُلُ فِي الْبَاطِلِ وَ لَا يَخْرُجُ مِنَ الْحَقِّ إِنْ صَمَتَ لَمْ يَغُمَّهُ صَمْتُهُ وَ إِنْ ضَحِكَ لَمْ يَعْلُ صَوْتُهُ وَ إِنْ بُغِيَ عَلَيْهِ صَبَرَ حَتَّى يَكُونَ اللَّهُ هُوَ الَّذِي يَنْتَقِمُ لَهُ نَفْسُهُ مِنْهُ فِي عَنَاءٍ وَ النَّاسُ مِنْهُ فِي رَاحَةٍ.

هو نيڪ عمل بہ خوف جي حالت ۾ انجام ڏئي ٿو، ۽ شڪر جي فڪر ۾ شام ڪري ٿو، ۽ ذڪر جي فڪر ۾ صبح ڪري ٿو، ۽ رات ڊڄندي گذاري ٿو، ۽ صبح خوشي سان ڪري ٿو. ڊڄندي ان غفلت کان جنهن کي کيس ڊيڄاريو ويو آهي، ۽ خوش ٿيندي ان فضل ۽ رحمت تي جيڪي کيس مليا آهن. اگر سندس نفس اڻ وڻندڙ عمل بابت ڏکيائي ڪري ٿو تہ هو ان جي وڻندڙ شي جي چاهت بابت سندس اطاعت نٿو ڪري. ان جي اکين جو ٺار باقي رهندڙ عمل ۾ آهي، ۽ ان جي پرهيز باقي نہ رهندڙ عمل کان آهي، هو بردباري کي علم سان، ۽ قول کي عمل سان ملائي ٿو. تون انکي ڏسندين تہ سندس اميدون ننڍڙيون، سندس ڪوتاهيون ٿوريون، سندس دل عاجزيءَ ڪندڙ، سندس نفس قناعت ڪندڙ، سندس کاڌو ٿورو، سندس اٿڻي ويهڻي سادگيءَ سان، سندس دين بچيل، سندس خواهشون مئل، ۽ هنجو غصو پيٽل هوندو آهي، کانئس خير جي اميد ڪئي وڃي ٿي، ۽ سندس شر کان محفوظ رهيو وڃي ٿو. اگر هو غافلن ۾ هوندو تہ ذڪر ڪندڙن منجهان لکيو ويندو، ۽ اگر ذڪر ڪندڙن ۾ هوندو تہ غافلن منجهان نہ لکيو ويندو. انکي معاف ڪندو آهي جيڪو انکي محروم ڪندو آهي، ۽ ان سان صلہ رحميءَ ڪندو آهي جيڪو ساڻس قطع رحمي ڪندو آهي.

گُٿن لفظن کان پري، ڳالهائڻ ۾ نرم مزاج، بُراين کان دور، نيڪين ۾ اڳڀرو، خير ڏانهن وڌندڙ، شر کي پُٺي ڏيڻ وارو، سختين ۾ پُروقار، اڻ وڻندڙ حالتن ۾ صبر ڪندڙ، ۽ خوشحالي ۾ شڪر ڪندڙ هوندو آهي. ۽ جنهن سان نفرت ڪري ٿو تہ تڏهن بہ ان تي ظلم نٿو ڪري، ۽ جنهن کي چاهي ٿو تہ تڏهن بہ ان خاطر ڏوه نٿو ڪري، هو حق جو اعتراف ڪري ٿو ان کان پهريان جو مٿس ڪو شاهدي ڏئي، ۽ جنهن تي امين بڻايو وڃيس ٿو انکي ضايع نٿو ڪري، ۽ جيڪو ياد ڏياريو وڃيس ٿو انکي وساري نٿو، نہ غلط لقبن سان سڏي ٿو، ۽ نہ پاڙيسريءَ کي ايذائي ٿو. ۽ نہ ٻين جي مصيبتن تي خوش ٿئي ٿو، نہ باطل ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ نہ حق کان نڪري ٿو. هو اگر چُپ رهي ٿو تہ سندس خاموشي کيس غمگين نٿي ڪري، ۽ اگر کلي ٿو تہ ان جو آواز اوچو نٿو ٿئي، ۽ اگر مٿس زيادتي ڪئي وڃي ٿي تہ صبر ڪري ٿو تان جو الله ئي آهي جيڪو ان جو بدلو وٺي ٿو، ان جو نفس ان کان ڏکيائيءَ ۾ هوندو آهي، جڏهن تہ ماڻهو کانئس سڪون ۾ هوندا آهن،

أَتْعَبَ نَفْسَهُ لِآخِرَتِهِ وَ أَرَاحَ النَّاسَ مِنْ نَفْسِهِ بُعْدُهُ عَمَّنْ تَبَاعَدَ عَنْهُ زُهْدٌ وَ نَزَاهَةٌ وَ دُنُوُّهُ مِمَّنْ دَنَا مِنْهُ لِينٌ وَ رَحْمَةٌ لَيْسَ تَبَاعُدُهُ بِكِبْرٍ وَ عَظَمَةٍ وَ لَا دُنُوُّهُ بِمَكْرٍ وَ خَدِيعَةٍ.

قَالَ فَصَعِقَ هَمَّامٌ صَعْقَةً كَانَتْ نَفْسُهُ فِيهَا فَقَالَ أَمِيرُ الْمُؤْمِنِينَ عليه السلام أَمَا وَ اللَّهِ لَقَدْ كُنْتُ أَخَافُهَا عَلَيْهِ ثُمَّ قَالَ أَ هَكَذَا تَصْنَعُ الْمَوَاعِظُ الْبَالِغَةُ بِأَهْلِهَا فَقَالَ لَهُ قَائِلٌ: فَمَا بَالُكَ يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ؟

فَقَالَ عليه السلام وَيْحَكَ إِنَّ لِكُلِّ أَجَلٍ وَقْتاً لَا يَعْدُوهُ وَ سَبَباً لَا يَتَجَاوَزُهُ فَمَهْلًا لَا تَعُدْ لِمِثْلِهَا فَإِنَّمَا نَفَثَ الشَّيْطَانُ عَلَى لِسَانِكَ.

هن آخرت جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي ٿڪائي ڇڏيو آهي، ۽ ماڻهن کي پاڻ کان راحت ڏيئي ڇڏي آهي. ۽ هنجو ان کان پري هجڻ جيڪو ڪانئس پري آهي ان جو زهد ۽ پارسائي آهي. ۽ هنجو ان جي ويجهو هجڻ جيڪو ساڻس ويجهو آهي ان جي نرمي ۽ مهرباني آهي. ۽ هنجو پري هجڻ تڪبّر ۽ وڏائي جي ڪري نہ آهي، ۽ نہ وري هنجو ويجهو هجڻ حيلي ۽ ذوڪي جي ڪري آهي.

راويءَ چيو: پوءِ همام کي بيهوشيءَ جو جهٽڪو آيو، ۽ هنجو روح ان ۾ ئي پرواز ڪري ويو. پوءِ اميرالمؤمنين عليه السلام فرمايو: ها الله جو قسم يقيناً مون کي ان بابت اهو ئي خوف هيو. پوءِ امام عليه السلام فرمايو: پهتل نصيحتون، نصيحت جي اهل تي ائين ئي اثر ڪنديون آهن. پوءِ هڪ چوڻ واري امام عليه السلام کي چيو: اي اميرالمؤمنين عليه السلام توهان جو ڇا ٿيندو؟

امام عليه السلام فرمايو: تو تي افسوس هجي، بيشڪ هر موت جو هڪ وقت آهي جنهن کان هو وڌي نٿو سگهي، ۽ هڪ سبب آهي جنهن کان هو تجاوز نٿو ڪري سگهي. ماٺ ڪر، وري اهڙي ڪا ڳالهہ نہ ڪجائن، بيشڪ شيطان تنهنجي زبان تي ڦوڪ هنئي آهي.

# ۱۹۴ـ و من خطبة له عليه‌السلام

### *يصف فيها المنافقين*

نَحْمَدُهُ عَلَى مَا وَفَّقَ لَهُ مِنَ الطَّاعَةِ وَ ذَادَ عَنْهُ مِنَ الْمَعْصِيَةِ وَ نَسْأَلُهُ لِمِنَّتِهِ تَمَاماً وَ بِحَبْلِهِ اعْتِصَاماً وَ نَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ خَاضَ إِلَى رِضْوَانِ اللَّهِ كُلَّ غَمْرَةٍ وَ تَجَرَّعَ فِيهِ كُلَّ غُصَّةٍ وَ قَدْ تَلَوَّنَ لَهُ الْأَدْنَوْنَ وَ تَأَلَّبَ عَلَيْهِ الْأَقْصَوْنَ وَ خَلَعَتْ إِلَيْهِ الْعَرَبُ أَعِنَّتَهَا وَ ضَرَبَتْ إِلَى مُحَارَبَتِهِ بُطُونَ رَوَاحِلِهَا حَتَّى أَنْزَلَتْ بِسَاحَتِهِ عَدَاوَتَهَا مِنْ أَبْعَدِ الدَّارِ وَ أَسْحَقِ الْمَزَارِ أُوصِيكُمْ عِبَادَ اللَّهِ بِتَقْوَى اللَّهِ وَ أُحَذِّرُكُمْ أَهْلَ النِّفَاقِ فَإِنَّهُمُ الضَّالُّونَ الْمُضِلُّونَ وَ الزَّالُّونَ الْمُزِلُّونَ يَتَلَوَّنُونَ أَلْوَاناً وَ يَفْتَنُّونَ افْتِنَاناً وَ يَعْمِدُونَكُمْ بِكُلِّ عِمَادٍ وَ يَرْصُدُونَكُمْ بِكُلِّ مِرْصَادٍ.

قُلُوبُهُمْ دَوِيَّةٌ وَ صِفَاحُهُمْ نَقِيَّةٌ يَمْشُونَ الْخَفَاءَ وَ يَدِبُّونَ الضَّرَاءَ وَصْفُهُمْ دَوَاءٌ وَ قَوْلُهُمْ شِفَاءٌ وَ فِعْلُهُمُ الدَّاءُ الْعَيَاءُ حَسَدَةُ الرَّخَاءِ وَ مُؤَكِّدُو الْبَلَاءِ وَ مُقْنِطُو الرَّجَاءِ لَهُمْ بِكُلِّ طَرِيقٍ صَرِيعٌ وَ إِلَى كُلِّ قَلْبٍ شَفِيعٌ وَ لِكُلِّ شَجْوٍ دُمُوعٌ يَتَقَارَضُونَ الثَّنَاءَ وَ يَتَرَاقَبُونَ الْجَزَاءَ إِنْ سَأَلُوا أَلْحَفُوا وَ إِنْ عَذَلُوا كَشَفُوا وَ إِنْ حَكَمُوا أَسْرَفُوا قَدْ أَعَدُّوا لِكُلِّ حَقٍّ بَاطِلًا وَ لِكُلِّ قَائِمٍ مَائِلًا وَ لِكُلِّ حَيٍّ قَاتِلًا وَ لِكُلِّ بَابٍ مِفْتَاحاً وَ لِكُلِّ لَيْلٍ مِصْبَاحاً يَتَوَصَّلُونَ إِلَى الطَّمَعِ بِالْيَأْسِ لِيُقِيمُوا بِهِ أَسْوَاقَهُمْ وَ يُنْفِقُوا بِهِ أَعْلَاقَهُمْ يَقُولُونَ فَيُشَبِّهُونَ وَ يَصِفُونَ فَيُمَوِّهُونَ قَدْ هَوَّنُوا الطَّرِيقَ وَ أَضْلَعُوا الْمَضِيقَ فَهُمْ لُمَةُ الشَّيْطَانِ وَ حُمَةُ النِّيرَانِ ﴿أُولئِكَ حِزْبُ الشَّيْطانِ أَلا إِنَّ حِزْبَ الشَّيْطانِ هُمُ الْخاسِرُونَ[۱]﴾.

۱: المجادلة: الآية: ۱۹.

## ١٩٤_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ امام عليه السلام منافقن جون صفتون بيان ڪيون آهن

اسان الله جي ساراهه ڪريون ٿا ان تي جيڪا هن پنهنجي اطاعت جي توفيق عطا ڪئي آهي، ۽ ان تي جيڪو هن پنهنجي نافرمانيءَ کان پري رکيو آهي. ۽ اسان ان کان سندس فضل جي پوري ڪرڻ، ۽ سندس رسيءَ کي مضبوطيءَ سان وٺڻ جو سوال ڪريون ٿا. ۽ اسان گواهي ڏيون ٿا بيشڪ محمد صلي الله عليه وآله وسلم سندس ٻانهو ۽ رسول آهي، جيڪو الله جي رضامنديءَ لاءِ هر سختي ۾ گهڙي پيو، ۽ ان جي لاءِ هر ڪڙو ڍُڪ پيئي پيو، ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي ويجهي وارن به رنگ مٽايا، ۽ پري وارن به ان جي خلاف ٻڌي ڪئي، ۽ عربن ان ڏانهن پنهنجون واڳون ڇڏي ڏنيون، ۽ ساڻس جنگ ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڏاچين جي پيٽن کي ڪٽيائون، تان جو پري وارين جڳهن ۽ علائقن کان پنهنجي دشمني سان سندس اڱڻ تي اچي لٿا. اي الله جا ٻانهؤ آءٌ توهان کي الله جي تقوىٰ بابت وصيت ڪريان ٿو، ۽ توهان کي منافقن کان ڊيڄاريان ٿو انڪري ته اهي پاڻ به گمراهه آهن ۽ ٻين کي به گمراهه ڪندڙ آهن، ۽ پاڻ به ٿڙيل آهن ۽ ٻين کي به ٿيڙيندڙ آهن، ۽ هو مختلف رنگ مٽائيندا رهن ٿا. ۽ مختلف انداز سان ڌوڪا ڏيندا رهن ٿا، ۽ توهان کي هر قسم جي ٽيڪ سان سهارو ڏين ٿا، ۽ هر گهٽ تي توهان جي تاڙ ۾ رهن ٿا.

سندن دليون بيمار، ۽ سندن چهرا صاف آهن، ۽ پير چورائي هلن ٿا، ۽ هوريان هوريان نقصان ڏين ٿا، انهن جو بيان دوا، ۽ انهن جون ڳالهيون شفا ۽ انهن جا ڪرتوت لاعلاج مرض آهن. خوشحاليءَ سان ساڙ ڪندڙ، مصيبتن کي وڌائيندڙ، ۽ اميدن کان مايوس ڪندڙ آهن. انهن جا هر رستي تي ملهه ماريل، ۽ هر دل تائين پهچڻ جا گُر، ۽ هر ڏک لاءِ ڳوڙها آهن. اوڌر تي هڪ ٻئي جي ساراهه ڪندا آهن، ۽ بدلي وٺڻ لاءِ هڪ ٻئي جي تاڙ ۾ رهندا آهن. اگر گُهرندا آهن ته چنبڙي پوندا آهن، ۽ اگر ملامت ڪندا آهن ته پڌرو ڪري ڇڏيندا آهن، ۽ اگر فيصلو ڪندا آهن ته حدون لتاڙي ويندا آهن. بيشڪ انهن هر حق لاءِ باطل، ۽ هر سڌي لاءِ ٽيڏو، ۽ هر زنده لاءِ قاتل، ۽ هر دروازي لاءِ چاٻي ۽ هر رات لاءِ ڏيئي کي تيار ڪري رکيو آهي. هو مايوسي جي ذريعي لالچ تائين پهچن ٿا ته جيئن ان ذريعي پنهنجي بازارين کي بيهاري سگهن، ۽ ان سان پنهنجي قيمتي شين جي تشهير ڪري سگهن. هو ڳالهائين ٿا ته باطل کي حق جو رنگ ڏين ٿا، ۽ انکي سينگاري بيان ڪن ٿا، بيشڪ انهن (گمراهيءَ جي) رستي کي سولو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ ان مان نڪرڻ جي راهه کي ٽيڏو ڪري ڇڏيو آهي. بس اُهي شيطان جا ساٿي ۽ جهنم جا ڏنگ آهن. ”اهي ئي شيطان جي جماعت آهن، آگاهه رهو ته بيشڪ شيطان جي جماعت ئي خساري ۾ آهي“.

# ١٩٥ـ و من خطبة له عليه السلام

*يحمد الله و يثني على نبيه و يعظ*

## حمد الله

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَظْهَرَ مِنْ آثَارِ سُلْطَانِهِ وَ جَلَالِ كِبْرِيَائِهِ مَا حَيَّرَ مُقَلَ الْعُقُولِ مِنْ عَجَائِبِ قُدْرَتِهِ وَ رَدَعَ خَطَرَاتِ هَمَاهِمِ النُّفُوسِ عَنْ عِرْفَانِ كُنْهِ صِفَتِهِ.

## الشهادتان

وَ أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ شَهَادَةَ إِيمَانٍ وَ إِيقَانٍ وَ إِخْلَاصٍ وَ إِذْعَانٍ وَ أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ أَرْسَلَهُ وَ أَعْلَامُ الْهُدَى دَارِسَةٌ وَ مَنَاهِجُ الدِّينِ طَامِسَةٌ فَصَدَعَ بِالْحَقِّ وَ نَصَحَ لِلْخَلْقِ وَ هَدَى إِلَى الرُّشْدِ وَ أَمَرَ بِالْقَصْدِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَ آلِهِ وَ سَلَّمَ.



## العظة

وَ اعْلَمُوا عِبَادَ اللَّهِ أَنَّهُ لَمْ يَخْلُقْكُمْ عَبَثاً وَ لَمْ يُرْسِلْكُمْ هَمَلًا عَلِمَ مَبْلَغَ نِعَمِهِ عَلَيْكُمْ وَ أَحْصَى إِحْسَانَهُ إِلَيْكُمْ فَاسْتَفْتِحُوهُ وَ اسْتَنْجِحُوهُ وَ اطْلُبُوا إِلَيْهِ وَ اسْتَمْنِحُوهُ فَمَا قَطَعَكُمْ عَنْهُ حِجَابٌ وَ لَا أُغْلِقَ عَنْكُمْ دُونَهُ بَابٌ وَ إِنَّهُ لَبِكُلِّ مَكَانٍ وَ فِي كُلِّ حِينٍ وَ أَوَانٍ وَ مَعَ كُلِّ إِنْسٍ وَ جَانٍّ لَا يَثْلِمُهُ الْعَطَاءُ وَ لَا يَنْقُصُهُ الْحِبَاءُ، وَ لَا يَسْتَنْفِدُهُ سَائِلٌ وَ لَا يَسْتَقْصِيهِ نَائِلٌ وَ لَا يَلْوِيهِ شَخْصٌ عَنْ شَخْصٍ وَ لَا يُلْهِيهِ صَوْتٌ عَنْ صَوْتٍ وَ لَا تَحْجُزُهُ هِبَةٌ عَنْ سَلْبٍ.

## ١٩٥_ امام عليه السلام جو خطبو

**(جنھن ۾) امام عليه السلام الله تعالیٰ جي ساراھ ۽ سندس نبي جي ثناء ۽ ماڻھن کي نصيحت ڪئي آھي.**

### الله تعالیٰ جي ساراھ

سڀ ساراھون ان الله لاءِ آھن جنھن پنھنجيءَ بادشاھت جي نشانين ۽ پنھنجيءَ ڪبريائي جي بزرگيءَ مان قدرت جي انھن عجائبن کي ظاھر ڪيو آھي جن عقل جي اکين کي اچرج ۾ وجھي ڇڏيو آھي. ۽ انساني فڪر جي ڇُرپر کي پنھنجي صفت جي ڪُنہِ معرفت کان روڪي ڇڏيو آھي.

### ٻہ گواھيون

۽ آءٌ شاھدي ڏيان ٿو تہ ڪو بہ معبود نہ آھي سواءِ الله جي، ايمان، يقين، اخلاص ۽ اطاعت واري شاھدي. ۽ آءٌ شاھدي ڏيان ٿو تہ بيشڪ محمد صلي الله عليه وآله وسلم سندس ٻانھو ۽ رسول آھي. الله کيس (ان وقت) موڪليو جڏھن تہ ھدايت جا نشان ڊھي چڪا ھئا، ۽ دين جا رستا مِٽجي ويا ھئا، پوءِ پاڻ ص حق کي پڌرو ڪيو ۽ مخلوق کي نصيحت ڪئي، ۽ کين ھدايت جي رھنمائي ڪئي، ۽ انصاف سان ھلڻ جو حڪم ڏنو. الله تعالیٰ طرفان مٿس ۽ سندس آل تي صلواة ۽ سلام ھجن.

### نصيحت

اي الله جا ٻانھؤ ڄاڻو تہ الله توھان کي اجايو پيدا ناھي ڪيو، ۽ ھن توھان کي ڇُڙواڳ ناھي ڇڏيو. ھو توھان مٿان پنھنجي نعمتن جي حدن کي ڄاڻي ٿو، ۽ توھان تي پنھنجي احسان جي تعداد کي ڄاڻي ٿو. بس ڪائنس فتح ۽ ڪاميابي طلب ڪريو. ۽ انھيءَ کان ئي گھرو ۽ ان کان عطا ۽ بخشش جو سوال ڪريو، ۽ ڪنھن بہ پردي توھان کي ان کان الڳ ناھي ڪيو. ۽ توھان لاءِ ڪو بہ دروازو ان کان بند ناھي ڪيو ويو، ۽ بيشڪ ھو ھر ھنڌ، ھر وقت ۽ ھر گھڙيءَ موجود آھي، ۽ ھر انسان ۽ جن سان گڏ آھي. عطا کيس نٿي گُھٽائي، ۽ بخشش کيس نٿي گھٽائي، ۽ سوالي کيس نٿو کُٽائي ۽ وٺڻ وارو کيس خالي نٿو ڪري، ھڪ ماڻھو ان کي ٻئي کان نٿو ڦيري ۽ نہ ھڪ آواز ان کي ٻئي آواز کان غافل ڪري ٿو، ۽ نہ وري ان جو عطا ڪرڻ کسڻ کان روڪي ٿو

وَ لَا يَشْغَلُهُ غَضَبٌ عَنْ رَحْمَةٍ وَ لَا تُولِهُهُ رَحْمَةٌ عَنْ عِقَابٍ وَ لَا يُجِنُّهُ الْبُطُونُ عَنِ الظُّهُورِ وَ لَا يَقْطَعُهُ الظُّهُورُ عَنِ الْبُطُونِ قَرُبَ فَنَأَى وَ عَلَا فَدَنَا وَ ظَهَرَ فَبَطَنَ وَ بَطَنَ فَعَلَنَ وَ دَانَ وَ لَمْ يُدَنْ لَمْ يَذْرَأِ الْخَلْقَ بِاحْتِيَالٍ وَ لَا اسْتَعَانَ بِهِمْ لِكَلَالٍ.

أُوصِيكُمْ عِبَادَ اللَّهِ بِتَقْوَى اللَّهِ فَإِنَّهَا الزِّمَامُ وَ الْقِوَامُ فَتَمَسَّكُوا بِوَثَائِقِهَا وَ اعْتَصِمُوا بِحَقَائِقِهَا تَؤُلْ بِكُمْ إِلَى أَكْنَانِ الدَّعَةِ وَ أَوْطَانِ السَّعَةِ وَ مَعَاقِلِ الْحِرْزِ وَ مَنَازِلِ الْعِزِّ فِي يَوْمٍ تَشْخَصُ فِيهِ الْأَبْصَارُ وَ تُظْلِمُ لَهُ الْأَقْطَارُ وَ تُعَطَّلُ فِيهِ صُرُومُ الْعِشَارِ وَ يُنْفَخُ فِي الصُّورِ فَتَزْهَقُ كُلُّ مُهْجَةٍ وَ تَبْكَمُ كُلُّ لَهْجَةٍ وَ تَذِلُّ الشُّمُّ الشَّوَامِخُ وَ الصُّمُّ الرَّوَاسِخُ فَيَصِيرُ صَلْدُهَا سَرَاباً رَقْرَقاً وَ مَعْهَدُهَا قَاعاً سَمْلَقاً فَلَا شَفِيعٌ يَشْفَعُ وَ لَا حَمِيمٌ يَنْفَعُ وَ لَا مَعْذِرَةٌ تَدْفَع.

## ١٩٦ـ و من خطبة له عليه السلام

### بعثة النبي صلى الله عليه وآله

بَعَثَهُ حِينَ لَا عَلَمٌ قَائِمٌ وَ لَا مَنَارٌ سَاطِعٌ وَ لَا مَنْهَجٌ وَاضِحٌ.

### العظة بالزهد

أُوصِيكُمْ عِبَادَ اللَّهِ بِتَقْوَى اللَّهِ وَ أُحَذِّرُكُمُ الدُّنْيَا فَإِنَّهَا دَارُ شُخُوصٍ وَ مَحَلَّةُ تَنْغِيصٍ سَاكِنُهَا ظَاعِنٌ وَ قَاطِنُهَا بَائِنٌ تَمِيدُ بِأَهْلِهَا مَيَدَانَ السَّفِينَةِ تَقْصِفُهَا الْعَوَاصِفُ فِي لُجَجِ الْبِحَارِ فَمِنْهُمُ الْغَرِقُ الْوَبِقُ وَ مِنْهُمُ النَّاجِي عَلَى بُطُونِ الْأَمْوَاجِ تَحْفِزُهُ الرِّيَاحُ بِأَذْيَالِهَا وَ تَحْمِلُهُ عَلَى أَهْوَالِهَا فَمَا غَرِقَ مِنْهَا فَلَيْسَ بِمُسْتَدْرَكٍ وَ مَا نَجَا مِنْهَا فَإِلَى مَهْلَكٍ.

۽ نہ وري ڪاوڙ ڪيس رحمت کان روڪي ٿي ۽ نہ وري رحمت عذاب کان غافل ڪري ٿي، ۽ ان جو پوشيده هجڻ سندس ظهور کي نٿو لڪائي. ۽ نہ وري ظهور ڪيس پوشيده هجڻ کان روڪي ٿو، هو ويجهي هوندي بہ پري آهي، ۽ بلند هوندي بہ ويجهو آهي، ۽ ظاهر هوندي بہ لڪيل آهي ۽ لڪيل هوندي بہ ظاهر آهي، ۽ هو پچاڙُو ڪندو پر ڪائنس پُڇاڙُو نہ ڪيو ويندو، ۽ هن مخلوق کي سوچ ۽ ويچار ڪرڻ کان پوءِ پيدا ناهي ڪيو، ۽ نہ وري ڪنهن ٿڪاوٽ جي ڪري انهن کان مدد گهري آهي. اي الله جا ٻانهؤ آءٌ توهان کي الله جي تقوىٰ بابت وصيت ڪريان ٿو، انڪري تہ اها واڳ ۽ مضبوط سهارو آهي. بس ان جي رسين کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو ۽ ان جي حقيقتن کي پختگيءَ سان وٺو، اها توهان کي آسائش وارين جاين، وسيع گهرن، محفوظ قلعن ۽ عزت جي منزلن تائين ان ڏينهن پهچائيندي جنهن ڏينهن اکيون کُلي پونديون ۽ هر طرف اونداهي ڇانيل هوندي. ۽ ڏهن مهينن جي ڏُڪين ڏاچين کي ڇڏيو ويندو، ۽ صورَ ڦوڪي ويندي، پوءِ هر جان بدن کان نڪري ويندي، ۽ زبانون گونگيون ٿي ونديون، ۽ وڏا جبل ۽ مضبوط پٿر ذريون ذريون ٿي ويندا، ۽ سخت پٿر چمڪندڙ سراب وانگر ٿي ويندا ۽ جايون سِڌي ميدان جي صورت ۾ ٿي ويندون. پوءِ نہ ڪو سفارش ڪرڻ وارو هوندو جيڪو سفارش ڪندو ۽ نہ ڪو مددگار هوندو جيڪو فائدو ڏيندو ۽ نہ ڪا معذرت هوندي جيڪا انڪي ٽاريندي.

## ١٩٦_ امام عليہ السلام جو خطبو

### پاڪ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي بعثت



الله تعالىٰ پاڪ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي موڪليو جڏهن تہ (هدايت جو) ڪو نشان بيٺل نہ هو، ۽ نہ ڪو بلند مينار هو ۽ نہ ڪا واضح واٽ هئي.

### زهد بابت نصيحت

اي الله جا ٻانهؤ مان توهان کي الله جي تقوىٰ بابت وصيت ڪريان ٿو، ۽ توهان کي دنيا کان ڊيڄاريان ٿو، انڪري تہ اها لَڏڻ جو گهر آهي ۽ ڏُکن جو ٽڪاڻو آهي هن جو رهائشي هلڻ وارو آهي ۽ ان ۾ ترسڻ وارو پنهنجو رُخ مَٽائڻ وارو آهي. جيڪا پنهنجي رهائشين کي ان ٻيڙيءَ جي لوڏن وانگر لوڏا ڪارئيندي جنهن کي آنڌيون سمنڊن جي ڇولين ۾ ٽوڙي ڇڏينديون آهن. پوءِ انهن مان ڪجھ ٻُڏي ۽ هلاڪ ٿي ويندا آهن جن کي پڇاڙيءَ جون هوائون ڌڪينديون آهن ۽ پنهنجي هيبتن ڏانهن ڪٽي وينديون آهن. بس انهن مان جيڪي ٻُڏي ويندا آهن سي نہ ورندا آهن ۽ جيڪي بچي ويندا آهن سي بہ هلاڪت ڏانهن ويندا آهن.

عِبَادَ اللّهِ الْآنَ فَاعْلَمُوا وَ الْأَلْسُنُ مُطْلَقَةٌ وَ الْأَبْدَانُ صَحِيحَةٌ وَ الْأَعْضَاءُ لَدْنَةٌ وَ الْمُنْقَلَبُ فَسِيحٌ وَ الْمَجَالُ عَرِيضٌ قَبْلَ إِرْهَاقِ الْفَوْتِ وَ حُلُولِ الْمَوْتِ،

فَحَقِّقُوا عَلَيْكُمْ نُزُولَهُ وَ لَا تَنْتَظِرُوا قُدُومَه.

## ١٩٧- و من كلام له عليه السلام

*ينبه فيه على فضيلته لقبول قوله و أمره و نهيه*

وَ لَقَدْ عَلِمَ الْمُسْتَحْفَظُونَ مِنْ أَصْحَابِ مُحَمَّدٍ صلى الله عليه وآله أَنِّي لَمْ أَرُدَّ عَلَى اللَّهِ وَ لَا عَلَى رَسُولِهِ سَاعَةً قَطُّ وَ لَقَدْ وَاسَيْتُهُ بِنَفْسِي فِي الْمَوَاطِنِ الَّتِي تَنْكُصُ فِيهَا الْأَبْطَالُ وَ تَتَأَخَّرُ فِيهَا الْأَقْدَامُ نَجْدَةً أَكْرَمَنِي اللَّهُ بِهَا وَ لَقَدْ قُبِضَ رَسُولُ اللَّهِ صلى الله عليه وآله وَ إِنَّ رَأْسَهُ لَعَلَى صَدْرِي وَ لَقَدْ سَالَتْ نَفْسُهُ فِي كَفِّي فَأَمْرَرْتُهَا عَلَى وَجْهِي،

وَ لَقَدْ وُلِّيتُ غُسْلَهُ صلى الله عليه وآله وَ الْمَلَائِكَةُ أَعْوَانِي فَضَجَّتِ الدَّارُ وَ الْأَفْنِيَةُ مَلَأٌ يَهْبِطُ وَ مَلَأٌ يَعْرُجُ وَ مَا فَارَقَتْ سَمْعِي هَيْنَمَةٌ مِنْهُمْ يُصَلُّونَ عَلَيْهِ حَتَّى وَارَيْنَاهُ فِي ضَرِيحِهِ،

فَمَنْ ذَا أَحَقُّ بِهِ مِنِّي حَيّاً وَ مَيِّتاً فَانْفُذُوا عَلَى بَصَائِرِكُمْ وَ لْتَصْدُقْ نِيَّاتُكُمْ فِي جِهَادِ عَدُوِّكُمْ فَوَالَّذِي لَا إِلَهَ إِلَّا هُوَ إِنِّي لَعَلَى جَادَّةِ الْحَقِّ وَ إِنَّهُمْ لَعَلَى مَزَلَّةِ الْبَاطِلِ أَقُولُ مَا تَسْمَعُونَ وَ أَسْتَغْفِرُ اللَّهَ لِي وَ لَكُم.

اي الله جا ٻانهؤ، هاڻي عمل ڪري وٺو، جڏهن ته زبانون آزاد آهن ۽ جسم صحتمند آهن ۽ عضوا چُست آهن ۽ (گمراهيءَ ڪان هدايت ڏانهن) تبديلي جو هنڌ ڪشادو آهي ۽ بدلجڻ جو وقت وسيع آهي، ان ڪان پهريائين جو فرصت نڪري وڃي ۽ موت اچي ٽُٽي، بس توهان انکي پنهنجي مٿان اچڻ ڪي پڪ سمجهو ۽ ان جي اچڻ جو انتظار نہ ڪريو.

## ١٩٧_ امام عليه السلام جو ڪلام

**(جنهن ۾ امام عليه السلام) پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي ڳالهہ، امر ۽ نهي کي مڃڻ بابت پنهنجي فضيلت ڏانهن متوجہ ڪيو آهي.**

بيشڪ محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي اصحاب منجهان جيڪي رازدار آهن اهي اهو ڄاڻن ٿا تہ آءٌ ڪڏهن بہ هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ الله ۽ سندس رسول صلي الله عليه وآله وسلم جو حڪم ناهي ٺُڪرايو، ۽ بيشڪ آءٌ ان شجاعت جي ڪري جنهن سان الله مونکي عزت بخشي آهي اهڙين جاين تي رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم مٿان پاڻ کي قربان ڪيو جتي بهادر پڇي ويندا آهن ۽ سندن قدم پوئتي هٽي ويندا آهن.

۽ بيشڪ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو روح ان حال ۾ قبض ڪيو ويو جڏهن سندس سر مبارڪ منهنجي سيني سان هيو ۽ جڏهن سندس پاڪ نفس منهنجي هٿ تي جاري ٿيو تہ آءٌ انکي پنهنجي مُنهن تي مکي ڇڏيو. ۽ آءٌ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم کي غسل ڏنو جڏهن تہ ملائڪ منهنجا مددگار هئا، پوءِ گهر ۽ اگڻ ۾ روج راڙو ٿي ويو ۽ (ملائڪن جو) هڪ ٽولو لهي پيو ۽ هڪ ٽولو چڙهي پيو، ۽ انهن جو هلڪو آواز منهنجي ڪنن ڪان الڳ نہ پيو ٿئي جڏهن هو مٿس نماز پڙهن پيا،

تان جو اسان انکي سندس قبر ۾ دفنايو، پوءِ ان جي زندگيءَ ۾ ۽ وصال ڪانپوءِ ان جي بنسبت ڪير مونکان وڌيڪ حقدار آهي!؟ پوءِ دشمن سان جهاد لاءِ پنهنجي بصيرتن کي کوليو ۽ پنهنجي نيتن کي سچو ڪريو، قسم آهي ان ذات جو جنهن ڪانسواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، آءٌ ئي حق جي واٽ تي آهيان ۽ اهي باطل جي ڪڏي ۾ آهن. جيڪو آءٌ چوان ٿو اهو توهان ٻڌو ٿا. ۽ آءٌ پنهنجي ۽ توهان جي لاءِ الله ڪان بخشش جو طلبگار آهيان.

# ١٩٨- و من خطبة له عليه‌السلام

*ينبه على إحاطة علم الله بالجزئيات، ثم يحث على التقوى، و يبين فضل الإسلام و القرآن.*

يَعْلَمُ عَجِيجَ الْوُحُوشِ فِي الْفَلَوَاتِ وَ مَعَاصِيَ الْعِبَادِ فِي الْخَلَوَاتِ وَ اخْتِلَافَ النِّينَانِ فِي الْبِحَارِ الْغَامِرَاتِ وَ تَلَاطُمَ الْمَاءِ بِالرِّيَاحِ الْعَاصِفَاتِ وَ أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً نَجِيبُ اللَّهِ وَ سَفِيرُ وَحْيِهِ وَ رَسُولُ رَحْمَتِهِ.

## الوصية بالتقوى

أَمَّا بَعْدُ فَإِنِّي أُوصِيكُمْ بِتَقْوَى اللَّهِ الَّذِي ابْتَدَأَ خَلْقَكُمْ وَ إِلَيْهِ يَكُونُ مَعَادُكُمْ وَ بِهِ نَجَاحُ طَلِبَتِكُمْ وَ إِلَيْهِ مُنْتَهَى رَغْبَتِكُمْ وَ نَحْوَهُ قَصْدُ سَبِيلِكُمْ وَ إِلَيْهِ مَرَامِي مَفْزَعِكُمْ فَإِنَّ تَقْوَى اللَّهِ دَوَاءُ دَاءِ قُلُوبِكُمْ وَ بَصَرُ عَمَى أَفْئِدَتِكُمْ وَ شِفَاءُ مَرَضِ أَجْسَادِكُمْ وَ صَلَاحُ فَسَادِ صُدُورِكُمْ وَ طُهُورُ دَنَسِ أَنْفُسِكُمْ وَ جِلَاءُ عَشَا أَبْصَارِكُمْ وَ أَمْنُ فَزَعِ جَأْشِكُمْ وَ ضِيَاءُ سَوَادِ ظُلْمَتِكُمْ.

فَاجْعَلُوا طَاعَةَ اللَّهِ شِعَاراً دُونَ دِثَارِكُمْ وَ دَخِيلًا دُونَ شِعَارِكُمْ وَ لَطِيفاً بَيْنَ أَضْلَاعِكُمْ وَ أَمِيراً فَوْقَ أُمُورِكُمْ وَ مَنْهَلًا لِحِينِ وُرُودِكُمْ وَ شَفِيعاً لِدَرَكِ طَلِبَتِكُمْ وَ جُنَّةً لِيَوْمِ فَزَعِكُمْ وَ مَصَابِيحَ لِبُطُونِ قُبُورِكُمْ وَ سَكَناً لِطُولِ وَحْشَتِكُمْ وَ نَفَساً لِكَرْبِ مَوَاطِنِكُمْ فَإِنَّ طَاعَةَ اللَّهِ حِرْزٌ مِنْ مَتَالِفَ مُكْتَنِفَةٍ وَ مَخَاوِفَ مُتَوَقَّعَةٍ وَ أُوَارِ نِيرَانٍ مُوقَدَةٍ فَمَنْ أَخَذَ بِالتَّقْوَى عَزَبَتْ عَنْهُ الشَّدَائِدُ بَعْدَ دُنُوِّهَا وَ احْلَوْلَتْ لَهُ الْأُمُورُ بَعْدَ مَرَارَتِهَا وَ انْفَرَجَتْ عَنْهُ الْأَمْوَاجُ بَعْدَ تَرَاكُمِهَا.

## ١٩٨_ امام عليه السلام جو خطبو

**(جنهن ۾) پاڻ ان بابت آگاهه ڪيو آهي ته الله تعاليٰ جو علم جزئيات کي شامل آهي، ۽ پوءِ امام عليه السلام تقويٰ تي اڀاريو آهي، ۽ اسلام ۽ قرآن جي فضيلت کي بيان ڪيو آهي.**

الله بيابانن ۾ موجود جانورن جي رڙين کي، ۽ اڪيلائپ ۾ ٻانهن جي نافرمانيءَ کي، ۽ اونهن سمنڊن ۾ وڏين مڇين جي هلڻ ڦرڻ کي، ۽ سخت هوائن جي ڪري پاڻي جي ڇولين جي ٽڪرائڻ کي ڄاڻي ٿو. ۽ آءٌ شاهدي ڏيان ٿو ته بيشڪ محمد صلي الله عليه وآله وسلم الله تعاليٰ جو چونڊيل، سندس وحيءَ کي پهچائيندڙ ۽ رحمت جو رسول آهي.

### تقويٰ بابت وصيت

اما بعد: پوءِ آءٌ توهان کي ان الله جي تقويٰ بابت وصيت ڪريان ٿو جنهن توهان جي پيدائش جي شروعات ڪئي، ۽ جنهن ڏانهن توهان جو موٽڻ آهي، ۽ ان سان ئي توهان جون ضرورتون پوريون ٿينديون آهن، ۽ ان تائين توهان جي اميدن جي انتها آهي، ۽ توهان جي رستي جو سِڌُ ان ڏانهن ئي آهي. ۽ خوف جي وقت اهو ئي توهان جي پناهگاهه آهي. بيشڪ تقويٰ الٰهي توهان جي دلين جي بيمارين جي دوا ۽ توهان جي انڌين دلين جي ديد، ۽ توهان جي جسماني بيمارين جي شفا ۽ توهان جي سينن جي خرابي جي اصلاح، ۽ توهان جي نفسن جي ميراڻ لاءِ پاڪائي، ۽ توهان جي اکين جي ڪمزوريءَ لاءِ روشنائي، ۽ توهان جي دلين جي خوف لاءِ امن، ۽ توهان لاءِ ڳُگهه اونداهين ۾ روشني آهي. بس الله جي اطاعت کي پنهنجو اندروني لباس قرار ڏيو، رڳو ظاهري لباس قرار نه ڏيو، ۽ رڳو اندروني پوشاڪ به قرار نه ڏيو بلڪ ان ۾ رچجي وڃو، ۽ انکي پنهنجي پاسرين جي اندر جاءِ ڏيو، ۽ انکي پنهنجي ڪمن جو امير بڻايو. ۽ (حشر ۾) اچڻ گهيڙ قرار ڏيو، ۽ پنهنجي طلب کي پائڻ لاءِ شفيع قرار ڏيو، ۽ خوف واري ڏينهن لاءِ ڍال قرار ڏيو، ۽ پنهنجي قبرن جي اندر لاءِ ڏيئا بڻايو، ۽ پنهنجيءَ گهٽيءَ اڪيلائپ لاءِ سڪون جو باعث قرار ڏيو. ۽ پنهنجي منزلن جي سختين لاءِ راحت قرار ڏيو انکري ته الله جي بندگي وڪوڙيندڙ هلاڪتن، ۽ پيش ايندڙ خوفن ۽ ٻرندڙ باهه جي شعلن کان بچاءُ آهي. بس جيڪو تقويٰ کي اختيار ڪندو ته سختيون ويجهي ٿيڻ کانپوءِ ڪانئس پري ٿي وينديون، ۽ معاملا ڪڙا ٿيڻ کانپوءِ سندس لاءِ مِٺا ٿي ويندا، ۽ ڇوليون گهٽي ٿيڻ کانپوءِ ان کان جدا ٿي وينديون

وَ أَسْهَلَتْ لَهُ الصِّعَابُ بَعْدَ إِنْصَابِهَا وَ هَطَلَتْ عَلَيْهِ الْكَرَامَةُ بَعْدَ قُحُوطِهَا. وَ تَحَدَّبَتْ عَلَيْهِ الرَّحْمَةُ بَعْدَ نُفُورِهَا وَ تَفَجَّرَتْ عَلَيْهِ النِّعَمُ بَعْدَ نُضُوبِهَا وَ وَبَلَتْ عَلَيْهِ الْبَرَكَةُ بَعْدَ إِرْذَاذِهَا.

فَاتَّقُوا اللَّهَ الَّذِي نَفَعَكُمْ بِمَوْعِظَتِهِ وَ وَعَظَكُمْ بِرِسَالَتِهِ وَ امْتَنَّ عَلَيْكُمْ بِنِعْمَتِهِ فَعَبِّدُوا أَنْفُسَكُمْ لِعِبَادَتِهِ وَ اخْرُجُوا إِلَيْهِ مِنْ حَقِّ طَاعَتِهِ.

## فضل الإسلام

ثُمَّ إِنَّ هَذَا الْإِسْلَامَ دِينُ اللَّهِ الَّذِي اصْطَفَاهُ لِنَفْسِهِ وَ اصْطَنَعَهُ عَلَى عَيْنِهِ وَ أَصْفَاهُ خِيَرَةَ خَلْقِهِ وَ أَقَامَ دَعَائِمَهُ عَلَى مَحَبَّتِهِ أَذَلَّ الْأَدْيَانَ بِعِزَّتِهِ وَ وَضَعَ الْمِلَلَ بِرَفْعِهِ وَ أَهَانَ أَعْدَاءَهُ بِكَرَامَتِهِ وَ خَذَلَ مُحَادِّيهِ بِنَصْرِهِ وَ هَدَمَ أَرْكَانَ الضَّلَالَةِ بِرُكْنِهِ وَ سَقَى مَنْ عَطِشَ مِنْ حِيَاضِهِ وَ أَتْأَقَ الْحِيَاضَ بِمَوَاتِحِهِ ثُمَّ جَعَلَهُ لَا انْفِصَامَ لِعُرْوَتِهِ وَ لَا فَكَّ لِحَلْقَتِهِ وَ لَا انْهِدَامَ لِأَسَاسِهِ وَ لَا زَوَالَ لِدَعَائِمِهِ وَ لَا انْقِلَاعَ لِشَجَرَتِهِ وَ لَا انْقِطَاعَ لِمُدَّتِهِ وَ لَا عَفَاءَ لِشَرَائِعِهِ وَ لَا جَذَّ لِفُرُوعِهِ وَ لَا ضَنْكَ لِطُرُقِهِ وَ لَا وُعُوثَةَ لِسُهُولَتِهِ وَ لَا سَوَادَ لِوَضَحِهِ وَ لَا عِوَجَ لِانْتِصَابِهِ وَ لَا عَصَلَ فِي عُودِهِ وَ لَا وَعَثَ لِفَجِّهِ وَ لَا انْطِفَاءَ لِمَصَابِيحِهِ وَ لَا مَرَارَةَ لِحَلَاوَتِهِ فَهُوَ دَعَائِمُ أَسَاخَ فِي الْحَقِّ أَسْنَاخَهَا وَ ثَبَّتَ لَهَا آسَاسَهَا وَ يَنَابِيعُ غَزُرَتْ عُيُونُهَا وَ مَصَابِيحُ شَبَّتْ نِيرَانُهَا وَ مَنَارٌ اقْتَدَى بِهَا سُفَّارُهَا وَ أَعْلَامٌ قُصِدَ بِهَا فِجَاجُهَا وَ مَنَاهِلُ رَوِيَ بِهَا وُرَّادُهَا. جَعَلَ اللَّهُ فِيهِ مُنْتَهَى رِضْوَانِهِ وَ ذِرْوَةَ دَعَائِمِهِ وَ سَنَامَ طَاعَتِهِ.

۽ ڏکايون ٽڪائڻ ڪانپوءِ ان لاءِ آسان ٿي وينديون، ۽ ڪرامتن جي ڏُڪار ڪانپوءِ اهي مٿس وسي پونديون، ۽ رحمتون الڳ ٿي وڃڻ ڪانپوءِ مٿس پَلٽجي پونديون. ۽ نعمتون ختم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ مٿس شروع ٿي پونديون ۽ برڪتن جي بوندن ڪانپوءِ اهي مٿس وسي پونديون. بس ان الله ڪان ڊڄو جنهن پنهنجي نصيحت سان توهان کي فائدو پهچايو، ۽ پنهنجي پيغام سان توهان کي وعظ ڪيو، ۽ پنهنجي نعمت سان توهان تي احسان ڪيو، بس پنهنجو پاڻ کي ان جي بندگيءَ جو پابند بڻايو ۽ سندس اطاعت جي حق خاطر ان ڏانهن نڪري پئو.

## اسلام جي فضيلت

پوءِ بيشڪ هي اسلام الله جو اهو دين آهي جنهن کي هن پنهنجي لاءِ پسند ڪيو آهي، ۽ انکي محڪم ۽ ڪامل ڪري ناهيو آهي، ۽ انکي پنهنجي بهترين مخلوق (محمد ﷺ) لاءِ منتخب ڪيو آهي. ۽ اسلام جي بنياد کي پنهنجي محبت تي بيهاريو آهي. ۽ ان جي غلبي سان ٻين دينن کي پست ڪيو آهي، ۽ ان جيءَ بلنديءَ اڳيان ٻين ملتن کي نيچ ڪيو آهي، ۽ ان جيءَ بزرگيءَ سان سندس دشمنن کي ڪمزور ڪيو آهي، ۽ ان جي مدد ڪرڻ سان سندس ڪٽر دشمنن کي رُسوا ڪيو آهي، ۽ ان جي رڪن سان گمراهيءَ جي رڪنن کي ڪيرايو آهي. ۽ ان جي حوض مان اڃاري کي سيراب ڪيو آهي، ۽ پاڻي پريندڙن ذريعي انهن حوضن کي ڀري ڇڏيو آهي. پوءِ هن اسلام کي اهڙو بڻايو جو ان جيءَ رسيءَ لاءِ ٽُٽڻ ڪونهي، ۽ نه ان جيءَ ڪڙيءَ لاءِ کلڻ آهي، ۽ نه ان جي بنيادن لاءِ ڊهڻ آهي، ۽ نه ان جي ٿنڀن لاءِ ڪِرڻ آهي، ۽ نه ان جي وڻ لاءِ پٽجڻ آهي، ۽ نه ان جي مُدت لاءِ ختم ٿيڻ آهي، ۽ نه ان جي احڪام لاءِ مِٽجڻ آهي، ۽ نه ان جي ٽارين لاءِ ڪَٽجڻ آهي، ۽ نه ان جي رستن لاءِ سوڙهاڻ آهي، ۽ نه ان جي رستن تي هلڻ ۾ ڏکيائپ آهي، ۽ نه ان جي اجاڻ لاءِ ڪاراڻ آهي، ۽ نه ان جي سِڌاڻ لاءِ ٽيڏاڻ آهي، ۽ نه ان جي ڪاٺيءَ ۾ ڇباڻ آهي، ۽ نه ان جي ويڪرن رستن ۾ تنگائپ آهي، ۽ نه ان جي ڏِيئن لاءِ وسامڻ آهي، ۽ نه ان جي مِناڻ لاءِ ڪوڙاڻ آهي. اسلام اهڙو دين آهي الله جنهن جي بنيادن کي حق ۾ کوڙي ڇڏيو آهي، ۽ انهن کي محڪم ڪيو آهي، ۽ هن جا اهڙا چشما آهن جيڪي پاڻيءَ سان ڀريل آهن، ۽ اهڙا ڏيئا آهن جن جا شعلا بلند آهن، ۽ اهڙا مينار آهن مسافر جن ڪان رهنمائي وٺندا آهن، ۽ اهڙا علَم آهن جن سان ان جي ڪشادن رستن جو قصد ڪيو وڃي ٿو، ۽ اهڙا گهيڙ آهن جن مان اتي ايندڙ سيراب ٿيندا آهن. الله انکي پنهنجيءَ ڪامل رضامنديءَ، ۽ پنهنجي دينن تي بلنديءَ ۽ پنهنجي اطاعت جي اوچائي قرار ڏنو آهي.

فَهُوَ عِنْدَ اللَّهِ وَثِيقُ الْأَرْكَانِ رَفِيعُ الْبُنْيَانِ مُنِيرُ الْبُرْهَانِ مُضِيءُ النِّيرَانِ عَزِيزُ السُّلْطَانِ مُشْرِفُ الْمَنَارِ مُعْوِذُ الْمَثَارِ فَشَرِّفُوهُ وَ اتَّبِعُوهُ وَ أَدُّوا إِلَيْهِ حَقَّهُ وَ ضَعُوهُ مَوَاضِعَه.

## الرسول الأعظم (صلّى الله عليه و آله)

ثُمَّ إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ بَعَثَ مُحَمَّداً صلّى الله عليه و آله بِالْحَقِ حِينَ دَنَا مِنَ الدُّنْيَا الِانْقِطَاعُ وَ أَقْبَلَ مِنَ الْآخِرَةِ الِاطِّلَاعُ وَ أَظْلَمَتْ بَهْجَتُهَا بَعْدَ إِشْرَاقٍ وَ قَامَتْ بِأَهْلِهَا عَلَى سَاقٍ وَ خَشُنَ مِنْهَا مِهَادٌ وَ أَزِفَ مِنْهَا قِيَادٌ فِي انْقِطَاعٍ مِنْ مُدَّتِهَا،

وَ اقْتِرَابٍ مِنْ أَشْرَاطِهَا وَ تَصَرُّمٍ مِنْ أَهْلِهَا وَ انْفِصَامٍ مِنْ حَلْقَتِهَا وَ انْتِشَارٍ مِنْ سَبَبِهَا وَ عَفَاءٍ مِنْ أَعْلَامِهَا وَ تَكَشُّفٍ مِنْ عَوْرَاتِهَا وَ قِصَرٍ مِنْ طُولِهَا جَعَلَهُ اللَّهُ بَلَاغاً لِرِسَالَتِهِ وَ كَرَامَةً لِأُمَّتِهِ وَ رَبِيعاً لِأَهْلِ زَمَانِهِ وَ رِفْعَةً لِأَعْوَانِهِ وَ شَرَفاً لِأَنْصَارِهِ.

## القرآن الكريم

ثُمَّ أَنْزَلَ عَلَيْهِ الْكِتَابَ نُوراً لَا تُطْفَأُ مَصَابِيحُهُ وَ سِرَاجاً لَا يَخْبُو تَوَقُّدُهُ وَ بَحْراً لَا يُدْرَكُ قَعْرُهُ وَ مِنْهَاجاً لَا يُضِلُّ نَهْجُهُ وَ شُعَاعاً لَا يُظْلِمُ ضَوْءُهُ وَ فُرْقَاناً لَا يُخْمَدُ بُرْهَانُهُ وَ تِبْيَاناً لَا تُهْدَمُ أَرْكَانُهُ،

وَ شِفَاءً لَا تُخْشَى أَسْقَامُهُ وَ عِزّاً لَا تُهْزَمُ أَنْصَارُهُ وَ حَقّاً لَا تُخْذَلُ أَعْوَانُهُ فَهُوَ مَعْدِنُ الْإِيمَانِ وَ بُحْبُوحَتُهُ وَ يَنَابِيعُ الْعِلْمِ وَ بُحُورُهُ وَ رِيَاضُ الْعَدْلِ وَ غُدْرَانُهُ وَ أَثَافِيُّ الْإِسْلَامِ وَ بُنْيَانُهُ وَ أَوْدِيَةُ الْحَقِّ وَ غِيطَانُهُ.

بس اسلام الله وٽ مضبوط رڪنن وارو، بلند عمارت وارو، روشن برهانن وارو، چمڪندڙ روشنين وارو، غالب طاقتن وارو، بلند مينارن وارو ۽ مخالف قوتن کي عاجز ڪرڻ وارو آهي. بس ان جي تعظيم ڪريو ۽ ان جي پيروي ڪريو، ان جو حق ادا ڪريو، ۽ انکي سندس مقام تي باقي رکو.

## عظمت وارو رسول (ﷺ)

پوءِ بيشڪ الله سبحانہ حضرت محمد ﷺ کي ان وقت حق سان مبعوث ڪيو جڏهن دنيا فنا ٿيڻ جي ويجهو ٿي چڪي هئي، ۽ آخرت بس اچڻ واري هئي، سوجهري کان پوءِ ان جي روشني اونداهيءَ ۾ تبديل ٿيڻ واري هئي، ۽ هؤ پنهنجي رهڻ وارن سان جنگ جي ڪناري تي اچي پهتي هئي، ۽ ان جو متاچرو ڏکيو ٿي چڪو هو، ۽ هن جي واڳ فنا جي قريب ٿي چڪي هئي، جڏهن تہ ان جي مدت ختم ٿيڻ واري هئي، ۽ ان جي خاتمي جون نشانيون ويجهو اچي پهتيون هيون. ۽ انجا رهائشي نابود ٿيڻ وارا، ۽ انجا ڪڙا ٽُٽڻ وارا، ۽ انجا اسباب ٽڙپکڙ ٿيڻ وارا، ۽ انجا نشان مِٽجڻ وارا، ۽ انجا عيب پڌرا ٿيڻ وارا هئا، ۽ ان جي مدت جي ڊيگهہ گهٽجڻ لڳي هئي. الله تعالیٰ پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجي پيغام کي پهچائڻ وارو، ۽ سندس امت لاءِ عزت ۽ سندس زماني وارن لاءِ بهار، ۽ پنهنجي حمايتين لاءِ عزت، ۽ پنهنجي مددگارن لاءِ شرف جو ذريعو قرار ڏنو.



## قرآن ڪريم

پوءِ الله تعالیٰ مٿس ڪتاب نازل ڪيو جيڪو اهڙو نور آهي جنهن جا ڏيئا نہ وسامندا، ۽ اهڙو چراغ آهي جنهن جي لاٽ نہ گهٽبي، ۽ اهڙو سمنڊ آهي جنهن جي اونهائي معلوم نہ ٿيندي، ۽ اهڙي واٽ آهي جنهن جو رستو گم نہ ٿيندو، ۽ اهڙي بجلي آهي جنهن جي روشني ختم نہ ٿيندي، ۽ اهڙو واضح بيان ڪندڙ آهي جنهن جا برهان نہ گُٽندا، ۽ اهڙو واضح بيان ڪندڙ آهي جنهن جا بنياد نہ ڊهندا، ۽ اهڙي شفا آهي جو بيمارن کي پؤ نہ آهي، ۽ اهڙي طاقت آهي جنهن جا مددگار نہ هارائيندا، ۽ اهڙو حق آهي جنهن جا ساٿي رسوا نہ ٿيندا. بس اهو ايمان جي کاڻ ۽ ان جو مرڪز آهي، ۽ علم جا چشما ۽ ان جو سمنڊ آهي، ۽ عدالت جو چمن ۽ ان جو حوض آهي، ۽ اسلام جي پيڙهہ ۽ ان جو بنياد آهي، ۽ حق جون واديون ۽ ان جو ميدان آهي.

وَ بَحْرٌ لَا يَنْزِفُهُ الْمُسْتَنْزِفُونَ وَ عُيُونٌ لَا يُنْضِبُهَا الْمَاتِحُونَ وَ مَنَاهِلُ لَا يَغِيضُهَا الْوَارِدُونَ وَ مَنَازِلُ لَا يَضِلُّ نَهْجَهَا الْمُسَافِرُونَ وَ أَعْلَامٌ لَا يَعْمَى عَنْهَا السَّائِرُونَ وَ آكَامٌ لَا يَجُوزُ عَنْهَا الْقَاصِدُونَ، جَعَلَهُ اللَّهُ رِيّاً لِعَطَشِ الْعُلَمَاءِ وَ رَبِيعاً لِقُلُوبِ الْفُقَهَاءِ وَ مَحَاجَّ لِطُرُقِ الصُّلَحَاءِ وَ دَوَاءً لَيْسَ بَعْدَهُ دَاءٌ وَ نُوراً لَيْسَ مَعَهُ ظُلْمَةٌ وَ حَبْلًا وَثِيقاً عُرْوَتُهُ وَ مَعْقِلًا مَنِيعاً ذِرْوَتُهُ وَ عِزّاً لِمَنْ تَوَلَّاهُ وَ سِلْماً لِمَنْ دَخَلَهُ وَ هُدًى لِمَنِ ائْتَمَّ بِهِ،

وَ عُذْراً لِمَنِ انْتَحَلَهُ وَ بُرْهَاناً لِمَنْ تَكَلَّمَ بِهِ وَ شَاهِداً لِمَنْ خَاصَمَ بِهِ وَ فَلْجاً لِمَنْ حَاجَّ بِهِ وَ حَامِلًا لِمَنْ حَمَلَهُ وَ مَطِيَّةً لِمَنْ أَعْمَلَهُ وَ آيَةً لِمَنْ تَوَسَّمَ وَ جُنَّةً لِمَنِ اسْتَلْأَمَ وَ عِلْماً لِمَنْ وَعَى وَ حَدِيثاً لِمَنْ رَوَى وَ حُكْماً لِمَنْ قَضَى.

## ١٩٩ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*كان يوصي به أصحابه*

### الصلاة



تَعَاهَدُوا أَمْرَ الصَّلَاةِ وَ حَافِظُوا عَلَيْهَا وَ اسْتَكْثِرُوا مِنْهَا وَ تَقَرَّبُوا بِهَا فَإِنَّهَا كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِينَ كِتَاباً مَوْقُوتاً أَ لَا تَسْمَعُونَ إِلَى جَوَابِ أَهْلِ النَّارِ حِينَ سُئِلُوا ﴿مَا سَلَكَكُمْ فِي سَقَرَ* قالُوا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّينَ[١]﴾ وَ إِنَّهَا لَتَحُتُّ الذُّنُوبَ حَتَّ الْوَرَقِ وَ تُطْلِقُهَا إِطْلَاقَ الرِّبَقِ وَ شَبَّهَهَا رَسُولُ اللَّهِ صلى الله عليه وآله بِالْحَمَّةِ تَكُونُ عَلَى بَابِ الرَّجُلِ فَهُوَ يَغْتَسِلُ مِنْهَا فِي الْيَوْمِ وَ اللَّيْلَةِ خَمْسَ مَرَّاتٍ فَمَا عَسَى أَنْ يَبْقَى عَلَيْهِ مِنَ الدَّرَنِ.

---

١: المدثر: الآية: ٤٢ـ ٤٣.

۽ اهڙو سمنڊ آهي جو پاڻي پرڻ وارن کي خالي نہ ڪري سهگندا، ۽ اهڙو چشمو آهي پاڻي ڪڍڻ وارا انکي ختم نہ ڪري سگهندا. ۽ اهڙو گهيڙ آهي جو اتي ايندڙ ڪيس کُٿائي نہ سگهندا. ۽ اهڙي منزل آهي جو مسافر جنهن جي واٽ نہ وڃائيندا، ۽ اهڙو نشان آهي جو واٽهڙو جنهن کان انڌا نہ ٿي سگهندا، ۽ اهڙو ٽِبو آهي جو قصد ڪرڻ وارا ان کان اڳتي گذري نہ سگهندا. الله تعالیٰ انکي عالمن جي اُڄ اجهائڻ لاءِ سيرابي ۽ فقيهن جي دلين لاءِ بهار، ۽ نيڪوڪارن جي رستن جي شاهراهہ قرار ڏنو آهي. ۽ اهڙي دوا آهي جنهن کانپوءِ بيماري ڪانهي، ۽ اهڙي روشني آهي جنهن سان گڏ اونداهي ڪانهي ۽ اهڙي رسي آهي جنهن جي ڳنڍ مضبوط آهي، ۽ اهڙي پناهگاهہ آهي جنهن جي چوٽي مضبوط آهي، ۽ ان لاءِ عزت آهي جنهن انکي پنهنجو سرپرست بڻايو، ۽ ان لاءِ سلامتي آهي جيڪو ان ۾ داخل ٿيو، ۽ ان لاءِ هدايت آهي جنهن هنجي پيروي ڪئي، ۽ ان لاءِ عذر آهي جنهن انکي اپنايو، ۽ ان لاءِ بُرهان آهي جنهن ان ذريعي ڳالهايو، ۽ ان لاءِ شاهد آهي جنهن ان ذريعي مناظرو ڪيو، ۽ ان لاءِ ڪاميابي آهي جنهن ان ذريعي دليل قائم ڪيو، ۽ انکي بلند ڪندڙ آهي جنهن ان جو علم پرايو، ۽ ان لاءِ سواري آهي جنهن ان تي عمل ڪيو، ۽ ان لاءِ نشاني آهي جنهن ان ۾ غور ڪيو، ۽ ان لاءِ ڍال آهي جنهن انکي ڍال قرار ڏنو، ۽ ان لاءِ علم آهي جنهن انکي سانڍي رکيو، ۽ ان لاءِ ڪلام آهي جنهن انکي بيان ڪيو، ۽ ان لاءِ حڪم آهي جنهن ان ذريعي فيصلو ڪيو.



## ۱۹۹_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ذريعي پنهنجي اصحاب کي وصيت ڪندا هئا

### نماز

نماز جي حڪم جو خيال رکو ۽ انکي پابنديءَ سان انجام ڏيو، ۽ انکي گهڻو پڙهو ۽ ان سان تقرب حاصل ڪريو، بيشڪ نماز "مومنن تي مقرر وقتن تي فرض ڪيل آهي" ڇا توهان جهنمين جو جواب نہ ٻڌندا آهيو تہ جڏهن کانئن پڇيو ويندو تہ "ڪهڙيءَ شيءِ توهان کي جهنم پهچايو آهي تہ اُهي چوندا اسان نمازين منجهان نہ هئاسين". ۽ بيشڪ نماز گناهن کي پنن جي ڇڻڻ وانگر ڇاڻيندي آهي، ۽ انهن کي ڦندن جي الڳ ڪرڻ جيان الڳ ڪندي آهي، ۽ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم انکي ان گرم چشمي سان ڀيٽايو آهي جيڪو ڪنهن شخص جي دروازي تي هجي ۽ هو ان ۾ ڏينهن ۽ رات جو پنج ڀيرا وهنجي تہ ڇا ان تي ميراڻ جي باقي هجڻ جي توقع ڪري سگهجي ٿي؟

وَ قَدْ عَرَفَ حَقَّهَا رِجَالٌ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ الَّذِينَ لَا تَشْغَلُهُمْ عَنْهَا زِينَةُ مَتَاعٍ وَ لَا قُرَّةُ عَيْنٍ مِنْ وَلَدٍ وَ لَا مَالٍ يَقُولُ اللَّهُ سُبْحَانَهُ ﴿رِجالٌ لا تُلْهِيهِمْ تِجارَةٌ وَ لا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللَّهِ وَ إِقامِ الصَّلاةِ وَ إِيتاءِ الزَّكاةِ[1]﴾ وَ كَانَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ نَصِباً بِالصَّلَاةِ بَعْدَ التَّبْشِيرِ لَهُ بِالْجَنَّةِ لِقَوْلِ اللَّهِ سُبْحَانَهُ ﴿وَ أْمُرْ أَهْلَكَ بِالصَّلاةِ وَ اصْطَبِرْ عَلَيْها[2]﴾ فَكَانَ يَأْمُرُ بِهَا أَهْلَهُ وَ يَصْبِرُ عَلَيْهَا نَفْسَهُ.

## الزكاة

ثُمَّ إِنَّ الزَّكَاةَ جُعِلَتْ مَعَ الصَّلَاةِ قُرْبَاناً لِأَهْلِ الْإِسْلَامِ فَمَنْ أَعْطَاهَا طَيِّبَ النَّفْسِ بِهَا فَإِنَّهَا تُجْعَلُ لَهُ كَفَّارَةً وَ مِنَ النَّارِ حِجَازاً وَ وِقَايَةً، فَلَا يُتْبِعَنَّهَا أَحَدٌ نَفْسَهُ وَ لَا يُكْثِرَنَّ عَلَيْهَا لَهَفَهُ فَإِنَّ مَنْ أَعْطَاهَا غَيْرَ طَيِّبِ النَّفْسِ بِهَا يَرْجُو بِهَا مَا هُوَ أَفْضَلُ مِنْهَا فَهُوَ جَاهِلٌ بِالسُّنَّةِ مَغْبُونُ الْأَجْرِ ضَالُّ الْعَمَلِ طَوِيلُ النَّدَمِ.

## الأمانة



ثُمَّ أَدَاءَ الْأَمَانَةِ فَقَدْ خَابَ مَنْ لَيْسَ مِنْ أَهْلِهَا إِنَّهَا عُرِضَتْ عَلَى السَّمَاوَاتِ الْمَبْنِيَّةِ وَ الْأَرَضِينَ الْمَدْحُوَّةِ وَ الْجِبَالِ ذَاتِ الطُّولِ الْمَنْصُوبَةِ فَلَا أَطْوَلَ وَ لَا أَعْرَضَ وَ لَا أَعْلَى وَ لَا أَعْظَمَ مِنْهَا وَ لَوِ امْتَنَعَ شَيْءٌ بِطُولٍ أَوْ عَرْضٍ أَوْ قُوَّةٍ أَوْ عِزٍّ لَامْتَنَعْنَ وَ لَكِنْ أَشْفَقْنَ مِنَ الْعُقُوبَةِ وَ عَقَلْنَ مَا جَهِلَ مَنْ هُوَ أَضْعَفُ مِنْهُنَّ وَ هُوَ الْإِنْسَانُ ﴿إِنَّهُ كانَ ظَلُوماً جَهُولاً[3]﴾.

---

١: النور: الآية: ٣٧.

٢: طه: الآية: ١٣٢.

٣: الاحزاب: الآية: ٧٢.

۽ بيشڪ انهن مومن مردن ان جي حق کي سڃاتو جن کي دنيا جي سونهن ۽ نہ وري اکين جو ٺار اولاد، ۽ مال ان کان مصروف ڪن ٿا، الله تعالیٰ فرمايو آهي: ”اهڙا مرد آهن جن کي واپار ۽ ڏنڌو الله جي ذڪر، ۽ نماز قائم ڪرڻ، ۽ زڪوات ڏيڻ کان غافل نٿو ڪري“.

۽ نبي ڪريم ﷺ نماز بابت پاڻ کي ٿڪائي ڇڏيندا هئا جڏهن تہ ڪيس جنت جي بشارت ڏني وئي هئي، انکري تہ الله تعالیٰ فرمايو آهي ” ۽ پنهنجي گھر وارن کي نماز جو حڪم ڏي ۽ پاڻ بہ ان تي پابند رهہ“ تہ پاڻ ﷺ ان بابت پنهنجي گھروارن کي بہ حڪم ڏيندا هئا ۽ پاڻ بہ ان تي پابند رهندا هئا.

## زڪوات

پوءِ مسلمانن لاءِ زڪوات کي نماز سان گڏ تقرب جو ذريعو قرار ڏنو ويو آهي، هاڻي جنهن راضپي سان ڪيس ادا ڪيو تہ پوءِ انکي سندس لاءِ ڪفارو ۽ جهنم کان رڪاوٽ ۽ بچاء قرار ڏنو ويندو. بس ڪو بہ ان جي ادائگي ڪانپوءِ نہ ان ۾ طمع رکي، ۽ نہ وري ان تي گھڻو افسوس ڪري، انکري تہ بيشڪ جنهن بہ بغير راضپي جي انکي ادا ڪيو ۽ ان جي بدلي انکان پلي؁ شيءِ جي اميد رکندو تہ اهو سنتِ (الٰهي) کان جاهل، ۽ اجر ۾ ڏوڪو کاڌل، عمل کي برباد ڪندڙ ۽ هميشہ پشيماني؁ ۾ رهندو.



## امانت

پوءِ امانت کي ادا ڪرڻ آهي، بيشڪ اهو شخص ناڪام ٿيو جيڪو ان جو اهل نہ آهي، يقيناً اها نهيل آسمانن، وڇايل زمينن، ۽ ڊگھن ڪُتل جبلن تي پيش ڪئي وئي، پوءِ ڪا بہ شيءِ انهن کان وڏيڪ ڊگھي ۽ ويڪري نہ آهي ۽ نہ وري اُوچي ۽ وڏي آهي.

پوءِ اگر ڪا شيءِ ڊيگھہ، ويڪر، قوت ۽ طاقت جي ڪري خيانت کان رڪجي ها تہ يقيناً اهي خيانت کان رڪجي وڃن ها، پر اُهي سزا کان ڊڄي پيا ۽ ان شي کي ڄاڻي ويا جنهن کان ڪائن وڏيڪ ڪمزور مخلوق جاهل رهي، ۽ اها انسان آهي ” بيشڪ هو وڏو ظالم نادان آهي“.

## علم الله تعالى

إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ وَ تَعَالَى لَا يَخْفَى عَلَيْهِ مَا الْعِبَادُ مُقْتَرِفُونَ فِي لَيْلِهِمْ وَ نَهَارِهِمْ لَطُفَ بِهِ خُبْراً وَ أَحَاطَ بِهِ عِلْماً أَعْضَاؤُكُمْ شُهُودُهُ وَ جَوَارِحُكُمْ جُنُودُهُ وَ ضَمَائِرُكُمْ عُيُونُهُ وَ خَلَوَاتُكُمْ عِيَانُه.

## ٢٠٠ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في معاوية*

وَ اللَّهِ مَا مُعَاوِيَةُ بِأَدْهَى مِنِّي وَ لَكِنَّهُ يَغْدِرُ وَ يَفْجُرُ وَ لَوْ لَا كَرَاهِيَةُ الْغَدْرِ لَكُنْتُ مِنْ أَدْهَى النَّاسِ وَ لَكِنْ كُلُّ غُدَرَةٍ فُجَرَةٌ وَ كُلُّ فُجَرَةٍ كُفَرَةٌ وَ لِكُلِّ غَادِرٍ لِوَاءٌ يُعْرَفُ بِهِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَ اللَّهِ مَا أُسْتَغْفَلُ بِالْمَكِيدَةِ وَ لَا أُسْتَغْمَزُ بِالشَّدِيدَة.

## ٢٠١ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*يعظ بسلوك الطريق الواضح.*



أَيُّهَا النَّاسُ لَا تَسْتَوْحِشُوا فِي طَرِيقِ الْهُدَى لِقِلَّةِ أَهْلِهِ فَإِنَّ النَّاسَ قَدِ اجْتَمَعُوا عَلَى مَائِدَةٍ شِبَعُهَا قَصِيرٌ وَ جُوعُهَا طَوِيلٌ أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّمَا يَجْمَعُ النَّاسَ الرِّضَا وَ السُّخْطُ وَ إِنَّمَا عَقَرَ نَاقَةَ ثَمُودَ رَجُلٌ وَاحِدٌ فَعَمَّهُمُ اللَّهُ بِالْعَذَابِ لَمَّا عَمُّوهُ بِالرِّضَا فَقَالَ سُبْحَانَهُ ﴿فَعَقَرُوها فَأَصْبَحُوا نادِمِينَ[١]﴾ فَمَا كَانَ إِلَّا أَنْ خَارَتْ أَرْضُهُمْ بِالْخَسْفَةِ خُوَارَ السِّكَّةِ الْمُحْمَاةِ فِي الْأَرْضِ الْخَوَّارَةِ أَيُّهَا النَّاسُ مَنْ سَلَكَ الطَّرِيقَ الْوَاضِحَ وَرَدَ الْمَاءَ وَ مَنْ خَالَفَ وَقَعَ فِي التِّيه.

١: الشعراء: الآية: ١٥٧.

## الله تعالىٰ جو علم

بيشڪ الله سبحانہ و تعالىٰ تي اهي ڪرتوت لڪيل نہ آهن جيڪي ٻانها رات ۽ ڏينهن ۾ انجام ڏين ٿا، هو تہ سندن نندين عملن کي ڄاڻيندڙ آهي ۽ انهن جو مڪمل علم رکي ٿو، توهان جا عضوا انجا گواہ ۽ توهانجا لڱ انجا لشڪر آهن، ۽ توهان جا ضمير انجا جاسوس، ۽ توهان جون تنهايون ان جا مشاهدا آهن.

## ٢٠٠_ امام عليه السلام جو ڪلام، معاويي جي باري ۾

الله جو قسم معاويو مونکان وڌيڪ داناء نہ آهي، مگر هو ڌوڪو ڏئي ٿو، ۽ بڇڙائپ ڪري ٿو، اگر ڌوڪو اڻ وڻندڙ نہ هجي ها تہ يقيناً آءٌ سيني ماڻهن کان وڌيڪ چالاڪ هجان ها، پر هر ڌوڪي باز بڇڙو آهي ۽ هر بڇڙو نافرمان آهي،

۽ قيامت جي ڏينهن هر ڌوڪي باز وٽ هڪ پرچم هوندو جنهن ذريعي هو سڃاتو ويندو، الله جو قسم مونکي مڪاريءَ سان غافل نٿو ڪري سگهجي، ۽ نہ وري سختين سان هيسائي سگهجي ٿو.

## ٢٠١_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام چٽي رستي تي هلڻ جي نصيحت ڪئي آهي

اي انسانؤ! هدايت جي واٽ تي اهلِ هدايت جي ٿورائي جي ڪري اڪيلائي کان نہ گهبرايو، انڪري تہ يقيناً ماڻهو اهڙي دسترخوان تي گڏ ٿيا آهن جنهن جو ڍؤ ٿورو ۽ ان جي بُک گهڻي آهي. اي انسانؤ راضپو ۽ ناراضپو ماڻهن کي گڏ ڪندو آهي، ۽ قومِ ثمود جي ڏاچيءَ جون ٽنگون هڪ ماڻهو وڍيون هيون،

پر الله عذاب کي انهن سيني لاءِ عام ڪيو، انڪري تہ اُهي سڀ اُن عمل تي راضي هئا، پوءِ الله تعالىٰ فرمايو: ”بس پوءِ انجون ٽنگون وڍيائون پوءِ اهي پشيمان ٿيا“. پوءِ انهن جي زمين ڪرڙات ڪري ائين ڳهجڻ لڳي جيئن تکو گهوبو نرم زمين ۾ خرڙات ڪندو آهي، اي انسانؤ جيڪو واضح رستي تي هليو تہ اهو پاڻي تائين پهتو، ۽ جيڪو ٿڙيءَ ويو تہ اهو رڻ پٽ ۾ رُلي ويو.

## ٢٠٢- و من كلام له عليه السلام

*رُوِيَ عَنْهُ أَنَّهُ قَالَهُ عِنْدَ دَفْنِ سَيِّدَةِ النِّسَاءِ فَاطِمَةَ عليها السلام كَالْمُنَاجِي بِهِ رَسُولَ اللَّهِ صلى الله عليه وآله عِنْدَ قَبْرِهِ:*

السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ اللَّهِ عَنِّي وَ عَنِ ابْنَتِكَ النَّازِلَةِ فِي جِوَارِكَ وَ السَّرِيعَةِ اللَّحَاقِ بِكَ قَلَّ يَا رَسُولَ اللَّهِ عَنْ صَفِيَّتِكَ صَبْرِي وَ رَقَّ عَنْهَا تَجَلُّدِي إِلَّا أَنَّ فِي التَّأَسِّي لِي بِعَظِيمِ فُرْقَتِكَ وَ فَادِحِ مُصِيبَتِكَ مَوْضِعَ تَعَزٍّ فَلَقَدْ وَسَّدْتُكَ فِي مَلْحُودَةِ قَبْرِكَ وَ فَاضَتْ بَيْنَ نَحْرِي وَ صَدْرِي نَفْسُكَ،

فَإِنَّا لِلَّهِ وَ إِنَّا إِلَيْهِ راجِعُونَ فَلَقَدِ اسْتُرْجِعَتِ الْوَدِيعَةُ وَ أُخِذَتِ الرَّهِينَةُ أَمَّا حُزْنِي فَسَرْمَدٌ وَ أَمَّا لَيْلِي فَمُسَهَّدٌ إِلَى أَنْ يَخْتَارَ اللَّهُ لِي دَارَكَ الَّتِي أَنْتَ بِهَا مُقِيمٌ وَ سَتُنَبِّئُكَ ابْنَتُكَ بِتَضَافُرِ أُمَّتِكَ عَلَى هَضْمِهَا فَأَحْفِهَا السُّؤَالَ وَ اسْتَخْبِرْهَا الْحَالَ هَذَا وَ لَمْ يَطُلِ الْعَهْدُ وَ لَمْ يَخْلُ مِنْكَ الذِّكْرُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكُمَا سَلَامَ مُوَدِّعٍ لَا قَالٍ وَ لَا سَئِمٍ فَإِنْ أَنْصَرِفْ فَلَا عَنْ مَلَالَةٍ وَ إِنْ أُقِمْ فَلَا عَنْ سُوءِ ظَنٍّ بِمَا وَعَدَ اللَّهُ الصَّابِرِين.



## ٢٠٣- و من كلام له عليه السلام

*في التزهيد من الدنيا و الترغيب في الآخرة.*

أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّمَا الدُّنْيَا دَارُ مَجَازٍ وَ الْآخِرَةُ دَارُ قَرَارٍ فَخُذُوا مِنْ مَمَرِّكُمْ لِمَقَرِّكُمْ وَ لَا تَهْتِكُوا أَسْتَارَكُمْ عِنْدَ مَنْ يَعْلَمُ أَسْرَارَكُمْ وَ أَخْرِجُوا مِنَ الدُّنْيَا قُلُوبَكُمْ مِنْ قَبْلِ أَنْ تَخْرُجَ مِنْهَا أَبْدَانُكُمْ فَفِيهَا اخْتُبِرْتُمْ وَ لِغَيْرِهَا خُلِقْتُمْ إِنَّ الْمَرْءَ إِذَا هَلَكَ قَالَ النَّاسُ مَا تَرَكَ وَ قَالَتِ الْمَلَائِكَةُ مَا قَدَّمَ لِلَّهِ آبَاؤُكُمْ فَقَدِّمُوا بَعْضاً يَكُنْ لَكُمْ قَرْضاً وَ لَا تُخْلِفُوا كُلًّا فَيَكُونَ فَرْضاً عَلَيْكُمْ.

## ٢٠٢_ امام عليه السلام جو ڪلام. (سائڻ فاطم زهرا عليها السلام جي مصيبت ڪي بيان ڪندي)

**ڪائنس مروي آهي تہ امام عليه السلام هي ڪلام عورتن جي سردار جناب فاطمہ عليها السلام کي دفن ڪرڻ مهل پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله سان مناجات ڪرڻ واري وانگر سندس قبر وٽ فرمايو آهي:**

اي الله جا رسول منهنجي طرفان ۽ توهان جي پاڙي ۾ ايندڙ ۽ توهان سان جلد ملندڙ اوهان جي نياڻي طرفان اوهان تي سلام هجي. اي الله جا رسول اوهان جيءَ برگزيده ڌيءَ جي جدائيءَ ۾ منهنجو صبر گهٽجي ويو آهي، ۽ سندس جدائي ۾ منهنجي برداشت ٿوري ٿي وئي آهي. مگر توهان جو وڏو وڇوڙو ۽ عظيم مصيبت منهنجي لاءِ هن ڏک جي گهڙيءَ ۾ دلجوئي آهي، جڏهن تہ آءٌ ئي اوهان کي قبر جي لحد ۾ لاٿو هو، ۽ منهنجيءَ ڳچيءَ ۽ سيني جي درميان اوهان جو روح پرواز ٿيو هو " بيشڪ اسان الله جا آهيون، ۽ اسانکي ان ڏانهن ئي واپس ورڻو آهي". بيشڪ امانت موٽائي وئي، ۽ گِروي رکيل شيءِ واپس ورتي وئي پر منهنجو غم دائمي ۽ رات اوجاڳو ٿي وئي، ايستائين جو الله منهنجي لاءِ بہ توهان جي ان گهر کي اختيار ڪري جنهن ۾ اوهان ترسيل آهيو. ۽ عنقريب اوهان جي نياڻي اوهان کي توهان جي امت جي مٿس ڪيل ظلم جي خبر ڏيندي، بس اوهان ڪانئس سڀ ڪجهه پڇجو ۽ حال احوال ونجو. جڏهن تہ نہ اوهان جي وڇوڙي کي وڏو وقت ٿيو آهي، ۽ نہ وري اوهان جي ياد ختم ٿي آهي، اوهان ٻنهي تي منهنجو سلام هجي وداع ڪرڻ واري جي سلام وانگر، پر ڪنهن ناراضگيءَ ۽ تنگيءَ جي ڪري نہ پوءِ اگر آءٌ موٽي وڃان تہ اهو دل ڀرجي وڃڻ ڪري نہ آهي، ۽ اگر آءٌ رهي پوان تہ ان واعدي کان سوءِ ظن ڪري نہ آهي جيڪو الله صبر ڪندڙن سان ڪيو آهي.



## ٢٠٣_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جنهن ۾ دنيا کان زهد اختيار ڪرڻ ۽ آخرت ۾ رغبت رکڻ جي ترغيب ڏياري آهي.**

اي انسانؤ! دنيا رڳو گذرگاهہ ۽ آخرت ئي قرار گاهہ آهي، بس پنهنجي گذرگاهہ مان پنهنجي قرار گاهہ لاءِ ڪجهہ ڪٺو، ۽ ان ذات اڳيان پنهنجي پردن کي چاڪ نہ ڪريو جيڪو توهان جي رازن کي ڄاڻي ٿو. ۽ دنيا کان پنهنجي دلين کي ڪڍي ڇڏيو ان کان پهريائين جو توهان جا جسم ان کان نڪري وڃن، بس هن ۾ توهان کي آزمايو ويندو ۽ ٻيءَ دنيا لاءِ توهان کي پيدا ڪيو ويو آهي، بيشڪ جڏهن ڪو شخص مرندو آهي تہ ماڻهو چوندا آهن: هن پوئتي ڇا ڇڏيو؟ ۽ ملائڪ چوندا آهن: هن اڳتي ڇا موڪليو؟ توهان جي وڏڙن تي الله رحم ڪري اڳتي لاءِ بہ موڪليو جيڪو توهان جي طرفان قرض ٿئي، ۽ سڀ مال پوئتي نہ ڇڏيو جو اهو توهان مٿان بار بڻجي.

## ٢٠٤- و من كلام له عليه السلام

*كان كثيرا ما ينادي به أصحابه.*

تَجَهَّزُوا رَحِمَكُمُ اللَّهُ فَقَدْ نُودِيَ فِيكُمْ بِالرَّحِيلِ وَ أَقِلُّوا الْعُرْجَةَ عَلَى الدُّنْيَا وَ انْقَلِبُوا بِصَالِحِ مَا بِحَضْرَتِكُمْ مِنَ الزَّادِ فَإِنَّ أَمَامَكُمْ عَقَبَةً كَئُوداً وَ مَنَازِلَ مَخُوفَةً مَهُولَةً لَا بُدَّ مِنَ الْوُرُودِ عَلَيْهَا وَ الْوُقُوفِ عِنْدَهَا. وَ اعْلَمُوا أَنَّ مَلَاحِظَ الْمَنِيَّةِ نَحْوَكُمْ دَانِيَةٌ وَ كَأَنَّكُمْ بِمَخَالِبِهَا وَ قَدْ نَشِبَتْ فِيكُمْ وَ قَدْ دَهَمَتْكُمْ فِيهَا مُفْظِعَاتُ الْأُمُورِ وَ مُعْضِلَاتُ الْمَحْذُورِ. فَقَطِّعُوا عَلَائِقَ الدُّنْيَا وَ اسْتَظْهِرُوا بِزَادِ التَّقْوَى.

(قال الرضي رحمه الله) و قد مضى شيء من هذا الكلام فيما تقدم بخلاف هذه الرواية.

## ٢٠٥- و من كلام له عليه السلام

*كلم به طلحة و الزبير بعد بيعته بالخلافة و قد عتبا عليه من ترك مشورتهما، و الاستعانة في الأمور بهما.*

لَقَدْ نَقَمْتُمَا يَسِيراً وَ أَرْجَأْتُمَا كَثِيراً أَ لَا تُخْبِرَانِي أَيُّ شَيْءٍ كَانَ لَكُمَا فِيهِ حَقٌّ دَفَعْتُكُمَا عَنْهُ أَمْ أَيُّ قَسْمٍ اسْتَأْثَرْتُ عَلَيْكُمَا بِهِ أَمْ أَيُّ حَقٍّ رَفَعَهُ إِلَيَّ أَحَدٌ مِنَ الْمُسْلِمِينَ ضَعُفْتُ عَنْهُ أَمْ جَهِلْتُهُ أَمْ أَخْطَأْتُ بَابَهُ. وَ اللَّهِ مَا كَانَتْ لِي فِي الْخِلَافَةِ رَغْبَةٌ وَ لَا فِي الْوِلَايَةِ إِرْبَةٌ وَ لَكِنَّكُمْ دَعَوْتُمُونِي إِلَيْهَا وَ حَمَلْتُمُونِي عَلَيْهَا فَلَمَّا أَفْضَتْ إِلَيَّ نَظَرْتُ إِلَى كِتَابِ اللَّهِ وَ مَا وَضَعَ لَنَا وَ أَمَرَنَا بِالْحُكْمِ بِهِ فَاتَّبَعْتُهُ وَ مَا اسْتَنَّ النَّبِيُّ صلى الله عليه وآله فَاقْتَدَيْتُهُ فَلَمْ أَحْتَجْ فِي ذَلِكَ إِلَى رَأْيِكُمَا وَ لَا رَأْيِ غَيْرِكُمَا وَ لَا وَقَعَ حُكْمٌ جَهِلْتُهُ فَأَسْتَشِيرَكُمَا وَ إِخْوَانِي مِنَ الْمُسْلِمِينَ وَ لَوْ كَانَ ذَلِكَ لَمْ أَرْغَبْ عَنْكُمَا وَ لَا عَنْ غَيْرِكُمَا.

## ٢٠٤_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جنهن ڪي گهڻو ڪري پنهنجي اصحاب لاءِ مختلف وقتن ۾ فرمائيندا هئا.**

الله توهان تي رحم ڪري تيار ٿيو، بيشڪ توهان ۾ روانگيءَ جو سڏ ڏنو ويو آهي ۽ دنيا ڏانهن لاڙو گهٽ ڪريو، ۽ جيڪو توهان وٽ پلو سمر آهي ان سان واپس ورو، بيشڪ توهان جي اڳيان ڏکيو لَڪَ ۽ خطرناڪ ۽ هولناڪ منزلون آهن. جن ڏانهن اچڻ ۽ اتي ترسڻ ضروري آهي، ۽ ڄاڻو ته بيشڪ موت جون نظرون توهان جي قريب آهن، ۽ ڄڻ ته توهان ان جي چنبن ۾ آهيو، جيڪي توهان ۾ کُتل آهن، ۽ موت جون سختيون ۽ مشڪلاتون توهان تي ڇانئجي ويون آهن، بس دنيا مان رابطا ٽوڙيو، ۽ تقوىٰ جي سمر سان مدد وٺو.

سيد رضي قدس سره فرمايو: هن روايت کان علاوه هن ڪلام جو ڪجهه حصو پهريائين گذري چڪو آهي.

## ٢٠٥_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جڏهن طلحه ۽ زبير امام عليه السلام جي خلافت تي بيعت ڪرڻ کانپوءِ کانئن مشورو نه ڪرڻ ۽ ڪمن ۾ مدد نه گهرڻ تي مٿس اعتراض ڪيو ته پوءِ امام عليه السلام ساڻن هي ڪلام ڪيو:**

بيشڪ توهان ٿوريءَ ڳالهه جي ڪري ڪاوڙيا آهيو، ۽ گهڻين ڳالهين کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. مونکي ٻڌايو ته سهي ته ڪهڙيءَ شيءِ ۾ توهان جو حق هيو جو آءٌ ان کان توهان کي هٽايو آهي؟ ۽ ڪهڙيءَ ورڇ ۾ توهان تي ترجيح ڏني آهي؟ يا اُهو ڪهڙو حق آهي جنهن جو فيصلو مسلمانن مان ڪنهن مون وٽ پيش ڪيو آهي ۽ مان ان کان ڪمزور بڻجي ويو آهيان، يا جاهل رهيو آهيان، يا ان جي باري ۾ خطا ڪئي آهي. الله جو قسم خلافت بابت مونکي خواهش نه هئي، ۽ نه وري حڪومت جي ڪا طلب هئي. مگر توهان ئي مونکي ان ڏانهن سڏيو ۽ ان تي آماده ڪيو. پوءِ جڏهن اُها مون تائين پهتي ته مون الله جي ڪتاب ۽ جيڪو هن اسان لاءِ معين ڪيو آهي، ۽ جنهن سان فيصلي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، ان ڏانهن ڏنو ۽ ان جي اتباع ڪئي، ۽ جيڪا نبي ڪريم صلي الله عليه وآله جي سُنت آهي ان ڏانهن ڏنو پوءِ ان جي پيروي ڪئي. بس پوءِ مون ان ۾ نه توهان جي راءِ جي ضرورت محسوس ڪئي ۽ نه وري ٻئي ڪنهن جي راءِ جي، ۽ نه وري اهڙو فيصلو پيش آيو آهي جنهن کان آءٌ اڻ ڄاڻ هجان جو توهان کان ۽ ٻين مسلمان ڀائرن کان مشورو وٺان. ۽ جي ائين هجي ها ته توهان کان ۽ ٻين کان مُنهن نه موڙيان ها.

وَ أَمَّا مَا ذَكَرْتُمَا مِنْ أَمْرِ الْأُسْوَةِ فَإِنَّ ذَلِكَ أَمْرٌ لَمْ أَحْكُمْ أَنَا فِيهِ بِرَأْيِي وَ لَا وَلِيتُهُ هَوًى مِنِّي بَلْ وَجَدْتُ أَنَا وَ أَنْتُمَا مَا جَاءَ بِهِ رَسُولُ اللَّهِ صلى الله عليه وآله قَدْ فُرِغَ مِنْهُ فَلَمْ أَحْتَجْ إِلَيْكُمَا فِيمَا قَدْ فَرَغَ اللَّهُ مِنْ قَسْمِهِ وَ أَمْضَى فِيهِ حُكْمَهُ فَلَيْسَ لَكُمَا وَ اللَّهِ عِنْدِي وَ لَا لِغَيْرِكُمَا فِي هَذَا عُتْبَى. أَخَذَ اللَّهُ بِقُلُوبِنَا وَ قُلُوبِكُمْ إِلَى الْحَقِّ وَ أَلْهَمَنَا وَ إِيَّاكُمُ الصَّبْرَ. ثم قال عليه السلام رَحِمَ اللَّهُ رَجُلًا رَأَى حَقّاً فَأَعَانَ عَلَيْهِ أَوْ رَأَى جَوْراً فَرَدَّهُ وَ كَانَ عَوْناً بِالْحَقِّ عَلَى صَاحِبِه.

## ٢٠٦ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*و قد سمع قوما من أصحابه يسبون أهل الشام أيام حربهم بصفين.*

إِنِّي أَكْرَهُ لَكُمْ أَنْ تَكُونُوا سَبَّابِينَ وَ لَكِنَّكُمْ لَوْ وَصَفْتُمْ أَعْمَالَهُمْ وَ ذَكَرْتُمْ حَالَهُمْ كَانَ أَصْوَبَ فِي الْقَوْلِ وَ أَبْلَغَ فِي الْعُذْرِ، وَ قُلْتُمْ مَكَانَ سَبِّكُمْ إِيَّاهُمْ اللَّهُمَّ احْقِنْ دِمَاءَنَا وَ دِمَاءَهُمْ وَ أَصْلِحْ ذَاتَ بَيْنِنَا وَ بَيْنِهِمْ وَ اهْدِهِمْ مِنْ ضَلَالَتِهِمْ حَتَّى يَعْرِفَ الْحَقَّ مَنْ جَهِلَهُ وَ يَرْعَوِيَ عَنِ الْغَيِّ وَ الْعُدْوَانِ مَنْ لَهِجَ بِه.



## ٢٠٧ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في بعض أيام صفين و قد رأى الحسن ابنه عليه السلام يتسرع إلى الحرب.*

امْلِكُوا عَنِّي هَذَا الْغُلَامَ لَا يَهُدَّنِي فَإِنَّنِي أَنْفَسُ بِهَذَيْنِ (يَعْنِي الْحَسَنَ وَ الْحُسَيْنَ عليهما السلام) عَلَى الْمَوْتِ لِئَلَّا يَنْقَطِعَ بِهِمَا نَسْلُ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله. قال السيد الشريف قدس سره قوله عليه السلام املكوا عني هذا الغلام من أعلى الكلام و أفصحه.

البت جيڪا توهان ورڇ ۾ اُسوه جي ڳالهه ذڪر ڪئي آهي ته بيشڪ اُها هڪ اهڙي ڳالهه آهي جنهن ۾ مون پنهنجي ذاتي راءِ سان فيصلو ناهي ڪيو ۽ نه وري ان ۾ پنهنجي خواهش جي پيروي ڪئي آهي. بلڪ آءٌ ۽ اوهان رسول الله ﷺ کي ايئن ڪندي ڏٺو آهي جيڪو قطعي طور تي ثابت آهي. پوءِ مون ان ڳالهه ۾ توهان جي ضرورت محسوس نه ڪئي جنهن کي الله واضح بيان ڪيو آهي ۽ ان ۾ پنهنجو حڪم جاري ڪيو آهي. بس الله جو قسم منهنجي نظر ۾ نه توهان کي ۽ نه وري ٻئي ڪنهن کي ان ۾ اعتراض جو ڪو حق آهي. الله تعاليٰ اسان جي ۽ توهان جي دلين کي حق تي باقي رکي، ۽ اسان کي ۽ توهان کي صبر عطا فرمائي. پوءِ امام عليه السلام فرمايو: الله ان شخص تي رحمت نازل ڪري جيڪو حق کي ڏسي ۽ ان جي مدد ڪري يا ظلم کي ڏسي ۽ انکي ٺُڪرائي ڇڏي، ۽ حق جي ذريعي ان جو مددگار ٿئي.

## ٢٠٦_ امام عليه السلام جو ڪلام

### جڏهن صفين ۾ شامين سان وڙهڻ دوران امام عليه السلام پنهنجي اصحاب مان ڪجهه ماڻهن کي شام وارن کي گارگند ڏيندي ٻڌو:

بيشڪ توهان لاءِ ناپسند ڪريان ٿو جو توهان گاريل ٿي وڃو پر جي توهان سندن ڪرتوتن کي بيان ڪريو ۽ سندن حالات کي ذڪر ڪريو، ته ائين چوڻ ۾ وڌيڪ حق بجانب ۽ حجّت کي وڌيڪ مضبوط ڪندڙ آهي، ۽ توهان انهن کي گاريون ڏيڻ جي بجاءِ چؤ: اي الله اسان جي ۽ انهن جي خون کي بچاءِ ۽ اسان جي ۽ انهن جي درميان صلح ڪراءِ، ۽ انهن کي گمراهي کان هدايت عطا ڪر ته جيئن حق کان اڻ ڄاڻ انکي ڄاڻي وٺي ۽ جيڪو سرڪشي ۽ دشمني ۾ پيل آهي اُهو ان کان موٽي پوي.



## ٢٠٧_ امام عليه السلام جو ڪلام

### جنگِ صفين جي ڪجهه ڏينهن ۾ جڏهن پنهنجي پٽ امام حسن عليه السلام کي جنگ ڏانهن تيزيءَ سان وڌندي ڏٺو.

منهنجي طرفان هن نينگر کي وٺو، جو مونکي غمگين نه ڪري ڇڏي، بيشڪ آءٌ انهن ٻنهي (يعني حسن ۽ حسين عليهما السلام) جي موت کان گهٽو لهرايان ٿو ته جيئن انهن سان رسول الله ﷺ جو نسل ختم نه ٿي وڃي.

سيد شريف رضي قدس سره فرمايو: امام جو هي جملو ”اِمْلِكُوا عَنِّي هَذَا الْغُلَامَ“ منهنجي طرفان هن نينگر کي وٺو، بلند مرتبه ۽ فصيح ترين ڪلام آهي.

## ٢٠٨- و من كلام له عليه‌السلام

*قاله لما اضطرب عليه أصحابه في أمر الحكومة.*

أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّهُ لَمْ يَزَلْ أَمْرِي مَعَكُمْ عَلَى مَا أُحِبُّ حَتَّى نَهِكَتْكُمُ الْحَرْبُ وَ قَدْ وَ اللَّهِ أَخَذَتْ مِنْكُمْ وَ تَرَكَتْ وَ هِيَ لِعَدُوِّكُمْ أَنْهَكُ. لَقَدْ كُنْتُ أَمْسِ أَمِيراً فَأَصْبَحْتُ الْيَوْمَ مَأْمُوراً وَ كُنْتُ أَمْسِ نَاهِياً فَأَصْبَحْتُ الْيَوْمَ مَنْهِيّاً وَ قَدْ أَحْبَبْتُمُ الْبَقَاءَ وَ لَيْسَ لِي أَنْ أَحْمِلَكُمْ عَلَى مَا تَكْرَهُونَ.

## ٢٠٩- و من كلام له عليه‌السلام

*بالبصرة و قد دخل على العلاء بن زياد الحارثي و هو من أصحابه- يعوده، فلما رأى سعة داره قال:*

مَا كُنْتَ تَصْنَعُ بِسِعَةِ هَذِهِ الدَّارِ فِي الدُّنْيَا وَ أَنْتَ إِلَيْهَا فِي الْآخِرَةِ كُنْتَ أَحْوَجَ وَ بَلَى إِنْ شِئْتَ بَلَغْتَ بِهَا الْآخِرَةَ تَقْرِي فِيهَا الضَّيْفَ وَ تَصِلُ فِيهَا الرَّحِمَ وَ تُطْلِعُ مِنْهَا الْحُقُوقَ مَطَالِعَهَا فَإِذاً أَنْتَ قَدْ بَلَغْتَ بِهَا الْآخِرَةَ فَقَالَ لَهُ الْعَلَاءُ يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ أَشْكُو إِلَيْكَ أَخِي عَاصِمَ بْنَ زِيَادٍ قَالَ وَ مَا لَهُ قَالَ لَبِسَ الْعَبَاءَةَ وَ تَخَلَّى عَنِ الدُّنْيَا قَالَ عَلَيَّ بِهِ فَلَمَّا جَاءَ قَالَ يَا عُدَيَّ نَفْسِهِ لَقَدِ اسْتَهَامَ بِكَ الْخَبِيثُ أَ مَا رَحِمْتَ أَهْلَكَ وَ وَلَدَكَ أَ تَرَى اللَّهَ أَحَلَّ لَكَ الطَّيِّبَاتِ وَ هُوَ يَكْرَهُ أَنْ تَأْخُذَهَا أَنْتَ أَهْوَنُ عَلَى اللَّهِ مِنْ ذَلِكَ قَالَ يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ هَذَا أَنْتَ فِي خُشُونَةِ مَلْبَسِكَ وَ جُشُوبَةِ مَأْكَلِكَ قَالَ وَيْحَكَ إِنِّي لَسْتُ كَأَنْتَ إِنَّ اللَّهَ تَعَالَى فَرَضَ عَلَى أَئِمَّةِ الْعَدْلِ أَنْ يُقَدِّرُوا أَنْفُسَهُمْ بِضَعَفَةِ النَّاسِ كَيْلَا يَتَبَيَّغَ بِالْفَقِيرِ فَقْرُه.

## ٢٠٨_ امام عليه السلام جو ڪلام

### جنهن وقت سندس اصحاب تحڪيم جي مسئلي ۾ ساڻس اختلاف ڪيو ته هي ڪلام ارشاد فرمايو:

اي انسانؤ! جيڪو آءٌ چاهيان پيو منهنجو اهو حڪم توهان سان گڏ رهيو تان جو توهان کي جنگ ٿڪائي ڇڏيو. الله جو قسم جنگ توهان مان ڪجھ ماڻهو کنيا آهن ۽ ڪجھ ڇڏيا آهن، جڏهن ته هن توهان جي دشمن کي وڌيڪ ٿڪايو آهي. بيشڪ ڪالهه آءٌ حاڪم هيس، ۽ اڄ آءٌ محڪوم ٿي ويو آهيان، ۽ ڪالهه آءٌ روڪڻ وارو هيس، ۽ اڄ مونکي روڪيو وڃي ٿو، ۽ بيشڪ توهان زندگيءَ کي پسند ڪيو آهي، ۽ منهنجي وس ۾ نه آهي ته آءٌ ان ڪم تي توهان کي آماده ڪري سگهان جنهن کي توهان ناپسند ڪريو ٿا.

## ٢٠٩_ امام عليه السلام جو ڪلام

### جڏهن امام عليه السلام بصره ۾ علاء بن زياد حارثي جيڪو سندس اصحاب مان هو جي عيادت ڪرڻ ويا ۽ ان جو وڏو گهر ڏٺو ته فرمايائون:

تون دنيا ۾ گهر جي ڪشادگيءَ کي ڇا ڪندين؟ جڏهن ته تون آخرت ۾ ان جو گهڻو محتاج آهين. ها اگر تون ان سان آخرت کي حاصل ڪرڻ چاهين ته پوءِ هن ۾ مهمانن جي مهمانوازي ڪر، ۽ مائٽن سان صله رحمي ڪر، ۽ هن سان حقن کي انهن جي موقعي مهل تي ادا ڪر. بس جيڪڏهن تون ائين ڪيو ته ان جي ذريعي آخرت کي حاصل ڪري ورتو. پوءِ علاء بن زياد امام عليه السلام کي عرض ڪيو، اي اميرالمؤمنين عليه السلام آءٌ اوهان کي پنهنجي ڀاءُ عاصم بن زياد جي دانهن ڏيان ٿو، امام عليه السلام فرمايو: ان کي ڇا ٿيو آهي؟ هن چيو: هو عبا اوڙهي دنيا کان هڪ پاسي ٿي ويو آهي. امام عليه السلام فرمايو: انکي مون وٽ آڻيو، پوءِ جڏهن هو آيو ته امام عليه السلام فرمايو: اي پنهنجي جان جا دشمن، بيشڪ شيطان خبيث تو کي ورغلائي ڇڏيو آهي! پنهنجي اهل ۽ اولاد تي رحم ڇو نٿو ڪرين! ڇا تون الله بابت اهو گمان ڪرين ٿو ته هن جيڪي پاڪيزه شيون تنهنجي لاءِ حلال ڪيون آهن هو انهن کي تنهنجي لاءِ استعمال ڪرڻ کي ناپسند ڪندو.

تون ته الله وٽ ان کان به وڌيڪ ڪِريل آهين. هن چيو: اي اميرالمؤمنين عليه السلام توهان جي به ته پوشاڪ سخت ۽ خوراڪ رُکي ماني آهي؟ امام عليه السلام فرمايو: تو تي افسوس هجي، آءٌ تو وانگر نه آهيان، بيشڪ الله تعاليٰ عادل امامن تي فرض ڪيو آهي ته اُهي پاڻ کي مسڪين ماڻهن وانگر قرار ڏين ته جيئن غريب کي غُربت نه اُياري.

# ٢١٠- و من كلام له عليه‌السلام

*و قد سأله سائل عن أحاديث البدع و عما في أيدي الناس من اختلاف الخبر فقال عليه‌السلام:*

إِنَّ فِي أَيْدِي النَّاسِ حَقّاً وَ بَاطِلًا وَ صِدْقاً وَ كَذِباً وَ نَاسِخاً وَ مَنْسُوخاً وَ عَامّاً وَ خَاصّاً وَ مُحْكَماً وَ مُتَشَابِهاً وَ حِفْظاً وَ وَهْماً وَ لَقَدْ كُذِبَ عَلَى رَسُولِ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله عَلَى عَهْدِهِ حَتَّى قَامَ خَطِيباً فَقَالَ مَنْ كَذَبَ عَلَيَّ مُتَعَمِّداً فَلْيَتَبَوَّأْ مَقْعَدَهُ مِنَ النَّارِ وَ إِنَّمَا أَتَاكَ بِالْحَدِيثِ أَرْبَعَةُ رِجَالٍ لَيْسَ لَهُمْ خَامِسٌ.

## المنافقون

رَجُلٌ مُنَافِقٌ مُظْهِرٌ لِلْإِيمَانِ مُتَصَنِّعٌ بِالْإِسْلَامِ لَا يَتَأَثَّمُ وَ لَا يَتَحَرَّجُ يَكْذِبُ عَلَى رَسُولِ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله مُتَعَمِّداً فَلَوْ عَلِمَ النَّاسُ أَنَّهُ مُنَافِقٌ كَاذِبٌ لَمْ يَقْبَلُوا مِنْهُ وَ لَمْ يُصَدِّقُوا قَوْلَهُ وَ لَكِنَّهُمْ قَالُوا صَاحِبُ رَسُولِ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله رَآهُ وَ سَمِعَ مِنْهُ وَ لَقِفَ عَنْهُ فَيَأْخُذُونَ بِقَوْلِهِ وَ قَدْ أَخْبَرَكَ اللَّهُ عَنِ الْمُنَافِقِينَ بِمَا أَخْبَرَكَ وَ وَصَفَهُمْ بِمَا وَصَفَهُمْ بِهِ لَكَ ثُمَّ بَقُوا بَعْدَهُ فَتَقَرَّبُوا إِلَى أَئِمَّةِ الضَّلَالَةِ وَ الدُّعَاةِ إِلَى النَّارِ بِالزُّورِ وَ الْبُهْتَانِ فَوَلَّوْهُمُ الْأَعْمَالَ وَ جَعَلُوهُمْ حُكَّاماً عَلَى رِقَابِ النَّاسِ فَأَكَلُوا بِهِمُ الدُّنْيَا وَ إِنَّمَا النَّاسُ مَعَ الْمُلُوكِ وَ الدُّنْيَا إِلَّا مَنْ عَصَمَ اللَّهُ فَهَذَا أَحَدُ الْأَرْبَعَةِ.

## الخاطئون

وَ رَجُلٌ سَمِعَ مِنْ رَسُولِ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله شَيْئاً لَمْ يَحْفَظْهُ عَلَى وَجْهِهِ فَوَهِمَ فِيهِ وَ لَمْ يَتَعَمَّدْ كَذِباً فَهُوَ فِي يَدَيْهِ وَ يَرْوِيهِ وَ يَعْمَلُ بِهِ وَ يَقُولُ أَنَا سَمِعْتُهُ مِنْ رَسُولِ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله فَلَوْ عَلِمَ الْمُسْلِمُونَ أَنَّهُ وَهِمَ فِيهِ لَمْ يَقْبَلُوهُ مِنْهُ وَ لَوْ عَلِمَ هُوَ أَنَّهُ كَذَلِكَ لَرَفَضَهُ.

## ٢١٠_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جڏهن پڇڻ واري امام عليه السلام کان بدعتن وارين حديثن ۽ ماڻهن وٽ موجود اختلافي خبرن بابت پڇيو تہ پوءِ امام عليه السلام فرمايو:**

بيشڪ ماڻهن جي هٿن ۾ حق ۽ باطل، سچ ۽ ڪوڙ، ناسخ ۽ منسوخ، عام ۽ خاص، محڪم ۽ متشابہ، يادگيرو ۽ خيال آهي. بيشڪ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم تي سندس زماني ۾ ڪوڙ هنيو ويو، تان جو پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم بيهي خطاب ڪندي فرمايو: جنهن مون تي ڄاڻي واڻي ڪوڙ هنيو تہ ڪيس گهرجي تہ پاڻ جهنم لاءِ تيار ڪئي. توهان تائين فقط چئن قسمن جا ماڻهو حديث آڻين ٿا ڪو پنجون (قسم) ڪونهي.

### منافق

منافق ماڻهو جيڪو ايمان ڪي ظاهر ڪندڙ ۽ اسلام جو ڏيکاءُ ڪندڙ آهي. نہ گناهہ کان ڊڄي ٿو ۽ نہ جرم ڪرڻ کان لهرائي ٿو، ڄاڻي واڻي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم تي ڪوڙ هڻي ٿو. بس اگر ماڻهو ڄاڻي وٺن تہ هو منافق ۽ ڪوڙو آهي تہ ان کان قبول نہ ڪن. ۽ نہ وري ان جي قول جي تصديق ڪن. پر اُهي ماڻهو چون ٿا: رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو صحابي آهي، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم کي ڏٺواٿئن ۽ ان کان ٻڌي اٿئن ۽ ڪانئس ورتي اٿئن. پوءِ ماڻهو ان جي ڳالهہ مڃين ٿا، جڏهن تہ الله تعاليٰ توهان کي منافق جي باري ۾ جيڪو ٻڌايو آهي سو ٻڌايو آهي، ۽ جيڪا وصف بيان ڪئي آهي سا ڪئي آهي. پوءِ اُهي منافق پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم کانپوءِ بہ باقي رهيا ۽ ڪوڙ ۽ بهتان ذريعي گمراهہ امامن ۽ جهنم ڏانهن سڏيندڙن جي ويجهو ٿيا. ۽ انهن وري ڪين عملدار ۽ ماڻهن جي ڳچين تي حاڪم بڻايو، پوءِ انهن امامن سندن ذريعي دنيا کي پئي هڙپيو. ۽ ماڻهو صرف بادشاهن ۽ دنيا سان گڏ هوندا آهن، سواءِ انهن جي جن کي الله بچائي. هي انهن چئن مان هڪ آهي.

### غلطي ڪندڙ

۽ اهو ماڻهو جنهن رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم کان ڪجهہ ٻڌو پر انکي صحيح طرح ياد نہ ڪيائين ۽ ان ۾ غلطي ڪيائين پر ڄاڻي واڻي ڪوڙ نہ هنيائين، اهو ئي سندس هٿن ۾ آهي، انکي روايت بہ ڪري ٿو ۽ ان تي عمل بہ ڪري ٿو. ۽ چئي ٿو آءٌ اها ڳالهہ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم کان ٻڌي آهي. اگر مسلمان اهو ڄاڻن ها تہ انجو وهم ۽ خيال آهي تہ ڪانئس قبول نہ ڪن ها، ۽ اگر هن کي بہ ان جي حقيقت جي خبر پوي ها تہ هو بہ انکي اڇلائي ڇڏي ها.

## اهل الشبهة

وَ رَجُلٌ ثَالِثٌ سَمِعَ مِنْ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله شَيْئاً يَأْمُرُ بِهِ ثُمَّ إِنَّهُ نَهَى عَنْهُ وَ هُوَ لَا يَعْلَمُ أَوْ سَمِعَهُ يَنْهَى عَنْ شَيْءٍ ثُمَّ أَمَرَ بِهِ وَ هُوَ لَا يَعْلَمُ فَحَفِظَ الْمَنْسُوخَ وَ لَمْ يَحْفَظِ النَّاسِخَ فَلَوْ عَلِمَ أَنَّهُ مَنْسُوخٌ لَرَفَضَهُ وَ لَوْ عَلِمَ الْمُسْلِمُونَ إِذْ سَمِعُوهُ مِنْهُ أَنَّهُ مَنْسُوخٌ لَرَفَضُوهُ.

## الصادقون الحافظون

وَ آخَرُ رَابِعٌ لَمْ يَكْذِبْ عَلَى اللَّهِ وَ لَا عَلَى رَسُولِهِ مُبْغِضٌ لِلْكَذِبِ خَوْفاً مِنَ اللَّهِ وَ تَعْظِيماً لِرَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله وَ لَمْ يَهِمْ بَلْ حَفِظَ مَا سَمِعَ عَلَى وَجْهِهِ فَجَاءَ بِهِ عَلَى مَا سَمِعَهُ لَمْ يَزِدْ فِيهِ وَ لَمْ يَنْقُصْ مِنْهُ فَهُوَ حَفِظَ النَّاسِخَ فَعَمِلَ بِهِ وَ حَفِظَ الْمَنْسُوخَ فَجَنَّبَ عَنْهُ وَ عَرَفَ الْخَاصَّ وَ الْعَامَّ وَ الْمُحْكَمَ وَ الْمُتَشَابِهَ فَوَضَعَ كُلَّ شَيْءٍ مَوْضِعَهُ.

وَ قَدْ كَانَ يَكُونُ مِنْ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله الْكَلَامُ لَهُ وَجْهَانِ فَكَلَامٌ خَاصٌّ وَ كَلَامٌ عَامٌّ فَيَسْمَعُهُ مَنْ لَا يَعْرِفُ مَا عَنَى اللَّهُ سُبْحَانَهُ بِهِ وَ لَا مَا عَنَى رَسُولُ اللَّهِ صلى الله عليه وآله فَيَحْمِلُهُ السَّامِعُ وَ يُوَجِّهُهُ عَلَى غَيْرِ مَعْرِفَةٍ بِمَعْنَاهُ وَ مَا قُصِدَ بِهِ وَ مَا خَرَجَ مِنْ أَجْلِهِ.

وَ لَيْسَ كُلُّ أَصْحَابِ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله مَنْ كَانَ يَسْأَلُهُ وَ يَسْتَفْهِمُهُ حَتَّى إِنْ كَانُوا لَيُحِبُّونَ أَنْ يَجِيءَ الْأَعْرَابِيُّ وَ الطَّارِئُ فَيَسْأَلَهُ عليه السلام حَتَّى يَسْمَعُوا وَ كَانَ لَا يَمُرُّ بِي مِنْ ذَلِكَ شَيْءٌ إِلَّا سَأَلْتُهُ عَنْهُ وَ حَفِظْتُهُ فَهَذِهِ وُجُوهُ مَا عَلَيْهِ النَّاسُ فِي اخْتِلَافِهِمْ وَ عِلَلِهِمْ فِي رِوَايَاتِهِم.

## شبهي ۾ پيل

۽ ٽيون اُهو ماڻهو آهي جنهن رسول الله ﷺ کي ڪنهن شيءِ جي باري ۾ حڪم ڏيندي ته ٻڌو، پر پوءِ پاڻ ﷺ ان کان روڪيو، جڏهن ته ان کي اها خبر نه پئي. يا هن پاڻ ﷺ کي ڪنهن شيءِ کان روڪيندي ته ٻڌو پر پوءِ پاڻ ص ان جو حڪم ڏنو، جڏهن ته انکي اها خبر نه پئي. بس هن منسوخ کي ياد رکيو ۽ ناسخ کي ياد نه ڪيو. ۽ اگر هو اهو ڄاڻي ها ته اُهو منسوخ ٿي ويو آهي ته انکي ڇڏي ڏي ها، ۽ اگر مسلمان به اهو ڄاڻن ها ته هنن ان کان ان وقت ٻڌو هو جڏهن ته اُهو منسوخ ٿي چڪو هو ته اُهي انکي ڇڏي ڏين ها.

## ياد رکندڙ سچا

۽ چوٿون ماڻهو اُهو آهي جنهن الله تي ۽ سندس رسول تي ڪوڙ نه هنيو، هو الله کان ڊڄي ۽ رسول الله ﷺ جي تعظيم ڪندي ڪوڙ کان نفرت ڪري ٿو ۽ غلطي نٿو ڪري. بلڪ جيئن هن پاڻ ﷺ کان ٻڌو بلڪل ائين ئي ياد به ڪيو، ۽ جيڪو هن ٻڌو اُهو ئي حڪم آندو، نه ان ۾ ڪجهه وڌايائين ۽ نه ان مان ڪجهه گهٽايائين. بس هُن ناسخ کي ياد رکيو ۽ ان تي عمل ڪيو، ۽ منسوخ کي به ياد رکيو ۽ ان کان پرهيز ڪئي. ۽ هن خاص ۽ عام، محڪم ۽ متشابه کي ڄاتو ۽ هر شيءِ کي پنهنجي جاء تي رکيو. بيشڪ رسول الله ﷺ جو ڪلام ٻن قسمن جو هوندو هو، خاص ڪلام، ۽ عام ڪلام. پوءِ عام ڪلام کي اهو به ٻڌندو هو جيڪو هو نه ڄاڻندو هو ته ان مان الله سبحانه جو مقصد ڪهڙو آهي، ۽ نه وري رسول الله ص جو مقصد ڄاڻندو هو. پوءِ ٻڌڻ وارو اهو ڪلام ياد ڪندو هو ۽ ان جي اهڙيءَ طرح وضاحت ڪندو هو جيڪا ان جي حقيقي معني نه آهي، ۽ جنهن جو قصد ڪيو ويو آهي سا نه آهي، ۽ جنهن لاءِ بيان ڪيو آهي اهو نه آهي. ۽ رسول الله ﷺ جا سڀ اصحاب اهڙا نه هئا جيڪي پاڻ ﷺ کان پڇڻ ۽ ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ سوال ڪن، ايستائين جو اُهي اهو چاهيندا هئا ته ڪو بدو يا ڪو پڇڻ وارو اچي ۽ پاڻ (ﷺ) کان پڇي ته جيئن هو به ٻڌن. پر مونکان ڪا شيءِ نه گذرندي هئي مگر ان بابت پاڻ سڳورن ﷺ کان پڇندو هيس، ۽ انکي ياد ڪري ڇڏيندو هيس. بس هي اُهي صورتون ۽ سبب آهن ماڻهو پنهنجي روايتن ۾ جن جي ڪري اختلاف ڪندا آهن.

# ٢١١ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*في عجيب صنعة الكون.*

وَ كَانَ مِنِ اقْتِدَارِ جَبَرُوتِهِ وَ بَدِيعِ لَطَائِفِ صَنْعَتِهِ أَنْ جَعَلَ مِنْ مَاءِ الْبَحْرِ الزَّاخِرِ الْمُتَرَاكِمِ الْمُتَقَاصِفِ يَبَساً جَامِداً ثُمَّ فَطَرَ مِنْهُ أَطْبَاقاً فَفَتَقَهَا سَبْعَ سَمَاوَاتٍ بَعْدَ ارْتِتَاقِهَا فَاسْتَمْسَكَتْ بِأَمْرِهِ وَ قَامَتْ عَلَى حَدِّهِ وَ أَرْسَى أَرْضاً يَحْمِلُهَا الْأَخْضَرُ الْمُثْعَنْجِرُ وَ الْقَمْقَامُ الْمُسَخَّرُ

قَدْ ذَلَّ لِأَمْرِهِ وَ أَذْعَنَ لِهَيْبَتِهِ وَ وَقَفَ الْجَارِي مِنْهُ لِخَشْيَتِهِ وَ جَبَلَ جَلَامِيدَهَا وَ نُشُوزَ مُتُونِهَا وَ أَطْوَادِهَا فَأَرْسَاهَا فِي مَرَاسِيهَا وَ أَلْزَمَهَا قَرَارَاتِهَا فَمَضَتْ رُءُوسُهَا فِي الْهَوَاءِ وَ رَسَتْ أُصُولُهَا فِي الْمَاءِ فَأَنْهَدَ جِبَالَهَا عَنْ سُهُولِهَا وَ أَسَاخَ قَوَاعِدَهَا فِي مُتُونِ أَقْطَارِهَا وَ مَوَاضِعِ أَنْصَابِهَا فَأَشْهَقَ قِلَالَهَا وَ أَطَالَ أَنْشَازَهَا



وَ جَعَلَهَا لِلْأَرْضِ عِمَاداً وَ أَرَّزَهَا فِيهَا أَوْتَاداً فَسَكَنَتْ عَلَى حَرَكَتِهَا مِنْ أَنْ تَمِيدَ بِأَهْلِهَا أَوْ تَسِيخَ بِحِمْلِهَا أَوْ تَزُولَ عَنْ مَوَاضِعِهَا فَسُبْحَانَ مَنْ أَمْسَكَهَا بَعْدَ مَوَجَانِ مِيَاهِهَا وَ أَجْمَدَهَا بَعْدَ رُطُوبَةِ أَكْنَافِهَا فَجَعَلَهَا لِخَلْقِهِ مِهَاداً وَ بَسَطَهَا لَهُمْ فِرَاشاً فَوْقَ بَحْرٍ لُجِّيٍّ رَاكِدٍ لَا يَجْرِي وَ قَائِمٍ لَا يَسْرِي تُكَرْكِرُهُ الرِّيَاحُ الْعَوَاصِفُ وَ تَمْخُضُهُ الْغَمَامُ الذَّوَارِفُ ﴿إِنَّ فِي ذلِكَ لَعِبْرَةً لِمَنْ يَخْشى[١]﴾.

---

١: النازعات: الآية: ٢٦.

## ٢١١_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو ڪائنات جي عجيب خلقت بابت آهي

الله جي اقتدار جي عظمت ۽ سندس بي مثال عجيب ڪاريگريءَ منجهان اهو آهي، تہ هن سمنڊ جي هڪ ٻئي مٿان چوليون ڪائيندڙ گهڻي پاڻي مان سُڪل سخت زمين کي پيدا ڪيو. پوءِ پاڻيءَ مان تہ پيدا ڪيا ۽ انهن کي چيري ست آسمان بڻايا، جڏهن تہ اُهي تہ پهريائين مليل هئا. پوءِ اُهي سندس حڪم سان بيهي رهيا، ۽ سندس مقرر ڪيل حدن ۾ قائم رهيا. ۽ زمين کي ڪوڙيائين جنهن کي اونهي وهندڙ سمنڊ ۽ مطيع بحر کنيو آهي

جيڪو ان جي امر جو تابع ۽ ان جي هيبت اڳيان جهڪيل آهي. ۽ سندس خوف ڪري ان جو وهڪرو بيٺل آهي. ۽ هن سخت ڳرا پٿر، ۽ مضبوط ٽڪر، ۽ وڏا جبل پيدا ڪيا، ۽ انهن کي پنهنجن پنهنجن جاين تي کوڙيو، ۽ سندن جڳهن تي محڪم ڪيو. ۽ انهن جون چوٽيون هوا ۾ بلند ٿيون، ۽ انهن جون پاڙون پاڻي ۾ کُتيون. اهڙيءَ طرح هن زمين جي جبلن کي ميداني علائقن کان بلند ڪيو، ۽ انهن جي بنيادن کي زمين جي مختلف علائقن ۽ جبلن کي کوڙڻ وارين مناسب جاين تي لاٿو. ۽ انهن جي چوٽين کي گهڻو بلند ڪيو ۽ بلندين کي قطار ۾ ڊگهو ڪيو

۽ انهن کي زمين لاءِ ٿنيا قرار ڏنا، ۽ انهن کي زمين ۾ ميخون ڪري کوڙيو، سو اها لڏڻ لمڻ کانپوءِ رڪجي وئي جو پنهنجي اهل کي هڪ پاسي ڪيرائي وجهي، يا پنهنجي بارسميت ڳِهجِي وڃي، يا پنهنجي مدار کان هٽي وڃي. پوءِ پاڪ آهي اُها ذات جنهن پاڻيءَ جي موجن جي باوجود زمين کي روڪي رکيو، ۽ ان جي پاسن جي آلي هجڻ جي باوجود انکي خشڪ رکيو.

۽ ان کي پنهنجي مخلوق لاءِ پينگهو بڻايو، ۽ زمين کي انهن لاءِ ان اونهي درياء جي سطح تي فرش طور وڇايو جيڪو رڪيل آهي وهي نٿو ۽ بيٺل آهي هلي نٿو. ۽ جنهن کي طوفاني هوائون هيڏانهن هوڏانهن ڌڪينديون رهن ٿيون، ۽ وسندڙ ڪڪر انکي ولوڙن ٿا. بيشڪ انهن ڳالهين ۾ عبرت آهي ان شخص لاءِ جيڪو الله تعالیٰ کان ڊڄي.

## ٢١٢ـ و من خطبة له عليه السلام

*كان يستنهض بها أصحابه إلى جهاد أهل الشام في زمانه.*

اللَّهُمَّ أَيُّمَا عَبْدٍ مِنْ عِبَادِكَ سَمِعَ مَقَالَتَنَا الْعَادِلَةَ غَيْرَ الْجَائِرَةِ وَ الْمُصْلِحَةَ غَيْرَ الْمُفْسِدَةِ فِي الدِّينِ وَ الدُّنْيَا فَأَبَى بَعْدَ سَمْعِهِ لَهَا إِلَّا النُّكُوصَ عَنْ نُصْرَتِكَ وَ الْإِبْطَاءَ عَنْ إِعْزَازِ دِينِكَ فَإِنَّا نَسْتَشْهِدُكَ عَلَيْهِ يَا أَكْبَرَ الشَّاهِدِينَ شَهَادَةً وَ نَسْتَشْهِدُ عَلَيْهِ جَمِيعَ مَا أَسْكَنْتَهُ أَرْضَكَ وَ سمَاوَاتِكَ ثُمَّ أَنْتَ بَعْدُ الْمُغْنِي عَنْ نَصْرِهِ وَ الْآخِذُ لَهُ بِذَنْبِهِ.

## ٢١٣ـ و من خطبة له عليه السلام

*في تمجيد الله و تعظيمه.*

الْحَمْدُ لِلَّهِ الْعَلِيِّ عَنْ شَبَهِ الْمَخْلُوقِينَ الْغَالِبِ لِمَقَالِ الْوَاصِفِينَ الظَّاهِرِ بِعَجَائِبِ تَدْبِيرِهِ لِلنَّاظِرِينَ وَ الْبَاطِنِ بِجَلَالِ عِزَّتِهِ عَنْ فِكْرِ الْمُتَوَهِّمِينَ الْعَالِمِ بِلَا اكْتِسَابٍ وَ لَا ازْدِيَادٍ وَ لَا عِلْمٍ مُسْتَفَادٍ الْمُقَدِّرِ لِجَمِيعِ الْأُمُورِ بِلَا رَوِيَّةٍ وَ لَا ضَمِيرٍ الَّذِي لَا تَغْشَاهُ الظُّلَمُ وَ لَا يَسْتَضِيءُ بِالْأَنْوَارِ وَ لَا يَرْهَقُهُ لَيْلٌ وَ لَا يَجْرِي عَلَيْهِ نَهَارٌ لَيْسَ إِدْرَاكُهُ بِالْإِبْصَارِ وَ لَا عِلْمُهُ بِالْإِخْبَارِ.

### و منها في ذكر النبي صلى الله عليه و آله

أَرْسَلَهُ بِالضِّيَاءِ وَ قَدَّمَهُ فِي الاصْطِفَاءِ فَرَتَقَ بِهِ الْمَفَاتِقَ وَ سَاوَرَ بِهِ الْمُغَالِبَ وَ ذَلَّلَ بِهِ الصُّعُوبَةَ وَ سَهَّلَ بِهِ الْحُزُونَةَ حَتَّى سَرَّحَ الضَّلَالَ عَنْ يَمِينٍ وَ شِمَال.

## ٢١٢_ امام عليه السلام جو خطبو

**جنهن سان امام عليه السلام پنهنجي دؤر ۾ پنهنجي اصحاب کي شامين سان جهاد لاءِ اڀاريندا هئا.**

اي الله تنهنجي ٻانهن مان جيڪو بہ ٻانهو اسان جي عادلاڻہ غير ظالماڻہ ۽ دين ۽ دنيا جي اصلاح ڪندڙ ۽ غير فسادي ڳالهين کي ٻڌي، ۽ انهن کي ٻڌڻ کانپوءِ انڪار ڪري، بلڪ تنهنجي مدد ڪرڻ کان بہ هٽي وڃي، ۽ تنهنجي دين کي بہ طاقت پهچائڻ کان سستي ڪري تہ، اي شاهدي ڏيڻ ۾ سڀني شاهدن کان وڏا شاهد اسان توکي ان تي شاهد ڪريون ٿا، ۽ جن کي تو پنهنجي زمين ۽ آسمانن ۾ رهايو آهي تن کي بہ ان تي شاهد ڪريون ٿا. بس پوءِ هاڻ تون ئي ان جي مدد کان بي نياز ڪرڻ وارو آهين، ۽ انکي سندس گناهن تي پڪڙ ڪرڻ وارو آهين.

## ٢١٣_ امام عليه السلام جو خطبو، الله تعالیٰ جي شرف ۽ عظمت کي بيان ڪرڻ بابت آهي

سڀ ساراهون ان الله جي لاءِ آهن جيڪو مخلوق جي شابهت کان بلند آهي، ۽ وصف بيان ڪندڙن جي بيان کان غالب آهي، ۽ ڏسندڙن لاءِ پنهنجي حيرت انگيز تدبيرن سان ظاهر آهي، ۽ وهم ڪندڙن جي سوچ کان پنهنجي عزت جي بزرگيءَ سان مخفي آهي، ۽ اهڙو عالم آهي جنهن جو علم نہ ڪسبي آهي ۽ نہ وڌندڙ آهي ۽ نہ وري ورتل آهي. ۽ جيڪو بغير سوچ ۽ ويچار جي تمام امور جي تقدير ڪندڙ آهي. هو اهو آهي جنهن کي نہ اونداهيون لڪائين ٿيون ۽ نہ هو نورن سان روشن ٿئي ٿو. ۽ نہ انکي رات ڍڪي ٿي، ۽ نہ ان تي ڏينهن اچي ٿو، هن جو ڏسڻ اکين سان نہ آهي ۽ نہ وري ان جو علم خبرن سان آهي.

### انهيءَ خطبي منجهان پاڻ ڪريم صلی الله عليه وآله وسلم جي ذڪر جي باري ۾

الله تعالیٰ کيس روشني (هدايت) سان موڪليو، ۽ چونڊ ۾ کيس سڀني کان اڳي رکيو، پوءِ هن سندس ذريعي وِيڇا دور ڪيا، ۽ سندس ذريعي غالبن تي غلبو پاتو ۽ سندس ذريعي ڏکيائين کي آسان ڪيو، ۽ سختين کي سولو بڻايو، تان جو گمراهيءَ کي ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان پري ڪيو.

# ٢١٤ـ و من خطبة له عليه السلام

*يصف جوهر الرسول صلى الله عليه وآله، و يصف العلماء، و يعظ بالتقوى.*

وَ أَشْهَدُ أَنَّهُ عَدْلٌ عَدَلَ وَ حَكَمٌ فَصَلَ وَ أَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهُ وَ رَسُولُهُ وَ سَيِّدُ عِبَادِهِ كُلَّمَا نَسَخَ اللَّهُ الْخَلْقَ فِرْقَتَيْنِ جَعَلَهُ فِي خَيْرِهِمَا لَمْ يُسْهِمْ فِيهِ عَاهِرٌ وَ لَا ضَرَبَ فِيهِ فَاجِرٌ أَلَا وَ إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ قَدْ جَعَلَ لِلْخَيْرِ أَهْلًا وَ لِلْحَقِّ دَعَائِمَ وَ لِلطَّاعَةِ عِصَماً وَ إِنَّ لَكُمْ عِنْدَ كُلِّ طَاعَةٍ عَوْناً مِنَ اللَّهِ سُبْحَانَهُ يَقُولُ عَلَى الْأَلْسِنَةِ وَ يُثَبِّتُ الْأَفْئِدَةَ فِيهِ كِفَاءٌ لِمُكْتَفٍ وَ شِفَاءٌ لِمُشْتَفٍ.

## صفة العلماء

وَ اعْلَمُوا أَنَّ عِبَادَ اللَّهِ الْمُسْتَحْفَظِينَ عِلْمَهُ يَصُونُونَ مَصُونَهُ وَ يُفَجِّرُونَ عُيُونَهُ يَتَوَاصَلُونَ بِالْوِلَايَةِ وَ يَتَلَاقَوْنَ بِالْمَحَبَّةِ وَ يَتَسَاقَوْنَ بِكَأْسٍ رَوِيَّةٍ وَ يَصْدُرُونَ بِرِيَّةٍ لَا تَشُوبُهُمُ الرِّيبَةُ وَ لَا تُسْرِعُ فِيهِمُ الْغِيبَةُ عَلَى ذَلِكَ عَقَدَ خَلْقَهُمْ وَ أَخْلَاقَهُمْ فَعَلَيْهِ يَتَحَابُّونَ وَ بِهِ يَتَوَاصَلُونَ فَكَانُوا كَتَفَاضُلِ الْبَذْرِ يُنْتَقَى فَيُؤْخَذُ مِنْهُ وَ يُلْقَى قَدْ مَيَّزَهُ التَّخْلِيصُ وَ هَذَّبَهُ التَّمْحِيصُ.

## العظة بالتقوى

فَلْيَقْبَلِ امْرُؤٌ كَرَامَةً بِقَبُولِهَا وَ لْيَحْذَرْ قَارِعَةً قَبْلَ حُلُولِهَا وَ لْيَنْظُرِ امْرُؤٌ فِي قَصِيرِ أَيَّامِهِ وَ قَلِيلِ مُقَامِهِ فِي مَنْزِلٍ حَتَّى يَسْتَبْدِلَ بِهِ مَنْزِلًا،

## ٢١۴_ امام عليه السلام جو خطبو

### جنهن ۾ رسول الله صلي الله عليه وآله جي جوهر، ۽ عالمن جي وصف بيان ڪئي آهي ۽ تقويٰ جي نصيحت ڪئي آهي.

آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ الله عين عدل آهي، ۽ هن عدل ئي ڪيو آهي، ۽ اهڙو برحق حاڪم آهي جنهن (حق ۽ باطل) کي جدا جدا ڪيو آهي. ۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ محمّد صلي الله عليه وآله ان جو ٻانهو ۽ رسول ۽ سندس ٻانهن جو سردار آهي. جڏهن بہ الله تعاليٰ مخلوق کي ٻن ٽولن ۾ ورهايو تہ پاڻ صلي الله عليه وآله کي انهن مان بهترين ۾ قرار ڏنو. سندس نسب ۾ نہ ڪو بدڪار جو حصو ٿيو ۽ نہ ان ۾ ڪو فاسق شريڪ رهيو. آگاهہ رهو تہ بيشڪ الله سبحانہ خير لاءِ اهل، ۽ حق لاءِ ٿنڀا، ۽ اطاعت لاءِ نگهبان رکيا آهن، ۽ بيشڪ توهان لاءِ هر اطاعت وقت الله سبحانہ طرفان مددگار آهي جيڪو زبانن تي ڳالهائي ٿو ۽ دلين کي محڪم ڪري ٿو اهو اڪتفيٰ ڪندڙ لاءِ ڪافي آهي ۽ شفا گهرندڙ لاءِ شفا آهي.

### عالمن جي وصف

۽ ڄاڻو تہ بيشڪ الله جا اهي ٻانها جن کي هن پنهنجي علم جو محافظ بڻايو آهي سي سندس ان علم جي حفاظت ڪندا آهن. ۽ علم جي چشمن کي جاري ڪندا آهن. ۽ محبت سان هڪ ٻئي سان ملاقات ڪندا آهن. ۽ سيراب ڪندڙ پيالا هڪ ٻئي کي پياريندا آهن. ۽ سيراب ٿي ڪري ورندا آهن. انهن کي شڪ جو شائبو نہ نہ ٿيندو آهي، ۽ نہ انهن ۾ غِيبت جو گذر ٿيندو آهي، ۽ انهن تي ئي الله سندن پيدائش ۽ پاڪيزه اخلاق کي رکيو آهي، ۽ انهي جي ڪري ئي هڪ ٻئي سان محبت ڪندا آهن ۽ انهي جي ڪري ئي هڪ ٻئي سان ملائي ڪندا آهن. بس اهي (ماڻهن تي) سني ٻج وانگر فضيلت رکن ٿا جنهن کي چونڊيو ويندو آهي، پوءِ ڪنيو ويندو آهي، پوءِ پوکيو ويندو آهي. خالص هجڻ ڪيس نمايان ڪيو آهي ۽ پرکڻ ڪيس نکاريو آهي.



### تقويٰ جي نصيحت

بس ماڻهوءَ کي گهرجي تہ انهن صفتن کي اختيار ڪرڻ سان گڏ شرافت کي حاصل ڪري. ۽ ڪيس گهرجي تہ قيامت اچڻ کان پهريائين انڪان ڊڄي. ۽ ماڻهوءَ کي گهرجي تہ پنهنجي ٿورن ڏينهن ۽ مختصر رهائش ۾ هن دنياوي گهر بابت اهڙو ويچار ڪري جو انکي آخرت واري گهر سان تبديل ڪري.

فَلْيَصْنَعْ لِمُتَحَوَّلِهِ وَ مَعَارِفِ مُنْتَقَلِهِ فَطُوبَى لِذِي قَلْبٍ سَلِيمٍ أَطَاعَ مَنْ يَهْدِيهِ وَ تَجَنَّبَ مَنْ يُرْدِيهِ وَ أَصَابَ سَبِيلَ السَّلَامَةِ بِبَصَرِ مَنْ بَصَّرَهُ وَ طَاعَةِ هَادٍ أَمَرَهُ وَ بَادَرَ الْهُدَى قَبْلَ أَنْ تُغْلَقَ أَبْوَابُهُ وَ تُقْطَعَ أَسْبَابُهُ وَ اسْتَفْتَحَ التَّوْبَةَ وَ أَمَاطَ الْحَوْبَةَ فَقَدْ أُقِيمَ عَلَى الطَّرِيقِ وَ هُدِيَ نَهْجَ السَّبِيلِ.

## ٢١٥ـ وَمِنْ دُعَاءٍ لَهُ عليه السلام

*كان يدعو به كثيرا.*

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي لَمْ يُصْبِحْ بِي مَيِّتاً وَ لَا سَقِيماً وَ لَا مَضْرُوباً عَلَى عُرُوقِي بِسُوءٍ وَ لَا مَأْخُوذاً بِأَسْوَإِ عَمَلِي وَ لَا مَقْطُوعاً دَابِرِي وَ لَا مُرْتَدّاً عَنْ دِينِي وَ لَا مُنْكِراً لِرَبِّي وَ لَا مُسْتَوْحِشاً مِنْ إِيمَانِي وَ لَا مُلْتَبِساً عَقْلِي وَ لَا مُعَذَّباً بِعَذَابِ الْأُمَمِ مِنْ قَبْلِي

أَصْبَحْتُ عَبْداً مَمْلُوكاً ظَالِماً لِنَفْسِي لَكَ الْحُجَّةُ عَلَيَّ وَ لَا حُجَّةَ لِي وَ لَا أَسْتَطِيعُ أَنْ آخُذَ إِلَّا مَا أَعْطَيْتَنِي وَ لَا أَتَّقِيَ إِلَّا مَا وَقَيْتَنِي اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ أَنْ أَفْتَقِرَ فِي غِنَاكَ أَوْ أَضِلَّ فِي هُدَاكَ أَوْ أُضَامَ فِي سُلْطَانِكَ أَوْ أُضْطَهَدَ وَ الْأَمْرُ لَكَ.

اللَّهُمَّ اجْعَلْ نَفْسِي أَوَّلَ كَرِيمَةٍ تَنْتَزِعُهَا مِنْ كَرَائِمِي وَ أَوَّلَ وَدِيعَةٍ تَرْتَجِعُهَا مِنْ وَدَائِعِ نِعَمِكَ عِنْدِي اللَّهُمَّ إِنَّا نَعُوذُ بِكَ أَنْ نَذْهَبَ عَنْ قَوْلِكَ أَوْ أَنْ نُفْتَتَنَ عَنْ دِينِكَ أَوْ تَتَابَعَ بِنَا أَهْوَاؤُنَا دُونَ الْهُدَى الَّذِي جَاءَ مِنْ عِنْدِكَ.

بس ڪيس گهرجي تہ پنهنجيءَ موٽڻ واريءَ جاءِ ۽ واپسيءَ وارن ڄاتل مرحلن لاءِ عمل انجام ڏئي. پوءِ پاڪيزه دل واري لاءِ خوشخبري هجي، جنهن هاديءَ جي پيروي ڪئي ۽ گمراهيءَ ۾ وجهڻ واري کان پرهيز ڪئي، ۽ بصارت ڏيارڻ واري جي بصارت سان، ۽ هاديءَ جي حڪم جي پيروي سان سلامتيءَ واري واٽ اپنائي. ۽ هدايت جي دروازن جي بند ٿيڻ ۽ ان جي سببن جي ختم ٿيڻ کان پهريائين ان ڏانهن جلدي ڪئي، ۽ توبہ ڪي شروع ڪيو، ۽ گناهہ ڪي مِٽايو. بيشڪ اهڙي قسم جي ماڻهوءَ کي سڌي رستي تي قائم رکيو ويو آهي ۽ سڌيءَ واٽ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

## ٢١٥_ امام عليه السلام جي دعا، جيڪا گهڻو ڪري گهرندا هئا

سڀ ساراهون ان الله جي لاءِ آهن جنهن مونکي صبح جو مئل ۽ بيمار حالت ۾ نہ اٿاريو. ۽ نہ وري رڳن کي بيماري لڳل حالت ۾، ۽ نہ وري بُرن ڪمن ڪري سزا واري حالت ۾، ۽ نہ وري بي نسل حالت ۾، ۽ نہ وري پنهنجي دين کان مرتد ٿيل حالت ۾، ۽ نہ وري پنهنجي پالڻهار کان انڪار واري حالت ۾، ۽ نہ وري پنهنجي ايمان کان اوپريءَ حالت ۾، ۽ نہ وري پنهنجي عقل جي خراب حالت ۾، ۽ نہ وري اڳين امّتن جي عذاب واريءَ حالت ۾ اٿاريو.

آءٌ خريد ڪيل غلام وانگر پنهنجي نفس تي ظلم ڪندي صبح ڪيو، ۽ تنهنجي منهنجي مٿان حجّت آهي ۽ مون وٽ ڪا بہ حجت ڪانهي. ۽ آءٌ ڪجھ بہ حاصل ڪرڻ جي سگھہ نٿو رکان سواءِ ان جي جيڪو تون مونکي عطا ڪرين، ۽ آءٌ بچي نٿو سگهان سواءِ ان جي جنهن کان تون مونکي بچائين. اي الله تنهنجي آسودائپ ۾ فقير رهڻ کان، ۽ تنهنجي هدايت ۾ گمراهہ رهڻ کان، ۽ تنهنجي بادشاهيءَ ۾ پنهنجي حق تلف ٿيڻ کان، يا ڪمزور ٿيڻ کان پناهہ گهران ٿو جڏهن تہ سڀ اختيار تو وٽ آهن. اي الله منهنجي روح کي اها پهرين قيمتي شيءِ قرار ڏي جنهن کي تون منهنجي قيمتي شين مان کسين ۽ اها پهرين امانت قرار ڏي جنهن کي تون مون وٽ ڏنل پنهنجي امانت وارين نعمتن مان واپس وٺين. اي الله اسان تو کان تنهنجي فرمان مان نڪرڻ کان، ۽ تنهنجي دين بابت فتني ۾ پوڻ کان، ۽ تو وٽان آيل هدايت جي بجاءِ پنهنجي خواهشن جي تابع ٿيڻ کان پناهہ گهرون ٿا.

# ۲۱٦- و من خطبة له عليه‌السلام

*خطبها بصفين.*

أَمَّا بعْدُ فقَدْ جَعَلَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ لِي عَلَيْكُمْ حَقّاً بِوِلَايَةِ أَمْرِكُمْ وَ لَكُمْ عَلَيَّ مِنَ الْحَقِّ مِثْلُ الَّذِي لِي عَلَيْكُمْ فَالْحَقُّ أَوْسَعُ الْأَشْيَاءِ فِي التَّوَاصُفِ وَ أَضْيَقُهَا فِي التَّنَاصُفِ لَا يَجْرِي لِأَحَدٍ إِلَّا جَرَى عَلَيْهِ وَ لَا يَجْرِي عَلَيْهِ إِلَّا جَرَى لَهُ

وَ لَوْ كَانَ لِأَحَدٍ أَنْ يَجْرِيَ لَهُ وَ لَا يَجْرِيَ عَلَيْهِ لَكَانَ ذَلِكَ خَالِصاً لِلَّهِ سُبْحَانَهُ دُونَ خَلْقِهِ لِقُدْرَتِهِ عَلَى عِبَادِهِ وَ لِعَدْلِهِ فِي كُلِّ مَا جَرَتْ عَلَيْهِ صُرُوفُ قَضَائِهِ وَ لَكِنَّهُ سُبْحَانَهُ جَعَلَ حَقَّهُ عَلَى الْعِبَادِ أَنْ يُطِيعُوهُ وَ جَعَلَ جَزَاءَهُمْ عَلَيْهِ مُضَاعَفَةَ الثَّوَابِ تَفَضُّلًا مِنْهُ وَ تَوَسُّعاً بِمَا هُوَ مِنَ الْمَزِيدِ أَهْلُهُ.

## حق الوالي و حق الرعية

ثُمَّ جَعَلَ سُبْحَانَهُ مِنْ حُقُوقِهِ حُقُوقاً افْتَرَضَهَا لِبَعْضِ النَّاسِ عَلَى بَعْضٍ فَجَعَلَهَا تَتَكَافَأُ فِي وُجُوهِهَا وَ يُوجِبُ بَعْضُهَا بَعْضاً وَ لَا يُسْتَوْجَبُ بَعْضُهَا إِلَّا بِبَعْضٍ. وَ أَعْظَمُ مَا افْتَرَضَ سُبْحَانَهُ مِنْ تِلْكَ الْحُقُوقِ حَقُّ الْوَالِي عَلَى الرَّعِيَّةِ وَ حَقُّ الرَّعِيَّةِ عَلَى الْوَالِي فَرِيضَةٌ فَرَضَهَا اللَّهُ سُبْحَانَهُ لِكُلٍّ عَلَى كُلٍّ فَجَعَلَهَا نِظَاماً لِأُلْفَتِهِمْ وَ عِزّاً لِدِينِهِمْ فَلَيْسَتْ تَصْلُحُ الرَّعِيَّةُ إِلَّا بِصَلَاحِ الْوُلَاةِ وَ لَا تَصْلُحُ الْوُلَاةُ إِلَّا بِاسْتِقَامَةِ الرَّعِيَّةِ فَإِذَا أَدَّتْ الرَّعِيَّةُ إِلَى الْوَالِي حَقَّهُ وَ أَدَّى الْوَالِي إِلَيْهَا حَقَّهَا عَزَّ الْحَقُّ بَيْنَهُمْ وَ قَامَتْ مَنَاهِجُ الدِّينِ وَ اعْتَدَلَتْ مَعَالِمُ الْعَدْلِ وَ جَرَتْ عَلَى أَذْلَالِهَا السُّنَنُ.

## ٢١٦_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو صفين ۾ فرمايائون

اما بعد: بيشڪ الله تعالىٰ توهان تي ولي امر هجڻ ڪري توهان جي مٿان منهنجو حق قرار ڏنو آهي ۽ توهان جو بہ مون تي ائين حق آهي جيئن منهنجو توهان مٿان آهي. بس توصيف بيان ڪرڻ ۾ حق جو مفهوم سيني شين کان وسيع آهي. ۽ هڪ ٻئي سان انصاف ڪرڻ ۾ اهو سيني شين کان وڌيڪ ڏکيو آهي. ڪنهن جو بہ ڪنهن تي حق ثابت نہ آهي مگر ان جو بہ هن تي حق ثابت آهي. ۽ هن تي بہ ڪنهن جو حق ثابت نہ آهي مگر هِن جو بہ ان تي حق ثابت آهي، ۽ اگر ڪنهن جي لاءِ حق ثابت آهي ۽ ان تي ڪنهن جو بہ حق ثابت نہ آهي تہ اهو رڳو الله سبحانہ لاءِ خاص آهي سندس مخلوق لاءِ نہ، ڇا ڪاڻ تہ هُنجي پنهنجي ٻانهن تي قدرت آهي، ۽ انڪري تہ هن هر ان شيءِ ۾ عدل ڪيو آهي جنهن تي سندس قضا جو حڪم جاري ٿيو آهي. پر الله سبحانہ ٻانهن تي پنهنجو اهو حق قرار ڏنو آهي تہ هو سندس اطاعت ڪن ۽ هن پنهنجي فضل ۽ وڏائي ڏيڻ سان جنهن جو هو اهل آهي پاڻ تي انهن لاءِ جزا جي طور تي گهڻو ثواب قرار ڏنو آهي.

### والي ۽ رعيت جو حق

پوءِ الله سبحانہ پنهنجي حقن مان ڪجھ اهڙا حق قرار ڏنا آهن جن کي ماڻهن مٿان هڪ ٻئي تي فرض ڪيو آهي. ۽ انهن کي سندن اسباب ۾ برابر قرار ڏنو آهي. ۽ انهن مان هڪڙا ٻين کي واجب ڪن ٿا ۽ انهن مان ڪجھ کي واجب نٿو ڪيو وڃي مگر ڪجھ جي ڪري. انهن حقن مان سڀ کان وڏو حق جيڪو الله تعالىٰ فرض ڪيو آهي اهو حاڪم جو رعيت تي حق آهي ۽ رعيت جو حاڪم تي حق آهي. هي اهڙو فريضو آهي جنهن کي الله تعالىٰ هر هڪ تي ٻئي جي لاءِ فرض ڪيو آهي. ۽ الله تعالىٰ انکي منجهن پيار ۽ محبت جي لاءِ نظام ۽ سندن دين لاءِ طاقت قرار ڏنو آهي. بس رعيت جي اصلاح نہ ٿيندي مگر حڪمرانن جي اصلاح جي ذريعي، ۽ حڪمرانن جي اصلاح نہ ٿيندي مگر رعيت جي ثابت قدمي سان. پوءِ جڏهن رعيت حاڪم جو حق ادا ڪندي ۽ حاڪم بہ رعيت جا حق ادا ڪندو. تہ حق انهن درميان طاقتور ٿي ويندو، ۽ دين جون راهون قائم ٿي وينديون ۽ عدالت جا نشان چِٽا ٿي ويندا. ۽ سنتون پنهنجي واٽ تي هلي پونديون

فَصلَحَ بِذَلِكَ الزَّمَانُ وَ طُمِعَ فِي بَقَاءِ الدَّوْلَةِ وَ يَئِسَتْ مَطَامِعُ الْأَعْدَاءِ. وَ إِذَا غَلَبَتِ الرَّعِيَّةُ وَالِيَهَا أَوْ أَجْحَفَ الْوَالِي بِرَعِيَّتِهِ اخْتَلَفَتْ هُنَالِكَ الْكَلِمَةُ وَ ظَهَرَتْ مَعَالِمُ الْجَوْرِ وَ كَثُرَ الْإِدْغَالُ فِي الدِّينِ وَ تُرِكَتْ مَحَاجُّ السُّنَنِ فعُمِلَ بِالْهَوَى وَ عُطِّلَتِ الْأَحْكَامُ وَ كَثُرَتْ عِلَلُ النُّفُوسِ فَلَا يُسْتَوْحَشُ لِعَظِيمِ حَقٍّ عُطِّلَ وَ لَا لِعَظِيمِ بَاطِلٍ فُعِلَ فَهُنَالِكَ تَذِلُّ الْأَبْرَارُ وَ تَعِزُّ الْأَشْرَارُ وَ تَعْظُمُ تَبِعَاتُ اللَّهِ سُبْحَانَهُ عِنْدَ الْعِبَادِ.

فَعَلَيْكُمْ بِالتَّنَاصُحِ فِي ذَلِكَ وَ حُسْنِ التَّعَاوُنِ عَلَيْهِ فَلَيْسَ أَحَدٌ وَ إِنِ اشْتَدَّ عَلَى رِضَا اللَّهِ حِرْصُهُ وَ طَالَ فِي الْعَمَلِ اجْتِهَادُهُ بِبَالِغٍ حَقِيقَةَ مَا اللَّهُ سُبْحَانَهُ أَهْلُهُ مِنَ الطَّاعَةِ لَهُ وَ لَكِنْ مِنْ وَاجِبِ حُقُوقِ اللَّهِ عَلَى عِبَادِهِ النَّصِيحَةُ بِمَبْلَغِ جُهْدِهِمْ وَ التَّعَاوُنُ عَلَى إِقَامَةِ الْحَقِّ بَيْنَهُمْ.

وَ لَيْسَ امْرُؤٌ وَ إِنْ عَظُمَتْ فِي الْحَقِّ مَنْزِلَتُهُ وَ تَقَدَّمَتْ فِي الدِّينِ فَضِيلَتُهُ بِفَوْقِ أَنْ يُعَانه عَلَى مَا حَمَّلَهُ اللَّهُ مِنْ حَقِّهِ وَ لَا امْرُؤٌ وَ إِنْ صَغَّرَتْهُ النُّفُوسُ وَ اقْتَحَمَتْهُ الْعُيُونُ بِدُونِ أَنْ يُعِينَ عَلَى ذَلِكَ أَوْ يُعَانَ عَلَيْهِ.



فَأَجَابَهُ عليه السلام رَجُلٌ مِنْ أَصْحَابِهِ بِكَلَامٍ طَوِيلٍ يُكْثِرُ فِيهِ الثَّنَاءَ عَلَيْهِ وَ يَذْكُرُ سَمْعَهُ وَ طَاعَتَهُ لَهُ فَقَالَ عليه السلام إِنَّ مِنْ حَقِّ مَنْ عَظُمَ جَلَالُ اللَّهِ سُبْحَانَهُ فِي نَفْسِهِ وَ جَلَّ مَوْضِعُهُ مِنْ قَلْبِهِ أَنْ يَصْغُرَ عِنْدَهُ لِعِظَمِ ذَلِكَ كُلُّ مَا سِوَاهُ وَ إِنَّ أَحَقَّ مَنْ كَانَ كَذَلِكَ لَمَنْ عَظُمَتْ نِعْمَةُ اللَّهِ عَلَيْهِ وَ لَطُفَ إِحْسَانُهُ إِلَيْهِ فَإِنَّهُ لَمْ تَعْظُمْ نِعْمَةُ اللَّهِ عَلَى أَحَدٍ إِلَّا ازْدَادَ حَقُّ اللَّهِ عَلَيْهِ عِظَماً وَ إِنَّ مِنْ أَسْخَفِ حَالاتِ الْوُلَاةِ عِنْدَ صَالِحِ النَّاسِ أَنْ يُظَنَّ بِهِمْ حُبُّ الْفَخْرِ وَ يُوضَعَ أَمْرُهُمْ عَلَى الْكِبْرِ وَ قَدْ كَرِهْتُ أَنْ يَكُونَ جَالَ فِي ظَنِّكُمْ أَنِّي أُحِبُّ الْإِطْرَاءَ وَ اسْتِمَاعَ الثَّنَاءِ.

پوءِ ان سان زمانو سڌري ويندو، ۽ حڪومت جي بقاء جي اميد ڪئي ويندي، ۽ دشمنن جون لالچون مايوس ٿي وينديون. ۽ جڏهن رعيت پنهنجي حاڪم تي غالب اچي وڃي يا حاڪم پنهنجيءَ رعيت جا حق هڙپ ڪري ته پوءِ اتي جهڳڙو ٿيندو. ۽ ظلم جون نشانيون ظاهر ٿينديون، ۽ دين ۾ فساد وڌي ويندو. ۽ سنت جي راهن کي ڇڏيو ويندو، ۽ خواهش تي عمل ڪيو ويندو، ۽ شريعت جي حڪمن کي ڇڏيو ويندو، ۽ نفسياتي بيماريون وڌي وينديون. بس نه وڏي حق کي ڇڏڻ تي ۽ نه وري ڪنهن وڏي ناحق ڪم جي انجام ڏيڻ تي گهبرايو ويندو ته پوءِ اتي نيڪوڪار مغلوب ۽ بدڪار غالب ٿيندا. ۽ ماڻهن تي الله تعالىٰ جون سختيون وڌي وينديون پوءِ ان وقت توهان تي هڪ ٻئي کي نصيحت ڪرڻ ۽ ان تي سنو تعاون ڪرڻ ضروري آهي.

ڪو به ماڻهو الله تعالىٰ جي حقيقي اطاعت ۾ ان حد تائين نٿو پهچي سگهي جنهن جو هو اهل آهي، جيتوڻيڪ هو ان جي رضايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترو ئي حريص هجي، ۽ ان جي عملي ڪوشش به گهڻي هجي. پر الله تعالىٰ جو سندس ٻانهن تي واجب حقن منجهان آهي ته اهي ڪوشش ڪن ته وس آهر هڪ ٻئي کي نصيحت ۽ پنهنجي درميان حق کي قائم رکڻ لاءِ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏين. ۽ ڪو به شخص الله جي طرفان مقرر ڪيل حق کي ادا ڪرڻ ۾ ٻئي جي مدد کان بي نياز نه آهي. جيتوڻيڪ حق ۾ ان جي منزلت وڏي هجي ۽ دين ۾ هو فضيلت جي لحاظ کان اڳيرو هجي. ۽ ڪو به ماڻهو ان کان خالي نه آهي جو هو حق جي ادائگي ۾ ساٿ ڏئي يا ان جو ساٿ ڏنو وڃي جيتوڻيڪ ماڻهو انکي ڪيترو به حقير سمجهن ۽ اکيون ڪيس نيچ پائيئن.



پوءِ سندس اصحاب مان هڪ شخص ڪيس جيءَ چوندي ڊگهي گفتگو ڪئي، جنهن ۾ هن امام عليه السلام جي واکاڻ ڪئي ۽ امام عليه السلام کي توجه سان ٻڌڻ ۽ سندس اطاعت ڪرڻ جي ذڪر ڪيو، پوءِ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ جنهن وٽ الله سبحانه جو شان وڏو هجي ۽ دل ۾ ان جو مقام بلند هجي ته مٿس اهو حق آهي ته الله جي عظمت جي ڪري وٽس هر شيءَ نيچ هجي. اهو حق اهڙن ماڻهن منجهان ان تي وڌيڪ ٻڌجي ٿو جنهن تي الله جون گهڻيون نعمتون به هجن ۽ مٿس ڀلا احسان به هجن. حڪمرانن جي بدترين حالات منجهان اهو آهي ته نيڪ ماڻهن وٽ انهن بابت فخر کي پسند ڪرڻ جو گمان ڪيو وڃي، ۽ انهن جي امور کي تڪبر تي سمجهيو وڃي. ۽ مونکي اهو پسند نه آهي ته توهان جي وهم ۽ گمان ۾ اها ڳالهه اچي ته آءٌ پاڻ ساراهڻ کي ۽ پنهنجي تعريف ٻڌڻ کي پسند ڪريان ٿو.

وَ لَسْتُ بِحَمْدِ اللَّهِ كَذَلِكَ وَ لَوْ كُنْتُ أُحِبُّ أَنْ يُقَالَ ذَلِكَ لَتَرَكْتُهُ انْحِطَاطاً لِلَّهِ سُبْحَانَهُ عَنْ تَنَاوُلِ مَا هُوَ أَحَقُّ بِهِ مِنَ الْعَظَمَةِ وَ الْكِبْرِيَاءِ وَ رُبَّمَا اسْتَحْلَى النَّاسُ الثَّنَاءَ بَعْدَ الْبَلَاءِ فَلَا تُثْنُوا عَلَيَّ بِجَمِيلِ ثَنَاءٍ لِإِخْرَاجِي نَفْسِي إِلَى اللَّهِ سُبْحَانَهُ وَ إِلَيْكُمْ مِنَ التَّقِيَّةِ فِي حُقُوقٍ لَمْ أَفْرُغْ مِنْ أَدَائِهَا وَ فَرَائِضَ لَا بُدَّ مِنْ إِمْضَائِهَا

فَلَا تُكَلِّمُونِي بِمَا تُكَلَّمُ بِهِ الْجَبَابِرَةُ وَ لَا تَتَحَفَّظُوا مِنِّي بِمَا يُتَحَفَّظُ بِهِ عِنْدَ أَهْلِ الْبَادِرَةِ وَ لَا تُخَالِطُونِي بِالْمُصَانَعَةِ وَ لَا تَظُنُّوا بِي اسْتِثْقَالًا فِي حَقٍّ قِيلَ لِي وَ لَا الْتِمَاسَ إِعْظَامٍ لِنَفْسِي فَإِنَّهُ مَنِ اسْتَثْقَلَ الْحَقَّ أَنْ يُقَالَ لَهُ أَوِ الْعَدْلَ أَنْ يُعْرَضَ عَلَيْهِ كَانَ الْعَمَلُ بِهِمَا أَثْقَلَ عَلَيْهِ

فَلَا تَكُفُّوا عَنْ مَقَالَةٍ بِحَقٍّ أَوْ مَشُورَةٍ بِعَدْلٍ فَإِنِّي لَسْتُ فِي نَفْسِي بِفَوْقِ أَنْ أُخْطِئَ وَ لَا آمَنُ ذَلِكَ مِنْ فِعْلِي إِلَّا أَنْ يَكْفِيَ اللَّهُ مِنْ نَفْسِي مَا هُوَ أَمْلَكُ بِهِ مِنِّي فَإِنَّمَا أَنَا وَ أَنْتُمْ عَبِيدٌ مَمْلُوكُونَ لِرَبٍّ لَا رَبَّ غَيْرُهُ يَمْلِكُ مِنَّا مَا لَا نَمْلِكُ مِنْ أَنْفُسِنَا وَ أَخْرَجَنَا مِمَّا كُنَّا فِيهِ إِلَى مَا صَلَحْنَا عَلَيْهِ فَأَبْدَلَنَا بَعْدَ الضَّلَالَةِ بِالْهُدَى وَ أَعْطَانَا الْبَصِيرَةَ بَعْدَ الْعَمَى.



## ٢١٧ـ وَمِنْ كَلامٍ لَهُ عليه السلام

*في التظلم و التشكي من قريش.*

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْتَعْدِيكَ عَلَى قُرَيْشٍ وَ مَنْ أَعَانَهُمْ فَإِنَّهُمْ قَدْ قَطَعُوا رَحِمِي وَ أَكْفَئُوا إِنَائِي وَ أَجْمَعُوا عَلَى مُنَازَعَتِي حَقّاً كُنْتُ أَوْلَى بِهِ مِنْ غَيْرِي وَ قَالُوا أَلَا إِنَّ فِي الْحَقِّ أَنْ تَأْخُذَهُ وَ فِي الْحَقِّ أَنْ تُمْنَعَهُ فَاصْبِرْ مَغْمُوماً أَوْ مُتْ مُتَأَسِّفاً فَنَظَرْتُ فَإِذَا لَيْسَ لِي رَافِدٌ وَ لَا ذَابٌّ وَ لَا مُسَاعِدٌ إِلَّا أَهْلَ بَيْتِي.

۽ الحمد لله آءٌ ائين نہ آهيان. ۽ اگر آءٌ ائين چوڻ کي پسند بہ ڪريان ها، تہ ضرور الله سبحانہ لاءِ عاجزي ڪندي ان عظمت ۽ ڪبريائيءَ جي اختيار ڪرڻ کي ڇڏي ڏيان ها جنهن جو هو وڏيڪ اهل آهي. ۽ ڪڏهن تہ ماڻهو آزمائش ڪانپوءِ ساراهہ کي پسند ڪندا آهن پر منهنجي پلي ساراهہ ذريعي تعريف نہ ڪريو، تہ جيئن آءٌ انهن حقن کي جن کان آءٌ فارغ ناهيان ٿيو، ۽ جن فرضن کي ادا ڪرڻ ضروري آهي تن کي ادا ڪري پاڻ کي الله تعاليٰ ۽ توهان وٽ بري الذمہ ڪريان. بس مون سان اهڙن لفظن سان نہ ڳالهايو جن ذريعي جابرن سان ڳالهايو ويندو آهي. ۽ مون کان ائين پاڻ کي نہ بچايو جيئن تيش ۾ اچڻ وارن کان بچيو ويندو آهي. ۽ مون سان چاپلوسيءَ واري روش نہ رکو، ۽ مون ۾ حق بابت ڳوري لڳڻ ۽ پاڻ کي وڏي ڪرڻ جي التماس جو گمان نہ ڪريو، انڪري تہ جيڪو پاڻ وٽ حق چوڻ کي يا انصاف پيش ڪرڻ کي ڳورو سمجهي تہ ان لاءِ انهن ٻنهي تي عمل ڪرڻ وڌيڪ ڳورو لڳندو. بس توهان حق چوڻ ۽ عدالت جي مشوري ڏيڻ کان نہ روڪجو، انڪري تہ آءٌ پنهنجي نفس کي خطا ڪرڻ کان مٿانهون نٿو سمجهان ۽ نہ پنهنجي ڪم کي ان کان محفوظ سمجهان ٿو، مگر ان جي جو الله تعاليٰ منهنجي نفس لاءِ ڪافي ٿئي، جيڪو مونکان وڌيڪ ان جو مالڪ آهي. انڪري تہ آءٌ ۽ توهان ان رب جا ٻانها ۽ ملڪيت آهيون جنهن ڪانسواءِ ڪو بہ رب نہ آهي، هو اسان تي اهو بہ اختيار رکي ٿو جيڪو اسان پاڻ بہ پنهنجن نفسن تي نٿا رکون. ۽ هن اسانکي جنهن حالت ۾ هئاسين ان مان ڪڍي جيڪا اسان لاءِ بهتر هئي ان ۾ آندو. هن اسانکي ضلالت ڪانپوءِ هدايت سان بدلايو، ۽ جهالت ڪانپوءِ اسانکي بصيرت عطا ڪئي.

## ٢١٧_ امام عليہ السلام جو ڪلام، قريش جي ظلم ۽ شڪايت جي باري ۾

اي الله بيشڪ آءٌ تو کان قريش ۽ سندن مددگارن خلاف مدد طلب ڪريان ٿو، انڪري تہ انهن مون سان قطع رحمي ڪئي آهي. ۽ انهن منهنجو (خلافت) جو جام هاري ڇڏيو آهي، ۽ ان حق تي مون سان جهڳڙي ڪرڻ تي گڏ ٿي ويا آهن جنهن جو مان ٻين کان وڌيڪ حقدار هيس، ۽ انهن چيو: ياد رک تہ تنهنجو انکي وٺڻ بہ حق آهي، ۽ تو کي ان کان روڪڻ بہ حق آهي. بس يا تہ ڏکن جي حالت ۾ صبر ڪر، يا افسوس ڪندي مري وڃ. بس مون ڏٺو تہ منهنجي اهل بيت عليهم السلام ڪانسواءِ نہ منهنجو ڪو مددگار آهي، ۽ نہ ڪوئي دفاع ڪندڙ ۽ نہ وري ڪو حمايتي.

فَضَنَنْتُ بِهِمْ عَنِ الْمَنِيَّةِ فَأَغْضَيْتُ عَلَى الْقَذَى وَ جَرِعْتُ رِيقِي عَلَى الشَّجَا وَ صَبَرْتُ مِنْ كَظْمِ الْغَيْظِ عَلَى أَمَرَّ مِنَ الْعَلْقَمِ وَ آلَمَ لِلْقَلْبِ مِنْ وَخْزِ الشِّفَارِ.

قال الشريف رحمه الله: و قد مضى هذا الكلام في أثناء خطبة متقدمة إلا أني ذكرته هاهنا لاختلاف الروايتين.

## ٢١٨ــ وَمِنْ كَلامٍ لَهُ عليه السلام

*في ذكر السائرين إلى البصرة لحربه عليه السلام.*

فقَدِمُوا عَلَى عُمَّالِي وَ خُزَّانِ بيْتِ الْمُسْلِمِينَ الَّذِي فِي يَدَيَّ وَ عَلَى أَهْلِ مِصْرٍ كُلُّهُمْ فِي طَاعَتِي وَ عَلَى بَيْعَتِي فَشَتَّتُوا كَلِمَتَهُمْ وَ أَفْسَدُوا عَلَيَّ جَمَاعَتَهُمْ وَ وَثَبُوا عَلَى شِيعَتِي فَقَتَلُوا طَائِفَةً منْهُمْ غَدْراً وَ طَائِفَةٌ عَضُّوا عَلَى أَسْيَافِهِمْ فَضَارَبُوا بِهَا حَتَّى لَقُوا اللَّهَ صَادِقِينَ.

## ٢١٩ــ وَمِنْ كَلامٍ لَهُ عليه السلام

***لما مر بطلحة بن عبد الله و عبد الرحمن بن عتاب بن أسيد و هما قتيلان يوم الجمل***

لَقَدْ أَصْبَحَ أَبُو مُحَمَّدٍ بِهذَا الْمَكَانِ غَرِيباً أَمَا وَ اللَّهِ لَقَدْ كُنْتُ أَكْرَهُ أَنْ تَكُونَ قُرَيْشٌ قَتْلَى تَحْتَ بُطُونِ الْكَوَاكِبِ أَدْرَكْتُ وَتْرِي مِنْ بَنِي عَبْدِ مَنَافٍ وَ أَفلَتَتْنِي أَعْيَانُ بَنِي جُمَحَ لَقَدْ أَتلَعُوا أَعْنَاقَهُمْ إِلَى أَمْرٍ لَمْ يَكُونُوا أَهْلَهُ فَوُقِصُوا دُونَهُ.



## ٢٢٠ــ وَمِنْ كَلامٍ لَهُ عليه السلام

*في وصف السالك الطريق إلى الله سبحانه.*

قَدْ أَحْيَا عَقْلَهُ وَ أَمَاتَ نَفْسَهُ حَتَّى دَقَّ جَلِيلُهُ وَ لَطُفَ غَلِيظُهُ وَ بَرَقَ لَهُ لَامِعٌ كَثِيرُ الْبَرْقِ فَأَبَانَ لَهُ الطَّرِيقَ وَ سَلَكَ بِهِ السَّبِيلَ

وَ تَدَافَعَتْهُ الْأَبْوَابُ إِلَى بَابِ السَّلَامَةِ وَ دَارِ الْإِقَامَةِ وَ ثَبَتَتْ رِجْلَاهُ بِطُمَأْنِينَةِ بَدَنِهِ فِي قَرَارِ الْأَمْنِ وَ الرَّاحَةِ بِمَا اسْتَعْمَلَ قَلْبَهُ وَ أَرْضَى رَبَّهُ.

پوءِ آءٌ انهن کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ کان ڪيٻايو. بس پوءِ مون اکين ۾ ڪنڊي هجڻ جي باوجود انهن کي بند ڪيو، ۽ نڙي ۾ هڏي هجڻ جي باوجود بہ لعاب دهن جا ڍڪ پريا، ۽ مون ڪاوڙ کي پيئندي ان تي صبر ڪيو جيڪو ٿوهر کان وڌيڪ ڪوڙو ۽ دل لاءِ تلوار جي وارن کان وڌيڪ ايذائيندڙ هو.

سيد رضيؒ چيو: امام عليه السلام جو هي ڪلام هڪ پهرين خطبي ۾ بہ گذري چڪو آهي پر آءٌ هتي ان جو تڪرار ڪيو آهي انڪري تہ ٻنهي روايتن جا لفظ مختلف آهن.

## ٢١٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، انهن جي بيان ۾ جيڪي ساڻس جنگ لاءِ بصره تي ڪاهه ڪري آيا

پوءِ انهن منهنجي عملدارن تي، ۽ جيڪو مسلمانن جو بيت المال منهنجي هٿن ۾ هو ان جي خزانچين تي، ۽ انهن سيني شهر وارن تي جيڪي منهنجي اطاعت ۽ بيعت ۾ هئا تن تي ڪاهه ڪئي. پوءِ انهن جي اتحاد کي ٽوڙيو، ۽ منهنجي خلاف انهن جي جماعت کي خراب ڪيو، ۽ منهنجي شيعن تي ڪڙڪي پيا. پوءِ انهن مان هڪ ٽولي کي ڌوکي سان قتل ڪيائون، ۽ هڪ ٽولي تلوارون ڪٽي ڏند پڪوڙيا، ۽ انهن سان وڙهيا، تان جو سچائي جي حالت ۾ الله تعالىٰ سان ملاقات ڪيائون.

## ٢١٩_ امام عليه السلام جو ڪلام

## جيڪو طلحہ بن عبدالله ۽ عبدالرحمن بن عتاب بن اسيد جيڪي ٻئي جنگِ جمل ۾ مارجي ويا هئا وٽان گذريا تہ ارشاد فرمايو:

بيشڪ ابو محمد (طلحہ) هن هنڌ پرديسي ٿيو پيو آهي، الله جو قسم آءٌ اهو پسند نہ ڪندو هيس تہ قريش هِتي هُتي تارن جي هيٺان وِلهہ تي قتل ٿيا پيا هجن. مون اولادِ عبد مناف کان خون جو بدلو ورتو آهي، ۽ بني جُمح جا اڳواڻ مون کان فرار ٿي ويا آهن. يقيناً انهن اهڙيءَ شيءِ ڏانهن پنهنجا ڪنڌ مٿي ڪيا هئا جنهن جا هو اهل نہ هئا. پر ان تائين پهچڻ کان پهريائين سندن ڪنڌن کي ٽوڙيو ويو.

## ٢٢٠_ امام عليه السلام جو ڪلام، الله تعالىٰ جي راهہ جي راهي جي باري ۾

بيشڪ هن پنهنجي عقل کي زنده رکيو، ۽ پنهنجي نفس کي ماري ڇڏيو، ايستائين جو ان جو انجي (بدن) جي ٿولهہ سنهڙي ٿي وئي، ۽ سندس سختي نرم ٿي وئي، ۽ هدايت جو نور پرپور روشنيءَ سان ان لاءِ چمڪيو، ۽ سندس لاءِ رستو روشن ڪري ڇڏيو، ۽ هو ان ذريعي سڌيءَ واٽ تي هلي پيو، ۽ دروازن ڪيس سلامتيءَ واري در، ۽ رهائش واري گهر، تائين پهچائي ڇڏيو، ۽ سندس پير بدن جي اطمئنان سان، امن ۽ راحت واري هنڌ جمي ويا، انڪري تہ هن پنهنجي دل کي عمل ۾ مصروف رکيو، ۽ پنهنجي رب کي راضي ڪيو.

# ٢٢١- و من كلام له عليه‌السلام

*قاله بعد تلاوته ﴿أَلْهاكُمُ التَّكاثُرُ حَتّى زُرْتُمُ الْمَقابِرَ﴾.*

يَا لَهُ مَرَاماً مَا أَبْعَدَهُ وَ زَوْراً مَا أَغْفَلَهُ وَ خَطَراً مَا أَفْظَعَهُ لَقَدِ اسْتَخْلَوْا مِنْهُمْ أَيَّ مُدَّكِرٍ وَ تَنَاوَشُوهُمْ مِنْ مَكَانٍ بَعِيدٍ أَ فَبِمَصَارِعِ آبَائِهِمْ يَفْخَرُونَ أَمْ بِعَدِيدِ الْهَلْكَى يَتَكَاثَرُونَ يَرْتَجِعُونَ مِنْهُمْ أَجْسَاداً خَوَتْ وَ حَرَكَاتٍ سَكَنَتْ وَ لَأَنْ يَكُونُوا عِبَراً أَحَقُّ مِنْ أَنْ يَكُونُوا مُفْتَخَراً وَ لَأَنْ يَهْبِطُوا بِهِمْ جَنَابَ ذِلَّةٍ أَحْجَى مِنْ أَنْ يَقُومُوا بِهِمْ مَقَامَ عِزَّةٍ لَقَدْ نَظَرُوا إِلَيْهِمْ بِأَبْصَارِ الْعَشْوَةِ وَ ضَرَبُوا مِنْهُمْ فِي غَمْرَةِ جَهَالَةٍ وَ لَوِ اسْتَنْطَقُوا عَنْهُمْ عَرَصَاتِ تِلْكَ الدِّيَارِ الْخَاوِيَةِ وَ الرُّبُوعِ الْخَالِيَةِ لَقَالَتْ ذَهَبُوا فِي الْأَرْضِ ضُلَّالًا وَ ذَهَبْتُمْ فِي أَعْقَابِهِمْ جُهَّالًا تَطَئُونَ فِي هَامِهِمْ وَ تَسْتَنْبِتُونَ فِي أَجْسَادِهِمْ وَ تَرْتَعُونَ فِيمَا لَفَظُوا وَ تَسْكُنُونَ فِيمَا خَرَّبُوا وَ إِنَّمَا الْأَيَّامُ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَهُمْ بَوَاكٍ وَ نَوَائِحُ عَلَيْكُمْ أُولَئِكُمْ سَلَفُ غَايَتِكُمْ وَ فُرَّاطُ مَنَاهِلِكُمُ الَّذِينَ كَانَتْ لَهُمْ مَقَاوِمُ الْعِزِّ وَ حَلَبَاتُ الْفَخْرِ مُلُوكاً وَ سُوَقاً سَلَكُوا فِي بُطُونِ الْبَرْزَخِ سَبِيلًا سُلِّطَتِ الْأَرْضُ عَلَيْهِمْ فِيهِ فَأَكَلَتْ مِنْ لُحُومِهِمْ وَ شَرِبَتْ مِنْ دِمَائِهِمْ فَأَصْبَحُوا فِي فَجَوَاتِ قُبُورِهِمْ جَمَاداً لَا يَنْمُونَ وَ ضِمَاراً لَا يُوجَدُونَ لَا يُفْزِعُهُمْ وُرُودُ الْأَهْوَالِ وَ لَا يَحْزُنُهُمْ تَنَكُّرُ الْأَحْوَالِ وَ لَا يَحْفِلُونَ بِالرَّوَاجِفِ وَ لَا يَأْذَنُونَ لِلْقَوَاصِفِ غُيَّباً لَا يُنْتَظَرُونَ وَ شُهُوداً لَا يَحْضُرُونَ وَ إِنَّمَا كَانُوا جَمِيعاً فَتَشَتَّتُوا وَ آلَافاً فَافْتَرَقُوا وَ مَا عَنْ طُولِ عَهْدِهِمْ وَ لَا بُعْدِ مَحَلِّهِمْ عَمِيَتْ أَخْبَارُهُمْ وَ صَمَّتْ دِيَارُهُمْ.

## ٢٢١_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جيڪو آيتِ مجيده ﴿أَلْهَاكُمُ التَّكَاثُرُ حَتَّىٰ زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ﴾ جي تلاوت ڪرڻ ڪانپوءِ فرمايو:**

افسوس آهي اهڙي هدف تي جيڪو ڪيڏو نہ پري آهي، ۽ قبرن ڪي (ڳڻڻ لاءِ) ڏسڻ وارن تي جيڪي ڪيڏا نہ غافل آهن. ۽ اهڙيءَ سوچ تي جيڪا ڪيڏي نہ ڪريل آهي. بيشڪ قبرن وارن مان هِنن ڪا بہ نصيحت ناهي پرائي. ۽ توهان ڪين پري واريءَ جاءِ ڪان پاڻ ۾ شامل ڪريو ٿا، ڇا هو پنهنجي ابن ڏاڏن جي لاشن تي فخر ڪن ٿا، يا مئلن جي تعداد سان هڪ ٻئي تي گهٽائي ظاهر ڪن ٿا. هو انهن مان ڪِريل جسمن ڪي ۽ ختم ٿيل چُرپر ڪي موٽائڻ چاهين ٿا. ۽ بيشڪ اهي فخر جو ڪارڻ ٿيڻ ڪان وڌيڪ نصيحت وٺڻ جي قابل آهن، ۽ هنن جو جيئرن ڪي ذلت جي پاسي ڪيرائڻ وڌيڪ معقول آهي ڪين عزت جي مقام تي بيهارڻ ڪان. بيشڪ هِنن انهن ڪي انڌين اکين سان ڏٺو، ۽ انهن جي ڪري جهالت جي اونهائي ۾ لهي پيا. ۽ اگر هي انهن جي ويران حاويلين ۽ خالي گهرن جي اڳٽن ڪان هنن بابت پڇن ها تہ ضرور اهي چون ها، تہ اهي گمراهيءَ واري حالت ۾ زمين ۾ هليا ويا آهن، ۽ توهان وري جهالت واريءَ حالت ۾ سندن ڪڍ لڳي پيا آهيو، جو سندن کوپڙين ڪي لتاڙيو ٿا، ۽ انهن جي جسمن مٿان پوک پوکيو ٿا، ۽ انهن جي ڇڏيل مال کي ڳڙڪايو ٿا. ۽ انهن جي ويران گهرن ۾ رهائش اختيار ڪريو ٿا، رڳو توهان جي ۽ انهن جي درميان وارا ڏينهن توهان تي روئن ٿا ۽ نوحا پڙهن ٿا. اهي توهان جي منزل تائين پهريائين ڪان ئي پهتل ۽ توهان جي گهيڙن تي اڳ ۾ ئي آهن، جن لاءِ بادشاه ۽ رعيت جي صورت ۾ عزت جا مقام ۽ فخر جي گهٽائي هئي، جيڪي برزخ جي وادين ۾ رستي تي هليا جتي مٿن زمين کي غالب ڪيو ويو، پوءِ هن انهن جو گوشت کائي ڇڏيو ۽ سندن رت پي ڇڏي، پوءِ اهي هاڻ پنهنجي قبرن جي ڪڏن ۾ اهڙا جمادات ٿي ويا آهن جيڪي وڌن نٿا ۽ اهڙا لڪيل آهن جيڪي لين نٿا. ۽ نہ (دنياوي) هولناڪ واقعا ڪين ڊيجارين ٿا ۽ نہ سخت حالات ڪين غمگين ڪن ٿا. ۽ نہ اهي زلزلن جي پرواه ڪن ٿا، ۽ نہ اهي آنڌين تي ڪن ڌرن ٿا، هو اهڙا غائب آهن جن جو انتظار نٿو ڪيو وڃي، ۽ اهڙا موجود آهن جيڪي حاضر نٿا ٿي سگهن، بس اهي گڏ ئي هوندا هئا پوءِ ڌار ٿي ويا. ۽ محبتي هوندا هئا پوءِ وڇڙي ويا، سندن ڳالهيون مِٽجي چڪيون آهن، ۽ سندن گهر خاموش ٿي چڪا آهن، پر اهو زماني جي ڊگهي هجڻ ۽ جاءِ جي پري هجڻ جي ڪري نہ آهي.

وَ لَكِنَّهُمْ سُقُوا كَأْساً بَدَّلَتْهُمْ بِالنُّطْقِ خَرَساً وَ بِالسَّمْعِ صَمَماً وَ بِالْحَرَكَاتِ سُكُوناً فَكَأَنَّهُمْ فِي ارْتِجَالِ الصِّفَةِ صَرْعَى سُبَاتٍ جِيرَانٌ لَا يَتَأَنَّسُونَ وَ أَحِبَّاءُ لَا يَتَزَاوَرُونَ بَلِيَتْ بَيْنَهُمْ عُرَا التَّعَارُفِ وَ انْقَطَعَتْ مِنْهُمْ أَسْبَابُ الْإِخَاءِ فَكُلُّهُمْ وَحِيدٌ وَ هُمْ جَمِيعٌ وَ بِجَانِبِ الْهَجْرِ وَ هُمْ أَخِلَّاءُ

لَا يَتَعَارَفُونَ لِلَيْلٍ صَبَاحاً وَ لَا لِنَهَارٍ مَسَاءً أَيُّ الْجَدِيدَيْنِ ظَعَنُوا فِيهِ كَانَ عَلَيْهِمْ سَرْمَداً شَاهَدُوا مِنْ أَخْطَارِ دَارِهِمْ أَفْظَعَ مِمَّا خَافُوا وَ رَأَوْا مِنْ آيَاتِهَا أَعْظَمَ مِمَّا قَدَّرُوا فَكِلْتَا الْغَايَتَيْنِ مُدَّتْ لَهُمْ إِلَى مَبَاءَةٍ فَاتَتْ مَبَالِغَ الْخَوْفِ وَ الرَّجَاءِ فَلَوْ كَانُوا يَنْطِقُونَ بِهَا لَعَيُّوا بِصِفَةِ مَا شَاهَدُوا وَ مَا عَايَنُوا وَ لَئِنْ عَمِيَتْ آثَارُهُمْ وَ انْقَطَعَتْ أَخْبَارُهُمْ لَقَدْ رَجَعَتْ فِيهِمْ أَبْصَارُ الْعِبَرِ

وَ سَمِعَتْ عَنْهُمْ آذَانُ الْعُقُولِ وَ تَكَلَّمُوا مِنْ غَيْرِ جِهَاتِ النُّطْقِ فَقَالُوا كَلَحَتِ الْوُجُوهُ النَّوَاضِرُ وَ خَوَتِ الْأَجْسَامُ النَّوَاعِمُ وَ لَبِسْنَا أَهْدَامَ الْبِلَى وَ تَكَاءَدَنَا ضِيقُ الْمَضْجَعِ وَ تَوَارَثْنَا الْوَحْشَةَ وَ تَهَكَّمَتْ عَلَيْنَا الرُّبُوعُ الصُّمُوتُ فَانْمَحَتْ مَحَاسِنُ أَجْسَادِنَا وَ تَنَكَّرَتْ مَعَارِفُ صُوَرِنَا وَ طَالَتْ فِي مَسَاكِنِ الْوَحْشَةِ إِقَامَتُنَا

وَ لَمْ نَجِدْ مِنْ كَرْبٍ فَرَجاً وَ لَا مِنْ ضِيقٍ مُتَّسَعاً فَلَوْ مَثَّلْتَهُمْ بِعَقْلِكَ أَوْ كُشِفَ عَنْهُمْ مَحْجُوبُ الْغِطَاءِ لَكَ وَ قَدِ ارْتَسَخَتْ أَسْمَاعُهُمْ بِالْهَوَامِّ فَاسْتَكَّتْ وَ اكْتَحَلَتْ أَبْصَارُهُمْ بِالتُّرَابِ فَخَسَفَتْ وَ تَقَطَّعَتِ الْأَلْسِنَةُ فِي أَفْوَاهِهِمْ بَعْدَ ذَلَاقَتِهَا وَ هَمَدَتِ الْقُلُوبُ فِي صُدُورِهِمْ بَعْدَ يَقْظَتِهَا وَ عَاثَ فِي كُلِّ جَارِحَةٍ مِنْهُمْ جَدِيدُ بِلًى سَمَّجَهَا.

پر ڪين اهڙو پيالو پياريو ويو آهي جنهن ڪين ڳالهائڻ ڪانپوءِ گونگو، ۽ ٻڌڻ ڪانپوءِ ٻوڙو، ۽ چرپر ڪانپوءِ ماٺ ڪرائي ڇڏي آهي. بس اهي مٿاڇريءَ نظر سان ڇڻ ننڊ ۾ ستا پيا آهن، هو اهڙا پاڙيسري آهن جيڪي هڪ ٻئي سان مانوس نٿا ٿين، ۽ اهڙا دوست آهن جيڪي هڪ ٻئي سان ملاقات نٿا ڪن، انهن جا پاڻ ۾ جاڻ سڃاڻ جا رشتا پراڻا ٿي ويا آهن، ۽ سندن ڀائپيءَ جا ناتا ٽُٽي ويا آهن، اهي سڀ گڏ هوندي به اڪيلا اڪيلا آهن، ۽ دوست هوندي به وڇڙيل آهن، ۽ اهي رات ڪانپوءِ صبح کي ۽ ڏينهن ڪانپوءِ شام کي به نٿا سڃاڻن. جنهن به ڏينهن ۽ رات ۾ انهن لاڏاڻو ڪيو هو اهو مٿن هميشه رهندو. هنن کي پنهنجن گهرن ۾ جن خطرن جو خوف هيو ان کان وڌيڪ جو مشاهدو ڪيائون. ۽ انهن جي نشانين کي ان کان وڌيڪ وڏو ڏٺائون جن جو انهن اندازو لڳايو هو. بس ٻنهي منزلن (جنت، جهنم) کي سندن آخري ٽڪاڻي تائين ڇڪي آندو ويندو. پوءِ سندن خوف ۽ اميد تمام گهڻا ٿي ويندا، ۽ اگر هو انهن بابت ڳالهائي سگهن ها ته جيڪو ڪجهه انهن ڏٺو ۽ مشاهدو ڪيو تنهن کي بيان ڪن ها، پر بيان ڪرڻ کان عاجز ٿي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ انهن جا آثار مِٽجي چڪا آهن ۽ انهن جون ڳالهيون ختم ٿي چڪيون آهن. پر عبرت واريون اکيون انهن ڏانهن موٽيون، ۽ عقل وارن ڪنن انهن بابت ٻڌو، ۽ اهي زبان سان ڳالهائڻ کان بغير ڪلام ڪن ٿا. ۽ چيائون: چمڪندڙ چهرا بگڙي ويا، ۽ نازڪ جسم ڪِري پيا. ۽ اسان پراڻا ڪفن پائي ڇڏيا، ۽ قبر جي سوڙهه اسان کي ٿڪائي ڇڏيو، ۽ اسان وحشت کي ميراث طور پاتو.



۽ خاموش گهر اسان جي مٿان ڪِري پيا، پوءِ اسان جي جسم جون خوبصورتيون مِٽجي ويون، ۽ اسان جي صورتن جي سڃاڻپ اوپري ٿي وئي، ۽ وحشت جي ٽڪاڻن ۾ اسان جي رهائش ڊگهي ٿي وئي. ۽ اسان مصيبت کان ڇوٽڪارو نه پاتو، ۽ نه وري سوڙهه کان ڪشادگي پاتي. بس جيڪڏهن تون پنهنجي عقل سان انهن جي ترجماني ڪرين، يا تنهنجي لاءِ انهن کان بند پردا هٽايا وڃن، جڏهن ته انهن جا ڪن ڪِيڙن سان پرجي ڪري ٻوڙا ٿي ويا. ۽ سندن اکيون مِٽي جو سرمو پائي ڪري ڏرا ڏئي ويون. ۽ زبانون ڦرڦر ڳالهائڻ ڪانپوءِ سندن واتن ۾ ڪٽجي ويون. ۽ دليون ڌڙڪڻ ڪانپوءِ سندن سينن ۾ ماٺ ڪري ويون، ۽ نئين پراڻپ انهن جي هر عضوي کي ائين تباهه ۽ خراب ڪري ڇڏيو جو هو بي وس حالت ۾ ٿي ويا.

وَ سَهَّلَ طُرُقَ الْآفَةِ إِلَيْهَا مُسْتَسْلِمَاتٍ فَلَا أَيْدٍ تَدْفَعُ وَ لَا قُلُوبٌ تَجْزَعُ لَرَأَيْتَ أَشْجَانَ قُلُوبٍ وَ أَقْذَاءَ عُيُونٍ لَهُمْ فِي كُلِّ فَظَاعَةٍ صِفَةُ حَالٍ لَا تَنْتَقِلُ وَ غَمْرَةٌ لَا تَنْجَلِي فَكَمْ أَكَلَتِ الْأَرْضُ مِنْ عَزِيزِ جَسَدٍ وَ أَنِيقِ لَوْنٍ كَانَ فِي الدُّنْيَا غَذِيَّ تَرَفٍ وَ رَبِيبَ شَرَفٍ يَتَعَلَّلُ بِالسُّرُورِ فِي سَاعَةِ حُزْنِهِ وَ يَفْزَعُ إِلَى السَّلْوَةِ إِنْ مُصِيبَةٌ نَزَلَتْ بِهِ ضَنّاً بِغَضَارَةِ عَيْشِهِ وَ شَحَاحَةً بِلَهْوِهِ وَ لَعِبِهِ فَبَيْنَا هُوَ يَضْحَكُ إِلَى الدُّنْيَا وَ تَضْحَكُ إِلَيْهِ فِي ظِلِّ عَيْشٍ غَفُولٍ إِذْ وَطِئَ الدَّهْرُ بِهِ حَسَكَهُ وَ نَقَضَتِ الْأَيَّامُ قُوَاهُ وَ نَظَرَتْ إِلَيْهِ الْحُتُوفُ مِنْ كَثَبٍ فَخَالَطَهُ بَثٌّ لَا يَعْرِفُهُ وَ نَجِيُّ هَمٍّ مَا كَانَ يَجِدُهُ وَ تَوَلَّدَتْ فِيهِ فَتَرَاتُ عِلَلٍ آنَسَ مَا كَانَ بِصِحَّتِهِ فَفَزِعَ إِلَى مَا كَانَ عَوَّدَهُ الْأَطِبَّاءُ مِنْ تَسْكِينِ الْحَارِّ بِالْقَارِّ وَ تَحْرِيكِ الْبَارِدِ بِالْحَارِّ فَلَمْ يُطْفِئْ بِبَارِدٍ إِلَّا ثَوَّرَ حَرَارَةً وَ لَا حَرَّكَ بِحَارٍّ إِلَّا هَيَّجَ بُرُودَةً وَ لَا اعْتَدَلَ بِمُمَازِجٍ لِتِلْكَ الطَّبَائِعِ إِلَّا أَمَدَّ مِنْهَا كُلَّ ذَاتِ دَاءٍ حَتَّى فَتَرَ مُعَلِّلُهُ وَ ذَهَلَ مُمَرِّضُهُ وَ تَعَايَا أَهْلُهُ بِصِفَةِ دَائِهِ وَ خَرِسُوا عَنْ جَوَابِ السَّائِلِينَ عَنْهُ وَ تَنَازَعُوا دُونَهُ شَجِيَّ خَبَرٍ يَكْتُمُونَهُ فَقَائِلٌ يَقُولُ هُوَ لِمَا بِهِ وَ مُمَنٍّ لَهُمْ إِيَابَ عَافِيَتِهِ وَ مُصَبِّرٌ لَهُمْ عَلَى فَقْدِهِ يُذَكِّرُهُمْ أُسَى الْمَاضِينَ مِنْ قَبْلِهِ فَبَيْنَا هُوَ كَذَلِكَ عَلَى جَنَاحٍ مِنْ فِرَاقِ الدُّنْيَا وَ تَرْكِ الْأَحِبَّةِ إِذْ عَرَضَ لَهُ عَارِضٌ مِنْ غُصَصِهِ فَتَحَيَّرَتْ نَوَافِذُ فِطْنَتِهِ وَ يَبِسَتْ رُطُوبَةُ لِسَانِهِ فَكَمْ مِنْ مُهِمٍّ مِنْ جَوَابِهِ عَرَفَهُ فَعَيَّ عَنْ رَدِّهِ وَ دُعَاءٍ مُؤْلِمٍ بِقَلْبِهِ سَمِعَهُ فَتَصَامَّ عَنْهُ مِنْ كَبِيرٍ كَانَ يُعَظِّمُهُ أَوْ صَغِيرٍ كَانَ يَرْحَمُهُ وَ إِنَّ لِلْمَوْتِ لَغَمَرَاتٍ هِيَ أَفْظَعُ مِنْ أَنْ تُسْتَغْرَقَ بِصِفَةٍ أَوْ تَعْتَدِلَ عَلَى عُقُولِ أَهْلِ الدُّنْيَا.

جو نہ ڪي هٿ ڪانئن دفاع ڪن ٿا ۽ نہ وري دليون بي چين ٿين ٿيون. تہ ضرور تون انهن جي دلين جي ڏکن کي، ۽ اکين جي ڪندن کي ڏسندين، جو هر مصيبت ۾ انهن جي اهڙيءَ صورتحال آهي جيڪا بدلجي نہ ٿي، ۽ اهڙيءَ سختيءَ آهي جيڪا ختم نٿي ٿئي. بس ڪيترن ئي پيارن جسمن ۽ حسِين رنگن کي زمين کائي ڇڏيو، جيڪي دنيا ۾ خوشحالي ۾ پيل ۽ عزت ۽ شرف سان پاليل هئا. جيڪي ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ بہ خوشيءَ ۾ مصروف هوندا هئا. ۽ اگر مٿن ڪا مصيبت ايندي هئي تہ پنهنجي خوشحال زندگيءَ کي باقي رکڻ لاءِ، ۽ پنهنجي موج ۽ مستيءَ ۽ مگن ۾ رهڻ لاءِ وندر جو پاسو وٺندا هئا. ۽ اُهي غافل زندگيءَ جي ڇانو ۾ دنيا سان خوش ٿي کِلندا هئا ۽ دنيا بہ انهن سان خوش ٿي کِلندي هئي، جو اوچتو زماني پنهنجي ڪندن سان انهن کي چيپاٽيو، ۽ ڏينهنَ ان جي قوتن کي ٽوڙي ڇڏيو، ۽ ويجهو ٿي موت انهن ۾ اکيون وڏيون. ۽ مٿن اهڙو غم اچي ٽٽو جنهن ڪان هو اڻ ڄاڻ هئا. ۽ اهڙيءَ اندروني پريشاني ۾ مبتلا ٿيا جيڪا پهريائين نہ پاتي هيائون، ۽ منجهن بيماريءَ جا آثار پيدا ٿيڻ لڳا. جڏهن تہ اُهي صحت ڪان گهڻا مانوس هئا، پوءِ هنن انهن شين ڏانهن رجوع ڪيو طبيبن جن جو ڪين عادي بڻائي ڇڏيو هو. جو گرميءَ کي ٿڌ سان ٺارڻ ۽ ٿڌ کي گرميءَ سان مارڻ. پر ٿڌ انکي ٺاريو نہ مگر گرمائش کي وڌيڪ ڀڙڪايو، ۽ ان علاج انهن طبيعتن کي صحيح نہ ڪيو بلڪ هر بيمار عضوي جي بيماريءَ کي وڌايو. تان جو ان جو طبيب ٿڪجي پيو، ۽ سندس حڪيم حيران ٿي ويو، ۽ سندس گهر وارا ان جي بيماري بيان ڪرڻ ڪان ٿڪجي پيا، ۽ ان بابت پڇندڙن جي جواب ڏيڻ ڪان گونگا ٿي ويا، ۽ ان جي ڏک جي خبر جنهن کي انهن لڪايو هو جهڳڙو ڪرڻ لڳا، بس ڪو چوڻ وارو چئي ٿو: هو بيماريءَ ۾ وڪوڙيل آهي، ۽ ڪين اميد ڏيارڻ وارو چئي ٿو: ان جي ڇاڪائي موٽڻ واري آهي. ۽ ڪو ان جي وڇوڙي تي ڪين صبر جي تلقين ڪري ٿو، ۽ ڪو انهن کي ان ڪان پهريائين گذري ويلن جي ڏک جو يادگيرو ڏياري ٿو. هو اجا ان حالت ۾ دنيا جي وڇوڙي ۽ پيارن کي ڇڏڻ تي پَرَ هٽي رهيو هو جو انکي ساھ گُهٽجڻ جي هڪ اهڙي حالت پيش آئي جو سندس سوچ جا ذريعا وائڙا ٿي ويا، ۽ سندس زبان جي آلاڻ سُڪي وئي، پوءِ ڪيترا ئي اهم جواب هئا جن کي هو ڄاڻي پيو پر انهن جي ٻڌائڻ ڪان بي وس ٿي ويو. ۽ ڪيترن ئي اهڙن وڏن جا جن جي هو تعظيم ڪندو هو، ۽ اهڙن ننڍن جا جن تي هو رحم ڪندو هو سندس دل ڏُکائيندڙ وَيڻ ٻُڌا پر انهن ڪان ٻوڙو ٿي ويو. ۽ بيشڪ موت جون اهڙيون تہ سختيون آهن جيڪي بيان ڪرڻ ڪان ۽ دنيا وارن جي سمجهه ڪان مٿي آهن.

# ٢٢٢- و من كلام له عليه السلام

*قاله عند تلاوته*

﴿يُسَبِّحُ لَهُ فِيها بِالْغُدُوِّ وَ الْآصالِ رِجالٌ لا تُلْهِيهِمْ تِجارَةٌ وَ لا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللَّهِ﴾.

إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ وَ تَعَالَى جَعَلَ الذِّكْرَ جِلاءً لِلْقُلُوبِ تَسْمَعُ بِهِ بَعْدَ الْوَقْرَةِ وَ تُبْصِرُ بِهِ بَعْدَ الْعَشْوَةِ وَ تَنْقَادُ بِهِ بَعْدَ الْمُعَانَدَةِ وَ مَا بَرِحَ لِلَّهِ عَزَّتْ آلَاؤُهُ فِي الْبُرْهَةِ بَعْدَ الْبُرْهَةِ وَ فِي أَزْمَانِ الْفَتَرَاتِ عِبَادٌ نَاجَاهُمْ فِي فِكْرِهِمْ وَ كَلَّمَهُمْ فِي ذَاتِ عُقُولِهِمْ.

فَاسْتَصْبَحُوا بِنُورِ يَقَظَةٍ فِي الْأَبْصَارِ وَ الْأَسْمَاعِ وَ الْأَفْئِدَةِ يُذَكِّرُونَ بِأَيَّامِ اللَّهِ وَ يُخَوِّفُونَ مَقَامَهُ بِمَنْزِلَةِ الْأَدِلَّةِ فِي الْفَلَوَاتِ مَنْ أَخَذَ الْقَصْدَ حَمِدُوا إِلَيْهِ طَرِيقَهُ وَ بَشَّرُوهُ بِالنَّجَاةِ وَ مَنْ أَخَذَ يَمِيناً وَ شِمَالًا ذَمُّوا إِلَيْهِ الطَّرِيقَ وَ حَذَّرُوهُ مِنَ الْهَلَكَةِ وَ كَانُوا كَذَلِكَ مَصَابِيحَ تِلْكَ الظُّلُمَاتِ وَ أَدِلَّةَ تِلْكَ الشُّبُهَاتِ.

وَ إِنَّ لِلذِّكْرِ لَأَهْلًا أَخَذُوهُ مِنَ الدُّنْيَا بَدَلًا فَلَمْ تَشْغَلْهُمْ تِجَارَةٌ وَ لَا بَيْعٌ عَنْهُ يَقْطَعُونَ بِهِ أَيَّامَ الْحَيَاةِ وَ يَهْتِفُونَ بِالزَّوَاجِرِ عَنْ مَحَارِمِ اللَّهِ فِي أَسْمَاعِ الْغَافِلِينَ

وَ يَأْمُرُونَ بِالْقِسْطِ وَ يَأْتَمِرُونَ بِهِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ يَتَنَاهَوْنَ عَنْهُ فَكَأَنَّمَا قَطَعُوا الدُّنْيَا إِلَى الْآخِرَةِ وَ هُمْ فِيهَا فَشَاهَدُوا مَا وَرَاءَ ذَلِكَ فَكَأَنَّمَا اطَّلَعُوا غُيُوبَ أَهْلِ الْبَرْزَخِ فِي طُولِ الْإِقَامَةِ فِيهِ وَ حَقَّقَتِ الْقِيَامَةُ عَلَيْهِمْ عِدَاتِهَا.

## ٢٢٢_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جيڪو هن آيت: ﴿يُسَبِّحُ لَهُ فِيها بِالْغُدُوِّ وَ الْآصالِ رِجالٌ لا تُلْهِيهِمْ تِجارَةٌ وَ لا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللَّهِ﴾. "جيڪي صبح ۽ شام انهن گهرن ۾ سندس پاڪائي بيان ڪن ٿا، اهي اهڙا ته مرد آهن جن کي تجارت ۽ واپار الله جي ذڪر کان غافل نٿو ڪري". جي تلاوت وقت فرمايو:**

بيشڪ الله سبحانہ و تعاليٰ پنهنجيءَ ياد کي دلين لاءِ چمڪ قرار ڏنو آهي. جيڪي ان ذريعي ٻوڙٽ ڪانپوءِ ٻڌن ٿيون، ۽ انڌائپ ڪانپوءِ ڏسن ٿيون، ۽ دشمنيءَ ڪانپوءِ فرمانبردار ٿين ٿيون. هر دؤر ۽ نبين کان خالي زماني ۾ الله تعاليٰ جنهن جون نعمتون عالي شان آهن جا اهڙا ٻانها هميشہ هوندا آهن جن جي سوچن ۾ هو الهامي طور تي ڳالهيون پهچائيندو آهي ۽ سندن عقل ۾ ساڻن ڳالهائيندو آهي.

بس انهن سجاڳيءَ جي نور سان اکين، ڪنن ۽ دلين کي روشن ڪيو، ۽ جيڪي الله جي خاص ڏينهن جي ياد ڏياريندا آهن، ۽ ان جي مقام کان ڊيڄاريندا آهن. اهي رڻ پٽ ۾ رهنمائن وانگر آهن. جيڪو درمياني واٽ اختيار ڪندو آهي ته ان جي انهيءَ طريقي جي ساراهہ ڪندا آهن، ۽ کيس نجات جي خوشخبري ڏيندا آهن، ۽ جيڪو ساڄي ۽ کاٻي لڙندو آهي ته ان جي انهيءَ واٽ جي مذمت ڪندا آهن. ۽ کيس هلاڪت کان ڊيڄاريندا آهن اهڙيءَ ريت اُنهن اونداهين ۾ ڏيئا آهن، ۽ انهن شبهن ۾ رهنما آهن. ۽ بيشڪ الله جي ذڪر جا ڪجهہ اهڙا ته اهل آهن جن انکي دنيا جي بدلي وٺي ڇڏيو آهي، پوءِ کين تجارت ۽ واپارن کان غافل نٿو ڪري، ۽ ان ۾ ئي زندگيءَ جا ڏينهن گذارين ٿا، ۽ الله جي محرمات بابت نهيءَ ذريعي غافلن جي ڪنن ۾ رڙيون ڪن ٿا.

۽ عدل جو حڪم ڏين ٿا، ۽ پاڻ بہ ان تي عمل ڪن ٿا، ۽ برائيءَ کان روڪين ٿا، ۽ پاڻ بہ ان کان رڪجن ٿا. اهي دنيا ۾ رهندي ان کي طئي ڪري آخرت تائين پهچي ويا آهن. ۽ دنيا کان بعد واريءَ حقيقت کي ڏسي ڇڏيو آهي. ۽ ڄڻ ته اهي اهلِ برزخ جي پوريءَ رهائش دوران سندن مخفي حالتن کان آگاهہ ٿي ويا آهن. ۽ ڄڻ ته قيامت پنهنجي واعدن سان انهن تي واقع ٿي وئي آهي.

فَكَشَفُوا غِطَاءَ ذَلِكَ لِأَهْلِ الدُّنْيَا حَتَّى كَأَنَّهُمْ يَرَوْنَ مَا لَا يَرَى النَّاسُ وَ يَسْمَعُونَ مَا لَا يَسْمَعُونَ فَلَوْ مَثَّلْتَهُمْ لِعَقْلِكَ فِي مَقَاوِمِهِمُ الْمَحْمُودَةِ وَ مَجَالِسِهِمُ الْمَشْهُودَةِ وَ قَدْ نَشَرُوا دَوَاوِينَ أَعْمَالِهِمْ وَ فَرَغُوا لِمُحَاسَبَةِ أَنْفُسِهِمْ عَلَى كُلِّ صَغِيرَةٍ وَ كَبِيرَةٍ أُمِرُوا بِهَا فَقَصَّرُوا عَنْهَا أَوْ نُهُوا عَنْهَا فَفَرَّطُوا فِيهَا

وَ حَمَّلُوا ثِقَلَ أَوْزَارِهِمْ ظُهُورَهُمْ فَضَعُفُوا عَنِ الِاسْتِقْلَالِ بِهَا فَنَشَجُوا نَشِيجاً وَ تَجَاوَبُوا نَحِيباً يَعِجُّونَ إِلَى رَبِّهِمْ مِنْ مَقَامِ نَدَمٍ وَ اعْتِرَافٍ لَرَأَيْتَ أَعْلَامَ هُدًى وَ مَصَابِيحَ دُجًى قَدْ حَفَّتْ بِهِمُ الْمَلَائِكَةُ وَ تَنَزَّلَتْ عَلَيْهِمُ السَّكِينَةُ وَ فُتِحَتْ لَهُمْ أَبْوَابُ السَّمَاءِ وَ أُعِدَّتْ لَهُمْ مَقَاعِدُ الْكَرَامَاتِ فِي مَقْعَدٍ اطَّلَعَ اللَّهُ عَلَيْهِمْ فِيهِ

فَرَضِيَ سَعْيَهُمْ وَ حَمِدَ مَقَامَهُمْ يَتَنَسَّمُونَ بِدُعَائِهِ رَوْحَ التَّجَاوُزِ رَهَائِنُ فَاقَةٍ إِلَى فَضْلِهِ وَ أُسَارَى ذِلَّةٍ لِعَظَمَتِهِ جَرَحَ طُولُ الْأَسَى قُلُوبَهُمْ وَ طُولُ الْبُكَاءِ عُيُونَهُمْ لِكُلِّ بَابِ رَغْبَةٍ إِلَى اللَّهِ مِنْهُمْ يَدٌ قَارِعَةٌ يَسْأَلُونَ مَنْ لَا تَضِيقُ لَدَيْهِ الْمَنَادِحُ وَ لَا يَخِيبُ عَلَيْهِ الرَّاغِبُونَ فَحَاسِبْ نَفْسَكَ لِنَفْسِكَ فَإِنَّ غَيْرَهَا مِنَ الْأَنْفُسِ لَهَا حَسِيبٌ غَيْرُكَ.



## ٢٢٣ـ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*قاله عند تلاوته ﴿يا أَيُّهَا الْإِنْسانُ ما غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيمِ﴾.*

أَدْحَضُ مَسْئُولٍ حُجَّةً وَ أَقْطَعُ مُغْتَرٍّ مَعْذِرَةً لَقَدْ أَبْرَحَ جَهَالَةً بِنَفْسِهِ يَا أَيُّهَا الْإِنْسَانُ مَا جَرَّأَكَ عَلَى ذَنْبِكَ وَ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ وَ مَا أَنَّسَكَ بِهَلَكَةِ نَفْسِكَ

پوءِ انهن دنيا وارن لاءِ ان پردي کي هٽايو آهي. ايستائين جو ڄڻ اهي اهو ڏسن ٿا جيڪي ماڻهو نٿا ڏسن، ۽ اهو ٻڌن ٿا جيڪي ماڻهو نٿا ٻڌن. بس اگر تون انهن جي ساراهيل مقامن ۽ ڏٺل ڪچهرين جي پنهنجي عقل لاءِ انهن جي ترجماني ڪرين، جڏهن تہ انهن پنهنجي عملن جي دفتر کي کولي ڇڏيو آهي. ۽ هر ننڍي توڙي وڏي گناهہ جي حساب ڪتاب کان فارغ ٿي ويا آهن، جن بابت کين حڪم ڏنو ويو هو پر انهن ان کان ڪوتاهي ڪئي هئي، ۽ جن کان کين روڪيو ويو هو تن ۾ پئجي ويا. ۽ انهن پنهنجي گناهن جي بار کي پنهنجي پُٺين تي رکيو، ۽ انهن کي کڻڻ کان عاجز ٿيا پوءِ سُڏڪا ڀري روئڻ لڳا، ۽ روئيندي هڪ ٻئي کي جواب ڏيڻ لڳا، ۽ پشيمانيءَ ۽ اعتراف جي حالت ۾ پنهنجي پالڻهار جي بارگاهہ ۾ دانهيون ڪري روئڻ لڳا، تہ ضرور تون هدايت جا نشان، ۽ اونداهيءَ جا ڏيئا ڏسندين، جن جي چوڌاري طرف ملائڪ قريل هوندا، ۽ مٿن اطمئنان نازل ٿيندو هوندو، ۽ سندن لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا، ۽ انهن لاءِ اهڙيءَ جاءِ تي عزت جون ٻينکون تيار ڪيون ويندي‌ون جن بابت الله کين آگاهہ ڪري ڇڏيو هو، پوءِ الله سندن محنت تي راضي ٿيو، ۽ انهن جي مقام کي ساراهيو، ۽ هي انکي پڪارڻ ذريعي درگذريءَ جي هوا ۾ ساهہ کڻڻ لڳا، ۽ اهي سندس فضل جي محتاجيءَ ۾ گروي ٿيل آهن، ۽ سندس عظمت اڳيان ذلت سان قيدي بڻيل آهن، ۽ مسلسل ڏک سندن دلين کي ۽ گهڻي روئڻ سندن اکين کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي. الله تعالىٰ ڏانهن رغبت ڏياريندڙ هر دروازي کي انهن جو هٿ کڙڪائي ٿو، ۽ هي انکان گُهرن ٿا جنهن جي سخاوت جي وسعت گهٽ نٿي ٿئي، ۽ ان ڏانهن رغبت رکندڙ نااميد نٿا ٿين. بس پنهنجي لاءِ پنهنجي نفس جو محاسبو ڪر، انکري تہ ٻين نفسن لاءِ ڪو ٻيو محاسبو ڪندڙ موجود آهي.



## ٢٢٣_ امام عليہ السلام جو ڪلام

**جيڪو هن آيت ﴿يا أَيُّهَا الْإِنْسانُ ما غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيمِ﴾. ”اي انسان تو کي پنهنجي مهربان پالڻهار کان ڪهڙيءَ شيءِ مغرور ڪيو آهي“ جي تلاوت وقت فرمايو:**

جنهن کان پڇاڻو ٿي رهيو آهي اهو دليل ڏيڻ ۾ ڪيڏو نہ عاجز آهي، ۽ ڌوکي کاڌل معذرت ڪرڻ ۾ ڪيڏو نہ بي وس آهي. بيشڪ هن پاڻ جهالت جي حالت ۾ ڌوکو ڏنو آهي. اي انسان ڪهڙيءَ شيءِ تو کي گناهہ تي جرئت ڏياري، ۽ ڪهڙيءَ شيءِ تو کي پنهنجي پالڻهار بابت مغرور ڪيو، ۽ ڪهڙيءَ شيءِ تو کي پنهنجي نفس جي برباديءَ تي هيرايو؟

أَ مَا مِنْ دَائِكَ بُلُولٌ أَمْ لَيْسَ مِنْ نَوْمَتِكَ يَقَظَةٌ أَ مَا تَرْحَمُ مِنْ نَفْسِكَ مَا تَرْحَمُ مِنْ غَيْرِكَ فَلَرُبَّمَا تَرَى الضَّاحِيَ مِنْ حَرِّ الشَّمْسِ فَتُظِلُّهُ أَوْ تَرَى الْمُبْتَلَى بِأَلَمٍ يُمِضُّ جَسَدَهُ فَتَبْكِي رَحْمَةً لَهُ فَمَا صَبَّرَكَ عَلَى دَائِكَ وَ جَلَّدَكَ عَلَى مُصَابِكَ وَ عَزَّاكَ عَنِ الْبُكَاءِ عَلَى نَفْسِكَ وَ هِيَ أَعَزُّ الْأَنْفُسِ عَلَيْكَ

وَ كَيْفَ لَا يُوقِظُكَ خَوْفُ بَيَاتِ نِقْمَةٍ وَ قَدْ تَوَرَّطْتَ بِمَعَاصِيهِ مَدَارِجَ سَطَوَاتِهِ فَتَدَاوَ مِنْ دَاءِ الْفَتْرَةِ فِي قَلْبِكَ بِعَزِيمَةٍ وَ مِنْ كَرَى الْغَفْلَةِ فِي نَاظِرِكَ بِيَقَظَةٍ وَ كُنْ لِلَّهِ مُطِيعاً وَ بِذِكْرِهِ آنِساً وَ تَمَثَّلْ فِي حَالِ تَوَلِّيكَ عَنْهُ إِقْبَالَهُ عَلَيْكَ يَدْعُوكَ إِلَى عَفْوِهِ وَ يَتَغَمَّدُكَ بِفَضْلِهِ وَ أَنْتَ مُتَوَلٍّ عَنْهُ إِلَى غَيْرِهِ

فَتَعَالَى مِنْ قَوِيٍّ مَا أَكْرَمَهُ وَ تَوَاضَعْتَ مِنْ ضَعِيفٍ مَا أَجْرَأَكَ عَلَى مَعْصِيَتِهِ وَ أَنْتَ فِي كَنَفِ سِتْرِهِ مُقِيمٌ وَ فِي سَعَةِ فَضْلِهِ مُتَقَلِّبٌ فَلَمْ يَمْنَعْكَ فَضْلَهُ وَ لَمْ يَهْتِكْ عَنْكَ سِتْرَهُ بَلْ لَمْ تَخْلُ مِنْ لُطْفِهِ مَطْرَفَ عَيْنٍ فِي نِعْمَةٍ يُحْدِثُهَا لَكَ أَوْ سَيِّئَةٍ يَسْتُرُهَا عَلَيْكَ أَوْ بَلِيَّةٍ يَصْرِفُهَا عَنْكَ فَمَا ظَنُّكَ بِهِ لَوْ أَطَعْتَهُ.



وَ ايْمُ اللَّهِ لَوْ أَنَّ هَذِهِ الصِّفَةَ كَانَتْ فِي مُتَّفِقَيْنِ فِي الْقُوَّةِ مُتَوَازِيَيْنِ فِي الْقُدْرَةِ لَكُنْتَ أَوَّلَ حَاكِمٍ عَلَى نَفْسِكَ بِذَمِيمِ الْأَخْلَاقِ وَ مَسَاوِئِ الْأَعْمَالِ وَ حَقّاً أَقُولُ مَا الدُّنْيَا غَرَّتْكَ وَ لَكِنْ بِهَا اغْتَرَرْتَ وَ لَقَدْ كَاشَفَتْكَ الْعِظَاتِ وَ آذَنَتْكَ عَلَى سَوَاءٍ وَ لَهِيَ بِمَا تَعِدُكَ مِنْ نُزُولِ الْبَلَاءِ بِجِسْمِكَ وَ النَّقْصِ فِي قُوَّتِكَ أَصْدَقُ وَ أَوْفَى مِنْ أَنْ تَكْذِبَكَ أَوْ تَغُرَّكَ.

ڇا تنهنجي بيماريءَ لاءِ شفا نہ آهي، يا تنهنجي ننڊ لاءِ سجاڳي ڪانهي؟ ڇا تون پنهنجي نفس تي ايترو بہ رحم نٿو ڪرين جيترو ٻين تي رحم ڪرين ٿو؟ ڪڏهن تہ تون ٽِتهڻ اُس ۾ ڪنهن کي ڏسين ٿو تہ مٿس ڇانو ڪرين ٿو؟ يا جسماني ڪمزور ڪنهن شخص کي تڪليف ۾ مبتلا ڏسين ٿو تہ مٿس ڪَهل ڪندي ان لاءِ ڳوڙها ڳاڙين ٿو. بس ڪهڙيءَ شيءِ تو کي تنهنجي بيماريءَ تي صبر ڏياريو آهي، ۽ تنهنجي مصيبتن تي تو کي مضبوط بڻايو آهي. ۽ تنهنجي نفس تي روئڻ کان تسلي ڏني آهي، جڏهن تہ اهو تو کي سڀني نفسن کان وڌيڪ عزيز آهي، ۽ رات جو اوچتو اچڻ واري عذاب جو ڊچ تو کي ڪيئن سجاڳ نٿو ڪري، جڏهن تہ تون انجي نافرمانين جي ڪري سندس قهر جي راهہ تي ڪِريو پيو آهين. بس تون پنهنجي دل جي سُستيءَ واريءَ بيماري جو ثابت قدمي سان، ۽ اکين ۾ غفلت واري ننڊ جو سجاڳي سان علاج ڪر، ۽ الله جو فرمانبردار ۽ سندس ذڪر سان مانوس ٿي وڃ. ۽ ان حالت جو تصور ڪر جڏهن تو ڪانئس منهن موڙين ٿو ۽ هو تنهنجي طرف وڌي ٿو. ۽ هو تو کي پنهنجي بخشش ڏانهن سڏي ٿو ۽ تو کي پنهنجي فضل سان ڍڪي ٿو. حالانڪ تون ان کان ٻئي ڏانهن مُنهن موڙين ٿو. بس هو بلند ۽ طاقتور هوندي ڪيڏو نہ ڪريم آهي، ۽ تون پست ۽ ڪمزور هوندي سندس نافرماني تي ڪيڏي نہ جرئت ڪرڻ وارو آهين، ۽ حلانڪ تون ان جي ڍڪ جي پناهہ ۾ رهين ٿو، ۽ سندس وسيع فضل ۾ اٿين ويهين ٿو، بس هن پنهنجو فضل تو کان ناهي روڪيو، ۽ نہ وري پنهنجو پردو تو کان هٽايو آهي. بلڪ اک ڇنڀ لاءِ بہ ان نعمت ۾ جيڪا هن تنهنجي لاءِ پيدا ڪئي آهي، يا ان گناهہ ۾ جيڪو هن تنهنجو ڍڪيو آهي، يا ان مصيبت ۾ جيڪا هن تو کان هٽائي آهي، تون سندس لطف کان خالي نہ آهين، پوءِ ان رب بابت تون ڇا ٿو ڀانئين جو اگر تون ان جي اطاعت ڪرين ها. ۽ الله جو قسم جيڪڏهن اها صفت اهڙن ٻن ڄڻن ۾ هجي جيڪي قوت ۾ هڪ جيترا، ۽ قدرت ۾ برابر هجن تہ يقيناً سڀ کان پهريون تون ئي پاڻ تي بُرن لڇڻن ۽ بداعمالن جو حڪم لڳائڻ وارو هوندين، حق اهو آهي جو آءٌ چوان تہ دنيا تو کي ڌوکو ناهي ڏنو، پر تون پاڻ دنيا مان ڌوکو کاڌو آهي، بيشڪ هن تنهنجي لاءِ نصيحتن کي پڌرو ڪيو، ۽ توکي بہ ٻين وانگر برابر آگاهہ ڪيو، ۽ هن تو سان تنهنجي جسم تي مصيبت جي نازل ٿيڻ ۽ قوت جي گهٽجڻ جو جيڪو واعدو ڪيو، اهو تو سان انجو ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ تو کي ڌوکو ڏيڻ کان وڌيڪ سچو ۽ وڌيڪ پورو ٿيندڙ آهي

وَ لَرُبَّ نَاصِحٍ لَهَا عِنْدَكَ مُتَّهَمٌ وَ صَادِقٍ مِنْ خَبَرِهَا مُكَذَّبٌ وَ لَئِنْ تَعَرَّفْتَهَا فِي الدِّيَارِ الْخَاوِيَةِ وَ الرُّبُوعِ الْخَالِيَةِ لَتَجِدَنَّهَا مِنْ حُسْنِ تَذْكِيرِكَ وَ بَلَاغِ مَوْعِظَتِكَ بِمَحَلَّةِ الشَّفِيقِ عَلَيْكَ وَ الشَّحِيحِ بِكَ وَ لَنِعْمَ دَارُ مَنْ لَمْ يَرْضَ بِهَا دَاراً وَ مَحَلُّ مَنْ لَمْ يُوَطِّنْهَا مَحَلًّا وَ إِنَّ السُّعَدَاءَ بِالدُّنْيَا غَداً هُمُ الْهَارِبُونَ مِنْهَا

الْيَوْمَ إِذَا رَجَفَتِ الرَّاجِفَةُ وَ حَقَّتْ بِجَلَائِلِهَا الْقِيَامَةُ وَ لَحِقَ بِكُلِّ مَنْسَكٍ أَهْلُهُ وَ بِكُلِّ مَعْبُودٍ عَبَدَتُهُ وَ بِكُلِّ مُطَاعٍ أَهْلُ طَاعَتِهِ فَلَمْ يُجْزَ فِي عَدْلِهِ وَ قِسْطِهِ يَوْمَئِذٍ خَرْقُ بَصَرٍ فِي الْهَوَاءِ وَ لَا هَمْسُ قَدَمٍ فِي الْأَرْضِ إِلَّا بِحَقِّهِ فَكَمْ حُجَّةٍ يَوْمَ ذَاكَ دَاحِضَةٌ وَ عَلَائِقِ عُذْرٍ مُنْقَطِعَةٌ فَتَحَرَّ مِنْ أَمْرِكَ مَا يَقُومُ بِهِ عُذْرُكَ وَ تَثْبُتُ بِهِ حُجَّتُكَ وَ خُذْ مَا يَبْقَى لَكَ مِمَّا لَا تَبْقَى لَهُ وَ تَيَسَّرْ لِسَفَرِكَ وَ شِمْ بَرْقَ النَّجَاةِ وَ ارْحَلْ مَطَايَا التَّشْمِيرِ.

## ٢٢٤ـ وَمِنْ كَلامٍ لَهُ عليه السلام

*يتبرأ من الظلم.*



وَ اللَّهِ لَأَنْ أَبِيتَ عَلَى حَسَكِ السَّعْدَانِ مُسَهَّداً أَوْ أُجَرَّ فِي الْأَغْلَالِ مُصَفَّداً أَحَبُّ إِلَيَّ مِنْ أَنْ أَلْقَى اللَّهَ وَ رَسُولَهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

ظَالِماً لِبَعْضِ الْعِبَادِ وَ غَاصِباً لِشَيْءٍ مِنَ الْحُطَامِ وَ كَيْفَ أَظْلِمُ أَحَداً لِنَفْسٍ يُسْرِعُ إِلَى الْبِلَى قُفُولُهَا وَ يَطُولُ فِي الثَّرَى حُلُولُهَا.

بتحقيق دنيا جي باري ۾ کي نصيحت ڪندڙ تو وٽ متهَّم ٿيل آهن ۽ ان جي باري ۾ کي سچ چوندڙ تو وٽ ڪوڙا ڪونيل آهن. جيڪڏهن تون برباد گهرن ۽ غيرآباد جڳهن مان، دنيا کي سمجهين ها، ته يقيناً انهن کي پنهنجي لاءِ مهربانَ ۽ خيالَ رکڻ واري ياءُ جي جڳهه تي، پلي نصيحت ڪندڙ ۽ موقعي تي واعظ ڪندڙ پائين ها. اها (دنيا) ان شخص لاءِ ڪيڏو نه پلو گهر آهي، جيڪو انکي گهر بڻائڻ تي راضي نه آهي، ۽ ان شخص لاءِ ڪيڏي نه پلي جاءِ آهي جيڪو انکي پنهنجي وطن جي جاءِ نتو بڻائي. بتحقيق دنيا جي ذريعي سياڻي نيڪ بخت ٿيڻ وارا، اڄ ان کان پجڻ وارا ئي آهن. جڏهن ڏکڻ واري ڏکندي، ۽ قيامت پنهنجي هيبت سان واقع اچي ٿيندي، ۽ هر عبادت سان سندس اهل، ۽ هر معبود سان سندس عبادتگذار، ۽ هر اڳواڻ سان سندس پيروڪار اچي ملندا. بس ان ڏينهن سندس عدل ۽ انصاف ڪري فضا ۾ چيرندڙ نگاهه، ۽ زمين تي پير جي هلڪي آهٽ جي جزا نه ڏني ويندي مگر سندس حق سان. پوءِ ان ڏينهن ڪيترا ئي عذر بيڪار تي ويندا، ۽ بهاني بازي جون ڳنڍيون ٽُٽي ويندیون. بس ته پوءِ تون اهڙو پلو ڪم ڪر جنهن سان تنهنجو عذر قائم رهي، ۽ ان سان تنهنجي حجّت ثابت رهي. جنهن دنيا لاءِ تون باقي نه رهندين ان مان اها شيءِ ڪڻ جيڪا تنهنجي لاءِ باقي رهي. ۽ پنهنجي سفر لاءِ تيار ٿي، ۽ نجات جي روشنيءَ کي ڏِس، ۽ ناهوڪين سوارين تي پاڪڙا رک.

## ٢٢٤_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن ۾ ظلم کان بيزاري ڪئي ٿا.

الله جو قسم سعدان[١] جي ڪندن تي جاڳندي رات گذارڻ، يا زنجيرن سان جڪڙيل حالت ۾ گهيلجڻ مونکي ان کان وڌيڪ پسند آهي جو آءٌ قيامت جي ڏينهن الله ۽ سندس رسول سان ان حال ۾ ملاقات ڪريان، جو سندس ڪجهه ٻانهن تي ظلم ڪندڙ، ۽ دنيا جي مال مان ڪا شيءِ غصب ڪندڙ هجان. آءٌ ان نفس لاءِ ڪنهن تي ڪيئن ظلم ڪري سگهان ٿو جيڪو فنا ڏانهن جلدي موٽڻ وارو آهي، ۽ مدتن تائين مٽي ۾ رهڻ وارو آهي.

---

١: ڪنڊيدار ٻوٽو جنهن کي اُٺ چرندو آهي.

وَ اللَّهِ لَقَدْ رَأَيْتُ عَقِيلًا وَ قَدْ أَمْلَقَ حَتَّى اسْتَمَاحَنِي مِنْ بُرِّكُمْ صَاعاً وَ رَأَيْتُ صِبْيَانَهُ شُعْثَ الشُّعُورِ غُبْرَ الْأَلْوَانِ مِنْ فَقْرِهِمْ كَأَنَّمَا سُوِّدَتْ وُجُوهُهُمْ بِالْعِظْلِمِ وَ عَاوَدَنِي مُؤَكِّداً وَ كَرَّرَ عَلَيَّ الْقَوْلَ مُرَدِّداً فَأَصْغَيْتُ إِلَيْهِ سَمْعِي فَظَنَّ أَنِّي أَبِيعُهُ دِينِي وَ أَتَّبِعُ قِيَادَهُ مُفَارِقاً طَرِيقَتِي

فَأَحْمَيْتُ لَهُ حَدِيدَةً ثُمَّ أَدْنَيْتُهَا مِنْ جِسْمِهِ لِيَعْتَبِرَ بِهَا فَضَجَّ ضَجِيجَ ذِي دَنَفٍ مِنْ أَلَمِهَا وَ كَادَ أَنْ يَحْتَرِقَ مِنْ مِيسَمِهَا فَقُلْتُ لَهُ ثَكِلَتْكَ الثَّوَاكِلُ يَا عَقِيلُ أَ تَئِنُّ مِنْ حَدِيدَةٍ أَحْمَاهَا إِنْسَانُهَا لِلَعِبِهِ وَ تَجُرُّنِي إِلَى نَارٍ سَجَرَهَا جَبَّارُهَا لِغَضَبِهِ أَ تَئِنُّ مِنَ الْأَذَى وَ لَا أَئِنُّ مِنْ لَظَى وَ أَعْجَبُ مِنْ ذَلِكَ طَارِقٌ طَرَقَنَا بِمَلْفُوفَةٍ فِي وِعَائِهَا وَ مَعْجُونَةٍ شَنِئْتُهَا كَأَنَّمَا عُجِنَتْ بِرِيقِ حَيَّةٍ أَوْ قَيْئِهَا

فَقُلْتُ أَ صِلَةٌ أَمْ زَكَاةٌ أَمْ صَدَقَةٌ فَذَلِكَ مُحَرَّمٌ عَلَيْنَا أَهْلَ الْبَيْتِ فَقَالَ لَا ذَا وَ لَا ذَاكَ وَ لَكِنَّهَا هَدِيَّةٌ فَقُلْتُ هَبِلَتْكَ الْهَبُولُ أَ عَنْ دِينِ اللَّهِ أَتَيْتَنِي لِتَخْدَعَنِي أَ مُخْتَبِطٌ أَنْتَ أَمْ ذُو جِنَّةٍ أَمْ تَهْجُرُ

وَ اللَّهِ لَوْ أُعْطِيتُ الْأَقَالِيمَ السَّبْعَةَ بِمَا تَحْتَ أَفْلَاكِهَا عَلَى أَنْ أَعْصِيَ اللَّهَ فِي نَمْلَةٍ أَسْلُبُهَا جُلْبَ شَعِيرَةٍ مَا فَعَلْتُهُ وَ إِنَّ دُنْيَاكُمْ عِنْدِي لَأَهْوَنُ مِنْ وَرَقَةٍ فِي فَمِ جَرَادَةٍ تَقْضَمُهَا مَا لِعَلِيٍّ وَ لِنَعِيمٍ يَفْنَى وَ لَذَّةٍ لَا تَبْقَى نَعُوذُ بِاللَّهِ مِنْ سُبَاتِ الْعَقْلِ وَ قُبْحِ الزَّلَلِ وَ بِهِ نَسْتَعِينُ.

الله جو قسم مون عقيل کي سخت غربت جي حالت ۾ ڏٺو آهي، ايستائين جو هن توهان جي ڪٽڪ مان مونکان هڪ صاع[1] گهريو، ۽ مون سندس ٻچڙن کي ٻه ڏٺو جن جا وار پکڙيل، ۽ غربت ڪارڻ سندن رنگ ميران جهڙا ٿي ويا، ۽ ڄڻ ته سندن چهرا نير سان ڪارا ڪيا ويا هجن، ۽ هو پڪي آسري سان مون وٽ وري موٽي آيو، ۽ اها ڳالهه وري وري مون تي ورجايائين، ۽ آءٌ سندس ڳالهين کي ڪن ڏئي ٻڌو، پوءِ هن گمان ڪيو ته آءٌ انکي پنهنجو دين کپائي ڏيندس، ۽ پنهنجي طريقي کي ڇڏي ڪري سندس واڳ جي اتباع ڪندس، پوءِ آءٌ سندس لاءِ لوهه گرم ڪيو، ۽ انکي سندس جسم جي ويجهو ڪيو ته جيئن ان سان نصيحت پرائي. پوءِ هن ان جي سُور ڪري بيمار جي رڙ وانگر رڙ ڪئي. ۽ قريب هو ته هو ان تپيل لوهه جي ڪري سڙي پوي ها، پوءِ مون چيو ته اي عقيل تنهنجي مٿان روئڻ واريون روئين. ڇا تون ان لوهه جي ڪري چنگهين ٿو جنهن کي هڪ ماڻهوءَ مذاق ڪرڻ لاءِ گرم ڪيو آهي، حالانڪ تون مون کي ان باهه ڏانهن ڇڪين ٿو جنهن کي جبار پنهنجي غضب جي ڪري ٻاريو هجي، ڇا تون ٿورڙي تڪليف تي رڙين ٿو، ۽ آءٌ جهنم جي باهه تي ٻه رڙيون نه ڪندس، ۽ ان کان وڌيڪ تعجب جي ڳالهه آهي ته هڪ اچڻ وارو اسان وٽ هڪ ٿانو ۾ حلوو ۽ شيرو کڻي آيو، جنهن کي آءٌ ائين ناپسند ڪيو ڄڻ ته اهو نانگ جي زهر مان تيار ڪيو ويو هجي، بس پوءِ مون انکي چيو ته ڇا هي عطيو آهي يا زڪوات يا صدقو آهي، اِهي اسان اهل بيت عليهم السلام تي حرام آهن، پوءِ ان چيو: نڪو، بلڪ هي هديو آهي، بس پوءِ مون ان کي چيو ته تو تي روئڻ واريون روئين، ڇا تون الله جي دين جي آڙ ۾ مون وٽ اچي ڪري مون کي ذوڪو ڏين ٿو، ڇا تون بيوقوف آهين، يا چريو آهين، يا هوش ۾ نه آهين. الله جو قسم ته جيڪڏهن مون کي ست بادشاهيون ۽ جيڪو ڪجهه انهن ۾ هجي ڏنو وڃي ته جيئن آءٌ هڪ ماڪوڙي کان جوَ جي کل کسي الله تعالىٰ جي نافرماني ڪريان، تڏهن ٻه هرگز ائين نه ڪندس. ۽ بيشڪ توهان جي هي دنيا مون وٽ ان پَنَ جي ذري کان ٻه وڌيڪ حقير آهي جنهن کي ماڪڙ چڪ سان پٽي وات ۾ رکيو آهي. علي عليه السلام جو دنياوي نعمت سان ڇا وڃي، جيڪا فنا ٿيڻ واري آهي، ۽ ان لذت سان ڇا وڃي جيڪا باقي رهڻ واري نه آهي، اسان الله کان پناهه گهرؤن ٿا عقل جي ننڊ پوڻ کان، ۽ خطائن جي قباحت ۾ پوڻ کان، ۽ ان کان ئي مدد گهرؤن ٿا.

---

1: ٽي ڪلو گرام.

## ٢٢٥ـ و من دعاء له عليه‌السلام

*يلتجئ إلى الله أن يغنيه.*

اللَّهُمَّ صُنْ وَجْهِي بِالْيَسَارِ وَ لَا تَبْذُلْ جَاهِيَ بِالْإِقْتَارِ فَأَسْتَرْزِقَ طَالِبِي رِزْقِكَ وَ أَسْتَعْطِفَ شِرَارَ خَلْقِكَ وَ أُبْتَلَى بِحَمْدِ مَنْ أَعْطَانِي وَ أُفْتَتَنَ بِذَمِّ مَنْ مَنَعَنِي وَ أَنْتَ مِنْ وَرَاءِ ذَلِكَ كُلِّهِ وَلِيُّ الْإِعْطَاءِ وَ الْمَنْعِ إِنَّكَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِير.

## ٢٢٦ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*في التنفير من الدنيا.*

دَارٌ بِالْبَلَاءِ مَحْفُوفَةٌ وَ بِالْغَدْرِ مَعْرُوفَةٌ لَا تَدُومُ أَحْوَالُهَا وَ لَا يَسْلَمُ نُزَّالُهَا أَحْوَالٌ مُخْتَلِفَةٌ وَ تَارَاتٌ مُتَصَرِّفَةٌ الْعَيْشُ فِيهَا مَذْمُومٌ وَ الْأَمَانُ مِنْهَا مَعْدُومٌ وَ إِنَّمَا أَهْلُهَا فِيهَا أَغْرَاضٌ مُسْتَهْدَفَةٌ تَرْمِيهِمْ بِسِهَامِهَا وَ تُفْنِيهِمْ بِحِمَامِهَا وَ اعْلَمُوا عِبَادَ اللَّهِ أَنَّكُمْ وَ مَا أَنْتُمْ فِيهِ مِنْ هَذِهِ الدُّنْيَا عَلَى سَبِيلِ مَنْ قَدْ مَضَى قَبْلَكُمْ مِمَّنْ كَانَ أَطْوَلَ مِنْكُمْ أَعْمَاراً وَ أَعْمَرَ دِيَاراً وَ أَبْعَدَ آثَاراً أَصْبَحَتْ أَصْوَاتُهُمْ هَامِدَةً وَ رِيَاحُهُمْ رَاكِدَةً وَ أَجْسَادُهُمْ بَالِيَةً وَ دِيَارُهُمْ خَالِيَةً وَ آثَارُهُمْ عَافِيَةً فَاسْتَبْدَلُوا بِالْقُصُورِ الْمُشَيَّدَةِ وَ النَّمَارِقِ الْمُمَهَّدَةِ الصُّخُورَ وَ الْأَحْجَارَ الْمُسَنَّدَةَ وَ الْقُبُورَ اللَّاطِئَةَ الْمُلْحَدَةَ الَّتِي قَدْ بُنِيَ عَلَى الْخَرَابِ فِنَاؤُهَا وَ شُيِّدَ بِالتُّرَابِ بِنَاؤُهَا فَمَحَلُّهَا مُقْتَرِبٌ وَ سَاكِنُهَا مُغْتَرِبٌ بَيْنَ أَهْلِ مَحَلَّةٍ مُوحِشِينَ وَ أَهْلِ فَرَاغٍ مُتَشَاغِلِينَ لَا يَسْتَأْنِسُونَ بِالْأَوْطَانِ

## ٢٢٥_ امام عليه السلام جي دعا، جنهن ۾ پاڻ عليه السلام الله تعالىٰ کان بي نيازي جي التجا ڪندا هئا

اي الله منهنجي چهري جي عزت کي شاهوڪاري سان بچاءُ، ۽ منهنجي شان ۽ عزت کي غربت سان نہ ڪيراءِ، جو آءٌ تو کان رزق گهرڻ وارن کان رزق گهران، ۽ تنهنجي ڪِريل مخلوق کان نرمي جي التجا ڪريان، ۽ جيڪو مون کي ڪجهہ عطا ڪري ان جي ساراهہ ۾ مبتلا ڪيو وڃان، ۽ جيڪو نہ ڏي ان جي مذمت ڪرڻ ۾ آزمايو وڃان، حالانڪ انهن سڀني جي پويان تون ئي عطا ڪرڻ وارو ۽ روڪڻ وارو آهين، بيشڪ تون هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهين.

## ٢٢٦_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو دنيا کان نفرت ڏيارڻ جي باري ۾ آهي

(دنيا) اهڙو گهر آهي جيڪو مصيبتن سان ڀريل، ۽ ڌوکن سان مشهور آهي، انجا حالات هميشہ باقي رهڻ وارا نہ آهن، ۽ نہ وري انجا رهڻ وارا محفوظ آهن، انجا حالات مختلف آهن، ۽ انجا دؤر متجندڙ آهن، ان جي زندگيءَ جي مذمت ڪيل آهي، ۽ ان مان امن ۽ امان ختم ٿيل آهي، ۽ دنيا ۾ رهندڙ تہ رڳو نشاني تي آهن، جن کي هوءَ پنهنجا تير هڻي ٿي، ۽ موت جي ذريعي ڪين فنا ڪري ٿي، اي الله جا ٻانهؤ ڄاڻو تہ يقيناً توهان ۽ هن دنيا جي جن شين ۾ توهان رهو ٿا انهن ماڻهن جي واٽ تي آهيو جيڪي توهان کان پهريائين گذري ويا، ۽ جيڪي ڄمار ۾ توهان کان وڏا ۽ گهرن کي وڌيڪ آباد ڪندڙ هئا، ۽ آثارن کي وڌيڪ پائيدار رکندڙ هئا، پر هاڻ انهن جا آواز ماٺ تي ويا آهن، ۽ سندن ساهہ سُڪي ويا آهن، ۽ جسم ڳري ويا آهن، ۽ گهر خالي ٿي ويا آهن، ۽ آثار مِٽجي چڪا آهن، بس انهن مضبوط قلعن، ۽ وڇايل ويهاڻن کي، ڇپن، سٽيل پٿرن، ۽ سوڙهين سامين وارين قبرن سان مَٽائي ڇڏيو آهي جن جي اڱڻن کي ويرانيءَ تي ٺاهيو ويو آهي. ۽ مٽيءَ سان انهن جي جڳهن کي مضبوط ڪيو ويو آهي، بس قبرون ويجهيون آهن پر انهن جا رهندڙ پري آهن، هڪ ئي پاڙي ۾ هوندي اڪيلائپ ۾ رهندڙ آهن، ۽ دنيا کان واندا ٿي آخرت (جي مرحلن) ۾ مصروف آهن، ۽ دنياوي وطن سان اُنس ٽٽا رکن.

وَ لَا يَتَوَاصَلُونَ تَوَاصُلَ الْجِيرَانِ عَلَى مَا بَيْنَهُمْ مِنْ قُرْبِ الْجِوَارِ وَ دُنُوِّ الدَّارِ وَ كَيْفَ يَكُونُ بَيْنَهُمْ تَزَاوُرٌ وَ قَدْ طَحَنَهُمْ بِكَلْكَلِهِ الْبِلَى وَ أَكَلَتْهُمُ الْجَنَادِلُ وَ الثَّرَى

وَ كَأَنْ قَدْ صِرْتُمْ إِلَى مَا صَارُوا إِلَيْهِ وَ ارْتَهَنَكُمْ ذَلِكَ الْمَضْجَعُ وَ ضَمَّكُمْ ذَلِكَ الْمُسْتَوْدَعُ فَكَيْفَ بِكُمْ لَوْ تَنَاهَتْ بِكُمُ الْأُمُورُ وَ بُعْثِرَتِ الْقُبُورُ ﴿هُنالِكَ تَبْلُوا كُلُّ نَفْسٍ ما أَسْلَفَتْ وَ رُدُّوا إِلَى اللَّهِ مَوْلاهُمُ الْحَقِّ وَ ضَلَّ عَنْهُمْ ما كانُوا يَفْتَرُون[1]﴾.

## ٢٢٧ـ وَ مِنْ دُعَاءٍ لَهُ عليه‌السلام

*يلجأ فيه إلى الله ليهديه إلى الرشاد.*

اللَّهُمَّ إِنَّكَ آنَسُ الْآنِسِينَ لِأَوْلِيَائِكَ وَ أَحْضَرُهُمْ بِالْكِفَايَةِ لِلْمُتَوَكِّلِينَ عَلَيْكَ تُشَاهِدُهُمْ فِي سَرَائِرِهِمْ وَ تَطَّلِعُ عَلَيْهِمْ فِي ضَمَائِرِهِمْ وَ تَعْلَمُ مَبْلَغَ بَصَائِرِهِمْ فَأَسْرَارُهُمْ لَكَ مَكْشُوفَةٌ وَ قُلُوبُهُمْ إِلَيْكَ مَلْهُوفَةٌ

إِنْ أَوْحَشَتْهُمُ الْغُرْبَةُ آنَسَهُمْ ذِكْرُكَ وَ إِنْ صُبَّتْ عَلَيْهِمُ الْمَصَائِبُ لَجَئُوا إِلَى الِاسْتِجَارَةِ بِكَ عِلْماً بِأَنَّ أَزِمَّةَ الْأُمُورِ بِيَدِكَ وَ مَصَادِرَهَا عَنْ قَضَائِكَ اللَّهُمَّ إِنْ فَهِهْتُ عَنْ مَسْأَلَتِي أَوْ عَمِيتُ عَنْ طِلْبَتِي فَدُلَّنِي عَلَى مَصَالِحِي وَ خُذْ بِقَلْبِي إِلَى مَرَاشِدِي فَلَيْسَ ذَلِكَ بِنُكْرٍ مِنْ هِدَايَاتِكَ وَ لَا بِبِدْعٍ مِنْ كِفَايَاتِكَ اللَّهُمَّ احْمِلْنِي عَلَى عَفْوِكَ وَ لَا تَحْمِلْنِي عَلَى عَدْلِك.



١: يونس: الآية: ٣٠.

۽ نه وري پاڙيسرين وانگر هڪ ٻئي ڏانهن اچن وڃن ٿا. جڏهن ته اُهي پاڙي جي اعتبار کان ويجها ۽ گهر جي لحاظ کان قريب آهن. ۽ اهي ڪيئن هڪ ٻئي سان ملندا جلندا جڏهن ته پراڻپ ڪين پنهنجي سيني سان پيهي ڇڏيو آهي، ۽ پٿرن ۽ مٽيءَ ڪين کائي ڇڏيو آهي، ۽ توهان به جڻ اُتي پهچي ويا آهيو جتي هو پهتل آهن، ۽ انهيءَ قبر توهان کي گِرويءَ ۾ وٺي ڇڏيو آهي، ۽ انهيءَ امانت گاهه توهان کي ملائي ڇڏيو آهي، پوءِ ان وقت توهان جو ڪهڙو حال ٿيندو جڏهن توهان جا سڀ مرحلا پورا ٿي ويندا، ۽ قبرن کي پلٽايو ويندو " اتي هر نفس جيڪو هن موڪليو آهي ان سميت ظاهر ٿيندو، ۽ سڀني کي سندن حقيقي مولا الله ڏانهن موٽايو ويندو، ۽ اهي ڪانئن گم ٿي ويندا جيڪي بهتان هڻندا هئا".

## ٢٢٧_ امام عليه السلام جي دعا

### جنهن ۾ الله تعالىٰ کي ٻاڏايو ويو آهي ته جيئن ڪيس هدايت ڏانهن رهنمائي فرمائي.

اي الله بيشڪ تون پنهنجي وليّن کي سيني اُنس ڏيندڙن کان وڌيڪ اُنس ڏيندڙ آهين، ۽ پاڻ تي توڪل ڪندڙن جي حاجت روائي لاءِ سڀني کان اڳيرو آهين، تون سندن رازن کي به ڏسين ٿو، ۽ سندن ڳجهن کان به آگاهه آهين، ۽ سندن بصيرت جي مقدار کي به ڄاڻين ٿو. بس انهن جا راز تنهنجي لاءِ کليل آهن، ۽ انهن جون دليون تو لاءِ تڙپن ٿيون.

۽ اگر اڪيلائپ ڪين وحشت ڏياري ٿي ته تنهنجو ذڪر ڪين مانوس ڪري ٿو. ۽ اگر مٿن مصيبتون ٽُٽن ٿيون ته تنهنجي پناهه جو سهارو وٺن ٿا، اهو ڄاڻندي ته يقيناً سڀني مسئلن جون واڳون تنهنجي وس ۾ آهن. ۽ انهن جو نفاذ تنهنجي ئي فيصلي سان آهي، اي الله اگر آءٌ پنهنجي سوال کان عاجز ٿيان يا پنهنجي گُهرج کان بي خبر ٿيان، ته مونکي منهنجي مصلحتن تي رهنمائي ڪجائن، ۽ منهنجي دل کي هدايت جي رستن تي پهچائجان، جو تنهنجي هدايت کان اها ڪا اوپري شيءِ نه آهي، ۽ نه وري تنهنجي حاجت روائي ڪرڻ کان ڪا نئين شيءِ آهي. اي الله مون سان پنهنجي بخشش وارو معاملو ڪر، ۽ مون سان پنهنجي عدل وارو معاملو نه ڪر.

## ٢٢٨ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*يريد به بعض أصحابه.*

لِلَّهِ بَلَاءُ فُلَانٍ فَلَقَدْ قَوَّمَ الْأَوَدَ وَ دَاوَى الْعَمَدَ وَ أَقَامَ السُّنَّةَ وَ خَلَّفَ الْفِتْنَةَ ذَهَبَ نَقِيَّ الثَّوْبِ قَلِيلَ الْعَيْبِ أَصَابَ خَيْرَهَا وَ سَبَقَ شَرَّهَا أَدَّى إِلَى اللَّهِ طَاعَتَهُ وَ اتَّقَاهُ بِحَقِّهِ رَحَلَ وَ تَرَكَهُمْ فِي طُرُقٍ مُتَشَعِّبَةٍ لَا يَهْتَدِي بِهَا الضَّالُّ وَ لَا يَسْتَيْقِنُ الْمُهْتَدِي.

## ٢٢٩ـ وَمِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام

*في وصف بيعته بالخلافة.*

*قال الشريف: و قد تقدم مثله بألفاظ مختلفة.*

وَ بَسَطْتُمْ يَدِي فَكَفَفْتُهَا وَ مَدَدْتُمُوهَا فَقَبَضْتُهَا ثُمَّ تَدَاكَكْتُمْ عَلَيَّ تَدَاكَّ الْإِبِلِ الْهِيمِ عَلَى حِيَاضِهَا يَوْمَ وِرْدِهَا حَتَّى انْقَطَعَتِ النَّعْلُ وَ سَقَطَ الرِّدَاءُ وَ وُطِئَ الضَّعِيفُ وَ بَلَغَ مِنْ سُرُورِ النَّاسِ بِبَيْعَتِهِمْ إِيَّايَ أَنِ ابْتَهَجَ بِهَا الصَّغِيرُ وَ هَدَجَ إِلَيْهَا الْكَبِيرُ وَ تَحَامَلَ نَحْوَهَا الْعَلِيلُ وَ حَسَرَتْ إِلَيْهَا الْكِعَابُ.

## ٢٣٠ـ وَمِنْ خُطْبَةٍ لَهُ عليه السلام

*في مقاصد أخرى.*

فَإِنَّ تَقْوَى اللَّهِ مِفْتَاحُ سَدَادٍ وَ ذَخِيرَةُ مَعَادٍ وَ عِتْقٌ مِنْ كُلِّ مَلَكَةٍ وَ نَجَاةٌ مِنْ كُلِّ هَلَكَةٍ بِهَا يَنْجَحُ الطَّالِبُ وَ يَنْجُو الْهَارِبُ وَ تُنَالُ الرَّغَائِبُ.

## ٢٢٨_ امام عليہ السلام جو ڪلام، جنھن سان پنھنجي ڪجھ اصحاب جو ارادو ڪيو آھي

فلاڻي جي جزا الله وٽ آھي، بيشڪ ھن ٽيڏي کي سڌو ڪيو، ۽ بيماري جو علاج ڪيو، ۽ سنت کي قائم رکيو، ۽ فتني کي پوئتي ڇڏيو، سُترن ڪپڙن ۽ ٿوري عيب سان ھتان ڪان ھليو ويو، ۽ ان (دنيا) جي ڀلائي کي پاتو، ۽ ان جي شر ڪان اڳتي نڪري ويو، الله جي اطاعت ادا ڪئي، ۽ ڪما حقہ ان ڪان ڊنو. پاڻ ھليو ويو ۽ ماڻھن کي ڇوڙاھي تي ڇڏي ويو، گمراھ جن سان ھدايت نٿو پائي سگھي، ۽ نہ وري ھدايت يافتہ کي يقين حاصل ٿئي ٿو.

## ٢٢٩_ امام عليہ السلام جو ڪلام، پنھنجي خلافت جي بيعت بابت

*سيد رضي رحمہ اللہ فرمايو: ھي ڪلام مختلف لفظن سان گذري چڪو آھي.*

۽ توھان منھنجو ھٿ ڪوليو پر آءٌ انکي روڪيو، ۽ توھان انکي ڇڪيو پر مون انکي بند رکيو. پوءِ توھان مون تي ائين ٽُٽي پيو جيئن اجارا اُٺ پاڻي پيئڻ جي ڏينھن پنھنجي حوضن تي ٽُٽندا آھن.

ايستائين جو جُتي ڇجي پئي، ۽ عبا ڪِري پئي، ۽ ڪمزور لتاڙيو ويو، ۽ منھنجي بيعت ڪرڻ تي ماڻھو جي خوشي ايتريءَ حد تائين پھتي جو ان تي ننڍا ٻار بہ ٻهڪڻ لڳا، ۽ پوڙھا بہ ھوريان ھوريان ان ڏانھن وڌڻ لڳا، ۽ بيمار بہ ڏکيائي سان ان ڏانھن اچڻ لڳا، ۽ ڇوڪريون بہ پردي ڪان ٻاھر ان ڏانھن نڪري آيون.

## ٢٣٠_ امام عليہ السلام جو خطبو، ڪجھ ٻين مقصدن جي باري ۾

بيشڪ الله تعاليٰ جي تقويٰ استقامت جي چاٻي ۽ قيامت لاءِ ذخيرو ۽ ھر غلاميءَ ڪان آزادي ۽ ھر ھلاڪت ڪان نجات آھي. انھيءَ سان ئي طلبگار ڪامياب ٿئي ٿو ۽ ڀڄندڙ نجات پائي ٿو، ۽ اميدون حاصل ٿين ٿيون.

## فضل العمل

فَاعْمَلُوا وَ الْعَمَلُ يُرْفَعُ وَ التَّوْبَةُ تَنْفَعُ وَ الدُّعَاءُ يُسْمَعُ وَ الْحَالُ هَادِئَةٌ وَ الْأَقْلَامُ جَارِيَةٌ وَ بَادِرُوا بِالْأَعْمَالِ عُمُراً نَاكِساً أَوْ مَرَضاً حَابِساً أَوْ مَوْتاً خَالِساً فَإِنَّ الْمَوْتَ هَادِمُ لَذَّاتِكُمْ وَ مُكَدِّرُ شَهَوَاتِكُمْ وَ مُبَاعِدُ طِيَّاتِكُمْ زَائِرٌ غَيْرُ مَحْبُوبٍ وَ قِرْنٌ غَيْرُ مَغْلُوبٍ وَ وَاتِرٌ غَيْرُ مَطْلُوبٍ

قَدْ أَعْلَقَتْكُمْ حَبَائِلُهُ وَ تَكَنَّفَتْكُمْ غَوَائِلُهُ وَ أَقْصَدَتْكُمْ مَعَابِلُهُ وَ عَظُمَتْ فِيكُمْ سَطْوَتُهُ وَ تَتَابَعَتْ عَلَيْكُمْ عَدْوَتُهُ وَ قَلَّتْ عَنْكُمْ نَبْوَتُهُ فَيُوشِكُ أَنْ تَغْشَاكُمْ دَوَاجِي ظُلَلِهِ وَ احْتِدَامُ عِلَلِهِ وَ حَنَادِسُ غَمَرَاتِهِ وَ غَوَاشِي سَكَرَاتِهِ وَ أَلِيمُ إِرْهَاقِهِ وَ دُجُوُّ أَطْبَاقِهِ وَ جُشُوبَةُ مَذَاقِهِ فَكَأَنْ قَدْ أَتَاكُمْ بَغْتَةً فَأَسْكَتَ نَجِيَّكُمْ وَ فَرَّقَ نَدِيَّكُمْ وَ عَفَّى آثَارَكُمْ وَ عَطَّلَ دِيَارَكُمْ وَ بَعَثَ وُرَّاثَكُمْ يَقْتَسِمُونَ تُرَاثَكُمْ بَيْنَ حَمِيمٍ خَاصٍّ لَمْ يَنْفَعْ وَ قَرِيبٍ مَحْزُونٍ لَمْ يَمْنَعْ وَ آخَرَ شَامِتٍ لَمْ يَجْزَعْ.



## فضل الجد

فَعَلَيْكُمْ بِالْجِدِّ وَ الِاجْتِهَادِ وَ التَّأَهُّبِ وَ الِاسْتِعْدَادِ وَ التَّزَوُّدِ فِي مَنْزِلِ الزَّادِ وَ لَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيَاةُ الدُّنْيَا كَمَا غَرَّتْ مَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ

مِنَ الْأُمَمِ الْمَاضِيَةِ وَ الْقُرُونِ الْخَالِيَةِ الَّذِينَ احْتَلَبُوا دِرَّتَهَا وَ أَصَابُوا غِرَّتَهَا وَ أَفْنَوْا عِدَّتَهَا وَ أَخْلَقُوا جِدَّتَهَا وَ أَصْبَحَتْ مَسَاكِنُهُمْ أَجْدَاثاً وَ أَمْوَالُهُمْ مِيرَاثاً،

## عمل جي فضيلت

بس عمل انجام ڏيو، جڏهن ته هاڻ عمل مٿي کنيو وڃي ٿو، ۽ توبه فائدو ڏئي ٿي، ۽ دعا ٻڌي وڃي ٿي، ۽ حالات پر سڪون آهن، ۽ قلم هلي رهيا آهن، ۽ پوڙهپ واري عمر، ۽ روڪڻ واري بيماري ۽ اچانڪ ايندڙ موت کان پهريان عمل انجام ڏيڻ ڏانهن جلدي ڪريو، انڪري ته موت توهان جي لذتن کي ختم ڪندڙ، ۽ توهان جي خواهشن کي ميرو ڪندڙ ۽ توهان جي مقصدن کي پري ڪندڙ آهي، اڻ وڻندڙ ملڻ وارو، ۽ مغلوب نه ٿيندڙ حريف، ۽ اهڙو ماريندڙ آهي جنهن کان بدلو نه ورتو ويندو آهي. بيشڪ هن جي رسَين توهان کي تنگي چڙيو آهي، ۽ ان جي سختين توهان کي وڪوڙي ڇڏيو آهي، ۽ ان جي ڏڳهن تيرن توهان کي نشانو بڻايو آهي، ۽ توهان تي ان جو وڏو غلبو، ۽ توهان سان ان جو مسلسل وير آهي، ۽ توهان کان ان جو وار گُسڻ گهٽ آهي. ۽ عنقريب ان جي ڪڪرن جي اونداهي، ۽ ان جي بيمارين جي سختي، ۽ ان جي سختين جي اونداهي، ۽ ان جي سڪرات جي غشي، ۽ ان جي ساه ڪڍڻ جي سختي، ۽ هر طرف جي اونداهي، ۽ ان جي اڻ وڻندڙ ذائقي توهان کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي. جڻ ته موت توهان وٽ اچانڪ اچي ويو آهي. ۽ توهان جي هلڪي آواز کي ماٺ ڪرائي ڇڏيو آهي. ۽ توهان جي گڏجاڻي کي الڳ ڪري ڇڏيو آهي. ۽ توهان جي نشانين کي مِٽائي ڇڏيو آهي. ۽ توهان جي گهرن کي ويران ڪري ڇڏيو آهي. ۽ توهان جي وارثن کي تيار ڪري ڇڏيو آهي، ته توهان جي ميراث انهن خاص رشتدارن ۾ جن انکي فائدو نه ڏنو، ۽ ويجهن غمگين مائٽن ۾ جن (موت) کي نه روڪيو، ۽ انهن خوش ٿيندڙن ۾ جن کي ڏک نه ٿيو، تن ورهائي ڇڏن.

## سنجيدگي جي فضيلت

بس توهان تي لازم آهي ته سنجيدگي، ڪوشش، آمادگي، ۽ تياري ڪريو، ۽ سمر واريءَ جاءِ مان سمر سهيڙيو، ۽ دنياوي زندگي هرگز توهان کي ڌوڪو نه ڏئي جيئن توهان کان پهريائين گذري ويل امتن، ۽ انهن اڳين نسلن کي ڌوڪو ڏنو جن ان جو کير ڏڌو، ۽ ان جي غفلت ۾ پئجي ويا، ۽ ان جو وقت وڃائي ڇڏيو، ۽ ان جي نواڻ کي پراڻو ڪري ڇڏيو، ۽ انهن جا گهر قبرون، ۽ سندن مال ميراث بڻجي ويا

لَا يَعْرِفُونَ مَنْ أَتَاهُمْ وَ لَا يَحْفِلُونَ مَنْ بَكَاهُمْ وَ لَا يُجِيبُونَ مَنْ دَعَاهُمْ فَاحْذَرُوا الدُّنْيَا فَإِنَّهَا غَدَّارَةٌ غَرَّارَةٌ خَدُوعٌ مُعْطِيَةٌ مَنُوعٌ مُلْبِسَةٌ نَزُوعٌ لَا يَدُومُ رَخَاؤُهَا وَ لَا يَنْقَضِي عَنَاؤُهَا وَ لَا يَرْكُدُ بَلَاؤُهَا.

## و منها في صفة الزهاد

كَانُوا قَوْماً مِنْ أَهْلِ الدُّنْيَا وَ لَيْسُوا مِنْ أَهْلِهَا فَكَانُوا فِيهَا كَمَنْ لَيْسَ مِنْهَا عَمِلُوا فِيهَا بِمَا يُبْصِرُونَ وَ بَادَرُوا فِيهَا مَا يَحْذَرُونَ تَقَلَّبُ أَبْدَانِهِمْ بَيْنَ ظَهْرَانَيْ أَهْلِ الْآخِرَةِ وَ يَرَوْنَ أَهْلَ الدُّنْيَا يُعَظِّمُونَ مَوْتَ أَجْسَادِهِمْ وَ هُمْ أَشَدُّ إِعْظَاماً لِمَوْتِ قُلُوبِ أَحْيَائِهِمْ.

## ٢٣١ـ و من خطبة له عليه‌السلام

*خطبها بذي قار و هو متوجه إلى البصرة ذكرها الواقدي في كتاب «الجمل».*

فَصَدَعَ بِمَا أُمِرَ بِهِ وَ بَلَّغَ رِسَالاتِ رَبِّهِ فَلَمَّ اللَّهُ بِهِ الصَّدْعَ وَ رَتَقَ بِهِ الْفَتْقَ وَ أَلَّفَ بِهِ الشَّمْلَ بَيْنَ ذَوِي الْأَرْحَامِ بَعْدَ الْعَدَاوَةِ الْوَاغِرَةِ فِي الصُّدُورِ وَ الضَّغَائِنِ الْقَادِحَةِ فِي الْقُلُوبِ.



## ٢٣٢ـ و من كلام له عليه‌السلام

*كلم به عبد الله بن زمعة و هو من شيعته، و ذلك أنه قدم عليه في خلافته يطلب منه مالا فقال عليه‌السلام:*

إِنَّ هَذَا الْمَالَ لَيْسَ لِي وَ لَا لَكَ وَ إِنَّمَا هُوَ فَيْءٌ لِلْمُسْلِمِينَ وَ جَلْبُ أَسْيَافِهِمْ فَإِنْ شَرِكْتَهُمْ فِي حَرْبِهِمْ كَانَ لَكَ مِثْلُ حَظِّهِمْ وَ إِلَّا فَجَنَاةُ أَيْدِيهِمْ لَا تَكُونُ لِغَيْرِ أَفْوَاهِهِمْ.

۽ انکي نتا سڃاڻن جيڪو وٽن اچي ٿو، ۽ ان جي پرواھ نٿا ڪن جيڪو مٽن روئي ٿو، ۽ انکي جواب نٿا ڏين جيڪو ڪين سڏي ٿو، بس دنيا کان بچو انکري تہ اها بي وفا، ڌوڪي باز، دغاباز آهي. ڪجھ ڏيندڙ ۽ گھڻو وٺندڙ آهي، ٿورو پارائيندڙ ۽ گھڻو لھرائيندڙ آهي. نہ انجا سُک دائمي آهن ۽ نہ انجا ڏُک کُٽندڙ آهن، ۽ نہ ان جون مصيبتون رڪجندڙ آهن.

## انھيءَ جوئي حصو زاهدن جي صفتن

اهي دنيا جا ماڻھو هئا، پر دنيا وارا نہ هئا، ۽ دنيا ۾ ائين هئا ڄڻ انجا نہ هئا، ۽ ان ۾ بصيرت سان عمل انجام ڏنا، ۽ انھن ان ۾ جلدي ڪئي جنھن کان هو ڊڄندا هئا. ۽ سندن جسم آخرت وارن وٽ گھمن ڦرن ٿا، ۽ هو دنيا وارن کي ڏسن ٿا تہ اهي جسمن جي مرڻ کي وڏي ڳالھ سمجھن ٿا، جڏهن تہ پاڻ جيئرن جي دلين جي مرڻ کي وڏيک وڏي ڳالھ سمجھن ٿا.

## ٢٣١_ امام عليه السلام جو خطبو

### جيڪو پاڻ عليه السلام ذي قار ۾ بصره ڏانھن ويندي ڏنائون، جنھن کي واقدي ڪتاب "الجمل" ۾ ذڪر ڪيو آهي.

پوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم انکي کولي بيان ڪيو جنھن جو ڪين حڪم ڏنو ويو هو، ۽ پنھنجي پالڻھار جي پيغام کي پھچايو. پوءِ الله تعالىٰ سندس ذريعي انتشار کي ختم ڪيو ۽ سندس ذريعي ويڇا دور ڪيا، ۽ سندس ذريعي مائٽن درميان اتحاد کي جوڙيو، سينن ۾ موجود دشمني ۽ دلين ۾ ٻرندڙ ڪِيني هجڻ کانپوءِ.



## ٢٣٢_ امام عليه السلام جو ڪلام

### جيڪو پاڻ عليه السلام عبدالله بن زمعہ کي فرمايو ۽ هو سندس شيعن منجھان هو، جڏهن امام عليه السلام جي زماني خلافت ۾ وٽس مال گھرڻ آيو تہ امام عليه السلام فرمايو:

بيشڪ هي مال نہ منھنجو آهي ۽ نہ تنھنجو آهي، اهو تہ رڳو مسلمانن جو مالِ غنيمت آهي، ۽ سندن تلوارن جو گڏ ڪيل آهي اگر تون ساڻن جنگ ۾ شريڪ رهيو آهين تہ انھن جي حصي جيترو تنھنجو بہ آهي نہ تہ انھن جي هٿن جي ڪمائي ٻين جي واتن لاءِ نہ آهي.

# ٢٣٣- و من كلام له عليه السلام

*بعد أن أقدم أحدهم على الكلام فحصر، و هو في فضل أهل البيت، و وصف فساد الزمان:*

أَلَا وَ إِنَّ اللِّسَانَ بَضْعَةٌ مِنَ الْإِنْسَانِ فَلَا يُسْعِدُهُ الْقَوْلُ إِذَا امْتَنَعَ وَ لَا يُمْهِلُهُ النُّطْقُ إِذَا اتَّسَعَ وَ إِنَّا لَأُمَرَاءُ الْكَلَامِ وَ فِينَا تَنَشَّبَتْ عُرُوقُهُ وَ عَلَيْنَا تَهَدَّلَتْ غُصُونُهُ.

## فساد الزمان

وَ اعْلَمُوا رَحِمَكُمُ اللَّهُ أَنَّكُمْ فِي زَمَانٍ الْقَائِلُ فِيهِ بِالْحَقِّ قَلِيلٌ وَ اللِّسَانُ عَنِ الصِّدْقِ كَلِيلٌ وَ اللَّازِمُ لِلْحَقِّ ذَلِيلٌ أَهْلُهُ مُعْتَكِفُونَ عَلَى الْعِصْيَانِ مُصْطَلِحُونَ عَلَى الْإِدْهَانِ فَتَاهُمْ عَارِمٌ وَ شَائِبُهُمْ آثِمٌ وَ عَالِمُهُمْ مُنَافِقٌ وَ قَارِنُهُمْ مُمَاذِقٌ لَا يُعَظِّمُ صَغِيرُهُمْ كَبِيرَهُمْ وَ لَا يَعُولُ غَنِيُّهُمْ فَقِيرَهُم.

# ٢٣٤- و من كلام له عليه السلام



*رَوَى ذِعْلَبٌ الْيَمَامِيُّ عَنْ أَحْمَدَ بْنِ قُتَيْبَةَ عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ يَزِيدَ عَنْ مَالِكِ بْنِ دِحْيَةَ قَالَ: كُنَّا عِنْدَ أَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ عليه السلام وَ قَدْ ذُكِرَ عِنْدَهُ اخْتِلَافُ النَّاسِ فَقَالَ:*

إِنَّمَا فَرَّقَ بَيْنَهُمْ مَبَادِئُ طِينِهِمْ وَ ذَلِكَ أَنَّهُمْ كَانُوا فِلْقَةً مِنْ سَبَخِ أَرْضٍ وَ عَذْبِهَا وَ حَزْنِ تُرْبَةٍ وَ سَهْلِهَا فَهُمْ عَلَى حَسَبِ قُرْبِ أَرْضِهِمْ يَتَقَارَبُونَ وَ عَلَى قَدْرِ اخْتِلَافِهَا يَتَفَاوَتُونَ فَتَامُّ الرُّوَاءِ نَاقِصُ الْعَقْلِ وَ مَادُّ الْقَامَةِ قَصِيرُ الْهِمَّةِ وَ زَاكِي الْعَمَلِ قَبِيحُ الْمَنْظَرِ وَ قَرِيبُ الْقَعْرِ بَعِيدُ السَّبْرِ وَ مَعْرُوفُ الضَّرِيبَةِ مُنْكَرُ الْجَلِيبَةِ وَ تَائِهُ الْقَلْبِ مُتَفَرِّقُ اللُّبِّ وَ طَلِيقُ اللِّسَانِ حَدِيدُ الْجَنَانِ.

## ٢٣٣_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن امام عليه السلام انهن مان (جعده بن هبيره) کي ڳالهائڻ لاءِ اڀاريو

**۽ هو ڳالهائي نہ سگهيو تہ پاڻ عليه السلام هي ڪلام ارشاد فرمايو جيڪو اهل بيت عليهم السلام جي فضيلت ۽ زماني جي خرابي بابت آهي:**

آگاهہ رهو تہ بيشڪ زبان انسان جو ٽڪرو آهي، بس جڏهن هو مُنجهيل هوندو تہ ڪلام ان جو ساٿ نہ ڏيندو، ۽ جڏهن هو کُليل هوندو تہ بيان ڪرڻ انکي مهلت نہ ڏيندو، ۽ بيشڪ اسان سُخن جا سردار آهيون، ۽ اسان ۾ ئي ان جون پاڙون کُتل آهن، ۽ اسان جي مٿان ئي ان جون ٽاريون جُهڪيل آهن.

### زماني جي خرابي

الله توهان تي رحم ڪري ڄاڻو تہ بيشڪ توهان اهڙي دؤر ۾ آهيو جنهن ۾ حق چوڻ وارا ٿورا آهن، ۽ زبانون سچ ڳالهائڻ کان گونگيون آهن، ۽ حق جا پابند پست آهن، ۽ زماني وارا نافرمانيءَ تي ڪِري پيا آهن، ۽ ڌوکي ڏيڻ تي متفق آهن، سندن نوجوان بداخلاق، پوڙهو ڏوهاري، عالم منافق، ۽ قاري رياڪار آهن، انهن جو ننڍو سندن وڏي جي عزت نٿو ڪري، ۽ نہ وري امير غريب جي سنڀال ڪري ٿو.

## ٢٣٤_ امام عليه السلام جو ڪلام



**ذعلب يماني احمد بن قتيبہ کان هن عبدالله بن يزيد کان هن مالڪ بن دحيہ کان روايت ڪئي آهي هن چيو، اسان اميرالمؤمنين عليه السلام وٽ هئاسين، ۽ وٽس ماڻهن جي الڳ هجڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي تہ پوءِ امام عليه السلام فرمايو:**

ماڻهن جي وچ ۾ فرق رڳو سندن مٽيءِ جي شروعاتي خمير ئي ڪيو آهي، ان لاءِ تہ اهي ڪلراٺيءَ مٽيءَ، سخت ۽ نرم زمين جي ذرڙن منجهان آهن، بس اُهي پنهنجي زمين جي ويجهڙائيءَ جي لحاظ کان هڪ ٻئي جي قريب آهن، ۽ ان جي مختلف هجڻ جي ڪري هڪ ٻئي کان جدا آهن. بس ڏِسڻ جو ڀلو عقل جو ڍلو هوندو آهي، ۽ ڍِگهي قد وارو گهٽ همت وارو هوندو آهي، ۽ ڀلي عمل وارو ڏِسڻ جو ڪوجهو هوندو آهي، ۽ ننڍي قد وارو دوانديش هوندو آهي، ۽ ڀليءَ طبيعت وارو ڪُڌا ڪم ڪندو آهي، ۽ دل جو پريشان عقل ۾ حيران هوندو آهي، ۽ روان زبان وارو مضبوط دل وارو هوندو آهي.

## ٢٣٥ـ و من كلام له عليه السلام

*قَالَهُ وَ هُوَ يَلِي غُسْلَ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله وَ تَجْهِيزَهُ.*

بِأَبِي أَنْتَ وَ أُمِّي يَا رَسُولَ اللَّهِ لَقَدِ انْقَطَعَ بِمَوْتِكَ مَا لَمْ يَنْقَطِعْ بِمَوْتِ غَيْرِكَ مِنَ النُّبُوَّةِ وَ الْإِنْبَاءِ وَ أَخْبَارِ السَّمَاءِ خَصَّصْتَ حَتَّى صِرْتَ مُسَلِّياً عَمَّنْ سِوَاكَ وَ عَمَّمْتَ حَتَّى صَارَ النَّاسُ فِيكَ سَوَاءً وَ لَوْ لَا أَنَّكَ أَمَرْتَ بِالصَّبْرِ وَ نَهَيْتَ عَنِ الْجَزَعِ لَأَنْفَدْنَا عَلَيْكَ مَاءَ الشُّئُونِ وَ لَكَانَ الدَّاءُ مُمَاطِلًا وَ الْكَمَدُ مُحَالِفاً وَ قَلَّا لَكَ وَ لَكِنَّهُ مَا لَا يُمْلَكُ رَدُّهُ وَ لَا يُسْتَطَاعُ دَفْعُهُ بِأَبِي أَنْتَ وَ أُمِّي اذْكُرْنَا عِنْدَ رَبِّكَ وَ اجْعَلْنَا مِنْ بَالِكَ.

## ٢٣٦ـ و من كلام له عليه السلام

*اقتص فيه ذكر ما كان منه بعد هجرة النبي صلى الله عليه وآله ثم لحاقه به.*

فَجَعَلْتُ أَتْبَعُ مَأْخَذَ رَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله فَأَطَأُ ذِكْرَهُ حَتَّى انْتَهَيْتُ إِلَى الْعَرَجِ.



قال السيد الشريف رحمه الله في كلام طويل: قوله عليه السلام فأطأ ذكره من الكلام الذي رمى به إلى غايتي الإيجاز و الفصاحة، أراد أني كنت أعطى خبره صلى الله عليه وآله من بدء خروجي إلى أن انتهيت إلى هذا الموضع فكنى عن ذلك بهذه الكناية العجيبة.

## ٢٣٥_ امام عليه السلام جو ڪلام، جيڪو پاڻ عليه السلام رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي غسل ۽ ڪفن ڏيڻ وقت فرمايو

منهنجا ماءُ ۽ پيءُ توهان تان قربان ٿين اي الله جا رسول، بيشڪ تنهنجي وصال سان جيڪا نبوت، وحي ۽ آسماني خبرون ڪٽجي ويون اُهي ٻئي ڪنهن جي موت سان نہ ڪٽيون، توهان (غم ڪي اسان سان) مخصوص ڪيو ايستائين جو توهان (هن غم سان) ٻين غمن کان تسلي ڏني، ۽ ڪيس عام بہ ڪيو جو سڀ ماڻهو توهان جي غم ۾ برابر جا شريڪ آهن. ۽ اگر توهان صبر جو حڪم نہ ڏيو ها ۽ روڄ راڙي کان نہ روڪيو ها تہ اسان توهان تي ڳوڙهن جو ذخيرو ختم ڪري ڇڏيون ها، ۽ اسان جو غم هميشہ لاءِ ٿي وڃي ها، ۽ ڏُک دائمي ٿي وڃي ها، ۽ وري بہ اهي ٻئي توهان لاءِ ٿورا هجن ها، پر موت اهو آهي جنهن کي موٽائي نٿو سگهجي ۽ نہ وري انکي ٽاري سگهجي ٿو، منهنجا ماءُ ۽ پيءُ توهان تان قربان ٿين، اسانکي پنهنجي رب وٽ ياد رکجائن ۽ اسانکي پنهنجي ذهن ۾ باقي رکجائن.

## ٢٣٦_ امام عليه السلام جو ڪلام

### جنهن ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي هجرت کانپوءِ پنهنجي ڪيفيت ۽ پوءِ ساڻس وڃي ملڻ کي ذڪر ڪيو آهي.

٥٨٩

بس آءٌ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي واٽ جي پيروي ڪندو رهيس، ۽ سندس ڏس مطابق قدم کڻندو رهيس، تان جو مقامِ عروج تي وڃي پهتس.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام جو هي جملو هڪ ڊگهي ڪلام جو حصو آهي '' فَأَطَأُ ذِكْرَهُ '' سندس اهڙو ڪلام آهي جنهن ۾ انتهائي اختصار ۽ فصاحت جو لحاظ ڪيو ويو آهي، ان مان مراد هي آهي تہ شروعاتي سفر کان وٺي ايستائين جو مان عروج واري مقام تي پهتس مسلسل پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي اطلاع مونکي ملي پئي، امام عليه السلام ان مطلب کي هن عجيب ڪنائي سان بيان ڪيو آهي.

## ٢٣٧ـ و من خطبة له عليه السلام

*في المسارعة إلى العمل.*

فَاعْمَلُوا وَ أَنْتُمْ فِي نَفَسِ الْبَقَاءِ وَ الصُّحُفُ مَنْشُورَةٌ وَ التَّوْبَةُ مَبْسُوطَةٌ وَ الْمُدْبِرُ يُدْعَى وَ الْمُسِيءُ يُرْجَى قَبْلَ أَنْ يَخْمُدَ الْعَمَلُ وَ يَنْقَطِعَ الْمَهَلُ وَ يَنْقَضِيَ الْأَجَلُ وَ يُسَدَّ بَابُ التَّوْبَةِ وَ تَصْعَدَ الْمَلَائِكَةُ فَأَخَذَ امْرُؤٌ مِنْ نَفْسِهِ لِنَفْسِهِ وَ أَخَذَ مِنْ حَيٍّ لِمَيِّتٍ وَ مِنْ فَانٍ لِبَاقٍ وَ مِنْ ذَاهِبٍ لِدَائِمٍ امْرُؤٌ خَافَ اللَّهَ وَ هُوَ مُعَمَّرٌ إِلَى أَجَلِهِ وَ مَنْظُورٌ إِلَى عَمَلِهِ امْرُؤٌ أَلْجَمَ نَفْسَهُ بِلِجَامِهَا وَ زَمَّهَا بِزِمَامِهَا فَأَمْسَكَهَا بِلِجَامِهَا عَنْ مَعَاصِي اللَّهِ وَ قَادَهَا بِزِمَامِهَا إِلَى طَاعَةِ اللَّهِ.

## ٢٣٨ـ و من كلام له عليه السلام

*في شأن الحكمين و ذم أهل الشام.*

جُفَاةٌ طَغَامٌ وَ عَبِيدٌ أَقْزَامٌ جُمِعُوا مِنْ كُلِّ أَوْبٍ وَ تُلُقِّطُوا مِنْ كُلِّ شَوْبٍ مِمَّنْ يَنْبَغِي أَنْ يُفَقَّهَ وَ يُؤَدَّبَ وَ يُعَلَّمَ وَ يُدَرَّبَ وَ يُوَلَّى عَلَيْهِ وَ يُؤْخَذَ عَلَى يَدَيْهِ لَيْسُوا مِنَ الْمُهَاجِرِينَ وَ الْأَنْصَارِ وَ لَا مِنَ الَّذِينَ تَبَوَّؤُا الدَّارَ وَ الْإِيمانَ أَلَا وَ إِنَّ الْقَوْمَ اخْتَارُوا لِأَنْفُسِهِمْ أَقْرَبَ الْقَوْمِ مِمَّا تُحِبُّونَ وَ إِنَّكُمُ اخْتَرْتُمْ لِأَنْفُسِكُمْ أَقْرَبَ الْقَوْمِ مِمَّا تَكْرَهُونَ وَ إِنَّمَا عَهْدُكُمْ بِعَبْدِ اللَّهِ بْنِ قَيْسٍ بِالْأَمْسِ يَقُولُ إِنَّهَا فِتْنَةٌ فَقَطِّعُوا أَوْتَارَكُمْ وَ شِيمُوا سُيُوفَكُمْ فَإِنْ كَانَ صَادِقاً فَقَدْ أَخْطَأَ بِمَسِيرِهِ غَيْرَ مُسْتَكْرَهٍ وَ إِنْ كَانَ كَاذِباً فَقَدْ لَزِمَتْهُ التُّهَمَةُ فَادْفَعُوا فِي صَدْرِ عَمْرِو بْنِ الْعَاصِ بِعَبْدِ اللَّهِ بْنِ الْعَبَّاسِ وَ خُذُوا مَهَلَ الْأَيَّامِ وَ حُوطُوا قَوَاصِيَ الْإِسْلَامِ أَ لَا تَرَوْنَ إِلَى بِلَادِكُمْ تُغْزَى وَ إِلَى صَفَاتِكُمْ تُرْمَى.

## ٢٣٧_ امام عليه السلام جو خطبو، جيڪو عمل ڏانهن جلدي ڪرڻ بابت آهي

بس عمل انجام ڏيو، جڏهن ته توهان زندگيءَ جي ڪشادگيءَ ۾ آهيو، ۽ اعمال نامه کليل آهن، ۽ توبہ جو دروازو کليل آهي، ۽ (الله کان) پُٺي ڏيڻ واري کي سڏيو وڃي ٿو، ۽ ڏوهاريءَ کي اميد ڏياري وڃي ٿي، ان کان پهريائين جو عمل رڪجي وڃي، ۽ مهلت ختم ٿي وڃي، ۽ ڏينهن پورا ٿي وڃن، ۽ توبہ جو دروازو بند ڪيو وڃي ۽ ملائڪ مٿي هليا وڃن. بس ماڻهوءَ کي گهرجي ته پاڻ کان پنهنجي لاءِ، ۽ جيئري کان مئل لاءِ، ۽ فنا کان بقا لاءِ، ۽ ويندڙ کان هميشہ رهندڙ لاءِ فائدو حاصل ڪري. ماڻهوءَ کي گهرجي ته الله کان ڊڄي، جڏهن ته انکي سندس موت تائين عمر عطا ڪئي وئي آهي، ۽ سندس عمل لاءِ مهلت ڏني وئي آهي. ماڻهو کي گهرجي ته پنهنجي نفس کي سندس لغام سان قابو ڪري، ۽ انکي سندس واڳ سان هلائي. پوءِ هو نفس کي سندس لغام ذريعي الله جي نافرمانين کان روڪي، ۽ سندس واڳ سان الله جي اطاعت ڏانهن هلائي.

## ٢٣٨_ امام عليه السلام جو ڪلام، حڪمين جي باري ۾ ۽ شامين جي مذمت بابت.

اُهي اهڙا ڪِريل ستمگر، ۽ نيچ غلام قسم جا ماڻهو آهن جيڪي اوسي پاسي کان گڏ ڪيا ويا آهن ۽ جيڪي هتان هُتان هاڙهي ڦر ڳَنا ڪيا ويا آهن. جن لاءِ اهو مناسب آهي ته کين سمجهايو، ۽ با ادب بڻايو وڃي، ۽ سيکاريو ۽ عمل ڪرايو وڃي، ۽ مٿن نگران رکيو وڃي، ۽ کين هٿن کان وٺي هلايو وڃي، نہ اُهي مهاجرن منجهان آهن، ۽ نہ انصارن منجهان، ۽ نہ انهن منجهان آهن جيڪي مومن بڻجي مديني پاڪ ۾ اچي رهي پيا. آگاهہ رهو ته شامين پنهنجي لاءِ اهڙي ماڻهو کي چونڊيو آهي جيڪو سندن پسنديده مقصد لاءِ گهڻو ويجهو آهي. ۽ توهان پنهنجي لا اهڙي ماڻهو کي چونڊيو آهي جيڪو توهان جي ناپسنديده ڪم جي وڌيڪ ويجهو آهي. بس توهان کي عبدالله بن قيس (ابوموسيٰ اشعريءَ) جي باري ۾ معلوم آهي جيڪو ڪالهہ ائين چوي پيو ته ”اها جنگ فتنو آهي توهان پنهنجي ڪمانن جون ڏوريون ڪٽي ڇڏيو، ۽ پنهنجون تلوارون مياڻين ۾ وجهي ڇڏيو“ اگر هو ان ڳالهہ ۾ سچو آهي ته پوءِ بغير مجبوريءَ جي (اسان سان) جنگ تي هلڻ ۾ غلطي ڪئي آهي، ۽ اگر هو ڪوڙو آهي ته لازمي هن تهمت هنئي آهي. بس عبدالله بن عباس کي عمرو بن عاص جي مُنهن ۾ هڻو، ۽ وقت جي مهلت مان فائدو ماڻيو، ۽ اسلام جي سرحدن کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو، ڇا توهان نٿا ڏسو ته توهان جي شهرن تي حملا ڪيا وڃن ٿا، ۽ توهان جي طاقت کي نشانو بڻايو وڃي ٿو.

## ٢٣٩- و من خطبة له عليه السلام

*يذكر فيها آل محمد صلى الله عليه و آله*

هُمْ عَيْشُ الْعِلْمِ وَ مَوْتُ الْجَهْلِ يُخْبِرُكُمْ حِلْمُهُمْ عَنْ عِلْمِهِمْ وَ ظَاهِرُهُمْ عَنْ بَاطِنِهِمْ وَ صَمْتُهُمْ عَنْ حِكَمِ مَنْطِقِهِمْ لَا يُخَالِفُونَ الْحَقَّ وَ لَا يَخْتَلِفُونَ فِيهِ وَ هُمْ دَعَائِمُ الْإِسْلَامِ وَ وَلَائِجُ الِاعْتِصَامِ بِهِمْ عَادَ الْحَقُّ إِلَى نِصَابِهِ وَ انْزَاحَ الْبَاطِلُ عَنْ مُقَامِهِ وَ انْقَطَعَ لِسَانُهُ عَنْ مَنْبِتِهِ عَقَلُوا الدِّينَ عَقْلَ وِعَايَةٍ وَ رِعَايَةٍ لَا عَقْلَ سَمَاعٍ وَ رِوَايَةٍ فَإِنَّ رُوَاةَ الْعِلْمِ كَثِيرٌ وَ رُعَاتَهُ قَلِيلٌ.

## ٢٤٠- و من كلام له عليه السلام

*قاله لعبد الله بن العباس و قد جاءه برسالة من عثمان و هو محصور يسأله فيها الخروج إلى ماله بينبع، ليقل هتف الناس باسمه للخلافة، بعد أن كان سأله مثل ذلك من قبل، فقال عليه السلام:* يَا ابْنَ عَبَّاسٍ مَا يُرِيدُ عُثْمَانُ إِلَّا أَنْ يَجْعَلَنِي جَمَلًا نَاضِحاً بِالْغَرْبِ أَقْبِلْ وَ أَدْبِرْ بَعَثَ إِلَيَّ أَنْ أَخْرُجَ ثُمَّ بَعَثَ إِلَيَّ أَنْ أَقْدُمَ ثُمَّ هُوَ الْآنَ يَبْعَثُ إِلَيَّ أَنْ أَخْرُجَ وَ اللَّهِ لَقَدْ دَفَعْتُ عَنْهُ حَتَّى خَشِيتُ أَنْ أَكُونَ آثِما.



## ٢٤١- و من كلام له عليه السلام

*يحث به أصحابه على الجهاد.*

وَ اللَّهُ مُسْتَأْدِيكُمْ شُكْرَهُ وَ مُوَرِّثُكُمْ أَمْرَهُ وَ مُمْهِلُكُمْ فِي مِضْمَارٍ مَحْدُودٍ لِتَتَنَازَعُوا سَبَقَهُ فَشُدُّوا عُقَدَ الْمَآزِرِ وَ اطْوُوا فُضُولَ الْخَوَاصِرِ لَا تَجْتَمِعُ عَزِيمَةٌ وَ وَلِيمَةٌ مَا أَنْقَضَ النَّوْمَ لِعَزَائِمِ الْيَوْمِ وَ أَمْحَى الظُّلَمَ لِتَذَاكِيرِ الْهِمَمِ.

و صلى الله على سيدنا محمد النبي الأمي، و على آله مصابيح الدجى و العروة الوثقى، وسلم تسليما كثيرا.

## ٢٣٩_ امام عليه السلام جو خطبو، جنهن ۾ امام عليه السلام آل محمد عليهم السلام جو ذڪر ڪيو آهي

اُهي علم جي زندگي ۽ جهالت جو موت آهن، انهن جو حِلم سندن علم جو، ۽ انهن جو ظاهر سندن باطن جو، ۽ انهن جي خاموشي سندن ڏاهپ وارين ڳالهين جو ڏس ڏئي ٿي، اُهي نہ حق جي مخالفت ڪن ٿا، ۽ نہ وري ان ۾ اختلاف رکن ٿا. اُهي اسلام جا بنياد، ۽ بچاءَ جون پناهگاهون آهن، ۽ انهن جي ذريعي ئي حق پنهنجي اصل ڏانهن موٽيو، ۽ باطل پنهنجي جاءِ کان ختم ٿيو، ۽ انجي زبان پاڙ کان ڪٽجي وئي. انهن دين کي چڱيءَ طرح سمجهيو ۽ سانديو، رڳو ٻڌو ٻڌايو نہ آهي. انڪري تہ بيشڪ علم جي روايت ڪرڻ وارا گهڻا آهن پر ان جي سنڀال ڪرڻ وارا گهٽ آهن.

## ٢٤٠_ امام عليه السلام جو ڪلام

**جيڪو پاڻ عليه السلام عبدالله بن عباس کي ان وقت فرمايو جڏهن هو وٽس عثمان جو خط کڻي آيو ۽ هو محاصري ۾ هو، جنهن ۾ هن امام عليه السلام کان ڪيس ينبع جي مقام ۾ پنهنجي ملڪيت ڏانهن وڃڻ جي گهُر ڪئي تہ جيئن ماڻهن جو خلافت لاءِ امام عليه السلام جي نالي کڻڻ بابت آواز گهٽ ٿئي، هو امام عليه السلام کان اهڙي گهُر پهريائين بہ ڪري چڪو هو تہ پوءِ امام عليه السلام فرمايو:**

اي ابن عباس عثمانُ تہ مونکي رڳو ہوڪي ڇڪڻ وارو اُٺ بڻائڻ چاهي ٿو، تہ اچ وڃ ڪر، هن مون ڏي نياپو موڪليو تہ آءٌ (مديني کان) نڪري وڃان، پوءِ وري مون ڏي نياپو موڪليائين تہ آءٌ موٽي اچان، پوءِ هاڻ وري مون ڏي نياپو موڪليو اٿس تہ آءٌ (مديني کان) ٻاهر نڪري وڃان. الله جو قسم مون ان جو دفاع ڪيو، ايستائين جو هاڻي آءٌ ڊڄان ٿو تہ متان ڏوهاري ٿيان.



## ٢٤١_ امام عليه السلام جو ڪلام، جنهن جي ذريعي پنهنجي اصحاب کي جهاد تي اڀاريندا هئا

الله تعالىٰ توهان کان پنهنجي شڪريي جي ادائيگيءَ جو طلبگار آهي، ۽ هن توهان کي پنهنجي امر جو وارث بڻايو آهي، ۽ هن توهان کي تياري واري محدود ميدان ۾ مهلت ڏئي ڇڏي آهي، تہ جيئن ان جي انعام حاصل ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي سان رِيس ڪريو، بس سندرن جون ڳنڍيون زور سان ٻڌو، ۽ اضافي پلَوَن کي ورن ۾ وجهو. عزم ۽ لذتن جي خواهش گڏ نٿا ٿي سگهن. ۽ رات جي ننڊ ڏينهن جي ارادن کي ڪيڏو نہ گهٽائيندڙ آهي. ۽ اونداهيون ارادن جي يادگيرن کي ڪيڏو نہ مِٽائيندڙ آهن. ۽ الله جي رحمت هجي اسانجي سردار نبي امي محمد صلى الله عليه وآله وسلم تي ۽ سندس آل تي جيڪي روشن ڏيئا ۽ مضبوط رسي آهن، ۽ مٿن گهڻا گهڻا سلام هجن.

# رسائل أمير المؤمنين عليه‌السلام

باب المختار من كتب مولانا أميرالمؤمنين علي عليه‌السلام، و رسائله إلى أعدائه و أمراء بلاده، و يدخل في ذلك ما اختير من عهوده إلى عماله، و وصاياه لأهله و أصحابه.

# اميرالمؤمنين عليه السلام جا خط

حضرت امام اميرالمؤمنين عليه السلام جي چوندڊ خطن، ۽ پنهنجي دشمنن ۽ مختلف شهرن جي والين ڏانهن لکيل خطن جو باب، ۽ هن ۾ پنهنجي عملدارن ڏانهن موڪليل چوندڊ دستاويزَ ۽ پنهنجي ڪٽنب ۽ اصحاب کي ڪيل وصيتون بہ داخل آهن.

## ١ــ و من كتاب له عليه السلام

*إلى أهل الكوفة عند مسيره من المدينة إلى البصرة.*

مِنْ عَبْدِ اللَّهِ عَلِيٍّ أَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ إِلَى أَهْلِ الْكُوفَةِ جَبْهَةِ الْأَنْصَارِ وَ سَنَامِ الْعَرَبِ.

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنِّي أُخْبِرُكُمْ عَنْ أَمْرِ عُثْمَانَ حَتَّى يَكُونَ سَمْعُهُ كَعِيَانِهِ إِنَّ النَّاسَ طَعَنُوا عَلَيْهِ فَكُنْتُ رَجُلًا مِنَ الْمُهَاجِرِينَ أُكْثِرُ اسْتِعْتَابَهُ وَ أُقِلُّ عِتَابَهُ وَ كَانَ طَلْحَةُ وَ الزُّبَيْرُ أَهْوَنُ سَيْرِهِمَا فِيهِ الْوَجِيفُ وَ أَرْفَقُ حِدَائِهِمَا الْعَنِيفُ.

وَ كَانَ مِنْ عَائِشَةَ فِيهِ فَلْتَةُ غَضَبٍ فَأُتِيحَ لَهُ قَوْمٌ فَقَتَلُوهُ وَ بَايَعَنِي النَّاسُ غَيْرَ مُسْتَكْرَهِينَ وَ لَا مُجْبَرِينَ بَلْ طَائِعِينَ مُخَيَّرِينَ وَ اعْلَمُوا أَنَّ دَارَ الْهِجْرَةِ قَدْ قَلَعَتْ بِأَهْلِهَا وَ قَلَعُوا بِهَا وَ جَاشَتْ جَيْشَ الْمِرْجَلِ وَ قَامَتِ الْفِتْنَةُ عَلَى الْقُطْبِ فَأَسْرِعُوا إِلَى أَمِيرِكُمْ وَ بَادِرُوا جِهَادَ عَدُوِّكُمْ إِنْ شَاءَ اللَّهُ عَزَّ وَ جَل.



## ٢ــ و من كتاب له عليه السلام

*إليهم بعد فتح البصرة.*

وَ جَزَاكُمُ اللَّهُ مِنْ أَهْلِ مِصْرٍ عَنْ أَهْلِ بَيْتِ نَبِيِّكُمْ أَحْسَنَ مَا يَجْزِي الْعَامِلِينَ بِطَاعَتِهِ وَ الشَّاكِرِينَ لِنِعْمَتِهِ فَقَدْ سَمِعْتُمْ وَ أَطَعْتُمْ وَ دُعِيتُمْ فَأَجَبْتُم.

## ١_ امام عليه السلام جو خط. مديني کان بصره ڏانهن سفر وقت کوفي وارن ڏانهن

**الله جي ٻانهي علي اميرالمؤمنين (عليه السلام) جي طرفان کوفي وارن ڏانهن جيکي ٽاهوڪا مددگار ۽ عربن جا نامور آهن.**

اما بعد: بيشڪ آءٌ توهان کي عثمان واري مسئلي بابت ائين ٻڌايان ٿو جو ان جو ٻڌڻ ڄڻ ان جي ڏسڻ وانگر آهي. بيشڪ ماڻهن ان تي اعتراض ڪيا، پوءِ مهاجرن منجهان آءٌ اهو هيس جو ڪوشش ڪندو هيس ته ان جي مرضي جي مطابق ڳالهه ٿئي، ۽ ان کان ملامت گهٽائيندو هيس. ۽ طلحه ۽ زبير جي ان جي باري ۾ هلڪي هلت به تِکي هوندي هئي، ۽ سندن نرم ٻول به سخت هوندا هئا.

۽ عائشه کي به مٿس سخت چڙ هوندي هئي، پوءِ ڪجھ ماڻهن موقعو ڏسي کيس قتل ڪري ڇڏيو، ۽ ماڻهن منهنجر بيعت مجبوري ۽ سختي کان بغير رضا خوشي ۽ پنهنجي اختيار سان ڪئي.

۽ اهو ڄاڻو ته هاڻ هجرت جي گهر پنهنجي رهڻ وارن کي لڏائي ڇڏيو آهي، ۽ اُهي به اتان لڏي ويا آهن، ۽ هو ديڳ وانگر اُبري رهيو آهي، ۽ فتنو ڪِير سان قائم ٿي پيو آهي، بس الله تعالىٰ جي مشيئت سان پنهنجي امير ڏانهن جلدي نڪرو، ۽ پنهنجي دشمن سان جهاد لاءِ تڪڙ ڪريو.



## ٢_ امام عليه السلام جو خط. بصري کي فتح ڪرڻ کانپوءِ کوفي وارن ڏانهن

الله تعالىٰ (کوفي جي) شهر وارن کي توهان جي نبي جي اهل بيت عليهم السلام طرفان ان کان وڌيڪ ڀلي جزا عطا فرمائي جيڪا هو پنهنجي اطاعت مطابق عمل ڪندڙن کي ۽ پنهنجي نعمت جو شڪر ڪندڙن کي جزا عطا ڪندو آهي.

بيشڪ توهان ٻڌو ۽ اطاعت ڪئي، ۽ توهان کي سڏيو ويو ۽ توهان جيءَ چيو.

## ٣-و من كتاب له عليه السلام

*لشريح بن الحارث قاضيه.*

وَ رُوِيَ أَنَّ شُرَيْحَ بْنَ الْحَارِثِ قَاضِيَ أَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ عليه السلام اشْتَرَى عَلَى عَهْدِهِ دَاراً بِثَمَانِينَ دِينَاراً فَبَلَغَهُ ذَلِكَ فَاسْتَدْعَى شُرَيْحاً وَ قَالَ لَهُ بَلَغَنِي أَنَّكَ ابْتَعْتَ دَاراً بِثَمَانِينَ دِينَاراً وَ كَتَبْتَ لَهَا كِتَاباً وَ أَشْهَدْتَ فِيهِ شُهُوداً فَقَالَ لَهُ شُرَيْحٌ قَدْ كَانَ ذَلِكَ يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ قَالَ فَنَظَرَ إِلَيْهِ نَظَرَ الْمُغْضَبِ ثُمَّ قَالَ لَهُ يَا شُرَيْحُ أَمَا إِنَّهُ سَيَأْتِيكَ مَنْ لَا يَنْظُرُ فِي كِتَابِكَ وَ لَا يَسْأَلُكَ عَنْ بَيِّنَتِكَ حَتَّى يُخْرِجَكَ مِنْهَا شَاخِصاً وَ يُسْلِمَكَ إِلَى قَبْرِكَ خَالِصاً فَانْظُرْ يَا شُرَيْحُ لَا تَكُونُ ابْتَعْتَ هَذِهِ الدَّارَ مِنْ غَيْرِ مَالِكَ أَوْ نَقَدْتَ الثَّمَنَ مِنْ غَيْرِ حَلَالِكَ فَإِذَا أَنْتَ قَدْ خَسِرْتَ دَارَ الدُّنْيَا وَ دَارَ الْآخِرَةِ. أَمَا إِنَّكَ لَوْ كُنْتَ أَتَيْتَنِي عِنْدَ شِرَائِكَ مَا اشْتَرَيْتَ لَكَتَبْتُ لَكَ كِتَاباً عَلَى هَذِهِ النُّسْخَةِ فَلَمْ تَرْغَبْ فِي شِرَاءِ هَذِهِ الدَّارِ بِدِرْهَمٍ فَمَا فَوْقُ.

*وَ النُّسْخَةُ هَذِهِ:* هَذَا مَا اشْتَرَى عَبْدٌ ذَلِيلٌ مِنْ مَيِّتٍ قَدْ أُزْعِجَ لِلرَّحِيلِ اشْتَرَى مِنْهُ دَاراً مِنْ دَارِ الْغُرُورِ مِنْ جَانِبِ الْفَانِينَ وَ خِطَّةِ الْهَالِكِينَ وَ تَجْمَعُ هَذِهِ الدَّارَ حُدُودٌ أَرْبَعَةٌ الْحَدُّ الْأَوَّلُ يَنْتَهِي إِلَى دَوَاعِي الْآفَاتِ وَ الْحَدُّ الثَّانِي يَنْتَهِي إِلَى دَوَاعِي الْمُصِيبَاتِ وَ الْحَدُّ الثَّالِثُ يَنْتَهِي إِلَى الْهَوَى الْمُرْدِي وَ الْحَدُّ الرَّابِعُ يَنْتَهِي إِلَى الشَّيْطَانِ الْمُغْوِي وَ فِيهِ يُشْرَعُ بَابُ هَذِهِ الدَّارِ اشْتَرَى هَذَا الْمُغْتَرُّ بِالْأَمَلِ مِنْ هَذَا الْمُزْعَجِ بِالْأَجَلِ هَذِهِ الدَّارَ بِالْخُرُوجِ مِنْ عِزِّ الْقَنَاعَةِ وَ الدُّخُولِ فِي ذُلِّ الطَّلَبِ وَ الضَّرَاعَةِ

### ٣_ امام عليه السلام جو خط، جيڪو سندس قاضي، شريح بن حارث ڏانهن (لکيو ويو)

۽ روايت ڪئي وئي آهي تہ اميرالمؤمنين عليه السلام جي قاضي، شريح بن حارث سندن حڪومت ۾ اسي دينارن ۾ هڪ گهر خريد ڪيو، پوءِ اها خبر جڏهن امام عليه السلام تائين پهتي تہ پاڻ عليه السلام شريح کي گهرايو ۽ انکي فرمايو: مونکي خبر پئي آهي تہ تو اَسي دينارن ۾ هڪ گهر خريد ڪيو آهي، ۽ ان جي لکت بہ ڪئي اٿئي، ۽ ان بابت تو گواهن کي بہ مقرر ڪيو آهي. پوءِ شريح امام عليه السلام کي عرض ڪيو، ها اميرالمؤمنين ايئن ٿيو آهي، راوي چيو: پوءِ امام عليه السلام ان ڏانهن ڪاوڙيل شخص جي نگاهہ جيان ڏٺو پوءِ کيس فرمايو: اي شريح ياد رک تہ عنقريب تو وٽ اهو ايندو جيڪو تنهنجي لکت کي نہ ڏسندو، ۽ نہ وري توکان گواهن بابت پڇندو تان جو تو کي ان گهر مان ڪڍي پري ڪري ڇڏيندو، ۽ تو کي اڪيلو ڪري تنهنجي قبر جي حوالي ڪندو. اي شريح ڏس تہ تو هن گهر کي ڪنهن ٻئي جي مال سان تہ خريد ناهي ڪيو، يا انهيءَ ۾ حرام پئسا تہ خرچ نہ ڪيا اٿئي. اگر ايئن آهي تہ تو دنيا ۽ آخرت جي گهر جو خسارو ڪنيو آهي. ياد رک تہ اگر تو ان جي خريد ڪرڻ وقت جيڪو تو خريد ڪيو آهي مون وٽ اچين ها تہ آءٌ تنهنجي لاءِ هن دستاويز تي اهڙي لکت لکان ها جو تون هن گهر کي وڏيڪ ۾ تہ ڇا هڪ درهم ۾ بہ خريد ڪرڻ جي رغبت نہ رکين ها.

**اهو دستاويز هي آهي:** هي اهو (گهر) آهي جنهن کي هڪ حقير ٻانهي، هڪ اهڙي ميت کان خريد ڪيو آهي جنهن کي لڏڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. جنهن کان هن دنياوي گهرن مان هڪ گهر خريد ڪيو آهي، جيڪو فنا ٿيندڙن جي پاسي ۾ ۽ هلاڪ ٿيندڙن جي علائقي ۾ آهي. هن گهر جون چار حدون آهن. پهرين حد آفتن جي سببن تائين پوري ٿئي ٿي. ٻي حد مصيبتن جي سببن تائين پوري ٿئي ٿي، ۽ ٽئين حد هلاڪ ڪندڙ خواهشن تي ختم ٿئي ٿي، ۽ چوٿين حد ڏوکي باز شيطان تي ختم ٿئي ٿي ۽ انهيءَ ڏانهن ئي هن گهر جو دروازو کلي ٿو. اميدن جي ڏوکي ڪاڌل، اجل جي پريشاني ۾ ورتل کان هي گهر خريد ڪيو ويو آهي. قناعت جي عزت مان نڪرڻ ۽ طلب ۽ ڪريل قسم جي ذلت ۾ داخل ٿيڻ جي بدلي ۾.

فَمَا أَدْرَكَ هَذَا الْمُشْتَرِي فِيمَا اشْتَرَى مِنْهُ مِنْ دَرَكٍ فَعَلَى مُبَلْبِلِ أَجْسَامِ الْمُلُوكِ وَ سَالِبِ نُفُوسِ الْجَبَابِرَةِ وَ مُزِيلِ مُلْكِ الْفَرَاعِنَةِ مِثْلِ كِسْرَى وَ قَيْصَرَ وَ تُبَّعٍ وَ حِمْيَرَ.

وَ مَنْ جَمَعَ الْمَالَ عَلَى الْمَالِ فَأَكْثَرَ وَ مَنْ بَنَى وَ شَيَّدَ وَ زَخْرَفَ وَ نَجَّدَ وَ ادَّخَرَ وَ اعْتَقَدَ وَ نَظَرَ بِزَعْمِهِ لِلْوَلَدِ إِشْخَاصُهُمْ جَمِيعاً إِلَى مَوْقِفِ الْعَرْضِ وَ الْحِسَابِ وَ مَوْضِعِ الثَّوَابِ وَ الْعِقَابِ إِذَا وَقَعَ الْأَمْرُ بِفَصْلِ الْقَضَاءِ وَ خَسِرَ هُنالِكَ الْمُبْطِلُونَ شَهِدَ عَلَى ذَلِكَ الْعَقْلُ إِذَا خَرَجَ مِنْ أَسْرِ الْهَوَى وَ سَلِمَ مِنْ عَلَائِقِ الدُّنْيَا.

## ٤ـ و من كتاب له عليه‌السلام

*إلى بعض أمراء جيشه.*

فَإِنْ عَادُوا إِلَى ظِلِّ الطَّاعَةِ فَذَاكَ الَّذِي نُحِبُّ وَ إِنْ تَوَافَتِ الْأُمُورُ بِالْقَوْمِ إِلَى الشِّقَاقِ وَ الْعِصْيَانِ فَانْهَدْ بِمَنْ أَطَاعَكَ إِلَى مَنْ عَصَاكَ وَ اسْتَغْنِ بِمَنِ انْقَادَ مَعَكَ عَمَّنْ تَقَاعَسَ عَنْكَ فَإِنَّ الْمُتَكَارِهَ مَغِيبُهُ خَيْرٌ مِنْ مَشْهَدِهِ وَ قُعُودُهُ أَغْنَى مِنْ نُهُوضِهِ.



## ٥ـ و من كتاب له عليه‌السلام

*إلى أشعث بن قيس عامل أذربيجان.*

وَ إِنَّ عَمَلَكَ لَيْسَ لَكَ بِطُعْمَةٍ وَ لَكِنَّهُ فِي عُنُقِكَ أَمَانَةٌ وَ أَنْتَ مُسْتَرْعًى لِمَنْ فَوْقَكَ لَيْسَ لَكَ أَنْ تَفْتَاتَ فِي رَعِيَّةٍ وَ لَا تُخَاطِرَ إِلَّا بِوَثِيقَةٍ وَ فِي يَدَيْكَ مَالٌ مِنْ مَالِ اللَّهِ عَزَّ وَ جَلَّ وَ أَنْتَ مِنْ خُزَّانِهِ حَتَّى تُسَلِّمَهُ إِلَيَّ وَ لَعَلِّي أَلَّا أَكُونَ شَرَّ وُلَاتِكَ لَكَ وَ السَّلَامُ.

بس هن خريدار خريد ڪيل شيءِ مان جيڪو بہ نقصان ڪنيو تہ اُهو ان ذات جي ذميواري آهي جيڪو بادشاهن جي جسمن کي ڳارڻ وارو، ۽ جابرن جي ساھ ڪڍڻ وارو، ۽ ظالم بادشاهن جهڙوڪ ڪسريٰ، قيصر، تبع ۽ حمير[1] جون بادشاهيون فنا ڪرڻ وارو.

۽ جنهن مال مٿان مال گڏ ڪري گهڻو ڪيو، ۽ جنهن مضبوط، سون سان سينگاريل محل جوڙيا، ۽ مال ذخيرو ڪيو ۽ ان تي ئي ڀروسو ڪيو. ۽ پنهنجي گمان ۾ پنهنجي اولاد لاءِ سمجهيو، تن کي نابود ڪرڻ وارو آهي. تہ اهو انهن سيني کي حساب ۽ ڪتاب، ۽ جزا ۽ سزا واري هنڌ گڏ ڪري، ۽ جڏهن اُتي حقيقي قضاوت سان فيصلو ٿيندو، تہ اُتي اهل باطل خساري وارا هوندا. پوءِ اُهو عقل جڏهن خواهش جي قيد کان آزاد ۽ دنياوي رابطن کان محفوظ هوندو هن (دستاويز) تي گواهي ڏيندو.

## ۴_ امام عليہ السلام جو خط، پنهنجي لشڪر جي ڪجھ سردارن ڏانهن

اگر هو اطاعت جي ڇانو ڏانهن موٽي اچن تہ اسان بہ اهو چاهيون ٿا. پر جي انهن ماڻهن جا مسئلا مخالفت ۽ نافرمانيءَ تي اچي گڏ ٿين تہ پوءِ پنهنجي فرمانبردارن سان پنهنجي نافرمانن تي ڪاھ ڪر، ۽ جيڪو تنهنجي پيروي ڪري تہ ان ذريعي ان کان بي نياز ٿي وڃ جيڪو تو کي پُٺي ڏئي. ڇا ڪاڻ تہ مجبور ڪيل ماڻهو جو نہ هجڻ ان جي هجڻ کان ڀلو آهي. ۽ ان جو ويهڻ ان جي اٿڻ کان وڌيڪ فائديمند آهي.

## ۵_ امام عليہ السلام جو خط، آذربائجان جي عامل اشعث بن قيس ڏانهن

۽ بيشڪ عهدو تنهنجي لاءِ گِرهہ نہ آهي، بلڪ تنهنجي ڳچيءَ ۾ امانت آهي، ۽ تون پاڻ کان مٿانهين واري جي نگرانيءَ ۾ آهين. ۽ تو کي اهو حق ڪونهي تہ رعيت ۾ جيڪو وڻئي سو ڪرين. ۽ وڏن ڪمن ۾ هٿ نہ وجھہ سواءِ مضبوط دليل جي، ۽ تنهنجي هٿ ۾ الله عزوجل جي مال منجهان ڪجھ مال آهي، ۽ تون ان جو محافظ آهين تان جو انکي منهنجي حوالي ڪرين. ۽ شايد آءٌ تنهنجي لاءِ ڏنگن حڪمرانن مان نہ هجان. والسلام

---

[1]: يمن جو بادشاھ.

## ٦ـ و من كتاب له عليه‌السلام

*إلى معاوية.*

إِنَّهُ بَايَعَنِي الْقَوْمُ الَّذِينَ بَايَعُوا أَبَا بَكْرٍ وَ عُمَرَ وَ عُثْمَانَ عَلَى مَا بَايَعُوهُمْ عَلَيْهِ فَلَمْ يَكُنْ لِلشَّاهِدِ أَنْ يَخْتَارَ وَ لَا لِلْغَائِبِ أَنْ يَرُدَّ وَ إِنَّمَا الشُّورَى لِلْمُهَاجِرِينَ وَ الْأَنْصَارِ فَإِنِ اجْتَمَعُوا عَلَى رَجُلٍ وَ سَمَّوْهُ إِمَاماً كَانَ ذَلِكَ لِلَّهِ رِضًا فَإِنْ خَرَجَ عَنْ أَمْرِهِمْ خَارِجٌ بِطَعْنٍ أَوْ بِدْعَةٍ رَدُّوهُ إِلَى مَا خَرَجَ مِنْهُ فَإِنْ أَبَى قَاتَلُوهُ عَلَى اتِّبَاعِهِ غَيْرَ سَبِيلِ الْمُؤْمِنِينَ وَ وَلَّاهُ اللَّهُ مَا تَوَلَّى وَ لَعَمْرِي يَا مُعَاوِيَةُ لَئِنْ نَظَرْتَ بِعَقْلِكَ دُونَ هَوَاكَ لَتَجِدَنِّي أَبْرَأَ النَّاسِ مِنْ دَمِ عُثْمَانَ وَ لَتَعْلَمَنَّ أَنِّي كُنْتُ فِي عُزْلَةٍ عَنْهُ إِلَّا أَنْ تَتَجَنَّى فَتَجَنَّ مَا بَدَا لَكَ وَ السَّلَام.

## ٧ـ و من كتاب له عليه‌السلام



*إليه أيضا.*

أَمَّا بَعْدُ فَقَدْ أَتَتْنِي مِنْكَ مَوْعِظَةٌ مُوَصَّلَةٌ وَ رِسَالَةٌ مُحَبَّرَةٌ نَمَّقْتَهَا بِضَلَالِكَ وَ أَمْضَيْتَهَا بِسُوءِ رَأْيِكَ وَ كِتَابُ امْرِئٍ لَيْسَ لَهُ بَصَرٌ يَهْدِيهِ وَ لَا قَائِدٌ يُرْشِدُهُ قَدْ دَعَاهُ الْهَوَى فَأَجَابَهُ وَ قَادَهُ الضَّلَالُ فَاتَّبَعَهُ فَهَجَرَ لَاغِطاً وَ ضَلَّ خَابِطاً.

وَ مِنْهُ: لِأَنَّهَا بَيْعَةٌ وَاحِدَةٌ لَا يُثَنَّى فِيهَا النَّظَرُ وَ لَا يُسْتَأْنَفُ فِيهَا الْخِيَارُ الْخَارِجُ مِنْهَا طَاعِنٌ وَ الْمُرَوِّي فِيهَا مُدَاهِن.

## ٦_ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن

هِنن ماڻهن منهنجي بہ انهن اصولن تي بيعت ڪئي آهي جن تي انهن ابوبڪر، عمر ۽ عثمان جي بيعت ڪئي هئي، جو نہ ڪنهن حاضر ڪي نظر ثاني جو حق هيو، ۽ نہ ڪنهن غائب کي رد ڪرڻ جو اختيار هيو، ۽ شوريٰ تہ رڳو مهاجرن ۽ انصارن تي مشتمل هوندي آهي. بس جيڪڏهن اُهي ڪنهن هڪ ماڻهو تي اتفاق ڪن ۽ انکي اڳواڻ چون تہ ان ۾ الله جي رضايت آهي، بس جيڪڏهن ڪو نڪرڻ وارو اعتراض يا بدعت ڪندي سندن فيصلي کان نڪري وڃي تہ اهي کيس ان ڏانهن موٽائيندا جتان هو نڪتو هو. ۽ اگر هو انڪار ڪري تہ اهي ساڻس جنگ ڪندا جو هو مؤمنن جي راهہ کان علاوه جي اتباع ڪري ٿو، ۽ الله تعاليٰ بہ کيس اوڏانهن ڦيري ڇڏيندو جيڏانهن هو ڦريو هو. اي معاويہ مونکي پنهنجي زندگيءَ جو قسم آهي تہ اگر تون پنهنجي هوس کان پري ٿي پنهنجي عقل سان ڏسندين تہ مونکي ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ عثمان جي خون کان بري پائيندين، ۽ تون پڪ سان ڄاڻندين تہ آءٌ ان کان پري هيس، سواءِ ان جي جو تون تهمت هڻين ۽ جيڪا شيءِ تنهنجي لاءِ ظاهر ٿي آهي انکي لڪائين. والسلام

## ٧_ امام عليه السلام جو خط، ان ڏانهن ئي

اما بعد: بتحقيق مون تائين تنهنجي بي ٽُڪي جوڙيل نصيحت، ۽ سنوريل خط پهتو آهي، جنهن کي تو پنهنجي گمراهيءَ سان سينگاريو آهي ۽ پنهنجي بد نيتيءَ سان موڪليو آهي، ۽ اهو اهڙي ماڻهوءَ جو خط آهي جنهن وٽ ديد ناهي جيڪا کيس رهنمائي ڪري، ۽ نہ ڪو اڳواڻ آهي جيڪو کيس هدايت ڪري، نفساني خواهشن جنهن کي سڏيو تہ هن جيءُ چيو، ۽ گمراهيءَ ان جي اڳواٽي ڪئي تہ هن ان جي اتباع ڪئي، پوءِ هو اجايو وڦلڻ لڳو، ۽ وائڙو ٿي گمراهہ ٿيو.

### خط جو ئي حصو

ڇا ڪاڻ تہ بيعت هڪ ڀيري ٿيندي آهي، ان ۾ نظرِ ثاني جي گنجائش نہ هوندي آهي، ۽ نہ وري ان ۾ ٻيهر چونڊ ٿيندي آهي، ان کان نڪرڻ وارو اعتراض ڪندڙ، ۽ ان ۾ غور ۽ فڪر جو ٻهانو ڪندڙ منافق هوندو آهي.

## ٨ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه‌السلام

*إلى جرير بن عبد الله البجلي لما أرسله إلى معاوية.*

أَمَّا بَعْدُ فَإِذَا أَتَاكَ كِتَابِي فَاحْمِلْ مُعَاوِيَةَ عَلَى الْفَصْلِ وَ خُذْهُ بِالْأَمْرِ الْجَزْمِ ثُمَّ خَيِّرْهُ بَيْنَ حَرْبٍ مُجْلِيَةٍ أَوْ سِلْمٍ مُخْزِيَةٍ فَإِنِ اخْتَارَ الْحَرْبَ فَانْبِذْ إِلَيْهِ وَ إِنِ اخْتَارَ السِّلْمَ فَخُذْ بَيْعَتَهُ وَ السَّلَام.

## ٩ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه‌السلام

*إلى معاوية.*

فَأَرَادَ قَوْمُنَا قَتْلَ نَبِيِّنَا وَ اجْتِيَاحَ أَصْلِنَا وَ هَمُّوا بِنَا الْهُمُومَ وَ فَعَلُوا بِنَا الْأَفَاعِيلَ وَ مَنَعُونَا الْعَذْبَ وَ أَحْلَسُونَا الْخَوْفَ وَ اضْطَرُّونَا إِلَى جَبَلٍ وَعْرٍ وَ أَوْقَدُوا لَنَا نَارَ الْحَرْبِ فَعَزَمَ اللَّهُ لَنَا عَلَى الذَّبِّ عَنْ حَوْزَتِهِ وَ الرَّمْيِ مِنْ وَرَاءِ حُرْمَتِهِ.



مُؤْمِنُنَا يَبْغِي بِذَلِكَ الْأَجْرَ وَ كَافِرُنَا يُحَامِي عَنِ الْأَصْلِ وَ مَنْ أَسْلَمَ مِنْ قُرَيْشٍ خِلْوٌ مِمَّا نَحْنُ فِيهِ بِحِلْفٍ يَمْنَعُهُ أَوْ عَشِيرَةٍ تَقُومُ دُونَهُ فَهُوَ مِنَ الْقَتْلِ بِمَكَانِ أَمْنٍ وَ كَانَ رَسُولُ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله إِذَا احْمَرَّ الْبَأْسُ وَ أَحْجَمَ النَّاسُ قَدَّمَ أَهْلَ بَيْتِهِ فَوَقَى بِهِمْ أَصْحَابَهُ حَرَّ السُّيُوفِ وَ الْأَسِنَّةِ فَقُتِلَ عُبَيْدَةُ بْنُ الْحَارِثِ يَوْمَ بَدْرٍ وَ قُتِلَ حَمْزَةُ يَوْمَ أُحُدٍ وَ قُتِلَ جَعْفَرٌ يَوْمَ مُؤْتَةَ وَ أَرَادَ مَنْ لَوْ شِئْتُ ذَكَرْتُ اسْمَهُ مِثْلَ الَّذِي أَرَادُوا مِنَ الشَّهَادَةِ وَ لَكِنَّ آجَالَهُمْ عُجِّلَتْ وَ مَنِيَّتَهُ أُجِّلَتْ.

## ٨_ امام عليه السلام جو خط، جرير بن عبدالله بجلي ڏانهن

### جڏهن امام عليه السلام کيس معاويي ڏانهن موڪليو.

اما بعد: جڏهن تو وٽ منهنجو خط پهچي ته معاويي کي قطعي فيصلي تي بيهار، ۽ پڪ وٺي، پوءِ کيس دربدر ڪندڙ جنگ، يا رسوا ڪندڙ صلح جو اختيار ڏي. پوءِ اگر هو جنگ کي اختيار ڪري ته ساڻس اعلانِ جنگ ڪر، ۽ اگر هو ٺاهه کي اختيار ڪري ته انکان بيعت وٺ. والسلام.

## ٩_ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن

اسان جي قوم (قريش) اسان جي نبي کي قتل ڪرڻ ۽ اسان جي پاڙ پٽڻ جو ارادو ڪيو، ۽ اسانکي ڏُک ڏيڻ جو پڪو پهه ڪيو، ۽ اسان سان ناروا سلوڪ رکيو، ۽ اسان کان سُک کي روڪي ڇڏيو، ۽ اسانکي خوف ۾ مبتلا ڪيو، ۽ اسانکي ڏکيي جبل ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو، ۽ اسان جي لاءِ جنگ جي باهه ڀڙڪائي، پر الله تعالیٰ اسان کان چاهيو ته سندس دين جو دفاع ۽ سندس حرمت جي حفاظت ڪريون.

اسانجا مومن ان جي بدلي ۾ اجر کي چاهيندا هئا، ۽ اسانجا ڪافر خاندان جي ڪري دفاع ڪندا هئا. قريش مان جن اسلام قبول ڪيو هو اُهي ان کان راحت ۾ هئا جنهن ۾ اسان هئاسين هڪ عهد جي ڪري جنهن کين بچايو، يا ان قبيلي جي ڪري جيڪو سندن حفاظت لاءِ اٿي بيٺو. بس اُهي قتل ٿيڻ کان امن واري هنڌ ۾ هئا. ۽ جڏهن جنگ سخت ٿيندي هئي ۽ ماڻهو پوئتي هٽندا هئا ته پاڻ ڪريم صلی الله عليه وآله وسلم پنهنجي خاندان وارن کي اڳتي ڪندا هئا. ۽ سندن ذريعي پنهنجي اصحاب کي تلوارن ۽ نيزن جي سختين کان بچائيندا هئا. جو جنگ بدر ۾ عبيده بن حارث کي شهيد ڪيو ويو، ۽ جنگ احد ۾ حمزه کي شهيد ڪيو ويو، ۽ جنگ موته ۾ جعفر کي شهيد ڪيو ويو. ۽ هڪ ٻئي ماڻهو جي چاهيان ته انجو نالو ڪڍان به انهن جي شهادت واري ارادي جهڙو ارادو ڪيو پر سندن موتَ کي جلدي ڪرائي وئي. ۽ هن جي موت کي پوئتي ڪيو ويو.

فَيَا عَجَباً لِلدَّهْرِ إِذْ صِرْتُ يُقْرَنُ بِي مَنْ لَمْ يَسْعَ بِقَدَمِي وَ لَمْ تَكُنْ لَهُ كَسَابِقَتِي الَّتِي لَا يُدْلِي أَحَدٌ بِمِثْلِهَا إِلَّا أَنْ يَدَّعِيَ مُدَّعٍ مَا لَا أَعْرِفُهُ وَ لَا أَظُنُّ اللَّهَ يَعْرِفُهُ وَ الْحَمْدُ لِلَّهِ عَلَى كُلِّ حَالٍ وَ أَمَّا مَا سَأَلْتَ مِنْ دَفْعِ قَتَلَةِ عُثْمَانَ إِلَيْكَ فَإِنِّي نَظَرْتُ فِي هَذَا الْأَمْرِ فَلَمْ أَرَهُ يَسَعُنِي دَفْعُهُمْ إِلَيْكَ وَ لَا إِلَى غَيْرِكَ وَ لَعَمْرِي لَئِنْ لَمْ تَنْزِعْ عَنْ غَيِّكَ وَ شِقَاقِكَ لَتَعْرِفَنَّهُمْ عَنْ قَلِيلٍ يَطْلُبُونَكَ لَا يُكَلِّفُونَكَ طَلَبَهُمْ فِي بَرٍّ وَ لَا بَحْرٍ وَ لَا جَبَلٍ وَ لَا سَهْلٍ إِلَّا أَنَّهُ طَلَبٌ يَسُوءُكَ وِجْدَانُهُ وَ زَوْرٌ لَا يَسُرُّكَ لُقْيَانُهُ وَ السَّلَامُ لِأَهْلِهِ.

## ١٠ــ وَمِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إليه أيضا.*

وَ كَيْفَ أَنْتَ صَانِعٌ إِذَا تَكَشَّفَتْ عَنْكَ جَلَابِيبُ مَا أَنْتَ فِيهِ مِنْ دُنْيَا قَدْ تَبَهَّجَتْ بِزِينَتِهَا وَ خَدَعَتْ بِلَذَّتِهَا دَعَتْكَ فَأَجَبْتَهَا وَ قَادَتْكَ فَاتَّبَعْتَهَا وَ أَمَرَتْكَ فَأَطَعْتَهَا وَ إِنَّهُ يُوشِكُ أَنْ يَقِفَكَ وَاقِفٌ عَلَى مَا لَا يُنْجِيكَ مِنْهُ مِجَنٌّ.



فَاقْعَسْ عَنْ هَذَا الْأَمْرِ وَ خُذْ أُهْبَةَ الْحِسَابِ وَ شَمِّرْ لِمَا قَدْ نَزَلَ بِكَ وَ لَا تُمَكِّنِ الْغُوَاةَ مِنْ سَمْعِكَ وَ إِلَّا تَفْعَلْ أُعْلِمْكَ مَا أَغْفَلْتَ مِنْ نَفْسِكَ فَإِنَّكَ مُتْرَفٌ قَدْ أَخَذَ الشَّيْطَانُ مِنْكَ مَأْخَذَهُ وَ بَلَغَ فِيكَ أَمَلَهُ وَ جَرَى مِنْكَ مَجْرَى الرُّوحِ وَ الدَّمِ.

وَ مَتَى كُنْتُمْ يَا مُعَاوِيَةُ سَاسَةَ الرَّعِيَّةِ وَ وُلَاةَ أَمْرِ الْأُمَّةِ بِغَيْرِ

قَدَمٍ سَابِقٍ وَ لَا شَرَفٍ بَاسِقٍ وَ نَعُوذُ بِاللَّهِ مِنْ لُزُومِ سَوَابِقِ الشَّقَاءِ

تعجب آهي زماني تي جو مون کي ان سان ملايو وڃي ٿو جنهن منهنجي قدم کڻڻ جهڙي ڪوشش نه ڪئي آهي، ۽ نه وري منهنجي انهن ڪارنامن وانگر هن جو ڪو ڪارنامو آهي، جن جو ڪو به مثال پيش نٿو ڪري سگهي، سواءِ ان جي جو ڪو دعويٰ ڪرڻ وارو اها دعويٰ ڪري جنهن کي آءٌ نه ڄاڻندو هجان. ۽ نه وري آءٌ اهو گمان ڪريان ٿو ته الله انکي ڄاڻندو هجي. هر حال ۾ ساراهه الله لاءِ آهي. ۽ باقي جيڪو تو اهو سوال ڪيو آهي ته عثمان جي قاتلن کي تنهنجي حوالي ڪريان ته آءٌ ان باري ۾ غور ڪيو پر انهن کي تنهنجي يا توکان علاوه ٻئي ڪنهن جي حوالي ڪرڻ جي گنجائش نه ڏٺم. مونکي پنهنجي زندگيءَ جو قسم آهي ته اگر تون پنهنجي گمراهيءَ ۽ ڏقيڙ کان نه مڙئين ته عنقريب ضرور تون انهن کي سڃاڻي ويندين جيڪي تو کي ڳولهيندا ٿا وتن. ۽ اُهي تو کي جهنگلن، دريائن، جبلن ۽ ميدانن ۾ پنهنجي ڳولهڻ جي زحمت نه ڏيندا. پر اهو اهڙو مطالبو آهي جنهن جو حاصل ٿيڻ توکي بڇڙو ڪري ڇڏيندو. ۽ اهڙا ملاقاتي هوندا جن جي ملاقات توکي خوش نه ڪندي. ۽ سلام هجي ان تي جيڪو ان جي لائق آهي.

## ١٠_ امام عليه السلام جو خط. معاويي ڏانهن

ان وقت تون ڇا ڪندين جڏهن توکان دنيا جي اُها چادر لهي ويندي جنهن ۾ تون آهين. ۽ دنيا پنهنجي سونهن سان خوش ڪري ٿي، ۽ پنهنجي لذت سان ڌوڪو ڏئي ٿي، هن توکي سڏيو ته تو انکي جيءَ چيو، ۽ هن تنهنجي اڳواڻي ڪئي ته تو ان جي اتباع ڪئي، ۽ هن توکي حڪم ڏنو ته تون ان جي اطاعت ڪئي. ۽ عنقريب بيهارڻ وارو تو کي اهڙي هنڌ بيهاريندو جنهن کان ڪا به ڍال توکي بچائي نه سگهندي. بس حڪومت کي ڇڏي ڏي. ۽ حساب ڪتاب لاءِ تيار ٿيءُ. ۽ جيڪو تو تي نازل ٿيڻو آهي ان لاءِ هوشياري وٺ، ۽ پنهنجي ڪنن کي گمراهه ڪندڙن جي حوالي نه ڪر. اگر تو ائين نه ڪيو ته جنهن شيءِ کان تو پاڻ کي غافل ڪري رکيو آهي اُها توکي چڱيءَ طرح ٻڌائيندس، ڇا ڪاڻ ته تون سرڪش ٿي ويو آهين. ۽ شيطان تو ۾ پنهنجي پڪڙ مضبوط ڪري چڪو آهي. ۽ هو تو ۾ پنهنجي اميد تائين پهچي ويو آهي. ۽ تو ۾ تنهنجي روح، ۽ رت جي رڳن ۾ هلي رهيو آهي. اي معاويه توهان (بني اميه وارا) ڪڏهن کان هن رعيت جا رهنما، ۽ هن امت جا حاڪم ٿيا آهيو؟ بغير ڪنهن سابقه ڪارڪردگيءَ ۽ عالي شرف جي، ۽ اسان الله کان پراڻيءَ بدبختيءَ جي هجڻ کان پناهه گهرون ٿا.

وَ أُحَذِّرُكَ أَنْ تَكُونَ مُتَمَادِياً فِي غِرَّةِ الْأُمْنِيَّةِ مُخْتَلِفَ الْعَلَانِيَةِ وَ السَّرِيرَةِ وَ قَدْ دَعَوْتَ إِلَى الْحَرْبِ فَدَعِ النَّاسَ جَانِباً وَ اخْرُجْ إِلَيَّ وَ أَعْفِ الْفَرِيقَيْنِ مِنَ الْقِتَالِ لِتَعْلَمَ أَيُّنَا الْمَرِينُ عَلَى قَلْبِهِ وَ الْمُغَطَّى عَلَى بَصَرِهِ فَأَنَا أَبُو حَسَنٍ قَاتِلُ جَدِّكَ وَ أَخِيكَ وَ خَالِكَ شَدْخاً يَوْمَ بَدْرٍ وَ ذَلِكَ السَّيْفُ مَعِي وَ بِذَلِكَ الْقَلْبِ أَلْقَى عَدُوِّي مَا اسْتَبْدَلْتُ دِيناً وَ لَا اسْتَحْدَثْتُ نَبِيّاً وَ إِنِّي لَعَلَى الْمِنْهَاجِ الَّذِي تَرَكْتُمُوهُ طَائِعِينَ وَ دَخَلْتُمْ فِيهِ مُكْرَهِينَ وَ زَعَمْتَ أَنَّكَ جِئْتَ ثَائِراً بِدَمِ عُثْمَانَ وَ لَقَدْ عَلِمْتَ حَيْثُ وَقَعَ دَمُ عُثْمَانَ فَاطْلُبْهُ مِنْ هُنَاكَ إِنْ كُنْتَ طَالِباً فَكَأَنِّي قَدْ رَأَيْتُكَ تَضِجُّ مِنَ الْحَرْبِ إِذَا عَضَّتْكَ ضَجِيجَ الْجِمَالِ بِالْأَثْقَالِ وَ كَأَنِّي بِجَمَاعَتِكَ تَدْعُونِي جَزَعاً مِنَ الضَّرْبِ الْمُتَتَابِعِ وَ الْقَضَاءِ الْوَاقِعِ وَ مَصَارِعَ بَعْدَ مَصَارِعَ إِلَى كِتَابِ اللَّهِ وَ هِيَ كَافِرَةٌ جَاحِدَةٌ أَوْ مُبَايِعَةٌ حَائِدَة.

## ١١ـ و من وصية له عليه‌السلام

*وصى بها جيشا بعثه إلى العدو.*



فَإِذَا نَزَلْتُمْ بِعَدُوٍّ أَوْ نَزَلَ بِكُمْ فَلْيَكُنْ مُعَسْكَرُكُمْ فِي قُبُلِ الْأَشْرَافِ أَوْ سِفَاحِ الْجِبَالِ أَوْ أَثْنَاءِ الْأَنْهَارِ كَيْمَا يَكُونَ لَكُمْ رِدْءاً وَ دُونَكُمْ مَرَدّاً وَ لْتَكُنْ مُقَاتَلَتُكُمْ مِنْ وَجْهٍ وَاحِدٍ أَوِ اثْنَيْنِ وَ اجْعَلُوا لَكُمْ رُقَبَاءَ فِي صَيَاصِي الْجِبَالِ وَ مَنَاكِبِ الْهِضَابِ لِئَلَّا يَأْتِيَكُمُ الْعَدُوُّ مِنْ مَكَانِ مَخَافَةٍ أَوْ أَمْنٍ وَ اعْلَمُوا أَنَّ مُقَدِّمَةَ الْقَوْمِ عُيُونُهُمْ وَ عُيُونَ الْمُقَدِّمَةِ طَلَائِعُهُمْ وَ إِيَّاكُمْ وَ التَّفَرُّقَ فَإِذَا نَزَلْتُمْ فَانْزِلُوا جَمِيعاً وَ إِذَا ارْتَحَلْتُمْ فَارْتَحِلُوا جَمِيعاً وَ إِذَا غَشِيَكُمُ اللَّيْلُ فَاجْعَلُوا الرِّمَاحَ كِفَّةً وَ لَا تَذُوقُوا النَّوْمَ إِلَّا غِرَاراً أَوْ مَضْمَضَة.

۽ آءٌ تو کي مسلسل اميدن جي ڏوڪي ۾ پوڻ، ۽ تنهنجي ظاهر ۽ باطن جي مختلف هجڻ کان ڊيڄاريان ٿو. ۽ تو جنگ لاءِ سڏيو آهي، بس ماڻهن کي پاسي تي ڪر، ۽ تون پنهنجي سِر مون ڏانهن نڪري اچ، ۽ پنهنجي لشڪرن کي ويڙهائڻ کان ڇڏي ڏي. تہ جيئن تون ڄاڻي ونين تہ اسان مان ڪنهن جي دل تي ڪَٽ چڙهيل آهي. ۽ ڪنهن جي اکين تي پردو پيل آهي. ها آءٌ اُهو ئي ابوالحسن آهيان جنهن بدر جي ڏينهن تنهنجي ناني، ڀاءُ ۽ مامي کي ٽڪرا ڪري قتل ڪيو آهي. ۽ اُها ساڳي تلوار مون سان ساڻ آهي. ۽ انهيءَ دل سان پنهنجي دشمن تي ڪڙڪندس. مون نہ پنهنجو دين مٽايو آهي، ۽ نہ ڪو نئون نبي اختيار ڪيو آهي. ۽ بيشڪ آءٌ اُن سڌي رستي تي آهيان جنهن کي توهان اختياري حالت ۾ ڇڏي ڏنو، ۽ مجبور ٿي ڪري داخل ٿيا هيؤ. ۽ تون گمان ڪرين ٿو تہ تون عثمان جي خون جو پلاند ونڻ آيو آهين، جڏهن تہ تو کي چڱيءَ ريت معلوم آهي جنهن جي مٿان عثمان جو خون آهي. بس اگر تون واقعي بدلو ونڻ وارو آهين تہ انکان طلب ڪر. ۽ ڄڻ آءٌ توکي ڏسي رهيو آهيان تہ جڏهن جنگ تو کي ڏندن سان چڪيندي تہ تون ان کان ائين رڙندين جيئن اُٺ بار جي ڪري رڙندو آهي. ۽ آءٌ ڏسي رهيو آهيان تہ تنهنجي جماعت هڪ ٻئي مٿان ٿيندڙ حملن ۽ مٿن ڦرندڙ قضا، ۽ هڪ ٻئي مٿان ڪِرڻ کان گهٻرائي ڪري مونکي الله جي ڪتاب ڏانهن سڏيندي، جڏهن تہ اُهي ڄاڻي واڻي حق جو انڪار ڪرڻ وارا، يا بيعت کي ٽوڙڻ وارا آهن.

## ١١_امام عليه السلام جي وصيت

### جيڪا پاڻ ان لشڪر کي ڪيائون جنهن کي دشمن ڏانهن موڪليائون.



بس جڏهن توهان دشمن جي مقابلي لاءِ لهو، يا هو توهان جي مقابلي لاءِ لهي تہ توهان جي ڇانوٽي ڊڙن جي اوٽ، يا جبلن جي پاسي، يا نهرن جي موڙن وٽ هجڻ گهرجي، تہ جيئن توهان لاءِ پناهہ ۽ آڙ ٿين. ۽ توهان جي ويڙهہ هڪ طرف کان هجي يا ٻن طرفن کان هجي، ۽ توهان پنهنجي لاءِ نگهبان کي جبلن جي چوٽين ۽ ڊڙن جي بلندين تي مقرر ڪريو تہ جيئن دشمن خطري توڙي امن واريءَ جاءِ کان توهان وٽ نہ اچي سگهي. ۽ ڄاڻو تہ فوج جو اڳيون دستو سندن مخبر هوندو آهي، ۽ وري انهن جا جاسوس انهن جي اڳيان هوندا آهن.

۽ الڳ الڳ ٿيڻ کان بچو، ۽ جڏهن ڪٿي ترسو تہ سڀ گڏجي ترسو، ۽ جڏهن سفر لاءِ نڪرو تہ سڀ گڏجي نِڪرو، ۽ جڏهن توهان تي رات ڇانئجي وڃي تہ نيزن کي ڇوڌاري ڪوڙي ڇڏيو، ۽ ننڊ جو مزو نہ وٺو سواءِ ٿِڪي ۽ جهوٽن جي.

## ١٢ـ و من وصية له عليه السلام

*وصى بها معقل بن قيس الرياحي حين أنفذه إلى الشام في ثلاثة آلاف مقدمة له.*

اتَّقِ اللَّهَ الَّذِي لَا بُدَّ لَكَ مِنْ لِقَائِهِ وَ لَا مُنْتَهَى لَكَ دُونَهُ وَ لَا تُقَاتِلَنَّ إِلَّا مَنْ قَاتَلَكَ وَ سِرِ الْبَرْدَيْنِ وَ غَوِّرْ بِالنَّاسِ وَ رَفِّهْ فِي السَّيْرِ وَ لَا تَسِرْ أَوَّلَ اللَّيْلِ فَإِنَّ اللَّهَ جَعَلَهُ سَكَناً وَ قَدَّرَهُ مُقَاماً لَا ظَعْناً فَأَرِحْ فِيهِ بَدَنَكَ وَ رَوِّحْ ظَهْرَكَ فَإِذَا وَقَفْتَ حِينَ يَنْبَطِحُ السَّحَرُ أَوْ حِينَ يَنْفَجِرُ الْفَجْرُ فَسِرْ عَلَى بَرَكَةِ اللَّهِ.

فَإِذَا لَقِيتَ الْعَدُوَّ فَقِفْ مِنْ أَصْحَابِكَ وَسَطاً وَ لَا تَدْنُ مِنَ الْقَوْمِ دُنُوَّ مَنْ يُرِيدُ أَنْ يُنْشِبَ الْحَرْبَ. وَ لَا تَبَاعَدْ عَنْهُمْ تَبَاعُدَ مَنْ يَهَابُ الْبَأْسَ حَتَّى يَأْتِيَكَ أَمْرِي وَ لَا يَحْمِلَنَّكُمْ شَنَآنُهُمْ عَلَى قِتَالِهِمْ قَبْلَ دُعَائِهِمْ وَ الْإِعْذَارِ إِلَيْهِم.

## ١٣ـ و من كتاب له عليه السلام



*إلى أميرين من أمراء جيشه.*

وَ قَدْ أَمَّرْتُ عَلَيْكُمَا وَ عَلَى مَنْ فِي حَيِّزِكُمَا مَالِكَ بْنَ الْحَارِثِ الْأَشْتَرَ

فَاسْمَعَا لَهُ وَ أَطِيعَا وَ اجْعَلَاهُ دِرْعاً وَ مِجَنّاً

فَإِنَّهُ مِمَّنْ لَا يُخَافُ وَهْنُهُ وَ لَا سَقْطَتُهُ وَ لَا بُطْؤُهُ عَمَّا الْإِسْرَاعُ إِلَيْهِ

أَحْزَمُ وَ لَا إِسْرَاعُهُ إِلَى مَا الْبُطْءُ عَنْهُ أَمْثَل.

## ١٢_ امام عليه السلام جي، وصيت جيڪا پاڻ معقل بن قيس رياحي کي ان وقت ڪئي

## جڏهن ڪيس ٽن هزار فوجين جي هر اول دستي سان شام ڏانهن روانو ڪيائون.

ان الله کان ڊڄ جنهن وٽ تنهنجو پيش ٿيڻ ضروري آهي، ۽ جنهن کان علاوه تنهنجي لاءِ ڪا آخري منزل ناهي. ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن سان جنگ نہ ڪر سواءِ ان جي جيڪو تو سان جنگ ڪري، ۽ صبح ۽ شام جي ٿڌي پهر ۾ سفر ڪر، ۽ منجهند جو ماڻهن کي آرام ڪراءِ، ۽ سفر ۾ نرمي ڪر، ۽ رات جي پهرين پهر ۾ سفر نہ ڪر، ڇا ڪاڻ تہ الله تعالیٰ انکي راحت ۽ رهڻ جو وقت قرار ڏنو آهي، نہ ڪي سفر ڪرڻ جو، بس ان ۾ پنهنجي بدن کي راحت ۽ پنهنجي سواريءَ کي سڪون ڏي، ۽ جڏهن تون سمجهين تہ باک ڦُٽي آهي يا فجر ٿيڻ واري آهي تہ الله جي آسري تي نِڪري پؤ. پوءِ جڏهن تون دشمن جي سامهون ٿئين تہ پنهنجي ساٿين جي وچ ۾ ٿي بيهہ. ۽ دشمن جي ان ماڻهوءَ جي ويجهو ٿيڻ وانگر ويجهو نہ ٿي جيڪو جنگ کي ڀڙڪائڻ چاهي ٿو، ۽ نہ وري ڪانئن ان ماڻهو جي پري ٿيڻ جيان پري ٿيءُ جيڪو جنگ کان ڊڄندو هجي تان جو تو وٽ منهنجو حڪم اچي. ۽ انهن کي دعوت ڏيڻ ۽ اتمامِ حجت ڪرڻ کان پهريائين انهن جي دشمني تو کي انهن سان جنگ تي نہ اُڀاري.

## ١٣_ امام عليه السلام جو خط، پنهنجي لشڪر جي سردارن منجهان ٻن سردارن ڏانهن

۽ بيشڪ آءٌ توهان ٻنهي تي، ۽ جيڪي توهان جي ما تحت آهن تن تي مالڪ بن حارث اشتر کي امير مقرر ڪيو آهي. بس ان جي ڳالهہ ٻڌو ۽ اطاعت ڪريو، ۽ انکي ڍال ۽ پناهہ قرار ڏيو، ڇا ڪاڻ تہ هو انهن ماڻهن منجهان آهي جنهن بابت ڪمزوري ۽ ڪوتاهي جو ڪو ڊڄ ڪونهي، ۽ نہ وري هو ان ڪم کان سستي ڪندو جنهن ڏانهن جلدي ڪرڻ وڌيڪ محڪم هجي، ۽ نہ وري هو ان ڪم ڏانهن جلدي ڪندو جنهن بابت دير ڪرڻ وڌيڪ بهتر هجي.

## ١٤ـ و من وصية له عليه السلام

*لعسكره قبل لقاء العدو بصفين.*

لَا تُقَاتِلُوهُمْ حَتَّى يَبْدَءُوكُمْ فَإِنَّكُمْ بِحَمْدِ اللَّهِ عَلَى حُجَّةٍ وَ تَرْكُكُمْ إِيَّاهُمْ حَتَّى يَبْدَءُوكُمْ حُجَّةٌ أُخْرَى لَكُمْ عَلَيْهِمْ فَإِذَا كَانَتِ الْهَزِيمَةُ بِإِذْنِ اللَّهِ فَلَا تَقْتُلُوا مُدْبِراً وَ لَا تُصِيبُوا مُعْوِراً وَ لَا تُجْهِزُوا عَلَى جَرِيحٍ وَ لَا تَهِيجُوا النِّسَاءَ بِأَذًى وَ إِنْ شَتَمْنَ أَعْرَاضَكُمْ وَ سَبَبْنَ أُمَرَاءَكُمْ فَإِنَّهُنَّ ضَعِيفَاتُ الْقُوَى وَ الْأَنْفُسِ وَ الْعُقُولِ،

إِنْ كُنَّا لَنُؤْمَرُ بِالْكَفِّ عَنْهُنَّ وَ إِنَّهُنَّ لَمُشْرِكَاتٌ وَ إِنْ كَانَ الرَّجُلُ لَيَتَنَاوَلُ الْمَرْأَةَ فِي الْجَاهِلِيَّةِ بِالْفَهْرِ أَوِ الْهِرَاوَةِ فَيُعَيَّرُ بِهَا وَ عَقِبُهُ مِنْ بَعْدِهِ.

## ١٥ـ و من دعاء له عليه السلام

*كان عليه السلام يقول إذا لقي العدو محاربا.*



اللَّهُمَّ إِلَيْكَ أَفْضَتِ الْقُلُوبُ وَ مُدَّتِ الْأَعْنَاقُ وَ شَخَصَتِ الْأَبْصَارُ وَ نُقِلَتِ الْأَقْدَامُ وَ أُنْضِيَتِ الْأَبْدَانُ اللَّهُمَّ قَدْ صَرَّحَ مَكْنُونُ الشَّنَآنِ وَ جَاشَتْ مَرَاجِلُ الْأَضْغَانِ

اللَّهُمَّ إِنَّا نَشْكُو إِلَيْكَ غَيْبَةَ نَبِيِّنَا وَ كَثْرَةَ عَدُوِّنَا وَ تَشَتُّتَ أَهْوَائِنَا

﴿رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنا وَ بَيْنَ قَوْمِنا بِالْحَقِّ وَ أَنْتَ خَيْرُ الْفاتِحِينَ[١]﴾.

---

١: الاعراف: الآية: ٨٩.

## ١٤_ امام عليه السلام جي وصيت

**پنهنجي لشڪر کي صفين ۾ دشمن سان دوبدو ٿيڻ کان پهريائين.**

انهن سان ايستائين جنگ نہ ڪريو جيستائين هو شروعات نہ ڪن، ڇا ڪاڻ تہ الحمد لله توهان حجت تي آهيو، ۽ توهان جو انهن کي ڇڏي ڏيڻ تان جو هو شروعات ڪن اهو توهان طرفان انهن مٿان ٻي حجت آهي. الله تعالىٰ جي حڪم سان جڏهن انهن کي شڪست ٿئي تہ پُٺي ڏيڻ واري کي قتل نہ ڪريو، ۽ نہ وري ڪنهن معذور تي وجي ٽُٽو، ۽ نہ وري ڪنهن زخميءَ کي ماري ڇڏيو، ۽ نہ وري عورتن کي ايذاء سان اپاريو جيتوڻيڪ اهي توهان جي ناموس کي گاريون ڏين، ۽ توهان جي اميرن کي گهٽ وڌ ڳالهائين، ڇاڪاڻ تہ اهي طاقت، جان، ۽ عقل جي اعتبار کان ڪمزور آهن.

اسان (پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي زماني ۾) انهن کي تڪليف نہ ڏيڻ تي مامور هئاسين، جيتوڻيڪ اهي مشرڪياڻيون هيون، ۽ زمانہ جاهليت ۾ اگر ڪو مرد ڪنهن عورت کي ننديو پٿر، يا لٺ هڻندو هو تہ ان جي لاءِ عيب هوندو هو، ۽ پوين لاءِ بدناميءَ جو سبب ٿيندو هو.

## ١٥_ امام عليه السلام جي دعا

**جڏهن امام عليه السلام ڪنهن دشمن سان جنگ لاءِ دوبدو ٿيندا هئا تہ هي دعا پڙهندا هئا.**



اي الله تو ڏانهن ئي دليون پهتل آهن، ۽ ڪِچيون وڌيل آهن، ۽ اکيون کُتل آهن، ۽ وِڪون کنيل آهن، ۽ جسم هيٺا ٿيل آهن. اي الله بيشڪ لڪيل دشمني ظاهر ٿي آهي، ۽ ڪِيني جون ديڳيون اُبري پيون آهن.

اي الله اسان تو کي پنهنجي نبي صلي الله عليه وآله وسلم جي برقعي مٿائڻ، دشمنن جي گهڻي هجڻ، ۽ خواهشن جي مختلف ٿيڻ جي دانهن ڏيون ٿا. ”اي اسان جا پالڻهار اسان جي ۽ اسان جي قوم جي درميان برحق فيصلو ڪر ۽ تون بهترين فيصلو ڪرڻ وارو آهين“[1].

---

١: الاعراف: آيت: ٨٩.

## ١٦ـ وَ كانَ يَقُولُ عليه السلام

*لأصحابه عند الحرب.*

لَا تَشْتَدَّنَّ عَلَيْكُمْ فَرَّةٌ بَعْدَهَا كَرَّةٌ وَ لَا جَوْلَةٌ بَعْدَهَا حَمْلَةٌ وَ أَعْطُوا السُّيُوفَ حُقُوقَهَا وَ وَطِّئُوا لِلْجُنُوبِ مَصَارِعَهَا وَ اذْمُرُوا أَنْفُسَكُمْ عَلَى الطَّعْنِ الدَّعْسِيِّ وَ الضَّرْبِ الطِّلَحْفِيِّ وَ أَمِيتُوا الْأَصْوَاتَ فَإِنَّهُ أَطْرَدُ لِلْفَشَلِ فَوَ الَّذِي فَلَقَ الْحَبَّةَ وَ بَرَأَ النَّسَمَةَ مَا أَسْلَمُوا وَ لَكِنِ اسْتَسْلَمُوا وَ أَسَرُّوا الْكُفْرَ فَلَمَّا وَجَدُوا أَعْوَاناً عَلَيْهِ أَظْهَرُوه.

## ١٧ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى معاوية جوابا عن كتاب منه إليه.*

وَ أَمَّا طَلَبُكَ إِلَيَّ الشَّامَ فَإِنِّي لَمْ أَكُنْ لِأُعْطِيَكَ الْيَوْمَ مَا مَنَعْتُكَ أَمْسِ وَ أَمَّا قَوْلُكَ إِنَّ الْحَرْبَ قَدْ أَكَلَتِ الْعَرَبَ إِلَّا حُشَاشَاتِ أَنْفُسٍ بَقِيَتْ أَلَا وَ مَنْ أَكَلَهُ الْحَقُّ فَإِلَى الْجَنَّةِ وَ مَنْ أَكَلَهُ الْبَاطِلُ فَإِلَى النَّارِ وَ أَمَّا اسْتِوَاؤُنَا فِي الْحَرْبِ وَ الرِّجَالِ فَلَسْتَ بِأَمْضَى عَلَى الشَّكِّ مِنِّي عَلَى الْيَقِينِ. وَ لَيْسَ أَهْلُ الشَّامِ بِأَحْرَصَ عَلَى الدُّنْيَا مِنْ أَهْلِ الْعِرَاقِ عَلَى الْآخِرَةِ وَ أَمَّا قَوْلُكَ إِنَّا بَنُو عَبْدِ مَنَافٍ فَكَذَلِكَ نَحْنُ وَ لَكِنْ لَيْسَ أُمَيَّةُ كَهَاشِمٍ وَ لَا حَرْبٌ كَعَبْدِ الْمُطَّلِبِ وَ لَا أَبُو سُفْيَانَ كَأَبِي طَالِبٍ وَ لَا الْمُهَاجِرُ كَالطَّلِيقِ وَ لَا الصَّرِيحُ كَاللَّصِيقِ وَ لَا الْمُحِقُّ كَالْمُبْطِلِ وَ لَا الْمُؤْمِنُ كَالْمُدْغِلِ. وَ لَبِئْسَ الْخَلْفُ خَلْفٌ يَتْبَعُ سَلَفاً هَوَى فِي نَارِ جَهَنَّمَ وَ فِي أَيْدِينَا بَعْدُ فَضْلُ النُّبُوَّةِ الَّتِي أَذْلَلْنَا بِهَا الْعَزِيزَ وَ نَعَشْنَا بِهَا الذَّلِيلَ وَ لَمَّا أَدْخَلَ اللَّهُ الْعَرَبَ فِي دِينِهِ أَفْوَاجاً وَ أَسْلَمَتْ لَهُ هَذِهِ الْأُمَّةُ طَوْعاً وَ كَرْهاً كُنْتُمْ مِمَّنْ دَخَلَ فِي الدِّينِ إِمَّا رَغْبَةً وَ إِمَّا رَهْبَةً عَلَى حِينَ فَازَ أَهْلُ السَّبْقِ بِسَبْقِهِمْ وَ ذَهَبَ الْمُهَاجِرُونَ الْأَوَّلُونَ بِفَضْلِهِمْ فَلَا تَجْعَلَنَّ لِلشَّيْطَانِ فِيكَ نَصِيباً وَ لَا عَلَى نَفْسِكَ سَبِيلًا وَ السَّلَام.

## ١٦_ پاڻ عليه السلام پنهنجي اصحاب کي جنگ جي وقت فرمائيندا هئا

اهڙو پوئتي ٿيڻ جنهن کانپوءِ اڳتي وڌڻ هجي، ۽ اهڙو ڦيرو جنهن کانپوءِ حملو ڪرڻ هجي توهان کي هرگز ڏکيو نہ لڳي. ۽ تلوارن کي سندن حق ڏيو، ۽ (دشمنن جي) پاسن پَر ڪِرڻ لاءِ ميدان تيار رکو، ۽ زور سان نيزن هڻڻ ۽ ڪڙڪيدار حملن ڪرڻ لاءِ پاڻ کي آماده رکو. ۽ پنهنجي آوازن کي ماري ڇڏيو، ڇا ڪاڻ تہ اهو ناڪاميءَ کي وڌيڪ پري ڪري ٿو. بس مونکي قسم آهي ان ذات جو جنهن داڻي کي ڦُٽايو ۽ مخلوق کي پيدا ڪيو تہ انهن اسلام قبول ئي نہ ڪيو هو پر رڳو پيش اچي پيا هئا، ۽ ڪفر کي لڪائي ڇڏيو هيائون، پوءِ جڏهن انهن انهيءَ تي مددگار پاتا تہ انکي ظاهر ڪيائون.

## ١٧_ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن، ان طرفان وٽس آيل خط جي جواب ۾

ليڪن تنهنجو مونکان شام (جي گورنري) گهرڻ تہ جيڪا شيءِ ڪالهہ آءٌ تو کي نہ ڏني هئي يقيناً اها اڄ توکي نہ ڏيندس، ۽ تنهنجو اهو چوڻ تہ: بيشڪ جنگ عربن کي کائي ڇڏيو آهي سواءِ معمولي ماڻهن جي جيڪي باقي بچيا آهن ياد رک تہ جيڪو حق تي هيو اهو جنت ڏانهن آهي ۽ جيڪو باطل تي هيو اهو جهنم ڏانهن آهي. باقي جنگ ۽ فوجين ۾ اسان ٻنهي جي برابري واري ڳالهہ، ياد رک تہ تون شڪ تي هجڻ ۾ ايترو پختو ناهين جيترو آءٌ يقين تي هجڻ ۾ آهيان، ۽ شام وارا دنيا جا ايترا لالچي نہ آهن، جيترا عراق وارا آخرت جا آهن، ۽ تنهنجو اهو چوڻ تہ اسان عبد مناف جي اولاد آهيون تہ اسان بہ ائين ئي آهيون، پر اميہ هاشم جهڙو نہ آهي، ۽ نہ وري حرب عبدالمطلب جهڙو آهي، ۽ نہ ابوسفيان ابوطالب جهڙو آهي، ۽ نہ مهاجر آزاد ڪيل جهڙو آهي، ۽ نہ نسلو بي نسلي جهڙو آهي، ۽ نہ حق پرست باطل پرست جهڙو آهي، ۽ نہ مومن فساديءَ جهڙو آهي. اهو نسلُ ڪيڏو نہ خراب نسل آهي جيڪو جهنم جي باهہ ۾ ڪرندڙ وڏڙن جي پيروي ڪري ٿو. ۽ اسان وٽ اجان نبوت واري فضيلت آهي جنهن سان اسان طاقتور کي ڪمزور ڪيو، ۽ ڪمزور کي طاقتور بڻايو، ۽ جڏهن الله تعالىٰ عربن کي ٽولن جي صورت ۾ پنهنجي دين ۾ داخل ڪيو، ۽ هن امت چاهيندي ۽ نہ چاهيندي اسلام قبول ڪيو تہ توهان انهن ماڻهن منجهان هئا جيڪي لالچ يا خوف سان دين ۾ داخل ٿيا، جڏهن تہ سبقت وارا پنهنجي سبقت سان ڪامياب ٿي چڪا هئا، ۽ پهريائين مهاجر پنهنجي فضل سان هليا ويا، بس شيطان کي پاڻ ۾ ڀاڱو نہ ڏي، ۽ نہ وري پاڻ مٿان ڪا راهہ هموار ڪر. والسلام.

## ١٨ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى عبد الله بن عباس و هو عامله على البصرة.*

وَ اعْلَمْ أَنَّ الْبَصْرَةَ مَهْبِطُ إِبْلِيسَ وَ مَغْرِسُ الْفِتَنِ فَحَادِثْ أَهْلَهَا بِالْإِحْسَانِ إِلَيْهِمْ وَ احْلُلْ عُقْدَةَ الْخَوْفِ عَنْ قُلُوبِهِمْ وَ قَدْ بَلَغَنِي تَنَمُّرُكَ لِبَنِي تَمِيمٍ وَ غِلْظَتُك عَلَيْهِمْ.

وَ إِنَّ بَنِي تَمِيمٍ لَمْ يَغِبْ لَهُمْ نَجْمٌ إِلَّا طَلَعَ لَهُمْ آخَرُ وَ إِنَّهُمْ لَمْ يُسْبَقُوا بِوَغْمٍ فِي جَاهِلِيَّةٍ وَ لَا إِسْلَامٍ وَ إِنَّ لَهُمْ بِنَا رَحِماً مَاسَّةً وَ قَرَابَةً خَاصَّةً نَحْنُ مَأْجُورُونَ عَلَى صِلَتِهَا وَ مَأْزُورُونَ عَلَى قَطِيعَتِهَا فَارْبَعْ أَبَا الْعَبَّاسِ رَحِمَكَ اللَّهُ فِيمَا جَرَى عَلَى لِسَانِكَ وَ يَدِكَ مِنْ خَيْرٍ وَ شَرٍّ فَإِنَّا شَرِيكَانِ فِي ذَلِكَ وَ كُنْ عِنْدَ صَالِحِ ظَنِّي بِكَ وَ لَا يَفِيلَنَّ رَأْيِي فِيكَ وَ السَّلَامُ.

## ١٩ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى بعض عماله.*

أَمَّا بَعْدُ فَإِنَّ دَهَاقِينَ أَهْلِ بَلَدِكَ شَكَوْا مِنْكَ غِلْظَةً وَ قَسْوَةً وَ احْتِقَاراً وَ جَفْوَةً وَ نَظَرْتُ فَلَمْ أَرَهُمْ أَهْلًا لِأَنْ يُدْنَوْا لِشِرْكِهِمْ وَ لَا أَنْ يُقْصَوْا وَ يُجْفَوْا لِعَهْدِهِمْ



فَالْبَسْ لَهُمْ جِلْبَاباً مِنَ اللِّينِ تَشُوبُهُ بِطَرَفٍ مِنَ الشِّدَّةِ وَ دَاوِلْ لَهُمْ بَيْنَ الْقَسْوَةِ وَ الرَّأْفَةِ وَ امْزُجْ لَهُمْ بَيْنَ التَّقْرِيبِ وَ الْإِدْنَاءِ وَ الْإِبْعَادِ وَ الْإِقْصَاءِ إِنْ شَاءَ اللَّهُ.

## ٢٠ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى زياد ابن أبيه و هو خليفة عامله عبد الله بن عباس على البصرة و عبد الله عامل أمير المؤمنين عليه السلام يومئذ عليها و على كور الأهواز و فارس و كرمان و غيرها.*

## ١٨_ امام عليه السلام جو خط، عبدالله بن عباس ڏانهن جڏهن هو بصري جو گورنر هيو

تون ڄاڻ تہ بيشڪ بصرو ابليس جي لهڻ ۽ فتنن جي اپرڻ جو هنڌ آهي، بس ان جي رهڻ وارن سان سهڻي سلوڪ سان پيش اچ، ۽ سندن دلين مان خوف جي ڳنڍين کي کولي ڇڏ. بيشڪ مونکي تنهنجي بني تميم وارن سان غير اخلاقي سلوڪ سان پيش اچڻ ۽ مٿن ڏمرجي پوڻ جي خبر پئي آهي.

بيشڪ بني تميم جو ڪو بہ ستارو غائب نہ ٿيندو آهي، مگر انهن جو ٻيو اُڀري پوندو آهي. ۽ هي اُهي آهن جن کان زمانہ جاهليت ۽ اسلام ۾ ڪنهن بہ (ماڻهو) جنگ ۾ سبقت ناهي ڪئي، ۽ يقيناً انهن جي اسان سان ويجهي مائٽي ۽ خاص رشتيداري آهي، اسان کي ساڻن مائٽي جوڙڻ تي اجر ملندو ۽ ڪائڻ مائٽي ٽوڙڻ سان گناهہ ٿيندو. بس اي ابوعباس الله تو تي رحمت نازل ڪري تنهنجي زبان ۽ هٿ مان جيڪا چڱائي ۽ مدائي جاري ٿئي ان ۾ نرمي کان ڪم وٺ، چو جو اسان ٻئي ان ذمہ داري ۾ ڀائيوار آهيون آءٌ جيڪو تو کي سمجهان ٿو ان جهڙو نيڪ تي ۽ تو بابت جيڪا منهنجي راءِ آهي اها ڪمزور نہ ٿئي. والسلام.

## ١٩_ امام عليه السلام جو خط، پنهنجي ڪجھ عملدارن ڏانهن

اما بعد: تنهنجي شهر جي وڏيرن تنهنجي سختيءَ، سنگدليءَ، حقارت ۽ ڏاڍائي سان پيش اچڻ جي دانهن ڏني آهي. ۽ مون سوچيو پر انهن کي شرڪ جي عقيدي جي ڪري ان لائق نہ ڀاتو جو ويجها ڪيا وڃن، ۽ نہ وري سندن معاهدي جي ڪري پري ڪيا ۽ ستايا وڃن. بس انهن لاءِ نرميءَ جي اهڙي چادر پاءِ جنهن جي پاسي ۾ سختيءَ جي ملاوٽ هجي، ۽ انهن سان سختيءَ ۽ نرميءَ جي وچولي طريقي سان پيش اچ، ۽ انهن لاءِ الله جي مشيئت سان ويجهڙائپ ۽ گهرائپ، ۽ وٿيرائپ ۽ ڏُورائپ کي ملاءِ.

## ٢٠_ امام عليه السلام جو خط، زياد بن ابيہ ڏانهن

**ڏانهن جڏهن هو سندس گورنر عبدالله بن عباس جو بصري تي نائب هيو، ۽ عبدالله انهن ڏينهنَ ۾ بصري، اهواز، فارس ۽ ڪرمان وغيرهہ جي اطراف تي اميرالمؤمنين عليه السلام جو گورنر هيو.**

وَ إِنِّي أُقْسِمُ بِاللَّهِ قَسَماً صَادِقاً لَئِنْ بَلَغَنِي أَنَّكَ خُنْتَ مِنْ فَيْءِ الْمُسْلِمِينَ شَيْئاً صَغِيراً أَوْ كَبِيراً لَأَشُدَّنَّ عَلَيْكَ شَدَّةً تَدَعُكَ قَلِيلَ الْوَفْرِ ثَقِيلَ الظَّهْرِ ضَئِيلَ الْأَمْرِ، وَ السَّلَامُ.

## ٢١ــ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى زياد أيضا.*

فَدَعِ الْإِسْرَافَ مُقْتَصِداً وَ اذْكُرْ فِي الْيَوْمِ غَداً وَ أَمْسِكْ مِنَ الْمَالِ بِقَدْرِ ضَرُورَتِكَ وَ قَدِّمِ الْفَضْلَ لِيَوْمِ حَاجَتِكَ أَ تَرْجُو أَنْ يُعْطِيَكَ اللَّهُ أَجْرَ الْمُتَوَاضِعِينَ وَ أَنْتَ عِنْدَهُ مِنَ الْمُتَكَبِّرِينَ وَ تَطْمَعُ وَ أَنْتَ مُتَمَرِّغٌ فِي النَّعِيمِ تَمْنَعُهُ الضَّعِيفَ وَ الْأَرْمَلَةَ أَنْ يُوجِبَ لَكَ ثَوَابَ الْمُتَصَدِّقِينَ وَ إِنَّمَا الْمَرْءُ مَجْزِيٌّ بِمَا أَسْلَفَ وَ قَادِمٌ عَلَى مَا قَدَّمَ وَ السَّلَامُ.

## ٢٢ــ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى عبد الله بن العباس رحمه الله تعالى و كان عبد الله يقول:*

*"ما انتفعت بكلام بعد كلام رسول الله صلى الله عليه وآله، كانتفاعي بهذا الكلام"!*



أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّ الْمَرْءَ قَدْ يَسُرُّهُ دَرْكُ مَا لَمْ يَكُنْ لِيَفُوتَهُ وَ يَسُوؤُهُ فَوْتُ مَا لَمْ يَكُنْ لِيُدْرِكَهُ فَلْيَكُنْ سُرُورُكَ بِمَا نِلْتَ مِنْ آخِرَتِكَ

وَ لْيَكُنْ أَسَفُكَ عَلَى مَا فَاتَكَ مِنْهَا وَ مَا نِلْتَ مِنْ دُنْيَاكَ فَلَا تُكْثِرْ بِهِ فَرَحاً

وَ مَا فَاتَكَ مِنْهَا فَلَا تَأْسَ عَلَيْهِ جَزَعاً وَ لْيَكُنْ هَمُّكَ فِيمَا بَعْدَ الْمَوْتِ.

۽ آءٌ الله جو سچو قسم کڻان ٿو تہ جيڪڏهن مونکي خبر پئي تہ تو مسلمانن جي مال ۾ ٿوريءَ يا گهڻيءَ شيءِ ۾ ڪا بہ خيانت ڪئي آهي تہ آءٌ ضرور تو تي اهڙي سختي ڪندس جيڪا تو کي گهٽ مال وارو، ڇڏيءَ ڇيلھ وارو ۽ حقارت وارو بڻائي ڇڏيندي. والسلام

## ٢١_ امام عليہ السلام جو خط، زياد ڏانهن ئي

مياني روي کي اختيار ڪندي فضول خرچيءَ کي ڇڏي ڏي، ۽ اڄوڪي ڏينهن ۾ سڀاڻي کي ياد ڪر، ۽ پنهنجي ضرورت مطابق مال پاڻ وٽ رک، ۽ اضافيءَ کي ضرورت واري ڏينهن لاءِ اڳتي موڪل.

ڇا تون اها اميد رکين ٿو تہ الله تو کي تواضع ڪرڻ وارن جهڙو اجر ڏيندو جڏهن تہ تون وتس وڏائي ڪندڙن منجهان آهين، ۽ تون اها لالچ رکين ٿو تہ هو تو کي خيرات ڪندڙن جو ثواب عطا ڪندو جڏهن تہ تون آسائشن ۾ ليٽيو پيو آهين. ۽ انهن کي تون ڪمزورن ۽ بيوهَن کان روڪين ٿو. ماڻهوءَ کي تہ رڳو پنهنجي ڪئي جي ئي جزا ملندي آهي، ۽ جيڪو هن موڪليو هوندو انکي ئي پائيندو آهي. والسلام

## ٢٢_ امام عليہ السلام جو خط، عبدالله بن عباس رحمہ اللہ ڏانهن

**عبدالله چوندو هو "آءٌ رسول الله صلی اللہ علیہ وآلہ جي ڪلام کانپوءِ ڪنهن بہ ڪلام مان ايترو فائدو ناهي ماڻيو جيترو آءٌ هن ڪلام مان فائدو ماڻيو آهي"!**

اما بعد: ماڻهوءَ کي ڪڏهن اهڙيءَ شيءِ جو ملڻ خوش ڪندو آهي جيڪا وڃڻي ئي نہ هوندي آهي ۽ انکي اهڙيءَ شيءِ جو نہ ملڻ غمگين ڪندو آهي جيڪا ملڻي ئي نہ هوندي آهي.

بس تو کي آخرت جي ملندڙ ثواب تي خوش ٿيڻ گهرجي ۽ ان جي نہ ملڻ تي افسوس ڪرڻ گهرجي، دنيا مان جيڪا شيءِ ملئي ان تي گهڻو خوش نہ ٿي، اگر دنيا مان ڪا شيءِ نہ ملئي تہ بيقرار ٿيندي مايوس نہ ٿي، ۽ تو کي مرڻ کانپوءِ وارين شين جي ڳڻتي ڪرڻ گهرجي.

## ٢٣- و من كلام له عليه السلام

*قاله قبل موته على سبيل الوصية لما ضربه ابن ملجم لعنه الله.*

وَصِيَّتِي لَكُمْ أَلَّا تُشْرِكُوا بِاللَّهِ شَيْئاً وَ مُحَمَّدٌ صلى الله عليه وآله فَلَا تُضَيِّعُوا سُنَّتَهُ أَقِيمُوا هَذَيْنِ الْعَمُودَيْنِ وَ أَوْقِدُوا هَذَيْنِ الْمِصْبَاحَيْنِ وَ خَلَاكُمْ ذَمٌّ أَنَا بِالْأَمْسِ صَاحِبُكُمْ وَ الْيَوْمَ عِبْرَةٌ لَكُمْ وَ غَداً مُفَارِقُكُمْ إِنْ أَبْقَ فَأَنَا وَلِيُّ دَمِي وَ إِنْ أَفْنَ فَالْفَنَاءُ مِيعَادِي وَ إِنْ أَعْفُ فَالْعَفْوُ لِي قُرْبَةٌ وَ هُوَ لَكُمْ حَسَنَةٌ فَاعْفُوا أَ لا تُحِبُّونَ أَنْ يَغْفِرَ اللَّهُ لَكُمْ وَ اللَّهِ مَا فَجَأَنِي مِنَ الْمَوْتِ وَارِدٌ كَرِهْتُهُ وَ لَا طَالِعٌ أَنْكَرْتُهُ وَ مَا كُنْتُ إِلَّا كَقَارِبٍ وَرَدَ وَ طَالِبٍ وَجَدَ ﴿وَ ما عِنْدَ اللَّهِ خَيْرٌ لِلْأَبْرارِ[1]﴾.

قال السيد الشريف رحمه الله أقول: و قد مضى بعض هذا الكلام فيما تقدم من الخطب إلا أن فيه هاهنا زيادة أوجبت تكريره.

## ٢٤- و من وصية له عليه السلام

*بما يعمل في أمواله كتبها بعد منصرفه من صفين.*

هَذَا مَا أَمَرَ بِهِ عَبْدُ اللَّهِ عَلِيُّ بْنُ أَبِي طَالِبٍ أَمِيرُ الْمُؤْمِنِينَ فِي مَالِهِ ابْتِغَاءَ وَجْهِ اللَّهِ لِيُولِجَهُ بِهِ الْجَنَّةَ وَ يُعْطِيَهُ بِهِ الْأَمَنَةَ.

١: آل عمران: الآية: ١٩٨.

## ٢٣_ امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن ابن ملجم ملعون الله جي لعنت هجي امام عليه السلام کي ضرب هڻي ته امام عليه السلام موت کان پهريائين وصيت ڪندي ارشاد فرمايو:

منهنجي توهان کي اها وصيت آهي ته الله سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪريو، ۽ محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي سنت کي ضايع نه ڪريو، ۽ اِنهن ٻنهي ٿنڀن کي قائم رکو، ۽ اِنهن ٻنهي چراغن کي روشن رکو، ته توهان تي ميار نه آهي. آءٌ ڪالهه توهان جو ساٿي هيس ۽ اڄ توهان لاءِ عبرت آهيان، ۽ سڀاڻي توهان کان جدا ٿي ويندس. اگر آءٌ باقي رهيس ته پنهنجي خون جو پاڻ مالڪ آهيان.

۽ اگر آءٌ هليو وڃان ته وڃڻ منهنجي واعدي گاهه آهي، پر جي آءٌ معاف ڪريان ته معافي منهنجي لاءِ قربتِ خدا جو ڪارڻ آهي، ۽ اها توهان لاءِ نيڪي آهي، بس توهان به معاف ڪجوس، ڇا توهان اهو پسند نٿا ڪريو ته الله توهان کي معاف ڪري. الله جو قسم مون تي اچانڪ موت جو اچڻ اهڙو ناهي جنهن کي آءٌ ناپسند ڪريان، ۽ نه وري اهڙو واقعو آهي جنهن جو آءٌ انڪار ڪريان، ۽ آءٌ ته رڳو ان ماڻهوءَ وانگر آهيان جيڪو رات جو پاڻي جي ڳولها ڪري ۽ پهچي وڃي، ۽ ان جستجو ڪندڙ وانگر آهيان جيڪو انڪي ڳولهي لهي. ۽ جيڪو الله وٽ آهي اهو نيڪوڪارن لاءِ وڌيڪ ڀلو آهي.

سيد رضي رضي الله عنه فرمايو: هن ڪلام جو ڪجهه حصو خطبن ۾ گذري چڪو آهي پر هن ۾ هتي ڪجهه اضافو هو جنهن هن کي ٻيهر ذڪر ڪرڻ تي مجبور ڪيو.



## ٢٤_ امام عليه السلام جي، وصيت سندس مال کي استعمال ڪرڻ بابت

**جيڪا سندس مال تي لاڳو ڪيل آهي، جنهن کي پاڻ عليه السلام صفين کان واپس ٿيڻ ڪانپوءِ لکيو هو.**

هي اها وصيت آهي جيڪا الله جي ٻانهي اميرالمؤمنين علي ابن ابي طالب عليه السلام الله تعالىٰ جي خوشنودي کي چاهيندي پنهنجي مال بابت ڪئي آهي ته جيئن الله کيس انهيءَ جي ڪري جنت ۾ داخل ڪري ۽ امن عطا ڪريس.

مِنْهَا:

فَإِنَّهُ يَقُومُ بِذَلِكَ الْحَسَنُ بْنُ عَلِيٍّ يَأْكُلُ مِنْهُ بِالْمَعْرُوفِ وَ يُنْفِقُ مِنْهُ بِالْمَعْرُوفِ فَإِنْ حَدَثَ بِحَسَنٍ حَدَثٌ وَ حُسَيْنٌ حَيٌّ قَامَ بِالْأَمْرِ بَعْدَهُ وَ أَصْدَرَهُ مَصْدَرَهُ وَ إِنَّ لِابْنَيْ فَاطِمَةَ مِنْ صَدَقَةِ عَلِيٍّ مِثْلَ الَّذِي لِبَنِي عَلِيٍّ.

وَ إِنِّي إِنَّمَا جَعَلْتُ الْقِيَامَ بِذَلِكَ إِلَى ابْنَيْ فَاطِمَةَ ابْتِغَاءَ وَجْهِ اللَّهِ وَ قُرْبَةً إِلَى رَسُولِ اللَّهِ ﷺ وَ تَكْرِيماً لِحُرْمَتِهِ وَ تَشْرِيفاً لِوُصْلَتِهِ وَ يَشْتَرِطُ عَلَى الَّذِي يَجْعَلُهُ إِلَيْهِ أَنْ يَتْرُكَ الْمَالَ عَلَى أُصُولِهِ وَ يُنْفِقَ مِنْ ثَمَرِهِ حَيْثُ أُمِرَ بِهِ وَ هُدِيَ لَهُ وَ أَلَّا يَبِيعَ مِنْ أَوْلَادِ نَخِيلِ هَذِهِ الْقُرَى وَدِيَّةً حَتَّى تُشْكِلَ أَرْضُهَا غِرَاساً وَ مَنْ كَانَ مِنْ إِمَائِي اللَّاتِي أَطُوفُ عَلَيْهِنَّ لَهَا وَلَدٌ أَوْ هِيَ حَامِلٌ فَتُمْسَكُ عَلَى وَلَدِهَا وَ هِيَ مِنْ حَظِّهِ فَإِنْ مَاتَ وَلَدُهَا وَ هِيَ حَيَّةٌ فَهِيَ عَتِيقَةٌ قَدْ أَفْرَجَ عَنْهَا الرِّقُّ وَ حَرَّرَهَا الْعِتْقُ.

قال الشريف: قوله عليه السلام في هذه الوصية "و ألا يبيع من نخلها ودية" الودية الفسيلة و جمعها ودي. و قوله عليه السلام "حتى تشكل أرضها غراسا" هو من أفصح الكلام و المراد به أن الأرض يكثر فيها غراس النخل حتى يراها الناظر على غير تلك الصفة التي عرفها بها فيشكل عليه أمرها و يحسبها غيرها.



## ٢٥- و من وصية له عليه السلام

*كان يكتبها لمن يستعمله على الصدقات.*

قال الشريف رحمه الله: و إنما ذكرنا هنا جملا ليعلم بها أنه عليه السلام كان يقيم عماد الحق، و يشرع أمثلة العدل، في صغير الأمور و كبيرها و دقيقها و جليلها.

**انهيءَ منجهان:** بيشڪ ان جي ذميداري حسن بن علي عليه السلام سنڀالي ۽ هو ان مان مناسب مقدار ۾ پاڻ کائي ۽ ان مان باقي نيڪي ۽ ڀلائي ۾ خرچ ڪري. اگر حسن عليه السلام سان ڪو حادثو پيش اچي ۽ حسين عليه السلام زنده هجي ته اهو ان ڪانپوءِ اها ذميداريءَ سنڀالي ۽ هو انڪي ان جي ئي طريقي تي هلائي، ۽ بيشڪ علي عليه السلام جي وقف ڪيل مال ۾ فاطمه عليها السلام جي پُٽن لاءِ به ايترو ئي حق آهي جيترو علي عليه السلام جي باقي پُٽن لاءِ آهي. ۽ جيڪو ان ذميداريءَ کي سنڀالي ان لاءِ اهو شرط آهي ته هو مال کي پنهنجي اصلي حالت تي باقي رکي، ۽ ان جي ميوي کي اتي خرچ ڪري جتي کيس حڪم ڏنو ويو آهي، ۽ جنهن لاءِ رهنمائي ڪئي وئي آهي. ۽ اهو ته هو انهن ڳوٺن جي ڪجين جي ٻچن کي نه وڪڻي تان جو انهن جي زمين وڻڪار سان ڀرجي وڃي. باقي منهنجي ڪنيزن کي جن سان آءٌ اٺان ويهان ٿو ٻار هجي يا ڳورهاري هجي ته انکي ٻار جي ڪري روڪيو ويندو، ۽ اها ان جي حصي مان هوندي. اگر ان جو ٻار مري وڃي ۽ اها پاڻ زنده هجي ته اها آزاد آهي، ان جي غلامي ختم ٿي ويندي ۽ انکي آزادي حاصل ٿي ويندي.

سيد رضي رضي الله عنه فرمايو: هن وصيت ۾ امام عليه السلام جو هي قول ”و ألا يبيع من نخلها ودية“ ۾ ”ودية“ ڪجور جي ننڍي وڻ کي چئبو آهي ۽ ان جي جمع ”وِدِي“ آهي. ۽ امام عليه السلام جو هي قول ”حتى تشكل أرضها غراسا“ ”تان جو انهن جي زمين وڻڪار سان ڀرجي وڃي“ هي تمام فصيح ڪلام آهي، ان مان مراد آهي ته جنهن زمين تي ڪجين جا وڻ گهٽائي سان ڦُٽندا ته ڏسڻ وارو هنڪي جنهن صورت ۾ ڀهريائين ڏنو هو هاڻ ٻي صورت ۾ ڏسڻ جي ڪري ڀلجندو ۽ انکي ٻي زمين سمجهندو.



## ٢٥_امام عليه السلام جي وصيت

**جيڪا پاڻ ان لاءِ لکندا هئا جنهن کي زڪوات گڏ ڪرڻ لاءِ عامل مقرر ڪندا هئا.**

سيد رضي رضي الله عنه فرمايو: اسان هتي ڪجھ جملا انکري ذڪر ڪيا آهن ته جيئن انهن جي ذريعي معلوم ٿئي ته پاڻ عليه السلام حق جا ٿنڀا قائم ڪندا هئا، ۽ ننڍي وڏي ۽ لڪيل ۽ ظاهر ڪم ۾ عدالت جا مثال قائم ڪندا هئا.

انْطَلِقْ عَلَى تَقْوَى اللَّهِ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ وَ لَا تُرَوِّعَنَّ مُسْلِماً وَ لَا تَجْتَازَنَّ عَلَيْهِ كَارِهاً وَ لَا تَأْخُذَنَّ مِنْهُ أَكْثَرَ مِنْ حَقِّ اللَّهِ فِي مَالِهِ فَإِذَا قَدِمْتَ عَلَى الْحَيِّ فَانْزِلْ بِمَائِهِمْ مِنْ غَيْرِ أَنْ تُخَالِطَ أَبْيَاتَهُمْ ثُمَّ امْضِ إِلَيْهِمْ بِالسَّكِينَةِ وَ الْوَقَارِ حَتَّى تَقُومَ بَيْنَهُمْ فَتُسَلِّمَ عَلَيْهِمْ وَ لَا تُخْدِجْ بِالتَّحِيَّةِ لَهُمْ ثُمَّ تَقُولَ عِبَادَ اللَّهِ أَرْسَلَنِي إِلَيْكُمْ وَلِيُّ اللَّهِ وَ خَلِيفَتُهُ لِآخُذَ مِنْكُمْ حَقَّ اللَّهِ فِي أَمْوَالِكُمْ فَهَلْ لِلَّهِ فِي أَمْوَالِكُمْ مِنْ حَقٍّ فَتُؤَدُّوهُ إِلَى وَلِيِّهِ

فَإِنْ قَالَ قَائِلٌ لَا فَلَا تُرَاجِعْهُ وَ إِنْ أَنْعَمَ لَكَ مُنْعِمٌ فَانْطَلِقْ مَعَهُ مِنْ غَيْرِ أَنْ تُخِيفَهُ أَوْ تُوعِدَهُ أَوْ تَعْسِفَهُ أَوْ تُرْهِقَهُ فَخُذْ مَا أَعْطَاكَ مِنْ ذَهَبٍ أَوْ فِضَّةٍ فَإِنْ كَانَ لَهُ مَاشِيَةٌ أَوْ إِبِلٌ فَلَا تَدْخُلْهَا إِلَّا بِإِذْنِهِ فَإِنَّ أَكْثَرَهَا لَهُ فَإِذَا أَتَيْتَهَا فَلَا تَدْخُلْ عَلَيْهَا دُخُولَ مُتَسَلِّطٍ عَلَيْهِ وَ لَا عَنِيفٍ بِهِ وَ لَا تُنَفِّرَنَّ بَهِيمَةً وَ لَا تُفْزِعَنَّهَا وَ لَا تَسُوأَنَّ صَاحِبَهَا فِيهَا.

وَ اصْدَعِ الْمَالَ صَدْعَيْنِ ثُمَّ خَيِّرْهُ فَإِذَا اخْتَارَ فَلَا تَعْرِضَنَّ لِمَا اخْتَارَهُ ثُمَّ اصْدَعِ الْبَاقِيَ صَدْعَيْنِ ثُمَّ خَيِّرْهُ فَإِذَا اخْتَارَ فَلَا تَعْرِضَنَّ لِمَا اخْتَارَهُ فَلَا تَزَالُ كَذَلِكَ حَتَّى يَبْقَى مَا فِيهِ وَفَاءٌ لِحَقِّ اللَّهِ فِي مَالِهِ فَاقْبِضْ حَقَّ اللَّهِ مِنْهُ فَإِنِ اسْتَقَالَكَ فَأَقِلْهُ ثُمَّ اخْلِطْهُمَا ثُمَّ اصْنَعْ مِثْلَ الَّذِي صَنَعْتَ أَوَّلًا حَتَّى تَأْخُذَ حَقَّ اللَّهِ فِي مَالِهِ.

وَ لَا تَأْخُذَنَّ عَوْداً وَ لَا هَرِمَةً وَ لَا مَكْسُورَةً وَ لَا مَهْلُوسَةً وَ لَا ذَاتَ عَوَارٍ وَ لَا تَأْمَنَنَّ عَلَيْهَا إِلَّا مَنْ تَثِقُ بِدِينِهِ رَافِقاً بِمَالِ الْمُسْلِمِينَ حَتَّى يُوَصِّلَهُ إِلَى وَلِيِّهِمْ فَيَقْسِمَهُ بَيْنَهُمْ وَ لَا تُوَكِّلْ بِهَا إِلَّا نَاصِحاً شَفِيقاً وَ أَمِيناً حَفِيظاً غَيْرَ مُعْنِفٍ وَ لَا مُجْحِفٍ وَ لَا مُلْغِبٍ وَ لَا مُتْعِبٍ،

الله وحده لا شريڪ لہ جي پرهيزگاريءَ ڪي اپنائيندي نڪري پوءِ ۽ ڪنهن بہ مسلمان ڪي هرگز نہ ڊيڄارجائن، ۽ تون ان وٽان اڻ وڻندڙ حالت ۾ نہ گذرجائن، ۽ ان ڪان سندس مال مان الله جي حق ڪان وڌيڪ هرگز نہ وٺجائن. ۽ جڏهن تون ڪنهن علائقي ۾ اچين تہ سندن گهرن ڏانهن نہ وڃ بلڪ انهن جي پاڻي جي ٽاڪن تي وڃي لهجائن، پوءِ سڪون ۽ وقار سان انهن ڏانهن وڃ، تان جو انهن وٽ پهچين ۽ پوءِ مٿن سلام ڪر ۽ انهن سان تواضع سان پيش اچڻ ۾ نہ ڪيٻائجائن، پوءِ تون چئجائن: اي الله جا ٻانهؤ الله جي ولي ۽ انجي خليفي مون ڪي اوهان ڏانهن موڪليو آهي تہ جيئن توهان ڪان اوهان جي مال مان الله جو حق وٺان، ڇا توهان جي مال ۾ الله جو اهو حق آهي جيڪو توهان ان جي ولي ڪي ادا ڪريو. اگر ڪو چوڻ وارو چئي نہ تہ پوءِ وري وٽس نہ وڃجائن، پر جيڪڏهن ڪو ها ڪرڻ وارو تو ڪي ها ڪري تہ ڪيس بنا ڪنهن ڊيڄارڻ ڌمڪائڻ، سختيءَ ۽ زور وجهڻ جي ان سان گڏ هليو وڃجائن، پوءِ هو تو ڪي سون يا چاندي ڏي تہ ڪانئس وٺ، ۽ اگر وٽس ڍڳيون، رڍون ٻڪريون، يا اُٺ هجن تہ سندس اجازت ڪان بغير مال ۾ داخل نہ ٿئجائن ڇا ڪاڻ تہ گهڻو مال ان جو ئي آهي. جڏهن انهن وٽ اچين تہ انهن ڏي قبضو ڪندڙ، ۽ سختيءَ ڪندڙ واري انداز ۾ داخل نہ ٿئجائن، ۽ هرگز جانورن ڪي نہ ڇرڪائجائن، ۽ نہ وري انهن ڪي ڊيڄارجائن، ۽ جانورن ذريعي انهن جي مالڪ ڪي نہ ايذائجائن. مال ڪي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪجائن، پوءِ مالڪ ڪي اختيار ڏجائن، پوءِ جڏهن هو ڪو حصو اختيار ڪري تہ سندس اختيار ڪيل حصي لاءِ رڪاوٽ نہ بڻجائن، پوءِ باقي بچيل حصي ڪي بہ ٻن حصن ۾ تقسيم ڪجائن ۽ ڪيس اختيار ڏجائن، جڏهن هو ڪو حصو اختيار ڪري تہ سندس اختيار ڪيل حصي لاءِ هرگز رڪاوٽ نہ بڻجائن، ۽ مسلسل ائين ڪندو رهجائن تان جو ايترو حصو بچي جنهن حصي ۾ الله تعالىٰ جو حق پورو ٿي سگهي تہ ان مان الله تعالىٰ جو حق وٺجائن، پر جي هو ٻيهر تقسيم جي گُهر ڪري تہ سندس گُهر ڪي قبول ڪجائن. پوءِ انهن ٻنهي مالن ڪي ملائجائن ۽ ائين ڪجائن جيئن پهريائين ڪيو هيئي، تان جو سندس مال مان الله جو حق وٺين. ۽ تون وحيءَ ڪان موٽيل، جهونو، ڄنگهہ ڀڳل، بيماريءَ جو سٽيل ۽ عيبدار اُٺ هرگز نہ وٺجائن. ۽ انهن تي هر گز ڪنهن ڪي امين نہ بڻائجائن سواءِ ان جي جنهن جي دين تي تون پَڪ ڪرين تہ جيئن هو مسلمانن جي مال ڪي نرميءَ سان ڪاهي اچي تان جو انکي مسلمانن جي وليءَ تائين پهچائي پوءِ هو انکي سندن درميان تقسيم ڪري، ۽ مال تي فقط انکي وڪيل مقرر ڪجائن جيڪو ان جو خير خواه، مهربان، امانتدار ۽ حفاظت ڪندڙ هجي. نہ مٿن سختي ڪندڙ، نہ آزار ڏيندڙ ۽ نہ ڪَڪ ڪندڙ ۽ نہ ئي ڪين ٿڪائيندڙ هجي.

٦٢٥

ثُمَّ احْدُرْ إِلَيْنَا مَا اجْتَمَعَ عِنْدَكَ نُصَيِّرْهُ حَيْثُ أَمَرَ اللَّهُ بِهِ فَإِذَا أَخَذَهَا أَمِينُكَ فَأَوْعِزْ إِلَيْهِ أَلَّا يَحُولَ بَيْنَ نَاقَةٍ وَ بَيْنَ فَصِيلِهَا وَ لَا يَمْصُرَ لَبَنَهَا فَيَضُرَّ ذَلِكَ بِوَلَدِهَا وَ لَا يَجْهَدَنَّهَا رُكُوباً وَ لْيَعْدِلْ بَيْنَ صَوَاحِبَاتِهَا فِي ذَلِكَ وَ بَيْنَهَا وَ لْيُرَفِّهْ عَلَى اللَّاغِبِ.

وَ لْيَسْتَأْنِ بِالنَّقِبِ وَ الظَّالِعِ وَ لْيُورِدْهَا مَا تَمُرُّ بِهِ مِنَ الْغُدُرِ وَ لَا يَعْدِلْ بِهَا عَنْ نَبْتِ الْأَرْضِ إِلَى جَوَادِّ الطُّرُقِ وَ لْيُرَوِّحْهَا فِي السَّاعَاتِ وَ لْيُمْهِلْهَا عِنْدَ النِّطَافِ وَ الْأَعْشَابِ حَتَّى تَأْتِيَنَا بِإِذْنِ اللَّهِ بُدَّناً مُنْقِيَاتٍ غَيْرَ مُتْعَبَاتٍ وَ لَا مَجْهُودَاتٍ لِنَقْسِمَهَا عَلَى كِتَابِ اللَّهِ وَ سُنَّةِ نَبِيِّهِ ﷺ فَإِنَّ ذَلِكَ أَعْظَمُ لِأَجْرِكَ وَ أَقْرَبُ لِرُشْدِكَ إِنْ شَاءَ اللَّهُ.

## ٢٦ـ و من عهد له عليه السلام

*إلى بعض عماله و قد بعثه على الصدقة.*

أَمَرَهُ بِتَقْوَى اللَّهِ فِي سَرَائِرِ أَمْرِهِ وَ خَفِيَّاتِ عَمَلِهِ حَيْثُ لَا شَهِيدَ غَيْرُهُ وَ لَا وَكِيلَ دُونَهُ وَ أَمَرَهُ أَلَّا يَعْمَلَ بِشَيْءٍ مِنْ طَاعَةِ اللَّهِ فِيمَا ظَهَرَ فَيُخَالِفَ إِلَى غَيْرِهِ فِيمَا أَسَرَّ وَ مَنْ لَمْ يَخْتَلِفْ سِرُّهُ وَ عَلَانِيَتُهُ وَ فِعْلُهُ وَ مَقَالَتُهُ فَقَدْ أَدَّى الْأَمَانَةَ وَ أَخْلَصَ الْعِبَادَةَ

وَ أَمَرَهُ أَلَّا يَجْبَهَهُمْ وَ لَا يَعْضَهَهُمْ وَ لَا يَرْغَبَ عَنْهُمْ تَفَضُّلًا بِالْإِمَارَةِ عَلَيْهِمْ فَإِنَّهُمُ الْإِخْوَانُ فِي الدِّينِ وَ الْأَعْوَانُ عَلَى اسْتِخْرَاجِ الْحُقُوقِ وَ إِنَّ لَكَ فِي هَذِهِ الصَّدَقَةِ نَصِيباً مَفْرُوضاً وَ حَقّاً مَعْلُوماً شُرَكَاءَ أَهْلَ مَسْكَنَةٍ وَ ضُعَفَاءَ ذَوِي فَاقَةٍ

وَ إِنَّا مُوَفُّوكَ حَقَّكَ فَوَفِّهِمْ حُقُوقَهُمْ وَ إِلَّا تَفْعَلْ فَإِنَّكَ مِنْ أَكْثَرِ النَّاسِ خُصُوماً يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَ بُؤْسَى لِمَنْ خَصْمُهُ عِنْدَ اللَّهِ الْفُقَرَاءُ وَ الْمَسَاكِينُ وَ السَّائِلُونَ وَ الْمَدْفُوعُونَ،

پوءِ جيڪو مال تو وٽ گڏ ٿئي ته انکي ٽُرت ئي اسان ڏانهن اماڻيندو رهجائن ته جيئن انکي اتي استعمال ڪريون جتي جو الله تعالىٰ حڪم ڏنو آهي. بس جڏهن تنهنجو امين انهن جانورن کي وٺي ته کيس تاڪيد ڪجائن ته هو ڏاچي ۽ ان جي ڪير پياڪ ڦر جي درميان رڪاوٽ نه وجهي، ۽ ان جو سڄو کير نه ڏُهي ان لاءِ ته اهو سندس ڦر کي نقصان ڏيندو. ۽ سواريءَ جي حالت ۾ انکي تڪليف نه ڏي ۽ کيس گهرجي ته هن جي ۽ ان جهڙين ٻين ڏاچين جي درميان سواريءَ ۾ انصاف ڪري، ۽ کيس گهرجي ته ٿڪل جانورن کي ساهي ڏي، ۽ داڦوڙن گسيل ۽ منڊڪائيندڙ ڏاچي کي ڍرو هلائي، ۽ جتان به پاڻي جي ٽلاءُ ڪان گذري ته انهن کي اوڏانهن وٺي وڃي ۽ انهن کي ساوڪ واريءَ زمين ڪان خالي ويڪرن رستن ڏانهن نه موڙي ۽ کيس گهرجي ته گهڙيءَ گهڙيءَ انهن کي ساهي ڏيندو رهي ۽ جتي ڏُبا ۽ گاهه هجن اتي چرڻ جي مُهلت ڏي، ايستائين جو الله جي حڪم سان اسان تائين تلها متارا ٿي ڪري پهچن، ۽ اهي ٿڪل ۽ ڏُبرا نه هجن، ته جيئن اسان کين الله جي ڪتاب ۽ سندس نبي ﷺ جي سنت مطابق تقسيم ڪريون بيشڪ اهو تنهنجي لاءِ وڏو ثواب ۽ تنهنجي هدايت جي لاءِ وڌيڪ ويجهو آهي. ان شاء الله.

## ٢٦_ امام ؑ جي وصيت، هڪ عامل ڏانهن جنهن کي زڪوات گڏ ڪرڻ لاءِ موڪليائين

هو (اميرالمؤمنين ؑ) کيس لڪيل شين ۽ سندس مخفي ڪمن بابت تقوىٰ الٰهي کي اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو، جتي ان ڪان علاوه ڪو گواه نه هجي ۽ نه ڪانئس علاوه ڪو نگهبان هجي. ۽ آءٌ کيس اهو حڪم ڏيان ٿو ته الله جي اطاعت ۾ ان جو ظاهري ڪيل ڪم، ان جي لڪ ۾ ڪيل ڪم ڪان مختلف نه هجي، ۽ جنهن جو باطن ۽ ظاهر، ۽ فعل ۽ قول مختلف نه هجن ته بيشڪ ان امانت جو حق ادا ڪيو، ۽ خالص عبادت انجام ڏني، آءٌ کيس حڪم ڏيان ٿو ته هو ماڻهن کي تڪليف نه ڏي، نه کين پريشان ڪري، ۽ نه وري مٿن سرداريءَ واري عهدي جي ڪري برتري ڪندي انهن ڪان مُنهن موڙي ڇا ڪاڻ ته اهي ديني ڀائر ۽ حقوق ادا ڪرڻ ۾ مددگار آهن. ۽ بيشڪ هن زڪوات ۾ تنهنجو حصو معين، ۽ حق پڌرو آهي، ۽ هن ۾ مسڪين ۽ فاقه ڪش ڪمزور ماڻهو تو سان شريڪ آهن، ۽ يقيناً اسان تنهنجو حق تو کي ادا ڪنداسين، بس تون به سندن حق ادا ڪجانءِ. ۽ اگر تو ائين نه ڪيو ته بيشڪ قيامت جي ڏينهن تون انهن ماڻهن منجهان هوندين جن جا دشمن گهڻا هوندا، ۽ ان جي ڪيڏي نه بدحالي هوندي جو الله جي بارگاه ۾ جنهن جا دشمن فقير، مسڪين، سوالي، محروم

وَ الْغَارِمُونَ وَ ابْنُ السَّبِيلِ وَ مَنِ اسْتَهَانَ بِالْأَمَانَةِ وَ رَتَعَ فِي الْخِيَانَةِ وَ لَمْ يُنَزِّهْ نَفْسَهُ وَ دِينَهُ عَنْهَا فَقَدْ أَحَلَّ بِنَفْسِهِ الذُّلَّ وَ الْخِزْيَ فِي الدُّنْيَا وَ هُوَ فِي الْآخِرَةِ أَذَلُّ وَ أَخْزَى وَ إِنَّ أَعْظَمَ الْخِيَانَةِ خِيَانَةُ الْأُمَّةِ وَ أَفْظَعَ الْغِشِّ غِشُّ الْأَئِمَّةِ وَ السَّلَامُ.

## ٢٧ـ وَمِنْ عَهْدٍ لَهُ عليه السلام

*إلى محمد بن أبي بكر رضي الله عنه حين قلده مصر*

فَاخْفِضْ لَهُمْ جَنَاحَكَ وَ أَلِنْ لَهُمْ جَانِبَكَ وَ ابْسُطْ لَهُمْ وَجْهَكَ وَ آسِ بَيْنَهُمْ فِي اللَّحْظَةِ وَ النَّظْرَةِ حَتَّى لَا يَطْمَعَ الْعُظَمَاءُ فِي حَيْفِكَ لَهُمْ وَ لَا يَيْأَسَ الضُّعَفَاءُ مِنْ عَدْلِكَ عَلَيْهِمْ فَإِنَّ اللَّهَ تَعَالَى يُسَائِلُكُمْ مَعْشَرَ عِبَادِهِ عَنِ الصَّغِيرَةِ مِنْ أَعْمَالِكُمْ وَ الْكَبِيرَةِ وَ الظَّاهِرَةِ وَ الْمَسْتُورَةِ فَإِنْ يُعَذِّبْ فَأَنْتُمْ أَظْلَمُ وَ إِنْ يَعْفُ فَهُوَ أَكْرَمُ.

وَ اعْلَمُوا عِبَادَ اللَّهِ أَنَّ الْمُتَّقِينَ ذَهَبُوا بِعَاجِلِ الدُّنْيَا وَ آجِلِ الْآخِرَةِ فَشَارَكُوا أَهْلَ الدُّنْيَا فِي دُنْيَاهُمْ وَ لَمْ يُشَارِكُوا أَهْلَ الدُّنْيَا فِي آخِرَتِهِمْ سَكَنُوا الدُّنْيَا بِأَفْضَلِ مَا سُكِنَتْ وَ أَكَلُوهَا بِأَفْضَلِ مَا أُكِلَتْ فَحَظُوا مِنَ الدُّنْيَا بِمَا حَظِيَ بِهِ الْمُتْرَفُونَ وَ أَخَذُوا مِنْهَا مَا أَخَذَهُ الْجَبَابِرَةُ الْمُتَكَبِّرُونَ ثُمَّ انْقَلَبُوا عَنْهَا بِالزَّادِ الْمُبَلِّغِ وَ الْمَتْجَرِ الرَّابِحِ

أَصَابُوا لَذَّةَ زُهْدِ الدُّنْيَا فِي دُنْيَاهُمْ وَ تَيَقَّنُوا أَنَّهُمْ جِيرَانُ اللَّهِ غَداً فِي آخِرَتِهِمْ لَا تُرَدُّ لَهُمْ دَعْوَةٌ وَ لَا يَنْقُصُ لَهُمْ نَصِيبٌ مِنْ لَذَّةٍ فَاحْذَرُوا عِبَادَ اللَّهِ الْمَوْتَ وَ قُرْبَهُ وَ أَعِدُّوا لَهُ عُدَّتَهُ فَإِنَّهُ يَأْتِي بِأَمْرٍ عَظِيمٍ وَ خَطْبٍ جَلِيلٍ بِخَيْرٍ لَا يَكُونُ مَعَهُ شَرٌّ أَبَداً أَوْ شَرٍّ لَا يَكُونُ مَعَهُ خَيْرٌ أَبَداً.

مقروض ۽ (لاچار) مسافر هجن. ۽ جيڪو شخص امانت کي معمولي سمجهي ۽ خيانت ۾ چرندو وتي، ۽ پنهنجي نفس ۽ دين کي انڪان پاڪ نہ رکي تہ بيشڪ ان دنيا ۾ بہ پاڻ کي ذليل ۽ خوار ڪيو، ۽ اهو آخرت ۾ وڌيڪ ذليل ۽ خوار هوندو، ۽ بيشڪ سڀ کان وڏي خيانت امت سان خيانت ڪرڻ آهي. ۽ سڀ کان وڌيڪ ڪِريل ڏوڪو اڳواڻن کي ڏوڪو ڏيڻ آهي. والسلام.

## ٢٧_ امام عليه‌السلام جي وصيت، محمد بن ابي بکر رحمه‌الله ڏانهن جڏهن ڪيس مصر جي حڪومت حوالي ڪئي:

بس ماڻهن لاءِ پاڻ کي نِوا، ۽ ساڻن نرميءَ سان پيش اچ، ۽ انهن سان مُرڪي مِل، ۽ سندن درميان ٿوري ۽ گهڻي ڏِسڻ ۾ بہ برابري ڪر. تاڪ وڏيرا پنهنجي لاءِ تنهنجي ناحق طرفداريءَ جي اميد نہ رکن، ۽ نہ وري ڪمزور سندن خلاف تنهنجي انصاف مان مايوس ٿين. ڇاڪاڻ تہ الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن سان تنهنجي ڪيل ننڍن وڏن، ظاهر ۽ لڪيل عملن بابت تو کان پڇاڻو ڪندو. پوءِ اگر هو عذاب ڏي تہ توهان ان کان بہ وڌيڪ جا حقدار آهيو، ۽ اگر هو معاف ڪري تہ هو ان کان بہ وڏو ڪريم آهي.

اي الله جا ٻانهؤ ڄاڻو تہ بيشڪ پرهيزگارن ويندڙ دنيا ۽ ايندڙ آخرت جو فائدو ماڻيو جو اهي دنيا وارن سان سندن دنيا ۾ شريڪ ٿيا پر دنيا وارا انهن جي آخرت ۾ شريڪ نہ ٿيا. اهي دنيا ۾ ڀلي طريقي سان رهيا، ۽ ان مان ڏاهوڪي نموني سان کاڌو، بس انهن دنيا مان خوشحال ماڻهن جي حصي جيان حصو پاتو، ۽ ان مان اهو ڪجهه حاصل ڪيو جيڪو جابرن ۽ متڪبرن حاصل ڪيو، پوءِ منزل تائين پهچائيندڙ سمر ۽ نفع بخش واپار سان ان مان روانا ٿيا، ۽ اهي پنهنجي دنيا ۾ دنياوي زهد جي لذت تائين پهتا ۽ کين اهو يقين ٿيو تہ سڀاڻي پنهنجي آخرت ۾ الله تعالىٰ جا پاڙيسري ٿيندا، جتي سندن نہ ڪنهن گُهر کي ٺڪرايو ويندو، ۽ نہ وري لذت مان سندن ڪو حصو گهٽ ڪيو ويندو، بس الله جا ٻانهو موت ۽ ان جي ويجهڙائپ کان ڊڄو ۽ ان لاءِ پنهنجي پوري تياري ڪريو ڇا ڪاڻ تہ هو عظيم واقعي ۽ وڏي حادثي سان اهڙي خير کي آڻيندو جنهن سان ڪڏهن بہ شر گڏ نہ ٿيندو يا اهڙي شر کي آڻيندو جنهن سان ڪڏهن بہ خير گڏ نہ ٿيندو.

فَمَنْ أَقْرَبُ إِلَى الْجَنَّةِ مِنْ عَامِلِهَا وَ مَنْ أَقْرَبُ إِلَى النَّارِ مِنْ عَامِلِهَا وَ أَنْتُمْ طُرَدَاءُ الْمَوْتِ إِنْ أَقَمْتُمْ لَهُ أَخَذَكُمْ وَ إِنْ فَرَرْتُمْ مِنْهُ أَدْرَكَكُمْ وَ هُوَ أَلْزَمُ لَكُمْ مِنْ ظِلِّكُمْ الْمَوْتُ مَعْقُودٌ بِنَوَاصِيكُمْ وَ الدُّنْيَا تُطْوَى مِنْ خَلْفِكُمْ

فَاحْذَرُوا نَاراً قَعْرُهَا بَعِيدٌ وَ حَرُّهَا شَدِيدٌ وَ عَذَابُهَا جَدِيدٌ دَارٌ لَيْسَ فِيهَا رَحْمَةٌ وَ لَا تُسْمَعُ فِيهَا دَعْوَةٌ وَ لَا تُفَرَّجُ فِيهَا كُرْبَةٌ وَ إِنِ اسْتَطَعْتُمْ أَنْ يَشْتَدَّ خَوْفُكُمْ مِنَ اللَّهِ وَ أَنْ يَحْسُنَ ظَنُّكُمْ بِهِ فَاجْمَعُوا بَيْنَهُمَا فَإِنَّ الْعَبْدَ إِنَّمَا يَكُونُ حُسْنُ ظَنِّهِ بِرَبِّهِ عَلَى قَدْرِ خَوْفِهِ مِنْ رَبِّهِ

وَ إِنَّ أَحْسَنَ النَّاسِ ظَنّاً بِاللَّهِ أَشَدُّهُمْ خَوْفاً لِلَّهِ وَ اعْلَمْ يَا مُحَمَّدَ بْنَ أَبِي بَكْرٍ أَنِّي قَدْ وَلَّيْتُكَ أَعْظَمَ أَجْنَادِي فِي نَفْسِي أَهْلَ مِصْرَ فَأَنْتَ مَحْقُوقٌ أَنْ تُخَالِفَ عَلَى نَفْسِكَ وَ أَنْ تُنَافِحَ عَنْ دِينِكَ وَ لَوْ لَمْ يَكُنْ لَكَ إِلَّا سَاعَةٌ مِنَ الدَّهْرِ وَ لَا تُسْخِطِ اللَّهَ بِرِضَا أَحَدٍ مِنْ خَلْقِهِ فَإِنَّ فِي اللَّهِ خَلَفاً مِنْ غَيْرِهِ وَ لَيْسَ مِنَ اللَّهِ خَلَفٌ فِي غَيْرِهِ صَلِّ الصَّلَاةَ لِوَقْتِهَا الْمُؤَقَّتِ لَهَا وَ لَا تُعَجِّلْ وَقْتَهَا لِفَرَاغٍ وَ لَا تُؤَخِّرْهَا عَنْ وَقْتِهَا لِاشْتِغَالٍ وَ اعْلَمْ أَنَّ كُلَّ شَيْءٍ مِنْ عَمَلِكَ تَبَعٌ لِصَلَاتِكَ.



## وَ مِنْهُ:

فَانَّه لَا سَوَآءٌ اِمَامُ الْهُدٰى وَ اِمَامُ الرَّدٰى، وَ وَلِيُّ النَّبِيِّ وَ عَدُوُّ النَّبِيِّ، وَ لَقَدْ قَالَ لِيْ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ اِنِّيْ لَا اَخَافُ عَلٰى اُمَّتِيْ مُؤْمِنًا وَّ لَا مُشْرِكًا، اَمَّا الْمُؤْمِنُ فَيَمْنَعُهُ اللهُ بِاِيْمَانِه، وَ اَمَّا الْمُشْرِكُ فَيَقْمَعُهُ اللهُ بِشِرْكِه. وَ لٰكِنِّيْ اَخَافُ عَلَيْكُمْ كُلَّ مُنَافِقِ الْجَنَانِ، عَالِمِ اللِّسَانِ، يَقُوْلُ مَا تَعْرِفُوْنَ، وَ يَفْعَلُ مَا تُنْكِرُوْنَ.

پوءِ پلا جنت لاءِ ڪم ڪندڙ کان وڏيڪ جنت جي ويجهو ڪير آهي؛ ۽ جهنم لاءِ ڪم ڪندڙ کان وڏيڪ جهنم جي ويجهو ڪير آهي؟ ۽ توهان موت جا تاڙيل شڪار آهيو، اگر توهان ان لاءِ بيٺؤ تہ هو توهان کي پڪڙي وٺندو ۽ اگر توهان ان کان ڀڄندؤ تڏهن بہ هو توهان تائين اچي پهچندو، ۽ هو توهان جي پاڇي کان بہ وڏيڪ توهان سان گڏ آهي، ۽ موت توهان جي پيشانيءَ جي وارن سان ٻڌل آهي. ۽ دنيا کي توهان جي پويان ويڙهيو پيو وڃي، بس جهنم جي ان باھ کان ڊڄو جنهن جي اوناهي گِهري، گرمائش سخت ۽ عذاب نئون آهي. هو هڪ اهڙو گهر آهي جنهن ۾ نہ ڪا رحمت آهي، ۽ نہ وري اتي ڪا دانهن ٻُڌي ويندي، ۽ نہ وري ايذاء کان آجو ڪيو ويندو. ۽ اگر توهان ائين ڪري سگهو جو توهان الله کان گهڻو خوف رکو، ۽ ان ۾ حُسنِ ظن بہ رکو تہ پوءِ انهن ٻنهي شين کي گڏ ڪريو. ڇاڪاڻ تہ ٻانهي جو پنهنجي پالڻهار ۾ حُسنِ ظن ايترو هجي جيترو پنهنجي پالڻهار کان ڊڄ هجيس. ۽ بيشڪ الله ۾ ان ماڻهوءَ جو حُسنِ ظن سڀ کان وڏيڪ هوندو آهي، جيڪو ماڻهن مان سڀ کان وڏيڪ الله کان ڊڄندو آهي. اي ابوبڪر جا پٽ تون ڄاڻ تہ آءٌ تو کي مصر وارن تي جيڪي منهنجي نظر ۾ منهنجي سڀ کان گهڻي رعيت آهن حاڪم مقرر ڪيو آهي، تہ پوءِ تنهنجي لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي نفس جي مخالفت ڪر، ۽ پنهنجي دين جو دفاع ڪر، جيتوڻيڪ تو وٽ رڳو زماني مان هڪ گهڙيءَ جيترو ئي وقت هجي، ۽ مخلوق مان ڪنهن کي راضي ڪندي الله کي ناراض نہ ڪجانءِ. ڇاڪاڻ تہ ٻين جو بدل الله وٽان ملي سگهي ٿو، ليڪن الله جو بدل ٻين وٽان نٿو ملي سگهي. نماز کي ان جي مقرر وقت ۾ ادا ڪجانءِ ۽ واندڪائيءَ ڪري ان جي وقت کان پهريائين انجام ڏيڻ ۾ جلدي نہ ڪجانءِ، ۽ نہ وري مصروفيت جي ڪري انکي سندس وقت کان پوئتي ڪجانءِ. ۽ ياد رک تہ تنهنجو هر ڪم تنهنجي نماز جي تابع هجي.

۶۳۱

### انهي ئي ڪلام جو حصو:

هدايت جو امام، ۽ هلاڪت جو اڳواڻ، ۽ نبي جو دوست ۽ نبي جو دشمن برابر نٿا ٿي سگهن. بيشڪ رسول الله ﷺ مونکي فرمايو تہ آءٌ پنهنجي امت بابت مومن ۽ مشرڪ کان نٿو ڊڄان، مؤمن بابت ان جي ڪري تہ الله تعالىٰ سندس ايمان جي ڪري کيس روڪيندو، ۽ مُشرڪ بابت ان جي ڪري تہ الله تعالىٰ سندس شرڪ جي ڪري کيس رُسوا ڪندو، پر آءٌ توهان بابت هر دل جي منافق زبان جي عالم کان ڊڄان ٿو جيڪو اهو چئي ٿو جيڪو توهان وٽ معروف آهي ۽ اهو ڪري ٿو جيڪو توهان وٽ منڪَر آهي.

# ٢٨ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى معاوية جوابا.*

قال الشريف رحمه الله: و هو من محاسن الكتب

أَمَّا بَعْدُ فَقَدْ أَتَانِي كِتَابُكَ تَذْكُرُ فِيهِ اصْطِفَاءَ اللَّهِ مُحَمَّداً صلى الله عليه وآله لِدِينِهِ وَ تَأْيِيدَهُ إِيَّاهُ لِمَنْ أَيَّدَهُ مِنْ أَصْحَابِهِ فَلَقَدْ خَبَّأَ لَنَا الدَّهْرُ مِنْكَ عَجَباً إِذْ طَفِقْتَ تُخْبِرُنَا بِبَلَاءِ اللَّهِ تَعَالَى عِنْدَنَا وَ نِعْمَتِهِ عَلَيْنَا فِي نَبِيِّنَا فَكُنْتَ فِي ذَلِكَ كَنَاقِلِ التَّمْرِ إِلَى هَجَرَ أَوْ دَاعِي مُسَدِّدِهِ إِلَى النِّضَالِ وَ زَعَمْتَ أَنَّ أَفْضَلَ النَّاسِ فِي الْإِسْلَامِ فُلَانٌ وَ فُلَانٌ فَذَكَرْتَ أَمْراً إِنْ تَمَّ اعْتَزَلَكَ كُلُّهُ وَ إِنْ نَقَصَ لَمْ يَلْحَقْكَ ثَلْمُهُ.

وَ مَا أَنْتَ وَ الْفَاضِلَ وَ الْمَفْضُولَ وَ السَّائِسَ وَ الْمَسُوسَ وَ مَا لِلطُّلَقَاءِ وَ أَبْنَاءِ الطُّلَقَاءِ وَ التَّمْيِيزَ بَيْنَ الْمُهَاجِرِينَ الْأَوَّلِينَ وَ تَرْتِيبَ دَرَجَاتِهِمْ وَ تَعْرِيفَ طَبَقَاتِهِمْ هَيْهَاتَ لَقَدْ حَنَّ قِدْحٌ لَيْسَ مِنْهَا وَ طَفِقَ يَحْكُمُ فِيهَا مَنْ عَلَيْهِ الْحُكْمُ لَهَا. أَ لَا تَرْبَعُ أَيُّهَا الْإِنْسَانُ عَلَى ظَلْعِكَ وَ تَعْرِفُ قُصُورَ ذَرْعِكَ وَ تَتَأَخَّرُ حَيْثُ أَخَّرَكَ الْقَدَرُ فَمَا عَلَيْكَ غَلَبَةُ الْمَغْلُوبِ وَ لَا ظَفَرُ الظَّافِرِ.



وَ إِنَّكَ لَذَهَّابٌ فِي التِّيهِ رَوَّاغٌ عَنِ الْقَصْدِ أَ لَا تَرَى غَيْرَ مُخْبِرٍ لَكَ وَ لَكِنْ بِنِعْمَةِ اللَّهِ أُحَدِّثُ أَنَّ قَوْماً اسْتُشْهِدُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ تَعَالَى مِنَ الْمُهَاجِرِينَ وَ الْأَنْصَارِ وَ لِكُلٍّ فَضْلٌ حَتَّى إِذَا اسْتُشْهِدَ شَهِيدُنَا قِيلَ سَيِّدُ الشُّهَدَاءِ وَ خَصَّهُ رَسُولُ اللَّهِ صلى الله عليه وآله بِسَبْعِينَ تَكْبِيرَةً عِنْدَ صَلَاتِهِ عَلَيْهِ أَ وَ لَا تَرَى أَنَّ قَوْماً قُطِّعَتْ أَيْدِيهِمْ فِي سَبِيلِ اللَّهِ وَ لِكُلٍّ فَضْلٌ حَتَّى إِذَا فُعِلَ بِوَاحِدِنَا مَا فُعِلَ بِوَاحِدِهِمْ قِيلَ الطَّيَّارُ فِي الْجَنَّةِ وَ ذُو الْجَنَاحَيْنِ.

## ٢٨_ امام عليه السلام جو جوابي خط، معاويہ ڏانھن

### سيد رضي رحمه الله فرمايو: ھي خط سيني خطن جي سُونھن آھي.

اما بعد: مون تائين تنھنجو خط پھتو آھي، جنھن ۾ تو ذڪر ڪيو آھي تہ الله تعالىٰ محمد صلى الله عليه وآله وسلم کي پنھنجي دين لاءِ چونڊيو، ۽ سندس مدد ڪندڙ ساٿين ذريعي انجي پُنيرائي ڪئي. بيشڪ زماني اسان کان تنھنجا عجائب لِڪائي رکيا ھئا، جو اسان تي الله تعالىٰ جي ڪيل آزمائشن ۽ اسان جي نبيءَ ذريعي اسان تي ڪيل سندس نعمتن جي تون اسان کي ئي خبر ڏيڻ شروع ڪئي آھي. بس پوءِ تون انھيءَ ھجر (بحرين جي ھڪ شھر جو نالو) ڏانھن ڪجور موڪلڻ واري، يا پنھنجي استاد کي تيراندازيءَ جي مقابلي جي دعوت ڏيڻ واري وانگر آھين. ۽ تون گمان ڪرين ٿو تہ اسلام ۾ ماڻھن مان سڀ کان وڌيڪ افضل فلاڻو ۽ فلاڻو آھن. تو ھڪ اھڙي ڳالھ ڪئي آھي جو اگر پوري آھي تہ اھا تو کان بلڪل پري آھي، ۽ اگر پوري نہ آھي تہ ان جو تو کي نقصان نہ آھي، تون ڪير ٿيندو آھين فاضل ۽ مفضول ۽ حاڪم ۽ محڪوم کي معين ڪرڻ وارو، آزاد ڪيل ماڻھن ۽ انھن جي پُٽن کي ڪھڙو حق آھي جو پھرين مھاجرن جي درميان فرق بيان ڪن، سندن درجن کي ترتيب ڏين، ۽ سندن طبقن جي معرفت ڪرائين. ۽ انھن کان بعيد آھي بس انھن جو اھو چوڻ ھڪ اھڙي تير جو آواز آھي جيڪو انھن منجھان نہ آھي، ۽ انھن ۾ اھو فيصلو ڪرڻ لڳي جن جو فيصلو ھن خلاف ھجي. اي انسان پنھنجي پيرن تي پورو ڇو نٿو رھين ۽ پنھنجي ھٿ وس جي ڪوتاھي کي ڇو نٿو ڄاڻين ۽ ان حد ۾ پوئتي ڇو نٿو رھين جتي قضا ۽ قدر تو کي پوئتي رکيو آھي. مغلوب جي غلبي ۽ ڪامياب جي ڪاميابيءَ سان تنھنجو ڪھڙو واسطو. بيشڪ تون رِڻ پٽ ۾ رُليل ۽ سڌي رستي کان ٿِڙيل آھين. ڇا تون نٿو ڏسين _ ھي آءُ تو کي نٿو ٻڌايان بلڪ الله جون نعمتون بيان ڪريان ٿو _ تہ مھاجرن ۽ انصارن مان ھڪ ٽولي کي الله تعالىٰ جي راھ ۾ شھيد ڪيو ويو، ۽ ھر ھڪ لاءِ فضيلت آھي، پر جڏھن اسان مان ڪنھن کي شھيد ڪيو ويو تہ انکي سيد الشھداء چيو ويو، ۽ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جڏھن مٿس نمازِ جنازه پڙھي تہ ستر تڪبيرن جي فضيلت سان خاص ڪيو، ڇا تون نٿو ڏسين تہ ھڪ جماعت جا الله تعالىٰ جي راھ ۾ ھٿ وڍيا ويا ۽ ھر ھڪ لاءِ فضيلت آھي پر جڏھن اسان مان ڪنھن ھڪ سان ائين ڪيو ويو جيڪو انھن مان ڪنھن سان ڪيو ويو ھو تہ انکي جنت ۾ پرواز ڪرڻ وارو ۽ ٻن پرن وارو چيو ويو.

وَ لَوْ لَا مَا نَهَى اللَّهُ عَنْهُ مِنْ تَزْكِيَةِ الْمَرْءِ نَفْسَهُ لَذَكَرَ ذَاكِرٌ فَضَائِلَ جَمَّةً تَعْرِفُهَا قُلُوبُ الْمُؤْمِنِينَ وَ لَا تَمُجُّهَا آذَانُ السَّامِعِينَ فَدَعْ عَنْكَ مَنْ مَالَتْ بِهِ الرَّمِيَّةُ فَإِنَّا صَنَائِعُ رَبِّنَا وَ النَّاسُ بَعْدُ صَنَائِعُ لَنَا. لَمْ يَمْنَعْنَا قَدِيمُ عِزِّنَا وَ لَا عَادِيُّ طَوْلِنَا عَلَى قَوْمِكَ أَنْ خَلَطْنَاكُمْ بِأَنْفُسِنَا فَنَكَحْنَا وَ أَنْكَحْنَا فِعْلَ الْأَكْفَاءِ وَ لَسْتُمْ هُنَاكَ

وَ أَنَّى يَكُونُ ذَلِكَ وَ مِنَّا النَّبِيُّ وَ مِنْكُمُ الْمُكَذِّبُ وَ مِنَّا أَسَدُ اللَّهِ وَ مِنْكُمْ أَسَدُ الْأَحْلَافِ وَ مِنَّا سَيِّدَا شَبَابِ أَهْلِ الْجَنَّةِ وَ مِنْكُمْ صِبْيَةُ النَّارِ وَ مِنَّا خَيْرُ نِسَاءِ الْعَالَمِينَ وَ مِنْكُمْ حَمَّالَةُ الْحَطَبِ فِي كَثِيرٍ مِمَّا لَنَا وَ عَلَيْكُمْ فَإِسْلَامُنَا قَدْ سُمِعَ وَ جَاهِلِيَّتُنَا لَا تُدْفَعُ وَ كِتَابُ اللَّهِ يَجْمَعُ لَنَا مَا شَذَّ عَنَّا

وَ هُوَ قَوْلُهُ سُبْحَانَهُ وَ تَعَالَى ﴿وَ أُولُوا الْأَرْحامِ بَعْضُهُمْ أَوْلى بِبَعْضٍ فِي كِتابِ اللَّهِ[1]﴾

وَ قَوْلُهُ تَعَالَى ﴿إِنَّ أَوْلَى النَّاسِ بِإِبْراهِيمَ لَلَّذِينَ اتَّبَعُوهُ وَ هذَا النَّبِيُّ وَ الَّذِينَ آمَنُوا وَ اللَّهُ وَلِيُّ الْمُؤْمِنِينَ[2]﴾

فَنَحْنُ مَرَّةً أَوْلَى بِالْقَرَابَةِ وَ تَارَةً أَوْلَى بِالطَّاعَةِ. وَ لَمَّا احْتَجَّ الْمُهَاجِرُونَ عَلَى الْأَنْصَارِ يَوْمَ السَّقِيفَةِ بِرَسُولِ اللَّهِ ﷺ فَلَجُوا عَلَيْهِمْ فَإِنْ يَكُنِ الْفَلَجُ بِهِ فَالْحَقُّ لَنَا دُونَكُمْ وَ إِنْ يَكُنْ بِغَيْرِهِ فَالْأَنْصَارُ عَلَى دَعْوَاهُمْ.



وَ زَعَمْتَ أَنِّي لِكُلِّ الْخُلَفَاءِ حَسَدْتُ وَ عَلَى كُلِّهِمْ بَغَيْتُ فَإِنْ يَكُنْ ذَلِكَ كَذَلِكَ فَلَيْسَتِ الْجِنَايَةُ عَلَيْكَ فَيَكُونَ الْعُذْرُ إِلَيْكَ وَ تِلْكَ شَكَاةٌ ظَاهِرٌ عَنْكَ عَارُهَا.

---

۱: الانفال: الآية: ۷۵.

۲: آل عمران: الآية: ۶۸.

۽ اگر الله تعالىٰ طرفان ماڻهو کي پنهنجي تعريف بيان ڪرڻ کان منع ٿيل نہ هجي ها تہ بيان ڪرڻ وارو ايترا تہ گهڻا فضائل ذڪر ڪري ها جن کي مؤمنن جون دليون ڄاڻن ها ۽ ٻڌڻ وارن جا ڪن نہ ٿڪجن ها. بس تون ان شخص جي (صفت) کي ڇڏي ڏي جنهن کان شڪار ڇڏائجي وڃي. اسان بلاواسطا الله کان هدايت يافتہ آهيون ۽ ماڻهن کي اسان جي واسطي هدايت ملي آهي. اسان جي هميشہ واري عزت ۽ تنهنجي قوم مٿان اسانجي مسلسل عطا اسانکي توهان سان ميل جول رکڻ کان نہ روڪيو جو اسان برابر وارن وانگر توهان کان سَنگ ورتا ۽ ڏنا. جڏهن تہ توهان جي ان وقت ڪا حيثيت ئي ڪونہ هئي، ۽ توهان برابري وارا ڪيئن ٿي سگهو ٿا، جڏهن تہ اسان منجهان نبي آهي ۽ توهان مان تڪذيب ڪرڻ وارو، ۽ اسان منجهان الله جو شير آهي ۽ توهان مان قسمن ڪٽڻ جو شينهن آهي، ۽ اسان منجهان جوانانِ جنت جا سردار آهن، ۽ توهان مان جهنمي ٻار آهن، ۽ اسان منجهان سيني جهانن جي عورتن کان وڌيڪ افضل خاتون آهي، ۽ توهان مان ڪاٺيون ڪٽڻ واري آهي، ۽ ٻيون بہ گهڻيون ئي ڳالهيون آهن جيڪي اسان جي فائدي ۽ توهان جي نقصان ۾ آهن، بس اسان جي اسلام ڏانهن سبقت معروف آهي، ۽ جاهليت واري زماني ۾ بہ اسان جي فضل جو انڪار نٿو ڪري سگهجي. الله تعالىٰ جي ڪتاب جن حقن کي اسان جي لاءِ سهيڙي رکيو آهي، تن کي اسان کان پري ڪيو ويو آهي، جيئن الله تعالىٰ جو فرمان آهي "رشتيدار الله جي ڪتاب ۾ هڪ ٻئي جا وڌيڪ حقدار آهن". ۽ الله تعالىٰ جو فرمان آهي "بيشڪ سيني ماڻهن مان ابراهيم جي ويجها اهي آهن جن سندس پيروي ڪئي ۽ هي نبي ۽ اهي ماڻهو جن ايمان آندو، ۽ الله مؤمنن جو مددگار آهي". بس اسانکي هڪ ڀيرو رشتيداريءَ سان سبقت آهي ۽ ٻيو ڀيرو اطاعت سان اولويت آهي. ۽ جڏهن سقيفہ جي ڏينهن مهاجرن رسول الله ﷺ جي ذريعي انصارن تي احتجاج ڪيو تہ اُهي مٿن ڪامياب ٿي ويا. پوءِ جي ڪاميابي پاڻ سڳورن ﷺ ذريعي آهي تہ حق اسان جو آهي توهان جو نہ آهي. ۽ جي ڪاميابي پاڻ سڳورن ﷺ کانسواءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ سان آهي تہ انصار پنهنجي دعوىٰ ۾ حق تي آهن. ۽ تو گمان ڪيو آهي تہ آءٌ سيني خليفن سان ساڙ ڪيو آهي ۽ انهن سيني جي خلاف بغاوت ڪئي آهي تہ پوءِ اگر اِهو ائين آهي تہ تو تي ڪو ظلم ناهي ٿيو جو تو کان معذرت ڪريان. (شاعر جي بقول): اِها هڪ اهڙيءَ ڪمي آهن جنهن جو عيب تو کان پري آهي.

وَ قُلْتَ إِنِّي كُنْتُ أُقَادُ كَمَا يُقَادُ الْجَمَلُ الْمَخْشُوشُ حَتَّى أُبَايِعَ وَ لَعَمْرُ اللَّهِ لَقَدْ أَرَدْتَ أَنْ تَذُمَّ فَمَدَحْتَ وَ أَنْ تَفْضَحَ فَافْتَضَحْتَ وَ مَا عَلَى الْمُسْلِمِ مِنْ غَضَاضَةٍ فِي أَنْ يَكُونَ مَظْلُوماً مَا لَمْ يَكُنْ شَاكّاً فِي دِينِهِ وَ لَا مُرْتَاباً بِيَقِينِهِ وَ هَذِهِ حُجَّتِي إِلَى غَيْرِكَ قَصْدُهَا وَ لَكِنِّي أَطْلَقْتُ لَكَ مِنْهَا بِقَدْرِ مَا سَنَحَ مِنْ ذِكْرِهَا ثُمَّ ذَكَرْتَ مَا كَانَ مِنْ أَمْرِي وَ أَمْرِ عُثْمَانَ فَلَكَ أَنْ تُجَابَ عَنْ هَذِهِ لِرَحِمِكَ مِنْهُ فَأَيُّنَا كَانَ أَعْدَى لَهُ وَ أَهْدَى إِلَى مَقَاتِلِهِ أَ مَنْ بَذَلَ لَهُ نُصْرَتَهُ فَاسْتَقْعَدَهُ وَ اسْتَكَفَّهُ

أَمْ مَنِ اسْتَنْصَرَهُ فَتَرَاخَى عَنْهُ وَ بَثَّ الْمَنُونَ إِلَيْهِ حَتَّى أَتَى قَدَرُهُ عَلَيْهِ. كَلَّا وَ اللَّهِ لَ ﴿قَدْ يَعْلَمُ اللَّهُ الْمُعَوِّقِينَ مِنْكُمْ وَ الْقائِلِينَ لِإِخْوانِهِمْ هَلُمَّ إِلَيْنا وَ لا يَأْتُونَ الْبَأْسَ إِلَّا قَلِيلًا[١]﴾ وَ مَا كُنْتُ لِأَعْتَذِرَ مِنْ أَنِّي كُنْتُ أَنْقِمُ عَلَيْهِ أَحْدَاثاً فَإِنْ كَانَ الذَّنْبُ إِلَيْهِ إِرْشَادِي وَ هِدَايَتِي لَهُ فَرُبَّ مَلُومٍ لَا ذَنْبَ لَهُ وَ قَدْ يَسْتَفِيدُ الظِّنَّةَ الْمُتَنَصِّحُ وَ مَا أَرَدْتُ ﴿إِلَّا الْإِصْلاحَ مَا اسْتَطَعْتُ وَ ما تَوْفِيقِي إِلَّا بِاللَّهِ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَ إِلَيْهِ أُنِيبُ[٢]﴾

وَ ذَكَرْتَ أَنَّهُ لَيْسَ لِي وَ لِأَصْحَابِي عِنْدَكَ إِلَّا السَّيْفُ فَلَقَدْ أَضْحَكْتَ بَعْدَ اسْتِعْبَارٍ مَتَى أَلْفَيْتَ بَنِي عَبْدِ الْمُطَّلِبِ عَنِ الْأَعْدَاءِ نَاكِلِينَ وَ بِالسَّيْفِ مُخَوَّفِينَ فَلَبِّثْ قَلِيلًا يَلْحَقِ الْهَيْجَا حَمَلْ فَسَيَطْلُبُكَ مَنْ تَطْلُبُ وَ يَقْرُبُ مِنْكَ مَا تَسْتَبْعِدُ

وَ أَنَا مُرْقِلٌ نَحْوَكَ فِي جَحْفَلٍ مِنَ الْمُهَاجِرِينَ وَ الْأَنْصَارِ وَ التَّابِعِينَ لَهُمْ بِإِحْسَانٍ شَدِيدٍ زِحَامُهُمْ سَاطِعٍ قَتَامُهُمْ مُتَسَرْبِلِينَ سَرَابِيلَ الْمَوْتِ.



١: الاحزاب: الآية: ١٨.

٢: هود: الآية: ٨٨.

۽ تو چيو تہ: مونکي (بيعت ڪرڻ لاءِ) ائين ڇڪيو پئي ويو جيئن ناڪيلي پَيَل اُٺ کي ڇڪيو ويندو آهي تہ جيئن آءٌ بيعت ڪريان. الله جو قسم تو منهنجي ملامت ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر واکاڻ ڪري وينين، ۽ مون کي رُسوا ڪرڻ ٿي چاهيو پر پاڻ رُسوا ٿي وئين. هڪ مسلمان لاءِ ان تي ڪهڙو عيب جو هو مظلوم هجي جڏهن تہ هو نہ پنهنجي دين ۾ شڪ ڪندڙ هجي ۽ نہ پنهنجي يقين بابت ٻُڏتر جو شڪار هجي. جيتوڻيڪ هن پنهنجي حجت جو مقصد تو ڪانسواءِ ٻين لاءِ بيان ڪرڻ آهي، پر ان مان تنهنجي لاءِ ايتري بيان ڪئي آهي جنهن جو ذڪر ڪرڻ مناسب هيو. پوءِ تو منهنجي ۽ عثمان جي مسئلي کي بيان ڪيو، ۽ ان ۾ تو کي جواب ڏيڻ گهرجي ڇا ڪاڻ تہ تنهنجي ان سان رشتيداري آهي، ڀلا اسان مان سڀ کان وڌيڪ ان جو دشمن ۽ ان سان وڙهڻ جي راهہ هموار ڪرڻ وارو ڪير هيو! ڇا اهو هيو جنهن ان جي لاءِ پنهنجي مدد پيش ڪئي پر هُن ڪيس ويهاري ڇڏيو ۽ مدد ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو، يا اهو هيو جنهن کان هُن مدد گهري پر هن ان بابت سُستي ڪئي، ۽ موت کي ان ڏانهن روانو ڪيو، تان جو قضا ۽ قدر متس اچي ڪڙڪيا. الله جو قسم هر گز نہ ”بيشڪ الله توهان مان (جهاد کان) روڪيندڙن کي ڄاڻي ٿو ۽ انهن کي جيڪي پنهنجي ڀائرن کي چون ٿا تہ اسان ڏانهن اچو ۽ اُهي جنگ ۾ نٿا اچن مگر گهٽ“. ۽ آءٌ ان تي معذرت نہ ڪندس ڇا ڪاڻ جو بيشڪ آءٌ ان جي بدعتن کي پسند نہ ڪندو هيس، اگر منهنجو ڏوهہ اهو آهي جو آءٌ سندس رهنمائي ۽ هدايت ڪئي تہ گهڻا اهڙا آهن جن جي ملامت ڪئي ويندي آهي پر ان جو ڪو ڏوهہ نہ هوندو آهي. ۽ ڪڏهن نصيحت ڪندڙ تي ئي تهمت هنئي ويندي آهي ۽ مون نہ پئي چاهيو ” مگر اصلاح جيتري قدر مون کان ٿي سگهي ۽ الله ڪانسواءِ مون وٽ ڪا توفيق نہ آهي آءٌ ان تي ئي ڀروسو ڪريان ٿو ۽ ان جي طرف موٽان ٿو“ . ۽ تو اهو ذڪر ڪيو آهي تہ تو وٽ منهنجي لاءِ ۽ منهنجي اصحاب لاءِ فقط تلوار آهي، بيشڪ روئڻ کانپوءِ تو کلائي ڇڏيو آهي. تو عبدالمطلب جي پُٽن کي دشمن کان پرڪندي ۽ تلوار کان ڊڄندي ڪڏهن ڏٺو آهي؟ بس ٿورو ترس تہ حمل[1] جي اچي جنگ ۾ ڪڙڪئي. پوءِ عنقريب هو پاڻ ئي تو کي ڳولهيندو جنهن کي تو ڳوليو پئي، ۽ جنهن کي تون پري ڀائين ٿو تنهنجي ويجهو اچي ٿيندو. ۽ آءٌ مهاجرن، انصارن ۽ ڀلي طريقي سان انهن جي اتباع ڪندڙن جي عظيم لشڪر سان تو ڏانهن جلدي نڪرڻ وارو آهيان. جنهن جي ڀيڙ سخت، گرد ۽ غبار گهڻو هوندو، ۽ اهي موت جي پوشاڪ پهريل هوندا.



---

١: ماڻهو جو نالو.

أَحَبُّ اللِّقَاءِ إِلَيْهِمْ لِقَاءُ رَبِّهِمْ وَ قَدْ صَحِبَتْهُمْ ذُرِّيَّةٌ بَدْرِيَّةٌ وَ سُيُوفٌ هَاشِمِيَّةٌ قَدْ عَرَفْتَ مَوَاقِعَ نِصَالِهَا فِي أَخِيكَ وَ خَالِكَ وَ جَدِّكَ وَ أَهْلِكَ ﴿وَ ما هِيَ مِنَ الظَّالِمِينَ بِبَعِيدٍ[1]﴾.

## ٢٩ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى أهل البصرة.*

وَ قَدْ كَانَ مِنِ انْتِشَارِ حَبْلِكُمْ وَ شِقَاقِكُمْ مَا لَمْ تَغْبَوْا عَنْهُ فَعَفَوْتُ عَنْ مُجْرِمِكُمْ وَ رَفَعْتُ السَّيْفَ عَنْ مُدْبِرِكُمْ وَ قَبِلْتُ مِنْ مُقْبِلِكُمْ فَإِنْ خَطَتْ بِكُمُ الْأُمُورُ الْمُرْدِيَةُ وَ سَفَهُ الْآرَاءِ الْجَائِرَةِ إِلَى مُنَابَذَتِي وَ خِلَافِي فَهَا أَنَا ذَا قَدْ قَرَّبْتُ جِيَادِي وَ رَحَلْتُ رِكَابِي وَ لَئِنْ أَلْجَأْتُمُونِي إِلَى الْمَسِيرِ إِلَيْكُمْ لَأُوقِعَنَّ بِكُمْ وَقْعَةً لَا يَكُونُ يَوْمُ الْجَمَلِ إِلَيْهَا إِلَّا كَلَعْقَةِ لَاعِقٍ مَعَ أَنِّي عَارِفٌ لِذِي الطَّاعَةِ مِنْكُمْ فَضْلَهُ وَ لِذِي النَّصِيحَةِ حَقَّهُ غَيْرُ مُتَجَاوِزٍ مُتَّهَماً إِلَى بَرِيٍّ وَ لَا نَاكِثاً إِلَى وَفِيٍّ.

## ٣٠ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى معاوية.*

فَاتَّقِ اللَّهَ فِيمَا لَدَيْكَ وَ انْظُرْ فِي حَقِّهِ عَلَيْكَ وَ ارْجِعْ إِلَى مَعْرِفَةِ مَا لَا تُعْذَرُ بِجَهَالَتِهِ فَإِنَّ لِلطَّاعَةِ أَعْلَاماً وَاضِحَةً وَ سُبُلًا نَيِّرَةً وَ مَحَجَّةً نَهْجَةً وَ غَايَةً مُطَّلَبَةً يَرِدُهَا الْأَكْيَاسُ وَ يُخَالِفُهَا الْأَنْكَاسُ مَنْ نَكَبَ عَنْهَا جَارَ عَنِ الْحَقِّ وَ خَبَطَ فِي التِّيهِ وَ غَيَّرَ اللَّهُ نِعْمَتَهُ وَ أَحَلَّ بِهِ نِقْمَتَهُ. فَنَفْسَكَ نَفْسَكَ فَقَدْ بَيَّنَ اللَّهُ لَكَ سَبِيلَكَ وَ حَيْثُ تَنَاهَتْ بِكَ أُمُورُكَ فَقَدْ أَجْرَيْتَ إِلَى غَايَةِ خُسْرٍ وَ مَحَلَّةِ كُفْرٍ فَإِنَّ نَفْسَكَ قَدْ أَوْلَجَتْكَ شَرّاً وَ أَقْحَمَتْكَ غَيّاً وَ أَوْرَدَتْكَ الْمَهَالِكَ وَ أَوْعَرَتْ عَلَيْكَ الْمَسَالِكَ.



١: هود: الآية: ٨٣.

۽ هر ملاقات کان وڌيڪ انهن کي سندن رب جي ملاقات وڌيڪ پسند آهي، ۽ انهن سان شهداء بدر جي اولاد ۽ هاشمي تلوارون گڏ آهن، جن جا گهاءَ تو پنهنجي ڀاءُ، مامي، ناني ۽ خاندان تي ڏٺا. ”۽ اهي ظالمن کان پري نہ آهن.“

## ٢٩_ امام عليه السلام جو خط، بصري وارن ڏانهن

بيشڪ جيڪو توهان جو تفرقو ۽ اختلاف ٿيو تنهن کان توهان اڻ ڄاڻ نہ هيؤ. پوءِ بہ مون توهان جي مجرمن کي معاف ڪيو، ۽ توهان جي ڀاڄوڪڙن کان تلوار کڻئي. ۽ توهان جي ايندڙن کي قبول ڪيو. پوءِ هاڻ اگر توهان طرفان تباهہ ڪندڙ حالتن ۽ ناحق ڳالهين توهان کي منهنجي خلاف عهد شڪني ۽ مخالفت تي پڙڪايو تہ پوءِ آگاهہ رهو تہ آءٌ اهو آهيان جنهن پنهنجي گهوڙن کي قريب ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي اُٺن تي پاڪڙا ٻڌي ڇڏيا آهن. اگر توهان مون کي پاڻ ڏانهن اچڻ تي مجبور ڪيو تہ آءٌ توهان سان اهڙي جنگ وڙهندس جنهن جي سامهون جمل وارو ڏينهن رڳو چَٽڻ واري لاءِ چاٽي جيان هوندو. جڏهن تہ آءٌ توهان منجهان فرمانبردارن جي فضيلت کي ۽ نصيحت ونندڙن جي حق کي بہ ڄاڻان ٿو. ۽ ڏوهارين سان گڏ بي ڏوهين تي ۽ عهد شڪنن سان گڏ وفادارن تي چڙهائي نہ ڪندس.

## ٣٠_ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن

٦٣٩ جيڪو تو وٽ آهي ان بابت الله کان ڊڄ، ۽ پاڻ مٿان ان جي حق بابت غور ۽ فڪر ڪر، ۽ انهن حقن جي معرفت ڏانهن مُڙ جن بابت جهالت جو تنهنجو بهانو نہ ٻُڌو ويندو، ڇا ڪاڻ تہ اطاعت جي لاءِ واضح نشان، چٽا رستا، ويڪريون واٽون، ۽ منزلِ مقصود موجود آهي. داناءَ ان تائين پهچن ٿا، ۽ نادان ان کان ٽِڙي وڃن ٿا. جيڪو انکان لَڙي ويو اهو حق کان مُڙي ويو، ۽ گمراهيءَ ۾ رُلي ويو ۽ الله تعالىٰ ان کان پنهنجون نعمتون گسي ٿو، ۽ ان تي پنهنجو ڏمر ڪري ٿو. بس پنهنجو فڪر ڪر، پنهنجو فڪر ڪر!. بيشڪ الله تعالىٰ تنهنجي لاءِ تنهنجي رستي کي چِٽو ڪري ڇڏيو آهي ۽ تنهنجي لڇڻن تو کي اتي پهچايو آهي جو تون انتهائي خساري، ۽ ڪفر جي مقام ڏانهن هلي پيو آهين. ۽ يقيناً تنهنجي نفس تو کي شر ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي. ۽ گمراهيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. ۽ هلاڪتن واري هنڌ پهچائي ڇڏيو آهي ۽ رستن کي تو لاءِ ڏُکيو بڻائي ڇڏيو آهي.

# ٣١ـ و من وصية له عليه السلام

*للحسن بن علي عليه السلام كتبها إليه "بحاضرين" عند انصرافه من صفين.*

مِنَ الْوَالِدِ الْفَانِ الْمُقِرِّ لِلزَّمَانِ الْمُدْبِرِ الْعُمُرِ الْمُسْتَسْلِمِ لِلدُّنْيَا السَّاكِنِ مَسَاكِنَ الْمَوْتَى وَ الظَّاعِنِ عَنْهَا غَداً إِلَى الْمَوْلُودِ الْمُؤَمِّلِ مَا لَا يُدْرِكُ السَّالِكِ سَبِيلَ مَنْ قَدْ هَلَكَ غَرَضِ الْأَسْقَامِ وَ رَهِينَةِ الْأَيَّامِ وَ رَمِيَّةِ الْمَصَائِبِ وَ عَبْدِ الدُّنْيَا وَ تَاجِرِ الْغُرُورِ وَ غَرِيمِ الْمَنَايَا وَ أَسِيرِ الْمَوْتِ وَ حَلِيفِ الْهُمُومِ وَ قَرِينِ الْأَحْزَانِ وَ نُصُبِ الْآفَاتِ وَ صَرِيعِ الشَّهَوَاتِ وَ خَلِيفَةِ الْأَمْوَاتِ.

أَمَّا بَعْدُ، فَإِنَّ فِيمَا تَبَيَّنْتُ مِنْ إِدْبَارِ الدُّنْيَا عَنِّي وَ جُمُوحِ الدَّهْرِ عَلَيَّ وَ إِقْبَالِ الْآخِرَةِ إِلَيَّ مَا يَزَعُنِي عَنْ ذِكْرِ مَنْ سِوَايَ وَ الِاهْتِمَامِ بِمَا وَرَائِي غَيْرَ أَنِّي حَيْثُ تَفَرَّدَ بِي دُونَ هُمُومِ النَّاسِ هَمُّ نَفْسِي فَصَدَفَنِي رَأْيِي وَ صَرَفَنِي عَنْ هَوَايَ،

وَ صَرَّحَ لِي مَحْضُ أَمْرِي فَأَفْضَى بِي إِلَى جِدٍّ لَا يَكُونُ فِيهِ لَعِبٌ وَ صِدْقٍ لَا يَشُوبُهُ كَذِبٌ وَ وَجَدْتُكَ بَعْضِي بَلْ وَجَدْتُكَ كُلِّي حَتَّى كَأَنَّ شَيْئاً لَوْ أَصَابَكَ أَصَابَنِي وَ كَأَنَّ الْمَوْتَ لَوْ أَتَاكَ أَتَانِي.

فَعَنَانِي مِنْ أَمْرِكَ مَا يَعْنِينِي مِنْ أَمْرِ نَفْسِي فَكَتَبْتُ إِلَيْكَ كِتَابِي مُسْتَظْهِراً بِهِ إِنْ أَنَا بَقِيتُ لَكَ أَوْ فَنِيتُ فَإِنِّي أُوصِيكَ بِتَقْوَى اللَّهِ أَيْ بُنَيَّ وَ لُزُومِ أَمْرِهِ وَ عِمَارَةِ قَلْبِكَ بِذِكْرِهِ وَ الِاعْتِصَامِ بِحَبْلِهِ وَ أَيُّ سَبَبٍ أَوْثَقُ مِنْ سَبَبٍ بَيْنَكَ وَ بَيْنَ اللَّهِ.

## ٣١_ امام عليه السلام جي وصيت، امام حسن عليه السلام جي لاءِ

### جنهن کي پاڻ عليه السلام صفين کان واپسي تي ”حاضرين“ جي مقام تي لکيو هو.

هيءَ وصيت ان فانيءَ پيءُ جي طرفان آهي جيڪو زماني جي سختين جو اقرار ڪندڙ ۽ عمر ۾ پوئتي موٽندڙ ۽ دنيا جي ڏکن کي سهندڙ، ۽ مُئلن جي گهرن ۾ رهندڙ، ۽ سڀاڻي انهن کان لڏيندڙ آهي. ان نينگر لاءِ جيڪو نہ ملندڙ شين جي تمنا ڪندڙ، هلاڪ ٿيندڙن جي واٽ تي هلندڙ، بيمارين جو نشانو بڻيل ۽ چند ڏينهن جو گِروي ٿيل، مصيبتن جو ڏڪيل، دنيا جو پابند بڻيل، ڌوکن جو واپاري، موت جو مقروض، وفات جو قيدي، دردن جو دوست، ڏُکن جو ساٿي، آفتن ۾جڪڙيل، خواهشن جو سَٽيل، ۽ مُئلن جو جانشين آهي.

اما بعد: بيشڪ مونکي دنيا جي پُٺي ڏيڻ، ۽ مون تي زماني جي سرڪش ٿيڻ، ۽ آخرت جي پاڻ ڏانهن وڌي اچڻ مان مون اهو سمجهيو آهي جنهن مون کي پاڻ کان علاوه جي ذڪر ڪرڻ ۽ پنهنجي پوئيرن جي سنڀال ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي، تہ جيئن آءٌ ماڻهن جي فڪر ڪرڻ کي ڇڏي پنهنجو فڪر ڪريان. پر اچانڪ منهنجي راءِ مونکي روڪيو ۽ پنهنجي خواهشن کان ڦيرايو. ۽ منهنجي لاءِ منهنجو ئي معاملو بلڪل پڌرو ٿيو. جنهن مونکي سنجيدگيءَ جي ان منزل تائين پهچايو جنهن ۾ ڪا بہ اجائي شيءِ نہ آهي، ۽ سچائي جي ان حد تائين پهچايو جنهن ۾ ڪوڙ جي ملاوٽ نہ آهي، تہ اتي آءٌ توکي پنهنجو ئي ڪجھ حصو پاتو بلڪ مون تو کي پنهنجو سڀ ڪجھ پاتو. ايستائين جو ڪو نقصان توکي پهتو ڄڻ مونکي پهتو، ۽ توکي موت آيو ڄڻ مونکي موت آيو.



پوءِ مونکي ان شيءِ تنهنجي ڪم جي باري ۾ ڳڻتي ۾ وڌو جنهن مونکي پنهنجي ڪم جي باري ۾ ڳڻتي ۾ وڌو. پوءِ مون تو ڏانهن بطور مدد پنهنجي هي لِکت لکي، چاهي آءٌ تنهنجي لاءِ باقي رهان يا هليو وڃان. بس اي منهنجا پٽڙا! آءٌ توکي الله تعالىٰ جي تقويٰ اختيار ڪرڻ، ۽ سندس حڪم جي پابندي ڪرڻ، ۽ سندس ذڪر سان پنهنجي دل کي آباد رکڻ، ۽ سندس رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙڻ جي وصيت ڪريان ٿو. ڀلا تنهنجي ۽ الله تعالىٰ جي درميان ان کان وڌيڪ ڪهڙو مضبوط وسيلو آهي.

إِنْ أَنْتَ أَخَذْتَ بِهِ أَخِي قَلْبَكَ بِالْمَوْعِظَةِ وَ أَمِتْهُ بِالزَّهَادَةِ وَ قَوِّهِ بِالْيَقِينِ وَ نَوِّرْهُ بِالْحِكْمَةِ وَ ذَلِّلْهُ بِذِكْرِ الْمَوْتِ وَ قَرِّرْهُ بِالْفَنَاءِ وَ بَصِّرْهُ فَجَائِعَ الدُّنْيَا وَ حَذِّرْهُ صَوْلَةَ الدَّهْرِ وَ فُحْشَ تَقَلُّبِ اللَّيَالِي وَ الْأَيَّامِ وَ اعْرِضْ عَلَيْهِ أَخْبَارَ الْمَاضِينَ وَ ذَكِّرْهُ بِمَا أَصَابَ مَنْ كَانَ قَبْلَكَ مِنَ الْأَوَّلِينَ وَ سِرْ فِي دِيَارِهِمْ وَ آثَارِهِمْ.

فَانْظُرْ فِيمَا فَعَلُوا وَ عَمَّا انْتَقَلُوا وَ أَيْنَ حَلُّوا وَ نَزَلُوا فَإِنَّكَ تَجِدُهُمْ قَدِ انْتَقَلُوا عَنِ الْأَحِبَّةِ وَ حَلُّوا دِيَارَ الْغُرْبَةِ وَ كَأَنَّكَ عَنْ قَلِيلٍ قَدْ صِرْتَ كَأَحَدِهِمْ فَأَصْلِحْ مَثْوَاكَ وَ لَا تَبِعْ آخِرَتَكَ بِدُنْيَاكَ وَ دَعِ الْقَوْلَ فِيمَا لَا تَعْرِفُ وَ الْخِطَابَ فِيمَا لَمْ تُكَلَّفْ وَ أَمْسِكْ عَنْ طَرِيقٍ إِذَا خِفْتَ ضَلَالَتَهُ فَإِنَّ الْكَفَّ عِنْدَ حَيْرَةِ الضَّلَالِ خَيْرٌ مِنْ رُكُوبِ الْأَهْوَالِ وَ أْمُرْ بِالْمَعْرُوفِ تَكُنْ مِنْ أَهْلِهِ وَ أَنْكِرِ الْمُنْكَرَ بِيَدِكَ وَ لِسَانِكَ وَ بَايِنْ مَنْ فَعَلَهُ بِجُهْدِكَ وَ جَاهِدْ فِي اللَّهِ حَقَّ جِهَادِهِ.

وَ لَا تَأْخُذْكَ فِي اللَّهِ لَوْمَةُ لَائِمٍ وَ خُضِ الْغَمَرَاتِ لِلْحَقِّ حَيْثُ كَانَ وَ تَفَقَّهْ فِي الدِّينِ وَ عَوِّدْ نَفْسَكَ التَّصَبُّرَ عَلَى الْمَكْرُوهِ وَ نِعْمَ الْخُلُقُ التَّصَبُّرُ فِي الْحَقِّ وَ أَلْجِئْ نَفْسَكَ فِي أُمُورِكَ كُلِّهَا إِلَى إِلَهِكَ فَإِنَّكَ تُلْجِئُهَا إِلَى كَهْفٍ حَرِيزٍ وَ مَانِعٍ عَزِيزٍ.

وَ أَخْلِصْ فِي الْمَسْأَلَةِ لِرَبِّكَ فَإِنَّ بِيَدِهِ الْعَطَاءَ وَ الْحِرْمَانَ وَ أَكْثِرِ الِاسْتِخَارَةَ وَ تَفَهَّمْ وَصِيَّتِي وَ لَا تَذْهَبَنَّ عَنْكَ صَفْحاً فَإِنَّ خَيْرَ الْقَوْلِ مَا نَفَعَ وَ اعْلَمْ أَنَّهُ لَا خَيْرَ فِي عِلْمٍ لَا يَنْفَعُ وَ لَا يُنْتَفَعُ بِعِلْمٍ لَا يَحِقُّ تَعَلُّمُهُ.

اگر تون انکي ونين تہ. وعظ ۽ نصيحت سان پنهنجي دل کي زنده رک، ۽ زُهد سان انکي ماري ڇڏ، ۽ يقين سان انکي مضبوط رک. ۽ دانائي سان انکي روشن رک، ۽ موت جي ذڪر سان انکي نياز مند بڻاء، ۽ فنا جي خوف سان انکي مجراء، ۽ دنيا جي مصيبتن جي کيس بصيرت ڏيار. ۽ انکي زماني جي حملي، ۽ راتين ۽ ڏينهن جي ڏُکين لاهن چاڙهن کان ڊيڄار، ۽ ان اڳيان گذري ويلن جون ڳالهيون پيش ڪر، ۽ توکان پهريائين وارن تي جيڪي حالات گذريا تن جي کيس ياد ڏيار. ۽ سندن جاين جي کنڊرات ۽ آثارن جو سير ڪر. ۽ ڳهري نظر سان ڏس تہ انهن ڇا ڇا ڪيو، ۽ ڪٿان ڪان لڏيا ۽ ڪاٿي لٿا ۽ ترسيا. بيشڪ تون انهن کي پيارن کان وڇڙيل، اڪيلائي وارن گهرن ۾ ترسيل پائيندين. ۽ عنقريب تون بہ ڄڻ انهن مان هڪ ٿي ويندين. بس پنهنجي اصلي گهر کي نيڪ ڪر، ۽ پنهنجيءَ آخرت کي پنهنجي دنيا جي بدلي نہ وِڪڻ. ۽ جنهن شيءِ کي نہ ڄاڻين ان بابت ڳالهائڻ، ۽ جنهن شيءِ جي توکي ذميداري ناهي ڏني وئي ان بابت ڪلام ڪرڻ کي ڇڏي ڏي. ۽ ان رستي کان رُڪجي وڃ جڏهن توکي ان جي گمراهيءَ جو ڊپ هجي. ڇاڪاڻ تہ گمراهيءَ ۾ ڀٽڪڻ کان رڪجي وڃڻ، مصيبتن ۾ مبتلا ٿيڻ کان ڀلو آهي. ڀلائيءَ جو حڪم ڏي تہ جيئن تون بہ انهن مان ٿي وڃين ۽ پنهنجي هٿ ۽ زبان سان بُرائي کي روڪ. ۽ جيڪو بُرائي کي انجام ڏئي انکان بلڪل پري ٿي، ۽ الله تعالىٰ جي راه ۾ اهڙو جهاد ڪر جهڙو جهاد ڪرڻ جو حق آهي.

٦٤٣ ۽ الله تعالىٰ جي راه ۾ ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت تو تي اثر نہ ڪري. ۽ حق جي خاطر سختين ۾ گهڙي پؤ ڇاهي اهو ڪٿي بہ هجي، ۽ دين ۾ سمجهہ حاصل ڪر، ۽ پنهنجي نفس کي ڏکيائين تي صبر ڪرڻ تي هيراءِ، ۽ حق لاءِ صبر اختيار ڪرڻ ڪيڏو نہ ڀلو اخلاق آهي. ۽ پنهنجي سيني ڪمن ۾ پاڻ کي پنهنجي خدا جي پناه ۾ ڏيئي ڇڏ. بيشڪ پوءِ تو انکي مضبوط پناهگاه ۽ طاقتور محافظ جي حفاظت ۾ ڏيئي ڇڏيو. ۽ سوال ڪرڻ ۾ پنهنجي پالڻهار سان مخلص ٿي، ڇا ڪاڻ تہ ڏيڻ ۽ نہ ڏيڻ سندس هٿ ۾ آهي، ۽ (الله کان) گهڻي ڀلائي گهُر، ۽ منهنجي وصيت کي سمجهہ ۽ اها تو کان ڪڏهن بہ هڪ پاسي نہ ٿي وڃي. ڇا ڪاڻ تہ ڀلي ڳالهہ اها آهي جيڪا فائدو ڏي، ۽ تون ڄاڻ تہ ان علم ۾ ڪا ڀلائي نہ آهي جيڪو فائدو نہ ڏئي. ۽ جنهن علم کان فائدو نہ ورتو وڃي انکي سِکڻ اجايو آهي.

أَيْ بُنَيَّ إِنِّي لَمَّا رَأَيْتُنِي قَدْ بَلَغْتُ سِنّاً وَ رَأَيْتُنِي أَزْدَادُ وَهْناً بَادَرْتُ بِوَصِيَّتِي إِلَيْكَ وَ أَوْرَدْتُ خِصَالًا مِنْهَا قَبْلَ أَنْ يَعْجَلَ بِي أَجَلِي دُونَ أَنْ أُفْضِيَ إِلَيْكَ بِمَا فِي نَفْسِي أَوْ أَنْ أُنْقَصَ فِي رَأْيِي كَمَا نُقِصْتُ فِي جِسْمِي أَوْ يَسْبِقَنِي إِلَيْكَ بَعْضُ غَلَبَاتِ الْهَوَى وَ فِتَنِ الدُّنْيَا فَتَكُونَ كَالصَّعْبِ النَّفُورِ.

وَ إِنَّمَا قَلْبُ الْحَدَثِ كَالْأَرْضِ الْخَالِيَةِ مَا أُلْقِيَ فِيهَا مِنْ شَيْءٍ قَبِلَتْهُ فَبَادَرْتُكَ بِالْأَدَبِ قَبْلَ أَنْ يَقْسُوَ قَلْبُكَ وَ يَشْتَغِلَ لُبُّكَ لِتَسْتَقْبِلَ بِجِدِّ رَأْيِكَ مِنَ الْأَمْرِ مَا قَدْ كَفَاكَ أَهْلُ التَّجَارِبِ بُغْيَتَهُ وَ تَجْرِبَتَهُ فَتَكُونَ قَدْ كُفِيتَ مَئُونَةَ الطَّلَبِ وَ عُوفِيتَ مِنْ عِلَاجِ التَّجْرِبَةِ فَأَتَاكَ مِنْ ذَلِكَ مَا قَدْ كُنَّا نَأْتِيهِ وَ اسْتَبَانَ لَكَ مَا رُبَّمَا أَظْلَمَ عَلَيْنَا مِنْهُ.

أَيْ بُنَيَّ إِنِّي وَ إِنْ لَمْ أَكُنْ عُمِّرْتُ عُمُرَ مَنْ كَانَ قَبْلِي فَقَدْ نَظَرْتُ فِي أَعْمَالِهِمْ وَ فَكَّرْتُ فِي أَخْبَارِهِمْ وَ سِرْتُ فِي آثَارِهِمْ حَتَّى عُدْتُ كَأَحَدِهِمْ بَلْ كَأَنِّي بِمَا انْتَهَى إِلَيَّ مِنْ أُمُورِهِمْ قَدْ عُمِّرْتُ مَعَ أَوَّلِهِمْ إِلَى آخِرِهِمْ فَعَرَفْتُ صَفْوَ ذَلِكَ مِنْ كَدَرِهِ وَ نَفْعَهُ مِنْ ضَرَرِهِ فَاسْتَخْلَصْتُ لَكَ مِنْ كُلِّ أَمْرٍ نَخِيلَهُ.



وَ تَوَخَّيْتُ لَكَ جَمِيلَهُ وَ صَرَفْتُ عَنْكَ مَجْهُولَهُ وَ رَأَيْتُ حَيْثُ عَنَانِي مِنْ أَمْرِكَ مَا يَعْنِي الْوَالِدَ الشَّفِيقَ وَ أَجْمَعْتُ عَلَيْهِ مِنْ أَدَبِكَ أَنْ يَكُونَ ذَلِكَ.

وَ أَنْتَ مُقْبِلُ الْعُمُرِ وَ مُقْتَبَلُ الدَّهْرِ ذُو نِيَّةٍ سَلِيمَةٍ وَ نَفْسٍ صَافِيَةٍ وَ أَنْ أَبْتَدِئَكَ بِتَعْلِيمِ كِتَابِ اللَّهِ عَزَّ وَ جَلَّ وَ تَأْوِيلِهِ وَ شَرَائِعِ الْإِسْلَامِ وَ أَحْكَامِهِ وَ حَلَالِهِ وَ حَرَامِهِ لَا أُجَاوِزُ ذَلِكَ بِكَ إِلَى غَيْرِهِ.

اي منهنجا پُٽڙا! جڏهن مون پاڻ کي ڏٺو تہ آءٌ پوڙهائپ تائين پهچي ويو آهيان، ۽ مون پاڻ کي ڏٺو تہ ڏينهون ڏينهن ڪمزوري ۾ وڌندو وڃان ٿو تہ پوءِ تو کي وصيت ڪرڻ ۾ جلدي ڪئي، ۽ ان مان چوندڊ خوبيون بيان ڪيون، ان ڪان اڳ جو منهنجو اجل مون تائين پهريائين پهچي وڃي، جڏهن تہ آءٌ تو تائين پنهنجي اندر جي ڳالهہ نہ پهچائي سگهان. يا آءٌ پنهنجي راءِ ۾ ڪمزور ٿي وڃان جيئن آءٌ جسماني طور تي ڪمزور ٿي ويو آهيان، يا مون ڪان پهريائين تو وٽ ڪجهہ غالب خواهشون ۽ دنيا جا فتنا پهچي وڃن ۽ تون هڪ ٽاهوڪڙ حيوان وانگر ٿي وڃين. ۽ نوجوان جي دل خالي زمين وانگر هوندي آهي جو جيڪا بہ شيءِ ان ۾ اڇلائي وڃي تہ انکي قبول ڪندي آهي. بس مون تو کي ادب سيکارڻ ۾ جلدي ڪئي ان ڪان پهريائين جو تنهنجي دل سخت ٿي وڃي ۽ تنهنجو ذهن مصروف ٿي وڃي. تہ جيئن تون سنجيده راءِ ذريعي انهن ڳالهين کي قبول ڪرين جو تجربيڪار تنهنجي لاءِ انهن جي تلاش ۽ تجربي ڪرڻ ڪان ڪافي آهن. بس تون ڳولها واريءَ تڪليف ڪان بي نياز ۽ تجربي جي زحمت ڪان بچي پوندين. بس انهن مان تو تائين اها معلومات پهچندي جنهن تي اسان پهچندا هئاسين ۽ شايد انهن مان تنهنجي لاءِ اها معلومات بہ ظاهر ٿئي جيڪا اسان تي لڪيل هئي. اي پٽ!. جيتوڻيڪ آءٌ ايتري ڄمار ناهي پاتي جيتري ڄمار مونکان پهريائين وارن پاتي هئي، پر پوءِ بہ مون سندن ڪمن ۾ غور ڪيو، ۽ سندن ڳالهين بابت ويچار ڪيو ۽ سندن کنڊرن جو سير ڪيو ايستائين جو پاڻ کي انهن وانگر هڪ ڀانيو. انهن جون ڳالهيون مون تائين ائين پهتيون جو ڄڻ آءٌ انهن جي پهرين کان وٺي انهن جي آخريءَ سان گڏ گذاريو هجي. پوءِ مون انهن جي چڱين مان ڪسين کي، ۽ انهن جي نقصان مان فائدي کي ڄاڻي ڇڏيو. بس پوءِ مون تنهنجي لاءِ انهن سڀني مان چوندڊ ڪري انهن کي اختيار ڪيو، ۽ ان جي خوبين کي پڌرو ڪيو، ۽ انهن مان اڄاڻ شين کي تو ڪان ڦيري ڇڏيو. ۽ تنهنجي باري ۾ مونکي ان شيءِ ڳڻتيءَ ۾ وڌو جيڪا هڪ مهربان پيءَ کي ڳڻتيءَ ۾ وجهندي آهي. پوءِ مون تو کي ادب جي تعليم ڏيڻ تي پڪو پهہ ڪيو، (۽ مون ڏٺو تہ) اهو هن ئي وقت مناسب آهي جڏهن تہ تون نئينءَ عمر وارو، ۽ زماني کي منهن ڏيڻ وارو، ۽ صاف نيت ۽ پاڪ نفس رکڻ وارو آهين. تہ تو کي الله عزوجل جي ڪتاب جي تعليم ۽ ان جي تاويل ۽ اسلام جا قانون ۽ انجا احڪام حلال ۽ حرام سيکارڻ شروع ڪريان، ۽ تو کي سيکارڻ ۾ ٻيءَ ڪنهن شيءِ کي ترجيح نہ ڏيان.

ثُمَّ أَشْفَقْتُ أَنْ يَلْتَبِسَ عَلَيْكَ مَا اخْتَلَفَ النَّاسُ فِيهِ مِنْ أَهْوَائِهِمْ وَ آرَائِهِمْ مِثْلَ الَّذِي الْتَبَسَ عَلَيْهِمْ فَكَانَ إِحْكَامُ ذَلِكَ عَلَى مَا كَرِهْتُ مِنْ تَنْبِيهِكَ لَهُ أَحَبَّ إِلَيَّ مِنْ إِسْلَامِكَ إِلَى أَمْرٍ لَا آمَنُ عَلَيْكَ بِهِ الْهَلَكَةَ وَ رَجَوْتُ أَنْ يُوَفِّقَكَ اللَّهُ فِيهِ لِرُشْدِكَ وَ أَنْ يَهْدِيَكَ لِقَصْدِكَ فَعَهِدْتُ إِلَيْكَ وَصِيَّتِي هَذِهِ

وَ اعْلَمْ يَا بُنَيَّ أَنَّ أَحَبَّ مَا أَنْتَ آخِذٌ بِهِ إِلَيَّ مِنْ وَصِيَّتِي تَقْوَى اللَّهِ وَ الِاقْتِصَارُ عَلَى مَا فَرَضَهُ اللَّهُ عَلَيْكَ وَ الْأَخْذُ بِمَا مَضَى عَلَيْهِ الْأَوَّلُونَ مِنْ آبَائِكَ وَ الصَّالِحُونَ مِنْ أَهْلِ بَيْتِكَ فَإِنَّهُمْ لَمْ يَدَعُوا أَنْ نَظَرُوا لِأَنْفُسِهِمْ كَمَا أَنْتَ نَاظِرٌ وَ فَكَّرُوا كَمَا أَنْتَ مُفَكِّرٌ.

ثُمَّ رَدَّهُمْ آخِرُ ذَلِكَ إِلَى الْأَخْذِ بِمَا عَرَفُوا وَ الْإِمْسَاكِ عَمَّا لَمْ يُكَلَّفُوا فَإِنْ أَبَتْ نَفْسُكَ أَنْ تَقْبَلَ ذَلِكَ دُونَ أَنْ تَعْلَمَ كَمَا عَلِمُوا فَلْيَكُنْ طَلَبُكَ ذَلِكَ بِتَفَهُّمٍ وَ تَعَلُّمٍ لَا بِتَوَرُّطِ الشُّبُهَاتِ وَ عُلَقِ الْخُصُومَاتِ.

وَ ابْدَأْ قَبْلَ نَظَرِكَ فِي ذَلِكَ بِالاسْتِعَانَةِ بِإِلَهِكَ وَ الرَّغْبَةِ إِلَيْهِ فِي تَوْفِيقِكَ وَ تَرْكِ كُلِّ شَائِبَةٍ أَوْلَجَتْكَ فِي شُبْهَةٍ أَوْ أَسْلَمَتْكَ إِلَى ضَلَالَةٍ فَإِنْ أَيْقَنْتَ أَنْ قَدْ صَفَا قَلْبُكَ فَخَشَعَ وَ تَمَّ رَأْيُكَ فَاجْتَمَعَ وَ كَانَ هَمُّكَ فِي ذَلِكَ هَمّاً وَاحِداً.

فَانْظُرْ فِيمَا فَسَّرْتُ لَكَ وَ إِنْ لَمْ يَجْتَمِعْ لَكَ مَا تُحِبُّ مِنْ نَفْسِكَ وَ فَرَاغِ نَظَرِكَ وَ فِكْرِكَ فَاعْلَمْ أَنَّكَ إِنَّمَا تَخْبِطُ الْعَشْوَاءَ وَ تَتَوَرَّطُ الظَّلْمَاءَ وَ لَيْسَ طَالِبُ الدِّينِ مَنْ خَبَطَ أَوْ خَلَطَ وَ الْإِمْسَاكُ عَنْ ذَلِكَ أَمْثَلُ.

پر مونکي اهو ڊچ ٿيو تہ تو تي ڳالهيون ائين منجهيل نہ رهن جيئن ماڻهن تي سندن خواهشن ۽ نظرين ۾ اختلاف جي ڪري منجهيل رهيون، جيتوڻيڪ انهن ڳالهين بابت تو کي متنبہ ڪرڻ جن کي آءٌ پسند نٿو ڪريان مونکي ان کان وڌيڪ پسند آهي جو آءٌ تو کي هڪ اهڙيءَ صورتحال جي حوالي ڪريان جنهن ۾ تنهنجي هلاڪت کان بچاء بابت پراميد نہ هجان، ۽ آءٌ اميد ڪريان ٿو تہ الله تعالىٰ تو کي هدايت جي توفيق عطا ڪري، ۽ صحيح واٽ جي رهنمائي ڪري، پوءِ آءٌ انهيءَ ڪري تو کي هي وصيت ڪريان ٿو. اي منهنجا پُٽڙا تون ڄاڻ تہ منهنجيءَ هن وصيت تي جيڪو تون عمل ڪندين ان مان مونکي سڀ کان وڌيڪ الله تعالىٰ جي تقوىٰ ۽ جيڪو الله تعالىٰ تو تي فرض ڪيو آهي ان تي پابند رهڻ ۽ جنهن تي تنهنجا وڏڙا ۽ تنهنجي خاندان جا نيڪ ماڻهو گذري ويا تنهن کي اپنائڻ پسند آهي، ڇا ڪاڻ تہ انهن پاڻ بابت ويچارڻ کي نہ ڇڏيو هو جيئن تون ويچارين ٿو، ۽ انهن ائين سوچيو هو جيئن تون سوچين ٿو.

پوءِ نتيجي ڪين ان طرف پهچايو تہ جيڪو انهن ڄاتو ان تي عمل ڪن، ۽ جن جي ڪين ذميداري نہ ڏني وجي تنهنڪان رڪجي وڃن. پوءِ بہ اگر تنهنجو نفس انهن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري پنهنجي ذاتي ڄاڻ کان بغير جيئن انهن ڄاتو تہ پوءِ تو کي گهرجي تہ تنهنجي انهن شين بابت طلب سمجهڻ ۽ سِکڻ جي نيت سان هجي شبهن ۾ پوڻ ۽ جهڳڙن ۾ چنبڙڻ جي نيت سان نہ هجي. ۽ انهن ڳالهين ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ کان پهريائين پنهنجي پالڻهار کان مدد طلب ڪرڻ ۽ پنهنجي توفيق لاءِ ان ڏانهن رغبت ڪرڻ ۽ هر ان شڪّ کي ڇڏڻ سان شروعات ڪر جيڪو تو کي شبهي ۾ داخل ڪري يا تو کي گمراهيءَ جي حوالي ڪري. اگر تو کي يقين ٿئي تہ تنهنجي دل صاف ٿي تابعدار بڻجي وئي آهي ۽ تنهنجي راءِ ڪامل ٿي هڪ هنڌ روڪجي وئي آهي، ۽ ان بابت تنهنجو هڪ ئي ارادو هجي تہ پوءِ انهن ڳالهين ۾ غور ۽ فڪر ڪر جيڪي مون تنهنجي لاءِ واضح ڪيون آهن، ۽ اگر جيڪو تون چاهين ان تي راءِ قائم نہ ٿئي ۽ تنهنجي ڪامل سوچ ۽ فڪر حاصل نہ ٿئي تہ پوءِ ياد رک تہ تون شب ڪور ڏاچيءَ وانگر رُلي ويندين ۽ گُگهہ اونداهيءَ ۾ وڃي پوندين، ۽ اهو دين جو طلبگار نہ آهي جيڪو رُلي وڃي يا شڪّ ۾ پئجي وڃي، ۽ ان کان رڪجي وڃڻ وڌيڪ افضل آهي.

فَتفَهَّمْ يَا بُنَيَّ وَصِيَّتِي وَ اعْلَمْ أَنَّ مَالِكَ الْمَوْتِ هُوَ مَالِكُ الْحَيَاةِ وَ أَنَّ الْخَالِقَ هُوَ الْمُمِيتُ وَ أَنَّ الْمُفْنِيَ هُوَ الْمُعِيدُ وَ أَنَّ الْمُبْتَلِيَ هُوَ الْمُعَافِي وَ أَنَّ الدُّنْيَا لَمْ تَكُنْ لِتَسْتَقِرَّ إِلَّا عَلَى مَا جَعَلَهَا اللَّهُ عَلَيْهِ مِنَ النَّعْمَاءِ وَ الِابْتِلَاءِ وَ الْجَزَاءِ فِي الْمَعَادِ أَوْ مَا شَاءَ مِمَّا لَا تَعْلَمُ فَإِنْ أَشْكَلَ عَلَيْكَ شَيْءٌ مِنْ ذَلِكَ فَاحْمِلْهُ عَلَى جَهَالَتِكَ.

فَإِنَّكَ أَوَّلُ مَا خُلِقْتَ بِهِ جَاهِلًا ثُمَّ عُلِّمْتَ وَ مَا أَكْثَرَ مَا تَجْهَلُ مِنَ الْأَمْرِ وَ يَتَحَيَّرُ فِيهِ رَأْيُكَ وَ يَضِلُّ فِيهِ بَصَرُكَ ثُمَّ تُبْصِرُهُ بَعْدَ ذَلِكَ فَاعْتَصِمْ بِالَّذِي خَلَقَكَ وَ رَزَقَكَ وَ سَوَّاكَ وَ لْيَكُنْ لَهُ تَعَبُّدُكَ وَ إِلَيْهِ رَغْبَتُكَ وَ مِنْهُ شَفَقَتُكَ.

وَ اعْلَمْ يَا بُنَيَّ أَنَّ أَحَداً لَمْ يُنْبِئْ عَنِ اللَّهِ سُبْحَانَهُ كَمَا أَنْبَأَ عَنْهُ الرَّسُولُ ﷺ فَارْضَ بِهِ رَائِداً وَ إِلَى النَّجَاةِ قَائِداً فَإِنِّي لَمْ آلُكَ نَصِيحَةً وَ إِنَّكَ لَنْ تَبْلُغَ فِي النَّظَرِ لِنَفْسِكَ وَ إِنِ اجْتَهَدْتَ مَبْلَغَ نَظَرِي لَكَ.

وَ اعْلَمْ يَا بُنَيَّ أَنَّهُ لَوْ كَانَ لِرَبِّكَ شَرِيكٌ لَأَتَتْكَ رُسُلُهُ وَ لَرَأَيْتَ آثَارَ مُلْكِهِ وَ سُلْطَانِهِ وَ لَعَرَفْتَ أَفْعَالَهُ وَ صِفَاتِهِ وَ لَكِنَّهُ إِلَهٌ وَاحِدٌ كَمَا وَصَفَ نَفْسَهُ لَا يُضَادُّهُ فِي مُلْكِهِ أَحَدٌ وَ لَا يَزُولُ أَبَداً وَ لَمْ يَزَلْ أَوَّلٌ قَبْلَ الْأَشْيَاءِ بِلَا أَوَّلِيَّةٍ وَ آخِرٌ بَعْدَ الْأَشْيَاءِ بِلَا نِهَايَةٍ عَظُمَ عَنْ أَنْ تَثْبُتَ رُبُوبِيَّتُهُ بِإِحَاطَةِ قَلْبٍ أَوْ بَصَرٍ.

فَإِذَا عَرَفْتَ ذَلِكَ فَافْعَلْ كَمَا يَنْبَغِي لِمِثْلِكَ أَنْ يَفْعَلَهُ فِي صِغَرِ خَطَرِهِ وَ قِلَّةِ مَقْدِرَتِهِ وَ كَثْرَةِ عَجْزِهِ و عَظِيمِ حَاجَتِهِ إِلَى رَبِّهِ فِي طَلَبِ طَاعَتِهِ وَ الْخَشْيَةِ مِنْ عُقُوبَتِهِ وَ الشَّفَقَةِ مِنْ سُخْطِهِ فَإِنَّهُ لَمْ يَأْمُرْكَ إِلَّا بِحَسَنٍ وَ لَمْ يَنْهَكَ إِلَّا عَنْ قَبِيحٍ.

بس اي منهنجا پُٽڙا! منهنجي وصيت کي سمجهه ۽ ڄاڻ تہ موت جو مالڪ اهو ئي آهي جيڪو حياتيءَ جو مالڪ آهي، ۽ جيڪو پيدا ڪندڙ آهي اهو ئي ماريندڙ آهي، ۽ جيڪو فنا ڪندڙ آهي اهو ئي ٻيهر جيئاريندڙ آهي، ۽ جيڪو بيمار ڪندڙ آهي اهو ئي چاق ڪندڙ آهي. ۽ بيشڪ دنيا جو نظام فقط اهو ئي رهندو جيڪو الله تعالىٰ نعمتن، آزمائشن، ۽ قيامت ۾ انهن جي جزا ڏيڻ جي اعتبار ڪان مقرر ڪيو آهي. يا جيڪو هو چاهي ۽ جنهن کي تون نٿو ڄاڻين. بس اگر انهن مان ڪا شيءِ تو کي ڏُکي لڳي تہ انکي پنهنجي لاعلمي سمجهہ، ڇا ڪاڻ تہ شروع ۾ تون اڻ ڄاڻ پيدا ڪيو وئين پوءِ سيکاريو وئين. ۽ اهي شيون ڪيتريون تہ گهڻيون آهن جن کي تون نٿو ڄاڻين، ۽ جن ۾ تنهنجي راءِ پختي نہ آهي، ۽ تنهنجي نظر پٽڪيل آهي، ۽ پوءِ تون انهن کي ڄاڻين ٿو. بس ان ذات کي مضبوطيءَ سان وٺ جنهن تو کي پيدا ڪيو، ۽ تو کي رزق عطا ڪيو، ۽ تو کي صحيح سالم بڻايو. بس تنهنجي اطاعت فقط ان لاءِ ئي هجي، ۽ تنهنجي چاهت رڳو ان ڏانهن ئي هجي، ۽ تنهنجو ڊڄ بس ان ڪان ئي هجي.

اي منهنجا پُٽڙا! تون ڄاڻ تہ ڪنهن بہ الله تعالىٰ جي باري ۾ ائين ناهي ٻڌايو جيئن رسول الله ﷺ سندس باري ۾ ٻڌايو آهي، بس سعادت لاءِ هنجي سرواٽيءَ ۽ نجات ڏانهن ان جي اڳواٽيءَ تي راضي رهہ. ڇا ڪاڻ تہ آءٌ تو کي نصيحت ڪرڻ ڪان ناهي ڪيٻايو، ۽ تون پنهنجي نفس جي باري ۾ سوچڻ ۾ ان حد تائين نہ پهچندين جيتوڻيڪ تون ڪوشش بہ ڪرين جيتري حد تائين تنهنجي باري ۾ منهنجي سوچ جي پهچ آهي. اي منهنجا پُٽڙا! تون ڄاڻ تہ اگر تنهنجي پالڻهار جو ڪو شريڪ هجي ها تہ انجا رسول بہ تو وٽ ضرور اچن ها، ۽ ضرور تون سندس بادشاهيءَ ۽ سلطنت جا آثار ڏسين ها، ۽ سندس افعالن ۽ صفتن کي ڄاڻين ها. مگر هو اڪيلو معبود آهي، جيئن هن پنهنجي توصيف پاڻ بيان ڪئي آهي، ۽ سندس بادشاهيءَ ۾ ڪو بہ ساڻس ٽڪرائڻ وارو نہ آهي، ۽ هو هميشہ ڪان آهي ۽ هميشہ رهندو. ۽ هو سڀني شين ڪان اڳڙو اوّل آهي جنهن جي اوليت جي حد نہ آهي، ۽ هو سڀني شين ڪان اهڙو آخر آهي جنهن جي نهايت جي حد نہ آهي. ۽ هو ان ڪان بلند آهي جو سندس ربوبيت دل يا نگاهہ جي حدبندي سان ثابت ٿئي. بس جڏهن تو انهن ڳالهين کي ڄاتو تہ پوءِ ائين عمل ڪر جيئن تو جهڙي لاءِ مناسب آهي تہ هو پنهنجي معمولي مقام، ٿورڙيءَ طاقت، گهڻي عاجزيءَ ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن سندس اطاعت جي طلب ۾ سخت محتاج هوندي ۽ سندس عذاب ڪان ڊڄندي، ۽ سندس سختيءَ ڪان خوف ڪائيندي عمل ڪري، ڇا ڪاڻ تہ هن تو کي رڳو ڀلن ڪمن جو ئي حڪم ڏنو آهي ۽ تو کي رڳو ٻُرن ڪمن ڪان ئي روڪيو آهي.

يَا بُنَيَّ إِنِّي قَدْ أَنبَأْتُكَ عَنِ الدُّنْيَا وَ حَالِهَا وَ زَوَالِهَا وَ انْتِقَالِهَا وَ أَنبَأْتُكَ عَنِ الْآخِرَةِ وَ مَا أُعِدَّ لِأَهْلِهَا فِيهَا وَ ضَرَبْتُ لَكَ فِيهِمَا الْأَمْثَالَ لِتَعْتَبِرَ بِهَا وَ تَحْذُوَ عَلَيْهَا إِنَّمَا مَثَلُ مَنْ خَبَرَ الدُّنْيَا كَمَثَلِ قَوْمٍ سَفْرٍ نَبَا بِهِمْ مَنْزِلٌ جَدِيبٌ فَأَمُّوا مَنْزِلًا خَصِيباً وَ جَنَاباً مَرِيعاً فَاحْتَمَلُوا وَعْثَاءَ الطَّرِيقِ وَ فِرَاقَ الصَّدِيقِ وَ خُشُونَةَ السَّفَرِ وَ جُشُوبَةَ الْمَطْعَمِ لِيَأْتُوا سَعَةَ دَارِهِمْ وَ مَنْزِلَ قَرَارِهِمْ.

فَلَيْسَ يَجِدُونَ لِشَيْءٍ مِنْ ذَلِكَ أَلَماً وَ لَا يَرَوْنَ نَفَقَةً فِيهِ مَغْرَماً وَ لَا شَيْءَ أَحَبُّ إِلَيْهِمْ مِمَّا قَرَّبَهُمْ مِنْ مَنْزِلِهِمْ وَ أَدْنَاهُمْ مِنْ مَحَلَّتِهِمْ وَ مَثَلُ مَنِ اغْتَرَّ بِهَا كَمَثَلِ قَوْمٍ كَانُوا بِمَنْزِلٍ خَصِيبٍ فَنَبَا بِهِمْ إِلَى مَنْزِلٍ جَدِيبٍ فَلَيْسَ شَيْءٌ أَكْرَهَ إِلَيْهِمْ وَ لَا أَفْظَعَ عِنْدَهُمْ مِنْ مُفَارَقَةِ مَا كَانُوا فِيهِ إِلَى مَا يَهْجُمُونَ عَلَيْهِ وَ يَصِيرُونَ إِلَيْهِ.

يَا بُنَيَّ اجْعَلْ نَفْسَكَ مِيزَاناً فِيمَا بَيْنَكَ وَ بَيْنَ غَيْرِكَ فَأَحْبِبْ لِغَيْرِكَ مَا تُحِبُّ لِنَفْسِكَ وَ اكْرَهْ لَهُ مَا تَكْرَهُ لَهَا وَ لَا تَظْلِمْ كَمَا لَا تُحِبُّ أَنْ تُظْلَمَ وَ أَحْسِنْ كَمَا تُحِبُّ أَنْ يُحْسَنَ إِلَيْكَ وَ اسْتَقْبِحْ مِنْ نَفْسِكَ مَا تَسْتَقْبِحُهُ مِنْ غَيْرِكَ.



وَ ارْضَ مِنَ النَّاسِ بِمَا تَرْضَاهُ لَهُمْ مِنْ نَفْسِكَ وَ لَا تَقُلْ مَا لَا تَعْلَمُ وَ إِنْ قَلَّ مَا تَعْلَمُ وَ لَا تَقُلْ مَا لَا تُحِبُّ أَنْ يُقَالَ لَكَ وَ اعْلَمْ أَنَّ الْإِعْجَابَ ضِدُّ الصَّوَابِ وَ آفَةُ الْأَلْبَابِ فَاسْعَ فِي كَدْحِكَ وَ لَا تَكُنْ خَازِناً لِغَيْرِكَ وَ إِذَا أَنْتَ هُدِيتَ لِقَصْدِكَ فَكُنْ أَخْشَعَ مَا تَكُونُ لِرَبِّكَ.

اي منهنجا پُٽڙا! بتحقيق مون تو کي دنيا ۽ ان جي حالت، ۽ ان جي تباهي ۽ تبديليءَ جي باري ۾ خبردار ڪري ڇڏيو آهي. ۽ آءٌ تو کي آخرت ۽ اتي جيڪو آخرت وارن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي ان باري ۾ به ٻڌائي ڇڏيو آهي. ۽ انهن ٻنهي جي باري ۾ تنهنجي لاءِ مثال پيش ڪري ڇڏيا آهن ته جيئن تون انهن مان عبرت حاصل ڪرين ۽ انهن مطابق عمل انجام ڏئين. ۽ جن ماڻهن دنيا کي پرکيو تن جو مثال انهن مسافرن جهڙو آهي جن کي ويران ٽاڪ خبردار ڪري ڇڏيو هجي، پوءِ انهن سرسبز منزل ۽ وڻندڙ مقام ڏانهن ارادو ڪيو، ۽ ان دوران رستي جا رنج، ساٿين جي جُدائي، سفر جي سختيءَ ۽ کاڌي جي رڪاوٽ کي برداشت ڪيو، ته جيئن پنهنجي وسيع گهر ۽ دائمي منزل وٽ پهچن ۽ اِنهن سيني حالتن ۾ اُنهن کو ڏُک محسوس نه ڪيو، ۽ نه وري ان دوران ڪيل خرچ کي خسارو سمجهو. ۽ انهن کي ان کان وڌيڪ ڪا شيءِ پسند نه آهي جيڪا کين سندن منزل جي قريب ڪري ۽ سندن گهر جي ويجهو ڪري. ۽ جن ماڻهن دنيا مان ڌوکو کاڌو، سندن مثال انهن ماڻهن جهڙو آهي جيڪي ڪنهن سرسبز هنڌ ۾ هئا پوءِ انهن کي ڪنهن هڪ ويران ٽاڪ بابت ٻڌايو. بس انهن لاءِ ان جي جدائيءَ جنهن ۾ اهي هئا ۽ جتي اچانڪ وڃي ٽُٽندا ۽ وڃي رسندا ان کان وڌيڪ ڪا به شيءِ اڻ وڻندڙ ۽ ڇرڪائيندڙ نه آهي.

اي منهنجا پُٽڙا! پنهنجي نفس کي پنهنجي ۽ ٻئي جي درميان ميزان قرار ڏي. بس ٻئي لاءِ به اهو پسند ڪر جيڪو پاڻ لاءِ پسند ڪرين، ۽ ان لاءِ به اهو ناپسند ڪر جيڪو پاڻ لاءِ ناپسند ڪرين. ۽ ڪنهن تي به ظلم نه ڪر جيئن تون پاڻ مٿان ظلم ٿيڻ کي پسند نٿو ڪرين، ۽ ڀلائي ڪر جيئن تون پاڻ سان ڀلائي ڪرڻ کي پسند ڪندو آهين. ۽ ٻئي جي جنهن ڪم کي بُرو سمجهين پنهنجي به اهڙي ڪم کي برو سمجهه. ۽ ماڻهن سان انهيءَ رويي تي راضي رهه جنهن تي انهن مان پنهنجي لاءِ راضي رهندو آهين، ۽ جنهن شيءِ کي نه ڄاڻين ان بابت نه ڳالهاءِ، جيتوڻيڪ جيڪو تون ڄاڻين ٿو اهو ٿورو آهي. ۽ اهو نه چئو جيڪو تون پنهنجي لاءِ چوڻ پسند نه ڪرين. ۽ تون ڄاڻ ته خودپسندي ڪاميابيءَ جو ضد، ۽ عقل جي لاءِ آفت آهي. بس پنهنجي ڪمائيءَ ۾ گهڻي محنت ڪر، ۽ ٻين لاءِ خزانچي نه ٿيءُ، ۽ جڏهن تو کي ميانه روي جي رهنمائي ڪئي وڃي ته پنهنجي پالڻهار لاءِ تمام گهڻي انڪساريءَ ڪر.

وَ اعْلَمْ أَنَّ أَمَامَكَ طَرِيقاً ذَا مَسَافَةٍ بَعِيدَةٍ وَ مَشَقَّةٍ شَدِيدَةٍ وَ أَنَّهُ لَا غِنَى بِكَ فِيهِ عَنْ حُسْنِ الِارْتِيَادِ وَ قَدْرِ بَلَاغِكَ مِنَ الزَّادِ مَعَ خِفَّةِ الظَّهْرِ فَلَا تَحْمِلَنَّ عَلَى ظَهْرِكَ فَوْقَ طَاقَتِكَ فَيَكُونَ ثِقْلُ ذَلِكَ وَبَالًا عَلَيْكَ وَ إِذَا وَجَدْتَ مِنْ أَهْلِ الْفَاقَةِ مَنْ يَحْمِلُ لَكَ زَادَكَ إِلَى يَوْمِ الْقِيَامَةِ فَيُوَافِيكَ بِهِ غَداً حَيْثُ تَحْتَاجُ إِلَيْهِ فَاغْتَنِمْهُ وَ حَمِّلْهُ إِيَّاهُ وَ أَكْثِرْ مِنْ تَزْوِيدِهِ وَ أَنْتَ قَادِرٌ عَلَيْهِ فَلَعَلَّكَ تَطْلُبُهُ فَلَا تَجِدُهُ وَ اغْتَنِمْ مَنِ اسْتَقْرَضَكَ فِي حَالِ غِنَاكَ لِيَجْعَلَ قَضَاءَهُ لَكَ فِي يَوْمِ عُسْرَتِكَ.

وَ اعْلَمْ أَنَّ أَمَامَكَ عَقَبَةً كَئُوداً الْمُخِفُّ فِيهَا أَحْسَنُ حَالًا مِنَ الْمُثْقِلِ وَ الْمُبْطِئُ عَلَيْهَا أَقْبَحُ حَالًا مِنَ الْمُسْرِعِ وَ أَنَّ مَهْبِطَكَ بِهَا لَا مَحَالَةَ إِمَّا عَلَى جَنَّةٍ أَوْ عَلَى نَارٍ فَارْتَدْ لِنَفْسِكَ قَبْلَ نُزُولِكَ وَ وَطِّئِ الْمَنْزِلَ قَبْلَ حُلُولِكَ فَلَيْسَ بَعْدَ الْمَوْتِ مُسْتَعْتَبٌ وَ لَا إِلَى الدُّنْيَا مُنْصَرَفٌ.

وَ اعْلَمْ أَنَّ الَّذِي بِيَدِهِ خَزَائِنُ السَّمَاوَاتِ وَ الْأَرْضِ قَدْ أَذِنَ لَكَ فِي الدُّعَاءِ وَ تَكَفَّلَ لَكَ بِالْإِجَابَةِ وَ أَمَرَكَ أَنْ تَسْأَلَهُ لِيُعْطِيَكَ وَ تَسْتَرْحِمَهُ لِيَرْحَمَكَ وَ لَمْ يَجْعَلْ بَيْنَكَ وَ بَيْنَهُ مَنْ يَحْجُبُكَ عَنْهُ وَ لَمْ يُلْجِئْكَ إِلَى مَنْ يَشْفَعُ لَكَ إِلَيْهِ وَ لَمْ يَمْنَعْكَ إِنْ أَسَأْتَ مِنَ التَّوْبَةِ وَ لَمْ يُعَاجِلْكَ بِالنِّقْمَةِ وَ لَمْ يُعَيِّرْكَ بِالْإِنَابَةِ وَ لَمْ يَفْضَحْكَ حَيْثُ الْفَضِيحَةُ بِكَ أَوْلَى وَ لَمْ يُشَدِّدْ عَلَيْكَ فِي قَبُولِ الْإِنَابَةِ وَ لَمْ يُنَاقِشْكَ بِالْجَرِيمَةِ وَ لَمْ يُؤْيِسْكَ مِنَ الرَّحْمَةِ بَلْ جَعَلَ نُزُوعَكَ عَنِ الذَّنْبِ حَسَنَةً وَ حَسَبَ سَيِّئَتَكَ وَاحِدَةً وَ حَسَبَ حَسَنَتَكَ عَشْراً وَ فَتَحَ لَكَ بَابَ الْمَتَابِ وَ بَابَ الِاسْتِعْتَابِ فَإِذَا نَادَيْتَهُ سَمِعَ نِدَاكَ.

تون ڄاڻ تہ بيشڪ تنهنجي اڳيان ڊگهي سفر ۽ سخت تڪليف وارو رستو آهي جنهن ۾ پلي انتخاب ۽ منزل تائين پهچائيندڙ سمر ڪان بي نياز نہ آهين پر پنهنجي پُٺيءَ کي هلڪو رکندي. بس پنهنجيءَ طاقت کان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ پنهنجيءَ پُٺيءَ تي نہ کڻ، ڇا ڪاڻ تہ اُهو بار تنهنجي لاءِ جنجال ٿي ويندو. پوءِ اگر ماڻهن مان ڪو فاقہ ڪش ڏسين جيڪو تنهنجي سمر کي قيامت تائين پهچائي ۽ سڀاڻي تو کي پورو ڏئي جتي تون ان جو محتاج هوندين تہ پوءِ انهيءَ فرصت کي غنيمت سمجهندي اهو کيس کڻاءِ ۽ جيترو ٿي سگهئي انکي وڌاءِ، جڏهن تہ تون ان تي قدرت بہ رکين ٿو. متان بعد ۾ تون انکي ڳولهيندو وتين، ۽ کيس هٿ نہ ڪري سگهين. ۽ پنهنجي آسودائپ وارن ڏينهن ۾ جيڪو تو کان قرض گُهري تہ انکي غنيمت سمجهہ تہ جيئن هو تو کي ان جي واپسي تنهنجي ڏکئي ڏينهن ۾ ڪري. تون ڄاڻ تہ بيشڪ تنهنجي اڳيان بلڪل سخت لَڪ آهي جنهن ۾ هلڪي سامان وارو ڳري سامان واري کان وڌيڪ پليءَ حالت ۾ هوندو، ۽ سُست چُست کان وڌيڪ بُريءَ حالت ۾ هوندو. ۽ بيشڪ اتان کان تنهنجي لهڻ جي جاءِ هر صورت ۾ يا جنت آهي يا جهنم آهي. لهڻ کان پهريائين پنهنجي لاءِ جڳهہ جو انتخاب ڪر ۽ پهچڻ کان پهريائين نڪاڻي کي نيڪ ڪر، ڇا ڪاڻ تہ موت کانپوءِ عذر قبول نہ ڪيو ويندو، ۽ نہ وري دنيا ڏانهن موٽايو ويندو. تون ڄاڻ تہ بيشڪ جنهن جي قبضي ۾ آسمانن ۽ زمين جا خزانا آهن ان تو کي دعا گهرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي ۽ انکي تنهنجي لاءِ قبول ڪرڻ جو ذمو بہ کڻي ڇڏيو آهي. بلڪ هن تو کي حڪم ڏنو آهي تہ کانئس گُهر تہ هو تو کي عطا ڪري، ۽ کانئس رحم طلب ڪر تہ جيئن هو تو تي رحم ڪري، ۽ هن تنهنجي ۽ پنهنجي درميان ڪا رڪاوٽ ناهي بڻائي جيڪا تو کي ان کان روڪي. ۽ نہ وري هن تو کي ڪنهن اهڙيءَ جي حوالي ڪيو آهي جيڪو وٽس تنهنجي سفارش ڪري. اگر تون برائي ڪرين تڏهن بہ هو تو کي توبہ کان نٿو روڪي. ۽ نہ تو کي سزا ڏيڻ ۾ جلدي ڪري ٿو، ۽ نہ توبہ ڪرڻ تي تو کي مِهڻو ڏئي ٿو. ۽ هن تو کي رسوا نہ ڪيو جتي تون رسوائي جي لائق بہ هئين. ۽ نہ توبہ کي قبول ڪرڻ لاءِ هو تو تي ڪا سختي ڪري ٿو. ۽ نہ گناهہ بابت تو سان ڇڪتاڻ ڪري ٿو، ۽ نہ تو کي پنهنجيءَ رحمت کان مايوس ڪري ٿو. بلڪ تنهنجي گناهن جي بار لاهڻ کي بہ نيڪي قرار ڏئي ٿو. ۽ هو تنهنجي هڪ بُرائيءَ کي هڪ ئي شمار ڪري ٿو، ۽ تنهنجي هڪ نيڪي کي ڏهہ شمار ڪري ٿو. ۽ هن تنهنجي لاءِ توبہ ۽ رضايت جي دروازي کي کولي ڇڏيو آهي. بس جڏهن تون کيس سڏين ٿو تہ هو تنهنجي سڏ کي ٻُڌي ٿو.

وَ إِذَا نَاجَيْتَهُ عَلِمَ نَجْوَاكَ فَأَفْضَيْتَ إِلَيْهِ بِحَاجَتِكَ وَ أَبْثَثْتَهُ ذَاتَ نَفْسِكَ وَ شَكَوْتَ إِلَيْهِ هُمُومَكَ وَ اسْتَكْشَفْتَهُ كُرُوبَكَ وَ اسْتَعَنْتَهُ عَلَى أُمُورِكَ وَ سَأَلْتَهُ مِنْ خَزَائِنِ رَحْمَتِهِ مَا لَا يَقْدِرُ عَلَى إِعْطَائِهِ غَيْرُهُ مِنْ زِيَادَةِ الْأَعْمَارِ وَ صِحَّةِ الْأَبْدَانِ وَ سَعَةِ الْأَرْزَاقِ ثُمَّ جَعَلَ فِي يَدَيْكَ مَفَاتِيحَ خَزَائِنِهِ بِمَا أَذِنَ لَكَ فِيهِ مِنْ مَسْأَلَتِهِ.

فَمَتَى شِئْتَ اسْتَفْتَحْتَ بِالدُّعَاءِ أَبْوَابَ نِعْمَتِهِ وَ اسْتَمْطَرْتَ شَآبِيبَ رَحْمَتِهِ فَلَا يُقَنِّطَنَّكَ إِبْطَاءُ إِجَابَتِهِ فَإِنَّ الْعَطِيَّةَ عَلَى قَدْرِ النِّيَّةِ وَ رُبَّمَا أُخِّرَتْ عَنْكَ الْإِجَابَةُ لِيَكُونَ ذَلِكَ أَعْظَمَ لِأَجْرِ السَّائِلِ وَ أَجْزَلَ لِعَطَاءِ الْآمِلِ.

وَ رُبَّمَا سَأَلْتَ الشَّيْءَ فَلَا تُؤْتَاهُ وَ أُوتِيتَ خَيْراً مِنْهُ عَاجِلًا أَوْ آجِلًا أَوْ صُرِفَ عَنْكَ لِمَا هُوَ خَيْرٌ لَكَ فَلَرُبَّ أَمْرٍ قَدْ طَلَبْتَهُ فِيهِ هَلَاكُ دِينِكَ لَوْ أُوتِيتَهُ فَلْتَكُنْ مَسْأَلَتُكَ فِيمَا يَبْقَى لَكَ جَمَالُهُ وَ يُنْفَى عَنْكَ وَبَالُهُ فَالْمَالُ لَا يَبْقَى لَكَ وَ لَا تَبْقَى لَهُ.

وَ اعْلَمْ يَا بُنَيَّ أَنَّكَ إِنَّمَا خُلِقْتَ لِلْآخِرَةِ لَا لِلدُّنْيَا وَ لِلْفَنَاءِ لَا لِلْبَقَاءِ وَ لِلْمَوْتِ لَا لِلْحَيَاةِ وَ أَنَّكَ فِي قُلْعَةٍ وَ دَارِ بُلْغَةٍ وَ طَرِيقٍ إِلَى الْآخِرَةِ وَ أَنَّكَ طَرِيدُ الْمَوْتِ الَّذِي لَا يَنْجُو مِنْهُ هَارِبُهُ وَ لَا يَفُوتُهُ طَالِبُهُ وَ لَا بُدَّ أَنَّهُ مُدْرِكُهُ.

فَكُنْ مِنْهُ عَلَى حَذَرِ أَنْ يُدْرِكَكَ وَ أَنْتَ عَلَى حَالٍ سَيِّئَةٍ قَدْ كُنْتَ تُحَدِّثُ نَفْسَكَ مِنْهَا بِالتَّوْبَةِ فَيَحُولَ بَيْنَكَ وَ بَيْنَ ذَلِكَ فَإِذَا أَنْتَ قَدْ أَهْلَكْتَ نَفْسَكَ.

۽ جڏهن تون ساڻس مناجات ڪرين ٿو ته هو تنهنجي مناجات کي ڄاڻي ٿو. ۽ تون وٽس پنهنجون ضرورتون پيش ڪرين ٿو، ۽ پنهنجي اندر جا راز کولين ٿو، ۽ کيس پنهنجي ڏکن ۽ سورن جي شڪايت ڪرين ٿو، ۽ پنهنجي ڏکيائين مان ڇوٽڪاري جي التجا ڪرين ٿو، ۽ پنهنجي ڪمن تي ڪانئس مدد گُهرين ٿو، ۽ سندس رحمت جي خزانن مان اُهي شيون گهرين ٿو جن جي عطا ڪرڻ تي ڪو ٻيو قدرت نٿو رکي. جيئن ڄمارُن جو واڌارو، جسمن جي صحت، ۽ رزق جي جهجهائي. بس هن تو کي پاڻ کان گُهرڻ جي اجازت ڏئي تنهنجي هٿن ۾ پنهنجي خزانن جون چابيون ڏئي ڇڏيون آهن.

بس جڏهن تون چاهين ته دعا ذريعي سندس نعمت جي دروازن کي کولين، ۽ سندس رحمت جي وسڪاري جو مِينهن گُهرين. بس هن جي جواب ڏيڻ جي دير هرگز تو کي مايوس نه ڪري، ڇا ڪاڻ ته عطا ۽ بخشش نيت مطابق هوندي آهي. ڪڏهن قبوليت کي تو کان پوئتي ڪيو وڃي ٿو ته جيئن اهو سواليءَ جي اجر کي وڌائي، ۽ اميد ڪندڙ جي عطا ۾ اجا اضافو ڪري، ۽ ڪڏهن تون ڪا شيءِ گهرين ٿو پر اها تو کي نٿي ڏني وڃي پر دير يا سوير ان کان ڀلي شيءِ تو کي عطا ڪئي وڃي ٿي. يا اها تو کان ان شيءِ جي بدلي ڦيري وڃي ٿي جيڪا تنهنجي لاءِ وڌيڪ ڀلي هجي، بس ڪڏهن تون ڪا اهڙي شيءِ گهرندو آهين جيڪڏهن اها تو کي ڏني وڃي ته ان ۾ تنهنجو دين برباد ٿي ويندو. بس تو کي اهي شيون گُهرڻ گهرجن جن جي خوبصورتي تنهنجي لاءِ باقي رهي، ۽ جن جي مصيبت تو کان ٽاري وڃي، بس نه مال تنهنجي لاءِ باقي رهندو ۽ نه وري تون ان لاءِ باقي رهندين.

اي منهنجا پُٽڙا! تون ڄاڻ ته بيشڪ تون رڳو آخرت لاءِ ئي پيدا ڪيو ويو آهين نه کي دنيا لاءِ، ۽ فنا لاءِ نه کي بقا لاءِ، ۽ مرڻ لاءِ نه کي جيئڻ لاءِ. ۽ بيشڪ تون وقتي ماڳ، سمر سهيڙڻ واري گهر، ۽ آخرت واريءَ واٽ تي آهين. ۽ يقيناً تون ان موت جو تڙيل آهين ڀڄڻ وارو جنهن کان ڇوٽڪارو پائي نه سگهندو، ۽ نه وري انجو مطلوب ڪانئس بچي سگهندو. بس موت کان ڊڄندو رهه جو متان هو تو وٽ ان وقت اچي جڏهن ته تون گناه واريءَ حالت ۾ هجين، ۽ تون ان کان پنهنجي نفس کي توبه بابت ٻڌائيندو هجين، پوءِ هو تنهنجي ۽ تنهنجي توبه جي درميان رڪاوٽ بڻجي وڃي، بس ته پوءِ تو پنهنجو پاڻ کي هلاڪ ڪري ڇڏيو.

## ذكر الموت

يَا بُنَيَّ أَكْثِرْ مِنْ ذِكْرِ الْمَوْتِ وَ ذِكْرِ مَا تَهْجُمُ عَلَيْهِ وَ تُفْضِي بَعْدَ الْمَوْتِ إِلَيْهِ حَتَّى يَأْتِيَكَ وَ قَدْ أَخَذْتَ مِنْهُ حِذْرَكَ وَ شَدَدْتَ لَهُ أَزْرَكَ وَ لَا يَأْتِيَكَ بَغْتَةً فَيَبْهَرَكَ وَ إِيَّاكَ أَنْ تَغْتَرَّ بِمَا تَرَى مِنْ إِخْلَادِ أَهْلِ الدُّنْيَا إِلَيْهَا وَ تَكَالُبِهِمْ عَلَيْهَا فَقَدْ نَبَّأَكَ اللَّهُ عَنْهَا وَ نَعَتْ هِيَ لَكَ عَنْ نَفْسِهَا وَ تَكَشَّفَتْ لَكَ عَنْ مَسَاوِيهَا.

فَإِنَّمَا أَهْلُهَا كِلَابٌ عَاوِيَةٌ وَ سِبَاعٌ ضَارِيَةٌ يَهِرُّ بَعْضُهَا عَلَى بَعْضٍ وَ يَأْكُلُ عَزِيزُهَا ذَلِيلَهَا وَ يَقْهَرُ كَبِيرُهَا صَغِيرَهَا نَعَمٌ مُعَقَّلَةٌ وَ أُخْرَى مُهْمَلَةٌ قَدْ أَضَلَّتْ عُقُولَهَا وَ رَكِبَتْ مَجْهُولَهَا سُرُوحُ عَاهَةٍ بِوَادٍ وَعْثٍ لَيْسَ لَهَا رَاعٍ يُقِيمُهَا وَ لَا مُسِيمٌ يُسِيمُهَا سَلَكَتْ بِهِمُ الدُّنْيَا طَرِيقَ الْعَمَى وَ أَخَذَتْ بِأَبْصَارِهِمْ عَنْ مَنَارِ الْهُدَى فَتَاهُوا فِي حَيْرَتِهَا وَ غَرِقُوا فِي نِعْمَتِهَا وَ اتَّخَذُوهَا رَبّاً فَلَعِبَتْ بِهِمْ وَ لَعِبُوا بِهَا وَ نَسُوا مَا وَرَاءَهَا.

## الترفق في الطلب



رُوَيْداً يُسْفِرُ الظَّلَامُ كَأَنْ قَدْ وَرَدَتِ الْأَظْعَانُ يُوشِكُ مَنْ أَسْرَعَ أَنْ يَلْحَقَ. وَ اعْلَمْ يَا بُنَيَّ أَنَّ مَنْ كَانَتْ مَطِيَّتُهُ اللَّيْلَ وَ النَّهَارَ فَإِنَّهُ يُسَارُ بِهِ وَ إِنْ كَانَ وَاقِفاً وَ يَقْطَعُ الْمَسَافَةَ وَ إِنْ كَانَ مُقِيماً وَادِعاً.

وَ اعْلَمْ يَقِيناً أَنَّكَ لَنْ تَبْلُغَ أَمَلَكَ وَ لَنْ تَعْدُوَ أَجَلَكَ وَ أَنَّكَ فِي سَبِيلِ مَنْ كَانَ قَبْلَكَ فَخَفِّضْ فِي الطَّلَبِ وَ أَجْمِلْ فِي الْمُكْتَسَبِ فَإِنَّهُ رُبَّ طَلَبٍ قَدْ جَرَّ إِلَى حَرَبٍ وَ لَيْسَ كُلُّ طَالِبٍ بِمَرْزُوقٍ وَ لَا كُلُّ مُجْمِلٍ بِمَحْرُومٍ.

## موت جو ذڪر

اي منهنجا پُٽڙا! موت کي گهڻو ياد ڪر، ۽ ان هنڌ کي گهڻو سار جتي تون اوچتو وڃي ٺُڪندين، ۽ جتي موت کان پوءِ وڃي پهچندين. تاڪ جڏهن هو تو وٽ اچي تہ تو ان لاءِ پنهنجي بچاءَ جو اپاءَ وٺي ڇڏيو هجي. ۽ تو ان لاءِ پنهنجو سندرو ٻڌي ڇڏيو هجي، ۽ هو تو وٽ اچانڪ نہ اچي جو تو کي وائڙو ڪري ڇڏي. ۽ خبردار جو دنيا وارن جي ان ۾ هميشہ رهڻ جي هوس کي ۽ سندن ان مٿان ٽُٽي پوڻ کي تنهنجو ڏِسڻ تو کي ڌوکي ۾ نہ وجهي. ڇا ڪاڻ تہ بيشڪ الله تعاليٰ تو کي ان بابت ٻڌائي ڇڏيو آهي، ۽ خود هن بہ پنهنجي فنا ٿيڻ بابت تو کي آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هن پنهنجي بُراين کي تنهنجي لاءِ کولي ڇڏيو آهي. بس دنيا جا پوڄاري تہ رڳو ڀونڪندڙ ڪتا، ۽ ڇيريندڙ ڦاڙيندڙ وحشي جانور آهن. جيڪي هڪ ٻئي تي ڀونڪندا رهندا آهن، ۽ جن مان طاقتور ڪمزورن کي کائي ڇڏين ٿا، ۽ منجهن وڏا ننڍن کي چِپياٽي ڇڏين ٿا. ۽ انهن مان هڪڙا ونگيلہ ٻيا يل ڇڏيل جانور آهن، جن پنهنجي عقلن کي برباد ڪري ڇڏيو آهي، ۽ اڻ ڄاتل رستي تي چڙهي پيا آهن، ۽ اهي اهنجائپ واري واديءَ ۾ سرڪش چڙ واڳ جانور آهن. نہ ڪو ڌنار اٿن جيڪو سندن سنڀال ڪري، ۽ نہ ڪو چاريندڙ اٿن جيڪو انهن کي چاري، ۽ دنيا کين گمراهيءَ جي رستي تي هلائي ڇڏيو آهي. ۽ سندن اکين کي هدايت جي مينارن کان انڌو ڪري ڇڏيو آهي. بس هو دنيا جي گمراهيءَ ۾ ڀٽڪي رهيا آهن، ۽ ان جي مزن ماڻڻ ۾ غرق ٿي ويا آهن. ۽ انکي ئي پنهنجو رب بڻائي ڇڏيو اٿن. بس هوءَ انهن کي کيڏائي ٿي ۽ اهي بہ ساڻس کيڏن ٿا. ۽ ان کان پوءِ واري زماني کي وساري ڇڏيو اٿن.



## دنيا طلبي ۾ نرمي

ٿورو ترس جڏهن اونداهي ختم ٿئي، ڄڻ تہ ڪجاوا (منزل تائين) پهچي چڪا آهن، جيڪو تڪڙو هلندو اهو تُرت ئي انهن تائين وڃي پهچندو. اي منهنجا پُٽڙا! تون ڄاڻ تہ بيشڪ جنهن جي سواري ڏينهن ۽ رات هجي اهو حقيقت ۾ سفر ۾ آهي، جيتوڻيڪ هو بيٺو هجي، ۽ مسافت کي طئي ڪري رهيو آهي جيتوڻيڪ هو سڪون سان ترسيل هجي. ۽ يقين سان ڄاڻ تہ بيشڪ تون هرگز پنهنجي اميد تائين پهچي نہ سگهندين، ۽ هرگز پنهنجي اجل کان اڳتي وڌي نہ سگهندين. ۽ يقيناً تون پاڻ کان پهريائين وارن جي واٽ تي آهين. بس پنهنجيءَ طلب کي گهٽاءِ ۽ پنهنجيءَ ڪمائي ۾ وچڙائيءَ کان ڪم وٺ، ڇا ڪاڻ تہ ڪا ڪا طلب مال کي برباد ڪرڻ جو سبب ٿيندي آهي. بس ائين نہ آهي تہ هر طالب جي طلب کي پورو ڪيو وڃي، ۽ نہ وري هر اعتدال پسند کي محروم رکيو وڃي.

وَ أَكْرِمْ نَفْسَكَ عَنْ كُلِّ دَنِيَّةٍ وَ إِنْ سَاقَتْكَ إِلَى الرَّغَائِبِ فَإِنَّكَ لَنْ تَعْتَاضَ بِمَا تَبْذُلُ مِنْ نَفْسِكَ عِوَضاً وَ لَا تَكُنْ عَبْدَ غَيْرِكَ وَ قَدْ جَعَلَكَ اللَّهُ حُرّاً وَ مَا خَيْرُ خَيْرٍ لَا يُنَالُ إِلَّا بِشَرٍّ وَ يُسْرٍ لَا يُنَالُ إِلَّا بِعُسْرٍ وَ إِيَّاكَ أَنْ تُوجِفَ بِكَ مَطَايَا الطَّمَعِ فَتُورِدَكَ مَنَاهِلَ الْهَلَكَةِ وَ إِنِ اسْتَطَعْتَ أَلَّا يَكُونَ بَيْنَكَ وَ بَيْنَ اللَّهِ ذُو نِعْمَةٍ فَافْعَلْ فَإِنَّكَ مُدْرِكٌ قَسْمَكَ وَ آخِذٌ سَهْمَكَ وَ إِنَّ الْيَسِيرَ مِنَ اللَّهِ سُبْحَانَهُ أَعْظَمُ وَ أَكْرَمُ مِنَ الْكَثِيرِ مِنْ خَلْقِهِ وَ إِنْ كَانَ كُلٌّ مِنْهُ.

## وصايا شتى

وَ تَلَافِيكَ مَا فَرَطَ مِنْ صَمْتِكَ أَيْسَرُ مِنْ إِدْرَاكِكَ مَا فَاتَ مِنْ مَنْطِقِكَ وَ حِفْظُ مَا فِي الْوِعَاءِ بِشَدِّ الْوِكَاءِ وَ حِفْظُ مَا فِي يَدَيْكَ أَحَبُّ إِلَيَّ مِنْ طَلَبِ مَا فِي يَدَيْ غَيْرِكَ وَ مَرَارَةُ الْيَأْسِ خَيْرٌ مِنَ الطَّلَبِ إِلَى النَّاسِ وَ الْحِرْفَةُ مَعَ الْعِفَّةِ خَيْرٌ مِنَ الْغِنَى مَعَ الْفُجُورِ وَ الْمَرْءُ أَحْفَظُ لِسِرِّهِ وَ رُبَّ سَاعٍ فِيمَا يَضُرُّهُ مَنْ أَكْثَرَ أَهْجَرَ.

وَ مَنْ تَفَكَّرَ أَبْصَرَ قَارِنْ أَهْلَ الْخَيْرِ تَكُنْ مِنْهُمْ وَ بَايِنْ أَهْلَ الشَّرِّ تَبِنْ عَنْهُمْ بِئْسَ الطَّعَامُ الْحَرَامُ وَ ظُلْمُ الضَّعِيفِ أَفْحَشُ الظُّلْمِ إِذَا كَانَ الرِّفْقُ خُرْقاً كَانَ الْخُرْقُ رِفْقاً رُبَّمَا كَانَ الدَّوَاءُ دَاءً وَ الدَّاءُ دَوَاءً وَ رُبَّمَا نَصَحَ غَيْرُ النَّاصِحِ وَ غَشَّ الْمُسْتَنْصَحُ وَ إِيَّاكَ وَ الِاتِّكَالَ عَلَى الْمُنَى فَإِنَّهَا بَضَائِعُ النَّوْكَى وَ الْعَقْلُ حِفْظُ التَّجَارِبِ وَ خَيْرُ مَا جَرَّبْتَ مَا وَعَظَكَ بَادِرِ الْفُرْصَةَ قَبْلَ أَنْ تَكُونَ غُصَّةً لَيْسَ كُلُّ طَالِبٍ يُصِيبُ.

۽ پنهنجي نفس کي هر ذلت کان عزت ۾ رک، جيتوڻيڪ هو تو کي خواهشن ڏانهن ڇڪي ڇا ڪاڻ ته تون پنهنجي نفس جي وڃايل عزت جو بدلو هرگز ٻيءَ ڪنهن شيءِ کي نٿو بڻائي سگهين، ۽ ٻئي ڪنهن جو غلام نه ٿجائن جڏهن ته الله تعالىٰ تو کي آزاد بڻايو آهي. ۽ ان خير ۾ ڪا ڀلائي ڪونهي جيڪو شر کان سواءِ حاصل نه ٿئي ۽ ان سک ۾ ڪو سک نه آهي جيڪو ڏک کانسواءِ حاصل نه ٿئي. لالچ جي سوارين جي تکڙ ڪرائڻ کان پاڻ کي بچائجائن جو متان اُهي تو کي هلاڪت جي گهاٽ تائين پهچائين. ۽ اگر ائين ٿي سگهئي جو تنهنجي ۽ الله تعالىٰ جي درميان ڪو ٻيو سرنديءَ وارو نه هجي ته پوءِ ائين ئي ڪر، ڇا ڪاڻ ته تون پنهنجي ڀاڱين کي پائيندڙ ۽ پنهنجي حصي کي حاصل ڪندڙ آهين. ۽ بيشڪ الله سبحانه جي طرفان ٿورو ٻه سندس مخلوق جي گهڻي کان گهڻو وڏيڪ ۽ عزت وارو آهي. جيتوڻيڪ سڀ ڪجهه انهيءَ وٽان ئي آهي.

## مختلف وصيتون

تنهنجو پنهنجي خاموشيءَ واري ڪوتاهي جو تدارڪ ڪرڻ پنهنجي گفتگوءَ واريءَ ڪوتاهيءَ جي تدارڪ ڪرڻ کان وڏيڪ سولو آهي. ۽ ٿانو ۾ موجود شيءِ جي حفاظت ان جي رسيءَ کي زور سان ٻڌڻ ذريعي ٿيندي. ۽ تنهنجو پنهنجي هٿن ۾ موجود شيءِ جي حفاظت ڪرڻ ٻئي ڪنهن جي هٿن ۾ موجود شيءِ جي گُهرڻ کان مونکي وڏيڪ پسند آهي. ۽ مايوسيءَ جي ڪوڙاڻ (تي صبر ڪرڻ) ماڻهن کان گُهرڻ کان وڏيڪ ڀلو آهي. پاڪ دامنيءَ سان دنڌو ڪرڻ بدڪاريءَ واريءَ آسودائپ کان وڏيڪ ڀلو آهي. ۽ ماڻهو پاڻ ئي پنهنجي راز جي وڏيڪ حفاظت ڪرڻ وارو آهي. ۽ ڪيترائي ماڻهو اهڙيءَ شيءِ کي پائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا جيڪا کين نقصان پهچائيندي. ۽ جيڪو گهڻو ڳالهائيندو اهو گهڻو وِڦلندو. جيڪو ويچار کان ڪم وٺندو اهو بابصيرت ٿيندو. نيڪ ماڻهن جي ويجهو ٿيءُ ته جيئن انهن منجهان ٿئين، ۽ بُرن ماڻهن کان جدا ٿي ته جيئن انهن کان الڳ شمار ٿئين. ۽ حرام کيڌو نه بُرو کاڌو آهي. ڪنهن ڪمزور تي ظلم ڪرڻ سڀ کان وڏيڪ بُرو ظلم آهي. جڏهن نرمي ڪرڻ سختي شمار ٿئي تڏهن سختي ڪرڻ ئي نرمي آهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن دوا بيماري ۽ بيماري دوا بڻجي ويندي آهي. ۽ ڪڏهن نصيحت نه ڪندڙ ٻه نصيحت ڪري ويندو آهي، ۽ وري نصيحت ڪندڙ ڌوڪو ڏئي ويندو آهي. اميدن تي ڀروسي ڪرڻ کان بچ، ڇا ڪاڻ ته اهي بيوقوفن جو سرمايو آهن. ۽ تجربن کي ياد رکڻ عقلمندي آهي. ۽ تنهنجو ڀلو تجربو اهو آهي جيڪو تو کي نصيحت ڪري، ۽ فرصت کي غنيمت سمجهي جلدي ڪر ان کان ڦريائين جو تون پڇتائين. هر طلب ڪندڙ مراد تائين ناهي پهچي سگهندو.

وَ لَا كُلُّ غَائِبٍ يَئُوبُ وَ مِنَ الْفَسَادِ إِضَاعَةُ الزَّادِ وَ مَفْسَدَةُ الْمَعَادِ وَ لِكُلِّ أَمْرٍ عَاقِبَةٌ سَوْفَ يَأْتِيكَ مَا قُدِّرَ لَكَ التَّاجِرُ مُخَاطِرٌ. وَ رُبَّ يَسِيرٍ أَنْمَى مِنْ كَثِيرٍ لَا خَيْرَ فِي مُعِينٍ مَهِينٍ وَ لَا فِي صَدِيقٍ ظَنِينٍ سَاهِلِ الدَّهْرَ مَا ذَلَّ لَكَ قَعُودُهُ وَ لَا تُخَاطِرْ بِشَيْءٍ رَجَاءَ أَكْثَرَ مِنْهُ وَ إِيَّاكَ أَنْ تَجْمَحَ بِكَ مَطِيَّةُ اللَّجَاجِ احْمِلْ نَفْسَكَ مِنْ أَخِيكَ عِنْدَ صَرْمِهِ عَلَى الصِّلَةِ وَ عِنْدَ صُدُودِهِ عَلَى اللَّطَفِ وَ الْمُقَارَبَةِ وَ عِنْدَ جُمُودِهِ عَلَى الْبَذْلِ وَ عِنْدَ تَبَاعُدِهِ عَلَى الدُّنُوِّ وَ عِنْدَ شِدَّتِهِ عَلَى اللِّينِ وَ عِنْدَ جُرْمِهِ عَلَى الْعُذْرِ حَتَّى كَأَنَّكَ لَهُ عَبْدٌ وَ كَأَنَّهُ ذُو نِعْمَةٍ عَلَيْكَ وَ إِيَّاكَ أَنْ تَضَعَ ذَلِكَ فِي غَيْرِ مَوْضِعِهِ أَوْ أَنْ تَفْعَلَهُ بِغَيْرِ أَهْلِهِ لَا تَتَّخِذَنَّ عَدُوَّ صَدِيقِكَ صَدِيقاً فَتُعَادِيَ صَدِيقَكَ.

وَ امْحَضْ أَخَاكَ النَّصِيحَةَ حَسَنَةً كَانَتْ أَوْ قَبِيحَةً وَ تَجَرَّعِ الْغَيْظَ فَإِنِّي لَمْ أَرَ جُرْعَةً أَحْلَى مِنْهَا عَاقِبَةً وَ لَا أَلَذَّ مَغَبَّةً وَ لِنْ لِمَنْ غَالَظَكَ فَإِنَّهُ يُوشِكُ أَنْ يَلِينَ لَكَ وَ خُذْ عَلَى عَدُوِّكَ بِالْفَضْلِ فَإِنَّهُ أَحْلَى الظَّفَرَيْنِ وَ إِنْ أَرَدْتَ قَطِيعَةَ أَخِيكَ فَاسْتَبْقِ لَهُ مِنْ نَفْسِكَ بَقِيَّةً يَرْجِعُ إِلَيْهَا إِنْ بَدَا لَهُ ذَلِكَ يَوْماً مَّا وَ مَنْ ظَنَّ بِكَ خَيْراً فَصَدِّقْ ظَنَّهُ وَ لَا تُضِيعَنَّ حَقَّ أَخِيكَ اتِّكَالًا عَلَى مَا بَيْنَكَ وَ بَيْنَهُ.



فَإِنَّهُ لَيْسَ لَكَ بِأَخٍ مَنْ أَضَعْتَ حَقَّهُ وَ لَا يَكُنْ أَهْلُكَ أَشْقَى الْخَلْقِ بِكَ وَ لَا تَرْغَبَنَّ فِيمَنْ زَهِدَ عَنْكَ وَ لَا يَكُونَنَّ أَخُوكَ أَقْوَى عَلَى قَطِيعَتِكَ مِنْكَ عَلَى صِلَتِهِ وَ لَا تَكُونَنَّ عَلَى الْإِسَاءَةِ أَقْوَى مِنْكَ عَلَى الْإِحْسَانِ وَ لَا يَكْبُرَنَّ عَلَيْكَ ظُلْمُ مَنْ ظَلَمَكَ فَإِنَّهُ يَسْعَى فِي مَضَرَّتِهِ وَ نَفْعِكَ وَ لَيْسَ جَزَاءُ مَنْ سَرَّكَ أَنْ تَسُوءَهُ.

۽ نہ وري هر گم ٿيندڙ موٽي ايندو آهي. سمر کي ضايع ڪرڻ ۽ آخرت کي خراب ڪرڻ برباديءَ آهي. ۽ هر ڪم جو ڪو نتيجو آهي. ۽ تنهنجي تقدير تو تائين نيٺ اچي پهچندي. ۽ واپاريءَ خطرن ۾ وڪوڙيل هوندو آهي. ۽ ڪا ٿوري شيءِ بہ گهڻي ڪان وڌيڪ فائديمند هوندي آهي، نِيچ قسم جي مددگار، ۽ داغدار دوست ۾ ڪا بہ ڀلائي نہ آهي. ۽ زماني سان نيائيندو رهہ جيستائين هنجي سواريءَ تنهنجي لاءِ جهڪيل آهي، ۽ ڪنهن بہ شيءِ جي گهڻي ٿيڻ جي اميد ڪري پاڻ کي خطري ۾ نہ وجهہ، ۽ خبردار متان دشمنيءَ جي سواري توکي سرڪش بڻاءِ ڇڏي. ۽ پاڻ کي پنهنجي ڀاء لاءِ ان جي قطع رحميءَ وقت صلہ رحميءَ تي ۽ ان جي منهن ڦيرڻ وقت ٻاجهہ ۽ قرب تي، ۽ ان جي ڪنجوسائپ وقت خرچ ڪرڻ تي، ۽ ان جي دوريءَ وقت ويجهڙائپ تي، ۽ ان جي سختيءَ وقت ترميءَ تي، ۽ ان جي ڏوهہ وقت عذرخواهيءَ تي آمادہ رک. ايتري قدر جو ڄڻ تون هن جو ٻانهو هجين، ۽ ڄڻ هو تنهنجو مالڪ هجي. ۽ ان روش کي بي جاءِ موقعي تي انجام ڏيڻ کان، ۽ نا اهل ماڻهن سان اهڙي رويي رکڻ کان بچ. ۽ هرگز پنهنجي دوست جي دشمن کي دوست نہ بڻائجائن، جوائين تون پنهنجي دوست کي دشمن بڻاءِ ڇڏيندين. ۽ پنهنجي ڀاء کي خالص نصيحت ڪر، چاهي انکي ڀلي لڳي يا بري لڳي. ۽ ڪاوڙ جو ڍُڪ پيءُ، ڇا ڪاڻ تہ مون نتيجي ۽ فائدي جي لحاظ کان انکان وڌيڪ ڪو مٺو ۽ لذيذ ڍُڪ ناهي ڏٺو. جيڪو تو سان سختي ڪري تون ان سان نرمي ڪر، ڇا ڪاڻ تہ ائين هو ويجهو ئي تنهنجي لاءِ نرم ٿي ويندو. ۽ پنهنجي دشمن تي احسان ڪر ڇا ڪاڻ تہ اهو ٻن ڪاميابين مان وڌيڪ وٽندڙ ڪاميابي آهي. ۽ اگر تون پنهنجي ڀاء سان تعلق ٽوڙڻ چاهين تہ پنهنجي اندر ۾ سندس لاءِ ايتري گنجائش رک جو اگر ڪنهن ڏينهن هن لاءِ اهو ظاهر ٿئي تہ موٽي سگهي. ۽ جيڪو تو ۾ ڀلائيءَ جو گمان رکي تون سندس گمان کي سچو ثابت ڪر. ۽ پنهنجي ۽ پنهنجي ڀاء جي درميان تعلقات تي اعتماد ڪندي هر گز سندس حق کي ضايع نہ ڪر، پوءِ اهو تنهنجو ڀاء ئي نہ آهي جنهن جي حق کي ضايع ڪرين. ۽ تنهنجا گهر وارا تنهنجي نزديڪ سيني ماڻهن کان وڌيڪ بدبخت نہ هجن. ۽ جيڪو تو کان بي رخي ڪري تون ان ۾ هرگز رغبت نہ رک. ۽ هر گز تنهنجو ڀاء تو سان قطع رحمي ڪرڻ ۾ تنهنجي ساڻس صلہ رحمي ڪرڻ تي غالب نہ اچي. ۽ هر گز برائي ڪرڻ ۾ تنهنجي احسان ڪرڻ تي تو کان اقوىٰ نہ هجي. ۽ هر گز ظالم جو تو تي ظلم ڪرڻ تو کي ڏکيو نہ لڳي تہ هو پنهنجي نقصان ۽ تنهنجي فائدي لاءِ ئي ڪوشان آهي. ۽ جيڪو تو کي خوش ڪري ان جو بدلو تنهنجو ان سان مدائي ڪرڻ نہ هجي.

وَ اعْلَمْ يَا بُنَيَّ أَنَّ الرِّزْقَ رِزْقَانِ رِزْقٌ تَطْلُبُهُ وَ رِزْقٌ يَطْلُبُكَ فَإِنْ أَنْتَ لَمْ تَأْتِهِ أَتَاكَ مَا أَقْبَحَ الْخُضُوعَ عِنْدَ الْحَاجَةِ وَ الْجَفَاءَ عِنْدَ الْغِنَى إِنَّمَا لَكَ مِنْ دُنْيَاكَ مَا أَصْلَحْتَ بِهِ مَثْوَاكَ وَ إِنْ كُنْتَ جَازِعاً عَلَى مَا تَفَلَّتَ مِنْ يَدَيْكَ فَاجْزَعْ عَلَى كُلِّ مَا لَمْ يَصِلْ إِلَيْكَ اسْتَدِلَّ عَلَى مَا لَمْ يَكُنْ بِمَا قَدْ كَانَ.

فَإِنَّ الْأُمُورَ أَشْبَاهٌ وَ لَا تَكُونَنَّ مِمَّنْ لَا تَنْفَعُهُ الْعِظَةُ إِلَّا إِذَا بَالَغْتَ فِي إِيلَامِهِ فَإِنَّ الْعَاقِلَ يَتَّعِظُ بِالْآدَابِ وَ الْبَهَائِمَ لَا تَتَّعِظُ إِلَّا بِالضَّرْبِ. اطْرَحْ عَنْكَ وَارِدَاتِ الْهُمُومِ بِعَزَائِمِ الصَّبْرِ وَ حُسْنِ الْيَقِينِ مَنْ تَرَكَ الْقَصْدَ جَارَ وَ الصَّاحِبُ مُنَاسِبٌ وَ الصَّدِيقُ مَنْ صَدَقَ غَيْبُهُ وَ الْهَوَى شَرِيكُ الْعَمَى.

وَ رُبَّ بَعِيدٍ أَقْرَبُ مِنْ قَرِيبٍ وَ قَرِيبٍ أَبْعَدُ مِنْ بَعِيدٍ وَ الْغَرِيبُ مَنْ لَمْ يَكُنْ لَهُ حَبِيبٌ مَنْ تَعَدَّى الْحَقَّ ضَاقَ مَذْهَبُهُ وَ مَنِ اقْتَصَرَ عَلَى قَدْرِهِ كَانَ أَبْقَى لَهُ وَ أَوْثَقُ سَبَبٍ أَخَذْتَ بِهِ سَبَبٌ بَيْنَكَ وَ بَيْنَ اللَّهِ سُبْحَانَهُ وَ مَنْ لَمْ يُبَالِكَ فَهُوَ عَدُوُّكَ قَدْ يَكُونُ الْيَأْسُ إِدْرَاكاً إِذَا كَانَ الطَّمَعُ هَلَاكاً لَيْسَ كُلُّ عَوْرَةٍ تَظْهَرُ وَ لَا كُلُّ فُرْصَةٍ تُصَابُ وَ رُبَّمَا أَخْطَأَ الْبَصِيرُ قَصْدَهُ وَ أَصَابَ الْأَعْمَى رُشْدَهُ.

أَخِّرِ الشَّرَّ فَإِنَّكَ إِذَا شِئْتَ تَعَجَّلْتَهُ وَ قَطِيعَةُ الْجَاهِلِ تَعْدِلُ صِلَةَ الْعَاقِلِ مَنْ أَمِنَ الزَّمَانَ خَانَهُ وَ مَنْ أَعْظَمَهُ أَهَانَهُ لَيْسَ كُلُّ مَنْ رَمَى أَصَابَ إِذَا تَغَيَّرَ السُّلْطَانُ تَغَيَّرَ الزَّمَانُ سَلْ عَنِ الرَّفِيقِ قَبْلَ الطَّرِيقِ وَ عَنِ الْجَارِ قَبْلَ الدَّارِ إِيَّاكَ أَنْ تَذْكُرَ مِنَ الْكَلَامِ مَا يَكُونُ مُضْحِكاً وَ إِنْ حَكَيْتَ ذَلِكَ عَنْ غَيْرِكَ.

اي منهنجا پُٽڙا تون ڄاڻ تہ! بيشڪ رزق ٻن قسمن جو آهي، هڪ اهو رزق جنهن کي تون ڳولهين ٿو ۽ ٻيو اهو رزق جيڪو تو کي ڳولهي ٿو، جو اگر تون وٽس نہ وئين تہ هو تو وٽ ايندو. ضرورت وقت عاجزي ڪرڻ، ۽ آسودگيءَ وقت آڪڙ ڪرڻ ڪيترو نہ خراب آهي. دنيا مان فقط تنهنجي لاءِ ايترو ئي حصو فائديمند آهي جنهن سان تون پنهنجي آخرت واري گهر کي سنواري سگهين. ۽ اگر تو ان شيءِ تي هاءِ گهوڙا ڪئي جيڪا تنهنجي هٿان نڪري وئي تہ پوءِ هر ان شيءِ تي بہ هاءِ گهوڙا ڪر جيڪا تو تائين پهتي ئي نہ آهي. گذريل حالات کان ايندڙ حالات لاءِ رهنمائي وٺ، ڇا ڪاڻ تہ حالات هڪ ٻئي جي مشابہ هوندا آهن. ۽ هر گز انهن ماڻهن مان نہ ٿي جن کي نصيحت فائدو نہ ڏي جيستائين تون کين گهڻو ايذاء نہ ڏين، ڇا ڪاڻ تہ عقلمند ادب سان نصيحت پرائيندو آهي، ۽ جانور مار سان سڌرندا آهن. پختي صبر ۽ پلي يقين سان ڏُکن جي ٿُني پوڻ کي پاڻ کان پري ڪر. جيڪو وچترائي کي ڇڏي ٿو اهو ڀٽڪي وڃي ٿو. ساٿي جڻ مائٽ آهي. ۽ دوست اهو آهي جيڪو پرپُٺ بہ سچو هجي. ۽ خواهش انڌائپ وانگر آهي. ڪي پري وارا ويجهن کان بہ وڌيڪ ويجها هوندا آهن، ۽ ڪي ويجها پري وارن کان بہ وڌيڪ پري هوندا آهن. پرديسيءَ اهو آهي جنهن جو ڪو دوست نہ هجي. جيڪو حق کان تجاوز ڪندو ان جي واٽ سوڙهيءَ ٿيندي. ۽ جنهن پنهنجي نصيب تي اڪتفا ڪيو اهو سندس لاءِ وڌيڪ باقي رهندو. ۽ سڀ کان مضبوط وسيلو اهو وسلو آهي جنهن کي تون پنهنجي ۽ الله سبحانہ جي درميان قرار ڏين. ۽ جيڪو تنهنجي پرواه نہ ڪري اُهو تنهنجو دشمن آهي. ڪڏهن مايوس ٿيڻ بہ پائڻ هوندو آهي، جڏهن لالچ بربادي‌ءَ جو ڪارڻ ٿئي. هر عيب ظاهر ناهي ٿيندو. ۽ هر فرصت مان فائدو نہ ڪنيو ويندو آهي. ڪڏهن اکين وارو پنهنجي واٽ وڃائي ويهندو آهي، ۽ ڪڏهن وري انڌو پنهنجي منزل ماڻي ويندو آهي.

٦٦٣

شر کي پوئتي ڪر، ڇا ڪاڻ تہ تون جڏهن چاهيندين انکي جلدي پائي وٺندين. ۽ جاهل سان تعلق ٽوڙڻ عاقل سان تعلق جوڙڻ جي برابر آهي، جيڪو زماني کي پُرامن سمجهندو تہ اهو ساڻس خيانت ڪندو. ۽ جيڪو ڪيس مانُ ڏيندو تہ هو انکي حقير ڪندو. ائين نہ آهي تہ جيڪو بہ تير هڻي تہ اهو نشاني کي بہ لڳي. جڏهن حڪمران بدلبو آهي تہ زمانو بہ بدلجي ويندو آهي. رستي کان پهريائين رفيق جو، ۽ گهر کان پهريائين پاڙيسريءَ جو پُڇ. پنهنجي گفتگوءَ ۾ اهڙي ڳالهہ جي بيان ڪرڻ کان بچ جيڪا کِلائيندڙ هجي، جيتوڻيڪ تون اها ٻئي کان نقل ڪرين.

## الرأي في المرأة

وَ إِيَّاكَ وَ مُشَاوَرَةَ النِّسَاءِ فَإِنَّ رَأْيَهُنَّ إِلَى أَفْنٍ وَ عَزْمَهُنَّ إِلَى وَهْنٍ وَ اكْفُفْ عَلَيْهِنَّ مِنْ أَبْصَارِهِنَّ بِحِجَابِكَ إِيَّاهُنَّ فَإِنَّ شِدَّةَ الْحِجَابِ أَبْقَى عَلَيْهِنَّ وَ لَيْسَ خُرُوجُهُنَّ بِأَشَدَّ مِنْ إِدْخَالِكَ مَنْ لَا يُوثَقُ بِهِ عَلَيْهِنَّ وَ إِنِ اسْتَطَعْتَ أَلَّا يَعْرِفْنَ غَيْرَكَ فَافْعَلْ وَ لَا تُمَلِّكِ الْمَرْأَةَ مِنْ أَمْرِهَا مَا جَاوَزَ نَفْسَهَا فَإِنَّ الْمَرْأَةَ رَيْحَانَةٌ وَ لَيْسَتْ بِقَهْرَمَانَةٍ وَ لَا تَعْدُ بِكَرَامَتِهَا نَفْسَهَا وَ لَا تُطْمِعْهَا فِي أَنْ تَشْفَعَ لِغَيْرِهَا وَ إِيَّاكَ وَ التَّغَايُرَ فِي غَيْرِ مَوْضِعِ غَيْرَةٍ فَإِنَّ ذَلِكَ يَدْعُو الصَّحِيحَةَ إِلَى السَّقَمِ وَ الْبَرِيئَةَ إِلَى الرِّيَبِ وَ اجْعَلْ لِكُلِّ إِنْسَانٍ مِنْ خَدَمِكَ عَمَلًا تَأْخُذُهُ بِهِ فَإِنَّهُ أَحْرَى أَلَّا يَتَوَاكَلُوا فِي خِدْمَتِكَ وَ أَكْرِمْ عَشِيرَتَكَ فَإِنَّهُمْ جَنَاحُكَ الَّذِي بِهِ تَطِيرُ وَ أَصْلُكَ الَّذِي إِلَيْهِ تَصِيرُ وَ يَدُكَ الَّتِي بِهَا تَصُولُ.

## دعاء

اسْتَوْدِعِ اللَّهَ دِينَكَ وَ دُنْيَاكَ وَ اسْأَلْهُ خَيْرَ الْقَضَاءِ لَكَ فِي الْعَاجِلَةِ وَ الْآجِلَةِ وَ الدُّنْيَا وَ الْآخِرَةِ وَ السَّلَامُ.

# ٣٢ـ وَمِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى معاوية.*

وَ أَرْدَيْتَ جِيلًا مِنَ النَّاسِ كَثِيراً خَدَعْتَهُمْ بِغَيِّكَ وَ أَلْقَيْتَهُمْ فِي مَوْجِ بَحْرِكَ تَغْشَاهُمُ الظُّلُمَاتُ وَ تَتَلَاطَمُ بِهِمُ الشُّبُهَاتُ فَجَازُوا عَنْ وِجْهَتِهِمْ وَ نَكَصُوا عَلَى أَعْقَابِهِمْ وَ تَوَلَّوْا عَلَى أَدْبَارِهِمْ وَ عَوَّلُوا عَلَى أَحْسَابِهِمْ إِلَّا مَنْ فَاءَ مِنْ أَهْلِ الْبَصَائِرِ فَإِنَّهُمْ فَارَقُوكَ بَعْدَ مَعْرِفَتِكَ وَ هَرَبُوا إِلَى اللَّهِ مِنْ مُوَازَرَتِكَ إِذْ حَمَلْتَهُمْ عَلَى الصَّعْبِ وَ عَدَلْتَ بِهِمْ عَنِ الْقَصْدِ فَاتَّقِ اللَّهَ يَا مُعَاوِيَةُ فِي نَفْسِكَ وَ جَاذِبِ الشَّيْطَانَ قِيَادَكَ فَإِنَّ الدُّنْيَا مُنْقَطِعَةٌ عَنْكَ وَ الْآخِرَةَ قَرِيبَةٌ مِنْكَ وَ السَّلَامُ.

### عورت جي باري ۾ راءِ

عورتن سان مشوري ڪرڻ کان بچ، ڇا ڪاڻ ته انهن جي راءِ ناقص ۽ سندن ارادو ضعيف هوندو آهي. ۽ انهن کي پردي ۾ رکي ڪري سندن نظرن جي حفاظت ڪر، ڇا ڪاڻ ته پردي جي سختيءَ ۾ ئي انهن جو ڀرم آهي. ۽ انهن جو گهر کان نڪرڻ بي اعتبار شخص کي گهر ۾ آڻڻ کان وڌيڪ هاڃيڪار نه آهي. ۽ اگر ائين ڪري سگهين جو اهي تو ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي نه سڃاڻين ته ائين ئي ڪر. ۽ عورت کي ان جي ذاتي ڪمن کان وڌيڪ جو اختيار نه ڏي، ان لاءِ ته عورت گُل آهي، حڪمران نه آهي. ۽ هُن جي عزت سندس ذات کان نه وڌاءِ، ۽ هُن کي ٻئي جي سفارش ڪرڻ جي لالچ نه ڏي، ۽ غيرت نه ڪرڻ واريءَ جاءِ تي ان جي اظهار ڪرڻ کان بچ، ڇا ڪاڻ ته اُهو صحتمند کي بيماريءَ ۽ پاڪدامن کي بدڪاريءَ جي دعوت ڏئي ٿو. ۽ پنهنجي خدمتگارن مان هر هڪ لاءِ ڪو ڪم معين ڪر جنهن بابت تون انهن کان پڇاڻو ڪرين، ڇا ڪاڻ ته اِهو وڌيڪ مناسب آهي، ۽ ائين هو تنهنجي خدمت ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي تي نه ياڙيندا. ۽ پنهنجي قبيلي (وارن) جي عزت ڪر، ڇا ڪاڻ ته اهي تنهنجا اُهي پَر آهن جن سان تون اڏرين ٿو، ۽ تنهنجو اهو بنياد آهن جنهن ڏانهن تون موٽين ٿو، ۽ تنهنجا اُهي هٿ آهن جن سان تون حملو ڪرين ٿو.

### دعا

۽ آءٌ تنهنجي دين ۽ دنيا کي الله تعالىٰ جي حوالي ڪريان ٿو، ۽ تنهنجي لاءِ ڪائنس حال، استقبال، دنيا ۽ آخرت ۾ ڀليءَ قضا جو سوال ڪريان ٿو. والسلام.



## ٣٢_ امام عليہ السلام جو خط، معاويي ڏانهن

۽ تو ماڻهن جي گهڻي نسل کي برباد ڪري ڇڏيو اٿئي، ۽ پنهنجي گمراهيءَ سان ڪين ڌوڪو ڏنو اٿئي، ۽ انهن کي پنهنجي سمنڊ جي ڇولي ۾ اڇلائي ڇڏيو اٿئي، جتي اونداهيون انهن کي وڪوڙين ٿيون، ۽ شبها کين ڇاڇولين ٿا، بس اهي پنهنجي سڌيءَ واٽ کان ٿڙي ويا، ۽ پنهنجي پوئين پير موٽي ويا، ۽ پنهنجي پُٺين پر مُڙي ويا، ۽ انهن پنهنجي حسب ۽ نسب تي اعتماد ڪيو، سواءِ انهن بابصيرت ماڻهن جي جيڪي موٽيا، بيشڪ اهي تنهنجي سڃاڻپ ڪانپوءِ تو کان جدا ٿي ويا، ۽ تنهنجي پُنيرائي ڪرڻ کي ڇڏي الله ڏانهن ڊوڙي پيا، جڏهن ته تو کين تڪليفن ۾ وجهي ڇڏيو هو، ۽ وچوليءَ واٽ کان موڙي ڇڏيو هو. اي معاويه پنهنجي باري ۾ الله کان ڊڄ، ۽ شيطان کان پنهنجي واڳ ڇڏاءِ. بيشڪ دنيا تو کان الڳ ٿيڻي آهي، ۽ آخرت تنهنجي قريب آهي. والسلام.

# ٣٣ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى قثم بن العباس و هو عامله على مكة.*

أَمَّا بَعْدُ فَإِنَّ عَيْنِي بِالْمَغْرِبِ كَتَبَ إِلَيَّ يُعْلِمُنِي أَنَّهُ وُجِّهَ إِلَى الْمَوْسِمِ أُنَاسٌ مِنْ أَهْلِ الشَّامِ الْعُمْيِ الْقُلُوبِ الصُّمِّ الْأَسْمَاعِ الْكُمْهِ الْأَبْصَارِ الَّذِينَ يَلْبِسُونَ الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَ يُطِيعُونَ الْمَخْلُوقَ فِي مَعْصِيَةِ الْخَالِقِ.

وَ يَحْتَلِبُونَ الدُّنْيَا دَرَّهَا بِالدِّينِ وَ يَشْتَرُونَ عَاجِلَهَا بِآجِلِ الْأَبْرَارِ الْمُتَّقِينَ وَ لَنْ يَفُوزَ بِالْخَيْرِ إِلَّا عَامِلُهُ وَ لَا يُجْزَى جَزَاءَ الشَّرِّ إِلَّا فَاعِلُهُ.

فَأَقِمْ عَلَى مَا فِي يَدَيْكَ قِيَامَ الْحَازِمِ الصَّلِيبِ وَ النَّاصِحِ اللَّبِيبِ التَّابِعِ لِسُلْطَانِهِ الْمُطِيعِ لِإِمَامِهِ وَ إِيَّاكَ وَ مَا يُعْتَذَرُ مِنْهُ وَ لَا تَكُنْ عِنْدَ النَّعْمَاءِ بَطِراً وَ لَا عِنْدَ الْبَأْسَاءِ فَشِلًا وَ السَّلَامُ.

# ٣٤ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى محمد بن أبي بكر*

*لما بلغه توجُّدُه من عزله بالأشتر عن مصر،*

*ثم توفي الأشتر في توجهه إلى هناك قبل وصوله إليها.*

أَمَّا بَعْدُ فَقَدْ بَلَغَنِي مَوْجِدَتُكَ مِنْ تَسْرِيحِ الْأَشْتَرِ إِلَى عَمَلِكَ وَ إِنِّي لَمْ أَفْعَلْ ذَلِكَ اسْتِبْطَاءً لَكَ فِي الْجَهْدِ وَ لَا ازْدِيَاداً لَكَ فِي الْجِدِّ وَ لَوْ نَزَعْتُ مَا تَحْتَ يَدِكَ مِنْ سُلْطَانِكَ لَوَلَّيْتُكَ مَا هُوَ أَيْسَرُ عَلَيْكَ مَئُونَةً وَ أَعْجَبُ إِلَيْكَ وِلَايَةً.

## ٣٣_ امام عليه السلام جو خط، مڪي جي گورنر قثم بن عباس ڏانهن

اما بعد: بيشڪ اولهہ واري منهنجي مخبر مونکي اِهو ٻڌائڻ لاءِ لکيو آهي تہ شام وارن مان ڪجهہ ماڻهن کي حج تي موڪليو ويو آهي، جيڪي دلين جا انڌا، ڪنن جا ٻوڙا، اکين جا نابينا آهن. ۽ حق کي باطل سان ملائين ٿا، ۽ خالق جي معصيت ۾ مخلوق جي اطاعت ڪن ٿا، ۽ دين سان دنيا جو کير ڏُهن ٿا، ۽ نيڪوڪارن ۽ پرهيزگارن واريءَ آخرت جي مقابلي ۾ تڪڙيءَ دنيا کي خريد ڪن ٿا. ۽ خير حاصل ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ ڪو ڪامياب نہ ٿيندو سواءِ ان تي عمل ڪرڻ واري جي، ۽ شر جو بدلو نہ ڏنو ويندو سواءِ ان جي ڪرڻ واري کي. ۽ جيڪا تنهنجي ذميداري آهي انکي ان سخت ۽ مضبوط ماڻهوءَ وانگر انجام ڏئي جيڪو خيرخواهہ ۽ سمجهدار هجي، ۽ پنهنجي حاڪم جو پيروڪار ۽ پنهنجي امام جو مطيع هجي. ۽ اهڙي ڪم ڪرڻ کان بچ جنهن کان معذرت ڪرڻي پوي، ۽ خوشحاليءَ وقت مغرور نہ ٿي، ۽ نہ وري بدحالي وقت سُست ٿي. والسلام

## ٣٤_ امام عليه السلام جو خط، محمد بن ابوبڪر ڏانهن

**جڏهن امام عليه السلام کي خبر پئي تہ هو مصر جي حڪومت کان مالڪ اشتر جي مقرر ٿيڻ سان پنهنجي معزولي تي ڏکارو ٿيو آهي، ۽ مالڪ اشتر مصر ڏانهن ويندي پهچڻ کان پهريائين ئي رستي تي انتقال ڪري ويو آهي.**

اما بعد: اشتر کي تنهنجي جاءِ تي موڪلڻ سان مون تائين تنهنجي ڪاوڙ جي خبر پهتي آهي، ۽ مان اِهو ڇا ڪاڻ نہ ڪيو جو تو کي ڪوشش ڪرڻ ۾ سُست ڀاتو هجي، ۽ نہ وري ڇا ڪاڻ تہ تون پنهنجيءَ سنجيدگيءَ کي وڌائين ۽ جيڪا حڪومت تنهنجي قبضي ۾ آهي اگر مون اُها ڪسي هٽي تہ تو کي ضرور هڪ اهڙي علائقي جو والي مقرر ڪريان ها جيڪو ڪم جي اعتبار کان تنهنجي لاءِ آسان ۽ حڪومت جي اعتبار کان تو کي وڻندڙ هجي ها.

إِنَّ الرَّجُلَ الَّذِي كُنْتُ وَلَّيْتُهُ أَمْرَ مِصْرَ كَانَ رَجُلًا لَنَا نَاصِحاً وَ عَلَى عَدُوِّنَا شَدِيداً نَاقِماً فَرَحِمَهُ اللَّهُ فَلَقَدِ اسْتَكْمَلَ أَيَّامَهُ وَ لَاقَى حِمَامَهُ وَ نَحْنُ عَنْهُ رَاضُونَ أَوْلَاهُ اللَّهُ رِضْوَانَهُ وَ ضَاعَفَ الثَّوَابَ لَهُ فَأَصْحِرْ لِعَدُوِّكَ وَ امْضِ عَلَى بَصِيرَتِكَ وَ شَمِّرْ لِحَرْبِ مَنْ حَارَبَكَ وَ ادْعُ إِلَى سَبِيلِ رَبِّكَ وَ أَكْثِرِ الِاسْتِعَانَةَ بِاللَّهِ يَكْفِكَ مَا أَهَمَّكَ وَ يُعِنْكَ عَلَى مَا يُنْزِلُ بِكَ إِنْ شَاءَ اللَّهُ.

## ٣٥ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى عبد الله بن العباس بعد مقتل محمد بن أبي بكر.*

أَمَّا بَعْدُ فَإِنَّ مِصْرَ قَدِ افْتُتِحَتْ وَ مُحَمَّدُ بْنُ أَبِي بَكْرٍ رَحِمَهُ اللَّهُ قَدِ اسْتُشْهِدَ فَعِنْدَ اللَّهِ نَحْتَسِبُهُ وَلَداً نَاصِحاً وَ عَامِلًا كَادِحاً وَ سَيْفاً قَاطِعاً وَ رُكْناً دَافِعاً وَ قَدْ كُنْتُ حَثَثْتُ النَّاسَ عَلَى لَحَاقِهِ وَ أَمَرْتُهُمْ بِغِيَاثِهِ قَبْلَ الْوَقْعَةِ وَ دَعَوْتُهُمْ سِرّاً وَ جَهْراً وَ عَوْداً وَ بَدْءاً فَمِنْهُمُ الْآتِي كَارِهاً وَ مِنْهُمُ الْمُعْتَلُّ كَاذِباً

وَ مِنْهُمُ الْقَاعِدُ خَاذِلًا أَسْأَلُ اللَّهَ تَعَالَى أَنْ يَجْعَلَ لِي مِنْهُمْ فَرَجاً عَاجِلًا فَوَاللَّهِ لَوْ لَا طَمَعِي عِنْدَ لِقَائِي عَدُوِّي فِي الشَّهَادَةِ وَ تَوْطِينِي نَفْسِي عَلَى الْمَنِيَّةِ لَأَحْبَبْتُ أَلَّا أَلْقَى مَعَ هَؤُلَاءِ يَوْماً وَاحِداً وَ لَا أَلْتَقِيَ بِهِمْ أَبَداً.



## ٣٦ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى أخيه عقيل بن أبي طالب في ذكر جيش أنفذه إلى بعض الأعداء*

*و هو جواب كتاب كتبه إليه عقيل.*

بيشڪ آءٌ جنهن شخص کي مصر جي حڪومت جو والي مقرر ڪيو هو اهو شخص اسان جو خيرخواهه ۽ اسان جي دشمن کان سخت انتقام وٺڻ وارو هيو، الله مٿس رحمت نازل ڪري، بيشڪ هن پنهنجا ڏينهن پورا ڪيا، ۽ پنهنجي موت سان ملاقات ڪئي، ۽ اسان ڪانئس راضي آهيون، ۽ الله تعالیٰ بہ ڪيس پنهنجي رضايت سان نوازي، ۽ سندس لاءِ ثواب کي وڏائي. بس پنهنجي دشمن لاءِ نڪري پؤ، ۽ پنهنجيءَ بصيرت سان هلي پؤ، ۽ جيڪو تو سان جنگ ڪري ان سان جنگ لاءِ سندرو ٻڌ، ۽ پنهنجي پالڻهار جي واٽ ڏانهن سڏ، ۽ الله تعالیٰ کان گهڻي مدد گُهر، اهو تنهنجي ضرورتن لاءِ ڪافي ۽ تو تي ايندڙ مصيبتن تي مددگار آهي. ان شاءَ الله

## ٣٥_ امام عليه السلام جو خط. عبدالله بن عباس ڏانهن محمد بن ابوبڪر جي قتل ٿيڻ کانپوءِ

اما بعد: يقيناً مصر فتح ٿي وئي آهي. ۽ محمد ابن ابو بڪر (رحمہ الله) شهيد ٿي ويو آهي، ۽ الله وٽان ئي ان جو اجر گهرون ٿا، هو هڪ خيرخواهه فرزند، محنت سان ڪم ڪندڙ، ڪٽيندڙ تلوار، ۽ دفاعي ٿنيو هيو. ۽ آءٌ ماڻهن کي ان سان گڏجڻ لاءِ اياريندو رهيس، ۽ ان واقعي ٿيڻ کان پهريائين انهن کي سندس مدد ڪرڻ جو حڪم بہ ڏيندو رهيس. ۽ انهن کي ظاهري، باطني ۽ وري وري سڏيندو رهيس، پوءِ انهن مان ڪي نہ چاهيندي آيا، ۽ ڪن ماڻهن ڪوڙا بهانا ٻڻايا.



۽ ڪي وري مدد ڪرڻ کي ڇڏي ويهي رهيا. الله تعالیٰ کان سوال آهي تہ منهنجي انهن کان جلدي جان ڇڏائي، الله جو قسم اگر دشمن سان ملاقات وقت مونکي شهادت جي تمنا نہ هجي ها ۽ پاڻ کي موت لاءِ تيار نہ ڪري ڇڏيو هجي ها تہ انهن سان گڏ هڪ ڏينهن بہ رهڻ کي پسند نہ ڪريان ها. ۽ نہ انهن سان گڏجي ڪڏهن جنگ ڪريان ها.

## ٣٦_ امام عليه السلام جو خط. پنهنجي ڀاءُ عقيل ابن ابي طالب ڏانهن

## ڪجھ دشمنن ڏانهن موڪليل پنهنجي لشڪر جي بيان بابت جيڪو مولا عليه السلام ڏانهن لکيل عقيل جي خط جو جواب آهي.

فَسَرَّحْتُ إِلَيْهِ جَيْشاً كَثِيفاً مِنَ الْمُسْلِمِينَ فَلَمَّا بَلَغَهُ ذَلِكَ شَمَّرَ هَارِباً وَ نَكَصَ نَادِماً فَلَحِقُوهُ بِبَعْضِ الطَّرِيقِ وَ قَدْ طَفَّلَتِ الشَّمْسُ لِلْإِيَابِ فَاقْتَتَلُوا شَيْئاً كَلَا وَ لَا فَمَا كَانَ إِلَّا كَمَوْقِفِ سَاعَةٍ حَتَّى نَجَا جَرِيضاً بَعْدَ مَا أُخِذَ مِنْهُ بِالْمُخَنَّقِ وَ لَمْ يَبْقَ مِنْهُ غَيْرُ الرَّمَقِ فَلَأْياً بِلَأْيٍ مَا نَجَا فَدَعْ عَنْكَ قُرَيْشاً وَ تَرْكَاضَهُمْ فِي الضَّلَالِ وَ تَجْوَالَهُمْ فِي الشِّقَاقِ وَ جِمَاحَهُمْ فِي التِّيهِ.

فَإِنَّهُمْ قَدْ أَجْمَعُوا عَلَى حَرْبِي كَإِجْمَاعِهِمْ عَلَى حَرْبِ رَسُولِ اللَّهِ ﷺ قَبْلِي فَجَزَتْ قُرَيْشاً عَنِّي الْجَوَازِي فَقَدْ قَطَعُوا رَحِمِي وَ سَلَبُونِي سُلْطَانَ ابْنِ أُمِّي وَ أَمَّا مَا سَأَلْتَ عَنْهُ مِنْ رَأْيِي فِي الْقِتَالِ فَإِنَّ رَأْيِي قِتَالُ الْمُحِلِّينَ حَتَّى أَلْقَى اللَّهَ لَا يَزِيدُنِي كَثْرَةُ النَّاسِ حَوْلِي عِزَّةً وَ لَا تَفَرُّقُهُمْ عَنِّي وَحْشَةً وَ لَا تَحْسَبَنَّ ابْنَ أَبِيكَ وَ لَوْ أَسْلَمَهُ النَّاسُ مُتَضَرِّعاً مُتَخَشِّعاً وَ لَا مُقِرّاً لِلضَّيْمِ وَاهِناً وَ لَا سَلِسَ الزِّمَامِ لِلْقَائِدِ وَ لَا وَطِيءَ الظَّهْرِ لِلرَّاكِبِ الْمُتَقَعِّدِ وَ لَكِنَّهُ كَمَا قَالَ أَخُو بَنِي سَلِيمٍ:

فَإِنْ تَسْأَلِينِي كَيْفَ أَنْتَ فَإِنَّنِي صَبُورٌ عَلَى رَيْبِ الزَّمَانِ صَلِيبُ
يَعِزُّ عَلَيَّ أَنْ تُرَى بِي كَآبَةٌ فَيَشْمَتَ عَادٍ أَوْ يُسَاءَ حَبِيبُ.



## ٣٧ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى معاوية.*

فَسُبْحَانَ اللَّهِ مَا أَشَدَّ لُزُومَكَ لِلْأَهْوَاءِ الْمُبْتَدَعَةِ وَ الْحَيْرَةِ الْمُتَّبَعَةِ مَعَ تَضْيِيعِ الْحَقَائِقِ وَ اطِّرَاحِ الْوَثَائِقِ الَّتِي هِيَ لِلَّهِ طِلْبَةٌ وَ عَلَى عِبَادِهِ حُجَّةٌ فَأَمَّا إِكْثَارُكَ الْحِجَاجَ عَلَى عُثْمَانَ وَ قَتَلَتِهِ فَإِنَّكَ إِنَّمَا نَصَرْتَ عُثْمَانَ حَيْثُ كَانَ النَّصْرُ لَكَ وَ خَذَلْتَهُ حَيْثُ كَانَ النَّصْرُ لَهُ وَ السَّلَامُ.

پوءِ آءٌ ان ڏانهن مسلمانن جو وڏو لشڪر موڪليو. پوءِ جڏهن اُهو وٽس پهتو تہ هو وَر وجهي ڀڄي ويو، ۽ پشيمان ٿي پوئين پير هٽي ويو. ۽ اُهي رستي ۾ ان وٽ وڃي پهتا، جڏهن تہ سج لهڻ وارو هو. بس پوءِ اُهي گهڙي ڪن هڪ ٻئي سان وڙهيا، ۽ هو ٿوري دير مس بينو هو تان جو ڊڄندي ڀڄي نڪتو. جڏهن تہ انکي اهڙو تنگ ۽ سوگهو ڪيو ويو هو جو ان جا پويان پساه وڃي بڇيا هئا. بس پوءِ هو سختي سهندي سهندي بچي ويو. ۽ تون قريش کي سندن گمراهيءَ ۾ ڊُڪڻ، بدبختيءَ ۾ قِرڻ ۽ دربدرائيءَ ۾ سرڪشي ڪرڻ کي ڇڏي ڏي. ڇا ڪاڻ تہ اُهي مون سان جنگ ڪرڻ تي گڏ ٿي ويا آهن، جيئن مون کان پهريائين رسول الله ﷺ سان جنگ ڪرڻ تي گڏ ٿي ويا هئا. بس (عنقريب) قريش مون بابت بدلو چُڪندا. جو انهن مون سان مَائِٽِي ٽوڙِي، ۽ مونکان منهنجي ماءُ جي پٽ جي حڪومت کسِي. باقي جيڪا تو هن سان جنگ ڪرڻ بابت منهنجي راءِ پُڇي تہ (ياد رک) بيشڪ منهنجي راءِ سرڪشن سان وڙهڻ آهي، تان جو آءٌ الله سان ملاقات وڃي ڪريان. ۽ منهنجي چوڌاري ماڻهن جي گهٽائي منهنجيءَ طاقت کي نٽي وڌائي، ۽ نہ وري انهن جي مون کان جدائي مونکي هيبت ٿي ڏياري. تون پنهنجي پيءُ جي پٽ کي ـ جيتوڻيڪ ماڻهو کيس ڇڏي وڃن ـ عاجز، ڊڄڻ وارو، ڪمزوري ڏيکاريندي ظلم کي قبول ڪرڻ وارو، ۽ سولائيءَ سان پنهنجي واڳ ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪرڻ وارو، ۽ غير لاءِ پنهنجي گردن کي جهڪائڻ وارو هر گز گمان نہ ڪجانءِ. پر اُهو ائين آهي جيئن بني سليم جي شاعر چيو آهي:

اگر تون مونکان پڇين ٿي تون ڪيئن آهين؟ تہ بيشڪ آءٌ
زماني جي سورن کي صبر سان سهڻ ۾ پختو آهيان. مونکي
اهو ڏُکيو لڳي ٿو تہ مون کي غمگين ڏٺو وڃي.
جو دشمن کِلي يا سڄڻ دل گير ٿئي.



## ٣٧ـ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن

سبحان الله! تون حقيقتن کي ضايع ڪندي، ۽ انهن اقرارن کي جيڪي الله کي مطلوب ۽ سندس ٻانهن تي حجت آهن تن کي ٺُڪرائيندي پنهنجي مختلف نفساني خواهشن ۽ اپنايل سرڪشين جو ڪيڏو نہ سخت پابند ٿي ويو آهين. البتہ تنهنجو عثمان ۽ سندس قاتلن بابت جهڳڙي کي وڌائڻ (عجيب آهي) ڇا ڪاڻ تہ تو عثمان جي مدد جو نعرو رڳو ان وقت هنيو جڏهن مدد تنهنجي حق ۾ هئي. ۽ تو کيس ڇڏي ڏنو جڏهن مدد ان جي فائدي ۾ هئي. والسلام.

## ٣٨ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى أهل مصر لما ولى عليهم الأشتر.*

مِنْ عَبْدِ اللَّهِ عَلِيٍّ أَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ إِلَى الْقَوْمِ الَّذِينَ غَضِبُوا لِلَّهِ حِينَ عُصِيَ فِي أَرْضِهِ وَ ذُهِبَ بِحَقِّهِ فَضَرَبَ الْجَوْرُ سُرَادِقَهُ عَلَى الْبَرِّ وَ الْفَاجِرِ وَ الْمُقِيمِ وَ الظَّاعِنِ فَلَا مَعْرُوفٌ يُسْتَرَاحُ إِلَيْهِ وَ لَا مُنْكَرٌ يُتَنَاهَى عَنْهُ.

أَمَّا بَعْدُ: فَقَدْ بَعَثْتُ إِلَيْكُمْ عَبْداً مِنْ عِبَادِ اللَّهِ لَا يَنَامُ أَيَّامَ الْخَوْفِ وَ لَا يَنْكُلُ عَنِ الْأَعْدَاءِ سَاعَاتِ الرَّوْعِ أَشَدَّ عَلَى الْفُجَّارِ مِنْ حَرِيقِ النَّارِ وَ هُوَ مَالِكُ بْنُ الْحَارِثِ أَخُو مَذْحِجٍ فَاسْمَعُوا لَهُ وَ أَطِيعُوا أَمْرَهُ فِيمَا طَابَقَ الْحَقَّ فَإِنَّهُ سَيْفٌ مِنْ سُيُوفِ اللَّهِ لَا كَلِيلُ الظُّبَةِ وَ لَا نَابِي الضَّرِيبَةِ فَإِنْ أَمَرَكُمْ أَنْ تَنْفِرُوا فَانْفِرُوا وَ إِنْ أَمَرَكُمْ أَنْ تُقِيمُوا فَأَقِيمُوا فَإِنَّهُ لَا يُقْدِمُ وَ لَا يُحْجِمُ وَ لَا يُؤَخِّرُ وَ لَا يُقَدِّمُ إِلَّا عَنْ أَمْرِي وَ قَدْ آثَرْتُكُمْ بِهِ عَلَى نَفْسِي لِنَصِيحَتِهِ لَكُمْ وَ شِدَّةِ شَكِيمَتِهِ عَلَى عَدُوِّكُمْ.

## ٣٩ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام



*إلى عمرو بن العاص.*

فَإِنَّكَ قَدْ جَعَلْتَ دِينَكَ تَبَعاً لِدُنْيَا امْرِئٍ ظَاهِرٍ غَيُّهُ مَهْتُوكٍ سِتْرُهُ يَشِينُ الْكَرِيمَ بِمَجْلِسِهِ وَ يُسَفِّهُ الْحَلِيمَ بِخِلْطَتِهِ فَاتَّبَعْتَ أَثَرَهُ وَ طَلَبْتَ فَضْلَهُ اتِّبَاعَ الْكَلْبِ لِلضِّرْغَامِ يَلُوذُ بِمَخَالِبِهِ وَ يَنْتَظِرُ مَا يُلْقَى إِلَيْهِ مِنْ فَضْلِ فَرِيسَتِهِ فَأَذْهَبْتَ دُنْيَاكَ وَ آخِرَتَكَ وَ لَوْ بِالْحَقِّ أَخَذْتَ أَدْرَكْتَ مَا طَلَبْتَ.

### ٣٨_ امام عليه السلام جو خط، مصر وارن ڏانهن. جڏهن مٿن مالڪِ اشتر کي والي مقرر ڪيو

الله جي ٻانهي علي اميرالمؤمنين عليه السلام جي طرفان ان قوم ڏانهن جيڪا الله جي لاءِ ان وقت غضبناڪ ٿي جڏهن سندس زمين تي نافرماني ڪئي وئي، ۽ سندس حق کي ضايع ڪيو ويو. جو ظلم نيڪوڪار، بدڪار، مقامي ۽ مسافر جي مٿان پنهنجا خيما کوڙي ڇڏيا. جو نه نيڪيءَ کي سولائي سان انجام ڏئي سگهجي پيو، ۽ نه بُرائيءَ کي روڪيو وڃي پيو.

اما بعد: بيشڪ آءٌ توهان ڏانهن الله جي ٻانهن مان هڪ ٻانهي کي موڪليو آهي جيڪو خوف جي ڏينهنِ ۾ سمهندو ناهي، ۽ نه وري خطري جي گهڙين ۾ دشمن کان ڊڄندي پوئتي هٽندو آهي. ۽ هو فاجرن لاءِ ساڙيندڙ باهه کان وڌيڪ سخت آهي، ۽ اهو مالڪ بن حارث مذحجي آهي. بس ان جي ڳالهه کي توجه سان ٻڌو ۽ سندس هر ان حڪم جي اطاعت ڪريو جيڪو حق جي مطابق هجي، ڇا ڪاڻ ته هو الله جي تلوارن مان هڪ تلوار آهي، جيڪا نه ڏارَ جي مُڏي آهي، ۽ نه وارَ جي ڪچي آهي. بس اگر هو توهان کي نڪرڻ جو حڪم ڪري ته نڪري پؤ، ۽ توهان کي بيهڻ جو حڪم ڪري ته بيهي رهو، ڇا ڪاڻ ته هو منهنجي حڪم کان سواءِ نه ڪو اقدام ڪندو ۽ نه (جنگ) بند ڪندو، ۽ نه ڪنهن ٻئي کي پوئتي هٽڻ ڏيندو ۽ نه اڳتي وڌڻ ڏيندو. بيشڪ مون هنجي ذريعي توهان کي پاڻ تي ترجيح ڏني آهي، ته جيئن هو توهان کي نصيحت ڪري، ۽ توهان جي دشمن تي سخت پڪڙ ڪري.



### ٣٩_ امام عليه السلام جو خط، عمرو بن عاص ڏانهن

بيشڪ تو پنهنجي دين کي اهڙي ماڻهوءَ جي دنيا جو پوئلڳ بڻائي ڇڏيو آهي جنهن جي گمراهي پڌري ۽ پردو چاڪ ٿي چڪو آهي. جيڪو شريف ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪچهريءَ ۾ ويهڻ جي ڪري داغدار ڪري ڇڏي ٿو، ۽ بردبار ماڻهو کي پاڻ سان گڏ اٿڻ ويهڻ جي ڪري بيوقوف بڻائي ڇڏي ٿو، پوءِ تون سندس پويان ائين هلي پيو آهين، ۽ ان جي اوبر کي طلبين ٿو جيئن ڪتو شينهن جي پويان هلندو آهي. ۽ ان جي چنبن ڏانهن نهاريندو آهي، ۽ ان جي بچيل شڪار کي پاڻ ڏانهن اڇلائڻ جو انتظار ڪندو آهي، بس تو پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي وڃائي ڇڏيو آهي. ۽ اگر تون حق سان حاصل ڪرين ها ته پنهنجي مراد پائين ها.

فَإِنْ يُمَكِّنِّي اللَّهُ مِنْكَ وَ مِنِ ابْنِ أَبِي سُفْيَانَ أَجْزِكُمَا بِمَا قَدَّمْتُمَا وَ إِنْ تُعْجِزَا وَ تَبْقَيَا فَمَا أَمَامَكُمَا شَرٌّ لَكُمَا وَ السَّلَامُ.

## ٤٠ـ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى بعض عماله.*

أَمَّا بَعْدُ فَقَدْ بَلَغَنِي عَنْكَ أَمْرٌ إِنْ كُنْتَ فَعَلْتَهُ فَقَدْ أَسْخَطْتَ رَبَّكَ وَ عَصَيْتَ إِمَامَكَ وَ أَخْزَيْتَ أَمَانَتَكَ بَلَغَنِي أَنَّكَ جَرَّدْتَ الْأَرْضَ فَأَخَذْتَ مَا تَحْتَ قَدَمَيْكَ وَ أَكَلْتَ مَا تَحْتَ يَدَيْكَ فَارْفَعْ إِلَيَّ حِسَابَكَ وَ اعْلَمْ أَنَّ حِسَابَ اللَّهِ أَعْظَمُ مِنْ حِسَابِ النَّاسِ وَ السَّلَامُ.

## ٤١ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى بعض عماله.*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنِّي كُنْتُ أَشْرَكْتُكَ فِي أَمَانَتِي وَ جَعَلْتُكَ شِعَارِي وَ بِطَانَتِي وَ لَمْ يَكُنْ رَجُلٌ مِنْ أَهْلِي أَوْثَقَ مِنْكَ فِي نَفْسِي لِمُوَاسَاتِي وَ مُوَازَرَتِي وَ أَدَاءِ الْأَمَانَةِ إِلَيَّ فَلَمَّا رَأَيْتَ الزَّمَانَ عَلَى ابْنِ عَمِّكَ قَدْ كَلِبَ وَ الْعَدُوَّ قَدْ حَرِبَ وَ أَمَانَةَ النَّاسِ قَدْ خَزِيَتْ وَ هَذِهِ الْأُمَّةَ قَدْ فَنَكَتْ وَ شَغَرَتْ قَلَبْتَ لِابْنِ عَمِّكَ ظَهْرَ الْمِجَنِّ فَفَارَقْتَهُ مَعَ الْمُفَارِقِينَ وَ خَذَلْتَهُ مَعَ الْخَاذِلِينَ وَ خُنْتَهُ مَعَ الْخَائِنِينَ فَلَا ابْنَ عَمِّكَ آسَيْتَ وَ لَا الْأَمَانَةَ أَدَّيْتَ وَ كَأَنَّكَ لَمْ تَكُنِ اللَّهَ تُرِيدُ بِجِهَادِكَ وَ كَأَنَّكَ لَمْ تَكُنْ عَلَى بَيِّنَةٍ مِنْ رَبِّكَ وَ كَأَنَّكَ إِنَّمَا كُنْتَ تَكِيدُ هَذِهِ الْأُمَّةَ عَنْ دُنْيَاهُمْ وَ تَنْوِي غِرَّتَهُمْ عَنْ فَيْئِهِمْ فَلَمَّا أَمْكَنَتْكَ الشِّدَّةُ فِي خِيَانَةِ الْأُمَّةِ أَسْرَعْتَ الْكَرَّةَ وَ عَاجَلْتَ الْوَثْبَةَ وَ اخْتَطَفْتَ مَا قَدَرْتَ عَلَيْهِ مِنْ أَمْوَالِهِمُ الْمَصُونَةِ لِأَرَامِلِهِمْ وَ أَيْتَامِهِمُ اخْتِطَافَ الذِّئْبِ الْأَزَلِّ دَامِيَةَ الْمِعْزَى الْكَسِيرَةَ.

پوءِ اگر الله مونکي تو تي ۽ ابوسفيان جي پُٽ تي غلبو عطا ڪيو تہ توهان جي ڪرتوتن تي توهان کي سزا ڏيندس، ۽ اگر توهان منهنجي پڪڙ ۾ نہ آيؤ ۽ بچي ويؤ تہ جيڪو توهان جي لاءِ اڳي آهي اهو توهان لاءِ تمام بچڙو آهي. والسلام

## ۴۰_ امام عليه السلام جو خط، پنهنجي ڪجھ عملدارن ڏانهن

اما بعد: مون تائين تنهنجي باري ۾ هڪ اهڙي ڪم جي خبر پهتي آهي جو اگر تو اهو ڪيو آهي تہ يقيناً تو پنهنجي پالڻهار کي غضبناڪ ڪيو آهي، پنهنجي امام جي نافرماني ڪئي آهي، ۽ پنهنجي امانت کي رُسوا ڪيو آهي. مونکي خبر پئي آهي تہ تو (بيت المال جي) زمين کي بلڪل پَٽ ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيڪو تنهنجي پيرن هيٺان هيو اُهو ڪٽي ڇڏيو آهي، ۽ جيڪو تنهنجي هٿن ۾ هيو اهو ڪائي ڇڏيو آهي بس پنهنجو حساب ڪتاب مون ڏانهن موڪل ۽ ياد رک تہ الله جو حساب ماڻهن جي حساب کان وڌو آهي. والسلام

## ۴۱_ امام عليه السلام جو خط، پنهنجي ڪجھ عملدارن ڏانهن

اما بعد: بيشڪ مون توکي پنهنجي امانت ۾ شريڪ ڪيو، ۽ پنهنجو رازدار ۽ همدرد بڻايو، ۽ مون وٽ پنهنجي ڪٽنب ۾ مون سان همدردي ۽ مدد ڪرڻ ۽ مون تائين امانت پهچائڻ ۾ ڪو بہ ماڻهو تو کان وڌيڪ ڀروسي مند نہ هيو، پر جڏهن تو ڏٺو تہ تنهنجي سؤٽ تي ڏکيو وقت اچي ويو آهي ۽ دشمن جنگ ڪري رهيو آهي ۽ ماڻهن جون امانتون ضايع ٿي رهيون آهن، ۽ هيءَ امت سرڪش ۽ ڇڙ وڇڙ ٿي چڪي آهي تہ تون بہ پنهنجي سؤٽ لاءِ بدلجي ابتي زره وانگر ٿي وئين، ۽ الڳ ٿي وئين، ۽ ساٿ ڇڏيندڙن سان گڏ تو بہ ان جو ساٿ ڇڏي ڏنو، ۽ خيانت ڪندڙن سان گڏ تو بہ ساڻس خيانت ڪئي، نہ پنهنجي سؤٽ جي واهر ڪيئي، ۽ نہ امانت کي ادا ڪيئي، ۽ ڄڻ تہ تو الله خاطر جهاد نہ ڪيو هو، ۽ ڄڻ تہ تو وٽ پنهنجي پالڻهار طرفان پڌرو دليل نہ هيو. ۽ ڄڻ تہ رڳو تون هن امت سان سندن دنيا کي ڦٻائڻ لاءِ مڪر ڪري رهيو هئين، ۽ سندن مال کي لُٽڻ لاءِ ساڻن ڌوڪي جي نيت رکندو هئين، پوءِ جڏهن امت سان وڌي خيانت ڪرڻ تو کي وجھ ڏنو تہ تون هڪدم ڪڙڪي پئين، ۽ جَهٽ هڻڻ ۾ جلدي ڪيئي، ۽ پنهنجي وس آهر سندن ان مال تي جيڪو رن زالن ۽ يتيمن لاءِ محفوظ ڪيو ويو هو ان جي مٿان ائين ٽُٽي پئين جيئن چُست بگهڙ عضوا ڀڳل زخمي رڍن تي ٽُٽي پوندو آهي.

فَحَمَلْتَهُ إِلَى الْحِجَازِ رَحِيبَ الصَّدْرِ بِحَمْلِهِ غَيْرَ مُتَأَثِّمٍ مِنْ أَخْذِهِ كَأَنَّكَ لَا أَبَا لِغَيْرِكَ حَدَرْتَ إِلَى أَهْلِكَ تُرَاثَكَ مِنْ أَبِيكَ وَ أُمِّكَ فَسُبْحَانَ اللَّهِ أَ مَا تُؤْمِنُ بِالْمَعَادِ أَ وَ مَا تَخَافُ نِقَاشَ الْحِسَابِ أَيُّهَا الْمَعْدُودُ كَانَ عِنْدَنَا مِنْ أُولِي الْأَلْبَابِ كَيْفَ تُسِيغُ شَرَاباً وَ طَعَاماً وَ أَنْتَ تَعْلَمُ أَنَّكَ تَأْكُلُ حَرَاماً وَ تَشْرَبُ حَرَاماً وَ تَبْتَاعُ الْإِمَاءَ وَ تَنْكِحُ النِّسَاءَ مِنْ أَمْوَالِ الْيَتَامَى وَ الْمَسَاكِينِ وَ الْمُؤْمِنِينَ وَ الْمُجَاهِدِينَ الَّذِينَ أَفَاءَ اللَّهُ عَلَيْهِمْ هَذِهِ الْأَمْوَالَ وَ أَحْرَزَ بِهِمْ هَذِهِ الْبِلَادَ.

فَاتَّقِ اللَّهَ وَ ارْدُدْ إِلَى هَؤُلَاءِ الْقَوْمِ أَمْوَالَهُمْ فَإِنَّكَ إِنْ لَمْ تَفْعَلْ ثُمَّ أَمْكَنَنِي اللَّهُ مِنْكَ لَأُعْذِرَنَّ إِلَى اللَّهِ فِيكَ وَ لَأَضْرِبَنَّكَ بِسَيْفِي الَّذِي مَا ضَرَبْتُ بِهِ أَحَداً إِلَّا دَخَلَ النَّارَ وَ وَ اللَّهِ لَوْ أَنَّ الْحَسَنَ وَ الْحُسَيْنَ فَعَلَا مِثْلَ الَّذِي فَعَلْتَ مَا كَانَتْ لَهُمَا عِنْدِي هَوَادَةٌ وَ لَا ظَفِرَا مِنِّي بِإِرَادَةٍ حَتَّى آخُذَ الْحَقَّ مِنْهُمَا وَ أُزِيحَ الْبَاطِلَ عَنْ مَظْلَمَتِهِمَا.

وَ أُقْسِمُ بِاللَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ مَا يَسُرُّنِي أَنَّ مَا أَخَذْتَهُ مِنْ أَمْوَالِهِمْ حَلَالٌ لِي أَتْرُكُهُ مِيرَاثاً لِمَنْ بَعْدِي فَضَحِّ رُوَيْداً فَكَأَنَّكَ قَدْ بَلَغْتَ الْمَدَى وَ دُفِنْتَ تَحْتَ الثَّرَى وَ عُرِضَتْ عَلَيْكَ أَعْمَالُكَ بِالْمَحَلِّ الَّذِي يُنَادِي الظَّالِمُ فِيهِ بِالْحَسْرَةِ وَ يَتَمَنَّى الْمُضَيِّعُ فِيهِ الرَّجْعَةَ وَ لاتَ حِينَ مَنَاصٍ.

## ٤٢- وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى عمر بن أبي سلمة المخزومي و كان عامله على البحرين،*

*فعزله، و استعمل نعمان بن عجلان الزّرقي مكانه.*

۽ تون گناهه جي احساس ڪرڻ ڪان بغير ڪشاده دليءَ سان انڪي حجاز ڪٽي وئين، شل تنهنجي دشمن جو پيءُ مري، تو هن مال کي پنهنجي ڪُٽنب لاءِ ائين لُٽايو آهي ڄڻ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ ڪان ميراث ۾ پاتو هجئي. سبحان الله! ڇا تون قيامت تي ايمان نٿو رکين؟ يا تون حساب ۽ ڪتاب جي پُڇاڻي ڪان نٿو ڊڄين. اي اسان وٽ سمجهدار ماڻهن مان ليکجڻ وارا، تون ڪيئن مزي سان کائين ۽ پيئين ٿو، جڏهن ته تون ڄاڻين ٿو ته حرام کائين ٿو ۽ حرام پيئين ٿو. ۽ تون انهن يتيمن، مسڪينن، مؤمنن ۽ مجاهدن جي مال مان ڪنيزون خريد ڪرين ٿو ۽ عورتن سان شادي ڪرين ٿو جن جي لاءِ الله اهو مال حق قرار ڏنو آهي، ۽ جن ذريعي شهرن کي بچايو آهي. بس الله ڪان ڊڄ ۽ انهن ماڻهن کي سندن مال موٽائي ڏي، جيڪڏهن تو ائين نه ڪيو، ۽ الله مونکي تو تي غلبو عطا ڪيو ته آءٌ ضرور تو بابت الله جي بارگاهه ۾ بري ٿيندس. ۽ يقيناً آءٌ تو کي پنهنجي ان تلوار سان ماريندس جو مون ان سان جنهن کي به ماريو آهي اهو جهنم ۾ داخل ٿيو آهي. الله جو قسم اگر حسن ۽ حسين به ائين ڪن ها جيئن تو ڪيو آهي ته مون وٽ سندن لاءِ ڪا نرميءَ نه هجي ها، ۽ اهي مون سان پنهنجيءَ مرضيءَ مڃرائڻ ۾ ڪامياب نه ٿين ها.

تان جو آءٌ ائين حق ونان ها، ۽ سندن ظلم ڪري ظاهر ٿيل باطل کي مِٽائي ڇڏيان ها، ان الله جو قسم جيڪو سيني جهانن جو پالڻهار آهي مونکي اها ڳالهه خوش نٿي ڪري ته جيڪو تو سندن مال قبايو آهي اهو منهنجي لاءِ حلال آهي ۽ آءٌ پونئيرن لاءِ ميراث ڇڏي ويندس. بس گهڙي ڪن چري وٺ. ڄڻ ته تون پنهنجي عمر پوري ڪري چڪو آهين، ۽ تو کي مِٽي هيٺيان پوريو ويو آهي، ۽ توکي تنهنجو اعمال نامو اتي ڏنو ويندو. جتي ظالم حسرت سان پڪاريندو، ۽ عمر وڃائڻ وارو دنيا ڏانهن موٽڻ جي تمنا ڪندو، جڏهن ته اهو فرار جو وقت نه هوندو.



### ۴۲_ امام عليه السلام جو خط، عمر بن ابو سلمہ مخزومي ڏانهن

**جڏهن ته هو امام عليه السلام طرفان بحرين جو والي هيو، ۽ امام عليه السلام کيس معزول ڪيو، ۽ ان جي جاءِ تي نعمان بن عجلان زرقيءَ کي والي مقرر ڪيو.**

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنِّي قَدْ وَلَّيْتُ النُّعْمَانَ بْنَ عَجْلَانَ الزُّرَقِيَّ عَلَى الْبَحْرَيْنِ وَ نَزَعْتُ يَدَكَ بِلَا ذَمٍّ لَكَ وَ لَا تَثْرِيبٍ عَلَيْكَ فَلَقَدْ أَحْسَنْتَ الْوِلَايَةَ وَ أَدَّيْتَ الْأَمَانَةَ فَأَقْبِلْ غَيْرَ ظَنِينٍ وَ لَا مَلُومٍ وَ لَا مُتَّهَمٍ وَ لَا مَأْثُومٍ.

فَلَقَدْ أَرَدْتُ الْمَسِيرَ إِلَى ظَلَمَةِ أَهْلِ الشَّامِ وَ أَحْبَبْتُ أَنْ تَشْهَدَ مَعِي فَإِنَّكَ مِمَّنْ أَسْتَظْهِرُ بِهِ عَلَى جِهَادِ الْعَدُوِّ وَ إِقَامَةِ عَمُودِ الدِّينِ إِنْ شَاءَ اللَّهُ.

## ٤٣ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى مصقلة بن هبيرة الشيباني و هو عامله على أردشيرخرة.*

بَلَغَنِي عَنْكَ أَمْرٌ إِنْ كُنْتَ فَعَلْتَهُ فَقَدْ أَسْخَطْتَ إِلَهَكَ وَ عَصَيْتَ إِمَامَكَ أَنَّكَ تَقْسِمُ فَيْءَ الْمُسْلِمِينَ الَّذِي حَازَتْهُ رِمَاحُهُمْ وَ خُيُولُهُمْ وَ أُرِيقَتْ عَلَيْهِ دِمَاؤُهُمْ فِيمَنِ اعْتَامَكَ مِنْ أَعْرَابِ قَوْمِكَ.

فَوَالَّذِي فَلَقَ الْحَبَّةَ وَ بَرَأَ النَّسَمَةَ لَئِنْ كَانَ ذَلِكَ حَقّاً لَتَجِدَنَّ لَكَ عَلَيَّ هَوَاناً وَ لَتَخِفَّنَّ عِنْدِي مِيزَاناً فَلَا تَسْتَهِنْ بِحَقِّ رَبِّكَ وَ لَا تُصْلِحْ دُنْيَاكَ بِمَحْقِ دِينِكَ فَتَكُونَ مِنَ الْأَخْسَرِينَ أَعْمَالًا. أَلَا وَ إِنَّ حَقَّ مَنْ قِبَلَكَ وَ قِبَلَنَا مِنَ الْمُسْلِمِينَ فِي قِسْمَةِ هَذَا الْفَيْءِ سَوَاءٌ يَرِدُونَ عِنْدِي عَلَيْهِ وَ يَصْدُرُونَ عَنْهُ.



## ٤٤ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى زياد ابن أبيه و قد بلغه أن معاوية كتب إليه يريد خديعته باستلحاقه.*

اما بعد: بتحقيق مون نعمان بن عجلان زرقيءَ کي بحرين جو والي بڻايو آهي، ۽ تو کي ذميداريءَ کان لاٿو آهي، نہ تنهنجي لاءِ ڪا مذمت آهي ۽ نہ ڪا ملامت. بيشڪ تو ڀليءَ حڪومت هلائي آهي ۽ امانت جو حق ادا ڪيو آهي.

بس مون ڏانهن نڪري اچ، بغير ڪنهن بهتان، ملامت، تهمت ۽ داغداريءَ جي، ڇا ڪاڻ تہ آءٌ شام جي ظالمن ڏانهن نڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي، ۽ چاهيان ٿو تہ تون مون سان گڏ هجين، بيشڪ تون انهن ماڻهن منجهان آهين جن کان آءٌ دشمن سان جهاد ڪرڻ لاءِ ۽ دين جي ٿنڀي کي قائم رکڻ لاءِ مدد چاهيان ٿو. ان شاء الله

## ۴۳_ امام عليه‌السلام جو خط، مصقلہ بن هبيره شيباني ڏانهن

## جڏهن تہ هو امام عليه‌السلام طرفان اردشيرخرة جو والي هيو.

مون تائين تنهنجي باري ۾ هڪ اهڙي ڪم جي خبر پهتي آهي جو اگر تو اهو ڪيو آهي تہ يقيناً پنهنجي خدا کي ناراض ڪيو آهي، ۽ پنهنجي امام جي نافرماني ڪئي آهي، بيشڪ تو مسلمانن جي ان مال کي جنهن کي انهن جي نيزن ۽ گهوڙن حاصل ڪيو هو ۽ جنهن تي سندن خون وهايو ويو هو تنهن کي پنهنجي قوم مان جن تو کي چونڊيو انهن بدوين ۾ ورهائي ڇڏيو آهي.

مونکي قسم ان ذات جو جنهن داڻي کي ڦُٽايو ۽ مخلوق کي پيدا ڪيو، اگر اها ڳالهہ سچي آهي تہ تون پاڻ کي منهنجي نگاهہ ۾ صرف حقير پائيندين ۽ تون مون وٽ مرتبي جي لحاظ کان گهٽجي ويندين، بس هرگز پنهنجي پروردگار جي حق کي هلڪو نہ سمجهہ، ۽ پنهنجي دين کي مِٽائڻ سان پنهنجي دنيا کي نہ سنوار، جو تون عمل جي اعتبار کان سڀ کان وڌيڪ خساري پائيندڙن مان ٿي ويندين. ياد رک تہ بيشڪ جيڪي مسلمان تو وٽ ۽ اسان وٽ آهن سڀ هن مال جي ورڇ ۾ برابر جا حقدار آهن، اهي ان جي لاءِ مون وٽ ايندا آهن، ۽ ان مان ڪٽي ويندا آهن.



## ۴۴_ امام عليه‌السلام جو خط، زياد بن ابيہ ڏانهن

## جڏهن امام عليه‌السلام کي خبر پئي تہ معاويہ ڏانهس خط لکيو آهي ۽ انکي پنهنجي نسب سان ملائڻ جي ذريعي ڌوڪو ڏيڻ چاهي ٿو

وَ قَدْ عَرَفْتُ أَنَّ مُعَاوِيَةَ كَتَبَ إِلَيْكَ يَسْتَزِلُّ لُبَّكَ وَ يَسْتَفِلُّ غَرْبَكَ فَاحْذَرْهُ فَإِنَّمَا هُوَ الشَّيْطَانُ يَأْتِي الْمَرْءَ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَ مِنْ خَلْفِهِ وَ عَنْ يَمِينِهِ وَ عَنْ شِمَالِهِ لِيَقْتَحِمَ غَفْلَتَهُ وَ يَسْتَلِبَ غِرَّتَهُ وَ قَدْ كَانَ مِنْ أَبِي سُفْيَانَ فِي زَمَنِ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ فَلْتَةٌ مِنْ حَدِيثِ النَّفْسِ وَ نَزْغَةٌ مِنْ نَزَغَاتِ الشَّيْطَانِ لَا يَثْبُتُ بِهَا نَسَبٌ وَ لَا يُسْتَحَقُّ بِهَا إِرْثٌ وَ الْمُتَعَلِّقُ بِهَا كَالْوَاغِلِ الْمُدَفَّعِ وَ النَّوْطِ الْمُذَبْذَبِ.

فَلَمَّا قَرَأَ زِيَادٌ الْكِتَابَ قَالَ شَهِدَ بِهَا وَ رَبِّ الْكَعْبَةِ وَ لَمْ تَزَلْ فِي نَفْسِهِ حَتَّى ادَّعَاهُ مُعَاوِيَةُ.

قال الرضي: قوله عليه السلام الواغل هو الذي يهجم على الشرب ليشرب معهم و ليس منهم فلا يزال مدفعا محاجزا. و النوط المذبذب هو ما يناط برحل الراكب من قعب أو قدح أو ما أشبه ذلك فهو أبدا يتقلقل إذا حث ظهره و استعجل سيره.

## ٤٥- و من كتاب له عليه السلام



*إلى عثمان بن حنيف الأنصاري و كان عامله على البصرة و قد بلغه أنه دعي إلى وليمة قوم من أهلها، فمضى إليها قوله:*

أَمَّا بَعْدُ يَا ابْنَ حُنَيْفٍ فَقَدْ بَلَغَنِي أَنَّ رَجُلًا مِنْ فِتْيَةِ أَهْلِ الْبَصْرَةِ دَعَاكَ إِلَى مَأْدُبَةٍ فَأَسْرَعْتَ إِلَيْهَا تُسْتَطَابُ لَكَ الْأَلْوَانُ وَ تُنْقَلُ إِلَيْكَ الْجِفَانُ وَ مَا ظَنَنْتُ أَنَّكَ تُجِيبُ إِلَى طَعَامِ قَوْمٍ عَائِلُهُمْ مَجْفُوٌّ وَ غَنِيُّهُمْ مَدْعُوٌّ فَانْظُرْ إِلَى مَا تَقْضَمُهُ مِنْ هَذَا الْمَقْضَمِ فَمَا اشْتَبَهَ عَلَيْكَ عِلْمُهُ فَالْفِظْهُ وَ مَا أَيْقَنْتَ بِطِيبِ وُجُوهِهِ فَنَلْ مِنْهُ أَلَا وَ إِنَّ لِكُلِّ مَأْمُومٍ إِمَاماً يَقْتَدِي بِهِ وَ يَسْتَضِيءُ بِنُورِ عِلْمِهِ.

بيشڪ مونکي معلوم ٿيو آهي ته معاويه تنهنجي عقل کي گمراهه ڪرڻ ۽ تنهنجي ڏار کي مُڏي ڪرڻ لاءِ تو ڏانهن لکيو آهي. بس ان کان بچ، ڇا ڪاڻ ته هو آهي ئي شيطان، جيڪو ماڻهوءَ وٽ ان جي اڳيان ۽ پويان کان، ۽ ان جي ساڄي ۽ کابي کان ايندو آهي ته جيئن غفلت مهل ان تي ٽُٽي پوي، ۽ سندس عقل کي کسي وٺي، ۽ عمر بن خطاب جي زماني ۾ ابوسفيان کان اندر جي هڪ ڳالهه اچانڪ نڪري وئي هئي جيڪا شيطاني وسوسن مان هڪ وسوسو هئي. جنهن سان نه نسب ثابت ٿئي ٿو ۽ نه ان ذريعي ميراث جو حقدار بڻجي سگهجي ٿو، ۽ ان ڳالهه سان چنبڙڻ وارو ائين آهي جيئن ري ڪانديو ڌڪاريل، ۽ مسافر جي سواريءَ ۾ لڙڪندڙ ٿانو هوندو آهي.

بس پوءِ جڏهن زياد هي خط پڙهيو ته چيائين ڪعبي جي ربّ جو قسم هن ان بابت گواهي ڏئي ڇڏي، پوءِ اها ڳالهه سندس دل ۾ رهي تان جو معاويي ان جي دعويٰ ڪئي.

سيد رضي رضي الله عنه فرمايو: امام عليه السلام جي قول ۾ ”الْوَاغِلِ“ اهو ماڻهو آهي جيڪو ميخاني ۾ ٽُٽي پوي ته جيئن انهن سان گڏ پيئي، جڏهن ته انهن منجهان نه هجي، جنهن ڪري انکي تڙيو ۽ روڪيو ويندو آهي. ۽ ”وَ النَّوْطِ الْمُذَبْذَبِ“ ڪاٺي جي پيالي يا جام يا ان سان ملندڙ جلندڙ ٿانو کي چئبو آهي، جيڪو مسافرن جي سواري سان ٻڌل هوندو آهي، ۽ جڏهن سوار سواري کي هلائيندو ۽ تيز هڪليندو آهي ته اهو هميشه لڏندو رهندو آهي.

## ۴۵_ امام عليه السلام جو خط، بصري جي والي عثمان بن حنيف انصاري ڏانهن جڏهن امام عليه السلام کي خبر پئي ته انکي پنهنجي قبيلي جي ماڻهن هڪ وليمي جي دعوت ڏني ۽ هو ان ۾ شريڪ ٿيو، ته امام عليه السلام هي فرمايو:



اما بعد: اي حُنيف جا پُٽ مونکي خبر پئي آهي ته بصره جي نوجوانن مان هڪ شخص تو کي کاڌي جي دعوت ڏني ته تو ان ڏانهن تکڙ ڪئي جتي تنهنجي لاءِ قسمين قسمين مزيدار کاڌا پيش ڪيا پيا وڃن. ۽ تو ڏانهن وڏا وڏا پيالا آندا پيا وڃن. ۽ مونکي اهو گمان نه هيو ته تون انهن ماڻهن جي کاڌي جي دعوت کي قبول ڪندين جن جو غريب پري رکيو ويو هجي ۽ انهن جو امير سڏيو ويو هجي. بس کاڌي مان جيڪو تون کائين ٿو انکي ڏس، پوءِ جنهن بابت توکي شهبو پيدا ٿئي انکي اڇلي ڇڏ، ۽ جنهن جي حلال ذريعن مان حاصل هجڻ بابت توکي يقين ٿئي ان مان کڻ. ياد رک ته هر پوئلڳ جي لاءِ کو اڳواڻ هوندو آهي جنهن جي هو پيروي ڪندو آهي، ۽ سندس علم جي نور سان روشني حاصل ڪندو آهي.

أَلَا وَ إِنَّ إِمَامَكُمْ قَدِ اكْتَفَى مِنْ دُنْيَاهُ بِطِمْرَيْهِ وَ مِنْ طُعْمِهِ بِقُرْصَيْهِ أَلَا وَ إِنَّكُمْ لَا تَقْدِرُونَ عَلَى ذَلِكَ وَ لَكِنْ أَعِينُونِي بِوَرَعٍ وَ اجْتِهَادٍ وَ عِفَّةٍ وَ سَدَادٍ فَوَاللَّهِ مَا كَنَزْتُ مِنْ دُنْيَاكُمْ تِبْراً وَ لَا ادَّخَرْتُ مِنْ غَنَائِمِهَا وَفْراً وَ لَا أَعْدَدْتُ لِبَالِي ثَوْبِي طِمْراً وَ لَا حُزْتُ مِنْ أَرْضِهَا شِبْراً وَ لَا أَخَذْتُ مِنْهُ إِلَّا كَقُوتِ أَتَانٍ دَبِرَةٍ وَ لَهِيَ فِي عَيْنِي أَوْهَى وَ أَهوَن مِنْ عَفْصَةٍ مَقِرَةٍ.

بَلَى كَانَتْ فِي أَيْدِينَا فَدَكٌ مِنْ كُلِّ مَا أَظَلَّتْهُ السَّمَاءُ فَشَحَّتْ عَلَيْهَا نُفُوس قَوْمٍ وَ سَخَتْ عَنْهَا نُفُوس قَوْمٍ آخَرِينَ وَ نِعْمَ الْحَكَمُ اللَّهُ وَ مَا أَصْنَعُ بِفَدَكٍ وَ غَيْرِ فَدَكٍ وَ النَّفْس مَظَانُّهَا فِي غَدٍ جَدَثٌ تَنْقَطِعُ فِي ظُلْمَتِهِ آثَارُهَا وَ تَغِيبُ أَخْبَارُهَا وَ حُفْرَةٌ لَوْ زِيدَ فِي فُسْحَتِهَا وَ أَوْسَعَتْ يَدَا حَافِرِهَا لَأَضْغَطَهَا الْحَجَرُ وَ الْمَدَرُ وَ سَدَّ فُرَجَهَا التُّرَابُ الْمُتَرَاكِمُ وَ إِنَّمَا هِيَ نَفْسِي أَرُوضُهَا بِالتَّقْوَى لِتَأْتِيَ آمِنَةً يَوْمَ الْخَوْفِ الْأَكْبَرِ.

وَ تَثْبُتَ عَلَى جَوَانِبِ الْمَزْلَقِ وَ لَوْ شِئْتُ لَاهْتَدَيْتُ الطَّرِيقَ إِلَى مُصَفَّى هَذَا الْعَسَلِ وَ لُبَابِ هَذَا الْقَمْحِ وَ نَسَائِجِ هَذَا الْقَزِّ وَ لَكِنْ هَيْهَاتَ أَنْ يَغْلِبَنِي هَوَايَ وَ يَقُودَنِي جَشَعِي إِلَى تَخَيُّرِ الْأَطْعِمَةِ وَ لَعَلَّ بِالْحِجَازِ أَوْ الْيَمَامَةِ مَنْ لَا طَمَعَ لَهُ فِي الْقُرْصِ وَ لَا عَهْدَ لَهُ بِالشِّبَعِ أَوْ أَبِيتَ مِبْطَاناً وَ حَوْلِي بُطُونٌ غَرْثَى وَ أَكْبَادٌ حَرَّى أَوْ أَكُونَ كَمَا قَالَ الْقَائِلُ:

وَ حَسْبُكَ دَاءً أَنْ تَبِيتَ بِبِطْنَةٍ وَ حَوْلَكَ أَكْبَادٌ تَحِنُّ إِلَى الْقِدِّ.

۽ ياد رک تہ بيشڪ توهان جو امام اُهو آهي جيڪو پنهنجي دنيا مان ٻن پراڻن ڪپڙن ۽ ڪاڌي مان ٻن مانين تي اڪتفيٰ ڪري ٿو، پر آگاهہ رهو تہ يقيناً توهان ائين ڪرڻ تي سگهہ نٿا رکو، ليڪن پرهيزگاريءَ، جدوجهد، پاڪدامني ۽ ثابت قدمي سان منهنجو ساٿ ڏيو. الله جو قسم مون توهان جي دنيا مان نہ سون ۽ چاندي جو خزانو گڏ ڪيو آهي، ۽ نہ وري ان مان ڪو گهڻو مال ذخيرو ڪيو آهي، ۽ نہ وري ڪو پراڻو جوڙو تيار ڪري رکيو آهي، ۽ نہ ان جي زمين مان ڪا گِرانٽ برابر بہ والاري آهي، ۽ نہ ان مان ڪجهہ ڪنيو آهي سواءِ ان جانور جي ڪاڌي برابر جنهن جي پُٺي زخمي هجي. ۽ دنيا تہ منهنجي نگاهہ ۾ ڪڙي ٻلوط وڻ ڪان بہ وڌيڪ حقير ۽ پست آهي.

ها آسمان جي ڇانو هيٺيان اسان جي هٿن ۾ رڳو فدڪ هيو، ان تي بہ ڪجهہ ماڻهو حريص ٿي پيا، ۽ ڪجهہ ٻين ماڻهن وري ان جي (ڪسجي) وڃڻ تي سخاوت جو مظاهرو ڪيو. بس الله ئي بهترين فيصلي ڪرڻ وارو آهي. آءٌ فدڪ ۽ فدڪ ڪان علاوهہ ٻين شين کي ڇا ڪندس. جڏهن تہ سڀاڻي نفس جو ٽڪاڻو قبر آهي. جنهن جي اونداهيءَ ۾ ان جا آثار ختم ٿي ويندا ۽ سندس خبرون مخفي ٿي وينديون، ۽ هو هڪ اهڙو کڏو آهي جو اگر ان جي ڪشادگيءَ کي وڌايو وڃي، ۽ کوٽڻ وارن جا هٿ انکي ويڪرو بہ ڪن تڏهن بہ پٿر ۽ پِتر کيس سوڙهو ڪري ڇڏيندا. ۽ مٽيءَ جو ڍير ان جي ڏارن کي بند ڪري ڇڏيندو. بس هي منهنجو نفس آهي پرهيزگاريءَ جي ذريعي جنهن کي مون مطيع ڪري ڇڏيو آهي تہ جيئن وڏي خوف واري ڏينهن امن واريءَ حالت ۾ اچي، ۽ ترڪندڙ هنڌ جي پاسن تي ثابت قدم رهي. اگر آءٌ چاهيان ها تہ نِجي ماکي، خالص ڪڻڪ ۽ ريشم جي اٽيل ڪپڙن واري واٽ وٺان ها. پر اهو بعيد آهي جو منهنجي خواهش مون تي غالب اچي وڃي، ۽ لالچ مونکي عمده کاڌن ڏانهن ڇڪي اچي. ۽ جڏهن تہ شايد حجاز يا يمامہ ۾ ڪو اهڙو ماڻهو بہ هجي جنهن کي هڪ مانيءَ جي بہ اميد نہ هجي، ۽ نہ وري کيس ڪڏهن ڍؤ نصيب ٿيو هجي. يا آءٌ پيٽ ڀري سمهان جڏهن تہ منهنجي آس پاس بُکايل پيٽ ۽ اُجارا جگر هجن، يا آءٌ ائين ٿي وڃان جيئن چوڻ واري چيو آهي:

٦٨٣

۽ تنهنجي بيماريءَ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي جو تون ڀريل پيٽ سان سمهين. جڏهن تہ تنهنجي آس پاس اهڙا جگر هجن جيڪي سُڪل چم لاءِ بہ سِڪن.

أَ أَقْنَعُ مِنْ نَفْسِي بِأَنْ يُقَالَ هَذَا أَمِيرُ الْمُؤْمِنِينَ وَ لَا أُشَارِكُهُمْ فِي مَكَارِهِ الدَّهْرِ أَوْ أَكُونَ أُسْوَةً لَهُمْ فِي جُشُوبَةِ الْعَيْشِ فَمَا خُلِقْتُ لِيَشْغَلَنِي أَكْلُ الطَّيِّبَاتِ كَالْبَهِيمَةِ الْمَرْبُوطَةِ هَمُّهَا عَلَفُهَا أَوِ الْمُرْسَلَةِ شُغُلُهَا تَقَمُّمُهَا تَكْتَرِشُ مِنْ أَعْلَافِهَا وَ تَلْهُو عَمَّا يُرَادُ بِهَا أَوْ أُتْرَكَ سُدًى أَوْ أُهْمَلَ عَابِثاً أَوْ أَجُرَّ حَبْلَ الضَّلَالَةِ أَوْ أَعْتَسِفَ طَرِيقَ الْمَتَاهَةِ.

وَ كَأَنِّي بِقَائِلِكُمْ يَقُولُ إِذَا كَانَ هَذَا قُوتُ ابْنِ أَبِي طَالِبٍ فَقَدْ قَعَدَ بِهِ الضَّعْفُ عَنْ قِتَالِ الْأَقْرَانِ وَ مُنَازَلَةِ الشُّجْعَانِ أَلَا وَ إِنَّ الشَّجَرَةَ الْبَرِّيَّةَ أَصْلَبُ عُوداً وَ الرَّوَاتِعَ الْخَضِرَةَ أَرَقُّ جُلُوداً وَ النَّابِتَاتِ الْعِذْيَةَ أَقْوَى وَقُوداً وَ أَبْطَأُ خُمُوداً. وَ أَنَا مِنْ رَسُولِ اللَّهِ كَالضَّوْءِ مِنَ الضَّوْءِ وَ الذِّرَاعِ مِنَ الْعَضُدِ.

وَ اللَّهِ لَوْ تَظَاهَرَتِ الْعَرَبُ عَلَى قِتَالِي لَمَا وَلَّيْتُ عَنْهَا وَ لَوْ أَمْكَنَتِ الْفُرَصُ مِنْ رِقَابِهَا لَسَارَعْتُ إِلَيْهَا وَ سَأَجْهَدُ فِي أَنْ أُطَهِّرَ الْأَرْضَ مِنْ هَذَا الشَّخْصِ الْمَعْكُوسِ وَ الْجِسْمِ الْمَرْكُوسِ حَتَّى تَخْرُجَ الْمَدَرَةُ مِنْ بَيْنِ حَبِّ الْحَصِيدِ وَ مِنْ هَذَا الْكِتَابِ وَ هُوَ آخِرُهُ إِلَيْكِ عَنِّي يَا دُنْيَا فَحَبْلُكِ عَلَى غَارِبِكِ قَدِ انْسَلَلْتُ مِنْ مَخَالِبِكِ وَ أَفْلَتُّ مِنْ حَبَائِلِكِ وَ اجْتَنَبْتُ الذَّهَابَ فِي مَدَاحِضِكِ أَيْنَ الْقُرُونُ الَّذِينَ غَرَرْتِهِمْ بِمَدَاعِبِكِ أَيْنَ الْأُمَمُ الَّذِينَ فَتَنْتِهِمْ بِزَخَارِفِكِ فَهَا هُمْ رَهَائِنُ الْقُبُورِ وَ مَضَامِينُ اللُّحُودِ.

وَ اللَّهِ لَوْ كُنْتِ شَخْصاً مَرْئِيّاً وَ قَالَباً حِسِّيّاً لَأَقَمْتُ عَلَيْكِ حُدُودَ اللَّهِ فِي عِبَادٍ غَرَرْتِهِمْ بِالْأَمَانِيِّ وَ أُمَمٍ أَلْقَيْتِهِمْ فِي الْمَهَاوِي وَ مُلُوكٍ أَسْلَمْتِهِمْ إِلَى التَّلَفِ وَ أَوْرَدْتِهِمْ مَوَارِدَ الْبَلَاءِ إِذْ لَا وِرْدَ وَ لَا صَدَرَ.

چا آءٌ پاڻ بابت اميرالمؤمنين چورائڻ تي قانع ٿي وڃان، ۽ زماني جي ڏکيائين ۾ ماڻهن سان شريڪ نہ ٿيان، يا زندگيءَ جي سختين ۾ سندن لاءِ نمونو نہ بڻجان. آءٌ انهيءَ لاءِ پيدا ناهيان ڪيو ويو تہ پلا ڪاڏا کائڻ مونکي مصروف ڪري ڇڏين، ان ٻَڌل جانور وانگر جنهن جو هدف رڳو چرڻ هوندو آهي، يا ان ڇُڙ واڳ ڍور وانگر جنهن جو ڪم رڳو پَيلڻ هوندو آهي، جيڪو گاهہ مان پيٽ ڀري ٿو ۽ ان مان جيڪو ارادو ڪيو وڃي تنهن کان غافل رهي ٿو. يا ڇا مان ڇڙ واڳ ڇڏيو ويو آهيان، يا بيڪار موڪليو ويو آهيان، يا گمراهيءَ جي رسيءَ کي گهليندو وتان، يا وڃايل راهہ تي رلندو وتان. مونکي ائين لڳي ٿو تہ توهان مان ڪو چوڻ وارو چوي تہ جڏهن فرزندِ ابوطالب جي اها خوراڪ آهي تہ ڪمزوريءَ ڪيس رقيبن سان وڙهڻ ۽ بهادرن سان جنگ ڪرڻ کان ويهاري ڇڏيو هوندو. آگاهہ رهو تہ صحرائي وڻُ، ڪاٺيءَ جي لحاظ کان وڌيڪ سخت هوندو آهي، ۽ سرسبز وڻ ڳل جي لحاظ کان گهٽو نرم هوندو آهي. ۽ ريگستان جا ٻوٽا ٻرڻ ۾ تِکا هوندا آهن ۽ دير سان وسامندا آهن. ۽ منهنجي نسبت رسول الله ﷺ سان ائين آهي جيئن هڪ روشنيءَ جي ٻيءَ روشنيءَ سان ۽ ڪارائيءَ جي ڏوري سان هوندي آهي.

الله جو قسم اگر سڀ عرب بہ مون سان وڙهڻ لاءِ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏين تڏهن بہ آءٌ انهن کان مُنهن ڪونہ موڙيندس. ۽ آءٌ عنقريب ڪوشش ڪندس تہ زمين کي هن ماڻهوءَ کان پاڪ ڪريان جيڪو ابتيءَ سوچ ۽ ٻي ڊولي جسم وارو آهي تاڪ لٽيل داڻن مان پٿر نڪري وڃي. اي دنيا مونکان پري ٿي وڃ. بس تنهنجي واڳ تنهنجي ڪنڌ تي آهي. بيشڪ آءٌ تنهنجي چنبي کان نڪري ويو آهيان، ۽ تنهنجي رسين کان ڇڏائجي ويو آهيان، ۽ تنهنجي ترِڪڻ وارين جڳهن ڏانهن وڃڻ کان پاسو ڪري ڇڏيو آهي. ڪٿي آهن اُهي نسلَ جن کي تو پنهنجي تماشي سان ذوڪو ڏنو، ۽ ڪٿي آهن اهي امتون جن کي تو پنهنجي رنگينيءَ سان ورغلايو. ها اُهي قبرن ۾ گِروي ٿيل، ۽ لحدن ۾ رکيل آهن. الله جو قسم اگر تون ڏسجندڙ شخص ۽ محسوس ٿيندڙ ڍانچو هجين ها تہ آءٌ ضرور تو تي الله تعالىٰ جون حدون جاري ڪريان ها، جو تو اميدن ذريعي ٻانهن کي ذوڪو ڏنو، ۽ امتن کي کاهين ۾ اڇلايو، ۽ بادشاهن کي هلاڪتن جي حوالي ڪيو، ۽ انهن کي مصيبتن جي اهڙن گهاٽن تي لاتو جتي نہ پهچي سگهجي ٿو ۽ نہ نڪري سگهجي ٿو.

هَيْهَاتَ مَنْ وَطِئَ دَحْضَكِ زَلِقَ وَ مَنْ رَكِبَ لُجَجَكِ غَرِقَ وَ مَنِ ازْوَرَّ عَنْ حَبَائِلِكِ وُفِّقَ وَ السَّالِمُ مِنْكِ لَا يُبَالِي إِنْ ضَاقَ بِهِ مُنَاخُهُ وَ الدُّنْيَا عِنْدَهُ كَيَوْمٍ حَانَ انْسِلَاخُهُ اعْزُبِي عَنِّي فَوَاللَّهِ لَا أَذِلُّ لَكِ فَتَسْتَذِلِّينِي وَ لَا أَسْلَسُ لَكِ فَتَقُودِينِي.

وَ ايْمُ اللَّهِ يَمِيناً أَسْتَثْنِي فِيهَا بِمَشِيئَةِ اللَّهِ لَأَرُوضَنَّ نَفْسِي رِيَاضَةً تَهِشُّ مَعَهَا إِلَى الْقُرْصِ إِذَا قَدَرْتُ عَلَيْهِ مَطْعُوماً وَ تَقْنَعُ بِالْمِلْحِ مَأْدُوماً وَ لَأَدَعَنَّ مُقْلَتِي كَعَيْنِ مَاءٍ نَضَبَ مَعِينُهَا مُسْتَفْرِغَةً دُمُوعَهَا أَ تَمْتَلِئُ السَّائِمَةُ مِنْ رِعْيِهَا فَتَبْرُكَ وَ تَشْبَعُ الرَّبِيضَةُ مِنْ عُشْبِهَا فَتَرْبِضَ وَ يَأْكُلُ عَلِيٌّ مِنْ زَادِهِ فَيَهْجَعَ قَرَّتْ إِذاً عَيْنُهُ إِذَا اقْتَدَى بَعْدَ السِّنِينَ الْمُتَطَاوِلَةِ بِالْبَهِيمَةِ الْهَامِلَةِ وَ السَّائِمَةِ الْمَرْعِيَّةِ طُوبَى لِنَفْسٍ أَدَّتْ إِلَى رَبِّهَا فَرْضَهَا وَ عَرَكَتْ بِجَنْبِهَا بُؤْسَهَا.

وَ هَجَرَتْ فِي اللَّيْلِ غُمْضَهَا حَتَّى إِذَا غَلَبَ الْكَرَى عَلَيْهَا افْتَرَشَتْ أَرْضَهَا وَ تَوَسَّدَتْ كَفَّهَا فِي مَعْشَرٍ أَسْهَرَ عُيُونَهُمْ خَوْفُ مَعَادِهِمْ وَ تَجَافَتْ عَنْ مَضَاجِعِهِمْ جُنُوبُهُمْ وَ هَمْهَمَتْ بِذِكْرِ رَبِّهِمْ شِفَاهُهُمْ وَ تَقَشَّعَتْ بِطُولِ اسْتِغْفَارِهِمْ ذُنُوبُهُمْ ﴿أُولَئِكَ حِزْبُ اللَّهِ أَلَا إِنَّ حِزْبَ اللَّهِ هُمُ الْمُفْلِحُونَ[1]﴾ فَاتَّقِ اللَّهَ يَا ابْنَ حُنَيْفٍ وَ لْتَكْفُفْ أَقْرَاصُكَ لِيَكُونَ مِنَ النَّارِ خَلَاصُكَ.



١: المجادلة: الآية: ٢٢.

(اي دنيا تنهنجو خيرخواهه هجڻ) بعيد آهي، بس جيڪو تنهنجي ترڪڻ تي پير رکندو ته اهو ترڪندو، ۽ جيڪو تنهنجي چولين تي سوار ٿيندو ته اهو ٻڏندو، ۽ جيڪو تنهنجي رسين کان بچندو ته اهو ڪامياب ٿيندو. تو کان بچڻ وارو پرواهه نٿو ڪري جيتوڻيڪ سندس ڪشادگيون سوڙهيون ٿي وڃن، دنيا ته وٽس هڪ ڏينهن وانگر آهي جنهن جي ختم ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي. مون کان پري ٿي! الله جو قسم آءٌ تنهنجي لاءِ نه جهڪندس جو تون مونکي حقير ڪري ڇڏين ۽ نه تنهنجو مطيع ٿيندس جو تون مونکي ڇڪيندي وتين.

۽ آءٌ الله جو اهڙو قسم کڻان ٿو جنهن قسم ۾ الله جي مشيئت کي استثنا ڪريان ٿو، ته آءٌ ضرور پنهنجي نفس جي اهڙي رياضت ڪندس جو جنهن سان هو رڳو ڪاڏي ۾ مانيءَ جي ملڻ تي خوش ٿئي، ۽ ڀاڄيءَ ۾ لوڻ تي قانع ٿئي، ۽ آءٌ پنهنجي اک جي تاري کي ڳوڙهن وهائڻ سان پاڻي جي انُ چشمي وانگر خالي ڪندس جنهن جو جر سُڪي وڃي. جيئن ڍَل ڇڏيل جانور چري پيٽ ڀري ليٽي پوندا آهن ۽ جيئن رڍن جو ڌڻ گاهه ۾ ڍؤ ڪري واڙي ۾ ليٽي پوندو آهي ته ڇا علي به پنهنجو ڪاڌو ائين کائي ليٽي پوي؟ بس ان جي اک اندي ٿئي جيڪو ايترا سال گذارڻ کانپوءِ به چڙ واڳ جانورن ۽ چرندڙ حيوانن جي پيروي ڪري. خوشخبري آهي ان نفس لاءِ جيڪو پنهنجي رب خاطر پنهنجو فرض ادا ڪري ٿو، ۽ بدحاليءَ تي صبر ڪري ٿو.



۽ رات جو پنهنجي ننڊ کي ڇڏي ڏئي ٿو، ايستائين جو جڏهن مٿس ننڊ غلبو ڪري ٿي ته زمين کي پنهنجو بسترو بڻائي ۽ ٻانهن کي وهاڻو ڪري انهن ماڻهن سان گڏ ليٽي پوي ٿو جن کي قيامت جي ڊپ سندن اکين کي سجاڳ ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پاسا سندن بسترن کان الڳ ٿيل آهن، ۽ چَپ سندن رب جي ذڪر ۾ ڇُرندا رهن ٿا، ۽ ڊگهيءَ استغفار ڪري سندن گناهه ڇڻندا رهن ٿا، ”اِهي ئي الله جو لشڪر آهن، رهو ته بيشڪ الله جو لشڪر ئي ڪامياب آهي[١]“. اي حُنيف جا پُٽ الله کان ڊڄ، تنهنجي ماني ئي تنهنجي لاءِ ڪافي ٿئي، ته جيئن جهنم کان تو کي ڇوٽڪارو حاصل ٿئي.

---

١: مجادلة: آيت: ٢٢.

## ٤٦ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى بعض عماله.*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّكَ مِمَّنْ أَسْتَظْهِرُ بِهِ عَلَى إِقَامَةِ الدِّينِ وَ أَقْمَعُ بِهِ نَخْوَةَ الْأَثِيمِ وَ أَسُدُّ بِهِ لَهَاةَ الثَّغْرِ الْمَخُوفِ فَاسْتَعِنْ بِاللَّهِ عَلَى مَا أَهَمَّكَ وَ اخْلِطِ الشِّدَّةَ بِضِغْثٍ مِنَ اللِّينِ وَ ارْفُقْ مَا كَانَ الرِّفْقُ أَرْفَقَ وَ اعْتَزِمْ بِالشِّدَّةِ حِينَ لَا تُغْنِي عَنْكَ إِلَّا الشِّدَّةُ وَ اخْفِضْ لِلرَّعِيَّةِ جَنَاحَكَ وَ ابْسُطْ لَهُمْ وَجْهَكَ وَ أَلِنْ لَهُمْ جَانِبَكَ وَ آسِ بَيْنَهُمْ فِي اللَّحْظَةِ وَ النَّظْرَةِ وَ الْإِشَارَةِ وَ التَّحِيَّةِ حَتَّى لَا يَطْمَعَ الْعُظَمَاءُ فِي حَيْفِكَ وَ لَا يَيْأَسَ الضُّعَفَاءُ مِنْ عَدْلِكَ وَ السَّلَامُ.

## ٤٧ـ و من وصية له عليه السلام

*للحسن و الحسين عليهما السلام لما ضربه ابن ملجم لعنه الله.*

أُوصِيكُمَا بِتَقْوَى اللَّهِ وَ أَلَّا تَبْغِيَا الدُّنْيَا وَ إِنْ بَغَتْكُمَا وَ لَا تَأْسَفَا عَلَى شَيْءٍ مِنْهَا زُوِيَ عَنْكُمَا وَ قُولَا بِالْحَقِّ وَ اعْمَلَا لِلْأَجْرِ وَ كُونَا لِلظَّالِمِ خَصْماً وَ لِلْمَظْلُومِ عَوْناً أُوصِيكُمَا وَ جَمِيعَ وَلَدِي وَ أَهْلِي وَ مَنْ بَلَغَهُ كِتَابِي بِتَقْوَى اللَّهِ وَ نَظْمِ أَمْرِكُمْ وَ صَلَاحِ ذَاتِ بَيْنِكُمْ فَإِنِّي سَمِعْتُ جَدَّكُمَا صلى الله عليه وآله

يَقُولُ صَلَاحُ ذَاتِ الْبَيْنِ أَفْضَلُ مِنْ عَامَّةِ الصَّلَاةِ وَ الصِّيَامِ اللَّهَ اللَّهَ فِي الْأَيْتَامِ فَلَا تُغِبُّوا أَفْوَاهَهُمْ وَ لَا يَضِيعُوا بِحَضْرَتِكُمْ وَ اللَّهَ اللَّهَ فِي جِيرَانِكُمْ فَإِنَّهُمْ وَصِيَّةُ نَبِيِّكُمْ مَا زَالَ يُوصِي بِهِمْ حَتَّى ظَنَنَّا أَنَّهُ سَيُوَرِّثُهُمْ.

## ٤٦_ امام عليه السلام جو خط. پنهنجي ڪجھ عملدارن ڏانهن.

اما بعد: بيشڪ تون انهن ماڻهن منجهان آهين جن کان آءٌ دين کي قائم رکڻ لاءِ مدد وٺندو آهيان، ۽ جن جي ذريعي مان گنهگارن جي تڪبر کي ٽوڙيندو آهيان، ۽ جن سان آءٌ خوفناڪ سرحد جي وِٿين کي بند ڪندو آهيان. بس پنهنجي اهم ڪمن ۾ الله تعالىٰ کان مدد گُهر ۽ سختيءَ سان مُٺ پر نرمي کي بہ ملاء. ۽ اُتي نرمي ڪر جتي نرمي ڪرڻ وڌيڪ مناسب هجي، ۽ اُتي سختي ڪرڻ ۾ پختو ٿي جتي تو کي سختي ڪرڻ کانسواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ بي نياز نہ ڪري سگهي، ۽ رعيت لاءِ پاڻ کي نِوا، ۽ انهن سان مُرڪي مِل، ۽ ساڻن نرميءَ سان پيش اچ، ۽ سندن درميان ثوري ۽ گهٽي ڏِسڻ، اشاري ۽ سلام ڪرڻ ۾ برابري ڪر، تاڪ وڏيرا تو ۾ ناحق طرفداريءَ جي اميد نہ رکن، ۽ نہ وري ڪمزور تنهنجي انصاف مان مايوس ٿين. والسلام

## ٤٧_ امام عليه السلام جي، وصيت ابن ملجم (الله جي مٿس لعنت هجي) جي وارڪان پوءِ پنهنجي ٻچڙن حسن ۽ حسين عليهما السلام کي

آءٌ توهان ٻنهي کي الله تعالىٰ جي تقوىٰ بابت وصيت ڪريان ٿو. دنيا جي پويان نہ لڳجو جيتوڻيڪ هوءِ توهان جي پويان لڳي. ۽ ان شيءِ تي افسوس نہ ڪجو جيڪا توهان کان کنئي وڃي. ۽ حق ڳالهائجو ۽ اجر ۽ ثواب لاءِ ڪم ڪجو. ۽ ظالم جا دشمن ۽ مظلوم جا مددگار ٿئجو. ۽ آءٌ توهان ٻنهي کي پنهنجيءَ سموريءَ اولاد ۽ ڪٽنب، ۽ جنهن تائين منهنجي هيءَ لِکت پهچي تن کي الله تعالىٰ جي تقوىٰ، پنهنجي ڪمن کي منظم ڪرڻ، ۽ هڪ ٻئي سان صلح صفائي رکڻ جي وصيت ڪريان ٿو.

چا ڪاڻ تہ آءٌ توهان جي نانا صلى الله عليه وآله وسلم کي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ پاڻ ۾ صلح صفائيءَ سان رهڻ عام نماز ۽ روزي کان افضل آهي. يتيمن جي باري ۾ الله کان ڊڄندا رهجو، ۽ انهن جي واتن کي وساري نہ ڇڏجو، ۽ توهان جي هوندي هو برباد نہ ٿي وڃن. ۽ پاڙيسرين جي باري ۾ الله کان ڊڄندا رهجو، چا ڪاڻ تہ انهن بابت توهان جي نبي صلى الله عليه وآله وسلم جي وصيت ٿيل آهي، ۽ پاڻ صلى الله عليه وآله وسلم مسلسل انهن بابت پارت ڪندا هئا ايستائين جو اسانکي گمان ٿيو تہ عنقريب انهن کي ميراث جو وارث بڻائيندو.

وَ اللَّهَ اللَّهَ فِي الْقُرْآنِ لَا يَسْبِقُكُمْ بِالْعَمَلِ بِهِ غَيْرُكُمْ وَ اللَّهَ اللَّهَ فِي الصَّلَاةِ فَإِنَّهَا عَمُودُ دِينِكُمْ وَ اللَّهَ اللَّهَ فِي بَيْتِ رَبِّكُمْ لَا تُخَلُّوهُ مَا بَقِيتُمْ فَإِنَّهُ إِنْ تُرِكَ لَمْ تُنَاظَرُوا وَ اللَّهَ اللَّهَ فِي الْجِهَادِ بِأَمْوَالِكُمْ وَ أَنْفُسِكُمْ وَ أَلْسِنَتِكُمْ فِي سَبِيلِ اللَّهِ وَ عَلَيْكُمْ بِالتَّوَاصُلِ وَ التَّبَاذُلِ وَ إِيَّاكُمْ وَ التَّدَابُرَ وَ التَّقَاطُعَ.

لَا تَتْرُكُوا الْأَمْرَ بِالْمَعْرُوفِ وَ النَّهْيَ عَنِ الْمُنْكَرِ فَيُوَلَّى عَلَيْكُمْ شِرَارُكُمْ ثُمَّ تَدْعُونَ فَلَا يُسْتَجَابُ لَكُمْ ثُمَّ قَالَ يَا بَنِي عَبْدِ الْمُطَّلِبِ لَا أُلْفِيَنَّكُمْ تَخُوضُونَ دِمَاءَ الْمُسْلِمِينَ خَوْضاً تَقُولُونَ قُتِلَ أَمِيرُ الْمُؤْمِنِينَ أَلَا لَا تَقْتُلُنَّ بِي إِلَّا قَاتِلِي انْظُرُوا إِذَا أَنَا مِتُّ مِنْ ضَرْبَتِهِ هَذِهِ فَاضْرِبُوهُ ضَرْبَةً بِضَرْبَةٍ وَ لَا تُمَثِّلُوا بِالرَّجُلِ فَإِنِّي سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صلى الله عليه وآله يَقُولُ إِيَّاكُمْ وَ الْمُثْلَةَ وَ لَوْ بِالْكَلْبِ الْعَقُورِ.

## ٤٨ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى معاوية.*

فَإِنَّ الْبَغْيَ وَ الزُّورَ يُوتِغَانِ الْمَرْءَ فِي دِينِهِ وَ دُنْيَاهُ وَ يُبْدِيَانِ خَلَلَهُ عِنْدَ مَنْ يَعِيبُهُ وَ قَدْ عَلِمْتُ أَنَّكَ غَيْرُ مُدْرِكٍ مَا قُضِيَ فَوَاتُهُ وَ قَدْ رَامَ أَقْوَامٌ أَمْراً بِغَيْرِ الْحَقِّ فَتَأَلَّوْا عَلَى اللَّهِ فَأَكْذَبَهُمْ فَاحْذَرْ يَوْماً يُغْتَبَطُ فِيهِ.

مَنْ أَحْمَدَ عَاقِبَةَ عَمَلِهِ وَ يَنْدَمُ مَنْ أَمْكَنَ الشَّيْطَانَ مِنْ قِيَادِهِ فَلَمْ يُجَاذِبْهُ. وَ قَدْ دَعَوْتَنَا إِلَى حُكْمِ الْقُرْآنِ وَ لَسْتَ مِنْ أَهْلِهِ وَ لَسْنَا إِيَّاكَ أَجَبْنَا وَ لَكِنَّا أَجَبْنَا الْقُرْآنَ فِي حُكْمِهِ وَ السَّلَامُ.

۽ قرآن جي باري ۾ الله کان ڊڄندا رهجو، جو ان تي عمل ڪرڻ ۾ ٻيا توهان کان اڳتي نہ ٿي وڃن. ۽ نماز جي باري ۾ الله کان ڊڄندا رهجو، ڇا ڪاڻ تہ هي توهان جي دين جو ٿنڀو آهي. ۽ پنهنجي ربّ جي گهر جي باري ۾ الله کان ڊڄندا رهجو، جيستائين توهان موجود هجو انکي خالي نہ ڇڏجو، بس جيڪڏهن انکي ڇڏيو ويو تہ توهان کي مهلت نہ ڏني ويندي. ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجي مال، جان ۽ زبانن سان جهاد ڪرڻ بابت الله کان ڊڄندا رهجو. ۽ توهان کي گهرجي تہ هڪ ٻئي سان رابطو رکجو، ۽ هڪ ٻئي تي خرچ ڪجو. ۽ هڪ ٻئي کان مُنهن موڙڻ ۽ تعلقات ٽوڙڻ کان بچجو. ۽ امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر کي ڇڏي نہ ڏجو، نہ تہ توهان تي توهان جي شريرن کي مسلط ڪيو ويندو، پوءِ توهان دعا گهرندؤ پر توهان جي لاءِ قبول نہ ڪئي ويندي.

پوءِ فرمايائون: اي عبدالمطلب جي اولاد!

آءٌ هرگز توهان کي مسلمانن جي رت وهائڻ ۾ يلغار ڪندي نہ ڏسان اهو چوندي تہ "اميرالمؤمنين قتل ٿي ويو آهي". ۽ خبردار! منهنجي بدلي ۾ فقط منهنجي قاتل کي ئي مارجو. ۽ ڏسو جڏهن آءٌ ان جي ضربت جي ڪري مري وڃان تہ انکي بہ هڪ ضرب جي بدلي هڪ ضرب ئي هڻجو. ۽ ان ماڻهوءَ (جي لاش) جا عضوا نہ وڍجو، ڇا ڪاڻ تہ مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ "خبردار ڪنهن جا بہ عضوا نہ وڍجو جيتوڻيڪ اهو ڇتو ڪتو ئي ڇو نہ هجي".



## ۴۸_ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن

۽ بيشڪ سرڪشي ۽ ڪوڙ ماڻهوءَ کي سندس دين ۽ دنيا ۾ برباد ڪري ڇڏين ٿا. ۽ عيب بيان ڪندڙ وٽ سندس خاميءَ کي ظاهر ڪري ڇڏين ٿا. ۽ بيشڪ آءٌ ڄاڻان ٿو تون ان شيءِ کي پائي نہ سگهندين جنهن جي وڃڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ۽ ڪن قومن ناحق ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪيو، ۽ (ان تي) انهن الله جو قسم بہ کنيو پر الله کين ڪوڙو ڪيو. بس ان ڏينهن کان ڊڄ جنهن ۾ اهو ماڻهو خوش ٿيندو جيڪو پنهنجي عملن جي پڄاڻيءَ کي پلو پائيندو، ۽ اهو ماڻهو پشيمان ٿيندو جنهن پنهنجي واڳ شيطان جي حوالي ڪئي هوندي ۽ ان کان ڇڏائي نہ هوندي. ۽ تو اسان کي قرآن جي فيصلي جي دعوت ڏني جڏهن تہ تون قرآن جو اهل نہ آهين، ۽ اسان تو سان ها نہ ڪئي هئي، بلڪ قرآن سان سندس فيصلي جي ها ڪئي هئي. والسلام.

# ٤٩- و من كتاب له عليه السلام

*إلى معاوية ايضاً.*

أَمَّا بَعْدُ فَإِنَّ اَلدُّنْيَا مَشْغَلَةٌ عَنْ غَيْرِهَا وَ لَمْ يُصِبْ صَاحِبُهَا مِنْهَا شَيْئاً إِلاَّ فَتَحَتْ لَهُ حِرْصاً عَلَيْهَا وَ لَهَجاً بِهَا وَ لَنْ يَسْتَغْنِيَ صَاحِبُهَا بِمَا نَالَ فِيهَا عَمَّا لَمْ يَبْلُغْهُ مِنْهَا وَ مِنْ وَرَاءِ ذَلِكَ فِرَاقُ مَا جَمَعَ وَ نَقْضُ مَا أَبْرَمَ! وَ لَوِ اِعْتَبَرْتَ بِمَا مَضَى حَفِظْتَ مَا بَقِيَ وَ اَلسَّلاَمُ.

# ٥٠- من كتاب له عليه السلام

*إلى أمرائه على الجيش.*

مِنْ عَبْدِ اَللَّهِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ أَمِيرِ اَلْمُؤْمِنِينَ إِلَى أَصْحَابِ اَلْمَسَالِحِ : أَمَّا بَعْدُ فَإِنَّ حَقّاً عَلَى اَلْوَالِي أَلاَّ يُغَيِّرَهُ عَلَى رَعِيَّتِهِ فَضْلٌ نَالَهُ وَ لاَ طَوْلٌ خُصَّ بِهِ وَ أَنْ يَزِيدَهُ مَا قَسَمَ اَللَّهُ لَهُ مِنْ نِعَمِهِ دُنُوّاً مِنْ عِبَادِهِ وَ عَطْفاً عَلَى إِخْوَانِهِ. أَلَا وَ إِنَّ لَكُمْ عِنْدِي أَلاَّ أَحْتَجِزَ دُونَكُمْ سِرّاً إِلاَّ فِي حَرْبٍ وَ لاَ أَطْوِيَ دُونَكُمْ أَمْراً إِلاَّ فِي حُكْمٍ وَ لاَ أُؤَخِّرَ لَكُمْ حَقّاً عَنْ مَحَلِّهِ وَ لاَ أَقِفَ بِهِ دُونَ مَقْطَعِهِ وَ أَنْ تَكُونُوا عِنْدِي فِي اَلْحَقِّ سَوَاءً فَإِذَا فَعَلْتُ ذَلِكَ وَجَبَتْ لِلَّهِ عَلَيْكُمُ اَلنِّعْمَةُ وَ لِي عَلَيْكُمُ اَلطَّاعَةُ وَ أَلاَّ تَنْكُصُوا عَنْ دَعْوَةٍ وَ لاَ تُفَرِّطُوا فِي صَلاَحٍ وَ أَنْ تَخُوضُوا اَلْغَمَرَاتِ إِلَى اَلْحَقِّ فَإِنْ أَنْتُمْ لَمْ تَسْتَقِيمُوا لِي عَلَى ذَلِكَ لَمْ يَكُنْ أَحَدٌ أَهْوَنَ عَلَيَّ مِمَّنِ اِعْوَجَّ مِنْكُمْ ثُمَّ أُعْظِمُ لَهُ اَلْعُقُوبَةَ وَ لاَ يَجِدُ عِنْدِي فِيهَا رُخْصَةً فَخُذُوا هَذَا مِنْ أُمَرَائِكُمْ وَ أَعْطُوهُمْ مِنْ أَنْفُسِكُمْ مَا يُصْلِحُ اَللَّهُ بِهِ أَمْرَكُمْ وَ اَلسَّلاَمُ.

## ۴۹_ امام عليه السلام جو خط، پڻ معاويه ڏانهن

اما بعد: بيشڪ دنيا ٻين شين کان مصروف ڪري ڇڏي ٿي، ۽ دنيا جو پوڄاري اجا ان جي ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪري ئي نٿو ته هڪ سندس لاءِ ٻيءَ شيءِ جي حرص جا دروازا کولي ڇڏي ٿي، ۽ ان بابت مست ڪري ڇڏي ٿي. ۽ دنيا جو پوڄاري ان مان حاصل ڪيل شيءِ سان ان شيءِ کان بي نياز نٿو ٿئي جنهن تائين نه پهتو آهي، ۽ ان کان علاوه جيڪا هن گڏ ڪئي هئي اها جدا ٿيندس، ۽ جنهن کي هن مضبوط ٺاهيو هو اها ٽٽي پوندس. جيڪڏهن گذريل حالات مان نصيحت پرائي ته تو باقي زندگيءَ جي حفاظت ڪئي. والسلام

## ۵۰_ امام عليه السلام جو خط، پنهنجي لشڪر جي سردارن ڏانهن

الله جي ٻانهي اميرالمؤمنين علي ابن ابي طالب عليه السلام جي طرفان سرحدي سالارن ڏانهن: اما بعد، بيشڪ حاڪم تي اِهو حق ٿو بڻجي ته جنهن فضيلت تي هو پهتو آهي، ۽ جيڪو مرتبو ڪيس نصيب ٿيو آهي اهو رعيت سان سندس رويّ کي تبديل ڪرڻ جو سبب نه ٿئي. ۽ الله جيڪي پنهنجون نعمتون ڪيس ڏنيون آهن اُهي انکي الله جي ٻانهن جي وڌيڪ ويجهو ڪن، ۽ پنهنجي ڀائرن لاءِ وڌيڪ مهربان ڪن. آگاهه رهو ته توهان جو مون تي اهو حق آهي ته جنگي (معاملات) کان علاوه ٻئي ڪنهن به راز کي اوهان کان نه لڪايان، ۽ توهان جي صلاح کان بغير ڪو ڪم انجام نه ڏيان، سواءِ فيصلي ڪرڻ جي. ۽ توهان جي حقن کي مقرر وقت کان پوئتي نه ڪريان، ۽ انهن کي پوري ڪرڻ کان بغير نه رڪجان. ۽ توهان حق ۾ مون وٽ برابر آهيو. ۽ جڏهن مون ائين ڪيو ته توهان تي الله جي نعمتِ (ولايت) پوري ٿي ويندي، ۽ اوهان تي منهنجي اطاعت ڪرڻ واجب ٿي ويندي. ۽ اهو به ته ڪنهن به سڏ کان پوئتي نه ٿيجؤ، ۽ سڌاري ۾ ڪوتاهي نه ڪجو، ۽ حق خاطر سختين ۾ ڪِهڙي پئجو. ۽ اگر توهان منهنجي لاءِ انهن ذميدارين تي ثابت قدم نه رهيؤ ته مون وٽ منحرف ٿيندڙن مان اوهان کان وڌيڪ ڪو به پست نه هوندو. پوءِ انکي آءٌ سخت سزا ڏيندس. ۽ هو ان ۾ مون وٽ ڪا ڇوٽ نه پائيندو. بس پنهنجي حاڪمن کان اهي حق وٺو. ۽ پنهنجي طرفان ڪين اُهي حق ڏيو جن سان الله توهان جي ڪمن جي اصلاح ڪري. والسلام.

# ٥١- و من كتاب له عليه السلام

*إلى عماله على الخراج.*

مِنْ عَبْدِ اَللَّهِ عَلِيٍّ أَمِيرِ اَلْمُؤْمِنِينَ إِلَى أَصْحَابِ اَلْخَرَاجِ أَمَّا بَعْدُ فَإِنَّ مَنْ لَمْ يَحْذَرْ مَا هُوَ صَائِرٌ إِلَيْهِ لَمْ يُقَدِّمْ لِنَفْسِهِ مَا يُحْرِزُهَا وَ اِعْلَمُوا أَنَّ مَا كُلِّفْتُمْ بِهِ يَسِيرٌ وَ أَنَّ ثَوَابَهُ كَثِيرٌ وَ لَوْ لَمْ يَكُنْ فِيمَا نَهَى اَللَّهُ عَنْهُ مِنَ اَلْبَغْيِ وَ اَلْعُدْوَانِ عِقَابٌ يُخَافُ لَكَانَ فِي ثَوَابِ اِجْتِنَابِهِ مَا لاَ عُذْرَ فِي تَرْكِ طَلَبِهِ فَأَنْصِفُوا اَلنَّاسَ مِنْ أَنْفُسِكُمْ وَ اِصْبِرُوا لِحَوَائِجِهِمْ فَإِنَّكُمْ خُزَّانُ اَلرَّعِيَّةِ وَ وُكَلاَءُ اَلْأُمَّةِ وَ سُفَرَاءُ اَلْأَئِمَّةِ وَ لاَ تُحْشِمُوا أَحَداً عَنْ حَاجَتِهِ وَ لاَ تَحْبِسُوهُ عَنْ طَلِبَتِهِ وَ لاَ تَبِيعُنَّ لِلنَّاسِ فِي اَلْخَرَاجِ كِسْوَةَ شِتَاءٍ وَ لاَ صَيْفٍ وَ لاَ دَابَّةً يَعْتَمِلُونَ عَلَيْهَا وَ لاَ عَبْداً.

وَ لاَ تَضْرِبُنَّ أَحَداً سَوْطاً لِمَكَانِ دِرْهَمٍ وَ لاَ تَمَسُّنَّ مَالَ أَحَدٍ مِنَ اَلنَّاسِ مُصَلٍّ وَ لاَ مُعَاهَدٍ إِلاَّ أَنْ تَجِدُوا فَرَساً أَوْ سِلاَحاً يُعْدَى بِهِ عَلَى أَهْلِ اَلْإِسْلاَمِ فَإِنَّهُ لاَ يَنْبَغِي لِلْمُسْلِمِ أَنْ يَدَعَ ذَلِكَ فِي أَيْدِي أَعْدَاءِ اَلْإِسْلاَمِ فَيَكُونَ شَوْكَةً عَلَيْهِ وَ لاَ تَدَّخِرُوا أَنْفُسَكُمْ نَصِيحَةً وَ لاَ اَلْجُنْدَ حُسْنَ سِيرَةٍ وَ لاَ اَلرَّعِيَّةَ مَعُونَةً وَ لاَ دِينَ اَللَّهِ قُوَّةً.

وَ أَبْلُوا فِي سَبِيلِ اَللَّهِ مَا اِسْتَوْجَبَ عَلَيْكُمْ فَإِنَّ اَللَّهَ سُبْحَانَهُ قَدِ اِصْطَنَعَ عِنْدَنَا وَ عِنْدَكُمْ أَنْ نَشْكُرَهُ بِجُهْدِنَا وَ أَنْ نَنْصُرَهُ بِمَا بَلَغَتْ قُوَّتُنَا وَ لاَ قُوَّةَ إِلاَّ بِاللَّهِ اَلْعَلِيِّ اَلْعَظِيمِ.

## ٥١_ امام عليه السلام جو خط، ڍل اڳاڙڻ وارن پنهنجي عملدارن ڏانهن

الله جي ٻانهي اميرالمؤمنين عليه السلام جي طرفان ڍل اڳاڙڻ وارن ڏانهن. اما بعد: بيشڪ جيڪو پنهنجي انجام کان نہ ڊڄندو تہ پنهنجي نفس لاءِ اهڙي شيءِ مهيا نہ ڪندو جيڪا انکي بچائي. ۽ ڄاڻو تہ جيڪي توهان کي ذميداريون ڏنيون ويون آهن اهي ٿوريون آهن ۽ انهن جو ثواب گهڻو آهي.

۽ ظلم ۽ سرڪشي جن کان الله روڪيو آهي اگر انهن تي سزا کان نہ بہ ڊيڄاريو وڃي ها تڏهن بہ انهن کان بچڻ جو ثواب ايترو آهي جو جنهن کي حاصل نہ ڪرڻ جو ڪو بهانو ئي نہ آهي. بس پاڻ وٽان ماڻهن کي انصاف ڏيو، ۽ سندن ضرورتن تي صبر ڪريو، ڇا ڪاڻ تہ توهان رعيت جا خزانچي، امت جا وڪيل، ۽ حڪمرانن جا ايلچي آهيو. ۽ ڪنهن کي بہ سندس ضرورت بابت لڄي نہ ڪجو، ۽ نہ انکي سندس گُهرج کان روڪجو. ماڻهن جي سياري ۽ اونهاري جي ڪپڙن، ۽ وهو جانورن ۽ غلام کي ڍل ونڻ لاءِ هر گز نہ وڪڻائجو.

۽ درهم جي ڪري هرگز ڪنهن کي چهبڪ نہ هڻجو، ۽ مسلمان ۽ ڪافر ذميءَ مان ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي مال کي هٿ نہ لائجو، سواءِ ان جي جو توهان اهڙو گهوڙو يا هٿيار ڏسو جنهن کي مسلمانن خلاف استعمال ڪيو وڃي. بس ڪنهن مسلمان لاءِ اهو مناسب نہ آهي جو هو انهن کي اسلام جي دشمنن جي هٿن ۾ ڇڏي ڏي، جو اهي اسلام جي خلاف طاقت شمار ٿين. هڪ ٻئي کي نصيحت ڪرڻ، ۽ لشڪر سان ڀلي نموني پيش اچڻ، ۽ رعيت جي مدد ڪرڻ ۽ الله جي دين کي تقويت ڏيڻ کان پاڻ کي نہ روڪيو.

۽ الله جي راهہ ۾ جيڪا شيءِ توهان تي واجب آهي انکي انجام ڏيو، ڇا ڪاڻ تہ الله سبحانہ اسان ۽ توهان کان اهو چاهيو آهي تہ پنهنجي پوري ڪوشش ذريعي سندس شڪر ڪريون، ۽ پنهنجي مڪمل طاقت سان ان جي مدد ڪريون، ۽ ڪا بہ طاقت نہ آهي سواءِ ان الله جي جيڪو بلند ۽ عظمت وارو آهي.

## ٥٢ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى أمراء البلاد في معنى الصلاة.*

أَمَّا بَعْدُ فَصَلُّوا بِالنَّاسِ اَلظُّهْرَ حَتَّى تَفِيءَ اَلشَّمْسُ مِنْ مَرْبِضِ اَلْعَنْزِ وَ صَلُّوا بِهِمُ اَلْعَصْرَ وَ اَلشَّمْسُ بَيْضَاءُ حَيَّةٌ فِي عُضْوٍ مِنَ اَلنَّهَارِ حِينَ يُسَارُ فِيهَا فَرْسَخَانِ وَ صَلُّوا بِهِمُ اَلْمَغْرِبَ حِينَ يُفْطِرُ اَلصَّائِمُ وَ يَدْفَعُ اَلْحَاجُّ إِلَى مِنًى وَ صَلُّوا بِهِمُ اَلْعِشَاءَ حِينَ يَتَوَارَى اَلشَّفَقُ إِلَى ثُلُثِ اَللَّيْلِ وَ صَلُّوا بِهِمُ اَلْغَدَاةَ وَ اَلرَّجُلُ يَعْرِفُ وَجْهَ صَاحِبِهِ وَ صَلُّوا بِهِمْ صَلاَةَ أَضْعَفِهِمْ وَ لاَ تَكُونُوا فَتَّانِينَ.

## ٥٣ـ و من كتاب له عليه السلام

*كتبه للأشتر النخعي لما ولاه على مصر و أعمالها حين اضطرب أمر أميرها محمد بن أبي بكر، و هو أطول عهد كتبه و أجمعه للمحاسن.*

بِسْمِ اَللَّهِ اَلرَّحْمَنِ اَلرَّحِيمِ



هَذَا مَا أَمَرَ بِهِ عَبْدُ اَللَّهِ عَلِيٌّ أَمِيرُ اَلْمُؤْمِنِينَ مَالِكَ بْنَ اَلْحَارِثِ اَلْأَشْتَرَ فِي عَهْدِهِ إِلَيْهِ حِينَ وَلاَّهُ مِصْرَ جِبَايَةَ خَرَاجِهَا وَ جِهَادَ عَدُوِّهَا وَ اِسْتِصْلاَحَ أَهْلِهَا وَ عِمَارَةَ بِلاَدِهَا. أَمَرَهُ بِتَقْوَى اَللَّهِ وَ إِيْثَارِ طَاعَتِهِ وَ اِتِّبَاعِ مَا أَمَرَ بِهِ فِي كِتَابِهِ مِنْ فَرَائِضِهِ وَ سُنَنِهِ اَلَّتِي لاَ يَسْعَدُ أَحَدٌ إِلاَّ بِاتِّبَاعِهَا وَ لاَ يَشْقَى إِلاَّ مَعَ جُحُودِهَا وَ إِضَاعَتِهَا وَ أَنْ يَنْصُرَ اَللَّهَ سُبْحَانَهُ بِقَلْبِهِ وَ يَدِهِ وَ لِسَانِهِ فَإِنَّهُ جَلَّ اِسْمُهُ قَدْ تَكَفَّلَ بِنَصْرِ مَنْ نَصَرَهُ وَ إِعْزَازِ مَنْ أَعَزَّهُ.

## ٥٢_ امام عليه السلام جو خط، علائقن جي والين ڏانهن نماز جي باري ۾

اما بعد: پوءِ توهان ماڻهن کي ٻيپهريءَ جي نماز پڙهايو تان جو سج جو پاڇو ٻڪرين جي واڙ برابر ٿئي. ۽ انهن کي ٽيپهري جي نماز پڙهايو جڏهن ته سج سفيد چٽو ۽ ڏينهن جي ايتري حصي ۾ باقي هجي، جنهن ۾ ٻن فرسخن جيترو هلي سگهجي. ۽ انهن کي سج لٿي جي نماز پڙهايو جڏهن روزيدار روزو کولي ۽ حاجي (عرفات کان) منىٰ ڏانهن نڪري. ۽ انهن کي سومهڻيءَ جي نماز پڙهايو اولهه واريءَ ڳاڙهاڻ جي لڪي وڃڻ کان وٺي رات جي پهرئين حصي تائين ۽ انهن کي صبح جي نماز پڙهايو جڏهن ماڻهو پنهنجي ساٿيءَ جي مُنهن کي سڃاڻي سگهي. ۽ انهن کي سڀ کان وڏيڪ ڪمزور ماڻهوءَ جي نماز جيان نماز پڙهايو، ۽ انهن لاءِ آزمائش جو سبب نه ٿيو.

## ٥٣_ امام عليه السلام جو خط، جيڪو پاڻ اشتر ڏانهن لکيو

**هن دستاويز کي امام عليه السلام (مالڪ) اشتر نخعي رحمة الله عليه لاءِ ان وقت لکيو جڏهن کيس مصر ۽ ان جي آس پاس جي علائقن تي والي مقرر ڪيو، جنهن وقت مصر جي حاڪم محمد بن ابوبڪر جي حڪومت جا حالات خراب ٿي پيا. هي سڀ کان ڊگهو دستاويز آهي جنهن کي امام عليه السلام لکيو آهي، ۽ سڀ کان وڏيڪ خوبين کي گڏ ڪندڙ آهي.**

شروع الله جي نالي سان جيڪو نهايت ٻاجهارو ۽ مهربان آهي

هي اهو دستاويز آهي جنهن جو حڪم الله جي ٻانهي علي اميرالمؤمنين عليه السلام پنهنجي حڪومت ۾ مالڪ بن حارث اشتر کي ان وقت ڏنو جڏهن کيس مصر جو والي بڻايو ته جيئن اتان جي ڍل گڏ ڪري، ۽ انجي دشمن سان جهاد ڪري، ۽ ان جي رهڻ وارن جي اصلاح ڪري، ۽ ان جي شهرن کي آباد ڪري. هن کيس الله جي تقوىٰ، ۽ سندس اطاعت کي ترجيح ڏيڻ، ۽ جن فرضن ۽ سنتن جو هن پنهنجي ڪتاب ۾ حڪم ڏنو آهي تن جي پيروي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. اُهي جن جي اتباع ڪرڻ کانسواءِ ڪو به نيڪ بخت نه ٿيندو، ۽ جن جي انڪار ڪرڻ ۽ ضايع ڪرڻ کانسواءِ ڪو به بدبخت نه ٿيندو. ۽ اهو به ته الله سبحانه جي پنهنجي دل، هٿ ۽ زبان سان مدد ڪري، ڇا ڪاڻ ته الله سبحانه ذميداري ڪنئي آهي ان ماڻهو جَي مدد ڪرڻ جِي جيڪو سندس مدد ڪري، ۽ ان کي طاقتور بڻائڻ جي جيڪو سندس ساٿ ڏئي.

وَ أَمَرَهُ أَنْ يَكْسِرَ نَفْسَهُ مِنَ اَلشَّهَوَاتِ وَ يَزَعَهَا عِنْدَ اَلْجَمَحَاتِ فَإِنَّ اَلنَّفْسَ أَمَّارَةٌ بِالسُّوءِ إِلاَّ مَا رَحِمَ اَللَّهُ.

ثُمَّ اِعْلَمْ يَا مَالِكُ! أَنِّي قَدْ وَجَّهْتُكَ إِلَى بِلاَدٍ قَدْ جَرَتْ عَلَيْهَا دُوَلٌ قَبْلَكَ مِنْ عَدْلٍ وَ جَوْرٍ وَ أَنَّ اَلنَّاسَ يَنْظُرُونَ مِنْ أُمُورِكَ فِي مِثْلِ مَا كُنْتَ تَنْظُرُ فِيهِ مِنْ أُمُورِ اَلْوُلاَةِ قَبْلَكَ وَ يَقُولُونَ فِيكَ مَا كُنْتَ تَقُولُ فِيهِمْ وَ إِنَّمَا يُسْتَدَلُّ عَلَى اَلصَّالِحِينَ بِمَا يُجْرِي اَللَّهُ لَهُمْ عَلَى أَلْسُنِ عِبَادِهِ فَلْيَكُنْ أَحَبَّ اَلذَّخَائِرِ إِلَيْكَ ذَخِيرَةُ اَلْعَمَلِ اَلصَّالِحِ فَامْلِكْ هَوَاكَ وَ شُحَّ بِنَفْسِكَ عَمَّا لاَ يَحِلُّ لَكَ فَإِنَّ اَلشُّحَّ بِالنَّفْسِ اَلْإِنْصَافُ مِنْهَا فِيمَا أَحَبَّتْ أَوْ كَرِهَتْ وَ أَشْعِرْ قَلْبَكَ اَلرَّحْمَةَ لِلرَّعِيَّةِ وَ اَلْمَحَبَّةَ لَهُمْ وَ اَللُّطْفَ بِهِمْ وَ لاَ تَكُونَنَّ عَلَيْهِمْ سَبُعاً ضَارِياً تَغْتَنِمُ أَكْلَهُمْ.

فَإِنَّهُمْ صِنْفَانِ إِمَّا أَخٌ لَكَ فِي اَلدِّينِ أَو نَظِيرٌ لَكَ فِي اَلْخَلْقِ يَفْرُطُ مِنْهُمُ اَلزَّلَلُ وَ تَعْرِضُ لَهُمُ اَلْعِلَلُ وَ يُؤْتَى عَلَى أَيْدِيهِمْ فِي اَلْعَمْدِ وَ اَلْخَطَإِ فَأَعْطِهِمْ مِنْ عَفْوِكَ وَ صَفْحِكَ مِثْلِ اَلَّذِي تُحِبُّ وَ تَرْضَى أَنْ يُعْطِيَكَ اَللَّهُ مِنْ عَفْوِهِ وَ صَفْحِهِ فَإِنَّكَ فَوْقَهُمْ وَ وَالِي اَلْأَمْرِ عَلَيْكَ فَوْقَكَ وَ اَللَّهُ فَوْقَ مَنْ وَلاَّكَ وَ قَدِ اِسْتَكْفَاكَ أَمْرَهُمْ وَ اِبْتَلاَكَ بِهِمْ.

وَ لاَ تَنْصِبَنَّ نَفْسَكَ لِحَرْبِ اَللَّهِ فَإِنَّهُ لاَ يَدَ لَكَ بِنِقْمَتِهِ وَ لاَ غِنَى بِكَ عَنْ عَفْوِهِ وَ رَحْمَتِهِ وَ لاَ تَنْدَمَنَّ عَلَى عَفْوٍ وَ لاَ تَبْجَحَنَّ بِعُقُوبَةٍ وَ لاَ تُسْرِعَنَّ إِلَى بَادِرَةٍ وَجَدْتَ مِنْهَا مَنْدُوحَةً وَ لاَ تَقُولَنَّ إِنِّي مُؤَمَّرٌ آمُرُ فَأُطَاعُ فَإِنَّ ذَلِكَ إِدْغَالٌ فِي اَلْقَلْبِ وَ مَنْهَكَةٌ لِلدِّينِ وَ تَقَرُّبٌ مِنَ اَلْغِيَرِ.

۽ ڪيس خواهشن وقت پنهنجي نفس کي ٽوڙڻ جو، ۽ سرڪشين وقت انکي روڪڻ جو حڪم ڏنو آهي. بيشڪ نفس بُرائي جو حڪم ڏيندڙ آهي، سواءِ ان جي جنهن تي الله رحم فرمائي. اي مالڪ تون ڄاڻ! ته مون توکي انهن علائقن ڏانهن موڪليو آهي جن تي تو کان پهريائين عادل ۽ ظالم حڪومتون گذري چڪيون آهن. ۽ بيشڪ ماڻهو تنهنجي ڪمن کي ائين ڏسندا جيئن تون پاڻ کان پهريائين وارن حڪمرانن جي ڪمن کي ڏسندو هئين. ۽ تو بابت اهڙيون ڳالهيون ڪندا جيڪي تون سندن بابت ڪندو هئين. ۽ نيڪوڪارن جي سڃاڻپ رڳو ان نيڪ نامي سان ٿيندي آهي جيڪا الله سندن لاءِ پنهنجي نيڪ ٻانهن جي زبان تي جاري ڪرائيندو آهي. بس تو وٽ وڌيڪ پسنديده خير، نيڪ عملن جو ذخيرو هجڻ گهرجي. بس ته پوءِ پنهنجي خواهش کي قابوءَ ۾ رک ۽ پنهنجي نفس کي انهن شين کان روڪ جيڪي تنهنجي لاءِ حلال نه هجن، ڇا ڪاڻ ته نفس کي روڪي رکڻ ئي ان سان انصاف ڪرڻ آهي، چاهي انهن کي پسند ڪري يا ناپسند ڪري. ۽ رعيت جي لاءِ پنهنجي دل ۾ رحمت، محبّت ۽ ٻاجھ کي قرار ڏي. ۽ هرگز انهن لاءِ نقصان پهچائيندڙ وحشي جانور نه ٿي جيڪو کين کائڻ کي غنيمت سمجهي.

بيشڪ رعيت جا ٻه قسم آهن، يا تنهنجا ديني ڀائر آهن، يا خلقت ۾ تو جهڙا آهن. انهن کان اوچتو غلطيون به ٿينديون، ۽ سندن لاءِ رڪاوٽون به پيش اينديون. ۽ اهي انهن کان ڄاڻي واڻي ۽ ڀُل ۾ به ٿينديون. بس انهن کان پاڻ وٽان ائين معافي ۽ درگذري عطا ڪر جيئن تون پسند ڪرين ٿو ته الله تو کي پنهنجي معافي ۽ درگذري عطا ڪري. بيشڪ تون انهن جي مٿان آهين، ۽ تنهنجي مٿان وري امام آهي، ۽ الله وري ان جي مٿان آهي جنهن تو کي والي بڻايو آهي. ۽ تو کي انهن جي ڪمن جو نگهبان مقرر ڪيو آهي. ۽ انهن جي ذريعي تنهنجي آزمائش ڪئي آهي.



۽ هر گز پنهنجو پاڻ کي الله سان جنگ ۾ نه وجهي ڇڏجائن، ته هن جي ڪاوڙ سامهون تو وٽ ڪا به طاقت ڪانهي ۽ نه وري هن جي بخشش ۽ رحمت کان تو کي ڪا شيءِ بي نياز ڪندي. ۽ هرگز تون معاف ڪرڻ تي پشيمان نه ٿجائن، ۽ نه وري سزا ڏيڻ تي خوش ٿجائن. ۽ هرگز تڪڙ ڪري جلد بازي نه ڪجانءِ جڏهن ته تو وٽ ان جي حل ڪرڻ جي گنجائش به هجي. ۽ هر گز ائين نه چئجائن ته آءٌ حاڪم بڻايو ويو آهيان، بس حڪم ڪريان ته اطاعت ڪئي وڃي. بيشڪ اهو دل ۾ تباهي آڻڻ، ۽ دين کي ڪمزور ڪرڻ، ۽ بربادين جي ويجهو ٿيڻ آهي.

وَ إِذَا أَحْدَثَ لَكَ مَا أَنْتَ فِيهِ مِنْ سُلْطَانِكَ أُبَّهَةً أَوْ مَخِيلَةً فَانْظُرْ إِلَى عِظَمِ مُلْكِ اَللَّهِ فَوْقَكَ وَ قُدْرَتِهِ مِنْكَ عَلَى مَا لاَ تَقْدِرُ عَلَيْهِ مِنْ نَفْسِكَ فَإِنَّ ذَلِكَ يُطَامِنُ إِلَيْكَ مِنْ طِمَاحِكَ وَ يَكُفُّ عَنْكَ مِنْ غَرْبِكَ وَ يَفِيءُ إِلَيْكَ بِمَا عَزَبَ عَنْكَ مِنْ عَقْلِكَ! إِيَّاكَ وَ مُسَامَاةَ اَللَّهِ فِي عَظَمَتِهِ وَ اَلتَّشَبُّهَ بِهِ فِي جَبَرُوتِهِ.

فَإِنَّ اَللَّهَ يُذِلُّ كُلَّ جَبَّارٍ وَ يُهِينُ كُلَّ مُخْتَالٍ. أَنْصِفِ اَللَّهَ وَ أَنْصِفِ اَلنَّاسَ مِنْ نَفْسِكَ وَ مِنْ خَاصَّةِ أَهْلِكَ وَ مَنْ لَكَ فِيهِ هَوًى مِنْ رَعِيَّتِكَ فَإِنَّكَ إِلاَّ تَفْعَلْ تَظْلِمْ وَ مَنْ ظَلَمَ عِبَادَ اَللَّهِ كَانَ اَللَّهُ خَصْمَهُ دُونَ عِبَادِهِ وَ مَنْ خَاصَمَهُ اَللَّهُ أَدْحَضَ حُجَّتَهُ وَ كَانَ لِلَّهِ حَرْباً حَتَّى يَنْزِعَ أَوْ يَتُوبَ. وَ لَيْسَ شَيْءٌ أَدْعَى إِلَى تَغْيِيرِ نِعْمَةِ اَللَّهِ وَ تَعْجِيلِ نِقْمَتِهِ مِنْ إِقَامَةٍ عَلَى ظُلْمٍ فَإِنَّ اَللَّهَ سَمِيعٌ دَعْوَةَ اَلْمُضْطَهَدِينَ وَ هُوَ لِلظَّالِمِينَ بِالْمِرْصَادِ.

وَ لْيَكُنْ أَحَبَّ اَلْأُمُورِ إِلَيْكَ أَوْسَطُهَا فِي اَلْحَقِّ وَ أَعَمُّهَا فِي اَلْعَدْلِ وَ أَجْمَعُهَا لِرِضَى اَلرَّعِيَّةِ فَإِنَّ سُخْطَ اَلْعَامَّةِ يُجْحِفُ بِرِضَى اَلْخَاصَّةِ وَ إِنَّ سُخْطَ اَلْخَاصَّةِ يُغْتَفَرُ مَعَ رِضَى اَلْعَامَّةِ وَ لَيْسَ أَحَدٌ مِنَ اَلرَّعِيَّةِ أَثْقَلَ عَلَى اَلْوَالِي مَئُونَةً فِي اَلرَّخَاءِ وَ أَقَلَّ مَعُونَةً لَهُ فِي اَلْبَلاَءِ وَ أَكْرَهَ لِلْإِنْصَافِ وَ أَسْأَلَ بِالْإِلْحَافِ.

وَ أَقَلَّ شُكْراً عِنْدَ اَلْإِعْطَاءِ وَ أَبْطَأَ عُذْراً عِنْدَ اَلْمَنْعِ وَ أَضْعَفَ صَبْراً عِنْدَ مُلِمَّاتِ اَلدَّهْرِ مِنْ أَهْلِ اَلْخَاصَّةِ وَ إِنَّمَا عِمَادُ اَلدِّينِ وَ جِمَاعُ اَلْمُسْلِمِينَ وَ اَلْعُدَّةُ لِلْأَعْدَاءِ اَلْعَامَّةُ مِنَ اَلْأُمَّةِ فَلْيَكُنْ صِغْوُكَ لَهُمْ وَ مَيْلُكَ مَعَهُمْ. وَ لْيَكُنْ أَبْعَدَ رَعِيَّتِكَ مِنْكَ وَ أَشْنَأَهُمْ عِنْدَكَ أَطْلَبُهُمْ لِمَعَايِبِ اَلنَّاسِ.

۽ جڏهن تو ۾ پنهنجيءَ حڪومت ڪري هٺ ۽ غرور پيدا ٿئي تہ پاڻ ڪان مٿي الله جي عظيم بادشاهيءَ ۽ هنجي پنهنجي انهن شين تي قدرت ڪي ڏس جن تي تون پاڻ بہ قدرت نٿو رکين. بيشڪ اها ڳالھ تنهنجي سرڪشيءَ کي تو ڪان نابود ڪندي، ۽ تو کي تنهنجي سختيءَ ڪان روڪيندي، ۽ تنهنجي ويل عقل کي تو ڏانهن موٽائيندي. ۽ الله سان سندس عظمت ۾ وڏائي ڏيکارڻ، ۽ ان سان سندس قدرت ۾ پيٺ ڪرڻ ڪان بچ. بيشڪ الله هر متڪبر کي ذليل ڪندو آهي، ۽ هر مغرور کي حقير ڪندو آهي. الله سان ۽ ماڻهن سان انصاف ڪر پنهنجي بنسبت ۽ پنهنجي ويجهن مٽن مائٽن ۽ رعيت مان پنهنجي من پسند ماڻهن جي بنسبت. ۽ بتحقيق اگر تون ائين نہ ڪندين تہ تون ظلم ڪندين. ۽ جنهن الله جي ٻانهن تي ظلم ڪيو تہ ٻانهن جي بدران الله سندس دشمن ٿي ويندو. ۽ جنهن سان الله دشمني ڪري ٿو، تہ الله سندس دليل کي ختم ڪري ڇڏي ٿو، ۽ هو الله سان جنگ ڪرڻ وارو هوندو تان جو ظلم کي ڇڏي ڏي ۽ توبہ ڪري. ۽ ظلم کي باقي رکڻ ڪان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ الله تعالیٰ جي نعمتن کي تبديل ڪرڻ، ۽ سندس جلد عذاب آڻڻ جي دعوت نٿي ڏي. بيشڪ الله مظلومن جي پُڪار کي ٻڌڻ وارو آهي ۽ هو ظالمن جي تاڙ ۾ آهي.

تو وٽ سڀ ڪان وڌيڪ پسنديده ڪم اُهي هجڻ گهرجن جيڪي حق جي وڌيڪ ويجها، عدالت ۾ وڌيڪ عام، ۽ رعيت جي رضا جي مطابق هجن. بيشڪ عوام جي ناراضگي، خواص جي رضامنديءَ کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. جڏهن تہ خواص جي ناراضگي عوام جي رضامنديءَ سان درگذر ڪئي ويندي آهي. رعيّت مان واليءَ سان درگذر ڪئي ويندي آهي. رعيت مان والي جي لاءِ سک وقت خواص ڪان وڌيڪ ڪو بہ خرچ ڪرڻ ۾ گهٽي ٻوجھ وارو، ۽ ڏک وقت ان لاءِ ٿوري مدد ڪرڻ وارو، ۽ انصاف کي ناپسند ڪرڻ وارو، ۽ گُهرڻ وقت چنبڙي پوڻ وارو، ۽ عطا ڪرڻ وقت گهٽ شڪر ڪرڻ وارو، ۽ نہ ڏيڻ وقت معذرت قبول ڪرڻ ۾ سستي ڪرڻ وارو، ۽ زماني جي سختين وقت گهٽ صبر ڪرڻ وارو ڪو بہ نہ آهي. ۽ دين جو ٿنڀو، ۽ مسلمانن جو اجتماع، ۽ دشمنن خلاف طاقت رڳو عوام ئي آهي. بس تنهنجو جُهڪاءُ انهن ڏانهن ۽ تنهنجو لاڙو انهن سان گڏ هجڻ گهرجي. ۽ تنهنجي رعيت مان تو ڪان سڀ ڪان پري، ۽ تو وٽ سڀ ڪان وڌيڪ ناپسند اهو ماڻهو هجڻ گهرجي جيڪو ماڻهن جي عيب جوئي ڪرڻ ۾ وڌيڪ هجي.

فَإِنَّ فِي اَلنَّاسِ عُيُوباً اَلْوَالِي أَحَقُّ مَنْ سَتَرَهَا فَلاَ تَكْشِفَنَّ عَمَّا غَابَ عَنْكَ مِنْهَا فَإِنَّمَا عَلَيْكَ تَطْهِيرُ مَا ظَهَرَ لَكَ وَ اَللَّهُ يَحْكُمُ عَلَى مَا غَابَ عَنْكَ فَاسْتُرِ اَلْعَوْرَةَ مَا اِسْتَطَعْتَ يَسْتُرِ اَللَّهُ مِنْكَ مَا تُحِبُّ سَتْرَهُ مِنْ رَعِيَّتِكَ أَطْلِقْ عَنِ اَلنَّاسِ عُقْدَةَ كُلِّ حِقْدٍ وَ اِقْطَعْ عَنْكَ سَبَبَ كُلِّ وِتْرٍ وَ تَغَابَ عَنْ كُلِّ مَا لاَ يَضِحُ لَكَ وَ لاَ تَعْجَلَنَّ إِلَى تَصْدِيقِ سَاعٍ فَإِنَّ اَلسَّاعِيَ غَاشٌّ وَ إِنْ تَشَبَّهَ بِالنَّاصِحِينَ.

وَ لاَ تُدْخِلَنَّ فِي مَشُورَتِكَ بَخِيلاً يَعْدِلُ بِكَ عَنِ اَلْفَضْلِ وَ يَعِدُكَ اَلْفَقْرَ وَ لاَ جَبَاناً يُضْعِفُكَ عَنِ اَلْأُمُورِ وَ لاَ حَرِيصاً يُزَيِّنُ لَكَ اَلشَّرَهَ بِالْجَوْرِ فَإِنَّ اَلْبُخْلَ وَ اَلْجُبْنَ وَ اَلْحِرْصَ غَرَائِزُ شَتَّى يَجْمَعُهَا سُوءُ اَلظَّنِّ بِاللَّهِ.

إِنَّ شَرَّ وُزَرَائِكَ مَنْ كَانَ لِلْأَشْرَارِ قَبْلَكَ وَزِيراً وَ مَنْ شَرِكَهُمْ فِي اَلْآثَامِ فَلاَ يَكُونَنَّ لَكَ بِطَانَةً فَإِنَّهُمْ أَعْوَانُ اَلْأَثَمَةِ وَ إِخْوَانُ اَلظَّلَمَةِ وَ أَنْتَ وَاجِدٌ مِنْهُمْ خَيْرَ اَلْخَلَفِ مِمَّنْ لَهُ مِثْلُ آرَائِهِمْ وَ نَفَاذِهِمْ وَ لَيْسَ عَلَيْهِ مِثْلُ آصَارِهِمْ وَ أَوْزَارِهِمْ وَ آثَامِهِمْ مِمَّنْ لَمْ يُعَاوِنْ ظَالِماً عَلَى ظُلْمِهِ وَ لاَ آثِماً عَلَى إِثْمِهِ.

أُولَئِكَ أَخَفُّ عَلَيْكَ مَئُونَةً وَ أَحْسَنُ لَكَ مَعُونَةً وَ أَحْنَى عَلَيْكَ عَطْفاً وَ أَقَلُّ لِغَيْرِكَ إِلْفاً فَاتَّخِذْ أُولَئِكَ خَاصَّةً لِخَلَوَاتِكَ وَ حَفَلاَتِكَ.

ثُمَّ لْيَكُنْ آثَرُهُمْ عِنْدَكَ أَقْوَلَهُمْ بِمُرِّ اَلْحَقِّ لَكَ وَ أَقَلَّهُمْ مُسَاعَدَةً فِيمَا يَكُونُ مِنْكَ مِمَّا كَرِهَ اَللَّهُ لِأَوْلِيَائِهِ وَاقِعاً ذَلِكَ مِنْ هَوَاكَ حَيْثُ وَقَعَ.

بيشڪ ماڻهن ۾ عيب هوندا آهن. پر والي انهن کي ڍڪڻ جو وڌيڪ حقدار آهي. بس انهن مان جيڪي تو کان لڪيل هجن ته انهن کي هرگز ظاهر نه ڪجانءِ، بس تنهنجي ذميداري ته انهن عيبن کي به ختم ڪرڻ آهي جيڪي تو وٽ ظاهر ٿين. ۽ جيڪي تو کان لڪيل آهن انهن بابت الله فيصلو ڪندو. بس جيترو ٿي سگهئي عيبن کي ڍڪ ته جيئن الله تنهنجا اهي عيب ڍڪي جن کي تون پنهنجي رعيت کان لڪائڻ چاهين ٿو. ۽ ماڻهن کان هر ڪيني جي ڳنڍ کي کولي ڇڏ. ۽ پاڻ کان هر دشمنيءَ جي وسيلي کي ڪٽي ڇڏ. ۽ هر ان شيءِ کان درگذر ڪر جيڪا تنهنجي لاءِ واضح نه هجي، ۽ چغلخور جي تصديق ڪرڻ ۾ هرگز تڪڙ نه ڪجانءِ، بيشڪ چغلخور ڌوڪي باز آهي، جيتوڻيڪ هو پاڻ کي خيرخواهن وانگر ظاهر ڪري. ۽ پنهنجي مشوري ۾ ڪنجوس کي ڪڏهن به شامل نه ڪجانءِ، جو هو تو کي ڀلائيءَ ڪرڻ کان روڪيندو، ۽ تو کي غربت جو ڊڄ ڏياريندو. ۽ نه وري بزدل کي جو هو ڪمن بابت تو کي ڪمزور ڪندو. ۽ نه وري لالچيءَ کي جو هو تنهنجي لاءِ لالچ کي ظلم سان (حاصل ڪرڻ لاءِ) سينگاري پيش ڪندو.

بيشڪ ڪنجوسي، ڊڄ ۽ لالچ الڳ الڳ خصلتون آهن، پر الله بابت بدظنيءَ ڪين گڏائي ڇڏيو آهي. بيشڪ تنهنجي وزيرن مان وڌيڪ بڇڙو اهو وزير هوندو جيڪو تو کان پهريائين بُرن ماڻهن جو وزير رهي چڪو هجي، ۽ اهو به جيڪو ساڻن گناهن ۾ شريڪ رهيو هجي، بس اهي هرگز تنهنجا رازدار نه ٿين. بيشڪ اهي ڏوهارين جا مددگار، ۽ ظالمن جا يائر آهن. ۽ تون انهن ۾ ڀلا به پائيندين جن جي راءِ ۽ چستي انهن جهڙي هوندي، پر مٿن انهن جهڙا گناهہ جرم ۽ ڏوهہ نه هوندا، جن نه ظالم جي ظلم ۾ ۽ نه ڏوهاريءَ جي ڏوهہ ۾ مدد ڪئي هوندي. اهي تنهنجي لاءِ خرچ جي اعتبار کان وڌيڪ هلڪا، ۽ مدد جي اعتبار کان وڌيڪ ڀلا، ۽ شفقت جي اعتبار کان تنهنجي لاءِ وڌيڪ مهربان، ۽ تو کان علاوه ٻئي سان گهٽ محبت ڪرڻ وارا هوندا. بس انهن کي پنهنجي خلوت ۽ جلوت ۾ خواص قرار ڏي. پوءِ انهن مان به تو وٽ وڌيڪ ترجيح انهن جي هجي جيڪي تو وٽ حق جون ڪڙيون ڳالهيون گهڻيون ڪندا هجن، ۽ تنهنجي انهن ڪمن ۾ گهٽ مدد ڪندا هجن جن کي الله پنهنجي ولين لاءِ ناپسند ڪيو آهي. چاهي جو اهي تنهنجي خواهش جي مطابق ئي هجن.

وَ الْصَقْ بِأَهْلِ اَلْوَرَعِ وَ اَلصِّدْقِ ثُمَّ رُضْهُمْ عَلَى أَلاَّ يُطْرُوكَ وَ لاَ يَبْجَحُوكَ بِبَاطِلٍ لَمْ تَفْعَلْهُ فَإِنَّ كَثْرَةَ اَلْإِطْرَاءِ تُحْدِثُ اَلزَّهْوَ وَ تُدْنِي مِنَ اَلْعِزَّةِ.

وَ لاَ يَكُونَنَّ اَلْمُحْسِنُ وَ اَلْمُسِيءُ عِنْدَكَ بِمَنْزِلَةٍ سَوَاءٍ فَإِنَّ فِي ذَلِكَ تَزْهِيداً لِأَهْلِ اَلْإِحْسَانِ فِي اَلْإِحْسَانِ وَ تَدْرِيباً لِأَهْلِ اَلْإِسَاءَةِ عَلَى اَلْإِسَاءَةِ وَ أَلْزِمْ كُلاًّ مِنْهُمْ مَا أَلْزَمَ نَفْسَهُ وَ اِعْلَمْ أَنَّهُ لَيْسَ شَيْءٌ بِأَدْعَى إِلَى حُسْنِ ظَنِّ رَاعٍ بِرَعِيَّتِهِ مِنْ إِحْسَانِهِ إِلَيْهِمْ وَ تَخْفِيفِهِ اَلْمَئُونَاتِ عَلَيْهِمْ وَ تَرْكِ اِسْتِكْرَاهِهِ إِيَّاهُمْ عَلَى مَا لَيْسَ لَهُ قِبَلَهُمْ. فَلْيَكُنْ مِنْكَ فِي ذَلِكَ أَمْرٌ يَجْتَمِعُ لَكَ بِهِ حُسْنُ اَلظَّنِّ بِرَعِيَّتِكَ فَإِنَّ حُسْنَ اَلظَّنِّ يَقْطَعُ عَنْكَ نَصَباً طَوِيلاً. وَ إِنَّ أَحَقَّ مَنْ حَسُنَ ظَنُّكَ بِهِ لَمَنْ حَسُنَ بَلاَؤُكَ عِنْدَهُ وَ إِنَّ أَحَقَّ مَنْ سَاءَ ظَنُّكَ بِهِ لَمَنْ سَاءَ بَلاَؤُكَ عِنْدَهُ.

وَ لاَ تَنْقُضْ سُنَّةً صَالِحَةً عَمِلَ بِهَا صُدُورُ هَذِهِ اَلْأُمَّةِ وَ اِجْتَمَعَتْ بِهَا اَلْأُلْفَةُ وَ صَلَحَتْ عَلَيْهَا اَلرَّعِيَّةُ وَ لاَ تُحْدِثَنَّ سُنَّةً تَضُرُّ بِشَيْءٍ مِنْ مَاضِي تِلْكَ اَلسُّنَنِ فَيَكُونَ اَلْأَجْرُ لِمَنْ سَنَّهَا وَ اَلْوِزْرُ عَلَيْكَ بِمَا نَقَضْتَ مِنْهَا.



أَكْثِرْ مُدَارَسَةَ اَلْعُلَمَاءِ وَ مُنَاقَشَةَ اَلْحُكَمَاءِ فِي تَثْبِيتِ مَا صَلَحَ عَلَيْهِ أَمْرُ بِلاَدِكَ وَ إِقَامَةِ مَا اِسْتَقَامَ بِهِ اَلنَّاسُ قَبْلَكَ.

وَ اِعْلَمْ أَنَّ اَلرَّعِيَّةَ طَبَقَاتٌ لاَ يَصْلُحُ بَعْضُهَا إِلاَّ بِبَعْضٍ وَ لاَ غِنَى بِبَعْضِهَا عَنْ بَعْضٍ فَمِنْهَا جُنُودُ اَللَّهِ وَ مِنْهَا كُتَّابُ اَلْعَامَّةِ وَ اَلْخَاصَّةِ وَ مِنْهَا قُضَاةُ اَلْعَدْلِ وَ مِنْهَا عُمَّالُ اَلْإِنْصَافِ وَ اَلرِّفْقِ وَ مِنْهَا أَهْلُ اَلْجِزْيَةِ وَ اَلْخَرَاجِ مِنْ أَهْلِ اَلذِّمَّةِ وَ مُسْلِمَةِ اَلنَّاسِ وَ مِنْهَا اَلتُّجَّارُ وَ أَهْلُ اَلصِّنَاعَاتِ.

۽ پرهيزگارن ۽ سچارن سان هميشه گڏ رهه، پوءِ کين انهيءَ جو عادي بڻاءِ ته تنهنجي گهٽي تعريف نه ڪن، ۽ نه وري اهڙي ڪم تي تنهنجي اجائي خوشامد ڪري ڦنڊائين جنهن ڪي تو انجام نه ڏنو هجي. ڇا ڪاڻ ته گهٽي مدح سرائي عُجب (گهمنڊ) پيدا ڪندي آهي، ۽ تڪبر جي قريب ڪندي آهي. ۽ هر گز تو وٽ نيڪوڪار ۽ بدڪار مرتبي ۾ برابر نه هجن، ڇا ڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان نيڪوڪارن کي نيڪيءَ کان روڪڻ ۽ بدڪارن کي بديءَ جي عادت وجهڻ آهي. ۽ انهن مان هر هڪ لاءِ اها شيءِ (روش) اختيار ڪر جيڪا هنن پاڻ لاءِ اختيار ڪئي آهي. ۽ تون ڄاڻ ته واليءَ کي پنهنجي رعيت ۾ حسنِ ظن رکڻ لاءِ ان کان وڌيڪ ڪو ٻيو ڪارڻ نه آهي، جو هو ساڻن ڀلائي ڪري، ۽ انهن جي خرچ پکي جي بار کي هلڪو ڪري، ۽ کين اهڙين ذميدارين تي مجبور نه ڪري جيڪي سندن وس ۾ ئي نه هجن.

بس انهيءَ جي لاءِ تو کي اهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن جن سان تو کي پنهنجي رعيت بابت حسنِ ظن حاصل ٿئي. ڇا ڪاڻ ته حسنِ ظن تو کان ڊگهيون پريشانيون ختم ڪري ڇڏيندو. ۽ بيشڪ تنهنجي حسنِ ظن رکڻ جو سڀ کان وڌيڪ حقدار اهو آهي جنهن سان تو ڀلو رويو رکيو هجي، ۽ تنهنجي بدظني ڪرڻ جو سڀ کان وڌيڪ حقدار اهو آهي جنهن سان تو برو رويو رکيو هجي. ۽ ان ڀليءَ رسم کي ختم نه ڪجانءِ جنهن تي هن امت جي اڳين ماڻهن عمل ڪيو هجي، ۽ جنهن سان محبت ملندي هجي، ۽ جنهن سان رعيت جي اصلاح ٿيندي هجي، ۽ هرگز اهڙيءَ رسم کي ايجاد (شروع) نه ڪجانءِ جيڪا پهرين رسمن کي ٿورو به نقصان پهچائي. نه ته اجر ان لاءِ هوندو جنهن ان جو بنياد وڌو، ۽ ڏوهه تو تي پوندو جيترو تو انکي ختم ڪيو. انهن ڪمن جي پختگيءَ بابت جن سان تنهنجي شهرن جا مسئلا سڌرن، ۽ انهن ڪمن جي باقي رکڻ ۾ جن تي تو کان پهريائين وارا ثابت قدم رهيا، تن ۾ عالمن سان صلاح مشورو ۽ ڏاهن سان سوچ ويچار ڪي گهڻو ڪجانءِ. ۽ تون ڄاڻ ته رعيت جا طبقا آهن ۽ انهن مان هڪڙن جو سڌارو نه ٿيندو سواءِ ٻين سان، ۽ هڪڙا ٻين کان بي نياز نه ٿيندا. پوءِ انهن مان ڪي الله جو لشڪر آهن، ۽ ڪي عام ۽ خاص جا منشي آهن، ۽ ڪي عدالت جا قاضي آهن، ۽ ڪي انصاف ۽ محبت جي فضا کي برقرار رکندڙ سپاهي آهن، ۽ ڪي ڪافرِ ذمي ۽ مسلمان ماڻهن مان جزيو ۽ ڍل ڏيڻ وارا آهن، ۽ ڪي واپاري ۽ ڪاريگر آهن.

وَ مِنْهَا اَلطَّبَقَةُ اَلسُّفْلَى مِنْ ذَوِي اَلْحَاجَةِ وَ اَلْمَسْكَنَةِ وَ كُلٌّ قَدْ سَمَّى اَللَّهُ لَهُ سَهْمَهُ وَ وَضَعَ عَلَى حَدِّهِ فَرِيضَةً فِي كِتَابِهِ أَوْ سُنَّةِ نَبِيِّهِ صَلَّى اَللَّهُ عَلَيْهِ وَ آلِهِ عَهْداً مِنْهُ عِنْدَنَا مَحْفُوظاً.

فَالْجُنُودُ بِإِذْنِ اَللَّهِ حُصُونُ اَلرَّعِيَّةِ وَ زَيْنُ اَلْوُلاَةِ وَ عِزُّ اَلدِّينِ وَ سُبُلُ اَلْأَمْنِ وَ لَيْسَ تَقُومُ اَلرَّعِيَّةُ إِلاَّ بِهِمْ ثُمَّ لاَ قِوَامَ لِلْجُنُودِ إِلاَّ بِمَا يُخْرِجُ اَللَّهُ لَهُمْ مِنَ اَلْخَرَاجِ اَلَّذِي يَقْوَوْنَ بِهِ عَلَى جِهَادِ عَدُوِّهِمْ وَ يَعْتَمِدُونَ عَلَيْهِ فِيمَا يُصْلِحُهُمْ وَ يَكُونُ مِنْ وَرَاءِ حَاجَتِهِمْ.

ثُمَّ لاَ قِوَامَ لِهَذَيْنِ اَلصِّنْفَيْنِ إِلاَّ بِالصِّنْفِ اَلثَّالِثِ مِنَ اَلْقُضَاةِ وَ اَلْعُمَّالِ وَ اَلْكُتَّابِ لِمَا يُحْكِمُونَ مِنَ اَلْمَعَاقِدِ وَ يَجْمَعُونَ مِنَ اَلْمَنَافِعِ وَ يُؤْتَمَنُونَ عَلَيْهِ مِنْ خَوَاصِّ اَلْأُمُورِ وَ عَوَامِّهَا وَ لاَ قِوَامَ لَهُمْ جَمِيعاً إِلاَّ بِالتُّجَّارِ وَ ذَوِي اَلصِّنَاعَاتِ فِيمَا يَجْتَمِعُونَ عَلَيْهِ مِنْ مَرَافِقِهِمْ وَ يُقِيمُونَهُ مِنْ أَسْوَاقِهِمْ وَ يَكْفُونَهُمْ مِنَ اَلتَّرَفُّقِ بِأَيْدِيهِمْ مَا لاَ يَبْلُغُهُ رِفْقُ غَيْرِهِمْ.

ثُمَّ اَلطَّبَقَةُ اَلسُّفْلَى مِنْ أَهْلِ اَلْحَاجَةِ وَ اَلْمَسْكَنَةِ اَلَّذِينَ يَحِقُّ رِفْدُهُمْ وَ مَعُونَتُهُمْ. وَ فِي اَللَّهِ لِكُلٍّ سَعَةٌ وَ لِكُلٍّ عَلَى اَلْوَالِي حَقٌّ بِقَدْرِ مَا يُصْلِحُهُ وَ لَيْسَ يَخْرُجُ اَلْوَالِي مِنْ حَقِيقَةِ مَا أَلْزَمَهُ اَللَّهُ مِنْ ذَلِكَ إِلاَّ بِالاِهْتِمَامِ وَ اَلاِسْتِعَانَةِ بِاللَّهِ وَ تَوْطِينِ نَفْسِهِ عَلَى لُزُومِ اَلْحَقِّ وَ اَلصَّبْرِ عَلَيْهِ فِيمَا خَفَّ عَلَيْهِ أَوْ ثَقُلَ. 

فَوَلِّ مِنْ جُنُودِكَ أَنْصَحَهُمْ فِي نَفْسِكَ لِلَّهِ وَ لِرَسُولِهِ وَ لِإِمَامِكَ وَ أَنْقَاهُمْ جَيْباً وَ أَفْضَلَهُمْ حِلْماً مِمَّنْ يُبْطِئُ عَنِ اَلْغَضَبِ وَ يَسْتَرِيحُ إِلَى اَلْعُذْرِ وَ يَرْأَفُ بِالضُّعَفَاءِ وَ يَنْبُو عَلَى اَلْأَقْوِيَاءِ وَ مِمَّنْ لاَ يُثِيرُهُ اَلْعُنْفُ وَ لاَ يَقْعُدُ بِهِ اَلضَّعْفُ.

۽ انهن مان هيٺيون طبقو ضروتمندن ۽ غريبن جو آهي. ۽ هر هڪ جي لاءِ الله تعالىٰ سندس حصي کي مقرر ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو سندس ڪتاب ۽ نبيءَ ﷺ جي سنت ۾ مقرر معين ۽ دستور طور اسان وٽ محفوظ آهي. بس الله جي اذن سان لشڪر رعيت جا قلعا، حڪمرانن جي سونهن، دين جي طاقت، ۽ امن جون واٽون آهن. ۽ رعيت مستحڪم نٿي ٿئي سواءِ انهن سان، ۽ لشڪر جي مضبوطي فقط ان خراج سان ٿئي ٿي جيڪو الله سندن لاءِ قرار ڏنو آهي، جنهن سان هو پنهنجي دشمنن سان جهاد ڪرڻ لاءِ مضبوط ٿين ٿا، ۽ هو ان ۾ ايتري مقدار ۾ اعتماد ڪن ٿا جيڪو سندن حالات کي سڌاري، ۽ سندن ضرورتن جي پورت جيترو هجي. پوءِ انهن ٻنهي طبقن (فوجين ۽ ڍل ونندڙن) لاءِ استحڪام نٿو ٿئي سواءِ ٽئين طبقي سان جيڪو قاضين، منشين، ۽ حساب ۽ ڪتاب لکڻ وارن جو آهي. ان لاءِ تہ اُهي معاملن کي مضبوط ڪن ٿا، ۽ ناٽي کي گڏ ڪن ٿا، ۽ سندن ذريعي خاص ۽ عام ڪمن تي اطمئنان حاصل ٿئي ٿو، ۽ انهن سيني (طبقن) لاءِ استحڪام ناهي سواءِ واپارين ۽ ڪاريگرن جي، جو اهي فائدن کي حاصل ڪن ٿا، ۽ پنهنجون بازاريون هٽن ٿا، ۽ پنهنجي هٿن جي ڪمائي سان انهن لاءِ ڪافي ٿي وڃن ٿا، جن تائين ٻين جي ڪمائي نٿي پهچي سگهي. پوءِ هيٺيون طبقو ضروتمندن ۽ مسڪينن جو آهي، تعاون ۽ امداد جن جو حق آهي، ۽ الله وٽ هر هڪ لاءِ گنجائش رکيل آهي، ۽ سيني جو والي تي ايترو حق آهي جنهن سان سندس حالات سڌرن، ۽ الله تعالىٰ جيڪا واليءَ کي ذميداري ڏني آهي هو حقيقت ۾ ان کان نٿو نڪري سگهي مگر خاص اهتمام ڪرڻ، ۽ الله تعالىٰ کان مدد گهرڻ، ۽ حق کي قبول ڪرڻ لاءِ پاڻ کي آماده رکڻ، ۽ سکيائي ۽ ڏکيائي ۾ ان تي صبر ڪرڻ جي.

بس پنهنجي لشڪر مان انکي سپہ سالار بڻائجائن جيڪو انهن مان تنهنجي نگاهہ ۾ الله، سندس رسول ۽ تنهنجي امام جو وڌيڪ خيرخواهہ هجي. ۽ سيني کان وڌيڪ اندر جو اجريل هجي، ۽ انهن سيني کان وڌيڪ بردباريءَ ۾ افضل هجي، ۽ جيڪو ڪاوڙ ڪرڻ ۾ دير ڪندڙ هجي، ۽ معذرت خواهيءَ کي قبول ڪندڙ هجي، ۽ ڪمزورن تي مهربان هجي، ۽ طاقتورن تي غالب هجي، ۽ انهن مان هجي جن کي ضديت نہ پڙڪائي، ۽ نہ وري ڪمزوري کين ويهاري ڇڏي.

ثُمَّ اِلْصَقْ بِذَوِي اَلْمُرُوءَاتِ وَ اَلْأَحْسَابِ وَ أَهْلِ اَلْبُيُوتَاتِ اَلصَّالِحَةِ وَ اَلسَّوَابِقِ اَلْحَسَنَةِ ثُمَّ أَهْلِ اَلنَّجْدَةِ وَ اَلشَّجَاعَةِ وَ اَلسَّخَاءِ وَ اَلسَّمَاحَةِ فَإِنَّهُمْ جِمَاعٌ مِنَ اَلْكَرَمِ وَ شُعَبٌ مِنَ اَلْعُرْفِ.

ثُمَّ تَفَقَّدْ مِنْ أُمُورِهِمْ مَا يَتَفَقَّدُ اَلْوَالِدَانِ مِنْ وَلَدِهِمَا وَ لاَ يَتَفَاقَمَنَّ فِي نَفْسِكَ شَيْءٌ قَوَّيْتَهُمْ بِهِ وَ لاَ تَحْقِرَنَّ لُطْفاً تَعَاهَدْتَهُمْ بِهِ وَ إِنْ قَلَّ فَإِنَّهُ دَاعِيَةٌ لَهُمْ إِلَى بَذْلِ اَلنَّصِيحَةِ لَكَ وَ حُسْنِ اَلظَّنِّ بِكَ وَ لاَ تَدَعْ تَفَقُّدَ لَطِيفِ أُمُورِهِمُ اِتِّكَالاً عَلَى جَسِيمِهَا فَإِنَّ لِلْيَسِيرِ مِنْ لُطْفِكَ مَوْضِعاً يَنْتَفِعُونَ بِهِ وَ لِلْجَسِيمِ مَوْقِعاً لاَ يَسْتَغْنُونَ عَنْهُ.

وَ لْيَكُنْ آثَرُ رُءُوسِ جُنْدِكَ عِنْدَكَ مَنْ وَاسَاهُمْ فِي مَعُونَتِهِ وَ أَفْضَلَ عَلَيْهِمْ مِنْ جِدَتِهِ بِمَا يَسَعُهُمْ وَ يَسَعُ مَنْ وَرَاءَهُمْ مِنْ خُلُوفِ أَهْلِيهِمْ حَتَّى يَكُونَ هَمُّهُمْ هَمّاً وَاحِداً فِي جِهَادِ اَلْعَدُوِّ فَإِنَّ عَطْفَكَ عَلَيْهِمْ يَعْطِفُ قُلُوبَهُمْ عَلَيْكَ.

وَ إِنَّ أَفْضَلَ قُرَّةِ عَيْنِ اَلْوُلاَةِ اِسْتِقَامَةُ اَلْعَدْلِ فِي اَلْبِلاَدِ وَ ظُهُورُ مَوَدَّةِ اَلرَّعِيَّةِ و إِنَّهُ لاَ تَظْهَرُ مَوَدَّتُهُمْ إِلاَّ بِسَلاَمَةِ صُدُورِهِمْ وَ لاَ تَصِحُّ نَصِيحَتُهُمْ إِلاَّ بِحِيطَتِهِمْ عَلَى وُلاَةِ اَلْأُمُورِ وَ قِلَّةِ اِسْتِثْقَالِ دُوَلِهِمْ وَ تَرْكِ اِسْتِبْطَاءِ اِنْقِطَاعِ مُدَّتِهِمْ فَافْسَحْ فِي آمَالِهِمْ وَ وَاصِلْ فِي حُسْنِ اَلثَّنَاءِ عَلَيْهِمْ وَ تَعْدِيدِ مَا أَبْلَى ذَوُو اَلْبَلاَءِ مِنْهُمْ فَإِنَّ كَثْرَةَ اَلذِّكْرِ لِحُسْنِ أَفْعَالِهِمْ تَهُزُّ اَلشُّجَاعَ وَ تُحَرِّضُ اَلنَّاكِلَ إِنْ شَاءَ اَللَّهُ.

ثُمَّ اِعْرِفْ لِكُلِّ اِمْرِئٍ مِنْهُمْ مَا أَبْلَى وَ لاَ تَضُمَّنَّ بَلاَءَ اِمْرِئٍ إِلَى غَيْرِهِ وَ لاَ تُقَصِّرَنَّ بِهِ دُونَ غَايَةِ بَلاَئِهِ وَ لاَ يَدْعُوَنَّكَ شَرَفُ اِمْرِئٍ إِلَى أَنْ تُعْظِمَ مِنْ بَلاَئِهِ مَا كَانَ صَغِيراً وَ لاَ ضَعَةُ اِمْرِئٍ إِلَى أَنْ تَسْتَصْغِرَ مِنْ بَلاَئِهِ مَا كَانَ عَظِيماً.

پوءِ تون مانائتن، اعليٰ حسب وارين شخصيتن، نيڪ خاندان وارن، ۽ نيڪين ۾ اڳڀرائي ڪندڙن، معززن، بهادرن، سخين، ۽ همت وارين شخصيتن سان لاڳاپيل رهجائن. بيشڪ اهي شرافت جو سَٽ، ڀلاين جا پاڳا آهن. پوءِ سندن امور جي ائين سنڀال ڪجانءِ جيئن والدين پنهنجي اولاد جي سنڀال ڪندا آهن، ۽ تو ڪي اها شيءِ وڏي نه لڳي جنهن سان تو ڪين مضبوط ڪيو هجي، ۽ هرگز ان ڀلائيءَ کي معمولي نه سمجهجائن جيڪا تون انهن سان ڪرين، جيتوڻيڪ اها ٿورڙي هجي. ڇا ڪاڻ ته اها انهن کي تو سان خيرخواهيءَ ڪرڻ ۽ تو بابت حسنِ ظن رکڻ جي طرف دعوت ڏيندي.

۽ انهن جي ننڍين ڪمن جي سنڀال کي ڇڏي نه ڏجائن، سندن وڏن ڪمن تي ڀروسو ڪندي، ڇا ڪاڻ ته تنهنجي ڪيل ان ٿوريءَ مهربانيءَ جي به حيثيت آهي جنهن سان هو فائدو ماڻين ٿا. ۽ ان وڏيءَ جي به اهميت آهي جنهن کان هو بي نياز نٿا ٿي سگهن. ۽ تنهنجي لشڪر جي سردارن مان تو وٽ وڌيڪ مرتبي وارو اهو هجڻ گهرجي، جيڪو مدد ڪرڻ ۾ سپاهين سان سهڪار ڪندو هجي، ۽ پنهنجي مال سان مٿن ايتري مهَر ڪندو هجي جيڪا انهن جي لاءِ ۽ سندن پوين ٻارن ٻچن لاءِ ڪافي ٿي وڃي، تان جو دشمن سان جهاد ڪرڻ لاءِ سيني جو ڏيان هڪ ٿي وڃي. بيشڪ تنهنجي مٿن ٻاجهه ڪرڻ سندن دلين کي تنهنجي لاءِ نرم ڪندي. ۽ يقيناً حڪمرانن جي اکين جو بهترين ٺار شهرن ۾ عدالت جو قائم ٿيڻ، ۽ رعيت جي محبت جو ظاهر هجڻ آهي، ۽ انهن کان مودت ظاهر نه ٿيندي انهي جي جو انهن جا سينا صاف هجن ۽ انهن کان خيرخواهي صحيح نه ٿي سگهندي سواءِ انهي جي جو پنهنجي حڪمرانن جي حفاظت ڪن ۽ سندن حڪومت کي بار نه سمجهن، ۽ سندن حڪومتي مدت جي خاتمي لاءِ تمنا ڪرڻ کي ڇڏي ڏين. بس سندن اميدن لاءِ گنجائش پيدا ڪر، ۽ انهن جي ڀلي ساراهه جو اظهار ڪندو رهه، ۽ انهن مان ڪارڪردگي ڏيکارڻ وارن جي ڪارنامن کي شمار ڪر، ڇا ڪاڻ ته انهن جي ڀلن ڪمن کي گهڻو بيان ڪرڻ انشاء الله بهادرن کي اڀاريندو، ۽ سُست ماڻهن کي شوق ڏياريندو. پوءِ انهن مان هر هڪ ماڻهوءَ جيڪو ڪارنامو انجام ڏنو آهي انکي سڃاڻ. ۽ هرگز هڪڙي جي ڪارنامي کي ٻئي سان نه ملاءِ، ۽ هر گز هن جي ڪارنامي جي حيثيت کي گهٽائي صلي ڏيڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪجانءِ. ۽ ڪنهن ماڻهوءَ جو مرتبو هرگز تنهنجي لاءِ ان جو سبب نه ٿئي ته سندس معمولي ڪارنامي کي وڏو قرار ڏين، ۽ نه وري ڪنهن جو خسيس هجڻ تنهنجي لاءِ سبب ٿئي جو سندس وڏي ڪارنامي کي حقير سمجهين.

وَ اُرْدُدْ إِلَى اَللَّهِ وَ رَسُولِهِ مَا يُضْلِعُكَ مِنَ اَلْخُطُوبِ وَ يَشْتَبِهُ عَلَيْكَ مِنَ اَلْأُمُورِ فَقَدْ قَالَ اَللَّهُ تَعَالَى لِقَوْمٍ أَحَبَّ إِرْشَادَهُمْ:

﴿يَا أَيُّهَا اَلَّذِينَ آمَنُوا أَطِيعُوا اَللَّهَ وَ أَطِيعُوا اَلرَّسُولَ وَ أُولِي اَلْأَمْرِ مِنْكُمْ فَإِنْ تَنٰازَعْتُمْ فِي شَيْءٍ فَرُدُّوهُ إِلَى اَللَّهِ وَ اَلرَّسُولِ﴾ فَالرَّدُّ إِلَى اَللَّهِ اَلْأَخْذُ بِمُحْكَمِ كِتَابِهِ وَ اَلرَّدُّ إِلَى اَلرَّسُولِ اَلْأَخْذُ بِسُنَّتِهِ اَلْجَامِعَةِ غَيْرِ اَلْمُفَرِّقَةِ.

ثُمَّ اِخْتَرْ لِلْحُكْمِ بَيْنَ اَلنَّاسِ أَفْضَلَ رَعِيَّتِكَ فِي نَفْسِكَ مِمَّنْ لاَ تَضِيقُ بِهِ اَلْأُمُورُ وَ لاَ تُمَحِّكُهُ اَلْخُصُومُ وَ لاَ يَتَمَادَى فِي اَلزَّلَّةِ وَ لاَ يَحْصَرُ مِنَ اَلْفَيْءِ إِلَى اَلْحَقِّ إِذَا عَرَفَهُ وَ لاَ تُشْرِفُ نَفْسُهُ عَلَى طَمَعٍ وَ لاَ يَكْتَفِي بِأَدْنَى فَهْمٍ دُونَ أَقْصَاهُ وَ أَوْقَفَهُمْ فِي اَلشُّبُهَاتِ وَ آخَذَهُمْ بِالْحُجَجِ وَ أَقَلَّهُمْ تَبَرُّماً بِمُرَاجَعَةِ اَلْخَصْمِ.

وَ أَصْبَرَهُمْ عَلَى تَكَشُّفِ اَلْأُمُورِ وَ أَصْرَمَهُمْ عِنْدَ اِتِّضَاحِ اَلْحُكْمِ مِمَّنْ لاَ يَزْدَهِيهِ إِطْرَاءٌ وَ لاَ يَسْتَمِيلُهُ إِغْرَاءٌ وَ أُولَئِكَ قَلِيلٌ ثُمَّ أَكْثِرْ تَعَاهُدَ قَضَائِهِ وَ اِفْسَحْ لَهُ فِي اَلْبَذْلِ مَا يُزِيلُ عِلَّتَهُ وَ تَقِلُّ مَعَهُ حَاجَتُهُ إِلَى اَلنَّاسِ.



وَ أَعْطِهِ مِنَ اَلْمَنْزِلَةِ لَدَيْكَ مَا لاَ يَطْمَعُ فِيهِ غَيْرُهُ مِنْ خَاصَّتِكَ لِيَأْمَنَ بِذَلِكَ اِغْتِيَالَ اَلرِّجَالِ لَهُ عِنْدَكَ.

فَانْظُرْ فِي ذَلِكَ نَظَراً بَلِيغاً فَإِنَّ هَذَا اَلدِّينَ

قَدْ كَانَ أَسِيراً فِي أَيْدِي اَلْأَشْرَارِ يُعْمَلُ فِيهِ بِالْهَوَى وَ تُطْلَبُ بِهِ اَلدُّنْيَا.

۽ اهي اوڪا ڪم جيڪي تو کي جهڪائي ڇڏين، ۽ جيڪي مسئلا تنهنجي لاءِ مُنجهي پون تن کي الله ۽ رسول ڏانهن موٽائجائن. بيشڪ الله تعالىٰ ان قوم لاءِ فرمايو آهي جنهن جي رهنمائي ڪرڻ کي هو پسند ڪري ٿو: ”اي ايمان وارؤ الله جي اطاعت ڪريو، ۽ رسول ۽ پاڻ مان اولي الامر جي (اطاعت ڪريو)، پوءِ اگر ڪنهن شيءِ ۾ جهڳڙو ڪريو ته انکي الله ۽ رسول ڏانهن موٽايو“. بس الله ڏانهن موٽائڻ يعني سندس ڪتاب جي محڪمات کي وٺڻ آهي، ۽ رسول ڏانهن موٽائڻ يعني سندس اتفاقي ۽ غيراختلافي سنت کي وٺڻ آهي.

پوءِ ماڻهن ۾ قضاوت لاءِ انکي اختيار ڪجانءِ جيڪو تنهنجي نگاهه ۾ تنهنجي رعيت ۾ سڀ کان ڀلو هجي. ۽ هو انهن ماڻهن مان هجي جنهن کي مسئلا منجهائي نه سگهن، ۽ ڌرين جي ڇڪتاڻ ڪيس چڙاڪ نه بڻائي، ۽ وري وري غلطي ڪندڙ نه هجي ۽ حق جي ڄاڻڻ کانپوءِ ان ڏانهن موٽڻ کان نه گهبرائي، ۽ نه وري سندس نفس لالچ جي ويجهو ٿيندو هجي، ۽ چڱيءَ طرح سمجهڻ کانسواءِ مٿاڇري سمجهه کي ڪافي نه سمجهندو هجي، ۽ شبهن منجهه پوڻ ۾ ٻين کان وڌيڪ احتياط ڪندو هجي، ۽ دليلن کي وٺندڙ هجي، ۽ ڌرين جي رجوع ڪرڻ تي ٻين کان گهٽ تنگ ٿيندڙ هجي، ۽ مسئلن جي پڌري ٿيڻ لاءِ ٻين کان وڌيڪ صبر ڪندڙ هجي، ۽ فيصلي جي واضح ٿيڻ وقت بيان ڪرڻ ۾ ٻين کان وڌيڪ بي ڌڙڪ هجي. ۽ انهن ماڻهن مان هجي جو ساراهه ڪيس مغرور نه ڪري، ۽ نه وري پڙڪائڻ ڪيس ڪنهن طرف لاڙو ڏياري، ۽ اهڙا ماڻهو ٿورا آهن.

پوءِ سندس فيصلي جي گهڻي نگهباني ڪجانءِ، ۽ ان جي لاءِ خرچ ڏيڻ کي ايترو وڌائجائن جيڪو سندس پريشانيءَ کي ختم ڪري. ۽ جنهن سان هنجي ماڻهن ڏانهن محتاجي گهٽجي وڃي. ۽ پاڻ وٽ ڪيس اهڙو مقام ڏجائن جو تنهنجي خواص مان ڪو منجهس لالچ نه رکي، ۽ ته جيئن انهي جي ڪري تو وٽ ماڻهن جي سازش کان محفوظ رهي. بس انهن (ڳالهين) کي انتهائي گهري نگاهه سان ڏس، بيشڪ هي دين شرير ماڻهن جي هٿن ۾ قيدي هيو، جنهن ۾ خواهشن سان عمل ڪيو ويندو هو، ۽ ان سان دنيا حاصل ڪئي ويندي هئي.

ثُمَّ اُنْظُرْ فِي أُمُورِ عُمَّالِكَ فَاسْتَعْمِلْهُمُ اِخْتِبَاراً وَ لاَ تُوَلِّهِمْ مُحَابَاةً وَ أَثَرَةً فَإِنَّهُمَا جِمَاعٌ مِنْ شُعَبِ اَلْجَوْرِ وَ اَلْخِيَانَةِ وَ تَوَخَّ مِنْهُمْ أَهْلَ اَلتَّجْرِبَةِ وَ اَلْحَيَاءِ مِنْ أَهْلِ اَلْبُيُوتَاتِ اَلصَّالِحَةِ وَ اَلْقَدَمِ فِي اَلْإِسْلاَمِ اَلْمُتَقَدِّمَةِ فَإِنَّهُمْ أَكْرَمُ أَخْلاَقاً وَ أَصَحُّ أَعْرَاضاً وَ أَقَلُّ فِي اَلْمَطَامِعِ إِشْرَاقاً وَ أَبْلَغُ فِي عَوَاقِبِ اَلْأُمُورِ نَظَراً.

ثُمَّ أَسْبِغْ عَلَيْهِمُ اَلْأَرْزَاقَ فَإِنَّ ذَلِكَ قُوَّةٌ لَهُمْ عَلَى اِسْتِصْلاَحِ أَنْفُسِهِمْ وَ غِنًى لَهُمْ عَنْ تَنَاوُلِ مَا تَحْتَ أَيْدِيهِمْ وَ حُجَّةٌ عَلَيْهِمْ إِنْ خَالَفُوا أَمْرَكَ أَوْ ثَلَمُوا أَمَانَتَكَ. ثُمَّ تَفَقَّدْ أَعْمَالَهُمْ وَ اِبْعَثِ اَلْعُيُونَ مِنْ أَهْلِ اَلصِّدْقِ وَ اَلْوَفَاءِ عَلَيْهِمْ.

فَإِنَّ تَعَاهُدَكَ فِي اَلسِّرِّ لِأُمُورِهِمْ حَدْوَةٌ لَهُمْ عَلَى اِسْتِعْمَالِ اَلْأَمَانَةِ وَ اَلرِّفْقِ بِالرَّعِيَّةِ وَ تَحَفَّظْ مِنَ اَلْأَعْوَانِ فَإِنْ أَحَدٌ مِنْهُمْ بَسَطَ يَدَهُ إِلَى خِيَانَةٍ اِجْتَمَعَتْ بِهَا عَلَيْهِ عِنْدَكَ أَخْبَارُ عُيُونِكَ اِكْتَفَيْتَ بِذَلِكَ شَاهِداً فَبَسَطْتَ عَلَيْهِ اَلْعُقُوبَةَ فِي بَدَنِهِ وَ أَخَذْتَهُ بِمَا أَصَابَ مِنْ عَمَلِهِ ثُمَّ نَصَبْتَهُ بِمَقَامِ اَلْمَذَلَّةِ وَ وَسَمْتَهُ بِالْخِيَانَةِ وَ قَلَّدْتَهُ عَارَ اَلتُّهَمَةِ.

وَ تَفَقَّدْ أَمْرَ اَلْخَرَاجِ بِمَا يُصْلِحُ أَهْلَهُ فَإِنَّ فِي صَلاَحِهِ وَ صَلاَحِهِمْ صَلاَحاً لِمَنْ سِوَاهُمْ وَ لاَ صَلاَحَ لِمَنْ سِوَاهُمْ إِلاَّ بِهِمْ لِأَنَّ اَلنَّاسَ كُلَّهُمْ عِيَالٌ عَلَى اَلْخَرَاجِ وَ أَهْلِهِ.



وَ لْيَكُنْ نَظَرُكَ فِي عِمَارَةِ اَلْأَرْضِ أَبْلَغَ مِنْ نَظَرِكَ فِي اِسْتِجْلاَبِ اَلْخَرَاجِ لِأَنَّ ذَلِكَ لاَ يُدْرَكُ إِلاَّ بِالْعِمَارَةِ وَ مَنْ طَلَبَ اَلْخَرَاجَ بِغَيْرِ عِمَارَةٍ أَخْرَبَ اَلْبِلاَدَ وَ أَهْلَكَ اَلْعِبَادَ وَ لَمْ يَسْتَقِمْ أَمْرُهُ إِلاَّ قَلِيلاً.

فَإِنْ شَكَوْا ثِقَلاً أَوْ عِلَّةً أَو اِنْقِطَاعَ شِرْبٍ أَوْ بَالَّةٍ أَوْ إِحَالَةَ أَرْضٍ اِغْتَمَرَهَا غَرَقٌ أَوْ أَجْحَفَ بِهَا عَطَشٌ خَفَّفْتَ عَنْهُمْ بِمَا تَرْجُو أَنْ يَصْلُحَ بِهِ أَمْرُهُمْ.

پوءِ پنهنجي عملدارن جي ڪمن کي غور سان ڏسجائن ۽ آزمائش ڪانپوءِ کين ذميداريون ڏجائن ۽ انهن کي دوستي ۽ طرفداري جي ڪري منصب نہ ڏجائن. بيشڪ اهي ٻئي ظلم ۽ خيانت جي قِسمن کي گڏ ڪندڙ آهن. ۽ انهن مان نيڪ گهراڻن ۽ اسلام ۾ سبقت ڪندڙن مان تجربيڪارن ۽ غيرتمندن کي ڳولهه، بيشڪ اهي اخلاق ۾ وڌيڪ ڪريم، ۽ عزت ۾ اتم ۽ اعلىٰ، ۽ لالچ ۾ گهٽ پوندڙ ۽ معاملن جي نتيجن ۾ وڌيڪ دوranديش هوندا آهن. پوءِ انهن جي روزي ڪشادي ڪر. بيشڪ اها کين پاڻ کي سڌارڻ لاءِ طاقت آهي. ۽ جيڪو سندن هٿن ۾ آهي تنهن جي کائڻ کان بي نيازي آهي. ۽ اها مٿن حجت آهي، جيڪڏهن اهي تنهنجي حڪم جي مخالفت ڪن يا تنهنجي امانت ۾ خيانت ڪن.

پوءِ سندن ڪمن جي سنڀال رک، ۽ ڪن سچار ۽ وفادار جاسوسن کي انهن ڏي موڪل، ڇا ڪاڻ تہ تنهنجي سندن ڪمن بابت پوشيده نظرداري ڪرڻ انهن کي امانت کي صحيح استعمال ڪرڻ، ۽ رعيت سان نرم رويي رکڻ تي اڀاريندي. ۽ مددگارن جي سخت نظرداري ڪر جو اگر منجهن ڪو پنهنجو هٿ خيانت ڏانهن وڌائي ۽ ان باري ۾ تو وٽ مٿس تنهنجي جاسوسن جون خبرون بہ گڏ ٿين تہ انهن کي گواهيءَ لاءِ ڪافي سمجهجائن ۽ کيس جسماني سزا ڏجائن ۽ سندس ڪرتوتن مطابق پڪڙ ڪجانءِ، پوءِ انکي ذلت جي هنڌ بيهاري، خيانت سان سندس سڃاڻپ ڪرائجائن، ۽ خيانت واري عيب جو پٽو ڳلي ۾ وجهجائنس.

۽ ڍل واري مسئلي جي سخت نگراني ڪجانءِ جيڪا ڍل ڏيندڙ جي لاءِ مناسب هجي، ڇا ڪاڻ تہ ڍل ڏيندڙن جي بهتريءَ ۾ ئي ٻين جي بهتري آهي، ۽ ٻين جي بهتري نہ ٿيندي سواءِ انهن جي. ڇاڪاڻ تہ سيني ماڻهن جو گذارو ڍل ۽ ڍل ڏيڻ وارن تي آهي. ۽ ڍل گڏ ڪرڻ تي نظر رکڻ کان وڌيڪ تنهنجي نظر زمين کي آباد ڪرائڻ ۾ هجڻ گهرجي، ڇا ڪاڻ تہ اها ناهي ورتي ويندي سواءِ آباديءَ جي، ۽ جنهن شخص آباد ڪرائڻ کان سواءِ ڍل چاهي تہ هن شهرن کي تباهہ ۽ ماڻهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو، ۽ سندس حڪومت قائم نہ رهي سگهندي مگر ٿوري وقت لاءِ. ۽ اگر اهي ڍل جي ٻوجهہ پوڻ، يا آفت جي اچڻ، يا زمين ۾ پاڻيءَ يا نميءَ جي ختم ٿيڻ، يا ٻوڏ جي ٻوڙڻ ڪري فصل جي تباهہ ٿيڻ، يا سوڪهڙي جي ڪري فصل جي تباهہ ٿيڻ جي دانهن ڪن تہ ڪانئن ڍل ۾ ايتري گهٽتائي ڪجانءِ جنهن سان انهن جي مسئلن جي سڌرڻ جي اميد ڪرين.

وَ لاَ يَثْقُلَنَّ عَلَيْكَ شَيْءٌ خَفَّفْتَ بِهِ اَلْمَئُونَةَ عَنْهُمْ فَإِنَّهُ ذُخْرٌ يَعُودُونَ بِهِ عَلَيْكَ فِي عِمَارَةِ بِلاَدِكَ وَ تَزْيِينِ وِلاَيَتِكَ مَعَ اِسْتِجْلاَبِكَ حُسْنَ ثَنَائِهِمْ وَ تَبَجُّحِكَ بِاسْتِفَاضَةِ اَلْعَدْلِ فِيهِمْ مُعْتَمِداً فَضْلَ قُوَّتِهِمْ بِمَا ذَخَرْتَ عِنْدَهُمْ مِنْ إِجْمَامِكَ لَهُمْ وَ اَلثِّقَةَ مِنْهُمْ بِمَا عَوَّدْتَهُمْ مِنْ عَدْلِكَ عَلَيْهِمْ وَ رِفْقِكَ بِهِمْ.

فَرُبَّمَا حَدَثَ مِنَ اَلْأُمُورِ مَا إِذَا عَوَّلْتَ فِيهِ عَلَيْهِمْ مِنْ بَعْدُ اِحْتَمَلُوهُ طَيِّبَةً أَنْفُسُهُمْ بِهِ فَإِنَّ اَلْعُمْرَانَ مُحْتَمِلٌ مَا حَمَّلْتَهُ وَ إِنَّمَا يُؤْتَى خَرَابُ اَلْأَرْضِ مِنْ إِعْوَازِ أَهْلِهَا وَ إِنَّمَا يُعْوِزُ أَهْلُهَا لِإِشْرَافِ أَنْفُسِ اَلْوُلاَةِ عَلَى اَلْجَمْعِ وَ سُوءِ ظَنِّهِمْ بِالْبَقَاءِ وَ قِلَّةِ اِنْتِفَاعِهِمْ بِالْعِبَرِ.

ثُمَّ اُنْظُرْ فِي حَالِ كُتَّابِكَ فَوَلِّ عَلَى أُمُورِكَ خَيْرَهُمْ وَ اُخْصُصْ رَسَائِلَكَ اَلَّتِي تُدْخِلُ فِيهَا مَكَايِدَكَ وَ أَسْرَارَكَ بِأَجْمَعِهِمْ لِوُجُوهِ صَالِحِ اَلْأَخْلاَقِ مِمَّنْ لاَ تُبْطِرُهُ اَلْكَرَامَةُ فَيَجْتَرِئَ بِهَا عَلَيْكَ فِي خِلاَفٍ لَكَ بِحَضْرَةِ مَلَإٍ وَ لاَ تَقْصُرُ بِهِ اَلْغَفْلَةُ عَنْ إِيرَادِ مُكَاتَبَاتِ عُمَّالِكَ عَلَيْكَ وَ إِصْدَارِ جَوَابَاتِهَا عَلَى اَلصَّوَابِ عَنْكَ فِيمَا يَأْخُذُ لَكَ وَ يُعْطِي مِنْكَ وَ لاَ يُضْعِفُ عَقْداً اِعْتَقَدَهُ لَكَ وَ لاَ يَعْجِزُ عَنْ إِطْلاَقِ مَا عُقِدَ عَلَيْكَ وَ لاَ يَجْهَلُ مَبْلَغَ قَدْرِ نَفْسِهِ فِي اَلْأُمُورِ.

فَإِنَّ اَلْجَاهِلَ بِقَدْرِ نَفْسِهِ يَكُونُ بِقَدْرِ غَيْرِهِ أَجْهَلَ ثُمَّ لاَ يَكُنِ اِخْتِيَارُكَ إِيَّاهُمْ عَلَى فِرَاسَتِكَ وَ اِسْتِنَامَتِكَ وَ حُسْنِ اَلظَّنِّ مِنْكَ فَإِنَّ اَلرِّجَالَ يَتَعَرَّضُونَ لِفِرَاسَاتِ اَلْوُلاَةِ بِتَصَنُّعِهِمْ وَ حُسْنِ خِدْمَتِهِمْ وَ لَيْسَ وَرَاءَ ذَلِكَ مِنَ اَلنَّصِيحَةِ وَ اَلْأَمَانَةِ شَيْءٌ.

وَ لَكِنِ اِخْتَبِرْهُمْ بِمَا وُلُّوا لِلصَّالِحِينَ قَبْلَكَ فَاعْمِدْ لِأَحْسَنِهِمْ كَانَ فِي اَلْعَامَّةِ أَثَراً وَ أَعْرَفِهِمْ بِالْأَمَانَةِ وَجْهاً فَإِنَّ ذَلِكَ دَلِيلٌ عَلَى نَصِيحَتِكَ لِلَّهِ وَ لِمَنْ وُلِّيتَ أَمْرَهُ.

۽ ڪانئن ڏل ۾ گهٽتائي ڪرڻ تي تو ڪي هرگز ڪا شيءِ ڳري نہ لڳي. بيشڪ اهو هڪ اهڙو سرمايو آهي جنهن ڪي هو تو ڏانهن تنهنجي شهرن ڪي آباد ڪرڻ، ۽ تنهنجي حڪومت ڪي سنوارڻ جي ذريعي موٽائيندا. گڏوگڏ تون انهن ڪان پنهنجي لاءِ ڀلي واڪاڻ ڪي بہ پائيندين، ۽ انهن ۾ عدالت ڪي عام ڪرڻ سان سچي خوشي بہ ماڻيندين. تو جيڪو انهن وٽ خوشحاليءَ جو ذخيرو ڪيو آهي ان سبب سندن وڌيل طاقت تي ڀروسو ڪري سگهجي ٿو. ۽ تو جيڪو ڪين پنهنجي عدالت جو عادي بڻايو آهي ۽ جيڪا تو ساڻن مهرباني ڪئي آهي تہ انجي بہ ڪري انهن جو اعتماد حاصل ڪري سگهجي ٿو. بس ڪڏهن ڪڏهن اهڙا حالات بہ پيش ايندا، پوءِ جي انهن ۾ مٿن ڀروسو ڪندين تہ هو انڪي راضپي سان ڪٽندا. بيشڪ آباد ملڪ ئي ان شيءِ ڪي ڪٽندو آهي جيڪو تون ڪيس ڪٽائين. ۽ ڌرتيءَ جي بربادي تہ رهواسين جي غربت ڪري ايندي آهي، ۽ رهواسي رڳو ڇا ڪاڻ غريب ٿيندا آهن جو جڏهن خود حڪمران مال ميڙڻ، ۽ پنهنجي حڪومت جي بقا بابت بدگماني ڪرڻ، ۽ عبرتن مان گهٽ فائدي ماڻڻ جو شڪار ٿيندا آهن.

پوءِ پنهنجي منشين جي حالت ڪي ڏِس ۽ انهن مان جيڪو وڌيڪ ڀلو هجي انڪي پنهنجي امور جو والي بڻاءِ، ۽ انهن خطن ڪي جن ۾ تون پنهنجون تدبيرون ۽ راز رڪين تن ڪي انهن ماڻهن لاءِ خاص ڪر جيڪي اخلاق ۾ اعلىٰ هجن، ۽ جن ڪي مرتبو سرڪش نہ بڻائي، جو اهي ان جي ڪري اميرن جي ڪچهري ۾ تنهنجي خلاف ڳالهين جي جرات ڪن. ۽ تنهنجي عملدارن جون لکتون تو تائين آڻڻ ۽ تو ڪان انهن جا صحيح جواب وني انهن تائين پهچائڻ ۾ غفلت انهن ڪان ڪوتاهي نہ ڪرائي. ۽ جيڪي شيون تنهنجي لاءِ وٺن ۽ جيڪي تنهنجي طرفان ڏين تن ۾ بہ غفلت انهن ڪان ڪوتاهي نہ ڪرائي. تنهنجي فائدي لاءِ ڪيل معاملي ڪي ضعيف نہ ڪن، يا تنهنجي نقصان ڪيل معاملي ڪي ختم ڪرڻ ڪان عاجزي نہ ڏيکارين. ۽ هو ڪمن ۾ پنهنجي اهليت ڪان اڻ ڄاڻ نہ هجن، بيشڪ جيڪو پنهنجي اهليت ڪان جاهل هوندو تہ اهو ٻئي جي اهليت ڪان وڌيڪ جاهل هوندو. پوءِ تنهنجو انهن ڪي چونڊڻ پنهنجي هوشياريءَ، ڀروسي ۽ حسنِ ظن جي ڪري نہ هجي. بيشڪ ماڻهو پنهنجي ڏيکاءَ ۽ سني خدمت جي والين وٽ سڃاڻپ ڪرائيندا آهن، جڏهن تہ وٽن ان ڪان علاوه خيرخواهي ۽ امانت مان ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي. پر تون اڳ ۾ نيڪ حڪمرانن طرفان انهن ڪي جيڪو عهدو ڏنو ويو هو تون انهي مان سڃاڻ. ۽ بس انهن مان ان وڌيڪ ڀلي ماڻهو تي ڀروسو ڪر جنهن جو عوام ۾ اثر هجي، ۽ ماڻهن جي امانتداري ۾ وڌيڪ مشهور هجي. بيشڪ اهو دليل آهي تہ تون الله ۽ ان سان مخلص آهين جنهن طرفان والي بڻايو ويو آهين.

وَ اِجْعَلْ لِرَأْسِ كُلِّ أَمْرٍ مِنْ أُمُورِكَ رَأْساً مِنْهُمْ لاَ يَقْهَرُهُ كَبِيرُهَا وَ لاَ يَتَشَتَّتُ عَلَيْهِ كَثِيرُهَا وَ مَهْمَا كَانَ فِي كُتَّابِكَ مِنْ عَيْبٍ فَتَغَابَيْتَ عَنْهُ أُلْزِمْتَهُ.

ثُمَّ اِسْتَوْصِ بِالتُّجَّارِ وَ ذَوِي اَلصِّنَاعَاتِ وَ أَوْصِ بِهِمْ خَيْراً اَلْمُقِيمِ مِنْهُمْ وَ اَلْمُضْطَرِبِ بِمَالِهِ وَ اَلْمُتَرَفِّقِ بِبَدَنِهِ فَإِنَّهُمْ مَوَادُّ اَلْمَنَافِعِ وَ أَسْبَابُ اَلْمَرَافِقِ وَ جُلاَّبُهَا مِنَ اَلْمَبَاعِدِ وَ اَلْمَطَارِحِ فِي بَرِّكَ وَ بَحْرِكَ وَ سَهْلِكَ وَ جَبَلِكَ وَ حَيْثُ لاَ يَلْتَئِمُ اَلنَّاسُ لِمَوَاضِعِهَا وَ لاَ يَجْتَرِءُونَ عَلَيْهَا فَإِنَّهُمْ سِلْمٌ لاَ تُخَافُ بَائِقَتُهُ وَ صُلْحٌ لاَ تُخْشَى غَائِلَتُهُ وَ تَفَقَّدْ أُمُورَهُمْ بِحَضْرَتِكَ وَ فِي حَوَاشِي بِلاَدِكَ.

اِعْلَمْ مَعَ ذَلِكَ أَنَّ فِي كَثِيرٍ مِنْهُمْ ضِيقاً فَاحِشاً وَ شُحّاً قَبِيحاً وَ اِحْتِكَاراً لِلْمَنَافِعِ وَ تَحَكُّماً فِي اَلْبِيَاعَاتِ وَ ذَلِكَ بَابُ مَضَرَّةٍ لِلْعَامَّةِ وَ عَيْبٌ عَلَى اَلْوُلاَةِ فَامْنَعْ مِنَ اَلاِحْتِكَارِ فَإِنَّ رَسُولَ اَللَّهِ صَلَّى اَللَّهُ عَلَيْهِ وَ آلِهِ مَنَعَ مِنْهُ.

وَ لْيَكُنِ اَلْبَيْعُ بَيْعاً سَمْحاً بِمَوَازِينِ عَدْلٍ وَ أَسْعَارٍ لاَ تُجْحِفُ بِالْفَرِيقَيْنِ مِنَ اَلْبَائِعِ وَ اَلْمُبْتَاعِ. فَمَنْ قَارَفَ حُكْرَةً بَعْدَ نَهْيِكَ إِيَّاهُ فَنَكِّلْ بِهِ وَ عَاقِبْهُ فِي غَيْرِ إِسْرَافٍ.



ثُمَّ اَللَّهَ اَللَّهَ فِي اَلطَّبَقَةِ اَلسُّفْلَى مِنَ اَلَّذِينَ لاَ حِيلَةَ لَهُمْ مِنَ اَلْمَسَاكِينِ وَ اَلْمُحْتَاجِينَ وَ أَهْلِ اَلْبُؤْسَى وَ اَلزَّمْنَى فَإِنَّ فِي هَذِهِ اَلطَّبَقَةِ قَانِعاً وَ مُعْتَرّاً.

وَ اِحْفَظِ لِلَّهِ مَا اِسْتَحْفَظَكَ مِنْ حَقِّهِ فِيهِمْ وَ اِجْعَلْ لَهُمْ قِسْماً مِنْ بَيْتِ مَالِكِ وَ قِسْماً مِنْ غَلاَّتِ صَوَافِي اَلْإِسْلاَمِ فِي كُلِّ بَلَدٍ فَإِنَّ لِلْأَقْصَى مِنْهُمْ مِثْلَ اَلَّذِي لِلْأَدْنَى وَ كُلٌّ قَدِ اِسْتُرْعِيتَ حَقَّهُ.

۽ پنهنجي ڪمن مان هر ڪم جي مٿان انهن مان هڪ عملدار مقرر ڪر، وڏو ڪم جنهن کي عاجز نہ ڪري، ۽ نہ وري گهڻا ڪم کيس پريشان ڪن. ۽ تنهنجي منشين ۾ کهڙو بہ عيب هجي تو ان کان چشم پوشي ڪئي تہ تون ئي ان جو ذميدار هوندين. پوءِ تون واپارين ۽ ڪاريگرن سان سهڻو سلوڪ رک، ۽ تون انهن کي سهڻي سلوڪ سان هلڻ جي وصيت ڪر، چاهي انهن مان هڪ جڳهہ تي رهي واپار ڪندڙ هجي، يا گهورائو هجي. يا پنهنجي بدن ذريعي مزدوري ڪندڙ هجي. بيشڪ اهي ئي ماڻهو ناڻي ڪمائڻ جو سرمايو، ۽ سازوسان جا ذريعا آهن. ۽ اهي ئي خشڪيءَ، ترئِ، ميداني ۽ جابلو علائقن ۾ پري ۽ ڏوراهين جاين مان انهن شين کي آڻين ٿا، جن جاين تائين سيني ماڻهن جو پهچڻ آسان نہ آهي. ۽ نہ وري اهي اوڏانهن جي همت ڪن ٿا، بيشڪ اهي ماڻهو اهڙي امن وارا آهن، جنهن جي اهنج کان نہ ڊنو وڃي. ۽ اهڙي صلح وارا آهن جنهن جي وِڳوڙ کان پۇ نہ ڪيو وڃي.

پنهنجي اڳيان ۽ شهرن جي آسي پاسي سندن ڪمن تي نظرداري رک. ۽ تون ڄاڻ تہ ـان سان گڏوگڏـ انهن مان گهڻا (معاملي ڪرڻ ۾) بلڪل ڏکيا آهن. ۽ سخت ڪنجوس آهن. ۽ فائدن لاءِ ذخيره اندوزي ڪندا آهن. ۽ وڪري ۾ اگهہ چاڙهي ڇڏيندا آهن. ۽ اهو عوام لاءِ نقصان جو دروازو ۽ حڪمرانن جي بدنامي آهي. بس ذخيره اندوزيءَ کان روڪ، ڇا ڪاڻ تہ رسول الله ﷺ ان کان روڪيو آهي. ۽ واپار کي سولو، انصاف وارين تارازين ۽ اهڙي اگهہ سان هجڻ گهرجي جو واپاري ۽ خريدار ٻنهي ڌرين کي خسارو نہ ٿئي. پوءِ ڪين تنهنجي روڪڻ ڪانپوءِ بہ اگر ڪو ذخيره اندوزي جو مرتڪب ٿئي تہ ان کي مناسب حداندر عبرتناڪ سزا ڏي. پوءِ ان هيٺين طبقي بابت الله کان ڊڄ، الله کان ڊڄ، جن لاءِ ڪو بہ چارو نہ آهي، جيڪي مسڪين، ضرورتمند، بلڪل غريب ۽ معذور آهن. بيشڪ ان طبقي ۾ ڪي سوال ڪندڙ ۽ ڪي محتاجي واريءَ شڪل ۽ صورت رکندڙ آهن. الله جي خاطر انهن جي باري ۾ سندس ان حق جي حفاظت ڪر جنهن جو هن تو کي ذميدار بڻايو آهي. ۽ انهن جي لاءِ پنهنجي بيت المال ۽ هر شهر ۾ خالص اسلامي زمين جي اُپت مان حصو قرار ڏي. ڇا ڪاڻ تہ ان ۾ پري وارن محتاجن جو بہ ايترو حصو آهي جيترو ويجهي وارن جو آهي. ۽ تو کي سيني جي حق جو نگران بڻايو ويو آهي.

وَ لاَ يَشْغَلَنَّكَ عَنْهُمْ بَطَرٌ فَإِنَّكَ لاَ تُعْذَرُ بِتَضْيِيعِكَ اَلتَّافِهَ لِإِحْكَامِكَ اَلْكَثِيرَ اَلْمُهِمَّ فَلاَ تُشْخِصْ هَمَّكَ عَنْهُمْ وَ لاَ تُصَعِّرْ خَدَّكَ لَهُمْ وَ تَفَقَّدْ أُمُورَ مَنْ لاَ يَصِلُ إِلَيْكَ مِنْهُمْ مِمَّنْ تَقْتَحِمُهُ اَلْعُيُونُ وَ تَحْقِرُهُ اَلرِّجَالُ فَفَرِّغْ لِأُولَئِكَ ثِقَتَكَ مِنْ أَهْلِ اَلْخَشْيَةِ وَ اَلتَّوَاضُعِ فَلْيَرْفَعْ إِلَيْكَ أُمُورَهُمْ.

ثُمَّ اِعْمَلْ فِيهِمْ بِالْإِعْذَارِ إِلَى اَللَّهِ يَوْمَ تَلْقَاهُ فَإِنَّ هَؤُلاَءِ مِنْ بَيْنِ اَلرَّعِيَّةِ أَحْوَجُ إِلَى اَلْإِنْصَافِ مِنْ غَيْرِهِمْ وَ كُلٌّ فَأَعْذِرْ إِلَى اَللَّهِ فِي تَأْدِيَةِ حَقِّهِ إِلَيْهِ وَ تَعَهَّدْ أَهْلَ اَلْيُتْمِ وَ ذَوِي اَلرِّقَّةِ فِي اَلسِّنِّ مِمَّنْ لاَ حِيلَةَ لَهُ وَ لاَ يَنْصِبُ لِلْمَسْأَلَةِ نَفْسَهُ وَ ذَلِكَ عَلَى اَلْوُلاَةِ ثَقِيلٌ وَ اَلْحَقُّ كُلُّهُ ثَقِيلٌ وَ قَدْ يُخَفِّفُهُ اَللَّهُ عَلَى أَقْوَامٍ طَلَبُوا اَلْعَاقِبَةَ فَصَبَّرُوا أَنْفُسَهُمْ وَ وَثِقُوا بِصِدْقِ مَوْعُودِ اَللَّهِ لَهُمْ.

وَ اِجْعَلْ لِذَوِي اَلْحَاجَاتِ مِنْكَ قِسْماً تُفَرِّغُ لَهُمْ فِيهِ شَخْصَكَ وَ تَجْلِسُ لَهُمْ مَجْلِساً عَامّاً فَتَتَوَاضَعُ فِيهِ لِلَّهِ اَلَّذِي خَلَقَكَ وَ تُقْعِدُ عَنْهُمْ جُنْدَكَ وَ أَعْوَانَكَ مِنْ أَحْرَاسِكَ وَ شُرَطِكَ حَتَّى يُكَلِّمَكَ مُتَكَلِّمُهُمْ غَيْرَ مُتَتَعْتِعٍ فَإِنِّي سَمِعْتُ رَسُولَ اَللَّهِ صَلَّى اَللَّهُ عَلَيْهِ وَ آلِهِ يَقُولُ فِي غَيْرِ مَوْطِنٍ.

لَنْ تُقَدَّسَ أُمَّةٌ لاَ يُؤْخَذُ لِلضَّعِيفِ فِيهَا حَقُّهُ مِنَ اَلْقَوِيِّ غَيْرَ مُتَتَعْتِعٍ ثُمَّ اِحْتَمِلِ اَلْخُرْقَ مِنْهُمْ وَ اَلْعِيَّ وَ نَحِّ عَنْهُمُ اَلضِّيقَ وَ اَلْأَنَفَ يَبْسُطِ اَللَّهُ عَلَيْكَ بِذَلِكَ أَكْنَافَ رَحْمَتِهِ وَ يُوجِبْ لَكَ ثَوَابَ طَاعَتِهِ وَ أَعْطِ مَا أَعْطَيْتَ هَنِيئاً وَ اِمْنَعْ فِي إِجْمَالٍ وَ إِعْذَارٍ !

ثُمَّ أُمُورٌ مِنْ أُمُورِكَ لاَ بُدَّ لَكَ مِنْ مُبَاشَرَتِهَا مِنْهَا إِجَابَةُ عُمَّالِكَ بِمَا يَعْيَا عَنْهُ كُتَّابُكَ.

بس هرگز مرتبي جي ڪري سرڪشي تو کي انهن کان غافل نہ ڪري ڇڏي. بيشڪ ڪنهن بہ معمولي شيءِ کي ضايع ڪرڻ بابت تنهنجو اهو بهانو نہ هلندو تہ تو گهڻا اهم ڪم پختگيءَ سان انجام ڏنا آهن. بس انهن کان پنهنجو توجہ نہ هٽائجائن. ۽ نہ وري ڪائنن وڏائيءَ ڪري مُنهن موڙجائن. ۽ انهن مان جيڪي اکين جي ڪِرپ ۽ ماڻهن جي حقير سمجهڻ جي ڪري تو تائين نہ پهچي سگهن انجي ڪمن جي بہ سنڀال ڪجانءِ. بس پنهنجي ڀروسي مند ڪنهن ماڻهوءَ کي جيڪو خدا جو خوف ۽ تواضع ڪندڙ هجي انهن لاءِ مقرر ڪر تہ جيئن سندن احوال تو تائين پهچائي. پوءِ انهن لاءِ ائين ڪم ڪجانءِ جو الله سان ملاقات واري ڏينهن وٽس معذور ٿي سگهين. بيشڪ رعيت ۾ اهي ماڻهو ٻين کان وڌيڪ انصاف جا حقدار آهن، جڏهن تہ هر هڪ جي حق کي بہ اهڙيءَ طرح ادا ڪجانءِ جو الله جي سامهون معذور ٿي سگهين.

۽ انهن يتيمن ۽ ڪمزور ٻڍڙن جي سنڀال ڪجانءِ جن وٽ ڪو بہ چارو نہ آهي، ۽ نہ وري گُهرڻ لاءِ پاڻ اٿن ٿا. اهڙا ماڻهو حڪمرانن تي ٻوجهہ آهن، حالانڪ حق تہ سڄو ئي ڳرو هوندو آهي. ۽ بيشڪ الله انهن ماڻهن لاءِ حق کي آسان ڪري ٿو جن آخرت کي طلبيو، ۽ پاڻ کي صبر جو تاڪيد ڪيو، ۽ پاڻ سان ڪيل الله جي سچي واعدي تي اعتماد ڪيو. ۽ تون پنهنجي وقت جو هڪ حصو ضرورتمندن لاءِ قرار ڏي جنهن ۾ تون پاڻ کي سندن لاءِ نويڪلو ڪر، ۽ تون انهن لاءِ عمومي ڪچهري مقرر ڪر جنهن ۾ ان الله جي خاطر جنهن تو کي پيدا ڪيو آهي عاجزي ڪر، ۽ انهن کان پنهنجي لشڪر ۽ سهڪار ڪندڙ نگهبانن ۽ پوليس وارن کي الگ ڪري ويهار. تاڪ انهن مان ڳالهائڻ وارو تو سان بغير ڏڙڪ جي ڳالهائي. مون ڪيترين ئي جاين تي رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ ”هرگز اها امت پاڪ نہ ڪئي ويندي جنهن ۾ بغير ڏڙڪ جي طاقت ورن کان ڪمزور لاءِ سندس حق نہ ورتو وڃي“. پوءِ انهن جي سختيءَ ۽ چٽي طرح بيان نہ ڪرڻ کي برداشت ڪر. ۽ انهن کان پنهنجي تنگيءَ ۽ تڪبر کي پري ڪر تہ جيئن انڪري الله تعالیٰ تو تي پنهنجي رحمت جي دامن کي پکيڙي ڇڏي. ۽ تنهنجي لاءِ پنهنجي اطاعت جو ثواب قرار ڏي. ۽ جيڪا شيءِ تون ڏين تہ سرهائي سان ڏجائن، ۽ نہ ڏين تہ سهڻي انداز سان معذرت ڪجانءِ. پوءِ تنهنجي ڪمن مان ڪجهہ اهڙا ڪم آهن جن کي خود تنهنجو انجام ڏيڻ ضروري آهي، جهڙوڪ: پنهنجي عملدارن کي جواب ڏيڻ جن کان تنهنجا منشي عاجز ٿي وڃن.

وَ مِنْهَا إِصْدَارُ حَاجَاتِ اَلنَّاسِ يَوْمَ وُ رُودِهَا عَلَيْكَ بِمَا تَحْرَجُ بِهِ صُدُورُ أَعْوَانِكَ وَ أَمْضِ لِكُلِّ يَوْمٍ عَمَلَهُ فَإِنَّ لِكُلِّ يَوْمٍ مَا فِيهِ: وَ اِجْعَلْ لِنَفْسِكَ فِيمَا بَيْنَكَ وَ بَيْنَ اَللَّهِ أَفْضَلَ تِلْكَ اَلْمَوَاقِيتِ وَ أَجْزَلَ تِلْكَ اَلْأَقْسَامِ وَ إِنْ كَانَتْ كُلُّهَا لِلَّهِ إِذَا صَلَحَتْ فِيهَا اَلنِّيَّةُ وَ سَلِمَتْ مِنْهَا اَلرَّعِيَّةُ.

وَ لْيَكُنْ فِي خَاصَّةِ مَا تُخْلِصُ بِهِ لِلَّهِ دِينَكَ إِقَامَةُ فَرَائِضِهِ اَلَّتِي هِيَ لَهُ خَاصَّةً فَأَعْطِ اَللَّهَ مِنْ بَدَنِكَ فِي لَيْلِكَ وَ نَهَارِكَ وَ وَفِّ مَا تَقَرَّبْتَ بِهِ إِلَى اَللَّهِ مِنْ ذَلِكَ كَامِلاً غَيْرَ مَثْلُومٍ وَ لاَ مَنْقُوصٍ بَالِغاً مِنْ بَدَنِكَ مَا بَلَغَ.

وَ إِذَا قُمْتَ فِي صَلاَتِكَ لِلنَّاسِ فَلاَ تَكُونَنَّ مُنَفِّراً وَ لاَ مُضَيِّعاً فَإِنَّ فِي اَلنَّاسِ مَنْ بِهِ اَلْعِلَّةُ وَ لَهُ اَلْحَاجَةُ وَ قَدْ سَأَلْتُ رَسُولَ اَللَّهِ صَلَّى اَللَّهُ عَلَيْهِ وَ آلِهِ حِينَ وَجَّهَنِي إِلَى اَلْيَمَنِ كَيْفَ أُصَلِّي بِهِمْ فَقَالَ صَلِّ بِهِمْ كَصَلاَةِ أَضْعَفِهِمْ وَ كُنْ بِالْمُؤْمِنِينَ رَحِيماً.

وَ أَمَّا بَعْدُ: فَلاَ تُطَوِّلَنَّ اِحْتِجَابَكَ عَنْ رَعِيَّتِكَ فَإِنَّ اِحْتِجَابَ اَلْوُلاَةِ عَنِ اَلرَّعِيَّةِ شُعْبَةٌ مِنَ اَلضِّيقِ وَ قِلَّةُ عِلْمٍ بِالْأُمُورِ وَ اَلاِحْتِجَابُ مِنْهُمْ يَقْطَعُ عَنْهُمْ عِلْمَ مَا اِحْتَجَبُوا دُونَهُ فَيَصْغُرُ عِنْدَهُمُ اَلْكَبِيرُ وَ يَعْظُمُ اَلصَّغِيرُ وَ يَقْبُحُ اَلْحَسَنُ وَ يَحْسُنُ اَلْقَبِيحُ وَ يُشَابُ اَلْحَقُّ بِالْبَاطِلِ.

وَ إِنَّمَا اَلْوَالِي بَشَرٌ لاَ يَعْرِفُ مَا تَوَارَى عَنْهُ اَلنَّاسُ بِهِ مِنَ اَلْأُمُورِ وَ لَيْسَتْ عَلَى اَلْحَقِّ سِمَاتٌ تُعْرَفُ بِهَا ضُرُوبُ اَلصِّدْقِ مِنَ اَلْكَذِبِ.

وَ إِنَّمَا أَنْتَ أَحَدُ رَجُلَيْنِ إِمَّا اِمْرُؤٌ سَخَتْ نَفْسُكَ بِالْبَذْلِ فِي اَلْحَقِّ فَفِيمَ اِحْتِجَابُكَ مِنْ وَاجِبِ حَقٍّ تُعْطِيهِ أَوْ فِعْلٍ كَرِيمٍ تُسْدِيهِ أَوْ مُبْتَلًى بِالْمَنْعِ.

۽ ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جنهن ڏينهن اهي ضرورتون تو وٽ پيش ٿين، ۽ انهن جي پوري ڪرڻ کان تنهنجي عملي جون دليون تنگ ٿين. ۽ هر ڏينهن جو ڪم انهيءَ ڏينهن انجام ڏي، ڇا ڪاڻ ته هر ڏينهن لاءِ اهو ئي آهي جيڪو ان ۾ ٿيو. ۽ تون پنهنجي لاءِ، پنهنجي ۽ الله تعاليٰ جي درميان خلوت لاءِ افضل وقت، ۽ پلوڙ گهڙي ڪي مقرر ڪر، جيتوڻيڪ سڀ وقت خدا لاءِ ئي آهن، جڏهن انهن ۾ نيت صحيح هجي ۽ رعيت انهن ۾ محفوظ هجي. ۽ انهن خاص ڪمن ۾ جن سان تون پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص ڪرين، الله جي انهن فرضن کي انجام ڏيڻ گهرجي جيڪي ان لاءِ خاص آهن. بس ڏينهن ۽ رات ۾ ڪجھ پنهنجي بدن کي الله جي حوالي ڪر. ۽ اهي ڪم جيڪي تو کي خدا جي قريب ڪرڻ جو ڪارڻ ٿين تن کي ڪُٽل ٽُٽل نہ بلڪ پورو ڪامل ڪري انجام ڏي. چاهي تنهنجي جسم کي جيتري ڏکيائي پهچي سو پهچي. ۽ جڏهن تون ماڻهن کي نماز پڙهائين تہ هرگز بيزارڪندڙ ۽ ضايع ڪندڙ نہ ٿجائن. ڇا ڪاڻ تہ ماڻهن ۾ ڪي بيمار ۽ ڪي ضرورتمند هوندا آهن. ۽ جڏهن رسول الله ﷺ مونکي يمن ڏانهن موڪلن پيا تہ مون ڪانئس پڇيو تہ آءٌ انهن کي ڪيئن نماز پڙهايان؟ پاڻ فرمايائون: انهن کي انهن مان وڌيڪ ڪمزور ماڻهوءَ جي نماز جيان نماز پڙهاءِ، ۽ مؤمنن سان مهربان ٿي رھ.

اما بعد: پنهنجي رعيت کان مخفي رهڻ کي هرگز ڊگهو نہ ڪجانءِ، بيشڪ حڪمران جو رعيت کان مخفي ٿيڻ، هڪ قسم جي تنگ دلي ۽ مسئلن کي گهٽ ڄاڻڻ جو سبب آهي، ۽ انهن کان مخفي رهڻ، ڪيس انهن جي ان علم کان روڪيندو جنهن کي اُهي هن کان علاوه ٻين کان مخفي رکن ٿا. جنهن ڪري انهن وٽ وڏي شيءِ ننڍي ۽ ننڍي شيءِ وڏي، ۽ ڀلي شيءِ بُري، ۽ بري شيءِ ڀلي ٿي ويندي، ۽ حق باطل سان مخلوط ٿي ويندو. بس حڪمران بہ انسان آهي هو انهن مسئلن کي نٿو ڄاڻي جيڪي ماڻهو ان کان لڪائين ٿا. ۽ حق تي اهڙيون نشانيون ناهن جن سان سچ جي قِسمن کي ڪوڙ کان سڃاتو وڃي. تون تہ رڳو ٻن ماڻهن مان هڪڙو آهين يا تہ اهڙو ماڻهو آهين جو تنهنجو نفس حق جي راھ ۾ خرچ ڪرڻ ۾ سخي آهي، پوءِ واجب حق جي ادا ڪرڻ کان يا ڀلي ڪم جي انجام ڏيڻ کان تنهنجو مخفي رهڻ ڇا جي ڪري آهي؟ يا نہ ڏيڻ جو شڪار ٿي ويو آهين.

فَمَا أَسْرَعَ كَفَّ اَلنَّاسِ عَنْ مَسْأَلَتِكَ إِذَا أَيِسُوا مِنْ بَذْلِكَ مَعَ أَنَّ أَكْثَرَ حَاجَاتِ اَلنَّاسِ إِلَيْكَ مِمَّا لاَ مَئُونَةَ فِيهِ عَلَيْكَ مِنْ شَكَاةِ مَظْلِمَةٍ أَوْ طَلَبِ إِنْصَافٍ فِي مُعَامَلَةٍ.

ثُمَّ إِنَّ لِلْوَالِي خَاصَّةً وَ بِطَانَةً فِيهِمُ اِسْتِئْثَارٌ وَ تَطَاوُلٌ وَ قِلَّةُ إِنْصَافٍ فِي مُعَامَلَةٍ فَاحْسِمْ مَادَّةَ أُولَئِكَ بِقَطْعِ أَسْبَابِ تِلْكَ اَلْأَحْوَالِ وَ لاَ تُقْطِعَنَّ لِأَحَدٍ مِنْ حَاشِيَتِكَ وَ حَامَّتِكَ قَطِيعَةً وَ لاَ يَطْمَعَنَّ مِنْكَ فِي اِعْتِقَادِ عُقْدَةٍ تَضُرُّ بِمَنْ يَلِيهَا مِنَ اَلنَّاسِ فِي شِرْبٍ أَوْ عَمَلٍ مُشْتَرَكٍ يَحْمِلُونَ مَئُونَتَهُ عَلَى غَيْرِهِمْ فَيَكُونَ مَهْنَأُ ذَلِكَ لَهُمْ دُونَكَ وَ عَيْبُهُ عَلَيْكَ فِي اَلدُّنْيَا وَ اَلْآخِرَةِ.

وَ أَلْزِمِ اَلْحَقَّ مَنْ لَزِمَهُ مِنَ اَلْقَرِيبِ وَ اَلْبَعِيدِ وَ كُنْ فِي ذَلِكَ صَابِراً مُحْتَسِباً وَاقِعاً ذَلِكَ مِنْ قَرَابَتِكَ وَ خَاصَّتِكَ حَيْثُ وَقَعَ وَ اِبْتَغِ عَاقِبَتَهُ بِمَا يَثْقُلُ عَلَيْكَ مِنْهُ فَإِنَّ مَغَبَّةَ ذَلِكَ مَحْمُودَةٌ.

وَ إِنْ ظَنَّتِ اَلرَّعِيَّةُ بِكَ حَيْفاً فَأَصْحِرْ لَهُمْ بِعُذْرِكَ وَ اِعْدِلْ عَنْكَ ظُنُونَهُمْ بِإِصْحَارِكَ فَإِنَّ فِي ذَلِكَ رِيَاضَةً مِنْكَ لِنَفْسِكَ وَ رِفْقاً بِرَعِيَّتِكَ وَ إِعْذَاراً تَبْلُغُ بِهِ حَاجَتَكَ مِنْ تَقْوِيمِهِمْ عَلَى اَلْحَقِّ.



وَ لاَ تَدْفَعَنَّ صُلْحاً دَعَاكَ إِلَيْهِ عَدُوُّكَ وَ لِلَّهِ فِيهِ رِضًا فَإِنَّ فِي اَلصُّلْحِ دَعَةً لِجُنُودِكَ وَ رَاحَةً مِنْ هُمُومِكَ وَ أَمْناً لِبِلاَدِكَ وَ لَكِنِ اَلْحَذَرَ كُلَّ اَلْحَذَرِ مِنْ عَدُوِّكَ بَعْدَ صُلْحِهِ فَإِنَّ اَلْعَدُوَّ رُبَّمَا قَارَبَ لِيَتَغَفَّلَ فَخُذْ بِالْحَزْمِ وَ اِتَّهِمْ فِي ذَلِكَ حُسْنَ اَلظَّنِّ.

وَ إِنْ عَقَدْتَ بَيْنَكَ وَ بَيْنَ عَدُوِّكَ عُقْدَةً أَوْ أَلْبَسْتَهُ مِنْكَ ذِمَّةً فَحُطْ عَهْدَكَ بِالْوَفَاءِ وَ اِرْعَ ذِمَّتَكَ بِالْأَمَانَةِ.

بس پوءِ ترت ئي ماڻهو تو کان گُهرڻ کان رڪجي ويندا جڏهن تنهنجي عطا کان مايوس ٿي ويندا. جڏهن تہ ماڻهن جون تو ۾ گهڻيون ضرورتون اهڙيون آهن جن ۾ تنهنجي مٿان ڪو خرچ نہ آهي، جهڙوڪ: ڪنهن ناانصافيءَ جي دانهن ڏيڻ، يا ڪنهن معاملي ۾ انصاف جي گُهر ڪرڻ. ۽ بيشڪ ڪجھ ماڻهو والي جا خاص ۽ رازدار هوندا آهن جن ۾ مطلبي، آڪڙباز ۽ معاملي ۾ گهٽ انصاف ڪندڙ هوندا آهن. بس انهن حالتن جي بنيادي اسباب کي ختم ڪندي سندن پاڙ پٽي ڇڏ.

۽ هرگز پنهنجي ڪنهن مُصاحب ۽ رشتيدار کي زمين جو ٽڪڙو جاگير طور نہ ڏجائن. ۽ نہ وري ڪو تو کان اهڙيءَ زمين حاصل ڪرڻ جي لالچ رکي جيڪا پڇڙيءَ وارن ماڻهن کي سيرابيءَ يا مشترڪ ڪمن ۾ نقصان پهچائي. جو اُهي ان جو خرچو ٻين تي وجهندا. بس پوءِ ان جا مزا تو کان علاوه انهن لاءِ هوندا ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جو عيب تو تي هوندو. ۽ انکي حق جو پابند بڻاءِ جنهن تي حق لاڳو ٿئي، چاهي اهو تنهنجي ويجهو هجي يا پري وارو. ۽ تون ان ۾ صابر ۽ ثواب حاصل ڪندڙ ٿي. چاهي اهو حق تنهنجي رشتيدار يا تنهنجي ڪنهن خاص ماڻهو تي ئي ڇو نہ پوي. ۽ حق جي جاري ڪرڻ ۾ جيڪا تو کي ڏکيائي ٿئي تنهن جي بدلي ۾ حق جي نتيجي کي طلب ڪر، بيشڪ ان جي پڇاڙي پلوڙ آهي. ۽ اگر رعيت کي پنهنجي باري ۾ ظلم ڪرڻ جي بدگماني پيدا ٿئي تہ پڌري نموني سندن لاءِ صفائي پيش ڪر، ۽ پنهنجي وضاحت سان انهن جي بدگمانيءَ کي پاڻ کان پري ڪر، بيشڪ ان ۾ تنهنجي طرفان پنهنجي نفس لاءِ تربيت ۽ پنهنجي رعيت لاءِ نرمي ۽ اهڙي صفائي پيش ڪرڻ آهي جنهن سان تون انهن کي حق تي ثابت قدم رکڻ واري پنهنجي مقصد تائين پهچي ويندين. ۽ هرگز ان ناه کي نہ ٺڪرائجائن جنهن ڏانهن تنهنجو دشمن تو کي سڏي، ۽ ان ۾ الله جي رضايت بہ هجي، بيشڪ صلح ۾ تنهنجي لشڪر لاءِ راحت ۽ تنهنجي ڏُکن لاءِ سڪون، ۽ تنهنجي شهرن لاءِ امن آهي. پر ناه کانپوءِ بہ پنهنجي دشمن کان بلڪل خبردار رهجائن، ڇا ڪاڻ تہ دشمن ڪڏهن ويجهو ئي ڇا ڪاڻ ٿيندو آهي تہ جيئن غافل ڪري، بس تون مضبوط ٿي رهجائن، ۽ ان باري ۾ خوش فهمي ۾ نہ رهجائن. ۽ اگر تون پنهنجي ۽ پنهنجي دشمن جي درميان ڪو معاهدو ڪرين يا پنهنجي طرفان انکي عهد ڏين تہ پنهنجي واعدي جي وفا ڪر، ۽ امانتداريءَ سان پنهنجي عهد تي رعايت رک

وَ اِجْعَلْ نَفْسَكَ جُنَّةً دُونَ مَا أَعْطَيْتَ فَإِنَّهُ لَيْسَ مِنْ فَرَائِضِ اَللَّهِ شَيْءٌ اَلنَّاسُ أَشَدُّ عَلَيْهِ اِجْتِمَاعاً مَعَ تَفَرُّقِ أَهْوَائِهِمْ وَ تَشَتُّتِ آرَائِهِمْ مِنْ تَعْظِيمِ اَلْوَفَاءِ بِالْعُهُودِ وَ قَدْ لَزِمَ ذَلِكَ اَلْمُشْرِكُونَ فِيمَا بَيْنَهُمْ دُونَ اَلْمُسْلِمِينَ لِمَا اِسْتَوْبَلُوا مِنْ عَوَاقِبِ اَلْغَدْرِ

فَلاَ تَغْدِرَنَّ بِذِمَّتِكَ وَ لاَ تَخِيسَنَّ بِعَهْدِكَ وَ لاَ تَخْتِلَنَّ عَدُوَّكَ فَإِنَّهُ لاَ يَجْتَرِئُ عَلَى اَللَّهِ إِلاَّ جَاهِلٌ شَقِيٌّ وَ قَدْ جَعَلَ اَللَّهُ عَهْدَهُ وَ ذِمَّتَهُ أَمْناً أَفْضَاهُ بَيْنَ اَلْعِبَادِ بِرَحْمَتِهِ وَ حَرِيماً يَسْكُنُونَ إِلَى مَنَعَتِهِ وَ يَسْتَفِيضُونَ إِلَى جِوَارِهِ فَلاَ إِدْغَالَ وَ لاَ مُدَالَسَةَ وَ لاَ خِدَاعَ فِيهِ وَ لاَ تَعْقِدْ عَقْداً تُجَوِّزُ فِيهِ اَلْعِلَلَ وَ لاَ تُعَوِّلَنَّ عَلَى لَحْنِ قَوْلٍ بَعْدَ اَلتَّأْكِيدِ وَ اَلتَّوْثِقَةِ.

وَ لاَ يَدْعُوَنَّكَ ضِيقُ أَمْرٍ لَزِمَكَ فِيهِ عَهْدُ اَللَّهِ إِلَى طَلَبِ اِنْفِسَاخِهِ بِغَيْرِ اَلْحَقِّ فَإِنَّ صَبْرَكَ عَلَى ضِيقِ أَمْرٍ تَرْجُو اِنْفِرَاجَهُ وَ فَضْلَ عَاقِبَتِهِ خَيْرٌ مِنْ غَدْرٍ تَخَافُ تَبِعَتَهُ وَ أَنْ تُحِيطَ بِكَ مِنَ اَللَّهِ فِيهِ طِلْبَةٌ لاَ تَسْتَقْبِلُ فِيهَا دُنْيَاكَ وَ لاَ آخِرَتَكَ.

إِيَّاكَ وَ اَلدِّمَاءَ وَ سَفْكَهَا بِغَيْرِ حِلِّهَا فَإِنَّهُ لَيْسَ شَيْءٌ أَدْعَى لِنِقْمَةٍ وَ لاَ أَعْظَمَ لِتَبِعَةٍ وَ لاَ أَحْرَى بِزَوَالِ نِعْمَةٍ وَ اِنْقِطَاعِ مُدَّةٍ مِنْ سَفْكِ اَلدِّمَاءِ بِغَيْرِ حَقِّهَا

وَ اَللَّهُ سُبْحَانَهُ مُبْتَدِئٌ بِالْحُكْمِ بَيْنَ اَلْعِبَادِ فِيمَا تَسَافَكُوا مِنَ اَلدِّمَاءِ يَوْمَ اَلْقِيَامَةِ فَلاَ تُقَوِّيَنَّ سُلْطَانَكَ بِسَفْكِ دَمٍ حَرَامٍ

فَإِنَّ ذَلِكَ مِمَّا يُضْعِفُهُ وَ يُوهِنُهُ بَلْ يُزِيلُهُ وَ يَنْقُلُهُ وَ لاَ عُذْرَ لَكَ عِنْدَ اَللَّهِ وَ لاَ عِنْدِي فِي قَتْلِ اَلْعَمْدِ لِأَنَّ فِيهِ قَوَدَ اَلْبَدَنِ.

۽ پنهنجي عهد ۽ معاهدي کي پاڙڻ لاءِ پاڻ کي ڍال بڻاءِ، ڇا ڪاڻ ته الله تعالىٰ جي فرضن مان ماڻهن وٽ واعدي جي وفا جي پابنديءَ کان وڌيڪ ڪا اهڙي اهميت واري شيءِ ڪانهي جنهن تي هو پنهنجي الڳ الڳ خواهشن، ۽ جدا جدا راين هجڻ جي باوجود به سختي سان متفق هجن. جو مسلمانن کان علاوه مشرڪن پاڻ ۾ به ان جي پابندي ڪئي آهي، جڏهن انهن ڏوڪن جي نتيجن جي مصيبت سَني. بس پنهنجي عهد ۾ غداري نه ڪجانءِ ۽ نه پنهنجي معاهدي کي ٽوڙجائن، ۽ نه وري پنهنجي دشمن کي ڏوکو ڏجائن. بيشڪ الله تعالىٰ جي خلاف ڪو به جرئت نٿو ڪري سواءِ بدبخت جاهل جي، ۽ يقيناً الله تعالىٰ پنهنجي عهد ۽ معاهدي کي اهڙو امن بڻايو آهي و انکي پنهنجي رحمت سان ٻانهن ۾ رائج ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اهڙي پناهگاهه قرار ڏنو آهي جنهن جي آڏار تي اُهي سڪون وٺندا آهن، ۽ جنهن جي جوار ۾ رهڻ لاءِ جلدي ڪندا آهن. بس پوءِ ان ۾ فساد، ڏوکو ۽ ٺڳي نه ڪرڻ گهرجي.

۽ هرگز اهڙو معاهدو نه ڪجانءِ جنهن ۾ تون تاويلون ڪرين، ۽ معاهدي کي پڪي ۽ پختي ڪرڻ ڪانپوءِ بهاني بازي تي اعتماد نه ڪجانءِ. ۽ جنهن شيءِ ۾ الله تعالىٰ جو عهد تو تي لازم ٿئي ته ان جي تنگي هرگز تو کي ناحق ان جي ٽوڙڻ جي دعوت نه ڏي. بيشڪ تنگيءَ واري مسئلي تي تنهنجو صبر ڪرڻ جڏهن ته تون ان مان ڇوٽڪاري ۽ ان جي ڀلي انجام جي اميد به رکين، ان ڏوکي کان ڀلو آهي جنهن جي بُري نتيجي کان تون ڊڄين، ۽ جنهن ۾ الله طرفان تو کي پُڇاڻو گهيري ۾ آڻي ڇڏي. ٧٢٥
بس پوءِ ان ۾ نه تنهنجي دنيا باقي رهندي ۽ نه آخرت. ۽ خون جي باري ۾ خبردار رهجائن ۽ انکي ناحق نه وهائجائن. بيشڪ ناحق رت وهائڻ کان وڌيڪ ڪا به شيءِ عذاب جي لحاظ کان قريب ۽ انجام جي اعتبار کان وڏي، ۽ نعمتن جي ختم ڪرڻ، ۽ ڄمار کي گُٺائڻ واري نه آهي. ۽ الله سبحانه قيامت جي ڏينهن انهن ٻانهن جي درميان فيصلي سان آغاز ڪندو جن هڪ ٻئي جي رت وهائي هوندي. بس ناحق خونريزي جي ذريعي هرگز پنهنجي حڪومت کي مضبوط نه ڪجانءِ. بيشڪ هيءُ انهن ڪمن منجهان آهي جيڪي انکي ڪمزور ۽ بيوس بڻائي ڇڏيندا آهن. بلڪ انکي ختم ڪري منتقل ڪري ڇڏيندا آهن. ۽ ڄاڻي واڻي قتل ڪرڻ ۾ الله وٽ ۽ مون وٽ تنهنجو ڪو بهانو نه هلندو. ڇا ڪاڻ ته ان ۾ قصاص ضروري هوندو آهي.

وَ إِنِ اُبْتُلِيتَ بِخَطَإٍ وَ أَفْرَطَ عَلَيْكَ سَوْطُكَ أَوْ سَيْفُكَ أَوْ يَدُكَ بِالْعُقُوبَةِ فَإِنَّ فِي اَلْوَكْزَةِ فَمَا فَوْقَهَا مَقْتَلَةً فَلاَ تَطْمَحَنَّ بِكَ نَخْوَةُ سُلْطَانِكَ عَنْ أَنْ تُؤَدِّيَ إِلَى أَوْلِيَاءِ اَلْمَقْتُولِ حَقَّهُمْ.

وَ إِيَّاكَ وَ اَلْإِعْجَابَ بِنَفْسِكَ وَ اَلثِّقَةَ بِمَا يُعْجِبُكَ مِنْهَا وَ حُبَّ اَلْإِطْرَاءِ فَإِنَّ ذَلِكَ مِنْ أَوْثَقِ فُرَصِ اَلشَّيْطَانِ فِي نَفْسِهِ لِيَمْحَقَ مَا يَكُونُ مِنْ إِحْسَانِ اَلْمُحْسِنِينَ.

وَ إِيَّاكَ وَ اَلْمَنَّ عَلَى رَعِيَّتِكَ بِإِحْسَانِكَ أَوِ اَلتَّزَيُّدَ فِيمَا كَانَ مِنْ فِعْلِكَ أَوْ أَنْ تَعِدَهُمْ فَتُتْبِعَ مَوْعِدَكَ بِخُلْفِكَ فَإِنَّ اَلْمَنَّ يُبْطِلُ اَلْإِحْسَانَ وَ اَلتَّزَيُّدَ يَذْهَبُ بِنُورِ اَلْحَقِّ وَ اَلْخُلْفَ يُوجِبُ اَلْمَقْتَ عِنْدَ اَللَّهِ وَ اَلنَّاسِ قَالَ اَللَّهُ تَعَالَى كَبُرَ مَقْتاً عِنْدَ اَللّٰهِ أَنْ تَقُولُوا مٰا لاٰ تَفْعَلُونَ.

وَ إِيَّاكَ وَ اَلْعَجَلَةَ بِالْأُمُورِ قَبْلَ أَوَانِهَا أَوِ اَلتَّسَقُّطَ فِيهَا عِنْدَ إِمْكَانِهَا أَوِ اَللَّجَاجَةَ فِيهَا إِذَا تَنَكَّرَتْ أَوِ اَلْوَهْنَ عَنْهَا إِذَا اِسْتَوْضَحَتْ فَضَعْ كُلَّ أَمْرٍ مَوْضِعَهُ وَ أَوْقِعْ كُلَّ أَمْرٍ مَوْقِعَهُ.

وَ إِيَّاكَ وَ اَلاِسْتِئْثَارَ بِمَا اَلنَّاسُ فِيهِ أُسْوَةٌ وَ اَلتَّغَابِيَ عَمَّا تُعْنَى بِهِ مِمَّا قَدْ وَضَحَ لِلْعُيُونِ فَإِنَّهُ مَأْخُوذٌ مِنْكَ لِغَيْرِكَ وَ عَمَّا قَلِيلٍ تَنْكَشِفُ عَنْكَ أَغْطِيَةُ اَلْأُمُورِ وَ يُنْتَصَفُ مِنْكَ لِلْمَظْلُومِ.

اِمْلِكْ حَمِيَّةَ أَنْفِكَ وَ سَوْرَةَ حَدِّكَ وَ سَطْوَةَ يَدِكَ وَ غَرْبَ لِسَانِكَ وَ اِحْتَرِسْ مِنْ كُلِّ ذَلِكَ بِكَفِّ اَلْبَادِرَةِ وَ تَأْخِيرِ اَلسَّطْوَةِ حَتَّى يَسْكُنَ غَضَبُكَ فَتَمْلِكَ اَلاِخْتِيَارَ وَ لَنْ تَحْكُمَ ذَلِكَ مِنْ نَفْسِكَ حَتَّى تُكْثِرَ هُمُومَكَ بِذِكْرِ اَلْمَعَادِ إِلَى رَبِّكَ. وَ اَلْوَاجِبُ عَلَيْكَ أَنْ تَتَذَكَّرَ مَا مَضَى لِمَنْ تَقَدَّمَكَ مِنْ حُكُومَةٍ عَادِلَةٍ أَوْ سُنَّةٍ فَاضِلَةٍ أَوْ أَثَرٍ عَنْ نَبِيِّنَا صَلَّى اَللَّهُ عَلَيْهِ وَ آلِهِ أَوْ فَرِيضَةٍ فِي كِتَابِ اَللَّهِ.

۽ اگر تو کان ڀُل ۾ قتل ٿي وڃي، ۽ سزا ڏيڻ ۾ تنهنجو ڪوڙو يا تلوار يا تنهنجو هٿ وڌي وڃي ته ان ۾ ته ڪڌهن مُڪ ۽ ان کان به وڌيڪ گهٽ واريءَ شيءِ سان موت واقع ٿي ويندو آهي. بس پوءِ تنهنجي حڪومت جو گهمنڊ هرگز تو کي ان کان نه روڪي جو مقتول جي وارثن کي سندن حق ڏين. خودپسندي ڪرڻ، خود پسنديءَ وارين ڳالهين تي ڀروسو ڪرڻ، ۽ پاڻ ڦندائڻ کي پسند ڪرڻ کان بچ، ڇا ڪاڻ ته هي شيطان وٽ سڀ کان وڌيڪ ڀروسي مند موقعن منجهان آهن، ته جيئن هو ڀلائي ڪندڙن جي ڀلائي کي مِٽائي ڇڏي، ۽ پنهنجي رعيت کي احسان جتائڻ، يا پنهنجي ڀلائي کي گهٽو سمجهڻ، يا انهن سان واعدي ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي واعدي جي خلاف ورزي ڪرڻ کان بچ. بيشڪ احسان جتائڻ ڀلائي کي ختم ڪري ڇڏي ٿو. ۽ ڀلائيءَ کي گهٽو سمجهڻ حق جي نور کي ختم ڪري ڇڏي ٿو. ۽ واعدي خلافي الله ۽ ماڻهن وٽ سخت ناراضگيءَ جو سبب ٿيندي آهي. الله تعالیٰ فرمايو آهي ”الله وٽ سخت ناپسند آهي جو اوهان اها ڳالهه چئو جيڪا نه ڪريو“. ۽ وقت کان ڦهريائين جلد بازي سان ڪم انجام ڏيڻ کان، ۽ موقعي ملڻ وقت ان ۾ سُستي ڪرڻ کان، ۽ انکي نه سمجهڻ وقت ان جي ڪرڻ تي ضد ڪرڻ کان، ۽ ان جي واضح ٿيڻ وقت ان ۾ ڪمزوري ڏيکارڻ کان بچ. ۽ هر ڪم کي پنهنجي جڳهه تي رک، ۽ هر عمل کي ان جي وقت تي انجام ڏي. ۽ ان شيءِ کي پاڻ لاءِ خاص ڪرڻ کان بچ، جنهن ۾ سڀ ماڻهو برابر جو حق رکن، ۽ ان شيءِ بابت بي خبري جي اظهار ڪرڻ کان بچ، جيڪا تو سان لاڳاپيل هجي، ۽ اها اکين لاءِ واضح هجي، ڇو جو ان بابت ٻئي جي بدران تو کان پُڇاڻو ڪيو ويندو، ۽ عنقريب سيني ڪمن جو پردو تو کان هٽايو ويندو، ۽ تو کان مظلوم لاءِ انصاف ورتو ويندو.

۽ پنهنجي تعصب جي وڏائيءَ، ۽ سرڪشيءَ جي جوش، ۽ هٿ ڇُراند، ۽ زبان جي تيزي تي قابض رهه. ۽ جلد بازي کي روڪڻ ۽ سزا ڏيڻ ۾ دير ڪرڻ ذريعي انهن سيني شين کان محفوظ رهه، ايستائين جو تنهنجي ڪاوڙ ٺري وڃي، ۽ تون پنهنجي اختيار جو مالڪ ٿئين. ۽ تون هرگز اُهي شيون پنهنجي نفس ۾ راسخ نٿو ڪري سگهين، ايستائين جو پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ واري سوچ کي گهڻو ڪرين. ۽ تو تي لازم آهي ته پاڻ کان اڳ وارن، عادل حڪومت، ڀلي طريقي يا اسان جي نبي ﷺ جي حديث، يا الله جي ڪتاب ۾ آيل فرض تي عمل ڪندڙن جي حالات کي ياد ڪندو رهه.

فَتَقْتَدِيَ بِمَا شَاهَدْتَ مِمَّا عَمِلْنَا بِهِ فِيهَا وَ تَجْتَهِدَ لِنَفْسِكَ فِي اِتِّبَاعِ مَا عَهِدْتُ إِلَيْكَ فِي عَهْدِي هَذَا وَ اِسْتَوْثَقْتُ بِهِ مِنَ اَلْحُجَّةِ لِنَفْسِي عَلَيْكَ لِكَيْلاَ تَكُونَ لَكَ عِلَّةٌ عِنْدَ تَسَرُّعِ نَفْسِكَ إِلَى هَوَاهَا.

وَ أَنَا أَسْأَلُ اَللَّهَ بِسَعَةِ رَحْمَتِهِ وَ عَظِيمِ قُدْرَتِهِ عَلَى إِعْطَاءِ كُلِّ رَغْبَةٍ أَنْ يُوَفِّقَنِي وَ إِيَّاكَ لِمَا فِيهِ رِضَاهُ مِنَ اَلْإِقَامَةِ عَلَى اَلْعُذْرِ اَلْوَاضِحِ إِلَيْهِ وَ إِلَى خَلْقِهِ مَعَ حُسْنِ اَلثَّنَاءِ فِي اَلْعِبَادِ وَ جَمِيلِ اَلْأَثَرِ فِي اَلْبِلاَدِ وَ تَمَامِ اَلنِّعْمَةِ وَ تَضْعِيفِ اَلْكَرَامَةِ وَ أَنْ يَخْتِمَ لِي وَ لَكَ بِالسَّعَادَةِ وَ اَلشَّهَادَةِ إِنَّا إِلَيْهِ رٰاجِعُونَ وَ اَلسَّلاَمُ عَلَى رَسُولِ اَللَّهِ صَلَّى اَللَّهُ عَلَيْهِ وَ آلِهِ وَ سَلَّمَ اَلطَّيِّبِينَ اَلطَّاهِرِينَ، وَ سَلَّمَ تَسْلِيماً كَثِيراً، وَ اَلسَّلاَمُ

## ٥٤- وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى طلحة و الزبير مع عمران بن الحصين الخزاعي ذكره أبو جعفر الإسكافي في كتاب المقامات في مناقب أمير المؤمنين عليه السلام.*

أَمَّا بَعْدُ: فَقَدْ عَلِمْتُمَا وَ إِنْ كَتَمْتُمَا أَنِّي لَمْ أُرِدِ النَّاسَ حَتَّى أَرَادُونِي وَ لَمْ أُبَايِعْهُمْ حَتَّى بَايَعُونِي وَ إِنَّكُمَا مِمَّنْ أَرَادَنِي وَ بَايَعَنِي وَ إِنَّ الْعَامَّةَ لَمْ تُبَايِعْنِي لِسُلْطَانٍ غَالِبٍ وَ لَا لِعَرَضٍ حَاضِرٍ. ٧٢٨

فَإِنْ كُنْتُمَا بَايَعْتُمَانِي طَائِعَيْنِ فَارْجِعَا وَ تُوبَا إِلَى اللَّهِ مِنْ قَرِيبٍ وَ إِنْ كُنْتُمَا بَايَعْتُمَانِي كَارِهَيْنِ فَقَدْ جَعَلْتُمَا لِي عَلَيْكُمَا السَّبِيلَ بِإِظْهَارِكُمَا الطَّاعَةَ وَ إِسْرَارِكُمَا الْمَعْصِيَةَ وَ لَعَمْرِي مَا كُنْتُمَا بِأَحَقِّ الْمُهَاجِرِينَ بِالتَّقِيَّةِ وَ الْكِتْمَانِ.

بس پوءِ انهن شين ۾ جنهن طريقي سان تو اسانکي عمل کندين ڏنو آهي ان جي پيروي ڪر. ۽ تون پنهنجي لاءِ انهن نصيحتن تي هلڻ جي پوري ڪوشش ڪر، جيکي مون تو ڏانهن هن عهدنامي ۾ لکيون آهن، ۽ ان جي ذريعي مون پنهنجي حجت کي تو تي لازم کري ڇڏيو آهي تہ جيئن تو وٽ کو بهانو نہ هجي، جڏهن تنهنجو نفس پنهنجي خواهش ڏانهن جلدي کري. ۽ مان الله تعالیٰ کان سندس وسيع رحمت، ۽ هر خواهش جي عطا ڪرڻ واري عظيم قدرت جي ذريعي سوال ڪريان ٿو تہ هو مونکي ۽ تو کي ان عمل جي توفيق عطا فرمائي جنهن ۾ سندس رضامندي هجي، جو ماڻهن ۾ نيڪ نامي، ۽ شهرن ۾ پلي تاثر، ۽ نعمت جي پورائي ۽ مانُ ۾ واڌاري سان گڏ سندس بارگاهہ ۾ ۽ مخلوق وٽ چٽيءَ عذرخواهي کي قائم ڪريون. ۽ منهنجو ۽ تنهنجو خاتمو سعادت ۽ شهادت سان ڪري، ۽ اسان ان ڏانهن ئي موٽڻ وارا آهيون، ۽ الله جي پاڪ ۽ پاڪيزهہ رسول ص تي درود ۽ ان تي گهڻا گهڻا سلام هجن والسلام.

## ۵۴_ امام عليه‌السلام جو خط، جيڪو عمران بن حصين خزاعي سان طلحہ ۽ زبير ڏانهن موڪليو

## هن کي ابوجعفر اسکافي پنهنجي ڪتاب "مقامات" ۾ اميرالمؤمنين عليه‌السلام جي فضائل ۾ ذکر کيو آهي.



اما بعد: بيشڪ توهان ڄاڻو ٿا، جيتوڻيڪ توهان لِڪايو ٿا، تہ بيشڪ مون ماڻهن کي نہ چاهيو تان جو ماڻهن مون کي چاهيو، ۽ مون انهن کان بيعت نہ گُهري تان جو انهن پاڻ منهنجي بيعت ڪئي. ۽ يقيناً توهان ٻئي انهن منجهان آهيو جن مونکي چاهيو، ۽ منهنجي بيعت ڪئي، ۽ عوام غالب حکومت جي ڪري منهنجي بيعت ناهي ڪئي، ۽ نہ وري مال ۽ دولت هجڻ جي ڪري ڪئي آهي، بس اگر توهان دل سان منهنجي بيعت ڪئي هئي تہ جلد ئي واپس ٿيو ۽ الله جي بارگاهہ ۾ توبہ ڪريو. ۽ اگر توهان منهنجي بي دلي سان بيعت ڪئي هئي تہ توهان فرمانبرداريءَ کي ظاهر ڪري، ۽ نافرمانيءَ کي لِڪائي مون کي پاڻ تي راهہ قرار ڏني آهي. ۽ مونکي پنهنجي زندگيءَ جو قسم آهي تہ توهان پنهنجي عقيدي کي مخفي رکڻ ۽ لڪائڻ ۾ ٻين مهاجرن کان وڌيڪ حقدار نہ هيؤ.

وَ إِنَّ دَفْعَكُمَا هَذَا الْأَمْرَ مِنْ قَبْلِ أَنْ تَدْخُلَا فِيهِ كَانَ أَوْسَعَ عَلَيْكُمَا مِنْ خُرُوجِكُمَا مِنْهُ بَعْدَ إِقْرَارِكُمَا بِهِ وَ قَدْ زَعَمْتُمَا أَنِّي قَتَلْتُ عُثْمَانَ فَبَيْنِي وَ بَيْنَكُمَا.

مَنْ تَخَلَّفَ عَنِّي وَ عَنْكُمَا مِنْ أَهْلِ الْمَدِينَةِ ثُمَّ يُلْزَمُ كُلُّ امْرِئٍ بِقَدْرِ مَا احْتَمَلَ فَارْجِعَا أَيُّهَا الشَّيْخَانِ عَنْ رَأْيِكُمَا فَإِنَّ الْآنَ أَعْظَمَ أَمْرِكُمَا الْعَارُ مِنْ قَبْلِ أَنْ يَتَجَمَّعَ الْعَارُ وَ النَّارُ وَ السَّلَامُ.

## ٥٥ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى معاوية.*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ قَدْ جَعَلَ الدُّنْيَا لِمَا بَعْدَهَا وَ ابْتَلَى فِيهَا أَهْلَهَا لِيَعْلَمَ أَيُّهُمْ أَحْسَنُ عَمَلًا وَ لَسْنَا لِلدُّنْيَا خُلِقْنَا وَ لَا بِالسَّعْيِ فِيهَا أُمِرْنَا وَ إِنَّمَا وُضِعْنَا فِيهَا لِنُبْتَلَى بِهَا وَ قَدِ ابْتَلَانِي اللَّهُ بِكَ وَ ابْتَلَاكَ بِي فَجَعَلَ أَحَدَنَا حُجَّةً عَلَى الْآخَرِ فَعَدَوْتَ عَلَى الدُّنْيَا بِتَأْوِيلِ الْقُرْآنِ فَطَلَبْتَنِي بِمَا لَمْ تَجْنِ يَدِي وَ لَا لِسَانِي وَ عَصَيْتَهُ أَنْتَ وَ أَهْلُ الشَّامِ بِي وَ أَلَّبَ عَالِمُكُمْ جَاهِلَكُمْ وَ قَائِمُكُمْ قَاعِدَكُمْ.

فَاتَّقِ اللَّهَ فِي نَفْسِكَ وَ نَازِعِ الشَّيْطَانَ قِيَادَكَ وَ اصْرِفْ إِلَى الْآخِرَةِ وَجْهَكَ فَهِيَ طَرِيقُنَا وَ طَرِيقُكَ وَ احْذَرْ أَنْ يُصِيبَكَ اللَّهُ مِنْهُ بِعَاجِلِ قَارِعَةٍ تَمَسُّ الْأَصْلَ وَ تَقْطَعُ الدَّابِرَ فَإِنِّي أُولِي لَكَ بِاللَّهِ أَلِيَّةً غَيْرَ فَاجِرَةٍ لَئِنْ جَمَعَتْنِي وَ إِيَّاكَ جَوَامِعُ الْأَقْدَارِ لَا أَزَالُ بِبَاحَتِكَ حَتَّى يَحْكُمَ اللَّهُ بَيْنَنَا وَ هُوَ خَيْرُ الْحَاكِمِينَ.

بيشڪ بيعت ڪرڻ کان پھريائين انکي ٽُڪرائڻ توھان لاءِ ان کان وڏيڪ سولو ھو جو ھاڻي اقرار کانپوءِ انکان نڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. ۽ توھان گمان ڪريو ٿا تہ مون عثمان کي قتل ڪيو آھي. بس منھنجي ۽ توھان جي درميان مديني جا اُھي ماڻھو آھن جيڪي مون کان ۽ توھان کان لاتعلق آھن. پوءِ ھر ماڻھوءَ کي ان ڪئي جيترو پابند ڪيو ويندو جنھن جو ھو ملوث ٿيو ھوندو. اي شيخؤ! بيشڪ ھن مهل توھان لاءِ وڏو مسئلو بدناميءَ جو آھي، بس پنھنجي راءِ کان موٽي اچو ان کان پھريائين جو بدنامي سان باھ بہ گڏجي وڃي. والسلام.

## ۵۵_ امام عليہ السلام جو خط، معاويي ڏانھن.

اما بعد: بيشڪ الله سبحانہ دنيا کي انکان بعد واري جهان لاءِ قرار ڏنو آھي. ۽ ان ۾ رھندڙن کي آزمائش ۾ وِڌو آھي تہ جيئن پرکي تہ عمل جي اعتبار کان ڪير پلو آھي. ۽ اسان دنيا لاءِ پيدا نہ ڪيا ويا آھيون، ۽ نہ ان جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو اسانکي حڪم ڏنو ويو آھي. ۽ اسانکي تہ ھن ۾ رکڻو ڇا ڪاڻ آندو ويو آھي تہ جيئن اسانکي ان سان آزمايو وڃي. ۽ بيشڪ الله تعالیٰ مونکي تو سان آزمايو آھي ۽ تو کي مون سان آزمايو آھي. ۽ اسان مان ھڪڙي کي ٻئي تي حجت قرار ڏنو آھي، بس تون قرآن جي تاويل جي ذريعي دنيا تي ٽُٽي پيو آھين. بس تو مون کان اھڙي شيءِ جو مطالبو ڪيو آھي جنھن ۾ نہ منھنجو ھٿ ملوث آھي ۽ نہ وري منھنجي زبان. ۽ تو ۽ شامين ان جي مون تي تهمت ھنئي آھي. ۽ توھان جي عالمن توھان جي جاھلن کي ۽ توھان جي بيٺلن توھان جي ويٺلن کي اياريو.

بس پنھنجي باري ۾ الله کان ڊڄ. ۽ شيطان کان پنھنجي واڳ ڇڏائي. ۽ آخرت ڏانھن رُخ ڪر. جو اھو ئي اسان جو ۽ تنھنجو رستو آھي. ۽ ان کان بچ جو الله تو کي پنھنجيءَ طرفان ڪنھن اوچتي مصيبت ۾ مبتلا ڪري جيڪا تنھنجي بنياد کي پٽي ۽ نسل کي ناس ڪري ڇڏي. بس آءٌ تنھنجي لاءِ الله جو اھڙو پڪو قسم کڻان ٿو جيڪو ٽُٽڻ وارو نہ آھي، تہ اگر مونکي ۽ تو کي تقدير جي ھٿن دوبدو ڪيو تہ آءٌ ايستائين ميدان نہ ڇڏيندس تان جو الله اسان جي درميان فيصلو ڪري، ۽ اھو ئي سيني کان پلو فيصلو ڪندڙ آھي.

## ٥٦ـ و من وصية له عليه السلام

*وصى بها شريح بن هانئ لما جعله على مقدمته إلى الشام.*

اتَّقِ اللَّهَ فِي كُلِّ صَبَاحٍ وَ مَسَاءٍ وَ خَفْ عَلَى نَفْسِكَ الدُّنْيَا الْغَرُورَ وَ لَا تَأْمَنْهَا عَلَى حَالٍ وَ اعْلَمْ أَنَّكَ إِنْ لَمْ تَرْدَعْ نَفْسَكَ عَنْ كَثِيرٍ مِمَّا تُحِبُّ مَخَافَةَ مَكْرُوهٍ سَمَتْ بِكَ الْأَهْوَاءُ إِلَى كَثِيرٍ مِنَ الضَّرَرِ فَكُنْ لِنَفْسِكَ مَانِعاً رَادِعاً وَ لِنَزْوَتِكَ عِنْدَ الْحَفِيظَةِ وَاقِماً قَامِعاً.

## ٥٧ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى أهل الكوفة عند مسيره من المدينة إلى البصرة.*

أَمَّا بَعْدُ فَإِنِّي خَرَجْتُ مِنْ حَيِّي هَذَا إِمَّا ظَالِماً وَ إِمَّا مَظْلُوماً وَ إِمَّا بَاغِياً وَ إِمَّا مَبْغِيّاً عَلَيْهِ وَ إِنِّي أُذَكِّرُ اللَّهَ مَنْ بَلَغَهُ كِتَابِي هَذَا لَمَّا نَفَرَ إِلَيَّ فَإِنْ كُنْتُ مُحْسِناً أَعَانَنِي وَ إِنْ كُنْتُ مُسِيئاً اسْتَعْتَبَنِي.



## ٥٨ـ و من كتاب له عليه السلام

*كتبه إلى أهل الأمصار يقص فيه ما جرى بينه و بين أهل صفين.*

وَ كَانَ بَدْءُ أَمْرِنَا أَنَّا الْتَقَيْنَا وَ الْقَوْمُ مِنْ أَهْلِ الشَّامِ وَ الظَّاهِرُ أَنَّ رَبَّنَا وَاحِدٌ وَ نَبِيَّنَا وَاحِدٌ وَ دَعْوَتَنَا فِي الْإِسْلَامِ وَاحِدَةٌ.

وَ لَا نَسْتَزِيدُهُمْ فِي الْإِيمَانِ بِاللَّهِ وَ التَّصْدِيقِ بِرَسُولِهِ وَ لَا يَسْتَزِيدُونَنَا الْأَمْرُ وَاحِدٌ إِلَّا مَا اخْتَلَفْنَا فِيهِ مِنْ دَمِ عُثْمَانَ وَ نَحْنُ مِنْهُ بَرَاءٌ.

## ٥٦_ امام عليه السلام جي وصيت

**جيڪا پاڻ عليه السلام شريح بن هاني کي ان وقت ڪئي جڏهن ڪيس شام ڏانهن ويندڙ لشڪر جي اڳين دستي جو سردار مقرر ڪيو.**

هر صبح ۽ شام جو الله کان ڊڄ، ۽ پنهنجي باري ۾ ڌوکي باز دنيا کان ڊڄ، ۽ ڪنهن به حال ۾ پاڻ کي ان کان امن ۾ نه سمجهه ۽ ڄاڻ ته اگر تو اڻ وڻندڙ حالات جي پيش اچڻ کان ڊڄندي پنهنجي نفس کي گهڻين پسنديده شين کان نه روڪيو ته خواهشون تو کي گهڻي نقصان ڏانهن وڏائيندايون. بس پنهنجي نفس کي قابو ڪندڙ ۽ روڪيندڙ ٿي. ۽ ڪاوڙ مهل پنهنجي مچرجڻ تي غالب ۽ انکي ختم ڪندڙ ٿي.

## ٥٧_ امام عليه السلام جو خط. ڪوفي وارن ڏانهن سندس مديني کان بصري ڏانهن رواني ٿيڻ وقت

اما بعد: بيشڪ آءٌ پنهنجي هن گهر کان نڪتو آهيان، يا ظالم ٿي ڪري، يا مظلوم بڻجي ڪري، ۽ يا باغي ٿي ڪري يا جنهن جي خلاف بغاوت ڪئي وڃي. بيشڪ آءٌ ان کي الله جي ياد ڏياريان ٿو جنهن تائين منهنجو هي خط پهچي ته ٿُرت مون ڏانهن نڪري پوي، پوءِ اگر آءٌ چڱائي ڪندڙ آهيان ته منهنجي مدد ڪري، ۽ اگر آءٌ مدائي ڪندڙ آهيان ته هو مونکي قائل ڪري.

## ٥٨_ امام عليه السلام جو خط. جنهن کي پاڻ عليه السلام مختلف شهرن جي ماڻهن ڏانهن لکيو

*جنهن ۾ پنهنجي ۽ صفين وارن جي درميان ٿيل واقعي کي بيان ڪيو آهي.*

۽ اسان جي مسئلي جي شروعات ائين ٿئي جو اسان ۽ شام وارا دوبدو ٿياسين جڏهن ته ظاهري طور تي اسان جو ربّ هڪ آهي ۽ اسان جو نبي هڪ آهي، ۽ اسان جي اسلام جي دعوت به هڪ آهي.

۽ اسان انهن کان الله تعالیٰ تي ايمان آڻڻ ۽ سندس رسول صلی الله عليه وآله وسلم جي تصديق ڪرڻ کي وڌائڻ جي گُهر نه پيا ڪريون، ۽ نه وري اُهي اسان کان وڌائڻ جي گُهر ڪن پيا بس هڪ ئي ڳالهه هئي، سواءِ هن جي ته اسان عثمان جي خون ۾ اختلاف ڪيو، ۽ اسان ان کان بَري آهيون.

فَقُلْنَا تَعَالَوْا نُدَاوِ مَا لَا يُدْرَكُ الْيَوْمَ بِإِطْفَاءِ النَّائِرَةِ وَ تَسْكِينِ الْعَامَّةِ حَتَّى يَشْتَدَّ الْأَمْرُ وَ يَسْتَجْمِعَ فَنَقْوَى عَلَى وَضْعِ الْحَقِّ مَوَاضِعَهُ فَقَالُوا بَلْ نُدَاوِيهِ بِالْمُكَابَرَةِ فَأَبَوْا حَتَّى جَنَحَتِ الْحَرْبُ وَ رَكَدَتْ وَ وَقَدَتْ نِيرَانُهَا وَ حَمِشَتْ فَلَمَّا ضَرَّسَتْنَا وَ إِيَّاهُمْ وَ وَضَعَتْ مَخَالِبَهَا فِينَا وَ فِيهِمْ أَجَابُوا عِنْدَ ذَلِكَ إِلَى الَّذِي دَعَوْنَاهُمْ إِلَيْهِ

فَأَجَبْنَاهُمْ إِلَى مَا دَعَوْا وَ سَارَعْنَاهُمْ إِلَى مَا طَلَبُوا حَتَّى اسْتَبَانَتْ عَلَيْهِمُ الْحُجَّةُ وَ انْقَطَعَتْ مِنْهُمُ الْمَعْذِرَةُ فَمَنْ تَمَّ عَلَى ذَلِكَ مِنْهُمْ فَهُوَ الَّذِي أَنْقَذَهُ اللَّهُ مِنَ الْهَلَكَةِ وَ مَنْ لَجَّ وَ تَمَادَى فَهُوَ الرَّاكِسُ الَّذِي رَانَ اللَّهُ عَلَى قَلْبِهِ وَ صَارَتْ دَائِرَةُ السَّوْءِ عَلَى رَأْسِهِ.

## ٥٩ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى الأسود بن قطبة صاحب جند حلوان.*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّ الْوَالِيَ إِذَا اخْتَلَفَ هَوَاهُ مَنَعَهُ ذَلِكَ كَثِيراً مِنَ الْعَدْلِ فَلْيَكُنْ أَمْرُ النَّاسِ عِنْدَكَ فِي الْحَقِّ سَوَاءً فَإِنَّهُ لَيْسَ فِي الْجَوْرِ عِوَضٌ مِنَ الْعَدْلِ فَاجْتَنِبْ مَا تُنْكِرُ أَمْثَالَهُ وَ ابْتَذِلْ نَفْسَكَ فِيمَا افْتَرَضَ اللَّهُ عَلَيْكَ رَاجِياً ثَوَابَهُ وَ مُتَخَوِّفاً عِقَابَهُ.

وَ اعْلَمْ أَنَّ الدُّنْيَا دَارُ بَلِيَّةٍ لَمْ يَفْرُغْ صَاحِبُهَا فِيهَا قَطُّ سَاعَةً إِلَّا كَانَتْ فَرْغَتُهُ عَلَيْهِ حَسْرَةً يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَ أَنَّهُ لَنْ يُغْنِيَكَ عَنِ الْحَقِّ شَيْءٌ أَبَداً وَ مِنَ الْحَقِّ عَلَيْكَ حِفْظُ نَفْسِكَ وَ الِاحْتِسَابُ عَلَى الرَّعِيَّةِ بِجُهْدِكَ فَإِنَّ الَّذِي يَصِلُ إِلَيْكَ مِنْ ذَلِكَ أَفْضَلُ مِنَ الَّذِي يَصِلُ بِكَ وَ السَّلَامُ.

پوءِ اسان چيو: اڄو تہ اڄ فتني کي وسائڻ، ۽ عوام کي پُرسڪون ڪرڻ جي ذريعي ان مسئلي کي ٺيڪ ڪريون جيڪو حاصل نہ ٿيو آهي. تاڪ امرِ خلافت مضبوط ۽ متحد ٿئي. ۽ حق کي پنهنجي جاءِ تي رکڻ لاءِ طاقتور ٿيون. تہ انهن چيو: اسان انکي هٺ ڌرميءَ ذريعي ٺيڪ ڪنداسون، پوءِ انهن انڪار ڪيو تان جو جنگ پَر هنيا ۽ ڄمي بيٺي، ۽ ان جي باھ ڀڙڪي پئي، ۽ هوءُ گمسان جي صورت اختيار ڪري وئي. پوءِ جڏهن جنگ اسان کي ۽ انهن کي چيپاڻڻ شروع ڪيو، ۽ هن اسان ۾ ۽ انهن ۾ پنهنجا چنبا وِڌا، تہ ان وقت ان ڳالھ جي آڇ ڪيائون، جنهن ڏانهن اسان کين پهريائين سڏيو هو، پوءِ اسان سندن آڇ کي قبول ڪيو، ۽ اسان انهن کي سندن طلب ڏانهن تڪڙ ڪرائي، تان جو حجت مٿن پڌري ٿي وئي، ۽ انهن جو بهانو ختم ٿي ويو. پوءِ هاڻ اگر ڪو انهن مان ان عهد تي پورو رهندو تہ هو اهو آهي جنهن کي الله تعالیٰ هلاڪت کان بچايو آهي. ۽ جنهن ضد ڪيو ۽ ان تي ئي باقي رهيو تہ هو اُهو عهد شڪن آهي. جنهن جي دل تي الله ڪَٽ چاڙهي ڇڏي آهي، ۽ بڇڙائيءَ جو ڳٽ سندس ڳچيءَ ۾ پئجي ويو آهي.

## ۵۹_ امام عليه السلام جو خط، حلوان[١] لشڪر جي سردار اسود بن قطبہ ڏانهن

اما بعد: بيشڪ جڏهن والي جي خواهش مختلف ٿيندي تہ اِها کيس گهڻو ڪري انصاف ڪرڻ کان روڪيندي. بس حق ۾ سيني ماڻهن جو معاملو تو وٽ برابر هجڻ گهرجي. ڇا ڪاڻ تہ ظلم ۾ عدالتي عوض نہ هوندو آهي. ۽ ان ڪم ڪرڻ کان تون پرهيز ڪر جنهن جهڙي ڪمن کي تون ٻين کان ناپسند ڪرين ٿو. جيڪي ڪم الله تو تي فرض ڪيا آهن تن ۾ پنهنجي نفس کي مصروف رک ان جي ثواب جي اميد رکندي ۽ سندس عذاب کان ڊڄندي. ۽ تون ڄاڻ تہ بيشڪ دنيا آزمائش جو گهر آهي جنهن ۾ رهڻ وارو ڪا بہ گهڙي فارغ نہ رهيو مگر اها فراغت قيامت جي ڏينهن مٿس پشيماني بڻجي ويندي. ۽ يقيناً ڪا بہ شيءِ هرگز تو کي حق کان بي نياز نہ ڪندي، ۽ پنهنجي نفس جي حفاظت ڪرڻ، ۽ پنهنجي ڪوشش سان رعيت جي نظرداريءَ ڪرڻ تو تي حق آهي. بيشڪ جيڪو فائدو انهن جي ذريعي تو تائين پهچندو اهو ان فائدي کان پلو آهي، جيڪو تنهنجي ذريعي انهن تائين پهچي والسلام.

---

١: علائقي جو نالو.

## ٦٠ــ و من كتاب له عليه السلام

*إلى العمال الذين يطأ الجيش عملهم.*

مِنْ عَبْدِ اللَّهِ عَلِيٍّ أَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ إِلَى مَنْ مَرَّ بِهِ الْجَيْشُ مِنْ جُبَاةِ الْخَرَاجِ وَ عُمَّالِ الْبِلَادِ أَمَّا بَعْدُ: فَإِنِّي قَدْ سَيَّرْتُ جُنُوداً هِيَ مَارَّةٌ بِكُمْ إِنْ شَاءَ اللَّهُ وَ قَدْ أَوْصَيْتُهُمْ بِمَا يَجِبُ لِلَّهِ عَلَيْهِمْ مِنْ كَفِّ الْأَذَى وَ صَرْفِ الشَّذَا وَ أَنَا أَبْرَأُ إِلَيْكُمْ وَ إِلَى ذِمَّتِكُمْ مِنْ مَعَرَّةِ الْجَيْشِ إِلَّا مِنْ جَوْعَةِ الْمُضْطَرِّ لَا يَجِدُ عَنْهَا مَذْهَباً إِلَى شِبَعِهِ فَنَكِّلُوا مَنْ تَنَاوَلَ مِنْهُمْ شَيْئاً ظُلْماً عَنْ ظُلْمِهِمْ وَ كُفُّوا أَيْدِيَ سُفَهَائِكُمْ عَنْ مُضَارَّتِهِمْ وَ التَّعَرُّضِ لَهُمْ فِيمَا اسْتَثْنَيْنَاهُ مِنْهُمْ وَ أَنَا بَيْنَ أَظْهُرِ الْجَيْشِ فَارْفَعُوا إِلَيَّ مَظَالِمَكُمْ وَ مَا عَرَاكُمْ مِمَّا يَغْلِبُكُمْ مِنْ أَمْرِهِمْ وَ مَا لَا تُطِيقُونَ دَفْعَهُ إِلَّا بِاللَّهِ وَ بِي فَأَنَا أُغَيِّرُهُ بِمَعُونَةِ اللَّهِ إِنْ شَاءَ اللَّهُ.



## ٦١ــ و من كتاب له عليه السلام

*إلى كميل بن زياد النخعي و هو عامله على هيت، ينكر عليه تركه دفع من يجتاز به من جيش العدو طالبا الغارة.*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّ تَضْيِيعَ الْمَرْءِ مَا وُلِّيَ وَ تَكَلُّفَهُ مَا كُفِيَ لَعَجْزٌ حَاضِرٌ وَ رَأْيٌ مُتَبَّرٌ وَ إِنَّ تَعَاطِيَكَ الْغَارَةَ عَلَى أَهْلِ قِرْقِيسِيَا وَ تَعْطِيلَكَ مَسَالِحَكَ الَّتِي وَلَّيْنَاكَ لَيْسَ بِهَا مَنْ يَمْنَعُهَا.

## ٦٠_ امام عليه السلام جو خط، انهن عملدارن ڏانهن جن جا علائقا لشڪر جي رستي ۾ پوندا هئا

**الله جي ٻانهي علي اميرالمؤمنين عليه السلام جي طرفان انهن ڍل وٺندڙ ٽيپدارن ۽ شهرن جي عملدارن ڏانهن جن کان لشڪر گذرندو.**

اما بعد: بيشڪ مون هڪ لشڪر کي روانو ڪيو آهي، جيڪو الله جي مشيئت سان توهان کان گذرندو ۽ بيشڪ مون کين انهن ڳالهين جي وصيت ڪئي آهي جيڪي الله جي طرفان مٿن لازم آهن، جهڙوڪ: ايذائڻ کان رڪجڻ ۽ نقصان ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ، ۽ آءٌ توهان وٽ ۽ توهان جي اهلِ ذمہ وٽ لشڪر جي ايذائڻ کان لاتعلق آهيان. سواءِ ان بکايل مجبور جي جنهن وٽ انکان سواءِ ڍؤ لاءِ ڪو چارو نہ هجي. بس جيڪو ڏاڍائي سان انهن کان ڪا شيءِ ګسي تہ انکي سندس ظلم جي سزا ڏيو، ۽ پنهنجي اٻوجهن جي هٿن کي بہ انهن جي ايذائڻ کان روڪيو، جو ساڻن انهن ڪمن ۾ آڏو نہ اچن جن ۾ اسان کين ڇوٽ ڏني آهي، ۽ آءٌ لشڪر جي درميان ئي آهيان. بس پاڻ سان ٿيل انهن ناانصافين ۽ مشڪلاتين کي جيڪي انهن جي ڪمن جي ڪري توهان کي پيش آيون آهن، ۽ جن کي توهان هٽائي نٿا سگهو، سواءِ الله جي ۽ منهنجي ذريعي، تن کي مون تائين پهچايو، پوءِ آءٌ انهن کي الله تعالیٰ جي مدد سان تبديل ڪندس ان شاء الله.

## ٦١_ امام عليه السلام جو خط، ڪميل بن زياد نخعي ڏانهن



جڏهن تہ هو سندس طرفان "هيت" تي والي هيو. امام عليه السلام هن تي دشمن جي لشڪر کي ڇڏي ڏيڻ تي اعتراض ڪيو جيڪو ڪاهہ ڪرڻ لاءِ سندس علائقي کان گذريو.

اما بعد: ماڻهوءَ جو ان ڪم کي ضايع ڪرڻ جنهن ۾ سرپرست بڻايو ويو آهي، ۽ ان ڪم جي زحمت ڪرڻ جنهن جي ضرورت نہ هجي، هڪ پڌري ڪمزوري ۽ برباد ڪندڙ راءِ آهي. ۽ يقيناً تنهنجو قرقيسيا وارن تي حملي لاءِ ٺٽي پوڻ ۽ پنهنجي انهن سرحدن کي خالي ڇڏڻ جن جو اسان تو کي والي بڻايو هو جڏهن تہ اتي ڪو اهڙو ماڻهو ڪونهي جيڪو انهن جي حفاظت ڪري.

وَ لَا يَرُدُّ الْجَيْشَ عَنْهَا لَرَأْيٌ شَعَاعٌ فَقَدْ صِرْتَ جِسْراً لِمَنْ أَرَادَ الْغَارَةَ مِنْ أَعْدَائِكَ عَلَى أَوْلِيَائِكَ غَيْرَ شَدِيدِ الْمَنْكِبِ وَ لَا مَهِيبِ الْجَانِبِ وَ لَا سَادٍّ ثُغْرَةً وَ لَا كَاسِرٍ لِعَدُوٍّ شَوْكَةً وَ لَا مُغْنٍ عَنْ أَهْلِ مِصْرِهِ وَ لَا مُجْزٍ عَنْ أَمِيرِهِ.

## ٦٢ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى أهل مصر مع مالك الأشتر رحمه الله لما ولاه إمارتها.*

أَمَّا بَعْدُ فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ بَعَثَ مُحَمَّداً ص نَذِيراً لِلْعَالَمِينَ وَ مُهَيْمِناً عَلَى الْمُرْسَلِينَ فَلَمَّا مَضَى صلى الله عليه وآله ع تَنَازَعَ الْمُسْلِمُونَ الْأَمْرَ مِنْ بَعْدِهِ فَوَاللَّهِ مَا كَانَ يُلْقَى فِي رُوعِي وَ لَا يَخْطُرُ بِبَالِي أَنَّ الْعَرَبَ تُزْعِجُ هَذَا الْأَمْرَ مِنْ بَعْدِهِ صلى الله عليه وآله عَنْ أَهْلِ بَيْتِهِ وَ لَا أَنَّهُمْ مُنَحُّوهُ عَنِّي مِنْ بَعْدِهِ.

فَمَا رَاعَنِي إِلَّا انْثِيَالُ النَّاسِ عَلَى فُلَانٍ يُبَايِعُونَهُ فَأَمْسَكْتُ يَدِي حَتَّى رَأَيْتُ رَاجِعَةَ النَّاسِ قَدْ رَجَعَتْ عَنِ الْإِسْلَامِ يَدْعُونَ إِلَى مَحْقِ دَيْنِ مُحَمَّدٍ صلى الله عليه وآله.

فَخَشِيتُ إِنْ لَمْ أَنْصُرِ الْإِسْلَامَ وَ أَهْلَهُ أَنْ أَرَى فِيهِ ثَلْماً أَوْ هَدْماً تَكُونُ الْمُصِيبَةُ بِهِ عَلَيَّ أَعْظَمَ مِنْ فَوْتِ وِلَايَتِكُمُ الَّتِي إِنَّمَا هِيَ مَتَاعُ أَيَّامٍ قَلَائِلَ يَزُولُ مِنْهَا مَا كَانَ كَمَا يَزُولُ السَّرَابُ أَوْ كَمَا يَتَقَشَّعُ السَّحَابُ فَنَهَضْتُ فِي تِلْكَ الْأَحْدَاثِ حَتَّى زَاحَ الْبَاطِلُ وَ زَهَقَ وَ اطْمَأَنَّ الدِّينُ وَ تَنَهْنَهَ.

۽ نہ وري ڪو اھڙو آھي جيڪو لشڪر کي انھن کان پري ڪري ھڪ ڪمزور راءِ آھي. بس تون پُل ٻڌجي ويو آھين پنھنجي انھن دشمنن لاءِ جيڪي تنھنجي دوستن تي حملي جو ارادو رکن، نہ ٻانھن ۾ مضبوطي اتئي، ۽ نہ دشمن لاءِ رعب وارو آھين، ۽ نہ دشمن جي شان وشوڪت کي ٽوڙڻ وارو آھين. ۽ نہ پنھنجي شھرين کي بي نياز ڪندڙ آھين ۽ نہ امير طرفان ڪفايت ڪندڙ آھين.

**٦٢_ امام عليه‌السلام جو خط، مصر وارن ڏانھن مالڪ اشتر رحمه‌الله سان گڏ جڏھن ڪيس ان جو والي مقرر ڪيو**

اما بعد: بيشڪ الله سبحانہ حضرت محمد صلى‌الله‌عليه‌وآله کي سيني جھانن لاءِ ڊيڄاريندڙ ۽ سيني رسولن تي شاھد بڻائي موڪليو آھي. پوءِ جڏھن پاڻ _مٿس سلام ھجي_ ھليا ويا تہ مسلمانن ڪانئس پوءِ امرِ خلافت ۾ جھڳڙو ڪيو. بس الله جو قسم نہ منھنجي دل ۾ اھو خيال ھيو ۽ نہ منھنجي ذھن ۾ ان جو تصور ھيو تہ عرب پاڻ سڳورن صلى‌الله‌عليه‌وآله ڪانپوءِ ھن خلافت کي سندس اھل بيت عليهم‌السلام کان گسيندا، ۽ نہ وري اھو تہ اھي پاڻ سڳورن صلى‌الله‌عليه‌وآله ڪانپوءِ انکي مون کان پري ڪندا.

بس پوءِ مونکي ڪنھن بہ شيءِ اچرج ۾ نہ وڌو سواءِ ماڻھن جو فلاڻي تي سندس بيعت ڪرڻ لاءِ ٽُٽي پوڻ جي. پوءِ مون پاڻ کي روڪي ڇڏيو تان جو آءٌ ماڻھن کي موٽندي ڏٺو تہ اسلام کان موٽي رھيا آھن، ۽ حضرت محمد صلى‌الله‌عليه‌وآله جي دين کي مِٽائڻ جي دعوت ڏئي رھيا آھن.

پوءِ آءٌ ڊنس تہ اگر مون اسلام ۽ اسلام وارن جي مدد نہ ڪئي جڏھن تہ آءٌ ان ۾ ڏار ۽ بربادي ڏسي رھيو ھيس، تہ اھا منھنجي لاءِ توھان جي مٿان ان حڪومت جي خاتمي کان وڏي مصيبت ھئي جيڪا رڳو چند ڏينھن جو سرمايو آھي ۽ ان جي ھر شيءِ ختم ٿي ويندي آھي جيئن سراب ختم ٿي ويندو آھي يا جيئن ڪڪر لھي ويندا آھن. پوءِ آءٌ انھن واقعن ۾ اٿي بيٺس تان جو باطل ختم ٿي نابود ٿي ويو، ۽ دين محفوظ ۽ مستحڪم ٿي ويو.

وَ مِنْهُ: إِنِّي وَ اللَّهِ لَوْ لَقِيتُهُمْ وَاحِداً وَ هُمْ طِلَاعُ الْأَرْضِ كُلِّهَا مَا بَالَيْتُ وَ لَا اسْتَوْحَشْتُ وَ إِنِّي مِنْ ضَلَالِهِمُ الَّذِي هُمْ فِيهِ وَ الْهُدَى الَّذِي أَنَا عَلَيْهِ لَعَلَى بَصِيرَةٍ مِنْ نَفْسِي وَ يَقِينٍ مِنْ رَبِّي وَ إِنِّي إِلَى لِقَاءِ اللَّهِ لَمُشْتَاقٌ وَ حُسْنِ ثَوَابِهِ لَمُنْتَظِرٌ رَاجٍ وَ لَكِنَّنِي آسَى أَنْ يَلِيَ أَمْرَ هَذِهِ الْأُمَّةِ سُفَهَاؤُهَا وَ فُجَّارُهَا فَيَتَّخِذُوا مَالَ اللَّهِ دُوَلًا وَ عِبَادَهُ خَوَلًا وَ الصَّالِحِينَ حَرْباً وَ الْفَاسِقِينَ حِزْباً.

فَإِنَّ مِنْهُمُ الَّذِي قَدْ شَرِبَ فِيكُمُ الْحَرَامَ وَ جُلِدَ حَدّاً فِي الْإِسْلَامِ وَ إِنَّ مِنْهُمْ مَنْ لَمْ يُسْلِمْ حَتَّى رُضِخَتْ لَهُ عَلَى الْإِسْلَامِ الرَّضَائِخُ فَلَوْ لَا ذَلِكَ مَا أَكْثَرْتُ تَأْلِيبَكُمْ وَ تَأْنِيبَكُمْ وَ جَمْعَكُمْ وَ تَحْرِيضَكُمْ وَ لَتَرَكْتُكُمْ إِذْ أَبَيْتُمْ وَ وَنَيْتُمْ أَ لَا تَرَوْنَ إِلَى أَطْرَافِكُمْ قَدِ انْتَقَصَتْ وَ إِلَى أَمْصَارِكُمْ قَدِ افْتُتِحَتْ وَ إِلَى مَمَالِكِكُمْ تُزْوَى وَ إِلَى بِلَادِكُمْ تُغْزَى انْفِرُوا رَحِمَكُمُ اللَّهُ إِلَى قِتَالِ عَدُوِّكُمْ وَ لَا تَثَّاقَلُوا إِلَى الْأَرْضِ فَتُقِرُّوا بِالْخَسْفِ وَ تَبُوءُوا بِالذُّلِّ وَ يَكُونَ نَصِيبُكُمُ الْأَخَسَّ وَ إِنَّ أَخَا الْحَرْبِ الْأَرِقُ وَ مَنْ نَامَ لَمْ يُنَمْ عَنْهُ وَ السَّلَامِ.



## ٦٣ـ وَمِن كتاب لهُ عليه السلام

*إلى أبي موسى الأشعري و هو عامله على الكوفة، و قد بلغه عنه تثبيطه الناس عن الخروج إليه لما ندبهم لحرب أصحاب الجمل.*

مِنْ عَبْدِ اللَّهِ عَلِيٍّ أَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ إِلَى عَبْدِ اللَّهِ بْنِ قَيْسٍ أَمَّا بَعْدُ فَقَدْ بَلَغَنِي عَنْكَ قَوْلٌ هُوَ لَكَ وَ عَلَيْكَ.

**انهيءَ منجهان:** الله جو قسم اگر آءٌ انهن سان اڪيلو دوبدو ٿيان، جڏهن ته پوري زمين انهن سان ڀريل هجي، ته به آءٌ نه ڪا پرواهه ڪندس، ۽ نه اڪيلائپ محسوس ڪندس. ۽ هو جنهن گمراهيءَ ۾ آهن ۽ آءٌ جنهن هدايت تي آهيان، ان بابت پنهنجي نفس جي بصيرت ۽ پنهنجي پالڻهار جي طرفان يقين تي آهيان. ۽ بيشڪ آءٌ الله جي ملاقات جو مشتاق آهيان، ۽ سندس ڀلي ثواب جو انتظار ۽ اميد ڪندڙ آهيان. پر مونکي اهو ڏک آهي ته هن امت جا حڪمران سندن بيوقوف ۽ فاجر ماڻهو ٿيندا. بس پوءِ هو الله جي مال کي لُٽيندا ۽ سندس ٻانهن کي غلام بڻائيندا، ۽ نيڪوڪارن سان جنگ ڪندا، ۽ بدڪارن کي پنهنجو ٽولو بڻائيندا. بس پوءِ انهن مان ڪجهه اهڙا آهن جن توهان جي درميان حرام پيتو ۽ اسلام ۾ متن ڪوڙن جي حد جاري ڪئي وئي.

۽ بيشڪ انهن مان ڪجهه اهڙا آهن جيڪي ان وقت تائين مسلمان نه ٿيا تان جو اسلام ۾ انکي لبَ ۽ لوپ ڏنو ويو. ۽ اگر اها شيءِ نه هجي ها ته آءٌ توهان کي (جهاد لاءِ) گهڻو نه اياريان ها، ۽ نه ملامت ڪريان ها، ۽ نه توهان کي گڏ ڪريان ها، ۽ نه تشويق ڏياريان ها. ۽ پڪ سان توهان کي ڇڏي ڏيان ها، اگر توهان انڪار ڪريو ها ۽ ڪمزوري ڏيکاريو ها. ڇا توهان پنهنجي آس پاس ڏانهن نٿا ڏسو جيڪي گهٽجي ويا آهن. ۽ پنهنجي شهرن ڏانهن جيڪي فتح ڪيا ويا آهن. ۽ پنهنجي ملڪيتن ڏانهن جيڪي ڪسيون وجن ٿيون. ۽ پنهنجي علائقن ڏانهن جن تي حملا ڪيا وجن ٿا. الله توهان تي رحم ڪري پنهنجي دشمن سان جنگ ڪرڻ لاءِ نڪري پؤ. ۽ سُست ٿي زمين تي پئجي نه رهو، نه ته پستي ۾ پيا هوندؤ ۽ ذلت ڏانهن موٽي ويندؤ. ۽ توهان جو حصو پست شيءِ ٿيندي. ۽ جنگ جُو سجاڳ هوندو آهي، ۽ جيڪو ستو ته انکان غفلت نه ڪئي ويندي. والسلام



## ٦٣_ امام عليه السلام جو خط، ابوموسىٰ اشعري ڏانهن

**جڏهن ته هو سندس طرفان ڪوفي تي والي هيو، جڏهن امام عليه السلام کي سندس باري ۾ اها خبر پئي ته هو ماڻهن کي جنگ لاءِ وڃڻ کان روڪي ٿو جڏهن ته امام عليه السلام انهن کي جمل وارن سان وڙهڻ لاءِ سڏيو هو.**

الله جي ٻانهي علي اميرالمؤمنين عليه السلام جي طرفان عبدالله بن قيس ڏانهن. اما بعد: مون تائين تنهنجي هڪ ڳالهه پهتي آهي جيڪا تنهنجي فائدي ۾ به آهي ۽ نقصان ۾ به.

فَإِذَا قَدِمَ رَسُولِي عَلَيْكَ فَارْفَعْ ذَيْلَكَ وَ اشْدُدْ مِئْزَرَكَ وَ اخْرُجْ مِنْ جُحْرِكَ وَ انْدُبْ مَنْ مَعَكَ فَإِنْ حَقَّقْتَ فَانْفُذْ وَ إِنْ تَفَشَّلْتَ فَابْعُدْ وَ ايْمُ اللَّهِ لَتُؤْتَيَنَّ مِنْ حَيْثُ أَنْتَ وَ لَا تُتْرَكُ حَتَّى يُخْلَطَ زُبْدُكَ بِخَاثِرِكَ وَ ذَائِبُكَ بِجَامِدِكَ.

وَ حَتَّى تُعْجَلَ عَنْ قِعْدَتِكَ وَ تَحْذَرَ مِنْ أَمَامِكَ كَحَذَرِكَ مِنْ خَلْفِكَ وَ مَا هِيَ بِالْهُوَيْنَى الَّتِي تَرْجُو وَ لَكِنَّهَا الدَّاهِيَةُ الْكُبْرَى يُرْكَبُ جَمَلُهَا وَ يُذَلَّلُ صَعْبُهَا وَ يُسَهَّلُ جَبَلُهَا فَاعْقِلْ عَقْلَكَ وَ امْلِكْ أَمْرَكَ وَ خُذْ نَصِيبَكَ وَ حَظَّكَ فَإِنْ كَرِهْتَ فَتَنَحَّ إِلَى غَيْرِ رَحْبٍ وَ لَا فِي نَجَاةٍ فَبِالْحَرِيِّ لَتُكْفَيَنَّ وَ أَنْتَ نَائِمٌ حَتَّى لَا يُقَالَ أَيْنَ فُلَانٌ وَ اللَّهِ إِنَّهُ لَحَقٌّ مَعَ مُحِقٍّ وَ مَا أُبَالِي مَا صَنَعَ الْمُلْحِدُونَ وَ السَّلَامُ.

## ٦٤ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه‌السلام

*إلى معاوية جوابا.*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّا كُنَّا نَحْنُ وَ أَنْتُمْ عَلَى مَا ذَكَرْتَ مِنَ الْأُلْفَةِ وَ الْجَمَاعَةِ فَفَرَّقَ بَيْنَنَا وَ بَيْنَكُمْ أَمْسِ أَنَّا آمَنَّا وَ كَفَرْتُمْ وَ الْيَوْمَ أَنَّا اسْتَقَمْنَا وَ فُتِنْتُمْ وَ مَا أَسْلَمَ مُسْلِمُكُمْ إِلَّا كَرْهاً وَ بَعْدَ أَنْ كَانَ أَنْفُ الْإِسْلَامِ كُلُّهُ لِرَسُولِ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله حِزْباً.

وَ ذَكَرْتَ أَنِّي قَتَلْتُ طَلْحَةَ وَ الزُّبَيْرَ وَ شَرَّدْتُ بِعَائِشَةَ.

وَ نَزَلْتُ بَيْنَ الْمِصْرَيْنِ وَ ذَلِكَ أَمْرٌ غِبْتَ عَنْهُ فَلَا عَلَيْكَ وَ لَا الْعُذْرُ فِيهِ إِلَيْكَ.

بس جڏهن منهنجو قاصد تو وٽ پهچي ته وَر وجهه، ۽ پنهنجو سندرو ٻڌ، ۽ پنهنجي ڏر کان نڪر، ۽ جيڪي تو سان ڳڌ آهن انهن کي به سڏ، اگر تون حق سمجهين ٿو ته ان تي عمل ڪر، ۽ اگر تون ڊڄين ٿو ته هٽي وڃ. الله جو قسم تون جتي به آهين تو کي ضرور گهيري ۾ آندو ويندو. ۽ تو کي نه ڇڏيو ويندو تان جو تنهنجي مکڻ کي تنهنجي ڏوئنري سان، ۽ تنهنجي پگهريل کي تنهنجي جميل سان ملايو وڃي.

۽ تو کي ويهڻ جي به مهلت نه ڏني ويندي. ۽ تون پنهنجي اڳيان کان به ائين ڊڄندين جيئن پنهنجي پويان کان ڊڄندو آهين. ۽ جيئن تون توقع ڪرين ٿو هي ڪا آسان ڳالهه نه آهي، بلڪ هي هڪ وڏي مصيبت آهي جنهن جي اُٺ تي سوار ٽيڏو پوندو ۽ جنهن جي ڏکيائين کي آسان ڪرڻو پوندو ۽ جنهن جي جبل کي جهاڳڻو پوندو. بس پنهنجي عقل کان ڪم وٺ، ۽ پنهنجي ذميداري سنڀال، ۽ پنهنجو ڀاڱو ۽ حصو ڪڻ. پوءِ اگر تو کي اها پسند نه آهي ته پوءِ اوڏانهن ٿر جتي نه تنهنجي لاءِ عزت ۽ نه وري نجات آهي. بس پوءِ مناسب آهي جڏهن ته تون ننڊ ۾ آهين تو کي نظرانداز ڪري ڇڏيو وڃي. ايستائين جو اهو به نه چيو وڃي ته فلاڻو ڪٿي آهي، الله جو قسم بيشڪ حق جي امام سان ڳڏ اهو اقدام ڪرڻ حق آهي، ۽ بي دينن جيڪو ڪيو آهي مونکي ان جي ڪا پرواهه ڪانهي. والسلام

## ٦٤_ امام عليه السلام جو جوابي خط، معاويي ڏانهن

اما بعد: جيئن تو ذڪر ڪيو آهي ته بيشڪ اسان ۽ توهان الفت ۽ اتحاد سان هئاسين، پر پوءِ ڪالهه اسان ۽ توهان جي درميان جدائي واقع ٿي، جو اسان ايمان کي اختيار ڪيو ۽ توهان ڪفر کي اختيار ڪيو، ۽ اڄ اسان ثابت قدم آهيون ۽ توهان فتني ۾ پئجي ويا آهيو. ۽ توهان جي ڪنهن به مسلمان اسلام قبول نه ڪيو مگر مجبور ٿي ڪري، جڏهن ته عربن جا سب اشراف رسول الله ﷺ جو ٽولو ٻڻجي چڪا هئا. ۽ تو اهو ذڪر ڪيو آهي ته مون طلحه ۽ زبير کي قتل ڪيو آهي ۽ عائشه کي تڙي ڇڏيو آهي، ۽ ڪوفه ۽ بصره کي پنهنجو مرڪز قرار ڏنو آهي. اها اهڙي ڳالهه آهي جنهن ۾ تون نه هئين ۽ نه وري تو تي ڪو بار آهي. ۽ نه وري ان ۾ تو کان معذرت ڪرڻ جي ضرورت آهي.

وَ ذَكَرْتَ أَنَّكَ زَائِرِي فِي الْمُهَاجِرِينَ وَ الْأَنْصَارِ وَ قَدِ انْقَطَعَتِ الْهِجْرَةُ يَوْمَ أُسِرَ أَخُوكَ فَإِنْ كَانَ فِيهِ عَجَلٌ فَاسْتَرْفِهْ.

فَإِنِّي إِنْ أَزُرْكَ فَذَلِكَ جَدِيرٌ أَنْ يَكُونَ اللَّهُ إِنَّمَا بَعَثَنِي إِلَيْكَ لِلنِّقْمَةِ مِنْكَ وَ إِنْ تَزُرْنِي فَكَمَا قَالَ أَخُو بَنِي أَسَدٍ:

مُسْتَقْبِلِينَ رِيَاحَ الصَّيْفِ تَضْرِبُهُمْ

بِحَاصِبٍ بَيْنَ أَغْوَارٍ وَ جُلْمُودِ

وَ عِنْدِي السَّيْفُ الَّذِي أَعْضَضْتُهُ بِجَدِّكَ وَ خَالِكَ وَ أَخِيكَ فِي مَقَامٍ وَاحِدٍ وَ إِنَّكَ وَ اللَّهِ مَا عَلِمْتُ الْأَغْلَفُ الْقَلْبِ الْمُقَارِبُ الْعَقْلِ وَ الْأَوْلَى أَنْ يُقَالَ لَكَ إِنَّكَ رَقِيتَ سُلَّماً أَطْلَعَكَ مَطْلَعَ سُوءٍ عَلَيْكَ لَا لَكَ لِأَنَّكَ نَشَدْتَ غَيْرَ ضَالَّتِكَ وَ رَعَيْتَ غَيْرَ سَائِمَتِكَ وَ طَلَبْتَ أَمْراً لَسْتَ مِنْ أَهْلِهِ وَ لَا فِي مَعْدِنِهِ.



فَمَا أَبْعَدَ قَوْلَكَ مِنْ فِعْلِكَ وَ قَرِيبٌ مَا أَشْبَهْتَ مِنْ أَعْمَامٍ وَ أَخْوَالٍ حَمَلَتْهُمُ الشَّقَاوَةُ وَ تَمَنِّي الْبَاطِلِ عَلَى الْجُحُودِ بِمُحَمَّدٍ ﷺ فَصُرِعُوا مَصَارِعَهُمْ حَيْثُ عَلِمْتَ لَمْ يَدْفَعُوا عَظِيماً وَ لَمْ يَمْنَعُوا حَرِيماً بِوَقْعِ سُيُوفٍ مَا خَلَا مِنْهَا الْوَغَى وَ لَمْ تُمَاشِهَا الْهُوَيْنَى.

وَ قَدْ أَكْثَرْتَ فِي قَتَلَةِ عُثْمَانَ فَادْخُلْ فِيمَا دَخَلَ فِيهِ النَّاسُ ثُمَّ حَاكِمِ الْقَوْمَ إِلَيَّ أَحْمِلْكَ وَ إِيَّاهُمْ عَلَى كِتَابِ اللَّهِ تَعَالَى وَ أَمَّا تِلْكَ الَّتِي تُرِيدُ فَإِنَّهَا خُدْعَةُ الصَّبِيِّ عَنِ اللَّبَنِ فِي أَوَّلِ الْفِصَالِ وَ السَّلَامُ لِأَهْلِهِ.

۽ تو ذڪر ڪيو آهي تہ تون مهاجرن ۽ انصارن سان منهنجي ملڻ (مقابلي) لاءِ اچين ٿو. جڏهن تہ هجرت تنهنجي ڀاءُ جي قيد ٿيڻ واري ڏينهن ئي ختم ٿي وئي هئي. اگر تو کي انهي جي ايتري تڪڙ آهي تہ پوءِ ساهہ پٽي وٺ. بيشڪ اگر آءٌ تنهنجي دوبدو ٿيس تہ اهو وڌيڪ مناسب آهي جو الله تعالىٰ مونکي تو ڏانهن موڪلي جو تو کي سزا ڏيان. ۽ اگر تون منهنجي دوبدو ٿئين تہ ائين ٿيندو جيئن بني اسد جي هڪ ماڻهو چيو آهي:

**اُهـــي اونهـــاري جـــي انهـــن جهـــولن جـــو مقـــابلو ڪـــن ٿـــا**
**جيڪـــي ڏوڙ، دز ۽ پٿـــرين ســـان گـــڏ انهـــن کـــي لڳـــن ٿـــا**

۽ مون وٽ اُها تلوار آهي جنهن سان مون تنهنجي ناني، مامي ۽ ڀاءُ کي هڪ ئي جڳهہ تي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو. ۽ الله جو قسم جيترو آءٌ ڄاڻان ٿو تون پردي پيل دل ۽ گهٽ عقل وارو آهين. تنهنجي باري ۾ اهو چوڻ بهتر آهي تہ بيشڪ تون هڪ اهڙيءَ ڏاڪڻ تي چڙهي ويو آهين جنهن تو کي اهڙو بڇڙو ڏيک ڏيکاريو آهي جيڪو تنهنجي نقصان ۾ آهي نہ کي تنهنجي فائدي ۾. ڇا ڪاڻ تہ تون ٻئي جي گم ٿيل شيءِ جي ڳولها ۾ آهين، ۽ تو پراوا ڌور چاريا آهن. ۽ تون اهڙي مقام کي طلبيو آهي جنهن جو تون اهل نہ آهين ۽ نہ ان جي بنيادي ماڻهن مان آهين. بس تنهنجو قول تنهنجي فعل کان ڪيڏو نہ پري آهي. ۽ تنهنجي پنهنجي چاچن ۽ مامن سان شباهت ڪيڏي نہ ويجهي آهي. جن کي بدبختيءَ ۽ باطل جي تمنىٰ محمد ﷺ جي انڪار تي اڀاريو، پوءِ اهي مقابلي جي ميدان پنهنجيءَ ملهہ ماريا ويا تنهن کي تون ڄاڻين ٿو. جو اُهي مصيبت کي ٽاري نہ سگهيا، ۽ نہ پنهنجي حريم کي بچائي سگهيا، انهن تلوارن جي وار کان جن کان نہ جنگ خالي هوندي آهي ۽ نہ انهن سان سولائي ساڻ هوندي آهي.

۽ تو عثمان جي قاتلن بابت گهڻو ذڪر ڪيو آهي، بس ان اطاعت ۾ داخل ٿي جنهن ۾ ٻيا سڀ ماڻهو داخل ٿيا آهن، پوءِ مون وٽ انهن ماڻهن جو فيصلو ڪراءِ، آءٌ تنهنجو ۽ انهن جو الله تعالىٰ جي ڪتاب مطابق فيصلو ڪندس. باقي اُها شيءِ جيڪا تون چاهين ٿو اهڙو ڌوڪو آهي جيڪو ٻار کي ٿڃ ڇڏائڻ جي شروع ۾ ڏنو ويندو آهي.

سلام هجي ان تي جيڪو ان جو حقدار آهي.

# ٦٥- و من كتاب له عليه السلام

*إليه أيضا.*

أَمَّا بَعْدُ: فَقَدْ آنَ لَكَ أَنْ تَنْتَفِعَ بِاللَّمْحِ الْبَاصِرِ مِنْ عِيَانِ الْأُمُورِ فَقَدْ سَلَكْتَ مَدَارِجَ أَسْلَافِكَ بِادِّعَائِكَ الْأَبَاطِيلَ وَ اقْتِحَامِكَ غُرُورَ الْمَيْنِ وَ الْأَكَاذِيبِ وَ بِانْتِحَالِكَ مَا قَدْ عَلَا عَنْكَ وَ ابْتِزَازِكَ لِمَا قَدِ اخْتُزِنَ دُونَكَ فِرَاراً مِنَ الْحَقِّ وَ جُحُوداً لِمَا هُوَ أَلْزَمُ لَكَ مِنْ لَحْمِكَ وَ دَمِكَ مِمَّا قَدْ وَعَاهُ سَمْعُكَ وَ مُلِئَ بِهِ صَدْرُكَ فَمَا ذَا بَعْدَ الْحَقِّ إِلَّا الضَّلَالُ الْمُبِينُ وَ بَعْدَ الْبَيَانِ إِلَّا اللَّبْسُ.

فَاحْذَرِ الشُّبْهَةَ وَ اشْتِمَالَهَا عَلَى لُبْسَتِهَا فَإِنَّ الْفِتْنَةَ طَالَمَا أَغْدَفَتْ جَلَابِيبَهَا وَ أَغْشَتِ الْأَبْصَارَ ظُلْمَتُهَا وَ قَدْ أَتَانِي كِتَابٌ مِنْكَ ذُو أَفَانِينَ مِنَ الْقَوْلِ ضَعُفَتْ قُوَاهَا عَنِ السِّلْمِ وَ أَسَاطِيرَ لَمْ يَحُكْهَا مِنْكَ عِلْمٌ وَ لَا حِلْمٌ أَصْبَحْتَ مِنْهَا كَالْخَائِضِ فِي الدَّهَاسِ وَ الْخَابِطِ فِي الدِّيمَاسِ وَ تَرَقَّيْتَ إِلَى مَرْقَبَةٍ بَعِيدَةِ الْمَرَامِ نَازِحَةِ الْأَعْلَامِ تَقْصُرُ دُونَهَا الْأَنُوقُ وَ يُحَاذَى بِهَا الْعَيُّوقُ.



وَ حَاشَ لِلَّهِ أَنْ تَلِيَ لِلْمُسْلِمِينَ بَعْدِي صَدَراً أَوْ وِرْداً أَوْ أُجْرِيَ لَكَ عَلَى أَحَدٍ مِنْهُمْ عَقْداً أَوْ عَهْداً فَمِنَ الْآنَ فَتَدَارَكْ نَفْسَكَ وَ انْظُرْ لَهَا فَإِنَّكَ إِنْ فَرَّطْتَ حَتَّى يَنْهَدَ إِلَيْكَ عِبَادُ اللَّهِ أُرْتِجَتْ عَلَيْكَ الْأُمُورُ وَ مُنِعْتَ أَمْراً هُوَ مِنْكَ الْيَوْمَ مَقْبُولٌ وَ السَّلَام.

## ٦٥_ امام عليه السلام جو هي خط، انهي (معاويي) ڏانهن ئي آهي

اما بعد: بيشڪ تنهنجي لاءِ وقت اچي ويو آهي جو تون حالات جي مشاهدي ڪرڻ ڪانپوءِ پڌري حقيقت کان فائدو ماڻين. بيشڪ تون ڪوڙين دعوائن ڪرڻ، ڪوڙ ۽ تهمت جي ڏوڪن ۾ پوڻ، ۽ پاڻ کان مٿاهين شين کي قبائڻ، ۽ ٻين لاءِ گڏ ڪيل شين کي کسڻ ۾ پنهنجي وڏڙن جي نقشِ قدم تي هلي پيو آهين. حق کان ڀڄندي، ۽ انهن شين کان انڪار ڪندي جيڪي تنهنجي گوشت ۽ رت کان به وڌيڪ تو سان چنبڙيل آهن، ۽ جن کي تنهنجي ڪنن محفوظ ڪري ڇڏيو آهي ۽ تنهنجي سيني سانديي رکيو آهي.

بس حق کان علاوه رڳو پڌري گمراهي آهي ۽ چٽي بيان کان علاوه فقط مونجهارو آهي. بس شبهي ۽ شبهي تي مشتمل شيءِ کان بچ، ڇا ڪاڻ ته فتني ڪافي وقت کان پنهنجي دامن کي پکيڙي ڇڏيو آهي، ۽ ان جي اونداهيءَ اکين کي خيرو ڪري ڇڏيو آهي. ۽ بيشڪ مون تائين تنهنجي طرفان بي تُڪين ڳالهين وارو خط پهتو آهي، جن ۾ صلح ڪرائڻ جو دم نه آهي. ۽ اهڙي بڪواس آهن جو علم ۽ ڏاهپ انهن جي ترجماني نٿا ڪن. تون انهن ۾ ائين ٿي ويو آهين جيئن ڏُٻڻ ۾ ڦاسڻ وارو ۽ اونداهي ۾ رُلڻ وارو. ۽ تون اهڙيءَ بلنديءَ تي چڙهڻ چاهين ٿو جيڪا پهچڻ کان پري ۽ ڏسڻ کان ايترو ڏور آهي جو عقاب به پهچڻ کان قاصر آهن، ۽ عيوق تاري جي برابر آهي. الله جي پناهه جو تون مونکان پوءِ مسلمانن جي سيني امور جو والي ٿئين يا تنهنجي لاءِ انهن مان ڪنهن تي به حڪومت ڪرڻ جو پروانو يا معاهدو جاري ڪيو وڃي.

بس هاڻي کان ئي پنهنجي نفس جي پوئواري ۽ ان جي سنڀال ڪر، ۽ اگر تون ڪوتاهي ڪندو رهين تان جو الله جا ٻانها تو سان مقابلي لاءِ اٿي پيا ته پوءِ تو تي سڀ راهون بند ڪيون وينديون. ۽ ان صورت کان روڪيو ويندين جيڪا اڄ تنهنجي طرفان قبول ڪري سگهجي ٿي. والسلام

## ٦٦ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى عبد الله بن العباس و قد تقدم ذكره بخلاف هذه الرواية.*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّ الْمَرْءَ لَيَفْرَحُ بِالشَّيْءِ الَّذِي لَمْ يَكُنْ لِيَفُوتَهُ وَ يَحْزَنُ عَلَى الشَّيْءِ الَّذِي لَمْ يَكُنْ لِيُصِيبَهُ فَلَا يَكُنْ أَفْضَلَ مَا نِلْتَ فِي نَفْسِكَ مِنْ دُنْيَاكَ بُلُوغُ لَذَّةٍ أَوْ شِفَاءُ غَيْظٍ وَ لَكِنْ إِطْفَاءُ بَاطِلٍ أَوْ إِحْيَاءُ حَقٍّ وَ لْيَكُنْ سُرُورُكَ بِمَا قَدَّمْتَ وَ أَسَفُكَ عَلَى مَا خَلَّفْتَ وَ هَمُّكَ فِيمَا بَعْدَ الْمَوْت.

## ٦٧ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى قثم بن العباس و هو عامله على مكة.*

أَمَّا بَعْدُ: فَأَقِمْ لِلنَّاسِ الْحَجَّ وَ ذَكِّرْهُمْ بِأَيَّامِ اللَّهِ وَ اجْلِسْ لَهُمُ الْعَصْرَيْنِ فَأَفْتِ الْمُسْتَفْتِيَ وَ عَلِّمِ الْجَاهِلَ وَ ذَاكِرِ الْعَالِمَ وَ لَا يَكُنْ لَكَ إِلَى النَّاسِ سَفِيرٌ إِلَّا لِسَانُكَ وَ لَا حَاجِبٌ إِلَّا وَجْهُكَ وَ لَا تَحْجُبَنَّ ذَا حَاجَةٍ عَنْ لِقَائِكَ بِهَا فَإِنَّهَا إِنْ ذِيدَتْ عَنْ أَبْوَابِكَ فِي أَوَّلِ وِرْدِهَا لَمْ تُحْمَدْ فِيمَا بَعْدُ عَلَى قَضَائِهَا وَ انْظُرْ إِلَى مَا اجْتَمَعَ عِنْدَكَ مِنْ مَالِ اللَّهِ فَاصْرِفْهُ إِلَى مَنْ قِبَلَكَ مِنْ ذَوِي الْعِيَالِ وَ الْمَجَاعَةِ مُصِيباً بِهِ مَوَاضِعَ الْفَاقَةِ وَ الْخَلَّاتِ وَ مَا فَضَلَ عَنْ ذَلِكَ فَاحْمِلْهُ إِلَيْنَا لِنَقْسِمَهُ فِيمَنْ قِبَلَنَا وَ مُرْ أَهْلَ مَكَّةَ أَلَّا يَأْخُذُوا مِنْ سَاكِنٍ أَجْراً فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ يَقُولُ ﴿سَواءً الْعاكِفُ فِيهِ وَ الْبادِ﴾[١] فَالْعَاكِفُ الْمُقِيمُ بِهِ وَ الْبَادِي الَّذِي يَحُجُّ إِلَيْهِ مِنْ غَيْرِ أَهْلِهِ وَفَّقَنَا اللَّهُ وَ إِيَّاكُمْ لِمَحَابِّهِ وَ السَّلَام.

١: الحج: الآية: ٢٥.

## ٦٦_ امام عليه السلام جو خط، عبدالله بن عباس ڏانهن

**جڏهن ته هنجو ذکر هن روايت کان ڪجهه مختلف گذري چڪو آهي.**

اما بعد: بيشڪ ماڻهو ان شيءِ جي باري ۾ خوش ٿيندو آهي جيڪا ان کان رهجي وڃڻ واري نه هوندي آهي. ۽ ان شيءِ جي لاءِ غمگين ٿيندو آهي جيڪا ان تائين پهچڻ واري نه هوندي آهي. بس تون پنهنجي دنيا مان لذت جي حصول يا جذبه انتقام وارين جن شين کي حاصل ڪيو اهي افضل نه آهن. پر باطل کي مٽائڻ ۽ حق کي زنده ڪرڻ افضل آهي. ۽ تنهنجي خوشي ان ۾ هجڻ گهرجي جيڪو تو اڳتي موڪليو آهي. ۽ تنهنجو ڏُک ان ۾ هجڻ گهرجي جيڪو تو پوئتي ڇڏيو آهي. ۽ تنهنجو فڪر موت کان بعد وارين شين ۾ هجڻ گهرجي.

## ٦٧_ امام عليه السلام جو خط، قثم بن عباس ڏانهن جڏهن ته هو سندس طرفان مڪي تي والي هيو

اما بعد: ماڻهن سان گڏ حج ڪر، ۽ ڪين الله جي ڏينهن جي ياد ڏيار، ۽ انهن لاءِ صبح ۽ سانجهيءَ جو وَيهه. ۽ فتوىٰ پڇندڙن کي فتوىٰ ڏي ۽ جاهل کي علم سيکار ۽ عالم سان مباحثو ڪر. ۽ تنهنجي طرفان ماڻهن لاءِ ڪو ايلچي نه هجي سواءِ تنهنجي زبان جي، ۽ نه ڪو دربان هجي سواءِ تنهنجي چهري جي. ۽ ڪنهن ضروتمند کي پنهنجي ضرورت پيش ڪرڻ کان نه روڪجانءِ، ڇا ڪاڻ ته اگر پهرين پيري ضرورت کي تنهنجي دروازن کان پري ڪيو ويو ته بعد ۾ انکي پوري ڪرڻ سان ان تي تعريف نه ڪئي ويندي. ۽ الله جي مال مان جيڪو تو وٽ گڏ ٿئي ان تي نظرداري ڪر، ۽ انکي پاڻ وٽ موجود عيالدار ۽ بُکايل ماڻهن تي اهڙيءَ طرح خرچ ڪر جو انکي فاقه ڪشي ۽ ضرورت وارين جاين تائين پهچائين. ۽ انکان جيڪو بچي پوي انکي اسان ڏي ڪٽاءِ ته جيئن اسان پاڻ وٽ موجود ماڻهن ۾ تقسيم ڪريون. ۽ تون مڪي وارن کي حڪم ڏي ته رهڻ واري کان ڪرايو نه وٺن. بيشڪ الله تعالىٰ فرمايو آهي "ان ۾ عاڪف ۽ باد برابر آهن[١]" عاڪف اُتي جو رهاڪو آهي ۽ بادي اهو آهي جيڪو ڌاريو اتي حج لاءِ اچي. ۽ الله تعالىٰ اسانکي ۽ توهان کي پنهنجي پسنديده ڪمن جي توفيق عطا فرمائي. والسلام



---

١: الحج: آيت: ٢٥.

## ٦٨ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى سلمان الفارسي رحمه الله قبل أيام خلافته.*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّمَا مَثَلُ الدُّنْيَا مَثَلُ الْحَيَّةِ لَيِّنٌ مَسُّهَا قَاتِلٌ سَمُّهَا فَأَعْرِضْ عَمَّا يُعْجِبُكَ فِيهَا لِقِلَّةِ مَا يَصْحَبُكَ مِنْهَا وَ ضَعْ عَنْكَ هُمُومَهَا لِمَا أَيْقَنْتَ بِهِ مِنْ فِرَاقِهَا وَ تَصَرُّفِ حَالاتِهَا وَ كُنْ آنَسَ مَا تَكُونُ بِهَا أَحْذَرَ مَا تَكُونُ مِنْهَا فَإِنَّ صَاحِبَهَا كُلَّمَا اطْمَأَنَّ فِيهَا إِلَى سُرُورٍ أَشْخَصَتْهُ عَنْهُ إِلَى مَحْذُورٍ أَوْ إِلَى إِينَاسٍ أَزَالَتْهُ عَنْهُ إِلَى إِيحَاشٍ وَ السَّلَام.

## ٦٩ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى الحارث الهمذاني.*

وَ تَمَسَّكْ بِحَبْلِ الْقُرْآنِ وَ اسْتَنْصِحْهُ وَ أَحِلَّ حَلَالَهُ وَ حَرِّمْ حَرَامَهُ وَ صَدِّقْ بِمَا سَلَفَ مِنَ الْحَقِّ وَ اعْتَبِرْ بِمَا مَضَى مِنَ الدُّنْيَا لِمَا بَقِيَ مِنْهَا فَإِنَّ بَعْضَهَا يُشْبِهُ بَعْضاً وَ آخِرَهَا لَاحِقٌ بِأَوَّلِهَا وَ كُلُّهَا حَائِلٌ مُفَارِقٌ وَ عَظِّمِ اسْمَ اللَّهِ أَنْ تَذْكُرَهُ إِلَّا عَلَى حَقٍّ وَ أَكْثِرْ ذِكْرَ الْمَوْتِ وَ مَا بَعْدَ الْمَوْتِ وَ لَا تَتَمَنَّ الْمَوْتَ إِلَّا بِشَرْطٍ وَثِيقٍ وَ احْذَرْ كُلَّ عَمَلٍ يَرْضَاهُ صَاحِبُهُ لِنَفْسِهِ وَ يُكْرَهُ لِعَامَّةِ الْمُسْلِمِينَ وَ احْذَرْ كُلَّ عَمَلٍ يُعْمَلُ بِهِ فِي السِّرِّ وَ يُسْتَحَى مِنْهُ فِي الْعَلَانِيَةِ وَ احْذَرْ كُلَّ عَمَلٍ إِذَا سُئِلَ عَنْهُ صَاحِبُهُ أَنْكَرَهُ أَوِ اعْتَذَرَ مِنْهُ وَ لَا تَجْعَلْ عِرْضَكَ غَرَضاً لِنِبَالِ الْقَوْلِ وَ لَا تُحَدِّثِ النَّاسَ بِكُلِّ مَا سَمِعْتَ بِهِ فَكَفَى بِذَلِكَ كَذِباً.

## ٦٨_ امام عليه السلام جو خط، سلمان فارسي رضي الله عنه ڏانهن پنهنجي خلافت کان اڳ وارن ڏهاڙن ۾

اما بعد: بس دنيا جو مثال تہ نانگ وانگر آهي، جنهن جو ڇهڻ نرم ۽ جنهن جي زهر قاتل آهي. بس ان ۾ جيڪي شيون تو کي عُجب ۾ وجهن تن کان مُنهن موڙ، ڇا ڪاڻ تہ ان مان ٿوريون شيون تو سان گڏ هلنديون. ۽ دنيا جي ڳڻتيءَ کي ڇڏي ڏي ڇا ڪاڻ تہ تون ان جي وڇوڙي ۽ ان جي حالات جي بدلجڻ جو يقين رکين ٿو. ۽ جڏهن تون ان سان گهڻو مانوس ٿئين تہ انکان گهڻو ڊڄ. ڇا ڪاڻ تہ جڏهن بہ دنيا وارو ان جي خوشيءَ ۾ مطمئن ٿئي ٿو تہ هؤ کيس انکان ڏکيائي ڏانهن منتقل ڪري ڇڏي ٿي. يا جڏهن بہ هو ان سان مانوس ٿئي ٿو تہ هؤ کيس انکان گهبراهٽ ڏانهن ڦيرائي ڇڏي ٿي. والسلام

## ٦٩_ امام عليه السلام جو خط، حارث همذاني ڏانهن

۽ قرآن جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان وٺ، ۽ ان مان نصيحت پِراءِ، ۽ ان جي حلال کي حلال ۽ ان جي حرام کي حرام قرار ڏي. ۽ جيڪي حق جون ڳالهيون گذريون تن جي تصديق ڪر، ۽ گذريل دنيا مان باقي دنيا لاءِ عبرت حاصل ڪر، ڇا ڪاڻ تہ ان جو ڪجھ حصو سندس ٻئي حصي سان شباهت رکندو آهي. ۽ ان جو آخر ان جي اول سان ملڻ وارو آهي، ۽ ان جو سڀ ڪجھ ختم ٿيڻ ۽ جدا ٿيڻ وارو آهي. ۽ الله جي نالي کي وڏو سمجھ جو ان جو قسم کڻين سواءِ حق جي، ۽ موت ۽ موت کانپوءِ جي حالات کي گهڻو ياد ڪر، ۽ هر گز موت جي تمنا نہ ڪر مگر پختي شرط سان. ۽ هر ان ڪم کان بچ جنهن کي ڪرڻ وارو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ۽ عام مسلمانن لاءِ انکي ناپسند ڪري. ۽ هر ان ڪم کان بچ جنهن کي لِڪ ۾ انجام ڏنو وڃي ۽ ظاهر ۾ انکان لڄ ڪئي وڃي. ۽ هر ان ڪم کان بچ جو جڏهن ان جي ڪندڙ کان ان بابت پڇيو وڃي تہ هو ان جو انڪار ڪري يا ان کان معذرت ڪري. ۽ پنهنجي آبرو کي ڳالهين جي تيرن جو نشانو نہ بڻاءِ. ۽ هر ڳالھ جيڪا تون ٻڌين انکي ماڻهن سان بيان نہ ڪر جو ڪوڙ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي.

وَ لَا تَرُدَّ عَلَى النَّاسِ كُلَّ مَا حَدَّثُوكَ بِهِ فَكَفَى بِذَلِكَ جَهْلًا وَ اكْظِمِ الْغَيْظَ وَ تَجَاوَزْ عِنْدَ الْمَقْدَرَةِ وَ احْلُمْ عِنْدَ الْغَضَبِ وَ اصْفَحْ مَعَ الدَّوْلَةِ تَكُنْ لَكَ الْعَاقِبَةُ وَ اسْتَصْلِحْ كُلَّ نِعْمَةٍ أَنْعَمَهَا اللَّهُ عَلَيْكَ وَ لَا تُضَيِّعَنَّ نِعْمَةً مِنْ نِعَمِ اللَّهِ عِنْدَكَ وَ لْيُرَ عَلَيْكَ أَثَرُ مَا أَنْعَمَ اللَّهُ بِهِ عَلَيْكَ وَ اعْلَمْ أَنَّ أَفْضَلَ الْمُؤْمِنِينَ أَفْضَلُهُمْ تَقْدِمَةً مِنْ نَفْسِهِ وَ أَهْلِهِ وَ مَالِهِ فَإِنَّكَ مَا تُقَدِّمْ مِنْ خَيْرٍ يَبْقَ لَكَ ذُخْرُهُ وَ مَا تُؤَخِّرْهُ يَكُنْ لِغَيْرِكَ خَيْرُهُ وَ احْذَرْ صَحَابَةَ مَنْ يَفِيلُ رَأْيُهُ وَ يُنْكَرُ عَمَلُهُ فَإِنَّ الصَّاحِبَ مُعْتَبَرٌ بِصَاحِبِهِ وَ اسْكُنِ الْأَمْصَارَ الْعِظَامَ فَإِنَّهَا جِمَاعُ الْمُسْلِمِينَ.

وَ احْذَرْ مَنَازِلَ الْغَفْلَةِ وَ الْجَفَاءِ وَ قِلَّةَ الْأَعْوَانِ عَلَى طَاعَةِ اللَّهِ وَ اقْصُرْ رَأْيَكَ عَلَى مَا يَعْنِيكَ وَ إِيَّاكَ وَ مَقَاعِدَ الْأَسْوَاقِ فَإِنَّهَا مَحَاضِرُ الشَّيْطَانِ وَ مَعَارِيضُ الْفِتَنِ وَ أَكْثِرْ أَنْ تَنْظُرَ إِلَى مَنْ فُضِّلْتَ عَلَيْهِ فَإِنَّ ذَلِكَ مِنْ أَبْوَابِ الشُّكْرِ وَ لَا تُسَافِرْ فِي يَوْمِ جُمُعَةٍ حَتَّى تَشْهَدَ الصَّلَاةَ إِلَّا فَاصِلًا فِي سَبِيلِ اللَّهِ أَوْ فِي أَمْرٍ تُعْذَرُ بِهِ وَ أَطِعِ اللَّهَ فِي جَمِيعِ أُمُورِكَ فَإِنَّ طَاعَةَ اللَّهِ فَاضِلَةٌ عَلَى مَا سِوَاهَا وَ خَادِعْ نَفْسَكَ فِي الْعِبَادَةِ وَ ارْفُقْ بِهَا وَ لَا تَقْهَرْهَا وَ خُذْ عَفْوَهَا وَ نَشَاطَهَا إِلَّا مَا كَانَ مَكْتُوباً عَلَيْكَ مِنَ الْفَرِيضَةِ فَإِنَّهُ لَا بُدَّ مِنْ قَضَائِهَا وَ تَعَاهُدِهَا عِنْدَ مَحَلِّهَا وَ إِيَّاكَ أَنْ يَنْزِلَ بِكَ الْمَوْتُ وَ أَنْتَ آبِقٌ مِنْ رَبِّكَ فِي طَلَبِ الدُّنْيَا وَ إِيَّاكَ وَ مُصَاحَبَةَ الْفُسَّاقِ فَإِنَّ الشَّرَّ بِالشَّرِّ مُلْحَقٌ وَ وَقِّرِ اللَّهَ وَ أَحْبِبْ أَحِبَّاءَهُ وَ احْذَرِ الْغَضَبَ فَإِنَّهُ جُنْدٌ عَظِيمٌ مِنْ جُنُودِ إِبْلِيسَ وَ السَّلَام.

۽ ماڻهن کي هر ان ڳالهہ ۾ جيڪا تو سان ڪن نہ نڪراءِ جو جهالت لاءِ اهو ئي ڪافي آهي. ۽ غصي کي پيءَ ڇڏ ۽ قدرت وقت درگذر ڪر، ۽ ڪاوڙ وقت بُردبار ٿي، ۽ حڪومت رکندي معاف ڪر تہ جيئن تنهنجي پڇاڙي سُٺي ٿئي. ۽ هر ان نعمت مان جيڪا الله تو کي عطا ڪئي آهي ڀلائيءَ کي حاصل ڪر، ۽ پاڻ وٽ موجود الله جي نعمتن مان ڪنهن بہ نعمت کي هرگز ضايع نہ ڪر. ۽ جيڪي نعمتون الله تو کي ڏنيون آهن تن جو اثر تو تي ڏٺو وڃي. ۽ تون ڄاڻ تہ بيشڪ مؤمنن مان وڌيڪ ڀلو اُهو آهي جيڪو پنهنجي جان، مال ۽ اهل کي پيش ڪرڻ ۾ انهن کان اڳيرو هجي. ڇا ڪاڻ تہ جيڪو خير تون پيش ڪندين تہ ان جو ذخيرو تنهنجي لاءِ باقي رهندو. ۽ جنهن خير (مال) کي تون پوئتي ڇڏي ويندين تہ ان جو خير ٻئي جي لاءِ ٿي ويندو. ۽ ان ماڻهو جي صحبت کان بچ جنهن جي راءِ ڪمزور ۽ جنهن جو عمل بڇڙو هجي. بيشڪ ساٿيءَ جي ساٿيءَ سان ئي ڀيٽ ڪئي ويندي آهي. ۽ وڏن شهرن ۾ رهہ، بيشڪ اُهي مسلمانن جا مرڪز هوندا آهن.

۽ غافل ڪندڙ، ۽ غير مهذب جاين ۽ الله تعالىٰ جي اطاعت تي مددگارن جي ٿورائي ڪان بچ. ۽ پنهنجي راءِ کي پنهنجي مقصد وارين ڳالهين تائين محدود رک، ۽ بازاري ويهڪن کان بچ، ڇا ڪاڻ تہ اُهي شيطان جي حاضر ٿيڻ ۽ فتنن جا ماڳ آهن ۽ پاڻ کان گهٽ حيثيت وارن ڏانهن گهڻو ڏِس، بيشڪ اهو شڪر جي دروازن مان آهي. ۽ جمعي جي ڏينهن سفر نہ ڪر تان جو نماز ۾ حاضر ٿئين سواءِ الله جي راهہ ۾ جهاد لاءِ نڪرڻ يا اهڙي ڪم لاءِ جنهن ۾ تو کي معذور سمجهيو وڃي. ۽ پنهنجي سيني ڪمن ۾ الله جي اطاعت ڪر، بيشڪ الله جي اطاعت ٻين شين کان افضل آهي، ۽ عبادت ڪرڻ لاءِ پنهنجي نفس سان بهانا ڪر، ۽ ان سان نرمي ڪر ۽ ان سان سختي نہ ڪر، ۽ ان جي فراغت ۽ خوشيءَ جي وقت انکي عبادت ڪراءِ، مگر جيڪو فرض تو تي لکيل آهي ان کي وقت سر ضرور پابنديءَ سان انجام ڏي. ان کان بچ جو موت تو وٽ ان وقت اچي جڏهن تون دنيا جي طلب ۾ پنهنجي ربّ کان فرار ٿيل هجين. ۽ فاسقن جي صحبت کان بچ، ڇا ڪاڻ تہ شر، شر سان مليل هوندو آهي، ۽ الله جي تعظيم ڪر، ۽ ان جي محبن سان محبت ڪر، ۽ ڪاوڙ ڪرڻ کان بچ. بيشڪ اها ابليس جي لشڪرن مان هڪ وڏو لشڪر آهي. والسلام

## ٧٠- و من كتاب له عليه‌السلام

*إلى سهل بن حنيف الأنصاري و هو عامله على المدينة في معنى قوم من أهلها لحقوا بمعاوية.*

أَمَّا بَعْدُ: فَقَدْ بَلَغَنِي أَنَّ رِجَالًا مِمَّنْ قِبَلَكَ يَتَسَلَّلُونَ إِلَى مُعَاوِيَةَ فَلَا تَأْسَفْ عَلَى مَا يَفُوتُكَ مِنْ عَدَدِهِمْ وَ يَذْهَبُ عَنْكَ مِنْ مَدَدِهِمْ فَكَفَى لَهُمْ غَيّاً وَ لَكَ مِنْهُمْ شَافِياً فِرَارُهُمْ مِنَ الْهُدَى وَ الْحَقِّ وَ إِيضَاعُهُمْ إِلَى الْعَمَى وَ الْجَهْلِ.

فَإِنَّمَا هُمْ أَهْلُ دُنْيَا مُقْبِلُونَ عَلَيْهَا وَ مُهْطِعُونَ إِلَيْهَا وَ قَدْ عَرَفُوا الْعَدْلَ وَ رَأَوْهُ وَ سَمِعُوهُ وَ وَعَوْهُ وَ عَلِمُوا أَنَّ النَّاسَ عِنْدَنَا فِي الْحَقِّ أُسْوَةٌ فَهَرَبُوا إِلَى الْأَثَرَةِ فَبُعْداً لَهُمْ وَ سُحْقاً إِنَّهُمْ وَ اللَّهِ لَمْ يَنْفِرُوا مِنْ جَوْرٍ وَ لَمْ يَلْحَقُوا بِعَدْلٍ وَ إِنَّا لَنَطْمَعُ فِي هَذَا الْأَمْرِ أَنْ يُذَلِّلَ اللَّهُ لَنَا صَعْبَهُ وَ يُسَهِّلَ لَنَا حَزْنَهُ إِنْ شَاءَ اللَّهُ وَ السَّلَامُ.

## ٧١- من كتاب له عليه‌السلام

*إلى المنذر بن الجارود العبدي،*

*و خان في بعض ما ولاه من أعماله.*

أَمَّا بَعْدُ فَإِنَّ صَلَاحَ أَبِيكَ غَرَّنِي مِنْكَ وَ ظَنَنْتُ أَنَّكَ تَتَّبِعُ هَدْيَهُ وَ تَسْلُكُ سَبِيلَهُ

فَإِذَا أَنْتَ فِيمَا رُقِّيَ إِلَيَّ عَنْكَ لَا تَدَعُ لِهَوَاكَ انْقِيَاداً وَ لَا تُبْقِي لِآخِرَتِكَ عَتَاداً تَعْمُرُ دُنْيَاكَ بِخَرَابِ آخِرَتِكَ وَ تَصِلُ عَشِيرَتَكَ بِقَطِيعَةِ دِينِكَ.

## ٧٠_ امام عليه السلام جو خط، سهل بن حنيف انصاري ڏانهن

**جڏهن تہ هو سندس طرفان مديني جو عامل هو، مديني جي انهن ماڻهن جي باري ۾ جيڪي معاويي سان وڃي مليا هئا.**

اما بعد: بتحقيق مون تائين اِها خبر پهتي آهي تہ تو وٽان ڪجھ ماڻهو معاويہ ڏانهن کِسڪي رهيا آهن، بس جيڪو انهن جو تعداد تو کان کُٽي ٿو ۽ انهن جي جيڪا مدد تو کان وڃي ٿي هرگز ان تي افسوس نہ ڪجانءِ. انهن جو هدايت ۽ حق کان فرار ڪرڻ، ۽ انڌائپ ۽ جهالت ڏانهن جلدي ڪرڻ، سندن گمراهيءَ لاءِ ۽ انهن کان تنهنجي ڇوٽڪاري لاءِ ڪافي آهي. بس اهي رڳو دنيا جا پوڄاري آهن جيڪي ان تي ٽُٽي پيا آهن، ۽ اُن ڏانهن ڊُڪي پيا آهن، جڏهن تہ انهن عدالت کي سڃاتو ۽ ڏٺو آهي، ۽ ٻڌو ۽ سانديو آهي. ۽ هو اِهو بہ ڄاڻن ٿا تہ حق ۾ سڀ ماڻهو مون وٽ برابر آهن، بس هو خودغرضيءَ ڏانهن ڀڄي ويا آهن. بس خدا جي رحمت کان دوري ۽ مٽڻ ڏمر هجين، الله جو قسم اُهي ظلم کان ناهن ڀڳا، ۽ نہ وري عدالت سان وڃي مليا آهن، ۽ ان معاملي ۾ اسان رڳو الله تعالىٰ کان اميد رکون ٿا تہ اسان جي لاءِ ان جي ڏکيائيءَ کي آسان ڪري، ۽ ان جي سختيءَ کي سولو ڪري. ان شاءَ الله والسلام.



## ٧١_ امام عليه السلام جو خط، منذر بن جارود عبدي ڏانهن

**جنهن سونپيل ڪمن مان ڪجھ ۾ خيانت ڪئي هئي.**

اما بعد: بيشڪ تنهنجي پيءُ جي چڱي هجڻ مونکي تو بابت ڌوڪو ڏنو، ۽ مون سمجهيو تہ تون ان جي نقشِ قدم تي هلندين، ۽ ان جي راهہ جو راهي ٿيندين. پر اچانڪ مون تائين تو بابت اِها خبر پهتي آهي تہ تون پنهنجي نفس جي پيروي ڪرڻ کان نٿو مُڙين، ۽ نہ وري پنهنجي آخرت جي لاءِ سمر باقي رکين ٿو، ۽ پنهنجي آخرت جي برباديءَ سان پنهنجي دنيا کي آباد ڪرين ٿو، ۽ پنهنجي دين سان رشتو ٽوڙي پنهنجي قبيلي سان جوڙين ٿو.

وَ لَئِنْ كَانَ مَا بَلَغَنِي عَنْكَ حَقّاً لَجَمَلُ أَهْلِكَ وَ شِسْعُ نَعْلِكَ خَيْرٌ مِنْكَ وَ مَنْ كَانَ بِصِفَتِكَ فَلَيْسَ بِأَهْلٍ أَنْ يُسَدَّ بِهِ ثَغْرٌ أَوْ يُنْفَذَ بِهِ أَمْرٌ أَوْ يُعْلَى لَهُ قَدْرٌ أَوْ يُشْرَكَ فِي أَمَانَةٍ أَوْ يُؤْمَنَ عَلَى جِبَايَةٍ فَأَقْبِلْ إِلَيَّ حِينَ يَصِلُ إِلَيْكَ كِتَابِي هَذَا إِنْ شَاءَ اللَّهُ.

قال الرضي رضي الله عنه: و المنذر بن الجارود هذا هو الذي قال فيه أمير المؤمنين عليه السلام

إنه لنظار في عطفيه مختال في برديه تفال في شراكيه.

## ٧٢ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى عبد الله بن العباس*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّكَ لَسْتَ بِسَابِقٍ أَجَلَكَ وَ لَا مَرْزُوقٍ مَا لَيْسَ لَكَ وَ اعْلَمْ بِأَنَّ الدَّهْرَ يَوْمَانِ يَوْمٌ لَكَ وَ يَوْمٌ عَلَيْكَ وَ أَنَّ الدُّنْيَا دَارُ دُوَلٍ فَمَا كَانَ مِنْهَا لَكَ أَتَاكَ عَلَى ضَعْفِكَ وَ مَا كَانَ مِنْهَا عَلَيْكَ لَمْ تَدْفَعْهُ بِقُوَّتِك.



## ٧٣ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى معاوية.*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنِّي عَلَى التَّرَدُّدِ فِي جَوَابِكَ وَ الِاسْتِمَاعِ إِلَى كِتَابِكَ لَمُوَهِّنٌ رَأْيِي وَ مُخَطِّئٌ فِرَاسَتِي وَ إِنَّكَ إِذْ تُحَاوِلُنِي الْأُمُورَ وَ تُرَاجِعُنِي السُّطُورَ كَالْمُسْتَثْقِلِ النَّائِمِ تَكْذِبُهُ أَحْلَامُهُ وَ الْمُتَحَيِّرِ الْقَائِمِ يَبْهَظُهُ مَقَامُهُ.

تو بابت مون تائين جيڪا ڳالھ پهتي آهي اگر اُها حق ٿي تہ تنهنجي گھر وارن جو اُٺ ۽ تنهنجي جُتي جي ڪهي بہ تو کان ڀلي آهي. ۽ جيڪو تو جهڙو هجي اُهو ان قابل نہ آهي جو ان سان سرحد جي حفاظت ڪئي وڃي، يا ڪو حڪم نافذ ڪيو وڃي، يا ان جو شان وڌايو وڃي، يا امانت ۾ شريڪ ڪيو وڃي. يا ڍل ونڻ لاءِ ان تي ڀروسو ڪيو وڃي. بس جيئن ئي منهنجو هي خط تو تائين پهچي تہ تون مون تائين پهچ. ان شاءَ الله.

سيد رضي رضي الله عنه فرمايو: منذر بن جارود اهو ئي آهي جنهن جي باري ۾ اميرالمؤمنين عليه السلام فرمايو آهي: بيشڪ هو پنهنجي ڪُلهن کي گهڻو ڏسندو آهي، ۽ پنهنجي ٻنهي چادرن ۾ آڪڙجي هلندو آهي ۽ پنهنجي جُتي کي ڦوڪا ڏيندو آهي.

## ٧٢_ امام عليه السلام جو خط، عبدالله بن عباس ڏانهن

اما بعد: بيشڪ تون پنهنجي اجل کان وڌڻ وارو نہ آهين، ۽ تو کي اهو رزق نہ ڏنو ويندو جيڪو تنهنجي لاءِ نہ آهي، ۽ تون ڄاڻ تہ زمانو بہ ڏينهن آهي، هڪ ڏينهن تنهنجي فائدي ۾ آهي ۽ ٻيو ڏينهن تنهنجي نقصان ۾ آهي. ۽ بيشڪ دنيا بدلجڻ وارو گهر آهي، ان مان جيڪو تنهنجي لاءِ هوندو اهو تنهنجي ڪمزوريءَ جي باوجود بہ تو تائين پهچندو، ۽ ان مان جيڪو تنهنجي نقصان ۾ هوندو تون پنهنجي طاقت سان انکي ٽاري نہ سگهندين.



## ٧٣_ امام عليه السلام جو خط، معاويي ڏانهن

اما بعد: منهنجي تو سان خط و ڪتابت ڪرڻ، ۽ تنهنجي خط ڏانهن ڌيان ڏيڻ منهنجي راءِ جي ڪمزوريءَ، ۽ منهنجي دانائيءَ جي غلطي ڏانهن نسبت ڏياري ٿو. ۽ بيشڪ تون ڪجھ شين بابت مونکي مجرائڻ ۾ مون سان خط و ڪتابت جي گُهر ڪرڻ ۾ ان اگهور ننڊ ۾ پيل ماڻهو وانگر ٿي ويو آهين، جنهن جا خواب ڪيس ڪوڙو ڪن ٿا، ۽ ان وائڙي بيٺل شخص وانگر ٿي ويو آهين جنهن کي سندس بيهڻ ڳرو لڳي ٿو.

لَا يَدْرِي أَ لَهُ مَا يَأْتِي أَمْ عَلَيْهِ وَ لَسْتَ بِهِ غَيْرَ أَنَّهُ بِكَ شَبِيهٌ. وَ أُقْسِمُ بِاللَّهِ إِنَّهُ لَوْ لَا بَعْضُ الِاسْتِبْقَاءِ لَوَصَلَتْ إِلَيْكَ مِنِّي قَوَارِعُ تَقْرَعُ الْعَظْمَ وَ تَهْلِسُ اللَّحْمَ. وَ اعْلَمْ أَنَّ الشَّيْطَانَ قَدْ ثَبَّطَكَ عَنْ أَنْ تُرَاجِعَ أَحْسَنَ أُمُورِكَ وَ تَأْذَنَ لِمَقَالِ نَصِيحَتِكَ وَ السَّلَامُ لِأَهْلِه.

## ٧٤ـ وَ مِنْ حِلْفٍ لَهُ عليه السلام

*كتبه بين ربيعة و اليمن و نقل من خط هشام بن الكلبي.*

هَذَا مَا اجْتَمَعَ عَلَيْهِ أَهْلُ الْيَمَنِ حَاضِرُهَا وَ بَادِيهَا وَ رَبِيعَةُ حَاضِرُهَا وَ بَادِيهَا أَنَّهُمْ عَلَى كِتَابِ اللَّهِ يَدْعُونَ إِلَيْهِ وَ يَأْمُرُونَ بِهِ وَ يُجِيبُونَ مَنْ دَعَا إِلَيْهِ وَ أَمَرَ بِهِ لَا يَشْتَرُونَ بِهِ ثَمَناً وَ لَا يَرْضَوْنَ بِهِ بَدَلًا. وَ أَنَّهُمْ يَدٌ وَاحِدَةٌ عَلَى مَنْ خَالَفَ ذَلِكَ وَ تَرَكَهُ أَنْصَارٌ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ دَعْوَتُهُمْ وَاحِدَةٌ لَا يَنْقُضُونَ عَهْدَهُمْ لِمَعْتَبَةِ عَاتِبٍ وَ لَا لِغَضَبِ غَاضِبٍ وَ لَا لِاسْتِذْلَالِ قَوْمٍ قَوْماً وَ لَا لِمَسَبَّةِ قَوْمٍ قَوْماً عَلَى ذَلِكَ شَاهِدُهُمْ وَ غَائِبُهُمْ وَ سَفِيهُهُمْ وَ عَالِمُهُمْ وَ حَلِيمُهُمْ وَ جَاهِلُهُمْ ثُمَّ إِنَّ عَلَيْهِمْ بِذَلِكَ عَهْدَ اللَّهِ وَ مِيثَاقَهُ إِنَّ عَهْدَ اللَّهِ كَانَ مَسْئُولًا. وَ كَتَبَ عَلِيُّ بْنُ أَبِي طَالِب.



## ٧٥ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*إلى معاوية في أول ما بويع له ذكره الواقدي في كتاب «الجمل».*

مِنْ عَبْدِ اللَّهِ عَلِيٍّ أَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ إِلَى مُعَاوِيَةَ بْنِ أَبِي سُفْيَانَ أَمَّا بَعْدُ:

۽ هو نٿو ڄاڻي ته جيڪا شيءِ وٽس اچي ٿي سندس فائدي لاءِ آهي يا نقصان لاءِ آهي. ۽ تون ان وانگر نه آهين بلڪ هو تنهنجي مشابه آهي. ۽ مونکي الله جو قسم آهي ته اگر ڪجھ مصلحت جي تقاضا نه هجي ها ته مون ڪان تو ڏانهن اهڙيون تباهيون اچن ها جيڪي تنهنجي هڏن کي ٽوڙي ڇڏين ها ۽ گوشت کي روڙي ڇڏين ها. ۽ ڄاڻ ته بيشڪ شيطان تو کي تنهنجي سڀ ڪان وڌيڪ ڀلي ڪم ڪرڻ ۽ نصيحت جون ڳالهيون ٻڌڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. سلام هجي ان تي جيڪو انجو اهل آهي.

## ٧٤_ امام عليه السلام جو ڪرايل معاهدو

**جنهن کي پاڻ ربيعة ۽ يمن وارن جي درميان لکيو، ۽ هن کي هشام بن ڪلبي جي لکت کان نقل ڪيو ويو آهي.**

هي اهو معاهدو آهي جنهن تي يمن جي شهرين ۽ ٻهراڙيءَ وارن، ۽ ربيعه قبيلي جي شهرين ۽ ٻهراڙيءَ وارن اتفاق ڪيو آهي، ته اهي الله جي ڪتاب جا پابند رهندا ۽ ان ڏانهن دعوت ڏيندا، ۽ ان سان حڪم ڏيندا، ۽ جيڪو ان ڏانهن سڏيندو ۽ ان جو حڪم ڏيندو ته اهي قبول ڪندا، ۽ انکي ڪنهن به قيمت تي نه وڪڻندا، ۽ نه وري ان جي مقابلي ۾ ڪنهن بدل تي راضي ٿيندا، ۽ جيڪو ان جي مخالفت ڪندو ۽ انکي ڇڏي ڏيندو ته ان جي خلاف اهي هڪ هٿ ٿي ويندا، ۽ هڪ ٻئي جا مددگار هوندا ۽ سندن سڏ هڪ هوندو، هو ڪنهن ملامت ڪندڙ جي ملامت ڪري ۽ ڪنهن ڪاوڙ ڪرڻ واري جي ڪاوڙ ڪري، ۽ ڪجھ ماڻهن جي ڪن کي ذليل ڪرڻ، يا ڪن ماڻهن جي ڪن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ڪري پنهنجي معاهدي کي نه ٽوڙيندا. ۽ هن معاهدي تي انهن جا حاضر ۽ غائب، ۽ سندن نادان ۽ دانا، ۽ بردبار ۽ جاهل پابند رهندا، پوءِ انهيءَ جي ڪري مٿن الله تعاليٰ جو عهد ۽ ميثاق به لازم ٿئي ٿو " بيشڪ الله جي عهد بابت پڇيو ويندو". ۽ هي معاهدو علي ابن ابي طالب عليه السلام لکيو آهي.

## ٧٥_ امام عليه السلام جو خط معاويه ڏانهن

**پنهنجي بيعت جي شروعاتي ڏينهن ۾، ۽ هن کي واقدي "جمل" ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي.**

الله تعاليٰ جي ٻانهي علي ابن ابي طالب عليه السلام جي طرفان معاويه بن ابوسفيان ڏانهن:

اما بعد:

فَقَدْ عَلِمْتَ إِعْذَارِي فِيكُمْ وَ إِعْرَاضِي عَنْكُمْ حَتَّى كَانَ مَا لَا بُدَّ مِنْهُ وَ لَا دَفْعَ لَهُ وَ الْحَدِيثُ طَوِيلٌ وَ الْكَلَامُ كَثِيرٌ وَ قَدْ أَدْبَرَ مَا أَدْبَرَ وَ أَقْبَلَ مَا أَقْبَلَ فَبَايِعْ مَنْ قِبَلَكَ وَ أَقْبِلْ إِلَيَّ فِي وَفْدٍ مِنْ أَصْحَابِكَ وَ السَّلَامُ.

## ٧٦ـ و من وصية له عليه السلام

*لعبد الله بن العباس عند استخلافه إياه على البصرة.*

سَعِ النَّاسَ بِوَجْهِكَ وَ مَجْلِسِكَ وَ حُكْمِكَ وَ إِيَّاكَ وَ الْغَضَبَ فَإِنَّهُ طَيْرَةٌ مِنَ الشَّيْطَانِ وَ اعْلَمْ أَنَّ مَا قَرَّبَكَ مِنَ اللَّهِ يُبَاعِدُكَ مِنَ النَّارِ وَ مَا بَاعَدَكَ مِنَ اللَّهِ يُقَرِّبُكَ مِنَ النَّارِ.

## ٧٧ـ و من وصية له عليه السلام

*لعبد الله بن العباس لما بعثه للاحتجاج على الخوارج.*

لَا تُخَاصِمْهُمْ بِالْقُرْآنِ فَإِنَّ الْقُرْآنَ حَمَّالٌ ذُو وُجُوهٍ تَقُولُ وَ يَقُولُونَ وَ لَكِنْ حَاجِجْهُمْ بِالسُّنَّةِ فَإِنَّهُمْ لَنْ يَجِدُوا عَنْهَا مَحِيصاً.



## ٧٨ـ و من كتاب له عليه السلام

*إلى أبي موسى الأشعري جوابا في أمر الحكمين، ذكره سعيد بن يحيى الأموي في كتاب «المغازي».*

فَإِنَّ النَّاسَ قَدْ تَغَيَّرَ كَثِيرٌ مِنْهُمْ عَنْ كَثِيرٍ مِنْ حَظِّهِمْ فَمَالُوا مَعَ الدُّنْيَا وَ نَطَقُوا بِالْهَوَى وَ إِنِّي نَزَلْتُ مِنْ هَذَا الْأَمْرِ مَنْزِلًا مُعْجِباً اجْتَمَعَ بِهِ أَقْوَامٌ أَعْجَبَتْهُمْ أَنْفُسُهُمْ.

بيشڪ تون پنهنجي باري ۾ منهنجي حجت ڪي ۽ پاڻ ڪان منهنجي درگذر ڪرڻ ڪي ڄاڻين ٿو، تان جو اهو ٿيو جيڪو ٿيڻو هو، ۽ جنهن ڪي ٽرڻو نہ هيو، ڳالھ ڊگھي آهي ۽ ڪلام گھڻو آهي. ۽ جنهن ڪي وڃڻو هو سو ويو، ۽ جنهن ڪي اچڻو هو سو آيو، بس پاڻ وٽ موجود ماڻهن ڪان (منهنجي لاءِ) بيعت وٺ، ۽ پنهنجي ساٿين جي هڪ ٽولي سان مون وٽ پهچ. والسلام

## ٧٦_ امام عليه السلام جي وصيت عبدالله بن عباس کي

## جڏهن پاڻ عليه السلام ڪيس بصره تي والي مقرر ڪيو:

ماڻهن سان ملڻ ۾، ۽ پنهنجي ڪچهريءَ ۾، ۽ حڪم ڏيڻ ۾ ڪشادگي ڪر، ۽ ڪاوڙ کان بچ، ڇا ڪاڻ جو اها شيطان جو جوش ڏيارڻ آهي. ۽ ڄاڻ تہ جيڪا شيءِ تو کي الله تعاليٰ جي ويجهو ڪندي اها تو کي جهنم کان پري ڪندي، ۽ جيڪا شيءِ تو کي الله تعاليٰ کان پري ڪندي اها تو کي جهنم جي ويجهو ڪندي.

## ٧٧_ امام عليه السلام جي وصيت عبدالله بن عباس کي
## جڏهن ڪيس خارجين ڏانهن حجت پوري ڪرڻ لاءِ موڪليو.

انهن سان قرآن جي ذريعي بحث نہ ڪجانءِ ڇا ڪاڻ تہ قرآن گهڻين معنائن وارو آهي، تون پنهنجي ڳالھ ڪندين، ۽ هو پنهنجي ڳالھ ڪندا، بلڪ تون سنت سان انهن تي دليل قائم ڪجانءِ، جو اهي ان کان فرار نہ ڪري سگهندا.

## ٧٨_ امام عليه السلام جو خط ابو موسيٰ اشعري ڏانهن

**تحڪيم جي مسئلي بابت، هن کي سعيد بن يحييٰ اموي "مغازي" ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي.**

بيشڪ ماڻهن مان گهڻا پنهنجي (آخرت واري) گهڻي حصي کان بدلجي ويا آهن، پوءِ اُهي دنيا سان گڏ لڙي پيا آهن، ۽ نفساني خواهش سان ڳالهائين ٿا، ۽ يقيناً آءٌ هن مسئلي ۾ تعجب خيز لهڻ ڪيو آهي، جنهن تي اهڙا ماڻهو گڏ ٿيا آهن جنکي پنهنجن نفسن خودپسنديءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.

وَ أَنَا أُدَاوِي مِنْهُمْ قَرْحاً أَخَافُ أَنْ يَكُونَ عَلَقاً وَ لَيْسَ رَجُلٌ فَاعْلَمْ أَحْرَصَ عَلَى جَمَاعَةِ أُمَّةِ مُحَمَّدٍ صلى الله عليه وآله وَ أُلْفَتِهَا مِنِّي أَبْتَغِي بِذَلِكَ حُسْنَ الثَّوَابِ وَ كَرَمَ الْمَآبِ وَ سَأَفِي بِالَّذِي وَأَيْتُ عَلَى نَفْسِي وَ إِنْ تَغَيَّرْتَ عَنْ صَالِحِ مَا فَارَقْتَنِي عَلَيْهِ.

فَإِنَّ الشَّقِيَّ مَنْ حُرِمَ نَفْعَ مَا أُوتِيَ مِنَ الْعَقْلِ وَ التَّجْرِبَةِ وَ إِنِّي لَأَعْبَدُ أَنْ يَقُولَ قَائِلٌ بِبَاطِلٍ وَ أَنْ أُفْسِدَ أَمْراً قَدْ أَصْلَحَهُ اللَّهُ فَدَعْ مَا لَا تَعْرِفُ فَإِنَّ شِرَارَ النَّاسِ طَائِرُونَ إِلَيْكَ بِأَقَاوِيلِ السُّوءِ وَ السَّلَام.

## ٧٩ـ وَ مِنْ كِتَابٍ لَهُ عليه السلام

*لما استخلف إلى أمراء الأجناد.*

أَمَّا بَعْدُ: فَإِنَّمَا أَهْلَكَ مَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ

أَنَّهُمْ مَنَعُوا النَّاسَ الْحَقَّ فَاشْتَرَوْهُ وَ أَخَذُوهُمْ بِالْبَاطِلِ فَاقْتَدَوْه.

۽ آءٌ سندن ڦٽ جو علاج تہ ڪريان ٿو پر ان ۾ ڪوٽ جي رهجي وڃڻ ڪان ڊڄان ٿو. ۽ تون ڄاڻ تہ ڪو بہ ماڻهو مون ڪان وڌيڪ محمد ﷺ جي امت جي اتفاق ۽ اتحاد جو حريص نہ آهي. ۽ آءٌ ان جي ذريعي ڀلوڙ ثواب ۽ آخرت واري عزت چاهيان ٿو، ۽ جنهن جو مون پنهنجي نفس سان واعدو ڪيو آهي ان جي وفا ڪندس، جيتوڻيڪ ان نيڪ خيال ڪان جيڪو مون بابت آخري ملاقات تائين تنهنجو هو هاڻي مَٽجي وڃي.

بيشڪ بدبخت اهو آهي جيڪو عطا ڪيل عقل ۽ تجربي جي فائدي ڪان محروم رهجي وڃي، ۽ مونکي اهو سخت ناپسند آهي جڏهن ڪو ڳالهائڻ وارو غلط ڳالهہ ڪري، ۽ جڏهن ڪنهن اهڙي ڪم کي خراب ڪريان جنهن کي الله نيڪ ڪيو هجي، بس جنهن شيءِ کي تون نٿو ڄاڻين انکي ڇڏي ڏي، ڇا ڪاڻ تہ شرير ماڻهو غلط ڳالهيون تو تائين اڏري ڪري پهچائيندا والسلام.

## ٧٩_ امام عليه السلام جو خط لشڪر جي سردارن ڏانهن جڏهن ظاهري طور خليفہ ٿيا.

اما بعد: توهان ڪان اڳين ماڻهن کي رڳو ان ڳالهہ برباد ڪيو جو انهن ماڻهن جي حق کي روڪيو، پوءِ ماڻهن انکي (رشوت سان) خريد ڪيو، ۽ انهن ماڻهن کي باطل جو پابند ڪيو تہ انهن بہ ان جي پيروي ڪئي.

# حكم أمير المؤمنين عليه السلام

# اميرالمؤمنين عليه السلام جا اقوالِ زرين

## باب المختار من حِكم أمير المؤمنين عليه السلام

*و يدخل في ذلك المختار من أجوبة مسائله و الكلام القصير الخارج في سائر أغراضه.*

١ـ قَالَ عليه السلام: كُنْ فِي الْفِتْنَةِ كَابْنِ اللَّبُونِ لَا ظَهْرٌ فَيُرْكَبَ وَ لَا ضَرْعٌ فَيُحْلَبَ.

٢ـ وَ قَالَ عليه السلام: أَزْرَى بِنَفْسِهِ مَنِ اسْتَشْعَرَ الطَّمَعَ وَ رَضِيَ بِالذُّلِّ مَنْ كَشَفَ عَنْ ضُرِّهِ وَ هَانَتْ عَلَيْهِ نَفْسُهُ مَنْ أَمَّرَ عَلَيْهَا لِسَانَهُ.

٣ـ وَ قَالَ عليه السلام: الْبُخْلُ عَارٌ وَ الْجُبْنُ مَنْقَصَةٌ وَ الْفَقْرُ يُخْرِسُ الْفَطِنَ عَنْ حُجَّتِهِ وَ الْمُقِلُّ غَرِيبٌ فِي بَلْدَتِهِ.

٤ـ وَ قَالَ عليه السلام: الْعَجْزُ آفَةٌ وَ الصَّبْرُ شَجَاعَةٌ وَ الزُّهْدُ ثَرْوَةٌ وَ الْوَرَعُ جُنَّةٌ وَ نِعْمَ الْقَرِينُ الرِّضَى.

٥ـ وَ قَالَ عليه السلام: الْعِلْمُ وِرَاثَةٌ كَرِيمَةٌ وَ الْآدَابُ حُلَلٌ مُجَدَّدَةٌ وَ الْفِكْرُ مِرْآةٌ صَافِيَةٌ.

## اميرالمؤمنين عليه السلام جا اقوالِ زرين

هي باب اميرالمؤمنين عليه السلام جي ڏاهپ ڀريي ڪلام مان چوندڊ جملن تي مشتمل آهي، ۽ ان ۾ چوندڊ سوالن جا جواب بہ داخل آهن، ۽ مختلف فائدن بابت فرمايل مختصر ڪلام بہ شامل آهي.

### ١_ فتني کان عليحدگي

امام عليه السلام فرمايو: فتني ۾ اُٺ جي ٻن سالن واري ڦر جيان ٿي وڃ، جو نہ ان جي پُٺي هوندي آهي جو مٿس سواري ڪئي وڃي، ۽ نہ ٿڻ هوندا اٿس جو کيس ڏُڌو وڃي.

### ٢_ لالچ، غربت، زبان

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن شخص لالچ کي پنهنجو شعار بڻايو ان پاڻ کي ذليل ڪيو، ۽ جنهن پنهنجي غربت کي ظاهر ڪيو اُهو ذلت تي راضي ٿيو، ۽ جنهن پاڻ تي پنهنجي زبان کي امير بڻايو اهو خوار ٿيو.

### ٣_ ڪنجوسائپ، بزدليءَ، غربت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪنجوسائپ عيب آهي، ۽ بزدليءَ خامي آهي، ۽ غربت ڏاهي ماڻهوءَ کي بہ پنهنجو دليل بيان ڪرڻ کان گونگو ڪري ڇڏيندي آهي. ۽ غريب پنهنجي وطن ۾ بہ مسافر آهي.



### ۴_ خوبيون

۽ امام عليه السلام فرمايو: هيڻائپ (بيوسي) آفت آهي، ۽ صبر بهادري آهي، ۽ زهد دولت آهي، ۽ پرهيزگاري ڍال آهي، ۽ رضامندي ڪيڏو نہ ڀلو ساٿي آهي.

### ۵_ علم، ادب، سوچ

۽ امام عليه السلام فرمايو: علم ناهوڪي ميراث آهي، ۽ ادب نئين پوشاڪ آهي، ۽ سوچ صاف آئينو آهي.

٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام: صَدْرُ الْعَاقِلِ صُنْدُوقُ سِرِّهِ وَ الْبَشَاشَةُ حِبَالَةُ الْمَوَدَّةِ وَ الِاحْتِمَالُ قَبْرُ الْعُيُوبِ.

وَ رُوِيَ أَنَّهُ قَالَ فِي الْعِبَارَةِ عَنْ هَذَا الْمَعْنَى أَيْضاً الْمَسْأَلَةُ خِبَاءُ الْعُيُوبِ وَ مَنْ رَضِيَ عَنْ نَفْسِهِ كَثُرَ السَّاخِطُ عَلَيْهِ.

٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام: وَ الصَّدَقَةُ دَوَاءٌ مُنْجِحٌ وَ أَعْمَالُ الْعِبَادِ فِي عَاجِلِهِمْ نُصْبُ أَعْيُنِهِمْ فِي آجَالِهِمْ.

٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام اعْجَبُوا لِهَذَا الْإِنْسَانِ يَنْظُرُ بِشَحْمٍ وَ يَتَكَلَّمُ بِلَحْمٍ وَ يَسْمَعُ بِعَظْمٍ وَ يَتَنَفَّسُ مِنْ خَرْمٍ.

٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام: إِذَا أَقْبَلَتِ الدُّنْيَا عَلَى أَحَدٍ أَعَارَتْهُ مَحَاسِنَ غَيْرِهِ وَ إِذَا أَدْبَرَتْ عَنْهُ سَلَبَتْهُ مَحَاسِنَ نَفْسِهِ.



١٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام: خَالِطُوا النَّاسَ مُخَالَطَةً إِنْ مِتُّمْ مَعَهَا بَكَوْا عَلَيْكُمْ وَ إِنْ عِشْتُمْ حَنُّوا إِلَيْكُمْ.

١١_ وَ قَالَ عليه‌السلام: إِذَا قَدَرْتَ عَلَى عَدُوِّكَ فَاجْعَلِ الْعَفْوَ عَنْهُ شُكْراً لِلْقُدْرَةِ عَلَيْهِ.

## ٦_ عقلمند جو سينو، مُرڪندڙ مُنهن، بُردباري

۽ امام عليه السلام فرمايو: عقلمند جو سينو سندس راز جي پيتي آهي، ۽ مُرڪندڙ منهن محبت جو ڄار آهي، بُردباري عيبن جي قبر آهي.

۽ مروي آهي تہ امام عليه السلام انهيءَ مطلب کي هنن لفظن سان پڻ بيان ڪيو آهي: پُڇڻ عيبن کي ڍڪيندو آهي، ۽ جيڪو پنهنجي نفس کان راضي ٿيو تہ ان تي ناراض ٿيڻ وارا گهڻا هوندا آهن.

## ٧_ صدقو

۽ امام عليه السلام فرمايو: صدقو ڪامياب دوا آهي، ۽ دنيا ۾ ماڻهن جا ڪيل عمل آخرت ۾ سندن اکين اڳيان هوندا.

## ٨_ انساني بناوٽ

۽ امام عليه السلام فرمايو: هن انسان تي تعجب ڪريو جيڪو چربي سان ڏسي ٿو، ۽ گوشت سان ڳالهائي ٿو، ۽ هڏي سان ٻُڌي ٿو، ۽ سوراخ مان ساھ کڻي ٿو!!

## ٩_ دنيا

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن دنيا ڪنهن ڏانهن رُخ ڪندي آهي تہ ٻين جون خوبيون بہ انکي ڏيندي آهي. ۽ جڏهن ان کان مُنهن موڙيندي آهي تہ انکان سندس خوبيون بہ کسِيندي آهي.

## ١٠_ اٿڻ ويهڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهن سان اهڙيءَ ريت سان اٿو ويهو جو اگر توهان ان حال ۾ مري وڃو تہ هو توهان تي روئين ۽ اگر توهان جيئرا هجو تہ هو توهان لاءِ سڪندا رهن.

## ١١_ معاف ڪرڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن تون پنهنجي دشمن تي غالب ٿئين تہ ڪيس معاف ڪرڻ کي مٿس غلبي جي شڪراني طور قرار ڏجائن.

١٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام: أَعْجَزُ النَّاسِ مَنْ عَجَزَ عَنِ اكْتِسَابِ الْإِخْوَانِ وَ أَعْجَزُ مِنْهُ مَنْ ضَيَّعَ مَنْ ظَفِرَ بِهِ مِنْهُمْ.

١٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام: إِذَا وَصَلَتْ إِلَيْكُمْ أَطْرَافُ النِّعَمِ فَلَا تُنَفِّرُوا أَقْصَاهَا بِقِلَّةِ الشُّكْرِ.

١٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَنْ ضَيَّعَهُ الْأَقْرَبُ أُتِيحَ لَهُ الْأَبْعَدُ.

١٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَا كُلُّ مَفْتُونٍ يُعَاتَبُ.

١٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام: تَذِلُّ الْأُمُورُ لِلْمَقَادِيرِ حَتَّى يَكُونَ الْحَتْفُ فِي التَّدْبِيرِ.

١٧_ وَ سُئِلَ عليه‌السلام عَنْ قَوْلِ الرَّسُولِ صلى‌الله‌عليه‌وآله غَيِّرُوا الشَّيْبَ وَ لَا تَشَبَّهُوا بِالْيَهُودِ فَقَالَ عليه‌السلام إِنَّمَا قَالَ صلى‌الله‌عليه‌وآله ذَلِكَ وَ الدِّينُ قُلٌّ فَأَمَّا الْآنَ وَ قَدِ اتَّسَعَ نِطَاقُهُ وَ ضَرَبَ بِجِرَانِهِ فَامْرُؤٌ وَ مَا اخْتَارَ.

١٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام: فِي الَّذِينَ اعْتَزَلُوا الْقِتَالَ مَعَهُ: خَذَلُوا الْحَقَّ وَ لَمْ يَنْصُرُوا الْبَاطِلَ.

## ١٢_ عاجز انسان

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهن مان وڏيڪ عاجز اُهو آهي جيڪو دوست ناهڻ کان بہ عاجز هجي، ۽ ان کان بہ وڏيڪ عاجز اُهو آهي جيڪو انهن مان ٺهيلن کي بہ وڃائي ڇڏي.

## ١٣_ ناشڪري

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن توهان تائين نعمتن جي ابتدا ٿئي تہ ٿورڙي شڪر سان انهن جي آخر کي پهچائي نہ ڇڏيو.

## ١٤_ پنهنجا ۽ پراوا

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن کي ويجهي وارا ڇڏي ڏيندا آهن انکي پري وارا ملي ويندا آهن.

## ١٥_ ڏوڪي ڪاڏل

۽ امام عليه السلام فرمايو: هر ڏوڪي ڪاڏل جي ملامت نہ ڪئي ويندي آهي.

## ١٦_ تقدير

۽ امام عليه السلام فرمايو: سڀ ڪم تقدير اڳيان عاجز آهن، ايسيتائين جو سندس تدبير ۾ ئي موت ٿيندو آهي.



## ١٧_ خضاب

۽ امام عليه السلام کان رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جي هن فرمان بابت پڇيو ويو"(خضاب سان) پوڙهپ کي بدلايو ۽ يهودين جهڙا نہ ٿيو". تہ امام عليه السلام فرمايو: پاڻ ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم اهو صرف انکري فرمايو هو جڏهن دين ٿورو هو، البتہ هاڻي جڏهن ان جي دامن پکڙجي چڪي آهي، ۽ ان پنهنجو سينو جمائي ڇڏيو آهي تہ هر ماڻهوءَ جي مرضي آهي.

## ١٨_ غيرجانبداري

۽ امام عليه السلام انهن ماڻهن بابت فرمايو جن امام عليه السلام سان گڏ جنگ ڪرڻ کان پاسو ڪيو: انهن حق کي ڇڏي ڏنو ۽ باطل جي بہ مدد نہ ڪئي.

١٩_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ جَرَى فِي عِنَانِ أَمَلِهِ عَثَرَ بِأَجَلِهِ.

٢٠_ وَ قَالَ عليه السلام: أَقِيلُوا ذَوِي الْمُرُوءَاتِ عَثَرَاتِهِمْ فَمَا يَعْثُرُ مِنْهُمْ عَاثِرٌ إِلَّا وَ يَدُ اللَّهِ بِيَدِهِ يَرْفَعُهُ.

٢١_ وَ قَالَ عليه السلام: قُرِنَتِ الْهَيْبَةُ بِالْخَيْبَةِ وَ الْحَيَاءُ بِالْحِرْمَانِ وَ الْفُرْصَةُ تَمُرُّ مَرَّ السَّحَابِ فَانْتَهِزُوا فُرَصَ الْخَيْرِ.

٢٢_ وَ قَالَ عليه السلام: لَنَا حَقٌّ فَإِنْ أُعْطِينَاهُ وَ إِلَّا رَكِبْنَا أَعْجَازَ الْإِبِلِ وَ إِنْ طَالَ السُّرَى.

قال الرضي رحمه الله و هذا من لطيف الكلام و فصيحه و معناه: أنا إن لم نعط حقنا كنا أذلاء و ذلك أن الرديف يركب عجز البعير كالعبد و الأسير و من يجري مجراهما.

٢٣_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ أَبْطَأَ بِهِ عَمَلُهُ لَمْ يُسْرِعْ بِهِ نَسَبُهُ.

## ١٩_ اميد

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو شخص پنهنجي اميد جي ڏوريءَ (واڳ) ۾ هليو ته اُهو پنهنجي موت جي ڪاهي ۾ ڪِرندو.

## ٢٠_ درگذر ڪرڻ

۽ اما عليه السلام فرمايو: چڱن ماڻهن جي ڪوتاهين کان درگزر ڪريو (چا ڪاڻ ته) انهن مان جيڪو به ٿابڙڻ وارو ٿابڙجي پوندو آهي ته الله پنهنجو هٿ ان جي هٿ ۾ ڏئي ڪري کيس مٿي ڪڻندو آهي.

## ٢١_ ڀؤ، لڄ، فرصت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڀؤ کي ناڪاميءَ سان ۽ لڄ کي محروميءَ سان ملايو ويو آهي، ۽ فرصت جون گهڙيون ڪَڪَر جيان گذري وينديون آهن، بس ڀلائي جي گهڙين مان فائدو وٺو.

## ٢٢_ حق کان محروم رکڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: اسان جو هڪ حق آهي اگر اهو اسانکي ڏنو ويو ته (نيڪ) نه ته اسان اُٺ تي پويان ئي سوار ٿينداسين. جيتوڻيڪ رات جو سفر ڪيڏ و به ڊگهو ٿي وڃي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: هي امام عليه السلام جي عمده ۽ فصيح ڪلام منجهان آهي جنهن جي معنيٰ آهي: ته اگر اسان کي اسان جو حق نه ڏنو ويو ته اسان حقير ماڻهن مان ٿي وينداسين، ۽ اُهو چا ڪاڻ ته اضافي ماڻهو اُٺ جي پويان سوار ٿيندو آهي، ٻانهي، قيديءَ ۽ انهن جهڙن ماڻهن وانگر.

## ٢٣_ نسب

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن کي سندس عمل سست ڪري انکي سندس نسب چُست نه ڪندو.

٢٤_ وَ قَالَ عليه السلام: مِنْ كَفَّارَاتِ الذُّنُوبِ الْعِظَامِ إِغَاثَةُ الْمَلْهُوفِ وَ التَّنْفِيسُ عَنِ الْمَكْرُوبِ.

٢٥_ وَ قَالَ عليه السلام: يَا ابْنَ آدَمَ إِذَا رَأَيْتَ رَبَّكَ سُبْحَانَهُ يُتَابِعُ عَلَيْكَ نِعَمَهُ وَ أَنْتَ تَعْصِيهِ فَاحْذَرْه.

٢٦_ وَ قَالَ عليه السلام: مَا أَضْمَرَ أَحَدٌ شَيْئاً إِلَّا ظَهَرَ فِي فَلَتَاتِ لِسَانِهِ وَ صَفَحَاتِ وَجْهِهِ.

٢٧_ وَ قَالَ عليه السلام: اِمْشِ بِدَآئِكَ مَا مَشٰى بِكَ.

٢٨_ وَ قَالَ عليه السلام: أَفْضَلُ الزُّهْدِ إِخْفَاءُ الزُّهْدِ.

٢٩_ وَ قَالَ عليه السلام: إِذَا كُنْتَ فِي إِدْبَارٍ وَ الْمَوْتُ فِي إِقْبَالٍ فَمَا أَسْرَعَ الْمُلْتَقَى.

٣٠_ وَ قَالَ عليه السلام: الْحَذَرَ الْحَذَرَ فَوَاللهِ لَقَدْ سَتَرَ حَتَّى كَأَنَّهُ قَدْ غَفَرَ.

## ٢٤_ وڏهن گناهن جو ڪفارو

۽ امام عليه السلام فرمايو: وڏن گناهن جي ڪفاري مان، مصيبت زده جي مدد ڪرڻ ۽ ڏکايل جا ڏک دور ڪرڻ آهي.

## ٢٥_ لڳاتار نعمتن جو ملڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: اي آدم عليه السلام جا پُٽ! جڏهن تون پنهنجي مٿان پاک پالڻهار کي لڳاتار نعمتون موڪليندو ڏسين، جڏهن ته تون سندس نافرماني ۾ ڪندو رهين ته پوءِ انکان ڊڄ.

## ٢٦_ ڳالهه لڪي نٿي سگهي

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو به ماڻهو ڪا ڳالهه لڪائيندو ته اُها زبان جي ترڪڻ ۽ چهري جي آثار مان ضرور ظاهر ٿيندي.

## ٢٧_ بيماري

۽ امام عليه السلام فرمايو: پنهنجي بيماري سان هلندو رهه جيستائين هؤ توکي هلڻ ڏي.

## ٢٨_ پلو زهد

۽ امام عليه السلام فرمايو: زهد کي لڪائڻ، پلو زهد آهي.

## ٢٩_ موت

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن تون موتڻ ۾ آهين، ۽ موت اچڻ ۾ آهي ته پوءِ ملاقات ڪيڏي نه تڪڙي ٿيندي.

## ٣٠_ الله جي ڍڪ کان ڊڄڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: هوشيار! هوشيار! الله جو قسم هن ايترو ته ڍڪيو آهي جڻ هن بخشي ڇڏيو آهي.

٣١_ وَ سُئِلَ عليه‌السلام عَنِ الْإِيمَانِ فَقَالَ الْإِيمَانُ عَلَى أَرْبَعِ دَعَائِمَ عَلَى الصَّبْرِ وَ الْيَقِينِ وَ الْعَدْلِ وَ الْجِهَادِ وَ الصَّبْرُ مِنْهَا عَلَى أَرْبَعِ شُعَبٍ عَلَى الشَّوْقِ وَ الشَّفَقِ وَ الزُّهْدِ وَ التَّرَقُّبِ فَمَنِ اشْتَاقَ إِلَى الْجَنَّةِ سَلَا عَنِ الشَّهَوَاتِ وَ مَنْ أَشْفَقَ مِنَ النَّارِ اجْتَنَبَ الْمُحَرَّمَاتِ وَ مَنْ زَهِدَ فِي الدُّنْيَا اسْتَهَانَ بِالْمُصِيبَاتِ وَ مَنِ ارْتَقَبَ الْمَوْتَ سَارَعَ إِلَى الْخَيْرَاتِ وَ الْيَقِينُ مِنْهَا عَلَى أَرْبَعِ شُعَبٍ عَلَى تَبْصِرَةِ الْفِطْنَةِ وَ تَأَوُّلِ الْحِكْمَةِ وَ مَوْعِظَةِ الْعِبْرَةِ وَ سُنَّةِ الْأَوَّلِينَ فَمَنْ تَبَصَّرَ فِي الْفِطْنَةِ تَبَيَّنَتْ لَهُ الْحِكْمَةُ وَ مَنْ تَبَيَّنَتْ لَهُ الْحِكْمَةُ عَرَفَ الْعِبْرَةَ وَ مَنْ عَرَفَ الْعِبْرَةَ فَكَأَنَّمَا كَانَ فِي الْأَوَّلِينَ وَ الْعَدْلُ مِنْهَا عَلَى أَرْبَعِ شُعَبٍ عَلَى غَائِصِ الْفَهْمِ وَ غَوْرِ الْعِلْمِ وَ زُهْرَةِ الْحُكْمِ وَ رَسَاخَةِ الْحِلْمِ فَمَنْ فَهِمَ عَلِمَ غَوْرَ الْعِلْمِ وَ مَنْ عَلِمَ غَوْرَ الْعِلْمِ صَدَرَ عَنْ شَرَائِعِ الْحُكْمِ وَ مَنْ حَلُمَ لَمْ يُفَرِّطْ فِي أَمْرِهِ وَ عَاشَ فِي النَّاسِ حَمِيداً وَ الْجِهَادُ مِنْهَا عَلَى أَرْبَعِ شُعَبٍ عَلَى الْأَمْرِ بِالْمَعْرُوفِ وَ النَّهْيِ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ الصِّدْقِ فِي الْمَوَاطِنِ وَ شَنَآنِ الْفَاسِقِينَ فَمَنْ أَمَرَ بِالْمَعْرُوفِ شَدَّ ظُهُورَ الْمُؤْمِنِينَ وَ مَنْ نَهَى عَنِ الْمُنْكَرِ أَرْغَمَ أُنُوفَ الْكَافِرِينَ وَ مَنْ صَدَقَ فِي الْمَوَاطِنِ قَضَى مَا عَلَيْهِ. وَ مَنْ شَنِئَ الْفَاسِقِينَ وَ غَضِبَ لِلَّهِ غَضِبَ اللَّهُ لَهُ وَ أَرْضَاهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَ الْكُفْرُ عَلَى أَرْبَعِ دَعَائِمَ عَلَى التَّعَمُّقِ وَ التَّنَازُعِ وَ الزَّيْغِ وَ الشِّقَاقِ فَمَنْ تَعَمَّقَ لَمْ يُنِبْ إِلَى الْحَقِّ وَ مَنْ كَثُرَ نِزَاعُهُ بِالْجَهْلِ دَامَ عَمَاهُ عَنِ الْحَقِّ وَ مَنْ زَاغَ سَاءَتْ عِنْدَهُ الْحَسَنَةُ وَ حَسُنَتْ عِنْدَهُ السَّيِّئَةُ وَ سَكِرَ سُكْرَ الضَّلَالَةِ وَ مَنْ شَاقَّ وَعُرَتْ عَلَيْهِ طُرُقُهُ وَ أَعْضَلَ عَلَيْهِ أَمْرُهُ وَ ضَاقَ عَلَيْهِ مَخْرَجُهُ وَ الشَّكُّ عَلَى أَرْبَعِ شُعَبٍ عَلَى التَّمَارِي وَ الْهَوْلِ وَ التَّرَدُّدِ، وَ الِاسْتِسْلَامِ فَمَنْ جَعَلَ الْمِرَاءَ دَيْدَناً لَمْ يُصْبِحْ لَيْلُهُ وَ مَنْ هَالَهُ مَا بَيْنَ يَدَيْهِ نَكَصَ عَلَى عَقِبَيْهِ.

## ٣١_ ايمان

۽ امام عليه السلام کان ايمان بابت پڇيو ويو ته پاڻ عليه السلام فرمايائون: ايمان چئن ٿنڀن تي قائم آهي، صبر تي، يقين تي، عدالت تي، ۽ جهاد تي. ۽ صبر جون چار شاخون آهن. شوق، خوف، زهد ۽ انتظار. بس جنهن کي جنت جو شوق هوندو اهو خواهشن کي ڇڏي ڏيندو. ۽ جيڪو جهنم کان خوف کائيندو اهو حرام ڪمن کان پرهيز ڪندو. ۽ جيڪو دنيا کان زهد اختيار ڪندو ان لاءِ مصيبتون سوليون ٿي وينديون، ۽ جيڪو موت جو انتظار ڪندو اهو ڀلائي جي ڪمن ۾ جلدي ڪندو. ۽ يقين جون به چار شاخون آهن: ڏاهپ سان ڏسڻ، ۽ دانائي سان پروڙڻ، ۽ عبرت بخش نصيحت پرائڻ، ۽ اڳين جي طريقي تي هلڻ. جيڪو ڏاهپ سان ڏسندو ته ان جي لاءِ دانائيءَ جا دروازا کلندا، ۽ جنهن لاءِ دانائي روشن ٿيندي ته اهو عبرت کي سڃاڻندو، ۽ جيڪو عبرت کي سڃاڻندو ڄڻ ته اهو اڳين ۾ هيو. ۽ عدالت جون به چار شاخون آهن: ڳِهري سمجهه، اونهو علم، فيصلي ڪرڻ جي خوبصورتي، ۽ مضبوط بُردباري. ۽ جنهن سمجهو ان علم جي اوناهيءَ کي ڄاتو، ۽ جنهن علم جي اوناهيءَ کي ڄاتو ته اهو فيصلي جي گهاٽن مان سيراب ٿيو، ۽ جيڪو بردبار ٿيو ته اهو پنهنجي ڪم ۾ حد کان نه وڌيو ۽ ان ماڻهن ۾ نيڪ ناميءَ واري زندگي گذاري. ۽ جهاد جون چار شاخون آهن: امربالمعروف، ۽ نهي عن المنڪر ۽ سچ جي جاين تي سچ ڳالهائڻ ۽ فاسقن کان نفرت ڪرڻ. بس جنهن امربالمعروف ڪيو ان مؤمنن جي چيلهن کي مضبوط ڪيو، ۽ جنهن نهي عن المنڪر ڪيو ان ڪافرن جا نڪ رڳڙيا ۽ جنهن سچ جي جاين تي سچ ڳالهايو ان پنهنجو فرض ادا ڪيو. ۽ جنهن فاسقن کان نفرت ڪئي ۽ الله خاطر ڪاوڙ ڪئي ته الله به سندس خاطر ڪاوڙ ڪندو ۽ قيامت جي ڏينهن ڪيس راضي ڪندو. ۽ ڪفر جا چار ٿنڀا آهن: (ناحق) جاسوسي ڪرڻ، هڪ ٻئي سان جهيڳڙو ڪرڻ، ٽيڙائپ ڪرڻ ۽ دشمني رکڻ. بس جيڪو (ناحق) جاسوسي ڪندو اهو حق ڏانهن نه موٽندو، ۽ جيڪو جهالت ڪري گهڻو جهيڳڙو ڪندو ته اهو هميشه حق کان انڌو رهندو. ۽ جيڪو ٽيڙائپ اختيار ڪندو ته وٽس ڀلائي بُرائي بڻجي ويندي، ۽ بُرائي ڀلائي ٿي ويندي. ۽ گمراهي جي نشي ۾ مدهوش رهندو. ۽ جيڪو دشمني ڪندو ته مٿس رستا ڏکيا ٿي ويندا، ۽ سندس ڪم مٿس مشڪل بڻجي ويندا. ۽ ان جو ڇوٽڪارو سندس لاءِ ڏکيو ٿي ويندو. ۽ شڪ جون چار شاخون آهن: ضديت، ڀؤ ڪرڻ، ٻڏتر جو شڪار ٿيڻ، ۽ پاڻ کي حوالي ڪرڻ. بس جنهن ضد کي پنهنجي عادت بڻائي ته ان جي رات جو صبح نه ٿيندو. ۽ جنهن کي اڳيان موجود شيءِ ڀؤ ڏياري ته اهو پوئين پير موٽي ويندو.

وَ مَنْ تَرَدَّدَ فِي الرَّيْبِ وَطِئَتْهُ سَنَابِكُ الشَّيَاطِينِ وَ مَنِ اسْتَسْلَمَ لِهَلَكَةِ الدُّنْيَا وَ الْآخِرَةِ هَلَكَ فِيهِمَا.

قال الرضي رحمه الله و بعد هذا كلام تركنا ذكره خوف الإطالة و الخروج عن الغرض المقصود في هذا الكتاب.

٣٢_ وَ قَالَ عليه السلام: فَاعِلُ الْخَيْرِ خَيْرٌ مِنْهُ وَ فَاعِلُ الشَّرِّ شَرٌّ مِنْهُ.

٣٣_ وَ قَالَ عليه السلام: كُنْ سَمْحاً وَ لَا تَكُنْ مُبَذِّراً وَ كُنْ مُقَدِّراً وَ لَا تَكُنْ مُقَتِّراً.

٣٤_ وَ قَالَ عليه السلام: أَشْرَفُ الْغِنَى تَرْكُ الْمُنَى.

٣٥_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ أَسْرَعَ إِلَى النَّاسِ بِمَا يَكْرَهُونَ قَالُوا فِيهِ بِمَا لَا يَعْلَمُونَ.

٣٦_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ أَطَالَ الْأَمَلَ أَسَاءَ الْعَمَلَ.

٣٧_ وَ قَالَ عليه السلام وَ قَدْ لَقِيَهُ عِنْدَ مَسِيرِهِ إِلَى الشَّامِ دَهَاقِينُ الْأَنْبَارِ فَتَرَجَّلُوا لَهُ وَ اشْتَدُّوا بَيْنَ يَدَيْهِ فَقَالَ عليه السلام:

مَا هَذَا الَّذِي صَنَعْتُمُوهُ فَقَالُوا خُلُقٌ مِنَّا نُعَظِّمُ بِهِ أُمَرَاءَنَا فَقَالَ عليه السلام: وَ اللَّهِ مَا يَنْتَفِعُ بِهَذَا أُمَرَاؤُكُمْ وَ إِنَّكُمْ لَتَشُقُّونَ عَلَى أَنْفُسِكُمْ فِي دُنْيَاكُمْ وَ تَشْقَوْنَ بِهِ فِي آخِرَتِكُمْ وَ مَا أَخْسَرَ الْمَشَقَّةَ وَرَاءَهَا الْعِقَابُ وَ أَرْبَحَ الدَّعَةَ مَعَهَا الْأَمَانُ مِنَ النَّارِ.

۽ جيڪو شڪ ۽ شبهي ۾ رهندو تہ انکي شيطانن جا پير لتاڙيندا. ۽ جيڪو پاڻ کي دنيا ۽ آخرت جي هلاڪت جي حوالي ڪندو تہ اُهو انهن ٻنهي ۾ هلاڪ ٿي ويندو.
سيد رضي رحمه الله فرمايو: هن ڪلام کان پوءِ بہ ڪلام آهي جنهن جي بيان ڪرڻ کي ڊيگهہ جي خوف ۽ هن ڪتاب جي غرض کان نڪري وڃڻ ڪري ڇڏي ڏنو آهي.

## ٣٢_ ڀلو ڪم ڪندڙ ۽ برو ڪم ڪندڙ

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڀلي ڪم ڪرڻ وارو انکان وڌيڪ ڀلو هوندو آهي، ۽ بُري ڪم ڪرڻ وارو ان کان وڌيڪ بڇڙو هوندو آهي.

## ٣٣_ مياني روي

۽ امام عليه السلام فرمايو: سخي ٿي پر فضول خرچ ڪندڙ نہ ٿي ۽ گهٽ خرچ ڪندڙ ٿي، پر ڪنجوس نہ ٿي.

## ٣٤_ ڀلي شاهوڪاري

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڀلي شاهوڪاري (بي پرواهي) اميدن کي ڇڏڻ آهي.

## ٣٥_ ٻين تي الزام هڻڻ جو انجام

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو ماڻهن ڏانهن سندن اڻ وڻندڙ ڳالهين جي نسبت ڏيڻ ۾ جلدي ڪندو تہ ماڻهو بہ ان بابت اهو چوندا جنهن کي هو نہ ڄاڻندا هوندا.



## ٣٦_ اميد کي وڌائڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن اميد کي وڌايو ان پنهنجي عمل کي خراب ڪيو.

## ٣٧_ حڪمرانن واري تعظيم کان بيزاري

شام ڏانهن وڃڻ وقت امام عليه السلام سان انبار علائقي جي وڏيرن ملاقات ڪئي، پوءِ اُهي امام عليه السلام جي لاءِ پيدل ٿيا، ۽ سندس اڳيان ڀڄڻ لڳا. پوءِ امام عليه السلام فرمايو: توهان اهو ڇا ٿا ڪريو؟ انهن چيو: اهو اسان جو رواج آهي. جنهن سان اسان پنهنجي حڪمرانن جي تعظيم ڪندا آهيون. پوءِ امام عليه السلام فرمايو: الله جو قسم انهيءَ سان توهان جي حڪمرانن کي ڪو بہ فائدو نہ پهچندو، ۽ توهان ان ذريعي پنهنجو پاڻ کي، پنهنجيءَ دنيا ۾ تڪليف ۾ وجهندا آهيو، ۽ اُنهي جي ڪري پنهنجي آخرت ۾ بہ بدنصيب ٿيندؤ، ۽ اهڙي تڪليف ڪيڏي نہ خساري واري آهي، جنهن جي پويان عذاب هجي، ۽ اُهو سڪون ڪيڏو نہ فائده مند آهي جنهن سان گڏ جهنم کان امان هجي.

٣٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لِابْنِهِ الْحَسَنِ يَا بُنَيَّ احْفَظْ عَنِّي أَرْبَعاً وَ أَرْبَعاً لَا يَضُرُّكَ مَا عَمِلْتَ مَعَهُنَّ إِنَّ أَغْنَى الْغِنَى الْعَقْلُ وَ أَكْبَرَ الْفَقْرِ الْحُمْقُ وَ أَوْحَشَ الْوَحْشَةِ الْعُجْبُ وَ أَكْرَمَ الْحَسَبِ حُسْنُ الْخُلُقِ يَا بُنَيَّ إِيَّاكَ وَ مُصَادَقَةَ الْأَحْمَقِ فَإِنَّهُ يُرِيدُ أَنْ يَنْفَعَكَ فَيَضُرُّكَ وَ إِيَّاكَ وَ مُصَادَقَةَ الْبَخِيلِ فَإِنَّهُ يَقْعُدُ عَنْكَ أَحْوَجَ مَا تَكُونُ إِلَيْهِ وَ إِيَّاكَ وَ مُصَادَقَةَ الْفَاجِرِ فَإِنَّهُ يَبِيعُكَ بِالتَّافِهِ وَ إِيَّاكَ وَ مُصَادَقَةَ الْكَذَّابِ فَإِنَّهُ كَالسَّرَابِ يُقَرِّبُ عَلَيْكَ الْبَعِيدَ وَ يُبَعِّدُ عَلَيْكَ الْقَرِيبَ.

٣٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لَا قُرْبَةَ بِالنَّوَافِلِ إِذَا أَضَرَّتْ بِالْفَرَائِضِ.

٤٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لِسَانُ الْعَاقِلِ وَرَاءَ قَلْبِهِ وَ قَلْبُ الْأَحْمَقِ وَرَاءَ لِسَانِهِ.

قال الرضي رحمه‌الله: و هذا من المعاني العجيبة الشريفة و المراد به أن العاقل لا يطلق لسانه إلا بعد مشاورة الروية و مؤامرة الفكرة و الأحمق تسبق حذفات لسانه و فلتات كلامه مراجعة فكره و مماخضة رأيه فكأن لسان العاقل تابع لقلبه و كأن قلب الأحمق تابع للسانه.

٤١_ و قد روي عنه عليه‌السلام هذا المعنى بلفظ آخر و هو قوله:

قَلْبُ الْأَحْمَقِ فِي فِيهِ وَ لِسَانُ الْعَاقِلِ فِي قَلْبِهِ.

و معناهما واحد.

## ٣٨_ امام حسن عليه السلام کي نصيحت

۽ امام عليه السلام پنهنجي پٽ امام حسن عليه السلام کي فرمايو: اي منهنجا پٽ مونکان چار ۽ چار ياد ڪري وٺ. جو انهن جي هوندي تون جيڪو بہ عمل ڪندين اهو توکي نقصان نہ پهچائيندو. بيشڪ سڀ کان وڏي شاهوڪاري عقل آهي. ۽ سڀ کان وڏي غربت بيوقوفي آهي. ۽ سڀ کان وڏي اڪيلائپ خود پسندي آهي. ۽ سڀ کان پلو ڪردار سٺو اخلاق آهي. اي منهنجا پٽ! بيوقوف جي دوستيءَ کان بچ، ڇا ڪاڻ تہ هو توکي فائدو ڏيڻ چاهيندو پر توکي نقصان ڏئي ويهندو. ۽ ڪنجوس جي دوستيءَ کان بچ. ڇا ڪاڻ جو جتي توکي ان جي سخت ضرورت هوندي هو تنهنجو ساٿ نہ ڏيندو. ۽ ڪميٽي ماڻهو جي دوستيءَ کان بچ جو هو توکي معمولي شيءِ جي عيوض وڪڻي ڇڏيندو. ۽ ڪوڙي جي دوستيءَ کان بچ جو هو سراب وانگر آهي، جو هو پري واريءَ شيءِ کي تنهنجي ويجهو ڪري ڏيکاريندو ۽ ويجهي واريءَ شيءِ کي توکان پري ڪري ڏيکاريندو.

## ٣٩_ واجبات جي اهميت

۽ امام عليه السلام فرمايو: مستحبات سان الله جو تقرب حاصل نہ ٿيندو جڏهن اُهي واجبات کي نقصان پهچائين.

## ٤٠_ عقلمند ۽ بيوقوف

۽ امام عليه السلام فرمايو: عقلمند جي زبان سندس دل جي پويان هوندي آهي ۽ بيوقوف جي دل سندس زبان جي پويان هوندي آهي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: هي عجيب ۽ بهترين معنائن منجهان آهن، ان مان مراد آهي تہ بيشڪ عقلمند پنهنجي زبان کي استعمال ناهي ڪندو سواءِ گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ، ۽ احمق ۽ بيوقوف سمجهڻ کان پهريائين ڳالهائيندو آهي. بس جڻ تہ عقلمند جي زبان انجي دل جي تابع ۽ بيوقوف جي دل انجي زبان جي تابع هوندي آهي.

## ٤١_ عقلمند ۽ بيوقوف جي ٻيءَ تعريف

۽ امام عليه السلام کان اهو مطلب ٻين لفظن سان بہ مروري آهي، پاڻ عليه السلام فرمايائون: بيوقوف جي دل سندس وات ۾ هوندي آهي ۽ عقلمند جي زبان سندس دل ۾ هوندي آهي.

ٻنهي فرمانن جو مطلب هڪ آهي.

٤٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لِبَعْضِ أَصْحَابِهِ فِي عِلَّةٍ اعْتَلَّهَا جَعَلَ اللَّهُ مَا كَانَ مِنْ شَكْوَاكَ حَطّاً لِسَيِّئَاتِكَ فَإِنَّ الْمَرَضَ لَا أَجْرَ فِيهِ وَ لَكِنَّهُ يَحُطُّ السَّيِّئَاتِ وَ يَحُتُّهَا حَتَّ الْأَوْرَاقِ وَ إِنَّمَا الْأَجْرُ فِي الْقَوْلِ بِاللِّسَانِ وَ الْعَمَلِ بِالْأَيْدِي وَ الْأَقْدَامِ وَ إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ يُدْخِلُ بِصِدْقِ النِّيَّةِ وَ السَّرِيرَةِ الصَّالِحَةِ مَنْ يَشَاءُ مِنْ عِبَادِهِ الْجَنَّةَ.

قال الرضي رحمه‌الله و أقول: صدق عليه‌السلام إن المرض لا أجر فيه لأنه ليس من قبيل ما يستحق عليه العوض لأن العوض يستحق على ما كان في مقابلة فعل الله تعالى بالعبد من الآلام و الأمراض و ما يجري مجرى ذلك و الأجر و الثواب يستحقان على ما كان في مقابلة فعل العبد فبينهما فرق قد بينه عليه‌السلام كما يقتضيه علمه الثاقب و رأيه الصائب.

٤٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام فِي ذِكْرِ خَبَّابِ بْنِ الْأَرَتِّ: يَرْحَمُ اللَّهُ خَبَّابَ بْنَ الْأَرَتِّ فَلَقَدْ أَسْلَمَ رَاغِباً وَ هَاجَرَ طَائِعاً وَ قَنِعَ بِالْكَفَافِ وَ رَضِيَ عَنِ اللَّهِ وَ عَاشَ مُجَاهِداً.

٤٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام: طُوبَى لِمَنْ ذَكَرَ الْمَعَادَ وَ عَمِلَ لِلْحِسَابِ وَ قَنِعَ بِالْكَفَافِ وَ رَضِيَ عَنِ اللَّهِ.

٤٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لَوْ ضَرَبْتُ خَيْشُومَ الْمُؤْمِنِ بِسَيْفِي هَذَا عَلَى أَنْ يُبْغِضَنِي مَا أَبْغَضَنِي وَ لَوْ صَبَبْتُ الدُّنْيَا بِجَمَّاتِهَا عَلَى الْمُنَافِقِ عَلَى أَنْ يُحِبَّنِي مَا أَحَبَّنِي وَ ذَلِكَ أَنَّهُ قُضِيَ فَانْقَضَى عَلَى لِسَانِ النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ صلى‌الله‌عليه‌وآله أَنَّهُ قَالَ يَا عَلِيُّ لَا يُبْغِضُكَ مُؤْمِنٌ وَ لَا يُحِبُّكَ مُنَافِقٌ.

## ۴۲_ بيماريءَ جو عوض

امام عليه السلام پنهنجي هڪ ساٿيءَ کي سندس بيماريءَ جي حالت ۾ فرمايو: الله تعالىٰ تنهنجي بيماريءَ کي تنهنجي بُراين جي مِٽائڻ جو ذريعو قرار ڏنو آهي، ڇا ڪاڻ ته بيماريءَ جو ڪو اجر نه آهي، پر هيءَ براين کي مِٽائيندي آهي. ۽ بُراين کي پَنن جي ڇاڻڻ وانگر ڇاٽيندي آهي. اجر ته رڳو زبان سان ڳالهائڻ، ۽ هٿن ۽ پيرن سان عمل ڪرڻ ۾ آهي. ۽ بيشڪ الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي چاهيندو آهي انکي سچيءَ نيت ۽ نيڪ ضمير جي ڪري جنت ۾ داخل ڪندو آهي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام سچ فرمايو آهي بيشڪ بيماري ۾ اجر ۽ ثواب ڪونهي ڇا ڪاڻ ته بيماري ان قسم مان آهي جنهن تي عوض (بدلي) جو حقدار ٿئي ٿو، ڇا ڪاڻ ته عوض جو حقدار انهن شين تي ٿيندو جيڪي الله تعالىٰ طرفان سندس ٻانهي کي بيماريون تڪليفون وغيره ملنديون آهن. جڏهن ته اجر ۽ ثواب جو استحقاق ٻانهي جي فعل جي ڪري هوندو آهي بس ٻنهي ۾ فرق آهي جنهن کي امام عليه السلام ائين بيان فرمايو آهي جيئن سندس روشن علم ۽ صحيح راءِ جي تقاضا هئي.

## ۴۳_ خباب بن ارت

۽ امام عليه السلام خباب بن اَرت جي باري ۾ فرمايو: الله تعالىٰ خباب بن ارت تي رحمت نازل ڪري بيشڪ هن شوق سان اسلام آندو، خوشيءَ سان هجرت ڪئي، ۽ ضرورت وارين شين تي قناعت ڪئي، ۽ الله کان راضي رهيو، ۽ مجاهد تي زندگي گذاري.



## ۴۴_ خوش بخت انسان

۽ امام عليه السلام فرمايو: خوش بختي هجي ان لاءِ جنهن قيامت کي ياد رکيو، ۽ حساب ۽ ڪتاب لاءِ عمل ڪيو، ۽ ضرورت وارين شين تي قانع ٿيو، ۽ الله کان راضي رهيو.

## ۴۵_ مومن ۽ منافق

۽ امام عليه السلام فرمايو: اگر آءٌ پنهنجي هن تلوار سان مؤمن جي نڪ کي وڍي ڇڏيان ته جيئن هو مون سان دشمني ڪري ته اهو هرگز مون سان دشمني نه ڪندو، ۽ اگر آءٌ پوري دنيا منافق کي ڏيئي ڇڏيان ته جيئن هو مون سان محبت ڪري ته اهو هرگز مون سان محبت نه ڪندو، ڇا ڪاڻ ته هي اهو فيصلو آهي جيڪو نبيءَ اميءَ صلي الله عليه وآله جي مبارڪ زبان تي ٿي چڪو آهي، جو پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم فرمايائون: اي علي عليه السلام مؤمن تو سان دشمني نه ڪندو، ۽ منافق تو سان محبت نه ڪندو.

٤٦_ وَ قَالَ عليه السلام سَيِّئَةٌ تَسُوءُكَ خَيْرٌ عِنْدَ اللَّهِ مِنْ حَسَنَةٍ تُعْجِبُكَ.

٤٧_ وَ قَالَ عليه السلام:

قَدْرُ الرَّجُلِ عَلَى قَدْرِ هِمَّتِهِ وَ صِدْقُهُ عَلَى قَدْرِ مُرُوءَتِهِ وَ شَجَاعَتُهُ عَلَى قَدْرِ أَنَفَتِهِ وَ عِفَّتُهُ عَلَى قَدْرِ غَيْرَتِهِ.

٤٨_ وَ قَالَ عليه السلام: الظَّفَرُ بِالْحَزْمِ وَ الْحَزْمُ بِإِجَالَةِ الرَّأْيِ وَ الرَّأْيُ بِتَحْصِينِ الْأَسْرَارِ.

٤٩_ وَ قَالَ عليه السلام: احْذَرُوا صَوْلَةَ الْكَرِيمِ إِذَا جَاعَ وَ اللَّئِيمِ إِذَا شَبِعَ.

٥٠_ وَ قَالَ عليه السلام: قُلُوبُ الرِّجَالِ وَحْشِيَّةٌ فَمَنْ تَأَلَّفَهَا أَقْبَلَتْ عَلَيْهِ.

٥١_ وَ قَالَ عليه السلام: عَيْبُكَ مَسْتُورٌ مَا أَسْعَدَكَ جَدُّكَ.



٥٢_ وَ قَالَ عليه السلام: أَوْلَى النَّاسِ بِالْعَفْوِ أَقْدَرُهُمْ عَلَى الْعُقُوبَةِ.

٥٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

السَّخَاءُ مَا كَانَ ابْتِدَاءً فَأَمَّا مَا كَانَ عَنْ مَسْأَلَةٍ فَحَيَاءٌ وَ تَذَمُّمٌ.

## ۴٦_ خودپسنديءَ

۽ امام عليه السلام فرمايو: اها برائي جيڪا تو کي پريشان ڪري الله تعالىٰ وٽ ان نيڪيءَ کان ڀلي آهي جيڪا تو کي خودپسنديءَ ۾ متبلا ڪري.

## ۴٧_ مرد جو مقام

۽ امام عليه السلام فرمايو: مرد جو مقام سندس همت جي مطابق هوندو آهي، ۽ ان جي سچائي سندس مروت جي مطابق هوندي آهي، ۽ سندس بهادري ان جي خودداري جي مطابق هوندي اهي، ۽ ان جي پاڪدامني سندس غيرت جي مطابق هوندي آهي.

## ۴٨_ ڪاميابي

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪاميابي پختگيءَ سان ٿيندي آهي، ۽ پختگي مَضبوط راءِ سان ٿيندي آهي، ۽ راءِ رازن کي محفوظ رکڻ سان ٿيندي آهي.

## ۴٩_ بڪايل شريف

۽ امام عليه السلام فرمايو: بڪايل شريف ۽ ڍايل ڪميڻي جي حملي کان بچو.

## ۵٠_ مردن جون دليون

۽ امام عليه السلام فرمايو: مردن جون دليون جهنگلي جانورن جيان هونديون آهن جيڪو انهن سان محبت ڪندو ڏانهس مڙي پونديون.



## ۵١_ ڀلو ڀاڱ

۽ امام عليه السلام فرمايو: تنهنجو عيب ڍڪيل آهي جيستائين تنهنجو ڀاڱ ڀلو آهي.

## ۵٢_ معافي ڏيڻ جو حقدار

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهن مان معاف ڪرڻ جو وڌيڪ حقدار اهو آهي جيڪو سزا ڏيڻ تي وڌيڪ سگهه رکي.

## ۵٣_ سخاوت

۽ امام عليه السلام فرمايو: گُهرڻ کان پهريائين ڏيڻ سخاوت آهي، البتہ جيڪو گُهرڻ سان ڏنو وڃي اهو لڄ جي ڪري ۽ مذمت کان بچڻ ڪري آهي.

٥٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

لَا غِنَى كَالْعَقْلِ وَ لَا فَقْرَ كَالْجَهْلِ وَ لَا مِيرَاثَ كَالْأَدَبِ وَ لَا ظَهِيرَ كَالْمُشَاوَرَةِ.

٥٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

الصَّبْرُ صَبْرَانِ صَبْرٌ عَلَى مَا تَكْرَهُ وَ صَبْرٌ عَمَّا تُحِبُّ.

٥٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام : الْغِنَى فِي الْغُرْبَةِ وَطَنٌ وَ الْفَقْرُ فِي الْوَطَنِ غُرْبَةٌ.

٥٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام : الْقَنَاعَةُ مَالٌ لَا يَنْفَدُ.

قال الرضي رحمه‌الله : و قد روي هذا الكلام عن النبي صلى‌الله‌عليه‌وآله‌وسلم.

٥٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام : الْمَالُ مَادَّةُ الشَّهَوَاتِ.



٥٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام مَنْ حَذَّرَكَ كَمَنْ بَشَّرَكَ.

٦٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

اللِّسَانُ سَبُعٌ إِنْ خُلِّيَ عَنْهُ عَقَرَ.

٦١_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

الْمَرْأَةُ عَقْرَبٌ حُلْوَةُ اللَّسْبَةِ.

## ۵۴_ عقل، جهالت، ادب ۽ مشورو

امام عليه السلام فرمايو: عقل جهڙي ڪا شاهوڪاري ڪانهي، ۽ جهالت جهڙي ڪا فقيري ڪانهي، ۽ ادب جهڙي ڪا ميراث ڪانهي، ۽ مشوري جهڙو ڪو مددگار ڪونهي.

## ۵۵_ صبر

۽ امام عليه السلام فرمايو: صبر جا ٻه قسم آهن: هڪ ان تي صبر ڪرڻ جنهن کي تون پسند نه ڪرين، ۽ ٻيو ان کان صبر ڪرڻ جنهن کي تون پسند ڪرين.

## ۵٦_ شاهوڪاري ۽ فقيري

۽ امام عليه السلام فرمايو: شاهوڪاري پرديس ۾ به ديس آهي، ۽ فقيري ديس ۾ به پرديس آهي.

## ۵۷_ قناعت

۽ امام عليه السلام فرمايو: قناعت اهڙو مال آهي جيڪو ختم ناهي ٿيندو.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: هي ڪلام نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم کان به مروي آهي.

## ۵۸_ مال

۽ امام عليه السلام فرمايو: مال خواهشن جو سرچشمو آهي.

## ۵۹_ ڊيڄارڻ وارو

۽ امام عليه السلام فرمايو: تو کي (برائين کان) ڊيڄارڻ وارو، تو کي خوشخبريءَ ڏيڻ واري جيان آهي.

## ٦٠_ زبان

۽ امام عليه السلام فرمايو: زبان اهڙو درندو آهي جو اگر انکي ڇوٽ ڏني وڃي ته چيري ڇڏي.

## ٦١_ عورت

۽ امام عليه السلام فرمايو: عورت هڪ اهڙو وِڇون آهي جنهن جو ڏنگڻ مِنو آهي.

٦٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

إِذَا حُيِّيت بِتَحِيَّةٍ فَحَيِّ بِأَحْسَنَ مِنْهَا وَ إِذَا أُسْدِيَتْ إِلَيْكَ يَدٌ

فَكَافِئْهَا بِمَا يُرْبِي عَلَيْهَا وَ الْفَضْلُ مَعَ ذَلِكَ لِلْبَادِئِ.

٦٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الشَّفِيعُ جَنَاحُ الطَّالِبِ.

٦٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام: أَهْلُ الدُّنْيَا كَرَكْبٍ يُسَارُ بِهِمْ وَ هُمْ نِيَامٌ.

٦٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام: فَقْدُ الْأَحِبَّةِ غُرْبَةٌ.

٦٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام: فَوْتُ الْحَاجَةِ أَهْوَنُ مِنْ طَلَبِهَا إِلَى غَيْرِ أَهْلِهَا.

٦٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام:



لَا تَسْتَحِ مِنْ إِعْطَاءِ الْقَلِيلِ فَإِنَّ الْحِرْمَانَ أَقَلُّ مِنْهُ.

٦٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الْعَفَافُ زِينَةُ الْفَقْرِ وَ الشُّكْرُ زِينَةُ الْغِنَى.

٦٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام: إِذَا لَمْ يَكُنْ مَا تُرِيدُ فَلَا تُبَلْ مَا كُنْتَ.

٧٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لَا تَرَى الْجَاهِلَ إِلَّا مُفْرِطاً أَوْ مُفَرِّطاً.

## ٦٢_ سلام ۽ احسان

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن تو تي سلام ڪيو وڃي ته انڪان پلو جواب ڏي، ۽ جڏهن تو سان ڪو احسان ڪيو وڃي ته انڪي وڌائي ڪري بدلو ڏي. وري به فضيلت شروعات ڪندڙ لاءِ آهي.

## ٦٣_ سفارش

۽ امام عليه السلام فرمايو: سفارش ڪندڙ طلبگار جو پَر آهي.

## ٦٤_ دنيا وارا

۽ امام عليه السلام فرمايو: دنيا وارا انهن سوارن جيان آهن جن کي سفر ڪرايو وڃي ٿو جڏهن ته اُهي ننڊ پيا آهن.

## ٦٥_ پيارن جو وڇوڙو

۽ امام عليه السلام فرمايو: پيارن جو وڇوڙو اوپرائپ آهي.

## ٦٦_ نااهل کان گُهرڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: نااهل وٽان گُهرڻ کان ضرورت جو رهجي وڃڻ آسان آهي.

## ٦٧_ ٿورو ڏيڻ

امام عليه السلام فرمايو: ٿوري ڏيڻ کان لڄي نه ٿي، ڇا ڪاڻ ته محروم ڪرڻ ان کان به ڪِريل آهي.



## ٦٨_ پاڪدامني ۽ شڪر

۽ امام عليه السلام فرمايو: پاڪدامني غربت جي زينت آهي، ۽ شڪر شاهوڪاريءَ جي سونهن آهي.

## ٦٩_ هر حال ۾ خوش رهڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن تنهنجي چاهت پوري نه ٿئي ته جنهن حال ۾ آهين ان تي ڳڻتي نه ڪر.

## ٧٠_ جاهل

۽ امام عليه السلام فرمايو: تون جاهل کي نه ڏسندين مگر يا حد کان وڌڻ وارو، يا انکان پوئتي رهڻ وارو.

٧١_ وَ قَالَ عليه السلام: إِذَا تَمَّ الْعَقْلُ نَقَصَ الْكَلَامُ.

٧٢_ وَ قَالَ عليه السلام:

الدَّهْرُ يُخْلِقُ الْأَبْدَانَ وَ يُجَدِّدُ الْآمَالَ وَ يُقَرِّبُ الْمَنِيَّةَ وَ يُبَاعِدُ الْأُمْنِيَّةَ مَنْ ظَفِرَ بِهِ نَصِبَ وَ مَنْ فَاتَهُ تَعِبَ.

٧٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَنْ نَصَبَ نَفْسَهُ لِلنَّاسِ إِمَاماً فَلْيَبْدَأْ بِتَعْلِيمِ نَفْسِهِ قَبْلَ تَعْلِيمِ غَيْرِهِ وَ لْيَكُنْ تَأْدِيبُهُ بِسِيرَتِهِ قَبْلَ تَأْدِيبِهِ بِلِسَانِهِ وَ مُعَلِّمُ نَفْسِهِ وَ مُؤَدِّبُهَا أَحَقُّ بِالْإِجْلَالِ مِنْ مُعَلِّمِ النَّاسِ وَ مُؤَدِّبِهِمْ.

٧٤_ وَ قَالَ عليه السلام:

نَفَسُ الْمَرْءِ خُطَاهُ إِلَى أَجَلِهِ.



٧٥_ وَ قَالَ عليه السلام: كُلُّ مَعْدُودٍ مُنْقَضٍ وَ كُلُّ مُتَوَقَّعٍ آتٍ.

٧٦_ وَ قَالَ عليه السلام: إِنَّ الْأُمُورَ إِذَا اشْتَبَهَتْ اعْتُبِرَ آخِرُهَا بِأَوَّلِهَا.

٧٧_ وَ مِنْ خَبَرِ ضِرَارِ بْنِ حَمْزَةَ الضَّبَائِيِّ عِنْدَ دُخُولِهِ عَلَى مُعَاوِيَةَ وَ مَسْأَلَتِهِ لَهُ عَنْ أَمِيرِ الْمُؤْمِنِينَ عليه السلام وَ قَالَ فَأَشْهَدُ لَقَدْ رَأَيْتُهُ فِي بَعْضِ مَوَاقِفِهِ وَ قَدْ أَرْخَى اللَّيْلُ سُدُولَهُ وَ هُوَ قَائِمٌ فِي مِحْرَابِهِ قَابِضٌ عَلَى لِحْيَتِهِ يَتَمَلْمَلُ تَمَلْمُلَ السَّلِيمِ وَ يَبْكِي بُكَاءَ الْحَزِينِ وَ يَقُولُ: يَا دُنْيَا يَا دُنْيَا إِلَيْكِ عَنِّي أَ بِي تَعَرَّضْتِ أَمْ إِلَيَّ تَشَوَّقْتِ لَا حَانَ حِينُكِ هَيْهَاتَ،

## ٧١_ ڪامل عقل

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن عقل ڪامل ٿيندو آهي ته ڳالهائڻ گهٽجي ويندو آهي.

## ٧٢_ زمانو

۽ امام عليه السلام فرمايو: زمانو جسمن کي پراڻو ڪري ٿو، ۽ اميدن کي نئون ڪري ٿو، ۽ موت کي ويجهو ڪري ٿو، ۽ تمنائن کي پري ڪري ٿو. جيڪو ڪامياب ٿئي ٿو ته ڏک پائي ٿو، ۽ جيڪو ناڪام ٿئي ٿو ته رنج سهي ٿو.

## ٧٣_ اڳواڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو پاڻ کي ماڻهن جو اڳواڻ مقرر ڪري ته ٻئي کي سيکارڻ کان پهريائين پاڻ کي سيکاري، ۽ پنهنجي زبان سان ادب سيکارڻ کان پهريائين پنهنجي سيرت سان ادب سيکاري. ۽ پاڻ کي سيکارڻ ۽ مؤدب بڻائڻ وارو ماڻهن کي سيکارڻ ۽ مؤدب بڻائڻ واري کان ڏيک عزت جو حقدار آهي.

## ٧٤_ موت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهوءَ جو ساهه کڻڻ سندس موت ڏانهن وِک وڌائڻ آهي.

## ٧٥_ وڃڻي ۽ اچڻي شيءِ

۽ امام عليه السلام فرمايو: هر ڳڻيل شيءِ کُٽي ويندي، ۽ هر اچڻي شيءِ اچي ويندي.



## ٧٦_ مشتبہ امور

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن امور مشتبہ ٿي پون ته انهن جي آخر کي اول سان پرکيو وڃي.

## ٧٧_ ضرار بن حمزه ضبائي جو معاويہ وٽ امام علي عليه السلام جي تعريف

۽ جڏهن ضرار بن حمزه ضبائي معاويہ وٽ ويو ۽ هن ڪانئس اميرالمؤمنين عليه السلام بابت پڇيو ته ان چيو آءٌ گواهي ڏيان ٿو ته آءٌ ڪجهه موقعن تي ڪيس ان وقت ڏٺو جڏهن رات پنهنجي پردن کي ڪنڌيري چڪي هئي ته پاڻ عليه السلام محراب ۾ بيهي پنهنجي ڏاڙهيءَ مبارڪ کي پڪڙي ۽ نانگ جي ڏنگيل جي تڙپڻ وانگر تڙپي رهيا هئا ۽ ڏکاري ماڻهو جي روئڻ وانگر روئي رهيا هئا ۽ هي مناجات ڪري رهيا هئا: اي دنيا، اي دنيا مونکان پري ٿي وڃ، ڇا منهنجي سامهون اچين ٿي؟، يا ڇا مون لاءِ ماندين آهين؟ ۽ تنهنجي اچڻ جو وقت ناهي.

غُرِّي غَيْرِي لَا حَاجَةَ لِي فِيكِ قَدْ طَلَّقْتُكِ ثَلَاثاً

لَا رَجْعَةَ فِيهَا فَعَيْشُكِ قَصِيرٌ وَ خَطَرُكِ يَسِيرٌ وَ أَمَلُكِ

حَقِيرٌ آهِ مِنْ قِلَّةِ الزَّادِ وَ طُولِ الطَّرِيقِ وَ بُعْدِ السَّفَرِ وَ عَظِيمِ الْمَوْرِدِ.

*٧٨_ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه السلام لِلسَّائِلِ الشَّامِيِّ لَمَّا سَأَلَهُ أَ كَانَ مَسِيرُنَا إِلَى الشَّامِ بِقَضَاءٍ مِنَ اللَّهِ وَ قَدَرٍ بَعْدَ كَلَامٍ طَوِيلٍ هَذَا مُخْتَارُهُ:*

وَيْحَكَ لَعَلَّكَ ظَنَنْتَ قَضَاءً لَازِماً وَ قَدَراً حَاتِماً لَوْ كَانَ ذَلِكَ كَذَلِكَ لَبَطَلَ الثَّوَابُ وَ الْعِقَابُ وَ سَقَطَ الْوَعْدُ وَ الْوَعِيدُ إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ أَمَرَ عِبَادَهُ تَخْيِيراً وَ نَهَاهُمْ تَحْذِيراً وَ كَلَّفَ يَسِيراً

وَ لَمْ يُكَلِّفْ عَسِيراً وَ أَعْطَى عَلَى الْقَلِيلِ كَثِيراً وَ لَمْ يُعْصَ مَغْلُوباً وَ لَمْ يُطَعْ مُكْرِهاً وَ لَمْ يُرْسِلِ الْأَنْبِيَاءَ لَعِباً وَ لَمْ يُنْزِلِ الْكُتُبَ لِلْعِبَادِ عَبَثاً وَ لَا خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَ الْأَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا ﴿ذلِكَ ظَنُّ الَّذِينَ كَفَرُوا فَوَيْلٌ لِلَّذِينَ كَفَرُوا مِنَ النَّارِ[١]﴾.



١: ص : الآية: ٢٧.

اهو بعيد آهي، منهنجي غير کي ڏوڪو ڏي، مون کي تنهنجي ضرورت نہ آهي، بيشڪ مون تو کي ٽي طلاقون ڏئي ڇڏيون آهن جنهن کانپوءِ رجوع ڪونهي، بس تنهنجي زندگي ٿوري آهي ۽ تنهنجي اهميت معمولي آهي، ۽ تنهنجي اميد خسيس آهي. هاءِ سمر ٿورو آهي، رستو ڊگهو آهي، سفر پري آهي، ۽ منزل سخت آهي.

## ٧٨_ قضاءِ قدر

**امام عليه السلام جو ڪلام، جڏهن سوال ڪندڙ شامي امام عليه السلام کان پڇيو تہ اسان جو شام ڏانهن سفر الله جي قضا ۽ قدر سان هيو؟ تہ امام عليه السلام کيس ڊگهو جواب ڏنو جنهن جو چونڊ حصو هي آهي:**

تو تي افسوس هجي شايد تو لازميءَ قضا ۽ حتمي قدر جو گمان ڪيو آهي، اگر ائين هجي ها جيئن تو گمان ڪيو آهي تہ ثواب ۽ سزا غلط ٿي وڃن ها ۽ جنت جو واعدو ۽ جهنم جو دڙڪو ختم ٿي وڃي ها.

بيشڪ الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن کي مختار بڻائي حڪم ڏنو آهي ۽ ديڄاري نهي ڪئي آهي ۽ سولي تڪليف ڏني آهي ۽ ڏکي تڪليف ناهي ڏني. ۽ ٿوري تي گهڻو اجر ڏنو آهي. ۽ انکي مغلوب بڻائي نافرماني نٿي ڪئي وڃي ۽ نہ هن جي مجبور ڪرڻ تي سندس اطاعت ڪئي وڃي ٿي.

۽ هن نبين کي اجايو ناهي موڪليو، ۽ نہ وري هن ٻانهن لاءِ ڪتاب فضول نازل ڪيا آهن. ۽ نہ آسمان ۽ زمين ۽ جو ڪجھ انهن جي درميان آهي، ان کي بيڪار پيدا ڪيو آهي. ”اهو ڪافرن جو گمان آهي . بس ڪافرن جي لاءِ باھ جو عذاب آهي[١] “.



١: ص: آيت: ٢٧.

٧٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

خُذِ الْحِكْمَةَ أَنَّى كَانَتْ فَإِنَّ الْحِكْمَةَ تَكُونُ فِي صَدْرِ الْمُنَافِقِ فَتَلَجْلَجُ فِي صَدْرِهِ حَتَّى تَخْرُجَ فَتَسْكُنَ إِلَى صَوَاحِبِهَا فِي صَدْرِ الْمُؤْمِنِ.

٨٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

اَلْحِكْمَةُ ضَالَّةُ الْمُؤْمِنِ فَخُذِ الْحِكْمَةَ وَ لَوْ مِنْ أَهْلِ النِّفَاقِ.

٨١_ وَ قَالَ عليه‌السلام : قِيمَةُ كُلِّ امْرِئٍ مَا يُحْسِنُهُ.

قال الرضي رحمه‌الله: هي الكلمة التي لا تصاب لها قيمة و لا توزن بها حكمة و لا تقرن إليها كلمة.

٨٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام :



أُوصِيكُمْ بِخَمْسٍ لَوْ ضَرَبْتُمْ إِلَيْهَا آبَاطَ الْإِبِلِ لَكَانَتْ لِذَلِكَ أَهْلًا لَا يَرْجُوَنَّ أَحَدٌ مِنْكُمْ إِلَّا رَبَّهُ وَ لَا يَخَافَنَّ إِلَّا ذَنْبَهُ وَ لَا يَسْتَحِيَنَّ أَحَدٌ مِنْكُمْ إِذَا سُئِلَ عَمَّا لَا يَعْلَمُ أَنْ يَقُولَ لَا أَعْلَمُ وَ لَا يَسْتَحِيَنَّ أَحَدٌ إِذَا لَمْ يَعْلَمِ الشَّيْءَ أَنْ يَتَعَلَّمَهُ وَ عَلَيْكُمْ بِالصَّبْرِ فَإِنَّ الصَّبْرَ مِنَ الْإِيمَانِ كَالرَّأْسِ مِنَ الْجَسَدِ وَ لَا خَيْرَ فِي جَسَدٍ لَا رَأْسَ مَعَهُ وَ لَا فِي إِيمَانٍ لَا صَبْرَ مَعَهُ.

٨٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام : لِرَجُلٍ أَفْرَطَ فِي الثَّنَاءِ عَلَيْهِ وَ كَانَ لَهُ مُتَّهِماً: أَنَا دُونَ مَا تَقُولُ وَ فَوْقَ مَا فِي نَفْسِكَ.

## ٧٩_ حڪمت

۽ امام عليه السلام فرمايو: حڪمت وٺ جتي بہ هجي، بيشڪ حڪمت منافق جي سيني ۾ هوندي آهي تہ سندس سيني ۾ تڙپندي رهندي آهي، تان جو نڪري ڪري مؤمن جي سيني ۾ پنهنجي ٻين ساٿياڻين سان ملي ڪري پُرسڪون ٿيندي آهي.

## ٨٠_ حڪمت

۽ امام عليه السلام فرمايو: حڪمت مؤمن جي گم ٿيل شيءِ آهي، بس حڪمت وٺ جيتوڻيڪ منافقن کان ئي ڇو نہ وٺڻي پئي.

## ٨١_ انسان جي قيمت

۽ امام عليه السلام فرمايو: هر انسان جي قيمت ان جون خوبيون آهن.
سيد رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام جي هن جملي جي قيمت نٿي ڪري سگهجي، ۽ نہ وري ڪنهن حڪمت جي ان سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي، ۽ نہ وري ڪو ٻيو ڪلمو ان جي برابر ٿي سگهي ٿو.

## ٨٢_ امام عليه السلام جون پنج قيمتي نصيحتون

۽ امام عليه السلام فرمايو: آءٌ توهان کي اهڙين پنجن شين جي نصيحت ڪريان ٿو جو اگر توهان انهن لاءِ اُٺن تي پاڪڙه ٻڌي نڪري پوءِ تڏهن بہ اُهي شيون ان لائق آهن. توهان مان ڪو هڪڙو بہ اميد نہ رکي مگر پنهنجي ربّ ۾، ۽ هرگز نہ ڊڄي مگر پنهنجي گناه کان، ۽ جڏهن توهان مان ڪنهن کان بہ اهو پڇيو وڃي جنهن کي هو نہ ٿو ڄاڻي تہ هو هرگز ان چوڻ کان لڄي نہ ٿئي تہ ”آءٌ نٿو ڄاڻان“، ۽ ڪو هرگز ان شيءِ جي سکڻ کان لڄي نہ ٿئي جنهن شيءِ کي هو نہ نٿو ڄاڻي. ۽ توهان کي صبر ڪرڻ گهرجي ڇا ڪاڻ تہ صبر جي نسبت ايمان سان ائين آهي جيئن سر جي جسم سان آهي، ۽ ان جسم ۾ ڪا ڀلائي ڪانهي جنهن سان سر گڏ نہ هجي، ۽ ان ايمان ۾ بہ ڪا ڀلائي نہ آهي جنهن سان صبر گڏ نہ هجي.

## ٨٣_ جڏهن هڪ شخص امام عليه السلام جي تعريف ڪئي

هڪ شخص امام عليه السلام جي حد کان وڌيڪ تعريف ڪئي جڏهن تہ هو عقيدت مند نہ هو تہ امام عليه السلام کيس فرمايو: جيڪو تون چوين ٿو مان ان کان گهٽ آهيان ۽ جيڪو تنهنجي اندر ۾ آهي مان ان کان مٿي آهيان.

٨٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

بَقِيَّةُ السَّيْفِ أَبْقَى عَدَداً وَ أَكْثَرُ وَلَداً.

٨٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

مَنْ تَرَكَ قَوْلَ لَا أَدْرِي أُصِيبَتْ مَقَاتِلُهُ.

٨٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام: رَأْيُ الشَّيْخِ أَحَبُّ إِلَيَّ مِنْ جَلَدِ الْغُلَامِ.

وَ رُوِيَ مِنْ مَشْهَدِ الْغُلَامِ.

٨٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

عَجِبْتُ لِمَنْ يَقْنَطُ وَ مَعَهُ الِاسْتِغْفَارُ.

٨٨_ وَ حَكَى عَنْهُ أَبُو جَعْفَرٍ مُحَمَّدُ بْنُ عَلِيٍّ الْبَاقِرُ عليه‌السلام أَنَّهُ قَالَ:



كَانَ فِي الْأَرْضِ أَمَانَانِ مِنْ عَذَابِ اللَّهِ وَ قَدْ رُفِعَ أَحَدُهُمَا فَدُونَكُمُ الْآخَرَ فَتَمَسَّكُوا بِهِ أَمَّا الْأَمَانُ الَّذِي رُفِعَ فَهُوَ رَسُولُ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله وَ أَمَّا الْأَمَانُ الْبَاقِي فَالاسْتِغْفَارُ قَالَ اللَّهُ تَعَالَى ﴿وَ ما كانَ اللَّهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَ أَنْتَ فِيهِمْ وَ ما كانَ اللَّهُ مُعَذِّبَهُمْ وَ هُمْ يَسْتَغْفِرُونَ[1]﴾.

قال الرضي رحمه‌الله: و هذا من محاسن الاستخراج و لطائف الاستنباط.

---

١: الانفال: الآية: ٣٣.

## ٨٤_ غازي

۽ امام عليه السلام فرمايو: تلوار جا بچيل (غازي) تعداد کي باقي رکندڙ ۽ نسل کي وڌائيندڙ هوندا آهن.

## ٨٥_ جهالت جو اقرار نہ ڪرڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن اهو چوڻ ڇڏي ڏنو تہ ”مون کي خبر نہ آهي“ تہ اهو برباديءَ جو نشانو بڻجندو.

## ٨٦_ پوڙهي جي راءِ

۽ امام عليه السلام فرمايو: پوڙهي جي راءِ مون کي جوان جي همت کان وڌيڪ پسند آهي.
هڪ روايت ۾ آهي: جوان جي خطري ۾ ثابت قدم رهڻ کان وڌيڪ پسند آهي.

## ٨٧_ استغفار

۽ امام عليه السلام فرمايو: مون کي ان ماڻهوءَ تي تعجب آهي جيڪو مايوس ٿئي ٿو جڏهن تہ وٽس استغفار آهي.

## ٨٨_ استغفار جي اهميت

۽ امام محمد باقر عليه السلام کان مروي آهي تہ امام علي عليه السلام فرمايو: زمين ۾ الله تعالىٰ جي عذاب کان بہ شيون امان هيون، هڪڙيءَ کي کنيو ويو آهي، ۽ ٻي توهان وٽ آهي، بس انکي مضبوطيءَ سان وٺو، اها امان جيڪا کنئي وئي آهي اها رسول الله عليه السلام جن آهن ۽ جيڪا امان باقي آهي اها استغفار ڪرڻ آهي، الله تعالىٰ فرمايو آهي: ” ۽ الله کي ائين نٿو جڳائي، تہ هو انهن تي عذاب ڪري، جڏهن تہ تون انهن ۾ موجود آهين . ۽ الله انهن تي عذاب ڪرڻ وارو نہ آهي، جڏهن تہ اهي استغفار ڪري رهيا هجن [١]“.
سيد رضي رحمه الله فرمايو: هي بهترين نتيجو ڪڍڻ ۽ عمده استنباط ڪرڻ آهي.



[١]: انفال: آيت: ٣٣.

٨٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

مَنْ أَصْلَحَ مَا بَيْنَهُ وَ بَيْنَ اللَّهِ أَصْلَحَ اللَّهُ مَا بَيْنَهُ وَ بَيْنَ النَّاسِ وَ مَنْ أَصْلَحَ أَمْرَ آخِرَتِهِ أَصْلَحَ اللَّهُ لَهُ أَمْرَ دُنْيَاهُ وَ مَنْ كَانَ لَهُ مِنْ نَفْسِهِ وَاعِظٌ كَانَ عَلَيْهِ مِنَ اللَّهِ حَافِظٌ.

٩٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الْفَقِيهُ كُلُّ الْفَقِيهِ مَنْ لَمْ يُقَنِّطِ النَّاسَ مِنْ رَحْمَةِ اللَّهِ وَ لَمْ يُؤْيِسْهُمْ مِنْ رَوْحِ اللَّهِ وَ لَمْ يُؤْمِنْهُمْ مِنْ مَكْرِ اللَّهِ.

٩١_ وَ قَالَ عليه‌السلام: إِنَّ هَذِهِ الْقُلُوبَ تَمَلُّ كَمَا تَمَلُّ الْأَبْدَانُ فَابْتَغُوا لَهَا طَرَائِفَ الْحِكَمِ.

٩٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام: أَوْضَعُ الْعِلْمِ مَا وُقِفَ عَلَى اللِّسَانِ وَ أَرْفَعُهُ مَا ظَهَرَ فِي الْجَوَارِحِ وَ الْأَرْكَانِ.

٩٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لَا يَقُولَنَّ أَحَدُكُمُ اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْفِتْنَةِ لِأَنَّهُ لَيْسَ أَحَدٌ إِلَّا وَ هُوَ مُشْتَمِلٌ عَلَى فِتْنَةٍ وَ لَكِنْ مَنِ اسْتَعَاذَ فَلْيَسْتَعِذْ مِنْ مُضِلَّاتِ الْفِتَنِ فَإِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ يَقُولُ ﴿وَ اعْلَمُوا أَنَّما أَمْوالُكُمْ وَ أَوْلادُكُمْ فِتْنَةٌ﴾[١] وَ مَعْنَى ذَلِكَ أَنَّهُ يَخْتَبِرُهُمْ بِالْأَمْوَالِ وَ الْأَوْلَادِ لِيَتَبَيَّنَ السَّاخِطَ لِرِزْقِهِ وَ الرَّاضِيَ بِقِسْمِهِ وَ إِنْ كَانَ سُبْحَانَهُ أَعْلَمَ بِهِمْ مِنْ أَنْفُسِهِمْ وَ لَكِنْ لِتَظْهَرَ الْأَفْعَالُ الَّتِي بِهَا يُسْتَحَقُّ الثَّوَابُ وَ الْعِقَابُ لِأَنَّ بَعْضَهُمْ يُحِبُّ الذُّكُورَ وَ يَكْرَهُ الْإِنَاثَ وَ بَعْضَهُمْ يُحِبُّ تَثْمِيرَ الْمَالِ وَ يَكْرَهُ انْثِلَامَ الْحَالِ.

قال الرضي رحمه‌الله: و هذا من غريب ما سمع منه في التفسير.



---

١: الانفال: الآية: ٢٨.

## ٨٩_ اخروي ڪمن جي اصلاح

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن پنهنجي ۽ الله جي وچ ۾ معاملن کي ٺيڪ رکيو ته الله تعاليٰ سندس ۽ ماڻهن جي وچ ۾ معاملن کي ٺيڪ رکندو، ۽ جنهن پنهنجي آخرت جي ڪمن جي اصلاح ڪئي ته الله تعاليٰ سندس دنيا جي ڪمن جي اصلاح ڪندو، ۽ جيڪو پنهنجي پاڻ کي نصيحت ڪندڙ هوندو ته الله وٽان سندس لاءِ حفاظت ڪندڙ هوندو.

## ٩٠_ ڪامل فقيہ

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪامل فقيہ اُهو آهي جيڪو ماڻهن کي الله جي رحمت کان مايوس نہ ڪري، ۽ کين الله جي لطف کان نا اميد نہ ڪري، ۽ انهن کي الله جي عذاب کان بي خوف نہ ڪري.

## ٩١_ دلين جي ٿڪاوٽ

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ هي دليون بہ ائين ٿڪجي پونديون آهن جيئن بدن ٿڪجي پوندا آهن، بس انهن لاءِ انمول حڪمتن کي ڳولهيو.

## ٩٢_ هيٺئين ۽ مٿئين درجي وارو علم

۽ امام عليه السلام فرمايو: هيٺئين درجي وارو علم اُهو آهي جيڪو زبان تائين محدود رهي، ۽ مٿئين درجي وارو علم اُهو آهي جيڪو لڱن ۽ عضون کان ظاهر ٿئي.



## ٩٣_ فتنن کان پناهہ

۽ امام عليه السلام فرمايو: توهان مان ڪو هرگز ائين نہ چوي تہ "اي الله آءٌ فتني کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو" ڇاڪاڻ تہ ڪو بہ اهڙو ڪونهي مگر اُهو فتني ۾ وڪوڙيل آهي. پر جيڪو پناهہ گهري تہ کيس گهرجي تہ ڀٽڪائيندڙ فتنن کان پناهہ گهري. بيشڪ الله تعاليٰ فرمائي ٿو"ڄاڻو تہ توهان جو مال ۽ اولاد فقط آزمائشي آهن" ان جو مطلب اهو آهي تہ الله انهن کي مال ۽ اولاد جي ذريعي آزمائيندو تہ جيئن هو پنهنجي رزق تي ناراض ٿيندڙ ۽ پنهنجي ڀاڱي تي راضي رهندڙ کي پڌرو ڪري، جيتوڻيڪ الله تعاليٰ انهن کي سندن نفسن کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو. پر ان لاءِ تہ جيئن اُهي فعل ظاهر ٿينس جن سان ثواب ۽ سزا جو حقدار بڻايو ويندو آهي. ۽ ڇا ڪاڻ تہ ڪجهہ پُٽن کي پسند ڪندا آهن، ۽ ڌيئرن کي ناپسند ڪندا آهن، ۽ ڪجهہ مال وڌائڻ کي پسند ڪندا آهن ۽ شڪستہ حالي کي ناپسند ڪندا آهن.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام کان ٻڌل تفسير مان هيءَ انوکي تفسير آهي.

٩٤_ وَ سُئِلَ عَنِ الْخَيْرِ مَا هُوَ فَقَالَ عليه‌السلام:

لَيْسَ الْخَيْرُ أَنْ يَكْثُرَ مَالُكَ وَ وَلَدُكَ وَ لَكِنَّ الْخَيْرَ أَنْ يَكْثُرَ عِلْمُكَ وَ أَنْ يَعْظُمَ حِلْمُكَ وَ أَنْ تُبَاهِيَ النَّاسَ بِعِبَادَةِ رَبِّكَ فَإِنْ أَحْسَنْتَ حَمِدْتَ اللَّهَ وَ إِنْ أَسَأْتَ اسْتَغْفَرْتَ اللَّهَ وَ لَا خَيْرَ فِي الدُّنْيَا إِلَّا لِرَجُلَيْنِ رَجُلٍ أَذْنَبَ ذُنُوباً فَهُوَ يَتَدَارَكُهَا بِالتَّوْبَةِ وَ رَجُلٍ يُسَارِعُ فِي الْخَيْرَاتِ.

٩٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لَا يَقِلُّ عَمَلٌ مَعَ التَّقْوَى وَ كَيْفَ يَقِلُّ مَا يُتَقَبَّلُ.

٩٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

إِنَّ أَوْلَى النَّاسِ بِالْأَنْبِيَاءِ أَعْلَمُهُمْ بِمَا جَاءُوا بِهِ ثُمَّ تَلَا عليه‌السلام ﴿إِنَّ أَوْلَى النَّاسِ بِإِبْراهِيمَ لَلَّذِينَ اتَّبَعُوهُ وَ هذَا النَّبِيُّ وَ الَّذِينَ آمَنُوا[١]﴾ الْآيَةَ ثُمَّ قَالَ عليه‌السلام إِنَّ وَلِيَّ مُحَمَّدٍ مَنْ أَطَاعَ اللَّهَ وَ إِنْ بَعُدَتْ لُحْمَتُهُ وَ إِنَّ عَدُوَّ مُحَمَّدٍ مَنْ عَصَى اللَّهَ وَ إِنْ قَرُبَتْ قَرَابَتُهُ.



٩٧_ وَ سَمِعَ عليه‌السلام رَجُلًا مِنَ الْحَرُورِيَّةِ يَتَهَجَّدُ وَ يَقْرَأُ فَقَالَ:

نَوْمٌ عَلَى يَقِينٍ خَيْرٌ مِنْ صَلَاةٍ فِي شَكٍّ.

٩٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام: اعْقِلُوا الْخَبَرَ إِذَا سَمِعْتُمُوهُ عَقْلَ رِعَايَةٍ لَا عَقْلَ رِوَايَةٍ فَإِنَّ رُوَاةَ الْعِلْمِ كَثِيرٌ وَ رُعَاتَهُ قَلِيلٌ.

---

١: آل عمران: الآية: ٦٨.

## ٩۴_ ڀلائي جي تعريف

۽ امام عليه السلام کان پڇيو ويو ته ڀلائي ڇا آهي؟ ته امام عليه السلام فرمايو: ڀلائي تنهنجي مال ۽ اولاد جو گهڻو ٿيڻ نه آهي، بلڪ ڀلائي تنهنجي علم جو گهڻو ٿيڻ، ۽ تنهنجي حلم جو وڏو ٿيڻ ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت سان تنهنجو ماڻهن تي ناز ڪرڻ آهي. بس اگر تون ڀلائي ڪرين ته الله جي ساراهه ڪر، ۽ اگر تون ڪا بُرائي ڪرين ته الله کان بخشش گُهر، ۽ دنيا ۾ رڳو ٻن ماڻهن لاءِ ڀلائي آهي. هڪ اهو جيڪو ڪو گناهه ڪري ته توبه سان ان جو تدارڪ ڪري، ۽ ٻيو اُهو جيڪو ڀلائين ۾ جلدي ڪري.

## ٩۵_ مقبول عمل

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو عمل پرهيزگاريءَ سان انجام ڏنو وڃي اهو ٿورو نه آهي، ڀلا اُهو ٿورو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جيڪو قبول ڪيو وڃي.

## ٩٦_ نبين جي وڏيڪ ويجهو ماڻهو

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ نبين عليهم السلام جي وڏيڪ ويجهو اُهو ماڻهو آهي جيڪو سندن آندل تعليمات کي وڏيڪ ڄاڻندڙ هجي، پوءِ امام عليه السلام هي آيت تلاوت فرمائي ”بيشڪ ابراهيم کي ماڻهن مان وڏيڪ ويجها اُهي آهن، جن ان جي پيروي ڪئي، ۽ هيءَ نبي، ۽ جن ايمان آندو...“ آخري آيت تائين. پوءِ فرمايائون: بيشڪ محمد صلى الله عليه وآله وسلم جو دوست اُهو آهي جيڪو الله جي اطاعت ڪري، جيتوڻيڪ هنجي مائٽي ڪيڏي به پري هجي، ۽ بيشڪ محمد صلى الله عليه وآله وسلم جو دشمن اُهو آهي جيڪو الله جي نافرماني ڪري جيتوڻيڪ هن جي رشتيداري ويجهي هجي.

## ٩٧_ يقين جي ننڊ

امام عليه السلام هڪ حروريءَ (خارجي) ماڻهو بابت ٻڌو ته هو نماز تهجد پڙهندو آهي ۽ قرآن جي تلاوت ڪندو آهي، ته فرمايائون: يقين جي ننڊ، شڪ جي نماز کان وڏيڪ ڀلي آهي.

## ٩٨_ روايت کي پروڙيو

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن ڪا روايت ٻڌو ته انکي چڱيءَ ريت پروڙيو، نه رڳو نقل ڪرڻ جي حد تائين، ڇاڪاڻ ته علم کي نقل ڪندڙ گهڻا آهن ۽ انکي پرورڻ وارا ٿورا آهن.

۹۹_ وَ سَمِعَ عليه‌السلام رَجُلًا يَقُولُ﴿إِنَّا لِلَّهِ وَ إِنَّا إِلَيْهِ راجِعُونَ﴾

فَقَالَ عليه‌السلام: إِنَّ قَوْلَنَا ﴿إِنَّا لِلَّهِ﴾ إِقْرَارٌ عَلَى أَنْفُسِنَا بِالْمُلْكِ وَ قَوْلَنَا ﴿وَ إِنَّا إِلَيْهِ راجِعُونَ﴾ إِقْرَارٌ عَلَى أَنْفُسِنَا بِالْهُلْكِ.

۱۰۰_ وَ قَالَ عليه‌السلام وَ مَدَحَهُ قَوْمٌ فِي وَجْهِهِ فَقَالَ: اللَّهُمَّ إِنَّكَ أَعْلَمُ بِي مِنْ نَفْسِي وَ أَنَا أَعْلَمُ بِنَفْسِي مِنْهُمْ اللَّهُمَّ اجْعَلْنَا خَيْراً مِمَّا يَظُنُّونَ وَ اغْفِرْ لَنَا مَا لَا يَعْلَمُونَ.

۱۰۱_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لَا يَسْتَقِيمُ قَضَاءُ الْحَوَائِجِ إِلَّا بِثَلَاثٍ بِاسْتِصْغَارِهَا لِتَعْظُمَ وَ بِاسْتِكْتَامِهَا لِتَظْهَرَ وَ بِتَعْجِيلِهَا لِتَهْنُؤَ.

۱۰۲_ وَ قَالَ عليه‌السلام: يَأْتِي عَلَى النَّاسِ زَمَانٌ لَا يُقَرَّبُ فِيهِ إِلَّا الْمَاحِلُ وَ لَا يُظَرَّفُ فِيهِ إِلَّا الْفَاجِرُ وَ لَا يُضَعَّفُ فِيهِ إِلَّا الْمُنْصِفُ يَعُدُّونَ الصَّدَقَةَ فِيهِ غُرْماً وَ صِلَةَ الرَّحِمِ مَنّاً وَ الْعِبَادَةَ اسْتِطَالَةً عَلَى النَّاسِ فَعِنْدَ ذَلِكَ يَكُونُ السُّلْطَانُ بِمَشُورَةِ النِّسَاءِ وَ إِمَارَةِ الصِّبْيَانِ وَ تَدْبِيرِ الْخِصْيَانِ.



۱۰۳_ وَ رُئِيَ عَلَيْهِ إِزَارٌ خَلَقٌ مَرْقُوعٌ فَقِيلَ لَهُ فِي ذَلِكَ فَقَالَ عليه‌السلام:

يَخْشَعُ لَهُ الْقَلْبُ وَ تَذِلُّ بِهِ النَّفْسُ وَ يَقْتَدِي بِهِ الْمُؤْمِنُونَ إِنَّ الدُّنْيَا وَ الْآخِرَةَ عَدُوَّانِ مُتَفَاوِتَانِ وَ سَبِيلَانِ مُخْتَلِفَانِ فَمَنْ أَحَبَّ الدُّنْيَا وَ تَوَلَّاهَا أَبْغَضَ الْآخِرَةَ وَ عَادَاهَا وَ هُمَا بِمَنْزِلَةِ الْمَشْرِقِ وَ الْمَغْرِبِ وَ مَاشٍ بَيْنَهُمَا، كُلَّمَا قَرُبَ مِنْ وَاحِدٍ بَعُدَ مِنَ الْآخَرِ وَ هُمَا بَعْدُ ضَرَّتَانِ.

## ٩٩_ انا لله و انا اليہ راجعون جي وضاحت

امام عليہ السلام هڪ شخص کي چوندي ٻڌو ﴿إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّـا إِلَيْهِ رَاجِعونَ﴾ پوءِ فرمايائون: اسان جو هي قول ”اسان الله جا آهيون“ پنهنجي نفسن لاءِ الله جي ملڪيت هجڻ جو اقرار ڪرڻ آهي، ۽ اسان جو هي قول ”اسان ان ڏي ئي ورڻ وارا آهيون“ پنهنجي نفس جي هلاڪت جو اقرار ڪرڻ آهي.

## ١٠٠_ مُنهن تي تعريف ڪرڻ وقت امام عليہ السلام فرمايو

۽ جڏهن ڪجهہ ماڻهن امام عليہ السلام جي سندس منهن تي تعريف ڪئي تہ فرمايائون: اي الله بيشڪ تون مون کي مون کان وڌيڪ ڄاڻين ٿو، ۽ آءٌ پاڻ کي انهن کان وڌيڪ ڄاڻان ٿو، اي الله اسانکي ان کان وڌيڪ ڀلو قرار ڏي جنهن جو هي گمان ڪن ٿا، ۽ اسان کان اهو معاف ڪر جنهن کي هو نٿا ڄاڻن.

## ١٠١_ حاجت روائي

۽ امام عليہ السلام فرمايو: حاجت روائي ڪامل طريقي سان نٿي ٿي سگهي سواءِ ٽن صورتن جي: ان کي ننڍو سمجهڻ تہ جيئن اُها (الله وٽ) وڏي ٿئي، ۽ انکي لڪائڻ تہ جيئن اها ظاهر ٿئي، ۽ ان لاءِ جلدي ڪرڻ تہ جيئن اُها وڻندڙ ٿئي.

## ١٠٢_ ايندڙ زماني جي حالت

۽ امام عليہ السلام فرمايو: ماڻهن تي اهڙو زمانو ايندو جنهن ۾ ويجهو نہ ڪيو ويندو سواءِ عيب بيان ڪندڙ کي، ۽ ان ۾ خوش طبع نہ سمجهو ويندو سواءِ فاجر جي، ۽ ان ۾ ڪمزور نہ ڪيو ويندو سواءِ انصاف ڪندڙ کي، ۽ جنهن ۾ صدقي ڏيڻ کي خسارو، ۽ صلہ رحمي ڪرڻ کي احسان، ۽ عبادت کي ماڻهن تي برتري سمجهندا، پوءِ ان وقت حڪومت عورتن جي مشوري، ۽ ٻارن جي حڪمرانيءَ، ۽ ڪدڙن جي رٿابنديءَ سان ٿيندي.

## ١٠٣_ چتيون لڳل پراڻي چادر

امام عليہ السلام جي جسم تي چتيون لڳل پراڻيءَ چادر ڏٺي وئي تہ ڪيس ان بابت چيو ويو تہ پوءِ فرمايائون: ان سان دل متواضع ۽ نفس خسيس ٿئي ٿو. ۽ مؤمن ان ۾ پيروي ڪن ٿا، بيشڪ دنيا ۽ آخرت هڪ ٻئي سان نہ نهندڙ دشمن ۽ الڳ الڳ رستا آهن. بس جيڪو دنيا کي چاهيندو ۽ ان جي پويان لڳندو تہ آخرت سان نفرت ۽ دشمني رکندو، ۽ اُهي ٻئي اوله ۽ اوڀر جيان آهن. ۽ انهن ٻنهي جي درميان هلڻ وارو. جيئن ئي هڪڙي جي ويجهو ٿيندو ويندو تہ ٻئي کان پري ٿيندو ويندو. ۽ بس پوءِ اُهي ٻئي ڀَاڄ وانگر آهن.

١٠٤_ وَ عَنْ نَوْفٍ الْبَكَالِيِّ قَالَ: رَأَيْتُ أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ عليه‌السلام ذَاتَ لَيْلَةٍ وَ قَدْ خَرَجَ مِنْ فِرَاشِهِ فَنَظَرَ فِي النُّجُومِ فَقَالَ لِي يَا نَوْفُ أَ رَاقِدٌ أَنْتَ أَمْ رَامِقٌ فَقُلْتُ بَلْ رَامِقٌ قَالَ: يَا نَوْفُ طُوبَى لِلزَّاهِدِينَ فِي الدُّنْيَا الرَّاغِبِينَ فِي الْآخِرَةِ أُولَئِكَ قَوْمٌ اتَّخَذُوا الْأَرْضَ بِسَاطاً وَ تُرَابَهَا فِرَاشاً وَ مَاءَهَا طِيباً وَ الْقُرْآنَ شِعَاراً وَ الدُّعَاءَ دِثَاراً ثُمَّ قَرَضُوا الدُّنْيَا قَرْضاً عَلَى مِنْهَاجِ الْمَسِيحِ يَا نَوْفُ إِنَّ دَاوُدَ عليه‌السلام قَامَ فِي مِثْلِ هَذِهِ السَّاعَةِ مِنَ اللَّيْلِ فَقَالَ إِنَّهَا لَسَاعَةٌ لَا يَدْعُو فِيهَا عَبْدٌ إِلَّا اسْتُجِيبَ لَهُ إِلَّا أَنْ يَكُونَ عَشَّاراً أَوْ عَرِيفاً أَوْ شُرْطِيّاً أَوْ صَاحِبَ عَرْطَبَةٍ (وَ هِيَ الطُّنْبُورُ) أَوْ صَاحِبَ كَوْبَةٍ. (وَ هِيَ الطَّبْلُ وَ قَدْ قِيلَ أَيْضاً إِنَّ الْعَرْطَبَةَ الطَّبْلُ وَ الْكَوْبَةَ الطُّنْبُورُ).

١٠٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

إِنَّ اللَّهَ افْتَرَضَ عَلَيْكُمْ فَرَائِضَ فَلَا تُضَيِّعُوهَا وَ حَدَّ لَكُمْ حُدُوداً فَلَا تَعْتَدُوهَا وَ نَهَاكُمْ عَنْ أَشْيَاءَ فَلَا تَنْتَهِكُوهَا وَ سَكَتَ لَكُمْ عَنْ أَشْيَاءَ وَ لَمْ يَدَعْهَا نِسْيَاناً فَلَا تَتَكَلَّفُوهَا.



١٠٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

لَا يَتْرُكُ النَّاسُ شَيْئاً مِنْ أَمْرِ دِينِهِمْ لِاسْتِصْلَاحِ دُنْيَاهُمْ إِلَّا فَتَحَ اللَّهُ عَلَيْهِمْ مَا هُوَ أَضَرُّ مِنْهُ.

١٠٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام: رُبَّ عَالِمٍ قَدْ قَتَلَهُ جَهْلُهُ وَ عِلْمُهُ مَعَهُ لَا يَنْفَعُهُ.

## ١٠٤_ امام عليه السلام جو نوف بڪالي کي زاهدن جون وصفون ٻڌائڻ

نوف بڪالي کان منقول آهي هن چيو: مون هڪ رات اميرالمؤمنين عليه السلام کي ڏٺو جو پاڻ عليه السلام پنهنجي هنڌ مان اٿيا ۽ تارن ڏانهن ڏٺو، پوءِ مون کي فرمايو: اي نوف ڇا تون ننڊ ۾ آهين يا جاڳين ٿو؟ مون عرض ڪيو، بلڪ جاڳان ٿو، پوءِ امام عليه السلام فرمايو: اي نوف دنيا ۾ زهد اختيار ڪندڙن لاءِ خوشخبري هجي، جيڪي هميشہ آخرت جي رغبت رکندڙ آهن. هي اهي ماڻهو آهن جن زمين کي وڇائي طور، ۽ ان جي مٽي کي بستري طور، ۽ ان جي پاڻيءَ کي شربت طور، ۽ قرآن کي اندروني پوشاڪ، ۽ دعا کي ظاهري لباس طور اختيار ڪيو آهي، پوءِ انهن دنيا ۾ حضرت مسيح عليه السلام جي طريقي مطابق گذاريو آهي. اي نوف بيشڪ داؤد عليه السلام هڪ رات انهيءَ گهڙي ۾ اٿيو، ۽ فرمايو: هيءَ اُها گهڙي آهي جنهن ۾ ٻانهو جيڪا بہ دعا گهرندو تہ سندس لاءِ قبول ڪئي ويندي. سواءِ ان جي جيڪو (ظالم لاءِ) ڍل وٺندڙ، يا جاسوسي ڪندڙ، يا پوليس وارو، يا طنبوري وارو، يا ڍُهل وارو هجي. (اهو پڻ چيو ويو آهي تہ ”عرطبة“ دهل کي ۽ ”ڪوبة“ طنبوري کي چئبو آهي).

## ١٠٥_ فرضن جي پابندي

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ الله تعالىٰ ڪجهہ فرض توهان تي لازم ڪيا آهن بس انهن کي ضايع نہ ڪريو، ۽ توهان لاءِ حدون مقرر ڪيون آهن بس انهن کان نہ وڌو، ۽ ڪجهہ شين کان توهان کي روڪيو آهي بس انهن جي خلاف ورزي نہ ڪريو، ۽ توهان لاءِ ڪجهہ شين کان خاموش آهي ۽ انهن کي ويسر جي ڪري ناهي ڇڏيو، بس انهن جي زحمت نہ ڪريو.

## ١٠٦_ دين کي معمولي سمجهڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪي ماڻهو پنهنجي دنيا جي سڌاري لاءِ پنهنجي دين جي ڪنهن ڪم کي ڇڏين ٿا تہ الله تعالىٰ مٿن ان کان وڌيڪ هاڃيڪار شيءِ کي کولي ڇڏي ٿو.

## ١٠٧_ بي فائده علم

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪيترن ئي عالمن کي سندن جهالت ماري ڇڏي ٿي، ۽ وٽن موجود علم ڪين فائدو نٿو ڏي.

١٠٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

لَقَدْ عُلِّقَ بِنِيَاطِ هَذَا الْإِنْسَانِ بَضْعَةٌ هِيَ أَعْجَبُ مَا فِيهِ وَ ذَلِكَ الْقَلْبُ وَ ذَلِكَ أَنَّ لَهُ مَوَادَّ مِنَ الْحِكْمَةِ وَ أَضْدَاداً مِنْ خِلَافِهَا فَإِنْ سَنَحَ لَهُ الرَّجَاءُ أَذَلَّهُ الطَّمَعُ وَ إِنْ هَاجَ بِهِ الطَّمَعُ أَهْلَكَهُ الْحِرْصُ وَ إِنْ مَلَكَهُ الْيَأْسُ قَتَلَهُ الْأَسَفُ وَ إِنْ عَرَضَ لَهُ الْغَضَبُ اشْتَدَّ بِهِ الْغَيْظُ وَ إِنْ أَسْعَدَهُ الرِّضَى نَسِيَ التَّحَفُّظَ وَ إِنْ غَالَهُ الْخَوْفُ شَغَلَهُ الْحَذَرُ وَ إِنِ اتَّسَعَ لَهُ الْأَمْرُ اسْتَلَبَتْهُ الْغِرَّةُ وَ إِنْ أَفَادَ مَالًا أَطْغَاهُ الْغِنَى وَ إِنْ أَصَابَتْهُ مُصِيبَةٌ فَضَحَهُ الْجَزَعُ وَ إِنْ عَضَّتْهُ الْفَاقَةُ شَغَلَهُ الْبَلَاءُ وَ إِنْ جَهَدَهُ الْجُوعُ قَعَدَ بِهِ الضَّعْفُ وَ إِنْ أَفْرَطَ بِهِ الشِّبَعُ كَظَّتْهُ الْبِطْنَةُ فَكُلُّ تَقْصِيرٍ بِهِ مُضِرٌّ وَ كُلُّ إِفْرَاطٍ لَهُ مُفْسِدٌ.

١٠٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام: نَحْنُ النُّمْرُقَةُ الْوُسْطَى بِهَا يَلْحَقُ التَّالِي وَ إِلَيْهَا يَرْجِعُ الْغَالِي.

١١٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

لَا يُقِيمُ أَمْرَ اللَّهِ سُبْحَانَهُ إِلَّا مَنْ لَا يُصَانِعُ وَ لَا يُضَارِعُ وَ لَا يَتَّبِعُ الْمَطَامِعَ.



١١١_ وَ قَالَ عليه‌السلام : وَ قَدْ تُوُفِّيَ سَهْلُ بْنُ حُنَيْفٍ الْأَنْصَارِيُّ بِالْكُوفَةِ بَعْدَ مَرْجِعِهِ مَعَهُ مِنْ صِفِّينَ وَ كَانَ أَحَبَّ النَّاسِ إِلَيْهِ: لَوْ أَحَبَّنِي جَبَلٌ لَتَهَافَتَ.

قال الرضي رحمه‌الله : و معنى ذلك أن المحنة تغلظ عليه فتسرع المصائب إليه و لا يفعل ذلك إلا بالأتقياء الأبرار و المصطفين الأخيار: و هذا مثل قوله عليه‌السلام:

## ١٠٨_ دل

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ هن انسان جي رڳ سان گوشت جي هڪڙي ٽڪڙي کي لڙڪايو ويو آهي جيڪو انساني سيني عضون کان عجيب آهي ۽ اُها دل آهي، ڇا ڪاڻ جو ان ۾ ڏاهپ جا خزانا ۽ وري ان جي برخلاف متضاد صفتون موجود آهن. اگر ان لاءِ اميد ظاهر ٿئي ٿي ته لالچ کيس ذليل ڪري ٿي، ۽ اگر ان ۾ لالچ پيڙڪي پوي ٿي ته حِرص کيس هلاڪ ڪري ٿو، ۽ اگر مايوسي مٿس غالب ٿئي ٿي ته افسوس کيس ماري ڇڏي ٿو، ۽ اگر ان تي ڪاوڙ چانئنجي وڃي ٿي ته ان جو غصو گهٽو ٿي وڃي ٿو، ۽ اگر انکي رضايت خوش ڪري ٿي ته حفاظت کي وساري ڇڏي ٿي، ۽ اگر اچانڪ خوف غالب ٿئيس ٿو ته بچاءَ کيس مصروف ڪري ڇڏي ٿو، ۽ اگر کم وڏي وجن ٿا ته غفلت ڪانئس سمجھ کسي ڇڏي ٿي، ۽ اگر مال مان فائدو ماڻي ٿي ته شاهوڪاري کيس سرڪش ڪري ٿي، ۽ اگر ڪا مصيبت پهچيس ٿي ته بي صبري کيس رسوا ڪري ٿي، ۽ اگر غربت کيس چڪ پائي ٿي ته مصيبتون کيس مصروف ڪري ڇڏين ٿيون، ۽ اگر بُک انکي ٽڪائي ٿي ته ڪمزوري کيس ويهاري ڇڏي ٿي، ۽ اگر حد کان وڌيڪ ڍاپي ٿي ته پيٽ کيس بيقرار ڪري ٿو. بس هر گهٽتائي ان لاءِ هاجيڪار ۽ هر زيادتي ان لاءِ بربادي آهي.

## ١٠٩_ اهل بيت عليهم السلام جو مقام

۽ امام عليه السلام فرمايو: اسان ئي مرڪزي سهارو آهيون جنهن سان رهيل اچي ملندو ۽ وڌيل ڏانهس ورندو.

## ١١٠_ الله جو حڪم نافذ ڪندڙ

۽ امام عليه السلام فرمايو: الله تعاليٰ جي حڪم جو نفاذ فقط اهو ڪندو جيڪو رشوت نه وٺندو هجي، ۽ ڪمزوري نه ڏيکاريندو هجي، ۽ نه وري لالچ جي پويان لڳندو هجي.

## ١١١_ سهل بن حنيف انصاري رحمه الله جي وفات وقت فرمايو

امام عليه السلام سان گڏ جنگِ صفين مان ورڻ ڪانپوءِ جڏهن ڪوفي ۾ سهل بن حنيف انصاريءَ رحمه الله جي وفات ٿي جيڪو امام عليه السلام کي ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ پسند هو ته امام عليه السلام فرمايو: اگر جبل به مون سان محبت ڪندو ته اهو به ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: انجي معنيٰ هي آهي ته انجو امتحان سخت ٿيندو ۽ ان ڏي مصيبتون جلدي ايندْيون اهو صرف پرهيزگارن، نيڪوڪارن ۽ چونڊيل پلوڙ ماڻهن سان ئي ٿيندو ۽ امام عليه السلام جي هن قول وانگر آهي.

١١٢_ مَنْ أَحَبَّنَا أَهْلَ الْبَيْتِ فَلْيَسْتَعِدَّ لِلْفَقْرِ جِلْبَاباً.

(قال الرضي رحمه الله) و قد يؤول ذلك على معنى آخر ليس هذا موضع ذكره.

١١٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَا مَالَ أَعْوَدُ مِنَ الْعَقْلِ وَ لَا وَحْدَةَ أَوْحَشُ مِنَ الْعُجْبِ وَ لَا عَقْلَ كَالتَّدْبِيرِ وَ لَا كَرَمَ كَالتَّقْوَى وَ لَا قَرِينَ كَحُسْنِ الْخُلُقِ وَ لَا مِيرَاثَ كَالْأَدَبِ وَ لَا قَائِدَ كَالتَّوْفِيقِ وَ لَا تِجَارَةَ كَالْعَمَلِ الصَّالِحِ وَ لَا رِبْحَ كَالثَّوَابِ وَ لَا وَرَعَ كَالْوُقُوفِ عِنْدَ الشُّبْهَةِ وَ لَا زُهْدَ كَالزُّهْدِ فِي الْحَرَامِ وَ لَا عِلْمَ كَالتَّفَكُّرِ وَ لَا عِبَادَةَ كَأَدَاءِ الْفَرَائِضِ وَ لَا إِيمَانَ كَالْحَيَاءِ وَ الصَّبْرِ وَ لَا حَسَبَ كَالتَّوَاضُعِ وَ لَا شَرَفَ كَالْعِلْمِ وَ لَا عِزَّ كَالْحِلْمِ وَ لَا مُظَاهَرَةَ أَوْثَقُ مِنَ الْمُشَاوَرَةِ.

١١٤_ وَ قَالَ عليه السلام: إِذَا اسْتَوْلَى الصَّلَاحُ عَلَى الزَّمَانِ وَ أَهْلِهِ ثُمَّ أَسَاءَ رَجُلٌ الظَّنَّ بِرَجُلٍ لَمْ تَظْهَرْ مِنْهُ حَوْبَةٌ فَقَدْ ظَلَمَ وَ إِذَا اسْتَوْلَى الْفَسَادُ عَلَى الزَّمَانِ وَ أَهْلِهِ فَأَحْسَنَ رَجُلٌ الظَّنَّ بِرَجُلٍ فَقَدْ غَرَّرَ.



١١٥_ وَ قِيلَ لَهُ عليه السلام كَيْفَ نَجِدُكَ يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ فَقَالَ عليه السلام:

كَيْفَ يَكُونُ حَالُ مَنْ يَفْنَى بِبَقَائِهِ وَ يَسْقَمُ بِصِحَّتِهِ وَ يُؤْتَى مِنْ مَأْمَنِهِ.

١١٦_ وَ قَالَ عليه السلام: كَمْ مِنْ مُسْتَدْرَجٍ بِالْإِحْسَانِ إِلَيْهِ وَ مَغْرُورٍ بِالسَّتْرِ عَلَيْهِ وَ مَفْتُونٍ بِحُسْنِ الْقَوْلِ فِيهِ، وَ مَا ابْتَلَى اللَّهُ أَحَداً بِمِثْلِ الْإِمْلَاءِ لَهُ.

## ١١٢_ اهل بيت عليهم السلام سان محبت ڪندڙ

جيڪو اسان اهل بيت عليهم السلام سان محبت ڪري ته پوءِ غربت جي چادر پائڻ لاءِ تيار رهي.
(سيد رضي رحمه الله فرمايو) امام عليه السلام جي هن فرمان جي هڪ ٻيءَ تاويل به ڪئي وئي آهي پر هتي ان جي ذڪر جي جاءِ نه آهي.

## ١١٣_ انمول خوبيون

۽ امام عليه السلام فرمايو: عقل کان وڌيڪ ڪو به مال فائديمند نه آهي، ۽ خودپسنديءَ کان وڌيڪ ڪا اڪيلائپ نه آهي، ۽ تدبير جهڙو ڪو عقل نه آهي، ۽ پرهيزگاري جهڙي ڪا بزرگي نه آهي، ۽ ڀلي اخلاق جهڙو ڪو ساٿي نه آهي ۽ ادب جهڙي ڪا ميراث نه آهي، توفيق جهڙو ڪو سرواڻ نه آهي، ۽ نيڪ عمل جهڙو ڪو واپار نه آهي، ۽ ثواب جهڙو ڪو نفعو نه آهي، ۽ شبهن جي وقت رڪجڻ جهڙي ڪا پرهيزگاري نه آهي، ۽ حرام کان پرهيز ڪرڻ جهڙو ڪو زهد نه آهي، ۽ غور ۽ فڪر جهڙو ڪو علم نه آهي، ۽ فرضن جي ادائگيءَ جهڙي ڪا عبادت نه آهي، ۽ حياءُ ۽ صبر جهڙو ڪو ايمان نه آهي، ۽ تواضع جهڙي ڪا لياقت نه آهي، ۽ علم جهڙو ڪو شرف نه آهي، ۽ بُردباريءَ جهڙي ڪا عزت نه آهي، ۽ مشوري کان وڌيڪ ڪو ڀروسي مند سهارو نه آهي.

## ١١٤_ بدظني ۽ حُسنِ ظن

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن زماني ۽ زماني وارن تي ڀلائي ڇانئجي وڃي ته پوءِ ڪو ماڻهو ڪنهن اهڙي ماڻهو بابت بدظني ڪري جنهن کان ڏوهه ظاهر نه ٿيو هجي ته بيشڪ هن ظلم ڪيو، ۽ جڏهن زماني ۽ زماني وارن تي برائي ڇانئجي وڃي ۽ ڪو ماڻهو ڪنهن ماڻهو بابت حُسنِ ظن رکي ته بيشڪ هن ڌوڪو کاڌو.

## ١١٥_ ڪنهن امام عليه السلام کان حال پڇيو ته فرمايائون

امام عليه السلام کي چيو ويو اي اميرالمؤمنين عليه السلام اسان توهان کي ڪهڙي حال ۾ ڏسون ٿا؟ پوءِ امام عليه السلام فرمايو: ان شخص جو حال ڪهڙو هوندو جيڪو پنهنجي بقا سان فنا ٿيندو، ۽ پنهنجي صحت سان بيمار ٿيندو، ۽ پنهنجي امن جي جاءِ مان ئي (ڏنو ويندو يعني) ڪنيو ويندو.

## ١١٦_ احسان ۽ آزمائش جو عذاب

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪيترا ئي ماڻهو آهستي آهستي احسان جي ذريعي (عذاب ڏانهن) آندل آهن، ۽ پاڻ تي ڀيل پردي جي ڪري ڌوڪي کاڌل آهن، ۽ پاڻ بابت ڀلين ڳالهيون ٻڌي فريب کاڌل آهن، ۽ ڍر ڏيڻ جهڙي آزمائش کان وڌيڪ الله تعالیٰ ڪنهن کي آزمائش ناهي ڏيندو.

١١٧_ وَ قَالَ عليه السلام:

هَلَكَ فِيَّ رَجُلَانِ مُحِبٌّ غَالٍ وَ مُبْغِضٌ قَالٍ.

١١٨_ وَ قَالَ عليه السلام: إِضَاعَةُ الْفُرْصَةِ غُصَّةٌ.

١١٩_ وَ قَالَ عليه السلام: مَثَلُ الدُّنْيَا كَمَثَلِ الْحَيَّةِ لَيِّنٌ مَسُّهَا وَ السَّمُّ النَّاقِعُ فِي جَوْفِهَا يَهْوِي إِلَيْهَا الْغِرُّ الْجَاهِلُ وَ يَحْذَرُهَا ذُو اللُّبِّ الْعَاقِلُ.

١٢٠_ سُئِلَ عليه السلام عَنْ قُرَيْشٍ فَقَالَ عليه السلام:

أَمَّا بَنُو مَخْزُومٍ فَرَيْحَانَةُ قُرَيْشٍ نُحِبُّ حَدِيثَ رِجَالِهِمْ وَ النِّكَاحَ فِي نِسَائِهِمْ وَ أَمَّا بَنُو عَبْدِ شَمْسٍ فَأَبْعَدُهَا رَأْياً وَ أَمْنَعُهَا لِمَا وَرَاءَ ظُهُورِهَا وَ أَمَّا نَحْنُ فَأَبْذَلُ لِمَا فِي أَيْدِينَا وَ أَسْمَحُ عِنْدَ الْمَوْتِ بِنُفُوسِنَا وَ هُمْ أَكْثَرُ وَ أَمْكَرُ وَ أَنْكَرُ وَ نَحْنُ أَفْصَحُ وَ أَنْصَحُ وَ أَصْبَحُ.

١٢١_ وَ قَالَ عليه السلام: شَتَّانَ مَا بَيْنَ عَمَلَيْنِ عَمَلٍ تَذْهَبُ لَذَّتُهُ وَ تَبْقَى تَبِعَتُهُ وَ عَمَلٍ تَذْهَبُ مَئُونَتُهُ وَ يَبْقَى أَجْرُهُ.



١٢٢_ تَبِعَ جِنَازَةً فَسَمِعَ رَجُلًا يَضْحَكُ فَقَالَ عليه السلام:

كَأَنَّ الْمَوْتَ فِيهَا عَلَى غَيْرِنَا كُتِبَ وَ كَأَنَّ الْحَقَّ فِيهَا عَلَى غَيْرِنَا وَجَبَ وَ كَأَنَّ الَّذِي نَرَى مِنَ الْأَمْوَاتِ سَفْرٌ عَمَّا قَلِيلٍ إِلَيْنَا رَاجِعُونَ.

## ۱۱۷_ ٻہ ماڻهو برباد ٿي ويا

۽ امام عليه السلام فرمايو: منهنجي باري ۾ ٻہ ماڻهو برباد ٿي ويا، محبت ۾ حد کان وڌائيندڙ، ۽ دشمنيءَ ۾ حد کان وڌندڙ.

## ۱۱۸_ موقعي کي وڃائڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: موقعي کي وڃائڻ ڏُک جو ڪارڻ ٿيندو آهي.

## ۱۱۹_ دنيا

۽ امام عليه السلام فرمايو: دنيا جو مثال نانگ جي مثال وانگر آهي، جنهن جو ڇُهڻ نرم آهي، ۽ ان جي اندر ۾ قاتل زهر آهي، ڌوکو کائيندڙ جاهل ان ڏانهن مائل ٿيندو آهي، ۽ سمجهدار عقلمند ان کان بچندو آهي.

## ۱۲۰_ قريش جا قبيلا

امام عليه السلام کان قريش بابت پڇيو ويو تہ فرمايائون: بني مخزوم وارا تہ قريش جو گل آهن، اسان انهن جي مردن جي ڪچهريءَ کي ۽ سندن عورتن سان نڪاح ڪرڻ کي پسند ڪندا آهيون، باقي بني عبد شمس وارا دور انديش ۽ پوئتي جي لاءِ وڏا ڪنجوس آهن، باقي اسان پنهنجي هٿن ۾ موجود هر شيءِ کي خرچ ڪرڻ وارا ۽ موت وقت پنهنجون جانيون ڏيڻ وارا آهيون، ۽ هو (بني عبد شمس) تعداد ۾ گهٽا، وڏا مڪار ۽ بدليڇڻا آهن، ۽ اسان وڏا فصيح، انتهائي خيرخواه ۽ تمام خوبصورت آهيون.

## ۱۲۱_ ٻہ عمل

۽ امام عليه السلام فرمايو: هنن ٻن عملن جي درميان ڪيڏو نہ فرق آهي! هڪ اهو عمل جنهن جي لذت ختم ٿي ويندي آهي، ۽ ان جو جنجال باقي رهندو آهي، ۽ ٻيو اهو عمل جنهن جي زحمت ختم ٿي ويندي آهي ۽ ان جو اجر باقي رهندو آهي.

## ۱۲۲_ جنازي ۾ کلڻ

پاڻ عليه السلام هڪ جنازي سان گڏ وڃي رهيا هئا تہ هڪ ماڻهو جي کِل ٻڌي تہ فرمايائون: ڄڻ تہ موت هن دنيا ۾ ٻين تي لکيو ويو آهي، ۽ ڄڻ تہ حق (موت) ٻين تي لازم آهي، ۽ ڄڻ تہ موت جا جيڪي مسافر اسان ڏسون ٿا ويجهو ئي اسان ڏانهن موٽي ايندا.

نُبَوِّئُهُمْ أَجْدَاثَهُمْ وَ نَأْكُلُ تُرَاثَهُمْ كَأَنَّا مُخَلَّدُونَ بَعْدَهُمْ ثُمَّ قَدْ نَسِينَا كُلَّ وَاعِظٍ وَ وَاعِظَةٍ وَ رُمِينَا بِكُلِّ فَادِحٍ وَ جَائِحَةٍ.

۱۲۳_ وَ قَالَ عليه السلام:

طُوبَى لِمَنْ ذَلَّ فِي نَفْسِهِ وَ طَابَ كَسْبُهُ وَ صَلَحَتْ سَرِيرَتُهُ وَ حَسُنَتْ خَلِيقَتُهُ وَ أَنْفَقَ الْفَضْلَ مِنْ مَالِهِ وَ أَمْسَكَ الْفَضْلَ مِنْ لِسَانِهِ وَ عَزَلَ عَنِ النَّاسِ شَرَّهُ وَ وَسِعَتْهُ السُّنَّةُ وَ لَمْ يُنْسَبْ إِلَى الْبِدْعَةِ.

قال الرضي رحمه الله أقول: و من الناس من ينسب هذا الكلام إلى رسول الله صلى الله عليه و آله و كذلك الذي قبله.

۱۲۴_ وَ قَالَ عليه السلام: غَيْرَةُ الْمَرْأَةِ كُفْرٌ وَ غَيْرَةُ الرَّجُلِ إِيمَانٌ.

۱۲۵_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَأَنْسُبَنَّ الْإِسْلَامَ نِسْبَةً لَمْ يَنْسُبْهَا أَحَدٌ قَبْلِي الْإِسْلَامُ هُوَ التَّسْلِيمُ وَ التَّسْلِيمُ هُوَ الْيَقِينُ وَ الْيَقِينُ هُوَ التَّصْدِيقُ وَ التَّصْدِيقُ هُوَ الْإِقْرَارُ وَ الْإِقْرَارُ هُوَ الْأَدَاءُ وَ الْأَدَاءُ هُوَ الْعَمَلُ.



۱۲۶_ وَ قَالَ عليه السلام: عَجِبْتُ لِلْبَخِيلِ يَسْتَعْجِلُ الْفَقْرَ الَّذِي مِنْهُ هَرَبَ وَ يَفُوتُهُ الْغِنَى الَّذِي إِيَّاهُ طَلَبَ فَيَعِيشُ فِي الدُّنْيَا عَيْشَ الْفُقَرَاءِ وَ يُحَاسَبُ فِي الْآخِرَةِ حِسَابَ الْأَغْنِيَاءِ وَ عَجِبْتُ لِلْمُتَكَبِّرِ الَّذِي كَانَ بِالْأَمْسِ نُطْفَةً وَ يَكُونُ غَداً جِيفَةً وَ عَجِبْتُ لِمَنْ شَكَّ فِي اللَّهِ وَ هُوَ يَرَى خَلْقَ اللَّهِ وَ عَجِبْتُ لِمَنْ نَسِيَ الْمَوْتَ وَ هُوَ يَرَى الْمَوْتَى وَ عَجِبْتُ لِمَنْ أَنْكَرَ النَّشْأَةَ الْأُخْرَى، وَ هُوَ يَرَى النَّشْأَةَ الْأُولَى وَ عَجِبْتُ لِعَامِرٍ دَارَ الْفَنَاءِ وَ تَارِكٍ دَارَ الْبَقَاءِ.

اسان سندن لاشن کي قبرن ۾ لاهيون ٿا پوءِ سندن ميراث کائڻ لڳون ٿا، ڄڻ ته اسان انهن کان پوءِ هميشه زنده رهنداسون، بيشڪ اسان هر نصيحت ڪندڙ مرد توڙي عورت کي ويساري ڇڏيو آهي ۽ اسان هر مصيبت ۽ آفت جو نشانو بڻجي چڪا آهيون.

## ١٢٣_ خوش نصيب ماڻهو

۽ امام عليه السلام فرمايو: خوش نصيبي آهي ان ماڻهوءَ لاءِ جنهن پنهنجي نفس ۾ عاجزي پيدا ڪئي آهي، ۽ جنهن جي ڪمائي پاڪ آهي، ۽ جنهن جو اندر اجريل آهي، ۽ سندس اخلاق سڌريل آهي، ۽ پنهنجي اضافي مال کي خرچ ڪيو، ۽ پنهنجي زبان کي فضول ڳالهائڻ کان روڪيو، ۽ ماڻهن کان پنهنجي شر کي پري رکيو، ۽ سنت تي گهڻو عمل ڪيو، ۽ بدعت ڏانهن هنجي نسبت نٿي ڏني وڃي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: ڪجهه ماڻهن هن ۽ هن کان پهرين ڪلام کي پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم ڏانهن منسوب ڪيو آهي.

## ١٢٤_ مرد ۽ عورت جي غيرت

۽ امام عليه السلام فرمايو: عورت جي غيرت ڪفر آهي ۽ مرد جي غيرت ايمان آهي.

## ١٢٥_ اسلام جي تعريف

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ آءٌ اسلام جي اهڙي تعريف ڪندس جو مونکان پهريائين ڪنهن به ان جي تعريف ناهي ڪئي: اسلام تسليم (پاڻ کي حوالي ڪري ڇڏڻ) آهي ۽ تسليم يقين آهي ۽ يقين تصديق آهي ۽ تصديق اقرار آهي ۽ اقرار ادائگي آهي ۽ ادائگي عمل آهي.

## ١٢٦_ ڪنجوس، هٺيلي، الله ۾ شڪ ڪندڙ ۽ موت کي ويساريندڙ

۽ امام عليه السلام فرمايو: مون کي ان ڪنجوس تي تعجب آهي جيڪو ان غربت ڏانهن تڪڙ ڪري ٿو جنهن کان پاڻ ڀڳو آهي، ۽ ان شاهوڪاريءَ کي ضايع ڪري ٿو جنهن کي هن طلبيو آهي. بس هو دنيا ۾ غريبن واري زندگي گذاري ٿو، ۽ آخرت ۾ شاهوڪارن وارو حساب ڏيندو، ۽ مون کي ان هٺيلي تي تعجب آهي جيڪو ڪالهه نطفو هيو ۽ سڀاڻي ڊونڊ ٿيندو. ۽ مون کي ان تي تعجب آهي جيڪو الله ۾ شڪ ڪري ٿو جڏهن ته هو الله جي مخلوق کي ڏسي ٿو، ۽ مون کي ان تي تعجب آهي جنهن موت کي وساري ڇڏيو آهي، جڏهن ته هو مئلن کي ڏسي ٿو، ۽ مون کي ان تي تعجب آهي جيڪو ٻيهر خلقت جو انڪار ڪري ٿو جڏهن ته پهرين خلقت کي ڏسي ٿو، ۽ مون کي فنا واري گهر کي آباد ڪندڙ ۽ بقا واري گهر کي ڇڏيندڙ تي تعجب آهي.

۱۲۷_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَنْ قَصَّرَ فِي الْعَمَلِ ابْتُلِيَ بِالْهَمِّ وَ لَا حَاجَةَ لِلَّهِ فِيمَنْ لَيْسَ لِلَّهِ فِي مَالِهِ وَ نَفْسِهِ نَصِيبٌ.

۱۲۸_ وَ قَالَ عليه السلام:

تَوَقَّوُا الْبَرْدَ فِي أَوَّلِهِ وَ تَلَقَّوْهُ فِي آخِرِهِ فَإِنَّهُ يَفْعَلُ فِي الْأَبْدَانِ كَفِعْلِهِ فِي الْأَشْجَارِ أَوَّلُهُ يُحْرِقُ وَ آخِرُهُ يُورِقُ.

۱۲۹_ وَ قَالَ عليه السلام:

عِظَمُ الْخَالِقِ عِنْدَكَ يُصَغِّرُ الْمَخْلُوقَ فِي عَيْنِكَ.

۱۳۰_ وَ قَالَ عليه السلام وَ قَدْ رَجَعَ مِنْ صِفِّينَ فَأَشْرَفَ عَلَى الْقُبُورِ بِظَاهِرِ الْكُوفَةِ:

يَا أَهْلَ الدِّيَارِ الْمُوحِشَةِ وَ الْمَحَالِّ الْمُقْفِرَةِ وَ الْقُبُورِ الْمُظْلِمَةِ يَا أَهْلَ التُّرْبَةِ يَا أَهْلَ الْغُرْبَةِ يَا أَهْلَ الْوَحْدَةِ يَا أَهْلَ الْوَحْشَةِ أَنْتُمْ لَنَا فَرَطٌ سَابِقٌ وَ نَحْنُ لَكُمْ تَبَعٌ لَاحِقٌ أَمَّا الدُّورُ فَقَدْ سُكِنَتْ وَ أَمَّا الْأَزْوَاجُ فَقَدْ نُكِحَتْ وَ أَمَّا الْأَمْوَالُ فَقَدْ قُسِمَتْ هَذَا خَبَرُ مَا عِنْدَنَا فَمَا خَبَرُ مَا عِنْدَكُمْ ثُمَّ الْتَفَتَ إِلَى أَصْحَابِهِ فَقَالَ عليه السلام:

أَمَا لَوْ أُذِنَ لَهُمْ فِي الْكَلَامِ لَأَخْبَرُوكُمْ ﴿إِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوى[1]﴾.

۱: البقرة: الآية: ۱۹۷.

## ١٢٧_ عمل ۾ ڪوتاهي ڪندڙ

۽ امام عليہ السلام فرمايو: جيڪو عمل ۾ ڪوتاهي ڪندو ته انڪي ڏُکن ۾ آزمايو ويندو، ۽ الله کي ان ماڻهوءَ جي ضرورت نه آهي جنهن جي مال ۽ جان ۾ الله لاءِ ڪو حصو ئي نه آهي.

## ١٢٨_ پهرين ۽ پوئين ٿڌ

۽ امام عليہ السلام فرمايو: پهرين ٿڌ کان بچو، ۽ پوئين ٿڌ جي آجيان ڪريو، ڇا ڪاڻ ته هوَ جسمن ۾ اهڙو اثر ڪندي آهي جهڙو وڻن سان ڪندي آهي، جو ان جي ابتدا ساڙيندي آهي، ۽ ان جي انتها ڦُٽائيندي آهي.

## ١٢٩_ خالق جي عظمت

۽ امام عليہ السلام فرمايو: تو وٽ خالق جي عظمت جو وڏو هجڻ تنهنجي نگاهه ۾ مخلوق کي ننڍڙو ڪري ڇڏيندو.

## ١٣٠_ امام عليہ السلام جنگِ صفين کان واپس وريا ته ڪوفي جي ٻاهران قبرن کي ڏسي فرمايائون

امام عليہ السلام جڏهن جنگِ صفين کان واپس وريا ته ڪوفي جي ٻاهران قبرن کي ڏٺو ته فرمايائون: اي وحشت وارن گهرن، ويران جاين ۽ اونداهين قبرن وارؤ. اي مٽيءَ هاڻؤ، اي غربت، اڪيلائپ ۽ وحشت ۾ رهڻ وارؤ، توهان اسان کان پهريائين وڃڻ وارا، ۽ اسان توهان جي پويان ملڻ وارا آهيون.

باقي (توهان جي) گهرن ۾ رهائش اختيار ڪئي وئي آهي، ۽ (توهان جي) زالن سان نڪاح ڪيو ويو آهي، ۽ (توهان جي) مال کي ورهايو ويو آهي. اسان وٽ اِهي خبرون آهن، ۽ توهان وٽ ڪهڙيون خبرون آهن؟. پوءِ امام عليہ السلام پنهنجي اصحاب ڏانهن متوجه ٿيا ۽ فرمايائون: اگر انهن کي ڳالهائڻ جي اجازت ڏني وڃي ها ته ضرور توهان کي ٻڌائين ها ته ”بيشڪ سڀ کان ڀلو سمر پرهيزگاري آهي“[١].

---

١: البقرة: آيت: ١٩٧.

١٣١_ وَ قَالَ عليه‌السلام وَ قَدْ سَمِعَ رَجُلًا يَذُمُّ الدُّنْيَا:

أَيُّهَا الذَّامُّ لِلدُّنْيَا الْمُغْتَرُّ بِغُرُورِهَا الْمَخْدُوعُ بِأَبَاطِيلِهَا

أَ تَغْتَرُّ بِالدُّنْيَا ثُمَّ تَذُمُّهَا أَنْتَ الْمُتَجَرِّمُ عَلَيْهَا أَمْ هِيَ الْمُتَجَرِّمَةُ عَلَيْكَ مَتَى اسْتَهْوَتْكَ أَمْ مَتَى غَرَّتْكَ أَ بِمَصَارِعِ آبَائِكَ مِنَ الْبِلَى أَمْ بِمَضَاجِعِ أُمَّهَاتِكَ تَحْتَ الثَّرَى كَمْ عَلَّلْتَ بِكَفَّيْكَ وَ كَمْ مَرَّضْتَ بِيَدَيْكَ تَبْتَغِي لَهُمُ الشِّفَاءَ وَ تَسْتَوْصِفُ لَهُمُ الْأَطِبَّاءَ غَدَاةَ

لَا يُغْنِي عَنْهُمْ دَوَاؤُكَ وَ لَا يُجْدِي عَلَيْهِمْ بُكَاؤُكَ لَمْ يَنْفَعْ أَحَدَهُمْ إِشْفَاقُكَ وَ لَمْ تُسْعَفْ فِيهِ بِطِلْبَتِكَ وَ لَمْ تَدْفَعْ عَنْهُ بِقُوَّتِكَ وَ قَدْ مَثَّلَتْ لَكَ بِهِ الدُّنْيَا نَفْسَكَ وَ بِمَصْرَعِهِ مَصْرَعَكَ

إِنَّ الدُّنْيَا دَارُ صِدْقٍ لِمَنْ صَدَقَهَا وَ دَارُ عَافِيَةٍ لِمَنْ فَهِمَ عَنْهَا وَ دَارُ غِنًى لِمَنْ تَزَوَّدَ مِنْهَا وَ دَارُ مَوْعِظَةٍ لِمَنِ اتَّعَظَ بِهَا مَسْجِدُ أَحِبَّاءِ اللَّهِ وَ مُصَلَّى مَلَائِكَةِ اللَّهِ وَ مَهْبِطُ وَحْيِ اللَّهِ وَ مَتْجَرُ أَوْلِيَاءِ اللَّهِ اكْتَسَبُوا فِيهَا الرَّحْمَةَ وَ رَبِحُوا فِيهَا الْجَنَّةَ فَمَنْ ذَا يَذُمُّهَا وَ قَدْ آذَنَتْ بِبَيْنِهَا وَ نَادَتْ بِفِرَاقِهَا وَ نَعَتْ نَفْسَهَا وَ أَهْلَهَا فَمَثَّلَتْ لَهُمْ بِبَلَائِهَا الْبَلَاءَ



وَ شَوَّقَتْهُمْ بِسُرُورِهَا إِلَى السُّرُورِ رَاحَتْ بِعَافِيَةٍ وَ ابْتَكَرَتْ بِفَجِيعَةٍ تَرْغِيباً وَ تَرْهِيباً وَ تَخْوِيفاً وَ تَحْذِيراً فَذَمَّهَا رِجَالٌ غَدَاةَ النَّدَامَةِ وَ حَمِدَهَا آخَرُونَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

ذَكَّرَتْهُمُ الدُّنْيَا فَتَذَكَّرُوا وَ حَدَّثَتْهُمْ فَصَدَّقُوا وَ وَعَظَتْهُمْ فَاتَّعَظُوا.

## ١٣١_ دنيا جي مذمت ڪندڙکي فرمايائون

امام عليه السلام هڪ ماڻهو کي دنيا جي مذمت ڪندي ٻڌو تہ فرمايائون:

اي دنيا جي فريب سان ڌوڪي کاڌل، ان جي فضوليات سان ٺڳيل، ان جي مذمت ڪرڻ وارا. ڇا دنيا سان ڌوکو کائين ٿو پوءِ ان جي مذمت ڪرين ٿو؟ تون مٿس ڏوهہ مڙهين، يا هؤ تو تي ڏوهہ مڙهي؟ هن ڪڏهن تو کي مدهوش ڪيو آهي يا ڪڏهن هن تو کي ڌوکو ڏنو آهي؟ ڇا تنهنجي پيئرن کي فنا جي جاين تي ڪيرائڻ سان يا تنهنجي مائرين کي مٽي هيٺيان ليٽائڻ سان (ڌوکو ڏنو آهي؟). تو ڪيترن بيمارن جي پنهنجي هٿن سان خدمت ڪئي آهي، ۽ ڪيترن مريضن جي تو پنهنجي هٿن سان ٽهل ٽڪور ڪئي آهي! ۽ انهن لاءِ شفا طلبي آهي. ۽ سندن لاءِ طبيبن کان دوا پُڇي آهي؟ پر آئي ڏينهن تنهنجي دوا انهن کي بي نياز نہ ڪيو، ۽ نہ وري مٿن تنهنجي روئڻ ڪين فائدو ڏنو، ۽ نہ تنهنجي همدردي ڪنهن کي ڪم آئي، ۽ نہ تنهنجو مقصد حاصل ٿيو. ۽ نہ تون پنهنجي طاقت سان ڪانئن موت کي ٽاريو، ۽ بيشڪ دنيا انهن (حالات) ذريعي تنهنجي لاءِ تنهنجي نفس جو ۽ سندن هلاڪت سان تنهنجي هلاڪت جو مثال پيش ڪري ڇڏيو آهي. بيشڪ دنيا ان ماڻهوءَ لاءِ جيڪو انکي سچو مڃي، سچائيءَ جو گهر آهي، ۽ جيڪو انکي سمجهي ان لاءِ راحت جو هنڌ آهي، ۽ جيڪو ان مان سمر سهيڙي ان لاءِ آسودائپ وارو گهرآهي، ۽ جيڪو ان مان نصيحت پرائي ان لاءِ نصيحت جو گهر آهي، ۽ الله جي پيارن جي سجدي واري جاءِ، ۽ الله جي ملائڪن جي نماز واري جاءِ، ۽ الله جي وحيءَ جي لهڻ واري جاءِ، ۽ الله جي ولين جي واپار جو هنڌ آهي، جنهن ۾ هو رحمت کي ڪمائين ٿا، ۽ ان ۾ جنت کي حاصل ڪن ٿا. بس پوءِ ڪير آهي جيڪو ان جي مذمت ڪري، جڏهن تہ هن پنهنجي جدائيءَ جو ٻڌائي ڇڏيو آهي، ۽ پنهنجي وڇوڙي جو واڪو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پنهنجي ۽ پنهنجي رهڻ وارن جي هلاڪت جي خبر ڏئي ڇڏي آهي. بس هن ماڻهن لاءِ پنهنجي مصيبت سان (آخرت جي) مصيبت جو مثال پيش ڪري ڇڏيو آهي، ۽ انهن کي پنهنجي سرور سان (آخرت جي) سرور جو شوق ڏياريو آهي. هؤ رغبت ڏيارڻ ۽ ديڄارڻ، ۽ خوفزده ڪرڻ ۽ متوجہ ڪرڻ لاءِ صبح جو ڏک ۽ شام جو سک آڻيندي آهي. پوءِ ڪجهہ ماڻهو سياڻي پشيماني جي حالت ۾ ان جي مذمت ڪندا، ۽ ٻيا ماڻهو قيامت جي ڏينهن ان جي ساراهہ ڪندا، جو دنيا ڪين آخرت جي ياد ڏياري، تہ انهن ياد رکيو، ۽ هن انهن کي خبر ڏني تہ انهن تصديق ڪئي، ۽ هن انهن کي نصيحت ڪئي تہ انهن نصيحت پرائي.

١٣٢_ وَ قَالَ عليه السلام:

إِنَّ لِلَّهِ مَلَكاً يُنَادِي فِي كُلِّ يَوْمٍ لِدُوا لِلْمَوْتِ وَ اجْمَعُوا لِلْفَنَاءِ وَ ابْنُوا لِلْخَرَابِ.

١٣٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

الدُّنْيَا دَارُ مَمَرٍّ لَا دَارُ مَقَرٍّ وَ النَّاسُ فِيهَا رَجُلَانِ رَجُلٌ بَاعَ فِيهَا نَفْسَهُ فَأَوْبَقَهَا وَ رَجُلٌ ابْتَاعَ نَفْسَهُ فَأَعْتَقَهَا.

١٣٤_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَا يَكُونُ الصَّدِيقُ صَدِيقاً حَتَّى يَحْفَظَ أَخَاهُ فِي ثَلَاثٍ فِي نَكْبَتِهِ وَ غَيْبَتِهِ وَ وَفَاتِه.

١٣٥_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَنْ أُعْطِيَ أَرْبَعاً لَمْ يُحْرَمْ أَرْبَعاً مَنْ أُعْطِيَ الدُّعَاءَ لَمْ يُحْرَمِ الْإِجَابَةَ وَ مَنْ أُعْطِيَ التَّوْبَةَ لَمْ يُحْرَمِ الْقَبُولَ وَ مَنْ أُعْطِيَ الِاسْتِغْفَارَ لَمْ يُحْرَمِ الْمَغْفِرَةَ وَ مَنْ أُعْطِيَ الشُّكْرَ لَمْ يُحْرَمِ الزِّيَادَةَ.

قال الرضي رحمه الله: و تصديق ذلك كتاب الله قال الله في الدعاء ﴿ادْعُونِي أَسْتَجِبْ لَكُمْ﴾ و قال في الاستغفار ﴿وَ مَنْ يَعْمَلْ سُوءاً أَوْ يَظْلِمْ نَفْسَهُ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللَّهَ يَجِدِ اللَّهَ غَفُوراً رَحِيماً﴾ و قال في الشكر ﴿لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَأَزِيدَنَّكُمْ﴾ و قال في التوبة ﴿إِنَّمَا التَّوْبَةُ عَلَى اللَّهِ لِلَّذِينَ يَعْمَلُونَ السُّوءَ بِجَهالَةٍ ثُمَّ يَتُوبُونَ مِنْ قَرِيبٍ فَأُولئِكَ يَتُوبُ اللَّهُ عَلَيْهِمْ وَ كانَ اللَّهُ عَلِيماً حَكِيماً﴾.

## ١٣٢_ هڪ ملائڪ جي ندا

۽ امام عليه السلام فرمايو: الله جو هڪ ملائڪ آهي جيڪو هر روز اها ندا ڏيندو آهي: موت لاءِ ڄڻيو، ۽ فنا لاءِ گڏ ڪريو، ۽ ڊاهڻ لاءِ ٺاهيو.

## ١٣٣_ دنيا

۽ امام عليه السلام فرمايو: دنيا گذرگاهه آهي، ترسڻ جو گهر نہ آهي، ۽ ان ۾ ماڻهو ٻن قسمن جا آهن، هڪ اهو ماڻهو جنهن پنهنجي نفس کي وڪيو پوءِ انکي برباد ڪري ڇڏيو، ۽ ٻيو اهو ماڻهو جنهن پنهنجي نفس کي خريد ڪيو پوءِ انکي آزاد ڪري ڇڏيو.

## ١٣٤_ سچو دوست

۽ امام عليه السلام فرمايو: دوست ان وقت تائين دوست نہ ٿيندو تان جو ٽن جاين تي پنهنجي ڀاءُ جي سنڀال رکي، ان جي مصيبت جي وقت، ان جي پرپُٺ ۽ سندس مرڻ ڪانپوءِ.

## ١٣٥_ دعا، توبہ، استغفار ۽ شڪر

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن شخص کي چار شيون ڏنيون ويون تہ اهو چئن شين کان محروم نہ ڪيو ويندو، جنهن کي دعا ڏني وئي اهو مقبوليت کان محروم نہ ڪيو ويندو، ۽ جنهن کي توبہ عطا ڪئي وئي اهو قبوليت کان محروم نہ ڪيو ويندو، ۽ جنهن کي استغفار ڏني وئي اهو مغفرت کان محروم نہ ڪيو ويندو. ۽ جنهن کي شڪر ڏنو ويو اهو گهٽائيءَ کان محروم نہ ڪيو ويندو.

سيد شريف رضي رحمه الله فرمايو: ان جي تصديق الله تعالىٰ جي ڪتاب ۾ آهي، الله تعالىٰ دعا جي باري ۾ فرمايو آهي: ”مون کان دُعا گهرو، تہ آءٌ اوهان جي دُعا قبول ڪريان“ ۽ بخشش جي باري ۾ فرمايو آهي: ”۽ جيڪو بہ غلط ڪم ڪري، يا پاڻ تي ظلم ڪري، پوءِ الله کان بخشش گهري، تہ اهو الله کي بخشيندڙ ٻاجهارو پائيندو“ ۽ شڪر جي باري ۾ فرمايو آهي: ”جيڪڏهن توهان شڪر ڪندؤ، تہ اوهان کي ضرور وڌائيندس“ ۽ توبہ جي باري ۾ فرمايو آهي: ”الله تي صرف انهن جي توبهہ قبول ڪرڻ آهي، جيڪي ڏوهہ کي ناداني ۾ ڪن ٿا، پوءِ وري جلدي توبهہ ڪن ٿا، بس اهي ئي آهن، جن تي الله (پنهنجيءَ ٻاجهہ سان) وري ٿو، ۽ الله علم ۽ حڪمت وارو آهي“.

١٣٦_ وَ قَالَ عليه السلام: الصَّلَاةُ قُرْبَانُ كُلِّ تَقِيٍّ وَ الْحَجُّ جِهَادُ كُلِّ ضَعِيفٍ وَ لِكُلِّ شَيْءٍ زَكَاةٌ وَ زَكَاةُ الْبَدَنِ الصِّيَامُ وَ جِهَادُ الْمَرْأَةِ حُسْنُ التَّبَعُّلِ.

١٣٧_ وَ قَالَ عليه السلام: اسْتَنْزِلُوا الرِّزْقَ بِالصَّدَقَةِ.

١٣٨_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ أَيْقَنَ بِالْخَلَفِ جَادَ بِالْعَطِيَّةِ.

١٣٩_ وَ قَالَ عليه السلام: تَنْزِلُ الْمَعُونَةُ عَلَى قَدْرِ الْمَئُونَةِ.

١٤٠_ وَ قَالَ عليه السلام: مَا عَالَ مَنِ اقْتَصَدَ.

١٤١_ وَ قَالَ عليه السلام: قِلَّةُ الْعِيَالِ أَحَدُ الْيَسَارَيْنِ.

١٤٢_ وَ قَالَ عليه السلام: التَّوَدُّدُ نِصْفُ الْعَقْلِ.



١٤٣_ وَ قَالَ عليه السلام: الْهَمُّ نِصْفُ الْهَرَمِ.

١٤٤_ وَ قَالَ عليه السلام:

يَنْزِلُ الصَّبْرُ عَلَى قَدْرِ الْمُصِيبَةِ وَ مَنْ ضَرَبَ يَدَهُ عَلَى فَخِذِهِ عِنْدَ مُصِيبَتِهِ حَبِطَ عَمَلُه.

١٤٥_ وَ قَالَ عليه السلام: كَمْ مِنْ صَائِمٍ لَيْسَ لَهُ مِنْ صِيَامِهِ إِلَّا الْجُوعُ وَ الظَّمَأُ وَ كَمْ مِنْ قَائِمٍ لَيْسَ لَهُ مِنْ قِيَامِهِ إِلَّا السَّهَرُ وَ الْعَنَاءُ حَبَّذَا نَوْمُ الْأَكْيَاسِ وَ إِفْطَارُهُم.

## ١٣٦_ فرض

۽ امام عليه السلام فرمايو: نماز هر پرهيزگار لاءِ تقربِ الٰهي جو سبب آهي، ۽ حجّ هر ضعيف جو جهاد آهي، ۽ هر شيءِ جي ڪا زڪوات آهي ۽ جسم جي زڪوات روزا آهن، ۽ عورت جو جهاد مڙس سان ڀلو هلڻ آهي.

## ١٣٧_ صدقو

۽ امام عليه السلام فرمايو: صدقي جي ذريعي رزق کي حاصل ڪريو.

## ١٣٨_ بدلي جو يقين

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن کي بدلي جو يقين هوندو اهو عطيي ڏيڻ ۾ سخاوت ڪندو.

## ١٣٩_ امداد

۽ امام عليه السلام فرمايو: امداد خرچ جي مطابق نازل ٿيندي آهي.

## ١٤٠_ ڪفايت شعاري

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو ڪفايت شعاري ڪندو اهو محتاج نہ ٿيندو.

## ١٤١_ ٿورو عيال

۽ امام عليه السلام فرمايو: ٿورو عيال ٻن سهولتن مان هڪڙي سهولت آهي.

## ١٤٢_ هڪ ٻئي سان الفت

۽ امام عليه السلام فرمايو: هڪ ٻئي سان الفت رکڻ اڌ عقل آهي.

## ١٤٣_ ڳڻتي

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڳڻتي اڌ ٻڍڙائپ آهي.

## ١٤٤_ صبر

۽ امام عليه السلام فرمايو: صبر مصيبت جي مطابق ملندو آهي، ۽ جنهن مصيبت جي وقت پنهنجو هٿ سَٿر تي هنيو تہ سندس عمل چٽ ٿي ويندو.

## ١٤٥_ روح کان خالي عمل

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪيترائي اهڙا روزيدار آهن جن کي سندن روزن مان رڳو بُک ۽ اُڃ ملندي آهي، ۽ ڪيترائي اهڙا شب گذار آهن جن کي سندن نماز مان فقط اوجاڳو ۽ ٿڪ ملندو آهي. ۽ داناء ماڻهن جي ننڊ ۽ کائڻ ڪيڏو نہ ڀلو آهي.

١٤٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

سُوسُوا إِيمَانَكُمْ بِالصَّدَقَةِ وَ حَصِّنُوا أَمْوَالَكُمْ بِالزَّكَاةِ وَ ادْفَعُوا أَمْوَاجَ الْبَلَاءِ بِالدُّعَاءِ.

١٤٧_ وَ مِنْ كَلَامٍ لَهُ عليه‌السلام:

لِكُمَيْلِ بْنِ زِيَادٍ النَّخَعِيِّ، قَالَ كُمَيْلُ بْنُ زِيَادٍ أَخَذَ بِيَدِي أَمِيرُ الْمُؤْمِنِينَ عَلِيُّ بْنُ أَبِي طَالِبٍ عليه‌السلام فَأَخْرَجَنِي إِلَى الْجَبَّانِ فَلَمَّا أَصْحَرَ تَنَفَّسَ الصُّعَدَاءَ ثُمَّ قَالَ عليه‌السلام:

يَا كُمَيْلَ بْنَ زِيَادٍ إِنَّ هَذِهِ الْقُلُوبَ أَوْعِيَةٌ فَخَيْرُهَا أَوْعَاهَا فَاحْفَظْ عَنِّي مَا أَقُولُ لَكَ النَّاسُ ثَلَاثَةٌ فَعَالِمٌ رَبَّانِيٌّ وَ مُتَعَلِّمٌ عَلَى سَبِيلِ نَجَاةٍ وَ هَمَجٌ رَعَاعٌ أَتْبَاعُ كُلِّ نَاعِقٍ يَمِيلُونَ مَعَ كُلِّ رِيحٍ لَمْ يَسْتَضِيئُوا بِنُورِ الْعِلْمِ وَ لَمْ يَلْجَئُوا إِلَى رُكْنٍ وَثِيقٍ.

يَا كُمَيْلُ الْعِلْمُ خَيْرٌ مِنَ الْمَالِ الْعِلْمُ يَحْرُسُكَ وَ أَنْتَ تَحْرُسُ الْمَالَ وَ الْمَالُ تَنْقُصُهُ النَّفَقَةُ وَ الْعِلْمُ يَزْكُوا عَلَى الْإِنْفَاقِ وَ صَنِيعُ الْمَالِ يَزُولُ بِزَوَالِهِ يَا كُمَيْلَ بْنَ زِيَادٍ مَعْرِفَةُ الْعِلْمِ دِينٌ يُدَانُ بِهِ بِهِ يَكْسِبُ الْإِنْسَانُ الطَّاعَةَ فِي حَيَاتِهِ وَ جَمِيلَ الْأُحْدُوثَةِ بَعْدَ وَفَاتِهِ وَ الْعِلْمُ حَاكِمٌ وَ الْمَالُ مَحْكُومٌ عَلَيْهِ.

يَا كُمَيْلُ هَلَكَ خُزَّانُ الْأَمْوَالِ وَ هُمْ أَحْيَاءٌ وَ الْعُلَمَاءُ بَاقُونَ مَا بَقِيَ الدَّهْرُ أَعْيَانُهُمْ مَفْقُودَةٌ وَ أَمْثَالُهُمْ فِي الْقُلُوبِ مَوْجُودَةٌ هَا إِنَّ هَاهُنَا لَعِلْماً جَمّاً (وَ أَشَارَ بِيَدِهِ إِلَى صَدْرِهِ) لَوْ أَصَبْتُ لَهُ حَمَلَةً بَلَى أَصَبْتُ لَقِناً غَيْرَ مَأْمُونٍ عَلَيْهِ مُسْتَعْمِلًا آلَةَ الدِّينِ لِلدُّنْيَا وَ مُسْتَظْهِراً بِنِعَمِ اللَّهِ عَلَى عِبَادِهِ وَ بِحُجَجِهِ عَلَى أَوْلِيَائِهِ أَوْ مُنْقَاداً لِحَمَلَةِ الْحَقِّ لَا بَصِيرَةَ لَهُ فِي أَحْنَائِهِ يَنْقَدِحُ الشَّكُّ فِي قَلْبِهِ لِأَوَّلِ عَارِضٍ مِنْ شُبْهَةٍ.

## ١۴٦_ صدقو، زڪوات ۽ دعا

۽ امام ؑ فرمايو: صدقي سان پنهنجي ايمان جي حفاظت ڪريو، ۽ زڪوات جي ذريعي پنهنجو مال بچايو، ۽ دعا جي ذريعي مصيبت جي موجن کي ٽاريو.

## ١۴٧_ علم جي فضيلت

امام ؑ جو ڪلام: ڪميل بن زياد نخعي سان. ڪميل بن زياد (رحمه الله) چيو: اميرالمؤمنين علي ابن ابي طالب ؑ منهنجي هٿ کي ورتو ۽ مون کي قبرستان ڏانهن وٺي ويا، پوءِ جڏهن بيابان ۾ پهتا ته ٿڌو ساهه کنيائون ۽ فرمايائون: اي ڪميل بن زياد: بيشڪ هي دليون ظرف آهن، بس انهن مان سڀ کان ڀلو اهو آهي جيڪو وڌيڪ سانڍيندڙ هجي، بس جيڪو آءٌ تو کي چوان انکي ياد رکجائين. ماڻهو ٽن قسمن جا آهن، رباني عالم، نجات جي واٽ تي هلندڙ طالبعلم، ۽ اهي نادان ۽ خسيس ماڻهو جيڪي هر سڏيندڙ جي پويان لڳي پوندا آهن، ۽ هر هوا سان لڙي پوندا آهن، نه انهن علم جي نور سان روشني حاصل ڪئي آهي، ۽ نه ڪنهن مضبوط سهاري جي پناهه ورتي آهي. اي ڪميل علم مال کان ڀلو آهي، علم تنهنجي حفاظت ڪري ٿو، ۽ تون مال جي حفاظت ڪرين ٿو، ۽ مال خرچ ڪرڻ سان گُهٽندو آهي، ۽ علم ونڊڻ سان وڌندو آهي. ۽ مال جا آثار مال جي ختم ٿيڻ سان ختم ٿي ويندا آهن. اي ڪميل ابن زياد! علم کي چڱيءَ طرح حاصل ڪرڻ هڪ اهڙو دين آهي جنهن جي پيروي ڪئي ويندي آهي، ان سان ئي انسان پنهنجي زندگيءَ ۾ فرمانبرداري ۽ پنهنجي مرڻ کانپوءِ نيڪ نامي ڪمائيندو آهي، ۽ علم حاڪم آهي ۽ مال محڪوم آهي. اي ڪميل! مال ميڙيندڙ زنده هوندي به مئل آهن، ۽ عالم ايستائين باقي آهن جيستائين زمانو باقي آهي. انهن جا جسم ته موجود نه هوندا آهن پر سندن شخصيتون دلين ۾ سمايل هونديون آهن (پوءِ امام ؑ پنهنجي هٿ سان پنهنجي سيني ڏانهن اشارو ڪري فرمايو) آگاهه رهو! ته بيشڪ هتي علم جا خزانا آهن. اگر مون کي انجا اهل ملن ها (ته مان انکي ظاهر ڪريان ها). ها مون کي ڪو ذهين مليو ته صحيح پر اُهو ڀَت جوڳو نه هيو، ۽ دين کي دنيا لاءِ بطور اوزار استعمال ڪندڙ هو، ۽ الله جي نعمتن کي سندس ٻانهن تي ۽ ان جي دليلن کي سندس ولين تي وڏائي جو ذريعو سمجهندو هو، يا حق وارن جو مطيع ته مليو پر وٽس بصيرت نه هئي، ۽ شبهي پيش ٿيڻ سان ئي سندس دل ۾ شڪ ظاهر ٿي پوندو هو.

أَلَا لَا ذَا وَ لَا ذَاكَ أَوْ مَنْهُوماً بِاللَّذَّةِ سَلِسَ الْقِيَادِ لِلشَّهْوَةِ أَوْ مُغْرَماً بِالْجَمْعِ وَ الِادِّخَارِ لَيْسَا مِنْ رُعَاةِ الدِّينِ فِي شَيْءٍ أَقْرَبُ شَيْءٍ شَبَهاً بِهِمَا الْأَنْعَامُ السَّائِمَةُ كَذَلِكَ يَمُوتُ الْعِلْمُ بِمَوْتِ حَامِلِيهِ اللَّهُمَّ بَلَى لَا تَخْلُو الْأَرْضُ مِنْ قَائِمٍ لِلَّهِ بِحُجَّةٍ إِمَّا ظَاهِراً مَشْهُوراً وَ إِمَّا خَائِفاً مَغْمُوراً لِئَلَّا تَبْطُلَ حُجَجُ اللَّهِ وَ بَيِّنَاتُهُ.

وَ كَمْ ذَا وَ أَيْنَ أُولَئِكَ أُولَئِكَ وَ اللَّهِ الْأَقَلُّونَ عَدَداً وَ الْأَعْظَمُونَ عِنْدَ اللَّهِ قَدْراً يَحْفَظُ اللَّهُ بِهِمْ حُجَجَهُ وَ بَيِّنَاتِهِ حَتَّى يُودِعُوهَا نُظَرَاءَهُمْ وَ يَزْرَعُوهَا فِي قُلُوبِ أَشْبَاهِهِمْ هَجَمَ بِهِمُ الْعِلْمُ عَلَى حَقِيقَةِ الْبَصِيرَةِ وَ بَاشَرُوا رُوحَ الْيَقِينِ وَ اسْتَلَانُوا مَا اسْتَوْعَرَهُ الْمُتْرَفُونَ وَ أَنِسُوا بِمَا اسْتَوْحَشَ مِنْهُ الْجَاهِلُونَ وَ صَحِبُوا الدُّنْيَا بِأَبْدَانٍ أَرْوَاحُهَا مُعَلَّقَةٌ بِالْمَحَلِّ الْأَعْلَى أُولَئِكَ خُلَفَاءُ اللَّهِ فِي أَرْضِهِ وَ الدُّعَاةُ إِلَى دِينِهِ آهِ آهِ شَوْقاً إِلَى رُؤْيَتِهِمْ انْصَرِفْ يَا كُمَيْلُ إِذَا شِئْتَ.

١٤٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الْمَرْءُ مَخْبُوءٌ تَحْتَ لِسَانِهِ.

١٤٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام: هَلَكَ امْرُؤٌ لَمْ يَعْرِفْ قَدْرَه.

١٥٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لِرَجُلٍ سَأَلَهُ أَنْ يَعِظَهُ:

لَا تَكُنْ مِمَّنْ يَرْجُو الْآخِرَةَ بِغَيْرِ عَمَلٍ وَ يُرَجِّي التَّوْبَةَ بِطُولِ الْأَمَلِ

يَقُولُ فِي الدُّنْيَا بِقَوْلِ الزَّاهِدِينَ وَ يَعْمَلُ فِيهَا بِعَمَلِ الرَّاغِبِينَ

إِنْ أُعْطِيَ مِنْهَا لَمْ يَشْبَعْ

آگاهه رهو تہ نہ هي (علم جي لائق آهي) ۽ نہ ئي هو. يا لذتن جو شيدائي مليو جيڪو خواهشن لاءِ بي لغام ٿي وڃي ٿو. يا مال کي گڏ ڪرڻ وارو ۽ ذخيرو ڪندڙ مليو، ۽ اِهي ٻئي بہ ذري برابر دين جا محافظ نہ آهن. ۽ انهن ٻنهي سان سڀ کان ويجهي شباهت رکندڙ شيءِ ڍل چرندڙ جانور آهن. اهڙي ئي نموني علم مري وڃي ٿو علم وارن جي مرڻ سان گڏ. ها البتہ زمين الله جي حجت کي قائم رکندڙ کان خالي ناهي رهندي، يا هو ظاهر ۽ مشهور هوندو، يا ڊنل ۽ لڪيل هوندو تہ جيئن الله جا دليل ۽ نشانيون باطل نہ ٿي وڃن، ۽ اهي ڪيترا آهن، ۽ ڪاٿي آهن؟ الله جو قسم اهي تعداد ۾ بلڪل ٿورا ۽ منزلت ۾ الله وٽ سڀ کان وڏا آهن، ۽ الله سندن ذريعي پنهنجي دليلن ۽ نشانين جي حفاظت ڪندو آهي، تہ جيئن اهي انهن کي پاڻ جهڙن جي حوالي ڪن، ۽ پاڻ سان شباهت رکندڙن جي دلين ۾ انهن کي پوکين. علم انهن کي بصيرت جي پڌراين تائين پهچائي ڇڏيو آهي، اُهي يقين جي روح سان رلجي ويا آهن. ۽ جن شين کي شاهوڪارن ڏکيو سمجهيو آهي تن کي اُهي سولو سمجهن ٿا، ۽ جن شين کان جاهل ڀڄين ٿا تن سان هو دل لڳائين ٿا. هو اهڙن جسمن سان دنيا ۾ رهندا آهن جن جا روح اعلىٰ مقام سان جڙيل آهن. اِهي ئي ماڻهو زمين تي الله جا نائب ۽ سندس دين ڏانهن دعوت ڏيندڙ آهن. هاءِ، هاءِ انهن کي ڏسڻ لاءِ مون کي ڪيڏي نہ سِڪ آهي!. اي ڪميل! هاڻي چاهين تہ ڀلي موٽي وڃ.



## ١٤٨_ ماڻهو جي زبان

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهو پنهنجي زبان جي هيٺيان لڪيل آهي.

## ١٤٩_ پاڻ کي ڄاڻڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن ماڻهوءَ پنهنجو مرتبو نہ ڄاتو اهو هلاڪ ٿي ويو.

## ١٥٠_ اهم نصيحت

هڪ ماڻهو امام عليه السلام کي نصيحت ڪرڻ جي گُهر ڪئي تہ امام عليه السلام فرمايو: انهن ماڻهن مان نہ ٿي جيڪو عمل کان بغير آخرت جي اميد رکي ٿو، ۽ ڊگهين اميدن سان توبہ کي ٽاري ڇڏي ٿو، ۽ دنيا جي باري ۾ زاهدن واريون ڳالهيون ڪري ٿو پر ان ڏانهن لاڙو رکندڙن وارو ڪم ڪري ٿو، اگر ان مان ڪجهہ ڏنو وڃيس تہ ڍاپي نٿو.

وَ إِنْ مُنِعَ مِنْهَا لَمْ يَقْنَعْ يَعْجِزُ عَنْ شُكْرِ مَا أُوتِيَ وَ يَبْتَغِي الزِّيَادَةَ فِيمَا بَقِيَ.

يَنْهَى وَ لَا يَنْتَهِي وَ يَأْمُرُ بِمَا لَا يَأْتِي يُحِبُّ الصَّالِحِينَ وَ لَا يَعْمَلُ عَمَلَهُمْ.

وَ يُبْغِضُ الْمُذْنِبِينَ وَ هُوَ أَحَدُهُمْ يَكْرَهُ الْمَوْتَ لِكَثْرَةِ ذُنُوبِهِ وَ يُقِيمُ عَلَى مَا يَكْرَهُ الْمَوْتَ مِنْ أَجْلِهِ إِنْ سَقِمَ ظَلَّ نَادِماً وَ إِنْ صَحَّ أَمِنَ لَاهِياً يُعْجَبُ بِنَفْسِهِ إِذَا عُوفِيَ وَ يَقْنَطُ إِذَا ابْتُلِيَ إِنْ أَصَابَهُ بَلَاءٌ دَعَا مُضْطَرّاً وَ إِنْ نَالَهُ رَخَاءٌ أَعْرَضَ مُغْتَرّاً.

تَغْلِبُهُ نَفْسُهُ عَلَى مَا يَظُنُّ وَ لَا يَغْلِبُهَا عَلَى مَا يَسْتَيْقِنُ يَخَافُ عَلَى غَيْرِهِ بِأَدْنَى مِنْ ذَنْبِهِ وَ يَرْجُو لِنَفْسِهِ بِأَكْثَرَ مِنْ عَمَلِهِ إِنِ اسْتَغْنَى بَطِرَ وَ فُتِنَ وَ إِنِ افْتَقَرَ قَنِطَ وَ وَهَنَ يُقَصِّرُ إِذَا عَمِلَ وَ يُبَالِغُ إِذَا سَأَلَ إِنْ عَرَضَتْ لَهُ شَهْوَةٌ أَسْلَفَ الْمَعْصِيَةَ وَ سَوَّفَ التَّوْبَةَ.

وَ إِنْ عَرَتْهُ مِحْنَةٌ انْفَرَجَ عَنْ شَرَائِطِ الْمِلَّةِ يَصِفُ الْعِبْرَةَ وَ لَا يَعْتَبِرُ وَ يُبَالِغُ فِي الْمَوْعِظَةِ وَ لَا يَتَّعِظُ فَهُوَ بِالْقَوْلِ مُدِلٌّ وَ مِنَ الْعَمَلِ مُقِلٌّ يُنَافِسُ فِيمَا يَفْنَى وَ يُسَامِحُ فِيمَا يَبْقَى.



يَرَى الْغُنْمَ مَغْرَماً وَ الْغُرْمَ مَغْنَماً يَخْشَى الْمَوْتَ وَ لَا يُبَادِرُ الْفَوْتَ يَسْتَعْظِمُ مِنْ مَعْصِيَةِ غَيْرِهِ مَا يَسْتَقِلُّ أَكْثَرَ مِنْهُ مِنْ نَفْسِهِ وَ يَسْتَكْثِرُ مِنْ طَاعَتِهِ مَا يَحْقِرُهُ مِنْ طَاعَةِ غَيْرِهِ فَهُوَ عَلَى النَّاسِ طَاعِنٌ وَ لِنَفْسِهِ مُدَاهِنٌ.

اللَّهْوُ مَعَ الْأَغْنِيَاءِ أَحَبُّ إِلَيْهِ مِنَ الذِّكْرِ مَعَ الْفُقَرَاءِ يَحْكُمُ عَلَى غَيْرِهِ لِنَفْسِهِ وَ لَا يَحْكُمُ عَلَيْهَا لِغَيْرِهِ يُرْشِدُ غَيْرَهُ وَ يُغْوِي نَفْسَهُ فَهُوَ يُطَاعُ وَ يَعْصِي.

۽ اگر ان مان روڪيو وڃس ته قناعت نٿو ڪري. جيڪو ڪيس ڏنو ويو آهي ان جي شڪر ادا ڪرڻ کان عاجز آهي، ۽ جيڪا رهيل آهي ان ۾ واڌاري جو خواهشمند آهي، ٻين کي روڪي ٿو پر پاڻ نٿو رڪجي، ۽ انهن شين جو حڪم ڏئي ٿو جن کي پاڻ انجام نٿو ڏئي. ۽ نيڪوڪارن کي پسند ته ڪري ٿو پر سندن عمل جهڙو عمل انجام نٿو ڏئي. ۽ گنهگارن کان نفرت ته ڪري ٿو جڏهن ته پاڻ انهن مان هڪ آهي. ۽ پنهنجي گهڻن گناهن جي ڪري موت کان نفرت ڪري ٿو پر جن ڪرتوتن جي ڪري موت کان نفرت ڪري ٿو تن کي وري وري انجام به ڏئي ٿو. اگر بيمار ٿئي ٿو ته پشيمان ٿئي ٿو، ۽ اگر صحتمند ٿئي ٿو ته مطمئن ٿي غافل ٿئي ٿو. جڏهن عافيت ۾ رهي ٿو ته آڪڙجي ٿو، ۽ جڏهن آزمايو وڃي ٿو ته مايوس ٿئي ٿو. اگر ڪو ڏُک پهچيس ٿو ته پريشان ٿي دعا گهري ٿو، ۽ اگر ڪو سُک مليس ٿو ته غافل ٿي مُنهن موڙي ٿو. جن شين جو گمان ڪري ٿو انهن تي مٿس نفس غالب ٿي وڃي ٿو، ۽ جن شين جو يقين ڪري ٿو تن بابت پنهنجي نفس تي غالب نٿو ٿئي. ٻئي جي باري ۾ هن جي معمولي گناهه کان ڊڄي ٿو، ۽ پاڻ لاءِ پنهنجي عمل کان وڌيڪ جي اميد رکي ٿو، ۽ اگر شاهوڪار ٿئي ٿو ته سرڪش ٿئي ٿو، ۽ فتني ۾ پئجي وڃي ٿو. ۽ اگر غريب ٿئي ٿو ته مايوس ٿي ۽ هيٺو ٿئي ٿو. جڏهن عمل ڪري ٿو ته ڪوتاهي ڪري ٿو، ۽ جڏهن گُهري ٿو ته حد کان وڌيڪ گُهري ٿو. ۽ اگر ڪا خواهش سامهون اچيس ٿي ته جلدي نافرماني ڪري ٿو، ۽ توبه کي ٽاري ڇڏي ٿو. ۽ اگر ڪا مصيبت پيش اچيس ٿي ته دين جي حدن کان وٿيرڪو ٿئي ٿو. عبرت واريون ڳالهيون بيان ڪري ٿو جڏهن ته پاڻ عبرت حاصل نٿو ڪري ۽ نصيحتون ته وڏيون ڪري ٿو پر پاڻ نصيحت نٿو پرائي. ۽ ڳالهيون پختيون ڪندڙ ۽ عمل ٿورو ڪندڙ آهي. ۽ فنا ٿيندڙ شين ۾ ساهه ڏئي ٿو.



۽ باقي رهندڙ شين کان درگذر ڪري ٿو. جيڪا غنيمت آهي انکي خسارو ۽ جيڪو خسارو آهي انکي غنيمت سمجهي ٿو. موت کان ڊڄي ٿو پر وقت نڪرڻ کان پهريائين عمل ڏانهن جلدي نٿو ڪري. ٻئي جي ان نافرماني کي به وڏو سمجهي ٿو جنهن کان پنهنجي گهڻي نافرماني کي پنهنجي لاءِ ننڍو سمجهي ٿو. ۽ پنهنجي اطاعت کي گهڻو سمجهي ٿو ۽ ان جهڙي ٻئي جي اطاعت کي معمولي سمجهي ٿو. هو ماڻهن لاءِ ته ملامت ڪندڙ آهي پر پنهنجي لاءِ نرم مزاج آهي. شاهوڪارن سان اجاين محفلن ۾ گڏ رهڻ انکي غريبن سان گڏ ذڪر ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي، پنهنجي فائدي لاءِ ٻئي جي خلاف حڪم لڳائي ٿو، پر ٻئي جي فائدي لاءِ پنهنجي خلاف حڪم نٿو لڳائي. ۽ ٻئي جي رهنمائي ڪري ٿو ۽ پاڻ کي گمراهيءَ ۾ رکي ٿو، بس هن جي فرمانبرداري ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته پاڻ نافرماني ڪري ٿو

وَ يَسْتَوْفِي وَ لَا يُوفِي وَ يَخْشَى الْخَلْقَ فِي غَيْرِ رَبِّهِ وَ لَا يَخْشَى رَبَّهُ فِي خَلْقِهِ.

قال الرضي رحمه الله: و لو لم يكن في هذا الكتاب إلا هذا الكلام

لكفى به موعظة ناجعة و حكمة بالغة و بصيرة لمبصر و عبرة لناظر مفكر.

١٥١_وَ قَالَ عليه السلام:

لِكُلِّ امْرِئٍ عَاقِبَةٌ حُلْوَةٌ أَوْ مُرَّةٌ.

١٥٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَا يَعْدَمُ الصَّبُورُ الظَّفَرَ وَ إِنْ طَالَ بِهِ الزَّمَانُ.

١٥٤_ وَ قَالَ عليه السلام: الرَّاضِي بِفِعْلِ قَوْمٍ كَالدَّاخِلِ فِيهِ مَعَهُمْ

وَ عَلَى كُلِّ دَاخِلٍ فِي بَاطِلٍ إِثْمَانِ إِثْمُ الْعَمَلِ بِهِ وَ إِثْمُ الرِّضَى بِهِ.

١٥٥_ وَ قَالَ عليه السلام:

اعْتَصِمُوا بِالذِّمَمِ فِي أَوْتَادِهَا.

١٥٦_ وَ قَالَ عليه السلام:

عَلَيْكُمْ بِطَاعَةِ مَنْ لَا تُعْذَرُونَ بِجَهَالَتِهِ.

۽ حق پورو وني ٿو پر پاڻ ادا نٿو ڪري، ۽ مخلوق کان ڏجي ٿو پر الله جي ڪري نہ، ليڪن مخلوق بابت الله کان نٿو ڏجي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ هن ڪلام کان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ هجي ها تہ هي ڪلام ئي فائدي ڏيندڙ نصيحت ۽ پوري حڪمت ۽ عقل مند لاءِ بصيرت ۽ غور ۽ فڪر ڪندڙ لاءِ عبرت طور ڪافي هو.

## ١٥١_ انجام

۽ امام عليه السلام فرمايو: هر ماڻهوءَ لاءِ پڇاڙي آهي، مٺي يا ڪڙي.

## ١٥٢_ فنا ٿيڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: هر ايندڙ لاءِ موٽڻ آهي، ۽ جيڪو موٽيو ڄڻ هيو ئي ڪون.

## ١٥٣_ صبر

۽ امام عليه السلام فرمايو: صابرين ماڻهو ڪاميابي کان محروم نٿو رهي، جيتوڻيڪ ان ۾ زمانو ڪيڏو بہ دگهو ٿي وڃي.

## ١٥۴_ عمل تي رضامندي

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪنهن قوم جي فعل تي راضي رهڻ وارو ڄڻ ان ۾ ساڻن شريڪ آهي. ۽ هر غلط ڪم ۾ شريڪ ٿيندڙ تي بہ گناه آهن، ان تي عمل ڪرڻ جو گناه ۽ ان تي راضي ٿيڻ جو گناه.



## ١٥٥_ اهل ماڻهن کي ذميداريون ڏيڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: ذميدارين کي انهن سان وابستہ ڪريو جيڪي ميخن جهڙا مضبوط هجن.

## ١٥٦_ برحق رهبرن جي اطاعت

۽ امام عليه السلام فرمايو:

توهان تي انهن (برحق رهبرن) جي اطاعت ڪرڻ لازمي آهي جن کان جاهل رهڻ جو بهانو قبول نہ ڪيو ويندو.

١٥٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

قَدْ بُصِّرْتُمْ إِنْ أَبْصَرْتُمْ وَ قَدْ هُدِيتُمْ إِنِ اهْتَدَيْتُمْ وَ أُسْمِعْتُمْ إِنِ اسْتَمَعْتُم.

١٥٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

عَاتِبْ أَخَاكَ بِالْإِحْسَانِ إِلَيْهِ وَ ارْدُدْ شَرَّهُ بِالْإِنْعَامِ عَلَيْهِ.

١٥٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

مَنْ وَضَعَ نَفْسَهُ مَوَاضِعَ التُّهَمَةِ فَلَا يَلُومَنَّ مَنْ أَسَاءَ بِهِ الظَّنَ.

١٦٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَنْ مَلَكَ اسْتَأْثَرَ.

١٦١ _ وَ قَالَ عليه‌السلام:

مَنِ اسْتَبَدَّ بِرَأْيِهِ هَلَكَ وَ مَنْ شَاوَرَ الرِّجَالَ شَارَكَهَا فِي عُقُولِهَا.

١٦٢ _ وَ قَالَ عليه‌السلام:

مَنْ كَتَمَ سِرَّهُ كَانَتِ الْخِيَرَةُ بِيَدِهِ.

١٦٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الْفَقْرُ الْمَوْتُ الْأَكْبَرُ.

١٦٤ _ وَ قَالَ عليه‌السلام:

مَنْ قَضَى حَقَّ مَنْ لَا يَقْضِي حَقَّهُ فَقَدْ عَبَدَهُ.

١٦٥ _ وَ قَالَ عليه‌السلام:

لَا طَاعَةَ لِمَخْلُوقٍ فِي مَعْصِيَةِ الْخَالِقِ.

## ١٥٧_ نصيحت

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ توهان کي چڱيءَ طرح ڏيکاريو ويو جيڪڏهن توهان غور سان ڏٺو تہ ۽ توهان جي هدايت ڪئي وئي جيڪڏهن توهان هدايت پرائي تہ ۽ توهان کي ٻڌرايو ويو آهي جيڪڏهن اوهان ڌيان سان ٻڌو تہ.

## ١٥٨_ احسان ۽ عطا

۽ امام عليه السلام فرمايو: پنهنجي ڀاء کي احسان ذريعي ملامت ڪر ۽ سندس شر کي عطا ذريعي ٽار.

## ١٥٩_ پاڻ کي بدنام ڪندڙ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو ماڻهو پاڻ کي بدناميءَ جي جاين تي وٺي وڃي، پوءِ ساڻس بدظني ڪرڻ واري کي ملامت نہ ڪري.

## ١٦٠_ جانبدار

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو اقتدار حاصل ڪري ٿو اهو جانبدار ٿئي ٿو.

## ١٦١_ راءِ ۾ هٺڌرمي

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن پنهنجي راءِ ۾ هٺڌرمي ڪئي تہ اُهو هلاڪ ٿيو، ۽ جنهن ماڻهن سان مشورو ڪيو تہ اُهو ساڻن عقلَ ۾ شريڪ ٿيو.



## ١٦٢_ راز کي لڪائڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو پنهنجي راز کي لڪائيندو تہ اختيار سندس هٿ ۾ هوندو.

## ١٦٣_ غربت

۽ امام عليه السلام فرمايو: غربت سڀ کان وڏو موت آهي.

## ١٦٤_ نااهل جو حق ادا ڪرڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو ماڻهو ڪنهن اهڙي جو حق ادا ڪري جيڪو سندس حق ادا نہ ڪندو هجي تہ ڄڻ هن ان جي غلامي ڪئي.

## ١٦٥_ مخلوق جي فرمانبرداري

١٦٥_ ۽ امام عليه السلام فرمايو: خالق جي نافرمانيءَ ۾ مخلوق جي مڃٽي نہ آهي.

١٦٦_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَا يُعَابُ الْمَرْءُ بِتَأْخِيرِ حَقِّهِ إِنَّمَا يُعَابُ مَنْ أَخَذَ مَا لَيْسَ لَهُ.

١٦٧_ وَ قَالَ عليه السلام:

الْإِعْجَابُ يَمْنَعُ الِازْدِيَادَ.

١٦٨ _ وَ قَالَ عليه السلام:

الْأَمْرُ قَرِيبٌ وَ الِاصْطِحَابُ قَلِيلٌ.

١٦٩_ وَ قَالَ عليه السلام:

قَدْ أَضَاءَ الصُّبْحُ لِذِي عَيْنَيْنِ.

١٧٠ _ وَ قَالَ عليه السلام:

تَرْكُ الذَّنْبِ أَهْوَنُ مِنْ طَلَبِ الْمَعُونَةِ.



١٧١_ وَ قَالَ عليه السلام:

كَمْ مِنْ أَكْلَةٍ مَنَعَتْ أَكَلَاتٍ.

١٧٢ _ وَ قَالَ عليه السلام:

النَّاسُ أَعْدَاءُ مَا جَهِلُوا.

١٧٣ _ وَ قَالَ عليه السلام: مَنِ اسْتَقْبَلَ وُجُوهَ الْآرَاءِ عَرَفَ مَوَاقِعَ الْخَطَإِ.

١٧٤ _ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ أَحَدَّ سِنَانَ الْغَضَبِ لِلَّهِ قَوِيَ عَلَى قَتْلِ أَشِدَّاءِ الْبَاطِلِ.

## ١٦٦_ حق کان دستبرداري

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو ماڻهو پنهنجي حق کي پوئتي ڪري ٿو ان تي عيب نٿو لڳائي سگهجي، عيب تہ رڳو ان ماڻهو تي لڳايو ويندو جيڪو ناحقي شيءِ وٺي.

## ١٦٧_ خودپسندي

۽ امام عليه السلام فرمايو: خود پسندي اڳتي وڌڻ کان روڪي ٿي.

## ١٦٨_ موت

۽ امام عليه السلام فرمايو: موت ويجهو آهي، ۽ گڏجي رهڻ ٿورو آهي.

## ١٦٩_ بصيرت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ٻن اکين واري لاءِ صبح روشن ٿي ويو آهي.

## ١٧٠_ گناه کي ڇڏڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: گناه کي ڇڏي ڏيڻ، مدد گهرڻ کان سولو آهي.

## ١٧١_ ڪاڏو

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪيترائي ڪاڏا اهڙا هوندا آهن جيڪي گهڻن ڪاڏن کان روڪي ڇڏيندا آهن.



## ١٧٢_ جهالت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهو ان جا دشمن آهن جنهن کي هو نٿا ڄاڻن.

## ١٧٣_ معتبر رايا

١٧٣_ ۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو ماڻهو معتبر راين ڏانهن وڃي ٿو، اُهو غلطيءَ جي جاين کي ڄاڻي وٺي ٿو.

## ١٧٤_ الله خاطر غضب

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو ماڻهو الله خاطر غضب جي نيزي کي تکو ڪري ٿو اهو باطل پهلوانن جي قتل تي طاقت رکي ٿو.

١٧٥_ وَ قَالَ عليه السلام:

إِذَا هِبْتَ أَمْراً فَقَعْ فِيهِ فَإِنَّ شِدَّةَ تَوَقِّيهِ أَعْظَمُ مِمَّا تَخَافُ مِنْهُ.

١٧٦_ وَ قَالَ عليه السلام:

آلَةُ الرِّيَاسَةِ سَعَةُ الصَّدْرِ.

١٧٧_ وَ قَالَ عليه السلام:

أُزْجُرِ الْمُسِيءَ بِثَوَابِ الْمُحْسِنِ.

١٧٨_ وَ قَالَ عليه السلام:

أُحْصُدِ الشَّرَّ مِنْ صَدْرِ غَيْرِكَ بِقَلْعِهِ مِنْ صَدْرِكَ.

١٧٩_ وَ قَالَ عليه السلام: اللَّجَاجَةُ تَسُلُّ الرَّأْيَ.

١٨٠_ وَ قَالَ عليه السلام: الطَّمَعُ رِقٌّ مُؤَبَّدٌ.



١٨١_ وَ قَالَ عليه السلام:

ثَمَرَةُ التَّفْرِيطِ النَّدَامَةُ وَ ثَمَرَةُ الْحَزْمِ السَّلَامَةُ.

١٨٢_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَا خَيْرَ فِي الصَّمْتِ عَنِ الْحُكْمِ كَمَا أَنَّهُ لَا خَيْرَ فِي الْقَوْلِ بِالْجَهْلِ.

١٨٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَا اخْتَلَفَتْ دَعْوَتَانِ إِلَّا كَانَتْ إِحْدَاهُمَا ضَلَالَةً.

## ١٧٥_ خوف جو علاج

۽ امام عليہ السلام فرمايو: جڏهن ڪنهن ڪم کان ڊڄين ته ان ۾ گهڙي پؤ، ڇا ڪاڻ ته جيڪو تون انکان ڊڄين ٿو بچڻ جي سختي ان کان وڌيڪ آهي.

## ١٧٦_ حڪومت جي ذميداري

۽ امام عليہ السلام فرمايو: حڪومت جو وسيلو سيني کي ڪشادو رکڻ آهي.

## ١٧٧_ انعام

۽ امام عليہ السلام فرمايو: ڀلي ماڻهو کي انعام ڏيڻ ذريعي بُري ماڻهو کي تنبيہ ڪر.

## ١٧٨_ شر

۽ امام عليہ السلام فرمايو: پنهنجي سيني مان شر کي پٽڻ ذريعي ٻئي جي سيني مان انکي لُٽي ڇڏ.

## ١٧٩_ ضد

۽ امام عليہ السلام فرمايو: ضد صحيح راءِ کي ڪوڪلو ڪري ڇڏيندو آهي.

## ١٨٠_ لالچ

۽ امام عليہ السلام فرمايو: لالچ دائمي غلامي آهي.



## ١٨١_ ڪوتاهي

۽ امام عليہ السلام فرمرمايو: ڪوتاهي جو نتيجو پشيماني آهي ۽ پختگيءَ جو نتيجو سلامتي آهي.

## ١٨٢_ ڏاهپ واريءِ ڳالهه

۽ امام عليہ السلام فرمايو: ڏاهپ واريءِ ڳالهه کان چُپ رهڻ ۾ ڪا ڀلائي ڪانهي جيئن جهالت سان ڳالهائڻ ۾ ڪا ڀلائي ڪانهي.

## ١٨٣_ ٻہ مختلف دعوتون

۽ امام عليہ السلام فرمايو: ٻہ دعوتون مختلف نہ هونديون مگر هڪڙي ضرور گمراهي جي هوندي.

١٨٤_ وَ قَالَ عليه السلام: مَا شَكَكْتُ فِي الْحَقِّ مُذْ أُرِيتُهُ.

١٨٥_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَا كَذَبْتُ وَ لَا كُذِّبْتُ وَ لَا ضَلَلْتُ وَ لَا ضُلَّ بِي.

١٨٦_ وَ قَالَ عليه السلام:

لِلظَّالِمِ الْبَادِي غَداً بِكَفِّهِ عَضَّةٌ.

١٨٧_ وَ قَالَ عليه السلام: الرَّحِيلُ وَشِيكٌ.

١٨٨_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ أَبْدَى صَفْحَتَهُ لِلْحَقِّ هَلَكَ.

١٨٩_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ لَمْ يُنْجِهِ الصَّبْرُ أَهْلَكَهُ الْجَزَعُ.

١٩٠_ وَ قَالَ عليه السلام:

وَا عَجَبَاهْ أَ تَكُونُ الْخِلَافَةُ بِالصَّحَابَةِ وَ الْقَرَابَةِ.



قال الرضي رحمه الله: و روي له شعر في هذا المعنى:

فإن كنتَ بالشورى ملكت أمورهم

فكيف بهذا و المشيرون غيب

و إن كنت بالقربى حججت خصيمهم

فغيرك أولى بالنبي و أقرب.

١٩١_ وَ قَالَ عليه السلام: إِنَّمَا الْمَرْءُ فِي الدُّنْيَا غَرَضٌ تَنْتَضِلُ فِيهِ الْمَنَايَا وَ نَهْبٌ تُبَادِرُهُ الْمَصَائِبُ.

## ١٨٤_ يقين

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن ڪان مون کي حق ڏيکاريو ويو آهي آءٌ ان ۾ شڪ نہ ڪيو آهي.

## ١٨٥_ امام عليه السلام جو مقام

۽ امام عليه السلام فرمايو: نہ مان ڪوڙ ڳالهايو آهي ۽ نہ مون کي ڪوڙي خبر ڏني وئي آهي، ۽ نہ مان گمراھ ٿيو آهيان ۽ نہ مون کي گمراھ ڪيو ويو آهي.

## ١٨٦_ ظلم

۽ امام عليه السلام فرمايو: ظلم ۾ اڳرائي ڪندڙ جو سياڻي پنهنجي هٿ ۾ چڪ هوندس.

## ١٨٧_ لاڏاڻو

۽ امام عليه السلام فرمايو: لاڏاڻو قريب آهي.

## ١٨٨_ حق جي مخالفت

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن حق جي مخالفت ڪئي اهو هلاڪ ٿيو.

## ١٨٩_ صبر

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن کي صبر ڇوٽڪارو نہ ڏنو انکي بيقراريءَ هلاڪ ڪيو.

## ١٩٠_ خلافت جو معيار

۽ امام عليه السلام فرمايو: آھ تعجب، ڇا خلافت صحابيت ۽ قرابت جي ڪري هوندي آهي؟!

سيد رضي رحمه الله فرمايو: انهي مطلب تي امام عليه السلام جو هي شعر بہ بيان ڪيو ويو آهي:

بس اگر تون شوريٰ سان ماڻهن جي امورن جو حاڪم ٿيو آهين
تہ اها شوريٰ ئي ڪهڙي جنهن ۾ مشير ئي غائب هجن
۽ اگر تو قرابت (مائٽيءَ) سان پنهنجي حريف تي دليل قائم ڪيو آهي
تہ پوءِ تنهنجو غير نبيءَ صلى الله عليه وآله وسلم جو وڌيڪ حقدار ۽ گهڻو ويجهو مائٽ آهي.

## ١٩١: دنيا جي حالت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهو تہ رڳو دنيا ۾ نشانو آهي جنهن کي موت تير هٽي ٿو، ۽ لُٽيل آهي جنهن ڏانهن مشڪلاتون تڪڙيون وڌن ٿيون.

وَ مَعَ كُلِّ جُرْعَةٍ شَرَقٌ وَ فِي كُلِّ أَكْلَةٍ غَصَصٌ وَ لَا يَنَالُ الْعَبْدُ نِعْمَةً إِلَّا بِفِرَاقِ أُخْرَى وَ لَا يَسْتَقْبِلُ يَوْماً مِنْ عُمُرِهِ إِلَّا بِفِرَاقِ آخَرَ مِنْ أَجَلِهِ فَنَحْنُ أَعْوَانُ الْمَنُونِ وَ أَنْفُسُنَا نَصْبُ الْحُتُوفِ فَمِنْ أَيْنَ نَرْجُو الْبَقَاءَ وَ هَذَا اللَّيْلُ وَ النَّهَارُ لَمْ يَرْفَعَا مِنْ شَيْءٍ شَرَفاً إِلَّا أَسْرَعَا الْكَرَّةَ فِي هَدْمِ مَا بَنَيَا وَ تَفْرِيقِ مَا جَمَعَا.

١٩٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

يَا ابْنَ آدَمَ مَا كَسَبْتَ فَوْقَ قُوتِكَ فَأَنْتَ فِيهِ خَازِنٌ لِغَيْرِكَ.

١٩٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

إِنَّ لِلْقُلُوبِ شَهْوَةً وَ إِقْبَالًا وَ إِدْبَاراً فَأْتُوهَا مِنْ قِبَلِ شَهْوَتِهَا وَ إِقْبَالِهَا فَإِنَّ الْقَلْبَ إِذَا أُكْرِهَ عَمِيَ.

١٩٤_ وَ كَانَ عليه‌السلام يَقُولُ:

مَتَى أَشْفِي غَيْظِي إِذَا غَضِبْتُ أَ حِينَ أَعْجِزُ عَنِ الِانْتِقَامِ فَيُقَالُ لِي لَوْ صَبَرْتَ أَمْ حِينَ أَقْدِرُ عَلَيْهِ فَيُقَالُ لِي لَوْ عَفَوْتَ.



١٩٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

وَ قَدْ مَرَّ بِقَذَرٍ عَلَى مَزْبَلَةٍ: هَذَا مَا بَخِلَ بِهِ الْبَاخِلُونَ.

وَ رُوِيَ فِي خَبَرٍ آخَرَ أَنَّهُ قَالَ: هَذَا مَا كُنْتُمْ تَتَنَافَسُونَ فِيهِ بِالْأَمْسِ.

١٩٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لَمْ يَذْهَبْ مِنْ مَالِكَ مَا وَعَظَكَ.

۽ هر ڏُک سان گڏ غوطو (اُڇڻ) آهي، ۽ هر گِرھ ۾ اَٽڪَڻ آهي. ۽ ٻانهو ڪنهن نعمت تائين نٿو پهچي مگر ٻيءَ جي جدائي سان، ۽ پنهنجي عمر جو هڪ ڏينهن نٿو ڏسي مگر پنهنجي ڄمار مان ٻئي ڏينهن جي علحدگي سان. بس اسان موت جا مددگار آهيون، ۽ اسان جون جانيون موت جو نشانو آهن، پوءِ اسان ڪٿان بقاء جي اميد ڪري سگهون ٿا؟ ۽ هي ڏينهن ۽ رات ڪنهن شيءِ جو شرف بلند نٿا ڪن مگر جنهن کي ڪي ناهيون انکي ڍاهڻ لاءِ ۽ جنهن کي گڏ ڪريون انکي جدا ڪرڻ لاءِ جلدي حملو ڪن ٿا.

## ١٩٢_وڌيڪ ڪمائڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: اي آدم جي اولاد جيڪو تو پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ ڪمايو آهي ان بابت تون ٻئي لاءِ ذخيرو ڪندڙ آهين.

## ١٩٣_دلين جي حالت

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ دلين لاءِ خواهش، وڌڻ ۽ ورڻ آهي، بس جڏهن انهن ۾ خواهش ۽ وڌڻ هجي تہ انهن کان ڪم وٺو ڇا ڪاڻ تہ جڏهن دل کي مجبور ڪيو ويندو آهي تہ هوءَ انڌي ٿي ويندي آهي.

## ١٩٤_معاف ڪرڻ

۽ امام عليه السلام جن فرمائيندا هئا: جڏهن آءٌ ڪاوڙ ڪريان تہ ڪڏهن پنهنجي ڪاوڙ کي ٺڌو ڪريان؟ ڇا ان وقت جڏهن بدلي وٺڻ کان عاجز ٿي وڃان ۽ مون کي چيو وڃي تہ جيڪر صبر ڪرين ها؟ يا جڏهن ان تي سگهہ رکان، ۽ مون کي چيو وڃي جيڪر تون درگذر ڪرين ها؟.



## ١٩٥_دنيا

۽ جڏهن امام عليه السلام گند جي ڍير تي پيل گندگيءَ کان گذريا تہ فرمايائون: هي اهو آهي جنهن تي ڪنجوس ڪنجوسائپ ڪندا هئا.

۽ ٻيءَ روايت ۾ مروي آهي تہ امام عليه السلام فرمايو: هي اهو آهي جنهن تي ڪالهہ توهان هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جو مقابلو ڪندا هئا.

## ١٩٦_مال

۽ امام عليه السلام فرمايو: تنهنجو اهو مال ضايع نہ ٿيو جنهن تو کي نصيحت ڪئي.

١٩٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

إِنَّ هَذِهِ الْقُلُوبَ تَمَلُّ كَمَا تَمَلُّ الْأَبْدَانُ فَابْتَغُوا لَهَا طَرَائِفَ الْحِكْمَةِ.

١٩٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام : لَمَّا سَمِعَ قَوْلَ الْخَوَارِجِ لَا حُكْمَ إِلَّا لِلَّهِ :

كَلِمَةُ حَقٍّ يُرَادُ بِهَا بَاطِل.

١٩٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام فِي صِفَةِ الْغَوْغَاءِ :

هُمُ الَّذِينَ إِذَا اجْتَمَعُوا غَلَبُوا وَ إِذَا تَفَرَّقُوا لَمْ يُعْرَفُوا.

وَ قِيلَ بَلْ قَالَ عليه‌السلام : هُمُ الَّذِينَ إِذَا اجْتَمَعُوا ضَرُّوا وَ إِذَا تَفَرَّقُوا نَفَعُوا. فَقِيلَ قَدْ عَرَفْنَا مَضَرَّةَ اجْتِمَاعِهِمْ فَمَا مَنْفَعَةُ افْتِرَاقِهِمْ فَقَالَ عليه‌السلام : يَرْجِعُ أَصْحَابُ الْمِهَنِ إِلَى مِهْنَتِهِمْ فَيَنْتَفِعُ النَّاسُ بِهِمْ كَرُجُوعِ الْبَنَّاءِ إِلَى بِنَائِهِ وَ النَّسَّاجِ إِلَى مَنْسَجِهِ وَ الْخَبَّازِ إِلَى مَخْبَزِه.

٢٠٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام وَ أُتِيَ بِجَانٍ وَ مَعَهُ غَوْغَاءُ فَقَالَ:

لَا مَرْحَباً بِوُجُوهٍ لَا تُرَى إِلَّا عِنْدَ كُلِّ سَوْأَةٍ.



٢٠١_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

إِنَّ مَعَ كُلِّ إِنْسَانٍ مَلَكَيْنِ يَحْفَظَانِهِ فَإِذَا جَاءَ الْقَدَرُ خَلَّيَا بَيْنَهُ وَ بَيْنَهُ وَ إِنَّ الْأَجَلَ جُنَّةٌ حَصِينَةٌ.

٢٠٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام وَ قَدْ قَالَ لَهُ طَلْحَةُ وَ الزُّبَيْرُ نُبَايِعُكَ عَلَى أَنَّا شُرَكَاؤُكَ فِي هَذَا الْأَمْرِ:

لَا وَ لَكِنَّكُمَا شَرِيكَانِ فِي الْقُوَّةِ وَ الِاسْتِعَانَةِ وَ عَوْنَانِ عَلَى الْعَجْزِ وَ الْأَوَدِ.

## ١٩٧_ دلين جي ٿڪاوٽ

۽ امام عليہ السلام فرمايو: بيشڪ هي دليون بہ ائين ٿڪجنديون آهن جيئن جسم ٿڪجندا آهن، بس انهن لاءِ لطيف حڪمتون ڳولهيو.

## ١٩٨_ خارجين جو نعرو

۽ جڏهن امام عليہ السلام خارجين جو هي نعرو ٻڌو "حڪومت رڳو الله جي آهي" تہ فرمايائون: حق جو ڪلمو آهي جنهن مان باطل جو ارادو ڪيو ويو آهي.

## ١٩٩_ بازاري ماڻهو

امام عليہ السلام بازاري ماڻهن بابت فرمايو: هي اُهي آهن جڏهن گڏ ٿيندا آهن تہ غالب ٿيندا آهن، ۽ جڏهن ڇڙوڇڙ ٿيندا آهن تہ سڃاتائي ناهن ويندا.

۽ چيو ويو آهي، بلڪ امام عليہ السلام هن ريت فرمايو آهي: هو جڏهن گڏ ٿيندا آهن تہ نقصان پهچائيندا آهن، ۽ جڏهن ڇڙوڇڙ ٿيندا آهن تہ فائدو پهچائيندا آهن. پڇيو ويو تہ انهن جي گڏ ٿيڻ جي نقصان ڪي تہ ڄاڻون ٿا پر انهن جي ڇڙوڇڙ ٿيڻ جو ڪهڙو فائدو آهي؟ امام عليہ السلام فرمايو: هر ڌنڌي وارو پنهنجي ڌنڌي ڏانهن موٽي ويندو تہ، پوءِ ماڻهو انهن مان فائدو حاصل ڪندا، جيئن رازي جو عمارت ڏانهن، اُٺڻ واري جو آڏاٽي ڏانهن ۽ ماني پچائڻ واري جو تنور ڏانهن موٽڻ.

## ٢٠٠_ تماشي وارا

٨٤١ ۽ امام عليہ السلام وٽ هڪ ڏوهاريءَ کي آندو ويو ۽ ان سان گڏ بازاري ماڻهو هئا تہ امام عليہ السلام فرمايو: انهن چهرن لاءِ ڀليڪار نہ آهي جن کي رڳو خواريءَ جي وقت ڏٺو ويندو آهي.

## ٢٠١_ تقدير

۽ امام عليہ السلام فرمايو: هر انسان سان گڏ بہ ملائڪ هوندا آهن جيڪي سندس حفاظت ڪندا آهن، بس جڏهن تقدير ايندي آهي تہ اُهي هنڪي ۽ تقدير کي اڪيلو ڇڏي ڏيندا آهن، بيشڪ اجل (موت جو مقرر وقت) هڪ مضبوط ڍال آهي.

## ٢٠٢_ طلحہ ۽ زبير

۽ جڏهن طلحہ ۽ زبير امام عليہ السلام کي چيو تہ اسان توهان جي ان شرط تي بيعت ڪريون ٿا تہ اسان هن حڪومت ۾ توهان جا ڀائيوار هونداسين، تہ امام عليہ السلام فرمايو: نہ، بلڪ توهان طاقت ۽ مدد ۾ ڀائيوار هوندؤ ۽ عاجزيءَ ۽ سختيءَ وقت مددگار هوندؤ.

٢٠٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

أَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوا اللَّهَ الَّذِي إِنْ قُلْتُمْ سَمِعَ وَ إِنْ أَضْمَرْتُمْ عَلِمَ وَ بَادِرُوا الْمَوْتَ الَّذِي إِنْ هَرَبْتُمْ مِنْهُ أَدْرَكَكُمْ وَ إِنْ أَقَمْتُمْ أَخَذَكُمْ وَ إِنْ نَسِيتُمُوهُ ذَكَرَكُم.

٢٠٤ _وَ قَالَ عليه‌السلام:

لَا يُزَهِّدَنَّكَ فِي الْمَعْرُوفِ مَنْ لَا يَشْكُرُهُ لَكَ فَقَدْ يَشْكُرُكَ عَلَيْهِ مَنْ لَا يَسْتَمْتِعُ بِشَيْءٍ مِنْهُ وَ قَدْ تُدْرِكُ مِنْ شُكْرِ الشَّاكِرِ أَكْثَرَ مِمَّا أَضَاعَ الْكَافِرُ ﴿وَ اللَّهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِينَ[١]﴾.

٢٠٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

كُلُّ وِعَاءٍ يَضِيقُ بِمَا جُعِلَ فِيهِ إِلَّا وِعَاءَ الْعِلْمِ فَإِنَّهُ يَتَّسِعُ بِهِ.

٢٠٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

أَوَّلُ عِوَضِ الْحَلِيمِ مِنْ حِلْمِهِ أَنَّ النَّاسَ أَنْصَارُهُ عَلَى الْجَاهِلِ.



٢٠٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

إِنْ لَمْ تَكُنْ حَلِيماً فَتَحَلَّمْ فَإِنَّهُ قَلَّ مَنْ تَشَبَّهَ بِقَوْمٍ إِلَّا أَوْشَكَ أَنْ يَكُونَ مِنْهُم.

٢٠٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

مَنْ حَاسَبَ نَفْسَهُ رَبِحَ وَ مَنْ غَفَلَ عَنْهَا خَسِرَ وَ مَنْ خَافَ أَمِنَ وَ مَنِ اعْتَبَرَ أَبْصَرَ وَ مَنْ أَبْصَرَ فَهِمَ وَ مَنْ فَهِمَ عَلِمَ.

---

١: آل عمران: الآية: ١٣٤.

## ٢٠٣_ الله جي ذات

۽ امام عليه السلام فرمايو: اي انسانؤ! ان الله کان ڊڄو جو جيڪڏهن توهان ڳالهايو تا تہ هو ٻڌي ٿو، ۽ جيڪڏهن توهان لڪايو تا تہ هو ڄاڻي ٿو، ۽ ان موت لاءِ جلدي تياري ونو جو اگر توهان ان کان ڀڄؤ تہ هو توهان کي پهچندو، ۽ اگر توهان بيهؤ تہ هو توهان کي پڪڙيندو، ۽ اگر توهان انکي وساريو تہ هو توهان کي ياد ڪندو.

## ٢٠٤_ ڀلائي

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهوءَ جو ڀلائي تي تنهنجو شڪريو ادا نہ ڪرڻ تو کي ڪڏهن بہ ڀلائي ڪرڻ کان نہ روڪي، ڇا ڪاڻ تہ ڪڏهن ان تي اهو ماڻهو بہ تنهنجو شڪريو ادا ڪندو جنهن ان مان ڪو فائدو حاصل نہ ڪيو هجي، ۽ ڪڏهن تون ناشڪري جي ضايع ڪيل شڪر کان وڌيڪ شڪر گذار جي شڪر کي پائيندين. ”۽ الله ڀلائيءَ ڪرڻ وارن کي پسند ڪري ٿو“.

## ٢٠٥_ علم جو ظرف

۽ امام عليه السلام فرمايو: هر ظرف جيڪو ان ۾ وڌو وڃي ان سان هو سوڙهو ٿيندو آهي سواءِ علم جي ظرف جي جيڪو علم سان ويڪرو ٿيندو رهي ٿو.

## ٢٠٦_ بردبار

۽ امام عليه السلام فرمايو: بردبار جي بردباريءَ جو پهريون بدلو اهو آهي تہ جاهل جي خلاف ماڻهو سندس مددگار ٿي ويندا آهن.

## ٢٠٧_ بردباريءَ جو مظاهرو ڪرڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: اگر تون بردبار نہ آهين تہ بردباريءَ جو مظاهرو ڪر، ڇا ڪاڻ تہ اهو گهٽ آهي جو ڪو ماڻهو ڪنهن قوم سان شباهت جو اظهار ڪري مگر عنقريب اهو بہ انهن منجهان ٿي وڃي.

## ٢٠٨_ نفس جو محاسبو

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن پنهنجي نفس جو محاسبو ڪيو ان فائدو ماڻيو، ۽ جيڪو ان کان غافل رهيو اهو خساري ۾ پيو، ۽ جنهن خوف رکيو ان امن حاصل ڪيو، ۽ جنهن عبرت ورتي اهو بصيرت واري ٿيو، ۽ جيڪو بصيرت وارو ٿيو، ان سمجهہ حاصل ڪئي ۽ جنهن سمجهہ حاصل ڪئي ان علم پرايو.

٢٠٩_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَتَعْطِفَنَّ الدُّنْيَا عَلَيْنَا بَعْدَ شِمَاسِهَا عَطْفَ الضَّرُوسِ عَلَى وَلَدِهَا. وَ تَلَا عَقِيبَ ذَلِكَ ﴿وَ نُرِيدُ أَنْ نَمُنَّ عَلَى الَّذِينَ اسْتُضْعِفُوا فِي الْأَرْضِ وَ نَجْعَلَهُمْ أَئِمَّةً وَ نَجْعَلَهُمُ الْوارِثِينَ[١]﴾.

٢١٠_ وَ قَالَ عليه السلام:

اتَّقُوا اللَّهَ تَقِيَّةَ مَنْ شَمَّرَ تَجْرِيداً وَ جَدَّ تَشْمِيراً وَ كَمَّشَ فِي مَهَلٍ وَ بَادَرَ عَنْ وَجَلٍ وَ نَظَرَ فِي كَرَّةِ الْمَوْئِلِ وَ عَاقِبَةِ الْمَصْدَرِ وَ مَغَبَّةِ الْمَرْجِعِ.

٢١١_ وَ قَالَ عليه السلام:

الْجُودُ حَارِسُ الْأَعْرَاضِ وَ الْحِلْمُ فِدَامُ السَّفِيهِ وَ الْعَفْوُ زَكَاةُ الظَّفَرِ وَ السُّلُوُّ عِوَضُكَ مِمَّنْ غَدَرَ وَ الِاسْتِشَارَةُ عَيْنُ الْهِدَايَةِ وَ قَدْ خَاطَرَ مَنِ اسْتَغْنَى بِرَأْيِهِ وَ الصَّبْرُ يُنَاضِلُ الْحِدْثَانَ وَ الْجَزَعُ مِنْ أَعْوَانِ الزَّمَانِ، وَ أَشْرَفُ الْغِنَى تَرْكُ الْمُنَى،

وَ كَمْ مِنْ عَقْلٍ أَسِيرٍ تَحْتَ هَوَى أَمِيرٍ وَ مِنَ التَّوْفِيقِ حِفْظُ التَّجْرِبَةِ وَ الْمَوَدَّةُ قَرَابَةٌ مُسْتَفَادَةٌ وَ لَا تَأْمَنَنَّ مَلُولًا.



٢١٢_ وَ قَالَ عليه السلام:

عُجْبُ الْمَرْءِ بِنَفْسِهِ أَحَدُ حُسَّادِ عَقْلِهِ.

٢١٣_ وَ قَالَ عليه السلام: أَغْضِ عَلَى الْقَذَى وَ الْأَلَمِ تَرْضَ أَبَداً.

---

١: القصص: الآية: ٥.

## ٢٠٩_ دنيا

۽ امام عليه السلام فرمايو: ضرور هيءَ دنيا ڪُڏڻ ڪانپوءِ اسان تي مهربان ٿيندي، جيئن ڇتيءَ ڏاچي پنهنجي ٻچي تي مهربان ٿيندي آهي. پوءِ امام عليه السلام هي آيت تلاوت فرمائي: ”۽ اسان چاهيون ٿا، تہ انهن تي احسان ڪريون، جن کي زمين ۾ هيٺو ڪيو ويو، ۽ انهنکي امامَ بڻايون ۽ انهنکي وارث بڻايون“[١].

## ٢١٠_ الله کان ڊڄو

۽ امام عليه السلام فرمايو: الله کان ان ماڻهو جي ڊڄڻ وانگر ڊڄو جنهن الڳ تي (بندگيءَ لاءِ) سندرو ٻڌو، ۽ سندرو ٻڌي سنجيده ٿيو، ۽ زندگيءَ ۾ (نيڪين ڏانهن) جلدي هليو، ۽ خوف ڪائيندي (توبہ ڏانهن) تڪڙ ڪئي، ۽ موٽڻ واري منزل، ۽ عملن جي نتيجي جي جاءِ ۽ انجام واري هنڌ تي نظر رکي.

## ٢١١_ سخاوت، بُردباري، معافي

۽ امام عليه السلام فرمايو: سخاوت عزت جي نگهبان آهي، ۽ بُردباري نادان لاءِ ٻوٿارو آهي، ۽ معافي ڪاميابيءَ جي زڪوات آهي، ۽ جيڪو ڏوڪو ڏئي انکي وساري ڇڏڻ تنهنجو بدلو آهي، ۽ مشورو وٺڻ خود رهنمائي آهي، ۽ جيڪو پنهنجي راءِ کي ڪافي سمجهي ان پاڻ کي خطري ۾ وڌو، ۽ صبر حادثن جو مقابلو ڪندو آهي، ۽ بيقراري زماني جي مددگارن مان آهي، ۽ سڀ کان پلي شاهوڪاري اميدن کي ڇڏي ڏيڻ آهي.

۽ ڪيترائي عقل شاهوڪار جي خواهش هيٺ قيدي بڻيل آهن، ۽ تجربي کي ياد رکڻ بہ توفيق آهي، ۽ محبت حاصل ڪيل مائٽي آهي، ۽ تون جلدي تنگ ٿي پوندڙ ماڻهوءَ تي ڪڏهن بہ اعتماد نہ ڪجائن.

## ٢١٢_ خودپسندي

امام عليه السلام فرمايو: ماڻهو جي خودپسندي سندس عقل لاءِ هڪڙو حاسد آهي.

## ٢١٣_ هميشہ خوش رهڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: اکين جي ڏُکڻ ۽ تڪليف تي، چشم پوشي ڪر تہ هميشہ خوش رهندين.

١: القصص: آيت: ٥.

٢١٤_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَنْ لَانَ عُودُهُ كَثُفَتْ أَغْصَانُهُ.

٢١٥_ وَ قَالَ عليه السلام: الْخِلَافُ يَهْدِمُ الرَّأْيَ.

٢١٦_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ نَالَ اسْتَطَالَ.

٢١٧_ وَ قَالَ عليه السلام:

فِي تَقَلُّبِ الْأَحْوَالِ عِلْمُ جَوَاهِرِ الرِّجَالِ.

٢١٨_ وَ قَالَ عليه السلام:

حَسَدُ الصَّدِيقِ مِنْ سُقْمِ الْمَوَدَّةِ.

٢١٩_ وَ قَالَ عليه السلام:

أَكْثَرُ مَصَارِعِ الْعُقُولِ تَحْتَ بُرُوقِ الْمَطَامِعِ.



٢٢٠_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَيْسَ مِنَ الْعَدْلِ الْقَضَاءُ عَلَى الثِّقَةِ بِالظَّنِ.

٢٢١_ وَ قَالَ عليه السلام:

بِئْسَ الزَّادُ إِلَى الْمَعَادِ الْعُدْوَانُ عَلَى الْعِبَادِ.

٢٢٢_ وَ قَالَ عليه السلام:

مِنْ أَشْرَفِ أَعْمَالِ الْكَرِيمِ غَفْلَتُهُ عَمَّا يَعْلَمُ.

## ٢١۴_ نرم مزاج

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن جي ڪاٺي نرم هوندي ان جون ٽاريون گھاٽيون ٿينديون.

## ٢١۵_ مخالفت

۽ امام عليه السلام فرمايو: مخالفت راءِ کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي.

## ٢١٦_ مقام ماٽڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو مقام ماٽي ته اهو پاڻ کي وڏو سمجهي ٿو.

## ٢١٧_ مَردن جو ڪمال

۽ امام عليه السلام فرمايو: حالتن جي مَتجڻ سان مَردن جو ڪمال ڄاتو ويندو آهي.

## ٢١٨_ ساڙ

۽ امام عليه السلام فرمايو: دوست جو ساڙ ڪرڻ محبت جي ڪمزوري ڪريءَ آهي.

## ٢١٩_ لالچ

۽ امام عليه السلام فرمايو: علقن جي ڪِرڻ جون گهڻيون جڳهون لالچن جي چمڪات هيٺان هونديون آهن.



## ٢٢٠_ گمان

۽ امام عليه السلام فرمايو: گمان جي ذريعي ڀروسي مند ماڻهو خلاف اقدام ڪرڻ انصاف نہ آهي.

## ٢٢١_ دشمني

۽ امام عليه السلام فرمايو: بندن سان دشمني ڪرڻ آخرت لاءِ ڪيڏو نہ برو سمر آهي.

## ٢٢٢_ شريف ماڻهوءَ

۽ امام عليه السلام فرمايو: شريف ماڻهوءَ جي ڀلن عملن منجهان انهن شين کان چشم پوشي ڪرڻ آهي جن کي هو ڄاڻي ٿو.

٢٢٣_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ كَسَاهُ الْحَيَاءُ ثَوْبَهُ لَمْ يَرَ النَّاسُ عَيْبَهُ.

٢٢٤_ وَ قَالَ عليه السلام:

بِكَثْرَةِ الصَّمْتِ تَكُونُ الْهَيْبَةُ وَ بِالنَّصَفَةِ يَكْثُرُ الْمُوَاصِلُونَ وَ بِالْإِفْضَالِ تَعْظُمُ الْأَقْدَارُ وَ بِالتَّوَاضُعِ تَتِمُّ النِّعْمَةُ وَ بِاحْتِمَالِ الْمُؤَنِ يَجِبُ السُّؤْدُدُ وَ بِالسِّيرَةِ الْعَادِلَةِ يُقْهَرُ الْمُنَاوِئُ وَ بِالْحِلْمِ عَنِ السَّفِيهِ تَكْثُرُ الْأَنْصَارُ عَلَيْهِ.

٢٢٥_ وَ قَالَ عليه السلام:

الْعَجَبُ لِغَفْلَةِ الْحُسَّادِ عَنْ سَلَامَةِ الْأَجْسَادِ.

٢٢٦_ وَ قَالَ عليه السلام: الطَّامِعُ فِي وِثَاقِ الذُّلِ.

٢٢٧_ سُئِلَ عَنِ الْإِيمَانِ فَقَالَ عليه السلام:

الْإِيمَانُ مَعْرِفَةٌ بِالْقَلْبِ وَ إِقْرَارٌ بِاللِّسَانِ وَ عَمَلٌ بِالْأَرْكَانِ.



٢٢٨_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَنْ أَصْبَحَ عَلَى الدُّنْيَا حَزِيناً فَقَدْ أَصْبَحَ لِقَضَاءِ اللَّهِ سَاخِطاً وَ مَنْ أَصْبَحَ يَشْكُو مُصِيبَةً نَزَلَتْ بِهِ فَقَدْ أَصْبَحَ يَشْكُو رَبَّهُ، وَ مَنْ أَتَى غَنِيّاً فَتَوَاضَعَ لَهُ لِغِنَاهُ ذَهَبَ ثُلُثَا دِينِهِ.

وَ مَنْ قَرَأَ الْقُرْآنَ فَمَاتَ فَدَخَلَ النَّارَ فَهُوَ مِمَّنْ كَانَ يَتَّخِذُ آيَاتِ اللَّهِ هُزُواً وَ مَنْ لَهِجَ قَلْبُهُ بِحُبِّ الدُّنْيَا الْتَاطَ قَلْبُهُ مِنْهَا بِثَلَاثٍ هَمٍّ لَا يُغِبُّهُ وَ حِرْصٍ لَا يَتْرُكُهُ وَ أَمَلٍ لَا يُدْرِكُهُ.

## ٢٢٣_ حياء

امام عليه السلام فرمايو: جنهن کي حياء پنهنجي پوشاڪ پارائي ته ماڻهن سندس عيب نه ڏٺو.

## ٢٢٤_ نصيحتون

۽ امام عليه السلام فرمايو: گهڻيءَ چپ رهڻ ۾ رعب هوندو آهي، ۽ انصاف سان مُحب گهڻا ٿيندا آهن، ۽ ٻاجهه سان مانُ وڌندو آهي، ۽ انڪساريءَ سان نعمتون پوريون ٿينديون آهن، ۽ خرچ برداشت ڪرڻ سان شرف حاصل ٿيندو آهي، ۽ عادلانه اٿڻي ويهڻي سان دشمن مغلوب ٿيندا آهن، ۽ نادان سان بُردباري ڪرڻ ڪري ان خلاف مددگار وڌندا آهن.

## ٢٢٥_ حاسد

۽ امام عليه السلام فرمايو: حاسدن جي پنهنجيءَ جسمانيءَ تندرستيءَ کان غافل ٿيڻ تي تعجب آهي!.

## ٢٢٦_ لالچي

۽ امام عليه السلام فرمايو: لالچي ذلت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندو آهي.

## ٢٢٧_ ايمان

۽ امام عليه السلام کان ايمان بابت پڇيو ويو ته فرمايائون: ايمان دل سان معرفت حاصل ڪرڻ، زبان سان اقرار ڪرڻ ۽ عضون سان عمل انجام ڏيڻ کي چئبو آهي.



## ٢٢٨_ دنيا جي محبت

٢٢٨_ ۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو ان حال ۾ صبح ڪري جو دنيا تي ڏکارو هجي ته اهو الله جي تقدير تي ناراض ٿيندڙ بڻجي ويندو، ۽ جيڪو ان حال ۾ صبح ڪري جو پيش ايندڙ مصيبت تي ڏوراپو ڏئي ته بيشڪ اهو پنهنجي پالڻهار کي ڏوراپو ڏيڻ وارو ٿي ويندو، ۽ جيڪو شاهوڪار وٽ اچي ۽ سندس شاهوڪاريءَ جي ڪري عاجزي ڪري ته ان جي دين جا ٻه ٽهائي ختم ٿي ويندا، ۽ جيڪو قرآن (شريف) پڙهي پوءِ مري وڃي ۽ جهنم ۾ داخل ٿئي ته اهو انهن ماڻهن منجهان آهي جيڪو الله تعالىٰ جي آيتن تي ٺٺوڪون ڪندو هو.

۽ جنهن جي دل دنيا جي محبت سان مست ٿي وڃي ته سندس دل ٽن شين سان چنبڙي ويندي: اهڙو ڏک جيڪو ان کان ختم نه ٿئي، ۽ اهڙي لالچ جيڪا انکي نه ڇڏي، ۽ اهڙي اميد جيڪا انکي حاصل نٿي ٿئي.

۲۲۹_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

كَفَى بِالْقَنَاعَةِ مُلْكاً وَ بِحُسْنِ الْخُلُقِ نَعِيماً. وَ سُئِلَ عليه‌السلام عَنْ قَوْلِهِ تَعَالَى ﴿فَلَنُحْيِيَنَّهُ حياةً طَيِّبَةً[1]﴾ فَقَالَ: هِيَ الْقَنَاعَةُ.

۲۳۰_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

شَارِكُوا الَّذِي قَدْ أَقْبَلَ عَلَيْهِ الرِّزْقُ فَإِنَّهُ أَخْلَقُ لِلْغِنَى وَ أَجْدَرُ بِإِقْبَالِ الْحَظِّ عَلَيْهِ.

۲۳۱_ وَ قَالَ عليه‌السلام: فِي قَوْلِهِ تَعَالَى ﴿إِنَّ اللَّهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَ الْإِحْسانِ[2]﴾

الْعَدْلُ الْإِنْصَافُ وَ الْإِحْسَانُ التَّفَضُّلُ.

۲۳۲_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَنْ يُعْطِ بِالْيَدِ الْقَصِيرَةِ يُعْطَ بِالْيَدِ الطَّوِيلَةِ.

قال الرضي رحمه‌الله: و معنى ذلك أن ما ينفقه المرء من ماله في سبيل الخير و البر و إن كان يسيرا فإن الله تعالى يجعل الجزاء عليه عظيما كثيرا. و اليدان هاهنا عبارة عن النعمتين ففرّق عليه‌السلام بين نعمة العبد و نعمة الرب تعالى ذكره بالقصيرة و الطويلة، فجعل تلك قصيرة و هذه طويلة لأن نعم الله أبدا تضعف على نعم المخلوق أضعافا كثيرة إذ كانت نعم الله أصل النعم كلها فكل نعمة إليها ترجع و منها تنزع.



۲۳۳_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لِابْنِهِ الْحَسَنِ عليه‌السلام لَا تَدْعُوَنَّ إِلَى مُبَارَزَةٍ وَ إِنْ دُعِيتَ إِلَيْهَا فَأَجِبْ فَإِنَّ الدَّاعِيَ إِلَيْهَا بَاغٍ وَ الْبَاغِي مَصْرُوعٌ.

---

۱: النحل: الآية: ۹۷.

۲: النحل: الآية: ۹۰.

## ٢٢٩_ قناعت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ملڪيت لاءِ قناعت ۽ نعمت لاءِ پلو اخلاق ڪافي آهن. امام عليه السلام کان الله تعالىٰ جي هن قول ”اسان ضرور ان کي سٺي زندگي ڏينداسون[١]“ بابت پڇيو ويو ته پاڻ عليه السلام فرمايائون: اها قناعت آهي.

## ٢٣٠_ ڀائيواري

۽ امام عليه السلام فرمايو: ان ماڻهو سان ڀائيوار ٿيو جنهن ڏانهن رزق رخ رکيو آهي، جو اهو شاهوڪاريءَ لاءِ وڌيڪ سازگار ۽ مٿس ڀلي ڀاڱ لاءِ گهڻو مناسب آهي.

## ٢٣١_ عدل ۽ احسان

۽ امام عليه السلام الله تعالىٰ جي هن قول ”بيشڪ الله عدل ۽ احسان جو حڪم ڪري ٿو[٢]“ بابت فرمايو: عدل انصاف ڪرڻ آهي ۽ احسان فضل ڪرڻ آهي.

## ٢٣٢_ عطا

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو ننڍڙي هٿ سان عطا ڪندو انکي وڏي هٿ سان عطا ڪيو ويندو.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: ان جو مطلب هي آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجي مال مان ڀلائيءَ ۽ نيڪيءَ جي واٽ ۾ خرچ ڪري ٿو جيتوڻيڪ اهو ٿورو به هجي ته يقيناً الله تعالىٰ ان جي لاءِ تمام گهڻو عيوض قرار ڏئي ٿو، ۽ هتي ٻه هٿ ٻن نعمتن کان تعبير آهن. پوءِ امام عليه السلام ٻانهي ۽ ربّ جي نعمت جي درميان فرق ڪيو آهي، عبد جي نعمت کي ننڍڙي ۽ ربّ جي نعمت کي وڏي قرار ڏنو آهي، ڇا ڪاڻ ته الله تعالىٰ جون نعمتون مخلوق جي نعمتن کان گهڻو وڌنديون رهنديون آهن، ڇو جو الله جون نعمتون سڀني نعمتن جي جڙ آهن، بس هر نعمت انهن نعمتن ڏانهن موٽي ٿي، ۽ اتان ئي حاصل ڪئي وڃي ٿي.

## ٢٣٣_ للڪارڻ

۽ امام عليه السلام پنهنجي پُٽ امام حسن عليه السلام کي فرمايو: هرگز ڪنهن کي مقابلي لاءِ نه للڪارجائن، ۽ اگر تو کي ان ڏانهن للڪاريو وڃي ته تُرت جواب ڏجائن، ڇا ڪاڻ ته ان ڏانهن سڏيندڙ باغي آهي، ۽ باغي مغلوب آهي.

---

١: النحل: آيت: ٩٧.

٢: النحل: آيت: ٩٠.

٢٣٤ـ وَ قَالَ عليه السلام:

خِيَارُ خِصَالِ النِّسَاءِ شِرَارُ خِصَالِ الرِّجَالِ الزَّهْوُ وَ الْجُبْنُ وَ الْبُخْلُ، فَإِذَا كَانَتِ الْمَرْأَةُ مَزْهُوَّةً لَمْ تُمَكِّنْ مِنْ نَفْسِهَا وَ إِذَا كَانَتْ بَخِيلَةً حَفِظَتْ مَالَهَا وَ مَالَ بَعْلِهَا وَ إِذَا كَانَتْ جَبَانَةً فَرِقَتْ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ يَعْرِضُ لَهَا.

٢٣٥ـ وَ قِيلَ لَهُ عليه السلام صِفْ لَنَا الْعَاقِلَ فَقَالَ عليه السلام:

هُوَ الَّذِي يَضَعُ الشَّيْءَ مَوَاضِعَهُ فَقِيلَ فَصِفْ لَنَا الْجَاهِلَ فَقَالَ عليه السلام: قَدْ فَعَلْتُ.

قال الرضي رحمه الله: يعني أن الجاهل هو الذي لا يضع الشيء مواضعه فكأن ترك صفته صفة له إذ كان بخلاف وصف العاقل.

٢٣٦ـ وَ قَالَ عليه السلام:

وَ اللَّهِ لَدُنْيَاكُمْ هَذِهِ أَهْوَنُ فِي عَيْنِي مِنْ عِرَاقِ خِنْزِيرٍ فِي يَدِ مَجْذُومٍ.



٢٣٧ـ وَ قَالَ عليه السلام:

إِنَّ قَوْماً عَبَدُوا اللَّهَ رَغْبَةً فَتِلْكَ عِبَادَةُ التُّجَّارِ وَ إِنَّ قَوْماً عَبَدُوا اللَّهَ رَهْبَةً فَتِلْكَ عِبَادَةُ الْعَبِيدِ وَ إِنَّ قَوْماً عَبَدُوا اللَّهَ شُكْراً فَتِلْكَ عِبَادَةُ الْأَحْرَارِ.

٢٣٨ـ وَ قَالَ عليه السلام:

الْمَرْأَةُ شَرٌّ كُلُّهَا وَ شَرُّ مَا فِيهَا أَنَّهُ لَا بُدَّ مِنْهَا.

٢٣٩ـ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ أَطَاعَ التَّوَانِيَ ضَيَّعَ الْحُقُوقَ وَ مَنْ أَطَاعَ الْوَاشِيَ ضَيَّعَ الصَّدِيقَ.

## ٢٣٤_ عورتن جون ڀلوڙ خصلتون

۽ امام عليه السلام فرمايو: عورتن جون ڀلوڙ خصلتون مردن جون بدترين خصلتون آهن: مغروري، بزدلي، ڪنجوسي. جڏهن عورت مغرور هوندي ته پاڻ کي قابو ٿيڻ نه ڏيندي، ۽ جڏهن ڪنجوس هوندي ته پنهنجي ۽ پنهنجي مڙس جي مال جي حفاظت ڪندي، ۽ جڏهن بزدل هوندي ته هر پيش ايندڙ شيءِ کان ڊڄندي، (پري ٿيندي).

## ٢٣٥_ عاقل ۽ جاهل

۽ امام عليه السلام کي چيو ويو ته اسان لاءِ عاقل جي وصف بيان ڪريو ته پوءِ امام عليه السلام فرمايو: هي اهو آهي جيڪو هر شيءِ کي سندس جڳهه تي رکي. پوءِ چيو ويو: اسان لاءِ جاهل جي وصف بيان ڪريو ته امام عليه السلام فرمايو: مان بيان ڪري ڇڏي آهي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: ان جو مطلب اهو آهي ته جاهل اهو آهي جيڪو شيءِ کي پنهنجي جڳهه تي نه رکي. بس امام عليه السلام جو ان جي ذڪر کي ڇڏي ڏيڻ ئي ان کي ذڪر ڪرڻ آهي، ڇو جو هو عاقل جي وصف جي ابتڙ آهي.

## ٢٣٦_ دنيا

۽ امام عليه السلام فرمايو: الله جو قسم توهان جي هيءَ دنيا منهنجي نگاهه ۾ ڪوڙهه واري ماڻهوءَ جي هٿ ۾ سوئر جي خالي هڏي کان به وڌيڪ ڪِريل آهي.

## ٢٣٧_ الله جي عبادت



۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ جن ماڻهن الله جي عبادت لالچ ڪري ڪئي ته اها واپارين واري عبادت آهي، ۽ جن ماڻهن الله جي عبادت ڊپ ڪري ڪئي ته اها عبادت ٻانهن واري عبادت آهي، ۽ جن ماڻهن الله جي عبادت شڪر طور ڪئي ته اُها آزاد ماڻهن واري عبادت آهي.

## ٢٣٨_ عورت

۽ امام عليه السلام فرمايو: عورت سراپا شر آهي، ۽ ان ۾ وڏو شر اهو آهي جو سندس هجڻ به ضروي آهي.

## ٢٣٩_ سستي

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو سُستي ڪندو اهو پنهنجا حق ضايع ڪندو ۽ جيڪو چغل خور تي ڀَت ڪندو اهو پنهنجا دوست وڃائيندو.

٢٤٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

الْحَجَرُ الْغَصِيبُ فِي الدَّارِ رَهْنٌ عَلَى خَرَابِهَا.

قال الرضي رحمه‌الله:

و يروى هذا الكلام عن النبي صلى‌الله‌عليه‌وآله و لا عجب أن يشتبه الكلامان لأن مستقاهما من قليب و مفرغهما من ذنوب.

٢٤١_ وَ قَالَ عليه‌السلام: يَوْمُ الْمَظْلُومِ عَلَى الظَّالِمِ أَشَدُّ مِنْ يَوْمِ الظَّالِمِ عَلَى الْمَظْلُومِ.

٢٤٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

اتَّقِ اللَّهَ بَعْضَ التُّقَى وَ إِنْ قَلَّ وَ اجْعَلْ بَيْنَكَ وَ بَيْنَ اللَّهِ سِتْراً وَ إِنْ رَقَ.

٢٤٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام: إِذَا ازْدَحَمَ الْجَوَابُ خَفِيَ الصَّوَابُ.

٢٤٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

إِنَّ لِلَّهِ فِي كُلِّ نِعْمَةٍ حَقّاً فَمَنْ أَدَّاهُ زَادَهُ مِنْهَا وَ مَنْ قَصَّرَ فِيهِ خَاطَرَ بِزَوَالِ نِعْمَتِهِ.



٢٤٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

إِذَا كَثُرَتِ الْمَقْدِرَةُ قَلَّتِ الشَّهْوَةُ.

٢٤٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

احْذَرُوا نِفَارَ النِّعَمِ فَمَا كُلُّ شَارِدٍ بِمَرْدُودٍ.

٢٤٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الْكَرَمُ أَعْطَفُ مِنَ الرَّحِمِ.

## ٢۴٠_ غصب جو اثر

۽ امام عليه السلام فرمايو: گهر ۾ غصبي پٿر جو لڳڻ ان جي ويران ٿيڻ جي ضمانت آهي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: هي ڪلام پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم کان به نقل ڪيو ويو آهي ۽ تعجب ڪونهي جو ٻئي ڪلام هڪ جهڙا هجن، ڇا ڪاڻ ته ٻنهي جو مشرب ساڳيو ئي ڪوهه ۽ ساڳيو ئي ڏول آهي.

## ٢۴١_ ظالم ۽ مظلوم

۽ امام عليه السلام فرمايو: ظالم تي مظلوم وارو ڏينهن، مظلوم تي ظالم واري ڏينهن کان وڌيڪ سخت هوندو.

## ٢۴٢_ الله کان ڊڄڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: الله کان ڪجهه ته ڊڄ جيتوڻيڪ ٿورو هجي ۽ پنهنجي ۽ الله جي درميان پردو قرار ڏي جيتوڻيڪ سنهڙو هجي.

## ٢۴٣_ صحيح جواب

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن جوابن جي ڀرمار ٿيندي آهي ته صحيح جواب لڪي ويندو آهي.

## ٢۴۴_ نعمت

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ هر نعمت ۾ الله جو حق آهي، بس جيڪو انکي ادا ڪندو ته الله سندس لاءِ نعمت کي وڌائيندو، ۽ جيڪو ان ۾ ڪوتاهي ڪندو ته اهو پنهنجي نعمت کي ختم ٿيڻ واري خطري ۾ وجهي ڇڏيندو. ٨۵۵

## ٢۴۵_ خواهش

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن قدرت وڌندي آهي ته خواهش گهٽجندي آهي.

## ٢۴٦_ نعمتن جو وڃڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: نعمتن جي وڃڻ کان بچو، ڇا ڪاڻ ته هر ويندڙ ناهي ورندي.

## ٢۴٧_ سخاوت

۽ امام عليه السلام فرمايو: سخاوت مائٽيءَ کان وڌيڪ مهربان آهي.

۲۴۸_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ ظَنَّ بِكَ خَيْراً فَصَدِّقْ ظَنَّهُ.

۲۴۹_ وَ قَالَ عليه السلام: أَفْضَلُ الْأَعْمَالِ مَا أَكْرَهْتَ نَفْسَكَ عَلَيْهِ.

۲۵۰_ وَ قَالَ عليه السلام:

عَرَفْتُ اللَّهَ سُبْحَانَهُ بِفَسْخِ الْعَزَائِمِ وَ حَلِّ الْعُقُودِ وَ نَقْضِ الْهِمَمِ.

۲۵۱_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَرَارَةُ الدُّنْيَا حَلَاوَةُ الْآخِرَةِ وَ حَلَاوَةُ الدُّنْيَا مَرَارَةُ الْآخِرَةِ.

۲۵۲_ وَ قَالَ عليه السلام: فَرَضَ اللَّهُ الْإِيمَانَ تَطْهِيراً مِنَ الشِّرْكِ وَ الصَّلَاةَ تَنْزِيهاً عَنِ الْكِبْرِ وَ الزَّكَاةَ تَسْبِيباً لِلرِّزْقِ وَ الصِّيَامَ ابْتِلَاءً لِإِخْلَاصِ الْخَلْقِ وَ الْحَجَّ تَقْرِبَةً لِلدِّينِ وَ الْجِهَادَ عِزّاً لِلْإِسْلَامِ وَ الْأَمْرَ بِالْمَعْرُوفِ مَصْلَحَةً لِلْعَوَامِّ وَ النَّهْيَ عَنِ الْمُنْكَرِ رَدْعاً لِلسُّفَهَاءِ وَ صِلَةَ الرَّحِمِ مَنْمَاةً لِلْعَدَدِ.

وَ الْقِصَاصَ حَقْناً لِلدِّمَاءِ وَ إِقَامَةَ الْحُدُودِ إِعْظَاماً لِلْمَحَارِمِ وَ تَرْكَ شُرْبِ الْخَمْرِ تَحْصِيناً لِلْعَقْلِ وَ مُجَانَبَةَ السَّرِقَةِ إِيجَاباً لِلْعِفَّةِ وَ تَرْكَ الزِّنَى تَحْصِيناً لِلنَّسَبِ وَ تَرْكَ اللِّوَاطِ تَكْثِيراً لِلنَّسْلِ.

وَ الشَّهَادَاتِ اسْتِظْهَاراً عَلَى الْمُجَاحَدَاتِ وَ تَرْكَ الْكَذِبِ تَشْرِيفاً لِلصِّدْقِ وَ السَّلَامَ أَمَاناً مِنَ الْمَخَاوِفِ وَ الْأَمَانَةَ نِظَاماً لِلْأُمَّةِ وَ الطَّاعَةَ تَعْظِيماً لِلْإِمَامَةِ.

## ٢٤٨_ ڀلائيءَ جو گمان

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو تو ۾ ڀلائيءَ جو گمان رکي تہ تون سندس گمان کي سچو ثابت ڪر.

## ٢٤٩_ ڀلو عمل

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڀلو عمل اهو آهي جنهن تي تون پنهنجي نفس کي مجبور ڪرين.

## ٢٥٠_ ارادن جو ٽُٽڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: مان الله سبحانہ کي ارادن جي ٽُٽڻ، نيتن جي مَٽجڻ ۽ همتن جي هارجڻ سان سڃاتو آهي.

## ٢٥١_ دنيا جي ڪوڙاڻ ۽ مِٺاڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: دنيا جي ڪوڙاڻ آخرت جي مِٺاڻ آهي، ۽ دنيا جي مِٺاڻ آخرت جي ڪوڙاڻ آهي.

## ٢٥٢_ واجبات جو فلسفو

۽ امام عليه السلام فرمايو: الله تعالىٰ فرض ڪيو آهي ايمان کي شرڪ کان پاڪ رکڻ لاءِ ۽ نماز کي، تڪبر کان بچائڻ لاءِ ۽ زڪوات کي رزق جي وڌائڻ لاءِ ۽ روزن کي مخلوق جي اخلاص کي آزمائڻ لاءِ ۽ حج کي دين (دارن) کي ويجهي ڪرڻ لاءِ ۽ جهاد کي اسلام جي عزت لاءِ ۽ امر بالمعروف کي عوام جي سُڌاري لاءِ ۽ نهي عن المنڪر کي نادانن جي روڪڻ لاءِ ۽ مائٽيءَ ڳنڍڻ کي عدد جي واڌاري لاءِ.

۽ قصاص کي خون جي حفاظت لاءِ ۽ حدن جاري ڪرڻ کي محرمات کي اهميت ڏيڻ لاءِ ۽ شراب نوشي جي ڇڏڻ کي عقل جي حفاظت لاءِ ۽ چوريءَ جي اجتناب کي پاڪدامني پائڻ لاءِ ۽ زنا ڇڏڻ کي نسب جي حفاظت لاءِ ۽ لواط کان پاسو ڪرڻ کي نسل جي گهٽائي لاءِ ۽ گواهين کي انڪار جي مقابلي ۾ حق جي اظهار لاءِ ۽ ڪوڙ جي ڇڏڻ کي سچ کي شرف ڏيڻ لاءِ ۽ سلام کي خطرن کان امن لاءِ ۽ امانت (امامت) کي امت جي نظام لاءِ ۽ اطاعت کي امامت جي احترام لاءِ.

٢٥٣_ وَ كَانَ عليه السلام يَقُولُ:

أَحْلِفُوا الظَّالِمَ إِذَا أَرَدْتُمْ يَمِينَهُ بِأَنَّهُ بَرِيءٌ مِنْ حَوْلِ اللَّهِ وَ قُوَّتِهِ فَإِنَّهُ إِذَا حَلَفَ بِهَا كَاذِباً عُوجِلَ الْعُقُوبَةَ، وَ إِذَا حَلَفَ بِاللَّهِ الَّذِي لَا إِلَهَ إِلَّا هُوَ لَمْ يُعَاجَلْ لِأَنَّهُ قَدْ وَحَّدَ اللَّهَ تَعَالَى.

٢٥٤_ وَ قَالَ عليه السلام:

يَا ابْنَ آدَمَ كُنْ وَصِيَّ نَفْسِكَ فِي مَالِكَ وَ اعْمَلْ فِيهِ مَا تُؤْثِرُ أَنْ يُعْمَلَ فِيهِ مِنْ بَعْدِكَ.

٢٥٥_ وَ قَالَ عليه السلام:

الْحِدَّةُ ضَرْبٌ مِنَ الْجُنُونِ لِأَنَّ صَاحِبَهَا يَنْدَمُ فَإِنْ لَمْ يَنْدَمْ فَجُنُونُهُ مُسْتَحْكِمٌ.

٢٥٦_ وَ قَالَ عليه السلام: صِحَّةُ الْجَسَدِ مِنْ قِلَّةِ الْحَسَدِ.

٢٥٧_ وَ قَالَ عليه السلام لِكُمَيْلِ بْنِ زِيَادٍ النَّخَعِيِّ:

يَا كُمَيْلُ مُرْ أَهْلَكَ أَنْ يَرُوحُوا فِي كَسْبِ الْمَكَارِمِ وَ يُدْلِجُوا فِي حَاجَةِ مَنْ هُوَ نَائِمٌ فَوَالَّذِي وَسِعَ سَمْعُهُ الْأَصْوَاتَ مَا مِنْ أَحَدٍ أَوْدَعَ قَلْباً سُرُوراً إِلَّا وَ خَلَقَ اللَّهُ لَهُ مِنْ ذَلِكَ السُّرُورِ لُطْفاً فَإِذَا نَزَلَتْ بِهِ نَائِبَةٌ جَرَى إِلَيْهَا كَالْمَاءِ فِي انْحِدَارِهِ حَتَّى يَطْرُدَهَا عَنْهُ كَمَا تُطْرَدُ غَرِيبَةُ الْإِبِلِ.

٢٥٨_ وَ قَالَ عليه السلام: إِذَا أَمْلَقْتُمْ فَتَاجِرُوا اللَّهَ بِالصَّدَقَةِ.

## ٢٥٣_ ظالم کي قسم ڏيڻ جو طريقو

۽ امام ؑ جن فرمائيندا هئا: جڏهن توهان ظالم کي قسم ڏيڻ چاهيو تہ کيس هن طرح قسم ڏيو (جو هو چوي) تہ ”اهو الله جي قوت ۽ طاقت کان جدا آهي“ ڇا ڪاڻ جو جڏهن هو انهيءَ طرح سان ڪوڙو قسم کڻندو تہ انکي جلدي سزا ملندي، ۽ جڏهن هو هن طرح سان قسم کڻندو تہ ”الله اهو آهي جنهن کانسواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي“ تہ (کيس سزا ڏيڻ ۾) جلدي نہ ڪئي ويندي، ڇا ڪاڻ جو هن الله تعالىٰ جي هيڪڙائي جو اقرار ڪيو آهي.

## ٢٥٤_ پنهنجو مال

۽ امام ؑ فرمايو: اي آدم جي اولاد! پنهنجي مال ۾ پاڻ وصي ٿي ۽ ان سان اُهي ڪم ڪر جن کي پاڻ کانپوءِ ڪرڻ پسند ڪرين ٿو.

## ٢٥٥_ ڪاوڙ

۽ امام ؑ فرمايو: ڪاوڙ ڪرڻ چريائپ جو هڪ قسم آهي، ڇو جو ڪاوڙ ڪرڻ وارو پشيمان ٿيندو آهي، ۽ اگر هو پشيمان نہ ٿئي تہ سندس چريائپ پختي آهي.

## ٢٥٦_ حسد

۽ امام ؑ فرمايو: جسم جي سلامتي حسد جي ٿورائيءَ سان آهي.



## ٢٥٧_ اخلاق

۽ امام ؑ ڪميل بن زياد نخعي کي فرمايو: اي ڪميل پنهنجي گهروارن کي حڪم ڏي تہ اخلاق پرائڻ لاءِ ڏينهن جو نڪري پون، ۽ رات جو ننڊ پيلن جي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ نڪرن. قسم آهي ان ذات جو جنهن جو ٻُڌڻ سيني آوازن تي وسيع آهي جيڪو بہ ڪنهن دل ۾ خوشيءَ کي داخل ڪندو تہ الله تعالىٰ سندس لاءِ ان خوشيءَ مان هڪ لطف خلق ڪندو پوءِ جڏهن مٿس ڪا مصيبت ايندي تہ لطف ڏانهس ائين ويندو جيئن هينائين تي پاڻي، تان جو اُها هن کان ائين تاريندي جيئن ڌارين اُٺن کي تڙيو ويندو آهي.

## ٢٥٨_ صدقو

۽ امام ؑ فرمايو: جڏهن توهان غريب ٿيو تہ صدقي جي ذريعي الله سان واپار ڪريو.

٢٥٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

الْوَفَاءُ لِأَهْلِ الْغَدْرِ غَدْرٌ عِنْدَ اللَّهِ وَ الْغَدْرُ بِأَهْلِ الْغَدْرِ وَفَاءٌ عِنْدَ اللَّهِ.

٢٦٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

كَمْ مِنْ مُسْتَدْرَجٍ بِالْإِحْسَانِ إِلَيْهِ وَ مَغْرُورٍ بِالسَّتْرِ عَلَيْهِ وَ مَفْتُونٍ بِحُسْنِ الْقَوْلِ فِيهِ وَ مَا ابْتَلَى اللَّهُ سُبْحَانَهُ أَحَداً بِمِثْلِ الْإِمْلَاءِ لَهُ.

قال الرضي رحمه‌الله: و قد مضى هذا الكلام فيما تقدم إلا أن فيه هاهنا زيادة جيدة مفيدة.

## ٢٥٩_وفاداري

۽ امام عليه السلام فرمايو: غدارن سان وفاداري ڪرڻ الله وٽ غداري آهي ۽ غدارن سان غداري ڪرڻ الله وٽ وفاداري آهي.

## ٢٦٠_احسان

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪيترا ئي ماڻهو احسان جي ذريعي (عذاب ڏانهن) آندل آهن، ۽ پاڻ تي پيل پردي جي ڪري ڏوکي کاڌل آهن، ۽ پاڻ بابت پليون ڳالهيون ٻڌي فريب کاڌل آهن، ۽ ڍر ڏيڻ جهڙي آزمائش کان وڌيڪ الله تعالىٰ ڪنهن کي آزمائش ناهي ڏيندو.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: هي ڪلام پهريائين بہ گذري چڪو آهي پر هتي هڪ سنو فائديمند واڌارو آهي.

# فصل نذكر فيه شيئًا من غريب كلامه المحتاج إلى التفسير.

# هن فصل ۾ اسان امام عليه السلام جي ان انوکي ڪلام ڪي ذڪر ڪنداسين جيڪو تفسير جو محتاج آهي

١_ و في حديثه عليه السلام:

فَإِذَا كَانَ ذَلِكَ ضَرَبَ يَعْسُوبُ الدِّينِ بِذَنَبِهِ فَيَجْتَمِعُونَ إِلَيْهِ كَمَا يَجْتَمِعُ قَزَعُ الْخَرِيفِ.

قال الرضي رحمه الله: "اليعسوب" السيد العظيم المالك لأمور الناس يومئذ و "القزع" قطع الغيم التي لا ماء فيها.

٢_ و في حديثه عليه السلام: هَذَا الْخَطِيبُ الشَّحْشَحُ.

يريد الماهر بالخطبة الماضي فيها و كل ماض في كلام أو سير فهو شحشح. و الشحشح في غير هذا الموضع البخيل الممسك.

٣_ في حديثه عليه السلام: إِنَّ لِلْخُصُومَةِ قُحَماً.



يريد "بالقحم" المهالك لأنها تقحم أصحابها في المهالك و المتالف في الأكثر، فمن ذلك "قحمة الأعراب" و هو أن تصيبهم السنة فتتعرق أموالهم فذلك تقحمها فيهم. و قيل فيه وجه آخر و هو أنها تقحمهم بلاد الريف أي تحوجهم إلى دخول الحضر عند محول البدو.

٤_ في حديثه عليه السلام: إِذَا بَلَغَ النِّسَاءُ نَصَّ الْحِقَاقِ فَالْعَصَبَةُ أَوْلَى.

## ١_ دين جو سردار

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن اهڙو (بي ديني ۽ وارو) زمانو ايندو تہ دين جو سردار پنهنجي ماڳ تي مستقر ٿيندو. پوءِ ماڻهو ان ڏانهن ائين گڏ ٿيندا جيئن سانوڻ جو جُهڙ گڏ ٿيندو آهي.

سيد رضيءَ رحمه الله فرمايو: ”يعسوب“ ان وڏي سردار کي چئبو آهي جيڪو ان وقت ماڻهن جي معاملن جو مالڪ هوندو. ۽ ”قزع“ ڪڪر جي ان ٽڪڙي کي چئبو آهي جنهن ۾ پاڻي نہ هجي.

## ٢_ پلوڙ خطيب

۽ امام عليه السلام فرمايو: هي (صعصہ ابن صوحان) پلوڙ خطيب آهي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: امام عليه السلام جي مراد خطابت ۾ ماهر ۽ روان آهي. ۽ جيڪو ڳالهائڻ ۾ چُست يا تکو هجي تہ اهو شحشح آهي. ۽ ٻيءَ جاءِ تي شحشح جي معنىٰ ڪنجوس ۽ پڪو آهي.

## ٣_ جهڳڙو

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ جهڳڙي ۾ هلاڪت آهي.

٨٦٥

سيد رضي رحمه الله فرمايو: ”قحم“ مان امام عليه السلام جي مراد هلاڪتون آهن، ڇاڪاڻ تہ گهڻو ڪري جهڳڙو ماڻهن کي هلاڪتن ۽ بربادين ۾ وجهندو آهي. ۽ انهي مان ”قحمة الاعراب“ آهي، جڏهن عربن ۾ ذُڪر پوي جيڪو سندن ڍورن جا هڏا ظاهر ڪري تہ اها انهن ۾ هڪ هلاڪت آهي. ۽ هن ۾ ٻيءَ وجہ اها بيان ڪئي وئي آهي تہ اها بربادي انهن کي آباد علائقن ڏانهن ڌڪيندي آهي، يعني ڏڪر وقت انهن کي شهرن ڏانهن وڃڻ تي مجبور ڪندي آهي.

## ٤_ پرڙو

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن عورتون ”نص الحقائق“ تي پهچن تہ پيئتا مائٽ (پررائڻ ۾) وڌيڪ حق رکن ٿا.

قال رحمه الله: و يروى نص الحقائق "والنص" منتهى الأشياء و مبلغ أقصاها، كالنص في السير لأنه أقصى ما تقدر عليه الدابة. و تقول نصصت الرجل عن الأمر إذا استقصيت مسألته عنه لتستخرج ما عنده فيه، فنص الحقاق يريد به الإدراك لأنه منتهى الصغر و الوقت الذي يخرج منه الصغير إلى حد الكبير و هو من أفصح الكنايات عن هذا الأمر و أغربها، يقول فإذا بلغ النساء ذلك فالعصبة أولى بالمرأة من أمها إذا كانوا محرما مثل الإخوة و الأعمام و بتزويجها إن أرادوا ذلك. والحقاق محاقة الأم للعصبة في المرأة و هو الجدال و الخصومة و قول كل واحد منهما للآخر أنا أحق منك بهذا، يقال منه حاققته حقاقا مثل جادلته جدالا. و قد قيل إن "نص الحقاق" بلوغ العقل و هو الإدراك، لأنه عليه السلام إنما أراد منتهى الأمر الذي تجب فيه الحقوق و الأحكام.



و من رواه "نص الحقائق" فإنما أراد جمع حقيقة هذا معنى ما ذكره أبو عبيد القاسم بن سلام. و الذي عندي أن المراد "بنص الحقاق" هاهنا بلوغ المرأة إلى الحد الذي يجوز فيه تزويجها و تصرفها في حقوقها، تشبيها بالحقاق من الإبل و هي جمع حقة و حق، و هو الذي استكمل ثلاث سنين و دخل في الرابعة و عند ذلك يبلغ إلى الحد الذي يتمكن فيه من ركوب ظهره و نصه في السير. و الحقائق أيضا جمع حقة فالروايتان جميعا ترجعان إلى معنى واحد و هذا أشبه بطريقة العرب من المعنى المذكور أولا.

سيد رضي رحمه الله فرمايو:

”نص“ شين جي انتها ۽ انهن جي توڙ تائين پهچڻ کي چئبو آهي، جيئن پيچڻ جي آخري حد، چاڪاڻ تہ جانور جي پيچڻ جي آخري رفتار کي ”نص في السير“ چئبو آهي. ۽ تون ”نصصتَ الرجل عن الامر“ تڏهن چوندين جڏهن تون ماڻهوءَ کان پوري ڇند ڇاڻ ڪرين تاڪ وٽس معلومات کي حاصل ڪرين. بس پوءِ ”نص الحقائق“ مان امام عليه السلام سمجهڻ جي حد مراد ورتي آهي، ڇو جو اها ننڍپڻ جي آخري حد ۽ اهو وقت هوندو آهي جنهن مان ننڍو وڏي جي حد ڏانهن نڪرندو آهي، ۽ هن مطلب لاءِ اهڙو ڪنايو استعمال ڪرڻ فصيح ۽ انوکو آهي. امام عليه السلام اهو فرمائڻ چاهين ٿا تہ جڏهن عورتون ان حد تائين پهچن تہ پيئيتا محرم مائٽ جيئن ڀائر ۽ چاچا، ماءُ کان وڌيڪ انهن جي شاديءَ ڪرائڻ جو حق رکن ٿا، اگر اهي ڪرڻ چاهين تہ. ”حقائق“ ”ماءُ جو ڌي بابت پيئٽي مائٽن سان جهيڳڙو ڪرڻ آهي، ۽ حقائق جهيڙي ۽ جهيڳڙي، ۽ هڪ ٻئي کي ائين چوڻ تہ ان بابت مان تو کان وڌيڪ حقدار آهيان“ کي چئبو آهي. ۽ انهيءَ مان ”حاققته حقاقا، کجادلته جدالا“ آهي. ۽ هي بہ چيو ويو آهي تہ ”نص الحقائق“ عقل جو ڪامل ٿيڻ، يعني سمجهڻ آهي، ۽ ائين امام عليه السلام اها آخري حد مراد ورتي آهي جنهن ۾ حق ۽ احڪام ان تي واجب ٿي ويندا آهن. ۽ جنهن ”نص الحقائق“ روايت ڪئي آهي ان حقائق کي حقيقة جو جمع مراد ورتي آهي. هي مطلب ابو عبيد قاسم بن سلام ذڪر ڪيو آهي. پر منهنجي نزديڪ هتي ”نص الحقاق“ مان مراد عورت جو ان حد تائين پهچي وڃڻ آهي جنهن ۾ ان جي لاءِ شادي ڪرڻ جائز هجي ۽ هوءَ پنهنجا حق پاڻ استعمال ڪري سگهي. ۽ انکي ”حقاق الابل“ سان تشبيہ ڏني وئي آهي. ۽ حقاق، حقة ۽ حِق جو جمع آهي، جيڪو ان اُٺ کي چئبو آهي جنهن جا ٽي سال پورا ٿيا هجن ۽ چوٿين سال ۾ داخل ٿيو هجي، ۽ جڏهن اُٺ ان حد تائين پهچندو آهي تہ ان تي سواري ڪئي ويندي آهي، ۽ اهو تڪڙو ڊڪندو آهي. ۽ ڪجھ روايتن ۾ استعمال ٿيل ”حقائق“ لفظ بہ پڻ ائين آهي، جيڪو ”حقة“ جو جمع آهي. ٻنهي روايتن ۾ هڪ ئي معنىٰ آهي، ۽ هي معنىٰ پهرين معنىٰ جي بنسبت عربن جي طريقي سان وڌيڪ شباهت رکي ٿي.

٥_ في حديثه عليه السلام: إِنَّ الْإِيمَانَ يَبْدُو لُمْظَةً فِي الْقَلْبِ كُلَّمَا ازْدَادَ الْإِيمَانُ ازْدَادَتِ اللُّمْظَةُ.

(قال الرضي رحمه الله) "و اللمظة" مثل النكتة أو نحوها من البياض و منه قيل "فرس ألمظ" إذا كان بجحفلته شيء من البياض.

٦_ في حديثه عليه السلام: إِنَّ الرَّجُلَ إِذَا كَانَ لَهُ الدَّيْنُ الظَّنُونُ يَجِبُ عَلَيْهِ أَنْ يُزَكِّيَهُ لِمَا مَضَى إِذَا قَبَضَهُ.

(قال الرضي رحمه الله) فالظنون الذي لا يعلم صاحبه أ يقبضه من الذي هو عليه أم لا فكأنه الذي يظن به فمرة يرجوه و مرة لا يرجوه. و هذا من أفصح الكلام، و كذلك كل أمر تطلبه و لا تدري على أي شيء أنت منه فهو ظنون و على ذلك قول الأعشى:

مـــــــا يجعـــــــل الجـــــــد الظنـــــــون الذي
جنـــــــب صـــــــوب اللجـــــــب المـــــــاطر
مثـــــــل الفـــــــراتي إذا مـــــــا طمـــــــا
يقـــــــذف بـــــــالبوصي و المـــــــاهر.

و "الجد" البئر العادية في الصحراء و "الظنون" التي لا يعلم هل فيها ماء أم لا.



٧_ في حديثه عليه السلام: أَنَّهُ شَيَّعَ جَيْشاً بِغَزْيَةٍ فَقَالَ: اعْذِبُوا عَنِ النِّسَاءِ مَا اسْتَطَعْتُمْ.

(قال الرضي رحمه الله) و معناه اصدفوا عن ذكر النساء و شغل القلب بهن و امتنعوا من المقاربة لهن لأن ذلك يفت في عضد الحمية و يقدح في معاقد العزيمة و يكسر عن العدو و يلفت عن الإبعاد في الغزو،

## ۵_ ايمان

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ ايمان نقطي جي صورت ۾ دل ۾ ظاهر ٿيندو آهي، جيئن جيئن ايمان وڌندو آهي ته نقطو به وڌندو آهي.

(سيد رضي رحمه الله فرمايو): ”لمظة“ اڇي ٽڪي يا ان جهڙي شيءِ کي چئبو آهي، ۽ انهي مان ”فرس المظ“ آهي جيڪو ان گهوڙي کي چئبو آهي جنهن جي چپ جي هينان اڇاڻ هجي.

## ٦_ زڪوات

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن ماڻهوءَ جو ڪنهن ڏانهن آسري وارو قرض هجي پوءِ جڏهن انکي وصول ڪري ته مٿس واجب آهي ته گذريل زماني جي زڪوات ڪڍي.

(سيد رضيءِ رحمه الله فرمايو): بس ”ظنون“ اهو قرض آهي جنهن جي باري ۾ قرض ڏيندڙ نه ڄاڻي ته مقروض کان وٺي سگهندو يا نه، بس قرض خواهه ان بابت گمان ۾ آهي، ڪڏهن ملڻ جي اميد ڪري ٿو ۽ ڪڏهن ملڻ جي اميد نٿو ڪري. ايڏي مطلب کي هڪ لفظ سان بيان ڪرڻ بلڪل فصيح ڪلام منجهان آهي. اهڙيءَ طرح هر اها شيءِ جيڪا تو کي گهربل هجي پر تون ان جي حاصل ڪرڻ کي نه ڄاڻين ته اها ”ظنون“ آهي. ۽ انهيءَ معنيٰ ۾ اعشيٰ جو هي قول آهي:

ان ڦِتل ڪوهه کي جيڪو گجگوڙ واري وسندڙ ڪڪر کان پاسيرو هجي ان
دريا فرات وانگر قرار نٿو ڏئي سگهجي جيڪو ڇوليون هڻي
ٻيڙيءَ ۽ ماهر تاروءَ کي ڏڪيندو هجي.



”جُد“ بيابان جي پراڻي کوهه کي چئبو آهي، ۽ ”ظنون“ ان کوهه کي چئبو آهي جنهن جي باري ۾ خبر نه هجي ته ان ۾ پاڻي آهي يا نه.

## ٧_ عورتن کان دوري

۽ پاڻ عليه السلام هڪ لشڪر کي وڙهڻ لاءِ روانو ڪيو ته فرمايائون: جيترو ٿي سگهيوَ عورتن کان الڳ رهجو.

(سيد رضي رحمه الله فرمايو): ان جو مطلب هي آهي ته عورتن جي ياد کان ۽ ساڻن دل لڳائڻ کان پري رهو، ۽ انهن سان ويجهڙائپ اختيار نه ڪريو، ڇا ڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان مردانگي جي ڏُورَي ۾ ڪمزوري، ۽ عزم جي پختگيءَ ۾ سستي پيدا ٿيندي. ۽ دشمن کان هٽائيندي، ۽ جنگ ۾ چستي ڏيکارڻ کان ڊِرو ڪندي.

فكل من امتنع من شيء فقد عذب عنه، و العاذب و العذوب "الممتنع من الأكل و الشرب".

٨_ في حديثه عليه السلام: كَالْيَاسِرِ الْفَالِجِ يَنْتَظِرُ أَوَّلَ فَوْزَةٍ مِنْ قِدَاحِهِ.

(قال الرضي رحمه الله):

الياسرون هم الذين يتضاربون بالقداح على الجزور و الفالج القاهر و الغالب يقال فلج عليهم و فلجهم و قال الراجز:

لمـــــا رأيـــــت فالجـــــاً قـــــد فلجـــــا.

٩_ في حديثه عليه السلام:

كُنَّا إِذَا احْمَرَّ الْبَأْسُ اتَّقَيْنَا بِرَسُولِ اللَّهِ صلى الله عليه وآله فَلَمْ يَكُنْ أَحَدٌ مِنَّا أَقْرَبَ إِلَى الْعَدُوِّ مِنْهُ.

(قال الرضي رحمه الله) و معنى ذلك أنه إذا عظم الخوف من العدو و اشتد عضاض الحرب فزع المسلمون إلى قتال رسول الله صلى الله عليه وآله بنفسه فينزل الله عليهم النصر به و يأمنون مما كانوا يخافونه بمكانه. و قوله إذا احمر البأس كناية عن اشتداد الأمر و قد قيل في ذلك أقوال أحسنها أنه شبه حمي الحرب بالنار التي تجمع الحرارة و الحمرة بفعلها و لونها و مما يقوي ذلك قول رسول الله صلى الله عليه وآله و قد رأى مجتلد الناس يوم حنين و هي حرب هوازن الآن حمي الوطيس فالوطيس مستوقد النار فشبه رسول الله صلى الله عليه وآله ما استحر من جلاد القوم باحتدام النار و شدة التهابها.

انقضى هذا الفصل و رجعنا إلى سنن الغرض الأول في هذا الباب.

جيڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ کان روڪجي وڃي ته ان جي لاءِ ”اعذب عنه“ ”هو انکان پري ٿيو“ استعمال ڪيو ويندو آهي، ۽ جيڪو کائڻ ۽ پيئڻ ڇڏي ڏي ته انکي ”عاذب ۽ عذوب“ چئبو آهي.

## ٨_ جوئاريءَ

۽ امام عليه السلام فرمايو: هو ان ڪاٽؤ جوئاريءَ وانگر آهي جيڪو جوئا جي تيرن مان پهرين ڏک سان ڪاميابي جو انتظار ڪندو آهي.

(سيد رضيءَ رحمه الله فرمايو): ”ياسرون“ اهي ماڻهو آهن جيڪي نحر ٿيل ڏاچيءَ تي جوئا جا تير هڻندا آهن. ۽ ”فالج“ ڪٽندڙ ۽ غالب ٿيندڙ کي چئبو آهي. چيو ويندو آهي هن انهن کان ڪٽيو. رجز چوندڙ شاعر جو شعر آهي:

جڏهن مان ڪنهن ڪاٽوءَ کي ڪٽندڙ ڏٺو.

## ٩_ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جي پناه

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن ڇتي ويڙهه ٿيندي هئي ته اسان رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جي پناهه وٺندا هئاسين، پوءِ اسان مان ڪو به ان کان وڌيڪ دشمن جي ويجهو نه هوندو هو.

(سيد رضي رحمه الله فرمايو): ان جو مطلب هي آهي ته جڏهن دشمن جو خوف وڌي ويندو هو ۽ جنگ جا چڪ تيز ٿي ويندا هئا ته مسلمان رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جي جنگ ڪرڻ جي پناهه وٺندا هئا. پوءِ الله تعالىٰ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم جي صدقي مسلمانن تي ڪاميابي کي نازل ڪندو هو. ۽ اهي سندس برڪت ڪري جنهن کان ڊڄندا هئا انکان امن حاصل ڪندا هئا. امام عليه السلام جو هي جملو ”اذا احمر الباس“ ”جڏهن جنگ ڳاڙهي ٿي ويندي هئي“ جنگ جي سختي کان ڪنايو آهي. ۽ ان جي باري ۾ چند قول چيا ويا آهن جن مان سڀ کان پلو هي قول آهي: امام عليه السلام جنگ جي گرمائش کي باهه سان تشبيهه ڏني آهي جيڪا پنهنجي وجود ۽ رنگ ۾ گرمي ۽ ڳاڙهاڻ کي گڏ ڪري ٿي. جڏهن حنين واري ڏينهن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم هوازن قبيلي جي جنگ ۾ ماڻهن کي وڙهندي ڏٺو ته ان وقت هي قول فرمايو، جيڪو مٿئين معنىٰ جي مضبوطيءَ تي دلالت ڪري ٿو ”هاڻي چُلهه گرم ٿي وئي آهي“ ۽ ”وطيس“ باهه ٻارڻ جي جڳهه کي چئبو آهي. رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم ماڻهن جي ميدانِ جنگ جي سختي کي باهه جي پڙڪڻ ۽ ان جي شعلن جي تيزيءَ سان تشبيهه ڏني آهي.

**هي فصل پورو ٿيو ۽ هن باب جي پهرين مقصد ڏانهن ورون ٿا.**

٢٦١_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَمَّا بَلَغَهُ إِغَارَةُ أَصْحَابِ مُعَاوِيَةَ عَلَى الْأَنْبَارِ فَخَرَجَ بِنَفْسِهِ مَاشِياً حَتَّى أَتَى النُّخَيْلَةَ وَ أَدْرَكَهُ النَّاسُ وَ قَالُوا يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ نَحْنُ نَكْفِيكَهُمْ فَقَالَ: مَا تَكْفُونَنِي أَنْفُسَكُمْ فَكَيْفَ تَكْفُونَنِي غَيْرَكُمْ إِنْ كَانَتِ الرَّعَايَا قَبْلِي لَتَشْكُو حَيْفَ رُعَاتِهَا وَ إِنَّنِي الْيَوْمَ لَأَشْكُو حَيْفَ رَعِيَّتِي كَأَنَّنِي الْمَقُودُ وَ هُمُ الْقَادَةُ أَوِ الْمَوْزُوعُ وَ هُمُ الْوَزَعَةُ.

(قال الرضي رحمه الله) فلما قال عليه السلام هذا القول في كلام طويل قد ذكرنا مختاره في جملة الخطب تقدم إليه رجلان من أصحابه فقال أحدهما إني لا أملك إلا نفسي و أخي فمر بأمرك يا أمير المؤمنين ننقد له فقال عليه السلام: وَ أَيْنَ تَقَعَانِ مِمَّا أُرِيدُ.

٢٦٢_ وَ قِيلَ إِنَّ الْحَارِثَ بْنَ حَوْطٍ أَتَاهُ فَقَالَ أَ تَرَانِي أَظُنُّ أَصْحَابَ الْجَمَلِ كَانُوا عَلَى ضَلَالَةٍ

فَقَالَ عليه السلام: يَا حَارِثُ إِنَّكَ نَظَرْتَ تَحْتَكَ وَ لَمْ تَنْظُرْ فَوْقَكَ فَحِرْتَ، إِنَّكَ لَمْ تَعْرِفِ الْحَقَّ فَتَعْرِفَ مَنْ أَتَاهُ وَ لَمْ تَعْرِفِ الْبَاطِلَ فَتَعْرِفَ مَنْ أَتَاهُ.

فَقَالَ الْحَارِثُ فَإِنِّي أَعْتَزِلُ مَعَ سَعِيدِ بْنِ مَالِكٍ وَ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ عُمَرَ فَقَالَ عليه السلام:

إِنَّ سَعِيداً وَ عَبْدَ اللَّهِ بْنَ عُمَرَ لَمْ يَنْصُرَا الْحَقَّ وَ لَمْ يَخْذُلَا الْبَاطِلَ.

٢٦٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

صَاحِبُ السُّلْطَانِ كَرَاكِبِ الْأَسَدِ يُغْبَطُ بِمَوْقِعِهِ وَ هُوَ أَعْلَمُ بِمَوْضِعِهِ.

## ٢٦١_ انبار تي حملي جي خبر ٻڌي فرمايائون

**۽ امام عليه السلام فرمايو: ۽ جڏهن امام عليه السلام کي معاويي جي ماڻهن جي انبار تي حملي ڪرڻ جي خبر پئي تہ پاڻ عليه السلام پنهنجي سر پيدل نڪري پيا تان جو نخيلہ جي مقام تي پهتا، پوءِ ماڻهو بہ اچي مليس، ۽ انهن چيو: اي اميرالمؤمنين عليه السلام اسان توهان جي لاءِ انهن کان ڪافي آهيون. تہ پوءِ امام عليه السلام فرمايو:** توهان پاڻ کان منهنجي لاءِ ڪافي نہ آهيو تہ پوءِ غيرن کان منهنجي لاءِ ڪيئن ڪافي ٿيندؤ؟ بيشڪ رعيت مونکان پهريائين پنهنجي حڪمرانن جي ظلم جي دانهن ڪندي هئي، ۽ اج آءٌ پنهنجي رعيت جي ظلم جي دانهن ڪريان ٿو، ڄڻ تہ آءٌ رعيت ۽ هو اڳواڻ آهن يا آءٌ محڪوم ۽ هو حاڪم آهن.

(سيد رضي رحمه الله فرمايو): جڏهن امام عليه السلام طويل ڪلام جي ضمن ۾ جنهن جي چونڊ ڪلام ڪي مان مختلف خطبن ۾ ذڪر ڪيو آهي هي قول فرمايو تہ پوءِ سندس اصحاب مان بہ ماڻهو ويجهو ٿيا. پوءِ انهن مان هڪڙي چيو ”مان فقط پنهنجو ۽ پنهنجي ڀاء جو مالڪ آهيان“ اي اميرالمؤمنين عليه السلام اوهان حڪم ڪريو انکي پورو ڪنداسين.

تہ امام عليه السلام فرمايو: مان جيڪو چاهيان ٿو توهان کان ڪٿان ٿي سگهندو؟.

## ٢٦٢_ جمل وارا

چيو ويو آهي تہ حارث بن حوط امام عليه السلام وٽ آيو ۽ چيائين: ڇا توهان مون لاءِ اهو سمجهو ٿا تہ آءٌ جمل وارن بابت گمراهيءَ تي هجڻ جو گمان ڪريان ٿو؟ امام عليه السلام فرمايو: اي حارث! تو هيٺ ڏٺو آهي ۽ پاڻ کان مٿي ناهي ڏٺو، بس تنهڪري وائڙو ٿي ويو آهين، بيشڪ تو حق کي ناهي ڄاتو جو حقدار کي ڄاڻين ۽ نہ باطل کي ڄاتو اٿئي جو باطل پرست کي سڃاڻين. پوءِ حارث چيو: مان سعيد بن مالڪ ۽ عبدالله بن عمر سان گڏ ڪُنڊ پاسو وسايان ٿو، پوءِ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ سعيد ۽ عبدالله بن عمر نہ حق جي مدد ڪئي ۽ نہ باطل کان هٿ ڪنيائون.

## ٢٦٣_ حڪمران جو ساٿي

۽ امام عليه السلام فرمايو: حڪمران جو ساٿي شينهن جي سوار وانگر آهي جو سندس مقام تي رِيس ڪئي ويندي آهي جڏهن تہ هو پنهنجي مقام کي پاڻ وڌيڪ ڄاڻي ٿو.

٢٦٤_ وَ قَالَ عليه السلام: أَحْسِنُوا فِي عَقِبِ غَيْرِكُمْ تُحْفَظُوا فِي عَقِبِكُمْ.

٢٦٥_ وَ قَالَ عليه السلام: إِنَّ كَلَامَ الْحُكَمَاءِ إِذَا كَانَ صَوَاباً كَانَ دَوَاءً وَ إِذَا كَانَ خَطَأً كَانَ دَاءً.

٢٦٦_ وَ سَأَلَهُ رَجُلٌ أَنْ يُعَرِّفَهُ الْإِيمَانَ فَقَالَ عليه السلام:

إِذَا كَانَ الْغَدُ فَأْتِنِي حَتَّى أُخْبِرَكَ عَلَى أَسْمَاعِ النَّاسِ فَإِنْ نَسِيتَ مَقَالَتِي حَفِظَهَا عَلَيْكَ غَيْرُكَ فَإِنَّ الْكَلَامَ كَالشَّارِدَةِ يَنْقُفُهَا هَذَا وَ يُخْطِئُهَا هَذَا.

و قد ذكرنا ما أجابه به فيما تقدم من هذا الباب و هو قوله الإيمان على أربع شعب.

٢٦٧_ وَ قَالَ عليه السلام: يَا ابْنَ آدَمَ لَا تَحْمِلْ هَمَّ يَوْمِكَ الَّذِي لَمْ يَأْتِكَ عَلَى يَوْمِكَ الَّذِي قَدْ أَتَاكَ فَإِنَّهُ إِنْ يَكُ مِنْ عُمُرِكَ يَأْتِ اللَّهُ فِيهِ بِرِزْقِكَ.



٢٦٨_ وَ قَالَ عليه السلام: أَحْبِبْ حَبِيبَكَ هَوْناً مَا عَسَى أَنْ يَكُونَ بَغِيضَكَ يَوْماً مَا وَ أَبْغِضْ بَغِيضَكَ هَوْناً مَا عَسَى أَنْ يَكُونَ حَبِيبَكَ يَوْماً مَا.

٢٦٩_ وَ قَالَ عليه السلام: النَّاسُ فِي الدُّنْيَا عَامِلَانِ عَامِلٌ عَمِلَ فِي الدُّنْيَا لِلدُّنْيَا قَدْ شَغَلَتْهُ دُنْيَاهُ عَنْ آخِرَتِهِ يَخْشَى عَلَى مَنْ يَخْلُفُهُ الْفَقْرَ وَ يَأْمَنُهُ عَلَى نَفْسِهِ فَيُفْنِي عُمُرَهُ فِي مَنْفَعَةِ غَيْرِهِ.

## ٢٦٤_ ڀلائي

۽ امام عليه السلام فرمايو: ٻين جي پونئيرن سان ڀلائي ڪريو ته جيئن توهان جي پونئيرن جي حفاظت ڪئي وڃي.

## ٢٦٥_ ڏاهن جو ڪلام

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ ڏاهن جو ڪلام اگر صحيح هجي ته دوا آهي ۽ اگر غلط هجي ته بيماري آهي.

## ٢٦٦_ ڪلام جي حفاظت

هڪ ماڻهوءَ امام عليه السلام کان پڇيو ته ڪيس ايمان جي تعريف ٻڌائي ته امام عليه السلام فرمايو: سڀاڻي مون وٽ اچجائن آءٌ تو ڪي ماڻهن جي روبرو ٻڌائيندس جو اگر تون منهنجي ڳالهه ڪي ويساري ڇڏين ته تنهنجي بدران ڪو ٻيو انکي ياد رکي. بيشڪ ڪلام ٿهندڙ ڏاچي وانگر آهي هڪڙو انکي طلبي ٿو ۽ ٻيو انکي ڇڏي ٿو.

(سيد رضي رحمه الله فرمايو): امام عليه السلام جي ڏنل جواب کي اسان هن باب ۾ ذڪر ڪيو آهي. جيڪو ”الايمان علی اربع شعب“ آهي.

## ٢٦٧_ سياڻي جي ڳڻتيءَ

۽ امام عليه السلام فرمايو: اي آدم جي اولاد پنهنجي آيل ڏينهن ۾ ان ڏينهن جي ڳڻتيءَ جو بار نه کڻ جيڪو اجا تو تائين ناهي پهتو، اگر اهو ڏينهن تنهنجي ڄمار مان هوندو ته ان ۾ الله تعالیٰ تنهنجو رزق آڻيندو.

## ٢٦٨_ دوستي ۽ دشمني جي حد

۽ امام عليه السلام فرمايو: پنهنجي دوست سان حد ۾ دوستي رک، جو متان ڪنهن ڏينهن هو تنهنجو دشمن ٿي وڃي ۽ پنهنجي دشمن سان حد ۾ دشمني رک جو متان ڪنهن ڏينهن هو تنهنجو دوست ٿي وڃي.

## ٢٦٩_ دنيا ۾ ڪم ڪندڙن جا قسم

۽ امام عليه السلام فرمايو: دنيا ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو ڪم ڪندڙ آهن، هڪڙو اهڙو ڪم ڪندڙ آهي جيڪو دنيا ۾ دنيا لاءِ ڪم ڪري ٿو، پوءِ ان جي دنيا ڪيس سندس آخرت کان مصروف ڪري ڇڏي ٿي، ۽ پنهنجي پونئيرن لاءِ غربت کان ڊڄي ٿو ۽ پنهنجي لاءِ ان کان مطمئن رهي ٿو، بس پوءِ ٻين جي فائدي لاءِ پنهنجي عمر وڃائي ٿو.

وَ عَامِلٌ عَمِلَ فِي الدُّنْيَا لِمَا بَعْدَهَا فَجَاءَهُ الَّذِي لَهُ مِنَ الدُّنْيَا بِغَيْرِ عَمَلٍ فَأَحْرَزَ الْحَظَّيْنِ مَعاً وَ مَلَكَ الدَّارَيْنِ جَمِيعاً فَأَصْبَحَ وَجِيهاً عِنْدَ اللَّهِ لَا يَسْأَلُ اللَّهَ حَاجَةً فَيَمْنَعُهُ.

٢٧٠_ وَ رُوِيَ أَنَّهُ ذُكِرَ عِنْدَ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ فِي أَيَّامِهِ حَلْيُ الْكَعْبَةِ وَ كَثْرَتُهُ، فَقَالَ قَوْمٌ لَوْ أَخَذْتَهُ فَجَهَّزْتَ بِهِ جُيُوشَ الْمُسْلِمِينَ كَانَ أَعْظَمَ لِلْأَجْرِ وَ مَا تَصْنَعُ الْكَعْبَةُ بِالْحَلْيِ فَهَمَّ عُمَرُ بِذَلِكَ وَ سَأَلَ عَنْهُ أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ عليه السلام فَقَالَ عليه السلام: إِنَّ هَذَا الْقُرْآنَ أُنْزِلَ عَلَى النَّبِيِّ صلى الله عليه وآله وَ الْأَمْوَالُ أَرْبَعَةٌ أَمْوَالُ الْمُسْلِمِينَ فَقَسَّمَهَا بَيْنَ الْوَرَثَةِ فِي الْفَرَائِضِ وَ الْفَيْءُ فَقَسَّمَهُ عَلَى مُسْتَحِقِّيهِ وَ الْخُمُسُ فَوَضَعَهُ اللَّهُ حَيْثُ وَضَعَهُ وَ الصَّدَقَاتُ فَجَعَلَهَا اللَّهُ حَيْثُ جَعَلَهَا وَ كَانَ حَلْيُ الْكَعْبَةِ فِيهَا يَوْمَئِذٍ فَتَرَكَهُ اللَّهُ عَلَى حَالِهِ وَ لَمْ يَتْرُكْهُ نِسْيَاناً وَ لَمْ يَخْفَ عَلَيْهِ مَكَاناً فَأَقِرَّهُ حَيْثُ أَقَرَّهُ اللَّهُ وَ رَسُولُهُ. فَقَالَ لَهُ عُمَرُ لَوْلَاكَ لَافْتَضَحْنَا وَ تَرَكَ الْحَلْيَ بِحَالِهِ.



٢٧١_ رُوِيَ أَنَّهُ عليه السلام رُفِعَ إِلَيْهِ رَجُلَانِ سَرَقَا مِنْ مَالِ اللَّهِ أَحَدُهُمَا عَبْدٌ مِنْ مَالِ اللَّهِ وَ الْآخَرُ مِنْ عُرُوضِ النَّاسِ فَقَالَ عليه السلام: أَمَّا هَذَا فَهُوَ مِنْ مَالِ اللَّهِ وَ لَا حَدَّ عَلَيْهِ مَالُ اللَّهِ أَكَلَ بَعْضُهُ بَعْضاً وَ أَمَّا الْآخَرُ فَعَلَيْهِ الْحَدُّ الشَّدِيدُ فَقَطَعَ يَدَهُ.

٢٧٢_ وَ قَالَ عليه السلام: لَوْ قَدِ اسْتَوَتْ قَدَمَايَ مِنْ هَذِهِ الْمَدَاحِضِ لَغَيَّرْتُ أَشْيَاءَ.

۽ ٻيو اهڙو ڪم ڪندڙ آهي جيڪو دنيا ۾ انڪان پوءِ واريءَ زندگي لاءِ ڪم ڪري ٿو تہ ڪم ڪرڻ کان سواءِ سندس دنيا وارو نصيب وٽس اچي ٿو، بس پوءِ هو ٻئي حصا گڏ حاصل ڪري ٿو، ۽ ٻنهي گهرن جو مالڪ ٿئي ٿو، ۽ الله وٽ سرهو ٿئي ٿو، ۽ الله کان ڪنهن اهڙيءَ ضرورت جو سوال نٿو ڪري جيڪا هو انڪان روڪي.

## ٢٧٠_ ڪعبي جي سينگار جي سامان جو ورو

روايت ڪئي وئي آهي تہ عمر بن خطاب وٽ سندس دؤرِ حڪومت ۾ ڪعبي جي سينگار ۽ ان جي گهٽائي جي ڳالھ ڪئي وئي تہ ڪجھ ماڻهن چيو تہ اگر تو اهيو ڪٺي ۽ انهي سان مسلمانن جي لشڪر کي تيار ڪرين تہ وڏو ثواب ٿيندو، ۽ ڪعبو سينگار کي ڇا ڪندو. پوءِ عمر ائين ڪرڻ جو ارادو ڪيو، ۽ ان بابت اميرالمؤمنين عليه السلام کان پڇيو تہ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ هي قرآن پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم تي نازل ڪيو ويو آهي. ۽ مال چار قسمن جا آهن. مسلمانن جو مال جنهن کي پاڻ صلى الله عليه وآله وسلم فرائض جي اعتبار سان وارثن ۾ تقسيم ڪيو آهي. ۽ فيءَ جو مال جنهن کي پاڻ صلى الله عليه وآله وسلم ان جي مستحقن ۾ ورهايو آهي. ۽ خمس جو مال جنهن لاءِ الله جتي چاهيو آهي اتي خرچ ڪرڻ جو چيو آهي. ۽ صدقي جو مال ان جي لاءِ بہ الله خرچ ڪرڻ جون جڳهون مقرر ڪيون آهن. ۽ انهن ڏينهن ۾ ڪعبي جو سينگار بہ هوندو هو جنهن کي الله ان جي حال تي ڇڏي ڏنو ۽ انکي ويسر جي ڪري ناهي ڇڏيو ۽ نہ اها جاءِ الله تي ڳجهي هئي. بس تون بہ انکي اتي قرار ڏي جتي انکي الله ۽ سندس رسول قرار ڏنو آهي. پوءِ عمر امام عليه السلام کي چيو: اگر تون نہ هجين ها تہ اسان رُسوا ٿي وڃون ها. ۽ هُن سينگار کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏنو.



## ٢٧١_ بيت المال مان چوري جو فيصلو

روايت ڪئي وئي آهي تہ امام عليه السلام وٽ ٻن ماڻهن کي آندو ويو جن بيت المال مان چوري ڪئي هئي، انهن مان هڪڙو بيت المال جي ملڪيت ۾ ٻانهو هو، ۽ ٻيو ماڻهن جي ملڪيت ۾ هو، پوءِ امام عليه السلام فرمايو: البتہ هي جيڪو بيت المال جو آهي ان تي ڪا حد ڪانهي، ڇا ڪاڻ تہ الله جي مال مان هڪڙي ٻئي کي کاڌو آهي، ۽ ٻئي تي سخت حد آهي، پوءِ امام عليه السلام ان جو هٿ ڪٽيو.

## ٢٧٢_ تبديلي

۽ امام عليه السلام فرمايو: اگر انهن (اڳ وارن جي ڪرتوتن ۾) ترڪڻ وارين جاين تي منهنجا پير ڄمي ويا تہ آءٌ ضرور ڪيترن ئي شين کي تبديل ڪندس.

٢٧٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

اعْلَمُوا عِلْماً يَقِيناً أَنَّ اللَّهَ لَمْ يَجْعَلْ لِلْعَبْدِ وَ إِنْ عَظُمَتْ حِيلَتُهُ وَ اشْتَدَّتْ طَلِبَتُهُ وَ قَوِيَتْ مَكِيدَتُهُ أَكْثَرَ مِمَّا سُمِّيَ لَهُ فِي الذِّكْرِ الْحَكِيمِ وَ لَمْ يَحُلْ بَيْنَ الْعَبْدِ فِي ضَعْفِهِ وَ قِلَّةِ حِيلَتِهِ وَ بَيْنَ أَنْ يَبْلُغَ مَا سُمِّيَ لَهُ فِي الذِّكْرِ الْحَكِيمِ وَ الْعَارِفُ لِهَذَا الْعَامِلُ بِهِ أَعْظَمُ النَّاسِ رَاحَةً فِي مَنْفَعَةٍ وَ التَّارِكُ لَهُ الشَّاكُّ فِيهِ أَعْظَمُ النَّاسِ شُغُلًا فِي مَضَرَّةٍ وَ رُبَّ مُنْعَمٍ عَلَيْهِ مُسْتَدْرَجٌ بِالنُّعْمَى وَ رُبَّ مُبْتَلًى مَصْنُوعٌ لَهُ بِالْبَلْوَى فَزِدْ أَيُّهَا الْمُسْتَنْفِعُ فِي شُكْرِكَ وَ قَصِّرْ مِنْ عَجَلَتِكَ وَ قِفْ عِنْدَ مُنْتَهَى رِزْقِكَ.

٢٧٤_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَا تَجْعَلُوا عِلْمَكُمْ جَهْلًا وَ يَقِينَكُمْ شَكّاً إِذَا عَلِمْتُمْ فَاعْمَلُوا وَ إِذَا تَيَقَّنْتُمْ فَأَقْدِمُوا.

٢٧٥_ وَ قَالَ عليه السلام:

إِنَّ الطَّمَعَ مُورِدٌ غَيْرُ مُصْدِرٍ وَ ضَامِنٌ غَيْرُ وَفِيٍّ وَ رُبَّمَا شَرِقَ شَارِبُ الْمَاءِ قَبْلَ رِيِّهِ وَ كُلَّمَا عَظُمَ قَدْرُ الشَّيْءِ الْمُتَنَافَسِ فِيهِ عَظُمَتِ الرَّزِيَّةُ لِفَقْدِهِ وَ الْأَمَانِيُّ تُعْمِي أَعْيُنَ الْبَصَائِرِ وَ الْحَظُّ يَأْتِي مَنْ لَا يَأْتِيهِ.

٢٧٦_ وَ قَالَ عليه السلام:

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ أَنْ تُحَسِّنَ فِي لَامِعَةِ الْعُيُونِ عَلَانِيَتِي وَ تُقَبِّحَ فِيمَا أُبْطِنُ لَكَ سَرِيرَتِي مُحَافِظاً عَلَى رِثَاءِ النَّاسِ مِنْ نَفْسِي بِجَمِيعِ مَا أَنْتَ مُطَّلِعٌ عَلَيْهِ مِنِّي فَأُبْدِيَ لِلنَّاسِ حُسْنَ ظَاهِرِي وَ أُفْضِيَ إِلَيْكَ بِسُوءِ عَمَلِي تَقَرُّباً إِلَى عِبَادِكَ وَ تَبَاعُداً مِنْ مَرْضَاتِكَ.

## ٢٧٣_ تقدير

۽ امام ؑ فرمايو: پوري يقين سان اهو ڄاڻي ڇڏيو تہ بيشڪ الله تعالیٰ ڪنهن ٻانهي لاءِ _ جيتوڻيڪ ان جي تدبير وڏي، طلب سخت، ۽ سندس حيلو مضبوط هجي _ ان ڪان وڌيڪ قرار نٿو ڏئي جيڪو ذڪرِ حڪيم ۾ ان جي لاءِ لکيو ويو آهي. ۽ ٻانهي جي ڪمزوري، ۽ ٿوري ڪوشش جي باوجود ان جي ۽ جيڪو ذڪرِ حڪيم ۾ لکيو ويو آهي ان جي پهچڻ جي درميان رڪاوٽ نٿو بڻجي. ۽ انهيءَ ڪي ڄاڻڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ وارو فائدي ماڻڻ ۾ سيني ماڻهن ڪان وڌيڪ پرسڪون رهي ٿو، ۽ انڪي ڇڏيندڙ ۽ ان ۾ شڪ ڪندڙ ماڻهن مان سڀ ڪان وڌيڪ نقصان ڪائڻ ۾ مصروف رهي ٿو، ۽ ڪيترن نعمتن وارن ڪي نعمتن ذريعي عذاب ڏانهن آندو پيو وڃي، ۽ ڪيترن ئي آزمائش ۾ پيلن ڪي آزمائش جي ذريعي ڻاهيو پيو وڃي. بس اي نفعو ماڻيندڙ پنهنجي شڪر ڪي وڌاء ۽ پنهنجي جلد بازي ڪي گهٽاء ۽ پنهنجي رزق جي حد تائين بيهي رھ.

## ٢٧٤_ علم ۽ يقين

۽ امام ؑ فرمايو: پنهنجي علم ڪي جهل ۽ پنهنجي يقين ڪي شڪّ نہ بڻايو، بس جڏهن ڄاڻي ونو تہ عمل ڪريو، ۽ جڏهن يقين حاصل ڪري ونو تہ اڳتي وڌو.

## ٢٧٥_ لالچ

۽ امام ؑ فرمايو: بيشڪ لالچ نہ موٽائيندڙ گهيڙ تي آڻيندڙ ۽ وفا نہ ڪندڙ ضامن آهي، ۽ ڪڏهن پاڻي پيئندڙ سيرابي ڪان پهريائين اُنجي پوندو آهي. جيتري جيتري رِيس دار شيءِ جي اهميت وڏي هوندي تہ ان جي جدائي سان ڏُک بہ اوترو گهڻو ٿيندو. ۽ اميدون بصيرت وارين اکين ڪي بہ انڌو ڪري ڇڏين ٿيون، ۽ نصيب ان ڏانهن بہ ايندو آهي جيڪو ان ڏانهن نہ ويندو آهي.

## ٢٧٦_ ظاهر ۽ باطن

۽ امام ؑ فرمايو: اي الله آءٌ تو ڪان ان بابت پناھ گهران ٿو جو تون منهنجي ظاهر ڪي اکين جي چمڪاٽ ۾ پلو رکين ۽ جيڪو پنهنجو اندر تنهنجي لاءِ لڪايو آهي انڪي برو رکين، جو ماڻهن جي ڏيکاء ڪري آءٌ پنهنجي انهن سيني ڪمن جي حفاظت ڪريان جن ڪي تون مون ڪان وڌيڪ ڄاڻين ٿو. بس پوءِ آءٌ ماڻهن لاءِ پنهنجي ظاهري خوبصورتي ڪي ظاهر ڪريان ۽ تو وٽ پنهنجي بڇڙن عملن ڪي پيش ڪريان، تنهنجي ٻانهن جو قرب چاهيندي ۽ تنهنجي رضايت ڪان دور ٿيندي.

٢٧٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

لَا وَ الَّذِي أَمْسَيْنَا مِنْهُ فِي غُبْرِ لَيْلَةٍ دَهْمَاءَ تَكْشِرُ عَنْ يَوْمٍ أَغَرَّ مَا كَانَ كَذَا وَ كَذَا.

٢٧٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

قَلِيلٌ تَدُومُ عَلَيْهِ أَرْجَى مِنْ كَثِيرٍ مَمْلُولٍ مِنْهُ.

٢٧٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام: إِذَا أَضَرَّتِ النَّوَافِلُ بِالْفَرَائِضِ فَارْفُضُوهَا.

٢٨٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَنْ تَذَكَّرَ بُعْدَ السَّفَرِ اسْتَعَدَّ.

٢٨١_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

لَيْسَتِ الرَّوِيَّةُ كَالْمُعَايَنَةِ مَعَ الْإِبْصَارِ فَقَدْ تَكْذِبُ الْعُيُونُ أَهْلَهَا وَ لَا يَغُشُّ الْعَقْلُ مَنِ اسْتَنْصَحَهُ.



٢٨٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَ الْمَوْعِظَةِ حِجَابٌ مِنَ الْغِرَّةِ.

٢٨٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

جَاهِلُكُمْ مُزْدَادٌ وَ عَالِمُكُمْ مُسَوِّفٌ.

٢٨٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام: قَطَعَ الْعِلْمُ عُذْرَ الْمُتَعَلِّلِينَ.

٢٨٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام: كُلُّ مُعَاجَلٍ يَسْأَلُ الْإِنْظَارَ وَ كُلُّ مُؤَجَّلٍ يَتَعَلَّلُ بِالتَّسْوِيفِ.

## ٢٧٧_ اهل بيت عليهم السلام تي مشڪل وقت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي صدقي اسان ڳُگهه اونداهيءَ رات جي ان حصي ڪي گذاريو جنهن جو مسڪرائڻ چٽي ڏينهن ڪي ظاهر ڪري ٿو، ائين نہ هو.

## ٢٧٨_ فائديمند عمل

۽ امام عليه السلام فرمايو: اهو ٿورو عمل جنهن جو تون پابند رهين ان گهڻي عمل کان وڌيڪ فائديمند آهي جنهن کان بيزار ٿين.

## ٢٧٩_ فرضن جي اهميت

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن نفل فرضن ڪي نقصان پهچائين تہ انهن ڪي ڇڏي ڏيو.

## ٢٨٠_ آخرت

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو سفر جي دوريءَ ڪي ياد رکندو اهو تيار رهندو.

## ٢٨١_ سوچ ويچار

۽ امام عليه السلام فرمايو: سوچ ويچار ڪرڻ ظاهري اکين سان ڏسڻ وانگر نہ آهي ڇا ڪاڻ تہ ڪڏهن اکيون ڏسڻ واري سان ڪوڙ هٽنديون آهن، ۽ جيڪو عقل کان نصيحت وٺندو تہ عقل کيس ڌوکو نہ ڏيندو.

## ٢٨٢_ غفلت

۽ امام عليه السلام فرمايو: توهان جي ۽ نصيحت جي درميان غفلت جو پردو آهي.

## ٢٨٣_ عالم ۽ جاهل

۽ امام عليه السلام فرمايو: توهان جا جاهل (عمل ۾) اڳيرا آهن ۽ توهان جا عالم سستي ڪندڙ آهن.

## ٢٨٤_ علم

۽ امام عليه السلام فرمايو: علم بهاني ڪندڙن جي بهاني ڪي ختم ڪري ڇڏيو آهي.

## ٢٨٥_ موت جي مهلت

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن ڪي تڪڙو موت ڏنو وڃي ٿو اهو مهلت گهري ٿو، ۽ جنهن ڪي مهلت ملي ٿي اهو ٽال مٽولي وارا بهانا ڪري ٿو.

٢٨٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

مَا قَالَ النَّاسُ لِشَيْءٍ طُوبَى لَهُ إِلَّا وَ قَدْ خَبَأَ لَهُ الدَّهْرُ يَوْمَ سَوْءٍ.

٢٨٧_ وَ سُئِلَ عَنِ الْقَدَرِ فَقَالَ:

طَرِيقٌ مُظْلِمٌ فَلَا تَسْلُكُوهُ وَ بَحْرٌ عَمِيقٌ فَلَا تَلِجُوهُ وَ سِرُّ اللَّهِ فَلَا تَتَكَلَّفُوهُ.

٢٨٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام: إِذَا أَرْذَلَ اللَّهُ عَبْداً حَظَرَ عَلَيْهِ الْعِلْمَ.

٢٨٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

كَانَ لِي فِيمَا مَضَى أَخٌ فِي اللَّهِ وَ كَانَ يُعْظِمُهُ فِي عَيْنِي صِغَرُ الدُّنْيَا فِي عَيْنِهِ وَ كَانَ خَارِجاً مِنْ سُلْطَانِ بَطْنِهِ فَلَا يَشْتَهِي مَا لَا يَجِدُ وَ لَا يُكْثِرُ إِذَا وَجَدَ وَ كَانَ أَكْثَرَ دَهْرِهِ صَامِتاً فَإِنْ قَالَ بَذَّ الْقَائِلِينَ وَ نَقَعَ غَلِيلَ السَّائِلِينَ وَ كَانَ ضَعِيفاً مُسْتَضْعَفاً،

فَإِنْ جَاءَ الْجِدُّ فَهُوَ لَيْثُ غَابٍ وَ صِلُّ وَادٍ لَا يُدْلِي بِحُجَّةٍ حَتَّى يَأْتِيَ قَاضِياً وَ كَانَ لَا يَلُومُ أَحَداً عَلَى مَا يَجِدُ الْعُذْرَ فِي مِثْلِهِ حَتَّى يَسْمَعَ اعْتِذَارَهُ وَ كَانَ لَا يَشْكُو وَجَعاً إِلَّا عِنْدَ بُرْئِهِ وَ كَانَ يَقُولُ مَا يَفْعَلُ وَ لَا يَقُولُ مَا لَا يَفْعَلُ

وَ كَانَ إِذَا غُلِبَ عَلَى الْكَلَامِ لَمْ يُغْلَبْ عَلَى السُّكُوتِ وَ كَانَ عَلَى مَا يَسْمَعُ أَحْرَصَ مِنْهُ عَلَى أَنْ يَتَكَلَّمَ وَ كَانَ إِذَا بَدَهَهُ أَمْرَانِ يَنْظُرُ أَيُّهُمَا أَقْرَبُ إِلَى الْهَوَى فَيُخَالِفُهُ فَعَلَيْكُمْ بِهَذِهِ الْخَلَائِقِ فَالْزَمُوهَا وَ تَنَافَسُوا فِيهَا فَإِنْ لَمْ تَسْتَطِيعُوهَا فَاعْلَمُوا أَنَّ أَخْذَ الْقَلِيلِ خَيْرٌ مِنْ تَرْكِ الْكَثِيرِ.

## ٢٨٦_ نظرِ بد

۽ امام ؑ فرمايو: ماڻهن جنهن به شيءِ لاءِ اهو چيو آهي تہ ”واهہ جو آهي“ مگر زماني ان لاءِ بُري ڏينهن کي لڪائي رکيو آهي.

## ٢٨٧_ تقدير

۽ امام ؑ کان تقدير بابت پڇيو ويو تہ فرمايائون: اونداهو رستو آهي بس ان تي نہ هلو، ۽ اونهو سمنڊ آهي بس ان ۾ نہ گهڙو، ۽ الله جو راز آهي بس انکي ڄاڻڻ جي تڪليف نہ ڪريو.

## ٢٨٨_ علم کان محروم

۽ امام ؑ فرمايو: جڏهن الله تعالیٰ ڪنهن ٻانهي کي نيچ ڪندو آهي تہ کيس علم کان محروم رکندو آهي.

## ٢٨٩_ هڪ ديني ڀاءُ

۽ امام ؑ فرمايو: گذريل زماني ۾ منهنجو هڪڙو ديني ڀاءُ هيو، ان جي نظر ۾ دنيا جو ننڍو هجڻ کيس منهنجي نظر ۾ وڏو ڪندو هو، ۽ هو پنهنجي پيٽ جي حڪمرانيءَ کان آزاد هو، بس جيڪا شيءِ وٽس نہ هوندي هئي ان جي خواهش نہ ڪندو هو، ۽ جڏهن ملندي هيس تہ گهٽائي نہ چاهيندو هو، ۽ گهڻو وقت چپ رهندو هو، ۽ اگر ڳالهائيندو هو تہ ڳالهائڻ وارن کي ماٺ ڪرائي ڇڏيندو هو، ۽ هو ڪمزور هوندو هو ۽ هيڻو سمجهيو ويندو هو، ۽ جيڪڏهن ڪو وقت اچي ويندو هو تہ هو ٻيلي جو شينهن ۽ واديءَ جو واسِينگ نانگ بڻجي ويندو هو، ۽ ڪو دليل نہ آڻيندو هو تان جو قاضيءَ وٽ اچي، ۽ جن شين ۾ بهاني جي گنجائش کي ڏسندو هو تن ۾ ڪنهن کي ملامت نہ ڪندو هو، تان جو سندس عذر کي نہ ٻڌي، ۽ ڪنهن سور جي دانهن نہ ڪندو هو مگر ان جي نيڪ ٿيڻ کانپوءِ، ۽ هو اهو چوندو هو جيڪو ڪندو هو، ۽ اهو نہ چوندو هو جيڪو نہ ڪندو هو، ۽ اگر ڳالهائڻ ۾ مغلوب ڪيو ويندو هو تہ چپ رهڻ ۾ مغلوب نہ ڪيو ويندو هو، ۽ هو ڳالهائڻ کان وڌيڪ ٻڌڻ جو شوقين هوندو هو، ۽ جڏهن وٽس ٻہ شيون اوچتيون اينديون هيون تہ ڏسندو هو تہ انهن مان ڪهڙي خواهش جي وڌيڪ ويجهي آهي پوءِ ان جي مخالفت ڪندو هو، بس توهان ۾ بہ اهي خوبيون هجڻ گهرجن ۽ انهن جي پابندي ڪريو، ۽ انهن ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽو، ۽ اگر توهان انهن شين تي سگهہ نہ رکو تہ ڄاڻو تہ بيشڪ ٿورو حاصل ڪرڻ گهڻي ڇڏڻ کان ڀلو آهي.

٢٩٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

لَوْ لَمْ يَتَوَعَّدِ اللَّهُ عَلَى مَعْصِيَتِهِ لَكَانَ يَجِبُ أَلَّا يُعْصَى شُكْراً لِنِعَمِهِ.

٢٩١_ وَ قَالَ عليه‌السلام: وَ قَدْ عَزَّى الْأَشْعَثَ بْنَ قَيْسٍ عَنِ ابْنٍ لَهُ:

يَا أَشْعَثُ إِنْ تَحْزَنْ عَلَى ابْنِكَ فَقَدِ اسْتَحَقَّتْ مِنْكَ ذَلِكَ الرَّحِمُ

وَ إِنْ تَصْبِرْ فَفِي اللَّهِ مِنْ كُلِّ مُصِيبَةٍ خَلَفٌ، يَا أَشْعَثُ إِنْ صَبَرْتَ

جَرَى عَلَيْكَ الْقَدَرُ وَ أَنْتَ مَأْجُورٌ وَ إِنْ جَزِعْتَ جَرَى عَلَيْكَ الْقَدَرُ

وَ أَنْتَ مَأْزُورٌ يَا أَشْعَثُ ابْنُكَ سَرَّكَ وَ هُوَ بَلَاءٌ وَ فِتْنَةٌ وَ حَزَنَكَ وَ هُوَ ثَوَابٌ وَ رَحْمَةٌ.

٢٩٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام عَلَى قَبْرِ رَسُولِ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله سَاعَةَ دَفْنِهِ:

إِنَّ الصَّبْرَ لَجَمِيلٌ إِلَّا عَنْكَ وَ إِنَّ الْجَزَعَ لَقَبِيحٌ إِلَّا عَلَيْكَ

وَ إِنَّ الْمُصَابَ بِكَ لَجَلِيلٌ وَ إِنَّهُ قَبْلَكَ وَ بَعْدَكَ لَجَلَلٌ.



٢٩٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لَا تَصْحَبِ الْمَائِقَ فَإِنَّهُ يُزَيِّنُ لَكَ فِعْلَهُ وَ يَوَدُّ أَنْ تَكُونَ مِثْلَهُ.

٢٩٤_ وَ قَدْ سُئِلَ عَنْ مَسَافَةِ مَا بَيْنَ الْمَشْرِقِ وَ الْمَغْرِبِ فَقَالَ عليه‌السلام:

مَسِيرَةُ يَوْمٍ لِلشَّمْسِ.

٢٩٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام: أَصْدِقَاؤُكَ ثَلَاثَةٌ وَ أَعْدَاؤُكَ ثَلَاثَةٌ:

فَأَصْدِقَاؤُكَ صَدِيقُكَ وَ صَدِيقُ صَدِيقِكَ وَ عَدُوُّ عَدُوِّكَ

وَ أَعْدَاؤُكَ عَدُوُّكَ وَ عَدُوُّ صَدِيقِكَ وَ صَدِيقُ عَدُوِّكَ.

## ٢٩٠_ نعمتن جو شڪرانو

۽ امام ؑ فرمايو: اگر الله تعاليٰ پنهنجي نافرماني تي عذاب جا دڙڪا نہ ڏئي ها تڏهن بہ سندس نعمتن جي شڪراني جي ڪري نافرماني نہ ڪرڻ ضروري هجي ها.

## ٢٩١_ عذرخواهيءَ

امام ؑ فرمايو: جڏهن اشعث بن قيس سان سندس پٽ جي عذرخواهيءَ ڪئي: اي اشعث اگر تون پنهنجي پٽ تي ڏک ڪرين، تہ رشتو تو کي ان جو حق ڏئي ٿو، ۽ اگر تون صبر ڪرين تہ الله وٽ هر مصيبت جو بدلو آهي. اي اشعث اگر تو صبر ڪيو تہ بہ تو تي تقدير جاري ٿيندي ۽ تون اجر پائيندين، ۽ اگر تون بي صبرو ٿئين تہ بہ تقدير تو تي جاري ٿيندي ۽ تون ڏوهاري ٿيندين. اي اشعث! تنهنجي پٽ تو کي خوش ڪيو، جڏهن تہ هو امتحان ۽ آزمائش هيو، ۽ هن تو کي ڏکارو ڪيو جڏهن تہ هو ثواب ۽ رحمت آهي.

## ٢٩٢_ رسول الله ﷺ کي دفن ڪرڻ وقت فرمايو

رسول الله ﷺ جي قبر تي ڪيس دفن ڪرڻ وقت امام ؑ فرمايو: بيشڪ صبر يقيناً پلو آهي، سواءِ توهان جي وڇوڙي جي، ۽ بيشڪ بي صبري يقيناً بُري آهي سواءِ توهان (جي غم) تي، ۽ بيشڪ توهان جي جدائي جو صدمو تمام وڏو آهي، ۽ هر مصيبت جيڪا توهان کان پهريائين ۽ توهان کان پوءِ آهي يقيناً معمولي آهي.

## ٢٩٣_ نادان جي صحبت



۽ امام ؑ فرمايو: نادان جي صحبت اختيار نہ ڪر، ڇا ڪاڻ تہ هو تنهنجي لاءِ پنهنجي ڪم کي سينگاريندو، ۽ تو کي پاڻ وانگر بڻائڻ چاهيندو.

## ٢٩٤_ اوير ۽ اولهہ جو فاصلو

امام ؑ کان اوير ۽ اولهہ جي درميان فاصلي بابت پڇيو ويو تہ امام ؑ فرمايو: سج جي هڪ ڏينهن جو پنڌ آهي.

## ٢٩٥_ دوست ۽ دشمن

۽ امام ؑ فرمايو: تنهنجا دوست ٽي آهن، ۽ تنهنجا دشمن بہ ٽي آهن، تنهنجا دوست هي آهن: تنهنجو دوست، ۽ تنهنجي دوست جو دوست ۽ تنهنجي دشمن جو دشمن (بہ تنهنجو دوست آهي). ۽ تنهنجا دشمن هي آهن: تنهنجو دشمن ۽ تنهنجي دوست جو دشمن، ۽ تنهنجي دشمن جو دوست (بہ تنهنجو دشمن آهي).

٢٩٦_ وَ قَالَ عليه السلام لِرَجُلٍ رَآهُ يَسْعَى عَلَى عَدُوٍّ لَهُ بِمَا فِيهِ إِضْرَارٌ بِنَفْسِهِ:

إِنَّمَا أَنْتَ كَالطَّاعِنِ نَفْسَهُ لِيَقْتُلَ رِدْفَهُ.

٢٩٧_ وَ قَالَ عليه السلام: مَا أَكْثَرَ الْعِبَرَ وَ أَقَلَّ الِاعْتِبَارَ.

٢٩٨_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَنْ بَالَغَ فِي الْخُصُومَةِ أَثِمَ وَ مَنْ قَصَّرَ فِيهَا ظُلِمَ

وَ لَا يَسْتَطِيعُ أَنْ يَتَّقِيَ اللَّهَ مَنْ خَاصَمَ.

٢٩٩_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَا أَهَمَّنِي ذَنْبٌ أُمْهِلْتُ بَعْدَهُ حَتَّى أُصَلِّيَ رَكْعَتَيْنِ وَ أَسْأَلَ اللَّهَ الْعَافِيَةَ.

٣٠٠_ وَ سُئِلَ عليه السلام كَيْفَ يُحَاسِبُ اللَّهُ الْخَلْقَ عَلَى كَثْرَتِهِمْ فَقَالَ عليه السلام:

كَمَا يَرْزُقُهُمْ عَلَى كَثْرَتِهِمْ فَقِيلَ كَيْفَ يُحَاسِبُهُمْ وَ لَا يَرَوْنَهُ فَقَالَ عليه السلام:

كَمَا يَرْزُقُهُمْ وَ لَا يَرَوْنَهُ.

٣٠١_ وَ قَالَ عليه السلام:

رَسُولُكَ تَرْجُمَانُ عَقْلِكَ وَ كِتَابُكَ أَبْلَغُ مَا يَنْطِقُ عَنْكَ!

٣٠٢_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَا الْمُبْتَلَى الَّذِي قَدِ اشْتَدَّ بِهِ الْبَلَاءُ بِأَحْوَجَ إِلَى الدُّعَاءِ الَّذِي لَا يَأْمَنُ الْبَلَاءَ.

## ٢٩٦_ پاڻ کي نيزو هڻڻ

امام عليه السلام هڪ اهڙي شخص کي فرمايو جنهنکي ڏٺائين ته هو پنهنجي دشمن کي ان شيءِ جي ذريعي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري پيو جنهن ۾ پاڻ کي نقصان هيس: تون ته رڳو ان شخص وانگر آهين جيڪو پويان ويٺل سوار کي قتل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي نيزو هڻي.

## ٢٩٧_ نصيحتون پرائڻ

امام عليه السلام فرمايو: نصيحتون ڪيتريون نه گهڻيون آهن ۽ پرائڻ ڪيترو نه ٿورو آهي.

## ٢٩٨_ جهڳڙو

امام عليه السلام فرمايو: جنهن جهڳڙي کي وڌايو اهو ڏوهاري ٿيو، ۽ جنهن ان ۾ ڪوتاهي ڪئي ان تي ظلم ڪيو ويندو، ۽ جنهن جهڳڙو ڪيو اهو پرهيزگاري حاصل نٿو ڪري سگهي.

## ٢٩٩_ توبه

۽ امام عليه السلام فرمايو: ان ڏوهه مون کي غمگين نه ڪيو جنهن کان پوءِ مون کي ايتري مهلت ملي جو مان ٻه رڪعتون نماز پڙهان ۽ الله تعالىٰ کان بخشش گهران.

## ٣٠٠_ مخلوق جو حساب

امام عليه السلام کان پڇيو ويو ته الله تعالىٰ ايڏي گهڻي مخلوق جو حساب ڪيئن ڪندو؟ ته امام عليه السلام فرمايو: جيئن انهن جي گهڻائي جي هوندي ڪين رزق ڏئي ٿو. پوءِ پڇيو ويو: هو انهن جو ڪيئن حساب ڪندو جڏهن ته اهي ڪيس نه ڏسندا؟ ته امام عليه السلام فرمايو: جيئن ڪين رزق ڏئي ٿو جڏهن ته اهي ان کي نٿا ڏسن.

## ٣٠١_ ايلچي ۽ خط

امام عليه السلام فرمايو: تنهنجو ايلچي تنهنجي عقل جو ترجمان آهي، ۽ تنهنجو خط تنهنجي ايلچي کان وڌيڪ بليغ آهي!.

## ٣٠٢_ دعا

۽ امام عليه السلام فرمايو: سخت مصيبت ۾ ڦاٿل ماڻهو ان ماڻهو کان وڌيڪ دعا جو محتاج نه آهي جيڪو مصيبت کان امن ۾ نه آهي.

٣٠٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

النَّاسُ أَبْنَاءُ الدُّنْيَا وَ لَا يُلَامُ الرَّجُلُ عَلَى حُبِّ أُمِّهِ.

٣٠٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام : إِنَّ الْمِسْكِينَ رَسُولُ اللَّهِ فَمَنْ مَنَعَهُ فَقَدْ مَنَعَ اللَّهَ وَ مَنْ أَعْطَاهُ فَقَدْ أَعْطَى اللَّهَ.

٣٠٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام : مَا زَنَى غَيُورٌ قَطُّ.

٣٠٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام : كَفَى بِالْأَجَلِ حَارِساً.

٣٠٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام : يَنَامُ الرَّجُلُ عَلَى الثُّكْلِ وَ لَا يَنَامُ عَلَى الْحَرَبِ.

قال الرضي رحمه‌الله :و معنى ذلك أنه يصبر على قتل الأولاد و لا يصبر على سلب الأموال.

٣٠٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام : مَوَدَّةُ الْآبَاءِ قَرَابَةٌ بَيْنَ الْأَبْنَاءِ وَ الْقَرَابَةُ إِلَى الْمَوَدَّةِ أَحْوَجُ مِنَ الْمَوَدَّةِ إِلَى الْقَرَابَةِ.



٣٠٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

اتَّقُوا ظُنُونَ الْمُؤْمِنِينَ فَإِنَّ اللَّهَ تَعَالَى جَعَلَ الْحَقَّ عَلَى أَلْسِنَتِهِمْ.

٣١٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

لَا يَصْدُقُ إِيمَانُ عَبْدٍ حَتَّى يَكُونَ بِمَا فِي يَدِ اللَّهِ أَوْثَقَ مِنْهُ بِمَا فِي يَدِهِ.

## ٣٠٣_ دنيا سان محبت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهو دنيا جا پٽ آهن ۽ ماڻهو کي سندس ماء سان محبت ڪرڻ تي ڏوراپو ناهي ڏنو ويندو.

## ٣٠٤_ انفاق

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ مسڪين ماڻهو الله جو موڪليل آهي، بس جنهن ان کي نه ڏنو ڇڻ هن الله کي نه ڏنو، ۽ جنهن انکي ڏنو ڇڻ ان الله کي ڏنو.

## ٣٠٥_ زنا

۽ امام عليه السلام فرمايو: غيرتمند ڪڏهن به زنا نه ڪندو.

## ٣٠٦_ موت

۽ امام عليه السلام فرمايو: موت محافظ طور ڪافي آهي.

## ٣٠٧_ مال جو لُٽجڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهو اولاد جي مرڻ تي ته ننڊ ڪندو آهي، پر مال جي لُٽجڻ تي ننڊ نه ڪندو آهي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: ان جو مطلب هي آهي ته هو اولاد جي قتل ٿيڻ تي صبر ڪندو آهي پر مال جي ڪسجڻ تي صبر نه ڪندو آهي.



## ٣٠٨_ قرابت

۽ امام عليه السلام فرمايو: والدين جي محبت پُٽن جي درميان قرابت آهي، ۽ قرابت محبت جي وڌيڪ محتاج آهي ان ڪان جيتري محبت قرابت جي (محتاج) آهي.

## ٣٠٩_ مومن جي بدگماني

۽ امام عليه السلام فرمايو: مؤمنن جي بدگماني ڪان بچو، بيشڪ الله تعالیٰ حق کي سندن زبانن تي قرار ڏنو آهي.

## ٣١٠_ سچو ايمان

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪنهن ٻانهي جو ايمان اوستائين سچو نه ٿيندو جيستائين پنهنجي هٿ ۾ موجود شيءِ ڪان الله جي هٿ ۾ موجود شيءِ بابت وڌيڪ اطمئنان نه هجيس.

٣١١_ وَ قَالَ عليه‌السلام: لِأَنَسِ بْنِ مَالِكٍ وَ قَدْ كَانَ بَعَثَهُ إِلَى طَلْحَةَ وَ الزُّبَيْرِ لَمَّا جَاءَ إِلَى الْبَصْرَةِ يُذَكِّرُهُمَا شَيْئاً مِمَّا سَمِعَهُ مِنْ رَسُولِ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله فِي مَعْنَاهُمَا فَلَوَى عَنْ ذَلِكَ فَرَجَعَ إِلَيْهِ فَقَالَ إِنِّي أُنْسِيتُ ذَلِكَ الْأَمْرَ فَقَالَ عليه‌السلام:

إِنْ كُنْتَ كَاذِباً فَضَرَبَكَ اللَّهُ بِهَا بَيْضَاءَ لَامِعَةً لَا تُوَارِيهَا الْعِمَامَةُ.

قال الرضي رحمه‌الله: يعني البرص فأصاب أنسا هذا الداء فيما

بعد في وجهه فكان لا يرى إلا مبرقعا.

٣١٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

إِنَّ لِلْقُلُوبِ إِقْبَالًا وَ إِدْبَاراً فَإِذَا أَقْبَلَتْ فَاحْمِلُوهَا عَلَى النَّوَافِلِ

وَ إِذَا أَدْبَرَتْ فَاقْتَصِرُوا بِهَا عَلَى الْفَرَائِضِ.

٣١٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام: وَ فِي الْقُرْآنِ نَبَأُ مَا قَبْلَكُمْ وَ خَبَرُ مَا بَعْدَكُمْ وَ حُكْمُ مَا بَيْنَكُمْ.

٣١٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام: رُدُّوا الْحَجَرَ مِنْ حَيْثُ جَاءَ فَإِنَّ الشَّرَّ لَا يَدْفَعُهُ إِلَّا الشَّرُّ.

٣١٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام لِكَاتِبِهِ عُبَيْدِ اللَّهِ بْنِ أَبِي رَافِعٍ: أَلِقْ دَوَاتَكَ وَ أَطِلْ جِلْفَةَ قَلَمِكَ وَ فَرِّجْ بَيْنَ السُّطُورِ وَ قَرْمِطْ بَيْنَ الْحُرُوفِ فَإِنَّ ذَلِكَ أَجْدَرُ بِصَبَاحَةِ الْخَطِّ.

٣١٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام: أَنَا يَعْسُوبُ الْمُؤْمِنِينَ وَ الْمَالُ يَعْسُوبُ الْفُجَّارِ.

قال الرضي رحمه‌الله: و معنى ذلك أن المؤمنين يتبعونني، و الفجار يتبعون المال كما تتبع النحل يعسوبها و هو رئيسها.

## ٣١١_ انس بن مالڪ کي پِٽ

**جڏهن امام ؈ بصره آيا ته انس بن مالڪ کي ان وقت فرمايو جڏهن ان کي طلحه ۽ زبير ڏانهن موڪليو ته جيئن هو انهن کي سندن بابت پاڻ سڳورن ﷺ کان ٻڌل حديثون ياد ڏياري، پوءِ هن انهن کي لڪايو، ۽ جڏهن امام ؈ ڏانهن موٽي آيو ته ان چيو مون کي اها ڳالهه ٻڌائڻ وسري وئي، ته امام ؈ فرمايو:** اگر تون ڪوڙ هڻندڙ آهين ته الله تعالىٰ تو کي اهڙن چٽن داغن ۾ مبتلا ڪندو جن کي پڳ به نه لِڪائي سگهندي.

سيد رضي ؒ فرمايو: ان مان مراد ڪوڙھ آهي، ان ڪانپوءِ انس جي مُنهن تي اها بيماري نڪتي ۽ هن کي سواءِ نقاب جي نه ڏٺو ويندو هو.

## ٣١٢_ دلين جي حالت

۽ امام ؈ فرمايو: بيشڪ دلين لاءِ مائل ٿيڻ ۽ مائل نه ٿيڻ آهي، بس جڏهن اُهي مائل هجن ته انهن کي نفلن تي آڏيو ۽ جڏهن مائل نه هجن ته ڪين فرضن تي محدود رکو.

## ٣١٣_ قرآن

۽ امام ؈ فرمايو: قرآن ۾ توهان کان اڳ جون ڳالهيون، ۽ توهان کان پوءِ جون خبرون ۽ توهان جي موجوده حالتن جا حڪمَ آهن.

## ٣١٤_ شر کي ٿارڻ

۽ امام ؈ فرمايو: پٿر جتان کان اچي اوڏانهن ئي موٽائي ڇڏيوس، بيشڪ شر کي شر ئي ٿاريندو آهي.

## ٣١٥_ سهڻيءَ لکائي

۽ امام ؈ پنهنجي ڪاتب عبيدالله بن ابي رافع کي فرمايو: پنهنجي مس ۾ اُنّ وجهه، ۽ پنهنجي ڪِلڪ جي نوڪ کي ڊگهو ڪر، ۽ سٽن درميان فاصلو رک، ۽ حرفن کي ويجهو ڪر، ڇا ڪاڻ ته اهو وڻندڙ لِکائي لاءِ وڌيڪ مناسب آهي.

## ٣١٦_ مؤمنن جو سردار

امام ؈ فرمايو: آءٌ مؤمنن جو سردار آهيان، ۽ مال فاجرن جو سردار آهي.

سيد رضي ؒ فرمايو: ان جو مطلب هي آهي ته مؤمن منهنجي پيروي ڪندا آهن، ۽ فاجر مال جي پيروي ڪندا آهن، جيئن ماکيءَ جون مکيون پنهنجي يعسوب يعني سردار جي پيروي ڪنديون آهن.

٣١٧_ وَ قَالَ لَهُ بَعْضُ الْيَهُودِ مَا دَفَنْتُمْ نَبِيَّكُمْ حَتَّى اخْتَلَفْتُمْ فِيهِ فَقَالَ عليه السلام لَهُ: إِنَّمَا اخْتَلَفْنَا عَنْهُ لَا فِيهِ وَ لَكِنَّكُمْ مَا جَفَّتْ أَرْجُلُكُمْ مِنَ الْبَحْرِ حَتَّى قُلْتُمْ لِنَبِيِّكُمْ ﴿اجْعَلْ لَنا إِلٰهاً كَما لَهُمْ آلِهَةٌ قالَ إِنَّكُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُونَ[١]﴾.

٣١٨_ وَ قِيلَ لَهُ بِأَيِّ شَيْءٍ غَلَبْتَ الْأَقْرَانَ فَقَالَ عليه السلام:

مَا لَقِيتُ رَجُلًا إِلَّا أَعَانَنِي عَلَى نَفْسِهِ.

قال الرضي رحمه الله: يومئ بذلك إلى تمكن هيبته في القلوب.

٣١٩_ وَ قَالَ عليه السلام لِابْنِهِ مُحَمَّدِ ابْنِ الْحَنَفِيَّةِ:

يَا بُنَيَّ إِنِّي أَخَافُ عَلَيْكَ الْفَقْرَ فَاسْتَعِذْ بِاللَّهِ مِنْهُ

فَإِنَّ الْفَقْرَ مَنْقَصَةٌ لِلدِّينِ مَدْهَشَةٌ لِلْعَقْلِ دَاعِيَةٌ لِلْمَقْتِ.

٣٢٠_ وَ قَالَ عليه السلام لِسَائِلٍ سَأَلَهُ عَنْ مُعْضِلَةٍ:

سَلْ تَفَقُّهاً وَ لَا تَسْأَلْ تَعَنُّتاً فَإِنَّ الْجَاهِلَ الْمُتَعَلِّمَ شَبِيهٌ بِالْعَالِمِ

وَ إِنَّ الْعَالِمَ الْمُتَعَسِّفَ شَبِيهٌ بِالْجَاهِلِ الْمُتَعَنِّتِ.

٣٢١_ وَ قَالَ عليه السلام لِعَبْدِ اللَّهِ بْنِ الْعَبَّاسِ وَ قَدْ أَشَارَ إِلَيْهِ فِي شَيْءٍ لَمْ يُوَافِقْ رَأْيَهُ:

لَكَ أَنْ تُشِيرَ عَلَيَّ وَ أَرَى فَإِنْ عَصَيْتُكَ فَأَطِعْنِي.



---

١: الاعراف: الآية: ١٣٨.

## ٣١٧_ يهودين کي جواب

ڪجھ يهودين امام عليه السلام کي چيو توهان پنهنجي نبيءَ کي دفن ئي نہ ڪيو هو تہ ان بابت اختلاف ۾ پئجي ويؤ، تہ امام عليه السلام فرمايو: اسان ان بابت اختلاف ناهي ڪيو بلڪ ان جي جانشيني ۾ اختلاف ڪيو آهي. پر توهان جا پير دريا ڪان سڪا ئي نہ هئا جو پنهنجي نبيءَ کي چيوَ تہ ”اسان جي لاءِ بہ اهڙو معبود قرار ڏئي جيئن انهن جا معبود آهن، هن چيو: بيشڪ توهان جاهل قوم آهيو[١]“.

## ٣١٨_ غلبي جو ڪارڻ

امام عليه السلام کان پڇيو ويو تہ ڪهڙيءَ شيءِ سان توهان حريفن تي غلبو پاتو؟ امام عليه السلام فرمايو: مان ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان روبرو نہ ٿيس مگر انڪي ئي سندس خلاف پنهنجو مددگار پاتو.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: ان سان امام عليه السلام جو اشارو دلين ۾ سندس هيبت جو داخل ٿيڻ آهي.

## ٣١٩_ غربت

۽ امام عليه السلام پنهنجي پٽ محمد بن حنفيہ کي فرمايو: اي منهنجا پٽ، آءٌ تو بابت غربت کان ڊڄان ٿو، بس الله کان ان بابت پناھ گهر، ڇا ڪاڻ تہ غربت دين کي گهٽائيندڙ ۽ عقل کي وائڙو ڪندڙ ۽ دشمنيءَ کي دعوت ڏيندڙ آهي!.



## ٣٢٠_ اجايو سوال

امام عليه السلام ان سوال ڪندڙ کي فرمايو جنهن ڪانئس منجهيل مسئلو پڇيو هو: سلجهڻ لاءِ پُڇ الجهڻ لاءِ نہ پُڇ، ڇا ڪاڻ تہ اهو جاهل جيڪو پرائيندڙ هجي عالم وانگر آهي. ۽ اهو عالم جيڪو الجهائيندڙ هجي الجهندڙ جاهل وانگر آهي.

## ٣٢١_ مشورو

امام عليه السلام عبدالله بن عباس کي فرمايو جڏهن هن امام عليه السلام کي ڪنهن شيءِ بابت مشورو ڏنو جيڪو امام عليه السلام جي راءِ جي مطابق نہ هيو: مون کي مشورو ڏيڻ تنهنجو حق آهي، پوءِ آءٌ ڏسندس اگر آءٌ تنهنجي مخالفت ڪريان تہ بہ تون منهنجي اطاعت ڪر.

---

١: الاعراف: آيت: ١٣٨.

٣٢٢_ وَ رُوِيَ:

أَنَّهُ عليه‌السلام لَمَّا وَرَدَ الْكُوفَةَ قَادِماً مِنْ صِفِّينَ مَرَّ بِالشِّبَامِيِّينَ فَسَمِعَ بُكَاءَ النِّسَاءِ عَلَى قَتْلَى صِفِّينَ وَ خَرَجَ إِلَيْهِ حَرْبُ بْنُ شُرَحْبِيلَ الشِّبَامِيِّ وَ كَانَ مِنْ وُجُوهِ قَوْمِهِ فَقَالَ عليه‌السلام لَهُ:

أَ تَغْلِبُكُمْ نِسَاؤُكُمْ عَلَى مَا أَسْمَعُ أَ لَا تَنْهَوْنَهُنَّ عَنْ هَذَا الرَّنِينِ.

وَ أَقْبَلَ حَرْبٌ يَمْشِي مَعَهُ وَ هُوَ عليه‌السلام رَاكِبٌ فَقَالَ عليه‌السلام:

ارْجِعْ فَإِنَّ مَشْيَ مِثْلِكَ مَعَ مِثْلِي فِتْنَةٌ لِلْوَالِي وَ مَذَلَّةٌ لِلْمُؤْمِنِ.

٣٢٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام وَ قَدْ مَرَّ بِقَتْلَى الْخَوَارِجِ يَوْمَ النَّهْرَوَانِ:

بُؤْساً لَكُمْ لَقَدْ ضَرَّكُمْ مَنْ غَرَّكُمْ فَقِيلَ لَهُ مَنْ غَرَّهُمْ يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ فَقَالَ عليه‌السلام: الشَّيْطَانُ الْمُضِلُّ وَ الْأَنْفُسُ الْأَمَّارَةُ بِالسُّوءِ غَرَّتْهُمْ بِالْأَمَانِيِّ وَ فَسَحَتْ لَهُمْ بِالْمَعَاصِي وَ وَعَدَتْهُمُ الْإِظْهَارَ فَاقْتَحَمَتْ بِهِمُ النَّارَ.



٣٢٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

اتَّقُوا مَعَاصِيَ اللَّهِ فِي الْخَلَوَاتِ فَإِنَّ الشَّاهِدَ هُوَ الْحَاكِمُ.

٣٢٥ _ وَ قَالَ عليه‌السلام لَمَّا بَلَغَهُ قَتْلُ مُحَمَّدِ بْنِ أَبِي بَكْرٍ: إِنَّ حُزْنَنَا عَلَيْهِ عَلَى قَدْرِ سُرُورِهِمْ بِهِ إِلَّا أَنَّهُمْ نَقَصُوا بَغِيضاً وَ نَقَصْنَا حَبِيباً.

٣٢٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

الْعُمُرُ الَّذِي أَعْذَرَ اللَّهُ فِيهِ إِلَى ابْنِ آدَمَ سِتُّونَ سَنَةً.

## ٣٢٢_ مؤمن جي ذلت

**مروي آهي ته امام عليه السلام صفين کان موٽندي جڏهن ڪوفي ۾ داخل ٿيا ته شبامين[١] کان گذريا جتي صفين جي مقتولن تي عورتن جي روئڻ ڪي ٻڌو، ۽ ان دوران حرب بن شُرحبيل شبامي امام عليه السلام ڏانهن آيو ۽ هو پنهنجي قوم جو چڱو مڙس هيو، ته امام عليه السلام کيس فرمايو:** ڇا توهان جون عورتون توهان تي غالب آهن جيڪو آءٌ ٻڌان ٿو؟ توهان انهن کي هنن رڙين کان ڇو نٿا روڪيو؟ حرب امام عليه السلام سان گڏ هلڻ لڳو جڏهن ته امام عليه السلام سوار هئا، پوءِ کيس فرمايو: موٽي وڃ ڇا ڪاڻ ته تو جهڙي جو مون جهڙي سان پنڌ هلڻ واليءَ لاءِ آزمائش ۽ مؤمن لاءِ ذلت آهي.

## ٣٢٣_ خارجين جا مقتول

**۽ نهروان جي ڏينهن جڏهن امام عليه السلام خارجين جي مقتولن کان گذريا ته فرمايائون:** توهان لاءِ بربادي هجي بيشڪ توهان کي ان نقصان پهچايو جنهن توهان کي ڌوڪو ڏنو، امام عليه السلام کان پڇيو ويو: اي اميرالمؤمنين عليه السلام انهن کي ڪنهن ڌوڪو ڏنو، امام عليه السلام فرمايو: گمراهه ڪندڙ شيطان ۽ بُرائي جو حڪم ڏيندڙ نفس انهن کي اميدن سان ڌوڪو ڏنو ۽ سندن لاءِ گناهن کي سولو ڪيو، ۽ انهن سان غلبي جو واعدو ڪيو، ۽ کين جهنم ۾ اڇلايو.

## ٣٢٤_ الله جي نافرماني

امام عليه السلام فرمايو: اڪيلائپ ۾ به الله تعالیٰ جي نافرماني کان ڊڄو بيشڪ جيڪو ڏسندڙ آهي اهو ئي فيصلو ڪندڙ آهي.

## ٣٢٥_ محمد بن ابوبڪر جي شهادت

جڏهن امام عليه السلام تائين محمد بن ابوبڪر جي شهادت جي خبر پهتي ته فرمايائون: بيشڪ اسان کي ان تي ايترو ئي ڏک آهي جيتري دشمنن کي ان تي خوشي آهي، ڇا ڪاڻ ته انهن هڪ دشمن گُهٽايو ۽ اسان هڪ پيارو وڃايو.

## ٣٢٦_ عذر کي قبول ڪرڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: اُها عمر جنهن ۾ الله تعالیٰ اولادِ آدم جي عذر کي قبول ڪري ٿو سٺ سال آهي.

---

١: هڪ پاڙي جو نالو.

٣٢٧_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَا ظَفِرَ مَنْ ظَفِرَ الْإِثْمُ بِهِ وَ الْغَالِبُ بِالشَّرِّ مَغْلُوبٌ.

٣٢٨_ وَ قَالَ عليه السلام:

إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ فَرَضَ فِي أَمْوَالِ الْأَغْنِيَاءِ أَقْوَاتَ الْفُقَرَاءِ

فَمَا جَاعَ فَقِيرٌ إِلَّا بِمَا مُتِّعَ بِهِ غَنِيٌّ وَ اللَّهُ تَعَالَى سَائِلُهُمْ عَنْ ذَلِكَ.

٣٢٩_ وَ قَالَ عليه السلام:

الِاسْتِغْنَاءُ عَنِ الْعُذْرِ أَعَزُّ مِنَ الصِّدْقِ بِهِ.

٣٣٠_ وَ قَالَ عليه السلام: أَقَلُّ مَا يَلْزَمُكُمْ لِلَّهِ أَلَّا تَسْتَعِينُوا بِنِعَمِهِ عَلَى مَعَاصِيهِ.

٣٣١_ وَ قَالَ عليه السلام:

إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ جَعَلَ الطَّاعَةَ غَنِيمَةَ الْأَكْيَاسِ عِنْدَ تَفْرِيطِ الْعَجَزَةِ.



٣٣٢_ وَ قَالَ عليه السلام: السُّلْطَانُ وَزَعَةُ اللَّهِ فِي أَرْضِهِ.

٣٣٣_ وَ قَالَ عليه السلام فِي صِفَةِ الْمُؤْمِنِ:

الْمُؤْمِنُ بِشْرُهُ فِي وَجْهِهِ وَ حُزْنُهُ فِي قَلْبِهِ أَوْسَعُ شَيْءٍ صَدْراً، وَ أَذَلُّ شَيْءٍ نَفْساً، يَكْرَهُ الرِّفْعَةَ، وَ يَشْنَأُ السُّمْعَةَ، طَوِيلٌ غَمُّهُ، بَعِيدٌ هَمُّهُ، كَثِيرٌ صَمْتُهُ، مَشْغُولٌ وَقْتُهُ، شَكُورٌ، صَبُورٌ، مَغْمُورٌ بِفِكْرَتِهِ، ضَنِينٌ بِخَلَّتِهِ، سَهْلُ الْخَلِيقَةِ، لَيِّنُ الْعَرِيكَةِ، نَفْسُهُ أَصْلَبُ مِنَ الصَّلْدِ، وَ هُوَ أَذَلُّ مِنَ الْعَبْدِ.

## ٣٢٧_ گناهه

۽ امام ؑ فرمايو: اهو ڪامياب نہ ٿيو جنهن تي گناهه ڪامياب ٿي ويو، ۽ شر ذريعي غالب ٿيندڙ مغلوب ٿئي آهي.

## ٣٢٨_ شاهوڪارن جو مال

۽ امام ؑ فرمايو: بيشڪ الله سبحانہ شاهوڪارن جي مال ۾ غريبن جي رزق کي فرض ڪيو آهي، بس ڪو غريب بکيو نٿو ٿئي مگر شاهوڪار ان سان مزو ماڻي ٿو، ۽ الله تعالىٰ انهن کان ان بابت پُڇاڻو ڪندو.

## ٣٢٩_ معذرت

۽ امام ؑ فرمايو: معذرت کان بي نياز ٿيڻ سچي معذرت ڪرڻ کان وڌيڪ ڀلو آهي.

## ٣٣٠_ ناشڪري

امام ؑ فرمايو: الله جو گهٽ ۾ گهٽ توهان تي اهو حق آهي تہ سندس نعمتن سان ان جي نافرماني تي مدد نہ وٺو.

## ٣٣١_ اطاعت

۽ امام ؑ فرمايو: بيشڪ جڏهن سست ڪوتاهي ڪن تہ الله سبحانہ اطاعت کي ڏاهن لاءِ غنيمت قرار ڏنو آهي.

## ٣٣٢_ حڪمران

۽ امام ؑ فرمايو: حڪمران الله تعالىٰ طرفان سندس زمين تي نگهبان آهن.

## ٣٣٣_ مؤمن جون صفتون

امام ؑ مؤمن جي صفتن بابت فرمايو: مؤمن جي خوشي سندس مُنهن ۾ هوندي آهي، ۽ ڏُک سندس دل ۾ هوندو آهي، ڪشادي دل وارو، پاڻ کي بلڪل خسيس سمجهڻ وارو، وڏائپ کي ناپسند ڪرڻ وارو، واهه واهه کان نفرت ڪرڻ وارو، گهڻي غم وارو، اونهيءَ سوچ وارو، گهڻيءَ خاموشيءَ وارو، مصروف وقت وارو، گهڻي شڪر وارو، وڏي صبر وارو، پنهنجي فڪر ۾ مگن رهڻ وارو، ۽ پنهنجي ضرورت ٻڌائڻ ۾ ڪنجوسائپ ڪرڻ وارو، ڀليءَ طبيعت وارو، نرم مزاج وارو، پٿر کان وڌيڪ سخت طبيعت وارو، ۽ هو ٻانهي کان وڌيڪ نيازمند هوندو آهي.

٣٣٤_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَوْ رَأَى الْعَبْدُ الْأَجَلَ وَ مَصِيرَهُ لَأَبْغَضَ الْأَمَلَ وَ غُرُورَهُ.

٣٣٥_ وَ قَالَ عليه السلام:

لِكُلِّ امرِيءٍ فِي مَالِهِ شَرِيكَانِ: الوَارِثُ وَالحَوَادِثُ.

٣٣٦_ وَ قَالَ عليه السلام: الْمَسْئُولُ حُرٌّ حَتَّى يَعِدَ.

٣٣٧_ وَ قَالَ عليه السلام: الدَّاعِي بِلَا عَمَلٍ كَالرَّامِي بِلَا وَتَرٍ.

٣٣٨_ وَ قَالَ عليه السلام:

الْعِلْمُ عِلْمَانِ مَطْبُوعٌ وَ مَسْمُوعٌ وَ لَا يَنْفَعُ الْمَسْمُوعُ إِذَا لَمْ يَكُنِ الْمَطْبُوعُ.

٣٣٩_ وَ قَالَ عليه السلام: صَوَابُ الرَّأْيِ بِالدُّوَلِ يُقْبِلُ بِإِقْبَالِهَا وَ يَذْهَبُ بِذَهَابِهَا.

٣٤٠_ وَ قَالَ عليه السلام: الْعَفَافُ زِينَةُ الْفَقْرِ وَ الشُّكْرُ زِينَةُ الْغِنَى.

٣٤١_ وَ قَالَ عليه السلام:

يَوْمُ الْعَدْلِ عَلَى الظَّالِمِ أَشَدُّ مِنْ يَوْمِ الْجَوْرِ عَلَى الْمَظْلُومِ.

٣٤٢_ وَ قَالَ عليه السلام: الْغِنَى الْأَكْبَرُ الْيَأْسُ عَمَّا فِي أَيْدِي النَّاسِ.

## ٣٣٤_ اجل ۽ انت

۽ امام عليه السلام فرمايو: اگر ٻانهو پنهنجي اجل ۽ انت کي ڏسي ها تہ ضرور پنهنجي اميد ۽ تڪبر کان نفرت ڪري ها.

## ٣٣٥_ مال

۽ امام عليه السلام فرمايو: هر ماڻهوءَ جي مال ۾ ٻہ ڀائيوار آهن: وارث ۽ حادثا.

## ٣٣٦_ واعدو

امام عليه السلام فرمايو: جنهن کان سوال ڪيو وڃي اهو آزاد آهي تان جو واعدو ڪري.

## ٣٣٧_ بي عمل جي دعا

امام عليه السلام فرمايو: عمل کان بغير دعا گهرندڙ ڪمان کان بغير تير هڻندڙ وانگر آهي.

## ٣٣٨_ علم

۽ امام عليه السلام فرمايو: علم جا ٻہ قسم آهن، هڪ طبيعت ۾ راسخ ٿيل، ۽ ٻيو ٻُڌل ۽ ٻڌل ان وقت تائين فائدو نہ ڏيندو جيستائين راسخ نہ ٿئي.

## ٣٣٩_ حڪومت

۽ امام عليه السلام فرمايو: رسائي واري راءِ حڪومت سان آهي، ان جي اچڻ سان ايندي آهي، ۽ ان جي وڃڻ سان ويندي آهي.



## ٣٤٠_ پاڪدامني ۽ شڪر

۽ امام عليه السلام فرمايو: پاڪدامني غربت جي سونهن آهي ۽ شڪر شاهوڪاريءَ جي سونهن آهي.

## ٣٤١_ ظالم

۽ امام عليه السلام فرمايو: ظالم تي عدل وارو ڏينهن مظلوم تي ظلم واري ڏينهن کان وڌيڪ سخت هوندو آهي.

## ٣٤٢_ وڏي شاهوڪاري

۽ امام عليه السلام فرمايو: سڀ کان وڏي شاهوڪاري ماڻهن جي هٿن ۾ موجود شين کان نا اميدي آهي.

۳٤۳_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الْأَقَاوِيلُ مَحْفُوظَةٌ وَ السَّرَائِرُ مَبْلُوَّةٌ، وَ كُلُّ نَفْسٍ بِما كَسَبَتْ رَهِينَةٌ وَ النَّاسُ مَنْقُوصُونَ مَدْخُولُونَ إِلَّا مَنْ عَصَمَ اللَّهُ سَائِلُهُمْ مُتَعَنِّتٌ وَ مُجِيبُهُمْ مُتَكَلِّفٌ يَكَادُ أَفْضَلُهُمْ رَأْياً يَرُدُّهُ عَنْ فَضْلِ رَأْيِهِ الرِّضَى وَ السُّخْطُ

وَ يَكَادُ أَصْلَبُهُمْ عُوداً تَنْكَؤُهُ اللَّحْظَةُ وَ تَسْتَحِيلُهُ الْكَلِمَةُ الْوَاحِدَةُ.

۳٤٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَعَاشِرَ النَّاسِ اتَّقُوا اللَّهَ فَكَمْ مِنْ مُؤَمِّلٍ مَا لَا يَبْلُغُهُ

وَ بَانٍ مَا لَا يَسْكُنُهُ وَ جَامِعٍ مَا سَوْفَ يَتْرُكُهُ وَ لَعَلَّهُ مِنْ بَاطِلٍ جَمَعَهُ

وَ مِنْ حَقٍّ مَنَعَهُ أَصَابَهُ حَرَاماً وَ احْتَمَلَ بِهِ آثَاماً فَبَاءَ بِوِزْرِهِ

وَ قَدِمَ عَلَى رَبِّهِ آسِفاً لَاهِفاً قَدْ خَسِرَ الدُّنْيا وَ الْآخِرَةَ ذلِكَ هُوَ الْخُسْرانُ الْمُبِينُ.



۳٤٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مِنَ الْعِصْمَةِ تَعَذُّرُ الْمَعَاصِي.

۳٤٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَاءُ وَجْهِكَ جَامِدٌ يُقْطِرُهُ السُّؤَالُ فَانْظُرْ عِنْدَ مَنْ تُقْطِرُهُ.

۳٤٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الثَّنَاءُ بِأَكْثَرَ مِنَ الِاسْتِحْقَاقِ مَلَقٌ

وَ التَّقْصِيرُ عَنِ الِاسْتِحْقَاقِ عِيٌّ أَوْ حَسَدٌ.

۳٤۸_ وَ قَالَ عليه‌السلام: أَشَدُّ الذُّنُوبِ مَا اسْتَهَانَ بِهِ صَاحِبُهُ.

## ٣٤٣_ ڀلوڙ نصيحتون

۽ امام عليہ السلام فرمايو: ڳالهيون محفوظ ڪيون وڃن ٿيون، راز ظاهر ڪيا وڃن ٿا، هر ماڻهو پنهنجي عمل ۾ گروي آهي، ۽ ماڻهن جي جسمن ۾ نقص ۽ عقلن ۾ ڪمزوري اچڻي آهي، سواءِ ان جي جنهن کي الله بچائي، انهن جا سوال ڪندڙ الجهائڻ وارا، ۽ جواب ڏيڻ وارا اجايو تڪلف ڪندڙ آهن. جيڪو راءِ رکڻ ۾ انهن کان وڌيڪ ڀلو آهي، عنقريب رضامندي ۽ ڪاوڙ ان کي صحيح راءِ کان موڙي ڇڏي. ۽ جيڪو مضبوط عقل وارو آهي انکي بہ هڪ نظر متاثر ڪري ڇڏي يا هڪ ڪلمو انکي بدلائي ڇڏي.

## ٣٤٤_ ناياب نصيحتون

۽ امام عليہ السلام فرمايو: اي ماڻهن جي جماعت! الله تعالىٰ کان ڊڄو جو ڪيترائي اهڙا اميد رکندڙ آهن جيڪي ان تائين نٿا پهچي سگهن، ۽ گهر ناهيندڙ آهن جيڪي ان ۾ نٿا رهي سگهن، ۽ مال گڏ ڪندڙ آهن جنهن کي عنقريب اهي ڇڏي ويندا، شايد انکي غلط طريقي سان گڏ ڪيو هجين يا حق روڪي ڪري حاصل ڪيو هجين، جو ان تائين حرام طريقي سان پهتا هئا ۽ ان ذريعي گناهہ جو بار کنيائون، بس ان جي بوجهہ سان موٽيا ۽ حسرت ۽ پريشاني جي حالت ۾ پنهنجي رب وٽ پيش ٿيا. بيشڪ انهن دنيا ۽ آخرت ۾ خسارو کنيو ۽ اهو ئي پڌرو خسارو آهي.

## ٣٤٥_ پاڪدامني

۽ امام عليہ السلام فرمايو: گناهن تائين رسائي نہ هجڻ بہ هڪ قسم جي پاڪدامني آهي.



## ٣٤٦_ گُهرڻ

۽ امام عليہ السلام فرمايو: تنهنجي چهري جو پاڻي جميل آهي جنهن کي گُهرڻ ڳاڙيندو آهي، بس ڏِس تہ انکي ڪنهن وٽ ڳاڙين ٿو.

## ٣٤٧_ خوشامد

۽ امام عليہ السلام فرمايو: لياقت کان وڌيڪ تعريف ڪرڻ خوشامد آهي ۽ لياقت کان گهٽائڻ عاجزيءَ يا ساڙ جي ڪري آهي.

## ٣٤٨_ سخت گناهہ

۽ امام عليہ السلام فرمايو: سڀ کان وڌيڪ سخت گناهہ اهو آهي جنهن کي ان جي ڪرڻ وارو هلڪو سمجهي.

٣٤٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَنْ نَظَرَ فِي عَيْبِ نَفْسِهِ اشْتَغَلَ عَنْ عَيْبِ غَيْرِهِ وَ مَنْ رَضِيَ بِرِزْقِ اللَّهِ لَمْ يَحْزَنْ عَلَى مَا فَاتَهُ وَ مَنْ سَلَّ سَيْفَ الْبَغْيِ قُتِلَ بِهِ وَ مَنْ كَابَدَ الْأُمُورَ عَطِبَ وَ مَنِ اقْتَحَمَ اللُّجَجَ غَرِقَ وَ مَنْ دَخَلَ مَدَاخِلَ السُّوءِ اتُّهِمَ.

وَ مَنْ كَثُرَ كَلَامُهُ كَثُرَ خَطَؤُهُ وَ مَنْ كَثُرَ خَطَؤُهُ قَلَّ حَيَاؤُهُ وَ مَنْ قَلَّ حَيَاؤُهُ قَلَّ وَرَعُهُ وَ مَنْ قَلَّ وَرَعُهُ مَاتَ قَلْبُهُ وَ مَنْ مَاتَ قَلْبُهُ دَخَلَ النَّارَ وَ مَنْ نَظَرَ فِي عُيُوبِ النَّاسِ فَأَنْكَرَهَا ثُمَّ رَضِيَهَا لِنَفْسِهِ فَذَلِكَ الْأَحْمَقُ بِعَيْنِهِ.

وَ الْقَنَاعَةُ مَالٌ لَا يَنْفَدُ وَ مَنْ أَكْثَرَ مِنْ ذِكْرِ الْمَوْتِ رَضِيَ مِنَ الدُّنْيَا بِالْيَسِيرِ وَ مَنْ عَلِمَ أَنَّ كَلَامَهُ مِنْ عَمَلِهِ قَلَّ كَلَامُهُ إِلَّا فِيمَا يَعْنِيهِ.

٣٥٠ _وَ قَالَ عليه‌السلام:

لِلظَّالِمِ مِنَ الرِّجَالِ ثَلَاثُ عَلَامَاتٍ يَظْلِمُ مَنْ فَوْقَهُ بِالْمَعْصِيَةِ

وَ مَنْ دُونَهُ بِالْغَلَبَةِ وَ يُظَاهِرُ الْقَوْمَ الظَّلَمَةَ.



٣٥١_ وَ قَالَ عليه‌السلام: عِنْدَ تَنَاهِي الشِّدَّةِ تَكُونُ الْفَرْجَةُ

وَ عِنْدَ تَضَايُقِ حَلَقِ الْبَلَاءِ يَكُونُ الرَّخَاءُ.

٣٥٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام لِبَعْضِ أَصْحَابِهِ:

لَا تَجْعَلَنَّ أَكْثَرَ شُغُلِكَ بِأَهْلِكَ وَ وَلَدِكَ

فَإِنْ يَكُنْ أَهْلُكَ وَ وَلَدُكَ أَوْلِيَاءَ اللَّهِ فَإِنَّ اللَّهَ لَا يُضِيعُ أَوْلِيَاءَهُ

وَ إِنْ يَكُونُوا أَعْدَاءَ اللَّهِ فَمَا هَمُّكَ وَ شُغُلُكَ بِأَعْدَاءِ اللَّهِ.

## ٣٤٩_ پلوڙ نصيحتون

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو پنهنجي عيبن ڏانهن ڏسندو ته ٻين جي عيبن کان باز اچي ويندو، ۽ جيڪو الله جي رزق تي راضي رهندو ته جيڪو نه مليس ان تي ڏکارو نه ٿيندو. ۽ جيڪو ظلم جي تلوار ڪيندو ته پاڻ به ان سان قتل ڪيو ويندو. ۽ جيڪو ڪمن ڪي زوري انجام ڏيندو ته اهو هلاڪ ٿيندو. ۽ جيڪو موجن ۾ ڪِهڙندو ته ٻڏندو. ۽ جيڪو بُرين جاين تي ويندو ته ان تي تهمت هنئي ويندي. ۽ جنهن جو ڳالهائڻ گهڻو هوندو ته ان جون غلطيون به گهڻيون هونديون، ۽ جنهن جون غلطيون گهڻيون هونديون ان جو حياء گهٽجي ويندو، ۽ جنهن جو حيا گهٽجي ويندو ته ان جي تقوىٰ گهٽجي ويندي، ۽ جنهن جي تقوىٰ گهٽجي ويندي ته ان جي دل مري ويندي، ۽ جنهن جي دل مري ويندي ته اهو جهنم ۾ داخل ٿيندو. ۽ جيڪو ماڻهن جا عيب ڏسي ۽ انهن کي ناپسند ڪري پوءِ انهن کي پنهنجي لاءِ پسند ڪري ته اهو سراسر بيوقوف آهي. ۽ قناعت اهڙو مال آهي جيڪو ختم ناهي ٿيندو. ۽ جيڪو موت کي گهڻو ياد ڪندو ته اهو دنيا جي ٿوري تي راضي رهندو. ۽ جنهن کي اهو معلوم ٿي وڃي ته ان جو ڪلام سندس عمل آهي ته ضرورت کانسواءِ ان جو ڪلام گهٽجي ويندو.

## ٣٥٠_ ظالم جون نشانيون

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهن مان ظالم جون ٽي نشانيون آهن: پاڻ کان مٿاهين تي پنهنجيءَ نافرماني ذريعي، ۽ پاڻ کان هيٺاهين تي ڏاڍ ذريعي ظلم ڪندو آهي، ۽ ظالم ماڻهن جي پُٺ پرائي ڪندو آهي.



## ٣٥١_ آساني

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن سختي انتها تائين پهچندي آهي ته آساني ٿيندي آهي، ۽ جڏهن مصيبت جون ڪڙيون سوڙهيون ٿينديون آهن ته ڪشادگي ٿيندي آهي.

## ٣٥٢_ اهل ۽ اولاد

امام عليه السلام پنهنجي ڪجھ اصحاب کي فرمايو: پنهنجي اهل ۽ اولاد بابت هرگز گهڻو فڪرمند نه رهه، جو اگر تنهنجو اهل ۽ اولاد الله جا دوست هوندا ته بيشڪ الله پنهنجي دوستن کي برباد ناهي ڪندو، ۽ اگر هو الله جا دشمن هوندا ته پوءِ الله جي دشمنن لاءِ تنهنجو فڪر ۽ ڳڻتي ڪرڻ ڇا جي ڪري آهي؟!

٣٥٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

أَكْبَرُ الْعَيْبِ أَنْ تَعِيبَ مَا فِيكَ مِثْلُهُ.

٣٥٤_ وَ هَنَّأَ بِحَضْرَتِهِ رَجُلٌ رَجُلًا بِغُلَامٍ وُلِدَ لَهُ فَقَالَ لَهُ لِيَهْنِئْكَ الْفَارِسُ

فَقَالَ عليه السلام: لَا تَقُلْ ذَلِكَ وَ لَكِنْ قُلْ شَكَرْتَ الْوَاهِبَ

وَ بُورِكَ لَكَ فِي الْمَوْهُوبِ وَ بَلَغَ أَشُدَّهُ وَ رُزِقْتَ بِرَّهُ.

٣٥٥_ وَ بَنَى رَجُلٌ مِنْ عُمَّالِهِ بِنَاءً فَخْماً فَقَالَ عليه السلام:

أَطْلَعَتِ الْوَرِقُ رُءُوسَهَا إِنَّ الْبِنَاءَ يَصِفُ لَكَ الْغِنَى.

٣٥٦_ وَ قِيلَ لَهُ عليه السلام لَوْ سُدَّ عَلَى رَجُلٍ بَابُ بَيْتِهِ

وَ تُرِكَ فِيهِ مِنْ أَيْنَ كَانَ يَأْتِيهِ رِزْقُهُ فَقَالَ عليه السلام: مِنْ حَيْثُ يَأْتِيهِ أَجَلُهُ.

٣٥٧_ وَ عَزَّى قَوْماً عَنْ مَيِّتٍ مَاتَ لَهُمْ فَقَالَ عليه السلام:

إِنَّ هَذَا الْأَمْرَ لَيْسَ لَكُمْ بَدَأَ وَ لَا إِلَيْكُمُ انْتَهَى وَ قَدْ كَانَ صَاحِبُكُمْ

هَذَا يُسَافِرُ فَعُدُّوهُ فِي بَعْضِ أَسْفَارِهِ فَإِنْ قَدِمَ عَلَيْكُمْ وَ إِلَّا قَدِمْتُمْ عَلَيْهِ.

٣٥٨_ وَ قَالَ عليه السلام:

أَيُّهَا النَّاسُ لِيَرَكُمُ اللَّهُ مِنَ النِّعْمَةِ وَجِلِينَ كَمَا يَرَاكُمْ مِنَ النِّقْمَةِ فَرِقِينَ

إِنَّهُ مَنْ وُسِّعَ عَلَيْهِ فِي ذَاتِ يَدِهِ فَلَمْ يَرَ ذَلِكَ اسْتِدْرَاجاً فَقَدْ أَمِنَ مَخُوفاً،

## ٣٥٣_ وڏو عيب

۽ امامؑ فرمايو: سڀ کان وڏو عيب اهو آهي جو تون ڪنهن کي اهڙو عيب لڳائين جهڙو تو ۾ هجي.

## ٣٥٤_ پٽ جي ڄمڻ تي مبارڪباد

**امامؑ جي سامهون هڪ شخص ٻئي شخص کي سندس پٽ جي پيدائش تي مبارڪباد ڏيندي چيو، تو کي سُورهيه مبارڪ هجي، ته امامؑ فرمايو:** ائين نه چؤ بلڪ چؤ، بخشيندڙ جو شڪر گذار ٿي، ۽ تو کي بخشيل مبارڪ هجي، ۽ هو پنهنجي جواني ماڻي ۽ تو کي ان جي ڀلائي نصيب ٿئي.

## ٣٥٥_ وڏو بنگلو

**امامؑ جي عملدارن مان هڪ شخص وڏو بنگلو ٺهرايو ته امامؑ فرمايو:** چاندي جي سڪن پنهنجو ڪر ڪنيو آهي، بيشڪ هي عمارت تنهنجي شاهوڪاريءَ کي بيان ڪري ٿي.

## ٣٥٦_ رزق

**۽ امامؑ کان پڇيو ويو ته اگر ڪنهن ماڻهوءَ تي سندس گهر جو دروازو بند ڪيو وڃي ۽ ڪيس ان ۾ ڇڏيو وڃي ته ان جو رزق ڪٿان ڪان ايندو؟ ته امامؑ فرمايو:** جتان کان ان جو موت ايندو.



## ٣٥٧_ عذرخواهي

**امامؑ هڪ قوم سان سندن ميت جي عذرخواهي ڪندي فرمايو:** بيشڪ هن موت جو آغاز نه توهان سان ٿيو آهي، ۽ نه وري توهان تي رڪيو آهي، ۽ توهان جو هي ساٿي سفر ڪندو هو، هاڻ به ڪيس سمجهو ته هو پنهنجي سفر تي آهي، بس اگر هو توهان ڏانهن آيو ته ٺيڪ نه ته توهان وٽس ويندؤ.

## ٣٥٨_ ڪشادگي ۽ تنگي

۽ امامؑ فرمايو: اي انسانؤ الله توهان کي نعمتن وقت به ائين ڊڄندي ڏسڻ چاهي ٿو جيئن مصيبتن وقت توهان کي ڪنبدي ڏسندو آهي. ڇا ڪاڻ ته جنهن جي هٿن ۾ ڪشادگي ڏني وڃي ۽ هو انکي آهستي آهستي عذاب جي طرف ويجهي ٿيڻ جو سبب نه سمجهي ته هن پاڻ کي خوفناڪ شيءِ کان مطمئن سمجهيو.

وَ مَنْ ضُيِّقَ عَلَيْهِ فِي ذَاتِ يَدِهِ فَلَمْ يَرَ ذَلِكَ اخْتِبَاراً فَقَدْ ضَيَّعَ مَأْمُولًا.

٣٥٩_ وَ قَالَ عليه السلام:

يَا أَسْرَى الرَّغْبَةِ أَقْصِرُوا فَإِنَّ الْمُعَرِّجَ عَلَى الدُّنْيَا

لَا يَرُوعُهُ مِنْهَا إِلَّا صَرِيفُ أَنْيَابِ الْحِدْثَانِ

أَيُّهَا النَّاسُ تَوَلَّوْا مِنْ أَنْفُسِكُمْ تَأْدِيبَهَا وَ اعْدِلُوا بِهَا عَنْ ضَرَاوَةِ عَادَاتِهَا.

٣٦٠_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَا تَظُنَّنَّ بِكَلِمَةٍ خَرَجَتْ مِنْ أَحَدٍ سَوءاً وَ أَنْتَ تَجِدُ لَهَا فِي الْخَيْرِ مُحْتَمَلًا.

٣٦١_ وَ قَالَ عليه السلام:

إِذَا كَانَتْ لَكَ إِلَى اللَّهِ سُبْحَانَهُ حَاجَةٌ فَابْدَأْ

بِمَسْأَلَةِ الصَّلَاةِ عَلَى رَسُولِهِ صلى الله عليه وآله ثُمَّ سَلْ حَاجَتَكَ

فَإِنَّ اللَّهَ أَكْرَمُ مِنْ أَنْ يُسْأَلَ حَاجَتَيْنِ فَيَقْضِيَ إِحْدَاهُمَا وَ يَمْنَعَ الْأُخْرَى.



٣٦٢_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ ضَنَّ بِعِرْضِهِ فَلْيَدَعِ الْمِرَاءَ.

٣٦٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

مِنَ الْخُرْقِ الْمُعَاجَلَةُ قَبْلَ الْإِمْكَانِ وَ الْأَنَاةُ بَعْدَ الْفُرْصَةِ.

٣٦٤_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَا تَسْأَلْ عَمَّا لَا يَكُونُ فَفِي الَّذِي قَدْ كَانَ لَكَ شُغُلٌ.

۽ جنهن جي هٿن ۾ تنگي ڏني وڃي ۽ هو انکي آزمائش نہ سمجهي تہ هن اميد ڪيل ثواب کي ضايع ڪري ڇڏيو.

### ٣٥٩_ لالچ ۽ ادب

۽ امام؈ فرمايو: اي لالچ جا قيديؤ، رڪجي وڃو، ڇا ڪاڻ تہ دنيا تي ٽُٽندڙن کي انکان ڪا بہ شيءِ نٽي ديجاري سواءِ حادثن جي ڏندن ڪرٽڻ واري آواز جي. اي انسانؤ! پنهنجو پاڻ کي ادب سيکارڻ جي ذميداري کڻو ۽ ان ذريعي پنهنجي عادتن جي تقاضائن کان مُنهن موڙيو.

### ٣٦٠_ بروگمان

۽ امام؈ فرمايو: ۽ هرگز ڪنهن جي ڳالهہ بابت بروگمان نہ ڪر جڏهن تہ تون ان بابت ڀلائي جو احتمال رکين.

### ٣٦١_ الله سبحانہ کان حاجت گهرڻ جو انداز

۽ امام؈ فرمايو: جڏهن تو کي الله سبحانہ جي بارگاهہ ۾ ڪا حاجت هجي تہ سوال جي شروعات رسول اللهﷺ تي صلوات پڙهڻ سان ڪر پوءِ پنهنجي حاجت گُهر. بيشڪ الله ان کان وڏيڪ ڪريم آهي جو ان کان بہ حاجتون گهريون وڃن، ۽ هڪڙي کي پورو ڪري ۽ ٻيءَ کي روڪي ڇڏي.

### ٣٦٢_ جهڳڙو

۽ امام؈ فرمايو: جيڪو پنهنجي عزت بابت حريص هجي تہ ڪيس گهرجي تہ جهڳڙي کي ڇڏي ڏئي.

### ٣٦٣_ ناداني

۽ امام؈ فرمايو: وسائل حاصل ٿيڻ کان پهريائين جلدي ڪرڻ ۽ موقعي ملڻ کانپوءِ سستي ڪرڻ ناداني آهي.

### ٣٦٤_ اجايو سوال

۽ امام؈ فرمايو: جيڪا شيءِ نہ ٿيڻي هجي ان بابت سوال نہ ڪر ڇا ڪاڻ تہ جيڪا ٿي چڪي آهي ان ۾ تنهنجي لاءِ مصروفيت ڪافي آهي.

٣٦٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

الْفِكْرُ مِرْآةٌ صَافِيَةٌ وَ الِاعْتِبَارُ مُنْذِرٌ نَاصِحٌ

وَ كَفَى أَدَباً لِنَفْسِكَ تَجَنُّبُكَ مَا كَرِهْتَهُ لِغَيْرِكَ.

٣٦٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الْعِلْمُ مَقْرُونٌ بِالْعَمَلِ فَمَنْ عَلِمَ عَمِلَ

وَ الْعِلْمُ يَهْتِفُ بِالْعَمَلِ فَإِنْ أَجَابَهُ وَ إِلَّا ارْتَحَلَ عَنْهُ.

٣٦٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

يَا أَيُّهَا النَّاسُ مَتَاعُ الدُّنْيَا حُطَامٌ مُوبِئٌ فَتَجَنَّبُوا مَرْعَاهُ قُلْعَتُهَا أَحْظَى مِنْ طُمَأْنِينَتِهَا وَ بُلْغَتُهَا أَزْكَى مِنْ ثَرْوَتِهَا حُكِمَ عَلَى مُكْثِرٍ مِنْهَا بِالْفَاقَةِ وَ أُعِينَ مَنْ غَنِيَ عَنْهَا بِالرَّاحَةِ مَنْ رَاقَهُ زِبْرِجُهَا أَعْقَبَتْ نَاظِرَيْهِ كَمَهاً وَ مَنِ اسْتَشْعَرَ الشَّغَفَ بِهَا مَلَأَتْ ضَمِيرَهُ أَشْجَاناً لَهُنَّ رَقْصٌ عَلَى سُوَيْدَاءِ قَلْبِهِ هَمٌّ يَشْغَلُهُ وَ غَمٌّ يَحْزُنُهُ كَذَلِكَ حَتَّى يُؤْخَذَ بِكَظَمِهِ فَيُلْقَى بِالْفَضَاءِ مُنْقَطِعاً أَبْهَرَاهُ هَيِّناً عَلَى اللَّهِ فَنَاؤُهُ وَ عَلَى الْإِخْوَانِ إِلْقَاؤُهُ وَ إِنَّمَا يَنْظُرُ الْمُؤْمِنُ إِلَى الدُّنْيَا بِعَيْنِ الِاعْتِبَارِ وَ يَقْتَاتُ مِنْهَا بِبَطْنِ الِاضْطِرَارِ وَ يَسْمَعُ فِيهَا بِأُذُنِ الْمَقْتِ وَ الْإِبْغَاضِ إِنْ قِيلَ أَثْرَى قِيلَ أَكْدَى وَ إِنْ فُرِحَ لَهُ بِالْبَقَاءِ حُزِنَ لَهُ بِالْفَنَاءِ هَذَا وَ لَمْ يَأْتِهِمْ يَوْمٌ فِيهِ يُبْلِسُونَ.

٣٦٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

إِنَّ اللَّهَ سُبْحَانَهُ وَضَعَ الثَّوَابَ عَلَى طَاعَتِهِ وَ الْعِقَابَ عَلَى مَعْصِيَتِهِ

ذِيَادَةً لِعِبَادِهِ عَنْ نِقْمَتِهِ وَ حِيَاشَةً لَهُمْ إِلَى جَنَّتِهِ.

## ٣٦٥_ باادب ٿيڻ لاءِ شرط

۽ امام عليه السلام فرمايو: سوچ صاف آئينو آهي، ۽ عبرت ڊيڄاريندڙ ۽ خيرخواه آهي، ۽ تنهنجي باادب ٿيڻ لاءِ انهن شين کان پرهيز ڪرڻ ڪافي آهي جن کي تون ٻين لاءِ ناپسند ڪرين.

## ٣٦٦_ علم ۽ عمل

۽ امام عليه السلام فرمايو: علم عمل سان مليل آهي، بس جيڪو علم حاصل ڪري ته عمل ڪري، ۽ علم عمل کي سڏيندو آهي اگر هن جيءُ ڪئي ته ٺيڪ نه ته هو ان کان هليو ويندو.

## ٣٦٧_ دنيا

۽ امام عليه السلام فرمايو: اي انسانؤ! دنيا جو سرمايو سڪل سڙيل وبا پيدا ڪندڙ گاهه آهي. بس ان جي چراگاهه کان بچو، ۽ ان ۾ پرسڪون رهڻ کان لڏڻ وڌيڪ ڀلو آهي، ۽ ان جو لقمو ان جي شاهوڪاريءَ کان وڌيڪ پاڪيزه آهي، ۽ ان جي حريص تي بکيي جو حڪم لڳايو ويو آهي، ۽ انکان بي نياز رهندڙ جي راحت ذريعي مدد ڪئي وئي آهي، ۽ جنهن کي ان جي سونهن مگن ڪري ٿي ته پوءِ هؤ ان جي اکين کي انڌو ڪري ٿي. ۽ جنهن ان جي چاهت کي شعار بڻايو ته هن سندس ضمير کي اهڙن ڏکن سان پري ڇڏيو جيڪي سندس دل جي گهراين ۾ رقص ڪن ٿا پوءِ ڳڻتي ڪيس مشغول ڪري ٿي ۽ ڏک ڪيس ڏکارو ڪن ٿا، ۽ اهو سلسلو ائين ئي هلندو رهي ٿو تان جو سندن ڳلي کي پڪڙيو وڃي ۽ شه رڳ ڪٽيل حالت ۾ ڪيس قبر ۾ اڇلايو وڃي. الله جي لاءِ انکي فنا ڪرڻ ۽ ڀائرن لاءِ ڪيس قبر ۾ وجهڻ سولو آهي. ۽ مؤمن ته رڳو دنيا ڏانهن عبرت جي نگاهه سان ڏسي ٿو. ۽ پيٽ جي ضرورت جيترو گذران ڪٽي ٿو؟ ۽ ان جي ڳالهه کي نفرت ۽ ڪاوڙ جي ڪنن سان ٻڌي ٿو. جي ان کي چيو وڃي ٿو ته وڏو مالدار ٿي ويو آهي ته (انکي اهو به) چيو وڃي ٿو ته نادار ٿي ويو آهي، ۽ جي انکي بقا سان خوش ڪيو ويندو آهي ته ڪيس فنا سان ڏکارو به ڪيو ويندو آهي، اهو سڀ ان وقت آهي جڏهن ته وٽس اڃا اهو ڏينهن ناهي آيو جنهن ۾ هو مايوس ٿي ويندا.

## ٣٦٨_ ثواب ۽ عذاب

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ الله سبحانه پنهنجيءَ فرمانبرداريءَ تي ثواب کي ۽ پنهنجيءَ نافرمانيءَ تي عذاب کي رکيو آهي ته جيئن پنهنجي ٻانهن کي سزا کان پري ڪري ۽ کين جنت ڏانهن سوري.

٣٦٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

يَأْتِي عَلَى النَّاسِ زَمَانٌ لَا يَبْقَى فِيهِمْ مِنَ الْقُرْآنِ إِلَّا رَسْمُهُ وَ مِنَ الْإِسْلَامِ إِلَّا اسْمُهُ وَ مَسَاجِدُهُمْ يَوْمَئِذٍ عَامِرَةٌ مِنَ الْبِنَاءِ خَرَابٌ مِنَ الْهُدَى سُكَّانُهَا وَ عُمَّارُهَا شَرُّ أَهْلِ الْأَرْضِ مِنْهُمْ تَخْرُجُ الْفِتْنَةُ وَ إِلَيْهِمْ تَأْوِي الْخَطِيئَةُ يَرُدُّونَ مَنْ شَذَّ عَنْهَا فِيهَا وَ يَسُوقُونَ مَنْ تَأَخَّرَ عَنْهَا إِلَيْهَا يَقُولُ اللَّهُ سُبْحَانَهُ فَبِي حَلَفْتُ لَأَبْعَثَنَّ عَلَى أُولَئِكَ فِتْنَةً تَتْرُكُ الْحَلِيمَ فِيهَا حَيْرَانَ وَ قَدْ فَعَلَ وَ نَحْنُ نَسْتَقِيلُ اللَّهَ عَثْرَةَ الْغَفْلَةِ.

٣٧٠_ وَ رُوِيَ أَنَّهُ عليه‌السلام قَلَّمَا اعْتَدَلَ بِهِ الْمِنْبَرُ إِلَّا قَالَ أَمَامَ الْخُطْبَةِ:

أَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوا اللَّهَ فَمَا خُلِقَ امْرُؤٌ عَبَثاً فَيَلْهُوَ وَ لَا تُرِكَ سُدًى فَيَلْغُوَ وَ مَا دُنْيَاهُ الَّتِي تَحَسَّنَتْ لَهُ بِخَلَفٍ مِنَ الْآخِرَةِ الَّتِي قَبَّحَهَا سُوءُ النَّظَرِ عِنْدَهُ وَ مَا الْمَغْرُورُ الَّذِي ظَفِرَ مِنَ الدُّنْيَا بِأَعْلَى هِمَّتِهِ كَالْآخَرِ الَّذِي ظَفِرَ مِنَ الْآخِرَةِ بِأَدْنَى سُهْمَتِهِ.

٣٧١_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

لَا شَرَفَ أَعْلَى مِنَ الْإِسْلَامِ وَ لَا عِزَّ أَعَزُّ مِنَ التَّقْوَى وَ لَا مَعْقِلَ أَحْسَنُ مِنَ الْوَرَعِ وَ لَا شَفِيعَ أَنْجَحُ مِنَ التَّوْبَةِ وَ لَا كَنْزَ أَغْنَى مِنَ الْقَنَاعَةِ وَ لَا مَالَ أَذْهَبُ لِلْفَاقَةِ مِنَ الرِّضَى بِالْقُوتِ وَ مَنِ اقْتَصَرَ عَلَى بُلْغَةِ الْكَفَافِ فَقَدِ انْتَظَمَ الرَّاحَةَ وَ تَبَوَّأَ خَفْضَ الدَّعَةِ وَ الرَّغْبَةُ مِفْتَاحُ النَّصَبِ وَ مَطِيَّةُ التَّعَبِ وَ الْحِرْصُ وَ الْكِبْرُ وَ الْحَسَدُ دَوَاعٍ إِلَى التَّقَحُّمِ فِي الذُّنُوبِ وَ الشَّرُّ جَامِعُ مَسَاوِئِ الْعُيُوبِ.

## ٣٦٩_ آخري زمانو

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهن تي اهڙو زمانو ايندو جو انهن ۾ قرآن مان نہ رهندو سواءِ ان جي نقش جي ۽ اسلام مان فقط ان جي نالي جي ۽ ان وقت سندن مسجدون بناوت جي لحاظ کان آباد ۽ هدايت جي لحاظ کان ويران هونديون، جن ۾ رهڻ وارا ۽ انهن کي آباد ڪرڻ وارا زمين تي سيني ماڻهن کان وڌيڪ شرير هوندا، انهن کان ئي فتنا نڪرندا ۽ ڏوهاري وٽن پناهہ وٺندا، جيڪو انهن فتنن کان نڪرندو تنهن کي انهن منجهہ موٽائيندا، ۽ جيڪو انهن کان هٽندو تنهن کي انهن ڏانهن ڇڪيندا، الله تعالىٰ فرمائي ٿو: مون کي پنهنجي ذات جو قسم آهي تہ مان ضرور انهن تي اهڙي آزمائش موڪليندس جيڪا بُردبار کي ان ۾ حيران ڇڏي ڏيندي. ۽ بيشڪ هن ائين ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان الله تعالىٰ کان غفلت جي ٿاٻن کان پناهہ گهرون ٿا.

## ٣٧٠_ امام عليه السلام جا تمهيدي جملا

روايت ڪئي وئي آهي تہ ائين گهٽ هوندو هو جو جڏهن امام عليه السلام لاءِ منبر تيار هجي ۽ خطبي کان پهريائين هي جملا نہ فرمائين: اي انسانؤ! الله کان ڊڄو، جو ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي اجايو پيدا ناهي ڪيو ويو جو مستي ڪندو وتي، ۽ نہ ڪيس ڇڙ واڳ ڇڏيو ويو آهي جو رلندو وتي، ۽ هيءَ دنيا جنهن پاڻ کي ان لاءِ سنواريو آهي ان آخرت جو بدل ناهي جنهن کي بُري نگاهہ وٽس قبيح ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اهو ڌوڪي ڪاڏل جيڪو پنهنجي بلند همت سان دنيا ڦٻائڻ ۾ ڪامياب تي ويو آهي، ان بئي وانگر نہ آهي جيڪو آخرت جي ادنىٰ حصي کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب تي ويو آهي.



## ٣٧١_ پلوڙ نصيحتون

۽ امام عليه السلام فرمايو: اسلام کان وڌيڪ ڪو شرف ڪونهي، ۽ تقوىٰ کان وڌيڪ ڪا عزت ڪانهي، ۽ پرهيزگاريءَ کان وڌيڪ سُني ڪا پناهگاهہ ڪانهي، ۽ توبہ کان وڌيڪ ڪو ڪامياب سفارشي ڪونهي، ۽ قناعت کان وڌيڪ ڪو بي نياز ڪندڙ خزانو ڪونهي، ۽ گذران تي راضي رهڻ کان وڌيڪ ڪو مال غربت کي ختم ڪندڙ ڪونهي. ۽ جنهن ضروري سامان تي اڪتفىٰ ڪئي تہ هو راحت پائڻ ۾ ڪامياب تي ويو، ۽ سڪون جي منزل ۾ ٽڪاڻو ناهي ڇڏيو، ۽ خواهش تڪليف جي چابي ۽ ٿڪاوٽ جي سواري آهي. لالچ، هٺ ۽ ساڙ گناهن ۾ پوڻ جا اسباب آهن، ۽ شر سيني عيبن جي براين کي گڏ ڪندڙ آهي.

٣٧٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام لِجَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللَّهِ الْأَنْصَارِيِّ:

يَا جَابِرُ قِوَامُ الدِّينِ وَ الدُّنْيَا بِأَرْبَعَةٍ عَالِمٍ مُسْتَعْمِلٍ عِلْمَهُ وَ جَاهِلٍ لَا يَسْتَنْكِفُ أَنْ يَتَعَلَّمَ وَ جَوَادٍ لَا يَبْخَلُ بِمَعْرُوفِهِ وَ فَقِيرٍ لَا يَبِيعُ آخِرَتَهُ بِدُنْيَاهُ

فَإِذَا ضَيَّعَ الْعَالِمُ عِلْمَهُ اسْتَنْكَفَ الْجَاهِلُ أَنْ يَتَعَلَّمَ وَ إِذَا بَخِلَ الْغَنِيُّ بِمَعْرُوفِهِ

بَاعَ الْفَقِيرُ آخِرَتَهُ بِدُنْيَاهُ يَا جَابِرُ مَنْ كَثُرَتْ نِعَمُ اللَّهِ عَلَيْهِ كَثُرَتْ حَوَائِجُ النَّاسِ إِلَيْهِ فَمَنْ قَامَ فِيهَا بِمَا يَجِبُ فِيهَا عَرَّضَهَا لِلدَّوَامِ وَ الْبَقَاءِ

وَ مَنْ لَمْ يَقُمْ فِيهَا بِمَا يَجِبُ عَرَّضَهَا لِلزَّوَالِ وَ الْفَنَاءِ.

٣٧٣_ وَ رَوَى ابْنُ جَرِيرٍ الطَّبَرِيُّ فِي تَارِيخِهِ: عَنْ عَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ أَبِي لَيْلَى الْفَقِيهِ وَ كَانَ مِمَّنْ خَرَجَ لِقِتَالِ الْحَجَّاجِ مَعَ ابْنِ الْأَشْعَثِ أَنَّهُ قَالَ فِيمَا كَانَ يَحُضُّ بِهِ النَّاسَ عَلَى الْجِهَادِ إِنِّي سَمِعْتُ عَلِيّاً رَفَعَ اللَّهُ دَرَجَتَهُ فِي الصَّالِحِينَ وَ أَثَابَهُ ثَوَابَ الشُّهَدَاءِ وَ الصِّدِّيقِينَ يَقُولُ يَوْمَ لَقِينَا أَهْلَ الشَّامِ:



أَيُّهَا الْمُؤْمِنُونَ إِنَّهُ مَنْ رَأَى عُدْوَاناً يُعْمَلُ بِهِ وَ مُنْكَراً يُدْعَى إِلَيْهِ

فَأَنْكَرَهُ بِقَلْبِهِ فَقَدْ سَلِمَ وَ بَرِئَ وَ مَنْ أَنْكَرَهُ بِلِسَانِهِ فَقَدْ أُجِرَ وَ هُوَ أَفْضَلُ مِنْ صَاحِبِهِ وَ مَنْ أَنْكَرَهُ بِالسَّيْفِ لِتَكُونَ كَلِمَةُ اللَّهِ هِيَ الْعُلْيَا وَ كَلِمَةُ الظَّالِمِينَ هِيَ السُّفْلَى فَذَلِكَ الَّذِي أَصَابَ سَبِيلَ الْهُدَى وَ قَامَ عَلَى الطَّرِيقِ وَ نَوَّرَ فِي قَلْبِهِ الْيَقِينُ.

## ٣٧٢_ دين ۽ دنيا جي مضبوطي

۽ امام عليه السلام جابر بن عبدالله انصاري کي فرمايو: اي جابر دين ۽ دنيا جي مضبوطي چئن (ماڻهن) سان آهي: اهڙو عالم جيڪو پنهنجي علم کي استعمال ڪري، ۽ اهڙو جاهل جيڪو سکڻ کان نه گهبرائي، ۽ اهڙو سخي جيڪو ڀلائي ڪرڻ ۾ ڪنجوسائپ نه ڪري، ۽ اهڙو غريب جيڪو پنهنجي دنيا جي عوض پنهنجي آخرت کي نه وڪڻي. بس جڏهن عالم پنهنجي علم کي ضايع ڪندو ته جاهل سکڻ کان گهبرائيندو، ۽ جڏهن شاهوڪار ڀلائي ڪرڻ ۾ ڪنجوسائپ ڪندو ته غريب پنهنجي آخرت کي دنيا جي عوض وڪڻي ڇڏيندو. اي جابر! جنهن تي الله جون نعمتون گهڻيون هونديون آهن ته ماڻهن جون ضرورتون به ان ڏانهن گهڻيون ٿي وينديون آهن. بس جيڪو انهن مان الله جي خاطر انکي انجام ڏئي جيڪي مٿس واجب آهن ته هن انهن کي دوام ۽ بقاء لاءِ پيش ڪري ڇڏيو، ۽ جيڪو انهن مان اهي انجام نه ڏئي جيڪي مٿس واجب آهن ته هن انهن کي ختم ۽ فنا لاءِ پيش ڪري ڇڏيو.

## ٣٧٣_ ظلم ۽ برائي

ابن جرير طبري پنهنجي تاريخ ۾ عبدالرحمن بن ابي ليليٰ فقيہ کان نقل ڪيو آهي ۽ هي انهن مان هيو جيڪي ابن اشعث سان گڏجي حجاج سان جنگ ڪرڻ لاءِ نڪتا ۽ جن ڳالهين سان ماڻهن کي جنگ لاءِ اياري پيو ته انهن ۾ هي به چوي پيو ته مون علي عليه السلام کان ٻڌو آهي_ الله سندس درجو صالحن ۾ بلند ڪري ۽ کيس شهداء ۽ صديقن وارو ثواب عطاء فرمائي_ جنهن ڏينهن اسان شام وارن سان جنگ لاءِ روبرو ٿياسين ته فرمائين پيا:

اي مؤمنؤ! بيشڪ جيڪو اهڙي ظلم کي ڏسي جنهن تي عمل ٿي رهيو هجي ۽ اهڙيءَ برائي کي ڏسي جنهن ڏانهن سڏيو پيو وڃي، پوءِ هو انکي پنهنجي دل سان برو سمجهي ته هو محفوظ ٿي ويو ۽ بري ٿي ويو، ۽ جيڪو انکي پنهنجي زبان سان روڪي ته انکي اجر ڏنو ويندو ۽ هو پنهنجي ساٿيءَ کان ڀلو آهي، ۽ جيڪو انکي پنهنجي تلوار سان روڪي ته جيئن الله جو ڪلمو بلند ٿئي ۽ ظالمن جو ڪلمو پست ٿئي ته هي اهو آهي جنهن هدايت جي واٽ کي پاتو ۽ رستي تي ثابت قدم رهيو ۽ يقين سندس دل کي منور ڪيو.

٣٧٤_ وَ فِي كَلَامٍ آخَرَ لَهُ يَجْرِي هَذَا الْمَجْرَى:

فَمِنْهُمُ الْمُنْكِرُ لِلْمُنْكَرِ بِيَدِهِ وَ لِسَانِهِ وَ قَلْبِهِ فَذَلِكَ الْمُسْتَكْمِلُ لِخِصَالِ الْخَيْرِ وَ مِنْهُمُ الْمُنْكِرُ بِلِسَانِهِ وَ قَلْبِهِ وَ التَّارِكُ بِيَدِهِ فَذَلِكَ مُتَمَسِّكٌ بِخَصْلَتَيْنِ مِنْ خِصَالِ الْخَيْرِ وَ مُضَيِّعٌ خَصْلَةً وَ مِنْهُمُ الْمُنْكِرُ بِقَلْبِهِ وَ التَّارِكُ بِيَدِهِ وَ لِسَانِهِ فَذَلِكَ الَّذِي ضَيَّعَ أَشْرَفَ الْخَصْلَتَيْنِ مِنَ الثَّلَاثِ وَ تَمَسَّكَ بِوَاحِدَةٍ.

وَ مِنْهُمْ تَارِكٌ لِإِنْكَارِ الْمُنْكَرِ بِلِسَانِهِ وَ قَلْبِهِ وَ يَدِهِ فَذَلِكَ مَيِّتُ الْأَحْيَاءِ وَ مَا أَعْمَالُ الْبِرِّ كُلُّهَا وَ الْجِهَادُ فِي سَبِيلِ اللَّهِ عِنْدَ الْأَمْرِ بِالْمَعْرُوفِ وَ النَّهْيِ عَنْ الْمُنْكَرِ إِلَّا كَنَفْثَةٍ فِي بَحْرٍ لُجِّيٍ وَ إِنَّ الْأَمْرَ بِالْمَعْرُوفِ وَ النَّهْيَ عَنِ الْمُنْكَرِ لَا يُقَرِّبَانِ مِنْ أَجَلٍ وَ لَا يَنْقُصَانِ مِنْ رِزْقٍ وَ أَفْضَلُ مِنْ ذَلِكَ كُلِّهِ كَلِمَةُ عَدْلٍ عِنْدَ إِمَامٍ جَائِرٍ.

٣٧٥_ وَ عَنْ أَبِي جُحَيْفَةَ قَالَ سَمِعْتُ أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ عليه‌السلام يَقُولُ:

أَوَّلُ مَا تُغْلَبُونَ عَلَيْهِ مِنَ الْجِهَادِ الْجِهَادُ بِأَيْدِيكُمْ ثُمَّ بِأَلْسِنَتِكُمْ ثُمَّ بِقُلُوبِكُمْ فَمَنْ لَمْ يَعْرِفْ بِقَلْبِهِ مَعْرُوفاً وَ لَمْ يُنْكِرْ مُنْكَراً قُلِبَ فَجُعِلَ أَعْلَاهُ أَسْفَلَهُ وَ أَسْفَلُهُ أَعْلَاهُ.



٣٧٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام: إِنَّ الْحَقَّ ثَقِيلٌ مَرِيءٌ وَ إِنَّ الْبَاطِلَ خَفِيفٌ وَبِيءٌ.

٣٧٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام لَا تَأْمَنَنَّ عَلَى خَيْرِ هَذِهِ الْأُمَّةِ عَذَابَ اللَّهِ لِقَوْلِهِ تَعَالَى

﴿فَلا يَأْمَنُ مَكْرَ اللَّهِ إِلَّا الْقَوْمُ الْخاسِرُونَ[١]﴾

١: الاعراف: الآية: ٩٩.

## ٣٧٤_ برائي ۽ ڀلائي

امامؑ جي ٻئي ڪلام ۾ ٻه انهي ڪلام وانگر چيل آهي: انهن مان ڪو اهڙو آهي جيڪو برائيءَ جو پنهنجي هٿ، زبان ۽ دل سان انڪار ڪري ٿو ته پوءِ اهو ڀلائي جي خصلتن کي گڏ ڪندڙ آهي، ۽ انهن مان ڪو اهڙو آهي جيڪو پنهنجي زبان ۽ دل سان ان جو انڪار ڪري ٿو پر هٿ سان انڪار کي ڇڏي ٿو ته اهو ڀلائيءَ جي خصلتن مان ٻن خصلتن کي وٺندڙ آهي ۽ هڪڙيءَ کي ضايع ڪندڙ آهي. ۽ انهن مان ڪو پنهنجي دل سان انڪار ڪندڙ آهي پر پنهنجي هٿ ۽ زبان سان انڪار کي ڇڏيندڙ آهي، ته ان ٽن مان ٻن ڀلين خصلتن کي ضايع ڪيو ۽ هڪڙيءَ کي حاصل ڪيو، ۽ انهن مان ڪو پنهنجي زبان، دل ۽ هٿ سان بُرائيءَ جي انڪار کي ڇڏي ٿو ته پوءِ اهو زنده لاش آهي. ۽ ڀلائي جا جيڪي به ڪم آهن حتاڪ الله تعالیٰ جي راه ۾ جهاد ڪرڻ به، امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي مقابلي ۾ ناهن مگر موجون هڻندڙ سمنڊ ۾ لعاب دهن جي برابر، ۽ بيشڪ امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر نه اجل کي قريب ڪندڙ آهن ۽ نه وري رزق کي گهٽائيندڙ آهن، ۽ انهن سيني کان وڌيڪ افضل ظالم اڳواڻ وٽ حق جي ڳالھ ڪرڻ آهي.

## ٣٧٥_ جهاد

**ابي جحيفہ کان منقول آهي ته آءٌ اميرالمؤمنين ؑ کي فرمائيندي ٻڌو:** اهو پهريون جهاد جنهن ۾ توهان تي غلبو ڪيو ويندو توهان جي هٿن جو جهاد آهي، پوءِ توهان جي زبانن جو، پوءِ توهان جي دلين جو. بس جنهن پنهنجي دل سان ڀلائي کي ڀلائي نه سمجهو، ۽ نه برائي جو انڪار ڪيو ته انکي (قيامت ۾) ابتو ڪيو ويندو، جو سندس مٿين حصي کي هيٺ ۽ هيٺين حصي کي مٿي ڪيو ويندو.

## ٣٧٦_ حق

۽ امامؑ فرمايو: بيشڪ حق ڳرو پر وڻندڙ آهي ۽ يقيناً باطل هلڪو پر وبا پيدا ڪندڙ آهي.

## ٣٧٧_ رحمت کان مايوسي

۽ امامؑ فرمايو: هن امت جي سڀ کان ڀلي ماڻهوءَ بابت به هرگز الله تعالیٰ جي عذاب کان مطمئن نه ٿي، ڇا ڪاڻ ته الله تعالیٰ جو فرمان آهي ته ”۽ الله جي حيلي کان مطمئن نٿا رهن سواءِ خساريءَ واري قوم جي“.

وَ لَا تَيْأَسَنَّ لِشَرِّ هَذِهِ الْأُمَّةِ مِنْ رَوْحِ اللَّهِ لِقَوْلِهِ تَعَالَى ﴿إِنَّهُ لا يَيْأَسُ مِنْ رَوْحِ اللَّهِ إِلَّا الْقَوْمُ الْكافِرُونَ[١]﴾.

٣٧٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الْبُخْلُ جَامِعٌ لِمَسَاوِئِ الْعُيُوبِ وَ هُوَ زِمَامٌ يُقَادُ بِهِ إِلَى كُلِّ سُوءٍ.

٣٧٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام: يَا ابْنَ آدَمَ الرِّزْقُ رِزْقَانِ رِزْقٌ تَطْلُبُهُ وَ رِزْقٌ يَطْلُبُكَ فَإِنْ لَمْ تَأْتِهِ أَتَاكَ فَلَا تَحْمِلْ هَمَّ سَنَتِكَ عَلَى هَمِّ يَوْمِكَ كَفَاكَ كُلُّ يَوْمٍ عَلَى مَا فِيهِ فَإِنْ تَكُنِ السَّنَةُ مِنْ عُمُرِكَ فَإِنَّ اللَّهَ تَعَالَى سَيُؤْتِيكَ فِي كُلِّ غَدٍ جَدِيدٍ مَا قَسَمَ لَكَ وَ إِنْ لَمْ تَكُنِ السَّنَةُ مِنْ عُمُرِكَ فَمَا تَصْنَعُ بِالْهَمِّ فِيمَا لَيْسَ لَكَ وَ لَنْ يَسْبِقَكَ إِلَى رِزْقِكَ طَالِبٌ وَ لَنْ يَغْلِبَكَ عَلَيْهِ غَالِبٌ وَ لَنْ يُبْطِئَ عَنْكَ مَا قَدْ قُدِّرَ لَكَ.

قال الرضي رحمه‌الله: و قد مضى هذا الكلام فيما تقدم من هذا الباب إلا أنه هاهنا أوضح و أشرح فلذلك كررناه على القاعدة المقررة في أول الكتاب.



٣٨٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام: رُبَّ مُسْتَقْبِلٍ يَوْماً لَيْسَ بِمُسْتَدْبِرِهِ وَ مَغْبُوطٍ فِي أَوَّلِ لَيْلِهِ قَامَتْ بَوَاكِيهِ فِي آخِرِهِ.

٣٨١_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الْكَلَامُ فِي وَثَاقِكَ مَا لَمْ تَتَكَلَّمْ بِهِ فَإِذَا تَكَلَّمْتَ بِهِ صِرْتَ فِي وَثَاقِهِ.

---

١: اليوسف: الآية: ٨٧.

۽ هن امت جي سڀ کان بُري ماڻهو بابت بہ هرگز الله تعالىٰ جي رحمت کان مايوس نہ ٿي، ڇا ڪاڻ تہ الله تعالىٰ جو فرمان آهي ”بيشڪ الله جي رحمت کان مايوس نٿا ٿين سواءِ ڪافر قوم جي“.

## ٣٧٨_ ڪنجوسائپ

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪنجوسائپ سيني بُرن عيبن کي گڏ ڪندڙ آهي، ۽ اها اهڙي واڳ آهي جنهن سان هر بُرائي ڏانهن ڇڪيو ويندو آهي.

## ٣٧٩_ بہ رزق

امام عليه السلام فرمايو: اي آدم جي اولاد رزق بہ آهن، هڪ اهڙو رزق جنهن کي تون طلب ڪرين ٿو، ۽ ٻيو اهڙو رزق آهي جيڪو تو کي طلب ڪري ٿو، جو اگر تون وٽس نہ وئين تہ هو تو وٽ ايندو. بس پنهنجي سال جي ڳڻتي کي پنهنجي هڪ ڏينهن جي ڳڻتي تي نہ ڪڻ. هر ڏينهن جيڪو منجهس آهي، ان لحاظ کان تنهنجي لاءِ ڪافي آهي. اگر اهو سال تنهنجي عمر منجهان ٿيو تہ بيشڪ عنقريب الله تعالىٰ تو کي هر نئي ڏينهن ۾ اهو رزق ڏيندو جيڪو هن تنهنجي لاءِ مقرر ڪيو آهي، ۽ اگر اهو سال تنهنجي عمر منجهان نہ ٿيو تہ پوءِ ان بابت ڳڻتي ڪري ڇا ڪندين جيڪو تنهنجي لاءِ آهي ئي نہ، ۽ هر گز ڪو طلبگار تو کان پهريائين تنهنجي رزق ڏانهن نٿو وڌي سگهي، ۽ نہ وري ڪو غلبو ڪندڙ ان بابت تو تي غالب ٿي سگهي ٿو. ۽ هر گز اهو تو تائين دير نہ ڪندو جيڪو تنهنجي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي.



سيد رضي رحمه الله فرمايو: هي ڪلام هن باب ۾ اڳ ۾ گذري چڪو آهي پر هتي وڌيڪ واضح ۽ تشريح سان آهي، انجي ڪري اسان وري ذڪر ڪيو آهي، ان قاعدي جي مطابق جيڪو ڪتاب جي شروع ۾ آهي.

## ٣٨٠_ موت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪيترائي ماڻهو ڏينهن جي اڳياڙي کي ڏسن ٿا پر انجي پڇاڙي تائين نٿا رهي سگهن، ۽ ڪيترائي اهڙا آهن جن تي رات جي پهرين پهر ۾ رِيس ڪئي وڃي ٿي ۽ رات جي آخري پهر ۾ روئڻ واريون مٿن روئين ٿيون.

## ٣٨١_ زبان جي حفاظت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪلام ان وقت تائين تنهنجي قابوءَ ۾ آهي جيستائين تون نہ ڳالهائين، بس جڏهن تون ڳالهائيندين تہ تون سندس قابوءَ ۾ ٿي ويندين.

فَاخْزُنْ لِسَانَكَ كَمَا تَخْزُنُ ذَهَبَكَ وَ وَرِقَكَ فَرُبَّ كَلِمَةٍ سَلَبَتْ نِعْمَةً وَ جَلَبَتْ نِقْمَةً.

٣٨٢_ وَ قَالَ عليه السلام:

لَا تَقُلْ مَا لَا تَعْلَمُ بَلْ لَا تَقُلْ كُلَّ مَا تَعْلَمُ فَإِنَّ اللَّهَ

فَرَضَ عَلَى جَوَارِحِكَ كُلِّهَا فَرَائِضَ يَحْتَجُّ بِهَا عَلَيْكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ.

٣٨٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

احْذَرْ أَنْ يَرَاكَ اللَّهُ عِنْدَ مَعْصِيَتِهِ وَ يَفْقِدَكَ عِنْدَ طَاعَتِهِ فَتَكُونَ مِنَ الْخَاسِرِينَ

وَ إِذَا قَوِيتَ فَاقْوَ عَلَى طَاعَةِ اللَّهِ وَ إِذَا ضَعُفْتَ فَاضْعُفْ عَنْ مَعْصِيَةِ اللَّهِ.

٣٨٤_ وَ قَالَ عليه السلام: الرُّكُونُ إِلَى الدُّنْيَا مَعَ مَا تُعَايِنُ مِنْهَا جَهْلٌ

وَ التَّقْصِيرُ فِي حُسْنِ الْعَمَلِ إِذَا وَثِقْتَ بِالثَّوَابِ عَلَيْهِ غَبْنٌ

وَ الطُّمَأْنِينَةُ إِلَى كُلِّ أَحَدٍ قَبْلَ الِاخْتِبَارِ لَهُ عَجْزٌ.



٣٨٥_ وَ قَالَ عليه السلام:

مِنْ هَوَانِ الدُّنْيَا عَلَى اللَّهِ أَنَّهُ لَا يُعْصَى إِلَّا فِيهَا وَ لَا يُنَالُ مَا عِنْدَهُ إِلَّا بِتَرْكِهَا.

٣٨٦_ وَ قَالَ عليه السلام مَنْ طَلَبَ شَيْئاً نَالَهُ أَوْ بَعْضَهُ.

٣٨٧_ وَ قَالَ عليه السلام: مَا خَيْرٌ بِخَيْرٍ بَعْدَهُ النَّارُ وَ مَا شَرٌّ بِشَرٍّ بَعْدَهُ الْجَنَّةُ

وَ كُلُّ نَعِيمٍ دُونَ الْجَنَّةِ فَهُوَ مَحْقُورٌ وَ كُلُّ بَلَاءٍ دُونَ النَّارِ عَافِيَةٌ.

بس پنهنجي زبان کي ائين سانديي رک جيئن پنهنجي سون ۽ چاندي کي سانديي رکندو آهين، جو ڪجھ گفتا نعمتون کسيندا آهن، ۽ عذاب آڻيندا آهن.

## ٣٨٢_ پنهنجي زبان جي حفاظت

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو تون نہ ڄاڻين اهو نہ چئو بلڪ جيڪو ڄاڻين اهو بہ سڀ نہ چئو، ڇا ڪاڻ تہ بيشڪ الله تعاليٰ تنهنجي سيني عضون تي اهڙيون ذميداريون فرض ڪيون آهن جن سان قيامت جي ڏينهن تو تي حجت قائم ڪندو.

## ٣٨٣_ ڪامل بندگي

۽ امام عليه السلام فرمايو: انڪان ڊڄ جو الله تعاليٰ پنهنجي نافرماني وقت تو کي حاضر ڏسي، ۽ پنهنجي اطاعت وقت تو کي غيرحاضر ڏسي، پوءِ تون خساري وارن مان ٿي ويندين، ۽ جڏهن طاقتور ٿئين تہ الله تعاليٰ جي اطاعت تي طاقتور ٿي، ۽ جڏهن ڪمزور ٿئين تہ الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ کان ڪمزور ٿي.

## ٣٨٤_ دنيا، ڪوتاهي ۽ ڀروسو

۽ امام عليه السلام فرمايو: تنهنجو دنيا جي مشاهدي ڪرڻ کانپوءِ ان ڏانهن مائل ٿيڻ جهالت آهي، ۽ ڀلي ڪم ۾ ڪوتاهي ڪرڻ جڏهن تہ تو کي ان جي بدلي ۾ ثواب جي پڪ هجي وڏو خسارو آهي، ۽ پرکڻ کان پهريائين هر هڪ تي ڀروسو ڪرڻ بيوسي آهي.

## ٣٨٥_ دنيا جي پستي

۽ امام عليه السلام فرمايو: الله تعاليٰ وٽ دنيا جي پستي انهي ڪري آهي جو سندس نافرماني نٿي ڪئي وڃي مگر ان ۾، ۽ وٽس موجود اجر تائين نٿو پهچي سگهجي سواءِ انکي ڇڏڻ جي.

## ٣٨٦_ طلب تائين رسائي

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ کي طلب ڪندو تہ انکي يا ان جي ڪجھ حصي کي (ضرور) پائيندو.

## ٣٨٧_ خير ۽ شر

۽ امام عليه السلام فرمايو: اهو خير خير نہ آهي جنهن کانپوءِ جهنم هجي، ۽ اهو شر شر نہ آهي جنهن کانپوءِ جنت هجي، ۽ هر نعمت جنت کانسواءِ حقير آهي، ۽ هر مصيبت جهنم کانسواءِ راحت آهي.

٣٨٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

أَلَا وَ إِنَّ مِنَ الْبَلَاءِ الْفَاقَةَ وَ أَشَدُّ مِنَ الْفَاقَةِ مَرَضُ الْبَدَنِ

وَ أَشَدُّ مِنْ مَرَضِ الْبَدَنِ مَرَضُ الْقَلْبِ أَلَا وَ إِنَّ مِنْ صِحَّةِ الْبَدَنِ تَقْوَى الْقَلْبِ.

٣٨٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام : مَنْ أَبْطَأَ بِهِ عَمَلُهُ لَمْ يُسْرِعْ بِهِ نَسَبُهُ.

وَ فِي رِوَايَةٍ أُخْرَى: مَنْ فَاتَهُ حَسَبُ نَفْسِهِ لَمْ يَنْفَعْهُ حَسَبُ آبَائِهِ.

٣٩٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام : لِلْمُؤْمِنِ ثَلَاثُ سَاعَاتٍ فَسَاعَةٌ يُنَاجِي فِيهَا رَبَّهُ

وَ سَاعَةٌ يَرُمُّ مَعَاشَهُ وَ سَاعَةٌ يُخَلِّي بَيْنَ نَفْسِهِ وَ بَيْنَ لَذَّتِهَا

فِيمَا يَحِلُّ وَ يَجْمُلُ وَ لَيْسَ لِلْعَاقِلِ أَنْ يَكُونَ شَاخِصاً

إِلَّا فِي ثَلَاثٍ مَرَمَّةٍ لِمَعَاشٍ أَوْ خُطْوَةٍ فِي مَعَادٍ أَوْ لَذَّةٍ فِي غَيْرِ مُحَرَّمٍ.

٣٩١_ وَ قَالَ عليه‌السلام :



ازْهَدْ فِي الدُّنْيَا يُبَصِّرْكَ اللَّهُ عَوْرَاتِهَا وَ لَا تَغْفُلْ فَلَسْتَ بِمَغْفُولٍ عَنْكَ.

٣٩٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام : تَكَلَّمُوا تُعْرَفُوا فَإِنَّ الْمَرْءَ مَخْبُوءٌ تَحْتَ لِسَانِهِ.

٣٩٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام :

خُذْ مِنَ الدُّنْيَا مَا أَتَاكَ وَ تَوَلَّ عَمَّا تَوَلَّى عَنْكَ فَإِنْ أَنْتَ لَمْ تَفْعَلْ فَأَجْمِلْ فِي الطَّلَبِ.

## ٣٨٨_ غربت

۽ امام عليه السلام فرمايو: آگاهه رهو تہ بيشڪ غربت بہ مصيبتن مان هڪ آهي، ۽ غربت کان وڌيڪ سخت جسماني بيماريءَ آهي، ۽ جسماني بيماري کان وڌيڪ سخت دل جي بيماري آهي، ۽ جسماني تندرستيءَ کان افضل دل جي پرهيزگاري آهي.

## ٣٨٩_ عمل

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن کي سندس عمل سست ڪري تہ انکي سندس نسب چست نہ ڪندو.

۽ ٻيءَ روايت ۾ آهي: جنهن کي پنهنجي حيثيت پوئتي ڪري تہ انکي سندس وڏڙن جي حيثيت فائدو نہ ڏيندي.

## ٣٩٠_ وقت جو صحيح استعمال

۽ امام عليه السلام فرمايو: مؤمن جي لاءِ ٽي گهڙيون آهن، هڪ گهڙي جنهن ۾ هو پنهنجي رب سان راز ۽ نياز ڪندو آهي، ۽ ٻي گهڙي جنهن ۾ هو پنهنجي روزيءَ جو بندوبست ڪندو آهي. ۽ ٽئين گهڙي جنهن ۾ هو حلال ۽ سنين شين جي لذتن لاءِ پاڻ کي ڇڏي ڏيندو آهي. ۽ عقلمند لاءِ مناسب نہ آهي تہ هو مسافر ٿئي مگر ٽن ڪمن جي لاءِ، روزيءَ جي بندوبست لاءِ، يا آخرت ڏانهن وِک وڌائڻ لاءِ، يا جائز شيءِ جي لذت پائڻ لاءِ.

## ٣٩١_ دنيا ۾ زهد

۽ امام عليه السلام فرمايو: دنيا ۾ زهد اختيار ڪر، تہ الله تعالىٰ تو کي انجا عيب ڏيکاري، ۽ غفلت نہ ڪر جو تو کان غفلت نٿي ڪئي وڃي.

## ٣٩٢_ زبان

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڳالهايو تہ جيئن سڃاتا وڃو، جو بيشڪ ماڻهو پنهنجي زبان جي هيٺيان لڪيل هوندو آهي.

## ٣٩٣_ زندگي گذارڻ جو طريقو

۽ امام عليه السلام فرمايو: دنيا مان اها شيءِ ڪڻ جيڪا تو وٽ اچي، ۽ انکان مُنهن موڙ جيڪا تو کان مُنهن موڙي، پوءِ اگر تون ائين نہ ڪرين تہ پوءِ سهڻي نموني انجي طلب ڪر.

٣٩٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام: رُبَّ قَوْلٍ أَنْفَذُ مِنْ صَوْلٍ.

٣٩٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام: كُلُّ مُقْتَصَرٍ عَلَيْهِ كَافٍ.

٣٩٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام: الْمَنِيَّةُ وَ لَا الدَّنِيَّةُ وَ التَّقَلُّلُ وَ لَا التَّوَسُّلُ وَ مَنْ لَمْ يُعْطَ قَاعِداً لَمْ يُعْطَ قَائِماً وَ الدَّهْرُ يَوْمَانِ يَوْمٌ لَكَ وَ يَوْمٌ عَلَيْكَ فَإِذَا كَانَ لَكَ فَلَا تَبْطَرْ وَ إِذَا كَانَ عَلَيْكَ فَاصْبِرْ.

٣٩٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام: نِعْمَ الطِّيبُ الْمِسْكُ خَفِيفٌ مَحْمِلُهُ عَطِرٌ رِيحُهُ.

٣٩٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام: ضَعْ فَخْرَكَ وَ احْطُطْ كِبْرَكَ وَ اذْكُرْ قَبْرَكَ.

٣٩٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام: إِنَّ لِلْوَلَدِ عَلَى الْوَالِدِ حَقّاً وَ إِنَّ لِلْوَالِدِ عَلَى الْوَلَدِ حَقّاً

فَحَقُّ الْوَالِدِ عَلَى الْوَلَدِ أَنْ يُطِيعَهُ فِي كُلِّ شَيْءٍ

إِلَّا فِي مَعْصِيَةِ اللَّهِ سُبْحَانَهُ وَ حَقُّ الْوَلَدِ عَلَى الْوَالِدِ

أَنْ يُحَسِّنَ اسْمَهُ وَ يُحَسِّنَ أَدَبَهُ وَ يُعَلِّمَهُ الْقُرْآنَ.

٤٠٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

الْعَيْنُ حَقٌّ وَ الرُّقَى حَقٌّ وَ السِّحْرُ حَقٌّ وَ الْفَأْلُ حَقٌّ

وَ الطِّيَرَةُ لَيْسَتْ بِحَقٍّ وَ الْعَدْوَى لَيْسَتْ بِحَقٍّ وَ الطِّيبُ نُشْرَةٌ

وَ الْعَسَلُ نُشْرَةٌ وَ الرُّكُوبُ نُشْرَةٌ وَ النَّظَرُ إِلَى الْخُضْرَةِ نُشْرَةٌ.

## ٣٩٤_ گفتي جو اثر

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪو گفتو حملي ڪان وڌيڪ اثر ڪندڙ آهي.

## ٣٩٥_ قناعت

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن تي قناعت ڪئي وڃي اهو ڪافي آهي.

## ٣٩٦_ انمول نصيحتون

۽ امام عليه السلام فرمايو: موت ڀلي هجي پر ذلت نه هجي ۽ ٿورو ئي هجي پر هٿ نه ٽنگجي، ۽ جنهن کي ويٺي نه ڏنو ويندو ته انکي بيٺي به نه ڏنو ويندو. زمانو ٻه ڏينهن آهي هڪ ڏينهن تنهنجي فائدي جو ۽ ٻيو ڏينهن تنهنجي نقصان جو. بس پوءِ جڏهن اهو تنهنجي فائدي جو هجي ته تون آڪڙ نه ڪر ۽ جڏهن تنهنجي نقصان جو هجي ته تون صبر ڪر.

## ٣٩٧_ مُشڪ جي خوشبوءِ

۽ امام عليه السلام فرمايو: مُشڪ (ڪٿوري) ڪيڏي نه ڀلي خوشبوءِ آهي جو ان جو کڻڻ هلڪو ۽ سندس خوشبوءِ سُرهاڻ آهي.

## ٣٩٨_ فخر

۽ امام عليه السلام فرمايو: پنهنجي فخر کي ڇڏ، ۽ پنهنجيءَ وڏائيءَ کي نابود ڪر، ۽ پنهنجيءَ قبر کي ياد ڪر.



## ٣٩٩_ پيءُ ۽ پٽ جا حق

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ پُٽ جو پيءُ تي حق آهي، ۽ پيءُ جو به پٽ تي حق آهي. بس پيءُ جو پٽ تي اهو حق آهي ته هو هر شيءِ ۾ ان جي اطاعت ڪري، سواءِ الله سبحانه جي نافرمانيءَ جي، ۽ پُٽ جو پيءُ تي اهو حق آهي ته ان جو نالو ڀلو رکي، ۽ انکي سنو ادب سيکاري، ۽ کيس قرآن جي تعليم ڏي.

## ٤٠٠_ نظر ۽ تعويذ

۽ امام عليه السلام فرمايو: نظر لڳڻ، تعويذ، جادو، ۽ نيڪ فال حقيقت آهن. ۽ بدفال ۽ هڪ جي بيماريءَ جو ٻئي کي لڳڻ حقيقت نه آهن. خوشبوءِ، ماکيءَ، سواريءَ ڪرڻ ۽ ساوڪ ڏانهن ڏسڻ سان راحت ملندي آهي.

٤٠١_ وَ قَالَ عليه السلام: مُقَارَبَةُ النَّاسِ فِي أَخْلَاقِهِمْ أَمْنٌ مِنْ غَوَائِلِهِمْ.

٤٠٢_ وَ قَالَ عليه السلام: لِبَعْضِ مُخَاطِبِيهِ وَ قَدْ تَكَلَّمَ بِكَلِمَةٍ يُسْتَصْغَرُ مِثْلُهُ عَنْ قَوْلِ مِثْلِهَا: لَقَدْ طِرْتَ شَكِيراً وَ هَدَرْتَ سَقْباً.

قال الرضي رحمه الله: و الشكير هاهنا أول ما ينبت من ريش الطائر قبل أن يقوى و يستحصف و السقب الصغير من الإبل و لا يهدر إلا بعد أن يستفحل.

٤٠٣_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ أَوْمَأَ إِلَى مُتَفَاوِتٍ خَذَلَتْهُ الْحِيَلُ.

٤٠٤_ وَ قَالَ عليه السلام:

وَ قَدْ سُئِلَ عَنْ مَعْنَى قَوْلِهِمْ لَا حَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ:

إِنَّا لَا نَمْلِكُ مَعَ اللَّهِ شَيْئاً وَ لَا نَمْلِكُ إِلَّا مَا مَلَّكَنَا فَمَتَى مَلَّكَنَا مَا هُوَ أَمْلَكُ بِهِ مِنَّا كَلَّفَنَا وَ مَتَى أَخَذَهُ مِنَّا وَضَعَ تَكْلِيفَهُ عَنَّا.

٤٠٥_ وَ قَالَ عليه السلام لِعَمَّارِ بْنِ يَاسِرٍ وَ قَدْ سَمِعَهُ يُرَاجِعُ الْمُغِيرَةَ بْنَ شُعْبَةَ كَلَاماً:

دَعْهُ يَا عَمَّارُ فَإِنَّهُ لَمْ يَأْخُذْ مِنَ الدِّينِ إِلَّا مَا قَارَبَهُ مِنَ الدُّنْيَا وَ عَلَى عَمْدٍ لَبَسَ عَلَى نَفْسِهِ لِيَجْعَلَ الشُّبُهَاتِ عَاذِراً لِسَقَطَاتِهِ.

## ۴۰۱_ دشمنيءَ کان امان

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهن جي اخلاق (رِيتن ۽ رسمن) ۾ سندن ويجهو ٿيڻ انهن جي دشمنيءَ کان امان آهي.

## ۴۰۲_ حيثيت مطابق رهڻ

۽ امام عليه السلام ساڻس مخاطب ٿيندڙ کنهن شخص کي فرمايو، جنهن اهڙو گفتو ڳالهايو هو جيڪو سندس حيثيت کان مٿي هو: بيشڪ تون کنپ نکرندي ئي اُڏرڻ لڳو آهين، ۽ توڏائپ ۾ ئي گُڙڻ لڳو آهين.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: هتي "شَڪِير" مان مراد پکيءَ جي ٻچي جا مضبوط ٿيڻ کان پهريائين ڦُنڻ وارا پر آهن. ۽ "سَقْبا" مان مراد توڏو آهي جيڪو اُٺ ٿيڻ کانپوءِ گُڙندو آهي.

## ۴۰۳_ الڳ الڳ چاهت

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو مختلف شين کي چاهيندو ته تدبيرون کيس رسوا ڪري ڇڏينديون.

## ٤٠٤_ لا حول ولا قوة الا بالله جي معنيٰ

۽ امام عليه السلام کان هن جملي لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللهِ "ڪا به قوت ۽ طاقت نه آهي سواءِ الله جي" جي معنيٰ بابت پڇيو ويو ته فرمايائون: اسان الله سان گڏ ڪنهن به شيءِ جا مالڪ نه آهيون، ۽ اسان ملڪيت نٿا رکون سواءِ انهن شين جي جن جو هن اسانکي مالڪ بڻايو آهي. بس جڏهن هن اسانکي انهن شين جو مالڪ بڻايو جن جي ملڪيت جو هو اسان کان وڌيڪ حقدار آهي ته پوءِ هن اسانکي ذميداريون ڏنيون، ۽ جڏهن انهن شين کي اسانکان وٺندو ته انهن جي ذميداري به اسان کان ختم ڪري ڇڏيندو.



## ۴۰۵_ دين ۾ ناسمجهي

جڏهن امام عليه السلام ٻڌو ته عمار بن ياسر مغيره بن شعبه سان ڳالهين ۾ ڏي وٺ ڪري رهيو آهي ته کيس فرمايو: اي عمار! ڇڏيس جو هن دين مان ناهي ڪنيو مگر اهو جيڪو کيس دنيا جي قريب ڪري، ۽ هن جاڻي واڻي پاڻ کي مُنجهائي ڇڏيو آهي ته جيئن شبهن کي پنهنجي ثابن تي بهانو بڻائي سگهي.

٤٠٦_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَا أَحْسَنَ تَوَاضُعَ الْأَغْنِيَاءِ لِلْفُقَرَاءِ طَلَباً لِمَا عِنْدَ اللَّهِ

وَ أَحْسَنُ مِنْهُ تِيهُ الْفُقَرَاءِ عَلَى الْأَغْنِيَاءِ اتِّكَالًا عَلَى اللَّهِ.

٤٠٧_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَا اسْتَوْدَعَ اللَّهُ امْرَأً عَقْلًا إِلَّا اسْتَنْقَذَهُ بِهِ يَوْماً مَا.

٤٠٨_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ صَارَعَ الْحَقَّ صَرَعَهُ.

٤٠٩_ وَ قَالَ عليه السلام: الْقَلْبُ مُصْحَفُ الْبَصَرِ.

٤١٠_ وَ قَالَ عليه السلام: التُّقَى رَئِيسُ الْأَخْلَاقِ.

٤١١_ وَ قَالَ عليه السلام: لَا تَجْعَلَنَّ ذَرَبَ لِسَانِكَ عَلَى مَنْ أَنْطَقَكَ

وَ بَلَاغَةَ قَوْلِكَ عَلَى مَنْ سَدَّدَكَ.



٤١٢_ وَ قَالَ عليه السلام:

كَفَاكَ أَدَباً لِنَفْسِكَ اجْتِنَابُ مَا تَكْرَهُهُ مِنْ غَيْرِكَ.

٤١٣_ وَ قَالَ عليه السلام:

مَنْ صَبَرَ صَبْرَ الْأَحْرَارِ وَ إِلَّا سَلَا سُلُوَّ الْأَغْمَارِ.

## ۴۰۶_ شاهوڪار ۽ غريب

۽ امام عليه السلام فرمايو: الله وٽ اجر پائڻ لاءِ شاهوڪارن جو غريبن سان نيازمندي سان پيش اچڻ ڪيڏو نه ڀلو آهي. ۽ الله تي ڀروسو ڪندي غريبن جو شاهوڪارن سان خودداري سان پيش اچڻ اجا وڌيڪ ڀلو آهي.

## ۴۰۷_ عقل

۽ امام عليه السلام فرمايو: الله تعالىٰ ڪنهن به ماڻهو کي عقل ناهي ڏنو مگر هڪ ڏينهن ان سان کيس بچائيندو.

## ۴۰۸_ حق غالب رهندو

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو حق کي دسڻ چاهيندو ته حق کيس دسي ڇڏيندو.

## ۴۰۹_ دل

۽ امام عليه السلام فرمايو: دل اکين جو صحيفو آهي.

## ۴۱۰_ اخلاق جو سردار

۽ امام عليه السلام فرمايو: پرهيزگاري اخلاق جو سردار آهي.

## ۴۱۱_ زبان جي تيزي



۽ امام عليه السلام فرمايو: هرگز پنهنجي زبان جي تيزي ان تي نه هلاءِ جنهن تو کي ڳالهائڻ سيکاريو، ۽ پنهنجي ڪلام جي بلاغت ان تي نه جتاءِ جنهن تو کي پختو ڪيو.

## ۴۱۲_ نفس جو ادب

۽ امام عليه السلام فرمايو: تنهنجي نفس جي ادب لاءِ تنهنجو انهن ڪمن کان پرهيز ڪرڻ ڪافي آهي جن کي تون ٻين کان ناپسند ڪرين.

## ۴۱۳_ صبر

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو صبر ڪري ته آزاد ماڻهن وانگر صبر ڪري نه ته سادن ماڻهن جي وسارڻ وانگر وساري ڇڏي.

٤١٤_ وَ فِي خَبَرٍ آخَرَ أَنَّهُ عليه السلام قَالَ لِلْأَشْعَثِ بْنِ قَيْسٍ مُعَزِّياً عَنِ ابْنٍ لَهُ:

إِنْ صَبَرْتَ صَبْرَ الْأَكَارِمِ وَ إِلَّا سَلَوْتَ سُلُوَّ الْبَهَائِمِ.

٤١٥_ وَ قَالَ عليه السلام فِي صِفَةِ الدُّنْيَا:

تَغُرُّ وَ تَضُرُّ وَ تَمُرُّ إِنَّ اللَّهَ تَعَالَى لَمْ يَرْضَهَا ثَوَاباً لِأَوْلِيَائِهِ وَ لَا عِقَاباً لِأَعْدَائِهِ وَ إِنَّ أَهْلَ الدُّنْيَا كَرَكْبٍ بَيْنَا هُمْ حَلُّوا إِذْ صَاحَ بِهِمْ سَائِقُهُمْ فَارْتَحَلُوا.

٤١٦_ وَ قَالَ لِابْنِهِ الْحَسَنِ عليه السلام:

لَا تُخَلِّفَنَّ وَرَاءَكَ شَيْئاً مِنَ الدُّنْيَا فَإِنَّكَ تُخَلِّفُهُ لِأَحَدِ رَجُلَيْنِ إِمَّا رَجُلٌ عَمِلَ فِيهِ بِطَاعَةِ اللَّهِ فَسَعِدَ بِمَا شَقِيتَ بِهِ وَ إِمَّا رَجُلٌ عَمِلَ فِيهِ بِمَعْصِيَةِ اللَّهِ فَشَقِيَ بِمَا جَمَعْتَ لَهُ فَكُنْتَ عَوْناً لَهُ عَلَى مَعْصِيَتِهِ وَ لَيْسَ أَحَدُ هَذَيْنِ حَقِيقاً أَنْ تُؤْثِرَهُ عَلَى نَفْسِكَ.



قَالَ الرَّضِيُّ رحمه الله: وَ يُرْوَى هَذَا الْكَلَامُ عَلَى وَجْهٍ آخَرَ وَ هُوَ:

أَمَّا بَعْدُ فَإِنَّ الَّذِي فِي يَدِكَ مِنَ الدُّنْيَا قَدْ كَانَ لَهُ أَهْلٌ قَبْلَكَ وَ هُوَ صَائِرٌ إِلَى أَهْلٍ بَعْدَكَ وَ إِنَّمَا أَنْتَ جَامِعٌ لِأَحَدِ رَجُلَيْنِ رَجُلٍ عَمِلَ فِيمَا جَمَعْتَهُ بِطَاعَةِ اللَّهِ فَسَعِدَ بِمَا شَقِيتَ بِهِ أَوْ رَجُلٍ عَمِلَ فِيهِ بِمَعْصِيَةِ اللَّهِ فَشَقِيتَ بِمَا جَمَعْتَ لَهُ وَ لَيْسَ أَحَدُ هَذَيْنِ أَهْلًا أَنْ تُؤْثِرَهُ عَلَى نَفْسِكَ وَ لَا أَنْ تَحْمِلَ لَهُ عَلَى ظَهْرِكَ فَارْجُ لِمَنْ مَضَى رَحْمَةَ اللَّهِ وَ لِمَنْ بَقِيَ رِزْقَ اللَّهِ.

## ۴۱۴_ مانائتن ماڻهن جو صبر

۽ ٻيءَ روايت ۾ آهي تہ امامؑ اشعث بن قيس سان سندس پُٽ جي عذرخواهيءَ کندي فرمايو: جيڪڏهن تو مانائتن ماڻهن جي صبر وانگر صبر ڪرين تہ نيڪ نہ تہ جانورن جي وسارڻ جيان وساري ڇڏيندين.

## ۴۱۵_ دنيا جي صفت

امامؑ دنيا جي صفت بابت فرمايو: هيءَ ڌوڪو ڏيندڙ، نقصان ڏيندڙ ۽ گذري ويندڙ آهي، بيشڪ الله تعالىٰ انکي پنهنجي پيارن لاءِ ثواب طور پسند ناهي ڪيو ۽ نہ پنهنجي دشمنن لاءِ عذاب طور پسند ڪيو آهي. ۽ بيشڪ دنيا وارا ان قافلي جيان آهن جيڪو اجا لٿو مس هو تہ سندس سالار هڪل ڪئي ۽ اهي هلي پيا.

## ۴۱۶_ امام حسنؑ کي فرمايو

امامؑ پنهنجي پُٽ امام حسنؑ کي فرمايو: تون هرگز پنهنجي پُٺيان دنيا مان ڪجھ نہ ڇڏجائن ڇا ڪاڻ تہ تون انکي ٻن مان ڪنهن هڪ ماڻهوءَ لاءِ ڇڏيندين، يا ان ماڻهوءَ لاءِ جيڪو انکي الله تعالىٰ جي اطاعت ۾ ڪتب آڻيندو، پوءِ هو ان سان نيڪ بخت ٿيندو جنهن جي ڪري تو مشقت ڪنئي هئي، يا ان ماڻهوءَ لاءِ جيڪو انکي الله تعالىٰ جي نافرمانيءَ ۾ ڪتب آڻيندو تہ پوءِ جنهن کي تو سندس لاءِ گڏ ڪيو هو ان سان بدبخت ٿيندو ۽ تون ان جي نافرمانيءَ تي سندس مددگار ٿيندين. ۽ حقيقت ۾ انهن ٻنهي مان ڪو بہ اهڙو ناهي جنهن کي تون پاڻ تي ترجيح ڏين.

سيد رضيؒ فرمايو هي ڪلام ٻئي نموني سان بہ روايت ڪيو ويو آهي ۽ اهو هي آهي: اما بعد: بيشڪ دنيا مان جيڪو ڪجھ تنهنجي هٿ ۾ آهي تو کان پهريائين ان جو مالڪ ڪو ٻيو هو، ۽ هي تو کان پوءِ ٻين ڏانهن هليو ويندو، تون تہ رڳو ٻن ماڻهن مان ڪنهن هڪ لاءِ گڏ ڪندڙ آهين، يا اهڙي ماڻهوءَ لاءِ جيڪو ان مال کي جنهن کي تو گڏ ڪيو هو الله تعالىٰ جي اطاعت ۾ ڪتب آڻيندو، پوءِ تون ان سان نيڪ بخت ٿيندو جنهن ڪري تو مشقت ڪنئي هئي، يا اهڙي ماڻهوءَ لاءِ جيڪو انکي الله تعالىٰ جي نافرمانيءَ ۾ ڪتب آڻيندس پوءِ تون ان جي ڪري بدبخت ٿيندين جيڪو تو ان لاءِ گڏ ڪيو هو، ۽ انهن ٻنهي مان ڪو بہ ان لائق نہ آهي جو تون انکي پاڻ تي ترجيح ڏين، ۽ نہ ان جي لاءِ پنهنجي پُٺيءَ تي بار ڪڻين، جيڪو هليو ويو آهي ان لاءِ الله تعالىٰ جي رحمت ۽ جيڪو باقي آهي ان لاءِ الله تعالىٰ کان رزق جي اميد ڪر.

٤١٧_ وَ قَالَ عليه السلام لِقَائِلٍ قَالَ بِحَضْرَتِهِ "أَسْتَغْفِرُ اللَّهَ":

ثَكِلَتْكَ أُمُّكَ أَ تَدْرِي مَا الِاسْتِغْفَارُ الِاسْتِغْفَارُ دَرَجَةُ الْعِلِّيِّينَ وَ هُوَ اسْمٌ وَاقِعٌ عَلَى سِتَّةِ مَعَانٍ أَوَّلُهَا النَّدَمُ عَلَى مَا مَضَى وَ الثَّانِي الْعَزْمُ عَلَى تَرْكِ الْعَوْدِ إِلَيْهِ أَبَداً وَ الثَّالِثُ أَنْ تُؤَدِّيَ إِلَى الْمَخْلُوقِينَ حُقُوقَهُمْ حَتَّى تَلْقَى اللَّهَ أَمْلَسَ لَيْسَ عَلَيْكَ تَبِعَةٌ وَ الرَّابِعُ أَنْ تَعْمِدَ إِلَى كُلِّ فَرِيضَةٍ عَلَيْكَ ضَيَّعْتَهَا فَتُؤَدِّيَ حَقَّهَا وَ الْخَامِسُ أَنْ تَعْمِدَ إِلَى اللَّحْمِ الَّذِي نَبَتَ عَلَى السُّحْتِ فَتُذِيبَهُ بِالْأَحْزَانِ حَتَّى تُلْصِقَ الْجِلْدَ بِالْعَظْمِ وَ يَنْشَأَ بَيْنَهُمَا لَحْمٌ جَدِيدٌ وَ السَّادِسُ أَنْ تُذِيقَ الْجِسْمَ أَلَمَ الطَّاعَةِ كَمَا أَذَقْتَهُ حَلَاوَةَ الْمَعْصِيَةِ فَعِنْدَ ذَلِكَ تَقُولُ أَسْتَغْفِرُ اللَّهَ.

٤١٨: وَ قَالَ عليه السلام: الْحِلْمُ عَشِيرَةٌ.

٤١٩: وَ قَالَ عليه السلام: مِسْكِينٌ ابْنُ آدَمَ مَكْتُومُ الْأَجَلِ مَكْنُونُ الْعِلَلِ

مَحْفُوظُ الْعَمَلِ تُؤْلِمُهُ الْبَقَّةُ وَ تَقْتُلُهُ الشَّرْقَةُ وَ تُنْتِنُهُ الْعَرْقَةُ.

٤٢٠_ وَ رُوِيَ أَنَّهُ عليه السلام كَانَ جَالِساً فِي أَصْحَابِهِ فَمَرَّتْ بِهِمُ امْرَأَةٌ جَمِيلَةٌ فَرَمَقَهَا الْقَوْمُ بِأَبْصَارِهِمْ فَقَالَ عليه السلام:

إِنَّ أَبْصَارَ هَذِهِ الْفُحُولِ طَوَامِحُ وَ إِنَّ ذَلِكَ سَبَبُ هِبَابِهَا فَإِذَا نَظَرَ أَحَدُكُمْ إِلَى امْرَأَةٍ تُعْجِبُهُ فَلْيُلَامِسْ أَهْلَهُ فَإِنَّمَا هِيَ امْرَأَةٌ كَامْرَأَتِهِ.

فَقَالَ رَجُلٌ مِنَ الْخَوَارِجِ، قَاتَلَهُ اللَّهُ كَافِراً مَا أَفْقَهَهُ فَوَثَبَ الْقَوْمُ لِيَقْتُلُوهُ فَقَالَ عليه السلام: رُوَيْداً إِنَّمَا هُوَ سَبٌّ بِسَبٍّ أَوْ عَفْوٌ عَنْ ذَنْبٍ.

## ۴۱۷_ استغفار

جڏهن ڪنهن چوڻ واري امامؑ جي اڳيان ”استغفرالله“ چيو ته امامؑ ڪيس فرمايو: تنهنجي ماءُ تنهنجو غم ملهائي! خبر اٿئي ته استغفار ڇا آهي؟ استغفار اعلىٰ هستين جو درجو آهي ۽ هي اهڙو اسم آهي جيڪو ڇهن معنائن تي صادق اچي ٿو.

پهرين: جيڪو ٿي چڪو آهي ان تي پشيمان ٿيڻ. ٻي: ۽ انڪي ڪڏهن به ٻيهر انجام نه ڏيڻ جو پڪو پهه ڪرڻ. ٽئين: مخلوق تائين سندن حق پهچائڻ ايستائين جو الله سان اهڙو صاف ٿي ملاقات ڪرين جو تو تي ڪو مؤاخذو نه هجي. چوٿين: ۽ تنهنجو هر ان فرض ڏانهن متوجه ٿيڻ جيڪو تو تي لازم هؤ ۽ تو ان کي ضايع ڪيو بس ان جي حق کي تنهنجو ادا ڪرڻ. پنجين: تنهنجو ان گوشت ڏانهن متوجه ٿيڻ جيڪو حرام ڪري ڦٽو آهي، پوءِ ڏکن سان انکي ڳار، تان جو چمڙي کي هڏ سان ملاءِ، ۽ انهن جي درميان نئون گوشت ڦٽي. ڇهين: تنهنجو جسم کي اطاعت جو درد چکائڻ جيئن تو انکي نافرمانيءَ جي مِناڻ چکائي هئي، پوءِ ان وقت تون چؤ ”استغفرالله“.

## ۴۱۸_ بردباري

۽ امامؑ فرمايو: بردباري هڪ قبيلو آهي.

## ۴۱۹_ ابنِ آدم جي بيوسي

۽ امامؑ فرمايو: ابنِ آدم ڪيڏو نه بيوس آهي جو لڪيل اجل، پوشيده بيمارين، ۽ محفوظ عمل وارو آهي، ڪُت ڪيس اذيت ڏئي ٿي، ۽ پاڻي جو اٽڪڻ ڪيس ماري ڇڏي ٿو، ۽ پگهر ڪيس بدبؤدار ڪري ٿو.

## ۴۲۰_ غلط نگاھ

**امامؑ پنهنجي اصحاب سان گڏ ويٺا هئا ته اتان ڪان هڪ سهڻي عورت گذري ته ماڻهو ان ڏي تڪڻ لڳا ته امامؑ فرمايو:** بيشڪ انهن مڙسالن جون نظرون لالچي آهن، جيڪي کين ان جي ڇُهڻ تي اياري ٿيون، بس جڏهن توهان مان ڪو اهڙي عورت کي ڏسي جيڪا ڪيس وڻي ته ڪيس گهرجي ته پنهنجي گهرواريءَ جو پاسو وني جو هي عورت به ان عورت وانگر آهي.

پوءِ هڪڙي خارجيءَ ماڻهوءَ چيو: الله ان ڪافر کي قتل ڪري هي ڪيڏو نه فقيه آهي، پوءِ ماڻهو مٿس ٽُٽي پيا ته جيئن انکي قتل ڪن ته امام ؑ فرمايو: ترسو! گٽي لفظ جو بدلو گٽو لفظ آهي، يا ڏوھ کي معاف ڪري ڇڏڻ آهي.

٤٢١_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

كَفَاكَ مِنْ عَقْلِكَ مَا أَوْضَحَ لَكَ سُبُلَ غَيِّكَ مِنْ رُشْدِكَ.

٤٢٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

افْعَلُوا الْخَيْرَ وَ لَا تَحْقِرُوا مِنْهُ شَيْئاً فَإِنَّ صَغِيرَهُ كَبِيرٌ وَ قَلِيلَهُ كَثِيرٌ

وَ لَا يَقُولَنَّ أَحَدُكُمْ إِنَّ أَحَداً أَوْلَى بِفِعْلِ الْخَيْرِ مِنِّي فَيَكُونَ

وَ اللَّهِ كَذَلِكَ إِنَّ لِلْخَيْرِ وَ الشَّرِّ أَهْلًا فَمَهْمَا تَرَكْتُمُوهُ مِنْهُمَا كَفَاكُمُوهُ أَهْلُهُ.

٤٢٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَنْ أَصْلَحَ سَرِيرَتَهُ أَصْلَحَ اللَّهُ عَلَانِيَتَهُ

وَ مَنْ عَمِلَ لِدِينِهِ كَفَاهُ اللَّهُ أَمْرَ دُنْيَاهُ وَ مَنْ أَحْسَنَ

فِيمَا بَيْنَهُ وَ بَيْنَ اللَّهِ أَحْسَنَ اللَّهُ مَا بَيْنَهُ وَ بَيْنَ النَّاسِ.

٤٢٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام:



إِنَّ لِلَّهِ عِبَاداً يَخْتَصُّهُمُ اللَّهُ بِالنِّعَمِ لِمَنَافِعِ الْعِبَادِ

فَيُقِرُّهَا فِي أَيْدِيهِمْ مَا بَذَلُوهَا فَإِذَا مَنَعُوهَا نَزَعَهَا مِنْهُمْ ثُمَّ حَوَّلَهَا إِلَى غَيْرِهِمْ.

٤٢٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

الْحِلْمُ غِطَاءٌ سَاتِرٌ وَ الْعَقْلُ حُسَامٌ قَاطِعٌ

فَاسْتُرْ خَلَلَ خُلُقِكَ بِحِلْمِكَ وَ قَاتِلْ هَوَاكَ بِعَقْلِكَ.

## ۴۲۱_ عقل

۽ امام عليه السلام فرمايو: تنهنجي لاءِ ايترو عقل ڪافي آهي جيڪو تنهنجي لاءِ تنهنجي گمراهيءَ جي واٽن کان تنهنجي هدايت جي واٽ کي واضح ڪري.

## ۴۲۲_ ڀلائي

امام عليه السلام فرمايو: ڀلائيءَ کي انجام ڏيو ۽ ان مان ڪنهن کي معمولي نہ سمجهو، ڇو جو اها ننڍي بہ وڏي آهي ۽ ٿوري بہ گهڻي آهي، ۽ هرگز توهان مان ڪو ائين نہ چوي تہ بيشڪ ڪو ٻيو ڀلي ڪم ڪرڻ ۾ مون کان وڌيڪ آهي. الله جو قسم پوءِ اهو ائين ٿي ويندو. بيشڪ ڀلائيءَ ۽ برائي جا اهل موجود آهن، پوءِ توهان انهن مان جڏهن بہ ڪنهن کي ڇڏي ڏيندؤ تہ ان جو اهل توهان کان ان لاءِ ڪافي ٿي ويندو.

## ۴۲۳_ اندرڪي سڌارڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو پنهنجي اندر کي سڌاريندو تہ الله ان جي ظاهر کي سڌاريندو ۽ جيڪو پنهنجي دين لاءِ عمل ڪندو تہ الله تعالیٰ ان جي دنياوي ڪمن کي پورو ڪندو. ۽ جيڪو الله ۽ پنهنجي درميان رابطي کي ڀلو رکندو تہ الله هنجي ۽ ماڻهن جي درميان رابطي کي ڀلو رکندو.

## ۴۲۴_ بردباري

۽ امام عليه السلام فرمايو: بردباري ڍڪيندڙ پردو آهي ۽ عقل ڪٽيندڙ تلوار آهي.

بس پنهنجي اخلاقي عيبن کي پهنجي بردباري سان ڍڪ ۽ پنهنجي خواهش کي پنهنجي عقل سان قتل ڪر.

## ۴۲۵_ الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ الله تعالیٰ جا اهڙا ٻانها آهن جن کي الله نعمتن سان مخصوص ڪيو آهي تہ جئين ٻانهن کي فائدو پهچائين. پوءِ جيستائين اهي انهن کي خرچ ڪندا آهن تہ الله انهن کي سندن هٿن ۾ باقي رکندو آهي،

۽ جڏهن انهن کي روڪي ڇڏيندا آهن تہ الله انهن کان اُهي کسي ڇڏيندو آهي پوءِ انهن کي ٻين ڏانهن موڙي ڇڏيندو آهي.

٤٢٦_ وَ قَالَ عليه السلام: لَا يَنْبَغِي لِلْعَبْدِ أَنْ يَثِقَ بِخَصْلَتَيْنِ الْعَافِيَةِ وَ الْغِنَى بَيْنَا تَرَاهُ مُعَافًى إِذْ سَقِمَ وَ بَيْنَا تَرَاهُ غَنِيّاً إِذِ افْتَقَرَ.

٤٢٧_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ شَكَا الْحَاجَةَ إِلَى مُؤْمِنٍ فَكَأَنَّهُ شَكَاهَا إِلَى اللَّهِ وَ مَنْ شَكَاهَا إِلَى كَافِرٍ فَكَأَنَّمَا شَكَا اللَّهَ.

٤٢٨_ وَ قَالَ عليه السلام فِي بَعْضِ الْأَعْيَادِ: إِنَّمَا هُوَ عِيدٌ لِمَنْ قَبِلَ اللَّهُ صِيَامَهُ وَ شَكَرَ قِيَامَهُ وَ كُلُّ يَوْمٍ لَا يُعْصَى اللَّهُ فِيهِ فَهُوَ يَوْمُ عِيدٍ.

٤٢٩_ و قَالَ عليه السلام: إِنَّ أَعْظَمَ الْحَسَرَاتِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ حَسْرَةُ رَجُلٍ كَسَبَ مَالًا فِي غَيْرِ طَاعَةِ اللَّهِ فَوَرِثَهُ رَجُلٌ فَأَنْفَقَهُ فِي طَاعَةِ اللَّهِ سُبْحَانَهُ فَدَخَلَ بِهِ الْجَنَّةَ وَ دَخَلَ الْأَوَّلُ بِهِ النَّارَ.

٤٣٠_ وَ قَالَ عليه السلام: إِنَّ أَخْسَرَ النَّاسِ صَفْقَةً وَ أَخْيَبَهُمْ سَعْياً رَجُلٌ أَخْلَقَ بَدَنَهُ فِي طَلَبِ مَالِهِ وَ لَمْ تُسَاعِدْهُ الْمَقَادِيرُ عَلَى إِرَادَتِهِ فَخَرَجَ مِنَ الدُّنْيَا بِحَسْرَتِهِ وَ قَدِمَ عَلَى الْآخِرَةِ بِتَبِعَتِهِ.

## ٤٢٦_ تندرستيءَ ۽ شاهوڪاريءَ

۽ امام عليه السلام فرمايو: ٻانهي لاءِ اهو مناسب نہ آهي تہ هو ٻن خصلتن تي ڀروسو ڪري. تندرستيءَ ۽ شاهوڪاريءَ. تون اجا انکي تندرستيءَ ۾ مس ڏسندين تہ هو بيمار ٿي ويندو. ۽ تون اجا انکي شاهوڪاريءَ ۾ مس ڏسندين تہ هو غريب ٿي ويندو.

## ٤٢٧_ مؤمن ڪي دانهن ڏيڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن پنهنجي ضرورت جي مؤمن کي دانهن ڏني تہ ڄڻ هن ان جي الله کي دانهن ڏني. ۽ جنهن ان جي ڪافر کي دانهن ڏني تہ ڄڻ هن الله جي شڪايت ڪئي.

## ٤٢٨_ عيد

۽ امام عليه السلام عيدالفطر جي موقعي تي فرمايو: عيد تہ رڳو ان جي آهي جنهن جا الله روزا قبول ڪري، ۽ جنهن جي عبادت جو قدر ڪري، ۽ هر اُهو ڏينهن جنهن ۾ الله تعالىٰ جي نافرماني نہ ڪئي وڃي اهو عيد جو ڏينهن آهي.

## ٤٢٩_ حسرت

۽ امام عليه السلام فرمايو: قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڏي حسرت ان ماڻهوءَ جي حسرت آهي جنهن ناجائز طريقي سان مال ڪمايو، جنهن جو هڪ اهڙو ماڻهو وارث ٿيو جنهن انکي الله سبحانہ جي اطاعت ۾ خرچ ڪيو، ۽ ان جي ڪري جنت ۾ داخل ٿيو، ۽ ٻهريون ان جي ڪري جهنم ۾ داخل ٿيو.

## ٤٣٠_ وڏي خساري وارو ماڻهو

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ ماڻهن مان واپار ۾ سڀ کان وڏيڪ خساري وارو، ۽ ڀيج ڊڪ ۾ ناڪام ٿيڻ وارو اُهو ماڻهو آهي جنهن مال حاصل ڪرڻ ۾ پنهنجو بدن ڳاري ڇڏيو پر تقدير سندس ارادي تي ساٿ نہ ڏنو، پوءِ هو دنيا مان مال جي حسرت سان ويو ۽ آخرت ۾ ان جي گناهہ سان پهتو.

٤٣١_ وَ قَالَ عليه‌السلام:  الرِّزْقُ رِزْقَانِ طَالِبٌ وَ مَطْلُوبٌ فَمَنْ طَلَبَ الدُّنْيَا طَلَبَهُ الْمَوْتُ

حَتَّى يُخْرِجَهُ عَنْهَا وَ مَنْ طَلَبَ الْآخِرَةَ طَلَبَتْهُ الدُّنْيَا حَتَّى يَسْتَوْفِيَ رِزْقَهُ مِنْهَا.

٤٣٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام:

إِنَّ أَوْلِيَاءَ اللَّهِ هُمُ الَّذِينَ نَظَرُوا إِلَى بَاطِنِ الدُّنْيَا إِذَا نَظَرَ النَّاسُ إِلَى ظَاهِرِهَا وَ اشْتَغَلُوا بِآجِلِهَا  إِذَا اشْتَغَلَ النَّاسُ بِعَاجِلِهَا فَأَمَاتُوا مِنْهَا مَا خَشُوا أَنْ يُمِيتَهُمْ وَ تَرَكُوا مِنْهَا مَا عَلِمُوا أَنَّهُ سَيَتْرُكُهُمْ وَ رَأَوُا اسْتِكْثَارَ غَيْرِهِمْ مِنْهَا اسْتِقْلَالًا وَ دَرَكَهُمْ لَهَا فَوْتاً أَعْدَاءُ مَا سَالَمَ النَّاسُ وَ سَلْمُ  مَا عَادَى النَّاسُ بِهِمْ عُلِمَ الْكِتَابُ وَ بِهِ عَلِمُوا وَ بِهِمْ قَامَ الْكِتَابُ وَ بِهِ قَامُوا لَا يَرَوْنَ مَرْجُوّاً فَوْقَ مَا يَرْجُونَ وَ لَا مَخُوفاً فَوْقَ مَا يَخَافُونَ.

٤٣٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام: اذْكُرُوا انْقِطَاعَ اللَّذَّاتِ وَ بَقَاءَ التَّبِعَاتِ. ٩٣٦

٤٣٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام: اخْبُرْ تَقْلِهِ.

٤٣٥_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَا كَانَ اللَّهُ لِيَفْتَحَ عَلَى عَبْدٍ بَابَ الشُّكْرِ وَ يُغْلِقَ عَنْهُ بَابَ الزِّيَادَةِ وَ لَا لِيَفْتَحَ عَلَى عَبْدٍ بَابَ الدُّعَاءِ وَ يُغْلِقَ عَنْهُ بَابَ الْإِجَابَةِ وَ لَا لِيَفْتَحَ لِعَبْدٍ بَابَ التَّوْبَةِ وَ يُغْلِقَ عَنْهُ بَابَ الْمَغْفِرَةِ.

## ۴۳۱_ رزق

۽ امام عليه السلام فرمايو: رزق جا ٻہ قسم آهن، هڪ جيڪو طلب ڪرڻ وارو آهي، ٻيو جنهن کي طلب ڪيو وڃي. بس جيڪو ماڻهو دنيا کي طلب ڪندو تہ موت کيس طلب ڪندو تان جو انکي اتان ڪڍي، ۽ جيڪو آخرت کي طلب ڪندو تہ دنيا کيس طلب ڪندي تان جو هو اتان پنهنجو پورو رزق حاصل ڪري.

## ۴۳۲_ الله جا ولي

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ الله جا ولي اُهي آهن جن دنيا جي باطن کي ڏٺو، جڏهن تہ ماڻهن ان جي ظاهر کي ڏٺو، ۽ دنيا جي ذريعي ثواب ڪمائڻ ۾مصروف ٿي ويا جڏهن تہ ماڻهو دنياوي فائدن ۾ مصروف ٿي ويا، پوءِ انهن دنيا جي انهن شين کي نابود ڪري ڇڏيو جن بابت ڊڄ هو تہ اهي کين نابود ڪنديون، ۽ ان جي انهن شين کي ڇڏي ڏنو جن بابت هو ڄاڻن پيا تہ اهي کين ڇڏي ڏينديون، ۽ ٻين ماڻهن جي دنيا مان گهڻي ڪرڻ کي ٿورو سمجهيائون، ۽ انهن جي دنيا پائڻ کي وڃائڻ ڄاتائون، ۽ هو انهن شين جا دشمن آهن جن سان ماڻهن جي دوستي آهي، ۽ انهن شين جا دوست آهن جن سان ماڻهن جي دشمني آهي، انهن جي ذريعي قرآن جو علم حاصل ڪيو ويندو آهي، ۽ هو هنجي ذريعي ڄاڻين ٿا، ۽ انهن سان الله جو ڪتاب قائم آهي، ۽ اهي ان جا ئي (پابند) آهن. هو جنهن ڪان اميد ڪن ٿا ان ڪان مٿي ڪا اميد جي جاءِ نٿا ڏسن، ۽ جنهن ڪان خوف رکن ٿا ان ڪان مٿي ڪو خوف نٿا ڏسن.



## ۴۳۳_ موت جي ياد

۽ امام عليه السلام فرمايو: لذتن جي ختم ٿيڻ ۽ سزائن جي باقي رهڻ کي ياد ڪريو.

## ۴۳۴_ آزمائش

۽ امام عليه السلام فرمايو: آزمائيس پوءِ نفرت ڪريس.

## ۴۳۵_ شڪر، دعا ۽ توبہ

۽ امام عليه السلام فرمايو: الله کي ائين نٿو ڄڳائي جو ڪنهن ٻانهي تي شڪر جو دروازو کولي ۽ ان ڪان واڌاري جو دروازو بند ڪري ڇڏي، ۽ نہ وري ائين آهي جو ڪنهن ٻانهي لاءِ دعا جو دروازو کولي ۽ ان ڪان قبوليت جو دروازو بند ڪري ڇڏي، ۽ نہ وري ائين آهي جو هو ڪنهن ٻانهي لاءِ توبہ جو دروازو کولي ۽ ان ڪان بخشش جو دروازو بند ڪري ڇڏي.

٤٣٦_ وَ قَالَ عليه السلام: أَوْلَى النَّاسِ بِالْكَرَمِ مَنْ عُرِفَتْ بِهِ الْكِرَامُ.

٤٣٧_ وَ سُئِلَ عليه السلام أَيُّهُمَا أَفْضَلُ الْعَدْلُ أَوِ الْجُودُ فَقَالَ عليه السلام:

الْعَدْلُ يَضَعُ الْأُمُورَ مَوَاضِعَهَا وَ الْجُودُ يُخْرِجُهَا مِنْ جِهَتِهَا

وَ الْعَدْلُ سَائِسٌ عَامٌّ وَ الْجُودُ عَارِضٌ خَاصٌّ فَالْعَدْلُ أَشْرَفُهُمَا وَ أَفْضَلُهُمَا.

٤٣٨_ وَ قَالَ عليه السلام: النَّاسُ أَعْدَاءُ مَا جَهِلُوا.

٤٣٩_ وَ قَالَ عليه السلام: الزُّهْدُ كُلُّهُ بَيْنَ كَلِمَتَيْنِ مِنَ الْقُرْآنِ قَالَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ

﴿لِّكَيْلَا تَأْسَوْا عَلَىٰ مَا فَاتَكُمْ وَلَا تَفْرَحُوا بِمَا آتَاكُمْ﴾[١]

وَ مَنْ لَمْ يَأْسَ عَلَى الْمَاضِي وَ لَمْ يَفْرَحْ بِالْآتِي فَقَدْ أَخَذَ الزُّهْدَ بِطَرَفَيْهِ.

٤٤٠_ وَ قَالَ عليه السلام: مَا أَنْقَضَ النَّوْمَ لِعَزَائِمِ الْيَوْمِ.

٤٤١_ وَ قَالَ عليه السلام: الْوِلَايَاتُ مَضَامِيرُ الرِّجَالِ.

٤٤٢_ وَ قَالَ عليه السلام: لَيْسَ بَلَدٌ بِأَحَقَّ بِكَ مِنْ بَلَدٍ خَيْرُ الْبِلَادِ مَا حَمَلَكَ.

١: الحديد: آيت ٢٣.

## ۴۳۶_ عزت واري جو معيار

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهن مان عزت جو وڌيڪ حقدار اهو آهي جنهن جي ذريعي عزت وارا سجاتا وڃن.

## ۴۳۷_ عدالت ۽ سخاوت

۽ امام عليه السلام کان پڇيو ويو ته عدالت ڀلي آهي يا سخاوت؟ ته امام عليه السلام فرمايو: عدالت شين کي پنهنجي جاءِ تي رکڻ آهي، ۽ سخاوت انهن کي پنهنجي جاءِ کان ڪڍڻ آهي، ۽ عدالت سيني کي سنڀاليندڙ آهي، ۽ سخاوت ڪنهن ماڻهو لاءِ خاص هوندي آهي. بس انهن ٻنهي مان عدالت مانُ ۽ فضيلت واري آهي.

## ۴۳۸_ جهالت

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهو انجا دشمن هوندا آهن جنهن کان هو جاهل هوندا آهن.

## ۴۳۹_ زهد

۽ امام عليه السلام فرمايو: قرآن مجيد ۾ پورو زهد ٻن ڪلمن ۾ بيان ٿيل آهي الله سبحانہ فرمايو آهي: ”ان لاءِ ته جيئن توهان ان تي ڏک نه ڪريو جيڪا توهان کان هلي وڃي ۽ ان تي خوش نه ٿيو جيڪا توهان وٽ اچي وڃي[۱]“.

بس جيڪو ويندڙ تي ڏک نه ڪري ۽ ايندڙ تي خوش نه ٿئي ته بيشڪ هن زهد جي ٻنهي پاسن کي پڪڙيو.



## ۴۴۰_ ننڊ

۽ امام عليه السلام فرمايو: ننڊ ڏينهن جي ارادن کي ڪيڏو نه ٽوڙيندڙ آهي.

## ۴۴۱_ حڪومتون

۽ امام عليه السلام فرمايو: حڪومتون مَردن جو آڪاڙو آهن.

## ۴۴۲_ ڀلو شهر

۽ امام عليه السلام فرمايو: تو تي هڪ شهر ٻئي شهر کان وڌيڪ حق نٿو رکي. ۽ ڀلو شهر اهو آهي جيڪو تنهنجو بار کڻي.

---

۱: الحديد: آيت: ۲۳.

٤٤٣_ وَ قَالَ عليه السلام: وَ قَدْ جَاءَهُ نَعْيُ الْأَشْتَرِ رَحِمَهُ اللَّهُ: مَالِكٌ وَ مَا مَالِكٌ وَ اللَّهِ لَوْ كَانَ جَبَلًا

لَكَانَ فِنْداًوَ لَوْ كَانَ حَجَراً لَكَانَ صَلْداً لَا يَرْتَقِيهِ الْحَافِرُ وَ لَا يُوفِي عَلَيْهِ الطَّائِرُ.

٤٤٤_ وَ قَالَ عليه السلام: قَلِيلٌ مَدُومٌ عَلَيْهِ خَيْرٌ مِنْ كَثِيرٍ مَمْلُولٍ مِنْهُ.

٤٤٥_ وَ قَالَ عليه السلام: إِذَا كَانَ فِي رَجُلٍ خَلَّةٌ رَائِقَةٌ فَانْتَظِرُوا أَخَوَاتِهَا.

٤٤٦_ وَ قَالَ عليه السلام لِغَالِبِ بْنِ صَعْصَعَةَ أَبِي الْفَرَزْدَقِ فِي كَلَامٍ دَارَ بَيْنَهُمَا:

مَا فَعَلَتْ إِبِلُكَ الْكَثِيرَةُ قَالَ دَغْدَغَتْهَا الْحُقُوقُ

يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ فَقَالَ عليه السلام: ذَلِكَ أَحْمَدُ سُبُلِهَا.

٤٤٧_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنِ اتَّجَرَ بِغَيْرِ فِقْهٍ فَقَدِ ارْتَطَمَ فِي الرِّبَا.

٤٤٨_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ عَظَّمَ صِغَارَ الْمَصَائِبِ ابْتَلَاهُ اللَّهُ بِكِبَارِهَا.

٤٤٩_ وَ قَالَ عليه السلام: مَنْ كَرُمَتْ عَلَيْهِ نَفْسُهُ هَانَتْ عَلَيْهِ شَهَوَاتُهُ.

٤٥٠_ وَ قَالَ عليه السلام: مَا مَزَحَ امْرُؤٌ مَزْحَةً إِلَّا مَجَّ مِنْ عَقْلِهِ مَجَّةً.

## ۴۴۳_ مالڪِ اشتر رحمه الله

۽ **جڏهن امام عليه السلام وٽ مالڪِ اشتر رحمه الله جي وفات جي خبر آئي ته فرمايائون:** مالڪ هئي ڙي هئي مالڪ! الله جو قسم جيڪڏهن هو جبل هجي ها ته وڏو ڏونگر هجي ها، ۽ اگر پٿر هجي ها ته وڏي سخت ڇپ هجي ها، جو نه سواري ان تي چڙهي سگهي ها ۽ نه پکي پهچي سگهي ها.

## ۴۴۴_ ٿورو عمل

۽ امام عليه السلام فرمايو: دائمي انجام ڏنل ٿورو عمل، ان گهڻي عمل کان ڀلو آهي جيڪو ٿڪائيندڙ آهي.

## ۴۴۵_ خوبي خوبي کي آڻي ٿي

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن ڪنهن ماڻهو ۾ عمده خوبي هجي ته اهڙين ٻين خوبين جو به انتظار ڪريو.

## ۴۴۶_ غالب ابن صعصعه جو جواب

۽ **امام عليه السلام فرزدق جي پيءُ غالب ابن صعصعه کي ڪچهريءَ دوران فرمايو:** تنهنجي گهڻن اُٺن ڇا ڪيو؟ هن چيو: اي اميرالمؤمنين عليه السلام انهن کي (شرعي) حقن پکيڙي ڇڏيو، پوءِ امام عليه السلام فرمايو: اهو ته انهن جو ڀلو رستو آهي.

## ۴۴۷_ واپار جا مسئلا

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو شرعي حڪمن ڄاڻڻ کان بغير واپار ڪندو ته وياج ۾ پوندو. ۹۴۱

## ۴۴۸_ وڏي مصيبت

۽ امام عليه السلام فرمايو: جيڪو ننڍين مصيبتن کي وڏو سمجهندو ته الله تعالىٰ کيس وڏين مصيبتن ۾ مبتلا ڪندو.

## ۴۴۹_ محترم نفس

۽ امام عليه السلام فرمايو: جنهن وٽ سندس نفس محترم هوندو ته سندس خواهشون وٽس نيچ ٿي وينديون.

## ۴۵۰_ مذاق

۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهو ڪا مذاق ناهي ڪندو مگر پنهنجي عقل مان ذرو اڇلائي ڇڏيندو آهي.

٤٥١_ وَ قَالَ عليه‌السلام: زُهْدُكَ فِي رَاغِبٍ فِيكَ نُقْصَانُ حَظٍّ وَ رَغْبَتُكَ فِي زَاهِدٍ فِيكَ ذُلُّ نَفْسٍ.

٤٥٢_ و قال عليه‌السلام: الْغِنَى وَ الْفَقْرُ بَعْدَ الْعَرْضِ عَلَى اللَّهِ.

٤٥٣_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَا زَالَ الزُّبَيْرُ رَجُلًا مِنَّا أَهْلَ الْبَيْتِ حَتَّى نَشَأَ ابْنُهُ الْمَشْئُومُ عَبْدُ اللَّهِ.

٤٥٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَا لِابْنِ آدَمَ وَ الْفَخْرِ أَوَّلُهُ نُطْفَةٌ وَ آخِرُهُ جِيفَةٌ وَ لَا يَرْزُقُ نَفْسَهُ وَ لَا يَدْفَعُ حَتْفَهُ.

٤٥٥_ وَ سُئِلَ مَنْ أَشْعَرُ الشُّعَرَاءِ فَقَالَ عليه‌السلام:

إِنَّ الْقَوْمَ لَمْ يَجْرُوا فِي حَلْبَةٍ تُعْرَفُ الْغَايَةُ عِنْدَ قَصَبَتِهَا

فَإِنْ كَانَ وَ لَا بُدَّ فَالْمَلِكُ الضِّلِّيلُ.



قال الرضي رحمه‌الله: يريد امرا القيس.

٤٥٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام: أَلَا حُرٌّ يَدَعُ هَذِهِ اللُّمَاظَةَ لِأَهْلِهَا

إِنَّهُ لَيْسَ لِأَنْفُسِكُمْ ثَمَنٌ إِلَّا الْجَنَّةَ فَلَا تَبِيعُوهَا إِلَّا بِهَا.

٤٥٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَنْهُومَانِ لَا يَشْبَعَانِ طَالِبُ عِلْمٍ وَ طَالِبُ دُنْيَا.

## ۴۵۱_ خودداري

۽ امامؑ فرمايو: جيڪو تو ڏانھن لاڙو رکي ان کان تنھنجو پاسو ڪرڻ نصيب کي گھٽائڻ آھي، ۽ تنھنجو ان ڏانھن لاڙو ڪرڻ جيڪو تو کان پاسو ڪري نفس جي ذلت آھي.

## ۴۵۲_ اصل شاھوڪاري ۽ غربت

۽ امامؑ فرمايو: شاھوڪاري ۽ غربت الله تعالىٰ جي بارگاھ ۾ پيش ٿيڻ کانپوءِ معلوم ٿينديون.

## ۴۵۳_ زبير

۽ امامؑ فرمايو: زبير اوستائين اسان اھل بيتؑ جو ماڻھو ھو تان جو سندس نياڻو پٽ عبدالله وڏو ٿيو.

## ۴۵۴_ آدم جي اولاد جي حقيقت

۽ امامؑ فرمايو: آدم جي اولاد جو فخر سان ڇا وڃي، سندس ابتدا نطفو آھي، ۽ سندس انتھا ڍوند آھي، نہ پنھنجي روزي حاصل ڪري سگھي ٿو، ۽ نہ وري پنھنجي موت کي ٽاري سگھي ٿو.

## ۴۵۵_ وڏو شاعر

**۽ امامؑ کان پڇيو ويو تہ شاعرن مان سڀ کان وڏو شاعر ڪير آھي؟ تہ فرمايائون:** بيشڪ اھي ماڻھو ھڪ روش تي ناھن ھليا جو انھن جي ٽڪ تائين پھچڻ کي ڄاتو وڃي، اگر ڪو ٻڌائڻ ضروري آھي تہ پوءِ اھو گمراھ بادشاھ آھي.

سيد رضيؒ فرمايو: امامؑ جو ارادو امرء القيس آھي.

## ۴۵۶_ نفس جي قيمت

۽ امامؑ فرمايو: ڇا اھڙو ڪو آزاد ماڻھو ڪونھي جيڪو وات ۾ بچيل ڪاڏي جي ذرڙن (دنيا) کي ان جي اھل لاءِ ڇڏي ڏي؟ ۽ توھان جي نفسن جي ڪا قيمت ڪانھي سواءِ جنت جي، بس انھن کي نہ وڪڻو سواءِ جنت جي بدلي.

## ۴۵۷_ ٻہ بکايل

۽ امامؑ فرمايو: ٻہ اھڙا بکايل آھن جيڪي ڍاپندا ناھن، علم جو طالب ۽ دنيا جو طالب.

٤٥٨_ وَ قَالَ عليه السلام: الْإِيمَانُ أَنْ تُؤْثِرَ الصِّدْقَ حَيْثُ يَضُرُّكَ عَلَى الْكَذِبِ حَيْثُ يَنْفَعُكَ

وَ أَلَّا يَكُونَ فِي حَدِيثِكَ فَضْلٌ عَنْ عَمَلِكَ وَ أَنْ تَتَّقِيَ اللَّهَ فِي حَدِيثِ غَيْرِكَ.

٤٥٩_ وَ قَالَ عليه السلام: يَغْلِبُ الْمِقْدَارُ عَلَى التَّقْدِيرِ حَتَّى تَكُونَ الْآفَةُ فِي التَّدْبِيرِ.

٤٦٠_ وَ قَالَ عليه السلام: الْحِلْمُ وَ الْأَنَاةُ تَوْأَمَانِ يُنْتِجُهُمَا عُلُوُّ الْهِمَّةِ.

٤٦١_ وَ قَالَ عليه السلام: الْغِيبَةُ جُهْدُ الْعَاجِزِ.

٤٦٢_ وَ قَالَ عليه السلام: رُبَّ مَفْتُونٍ بِحُسْنِ الْقَوْلِ فِيهِ.

٤٦٣_ وَ قَالَ عليه السلام: الدُّنْيَا خُلِقَتْ لِغَيْرِهَا وَ لَمْ تُخْلَقْ لِنَفْسِهَا.



٤٦٤_ وَ قَالَ عليه السلام: إِنَّ لِبَنِي أُمَيَّةَ مِرْوَداً يَجْرُونَ فِيهِ

وَ لَوْ قَدِ اخْتَلَفُوا فِيمَا بَيْنَهُمْ ثُمَّ كَادَتْهُمُ الضِّبَاعُ لَغَلَبَتْهُمْ.

قال الرضي رحمه الله: وَ الْمِرْوَدُ هٰهُنَا مِفْعَلٌ مِّنَ الْاِرْوَادِ، وَ هُوَ الْاِمْهَالُ وَ الْاِنْظَارُ، وَ هٰذَا مِنْ اَفْصَحِ الْكَلَامِ وَ اَغْرَبِه، فَكَاَنَّه عليه السلام شَبَّهَ الْمُهْلَةَ الَّتِىْ هُمْ فِيْهَا بِالْمِضْمَارِ الَّذِىْ يَجْرُوْنَ فِيْهِ اِلَى الْغَايَةِ، فَاِذَا بَلَغُوْا مُنْقَطَعَهَا انْتَقَضَ نِظَامُهُمْ بَعْدَهَا.

## ۴۵۸_ ايمان جي نشاني

۽ امام عليه السلام فرمايو: سچ کي جتي هو توکي نقصان پهچائي ان ڪوڙ تي ترجيح ڏيڻ جتي هو تو کي فائدو پهچائي، ۽ تنهنجي ڳالهين ۾ تنهنجي عمل کان واڌاري جو نه هجڻ، ۽ ٻين جي ڳالهين ڪرڻ بابت الله کان ڊڄڻ ايمان جي (نشاني) آهي.

## ۴۵۹_ تقدير

۽ امام عليه السلام فرمايو: تقدير تدبير تي غالب ٿيندي آهي، تان جو آفت تدبير ۾ ئي هوندي آهي.

## ۴٦۰_ بردباري ۽ سمجهداري

۽ امام عليه السلام فرمايو: بردباري ۽ سمجهداري ٻئي جاڙيون ڀينر آهن، ۽ انهن ٻنهي جي پيداوار بلند همتي آهي.

## ۴٦۱_ غِيبت

۽ امام عليه السلام فرمايو: غيبت ڪرڻ بيوس ماڻهوءَ جي ڪوشش آهي.

## ۴٦۲_ فريب کاڌل

۽ امام عليه السلام فرمايو: ڪيترا ئي پاڻ بابت ڀليون ڳالهيون ٻڌي فريب کاڌل آهن.



## ۴٦۳_ دنيا

۽ امام عليه السلام فرمايو: دنيا پنهنجي غير لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي ۽ خود پنهنجي لاءِ پيدا ناهي ڪئي وئي.

## ۴٦۴_ بني اميه

۽ امام عليه السلام فرمايو: بيشڪ بني اميه جي لاءِ هڪ مهلت آهي جنهن ۾ هو ڊوڙي رهيا آهن، ۽ اگر انهن هڪ ٻئي سان اختلاف ڪيو، پوءِ چراخ ساڻن مقابلو ڪيو ته اهو به متن غالب اچي ويندو.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: "مِرود" اِرْوَدَ مان مِفعَل جي وزن تي آهي انجي معنىٰ مهلت ۽ غلبو ڏيڻ آهي، هي وڏيڪ فصيح ۽ سنو ڪلام آهي، جڻ امام عليه السلام انهي مهلت کي "مِضمَار" سان شباهت ڏني آهي جنهن ۾ ٿڪ ڏانهن ڊوڙڻ تا ۽ جڏهن اهي ٿڪ تائين پهچندا ته پوءِ انهن جي حڪومت ختم ٿي ويندي.

٤٦٥_ و قَالَ عليه السلام فِي مَدْحِ الْأَنْصَارِ: هُمْ وَ اللَّهِ رَبَّوُا الْإِسْلَامَ

كَمَا يُرَبَّى الْفِلْوُ مَعَ غَنَائِهِمْ بِأَيْدِيهِمُ السِّبَاطِ وَ أَلْسِنَتِهِمُ السِّلَاطِ.

٤٦٦_ وَ قَالَ عليه السلام: الْعَيْنُ وِكَاءُ السَّهِ.

قال الرضي رحمه الله: وَ هٰذِه مِنَ الْاِسْتِعَارَاتِ الْعَجِيْبَةِ، كَاَنَّه شَبَّهَ السَّهَ بِالْوِعَآءِ، وَ الْعَيْنَ بِالْوِكَآءِ، فَاِذَا اُطْلِقَ الْوِكَآءُ لَمْ يَنْضَبِطِ الْوِعَآءُ. وَ هٰذَا الْقَوْلُ فِى الْاَشْهَرِ الْاَظْهَرِ مِنْ كَلَامِ النَّبِيِّ صلى الله عليه وسلم، وَ قَدْ رَوَاهُ قَوْمٌ لِاَمِيْرِ الْمُؤْمِنِيْنَ عليه السلام، وَ ذَكَرَ ذٰلِكَ الْمُبَرِّدُ فِىْ كِتَابِ الْمُقْتَضَبِ فِىْ بَابِ اللَّفْظِ بِالْحُرُوْفِ، وَ قَدْ تَكَلَّمْنَا عَلٰى هٰذِهِ الْاِسْتِعَارَةِ فِىْ كِتَابِنَا الْمَوْسُوْمِ: بِـمَجَازَاتِ الْاٰثَارِ النَّبَوِيَّةِ.

٤٦٧_ وَ قَالَ عليه السلام فِي كَلَامٍ لَهُ: وَ وَلِيَهُمْ وَالٍ فَأَقَامَ

وَ اسْتَقَامَ حَتَّى ضَرَبَ الدِّينُ بِجِرَانِهِ.

٤٦٨_ وَ قَالَ عليه السلام:

يَأْتِي عَلَى النَّاسِ زَمَانٌ عَضُوضٌ يَعَضُّ الْمُوسِرُ فِيهِ عَلَى مَا فِي يَدَيْهِ

وَ لَمْ يُؤْمَرْ بِذَلِكَ قَالَ اللَّهُ سُبْحَانَهُ "وَ لا تَنْسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ"

تَنْهَدُ فِيهِ الْأَشْرَارُ وَ تُسْتَذَلُّ الْأَخْيَارُ وَ يُبَايِعُ الْمُضْطَرُّونَ

وَ قَدْ نَهَى رَسُولُ اللَّهِ صلى الله عليه وآله عَنْ بَيْعِ الْمُضْطَرِّينَ.

٤٦٩ _وَ قَالَ عليه السلام: يَهْلِكُ فِيَّ رَجُلَانِ مُحِبٌّ مُفْرِطٌ وَ بَاهِتٌ مُفْتَرٍ.

قَالَ الرَّضِيُّ رحمه الله: وَ هٰذَا مِثْلُ قَوْلِه : هَلَكَ فِيَّ رَجُلَانِ: مُحِبٌّ غَالٍ، وَ مُبْغِضٌ قَالٍ.

## ۴٦۵_ انصار

۽ امام عليه السلام انصار جي تعريف ڪندي فرمايو: الله جو قسم انهن اسلام کي ائين پاليو آهي جيئن گهوڙي جي ڦر کي بي نيازي هوندي پنهنجي سخاوت وارن هٿن ۽ منڙين زبانن سان پاليو ويندو آهي.

## ۴٦٦_ عجيب استعارو

۽ امام عليه السلام فرمايو: اک پُٺ جي ڪِهِيَ آهي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: هي عجيب استعارو آهي، جڻ ته امام عليه السلام پُٺ کي ٿانو سان ۽ اک کي کهي سان تشبيه ڏني آهي، ۽ جڏهن کهي کي ڪليل ڇڏيو ويندو ته ٿانو محفوظ نه رهندو. ۽ مشهور ۽ ظاهر اهو آهي ته هي فرمان نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جو آهي. ۽ ڪجھ ماڻهن امام علي عليه السلام ڏانهن منسوب ڪيو آهي، ۽ ان کي ”مُبرد“ پنهنجي ڪتاب ”مقتضب في باب اللفظ بالحروف“ ۾ ذڪر ڪيو آهي، ۽ اسان پنهنجي ڪتاب ”مجازات الآثار النبويہ“ ۾ هن استعاره بابت گفتگو ڪئي آهي.

## ۴٦۷_ هڪ والي جي واڪاڻ

۽ امام عليه السلام پنهنجي هڪ ڪلام ۾ فرمايو: هڪ والي ماڻهن جو سرپرست ٿيو پوءِ هو پاڻ به ثابت قدم رهيو ۽ ماڻهن کي به ثابت قدم رکيو تان جو دين مضبوط ٿيو.

## ۴٦٨_ سخت زمانو ايندو



۽ امام عليه السلام فرمايو: ماڻهن تي اهڙو سخت زمانو ايندو جنهن ۾ شاهوڪار پنهنجي هٿن ۾ موجود شين کي چنبڙي پوندو، جڏهن ته ڪيس اهو حڪم نه ڏنو ويو هو، الله تعالىٰ فرمايو آهي ”پنهنجي درميان ڀلائي ڪرڻ کي نه وسارجو“ ۽ ان زماني ۾ شرير ماڻهو مٿي هوندا، ۽ ڀلن ماڻهن کي پست ڪيو ويندو، ۽ مجبور ماڻهن کان (گهٽ قيمت ۾) خريد ڪندا، جڏهن ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم مجبور ماڻهن کان (گهٽ قيمت ۾) خريد ڪرڻ کان روڪيو آهي.

## ۴٦۹_ برباد ٿيندڙ ماڻهو

۽ امام عليه السلام فرمايو: منهنجي باري ۾ ٻه ماڻهو برباد ٿيندا حد کان وڌندڙ محب ۽ تهمت ۽ ڪوڙ هڻندڙ.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: هي ڪلام امام عليه السلام جي هن ڪلام وانگر آهي: منهنجي باري ۾ ٻه ماڻهو برباد ٿيا حد کان وڌيڪ محبت ڪندڙ ۽ دشمني رکندڙ.

٤٧٠_ وَ سُئِلَ عَنِ التَّوْحِيدِ وَ الْعَدْلِ فَقَالَ عليه‌السلام:

التَّوْحِيدُ أَلَّا تَتَوَهَّمَهُ وَ الْعَدْلُ أَلَّا تَتَّهِمَهُ.

٤٧١_ و قال عليه‌السلام: لَا خَيْرَ فِي الصَّمْتِ عَنِ الْحُكْمِ كَمَا أَنَّهُ لَا خَيْرَ فِي الْقَوْلِ بِالْجَهْلِ.

٤٧٢_ وَ قَالَ عليه‌السلام فِي دُعَاءٍ اسْتَسْقَى بِهِ: اللَّهُمَّ اسْقِنَا ذُلُلَ السَّحَابِ دُونَ صِعَابِهَا.

قَالَ الرَّضِيُّ رحمه‌الله: وَ هٰذَا مِنَ الْكَلَامِ الْعَجِيْبِ الْفَصَاحَةِ، وَ ذٰلِكَ اَنَّه عليه‌السلام شَبَّهَ السَّحَابَ ذَوَاتِ الرُّعُوْدِ وَ الْبَوَارِقِ وَ الرِّيَاحِ وَ الصَّوَاعِقِ بِالْاِبِلِ الصِّعَابِ الَّتِيْ تَقْمُصُ بِرِحَالِهَا وَ تَقِصُّ بِرُكْبَانِهَا، وَ شَبَّهَ السَّحَابَ خَالِيَةً مِّنْ تِلْكَ الرَّوَآئِعِ بِالْاِبِلِ الذُّلُلِ الَّتِيْ تُحْتَلَبُ طَيِّعَةً وَّ تُقْتَعَدُ مُسْمِحَةً.

٤٧٣_ وَ قِيلَ لَهُ عليه‌السلام لَوْ غَيَّرْتَ شَيْبَكَ يَا أَمِيرَ الْمُؤْمِنِينَ فَقَالَ عليه‌السلام:

الْخِضَابُ زِينَةٌ وَ نَحْنُ قَوْمٌ فِي مُصِيبَةٍ.

قال الرضي رحمه‌الله: يُرِيدُ وَفَاةَ رَسُولِ اللَّهِ صلى‌الله‌عليه‌وآله.

٤٧٤_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَا الْمُجَاهِدُ الشَّهِيدُ فِي سَبِيلِ اللَّهِ بِأَعْظَمَ أَجْراً مِمَّنْ قَدَرَ فَعَفَّ لَكَادَ الْعَفِيفُ أَنْ يَكُونَ مَلَكاً مِنَ الْمَلَائِكَةِ.

٤٧٥_ و قَالَ عليه‌السلام: الْقَنَاعَةُ مَالٌ لَا يَنْفَدُ.

قَالَ الرَّضِيُّ رحمه‌الله: وَ قَدْ رَوٰى بَعْضُهُمْ هَذَا الْكَلَامَ عَنِ النَّبِيِّ صلى‌الله‌عليه‌وسلم.

## ۴۷۰_ توحيد ۽ عدل

امامؑ کان توحيد ۽ عدل بابت سوال ڪيو ويو ته امامؑ فرمايو: توحيد اها آهي ته الله کي پنهنجي وهم ۽ خيال ۾ نه آڻ، ۽ عدل اهو آهي ته ان تي تهمت نه هڻ.

## ۴۷۱_ حڪمت واري ڳالهه

۽ امامؑ فرمايو: حڪمت واري ڳالهه کان چُپ رهڻ ۾ ڪا ڀلائي نه آهي، جيئن جهالت واري ڳالهه ڪرڻ ۾ ڪا ڀلائي نه آهي.

## ۴۷۲_ مينهن وسڻ جي دعا

۽ امامؑ مينهن وسڻ جي دعا ۾ فرمايو: اي الله اسانکي سدورن ڪڪرن سان سيراب فرماء نه کي ڏنگن ڪڪرن سان.

سيد رضي ؒ فرمايو: امام ؑ جو هي ڪلام عجيب فصاحت وارو آهي، اهو ائين جو امام ؑ ان ڪڪر کي جيڪو گوڙ ۽ ڪنوڻ ۽ تيز هوا ۽ وِڄ وارو آهي کي سرڪش اُٺ سان تشبيه ڏني آهي جيڪو پنهنجي پالاڻن ۽ سوارن کي ڪيرائي ڇڏي ٿو، ۽ اهو ڪڪر جيڪو انهن کان خالي آهي انکي ان ڏاچي سان تشبيه ڏني آهي جيڪا ڏُهڻ ۾ سولي ۽ سواري ڪرڻ ۾ آسان هوندي آهي.

## ۴۷۳_ پاڻ سڳورن ﷺ جو وڇوڙو

امامؑ کي چيو ويو اي اميرالمؤمنينؑ اگر توهان پنهنجي وارن جي اڇاڻ کي مَٽايو ها، ته امامؑ فرمايو: خضاب زينت آهي ۽ اسان ماڻهو مصيبت ۾ آهيون.

سيد رضي ؒ فرمايو: امامؑ جي مراد پاڻ سڳورنﷺ جي وفات آهي.

## ۴۷۴_ پاڪدامني

۽ امامؑ فرمايو: جيڪو مجاهد الله تعالىٰ جي راهه ۾ شهيد ٿئي اهو ان شخص کان وڌيڪ اجر جو حقدار نه آهي جيڪو قدرت هوندي پاڪدامني اختيار ڪري، ۽ پاڪدامن جو ملائڪن مان هڪ ملائڪ ٿيڻ بعيد نه آهي.

## ۴۷۵_ قناعت

۽ امامؑ فرمايو: قناعت اهڙو مال آهي جيڪو ختم نه ٿيندو.

سيد رضي ؒ فرمايو: ڪجهه ماڻهن هن ڪلام جي نسبت رسول الله ﷺ ڏانهن ڏني آهي.

٤٧٦_ وَ قَالَ عليه‌السلام لِزِيَادِ ابْنِ أَبِيهِ وَ قَدِ اسْتَخْلَفَهُ لِعَبْدِ اللَّهِ بْنِ الْعَبَّاسِ عَلَى فَارِسَ وَ أَعْمَالِهَا فِي كَلَامٍ طَوِيلٍ كَانَ بَيْنَهُمَا نَهَاهُ فِيهِ عَنْ تَقَدُّمِ الْخَرَاجِ:

اسْتَعْمِلِ الْعَدْلَ وَ احْذَرِ الْعَسْفَ وَ الْحَيْفَ

فَإِنَّ الْعَسْفَ يَعُودُ بِالْجَلَاءِ وَ الْحَيْفَ يَدْعُو إِلَى السَّيْفِ.

٤٧٧_ وَ قَالَ عليه‌السلام: أَشَدُّ الذُّنُوبِ مَا اسْتَخَفَّ بِه صَاحِبُهُ.

٤٧٨_ وَ قَالَ عليه‌السلام: مَا أَخَذَ اللَّهُ عَلَى أَهْلِ الْجَهْلِ أَنْ يَتَعَلَّمُوا حَتَّى أَخَذَ عَلَى أَهْلِ الْعِلْمِ أَنْ يُعَلِّمُوا.

٤٧٩_ وَ قَالَ عليه‌السلام: شَرُّ الْإِخْوَانِ مَنْ تُكُلِّفَ لَهُ.

قَالَ الرَّضِيُّ رحمه‌الله: لِاَنَّ التَّكْلِيْفَ مُسْتَلْزِمٌ لِّلْمَشَقَّةِ، وَ هُوَ شَرٌّ لَازِمٌ عَنِ الْاَخِ الْمُتَكَلِّفِ لَه، فَهُوَ شَرُّ الْاِخْوَانِ.

٤٨٠_ وَ قَالَ عليه‌السلام: إِذَا احْتَشَمَ الْمُؤْمِنُ أَخَاهُ فَقَدْ فَارَقَهُ.

قَالَ الرَّضِيُّ رحمه‌الله: يُقَالُ: حَشَمَه وَ اَحْشَمَه: اِذَا اَغْضَبَه، وَ قِيلَ: اَخْجَلَه وَ احْتَشَمَه: طَلَبَ ذٰلِكَ لَه، وَ هُوَ مَظِنَّةُ مُفَارَقَتِه.

## ۴٧٦_ هڪ عامل کي نصيحت

۽ امام عليه السلام زياد بن ابيہ کي فرمايو جڏهن کيس عبدالله بن عباس جي جاءِ تي فارس ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن تي عامل مقرر ڪيو تہ سندن درميان هڪ ڊگهي گفتگوءَ تي جنهن ۾ انکي اڳوات ڍل وٺڻ کان روڪيندي فرمايو: عدالت ڪجائن، ۽ ناانصافي ۽ ظلم کان بچجائن ڇا ڪاڻ تہ ناانصافيءَ سان ڏيهہ نيڪالي ملندي آهي، ۽ ظلم تلوار جي دعوت ڏيندو آهي.

## ۴٧٧_ سخت گناهہ

۽ امام عليه السلام فرمايو: سخت گناهہ اهو آهي جنهن کي ان جو ڪندڙ هلڪو سمجهي.

## ۴٧٨_ عالم

۽ امام عليه السلام فرمايو: الله سائين جاهلن کان ايستائين سِکڻ جو عهد نہ ورتو جيستائين عالمن کان سيکارڻ جو عهد ورتو.

## ۴٧٩_ برو ياء

۽ امام عليه السلام فرمايو: سڀ کان برو ياء اهو آهي جنهن جي ڪري تڪليف سهڻي پوي.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: ڇا ڪاڻ تہ تڪليف مشقت ۽ زحمت جو سبب آهي، ۽ اهو اهڙو شر آهي جيڪو ان ياء جي طرفان پهچي ٿو جنهن جي ڪري تڪليف سهڻي پوي ٿي، بس اهو برو ياء آهي.

## ۴٨٠_ ديني ياء کي ڪاوڙائڻ

۽ امام عليه السلام فرمايو: جڏهن مؤمن پنهنجي ياء کي ڪاوڙايو تہ بيشڪ هن کيس جدا ڪري ڇڏيو.

سيد رضي رحمه الله فرمايو: چيو ويو آهي تہ جڏهن ڪوئي ڪنهن کي ڪاوڙائي تہ هي چيو ويندو آهي " حَشَمَہ وَ اَحْشَمَہ ". ۽ چيو ويو آهي تہ: جڏهن ڪوئي ڪنهن کي لڄي ڪرڻ چاهي تہ ائين چئبو آهي " اَخْجَلَہ وَ احْتَشَمَہ". ۽ اگر ڪوئي ڪنهن کي ناراض يا لڄي ڪرڻ چاهي ٿو تہ اها انجي جدا ٿيڻ جي جاءِ آهي.

وَ هٰذَا حِيْنُ انْتِهَآءِ الْغَايَةِ بِنَا اِلٰى قَطْعِ الْمُخْتَارِ مِنْ كَلَامِ اَمِيْرِ الْمُؤْمِنِيْنَ، حَامِدِيْنَ لِلّٰهِ سُبْحَانَه عَلٰى مَا مَنَّ بِه مِنْ تَوْفِيْقِنَا لِضَمِّ مَا انْتَشَرَ مِنْ اَطْرَافِه، وَ تَقْرِيْبِ مَا بَعُدَ مِنْ اَقْطَارِه. وَ تَقَرَّرَ الْعَزْمُ كَمَا شَرَطْنَا اَوَّلًا عَلٰى تَفْضِيْلِ اَوْرَاقٍ مِّنَ الْبَيَاضِ فِیْ اٰخِرِ كُلِّ بَابٍ مِّنَ الْاَبْوَابِ لِيَكُوْنَ لِاقْتِنَاصِ الشَّارِدِ، وَ اسْتِلْحَاقِ الْوَارِدِ. وَ مَا عَسٰى اَنْ يَّظْهَرَ لَنَا بَعْدَ الْغُمُوْضِ وَ يَقَعُ اِلَيْنَا بَعْدَ الشُّذُوْذِ. وَ مَا تَوْفِيْقُنَا اِلَّا بِاللّٰهِ عَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا وَ هُوَ حَسْبُنَا وَ نِعْمَ الْوَكِيْلُ. وَ ذٰلِكَ فِیْ رَجَبٍ سَنَةَ اَرْبَعَ مِائَةٍ مِّنَ الْهِجْرَةِ.

هاڻي، جڏهن اسان اميرالمؤمنين عليه السلام جي ڪلام جي چونڊيل حصن جي پڇاڙيءَ تي پهتا آهيون، الله سبحانہ جي لاءِ ساراهہ آهي، جنهن اسان کي توفيق بخشي جو پکڙيل ڪلام کي ملايون، ۽ پري پيل کي ويجهو آڻيون. ۽ اهو پڪو پہ هيو جيئن اسان پهريائين کان ئي اهو طئي ڪري ڇڏيو هيو. ۽ هر باب جي پڇاڙيءَ ۾ ڪجهہ خالي صفحا ڇڏيا هئا، تہ جيئن رهجي ويل کي ملايون ۽ نئين ايندڙ ڪلام کي شامل ڪريون، ۽ شايد مونجهاري ڪانپوءِ اسان لاءِ ظاهر ٿئي، يا نادر صورتن ۾ اسان تائين پهچي تنهن کي گڏايون. ۽ اسان جي توفيق رڳو الله کان ئي آهي، ۽ ان تي ئي ڀروسو ڪريون ٿا ۽ هو ئي اسان لاءِ ڪافي آهي، ۽ هو ڪيڏو نہ بهترين ڪارساز آهي. هي ڪم سن ٤٠٠ هجري جي رجب مهيني ۾ مڪمل ٿيو.

## ترجمو خير سان پورو ٿيو

## ١٤ ربيع الثاني ١۴۴۵هہ

٢٩/١٠/٢٠٢٣